ماروجي مليرجا

ويهين عيسوي صدي جون
مشهور سنڌي شخصيتون



مرتب
خادم حسين چانڊيو

گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد سنڌ

Acknowledgement

Received with thanks from

Ms / Mr. / M/s	
Organization/Dept.	
Village/Town/City	
Province / State	
Country	
Date	

Trust for Rural Development - Sindh

•Trust •Non-Violence •Self-Realization

مارو جي مليرِ جا

ويهين عيسوي صدي جون
مشهور سنڌي شخصيتون


مرتب:
خادم حسين چانڊيو

گنج بخش ڪتاب گهر

ڪتاب جو نالو: ———— مارو جي مليري جا

مرتب: ———— خادم حسين چانڊيو

ڇاپو: ———— پهريون



قيمت:

گنج بخش ڪتاب گهر

ڇوٽڪي گهٽي حيدرآباد سنڌ   فون نمبر: 616324

انتساب

دل جي گهرائين مان هيءُ ڪتاب
آئون پنهنجي ڀاءُ عابد حسين چانڊيو مرحوم
۽ ڀاڄائي شهناز چانڊيو مرحومه ڏانهن
منسوب ڪريان ٿو، جيڪي الڙ جواني ۾
وڇوڙي جو ويراڳ ڏئي هڪ ٻئي پويان راهه
رباني وٺي ويا.

خادم حسين چانڊيو

وضاحتي نوٽ

هن ڪتاب لاءِ مواد ويهين عيسوي صديءَ جي آخري ٻن سالن 1999ع ۽ 2000ع دوران گڏ ڪيو ويو، جنهن ڪري ڪتاب ۾ صدي جي آخري ڏينهن 31- ڊسمبر 2000ع تائين جا سوانحي خاڪا ۽ واقعا ڪوشش ڪري شامل ڪيا ويا آهن. ان وقت تائين جيڪي شخصيتون زنده هيون، انهن مان ڪتاب ڇپجڻ تائين هيٺيان ماڻهو انتقال ڪري ويا.

1. جلال چانڊيو، وفات 10-جنوري 2001ع سول اسپتال ڪراچي ۾.
2. گوبند مالهي، وفات 10- فيبروري 2001ع ڀارت ۾.
3. ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، وفات 15- مارچ 2001ع چانڊڪا اسپتال لاڙڪاڻي ۾.



علامه آءِ آءِ قاضي



جي ايم سيد



ڊاڪٽر ابراهيم خليل



مرزا قليچ بيگ



مولانا عبيدالله سنڌي



جي الانا




ميران محمد شاھ



ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي



مخدوم طالب المولىٰ



پير صبغت الله شاھ ثاني



محمود خادم لاڙڪاڻوي



شيخ عبدالمجيد سنڌي


پير علي محمد راشدي



ڊاڪٽر دائود پوٽو


رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي


ذوالفقار علي ڀٽو


حيدر بخش جتوئي


سر غلام حسين هدايت الله



محمد عثمان ڏيپلائي



سر شاهنواز ڀٽو



شيخ اياز



ڊاڪٽر غلام علي الانا



استاد بخاري



رشيد احمد لاشاري


شيخ عبدالرزاق راز


سر حاجي عبدالله هارون


لطف الله بدوي


حسام الدين شاهه راشدي


ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ


اسد الله شاهه بيخود




ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو



مولانا غلام محمد گرامي



علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي



مولانا دين محمد وفائي



فقير هدايت علي نجفي



محمد ابراهيم جويو




بينظير ڀٽو



حميد سنڌي



ڪلاپرڪاش



مرتضيٰ ڀٽو



الطاف شيخ



استاد منظور علي خان



نور محمد لاشاري



وينا شرنگي



مهتاب اڪبر راشدي



سائل لاڪو



جلال چانڊيو



سيد غوث علي شاهه



فقير امير بخش



خيرالنساءَ جعفري



نصير مرزا



ڀڳت ڪنور رام



دادن فقير



زخمي چانڊيو


سرڪش سنڌي


ڊاڪٽر عبدالرسول قادري


مولوي عبدالحميد چانڊيو


ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي


غلام نبي مهيسر


امير احمد "امير" چانڊيو

مرتب پاران

سنڌ سونهاري هر دؤر ۾ اهڙا لاتعدا عظيم انسان پيدا ڪيا آهن، جن دنيا جي ٻين مهذب قومن وانگر علم و ادب، تهذيب و تمدن، دين اسلام، هنر و حڪمت، سياسي ۽ سماجي ميدان ۾ سونهري ڪارناما سر انجام ڏنا آهن. ويهين عيسوي صدي ۾ به اهڙا اڻ ڳڻيا سنڌي ماڻهو پيدا ٿيا، جن معاشري جي مختلف شعبن ۾ قابلِ تحسين ڪارناما سر انجام ڏني، يادگيرن جا انيڪ داستان ڇڏيا.

سنڌن علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ فني سگھنڊ ۽ سرهاڻ نه رڳو سنڌ ۽ هند کي پر پوري عالم کي واسي ڇڏيو. انهن مان ڪجهه شخصيتن جي سوانع عمري ۽ سنڌن يادن کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪرڻ جي مون ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا هن ڪتاب جي صورت ۾ اوهان جي سامهون اهي. اميد ته منهنجي هيءَ ننڍڙي ادبي خدمت سنڌ جي سيني ساڃهه وند سڄڻن جي حضور ۾ قبول پوندي.

چوندا آهن ته قومون پنهنجي مشاهيرن سان سڃاتون وينديون آهن، سو اسان سڀني تي اهو اخلاقي ۽ قومي فرض عائد ٿئي، ٿو ته، پنهنجي قومي هيرن کي وقت بوقت مختلف طريقن سان ياد ڪندا رهون، ته جيئن اسانجو نئون نسل به ڪانئن واقف رهي سگهي. ان جذبي تحت مونکي هيءَ ڪتاب ترتيب ڏيڻ جو شوق جاڳيو، جنهن لاءِ مون ويهين صديءَ جي شخصيتن جو تعين انڪري ڪيو جو منهنجو خيال هئو ته آئون ويهين صديءَ جي شخصيت تي وڌيڪ لکي سگهندس. مون سوچيو هو ته فوت ٿي ويل شخصيتن جو احوال لکڻ لاءِ ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن مان مدد حاصل ڪندس، باقي حال حيات شخصيتن متعلق معلومات ڪانئن ئي حاصل ڪندس. ان لاءِ مون هڪ پروفارما ڇپرائي انجون ڪاپيون تقريباً 500 مشهور حال حيات شخصيتن کي ٽپال ذريعي يا هٿو هٿ پهچايون، ليڪن افسوس جو انهن ڪان ڪا مثبت موٽ نه ملي ۽ صرف 54 پروفارما ڀرجي ملبا، انهن مان به ڪن صاحبن ته تمام مختصر معلومات ڏني. يعني پروفارما مطابق پڇيل سوالن مان ڪن سوالن جا جواب يا ته لکيائي ڪونه يا ته اهي اڌورا ۽ اڻپورا لکيا. بهرحال وري به انهن جي مهرباني جو موٽ ته ڏنائون، پر انهن ماڻهن جي سستي ۽ ڪاهلي تي افسوس ٿيو، جن موٽ ۾ ٻه اکر لکڻ به پسند نه ڪيا. ليڪن مون دل نه هاري ۽ هر حال ۾ پنهنجو ڪم جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو، آخر انهن شخصيتن مان ڪن جو احوال مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن مان ملي ويو، جيڪو جيئن ۽ جيترو مليو جي بنياد تي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو، باقي ڪجهه شخصيتن بابت ڄاڻ ملي نه سگهي، جن جو احوال هن ڪتاب ۾ اڃا ڪان رهجي ويو، جنهن لاءِ مونکي افسوس آهي.

هن ڪتاب ۾ ويهين عيسوي صدي سان واسطو رکندڙ ٽن دؤرن جون

شخصيتون شامل ڪيون ويون آهن.

هڪ اُهي چند مشهور ماڻهو جيڪي اٽويهين صدي ۾ ڄاوا نهيا، ليڪن انهن جو انتقال 1905ع کان پوءِ ٿيو، يعني سندن زندگيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ويهين صدي ۾ گذريا ۽ ويهين صدي ۾ سندن ٿورو گهڻو ڪردار رهيو.

ٻيا اُهي ماڻهو جيڪي ويهين صديءَ ۾ پيدا ٿيا ۽ ويهين صديءَ ۾ ئي فوت ٿيا.

ٽيان اُهي ماڻهو جيڪي ويهين صدي ۾ ڄاوا ۽ مڃتا حاصل ڪيائون ۽ اڃا حال حيات آهن ۽ هاڻي خير سان ايڪويهين صدي ۾ قدم رکيو اٿن.

هن ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙن غير سنڌين کي سنڌي سمجهندي شامل ڪيو ويو آهي، جن پنهنجو اصل وطن، زبان ۽ ثقافت کي ڇڏي، اچي سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو ۽ جسم ۽ روح جي نسبت سان خالص ۽ نيٺ سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت ۾ پاڻ کي فنا ڪري ۽ سمائي ڇڏيو ۽ پاڻ کي سنڌي چورائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳا. جڏهن ته سنڌ سان تعلق رکندڙ انهن غير سنڌي ماڻهن کي شامل نه ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت کي هميشه حقارت جي نگاهه سان ڏسندا رهيا آهن.

پڙهندڙ جي آساني خاطر ڪتاب ۾ شخصيتن جي ترتيب الف- ب وار رکي وئي آهي، ته جيئن ڪتاب جي ڏکي فهرست مان گهربل نالو آساني سان ڳولي سگهجي. انڪري فهرست ۽ هيڊنگ ۾ هر شخص جو مشهور نالو ڄاڻايو ويو آهي. پوءِ اهو سندس اصل نالو هجي يا تخلص وغيره. البته جن شخصيتن جي مشهور نالي ۾ نالي جي اڳيان ذات، عهدو يا لقب وغيره اچي ٿو، اهو هٽائي نالي جي پويان رکيو ويو آهي. جهڙوڪ سيد، شيخ ، ڊاڪٽر، پروفيسر، استاد، خانصاحب، سردار ۽ نواب وغيره.

هونءَ ته هن ڪتاب ۾ اڻ ڳڻيون خاميون هونديون، پر هڪ مرتب جي حيثيت سان مونکي جيڪي خاميون پاڻ کي نظر اچي رهيون آهن، انهن ۾ ذڪر ڪيل شخصيتن مان ڪنهنجي ولادت يا وفات جي تاريخ ڄاڻائڻ رهجي وئي آهي، ڪنهنجي ولديت ڄاڻايل ناهي، يا ڪنهنجي علمي، ادبي، سماجي، سياسي ۽ فني خدمتن جو مڪمل وچور اچي نه سگهيو آهي، يا ڪجهه نامور شخصيتن جا سوانحي خاڪا اچڻ کان رهجي ويا آهن. جنهن لاءِ عرض آهي ته انهن ڪوتاهين جا مختلف سبب هئا. هڪ ته جئين مٿي عرض ڪري چڪو آهيان ته اڪثر انهن حال حيات شخصيتن مونسان علمي تعاون نه ڪيو، جن جو ذڪر مون هن ڪتاب ۾ ڪرڻ ٿي چاهيو. ٻيو ته منهنجو تعلق ڀهراڙيءَ جي هڪ اهڙي علائقي سان آهي، جتي نه ڪتاب ميسر آهن، نه ڪو خاص علمي ادبي ماحول آهي، نه ڪا وڏي لائبريري يا ڪو ادبي مرڪز آهي ۽ نه ته وري آئون ڪا ايڏي وڏي علمي ادبي اهليت رکان ٿو. هيءَ منهنجي پهرين ادبي ڪاوش آهي. هيءَ ڪم ايترو ته ڏکيو ۽ محنت طلب

هئو، جو اهو ڪم ادارو ئي ڪري ٿي سگهيو، جيڪو مون اڪيلي سر رات ڏينهن جي مسلسل محنت سان ٽن سالن جي قليل عرصي ۾ مڪمل ڪيو آهي.

اهي ڪجهه مجبوريون هيون جن جي ڪري هن ڪتاب جي ترتيب ۾ ڪجهه خاميون رهجي ويون آهن، پر پوءِ به منهنجي خيال ۾ هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ نئين سوکڙي ليکبو. ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ سنڌي ۾ سوانح عمرين تي جيترا به ڪتاب لکيا ويا آهن، انهن ۾ گهڻو ڪري ڪنهن هڪ شعبي سان واسطو رکندڙ شخصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

يعني صرف اديب يا شاعر، يا نثر نويس يا سياستدان، پر جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب ۾ مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ شخصيتن جو ذڪر ٿيل آهي به، ته اهو تحقيقاڻه انداز ۾ نه، پر ليکڪ جي يادگيرين تي مشتمل آهي. ليڪن هن ڪتاب ۾ ڀرپور ڪوشش ڪري معاشري جي هر طبقي سان وسطو رکندڙ ڪنهن نه ڪنهن مشهور شخصيت کي ضرور شامل ڪيو ويو آهي. جيئن ته مختلف خوشبودار گلن کي هڪ گلدستي ۾ گڏ ڪري يڪجا گلدستو سينگاريو ويو آهي. اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ مختلف شعبن ۾ شهرت رکندڙ هڪ صدي جي ساڍا ڇهه سؤ کان وڌيڪ سنڌي سڄڻن جو تحقيقاڻه انداز ۾ ذڪر ڪيل آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ ڀرپور مثال آهي.

آخر ۾ آئون پنهنجي انهن مهربانن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان، جن هن ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪندي مونکي پنهنجي ذاتي لائبريرين مان مختلف ڪتاب ۽ رسالا فراهم ڪيا. انهن مان آئون سڀ کان ڀرپور ٿورائتو آهيان استاد محترم ڊاڪٽر عبدالرسول قادري بلوچ صاحب جن جو جن قدم قدم تي منهنجي رهنمائي ڪئي، منهنجي لکيل مسودي جو هڪ هڪ اکر پڙهيو ۽ ضرورت مطابق ان ۾ اصلاح ڪئي ۽ وقت بوقت منهنجي حوصله افزائي ڪندا رهيا.

انهيءَ سان گڏ مهربان نصير مرزا، غلام نبي چنڊ، آفتاب احمد چانڊيو، غلام رسول مالي، عبدالجبار لغاري، "پرويز" ڦوٽو خان چانڊيو، مولا بخش وسطڙو، خليل جان قريشي، محمد موسيٰ چانڊيو، ذوالفقار علي خان ۽ علي اصغر "تنها" جا پڻ ٿورا مڃيان ٿو، جن جي تعاون سان گهربل معلومات حاصل ٿي.

سومر 13 رجب 1422 هه
ڀرين آڪٽوبر 2001ع

سنڌي علم و ادب جو خدمتگار
خادم حسين چانڊيو
ڳوٺ شادي خان چانڊيو
تعلقو سڪرنڊ ضلعو نواب شاهه

مهاڳ

ويهين عيسوي صدي سنڌ جي تاريخ ۾ نهايت وڏي اهميت واري ٿي گذري آهي. هن صدي سنڌ اندر وڏي حيثيت وارا ماڻهو پيدا ڪيا. جن ۾ عالم، اديب، شاعر، صوفي بزرگ، مشائخ، سياستدان، برک قانوندان، جج، فنڪار، فنڪاره، سماجي سڌارڪ، صحافي، پهلوان سگهڙ سياڻا، زراعت جا ماهر، مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ويهين صديءَ املهه ماڻڪ پيدا ڪيا، جن پنهنجي وقت ۾ وڏا وڏا ڪارناما سر انجام ڏنا، انهن جي ڪيل خدمتن ۽ ڪارنامن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهو ضروري هئو ته انهن جي زندگيءَ جي احوالن کي ڪنهن ڪتاب اندر محفوظ ڪيو وڃي.

ڇهه سؤ ڇاهٺ کن شخصيتن بابت هن ڪتاب ۾ مواد ميٽريل ۽ سهيڙيل آهي، جنهن لاءِ اسان جي نوجوان ليکڪ خادم حسين چانڊيي صاحب وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي آهي. هن نوجوان خاص توجهه، دلچسپي ۽ ڪاوش سان سنڌ جي اڪثر تاريخ ساز شخصيتن جا مختصر مگر جامع سوانح خاڪا هڪ هنڌ گڏ ڪيا آهن.

سچ پچ ته هيءُ ڪتاب "مارو جي ملير جا" سنڌ جي مختلف طبقي وار شخصيتن جو هڪ سلسلي وار رهبر ۽ سونهون آهي ۽ ويهين صديءَ جي ڪيترن ئي مشهور ماڻهن جو پيرائتو احوال هن ۾ سمايل آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ هن پورهيت نوجوان پنهنجي هن ڪتاب جي باري ۾ مواد کي گڏ ڪرڻ ۽ انجي تلاش ۽ جستجو ۾ جيڪي ڪجهه جتن ڪيا آهن، تن جي باري ۾ هن پنهنجي طرفان روشني وڌي آهي. هن صاحب ڪتاب کي وڌ کان وڌيڪ لاڀائتو بنائڻ لاءِ تمام گهڻي محنت کان ڪم ورتو آهي ڪائونس جيتري قدر به ٿي سگهيو آهي، ته سنڌ ۾ جيڪي به ويهين صديءَ دوران عالم، بزرگ، صوفي درويش، اديب، شاعر، نثر نويس، استاد، دانشور، مفڪر، سگهڙ، سالڪ راهن جا چڱا مڙس ۽ مختلف فنن جا ماهر فنڪار وغيره پيدا ٿيا انهن جي سوانح حيات ۽ سندن ڪارناما بيان ڪيا آهن.

ڪتاب جي اُڀياس مان اهو به تاثر ملي ٿو، ته ليکڪ تعصب کان هٽي قدر واري عينڪ سان هر ڪنهن کي پرکيو آهي. وٽس هندو، مسلمان، يا ڪنهن ٻئي فرقي سان تعلق رکندڙن جو ڪو به امتياز نظر نٿو اچي. مطلب ته هن صدي ۾ سنڌ جي سرزمين جيڪي به نماڻا ۽ سياڻا مارو پيدا ڪيا آهن، تن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن مان ڪي پنهنجو وارو وڄائي وڃي ابدي ننڊ ستا آهن ته ڪي اڃا حال حيات آهن.

باوجود انهيءَ جي تہ مونکي ان ڳالھہ جو بہ اعتراف آهي تہ هن ڪتاب ۾ اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ ڪيترين اچا بہ اهم شخصيتون ليکڪ کان رهجي ويون هجن، پر ان هوندي بہ هن نوجوان جو مرتب ڪيل هيءُ ڪتاب نہ صرف سنڌ بابت معلومات جو پنڊار آهي، پر آئنده جي ڪنهن بہ ليکڪ، اديب ۽ محقق لاءِ رهبري ۽ رهنمائي جو ڪارڻ ثابت ٿيندو. ليکڪ هڪ وڏو اهم ۽ نمايان ڪم سرانجام ڏنو آهي.

هن نوجوان جنهن محنت ۽ همت سان هيءُ ڪتاب مرتب ڪيو آهي سو لائق تحسين ڪم آهي. هن سنڌ جي پين لکندڙن لاءِ هڪ نئين راهہ قائم ڪئي آهي. اگرچ ان ڏس ۾ اچا بہ وڌيڪ جستجو ۽ جاکوڙ ڪئي وڃي تہ سنڌ جي علمي، سياسي ۽ سماجي تاريخ تي تمام گهڻو مواد ڪٺو ٿي سگهي ٿو.

ليکڪ هن ڪتاب ۾ جن بہ شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن کي ڪتاب اندر الف- ب وار پٽيءَ موجب ترتيب ۾ رکيو ويو آهي. جنهن سان پڙهندڙن لاءِ وڏي آساني پيدا ٿي پئي آهي. فني لحاظ کان بہ ليکڪ ڪافي حد تائين سوانح حيات جي بنيادي اصولن کي نظر ۾ رکيو آهي. اجائي ڊيگهہ ۽ تفصيل کان بہ پاسو ڪيو آهي. مرتب هيءُ پورهيو محبت ۽ پيار سان ڪيو آهي. انجو اندازو پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا. هيءُ ڪتاب "مارو جي مليرجا" سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين ڪتاب ثابت ٿيندو.

نواب شاهہ	العباد
10 آڪٽوبر 2001ع	ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي
٢٢- رجب المرجب ١٤٢٢هہ	رٽائرڊ پروفيسر

ماڻڪ ميڙيائون

ويهين صدي (عيسوي) جي پهرين ڏينهن کان آخر ڏينهن تائين واري عرصي ۾ هڪ ڏکي تاريخ دفن آهي. ان تاريخ جي تسلسل ۾ سنڌ ڌرتيءَ تي اڻڳڻيا وجود پنهنجي پنهنجي تخليق جي پيتا ڏئي گم ٿي ويا، انهن مان ڪي تہ تارو ٿي ڪڙي ويا ۽ ڪي وري شفق وانگر اجا روشنيون ڇڪيڙي رهيا آهن. اڄو ڏسون تہ انهن جي جوت کي اسانجي دوست محترم خادم حسين چانڊيي اسان جي ذهن جي ڪئنواس تي ڪيئن نروار ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هر ان شخصيت جو ذڪر آهي جن پنهنجي زندگي ڪنهن نہ ڪنهن ڪردار کان اربي آهي. مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ويهين صدي جي مڙني مشهور سنڌي شخصيتن کي هن ڪتاب جي زينت بنايو ويو آهي، مثال طور شاعر، اديب، عالم، مدرس، اولياءَ، صوفي بزرگ، ملھ پهلوان، فنڪار، اداڪار، سگهڙ، سياستدان، ڪنير، ڪوري، نواب، سردار، خانبهادر، راءِ بهادر، ڊاڪٽر، وڪيل، آفيسر، سماجي سڌارڪ وغيره شامل ڪيا ويا آهن. ۽ هر ڪردار سان ڀرپور نموني پاڻ ملهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ اڏول شخصيتن جا تمام ويجها ڳڻ منظر عام تي آندا ويا آهن.

هن دلفريب ڪتاب جي هڪ اها خوبي بہ آهي تہ هن ڪتاب ۾ سادي، سليس ۽ خالص ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. هيءُ ڪتاب جديد ادب جي تقاضائن جو هڪ بهترين اظهار آهي. هن ڪتاب ۾ شامل اهي شخصيتون آهن جيڪي پنهنجي مجموعي نزاڪت امر ڪردار ۽ لافاني پيغام سبب اسان جي دلين تي هميشه لاءِ نقش آهن مستقبل جي محقق ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هيءُ ڪتاب نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو.

"مارو جي مليـر جا" ڪتاب جو هر ننڍي وڏي فرد کي مطالعو ڪرڻ کپي، ڇو جو مستقبل جون راهون ماضي جي حقيقت ۽ ڪردارن مان ئي ڳولي سگهجن ٿيون. هيءُ ڪتابڪ اديبن کي هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندو.

منهنجي خيال ۾ تہ سنڌي ادب جو هيءُ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن جي زندگيءَ بابت ضروري ڄاڻ پڙهندڙ کي هڪ ئي هنڌ ملي ٿي. ان ۾ ذري برابر بہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين اضافو ثابت ٿيندو ۽ هيءُ ڪتاب هر اداري ۽ لائبريري جي ضرورت بہ آهي.

هيءُ ڪتاب ليکڪ ولاڻ جن وهڪرن مان گذريو آهي، ان سڀي مرحلي

ڪان مان پلي پٽ واقف آهيان. ڪتاب لکڻ کان وٺي ڇپجڻ، پروف چيڪ ڪرڻ ۽ پريسن جا چڪر ڪاٽڻ ۾ مان ساڻس گڏ رهيو آهيان ۽ جيتري قدر ليکڪ کي مان ويجهو رهيو آهيان ۽ هن جون پورهيائون مان ڄاڻان ٿو، سي شايد ٻيو ڪو نه ڄاڻندو هجي. ڪتاب جو مواد گڏ ڪرڻ مهل پاڻ دنيا جي ٻين ڪمن کان بلڪل ڪٽيل رهيو ۽ جيڪي ڪجهه ڪيو سو پنهنجي سر پاڻ ڪيو. پاڻ هڪ سال تائين سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ڦرندو رهيو. جيتوڻيڪ اسانجي اديبن، شاعرن ۽ اهل علم ماڻهن کان ڪيس هن ڏس ۾ ڪا خاطر خواه موٽ ڪونه ملي، پر پوءِ به هي ساڻين اوکا لڪ اڪرندو اڳتي وڌندو رهيو ۽ آخر وڃي هٿي هنڌ ڪيائين، ۽ 650 کان وڌيڪ شخصيتن بابت مواد سهيڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. جيڪو بيشڪ سندس هڪ ڪارنامو ليکبو.

هونءَ ته سنڌ ۽ سنڌ واسين سان عقيدت جو ناتو هر ڪنهن شخص جو آهي پر هن دوست عقيدت جي اظهار طور بي باڪ شخصيتن متعلق هي قلمي پورهيو ڪندي جيڪو خوشي ۽ روح کي تسڪين محسوس ڪئي آهي، سا شال ڪنهن کي نصيب ٿي هجي. اهو ئي سبب آهي جو هن صاحب پڙهندڙن جي آساني لاءِ ڪتاب جي ترتيب جديد تقاضائن ۽ الفا بيٽ جي حساب سان ڏني آهي، جنهن سان ڪتاب جي سونهن کي چار چنڊ لڳي ويا آهن.

خادم حسين چانڊيي جو ڇپايل هيءُ پهريون ڪتاب آهي، انڪري ممڪن آهي ته هن ڪتاب ۾ ڪي ڪوتاهيون رهجي ويون هجن، جنهن لاءِ مان پڙهندڙن ۽ نقادن کي نمائي گذارش ڪندس ته منهنجي دوست جي هن ادبي پورهئي کي سچ جي ساهمي ۾ توري تکي پڙهي ۽ پروڙي پنهنجي حقيقي راءِ کان واقف ڪن ان تنقيد جي مرتب ۽ ادارو ڪلي دل سان آجيان ڪندا جيڪا تنقيد براءِ اصلاح هوندي.

اميد ته هن ڪتاب لي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تحسين جي نظر سان ڏٺو ۽ پڙهيو ويندو. اسانجا سنڌي سڀاجهڙا ۽ سنڌي ادارا ڪتاب جي ڪلي دل سان آجيان ڪندا.

اصغر تنها
سڪرنڊ

خادم ڪي هڻ خدمت تي: لکَ شاباس!

خادم ادب.. عزيزم خادم چانديي جي سهيڙيل هڻ اهم ادبي دستاويز، 'مارُو جي مليرَ جا' ڪتاب جا ورق ورتو، ورايان، ۽ بي حدو حساب حيران ٿيو ٿيان: يا منهنجا مولي!! هي هيترو ۽ هيڏو ڪم؟ اڪيلي خادم ڪيو آهي؟ ۽ اهو بہ پنهنجي سرِ پاڻ!؟ ۽ ڪيس دليئون داد ڏيندي سوچيان ويٺو... ههڙو ڪم تہ ڪنهن وڏي ادبي اداري کي ئي ڪرڻ جڳائي ها!

پر هاءِ! اهڙي سعادت ڪنهن ادبي اداري جي نصيب ۾، هاڻي ڪٿي! جتي ڪنهن 'ريسرچ پلان' تي ڪم شروع ڪرڻ بدران! اڄڪلهہ، پلاننگ ئي پٺي اها ٿيندي آهي تہ، پنهنجي ڪرسي ڪئن ڪيئن بچائجي!؟

خير، هيءَ ادبي سعادت، 'خادم' جي ئي نصيب ۾ لکيل هئي، ۽ آگاهہ رهو اهي ياران وطن، تہ ڪنهن جي بہ پاڳ سپاڳ سان ڪنهن جي ڪهڙي ريس! علاوه ازين. اِن ڏس ۾، ... هاڻي ٻيا عرض ڪريان تہ، ويهين صديءَ جي ههڙن رڳو 650 مشاهيرن، اديبن، شاعرن، دانشورن، فنڪارن، ۽ تعليمي ماهرن وغيره جي ههڙي 'ڏسٽي،' ۽ هن انداز سان ڇپرائڻ جو ڪم، اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن ادبي اداري جي ذمي هجي ها، تہ رڳو اِن آئيڊيا کي 'اپروو' ڪرائڻ لاءِ، پهرين تہ ڳڏ ٿئي ها، بورڊ آف گورنرس جو ڊنبلو. پوءِ ميمبرن جي ٽي آءِ. ڊي اي جي چڙ پچڙ ٿئي ها. بعد ۾ اهڙي ڪتاب لکڻ لاءِ ليکڪن جي 'چونڊ ڪميٽي' ويچار هيٺ اچي ها ۽ انهيءَ 'هَل ٻَڪيڙي' کان پوءِ، جيڪو ڪتاب ڇپجي بازار ۾ اچي ها، ان ۾ عرض ڪريان تہ، هڪ هزار ڪٿي نہ، پر هڪ سؤ غلطيون پوءِ بہ ضرور رهجي ويل نظر اچن ها.

خير... هتي اِن قصي ڪٿڻ جو مقصد رڳو ايترو تہ، ايترن ماڻهن جو ڪم، محض هڪ اڪيلي شخص ۽ اڪيلي سر، سرانجام ڏنو آهي ۽ اِن لاءِ جيتري بہ جَس، 'خادم' کي ڏجي، اها گهٽ آهي. ۽ خاص جس تہ، اِن ڳالهہ جي، تہ هن ڪتاب ۾ هُن 'يڪ مُشت' 650 شخصيتن سان اسان جو مُڪا ميلو ڪرايو آهي.... ۽ سبحان الله... شخصيتون بہ وري ڪهڙيون!؟ ڪي صاحبِ سيف و قلم، ڪي صاحبِ ڪسب و ڪمال، ڪي ميدانِ سياست جا شهسوار، ۽ ڪي شاعر، موسيقار مصور.. يعني ڪن موسيقيءَ جي ميدان ۾ معراج ماڻيا، ڪن ڊولڪ جي ٿاپَ تي ٿيًا ٿيًا جا هُل هَلايا، ڪن ٻنَن ۾ بهاريون لاتيون، تہ ڪن جهَنگلن ۾ مَنگل برپا ڪيا.گويا، ادب جي خادم، هن ڪتاب ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سدا سهاڳڻ صورتخطيءَ جي 'الف' کان 'ي' تائين حرفن سان شروع ٿيندڙ نالن وارن مڻيادار مهانڊن، جن مان هڪڙن جُون ذاتيون، ڪڙم قبيلا، فڪر نظريا هڪڙا، تہ ٻين جا ٻيا آهن.

خادم بلوچ جي هن ڪتاب ۾، جڻ: 'ايڪ هي صف ۾ ڪڙي هو گئي محمود و اياز' وانگر، سڀ جڻ هڪ هنڌ، هڪ ئي ڪتاب ۾ يڪجا ٿي ويا آهن.

سچي ڳالهه ته، هي به آهي ته، اهي سيئي پانت پانت جون صورتون ۽ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ بلڊ گروپ رکندڙ شخصيتون، اسان جي هن دنيا جون ڪي عام رهواسي شخصيتون ٿوروئي آهن. انهن مان اڪثر ته اهڙيون عظيم ۽ آدرشي هستيون به آهن، جيڪي محض هستيون ئي ڪٿي آهن!؟ جهڙوڪر سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت ۽ تاريخ جي لاءِ 'عالم پناهه' جي ديوار جو درجو به رکن ٿيون. ۽ جن منجهان زماني جو 'قسم' ته اڪثر ماڻهن، مٽيءَ جو ماڻُ نهايت مٿانهون ڪيو آهي ۽ 'سنڌوءَ' جي ٿڃُ لڄائي نه، پر مَرڪائي ڏيکاري آهي. ظاهر آهي ته، اهڙا امر انسان سنڌ ۾ ايترا ئي ڪونه آهن! ڪي ٻيا به آهن. جيڪي پڪ سان ته، هن ڪتاب ۾ تذڪري هيٺ اچڻ کان رهجي ويا آهن. گويا سنڌ ۾ موجود معروف ماڻهن ۽ شخصيتن جي سَمُوندَ منجهان، هي ڪتاب، محض هڪ بُوند ۽ هڪڙي 'پتڪڙي واليوم' جي مثل آهي، جو چاهجي، ته هن ڪتاب جهڙا اهڙن ماڻهن جا هزارين واليوم ٻيا به تيار ٿي سگهن ٿا.

۽ اي ڪاش!! ههڙو ڪم، گهڻو وقت اڳ کان ئي جي شروع ٿي وڃي ها ته، پنهنجيءَ پنهنجيءَ فيلڊ جا ڪئي هاڪارا ليکڪ ۽ مانوارا محقق، گمنامين جي گُگهه ۾ گم ٿي وڃڻ کان، شايد بچي وڃن ها.

بهر صورت: محترم خادم چانڊيي، پيار سان، سنڌ جي ليکڪن ۽ مانائتن محققن جو هي جيڪو پوتا ميل سهيڙيو آهي، اهو ڪو ننڍڙو ۽ معمولي ڪم ڪونهي. وڏو ادبي ڪارنامو آهي. ۽ اهڙي ڪارنامي سرانجام ڏيڻ تي، آئون ناچيز، پنهنجي ننڍڙي ادبي حيثيت آهَر، کيس آفرين ٿو ڏيان.

شاباس! منهنجا ڀاءُ خادم.... توکي لکُ شاباس.

حيدرآباد
2-10-2001
نصير مرزا

فهرست

"آثم" ناٿن شاهي

غلام رسول المعروف "آثم" ناٿن شاهي ولد الله بخش سولنگي 2-جنوري 1937ع تي ڳوٺ ڪاٿڙي تعلقي خيرپور ناٿنشاهه ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ موجوده دور جو مشهور شاعر آهي.

"آثم" ناٿنشاهي پنجين درجي تائين مختلف اسڪولن ۾ پڙهيو. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ديني مدرسي ڳوٺ الهرکيو جلباڻي ضلعي لاڙڪاڻي مان ۽ پنهنجي ناني مولوي فيض محمد "پريشان" کان حاصل ڪئي. پيشي جي لحاظ کان پاڻ ڪڏهن مزدوري، ڪڏهن ڪيتي ته ڪڏهن خانگي ملازمت ڪري گذرسفر ڪندو رهيو، ڪراچي ۾ هڪ ننڍڙو دڪان به کوليائين، ليڪن هاڻي بلڪل فارغ گهر ۾ گوشه نشينيءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي. سندس رهائش ڪراچي ۾ آهي.

"آثم" ناٿنشاهي کي ننڍپڻ کان ئي شعرو شاعريءَ سان لڳاءُ رهيو. 1962ع کان پوءِ "محسن" ڪڪڙائيءَ جي اصلاح هيٺ شعر چوڻ لڳو ۽ "بزم طالب المولىٰ" شاخ خيرپور ناٿنشاهه سان وابسته ٿي، علمي ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. بزم طرفان "درسِ ادب" شعبو قائم ڪري، شاعري سان شوق رکندڙ نوجوان طبقي کي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ پاڻ سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1963ع ۾ "محسن" ڪڪڙائي سان گڏجي "اداره فلاح وبهبود خيرپور ناٿنشاهه" قائم ڪري هڪ لائبريري کولي.

"آثم" جديد سنڌي شاعريءَ ۾ قابل قدر تجربا ڪيا آهن، هن هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. نظم، آزاد نظم ۽ غزل تي استادانه دسترس اٿس. فني لحاظ کان سندس فن سدا شاهوڪار ۽ زرخيز آهي. سندس هزارين شعر مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن. پاڻ گذريل چاليهن سالن کان مسلسل قلمي پورهيو جاري رکيو اچي. اڄ به روزانو اٺ - ڏهه ڪلاڪ لکڻ سندس معمول بڻيل آهي. هن 25 کن ڪتاب نظم ۽ نثر ۾ لکيا آهن. انڪانسواءِ ڪيئي مضمون، مهاڳ، تاثر ۽ مقالا پڻ لکيا اٿس. سندس لکيل ڪتابن مان اڄا تائين صرف به شاعري جا ڪتاب ڇپجي سگهيا آهن. باقي ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن. سندس پهريون شعري مجموعو "جڏهن ألا اپ ۾" 1994ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو شعري مجموعو "لهرون لهرون لاٽ" 1998ع ۾ مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ طرفان شايع ٿيو.

"آثم" ناٿنشاهي شاعري ۾ استادانه حيثيت رکي ٿو، شاعري جي

اصلاح ۽ عروضي چاڻ وٺندڙ سندس شاگرد سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن، جن مان ڪيترائي ادبي دنيا جا مڃيل ۽ معتبر نالا آهن.

"آثم" صاحب کي سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور "ڪينجهر ادبي ايوارڊ" 1994ع مليو. جيڪو پوءِ ماهوار ڪينجهر جي ايڊيٽر سان ڪن اختلافن سبب واپس ڪري ڇڏيائين. سندس ڪتاب "لهرون لهرون لاٽ" تي ڪيس سنڌي ادبي سنگت سنڌ طرفان ايوارڊ 1999ع ۾ ۽ ٽي ٽنيا نقدي انعام مليا آهن.

نموني طور سندس شاعري جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

تنهنجو چهـــــرو گـــــلاب جهـــــڙو آ،
ڪنهن مـــــقـــدس ڪتـــاب جهـــڙو آ،
هن جو مـــــــونســــــان ملڻ اجا تائين،
ڪنوار پڻ جي حـــــجاب جهـــــڙو آ.
خوبصــــــــــــورت بتن جون پوجائون،
ڏوهـــ آ پــر ثــواب جهـــــــــــــڙو آ.

آچاريہ ڪرپالاڻي

آچاريہ جيوت رام ڪرپالاڻي پٽ ڀڳوان داس سن 1888ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هندستان جو مشهور ليڊر ٿي گذريو آهي. آچاريہ ڪرپالاڻي سنڌ جي مشهور انقلابي شخصيت (نومسلم) شيخ عبدالرحيم سنڌي جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ پاڻ حيدرآباد سنڌ مان لڏي وڃي يو - پي (ڀارت) ۾ رهڻ لڳو.

مسٽر ڪرپالاڻي تاريخ ۽ اقتصاديات ۾ ايم - اي پاس ڪري، ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جو پرفيسر بڻجي بهار ۾ پڙهائڻ لڳو. پاڻ 1917ع تائين پروفيسر رهيو. ان کان پوءِ مهاتما گانڌي جي شروع ڪيل ستيہ گرهہ سان وابستہ رهيو. 1918ع ۾ پاڻ نيدن مدن موهن مالويہ جو پرائيويٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو، ليڪن 1919ع ۾ ٻيهر پروفيسر مقرر ٿيو ۽ بنارس هندو يونيورسٽيءَ ۾ سياسيات جو استاد ٿي رهيو، پر سگهوئي نوڪري ڇڏي گانڌي آشرم جي ذريعي سماج سڌار جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

آچاريہ ڪرپالاڻي کي 1934ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي جو جنرل سيڪريٽري بڻايو ويو ۽ جون 1946ع تائين ان عهدي تي فائز رهيو. آڪٽوبر 1946ع ۾ کيس آل انڊيا ڪانگريس جو صدر مقرر ڪيو ويو. پاڻ هڪ سال تائين ڪانگريس جو صدر رهيو ۽ ان سال دوران هندستان جو ورهاڱو عمل ۾ آيو. ورهاڱي کان پوءِ ڪانگريس کان الڳ ٿي ويو ۽ "هاري مزدور پرجا پارٽي" جو بنياد وڌائين. بعد ۾ اها پارٽي سوشلسٽ پارٽي ۾ ضم ڪئي وئي ۽ جون

1953ع تائين پاڻ ان جماعت جو صدر ٿي رهيو.

مسٽر ڪرپالاڻي برصغير جي وڏن ليڊرن ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ ويهين صدي جي اهڙن اعليٰ سنڌي شخصيت مان هو، جن تي سنڌ واسين کي هميشه فخر رهندو. پاڻ نَوَ پيرا جيل به ويجي چڪو هو ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. سن 1982ع ۾ چالاڻو ڪري ويو.

آچر پاڪستاني

محمد آچر المعروف آچر پاڪستاني سن 1930ع ڌاري قاضي احمد ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. پاڻ وقت جو مشهور مزاحيه ملهه ٿي گذريو آهي. هي عشق جو گهايل مست ملنگ مڙس "زلي ڪلهي تي ماني راڄ تي" سڄي سنڌ جي وڏن ننڍين ميلن ملاکڙن ۾ ڦرندو رهندو هو ۽ ٿئين جوڙ ۾ ملهه وڙهندو هو، پر پهلوانن سان نه، پاڻ جهڙوئي ڪوهمراهه ڳوليندو هو، جي نه ته آخر ۾ لنڊ ۾ ان ئي سندرو ڪندو هو. ملهه ماري يا پاڻ دسجي پئي، ٻنهي صورتن ۾ انعام پاڻ ضرور وٺندو هو.

آچر پاڪستاني جي جيون ڪهاڻي به عجيب آهي. هي هڪ خوشحال گهراڻي جو فرد هئو، پڙهيو لکيو هو. سندس اکر موتيءَ داڻا هوندا هئا. جڏهن جوان ٿيو ته مائٽن سندس شادي هڪ خوبصورت ڇوڪري سان ڪرائي، جنهن سان ڪيس ڏاڍي محبت هئي، پر اها ڇوڪري وري هڪ صوبيدار جي قرب ۾ قيد ٿي پئي، آخر آچر کي ڇڏي وڃي صوبيدار صاحب جي گهر پيهي ٿي. صوبيدار وڏي اثر ۽ رسوخ ۽ دٻدٻي وارو هو. آچر غريب ان سان پڄي نه سگهيو، هن پنهنجي زال جي بيوفائي ۽ پنهنجي بيڪسي تي روئي روئي ڪٽي پنهنجو حال هيٺو ڪيو. انهيءَ جهوري ۾ پنهنجو پاڻ وڃائي ويهي رهيو. آخر سڀ لاڳاپا لاهي هڪ پناڪ پنن تي رکي، ميلن ملاکڙن ۾ ڪاهجي پيو. پناڪ ۾ ڇاڇا هو؟ تنهنجي سڏ هڪ آچر کي، ٻي سائين کي. ان پناڪ کي هٿ به لائڻ نه ڏيندو هو. اهڙي طرح هي محبت جو ماريل پنهنجا ڏک سور پنهنجي سيني ۾ دفن ڪندي، سالن جا سال ٻين هزارين ماڻهن کي مسخري ڪندي، ڪلائيندو رهيو. ماڻهو ڪيس چريو سمجهندا هئا، پر هو چريو نه هو.

ممتاز مرزا مرحوم پنهنجي ڪتاب "سدا سونيتا ڪاپڙي" ۾ لکي ٿو ته "آچر پاڪستاني کي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيندڙ مڙني ميلن ملاکڙن جون تاريخون ۽ هزارين ڳائڻن ۽ ڳائڻين جا نالا ياد هوندا هئا ۽ مون ڪيس سنڌ ۽ لس ٻيلي جي هر ميلي ۾ موجود ڏٺو. انهن ماڳن تي پاڪستاني ڪيئن پهچندو هو، اهو مونکي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آيو. نه ڪڏهن ڪيس ڪنهن سواريءَ ۾ چڙهندو ڏٺو ۽ نه ڪنهن کي هن جي وڃڻ جي ڏس جو علم هوندو هو. هو هر ميلي ۾

سيني ک ان اڳ موجود هوندو هو".

هي مزاحيه پهلوان پاڻ کي شير ميربحر جو شاگرد سڏائيندو هو. ملهه ۾ جيڪو انعام ملندو هئس، سو به ڪيس نصيب ڪونه ٿيندو هو ۽ ٻين کي اوڌر ڏيڻي چڙيندو هو، جيڪي وري ڪڏهن وصول به نه ڪيائين. پاڻ راڳ به ڳائيندو هو، استاد منظور علي خان لاءِ چوندو هو ته، اسان ٻنهي جو استاد هڪڙوئي آهي. باقي سيني فنڪارن لاءِ چوندو هو ته، منهنجا ٻالڪا آهن.

آخر پاڪستاني سن 1988ع ۾ ڪنهن ميلي تان موٽندي، ٺٽي ۾ مڪلي واري چاڙهي وٽ هڪ گاڏيءَ هيٺان اچي گذاري ويو. کيس قاضي احمد ۾ دفنايو ويو.

آغا صوفي

آغا غلام نبي "صوفي" ولد آغا گل حسن سيپٽمبر 1889ع ۾ شڪارپور جي دراني قبيلي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر ڊرامه نويس، علم حڪمت ۽ تصوف جو ڄاڻو ۽ سچل سرمست جو سوانح نگار ٿي گذريو آهي.

آغا صاحب مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان پاس ڪري، اچي خيرپور ميرس ۾ پنهنجي والد سان گڏ رهڻ لڳو، جتي سندس والد ان وقت رياست جو نائب وزير هو.

آغا صاحب جي طبع شروع کان شاعراڻي هئي. مشهور آهي ته پاڻ جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ٿي ڏنائين، تڏهن پيپرن جي سوالن جا جواب نثر بدران نظم ۾ ڏنا هئائين. سندس ادبي لياقت کان مير صاحب پڻ واقف ٿي چڪا هئا، جن کيس رياست جي تعليمي ادارن جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو. ان عهدي تي رهندي آغا صاحب جيڪي علمي ادبي خدمتون بجا آنديون، انهن مان سندس ڇپايل هڪ فارسي گرامر سندس عمدو ادبي يادگار سمجهيو وڃي ٿو. رياست جي ڪجهه عرصي جي ملازمت کان پوءِ ان تان مستعفي ٿي، پاڻ لاهور جي طبيه ڪاليج ۾ وڃي داخل ٿيو ۽ اتان سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ شڪارپور ۾ اچي پنهنجو يوناني دواخانو کوليائين، جيڪو آخر تائين هلائيندو آيو.

ادبي خدمتن جي سلسلي ۾ آغا صاحب سٺو شاعر ۽ نثر نويس هو. سندس شاعري جي طرز پنهنجي قسم جي ۽ نرالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. شروع ۾ تخلص "دراني" استعمال ڪندو هو. پوءِ بدلائي "صوفي" اختيار ڪيائين. ڪٿي ڪٿي "نانڪ" ۽ "آغا" تخلص به آندو اٿس. هن حڪمت تي پڻ ڪتاب لکيا، جن مان هڪ ڪتاب "طبي جواهر" سڄو شعر ۾ جڙيل آهي. "مناجات قرآن" نالي پڻ هڪ نظم ۾ ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ قرآن پاڪ جي دعائيه آيتن کي نظم ۾ بيان ڪيو اٿس. پاڻ هڪ بهترين ڊرامه نويس به هو. ڪيترائي ڊراما لکيائين، جن مان شان اسلام، انقلاب يورپ، ڪاليج ڪا زمانه ۽ دنيا دورنگي

قابل ذڪر آهن. دنيا دورنگي ڊرامو بي - اي جي ڪورس تي رکيل آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪيترائي ڀيرا ڇپجي چڪو آهي. سنڌس ڪيترائي ڊراما ان زماني ۾ اسٽيج تي به آيا ۽ عوام ۾ ڏاڍو مقبول ٿيا. ان ڪان سواءِ ڊرامي جي تاريخ تي هڪ ڪتاب "تاريخ ڊراما" لکيائين، جيڪو اڻ ڇپيل آهي.

آغا صوفي درازي درگاهه جو مريد هو ۽ پنهنجي مرشد سخي قبول محمد ثاني سان بي انتها عشق هئس. پاڻ سچل جي ڪلام ڪان تمام گهڻو متاثر هو، هن "سچل سرمست" نالي هڪ ضخيم ڪتاب لکيو، جيڪو سنڌس اهم ادبي ڪارنامو سمجهيو وڃي ٿو، ان ڪتاب ۾ آغا صاحب دولهه درازي سچل سائين جي شعر، ان جي حسب نسب ۽ شان جي اپٽار ڪئي آهي.

آغا غلام نبي المعروف آغا صوفي 19 جولاءِ 1938ع تي وفات ڪري ويو. نموني طور سنڌس هڪ غزل جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

لائق اوهان جي بزم جو اغيار ٿيو آ،
هي جان نثار خارج دربار ٿيو آ،
مونکي ته شرم ٿو اچي ڪهڙو جواب ڏيان،
ٿي خلق پڇي ڇا تي هي تڪرار ٿيو آ.

آءِ آءِ قاضي

علامه آءِ آءِ قاضي جو مڪمل نالو آهي امداد علي ولد امام علي قاضي. پاڻ سنڌي ادب ۽ ثقافت، علم ۽ فن، تهذيب ۽ تمدن جو پارکو ۽ جليل القدر مفڪر ۽ سنڌ جو مايه ناز اديب ٿي گذريو آهي. سنڌس وڏا انصاري خاندان مان اصل پاٽ شهر ضلعي دادو جا ويٺل هئا. علامه صاحب جو والد نوڪري سانگي حيدرآباد ۾ رهندو هو، جتي 18 اپريل 1886ع تي علامه آءِ آءِ قاضي جي ولادت ٿي.

علامه صاحب ابتدائي تعليم ميان عبدالعزيز وٽ حاصل ڪئي، جنهن ڪان قرآن پاڪ ۽ فارسي جي تعليم ورتائين. پاڻ ڪجهه وقت اسڪول ۾ پڙهيو ۽ پوءِ خانگي طور پڙهي سنڌي فائنل 1904ع ۾ ۽ مئٽرڪ 1905ع ۾ پاس ڪيائين. 1907ع ۾ ولايت ويو، جتي لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۽ ڪنگس ڪاليج لنڊن ۾ اقتصاديات ۽ نفسيات جي تعليم حاصل ڪئي. فلاسافي ڊاڪٽر آرنولڊ وٽ پڙهيو. 1910ع ۾ جرمني ويو، جتي ايلسا نالي هڪ جرمن خاتون سان سنڌس شادي ٿي. 1911ع ۾ بئريسٽريءَ جي ڊگري وٺي واپس وطن آيو. ان ڪان پوءِ به وقت بوقت جڏهن به ولايت ويندو هو ته باوجود وڏيءَ عمر جي به مختلف استادن ڪان تعليم حاصل ڪندو رهيو. علامه صاحب پهريائين ٺٽي محمد

خان ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. خيرپور رياست ۾ ڪجھ وقت سيشن جج جي حيثيت سان پڻ رهيو ۽ بعد ۾ حيدرآباد ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. ڪجھ عرصو انگلينڊ ۾ لنڊن اسڪول آف اورينٽل لئنگويجز ۾ سنڌي زبان جو استاد ٿي رهيو. اهو عهدو اعزازي هئس.

انگلينڊ ۾ 1924ع ۾ علامه صاحب کي شعروشاعري جي انجمن (Poetry Society) جو نائب صدر چونڊيو ويو ان عهدي تي 1948ع تائين رهيو. 1929ع ۾ کيس انگلينڊ جي فلاسافيڪل سوسائٽيءَ جو تاحيات ميمبر مقرر ڪيو ويو. هن 1927ع ۾ لنڊن ۾ "جمعيت المسلمين" نالي هڪ مذهبي تنظيم قائم ڪري، ڪجھ وقت اتي تبليغ جو ڪم پڻ ڪيو. اهڙي طرح سندس جواني جو اڪثر حصو انگلينڊ ۽ جرمني وغيره ۾ مختلف علمن جو اڀياس ۽ غور فڪر ڪندي گذريو.

علامه آءِ آءِ قاضي 9 اپريل 1951ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. ان وقت يونيورسٽيءَ جي حيثيت فقط امتحان وٺڻ جي بورڊ واري هئي، ان کي علامه صاحب محنت ڪري تعليمي يونيورسٽي بڻايو. 25 مئي 1959ع تي انهي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين ۽ ان کان پوءِ پنهنجي گهر واريءَ سميت سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب لکڻ لڳو.

علامه صاحب جي شخصيت سنڌ وارن لاءِ بابرڪت هئي. سندس نگاهه علوم وفنون کان وٺي فلسفي، سائنس، حڪمت، ادب، شاعري، تاريخ، آرٽ، لغت، تمدن، منطق، نفسيات ۽ تصوف جي عميق تائين هئي. جديد دور جي مسئلن جي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ کيس وڏي علمي ۽ فڪري حيثيت حاصل هئي. باوجود وسيع مطالعي جي سندس ذڪر و فڪر جو محور قرآن ڪريم تي رهيو. سندس مطالعي جي وسعت اهڙي هئي جو معمولي مسئلي کان وٺي ڪنهن بين الاقوامي ۽ اهم مسئلي تائين سندس نڪتا نج عالمانه ۽ محققانه رهندا آيا آهن. هو علم جو درياهه هو. سنڌ، هند، بلڪه ولايت وارا به ڪانئس متاثر ٿيا. علامه اقبال، ڊاڪٽر ذاڪر حسين (هندستان جو اڳوڻو صدر)، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ جارج برنارڊشا وغيره ته سندس خاص مداح هئا. سنڌ ۽ سنڌين کي هميشه سندس ذات تي فخر رهندو.

علامه صاحب امام غزالي جي فلسفي ۽ شاهه صاحب جي ڪلام کان ڏاڍو متاثر رهيو. لطيف سائين جي هر لفظ، هر بيت، هر مضمون تي سندس عالمانه ۽ عارفانه نگاهه هئي. پاڻ شاهه صاحب جو رسالو به ايڊٽ ڪيائين جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پهريون ڀيرو 1961ع ۾ شايع ڪرايو. شاهه جي رسالي تي سندس ڪيل تحقيق هڪ لاءِ اِلِ ڪا نامو آهي. سندس ٻه ڪتاب انگريزي ۾ لکيل آهن جن جا نالا آهن (Casual peeps ... na) ۽ (Abrown girl in

search of God) ان کان علاوه علامہ صاحب جا ڪيترائي تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيل آهن، جيڪي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ اهم سمجهيا وڃن ٿا.

علامہ صاحب آخري عمر ۾ گوشہ نشيني اختيار ڪئي، پر سندس اها گوشہ نشيني بہ علمي ۽ فڪري فيوضات جي سلسلي ۾ پياسن ۽ صحبتن لاءِ مڪتب بڻجي ويئي.

علامہ آءِ آءِ قاضي جي گهر واريءَ جنهن کي سنڌ جا ماڻهو احترام وچان "امڙ ايلسا" سڏيندا آهن 28 مئي 1967ع تي وفات ڪري ويئي. علامہ کي ساڻس بي انتها محبت هئي، سندس وڇوڙي کيس هيڻو ڪري وڌو. هڪ سال تائين سندس هجر و فراق ۾ تڙپندو رهيو. هن کي هر شيءِ سان نفرت ٿيڻ لڳي، جيئن تہ پاڻ ڏاڍو حساس طبيعت هوندو هو سو هن ايلسا بغير نہ جيئڻ جو فيصلو ڪيو. ان فيصلي کي عملي جامو پهرائيندي علامہ صاحب 13 اپريل 1968ع تي پنهنجي ضعيف ۽ ڏٻري جسم کي مهراڻ جي موجن جي حوالي ڪندي موت کي ڳلي لڳايو. کيس سنڌ يونيورسٽي جي احاطي اندر مسجد شريف جي پرسان دفنايو ويو.

پروفيسر غلام مصطفيٰ خان جيڪو علامہ صاحب جو ساٿي ۽ سنڌ يونيورسٽي جو پروفيسر هو، ان علا مہ صاحب جي نماز جنازه پڙهائي هئي. ان علامہ جي روحانيت متعلق هڪ تقرير ۾ فرمايو تہ "علامہ صاحب جڏهن داغ وصال ڏنو تہ، مون سندس جنازي جي نماز پڙهائي رات جو مان سمهي رهيو هوس تہ تقريبا ً 3 وڳي هو تشريف فرماٿيو ۽ مونکي بيدار ڪري چيائين تہ تو اجا تائين تهجد نہ پڙهي آهي. مون وضو ڪيو ۽ ڏٺم تہ منهنجي مصلي تي ويٺا آهن، چوڻ لڳا مون کان غلطي ٿي، پر الله وڏو رحيم ۽ ڪريم آهي."

ابراهيم "منشي"

محمد ابراهيم تخلص "منشي" ولد محمد اسحاق سومرو 15 جنوري 1934ع تي ڳوٺ جنهاڻ سومري تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو، پاڻ سنڌ جو معروف قومي ۽ طبقاتي شاعر آهي.

ابراهيم "منشي" پنج درجا سنڌيءَ جا پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو. 1945ع ۾ سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ گهر جو سڄو بار اچي مٿس ڪڙڪيو. جنهن ڪري وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين ۽ گذر سفر لاءِ جتن ڪرڻ لڳو. هن مختلف وقتن تي مختلف پيشا اختيار ڪيا. جهڙوڪ، پلا وڪڻڻ، گڏھ تي ڀاڄي وغيره رکي ڳوٺ ڳوٺ وڃي گهور ڪرڻ، مائٽاڻي ٽي ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ، منشگيري جو ڪم ڪرڻ وغيره.

ابراهيم "منشي" جو والد سنو شاعر هو، گويا شاعري ابراهيم کي

ورثي ۾ مليءَ، هن پنهنجي والد جي استاد علي محمد "سپاهي" جي رهنمائيءَ هيٺ 13 سالن جي ڄمار ۾ باقاعده شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. اوائل ۾ مولود، غزل ۽ پوءِ عشقيه ڪلام ڪافيون چوڻ لڳو. اڳتي هلي سندس طبيعت جولاڙو قومي شاعري طرف ٿيو. اهڙي طرح هن يڪاني شاعر ڪيترن ئي منفرد نظمن، وائين، ڪافين ۽ بيتن سان سنڌ جي ماڻهن جون جهوليون ڀريون آهن.

جيئن ته "منشي" جي ذاتي زندگيءَ جو سفر ڏکن ڀريو رهيو آهي ۽ ڪيس زندگيءَ جي هر موڙ تي سخت محنت ۽ پورهيو ڪرڻو پيو شايد اهوئي سبب آهي جو هن شاعري ۾ به اجائي لفاظي ڪرڻ ۽ ڊائلاگ هڻڻ بدران پورهيو ڪيو آهي ۽ ادب جي ٻنيءَ ۾ اهي اوڙون ڏنيون آهن جيڪي هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. پاڻ هڪ جانبدار شاعر آهي، جيڪو سنڌ جي هر قومي مفاد واري مسئلي تي پنهنجي راءِ ڏيڻ لازمي سمجهي ٿو. ڀٽي صاحب جي ڊي پي آر ڪان وٺي وڏيرن جي ڪلورن، پاڻي جي ڪوٽ، ڪالاباغ ڊيم، شاخن جي حالت، ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف سازشون ۽ ٻيا هن دور جا سمورا وڏا واقعا ۽ سياسي اٿلون پٿلون هن جي شاعري ۾ موجود آهن. سندس شاعري گهڻو ڪري قومي، عوامي ۽ طبقاتي شاعري آهي ۽ اها ايتري ته تلوار وانگر تکي شاعري آهي جو اڄا تائين ڪنهن به سرڪاري ميڊيا تان نشر نه ٿي سگهي آهي. جنهن تي پاڻ فخر ڪري ٿو.

سندس شاعريءَ جا ٽي ڪتاب "ڌرتي ڏين ڌم" "گوندر وينداگذري" ۽ "ڌونشري ڏينهن ڏاڙا" ڇپيل آهن. ڪافي ڳائڻ سندس ڪلام ڪيسٽن ۽ نجي محفلن لاءِ ڳايو آهي. مختلف سياسي گڏجاڻين ۾ سندس انقلابي شعرن جو سهارو وٺي محفلن کي گرمايو ويندو آهي.

ابراهيم "منشي" هڪ بيباڪ سياسي ورڪر به ٿي رهيو آهي. پاڻ ايوب خان جي دور ۾ سياسي ميدان ۾ داخل ٿيو، ڪجهه وقت مفتي محمود گروپ وارن سان گڏ رهيو پيپلز پارٽيءَ جو زبردست حمايتي رهيو، ليڪن ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ ڪيس 42 مهينا جيل ڪاٽڻو پيو جنهن کان پوءِ پاڻ قومپرست بڻجي ويو. هن ممتاز ڀٽي سان به گڏجي سياست ڪئي. جي ايم سيد ڪيس "عوامي شاعر" جو لقب ڏنو. پاڻ ست ست ڏينهن هڪ ئي وڳي ۾ هلي سياسي جلسن ۾ شعر پڙهي جلسن کي رونق بخشيندو رهيو.

ڪيس موسيقي جي به سٺي ڄاڻ آهي، شروع ۾ مولود ۽ غزل پڙهندو هو بعد ۾ ڪلام ڪافيون ڳائڻ شروع ڪيائين.

ڪيس لطيف سائين جي ڪلام سان به گهڻو پيار آهي، شاهه جي رسالي جو گهڻو حصو ڪيس ياد آهي. هن تازو ثقافت کاتي وٽ گنج وارو سڄو رسالو تحت اللفظ رڪارڊ ڪرايو آهي. پاڻ شاهه جو رسالو ترتيب ڏئي رهيو آهي،

جنهن کي عنقريب ڇپرائڻ جو ارادو رکي ٿو. هڪ صحافي جي حيثيت سان پاڻ حيدرآباد ۾ صحافت ڪندي انيڪ علمي ادبي ۽ سياسي پروگرام رپورٽ ڪري چڪو آهي سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏونتري ڏينهن ڏاڙو لڳو ڪيڏو لوءِ مان
رهيو ڪچاڙو جهانگيہ جهڳا جهڻ ٿيا.

اجمل بيگ "اجمل" مرزا

مرزا اجمل بيگ "اجمل" ولد شمس العلماء مرزا قليچ بيگ 21 اپريل 1921ع تي ٽنڊي ٺوڙهو حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ اديب، شاعر ۽ نقاد ٿي گذريو آهي.

مرزا اجمل بيگ ابتدائي تعليم حيدرآباد شهر ۾ حاصل ڪئي، بي اي بمبئي يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ فرسٽ نمبر ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو.

مرزا صاحب بي اي پاس ڪري سنڌ سرڪار جي فوڊ ڊپارٽميينٽ ۾ راشننگ ڪنٽرولر مقرر ٿيو جتان 1976ع ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

مرزا صاحب اديب ابن اديب هو. پاڻ مرزا قليچ بيگ جو ستون نمبر فرزند هو. کيس اکيون کوليندي ئي هڪ "شمس العلماءَ" پيءُ جي گود نصيب ٿي. انهيءَ علم پري گود مان هن پار پالپڻي ۾ ئي سڀ ڪجهه حاصل ڪيو. فارسي ۽ سنڌي هن جي گهر جون زبانون هيون، سي ته بنا ڪنهن محنت جي کيس ننڍپڻ ۾ ئي ايندڙيون هيون، ۽ قرآن پاڪ جي تعليم ۽ ٻيا سڀ مذهبي علوم به ننڍپڻ ۾ ئي سکي ورتائين. شفيق پيءُ جي تربيت ۾ سندس اکر به موتيہ جي داڻن جهڙا ٺهڻجي ريا، پاڻ جڏهن اٺن سالن جو ٿيو ته سندس والد فوت ٿي ويو، جنهن ڪري ننڍڙي اجمل کي والد جي جدائي جو تمام گهڻو رنج رسيو. هن پيءُ جي وفات کان پوءِ پنهنجي ڀائرن مرزا نادر بيگ ۽ مرزا اسد بيگ جي زيرِسايہ رهي زندگيءَ جا ڏاڪا طئي ڪيا. هن مختلف ٻوليہ جهڙوڪ سنڌي، فارسي، انگريزي، عربي ۽ اردو ۾ عبور حاصل ڪيو. کيس علم، ادب ۽ شاعري ورثي ۾ مليل هئا. سندس قلم جهڙو سنڌي نظم جي صنفن تي حاوي رهيو تهڙو ئي نثر تي، پاڻ ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪندو هو. علم عروض جو ماهر هو. شاعري ۾ سندس استاد سندس ڀيڻ شهزاد بيگم هئي. مرزا صاحب شروعات ۾ پنهنجو تخلص "فاضل" رکيو هو، پر بعد ۾ "اجمل" جي تخلص سان لکندو هو.

مرزا اجمل بيگ عروضي شاعريءَ جو ابوهو، سندس ڪلام نهايت اعلىٰ پائي جو آهي، پاڻ غزل، قصيدو، مثنوي، مخمس، بيت، سلام، مرثيہ، نوحا،

منقبت ۽ مناجاتون وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، ليڪن رباعي جي فن تي پاڻ قدرت رکندو هو، نظم ۾ لکيل سندس ڪتاب "شاهنامہ عرب عرف منظوم تاريخ اسلام" سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت رکي ٿو جيڪو اول کان آخر تائين هڪ ئي بحر هزج مثمن سالم ۾ منظوم ٿيل آهي. ان کان سواءِ سندس ڪلام جا ٻہ مجموعا "ديوان اجمل" ۽ "رباعيات اجمل" قلمي صورت ۾ موجو آهن.

مرزا اجمل کي نظم ۽ نثر تي هڪ جهڙي قدرت حاصل هئي. سندس قلم جي نوڪ مان ڪيترائي نثري ڪتاب بہ نروار ٿيا. جڏهن تہ "ديوان قليچ" جو مقدمو ۽ سندس ڪتاب "شاهہ نامہ عرب" جو ديباچو سندس لکيل نهايت اعليٰ، سليس ۽ سهڻي نثر جا بهترين نمونا آهن.

مرزا صاحب روزي نماز جو پابند ۽ درويش صفت انسان هو. صوفي بزرگن مان شاهہ لطيف جو پانڌيڙو ۽ قلندر لعل شهباز جو عقيدتمند هو. شيعہ (اثنا عشريہ) فرقي سان تعلق رکندو هو، امامن صاحبن کي ياد ڪري روئندو هو ۽ انهن جي ياد ۾ ڪافي شاعري لکي اٿس. سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا.

شاهنامہ عرب عرف منظوم تاريخ اسلام (چئن حصن ۾ 65-1964ع)، نيسو ايٽلس جغرافيہ (اردو)، انگلينڊ جي تاريخ (1953ع)، ٽريل انگلش ڊڪشنري (اردو، سنڌي، انگريزي)، سر حسيني (لطيفيات، 1951ع)، دنيا جي نئين جاگرافي (1952ع)، تاريخ (1953ع)، رنگين جاگرافي پاڪستان (1958ع)، علم بدن ۽ صحت، علم طبعي، انتخاب ازگلستان وبوستان، سر سارنگ (لطيفيات)، مهاڳ رباعيون (تنقيد) وغيره.

مرزا اجمل بيگ "اجمل" 26 مئي 1984ع تي وفات ڪري ويو. ڪيس ٽنڊي ٺوڙهي ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ مرزا قليچ بيگ جي پهلو ۾ دفن ڪيو ويو، نموني طور سندس هڪ رباعي هيٺ ڏجي ٿي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌين لاءِ محبت جو اظهار ٿيل آهي.

موئي پڄاڻان پڻ مٿي ٿئي سنڌ جي نصيب
سنڌ وارن جا اچن ڪم ۾ ڪلها ۽ پير شال
ڪين ٻڌندا ڪاوراٽي مون ڪنا منڪر نڪير
جي ڪيائون قبر ۾ مونسان نہ سنڌيءَ ۾ سوال

احسان بدوي، پروفيسر

پروفيسر احسان احمد ولد لطف الله بدوي 14 اپريل 1925 تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو، پاڻ مشهور اديب، شاعر ۽ نقاد ٿي گذريو آهي.

پروفيسر احسان بدوي جو والد هڪ بلندپايہ اديب ۽ اهل قلم هو، هن

جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي عظيم پيءُ جي سرپرستيءَ ۾ ٿي. سيڪنڊري تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچي جي ايس ايم ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتي وڏي محنت سان بي- اي سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. ان کان پوءِ ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪم ڪرڻ لڳو، اڳتي هلي سينئر ڪلارڪ بڻيو. ان عرصي دوران اردو ۾ ايم اي پاس ڪيائين. ياد رهي ته هي پهريون سنڌي هو جنهن اردو ۾ ايم اي پاس ڪئي، ان کان پوءِ سنڌي ۾ پڻ ايم اي ڪيائين، ۽ پوءِ غلام مصطفيٰ شاهه صاحب جي مشوري سان روينيو ڊپارٽمينٽ کي خيرباد چئي، ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار ٿيو، جتي هڪ بهترين استاد جي حيثيت سان پندرهن سال خدمت ڪندو رهيو.

سنڌي ادب جي خدمت جي حوالي سان بدوي صاحب هميشه "سنڌي ادبي سنگت" سان وابسته رهيو ۽ باقاعدي ادبي مجلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪندو رهيو. شعرو شاعري جو ورثو کيس پنهنجي والد محترم کان عنايت ٿيل هو، سندس ڪلام ۽ مضمون وغيره مهراڻ ۽ نئين زندگي رسالن ۾ خاص طرح سان شايع ٿيندا رهيا. سندس اٽڪل چوڏهن کن ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن مان ڪجهه هن طرح آهن ناظم حڪمت (1954ع)، تنقيد ۽ تنقيد نگاري (1959ع)، تاريخ ۽ شهريت (1962ع)، وٽنڊڙ آڪائيون (1963ع)، اسلامي تعليم، ڊان ويسٽ ۽ ان جي شاعري، سير ۽ سفر، انقلاب جو فلسفو، سانگي ۽ ان جي شاعري، مذهبي تعليم وغيره بدوي صاحب جو انداز بيان سليس، سادو، عمدو ۽ اثرائتو آهي، سندس ٻولي عام فهم ۽ لذيذ آهي.

پروفيسر احسان بدوي جو علمي ۽ ادبي سفر جاري ساري هو ته، اوچتو مٿس اچي عزرائيل ڪڙڪيو ۽ 22 نومبر 1965ع تي ڪراچي ۾ هڪ بس جي ٽڪر ۾ زخمي ٿي جوانيءَ واري عمر ۾ فوت ٿي ويو. سندس جسد خاڪي کي شڪارپور آڻي دفن ڪيو ويو.

نموني طور سندس شاعري هيٺ ڏجي ٿي.

اي مسلمان غيور اي قوم جا چشم و چراغ
وڌ اڳي اُٿ سـر ڏئي بارياب زندگي
ان حيات و موت جي احساس کان ناآشنا
ڪر جهان ۾ سوز نوسان انقلاب زندگي.

احسن الهاشمي "احسن"

سيد احسن الهاشمي "احسن" ولد سيد منن شاهه 23 سيپٽمبر 1923ع تي ٽنڊي مير نور محمد حيدرآباد ۾ ڄائو، پاڻ غزل جو بادشاهه شاعر آهي.

سيد احسن الهاشمي جنهنجو اصل نالو حسن شاھ آهي، جو تعلق متياري ساداتن جي اجنائي پاڙي سان آهي، سندس پيشو زميندار آهي. پاڻ اديب فاضل پاس آهي ھن حيدرآباد کان سواءِ اورينٽل ڪاليج امر تسر ۽ درگاھ عالم نژاد جا شڪ ايران مان پڻ تعليم حاصل ڪئي.

احسن صاحب کي شاعري جو شوق ننڍي عمر کان ئي هو، شروع ۾ سيد حيدرشاھ "حيدر" ۽ پوءِ سائين طالب المولىٰ جن سخن جي ميدان ۾ سندس حوصلہ افزائي ڪندا رهيا. احسن صاحب هڪ قادرالڪلام ۽ پختہ گو شاعر آهي، ھن سنڌي، اردو ۽ فارسي ۾ شاعري ڪئي آهي. معياري محاورا چست بندشون ۽ اعلىٰ تشبيهون سندس ڪلام جو روح آهي. غزل، قطعي ۽ قصيدي تي استادانہ دسترس حاصل اٿس. ڪلام پڙهڻ جو ڍنگ پڻ سٺو اٿس ڪجھ سببن جي ڪري ھن وقت گهٽ ٿو لکي.

شاھ صاحب سياست ۾ بہ حصو ورتو، تحريڪ پاڪستان دوران پاڻ سالار صوبہ سنڌ مسلم ليگ نيشنل گارڊس ۽ مسلم ليگ ڪائونسل جو ميمبر ٿي رهيو ۽ حصول پاڪستان جي جدوجهد ۾ خضر حيات وزارت جي خلاف تحريڪ جي سلسلي ۾ ھن صاحب ملتان ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ياد ٿم عــــهــــد وصل واري رات،
مــون ۽ قــسمت ڪٽي جا ڪاري رات،
آءٌ تہ جاڳيس پئي يار تنهنجي لئـــــ،
يــا ڳ منهنجو ستل هو ساري رات.

احسن ڪربلائي

مرزا گل حسن بيگ "احسن" ڪربلائي ولد مرزا دوست محمد پهرين مارچ 1897ع تي ٽنڊو آغا حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس تعلق ان مرزا خاندان سان آهي، جنهن اهڙا روشن ستارا پيدا ڪيا آهن، جن جي جوت سنڌي ادب کي آب وتاب ۽ مٿاهون مقام عطا ڪيو آهي.

احسن ڪربلائي مشهور شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي مرزا صاحب پنهنجي والد کان قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. ۽ اڪثر هلي پنهنجي والد جي سايہ عاطفت ۾ رهي، سنڌي ادب ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو.

مرزا صاحب 1918ع کان حيدرآباد ميونسپالٽي ۾ ملازمت اختيار ڪئي، جتان 1953ع ۾ آڪٽراءِ انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائيٽر

جي حيثيت سان حياتي جي آخري ڏينهن تائين ڪم ڪندو رهيو.

احسن ڪربلائي شاعري جو آغاز 1914ع کان شاگردي واري زماني ۾ ڪيو، ليڪن پوءِ پنهنجي والد جي روڪڻ تي تعليم حاصل ڪرڻ دوران شاعري جي شغل کان پري رهيو، تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ باقاعدي شاعري شروع ڪئي ۽ مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. پهريائين تخلص "ظفر" اختيار ڪيائين ۽ پوءِ ان کي "احسن" ۾ تبديل ڪيائين. پاڻ شاعري جي فن ۾ پهريائين پنهنجي والد ۽ پوءِ حافظ شاهه، مرزا قربان علي بيگ ۽ مرزا مدد علي بيگ کان رهبري حاصل ڪندو رهيو. سندس ڪلام حمد، نعت، قصيدو، مرثيا، سلام، غزل، نظم، مثنوي وغيره تي مشتمل آهي. مرزا صاحب سنڌي شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس غير مطبوع ديوان سندس اولاد وٽ موجود آهي.

احسن ڪربلائي پنهنجي دور جو ممتاز شاعر هو. هن مير عبدالحسين خان سانگي، گدا شاهه، محمد بخش واصف، حافظ حيات شاهه ۽ مرزا قليچ بيگ جي ئي زماني ۾ سنڌي شعرو ادب ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري ورتو هو. پاڻ هڪ قادر الڪلام شاعر هو. زبان و بيان تي ڪيس قدرت حاصل هئي. سنڌي شاعري ۾ سندس منفرد مقام آهي.

مرحوم احسن ڪربلائي جي پاڪ و هند جي اديبن ۽ شاعرن سان قلمي دوستي رهي آهي. مختلف اديبن ۽ شاعرن جا ڏانهس لکيل خط پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته، سنڌ جي متعلق مرزا صاحب کي تاريخي، ادبي، مذهبي معلومات تمام گهڻي هئي. پاڻ سٺو نثر نويس پڻ هو. سندس لکيل علمي، ادبي ۽ تاريخي مضمون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن.

مرزا گل حسن بيگ "احسن" ڪربلائي 28 اپريل 1962ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

افسوس گناهن ۾ جواني گذري
ري بندگي حق بـ پيري گذري
ڏيڪاربندي منهن ڪهڙو حشر ۾ "احسن"
بيڪار صبح و شام زندگي گذري.

احمد چاڳلا

احمد ولد غلام علي چاڳلا 31 مئي 1902ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو مايہ ناز موسيقار، ڊراما نويس ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

احمد چاڳلا ابتدائي تعليم سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ حاصل ڪئي ۽ نظر جي ڪمزوري سبب وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو ۽ موسيقي ۽ ڊرائنگ ڏانهن توجهه ڏيڻ لڳو، جنهن ۾ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪري ورتائين. ڪراچي جي مشهور موسيقي جي استاد مهراج سوامي داس کان

سازن تي موسيقي جي سکيا حاصل ڪيائين. هن نہ رڳو ديسي موسيقي سکي، پر ايراني، ترڪي ۽ مغربي موسيقي ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. مغربي موسيقي جي سلسلي ۾ هن سن 1914ع ۾ مشهور برطانوي موسيقار "سر هينري ووڊ" کان تربيت حاصل ڪئي.

چاڳلا صاحب سنڌي اسٽيج ڊرامي عمر مارئي ۾ موسيقي جي ڊائريڪشن ڪئي. ڪجھ وقت بمبئي جي اجنتا فلم ڪمپني ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر تي رهيو. پاڪستان نهڻ کان پوءِ رايل پاڪستان نيوي جي بئنڊ جو ڪيس سرڪاري طور اعزازي ميوزڪ ڊائريڪٽر نامزد ڪيو ويو. فخر جهڙي ڳالھ آهي تہ پاڪستان جي قومي تراني جي ڌن مرتب ڪرڻ جو ڪم پاڪستان سرڪار احمد چاڳلا جي حوالي ڪيو. هن صاحب 38 سازن جي مدد سان تراني جي ڌن جوڙي، جنهن کي 21 آگسٽ 1949ع تي سرڪار منظور ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ ڌن جي بنياد تي 1954ع ۾ حفيظ جالنڌري جو لکيل قومي ترانو منتخب ڪيو ويو.

احمد چاڳلا هڪ بهترين نثر نويس بہ هو. انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي مقالا لکيائين. سندس انگريزي ۾ لکيل مقالا بمبئي مان شايع ٿيندڙ انگريزي اخبارن ۾ ۽ سنڌي مضمون وري سنڌ مان مهراڻ ۽ سنڌو رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. 1930ع ۾ هن ڪجھ فلمي ڪهاڻيون بہ لکيون جن مان بہ اردو فلمون "پتي پتني" ۽ ساگر ڪمپني جي فلم "طلسمي گهوڙا" قابل ذڪر آهن. ان کان علاوه هو ڊرامہ نويس پڻ هو، هن ڪجھ ڊراما تصنيف ۽ ترجمو ڪياجي سنڌي ادب ۾ گهٽي اهميت رکن ٿا. سندس لکيل ڊرامن مان "خوني" نالي ڊرامو گهڻو مشهور آهي. هيءُ پهريون سنڌي ڊرامو آهي جنهن ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جا بيت استعمال ڪيا ويا آهن. هن چار بيا بہ ڊراما لکيا هئا، جن جا نالا هي آهن، جيئڪا تقدير، ديس جو دشمن، گڏيءَ جو گهر ۽ پوٽ، پويان بہ ڊراما انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل آهن.

چاڳلا صاحب جي لکڻي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، هن جي زبان پختي آهي. سلاست، رواني ۽ ڪردار نگاري جي ڪري ڊرامي جو هڪ هڪ نظارو اکين اڳيان تري اچي ٿو، وري جو موزون هنڌ تي راڳ بہ ڏنا اٿس، تنهنڪري فني لحاظ کان آغا حشر ۽ مرزا قليچ بيگ جون سڪون ٿو لاهي.

زندگيءَ جي پوئين حصي ۾ چاڳلا صاحب قومي صنعت ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳو. سرڪار هن کي انڊسٽريز ڪائونسل آف پاڪستان تي نامزد ڪيو. هن ڪراچي شهر کي ماهيگري جو وڏو مرڪز بنايو.

احمد چاڳلا 5 فيبروري 1953ع تي وفات ڪري ويو.

احمد خان "آصف"

احمد خان "آصف" ولد محمد اسماعيل مصراڻي 8 جولاءِ 1922ع تي ڳوٺ منو ٻپر تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اديب هو.

احمد خان "آصف" 1936ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ سال 1939ع تائين محمد يوسف چانڊيو ۽ حافظ جمال الدين برهماڻي وٽ قرآن شريف، عربي، اردو ۽ فارسي پڙهيو ۽ پوءِ 1940ع ۾ پرائمري اسڪول پيرڳٺيو ۾ استاد مقرر ٿيو. نوڪري دوران اديب سنڌي، اديب عالم، اديب فاضل ۽ اردو فائينل جا امتحان پاس ڪيائين. جولاءِ 1981ع ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائر ڪيائين.

احمد خان "آصف" سنڌ جو وڏو اديب، عالم، شاعر ۽ ليکڪ هو، جنهن سنڌي علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ جيڪي خدمتون ڪيون، اهي ساراهه جوڳيون آهن، هن 1937ع ۾ ادبي دنيا ۾ پيرپاتو ۽ شاعري شروع ڪئي، جنهن ۾ علم عروض جا سبق حافظ محمد احسن چنا ۽ جمعي خان "غريب" کان ورتائين ۽ مضمونن جي اصلاح حاجي محمود "خادم" کان ورتائين.

"آصف" مرحوم جي شاعري نيٺ سنڌي ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ترجمان آهي. سندس انداز بيان نهايت سليس، سلوڻو، وڻندڙ ۽ ساهه سيباڻو آهي، پاڻ هر صنف تي شاعري ڪئي اٿس. مثال طور بيت، وايون، ڪافيون، غزل، نظم، گيت، رباعي ۽ قطعات وغيره، ليڪن سندس ڪافيون سوز ۽ سڪ سان ڀرپور آهن.

افسوس جو سندس ڪلام جو مجموعو سندس زندگي ۾ شايع نه ٿي سگهيو، البته سندس ڪلام سنڌ جي تقريباً سڀني ادبي رسالن ۾ ڇپيل آهي ۽ ريڊيو پاڪستان تي به سندس ڪجهه ڪلام رڪارڊ ٿيل آهي. جن مان هڪ ڪافي ته ڏاڍو مشهور ٿي، جيڪا مشهور لوڪ فنڪار چاڪر چانڊيي ڳائي آهي. ٻول اٿس (محبت ڪڏهن به پراڻي نه ٿيندي)

"آصف" صاحب هڪ سنو نثر نويس پڻ هو، ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيائين، جن مان ڪجهه ڇپيا ۽ ڪجهه اڻ ڇپيل رهجي ويا، سندس مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. ٻولي ڏاڍي پياري ۽ آسان لکندو هو، جنهن ڪري سندس لکڻين کي سمجهڻ ۾ ڪا به ڏکيائي ڪانه ٿيندي هئي، سندس لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

ارمغان آصف، گلزار چنبيلي (ٻه ڀاڱا) همايون نامه، سيرت خواجه اويس قرني، شڪسته حال شهزاديون، روميءَ جون رهاڻيون، قصص الانبياء، املهه ماڻڪ (مختلف شاعرن جو بي نقاط ڪلام گڏ ڪيل) جاگرافي ضلعو دادو

(انعام يافتہ) جاگرافي تعلقو خيرپور ناٿن شاھ وغيره.

احمد خان "آصف" مختلف ادبي انجمنن سان لاڳاپيل رهيو، جهڙوڪ: انجمن آفتاب ادب دادو، جمعيت الشعراء سنڌ، سنڌي سڌار سوسائٽي ڪڪڙ ۽ بزم طالب المولىٰ وغيره. هن سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم ۾ پڻ فيبروري 1957ع کان سيپٽمبر 1958ع تائين ڪم ڪيو هو.

سنڌي ادب جي روشن مينار، استاد الشعراء، محسن ادب احمد خان "آصف" جي گهر تي 9- جولاء 1989ع جي رات ڌاڙيلن حملو ڪيو، حملي جو جواب هٿين خالي پوري ڪٽنب ديده دليري سان ڏنو، ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ آصف زخمي ٿي پيو، ڪيس علاج لاء ايل ايم سي اسپتال حيدرآباد نيو ويو، جتي جان بچائڻ لاء ڊاڪٽرن وڏيون ڪوششون ڪيون، پر سڀ بيڪار ثابت ٿيون ۽ 15 جولاء 1989ع تي سندس روح پرواز ڪري ويو.

نموني طور سندس هڪ غزل جا چند شعر هيٺ ڏجن ٿا:

ڪجي ڳالهہ جيڪا اشارن جي وچ ۾،
اها لک لهي عقل وارن جي وچ ۾،
هو وينو وڃي حسن وارن جي وچ ۾،
لڳو چنڊ چمڪڻ ستارن جي وچ ۾،
نہ ثاني سندس ڪو ڏنو سين ڳڌو سين،
ڪروڙن لکن ۽ هزارن جي وچ ۾،
پلا موت کي ڪي بيا سگ ٿيندا،
جيون ٿا سدا انتظارن جي وچ ۾.

احمد خان "اختر"

احمد خان "اختر" ولد عبدالرحيم ميمڻ 23 اپريل 1915ع تي ڳوٺ بولا خان شورو تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو آهي.

احمد خان "اختر" قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوء سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيو ۽ مختصر انگريزي جي پڻ تعليم حاصل ڪئي. جنهن کان پوء تپيداري جو امتحان پاس ڪري پهرين جولاء 1936ع کان روينيو کاتي ۾ ملازمت شروع ڪئي. جتان 7 جولاء 1964ع تي سپروائيزر جي عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ پوء ٽنڊي محمد خان ۾ اسٽامپ وينڊري جو ڌنڌو ڪندو رهيو.

اختر صاحب شاعري جي شروعات 1930ع کان ڪئي، سندس پهريون

شعر "مسلمان" اخبار حيدرآباد ۾ 24 جنوري 1939ع تي شايع ٿيو. شاعري ۾ استاد محمد خان "غني" ۽ حافظ عبدالله "بسمل" هئس، سندس شاعري بيت، ڏور، ڏوهيڙا، دوها، هنر، وائي، ڪافي، مدح، خطبہ، نظم، مثنوي، مولود، قطعا، رباعي، غزل، گيت ۽ لو گيت تي مشتمل آهي.

اختر صاحب سليس، صاف، بامحاوره، سنڌي اصطلاحات سان پريل سهڻو ۽ لذيذ ڪلام چيو آهي جنهن ۾ معنوي انداز سان زندگيءَ جا ڪيئي نوان تجربا ۽ مسئلا بيان ڪا اٿس. ڪافي ۽ بيت استادانہ رنگ ۾ چيا اٿس.

سندس ڪلام مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهي، 1956ع کان سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿي رهيو آهي، هن نظم ۽ نثر ۾ مختلف 24 ڪتاب لکيا آهن، جيڪي ڇپجي نہ سگهيا آهن، سندس انتقال سن 1973ع ۾ ٿيو، سندس ڪافي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪڍ قيدياڻي قيد مان لاهہ هي ظلم زنجير،
حاڪم ٿي هيٺيءَ مٿان حملا ڪر مَ همير،
ڇڏ تہ چانگون چوڙيان مـوٽي ملڪ مليـر،
"اختر" پت پر هيٺيان ڪيت سان شل ڪندِ ڪير.

احمد خان "مدهوش"

احمد خان ولد حاجي فقير شغلي سومرو پهرين رمضان المبارڪ 1356هجري تي ڳوٺ سلطان چانڊيو لڳ خيرپور ناٿنشاهہ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو، پاڻ سنڌ جو ڪهنہ مشق، سچاڻ ۽ ناميارو شاعر آهي.

احمد خان "مدهوش" 1965ع ۾ اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيو، کيس فارسي زبان جي بہ ڪجهہ ڄاڻ آهي، هن استاد جهڙو مقدس پيشو اختيار ڪيو، شعروشاعري سان لڳاءُ کيس شروع کان ئي رهيو. "مدهوش" تخلص سان شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. شاعري جو مجموعو "ڪيف عشق" جي نالي سان لکيو اٿس. سندس ڪلام سيني اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو ۽ ريڊيو پاڪستان تان پڻ نشر ٿيندو رهندو آهي.

مدهوش جي شاعري ۾ گهرائي بہ آهي تہ وسعت بہ، سچائي بہ آهي تہ سونهن بہ، درد والم بہ آهي تہ خوشيون ۽ مرڪون بہ، پيار ۽ پاپوهہ بہ آهي تہ عشق وجنون بہ، اکين جا اشارا بہ تہ دل جون ڳالهيون بہ محبوب جا ناز، انداز ۽ ادائون بہ، تہ زندگي جو ڳوڙهو فلسفو بہ، مطلب تہ سندس شاعري فني، فڪري توڙي تخيل جي خوبين سان سر شار آهي.

احمد خان "مدهوش" عشق جي دنيا ۾ مدهوش گذاريندو آهي. باقي

عام زندگي ۾ هوش و حواس ۾ رهندو آهي. پاڻ نهايت بااخلاق، خوش گفتار، ڪشاده دل ۽ دور انديش انسان آهي.

نيڻ پنهنجا جمـــائي جمـــائي ڏنم،
ڊۂ نہ ٿـيـــو ڪنڌ بيـــهـــر ورائي ڏنم،
پرڪشش تو جيـــــان ڪونہ آيو نظر
مـاٿـهـو مـاٿـهـوءَ سـان اک مـلائي ڏنم.

احمد ملاح

حاجي احمد ملاح ولد نانگو ملاح 11 فيبروري 1877ع تي ڳوٺ ڪنڊي ديهہ لوهڻ تعلقي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ممتاز عالم دين، قادر الڪلام شاعر ۽ معروف اديب ٿي گذريو آهي.

حاجي احمد ملاح ننڍي هوندي مال چاريندو هو، پر پوءِ پڙهڻ جو شوق جاڳيس ۽ ڀِڏمي ۾ حافظ عبدالله منڌري جي مڪتب ۾ پڙهڻ لاءِ وينو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بدين پڳڙا ميمڻ، ٽوها، سجاول ۽ ٻين شهرن جو سفر اختيار ڪري، سنڌي، عربي، فارسي، فقہ ۽ حديث جي علمن جي تحصيل ڪيائين آخر ڳوٺ گهڙي بدين ۾ دستاربندي ڪيائين. سندس آخري استاد مولانا خير محمد مڪسي هو.

مولوي احمد ملاح هو تہ غريب جو ٻار، ليڪن هلت چلت، اٿڻ ويهڻ ۾ هوشياري، قابليت، اخلاق ۽ ڪردار ۾ پاڻ اميرائي شخصيت جو مالڪ هو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن درس و تدريس جو پيشو اختيار ڪيو. جڏهن سنڌ ۾ خلافت جي هلچل شروع ٿي تہ، ان ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ اهڙيون تہ زوردار تقريرون ڪيائين جو سرڪار کيس پنهنجي لاءِ خطرناڪ سمجهي جيل اماڻي ڇڏيو. جيل مان سزا ڪاٽي اچڻ کان پوءِ پير عالي شاهہ جي مدرسي "مظهر العلوم" ۾ عربي پڙهائڻ لڳو. 1932ع ۾ سني، وهابي تحريڪ جي نتيجي ۾ مدرسي کي خيرباد چئي، غريب آباد، بدين ۾ پنهنجو پلاٽ وٺي ذاتي مدرسو قائم ڪيائين جنهن وقت جا مشهور ۽ ممتاز عالم جهڙوڪ، مولوي گل محمد، مولوي عبدالوهاب، مولوي عبدالغفور ۽ مولوي محمود عالم مقرر ٿيا. اهو مدرسو اڄڪلهہ مسلم اسڪول غريب آباد جي نالي سان سڃاتو. مدرسي سان لڳ سندس تعمير ڪرايل مسجد اڄ بہ سندس ياد تازي ڪندي رهي ٿي.

مولوي احمد ملاح کي جن خوبين اهم مقام تي رسايو سي آهن، سنڌي نظم ۽ نثر ۾ سندس عظيم خدمتون. هي سنڌي زبان جو وڏو اهل قلم هو، سندس شاعرانہ خوبين کيس اعليٰ ادبي مقام ڏنو. نظم جي هر صنف تي طبع

آزمائي ڪئي اٿس. سنڌ مان بيهودن عقيدن، سماجي براين ۽ اجاين رواجن ۽ رسمن خلاف جهاد ڪيو اٿس. انهن مڙن ني براين جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندس تصنيف ڪيل هيٺيان ڪتاب سنڌي نثر ۽ نظم جا املول شهه پارا آهن. معرفت الله (1936ع)، هيڪڙائي حق (1951ع)، فتح لنواري (1958ع)، بياض احمد (1964ع)، غزليات احمد (1964ع)، پيغام احمد (1969ع)، ديوان احمد (1974)، ۽ اسرار الاهي.

ان کان علاوه مولوي صاحب جو وڏو ڪارنامو اهو آهي جو، هن سڄو قرآن شريف سنڌي بيتن ۾ "نورالقرآن" جي عنوان سان پيش ڪيو. حاجي احمد ملاح سنڌ جو پهريون شخص آهي جنهن قرآن پاڪ جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي. جيڪو پهريون ڀيرو 1977ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ملاح صاحب جو هي ڪارنامو سندس نالي کي تاقيامت زنده رکندو.

حاجي احمد ملاح جو ڪلام منفرد حيثيت رکي ٿو، سندس ڪلام سنڌ ۾ عام جام ڳايو ويندو آهي، ريڊيو پاڪستان تان پڻ سندس ڪلام مشهور فنڪارن جي آواز ۾ نشر ٿيندو آهي، سندس ڪلام فصاحت، بلاغت ۽ رواني سان ڀرپور آهي.

مولوي حاجي احمد ملاح 19 جولاءِ 1969ع تي بدين شهر جي اسپتال ۾ گذاري ويو، کيس آبائي قبرستان ڳوٺ ڪنڊي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ملاحظ فرمائيندا.

حسن وارا ڪيئن هزارين منجهه هينين تون هيڪڙو،
جاءِ بجاءِ گـڏ جانءِ جاني جيين تون هيـڪڙو،
خلق منهنجي خون پنـيـان خان خطرو جان ناهه،
راڄ ساري کي رسان جي رس ٿيين تون هيڪڙو.

احمد يار خان مهر

مخدوم احمد يار خان ولد عبدالغفار خان مهر 3 مارچ 1841ع تي ڳوٺ خانڳڙهه ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو، پاڻ مشهور عالم دين، صوفي بزرگ، علم قرائت جو ماهر ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مخدوم احمد يار خان ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽان حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم شهدادڪوٽ مان مولانا غلام صديق ميڪڻ (وفات 1905ع) وٽان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ڀرچونڊي واري بزرگ حافظ محمد صديق سميجو (وفات 1890) کان روحاني فيض مليس ۽ پوءِ پاڻ ڀرچونڊي شريف ۾ رهڻ لڳو، اتي سندس مرشد پنهنجي هڪ مريد امير حسن

ميمڻ جي نياڻي رحيمان خاتون سان نڪاح ڪرايس، جنهن مان ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿيس، جيڪي سندس ئي حياتي ۾ خدا پاڪ واپس گهرائي ورتا، پوءِ ته پاڻ ڪي اڪيلو ڄاڻي حافظ صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي مستن جيان ويڳاڻو ٿي پيو، آخر پرچوندي ڇڏي سير ۽ سفر لاءِ اجمير شريف ڪان وڃي نڪتو، جتي خواجه معين الدين چشتي رحه جي درگاهه جو وڃي مجاور بڻيو، زندگيءَ جا ٽيٽيهه ورهيه خواجه صاحب جي دراهه جا مٽ پريندو رهيو. آخر مجذو بيت جي منزل تي رسي واپس پرچوندي پهتو. ان وقت سندس عمر 73 سال هئي ۽ سندس مرشد حافظ محمد صديق وفات ڪري چڪو هو.

مخدوم احمد يار بلند پايه عالم هو، مولانا امروٽي، مولانا عبيدالله سنڌي، مير علي نواز علوي ۽ مولانا مفتون همايوني سندس دوست، همعصر ۽ هم سبق هئا، ڪيس فقهي، حديث ۽ فنقرائت تي مهارت حاصل هئي. پاڻ پڇاڙيءَ ۾ مجذوب ٿيو، جنهن ڪري بلڪل ٿورو ڳالهائيندو هو. سندس دعا مستجاب هئي، ويني ويني پنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ مولود ۽ مداحون چوندو هو، عام و خاص لاءِ سندس اها هدايت هئي ته "صالحن جي صحبت تتل ڏينهن ۾ ٿڌي ڇانو برابر ٿيندي آهي." ڪيس پنهنجي مرشد سان والهانه محبت هئي، سندس ساراهه ۾ ڪيتروئي ڪلام چيو اٿس.

مخدوم احمد يار خان مهر 29 مئي 1922ع تي پرچوندي ۾ وفات ڪئي، مرشد جي پاڙي سنتل آهي، سندس چيل هڪ مداح جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اول پيي تون آخر پيي تون، باطن پيي تون ظاهر پيي تون،
بشڪ تون آن بيرنگ بيچون، خاوند خالق ارض سماءِ.
لاالله الاالله.

اختر درگاهي

اختر ولد عبدالرحمان درگاهي 24 سيپٽمبر 1964ع تي ميمڻ محلو روهڙي ۾ پيدا ٿيو، درگاهي سندس پاڙو آهي، ذات جو ميربحر آهي. پاڻ نئين ٽهي جو سنو شاعر ۽ راڳي آهي.

اختر درگاهي ايم اي (سنڌي) ايم اي (معاشيات) پاس آهي، زرعي ترقياتي بينڪ ۾ ملازم آهي.

اختر درگاهي جو والد مشهور شاعر ٿي گذريو آهي، جيڪو درگاهي ميراڻي جي نالي سان مشهور آهي، سندس ڏاڏي بيگم فقيرياڻي وري مشهور لوڪ فنڪاره ٿي گذري آهي، جنهن ڪري شاعري ۽ موسيقي اختر ڪي ورثي ۾

مليا، شاعري ۾ استاد پنهنجي والد کي بنايائين ۽ موسيقي جي سکيا پنهنجي ڏاڏيءَ کان حاصل ڪيائين.

اختر درگاهي کي ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل راڳ جي سڃاڻ آهي، نيون ڌنون به ڪمپوز ڪندو آهي، هن وقت جي سٺن شاعرن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو هن وقت (1999 - 2000) لاءِ مرڪزي خزانچي آهي، سندس ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن جا نالا آهن، گل ۽ مکڙيون (ٻارن جي شاعري)، رنگ خوشبو هوا (شاعري جو مجموعو) ۽ بيدل جو اردو ڪلام (تحقيقي ڪتاب) آخري ڪتاب کي سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد طرفان 1997ع جو بهترين تحقيقي ايوارڊ مليل آهي، سندس شاعري جو نئون ڪتاب "شاعري مرڪي پئي" ڇپجڻ وارو آهي.

نموني طور سندس هڪ غزل جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

رنگين حياتيءَ جو سفر ياد ڪنداسون،
هڪ شخص جي اکڙين جو اثر ياد ڪنداسون،
روئي به سگهيا سون نه وڇڙڻ جي ويل جو،
برباد بڻيل دل جو نگر ياد ڪنداسون.

اختر علي، جي قاضي

اختر علي ولد غلام مصطفيٰ قاضي 17 سيپٽمبر 1936ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو، پاڻ ماهر قانوندان ۽ سماجي خدمتگار آهي. ڪيس به پهريان سنڌ جو وزيراعليٰ بنجڻ جو اعزاز حاصل آهي. سندس والد ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) سيڪريٽري ۽ آبادڪاري ڪمشنر جهڙن اهم سرڪاري عهدن تي رهي چڪو هو.

اختر علي، جي قاضي مشنرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي مان پاس ڪئي ۽ گريجوئيشن ايس ايم آرٽس ڪاليج ڪراچي مان ڪئي. پاڻ شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو، هن ايس ايم لا ڪاليج مان قانون جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ايم اي اڪنامڪس ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڪئي.

قاضي صاحب 1957ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات ڪئي. هو هڪ بهترين وڪيل رهيو، ۽ بار ايسوسيئيشن جي ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهيو، هن سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جي مقصد خاطر زندگيءَ جو گهڻو حصو صرف ڪيو، هو لاڙڪاڻي جي لا ڪاليج جو باني پرنسيپال رهيو، هن لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ۽ ڪامرس ڊگري ڪاليج جو پايو وڌو، پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ "لافيڪلٽي" جو ڊين پڻ چونڊيو ويو.

قاضي صاحب سماجي خدمتن جي لحاظ کان پڻ مشهور آهي. پاڻ ڪيترن ئي سماجي ۽علمي، ادبي ادارن سان لاڳاپيل رهيو. جن ۾ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ سوشل ويلفيئر ڪائونسل ۽ سنڌ هلال احمر سوسائٽي شامل آهن.

اختر علي جي قاضي هڪ نوجوان جي حيثيت ۾ تحريڪ پاڪستان ۾ حصو ورتو . هن گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي ٻه ڀيرا 1980ع ۽ 1985ع ۾ نمائندگي ڪئي. پاڻ 1985ع جي چونڊن ۾ وارهه ضلعي لاڙڪاڻي مان سنڌا سيمبلي جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جي عهدي تي بنا مقابلي چونڊجي هڪ سال تائين رهيو. ان کان پوءِ فيبروري 1986ع ۾ کيس سنڌ ڪابينه ۾ شامل ڪيو ويو ۽ کيس تعليم، قانون، پارلياماني معاملا، ناٽي، ٽرانسپورٽ مڪاني ادارا، ڳوٺاڻي ترقي ۽ رانديون جا کاتا سونپيا ويا. مارچ 1988ع ۾ غوث علي شاهه جي استعيفا کان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جي ڪوٺايل خاص اجلاس ۾ 10 اپريل 1988ع تي واضح اڪثريت سان اختر علي، جي قاضي کي ايوان جو اڳواڻ چونڊيو ويو ۽ ٻئي ڏينهن تي هن وزيراعليٰ جي عهدي جو حلف کنيو. پر سگهوئي 29 مئي 1988ع تي جنرل ضياءَ طرفان اسيمبليون ٽوڙڻ سبب سندس حڪومت ختم ٿي وئي. ليڪن ٽن مهينن کان پوءِ صدر غلام اسحاق کيس ٻيهر 31 آگسٽ 1988ع تي سنڌ جو وزيراعليٰ (نگران) مقرر ڪيو ۽ چونڊن ٿيڻ تائين پاڻ ان عهدي تي رهيو.

اختر هالائي

خليفو محمد عمر المعروف "اختر" هالائي ولد حاجي عبدالرحمان ميمڻ 27 ڊسمبر 1917ع تي هالا نوان ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب، صحافي ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

اختر هالائي جو والد هڪ نيڪ انسان هو، جنهن جي تربيت ۽ توجهه ڪري پاڻ اردو، فارسي، عربي، سنڌي ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين، کيس حڪمت جي به سني ڄاڻ هئي ۽ سندس ذريعه معاش به حڪمت هو، هالا شهر جي مارڪيٽ ۾ "چشمه ڪوثر" جي نالي سان دوا خانو هلائيندو هو. هن دواخاني جو تيار ڪيل شربت "اقرا" پوري سنڌ ۾ مقبول هوندو هو.

اختر هالائي سال 1942ع کان حاجي محمد يعقوب جي رهنمائيءَ ۾ شاعري جي ابتدا ڪئي. سندس ڪلام عشقيه، نعتيه، قومي ۽ مرثيه گوئي جي عنوانن تي مشتمل آهي. شاعري جي سيني صنف ۾ لکيو اٿس، پر غزل سندس پسنديده صنف هئي. پاڻ هر فن مولا شاعر هو، سندس ڪلام ۾ مزاح جو پهلو به آهي ته سنجيدگي به نظر اچي ٿي.

اختر هالائي عالمي ڄاڻ رکندڙ، معاملہ شناس، شيرين بيان ۽ ديانتدار صحافي ۽ نثر نويس پڻ هو، پاڻ ڪافي عرصو هالا جي هفتيوار اخبار "تعمير" جو ايڊيٽر ٿي رهيو، سماجي برايئن خلاف خوب قلم هلايائين. آخر تائين صحافت جي ديانتداري ۽ اصول پرستيءَ کي اعليٰ افضل رکندو آيو. نثر نويسي ۾ کيس ڪمال حاصل هو. سندس مضمون، مقالا ۽ ايڊيٽوريل ادبي لحاظ کان اهم آهن پاڻ محبتي ماڻهو ۽ مجلسن جو مور هو.

اختر هالائي 27 آڪٽوبر 1959ع تي وات ڪري ويو.

آيو مسيح آهي محبت جي لاش تي

"اختر" وري بہ زنده ٿيڻ تو نصيب ٿئي.

ادل سومرو

ڊاڪٽر عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو 15 آگسٽ 1955 تي سکر ۾ پيدا ٿيو. سندس ادبي نالو "ادل سومرو" آهي. پاڻ موجوده دور جو مشهور شاعر ۽ اديب آهي.

ادل سومري 1977ع ۾ ايم اي (اڪنامڪس) فرسٽ ڪلاس ٿرڊ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. 1979ع ۾ ايم اي (سنڌي) فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو ۽ تازو پي ايڇ-ڊي جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي اٿس. پاڻ 1981ع کان ليڪچرار آهي ۽ هن وقت شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ درس و تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ادل سومرو ترقي پسند شاعرن ۾ بلند مقام رکي ٿو. ٻاراڻي ادب جي حوالي سان بہ تمام گهڻو لکيو اٿس. پاڻ سنڌ جي انهن چند وڏن اديبن ۽ شاعرن مان آهي. جن ٻارن لاءِ لکيو آهي. اسان وٽ ناميارا ليکڪ ٻاراڻي ادب طرف گهڻو ڪري توجهہ گهٽ ڏيندا آهن. ليڪن ادل سومرو صاحب 1971ع کان مسلسل ٻاراڻي ادب لاءِ نظم توري نثر ۾ لکندو اچي. سندس هيل تائين ڇهہ ڪتاب شاعري جا ۽ چار نثري ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. تنهن کان سواءِ ڪجهہ ڪتاب ترجمو ۽ ايڊٽ پڻ ڪيا اٿس. سندس لکيل هڪ هزار کان وڌيڪ گيت، غزل، نظم وغيره ۽ هڪ سو کن مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن وغيره ۾ ڇپجي چڪا آهن. ڪيترو ئي ڪلام ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليوزن لاءِ رڪارڊ ٿيل اٿس.

ادل سومرو مختلف علمي ۽ ادبي ادارن ۽ تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهي چڪو آهي. ان کان سواءِ شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جو سينيٽ ميمبر، سگا جو اطلاعات سيڪريٽري، بيدل بيڪس آرٽس ڪائونسل جو نائب صدر ۽ صلاحڪار پڻ آهي. پاڻ بہ سو کان وڌيڪ علمي ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪري چڪو آهي.

سندس ادبي خدمتن جي عيوض کيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. جن ۾ ينگ رائيٽرس گلڊ ايوارڊ 1979ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ايوارڊ 1982ع ۽ 1986ع، عبدالله هارون سڪا گولڊ ميڊل ايوارڊ 1982ع، ڪينجهر اڪيڊمي ايوارڊ 1982ع، سنڌي ادبي سنگت طرفان هري دلگير ايوارڊ 1986ع، سنڌي اسپيڪرس فورم طرفان بهترين شاعر گولڊ ميڊل 1986ع ۽ سچل سرمست ايوارڊ 1999ع شامل آهن.

ڊاڪٽر ادل سومرو صاحب هيٺين ڪتابن جو مصنف آهي.

نظم ۾: روز ڏڏن رابيل (1977ع) چنڊ پسر گولو (1979ع) پتلين جو تماشو (1982ع)، وليون وڻن ڦلاريا (1986ع) پوپٽ جهڙا گيت (1987ع) سمنڊ جاڳي ٿو (1994ع).

نثر ۾: آڇر جا احوال (ڪهاڻيون - 1979 ع) جيتن جي ڪانفرنس (ڪهاڻيون - 1984ع) نيٺن دور جا نوان سبق (1990ع) ۽ اسين مسافر پيار جا (1991ع)

نموني طور سندس ڪلام هيٺ ڏجي ٿو:

ڌرتيءَ جا پوڄاري آهيون، پاڻ سيئي ڏوهاري آهيون،
حاڪم جي هر ڳالهه قبولي، ڪين ٿيا درباري آهيون،
مايوسيءَ جي منڊ ۾ پنهنجي، ديسين لئه دلداري آهيون،
امن پسند انسانن جي لئه، ڪين بڻيا آزاري آهيون،
ڌارين ڪي هيءَ ڌرتي پنهنجي، آڇڻ کان انڪاري آهيون.

ارجن "شاد"

ڊاڪٽر ارجن "شاد" پٽ گوبند رام ميرچنداڻي 17 ڊسمبر 1924ع تي پيدا ٿيو. پاڻ ڀارت جي مقبول سنڌي شاعرن مان هڪ آهي.

ارجن "شاد" جو اصل وطن ته لاڙڪاڻو هو، پر ورهاڱي کان پوءِ لڏي بمبئي هليو ويو، جتي هو سنڌين طرفان قائم ڪيل جئه هند ڪاليج ۾ سنڌي ادب جو پروفيسر ۽ هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ مقرر ٿيو. هن "سنڌي غزل" جي موضوع تي ٿيسز پيش ڪري، بمبئي يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ ساهتيه اڪيڊمي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر رهي، ان جي پاران شايع ٿيندڙ انسائيڪلوپيڊيا لاءِ معلوماتي مواد پڻ لکندو رهيو.

شاد غزل، نظم ۽ ٻين جديد صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن جي حساس طبيعت جتي زندگيءَ جي امرت جا پرپيالا پيش ڪري ٿي، اتي زندگيءَ جي وهه جون وٽيون به آڇي ٿي، ڇاڪاڻ ته زندگي صرف گلن جي سيج نه آهي،

تنهن ڪري هن جي غزل ۾ گل به آهن ته ڪنڊا به آهن، هن جي غزل تي خارجي تاثر ڪافي آهي. شاد جا خيال پرڪشش ۽ ٻولي وڻندڙ آهي، شايع ٿيل سندس ڪتابن مان هيٺيان اهم آهن.

آءُ گسهڻين جو ڳائيندڙ (نظم) ڏاهيون ڏک ڏسن، بيوس ۽ نشون دور (تنقيد) تپسيا جون روشنيون (نظم) ۽ وو لگا جي ڪناري، اخري ڪتاب کي نهرو امن انعام مليل آهي.

ارجن "شاد" جي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو اندازو سندس ٿي هن سٽن مان لڳائي سگهجي ٿو:

سرحد جي پار منهنجي نظر ڪي اڏڻ ڏيو،
اصلي وطن جي پيءَ زمين کي ڏسڻ ڏيو،
هستيءَ جي گمر ٿيڻ جو نه پيدا گمان ٿئي،
منهنجي ڪنن ۾ شاهه جي ٻولي ٻرڻ ڏيو.

استاد بخاري

استاد بخاري جو اصل نالو سيد احمد شاهه بخاري هو، سندس والد جو نالو سيد حاجن شاهه هو. سندس ولادت 16 جنوري 1930ع تي ڳوٺ غلام چانڊيو ضلعي دادو ۾ ٿي. پاڻ ويهين صدي جو سڀ کان وڌيڪ مقبول سنڌي شاعر هو.

استاد بخاري جا وڏا اُچ شريف مان هجرت ڪري سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا هئا، سندس والد ۽ والده ايترو گهڻو پڙهيل ته ڪونه هئا، تنهن هوندي به استاد بخاريءَ جي سٺي تربيت ڪيائون. والد صاحب قصا، ڪهاڻيون ۽ تاريخي ڳالهيون ٻڌائيندو هوس ته والده مذهبي ڳالهيون ٻڌائيندي هيس، جنهن ڪري استاد جي تربيت تي گهڻو اثر رهيو.

استاد بخاري 1944ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري 1947ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1961ع کان 1963ع واري عرصي ۾ خانگي طور مئٽرڪ، انٽر ۽ بي اي جا امتحان لڳاتار پاس ڪيائين. ان کان اڳ اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب فاضل جا امتحان پڻ پاس ڪيا هئائين. 1964ع ۾ استاد بخاري سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) ڪئي، جنهن کان پوءِ 1967ع ۾ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌي شعبي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. اهڙي طرح استاد بخاري لاڙڪاڻي، دادو، سانگهڙ ۽ سيوهڻ جي ڪاليجن ۾ ليڪچرار، اسسٽنٽ پروفيسر رهي آخر ۾ دادو جي ڊگري ڪاليج مان پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

استاد بخاري شاعري جي شروعات 1942ع کان ڪئي. پاڻ ان وقت پنجين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. اسڪول ۾ پڙهڻ دوران ٻين ٻارن سان گڏ قومي ترانو

پڙهندو هو. سندس آواز ۾ مٺاڻ هئي. پاڻ ان وقت جي مشهور شاعرن جا ڪلام ڳائيندو هو. اسڪول جي بند ٿيڻ وقت يا ماني؁ جي موڪل مهل اسڪول جا استاد ڪانئس ڪونه ڪو ڪلام ضرور ٻڌندا هئا، ائين ڪيس شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. پاڻ 1947ع ۾ جڏهن پرائمري استاد ٿيو ته، پنهنجو تخلص به "استاد" رکيائين ۽ پوءِ استاد بخاري جي ادبي نالي سان مشهور ٿيو.

جيئن ته مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته استاد بخاري شاعري جي ابتدا شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪري چڪو هو، ليڪن علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ زور شور سان بهري وٺڻ جو موقعو ڪيس 51-1950ع دوران مليو. جڏهن پاڻ منياٽي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ تربيت حاصل ڪري رهيو هو.

1950ع کان باقاعدگيءَ سان مختلف مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو هو. پوءِ اها "انجمن آفتاب ادب" هجي يا "بزم طالب المولیٰ" "سنڌي ادبي سنگت" هجي يا ريڊيو ۽ ٽي وي جا مشاعرا هجن يا صوفين بزرگن جي ميلن تي ٿيندڙ مشاعرا ۽ محفلون هجن. انهن ۾ پنهنجو خوبصورت ڪلام پيش ڪري استاد، استادن کان به داد حاصل ڪندو رهيو.

استاد بخاري اوائلي دور ۾ صرف غزل ۽ ڪافيون لکندو هو، جيڪي اڪثر ٽماهي رسالي "مهراڻ" ۾ شايع ٿينديون هيون. ان وقت مولاناغلام محمد گرامي صاحب مهراڻ وسيلي سندس اصلاح ۽ تربيت ۽ ڪلام جي اشاعت ۾ حوصلہ افزائي ڪندو رهيو. پوءِ آهستي آهستي سندس شاعري ۾ پختگي ايندي وئي ۽ استاد شعر جي مختلف صنفن جهڙوڪ نظم، وائي، بيت،ڏوهيڙو، قطع، رباعي، ٽيڙو ۽ آزاد نظم وغيره ۾ به طبع آزمائي ڪرڻ لڳو. شعر جي ٻاهرين صنفن جهڙوڪ ترائيل، سانيٽ ۽ هائيڪو ۾ به استاد شعر چيو ۽ اهو ڇپيو.

استاد بخاري سونهن، سچ ۽ پيار جو شاعر آهي، سندس شاعري نج ڳوٺاڻي ٻوليءَ، تشبيهن ۽ استعارن ۾ ٽيل آهي. ڪيس تشبيهن ۽ استعارن جو "بادشاهہ شاعر" چئجي ته، ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. سندس ڪلام خوبصورت تشبيهن ۽ محاورن سان ڀريو پيو آهي. جنهن مان سندس تخليقي قوت ۽ فڪر جي گهرائيءَ جي خبر پوي ٿي.

استاد بخاري جي شاعري عشق ۽ قوميت جو سنگم آهي. استاد جو هٿ هميشہ سنڌي قوم جي نبض تي رهيو، هن جڏهن به ڏٺو ته، ماڻهو مايوسي جي غار ۾ گهلبا ٿا وڃن ته، هن پنهنجي شاعري کي استعمال ڪري ماڻهن ۾ نوان جذبا ۽ اتساهہ پيدا ڪيو. انهن کي پنهنجن حقن وٺڻ لاءِ همٿايو، چوي ٿو:

سون بازار مان ڳنهي ونبو آ،
فيض مرشد کان پني ونبو آ،

جو بہ سمجھو تہ اوھان جو حق آ،
حق مڙسي سان ڇني وٺبو آ.

نياز همايون جي لفظن ۾ تہ "استاد بخاري سنڌ جي محڪوم ۽ مظلوم عوام جي عشق ۾ اينترا شعر لکيا ۽ گيت ڳايا جو ذاتي محبوب لاءِ بہ ايڏي محنت ڪانہ ڪئي هونداءِين."

استاد بخاري کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان بي انتها محبت هئي. هو ان کي عبادت سمجهندو هو جنهن جو اظهار پاڻ هڻ سٽن ۾ ڪيو اٿس:

پڇن ٿا سنڌ ۽ سنڌين جي ڇو تسبيح پيو سورين،
ڇيم هاڻي پڇاڙي آ عبادت جي ضرورت آ.

استاد بخاري ٻارن لاءِ بہ ڪيترائي گيت لکيا آهن جن مان ڪجهہ گيت ڪورس جي ڪتابن ۾ بہ شامل ڪيا ويا آهن.

استاد بخاري جي شاعريءَ جو هڪ پنهنجو انداز آهي، جنهن کي سنڌي ماڻهن جي هر طبقي ڏاڍو پسند ڪيو، سندس شاعري شهرن، ڳوٺن، وستين، واهڻن، ريڊيو، ٽي وي ۽ ڪيسٽن جي دنيا ۾ مشهور آهي. سنڌ جي هر ننڍي وڏي راڳي استاد جا گيت، غزل ڳايا آهن. گهڻا فنڪار تہ استاد جا ڪلام ڳائڻ ڪري مشهور ٿيا. سندس شاعري جون ڪيترين ئي سٽون سنڌ ۾ محاورن طور استعمال ٿين ٿيون. سنڌ جو اهو فنڪشن ڪهڙو، اها محفل ڪهڙي؟ جنهن ۾ راڳ رنگ ٿئي ۽ شاهہ لطيف ۽ استاد بخاري جو ڪلام شامل نہ هجي. لطيف سائين کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪنهن شاعر عوامي مقبوليت ماڻي آهي تہ اهو استاد بخاري آهي، جڏهن تہ شيخ اياز کي لطيف سائين کان پوءِ سنڌ جو وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو، ليڪن شيخ اياز جي ٻولي ۽ انداز بيان ڪجهہ اهڙو رهيو جو ان جي شاعري کي اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل طبقو آساني سان نٿو سمجهي سگهي. ان ڪري عام ماڻهو ۾ استاد بخاري وڌيڪ مقبول آهي.

استاد بخاري جي شاعري جا مجموعا ڪوڙ سارا ڇپيل آهن، جيڪي گهڻا تڻا سندس حياتي ۾ ئي ڇپيا، انهن مان ڪجهہ ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

گيت اسان جا جيت اسان جي (هي سندس پهرين مجموع ڪلام هو جيڪو 1971ع ۾ ڇپيو) گيت گلابي ٻارن جا، اوتون جوتون، لهر لهر دريا، ڪوڪڻ يا ڪلياڻ، سوچن پٽڪا واڪا، ڪاري ڪڪر هيٺ، ذرتي سرتي، زندگي اوزندگي، ميلا ملهالا، نہ ڪر نبريو نہ غم نبريو، وغيره.

سندس بيهہ ڪافي اهڙو ڪلام جيڪو شعري مجموعن ۾ ڇپجي نہ سگهيو آهي. اهو مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهي. ان کي گڏ ڪري ڇپائڻ جي ضرورت آهي.

استاد بخاري کي ڪينسر جهڙو موذي مرض ٿي پيو. پاڻ ان جي علاج لاءِ هڪ دفعو ٻاهر به ويو هو، ليڪن موت اڻ ٽر آهي، سو 9 آڪٽوبر 1992ع تي رات جو ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ سندس انتقال ٿيو.

استاد بخاري ته ويندو رهيو، پر سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي لاڪيٽي ۽ لازوال شاعري سان مالامال ڪري ويو. پاڻ ته خالي هٿين هتان هليو ويو، ليڪن خيالن جا ڪيتي خال پري وڃي پار پيو. سندس شاعري سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سنڌين جي ورونهن آهي.

سندس خوبصورت شاعري جون چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

جي مون روئي ڏنو ته مرڪي ڏنائين،
ڦٽن تي انين لوڻ ٻرڪي ڏنائين،
سڄي زندگي ۾ ڪري قربداري،
اڌورو دلاسو به ڪر ڪي ڏنائين،
سڏي واٽ ويندن کي پيارينائين ڊوءَ تي،
مون [illegible] ڪيون پر نه سُرڪي ڏنائين.

اسحاق "راهي"

محمد اسحاق "راهي" ولد محمد صالح سومرو 9 اپريل 1935ع تي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي.

اسحاق "راهي" مئٽرڪ تائين تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪئي. غريبي حال سبب وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو ۽ پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ايگريڪلچر کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جي حيثيت سان ڪيائين.

اسحاق "راهي" علم ۽ ادب جي گلشن جو ٽڙندڙ هڪ اهڙو گل هو، جنهن پنهنجي خوشبوءِ سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ واسي ڇڏي. پاڻ جڏهن پڙهندو هو ته پرائمري ۽ سيڪنڊري ۾ غلام محمد گرامي ۽ م ن محزون سندس استاد رهي چڪا هئا. جن جي تربيت ۽ ترغيب سان راهي صاحب ادب ۽ شاعري ڏانهن مائل ٿيو. هن صاحب "راهي" جي تخلص سان شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، پر غزل سندس محبوب صنف هئي. سندس شاعري فني، فڪري توڙي تخيل جي خوبين سان سرشار آهي. پاڻ مشاعرن جو مور هو. سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شرڪت ڪري، پنهنجو نڪور ڪلام پيش ڪري داد حاصل ڪندو هو. سندس ڪلام جا ڪجهه مجموعا ڇپيل آهن، جن ۾ "مجموع غزل" "رباعيات راهي" ۽ "وڻجارا" شامل آهن. سندس ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب "گلدستو" پڻ مليو ٿو. سندس ڪلام نئين زندگي، مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ گهڻي تعداد ۾ ڇپيل آهي. مجتا طور ڪيس ڪيترائي اعزاز، سندون ۽ انعام پڻ مليا.

هي پلوڙ شاعر 6 جون 1994ع تي گذاري ويو، سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

وچن ٿا يار اڄ محفل مان يارن کي تہ سمجهايو،
بهارون موڪلائن ٿيون بهارن کي تہ سمجهايو،
گلن جي آرزو خاطر چمن ۾ پير پاتو مون،
لڙن ٿا خار دامن سان خارن کي تہ سمجهايو
سهارن جي سهاري تي گهڙيس بحر تلاطم ۾،
ڪنارا ٿا ڪنارا ڪن ڪنارن کي تہ سمجهايو،
فلڪ وارا بہ رخنو ٿي پيا آرام ۾ "راهي"،
ڦٽائين ننڊ ٿا منهنجي ستارن کي تہ سمجهايو.

اسدالله شاهہ "فدا"

علامہ حاجي اسدالله شاهہ "فدا" ولد سيد الهہ بخش شاهہ ٽکڙائي 30نومبر 1868ع تي ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو، پاڻ مشهور قومي ڪارڪن، اديب، شاعر ۽ عالم ٿي گذريو آهي.

اسدالله شاهہ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. سنڌي فارسي ۽ عربي پڙهڻ پوءِ "شيخ الهند" مولانا محمود الحسن ديوبندي وٽ وڃي علم جي تحصيل ڪيائين. سندس پهريون استاد حافظ محمد يوسف هو، جنهن وٽ نون مهينن جي قليل عرصي ۾ قرآن شريف ياد ڪيائين. فقہ، حديث ۽ طب ۾ ڪيس چڱي مهارت حاصل هئي. طب ۾ سندس استاد ميران محمد شاهہ اول (وفات 1892ع) هو. ٽکڙ ۾ سندس عاليشان دواخانو هو، وقت جي حالتن آهر وٽس بهترين ڪتب خانو هو. جنهن ۾ هزارين ناياب ۽ معلوماتي ڪتاب موجود هئا، جيڪي پوءِ بي توجهي ڪري اڌوهي جي نظر ٿي ويا.

اسدالله شاهہ سياست ۾ڀڻ ڀرپور حصو ورتو، سندس ٿي واويلا ڪرڻ تي برصغير ۾ "خلافت تحرڪ" هلي هئي. هن سڀ کان اول مولانا محمد علي ۽ شوڪت علي جي موجودگيءَ ۾ هو مسنيد هال حيدرآباد ۾ هڪ ڪانفرنس ۾ پٽڪو لاهي ماتم ڪيو ۽ زور ڏنو تہ هندستان ۾ خلافت تحريڪ شروع ڪرڻ گهرجي، آخر ڪاربرصغير ۾ اها تحريڪ هلي، جنهن ۾ پاڻ نهايت جوش و خروش سان حصو ورتائين. سنڌ ۾ خلافت تحريڪ کي زور وٺرائڻ ۾ شاهہ صاحب اهم ڪردار ادا ڪيو. خوش قسمتيءَ سان کيس نور محمد وڪيل، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير غلام مجدد سرهندي ۽ عبدالجبار وڪيل جهڙا مخلص ۽ بي لوث نوجوان ڪارڪن ملي ويا. جن سان گڏجي سجي سنڌ جو دورو ڪري

مسلمانن کي بيدار ڪيو. سندس علم و فيض کي ڏسي، ڪيس مسلمانن طرفان "حيدرآباد جو قاضي" مقرر ڪيو ويو.اسدالله شاھ "فدا" ھڪ سنو شاعر، نثر نويس ۽ صحافي پڻ ھو. ھن ٽکڙ مان ماھوار رسالو "بھار اخلاق" جاري ڪيو، جنھن جو ايڊيٽر بہ پاڻ ھو. ھن ڪيترائي ناياب ڪتاب لکيا. ھن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل شاھ جي رسالي تي تحقيق جي روشني ۾ عالمانہ تنقيد ڪئي. پاڻ قدر الڪلام شاعر ھو. فارسي ۾ پڻ سٺا شعر چوندو ھو. سندس شعر ۾ نصيحت سان گڏ عشق جي چاشني بہ موجود آھي.

اسدالله شاھ "فدا" 10 فيبروري 1926ع تي وفات ڪئي.

آھيان ڪشنـــــــــــ تڏھن ٿـــــا ناز مـــــان ڊوڙبو اچن
لطف سان مون ڏي "فدا" اھي ڏس سڳان ڪوءِ دوست.

اسدالله شاھ "بيخود" حسيني

ڊاڪٽر اسدالله شاھ "بيخود" حسيني ولد سيدالله بخش شاھ 12 اپريل 1931ع تي ڳوٺ ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشھور شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آھي.

ڊاڪٽر اسدالله شاھ مشرقي ۽ مغربي علمن جي تحصيل ۽ تڪميل جي سلسلي ۾ سنڌ ۽ انگلينڊ جي علمي ادارن کان مستفيد ٿيو. سنڌ يونيورسٽي مان بي اي 1957ع ۾ پاس ڪري، ساڳئي سال لنڊن روانو ٿيو. اتي لنڊن يونيورسٽي ۾ سنڌيءَ جو ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ٿيو ۽ بي اي (آنرس) بہ ڪيائين. شاھ صاحب ڊاڪٽريٽ جي امتيازي ڊگري ڪيمبرج يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. جنھن لاءِ سندس مقالي جو عنوان ھو "ايران ۾ تيمور دور ۾ مذھبي طبقن جو معاشري ۽ سياست تي اثر."

ڊاڪٽر صاحب 1960ع ۾ واپس وطن آيو. پاڻ ھتي سنڌ يونيورسٽيءَ سان وابستہ رھيو ۽ فارسيءَ واري شعبي ۾ ليڪچرار ٿي رھيو.

ادبي دنيا ۾ ڊاڪٽر صاحب 1953ع ۾ پير پاتو. شاعري جي حوالي سان پھريائين مولانا غلام محمد گرامي صاحب سندس رھنمائي ڪئي ۽ پوءِ سائين مخدوم طالب المولىٰ صاحب جي صحبت نصيب ٿيس جنھن ۾ رچي ريٽو ٿيو. شاھ صاحب غزل، نظم، آزاد نظم، رباعي، قطعا، ڪافي ۽ بيت وغيرہ تي طبع آزمائي ڪئي آھي. سندس ڪلام پختو ۽ شرين آھي. سندس ڪلام تي زندگيءَ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تجسس ۽ تلاش جو عنصر غالب آھي. سندس ڪافيون سريليون آھن ۽ بيت محبت آفرين جذبات جي پيداوار آھن.

ڊاڪٽر حسيني اعلىٰ پايي جو نثر نويس پڻ ھو. لطيف سائين جي فن ۽ فلسفي جي تشريح جي سلسلي ۾ لکيل سندس مضمون زبان جي سلاست ۽

انداز بيان جي لحاظ کان سنڌي نثر ۾ خاص اهميت رکن ٿا. جهڙوڪ، شاهه جي سسئي، شاهه جي سهڻي، شاهه جي مومل ۽ شاهه جي مارئي وغيره.

ڪيس خاڪه تي پڻ مهارت حاصل هئي. ان سلسلي ۾ "منهنجا آشنا اديب" جي عنوان تي اهڙا ته دلڪش خاڪا لکيا اٿس جو پڙهندڙ جي اڳيان شخصيت کي هوبهو بيهاري ڇڏيو آهي. ان کان علاوه هيٺيان ڪتاب سندس تصنيف ۽ تاليف ڪيل آهن.

پيغام غمگسار عرف حافظ شاهه جو ڪلام (1954ع)، تذڪره شعراءِ ٺٽڪ (1959)، تاريخ جو فلسفو (ابن خلدون جي مقدمي جو انگريزيءَ تان ترجمو 1966)، ڪليات دلگير (ترتيب 1968ع) ۽ يادگار لطيف وغيره.

ڊاڪٽر اسدالله شاهه "بيخود" حسيني 24 جولاءِ 1981ع تي هيءَ فاني دنيا ڇڏي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

رئڻ ۾ رات ٿي گذري ڏکن ۾ ڏينهن ٿو گذري،
نئين سج نينهن وارن لئه نئون ڪو سور ٿو نسري،
پلي پيو ظلم ڪر جاني پلي نيڻن جون هڻ نوڪون،
مجال آهي اسان جي وات مان پلجي به ڪا اف نڪري.

اسد بيگ "اسد" مرزا

مرزا اسد بيگ "اسد" ولد مرزا قليچ بيگ 18 سيپٽمبر 1913ع تي ٽنڊو نوڙهو حيدرآباد ۾ ڄائو، پاڻ عمدو شاعر ۽ نثر نويس هو.

مرزا اسد بيگ ابتدائي تعليم ميونسپل اسڪول ٽنڊي نوڙهو مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪئي. 1934ع کان سرڪاري نوڪري ۾ لڳو ۽ سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽي ۾ مختلف عهدن تي ڪم ڪندي 1970ع ۾ رٽائر ٿيو.

مرزا اسد بيگ جي پرورش "شمس العلماءُ" مرزا قليچ بيگ جهڙي عظيم پيءُ جي گود ۾ ٿي، ان ڪري علم ۽ ادب ڪيس ورثي ۾ مليو. پاڻ هڪ اهلِ علم، باذوق، ديندار ۽ نيڪ سيرت انسان هو. شاعري ۾ استاد خود سندس والد محترم هئس سندس ڪلام پختو، سادو، رنگين ۽ نمڪين آهي. زبان آسان ۽ وڻندڙ استعمال ڪئي اٿس. حمد، نعت، منقبت، غزل، نظم، قطعا ۽ ڪافيون چيون اٿس.

مرزا صاحب ڪيترائي نصابي ڪتاب لکيا جيڪي بمبئي يونيورسٽي طرفان منظور ٿيل هئا. ان کان سواءِ ڪو آپريٽو ڊراما ۽ ڊائلاگ ۽ "ديوان قاسم" جي ترتيب وارا سندس ڪتاب اچي وڃن ٿا. ديوان قاسم سنڌي ادب ۾ خاص اهميت رکي ٿو. خاص طور ان جو علمي مقدمو هڪ ادبي سوکڙي آهي.

ان کان سواءِ سندس ڪتاب "عجيب جواهر" ۽ "ڪلام قليچ" شايع ٿيل آهن. پاڻ ماهنامه "قليچ" جو ايڊيٽر به ٿي رهيو.

آگسٽ 1970ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر جي تمثيلي مشاعري ۾ مرزا اسد بيگ پنهنجي والد مرزا قليچ بيگ جو پارٽ ادا ڪيو، جيڪو سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. اهڙو پارٽ 31 ڊسمبر 1981ع تي سنڌي ڊرامي جي سو ساله جشن جي موقعي تي ٿيل تمثيلي مشاعري ۾ پڻ ادا ڪيو هو.

مرزا صاحب 1980ع ۽ 1981ع ۾ پهرين ۽ ٻي ڪل پاڪستان اهلِ قلم ڪانفرنس اسلام آباد ۾ شريڪ رهيو. 1986ع ۾ کيس پراونشل ايجوڪيشنل ڪائونسل ۾ ميمبر طور کنيو ويو.

مرزا اسد بيگ "اسد" 10 اپريل 1990ع تي دماغ جي رڳ ڦاٽڻ سبب ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو. کيس حيدرآباد ۾ سندس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

شغل تنهنجي ياد ۾ منهنجو هي صبح و شام ٿيو،
ورد مون کي برزبان تنهنجو هي منڙو نام ٿيو.

اشرف عباسي بيگم

بيگم اشرف عباسي ڌيءُ حڪيم سعيد خان 2 جنوري 1925ع تي ڳوٺ وليد لڳ لاڙڪاڻي ۾ ڄائي. پاڻ پاڪستان جي مشهور سياسي شخصيت آهي.

ڊاڪٽر بيگم اشرف عباسي تيرهن سالن جي عمر ۾ سن 1938ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيو ۽ سنڌ مان پهريون نمبر آئي. 1953ع ۾ ڊوميڊيڪل ڪاليج ڪراچي مان ايم بي بي ايس جو امتحان پهريون نمبر ۾ اچي پاس ڪيائين. جنهن کان پوءِ پنج سال سرڪاري ملازمت ۾ رهڻ بعد استعيفا ڏيئي سياست جي ميدان ۾ وارد ٿي.

ڊاڪٽر صاحبه اپوا ۽ ٻين عورتن جي تنظيمن سان وابسته رهي آهي. 1965ع ۾ پاڻ اولهه پاڪستان اسيمبلي جي لاءِ ميمبر چونڊجي وئي. اسيمبلي جي اندر پاڻ کي بهترين پارليامينٽرين ثابت ڪيائين جنهن کان پوءِ هر پيري چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندي رهي آهي. پاڻ شروع کان وٺي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان وابسته رهي آهي. ٻه پيرا (1970ع ۽ 1988ع) ۾ قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ٿي رهي آهي. پاڻ اسيمبليءَ جي ڪاروائي نهايت ئي ذهانت ۽ هوشياريءَ سان هلائيندي هئي. پاڻ سنڌ جي صوبائي وزير صحت ۽ مڪاني ادارا پڻ ٿي رهي آهي. 1977ع ۾ مارشل لا دور ۾ گرفتار به ٿي هئي. هن ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا آهن، شام جي اسپيڪر جي خاص دعوت تي دمشق به

وٺي هئي، حج جي سعادت به حاصل ڪري چڪي آهي. پاڻ فصيح ۽ بليغ انگريزي ۾ تقرير ڪرڻ تي عبور رکي ٿي. ڊاڪٽري جي شعبي ۾ پڻ وڏي مهارت رکي ٿي. سندس خاوند جو نالو حاجي خان محمد عباسي هو، جيڪو 1965ع ۾ هڪ ائڪسيڊنٽ ۾ انتقال ڪري ويو سندس پٽ حاجي منور علي عباسي پڻ سياست ڪري ٿو.

اظهر ربلائي، پير

پير علي محمد "اظهر" ولد پير ڪريم ڏنو صديقي قريشي ربلائي 10 اپريل 1923ع تي درگاهه پير رڪيل ربلائي ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو شاعر، محقق ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

اظهر ربلائي ڏهن سالن تائين عربي، فارسي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪئي. پرائمري تعليم لاءِ اسڪول ڪيڙو ۾ داخلا ورتائين. سال 1938ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪري 1939ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ مئي 1982ع ۾ رٽائر ڪيائين.

اظهر ربلائي کي شاعري جو شوق 1942ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ احمد خان "آصف" مصرائي جي صحبت ۾ ٿيو. شاعري ۾ استاد مرحوم جمع خان "غريب" کي ورتائين، هن نظم جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪرڻ سان گڏوگڏ نثر ۾ پڻ ڪيترائي مقالا، تاريخي، تحقيقاتي ڪتاب ۽ دادو ضلعي جي جاگرافي لکي. پاڻ "بزم طالب المولىٰ" جو بنياد وجهندڙن مان هو. مخدوم طالب المولىٰ سان والهانه عقيدت رکندو هو. ڪيس سائين طالب المولىٰ وٽان سندس ادبي حسن ڪارڪردگي تي چانديءَ جو تمغو ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ عطا ٿيو.

پير علي محمد "اظهر" ربلائي 21 فيبرروي 1985ع تي انتقال ڪيو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پيڻ وارا ٿين پيدا ته ميخانه به چو نه آهن،
صراحيون ۽ آهي ساقي سي پيمانه به چو نه آهن،
ڪڏي ڪوري قلب جي ڪس اچي پن روح کي راحت،
اهي قصا ڪهاڻيون ۽ سي افسانه به چو نه آهن،
گذاريون راتيون جون راتيون رندن رهاڻين ۾،
تئي ٿي شمع جي روشن ته پروانا به چو نه آهن.

اظهر گيلاني

سيد انور علي شاهه "اظهر" ولد سيد اصغر علي شاهه 11 آڪٽوبر 1915ع تي پنهنجي ناناڻي ڳوٺ لعلو واري تعلقي ۽ ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا

ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب، صحافي ۽ موسيقي جو پارکو آهي.

سيد اظهر گيلاني قرآن شريف جو درس آخوند بخش علي رڪ ۽ استاد بدي چانديي کان ورتو. سنڌي محمد رمضان خان "احقر" ۽ ماستر ربڏنو خان ملڪ وٽ پڙهيو، فارسي جا سبق مولوي موسيٰ شاهه گيلاني ۽ مائي ياني کان ورتائين انگريزي ر، هڙي، پنو عاقل ۽ گهوٽڪي جي اسڪولن ۾ پڙهيو، جنهن جو نتيجو نان مئٽرڪ نڪتو.

سيد اظهر گيلاني جي خاندان جا صوبي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ هزارين مريد ۽ عقيدتمند موجود آهن، هو جيڪڏهن پاڻ چاهي ها ته اهو پيري مريدي وارو سلسلو جاري رکي، پنهنجي عمر نهايت عيش و آرام سان بسر ڪري پئي سگهيو، پر هن بااصول، خوددار ۽ محنتي انسان ان پيري مريدي واري ڪاروبار کي غيرشرعي فعل سمجهي ان کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري، پنهنجي سڄي عمر قلمي پورهي ۾ گذاري ڇڏي ۽ صحافت جهڙو معزز پرمحنت طلب ۽ اوکو پيشو اختيار ڪيو. شاهه صاحب هن پيشي ۾ صداقت، ايمانداري، خودداري ۽ همٿ جو جيڪو مظاهرو ڪيو، ان جو مثال نٿو ملي، هن پنهنجي اخبارن وسيلي مظلوم طبقي سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف ۽ راشي آفيسرن، ظالم زميندارن ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن جي ڪڌن ڪرتوتن کي نهايت بي ڊپي سان وائکو ڪيو. جنهنڪري ڪيترائي آفيسر ۽ وڏيرا سندس خلاف ٿي بيٺا. جن مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي، ڪيئن ڀيرا ڪيس جيل ۾ وجهرايو، قاتلانه حملا ڪرايا ۽ مختلف طريقن سان کيس ڊيڄاريو ڌمڪايو، پر هي بهادر ۽ اصول پرست انسان اڄ تائين سواءِ خدا جي ڪنهن جي اڳيان گردن خم نه ٿي سگهيو آهي. سندس حق گوئي جو اهو عالم آهي جو ڪنهن ننڍڙي مسئلي تي وقت جي حاڪم کي به سچ چوڻ کان نه مڙندو آهي، هڪ ڀيري اخبار "ذوالفقار" ۾ اها خبر ڇاپيائين ته "جنرل ضياءَ" جوُن ميجون اسلام جي منافي آهن" هن خبر ڇپجڻ تي جنرل ضياءَ طرفان کيس شوڪاز نوٽيس مليو ۽ ٽن هنڌن تي مٿس ڪيس داخل ٿي ويا. انهن مان هڪ ڪيس پنڊي ۾ به داخل ٿيو، هن پنهنجي خبر جي تائيد ۾ حديث نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جا فوٽو اسٽيٽ وٺي ڏهن صفحن تي شوڪاز جو جواب ڏنو، باقي ڪيس مسلسل چار سال جدا جدا ڪورٽن ۾ هلندا رهيا، جنهن ڪري کيس ڪافي ذهني پريشاني سان گڏ وقت ۽ پئسي جو نقصان رسيو.

اظهر صاحب 1938ع کان وٺي اڄ تائين انن اخبارن سان وابسته رهيو. جن ۾ هفت روزه "عالمگير" لاڙڪاڻو، روزنامہ "قرباني" ڪراچي، "ذوالفقار" اردو ۽ سنڌي سکر ۽ گهوٽڪي "افلاطون" سکر، "سقراط" سکر، "پڙاڏو" خيرپور ميرس، "جاويد" خيرپور ميرس ۽ "سچ" سکر شامل آهن. سنڌس ڪوشش سان 8 ڊسمبر 1953ع تي "انجمن مديران جرائد سنڌ" جو بنياد نوابشاهه ۾

پيو، جنهن جو مقصد هو هفتيوار اخبارن کي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ.

اظهر گيلاني صاحب نظم ۽ نثر جي الڳ الڳ ٻن سون ڪتابن جو مصنف آهي. هن 1952ع ۾ گهوٽڪي ۾ "قصرالادب" جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو، جنهن هن وقت تائين ڪافي ڪتاب شايع ڪيا آهن.

شاهه صاحب 1928ع کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ "اظهر" جي تخلص سان هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. شاعري ۾ سندس استاد مشهور قادرالڪلام شاعر علامه محمد هدايت علي "تارڪ" هئو. "غمدل فقير" سان پڻ سندس رهاڻيون ٿينديون هيون. اظهر صاحب مذهب اسلام جي جعفري طريقي جو پيروڪار آهي. 1962ع کان جمالياتي شاعري کان منهن موڙي شان اهلبيت ۾ لکندو رهي ٿو. تنهنڪري "شاعر اهلبيت" ڪوٺائي ٿو. پاڻ وڏي عرصي کان "جمعيت الشعراء سنڌ" جو پهريان جنرل سيڪريٽري ۽ بعد صدر ٿي رهيو آهي. سندس ڪيترائي شاگرد اڄ جا بهترين شاعر آهن. برصغير جي پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" جا گانا لکڻ جو اعزاز پڻ اظهر صاحب کي حاصل آهي. پاڻ پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جو سنڌي ڪلام 1936ع کان ٻه سال لڳاتار دهلي ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيندو رهيو. سندس ڪلام ڪيترن ئي قديم توڙي جديد ڳائڻ ڳايو آهي.

اظهر گيلاني کي موسيقي سان به وڏو چاهه رهيو آهي نامور ڪلاڪارن سان سندس صحبت رهي آهي. پاڻ مختلف رڪارڊنگ ڪمپنين کان علاوه ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي پڻ ڪم ڪري چڪو آهي. پاڻ مختلف ملڪن جي سياحت ڪري چڪو آهي. ڪافي جماعتن سان سندس وابستگي رهي آهي. سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

آواز عشق (1940)، سخن بينظير (1947ع)، دفتر غم (1964ع)، محشر خيال (1987ع) پاڪ مشغلہ.

آغوش محمد- سلام ونوحاجات(1985ع)، ڪورٽ کا جيل تائين (1981ع)، مقصد حسين (1968ع)، اندر رت ريلا (1986)، دل جون ڳالهيون (1955ع)، ڪربلا جو ڪوس (1960ع)، قصيو ڪربلا جو (1987ع)، معجزه سيده (1977ع)، حق جو هوڪو (1991)، جان سجاڻ (1969ع)، سهر عوامي عدالت ۾ (1988ع)، سڪر، سڪر آهي، سيني سڪان ساريان (1999ع آتم ڪهاڻي) وغيره. سندس ڪلام جو نمونو پڻ هيٺ ڏجي ٿو.

قدم قرب وارا ڪٿي آ ڪٿي آ،
سجڻ سڪ مٺن جي گهٽي آ گهٽي آ،
ڪليا زلف تنهنجا معطر ٿيو عالم،
هوا ڏيندي رهندي ڦٽي آ ڦٽي آ.

افضل قادري

افضل قادري ولد حافظ احمد محمد 15 آگسٽ 1941ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ڀلوڙ شاعر ٿي گذريو آهي.

افضل قادري جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو ان ڪري انٽر ميڊيئيٽ تائين تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ويهن سالن جي ڄمار ۾ سرڪاري نوڪري کي لڳي ويو ۽ آخر تائين جانورن جي اسپتال ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ رهيو.

افضل قادري زندگيءَ ۾ ڪيئن لاهاچاڙها ڏٺا، پر هميشہ محبت، محنت ۽ مڙسي هن جي زندگيءَ جا اصول رهيا. حساس دل نڌڻپڻ ڪان ئي هو، ان ڪري اندر جي اڌمن ۽ جذبن جو اظهار شاعريءَ جي روپ ۾ ڪيائين. سندس شاعري جو پهريون مجموعو "ٻريا رنگ رتول" 8 مئي 1977ع تي پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي طرفان شايع ٿير. سندس ڪلام جو ٻيو مجموعو ترتيب ڏياري ڇپائي لاءِ تيار ڪيائين، پر موت مهلت نہ ڏنس ۽ اهو ڪتاب اڄ تائين شايع نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن جو نالو "احتجاج" تجويز ڪيو هئائين.

افضل هڪ سچو فنڪار ۽ شاعر هو، سندس ڪلهہ جا لکيل شعر اڄ جا شعر آهن، وقت جا شعر آهن. هن جي شاعري ۾ دائمي قدر هئا. اڄ جا ۽ وقت جا قدر هئا.

قومي ۽ سماجي جبر، ڏاڍ ۽ رسمن خلاف سچ لکندڙ ۽ سچ چوندڙ شاعر افضل قادري ڦڦڙن جي ڪينسر سبب 12 مئي 1990ع تي لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو.

ساٿيو! هر لفظ منهنجو سچ جو پيغام آ،
فڪر سان شامل عمل منهنجو رهيو ايمان آ.

اڪرم انصاري، پروفيسر

پروفيسر محمد اڪرم ولد عبدالخالق انصاري پهرين جنوري 1925ع تي ڄائو. سندس اباڻو ڳوٺ ٻوڙڙي ضلعو دادو آهي. پاڻ مشهور اديب، مقرر ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي.

پروفيسر اڪرم انصاري مئٽرڪ جو امتحان 1942ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. بي اي (آنرس) 1946ع ۾ ۽ ايم اي (انگريزي) 1948ع ۾ ڪئي. پاڻ 1946ع کان 1950ع تائين ايس ايم ڪاليج ڪراچي ۾ انگريزي جو استاد ٿي رهيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ انگيزي جو پروفيسر ۽ مختلف ڪاليجن جو پرنسپال ٿي رهيو. 1973ع ۾ کيس ڊائريڪٽر آف ڪاليجز حيدرآباد ريجن بڻايو ويو. آخر ۾ چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي عهدي تان رٽائر ڪيائين، پاڻ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو

ميمبر به ٿي رهيو هو.

انصاري صاحب انگريزي ادب جو استاد هو ۽ انگريزي ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي، هو ڏاڍي رواني‌ءَ سان تقرير ڪندو هو. هن شاهه صاحب جي شعر کي سمجهڻ لاءِ قرآن حڪيم ۽ اسلامي اقدار جو پلي‌ءَ پت مطالعو ڪيو هو. سندس خاص ڪارنامو اهو آهي جو هن لطيفيات تي انگريزي ٻولي‌ءَ ۾ ڪتاب لکي، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي‌ءَ جي پيغام کي دنيا ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪان سواءِ هن ڪيترائي مضمون لکي شاهه صاحب جي رسالي جي مختلف سرن جو فڪر ۽ فلسفو بيان ڪيو آهي. هن شاهه جي انهن علامتن جو گهرو مطالعو ڪيو هو، جن جو ڀاڻي‌ءَ جي وهڪري ۽ پاڻي‌ءَ سان تعلق آهي. پاڻ هيٺين ڪتابن جو ليکڪ آهي.

"Latif and the modern world", Latifs, Philosophy of integration as expressed in yaman Kalyan, "Symbolism in lafis poetry" "Story of Philosophy by wil durant سرڪنيات ۽ قراني تعليم- لطيف (شخصيات) .

پروفيسر محمد اڪرم انصاري 31 ڊسمبر 1985ع تي وفات ڪري ويو.

الاهي بخش ڀانيڙ

الاهي بخش ولد محبت خان ڀانيڙ پهرين جون 1959ع تي ڳوٺ نير وارو تعلقي ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور براڊ ڪاسٽر ۽ ليکڪ آهي.

الاهي بخش ڀانيڙ مئٽرڪ 1975ع ۾، بي اي (آنرس) 1980ع ۾ پاس ڪئي. 1983ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) جي ڊگري حاصل ڪئي. ساڳئي سال جي آخر ۾ ڪيس ريڊيو پاڪستان جو پروڊيوسر مقرر ڪيو ويو. اسلام آباد ۾ ڪجهه مهينن جي ٽريننگ ڪان پوءِ پهرين اپريل 1984ع ڪان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي باقاعدي ڪم ڪرڻ لڳو. 1991ع ۾ ڪيس سينئر پروڊيوسر بڻائي ريڊيو پاڪستان خيرپور موڪليو ويو ۽ هن وقت حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي بطور سينيئر پروڊيوسر پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڀانيڙ صاحب نهايت محنتي ۽ باصلاحيت پروڊيوسر آهي، هن ٿوري وقت ۾ تمام سٺا پروگرام پيش ڪري ٻڌندڙن جون دليون کٽي ورتيون آهن. هن ريڊيو جي مختلف شعبن ۾ رهي، تمام وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. اڄ جي ڊش اينٽينا واري دور ۾ ريڊيو جي وقار کي قائم دائم رکڻ لاءِ جيڪي براڊڪاسٽر رات ڏينهن هڪ ڪري، ڀرپور محنت ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڀانيڙ صاحب جو نالو پڻ شامل آهي. سندس پيشڪش ۾ ڪيترائي پروگرام مقبوليت ماڻي چڪا آهن. جهڙوڪ، ٻارڙن جي ٻاري، سگهڙين سٿ، سرهي سانجهه،

سپ رنگ، مارن لاءِ، سڳنڌ، صبح مهراڻ وغيره.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور معلوماتي پروگرام ”لوچين سپ لهن“ کي عروج تي پهچائڻ وارو سهرو پڻ بانيهڻ صاحب جي سرتي آهي. سندس ذاتي دلچسپي سبب هن پروگرام ۾ معياري سوال ڏئي، ٻڌندڙن ۾ ذهني چٽاڀيٽيءَ جو شعور ۽ مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن پڙهڻ جي جاڳرتا پيدا ڪئي وڃي ٿي. جنهن ڪري هيءُ پروگرام هڪ تعليمي اداري جو ڪم ڏئي رهيو آهي. ڪيترائي ٻڌندڙ هن پروگرام ۾ حصو وٺڻ ڪان پوءِ پنهنجي علمي ۽ ادبي لياقت ۾ مثالي اضافو ڪري چڪا آهن. ريڊيو پاڪستان تان سپ کان وڏيڪ عرصي تائين مسلسل نشر ٿيندڙ سنڌي ڪوئز پروگرام ”لوچين سپ لهن“ جو بانيهڻ صاحب سالن جا سال پروڊيوسر ٿي رهيو آهي. هن صاحب ڪيترن ئي ٻڌندڙن جا انٽرويو هن پروگرام ۾ نشر ڪري ٻڌندڙن جي همت افزائي به ڪئي آهي ۽ منجهن اهو احساس بحال ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي ته، ريڊيو واقعي هڪ عوامي ادارو آهي ۽ ان ۾ عام ماڻهو جو به حصو آهي. هن پروگرام ۾ سنڌ جي مختلف شهرن، ڳوٺن، ماڳن، مڪانن جو تعارف نشر ڪري ٻڌندڙن کي سڄي سنڌ متعلق ڄاڻ ڏني وڃي ٿي.

الاهي بخش بانيهڻ خوبصورت آواز جو مالڪ آهي. سندس انداز بيان نهايت باجهارو ۽ پرتاثير آهي جنهن ڪري ريڊيو جي پروگرامن ۾ پاڻ ڪمپيئرنگ ڪندي به سٺو لڳندو آهي، ڪيس ادب سان پڻ چاهه آهي. هن شاعري به ڪئي آهي ته ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون آهن. سندس لکڻيون عبرت، آفتاب، هلال پاڪستان ۽ مهراڻ اخبارن ۾ ڇپيل آهن. سندس هڪ ڪتاب ”ڪانون جي ڪاهه“ ڇپيل آهي، جيڪو ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين تي مشتمل آهي.

الاهي بخش بانيهڻ دوستيءَ جو وڏو حلقو رکندڙ، پروقار شخصيت جو مالڪ، قربائتو ۽ ڪل مک انسان آهي. سندس اها وڏي خوبي آهي جو ريڊيو جي هر ٻڌندڙ لاءِ وٽس پيار محبت ۽ عزت آهي. وٽس وڃڻ ڪان پوءِ سندس رس ڀري ڪچهريءَ مان اٿڻ تي دل نه چوندي آهي.

ريڊيو پاڪستان جي حوالي سان ڪيل خدمتن جي عيوض بانيهڻ صاحب کي ڪيترائي ايوارڊ مليل آهن، جهڙوڪ فيبروري 1988ع تي سنڌ يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيل ”بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس“ ۾ بهترين ڪوريج جو ايوارڊ، سگا بدين طرفان خليفو عبدالله ايوارڊ، سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ لاڙڪاڻي پاران بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ، مهراڻ معلوماتي انجمن سنڌ (قلعي اسٽيشن) طرفان پروگرام لوچين سپ لهن جو بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ 1995ع ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سالگرهه جي موقعي تي پروگرام ٻارڙن جي باڙي جو بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ ۽ مهراڻ صبح سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن بدين پاران ايوارڊ وغيره.

الاهي بخش، پير

پير الاهي بخش ولد پير نواز علي شاهه سن 1897ع ڌاري ڀان سعيد آباد جي ڀر ۾ پير جي ڳوٺ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو نامور سياسي اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

پير الاهي بخش ابتدائي تعليم ڀانن ۾ حاصل ڪئي، انگريزي جي تعليم خيرپورميرس جي هاءِ اسڪول ۾ حاصل ڪئي. 1919ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پهريائين عليڳڙهه ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتي ٿورو وقت پڙهڻ بعد عليڳڙهه ۾ نئين برپا ڪيل جامع مليه يونيورسٽيءَ ۾ اچي پڙهڻ وينو ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ اتان پڙهڻ ڇڏي سنڌ ۾ آيو ۽ خلافت تحريڪ ۾ بهرو وٺڻ لڳو. خلافت تحريڪ جهڪي ٿيڻ بعد 1927ع کان وري عليڳڙهه ۾ پڙهڻ شروع ڪيو، جتان 1929ع ۾ ايم اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان پاس ڪري موٽي اچي لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. سنڌ جي بمبئي کان آزادي بعد 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر دادو، جوهي تڪ مان چونڊيو ويو. پاڻ سنڌ اتحاد پارٽيءَ جو ميمبر هو.

پير الاهي بخش صاحب، الهه بخش سومري جي ٻنهي وزارتن ۽ سر غلام حسين جي وزارت دوران سنڌ جي روينيو ۽ تعليم کاتن جو وزير ٿي رهيو، جنهن دوران هن ڪافي سڌاري جا ڪم ڪيا. پير صاحب کي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 3 مئي 1948ع تي محمد ايوب کهڙي جي جاءِ تي سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو. هن عهدي تي 4 فيبروري 1949ع تائين فائز رهيو.

1953ع جي چونڊن ۾ پير صاحب متحده محاذ ۾ اسيمبلي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. 11 ڊسمبر 1954ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي وزيراعليٰ محمد ايوب کهڙي سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ جو ٺهراءُ ميمبرن کان زوري پاس ڪرايو هو. ان ٺهراءَ جي مخالفت ۾ ووٽ ڪندڙن چند ميمبرن ۾ پير الاهي بخش پڻ هڪ هو. 19 جنوري 1956ع تي اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ پير صاحب ڪامياب ٿيو. پاڪستان ۾ نيشنل عوامي پارٽي ٺهي ته هي ان جو ميمبر ٿيو. 17 سيپٽمبر 1957ع تي اولهه پاڪستان جي اسيمبلي ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو ٺهراءُ غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي پيش ڪيو، ان جي پاس ڪرائڻ لاءِ پير صاحب گهڻي ڪوشش ورتي. 8 آڪٽوبر 1958ع تي پاڪستان ۾ مارشل لا لڳڻ بعد هن کي ٻين مکيه سياستدانن وانگر سياست کان خارج ڪيو ويو ۽ پوءِ پاڻ وڪالت ڪرڻ لڳو.

پير صاحب اقتدار ۾ رهي، جيڪي خاص تعميري ڪم ڪيا آهي هن ريت آهن، سنڌ مسلم ڪاليج برپا ڪرڻ، سنڌ يونيورسٽي قائم ڪرڻ، سنڌ ۾ زوري ۽ مفت تعليم ۽ بالغن جي تعليم کي رائج ڪرڻ، اين جي هاءِ اسڪول لاءِ بلڊنگ

ٺهرائڻ، ڪراچي ۾ پڻ پير الاهي بخش ڪالونين ٺهرائڻ ۾ مدد ڏيڻ، ان ڪان سواءِ ڪيترن ئي ڪاليجن ۽ تعليمي ادارن جي قائم ٿيڻ ۾ پڻ سندس هٿ هو.
پير صاحب نهايت خوش خلق، عوام سان رابطو رکندڙ، سادي زندگي بسر ڪندڙ، نمازي ۽ شريف النفس انسان هو. پاڻ 18 آڪٽوبر 1975ع تي راهه رباني ڏني ويو.

الطاف شيخ

الطاف ولد گل محمد شيخ 14 نومبر 1944ع تي هالا نوان ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور اديب ۽ سياح آهي.
الطاف شيخ ابتدائي تعليم هالا جي هاءِ اسڪول ۽ ڪئڊٽ ڪاليج مان حاصل ڪئي، بعد ۾ مئرين اڪيڊمي چٽگانگ (بنگلاديش) مان مئرين انجنيئرنگ ڪئي، جنهن کان پوءِ پاڻ وارن جهازن جو انجنيئر بڻيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ ملائيشيا جي مئرين اڪيڊمي ۾ ملائيشيا جي نوجوانن کي جهاز هلائڻ جي سکيا ڏيڻ ۽ انجنيئرنگ جا مختلف سبجيڪٽ پڙهائڻ جو ڪم ڪرڻ لڳو. هن چيف انجنيئر جي حيثيت سان اٽڪل 15 سال دنيا جي سمنڊن تي جهاز هلايا، جنهن ڪري کيس سڄي دنيا جي ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ دنيا جي هر خطي جي سياحت ڪئي. کيس سفرنامن ڪري "سنڌ جو ڪولمبس" ۽ "سنڌ جو ابن بطوطه" سڏيو ويندو آهي.
الطاف شيخ 18 سالن جي عمر کان لکڻ شروع ڪيو، جڏهن هو اڃا چٽگانگ اڪيڊمي ۾ زير تعليم هو، سندس پهريون ڪتاب ڪهاڻين جو مجموعو هو جنهنجو نالو "انامبيڪا" آهي.
بنگالي زبان ۾ گمنام يا بي نام شيءِ کي انامبيڪا چيو ويندو آهي.
الطاف جينوئيٽ هڪ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان اسريو ۽ اڀريو پر پوءِ اڳتي هلي هن سفرنامي واري صنف کي پنهنجي شناخت بڻايو ۽ هن سلسلي ۾ ايترو ته لکيو اٿس جو الطاف شيخ ۽ سفر نامو هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم ٿي ويا آهن ۽ هن صنف ۾ کيس ماهر ليکڪ مڃيو وڃي ٿو. الطاف شيخ هيل تائين 51 کن ڪتاب لکيا آهن، انهن مان 40 ڪتاب سندس سفرناما آهن، سنڌي ۾ سڀ کان گهڻا سفرناما الطاف شيخ ئي لکيا آهن.الطاف جي سفر نامن جو سڀ کان اهم نڪتو اهو آهي، جو هو جنهن به ملڪ ويو آهي اتي پنهنجن جا پار پتا پڇيا اٿس، اتي خاص طرح سنڌين جي ڳولا ڪئي اٿس ۽ انهن جي ثقافتي زندگيءَ جو نقشو چٽيو اٿس.
الطاف تمام سٺي رواني سان چيني، جپاني، ملئي ۽ بنگالي زبانون ڳالهائي سگهي ٿو. هن کي خبر آهي ته پڙهندڙ ڇا ٿو چاهي. هن پنهنجي پڙهندڙن جي نفسيات کي سمجهي، انهن کي اهو ڪجهه ڏنو آهي، جنهن جي هنن

کي تانگهہ هئي. هو دلفريبءَ ڳالهين کي سادن جملن ۾ پيش ڪري ٿو ۽ غير ملڪي تهذيب، تمدن، تاريخ ۽ جاگرافيءَ کان روشناس ڪرائي ٿو. اڪثر سياح انگريزي ٻولي ۽ ترجمان جي مدد سان گهمي ٿا اچن، مگر الطاف اتي ڪافي وقت رهي، انهن جي ٻولي سکي انهن سان رلي ملي هڪ ٿيو وڃي. اهڙي طرح هو اتي جو دل کولي سير ڪري ٿو ۽ دوستيون رکي ٿو. انهن جا پهاڪا گفتگو ۾ ڪتب آڻي ٿو، جنهنڪري سندس سفرنامن ۾ اصليت، گهرائي ۽ رونق موجود نظر اچي ٿي.

الطاف شيخ جو پهريون سفر نامو "منهنجو ساگر منهنجو ساحل" آهي. جيڪو پهريون ڀيرو 1971ع ۾ ڇپيو ۽ رائٽرس گلڊ جو انعام مليس. ان کان پوءِ هن هر سال نوان نوان سفرناما لکيا جهڙوڪ: بندر بازاريون (1971ع)، جاني تہ جهاز ۾ (1972ع)، پيار جي گهٽ (1973ع)، دنيا آهي ڪاڪ محل (1975ع)، سي پيٽرين رکين پاڄهہ سين (1976)، وايون وڻجارن جون (1976ع)، سي ٿي جوين ڏينهن (1977ع)، اراٿونڊ دي ورلڊ (1979ع)، ڪويت ڪنارا (1980ع)، سانباهو سمونڊ جو (1980ع)، ڳالهيون تنهن جهان جون (1982ع)، موج نہ سهي مڪڙي (1984ع)، سنگاپور ويندي ويندي (1986ع)، دنگيءَ منجهہ دريا (1987ع)، مڪليءَ کان ملاڪا تائين (1987ع)، جت جر وهي ٿو جال (1988ع)، ڳالهيون آهن ڳچ (1989ع)، سنگاپور ٿو سڏ ڪري، ملائيشيا منهنجي من ۾ ۽ ٻيا سفر ناما.

الطاف شيخ جا ڪجهہ ڪهاڻين جا ڪتاب پڻ ڇپيل آهن، جن ۾ اناميڪا، خدا ڏي خط، ماستر وريام جو بينڪاڪ وڃڻ، جهان رس، ڏاهي جهرڪي، پارن جون آڪاڻيون، لنڊن تائين لفٽ ۽ مس سدا بهار چنبيلي (ناول) شامل آهن.

الهہ آندو شاهہ

سيد الهہ آندو ولد سيد يوسف شاهہ 17 آڪٽوبر 1867ع تي ڳوٺ ڏيري تعلقي ڪنڊيارو ضلعي نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو. پاڻ متعلوي سيدن جي شاخ مان هڪ وڏي خاندان جو فرد ۽ وڏي هلندي پڄندي وارو شخص هو.

آنربل سيد الهہ آندو شاهہ ان وقت جي رواج موجب ڏيري جي مدرسي مان عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي. مالڪ سائين سندس ذهن تيز ڪيو هو، جنهن ڪري ٿوري وقت ۾ سنڌيءَ سان گڏ انگريزيءَ جي بہ خاصي ڄاڻ حاصل ڪري ورتائين.

شاهہ صاحب 1897ع کان ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جو ڇونڊيل ميمبر هو ۽ جڏهن پهرين نومبر 1912ع تي نوابشاهہ ضلعو قائم ٿيو تہ، انهي ضلعي جو 1919ع تائين چونڊيل ميمبر رهيو. 1898ع ۾ پاڻ اسپيشل

مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. اهو عهدو وڏي لياقت ۽ قابليت سان هلايائين، سرڪاري ڪمن ۾ وقت بوقت سرڪار جو مددگار رهيو، جنهنڪري سرڪار سندس قدر شناسي ڪندي ڪيترائي پيرا ڪيس آفرين نامہ، لونگيون ڏنيون ۽ خانبهادر جي لقب سان نوازيو.

شاھ صاحب کي قوم لاء هر وقت اونو هوندو هو، انڪري هن عوام جي سک ۽ ڀلائي لاء ڪيترائي ڪم ڪيا. خاص ڪري مسلمانن جي تعليم لاء سن 1903ع ۾ نوشهرو فيروز ۾ مدرسو قائم ڪري، مسلمان ٻارن کي خوب همٿايائين مدرسي لڳ ٻاهران آيل شاگردن لاء 1904ع ۾ هاسٽل ٺهرايائين. 1918ع ۾ هن مدرسي کي هاء اسڪول جو درجو مليو ۽ اهو هاء اسڪول اڄ بہ سندس ياد تازي ڪري رهيو آهي. هيءُ مدرسو ڪراچيءَ جي سنڌ مدرستہ الاسلام کان پوء ٻئي نمبر تي هو. هن مدرسي جي اها خاص ڳالھہ هئي تہ، هن مدرسي ۽ هاء اسڪول جو هيڊ ماستر ڪوبہ هندو ني نٿي سگهيو. ان لاء هندن ممبئي هاء ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو، ليڪن ممبئي هاء ڪورٽ انهيءَ امتياز کي تسليم ڪندي برقرار رکيو. انهيءَ مدرسي مان هزارين مسلمانن انگريزي تعليم حاصل ڪري، سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجا اڻ متجندڙ نشان ڇڏيا آهن ان کان سواء تعليم جي واڌاري خاطر شاھ صاحب ڪيترائي پرائمري اسڪول ۽ اي وي ڪلاس کولرايا. پنهنجي ڳوٺ ۾ نياڻين جي تعليم لاء هڪ اسڪول جاري ڪرايائين ۽ ملان مڪتب پڻ کولرايائين.

شاھ صاحب 1909ع کان لڳاتار ڪيترائي سال ممبئي ڪائونسل جو چونڊيل ميمبر رهيو. ڪجهہ عرصو "سنڌ محمدن ائسوسيئشن" جو صدر بہ رهيو. 1916ع ۾ دهلي جي وائسراء جي اسيمبلي جو چونڊيل ميمبر ٿيو، تہ ان وقت اسيمبلي ۾ زميندارن کان زرعي ٽيڪس وٺڻ جوبل پيش ٿيو. شاھ صاحب ان جي خلاف ڀرپور هل چل هلائي، آخر ٻين ميمبرن جي حمايت سان اهو بل رد ڪرائي ڇڏيائين. جنهن تي سنڌ جي زميندارن ان وقت هڪ گڏجاڻي سڏائي سندس شڪريو ادا ڪيو هو.

سيد الهہ آندو شاھ وڏو سخي مرد هو، ضرورتمندن کي در تان واپس نہ موٽائيندو هو. ننڍي خواھ وڏي، امير توڙي غريب لاء وٽس ساڳئي ڪرسي هئي. پاڻ صوم و صلوات جو پابند ۽ هر روز صبح و شام قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندڙ هو، مسجد ون، مسافرخانا ٺهرائڻ، کوھ کوٽائڻ آئي جي آڌر ڪرڻ سندس خاص مشغلو رهيو.

هن مثالي انسان 19 آڪٽوبر 1919ع تي ڊيري ۾ وفات ڪئي. سنڌ ۾ جديد تعليم جي واڌاري لاء ڪيس "سنڌ جو سر سيد" چئجي تہ بجاء آهي.

الهہ بچايو سمون

الهہ بچايو ولد يار محمد سمون 1912ع ۾ ڄائو، ملير جو رهواسي هو. پاڻ سنڌي زبان جو مشهور نثر نويس ٿي گذريو آهي.

الهہ بچائي سمي سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. ٻن سالن جي ٽريننگ پوري ڪري پرائمري ماستر مقرر ٿيو.

سمي صاحب ڪي گهڻا ڪتاب ڪونہ لکيا، هن جا صرف ٻہ ڇپيل ڪتاب ملن ٿا. هڪ "سير ڪوهستان" 1942ع ۽ ٻيو "لاڙ جو سير" 1971ع ليڪن اهي ٻئي ڪتاب سنڌي ادب جا شهپارا سمجهيا وڃن ٿا.

الهہ بچايو سمون جيتوڻيڪ اعليٰ تعليم يافتہ نہ هو، پر پنهنجي ذاتي مطالعي ۽ محنت سان ادب ۽ فن جي بلند مقام تي پهتو، سندس لکڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سهڻن لفظن ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. مالڪ کيس گونا گون ذهني ۽ علمي صلاحيتن سان نوازيو هو. سندس طرز تحرير اهڙي تہ وڻندڙ آهي، جو سندس لکيل ڪوبہ ڪتاب پڙهڻ شروع ڪبو تہ، ان کي اڌ ۾ ڇڏڻ لاءِ دل نہ چوندي آهي. سنڌ جي نامياري اديب، عالم ۽ شاعر مولانا گرامي صاحب الهہ بچائي سمي جي وفات تي پنهنجا تاثرات لکندي لکيو هو تہ "ماستر الهہ بچائي سمي جي جاءِ خالي آهي. اسان کي اهڙو ڪوبہ انشا پرداز ڪونہ ٿو سمجهي جو اڄ اها زبان لکي سگهي يا سير ڪوهستان جي رنگين ڍنگ جو ڪتاب لکي سگهي.

الهہ بچايو سمون 9 ڊسمبر 1958ع تي وفات ڪري ويو.

الهہ بچايو ميمڻ

حاجي الهہ بچايو ميمڻ 1902ع ڌاري ڄائو، پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو سخي مرد، يتيمن جو يار، مظلومن جو مددگار ۽ الله جو صالح ٻانهو ٿي گذريو آهي، سندس تعلق لاڙ جي مشهور شهر پنگريو سان هو.

الهہ بچائي ميمڻ ديني تعليم حافظ محمد سليمان ڪنئي کان ورتي. جنهن کيس اها دعا ڪئي تہ "پنگريو ۾ سخاوت جو مالڪ هوندين" ۽ ٿيو بہ ائين پاڻ نهايت غريب حال هوندي بہ وڏو سخي مرد هوندو هو. پاڌا ۽ قنبرون وٺي خدا جي راهہ ۾ تقسيم ڪندو هو ۽ ديڳيون لاهي غريبن، يتيمن ۽ بي سهارن کي کارائيندو هو، يتيم شاگردن کي پنهنجي اولاد کان بہ وڌيڪ پيائيندو هو ۽ ڪين کهڙ النا وٺي ڏيندو هو ۽ خرچي بہ ڏيندو هو.هن پنهنجي پوري حياتي ديني خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي، پاڻ صوم و صلوات جو پابند، تهجد گذار، باحياءِ صابر انسان هو. پاڻ مسجد جي ٻهاري سهاري پڻ ڪيندو هو ۽ مسجد شريف مان ڪڍيل مٽي ۽ دز پنهنجي بدن تي مهٽي ڇڏيندو هو. جنهن لاءِ پاڻ چوندو هو تہ، اها مسجد جي مٽيءَ مونکي جنت ۾ وٺي ويندي ۽ اها مٽي بدن

جي جنهن بہ حصي تي لڳندي، ان حصي کي دوزخ جي باھ نہ ساڙيندي. پاڻ پنگريو شهر جي جامع مسجد ۾ ويهي ٻارن کي قرآني تعليم ڏيندو هو ۽ دردر وڃي ٻارن جي مائٽن کي منٿون ڪندو هو تہ سائين ڇوڪرا مسجد ۾ موڪليو تہ آءٌ انهن کي ديني تعليم ڏيان تہ جيئين منهنجي آخرت موچاري ٿئي. پاڻ مسافرن ۽ علمائن جي تمام گهڻي خدمت ڪندو هو، ڪيس اڪثر شاھ صاحب جي هيٺين وائي زبان تي هوندي هئي.

"ڪامل ڪنبندا ويا چوندا ويا ونجو راھ رسول صہ جي"

جڏهن اهي لفظ زبان تي هوندا هئس تہ، اکين مان آب جاري هوندو هئس.

حاجي الهہ بچايو ميمڻ 12 فيبروري 1982ع تي جامع مسجد پنگريو ۾ هن فاني دنيا کي ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو.

الهہ بخش ٽالپر

الهہ بخش ولد حسين خان ٽالپر 31 مارچ 1914ع تي ڳوٺ دريا خان عرف ٺوڙها لنڊيون تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور تعليمي ماهر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

الهہ بخش ٽالپر سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري سنڌي استاد بڻيو. ٽريننگ ڪاليج ۾ ٻہ سال رهي، پنهنجي علمي لياقت کي وڌايائين. پاڻ فارسيءَ تي پڻ سٺي دسترس رکندو هو، پاڻ مختلف اسڪولن ۾ ماستر رهندي، آخر 1972ع ۾ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪول جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

الهہ بخش ٽالپر ذهين، ڄاڻو ۽ تجربيڪار استاد ۽ تعليمي ماهر جي حيثيت سان پاڻ مڃرايو. هن ڪيترائي نصابي ڪتاب لکيا، جيڪي هيٺين درجن کان وٺي مٿين ڪلاسن تائين پڙهايا ويندا هئا، هو رياضي، تاريخ، جاگرافي ۽ گرامر جو ماهر هو. انهن مضمونن ۾ سندس لکيل ان دور جا نصابي منظور شده ڪتاب اڄ بہ اهميت رکن ٿا. سندس لکيل ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ هميشہ پهرين کان ٽئين نمبر تائين انعام حاصل ڪندا رهيا. سندس مهارت جو نہ فقط سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ قائل هو، بلڪہ لاهور ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ تي پڻ سندس ڌاڪو ويٺل هو.

ٽالپر صاحب کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ پرائمري استاد مان پاڻ واحد شخص هو، جنهن کي سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ڪميشنڊ ليکڪن ۾ شامل ڪري ميمبر طور کنيو ويو. باقي ميمبر يونيورسٽي ۽ سيڪنڊري جا ماهر استاد هئا.

الهہ بخش ٽالپر نہ رڳو تعليمي ماهر هو، بلڪہ ادب جي ميدان ۾ بہ سندس شاندار خدمتون آهن. سندس لکيل ڪيترائي ڪتاب بار بار ڇپجي چڪا آهن. انهن ۾ ڪي ترجمو ٿيل ڪتاب آهن تہ، ڪي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي ۽

علم داني جو ثبوت آهن. هن صاحب لوڪ ادب تي به لکيو آهي ته، مضمون، ناول ۽ شخصيات تي پڻ لکيو آهي.

ٽالپر صاحب شڪار جو بيحد شوقين هو. پاڻ بهترين تو بچي هو، تمام يار ويس ۽ هر دلعزيز انسان هو. محفلن جو مور، سگهڙ سياڻو ماڻس هو. پاڻ راندين جو پڻ شوقين هوندو هو. تاش، ڪيرم بورڊ، نوٽڻ ۽ والي بال وغيره راندين کيڏڻ ۾ مهارت رکندو هو.

سندس غير نصابي ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

سر سهڻي (شرح 1958ع)، ڪچڪول (مضمون - 1976ع)، پرديسي جو پيار (ناول 1963ع)، راضي جون رمزون (شخصيات)، وتايو فقير (شخصيات)، ٻڌا ٺهڪ (مزاحيه)، اداسي جون آهون (افسانو)، پهاڪن جي پيڙهه (لوڪ ادب)، عجيب شادي مالهڻ فيلسوف (ترجمو)، راهه بغاوت (ترجمو) ۽ ان کان علاوه سندس اٽڪل ويهارو کن درسي ڪتاب ۽ ڪجهه خط پڻ ڇپيل آهن. ياد رهي ته سندس نالو آمريڪا جي لائبريرين ۾ پڻ هڪ مصنف جي حيثيت سان لسٽ ۾ داخل آهي.

الهه بخش ٽالپر 18 اپريل 1976ع تي امر الاهي سان راهه رباني وٺي ويو.

الهه بخش "سرشار" عقيلي

حاجي الهه بخش "سرشار" ولد حافظ محمد صديق عقيلي 21 جنوري 1907ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

حاجي الهه بخش "سرشار" جو سلسله نسب جناب حضرت عقيل بن حضرت ابوطالب جن سان ملي ٿو. سرشار جو والد وڏو متقي ۽ پرهيزگار شخص هو، جيڪو قائداعظم محمد جناح جو ڪلاسي هو ۽ سنڌ جي اوائلي انگريزي پڙهيلن مان هو ۽ ڪراچي ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ هو.

الهه بخش "سرشار" سنڌ مدرسة السلام ڪراچي (1) مان تعليم وٺڻ جي شروعات ڪئي. ديني تعليم ڪنري مسجد ڪراچي جي مدرس مولانا سيد محمد ظهير الدين قادري جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي 1923ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان بي اي جو امتحان فارسي جي اعزاز سان پاس ڪيائين.

سرشار صاحب 1928ع ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ بڻيو، جتان آهستي آهستي ترقي وٺي 1933ع ۾ مختيارڪار ۽ 1946ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي وڃي رسيو ۽ 1958ع ۾ رٽائر ڪيائين.

(1) سنڌ مدرسة السلام ڪراچي حسن علي آفندي جي ڪوشش سان 30 آگسٽ 1885ع تي قائم ٿيو افتتاحي تقريب ۾ ڪلام پاڪ جي تلاوت مولوي تاج محمد گهوٽڪي واري ڪئي مدرسي جي موجوده عمارت 1892ع ۾ ٺهي راس ٿي.

سرشار صاحب شاگردي واري زماني کان ئي ادب ڏانهن مائل ٿيو. "فراقي" تخلص سان شاعري جي شروعات ڪيائين ۽ پوءِ مشهور شاعر محمد هاشم مخلص جي اصلاح سان "سرشار" بڻجي ويو. صحافت جي زندگي روزنامہ "الوحيد" ۾ سب ايڊيٽري سان شروع ڪيائين. سندس نظم توڙي نثر الوحيد کان علاوه ماهانہ "الجامعہ" ڪراچي، "توحيد" ڪراچي ۽ الحافظ حيدرآباد ۾ شايع ٿيندو رهيو. پاڻ ملازمت دوران بہ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهيو. پاڻ شاهہ عبداللطيف ثقافتي ڪاميٽي ۽ سنڌي ادب بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو. ان کان علاوه پاڻ "محفل احباب" ڪراچي جو پنج سال صدر، جمعيت الشعراء جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. سنڌ جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ اداره روح ادب.13 نومبر 1955ع تي حيدرآباد ۾ "بزم طالب المولىٰ" جو پايو مخدوم صاحب جي اجازت سان سرشار عقيلي جي رهبري ۾ رکيو ويو. سندس قومي نظمن جو مجموعو "سنڌ جو ترانو" سن 1954ع ۾ شايع ٿيو، جڏهن تہ نثر ۾ سندس شايع ٿيل ڪتاب هن ريت آهن:

رموزالنساء (آڪاٽيون - 1920ع)، دعوت اسلام (1923ع)، مناسڪ الحج (1924ع)، ادب ۽ مهدوي تحريڪ (1952ع)، بزم طالب المولىٰ (1958ع)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، قاضي قاضن، سنڌي صورتخطيءَ جو بنياد، سنڌ جا درويش، علم هئيت يا اسٽرانامي، انوار سهيلي، تذڪره آل عقيل ۽ خالد بن وليد (ناول - 1929ع)، سنڌي راڳ جي مختصر تاريخ، تصوف جي مختصر تاريخ.

سرشار صاحب سروري درگاهہ هالا جو معتقد هو، درگاهہ جي سجاده نشين قبلہ طالب المولىٰ مرحوم فيبروري 1956ع تي منار فقير جي مقبري تي جماعت جي سڏايل هڪ مخصوص ميڙ ۾ سرشار کي "خلافت جي لونگي" عطا ڪري خليفي جو درجو بخشيو.

حاجي الهہ بخش "سرشار" عقيلي 15 جنوري 1972ع تي وفات ڪئي. ٺٽي ۾ مدفون آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

وصال يار جي اي دل نہ آرزو ڪر تون،
ڪري سو جنهن کي قيامت جو انتظار هجي،
نہ تير تير ڪو تيرِ نظر جي مٽ آهي،
نہ تير تير ٿئي جو نہ دل جي پار هجي.

الهہ بخش سومرو

الهہ بخش ولد حاجي محمد عمر سومرو 31 آگسٽ 1900ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو بهادر ۽ بااصول سياستدان ٿي گذريو آهي.

الهه بخش سومري جي تعليم ۽ تربيت شڪارپور ۾ ٿي. 1919ع ۾ شڪارپور جي مشهور اسڪول "هو پفل اڪيڊمي" مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري تعليم کي خيرباد چئي، پنهنجي والد سان گڏجي سرڪاري ٺيڪن ۾ زمين جا مقاطعا کڻڻ شروع ڪيا. جن مان کيس ڪافي آمدني حاصل ٿي ۽ زمين خريد ڪيائين. پاڻ نهايت سخي ۽ يار ويس انسان هو. ان ڪري ڪشاده دليءَ سان خرچ ڪندو هو. مجلسن ۽ محفلن، يارن ۽ دوستن مسڪينن، محتاجن ۽ بيواهن، علمي ادارن، مدرسن ۽ شاگردن تي خرچ ڪرڻ ۾ هٿ ڇوٽ هوندو هئس. انڪري سندس اثر رسوخ ويو وڌندو. 1923ع ۾ پاڻ جيڪب آباد ميونسپالٽي ۽ ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر چونڊجي ويو. جنهن کيس سرشاهنواز ڀٽي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ڀٽو صاحب بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي مسلمان ميمبرن جو ليڊر هو. سومرو صاحب 1926ع جي چونڊن ۾ خانبهادر جان محمد پناڻ جهڙي سگهاري زميندار کي شڪست ڏئي، بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊجي آيو. سومرو صاحب هو ته ننڍو زميندار ۽ بي راڄو ماڻهو، پر پنهنجي لياقت ۽ لڳ لاڳاپي سببان سکر ۽ جيڪب آباد ٻنهي ضلعن تي حاوي رهيو. پاڻ 1928ع ۾ ضلع لوڪل بورڊ سکر، جو صدر به چونڊجي ويو. 1926ع کان 1936ع تائين بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ واري عرصي ۾ کيس تعليم کاتي جو مکيه صلاحڪار ۽ ڪجهه ٻين ڪاميٽين تي چونڊيو ويو، جتي کيس انتظامي ڪمن جو گهڻو تجربو حاصل ٿيو. هن سکر بئراج جي اڏاوت ۽ بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائي واري تحريڪ ۾ حصو ورتو. لوڪل بورڊن جي تنظيم، اختيارن ۽ سڌارن لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو. ان سلسلي ۾ هن جنوري 1931ع ۾ جيڪب آباد ۾ گهوڙن جي ساليانه ميلي جي موقعي تي سنڌ جي لوڪلبورڊن جي صدرن ۽ چيف آفيسرن جي ڪانفرنس سڏائي. جنهن ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ٿيا ۽ ان موقعي تي سنڌ جي لوڪلبورڊن جي ائسوسيئيشن پڻ برپا ڪئي وئي. انهيءَ ئي موقعي تي هن سنڌ جي مسلم سياستدانن جي ڪانفرنس سيٺ حاجي عبدالله هارون جي صدارت هيٺ سڏائي، جنهن ۾ سنڌ جي جدائي ۽ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جي ٺهرائن جي تائيد ۾ ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

سن 1934ع ۾ جڏهن پيپلز پارٽي تشڪيل ۾ آئي ته، سر شاهنواز کي ان پارٽيءَ جو ليڊر ۽ ميران محمد شاهه ۽ الهه بخش سومري کي ڊپٽي ليڊر چونڊيو ويو. 1936ع ۾ اتحاد پارٽي ٺهي ته پاڻ ان پارٽي ۾ پڻ شامل ٿيو، ڇو جو انهن سياسي پارٽين جا پروگرام عوامي خدمت ۽ ملڪ جي خوشحالي تي مبني هئا. هن پارٽي جو ليڊر سرشاهنواز ڀٽو ۽ ڊپٽي ليڊر عبدالله هارون ۽ سومرو صاحب بڻيا.

پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ کي بمبئيءَ کان ڇني جدا صوبو بڻايو ويو. نيئن آئين مطابق 7 فيبروري 1937ع تي سنڌ ۾ عام چونڊون ٿيون ۽ وچ واري عرصي

لاءِ سر لانسليٽ گراهام کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو، انتظام هلائڻ خاطر ان کي 25 ميمبر تي مشتمل صلاحڪار ڪائونسل ۽ تي صلاحڪار ڏنا ويا.

چونڊن ۾ اتحاد پارٽي اڪثريت سان ڪامياب ٿي، پر ان جو ليڊر سرشاهنواز ڀٽو ۽ ڊپٽي ليڊر سرعبدالله هارون ڪامياب ٿي نه سگهيا ۽ ان پارٽي جو ٻيو ڊپٽي ليڊر الهه بخش سومرو ڪامياب ٿيو. جمهوري اصولن موجب سنڌ جي گورنر کي الهه بخش سومرو کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چوڻو هو، پر گورنر سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چيو، جنهن وزارت ٺاهي، سومرو صاحب جيئن ته وڏو ذهين ۽ هوشيار سياستدان هو. هن گورنر جي انهيءَ غير جمهوري قدم تي سخت نڪتہ چيني ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ اسيمبلي ۾ گورنر لاءِ بدلي پيدا ٿي ۽ اڳتي هلي غلام حسين جي وزارت جو خاتمو ٿيو ۽ الهه بخش سومرو سنڌ جو وزيراعليٰ بڻيو. هن پنهنجي پهرين وزارت 23 مارچ 1938ع تي جوڙي.

سومري صاحب جيڪا حيثيت ۽ شهرت حاصل ڪئي هئي، سا سندس پنهنجن هم وطنن ۽ رفيقن کي نٿي وڻي. هو سندس غير معمولي ذهانت کان ڊنا ٿي، هنن سمجهيو ٿي ته جيستائين سومرو سنڌ اسيمبلي ۾ موجود آهي، تيستائين هنن جو اسرڻ مشڪل آهي. ان ڪري هو سندس مخالف ٿي بيٺا. ويتر جو سنت ٽي مسجد منزل گاهه سکر جي معاملي تان فساد ٿيا ته، پوءِ ته هندن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن مسلم ليگ جي ميمبرن سان گڏجي، الهه بخش وزارت کي شڪست ڏني ۽ 18 مارچ 1940ع تي مسلم ليگ جو مير بنده علي خان ٽالپر وزيراعليٰ ٿيو، ليڪن هڪ سال کان پوءِ وري 6 مارچ 1941ع تي الهه بخش سومرو ٻيهر سنڌ جو وزيراعليٰ بڻيو.

سومري صاحب 26 سيپٽمبر 1942ع تي هندستان جي وائيسراءِ کي خط لکي، انگريزن طرفان قوم پرستن تي ٿيندڙ سختين جي خلاف احتجاج ڪيو ۽ پنهنجا لقب "خانبهادر" ۽ "او - بي - اي" واپس ڪيائين، جنهن تان ڪاوڙجي سنڌ جي گورنر سر هيو ڊائو کيس استعيفا ڏيڻ لاءِ چيو، جنهن کان انڪار ڪرڻ تي هن کيس 10 آڪٽوبر 1942ع تي ڊسمس ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هن سماجي ڪمن ۾ پاڻ کي مصروف رکيو.

الهه بخش سومري پنهنجي دور اقتدار ۾ باوجود مخالفتن، سازشن ۽ هنگامہ آرائين جي گهڻئي چڱا ڪم ڪيا، لنواري واري جڙتو حج تي پابندي لڳائي، سرڪاري خرچ گهٽائڻ لاءِ پنهنجي پگهار 1500 مان گهٽائي 500 روپيا مقرر ڪئي، آنرري مئجسٽريٽن جو رواج ختم ڪيو، جنهن ڪري غريبن جي جان، مال، ننگ ۽ شرم محفوظ رهيا، نه ته اڳ آنرري مئجسٽريٽ زميندار ۽ وڏيرا هوندا هئا، جن مان اڪثر عوام لاءِ نسورو آزار بڻيل هوندا هئا. ڪيترائي سياسي بديڙا، بيمار ۽ ڪمزور قيدي آزاد ڪيا ويا. قرآن بل پاس ڪري قرآن

شريف جي حرمت کي بحال ڪيو ۽ غير مسلمانن طرفان قرآن پاڪ جي طباعت ۽ تقسيم تي بندش وڌي وئي مولانا عبيدالله سنڌي کي اجازت ملي ته، جلاوطني ختم ڪري پلي واپس سنڌ اچي.

پير علي محمد شاهه راشدي جي چواڻي ته: "سومري صاحب وزارت جي سطحي اعزازن ۽ نمائشي پهلوئن کي ڪڏهن به استعمال نه ڪيو، نه سندس موٽر تي جهنڊي جهلي، نه سندس سواري وقت رستا بند ٿيا يا باوردي پوليس بيٺي، نه پوليس جو گارڊ آف آنر ورتائين، نه ڪڏهن استقبال لاءِ مجمعا ڪٺا ڪرايائين."

الهه بخش سومرو 14 مئي 1943ع تي صبح جو شڪارپور ۾ ٽانگي تي سوار ٿي ڪنهن طرف کان پنهنجي گهر واپس پئي آيو ته، ڪن ماڻهن مٿس پستول مان فائر ڪيا ۽ پاڻ پڇي ويا، سومري صاحب جو دم پرواز ڪري ويو.

پير علي محمد شاهه راشدي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ لکي ٿو ته "سومري صاحب کي حُرن جي هڪ ٽولي شهيد ڪيو هو. حرن کي ڏانهنس هيءَ شڪايت هئي ته، سندس وزارت جي زماني اندر مارشل لا لڳو هو (جنهن جي نتيجي ۾ بعد ۾ مارچ 1943ع) ۾ حڪومت خود پير صاحب پاڳاري رحمت الله عليه کي ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو."

الهه بخش مهيسر

مولانا الهه بخش ولد وڏيرو محمد عمر مهيسر سن 1306 هجري ۾ ڳوٺ پيري تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ تولد ٿيو. پاڻ بلند پايه عالم نيڪ دل ۽ روشن ضمير بزرگ ٿي گذريو آهي.

مولانا الهه بخش مهيسر علم جي تحصيل مولانا عبدالرحمان فيروز شاهي، مولانا همايوني ۽ مولانا مير محمد نورنگي جهڙن عالمن کان ڪئي. فقه، حديث، تفسير، عربي، فارسي، منطق ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن ۾ مهارت حاصل ڪيائين. پاڻ تمام وڏو عالم هو. پاڻ شرعي مسئلن تي فتوائون پڻ جاري ڪندو هو. سندس ڏنل فتوائون هن جي علمي بصيرت جو ثبوت آهن. سندس تبليغي ڪوششن ڪري ڪيترائي غير مسلم السلام جي دائري ۾ آيا.

مولانا الهه بخش مهيسر نهايت متقي ۽ نيڪ بزرگ هو. سندس دل ۾ همشه خوف خدا جو جذبو نمايان رهيو. سندس صفتون ولين جهڙيون هيون. طبيعت جو نرم، رحمدل ۽ نئڙي، وڏي سان همدرد رويو رکندڙ هو. هڪ دفعي هڪ آنرري مئجسٽريٽ ڪوشش ڪئي ته مولوي صاحب کان هڪ ناجائز فتويٰ حاصل ڪري، پر باوجود گهڻين ڪوششن جي مولوي صاحب کان فتويٰ حاصل ڪري نه سگهيو. پاڻ هر ڪنهن کي منهن تي سچ چوڻ وارو صاف دل بزرگ هو. هن سموري زندگي دين جي تبليغ ۽ خدمت خلق ۾ گذاري ڇڏي.

مولانا الهہ بخش مهيسر 24 فيبروري 1927ع تي وفات ڪري ويو. کيس سندس وصيت موجب ڪاٺ جي صندوق ۾ وجهي دفن ڪيو ويو.

الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر الهداد ولد محمد علي ٻوهيو 18 آگسٽ 1934ع تي ڳوٺ پيچوها تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو پاڻ هڪ معروف استاد، اديب، دانشور ۽ ماهر لسانيات هو.

الهداد ٻوهيو جي تعليم ايم اي (انگريزي)، بي ٽي ۽ پي - ايچ ڊي هئي. عملي زندگيءَ جو آغاز 1957ع ۾ تعليم کاتي ۾ ماستري سان ڪيائين ۽ پوءِ ترقي ڪندو ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن جي عهدي تي پهتو ۽ زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين ميرپورخاص ريجن ۾ ان عهدي تي فائز هو.

ٻوهيو صاحب سنڌ جي ادبي ۽ علمي حلقن ۾ تنقيد ۽ لسانيات جي ميدان ۾ مثالي خدمتن جي حوالي سان ڄاتل سڃاتل آهي. هن پنهنجي پوري ڄمار علم ادب جي واڌاري لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. تحقيق سندس پسنديده موضوع رهيو ۽ اهوئي سبب آهي جو هن سماجي لسانيات ۾ گهري دلچسپي ورتي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو 1977ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي رهبري ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" برصغير ۾ ڪنهن بہ هڪ زبان جو هي پهريون پيرو اڀياس ڪيل آهي. هي مقالو 1978ع ۾ سنڌالاجي طرفان ڇپرايو ويو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جا اڪيچار مضمون مقالا ۽ ڪالم ادبي مخزنن، رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا آهن. هن سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪو پورهيو ڪيو آهي، تنهنجو قدر ڪرڻ جڳائي، هن صاحب علم تحقيق ۽ تنقيد تي ڪجهہ ڪتاب لکيا آهن. جن ۾، "تنقيدون" 1980ع "ادب جا فڪري محرڪ" 1984ع ۽ "علم تحقيق" 1990ع شامل آهن.

ٻوهي صاحب "عاصم" جي تخلص سان ڪجهہ شاعري پڻ ڪئي آهي ۽ شاعري جو مجموعو "چونڊي ڪٿو ڪٿو" جي نالي سان ترتيب ڏنو، جيڪو اڻ ڇپيل آهي. ان کان علاوه پاڻ سٺو ڪهاڻيڪار بہ هو ۽ سون جي تعداد ۾ مختصر ڪهاڻيون لکيائين.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو 16 جولاءِ 1994ع تي وفات ڪري ويو.

الهداد خان راهو

سردار حاجي الهداد خان ولد شهمير خان راهو ويهين صدي جي پهرين ڏينهن يعني پهرين جنوري 1901ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ شهمير راهو تعلقي هالا

ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو برک بااثر زميندار نهايت دلير، باهمت، باشعور انسان ۽ راهو قوم جو سردار ٿي گذريو آهي.

حاجي الهداد خان راهو پرائمري ۽ ديني تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. پاڻ اڃا ننڍيو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. جنهن ڪري سرداريءَ جو تاج سندس سرتي رکيو ويو. پاڻ غريب عوام جي سار سنڀال لهڻ ۽ انهن جي ڪمن ڪان ڪڏهن به نه ڪيٻاتيندو هو. سندس هاڪ پري، پري تائين هوندي هئي. گهڻو ڪري ڪيس "حاجي وڏو" جي لقب سان سڏيو ويندو هو. سندس واسطو هر طبقي جي ماڻهن سان هوندو هو، ڪنهن سان وير رکندو هو ته ان کي اهڙي ته سيکت ڏيندو هو جو وري هو ڪڏهن به سندس اڳيان هٿ اپو ڪرڻ جي جرائت نه ڪندو هو. پاڻ غريبن مسڪينن ۽ مالوندو ماڻهن لاءِ سهارو هوندو هو، ڪنهن جي مال وغيره جي چوري، يا ڪنهن سان ڪابي بيواجبي ٿي ۽ اهو ماڻهو وٽس دانهي آيو ته، ان جي ڀرپور مدد ڪندو هو. چوري ٿي ويل مال ڳولي هٿ ڪري، سني سڳي سميت مالڪن تائين پهچائيندو هو. آفيسر شاهي ۾ به سندس وڏي رهائي هوندي هئي. وٽس سنڌ جي ڪند ڪڙڇ مان مختلف قومن ۽ ذاتن جا فيصلا ايندا هئا، جيڪي پاڻ نبيري ڪين ڪير ڪند ڪري ڇڏيندو هو.

راهو صاحب ملڪ ۾ امن امان بحال رکڻ لاءِ ڪيترن ئي موقعن تي حڪومت سان تعاون ڪيو ۽ رهزن ڌاڙيلن جي خاتمي لاءِ قدم اڳيان رکيو. جنهن سبب 1964ع ۾ ان دور جي حڪومت ڪيس "ستاره خدمت" جي اعزاز سان نوازيو. ان کان علاوه ڪيس حڪومت سنڌ پاران سن 1927ع کان وٺي سن 1956ع تائين پاويهه ڪن سندون، آفرين نامه ۽ ٻيا اعزاز ملندا رهيا.

حاجي صاحب پنهنجي ڳوٺ شهمير راهو ۾ هڪ ديني مدرسو 1930ع ۾ قائم ڪيو، جنهن مان هزارين شاگرد پڙهي عالم ۽ حافظ ٿي نڪتا آهن. اهو دين جو چشمو اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي. سخاوت ۽ خيرخيراتون ڪرڻ کان سواءِ حاجي صاحب تهجد گذار، روزانو قرآن شريف مان هڪ سيپارو دور ۽ فرض نماز باجماعت پابنديءَ سان پڙهندو هو.

حاجي الهداد خان راهو 14 مارچ 1983ع تي شام جو هن جهان کي ڇڏي دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو.

الهڏنو حاجي

سنڌ ۾ اجرڪ سازي جو فن تمام پراڻو آهي ۽ سنڌ ۾ وقت بوقت اجرڪ ناهڻ جا وڏا وڏا ڪاريگر پئي پيدا ٿيا آهن، جن سنڌ جي خاص سوکڙي اجرڪ ناهڻ واري فن کي نت نئون روح بخشي ملڪان ملڪ مشهور ڪيو آهي اهڙن ماهر ڪاريگرن مان ننڍي محمد خان جو حاجي الهڏنو پڻ ٿي گذريو آهي، جيڪو اجرڪ ناهڻ واري فن جو تمام وڏو ڪاريگر هو، جنهن کي ان هنر ۾ جديد

ڊيزائن ۽ جدت وارن پورن جي مهارت هئي. سندس ناهيل اجرڪون نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ پر پاڪستان کان ٻاهر پڻ ڪافي مقبول ۽ مشهور ٿيون.

حاجي الهڏني کي مڃتا طور صدر پاڪستان طرفان سال 1979ع ۾ "تمغہ امتياز" ڏنو ويو. سندس هنر ۽ ڪاريگرين جي نمائش 1980ع ۾ پاڪسان آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ ٿي.

حاجي الهڏنو 8 اپريل 1980ع تي گذاري ويو.

الهڏنو خاصخيلي

الهڏنو ولد علي محمد خاصخيلي 25 جنوري 1966ع تي شهر ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نثين ٿهي جو سريلو راڳي آهي.

الهڏنو خاصخيلي ايم اي پاس آهي. پاڻ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد آهي. ڳائڻ وڄائڻ سان کيس شروع کان ئي دلچسپي رهي. پهريان پنهنجي والد کان راڳ جي سکيا حاصل ڪئي، ان کان پوءِ استاد محمد جمن ۽ استاد مجيد خان کان باقاعدي موسيقي جي تعليم حاصل ڪئي.

الهڏنو خاصخيلي موسيقي جي حوالي سان 1988ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر سان لاڳاپيل آهي. سندس ڪيترين ئي آڊيو ڪيسٽون رليز ٿي چڪيون آهن. پاڻ پاڪستان جي مختلف علائقن توڙي پاڪستان کان ٻاهر، ابوظهبي، دوبئي، قطر ۽ سعودي عرب ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. سندس آواز تمام سنو، صاف ۽ جڳهو آهي. ڏکيون ڏکيون ڌنون نهايت مهارت سان ڳائي ٿو. هن سنڌ جي ڪيترن ئي نون شاعرن کي متعارف ڪرايو آهي. اميد آهي ته هي نوجوان فنڪار اڳتي هلي موسيقي جي دنيا ۾ سنو نالو پيدا ڪندو.

الهڏني کي مڃتا طور ڪجهه ايوارڊ به مليا آهن، جن ۾ مهراڻ آرٽ سرڪل روهڙي پاران شيخ اياز ايوارڊ، سنڌي ادبي سنگت جهمپير پاران ايوارڊ ۽ فنڪار ٽرسٽ جي ننڍو ۽ ڪراچي شاخن پاران مليل ايوارڊ شامل آهن. ان کان علاوه جناب رسول بخش درس کان کيس سنڌ جو "اسد امانت علي" جو لقب پڻ مليو آهي. پاڻ هن وقت "سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ' ضلعي ٺٽي جو چونڊيل صدر به آهي.

الهڏنو نوناري

سنڌ جو ناميارو ڳائڻو استاد الهڏنو نوناري شهر باگڙجي ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو، ۽ پوءِ روهڙي شهر ۾ وڃي رهيو.

الهڏني نوناري جو رجحان ننڍپڻ کان ئي موسيقيءَ طرف هو ۽ اڪثر محفلن ۾ ڪافي ڪلام پيش ڪندو هو، بعد ۾ باقاعدي موسيقي جي سکيا وٺڻ لاءِ استاد عاشق علي خان جو شاگرد ٿيو.

ڪلاسيڪي موسيقي جي ادائگي وقت "تان" هڪ اهڙي صنف آهي، جيڪا ڪنهن ڳائڻي جي خوبي مڃي ويندي آهي.ا لهڏنو نوناري تان ۾ مهارت رکڻ سبب پوريءَ سنڌ ۾ مشهور رهيو آهي. هن سنڌي ڪافيون جنهن انداز سان ڳايون آهن، انهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو ڪلاسيڪي موسيقي جو هڪ ماهر فنڪار هو.

خان صاحب الهڏنو نوناري سنڌ جو پهريون گائڪ هو، جنهن پنهنجي ديسي راڳ کان علاوه ڪلاسيڪي موسيقي ۾ به مهارت حاصل ڪئي هئي. سندس آواز تمام سنهو، اوچو لوچدار هو، جنهن ۾ عجيب سوز ۽ ترنم موجود هو، هن خاصيت سبب هو ڪافي ۽ مرثيه نهايت پر سوز انداز ۾ ڳائي سگهندو هو. پاڻ پنهنجي استاد واري انداز ۾ ڳائيندو هو. اڪثر استاد عاشق علي خان سان گڏ ڳائيندو هو. پاڻ تلنگ راڳ ۾ تمام گهڻي مهارت رکندو هو. آسا ۽ پيروي به سنئي انداز ۾ ڳائيندو هو. هن بمبئي، لکنو ۽ مدراس ۾ پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. سندس سدا حيات آواز گرامو فون رڪارڊن ذريعي محفوظ آهي.

خانصاحب الهڏنو نوناري سن 1951ع ۾ وفات ڪري ويو.

الهه رکيو چانڊيو، مولانا

مولانا الهه رکيو عرف ڪريمداد معرفاني چانڊيو 23 اپريل 1851ع تي ڳوٺ ڏگهه سومرو چانڊيو تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ممتاز عالم دين، محدث ۽ مدرس ٿي گذريو آهي.

مولانا الهه رکيو چانڊيو شروع ۾ مقامي مڪتبن ۾ پڙهيو، ۽ پوءِ سيتا ۽ روهڙي ۾ لائق استادن کان تعليم حاصل ڪيائين وڌيڪ تعليم جي تڪميل جي سلسلي ۾ پنگ شريف (ملتان) جي مولانا نظر محمد، سهانپور ۽ ديوبند جي علمائن جو به فيض حاصل ڪيائين. فارغ التعليم ٿي درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. سندس علمي فضيلت جي هاڪ پڌي پري پري کان شاگرد اچي وٽس فيضياب ٿيا، نه رڳو سنڌ مان پر بلوچستان، ايران ۽ ٻين علائقن مان به ڪيترائي شاگرد هن وٽان پڙهي فارغ ٿيا. هن پنهنجي سموري زندگي درس وتدريس ۾ گذاري هزارها شاگردن کي بهره ور ڪيو.

مولانا الهه رکيو پنهنجي وقت جو تمام وڏو عالم دين بزرگ هو ۽ محمد عمر جان چشموي جو عقيدتمند هو، هن بزرگ بدعتن جي سخت مخالفت ڪئي، قومي رسمن جي اصلاح ۽ عام ديني تبليغ سندس زندگيءَ جو مقصد هو.

مولانا الهه رکيو چانڊيو 11 سيپٽمبر 1937ع تي گذاري ويو. سندس آخري آرام گاهه نوڙهي بجار تعلقي قمبر ۾ آهي.

الهيار شاهه، پير

پيرالهيار شاهه ولد ميان نور محمد شاهه 8 سيپٽمبر 1886ع تي

متياري ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ متياري سيدن جي ڄرار پوٽي خاندان مان سخي هاشم شاهه جي اولاد مان ستون نمبر سجاده نشين ۽ ياررويس، مهمان نواز، بااصول بزرگ ٿي گذريو آهي.

پيرالهيار شاهه قرآن پاڪ حفظ ڪيو ۽ ڪجهه سنڌي جي تعليم حاصل ڪئي. پاڻ اڃا ڇهن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد وفات ڪري ويو. وڏي فرزند هئڻ ڪري کيس سجاده نشين جي دستار ٻڌائي وئي. جيتوڻيڪ متياري شهر ۾ ٻيا به ڪيترائي ملڪيت ۽ طاقت وارا سيد موجود هئا، پر سخي هاشم شاهه جي اولاد هئڻ ڪري سڀ هن گهر جي عزت ڪندا هئا. سيدالهيار شاهه يڪ سخنو، دوستيءَ جو سچو ۽ اعتبار جوڳو معزز شخص هو. ڪامورن جي سلامي پرڻ يا خوشامد ڪرڻ وارن ماڻهن کي بلڪل پسند نه ڪندو هو. هي خوش خوراڪ ۽ خوش پوشاڪ هو. مهمان نوازي ۾ سندس ڪوتاهي نه هو، راڳ رنگ جو شوقين هوندو هو. سنڌ توڙي هند جي مکيه گوين کي پاڻ وٽ گهرائي ڪانئن راڳ ٻڌندو هو، ڪن سان ته هلي وڃي ملاقات ڪندو هو. راڳ جي فن جي کيس پوري ريت پروڙ هئي. هر هڪ راڳڻي، وڃت، تال وغيره جو کيس پورو پتو هوندو هو.

راڳيندڙ جڏهن وٽس ڳائيندا هئا ته، کين اهو احساس ٿيندو هو ته واقع ڪنهن ماهر اڳيان ڳائي رهيا آهن.

پير صاحب ملهه راند جو پڻ زبردست سرپرست رهيو. ڪيترائي ناميارا ملهه هن وٽ رهندا هئا، هن ئي سنڌ ۾ اترادي ۽ لاڙي ملهن جي وچ ۾ چٽاڀيٽي ڪرائڻ جو رواج وڌو. پاڻ شڪار جو به شوقين هو. 1923ع ۾ کيس "انجمن سادات متياري" جو صدر چونڊيو ويو، پير صاحب ياررويس ۽ بااصول ماڻهو هو. لوڪل بورڊ ۽ اسيمبلين ۾ داخل ٿيڻ کان هميشه پاسو ڪيائين. عهدن کان وڌيڪ کيس رشتن ۽ لاڳاپن جو لحاظ هوندو هو.

پيرالهيار شاهه 13 فيبروري 1947ع تي لا اولاد فوت ٿي ويو.

امام بخش "خادم" بدوي

حاجي امام بخش "خادم" ولد محمد بچل بدوي سن 1861ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو، پاڻ اعليٰ پايي جو شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو آهي.

حاجي امام بخش "خادم" بدوي قرآن پاڪ، فارسي ۽ سنڌي جي تعليم آخوند قمرالدين کان حاصل ڪئي، فائينل جو امتحان گورنمينٽ اسڪول سان پاس ڪري، ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ تربيت وٺڻ لاءِ داخل ٿيو. جتان 1889ع ۾ ڪامياب ٿي نڪتو ۽ پوءِ ٽنڊي ولي محمد جي سرڪاري سڪول ۾ ماستر مقرر ٿيو، مختلف اسڪولن ۾ رهندي، آخر خيرپورميرس جي لوٽ منگهنواري اسڪول مان 1912ع ۾ رٽائر ٿيو.

حاجي امام بخش "خادم" ان دور جي پيداوار آهي، جڏهن سنڌي نثر اڃا اسري رهيو هو، هن زماني ۾ سنڌي نثر لاءِ هڪ نئين تحريڪ پيد اٿي، خادم صاحب ان وقت نوڪري سانگي حيدرآباد ۾ رهندو هو، جتي اڪثر علمي مجلسون مثل رهنديون هيون، حيدرآباد ۾ آخوند قاسم هالائي، سيد فاضل شاهه، فضل محمد "ماتم"، مخلص، سانگي ۽ گدا سان سندس چاڻ سڃاڻ ٿي، جن جي صحبت جو مٿس ايترو ته اثر ٿيو جو پاڻ به شعر چوڻ لڳو ۽ آخوند قاسم هالائي جي تربيت هيٺ شعر چوڻ شروع ڪيائين، ۽ نثر ۾ سندس رهنمائي آخوند لطف الله سنائي ڪئي.

خادم صاحب پنهنجي دور جو بلندپايه شاعر هو سندس ڪلام سنڌي ۽ فارسي زبانن ۾ موجود آهي، سندس لائق فرزند مرحوم لطف الله بدوي سن 1958ع ۾ سندس سمورو ڪلام "ڪليات خادم" مرتب ڪري سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو. نثر جي سلسلي ۾ خادم صاحب کي اهو اعزاز حاصل آهي ته، هن پهريون سنڌي ڊرامو سن 1879ع ۾ "هير رانجهو" نالي سان لکيو اڪثر اهو چيو ويندو آهي ته سنڌي جو پهريون طبع زاد ڊرامو مرزا قليچ بيگ لکيو ليڪن نامور اديب محقق ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ان راءِ کي رد ڪندي پنهنجي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ لکي ٿو ته"سنڌي ادب ۾ جو پهريون ڊرامو لکيو ويو هو، سو هير رانجهو ئي هو ۽ نه مرزا قليچ بيگ وارو ليليٰ مجنون جو 1880ع ۾ لکيو ويو هو."

ان کان علاوه خادم صاحب سنڌي نثر ۾ هيٺيان ڪتاب لکيا: دودو چنيسر (ڊرامو)، حاتم طائي (قصو)، چار درويش (قصو)، بهرام گور (قصو)، الف ليليٰ (قصو)، فرهنگ طب، دو وايو، انشاي خادمي ۽ فوائد المبتدي.

حاجي امام بخش "خادمؒ" بدوي 21 جنوري 1918ع تي وفات ڪئي، سندس مزار شڪارپور ۾ آهي، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

وڃي ٿي وڇوڙي ۾ سڀ زندگاني،
پوئي مهر مرسل پسايو پيشاني،
گهڻا سال گذريا تنهنجي لاءِ سڪندي،
ڪندي آهه زاري پئي زندگاني.

امام بخش خان ٽالپر

مير امام بخش خان ولد مير فيض محمد خان ٽالپر 7 جمادي الثاني 1277هه مطابق 1860ع تي ڄائو. پاڻ خيرپور رياست جو فيض ۾ وارو ۽ علم دوست حاڪم ٿي گذريو آهي.

مير امام بخش خان کي سندس والد جي وفات کان پوءِ ٻئي ڏينهن

مارچ 1909ع تي برادريءَ جي طرفان پڳ ٻڌرائي وئي ۽ پهرين جولاءِ 1909ع تي باقاعدي سندس تاجپوشي جو جشن ملهايو ويو. مير صاحب پاڻ کي آئيني سربراهه جي حيثيت تائين محدود رکيو ۽ حڪومت جو انتظام وزير جي حوالي ڪري ڇڏيو. سندس دور حڪومت ۾ رياست جا تي وزير صادق علي شيخ، محمد ابراهيم ۽ محمد قادر شيخ هڪ ٻئي پويان مقرر ٿا، جن رياست ۾ سٺا سڌارا آندا.

مير امام بخش خان جي دور ۾ رياست اندر شراب خوري ۽ بدڪاري جو بنياد نڪري ويو، خيرپور شهر ۾ نوان رستا، عمارتون ۽ مسجدون ٺهرايون ويون، هنري اسڪول ۽ لوهه جو عاليشان ڪارخانو جاري ٿيو، پراڻي انگريزي اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. زناني اسپتال ۽ پاور هائوس ٺهرايا ويا. سن 1919ع ۾ خيرپور شهر ۾ "آل انڊيا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس" جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سڄي هندستان جي تعليمي ماهرن ۽ اديبن شرڪت ڪئي. سندس دور ۾ ڇيڙ جي مزدوري ٻن آنن مان وڌائي چار آنا ڪئي وئي. اڳ ميرن جي شادي غمي ۽ ٻين تقريبن تي ديڳيون ۽ ڪٽولا راڄ وارن کان ورتا ويندا هئا، پر امام بخش خان اهو رواج بند ڪري، هڪ سو ديڳيون ۽ ڪافي ڪٽولا خريد ڪرائي توشاخاني ۾ رکرايا.

سن 1912ع ۾ دهلي جي دربار تي گذري جتي برطانيه جو بادشاهه پاڻ آيو هو، هن دربار لاءِ 12 هزار خاص نشستون لڳايون ويون هيون ۽ وڌيڪ 75 هزار عام ماڻهن جي شرڪت لاءِ ٽڪيٽون هلايون ويون هيون. مير صاحب هن دربار ۾ شرڪت ڪئي ۽ کيس هن عظيم والشان تقريب ۾ سي آءِ اي جو خطاب مليو.

مير امام بخش خان پهرين مهاڀاري لڙائي دوران انگريزن جي گهڻي امداد ڪئي هئي، جنهن جي سلي ۾ کيس جنوري 1918ع ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جو اعزازي عهدو مليو.

مير صاحب نهايت ڪفايت شعار ۽ ڪرڙو حاڪم هو، ليڪن ڀلائي جي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو، هن ڪراچي کان وٺي ڪلڪتي تائين ادارن کي امداد ڏني، پاڻ شڪار جو ٻڻ شوقين هوندو هو.

مير امام بخش خان 8 فيبروري 1921ع تي وفات ڪئي . سندس جسد خاڪي ڪربلا معليٰ جي مقدس مٽي ۾ دفن ڪيو ويو.

امام بخش خان جتوئي، سردار

سردار امام بخش خان ولد سردار فتح محمد خان جتوئي سن 1871ع ۾ ڳوٺ نيهشر آباد تعلقي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جتوئي قوم جو هاڪارو سردار ٿي گذريو آهي.

سردار امام بخش خان جتوئي ڳوٺ جي مدرسي ۾ سنڌي ست درجا ۽ فارسي زليخا تائين پڙهيو، سندس والد جي وفات کان پوءِ کيس سرداري جي پڳ

پڏاتي وئي. سندس خاندان کي زمينداري به آهي، ليڪن ان کان وڌيڪ سرداري اثر اٿن، جملي جتوئي قوم جا ماڻهو سندس خاندان جي سرداري ۾ آهن.

سردار امام بخش خان کي سرڪار طرفان پهريان "خانصاحب" پوءِ "خانبهادر" جا لقب مليا، بعد ۾ "سردار بهادر" ٿيو. ڪيس ڪجهه وقت لاءِ اسپيشل مئجسٽريٽ ڪري رکيو ويو. 1911ع کان 1930ع تائين وٽس اهو عهدو رهيو. سندس اثر آفيسرن، سنڌ جي وڏن خاندانن وزيرن تائين هو. ڪيس حڪومت کان ڪيترائي آفرين ناما ۽ تلوارون مليل هيون، جي ان وقت وڏيءَ عزت جا نشان سمجهيا ويندا هئا.

سردار صاحب يڪ سخنو ۽ واعدي جو پڪو هوندو هو. راڄ جا ماڻهو هن کان گهڻو ڊڄندا جهڻا. سندس حڪم جي انحرافي ڪرڻ انهن لاءِ تمام مشڪل ڳالهه هئي.

سندس لاڳاپا سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي وڏن خاندانن سان گهاٽا هوندا هئا. ايتري اثر رسوخ هوندي به پاڻ ڪڏهن به چونڊن ۾ اميدوار نه بيٺو.

سردار امام بخش خان جتوئي گاڏيءَ ۾ دل ٽٽڻ سبب 2 جون 1956ع تي وفات ڪئي.

امام بخش خان "صابر" جتوئي

خانبهادر حاجي امام بخش ولد خانبهادر غلام رسول خان جتوئي 25 جولاءِ 1881ع تي ڳوٺ ملڪ تعلقي مسوري ۾ ڄائو، پاڻ سنڌ جو مشهور زميندار، مجيل سياستدان ۽ بهترين شاعر ٿي گذريو آهي.

خانبهادر امام بخش خان جتوئي ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ قاضي عبدالرئوف وٽ قرآن شريف، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي، سندس ذهن تيز هو، ان ڪري سنڌي، فارسي ۽ عربي ۾ چڱي دسترس ڪري ويو. سندس اڪر سنا ۽ خطن جا مضمون نهايت اديبانه هئا، طب جي علم جو به ڄاڻون هو.

جتوئي صاحب سٺو شاعر پڻ هو، شاعري ۾ "صابر" تخلص وجهندو هو، سندس ڪلام جا مجموعا "صابر جو ڪلام" ۽ "سخن صابر" جي نالن سان ڇپيل آهن.

پاڻ صوفي طبع ۽ راڳ جو شوقين هو، مالڪ سائين کيس اهڙي طاقت عطا ڪئي هئي، جو سڪي کي ڇپڻ سان زور ڏيندو هو ته اڪري ڊهي ويندا هئا.

امام بخش خان جو والد پنهنجي وقت جو وڏي هلندي بلندي وارو ماڻهو هو، جنهن جي وفات کان پوءِ پاڻ ڪشادي هٿ، مهمانوازي، آفيسرن سان لاڳاپو رکڻ، يارن دوستن کي مهل سر ڪم اچڻ، جهڙين صفتن سبب وڏو اثر رسوخ پيدا ڪيائين. سندس اصل ڳوٺ کي 1930ع ۾ درياءَ پائي ويو ته، هن نئون ڳوٺ

ڀڏايو جيڪو هاڻي "جتوئي نوان" جي نالي سان سڏجي ٿو.
سرڪار طرفان کيس 1912ع ۾ "خان صاحب" جو لقب ۽ 1926ع ۾ "خان بهادر" جو خطاب مليو. سن 1916ع کان وٺي1938ع تائين اسپيشل مئجسٽريٽ ٿي رهيو 1921 کان 1932ع تائين بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر رهيو. 1933ع کان 1936ع تائين نواب شاهه ضلعي لوڪلبورڊ جو چيئرمن ٿي رهيو.
امام بخش خان "صابر" جتوئي 7 نومبر 1938ع تي وفات ڪري ويو. سندس تربت نيو جتوئي ۾ صابر شاهه جي مقام ۾ آهي، سندس شاعري جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

اسان جي يادگيريءَ جو اوهان وٽ ڪو ذڪر ڪونهي،
اسان جي آهه وزاريءَ جو اوهان وٽ ڪو اثر ڪونهي.

امام راشدي

سيد امام المتقين المعروف "امام راشدي" ولد سيد بدرالدجيٰ شاهه راشدي 3 ڊسمبر 1960ع تي شاهه جو ڳوٺ لڳ نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نئين ٽهي جو ناميارو ليکڪ آهي.
امام راشدي ايم اي (سنڌي) فرسٽ ڪلاس ۾ 1996ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پاس ڪئي، پيشي جي لحاظ کان پاڻ 1984ع کان پرائمري استاد آهي، سندس تعلق مشهور علمي، ادبي "راشدي" گهراڻي سان آهي، جنهن ڪري علم ۽ ادب کيس ورثي ۾ مليل آهي، هن صاحب نثري ادب ۾ چڱي مڃتا ماڻي آهي. اجا تائين سندس ڪو ڪتاب ته منظرِ عام تي اچي نه سگهيو آهي، ليڪن سندس لکيٽون سيني مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيون آهن.
راشدي صاحب جون پنجاهه کان وڌيڪ طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل پاراٽيون ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون آهن. ان کان علاوه سندس لکيل لاتعداد تحقيقي مقالا، مضمون، تعارف، تبصرا ۽ ڪالم وغيره وقت بوقت سنڌي توڙي اردو رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. جن ۾ سنڌي رسالا مهراڻ، نئين زندگي، ٽِماهي سنڌي ادب، پيغام، گل ڦل، عبرت ميگزين، سهڻي، لطيف ڊائجيسٽ، سوجهرو، سرتيون، نيئن سوچ، نئون نياپو، پارس، سگهڙين سٿ ۽ اخبارون هلال پاڪستان، عوامي آواز، جاڳو، برسات، عبرت، تعمير سنڌ وغيره شامل آهن. جڏهن ته اردو رسالن مان رابطہ، اخبار جهان، نونهال، آنکهه مچولي، آواز جرس، وطن دوست ۽ دانش وغيره ۾ سندس ليک پوندا آهن.
راشدي صاحب ٽماهي رسالي "روشن راهه" جو چيف ايڊيٽر پڻ آهي. ۽ سنڌي ادبي سنگت نئون ديرو شاخ جو ٻه ڀيرا سيڪريٽري ۽ شاهه عنايت

ادبي سنگت نئون ديرو جو صدر رهي چڪو آهي ۽ هن وقت سنڌي ادبي سنگت جو آڊيٽر ۽ سگا جو ميمبر آهي.

امداد حسيني، سيد

سيد امداد علي شاهه ولد سيد فضل محمد شاهه (سنڌس چوڻ مطابق) 10 مارچ 1941ع تي شهر ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌس ادبي نالو امداد حسيني/ سانول آهي. پاڻ موجوده دور جو سرموڙ سنڌي شاعر آهي.

امداد حسيني ابتدائي تعليم ٽکڙ مان حاصل ڪئي، مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان، انٽر سچل سرمست ڪاليج مان بي اي ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين.

امداد حسيني پهريان سنڌي ادبي بورڊ جي نوڪري اختيار ڪئي، جتي پاڻ لئبررين مقرر ٿيو، ان کان پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ ريسرچ فيلو مقرر ٿيو ۽ آخر ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ مقرر ٿيو، جتي اڄا تائين ڪم ڪري رهيو آهي. ان وچ ۾ 78-1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو. ۽ 95-1994ع ۾ ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي ايڊيشنل چارج بہ وٽس رهي.

امداد حسيني اسڪول واري زماني کان ئي شاعري ڪندو هو، پر پوءِ مولانا غلام محمد گرامي صاحب جي حوصلہ افزائي، تربيت ۽ اصلاح سان باقاعدي شاعري ڪرڻ جي آغاز ڪيائين. سنڌس شاعريءَ جي ذوق کي وڌائڻ ۾ "بزم طالب المولىٰ" جو پڻ وڏو دخل رهيو. "بزم طالب المولىٰ" جي مشاعرن ۾ امداد پنهنجي پيءُ صاحبِ ذوق عزيزن ڊاڪٽر بيخود حسيني، شبير "هاتف"، حافظ شاهه "ناطق" ۽ "سرز" ٽکڙائي سان گڏجي باقاعدي شرڪت ڪندو رهيو. اڳتي هلي "بزم طالب المولىٰ" جو سيڪريٽري ٿيو، ان دور ۾ امداد هڪ غزل گو شاعر جي حيثيت سان نمايان شهرت حاصل ڪئي، چئن، پنجن سالن جي ان مشق ۽ رياض کان پوءِ، وقت جي تقاضا امداد کي جديد ادب جي قدرن ۽ معيارن جي قريب آندو ۽ نظم ۽ آزاد نظم لکڻ تي آماده ڪيو. آزاد نظم تي سنڌس ڪيل تجربا سنڌي شاعري ۾ فڪر انگيز بہ آهن ۽ هيئت ۽ اسلوب جا نادر نمونا بہ جيئي سگهجن ٿا، ان سلسلي ۾ حملو، گهر جي ياد، بدبو، واپسي، انتظار، جنگ، شرط ۽ ماحول وغيره شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

امداد حسيني مسلسل لکندو پيو اچي. هن سڀني جديد صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. نظم سنڌس پسنديده صنف آهي، ان ۾ خوب گلڪاريون ڪيون اٿس. سنڌس نظم جديد انداز ۾ آهي، جن مان گهڻن نظمن کي مخصوص ردم ۽ ڊرم جي تال تي ڪمپوز ڪري سگهجي ٿو.

امداد حسيني فلمي گيت بہ لکيا آهن. ڏرتي لال ڪنوار، حاضر سائين ۽

سهڻا سائين فلمن لاءِ لکيل سندس گيت ڏاڍا مقبول ٿيا. هن ٻارن لاءِ گيت به لکيا آهن. سندس پهريون مجموعو ڪلام "امداد آهي رول" 1976ع ۾ ڇپيو ۽ سندس ٻيو ڪلام جو مجموعو "هوا جي سامهون" ڇپائيءَ هيٺ آهي. ان کان علاوه هن ٻه ڪتاب اردو ۾ ترجمو ڪيا آهن جن ۾ هڪ "زينت" (اردو ادبيات لاءِ) ۽ ٻيو ڪتاب "دودوچنيسر" (لوڪ ورثي لاءِ) ڪتاب دودو چنيسر ۾ امداد صاحب وڏي مهارت سان ڀاڳو ڀان جي ڳايل دودو چنيسر جي ڳالهه جو سنڌي مان اردو ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي. هن ساٿي ايڊيٽر جي حيثيت سان ٻه نثري ڪتاب "سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ" 1971ع ۽ "علمي آئينو" 1972ع، ترتيب ڏنا آهن. تنهن کان سواءِ هن ريڊيو لاءِ گيتن، غزلن کان علاوه گيتن ڀريون ڪهاڻيون ۽ ٽيليويزن لاءِ ڊراما پڻ لکيا آهن.

امداد حسيني شاعري جي حوالي سان تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي آهي. پاڻ سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نکور شاعري پيش ڪري داد حاصل ڪندو رهيو آهي. اخبارن، رسالن ۾ به گهڻو ڇپيو آهي. ڪيس ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي پڻ ڪيترن ئي سٺن سٺن فنڪارن ڳايو آهي، نموني طور سندس هڪ نظم جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

توسان روز ملان، روز نئون هڪ گيت لکان،
جي نه ملان توسان پوءِ به هڪڙو گيت لکان،
مرڪان لڙڪان، لڙڪان مرڪان،
امداد حسيني جيئان، سڪ جي سٽ لکان.

امر تراءِ "سام" جئسنگهاڻي

ديوان امر تراء ولد حشمتراء 3 جون 1903ع تي ڳوٺ طيب تعلي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي.

ديوان امرتراءِ شروعاتي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. جڏهن قطع تعلقات تحريڪ شروع ٿي ته، هن ان ۾ ڀرپور حصو ورتو. ان دوران فرانس جي رهاڪو ميسوپال رچرڊ سان ڏيٺ ويٺ ٿيس، جنهن جي دعوت تي انگلينڊ، فرانس، مصر، شام، الجيريا، فلسطين ۽ ٻين ملڪن جو سير ڪندي، ديوان صاحب تاريخ ۽ ادب ۾ ڪافي ڄاڻ حاصل ڪري ورتي ۽ انگريزي ۾ چوڏهن ڪن ڪتاب لکي ورتائين بعد ۾ موٽي اچي ڪراچي مان (New age) نالي هڪ رسالو به جاري ڪيائين ۽ "اڪبر آشرم" نالي هڪ تحريري رٿا به مرتب ڪيائين. ان کان پوءِ 1934ع ۾ پاڻ واپس ڳوٺ موٽي آيو ۽ سماجي ڪمن ۾ حصو وٺڻ لڳو سندس جيون ساٿي لاڙڪاڻي جي مشهور

ڊاڪٽرياڻي سرلا ديوي هئي. جيڪا 11 فيبروري 1974ع تي فوت ٿي ويئي.

ديوان صاحب "سامر" جي تخلص سان مختلف ٻولين ۾ شاعري ڪئي. غزل، نظم، ڪافي، رباعي، قصيده، وائي ۽ پنجن تي طبع آزمائي ڪيائين. سندس ڪلام سنڌي، هندي، سرائڪي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ملي ٿو. سنڌي شاعري ۾ سندس ديوان 1934ع ۾ انڊيا مان ڇپرو ٿيو. فارسي ۾ ٻه هڪ ديوان مرتب ڪيائين. ان کان سواءِ نثر ۾ به لکيائين سندس تصنيفات ۾ پنهون جي.... آتم باغ - تون ۽ مان، ۽ دل جي مامر سدا پرپور، گهڻو مقبول آهن. سندس محبوب زال هن جي شخصيت تي سندس جيئري ئي "جيتا مڙي جي ڊائري" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو هو.

ديوان امرت راءِ "سامر" جئسنگهاڻي 12 فيبروري 1988ع تي چالاڻو ڪيو، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

بهار آئي هلن ٿيون اڄ چمن ۾، پيار جون ڳالهيون،
جنون عشق ۾ ناصح نه ڪر، ويچار جون ڳالهيون،
عام وڪيلن ڊاڪٽرن ۾، ڪا همدردي ناهي،
جيري خاطر ٻڪري کهندا، چوندا ته ان ۾ چاهي.

امر جليل

عبدالجليل ولد عبدالغني قاضي 8 نومبر 1936ع تي روهڙي ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو. سندس ادبي نالو "امر جليل" آهي. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامانگار ۽ ڪالم نويس آهي.

امر جليل ابتدائي تعليم روهڙي ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي مان، بي اي گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه مان، ايم اي (ايڪانامڪس) ڪراچي يونيورسٽي مان ايم- اي (تاريخ) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي، پوسٽ گريجوئيٽ پروگرام ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي (ٽيليوزن پروگرام پروڊڪشن) جي ڊگري فلوريڊا اسٽيٽ يونيورسٽي مان حاصل ڪئي.

امر جليل اسلام آباد ۾ مختلف عهدن تي رهيو. جهڙوڪ ريجنل مئنيجر پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجي علامه اقبال اوپن يونيورسٽي وغيره هن ويجهڙائي ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائر ڪيو آهي.

امر جليل نواب شاهه ۾ قمر شهباز جي صحبت ۾ قمر نالي کان متاثر ٿي ان جي هم وزن ادبي نالو "امر" اختيار ڪيو. پاڻ ويهين صديءَ جي آخري اڌ حصي واري سنڌي افسانوي ادب تي ڇانيل رهيو. پاڻ خاص طور تي نئين ٽهيءَ جي ليکڪن ۽ هر عمر جي پڙهندڙ جي لاءِ هڪ يونيورسٽيءَ جي حيثيت رکي

ٿو. امر جليل سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ سنڌي ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ غضب جي ڪشش آهي، جيڪا ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي وٺي. هن جي ڪهاڻين جا موضوع جيتوڻيڪ اُهي ئي ساڳيان هوندا آهن، جن تي تقريباً هر افسانانگار ڪجهه نہ ڪجهه لکيو آهي، پر اهي موضوع پراڻا هوندي بہ پراڻا نہ لڳندا آهن. ڇو تہ انهن ۾ امر جليل جو مشاهدو، مطالعو ۽ تجزيو شامل هوندو آهي، سندس ڪهاڻين جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ انهن ۾ وڏا وڏا ادبي لفظ ۽ مصنوعي جملا بلڪل نہ آهن. ٻولي تمام سادي، مقامي ۽ طنز و مزاح سان ڀرپور آهي، جنهن کي پڙهندي پڙهندي بي اختيار ٽهڪ بہ نڪري وڃن. هن 1962ع ۾ هند - سنڌ ڪهاڻين جي مقابلي ۾ پهريون انعام حاصل ڪيو هو.

امر جليل نہ رڳو ڪامياب ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ڪافي ريڊيو، ٽي وي ۽ اسٽيج لاءِ ڊراما، اخبارن لاءِ ڪالم ۽ فلمن لاءِ ڊائلاگ بہ لکيا آهن، جيڪي سيئي سندس ڪهاڻين وانگر مقبول رهيا.

امر جليل پهرين ڪهاڻي "اندرا" لکي جيڪا 1956ع ۾ رسالي "ادا" نوابشاهہ ۾ شايع ٿي. هن پهريون ڊرامو اسٽيج لاءِ "انسان" لکيو، جيڪو نيشنل ٿيٽرس ڪراچي ۾ 1963ع ۾ اسٽيج ٿيو. "درياءَ ٽوٽي دانهن" ريڊيو لاءِ لکيل سندس پهريون ڊرامو هو، جيڪو 1967ع ۾ حيدرآباد اسٽيشن تان نشر ٿيو. ٽيليويزن تان سندس پهريون ڊرامو "ماءُ" ڪراچي سينٽر تان 1968ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو. پهرين فلم جنهن جا هن ڊائلاگ لکيا، اها هئي "نوري ڄام تماچي" جيڪا 1968ع ۾ رليز ٿي هئي. سندس لکيل پهريون اخباري ڪالم "تنهنجون منهنجون ڳالهيون" روزنامہ هلال پاڪستان ڪراچي ۾ 4 مئي 1972ع تي ڇپيو. سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب "دل جي دنيا" 1969ع ۾ ڇپيو. جنهن تي ڪيس سنڌالاجي طرفان 1970ع ۾ پهريون انعام مليو. ان کان پوءِ ڪهاڻين جا سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيا آهن.

جڏهن مان نہ هوندس (1971ع)، موت منهنجو مهمان (1973ع)، راهون جدا جدا (1973ع)، رڇ (1973ع)، هن ڄار ۾ (1974ع)، رني ڪوٽ جو خزانو، منهنجو ڏس آسمان کان پڇو، سنڌو منهنجي ساهہ ۾، تاريخ جو ڪفن، ۽ ٽيون وجود، ان کان علاوه سندس هڪ ناول "نيٺ گونگي ڳالهايو ۽ هلال پاڪستان ۾ لکيل سندس ڪالمن جو مجموعو "تنهنجون منهنجون ڳالهيون" پڻ شايع ٿي چڪا آهن.

امر جليل صوفي ازم تي پڻ ڪافي لکيو آهي، جنهن تي کيس تازو لطيف سائين جي سالياني عرس جي موقعي تي 21 مئي 2000 تي "لطيف ايوارڊ" بہ ملي چڪو آهي. سندس لکڻيون وقت بوقت سنڌ ۽ هند جي اخبارن ۽ رسالن ۾ وڏي آب و تاب سان شايع ٿيندي رهيون آهن. پاڻ سنڌ ۽ هند ۾ هڪجهڙي مقبوليت رکي ٿو.

اميد علي خان، استاد

استاد اميد علي خان ولد استاد پيارو خان سنڌ جو مشهور گويو ٿي گذريو آهي.

استاد اميد علي جو تعلق گواليارِي گهراڻي سان هو، سندس والد استاد پيارو خان تسنگ (امرتسر) جو رهاڪو هو ۽ مشهور موسيقار ٿي گذريو آهي. ڪيس سنڌ جي سرهاڻ ۽ هتي جي ماڻهن جي مهڪ سنڌ ۾ ڇڪي آئي. سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو سندس آواز تي موهت ٿي پيو، ۽ ڪيس حيدرآباد ۾ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. استاد اميد علي خان حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ نپنو.

استاد اميد علي خان ٻارهن سالن جي عمر ۾ راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. هن موسيقي جي سکيا پنهنجي والد کان حاصل ڪئي، پهريان ٻيءُ سان جهيلي تي ڳائيندو هو ۽ پوءِ تمام جلدي شهرت جي بلند منزل تي پهچي ويو.

استاد اميد علي خان پنهنجي خانداني روايتي گائڪي جي انداز کي قائم رکندي، موسيقي جي فن ۾ جدت پيدا ڪئي. ۽ موسيقي ۾ ماحول جي نسبت سان نوان نوان رنگ پري هن ميدان ۾ منفرد ۽ ممتاز مقام حاصل ڪيو. هن نه رڳو ملڪ ۾ پر ملڪ کان ٻاهر به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ماڻهن کان داد حاصل ڪيو. سندس ڳايل ڪلام اڄ به ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندو آهي. جنهن کي ٻڌڻ سان روح کي راحت اچيو وڃي.

استاد اميد علي خان 10 جنوري 1979ع تي منجهند جو اوائي وڳي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

امير احمد "امير" چانڊيو

حاجي امير احمد "امير" ولد جان محمد چانڊيو سن 1935ع ۾ ضلعي نواب شاهه، تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ شادي خان چانڊيو ۾ پيدا ٿيو.(1)

حاجي امير احمد چانڊيو ٻاراڻي ادب جو اوائلي خدمتگار، لوڪ ادب

---

(١) شادي خان ولد سالار خان چانڊيو ٽالپرن جي دور ۾ سڪرنڊ واري علائقي جو مشهور زميندار ۽ هلندي بلندي وارو شخص هو. مير سهراب خان ٽالپر جو درباري پڻ ٿي رهيو هو، محرم سن 1205هه ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه تعلقي سڪرنڊ ۾ سندس نالي پويان قائم ٿيل ڳوٺ جي پِر ۾ آهي. سندس مزار مٿان عاليشان مقبرو جڙيل آهي. سندس پاءُ دريا خان چانڊيو وري ميراڻي دور جو وڏو جنگي جرنيل ٿي گذريو آهي. ليڪن افسوس جو وقت جي ستمگريءَ سبب هن قومي هيري جو نالو گمنامي جي عالم ۾ رهجي ويو. 1786ع ۾ جڏهن مير سهراب خان جي ڀاءُ مير غلام محمد خان ٽالپر عمرڪوٽ تي ڪاهه ڪئي ته، حيدرآباد جي والي مير فتح علي خان ٽالپر پنهنجي جرنيل دريا خان چانڊيو کي ڪجهه ماڻهو ڏئي مير غلام محمد خان جي واهر لاءِ موڪليو. جڏهن دريا خان عمر ڪوٽ پهتو ته عين ان وقت مير غلام محمد خان عمر ڪوٽ جي راجپوتن جي لشڪر هٿان شهيد ٿي پيو، ۽ سندس لشڪر ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳو. دريا خان مير صاحب جي لشڪر کي گڏ ڪري همٿايو ۽ پيهر راجپوتن سان جنگ جوٽي ۽ ڏاڍي جوش سان وڙهيو.

جو پارکو ۽ نادار ۽ مسڪينن جي مدد ڪندڙ خداترس انسان آهي. پاڻ ايم اي (اسلامي ڪلچر) پاس آهي. پيشي جي لحاظ کان زميندار آهي.

سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ تي هميشه گهڻ ڌيان ڏنو ويو آهي. خاص ڪري آزادي کان پوءِ ٻاراڻي ادب جي اشاعت جو سلسلو ڏاڍو سست رهيو، ان ڪمي کي شدت سان محسوس ڪندي، امير احمد چانڊيو عملي طرح ميدان ۾ آيو ۽ سن 1971ع ۾ سڪرنڊ ۾ پنهنجي هڙان هڪ اشاعتي ادارو "روشن ادب" نالي سان قائم ڪري، ٻارن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو شروع ڪيائين.

هن اداري طرفان هر ٻن مهينن کان پوءِ ٻارن لاءِ هڪ ڪتاب شايع ٿيندو هو. جنهن ۾ مختلف ليکڪن جون ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻيو مواد شامل ٿيندو هو. اهڙي طرح هن اداري ٻارن لاءِ چڱا دلچسپ ڪتاب شايع ڪيا ۽ ڪافي نون ليکڪن جي سجاڻپ ڪرائي. اهو ڪتابي سلسلو ڪافي عرصي تائين جاري رهيو، جيڪو پوءِ ڪن مجبورين سبب بند ٿي ويو.

امير احمد چانڊيو لوڪ ادب جي به سٺي ڄاڻ رکي ٿو، نڙ بيت سان سندس خاص لڳاءُ آهي هر مهيني وٽس نڙ بيت جي، سگهڙن جي وڏي رهاڻ ٿيندي آهي. جنهن ۾ اوري پري جا بيتائي اچي شريڪ ٿيندا آهن. چانڊيو صاحب "امير" جي تخلص سان شاعري به ڪري ٿو. ڪيس تاريخ مان سٺي واقفيت آهي. پاڻ ايشياءُ ۽ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن جي سياحت به ڪري چڪو آهي.

حاجي صاحب غريبن ۽ حاجتمندن جي مخفي طريقي سان مالي مدد ڪندو آهي، اوڙي، پاڙي ۽ يارن، دوستن جي مهل سر مدد ڪرڻ سندس معمول رهيو آهي. پاڻ صوم و صلاوت جو پابند، زڪوات باقاعدگيءَ سان ادا ڪندڙ ۽ حق حلال جي روزي ۾ يقين رکندڙ نيڪ سيرت انسان آهي.

امير احمد مخدوم

مخدوم امير احمد ولد مخدوم احمدي سن 1901ع ۾ شهر کهڙا ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ عالم، اديب، مترجم ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي.

مخدوم امير احمد جو تعلق کهڙن جي مشهور معروف مخدوم خاندان سان هو. هن ابتدائي تعليم کهڙن جي مدرسي ۽ اسڪول ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ پاڻ مختلف ناميارن عالمن وٽان علم جي اڃ اجهائيندي آخر مولانا محمد هاشم انصاري وٽان فارغ التحصيل ٿيو. مخدوم صاحب اٺن مهينن جي قليل عرصي ۾ پورو

---

(۱) هو دشمن کي اهي لفظ چئي للڪاريندو رهيو ته "خبردار ٿي اچڻي ٿي دريا خان جي تلوار" بهرحال پاڻ ان ويڙهه ۾ ڌرتي ماءُ مٿان جان جو نذرانو ڏئي شهيد ٿي ويو. سندس ميت حيدرآباد آڻي پڪي قلعي ۾ دفن ڪيو ويو، هاڻي سندس قبر جا نشان به نه رهيا آهن.

قرآن شريف حفظ ڪيو. پاڻ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي تي وڏي دسترس رکندو هو، آخر ۾ انگريزي به سکيو هو.

مخدوم امير احمد تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت اباڻي مدرسي ۾ درس وتدريس ڏيندو رهيو، ان کان پوءِ 12 مئي 1933ع تي پاڻ نوشهرو فيروز هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر مقرر ٿيو، ڪجهه وقت نوابشاهه جي لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر ٿي رهيو. 1952ع ۾ پاڻ حج تي اسهيو ۽ واپس موٽڻ کان پوءِ کيس سنڌ اورينٽل ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪيو ريو، پاڻ مسلم گرلس ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم عربي ٽيچر به ٿي رهيو. 1955ع ۾ سندس ئي ڪوششن سان اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول وجود ۾ آيو، پاڻ حمايت الاسلام جو سرگرم رڪن رهيو.

مخدوم صاحب وقت جو وڏو عالم ۽ اديب هو، کيس فارسي ۽ عربي لغت ۽ ادب تي وڏو عبور حاصل هو، سندس حافظو ايترو ته تيز هو جو هڪ پيرو پڙهيل ڪتاب جا حوالا ۽ اقتباس هوبهو ٻڌائي ويندو هو.

مخدوم صاحب تعليمي خدمتن سان گڏ ادبي خدمتون به سرانجام ڏيندو رهيو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڪجهه ڪتاب فارسيءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين. سندس ڪجهه مضمون به مختلف رسالن ۾ ڇپيل ملن ٿا. سندس ترجمو ۽ ايڊٽ ڪيل ڪتاب هي ريت آهن.

فتح نامه سنڌ عرف چچ نامو، تحفة الڪرام، تاريخ معصومي، حيات القاري في اطراف صحيح البخاري، (ايڊٽ ڪيل) ۽ بذل القوة في حوادث سني النبوة (ايڊٽ ڪيل). مخدوم امير احمد 26 فيبروري 1971ع تي وفات ڪري ويو.

امير بخش، فقير

فقير امير بخش ڪلوئي سن 1918ع ۾ جمڙائو واهه جي دلورموريءَ جي پر ۾ ڳوٺ الهه يار خان ڪلوئي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور صوفي راڳي ٿي گذريو آهي.

فقير امير بخش جو تعلق هڪ زميندار گهراڻي سان هو، پر سندس دل کي ننڍپڻ کان ئي محبت جي ميخ لڳي وئي، جنهن کيس فقير بڻائي ڇڏيو ۽ هو زميني زميني ڇڏي الفي، ڪولانبا ۽ ڪننا پائي، صوفين سان گڏجي پيرين اگهاڙو درگاهن ۽ فقيرن جي ڪچهرين ۾ ڳائي يڪتاري واري تند جو سوز سڻائيندو رهيو. پاڻ جڏهن پيراني شهر ۾ پهتو ته اتي پريل فقير جو مريد ٿيو، جنهن کي شاعريءَ جو درس ۽ راڳ جي وٺ پنهنجي پيءُ کان مليل هئي. جيڪو سنڌ جي مشهور ڪافي گو شاعر منٺار فقير جو شاگرد هو. اهڙي ريت اهو شاگرديءَ جو سلسلو فقير امير بخش کي منٺار فقير جي فيض مان مليل هو.

فقير امير بخش ڪافي کي ڳائيندڙن فنڪارن ۾ منفرد حيثيت جو مالڪ هو. پاڻ يڪتاري ۽ ڪڙتال (چپڙي) تي ڪافيون پر سوز انداز سان فن جي عشق

۾ اهڙو تہ غرق ٿي ڳائيندو هو جو ٻڌندڙ متاثر ٿيڻ کان رهي ڪين سگهندا هئا. اهوئي سبب هو جو صوفياڻي رنگ جي ڪلام کي پسند ڪندڙ ڪوشش ڪري کيس هر محفل ۾ ضرور گهرائيندا هئا، هو مختلف ڪافيون جهڙوڪ "پيچ پني برسن" "وبندڙ واسطي خدا جي منهنجو نيچ نياپو" مونکي ڏونگر ڏورڻ آيو" "سڻ بات برهہ دي ڪيهي" ۽ "وس نهين چلدا حجت نہ هلندي" کي مخصوص طرزن سان سينگاري اهڙي طرح ڳائيندو هو جو هو پنهنجي دور ۾ هر محفل تي ڇانيو رهيو، پاڻ يڪتاري ملائڻ جو برجستو قابل هو، اکر ۽ گفتي جو پڪو هو، آخري ڏينهن ۾ بيماري جي حالت ۾ بہ ڳائڻ ڪونہ ڇڏيائين. اهڙي طرح فقير امير بخش ڪافي جي فن سان حق ۽ انصاف سان نڀايو ۽ محفلن کي موڪيو. پاڻ 1958ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروگرامن ۾ حصو وٺندو رهيو. سندس ڳايل ڪلام اڄ بہ ڪثرت سان ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندو رهي ٿو.

فقير امير بخش کي آخري عمر ۾ دم جي تڪليف ٿي پئي هئي، جيڪا 1976ع ۾ سندس موت جو سبب بڻي.

امير علي چانڊيو

امير علي ولد ولي محمد چانڊيو 24 مئي 1949ع تي ڳوٺ شاهہ محمد چانڊيو لڳ قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ برجستو آفيسر، سٺو نثرنگار، شاعر، نقاد ۽ لطيف جي ڪلام جو انگريزي مترجم هو.

امير علي چانڊيو شروع ۾ پير واري ڳوٺ آباد جي ملا مڪتب ۾ پڙهيو ۽ پوءِ پنهنجي والد سان گڏ اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو جتي انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ وڃي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ داخل ٿيو، جتان 1973ع ۾ ايم اي (انگريزي) پاس ڪيائين، جنهن ڪانپوءِ پاڻ ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. ڪراچي ۾ رهائش دوران سي، ايس ايس جو مقابلي وارو امتحان پاس ڪري ورتائين. جنهن ڪري کيس اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس منتخب ڪيو ويو ۽ پوءِ ايس پي ٿيو ۽ پنهنجي سروس دوران سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ رهيو. آخر ۾ هو اٺويهين گريڊ ۾ ڊي آءِ جي جي رئنڪ تي پهتو هو.

امير علي چانڊيو شاگردي واري زماني کان ئي ادب سان شغف رکندو آيو، هن شعروشاعري بہ ڪئي، گيت، غزل، وايون ۽ ڪافيون لکيائين، کيس راڳ جي بہ سڃاڻ هئي. ان سلسلي ۾ مشهور راڳي منو ڪڇي کي پنهنجو استاد ٻڌايائين. پاڻ بهترين نثرنگار ۽ نقاد بہ هو. مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس مضمون، مقالا ڇپيا، ليڪن سنڌي ادب جي جنهن حوالي سان امير علي کي هميشہ لاءِ ياد رکيو ويندو. اهو سندس ڪارنامو آهي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي بيتن جو انگريزي ترجمو، جنهن مان سندس عالمانہ ۽ شاعرانہ صلاحيتن جو اظهار واضح ٿئي ٿو. سندس ترجمو ڪيل شاهہ جا بيت

"هلال پاڪستان" اخبار ۾ روزانو هڪ هڪ بيت ٿي شايع ٿيندا رهيا. ان کان سواءِ هن ڪجهه ٻين شاعرن جا نظم پڻ سنڌي مان انگريزي ۾ ترجمو ڪيا.

امير علي چانڊيو 12 آڪٽوبر 1996ع تي حيدرآباد ۾ انتقال ڪري ويو.

امينہ

غلام زينب شاهہ المعروف امينہ ذيءَ علي بخش شاهہ 15 ڊسمبر 1946ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. پاڻ سنڌي سنگيت جي سريلي گلوڪاره آهي.

امينہ ابتدائي تعليم سيد باز محمد شاهہ اسڪول ۾ حاصل ڪئي. 1967ع ۾ ميرا اسڪول حيدرآباد مان مئترڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1969ع ۾ پي ٽي سي جي ٽريننگ ڪري بشراج ڪالوني حيدرآباد ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ ٽيچر ٿي ۽ پوءِ هيڊمسٽريس جي عهدي تي پهتي.

امينہ کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو تمام گهڻو شوق هو. پاڻ مختلف محفلن ۾ مرثيہ ۽ نوحہ پڙهندي هئي، ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران زرينہ بلوچ سندس تمام گهڻي همت افزائي ڪئي ۽ کيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آندو، جنهن کان پوءِ استاد محمد ابراهيم ۽ استاد محمد جمن جي ساٿ سندس لئہ ڪاريءَ کي ڀڃنو بڻائي ڇڏيو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي امينہ جي آواز ۾ پهرين ڪافي حاجي شاهہ جي رڪارڊ ٿي، جنهن جا ٻول هئا "سما جام سلطان منهنجي ذات مهاٿي" ان کان پوءِ هن ڪيترائي ڪلام، ڪافيون، سهرا ۽ لوڪ گيت ڳائي شهرت حاصل ڪئي. هن زرينہ بلوچ ۽ ٻين ڳائڻين سان گڏ پڻ لوڪ گيت ۽ سهرا وغيره ڳايا.

امينہ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان باقاعدي ڳائڻ شروع ڪيو تہ، ان زماني ۾ سنڌي موسيقي جي افق تي چمڪندڙ ستارن ۾ زرينہ ۽ روبينہ تمام گهڻو مشهور ٿي چڪيون هيون، تنهنڪري ان وقت جي پروڊيوسر خواجہ امداد علي انهن نالن جو هم وزن نالو "امينہ" سندس لاءِ تجويز ڪيو. جڏهن تہ ان کان اڳ هوءَ پنهنجي اصلي نالي غلام زينب شاهہ سان سڏبي هئي. اهڙي طرح پاڻ غلام زينب شاهہ مان امينہ بڻجي وئي.

امينہ سڄي سنڌ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. کيس ڪو بہ ساز وڄائڻ نہ ايندو آهي. سندس آواز ۾ ڪمال جو ميناج آهي. سندس ڳايل ڪيترائي اسم مشهور ٿيا، جن ۾ جڳ مشهور ڳيچ "هٿين گل مينديءَ پيرين گل مينديءَ" پڻ شامل آهي. جيڪو ڪمپوز بہ سندس ئي ٿيل آهي.

امينہ ذاتي مصروفيتن سبب هاڻي موسيقي جي دنيا کي خيرباد چئي گهريلو زندگي گذاري رهي آهي.

انجم هالائي

آخوند حاجي عبدالرحمان "انجم" ولد علي محمد ميمڻ 15 آگسٽ 1902ع تي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قادر الڪلام شاعر، سچاڻ اديب ۽ صحافي هو.

انجم هالائي تعليم هالا نوان جي هڪ مسلم اسڪول ۾ حاصل ڪئي، جتي آخوند عبدالحي ۽ حاجي سليم الدين ڪان قرآن شريف، سنڌي، اردو ۽ فارسي جي تحصيل ڪئي. ان ڪان پوءِ ملان ٽريننگ ڪاليج شهدادپور ۾ 1919ع ۾ داخل ٿيو ۽ سال 1920ع ۾ استاد مقرر ٿيو.

انجم هالائي ڪهنه مشق شاعر ٿي گذريو آهي. شاعري ۾ سنڌس استاد مرحوم جان محمد "جان" هو، هالا ۾ شعرو شاعري جي محفلن کي انجم صاحب گهڻو زور وٺرايو. هالانوان جي تاريخ ۾ پاڻ پهريون شاعر هو، جنهنجو سڀ ڪان اول باقاعدي ديوان ڇپيو، سنڌس ڪلام ريڊيو پاڪستان تان اڄ به ڪثرت سان نشر ٿيندو آهي. جنهن مان هڪ ڪلام ته ڏاڍو مقبول آهي، جيڪو مشهور فنڪار چاڪر چانڊيو ڳايو آهي، جنهن جا ٻول آهن "مون کي تنهنجي بيوفائي جو سڄڻ ارمان آ" شاعري ڪان سواءِ سنڌس سماجي، ادبي ۽ صحافتي زندگيءَ سان به گهرو واسطو رهيو. پاڻ ورهين جا ورهيه هالا ميونسپل جو ڪائونسلر، وائيس پريزيڊنٽ ۽ اسڪول بورڊ ڪميٽيءَ جو چيئرمين ٿي رهيو. پاڻ هفتيوار اخبارن "معلم" ۽ "تعمير" ۽ ماهوار رسالي "فردوس" جو ايڊيٽر ۽ نوابشاهه مان نڪرندڙ رسالي "رهنما" جو چيف ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان، ڪاروان زندگي (ناول)، پياري نازنين (ناول)، ديوان انجم (شاعري)، علم اخلاق، شمع اسلام ۽ حقيقت زندگي قابل ذڪر آهن.

انجم هالائي پهرين نومبر 1975ع تي گذاري ويو، سنڌس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

آشنا ٿيو دوست ٿيو محبوب ٿيو دلدار ٿيو،
سو وري ساڳيوئي آهي مائل اغيار ٿيو،
گر هلاڪت لئه هزارين قصد ڪن منهنجا رقيب،
ڪابه پر واهه ناهه مونکي دوست جي غمخوار ٿيو.

انور حسين وسطڙو

انور حسين ولد عبدالهادي وسطڙو سال 1955ع ۾ ڳوٺ مريد وسطڙو نزد پريا ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو پاڻ مشهور عوامي فنڪار آهي.

انور حسين وسطڙي ابتدائي تعليم پر واري ڳوٺ ساند ۾ حاصل ڪئي، جتان پنج درجا پاس ڪري وجي هاءِ اسڪول نارو شاهه ۾ داخل ٿيو. پاڻ جڏهن

اٿين درجي ۾ پهتو ته، کيس موسيقي سکڻ جو شوق ٿيو ۽ هن ڪتاب ڇڏي هارمونيم ڪنيو. اهڙي طرح چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ هن موسيقيءَ سان ناتو جوڙيو ۽ پنهنجي وقت جي مهان راڳي استاد منظور علي خان جي خدمت ۾ حاضر ٿي، سندس شاگردي اختيار ڪئي. هو لڳاتار ست سال استاد وٽ راڳ جي سکيا وٺندو رهيو، ان عرصي دوران هن استاد وٽان گهڻو ڪجهه پرايو ۽ سندس هر حڪم کي هنئين سان هنڊائيندو رهيو.

انور حسين راڳ جي شروعات عوامي محفلن سان ڪئي ۽ پوءِ سرڪاري محفلن ۾ به حاضر ٿيندو رهيو. 1971ع ۾ خواجه امداد علي هن جي آواز کي پهريون ڀيرو ريڊيو جي مائڪي سان روشناس ڪرايو. ريڊيو تي سندس آواز ۾ جيڪو پهريون ڪلام نشر ٿيو اهو ڪلام حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو هو، جنهن جا پول آهن (جن سٽي ساجن مليو....(ان کان پوءِ هو ٽيليوزن تي پڻ پهتو. اهڙي طرح سندس فن ۽ آواز کان سڄي سنڌ واقف ٿي.

انور حسين جو آواز ۽ ڳائڪي جو انداز متاثر ڪندڙ آهي، شاعري جي چونڊ به سٺي ڪري ٿو، جنهن ڪري موسيقي جي دنيا ۾ کيس سٺي مڃتا ملي آهي. هن پراڻن شاعرن سان گڏ ڪيترن ئي نون شاعرن کي به ڳايو آهي. سندس ڳايل لاتعداد آڊيوڪيسٽون رليز ٿي چڪيون آهن، کيس به ڀيرا 1993ع ۽ 1995ع ۾ "لطيف ايوارڊ" ملي چڪو آهي. هاڻ هن وقت نواب شاهه ۾ رهي ٿو.

انور علي شاهه بخاري

سيد انور علي ولد مخدوم سيد خدا بخش شاهه 11 محرم الحرام 1326هه تي جهانپور ضلعي گهوٽڪي ۾ تولد ٿيو، هاڻ هڪ صوفي بزرگ، الله جو درويش ۽ قادر الڪلام شاعر هو.

فقير انور شاهه کي ننڍي هوندي ڳوٺ جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو، پر ديوانگي طاري رهڻ سبب هن پڙهڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه ڏيکاري، اسڪول ۾ بہ کيس داخل ڪرايو ويو، پر اتي به ڪو خاص ڌيان نه ڏنائين، جنهن کان پوءِ کيس مولوي محمد عيسيٰ نوناري وٽ ڇڏيو ويو، جتي هن هڪ هفتي اندر قرآن پاڪ پڙهي ٻڌايو، جنهن تي معلم عبرت ۾ پئجي ويو ۽ شاهه صاحب جي چاچي کي ٻڌائين ته اوهان جو ڇوڪرو قرآن پاڪ ته اڳئي پڙهيل آهي آءُ کيس ڇا پڙهايان. اهو ٻڌي سندس چاچو به حيرت ۾ پئجي ويو ۽ کيس واپس ڳوٺ وٺي آيو.

فقير انور شاهه جيتوڻيڪ ظاهري علم حاصل نه ڪيو هو، پر ڪمال آهي جو پاڻ هندي، گرمکي، پارسي، عربي، اردو ۽ بلوچي ٻوليون نه صرف ڳالهائيندو هو، پر انهن ٻولين ۾ انيڪ اشعار به چيائين.

فقير صاحب ڄمندي ڄام هو ۽ هر وقت الله جي وحدانيت ۾ غرق رهندو هو، سندس ظاهر جو مرشد سيد صاحب ڏنو شاهه (وسطي شاهه عنايت) هو،

پاڻ اڪثر وقت جهنگ ۾ بسر ڪندو هو ۽ عبادت الاهي ۾ گذاريندو هو. فقير صاحب سدائين مدهوش رهندو هو سندس اکيون هميشه لال رهنديون هيون ۽ انهن مان اڪثر نير رهندو هئس.

فقير صاحب کي مجازي عشق جي چوٽ لڳي، تڏهن پاڻ پنهنجي اندر جي درد کي برهه جي بني بنائي شعر چوڻ لڳو. اهڙي طرح پاڻ حال زار ۾ رهڻ لڳو. جنهن کان پوءِ منجهس عشق الاهي جي ڪيفيت جنون جي حد تائين طاري ٿيڻ لڳي. پاڻ ڪيئي سال جهنگ ۾ عبادت الاهي ڪارڻ گوشه نشيني اختيار ڪرڻ کان پوءِ گهوٽ واپس اچي هڪ آستاني جو بنياد رکيائين ۽ معرفت الاهي جو درس ڏيڻ لڳو. سندس مريدن جو تعداد وڌڻ لڳو. اهڙي طرح پاڻ رشد و هدايت جو سلسلو شروع ڪيائين آستاني تي راڳ ويراڳ جون محفلون ٿيڻ لڳيون. جتي ڪيئي فقير اچڻ لڳا، جن ۾ محمد فقير ڪتيان، غمدل فقير ۽ دانا ولايت شاهه سر فهرست آهن.

فقير انور شاهه مختلف زبانن ۾ ڪلام چيو آهي، سندس ڪلام جو بنياد عشق الاهي تي پڌل ۽ تصوف جي سلسلي جي تعبير آهي. هجر ۽ فراق جي موضوع تي به ڪافي ڪلام چيو اٿس. پاڻ وحدت الوجود جو درس ڏئي ٿو ۽ هيڪڙائي جي هدايت ڪري ٿو پاڻ اڪثر وجد ۾ اچي ڪلام چوندو هو ۽ انهيءَ ڪيفيت ۾ "اناالحق" جو نعرو هڻندو هو. سندس ڪلام جو هڪ حصو "ديوان انور" ڇپجي چڪو آهي ۽ ٻئي حصي تي ڪم هلندڙ آهي.

سيد انور علي شاهه بخاري 5 جولاءِ 1961ع تي وصال ڪري ويو، سندس خوبصورت مزار زير تعمير آهي، جنهن تي هر سال 21 محرم تي وڏو ميلو لڳندو آهي. نموني طور سندس هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو:

دوزخ جي دڙي تي ڏنم بانگ بيهي،
حرف پڙهيم حق جو وحدت منجهه ويهي،
"انور" ڪيو سهي، سودو صفائي جو.

اياز شيخ

شيخ اياز ويهين صديءَ جي سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو ۽ سانگهي صدي دوران دنيا ۾ پيدا ٿيل وڏن شاعرن مان هڪ هو. شيخ اياز جي شاعري ۾ اهي سڀ فني ۽ فڪري خوبيون موجود آهن، جيڪي کيس اهڙو اعزاز ڏيارڻ جو حقدار بڻائين ٿيون. هي اهو شاعر آهي، جنهنجي گيتن سان سڄي سنڌ گذريل اڌ صدي کان گونجندي رهي آهي.

شيخ اياز جي شخصيت ۽ سندس تخليقي فن ڪنهن به رسمي تعارف جا محتاج ناهن. کيس عالمگير شهرت حاصل آهي. اسان جو هي مهان شاعر جنهن

جي نالي ونڻ سان سر فخر ۾ بلند ٿي ٿو وڃي، سو 23 مارچ 1923ع تي شڪارپور جي مردم خيز سر زمين تي پيدا ٿيو. سندس اصل نالو مبارڪ علي شيخ هو ۽ سندس خوش نصيب والد جو اسم گرامي شيخ غلام حسين هو. شيخ اياز انٽر تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. بي اي ۽ ايل ايل بي تائين ڪراچي ۾ پڙهيو، کيس سنڌي انگريزي، اردو، فارسي، پنجابي زبانن جي سڌ ڄاڻ هئي. شيخ صاحب ايس ايم لا ڪاليج مان لا ۾ گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ 1950ع ۾ ڪراچي ۾ وڪالت شروع ڪئي. ڪجهه وقت کان پوءِ مستقل طور اچي سکر ۾ رهيو ۽ اتي وڪالت ڪرڻ لڳو 23 جنوري 1976ع تي ان وقت جي عوامي حڪومت کيس سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسلر مقرر ڪيو. جنوري 1980ع ۾ فوجي حڪومت کيس ان عهدي تان هٽايو ته وري اچي سکر ۾ وڪالت شروع ڪيائين. 1988ع ۾ کيس پهريون پيرو دل جو عارضو ٿيو ۽ علاج لاءِ ڪراچي ويو، ان کان پوءِ پنهنجي ڪٽنب سميت مستقل طور اتي رهيو.

شيخ اياز هوندي ته سٺو نثر نويس به هو، ان سلسلي ۾ سندس خطبا، تقريرون ۽ افسانا ادب ۾ وڏو مقام رکن ٿا، پر پاڻ شاعري جي حوالي سان ئي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو، هن تمام ننڍڙي عمر ۾ لکڻ شروع ڪيو. 1933ع ۾ هو جڏهن چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو، تڏهن سندس پهريون نظم هڪ رسالي ۾ ڇپيو هو، بهرحال هن 1946ع کان باقاعدي ادبي ميدان ۾ قدم رکيو. هن ڪجهه ننڍيون آڪاڻيون لکي شايع ڪرايون، آڪٽوبر 1947ع ۾ ماهوار رسالي "اڳتي قدم" شڪارپور جو ايڊيٽر ٿيو.

شيخ اياز شعر چوڻ جي ابتدا ڪيئلداس "فاني" جي اثر هيٺ ڪئي ۽ 1947ع کان وٺي 1997ع تائين ڪوبه دور اهڙو ڪونه آيو، جنهن ۾ اياز شعر چوڻ ڇڏي ڏنو هجي. البته 1947ع ۾ هندستان جي ورهاڱي وقت جڏهن سندس ڪيترائي هم ڪلاسي ۽ شخصي دوست مثلاً ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، حشو ڪيولراماڻي، نارائڻ شيام ۽ اتم هندستان هليا ويا ته، اياز ٿورڙي عرصي لاءِ شعر چوڻ ڇڏي ڏنو، ليڪن سگهوئي هو وري سنڌي ادب جي آسمان تي آب تاب سان چمڪڻ لڳو.

شيخ اياز جي شاعري جي ڪتابن ۾ سڀ کان پهريان اردو شعرن جو ننڍو مجموعو "بوئي گل نالئہ دل" 1954ع ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ سنڌي ۾ سندس شعرن جو پهريون مجموعو "ڀؤنر ڀري آڪاس" پاڪستان رائيٽرز گلڊ ڪراچي پاران 1962ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ بيت، دوها، نظم، قطعا ۽ غزل آهن.ا هو ڪتاب 1964ع ۾ اولهه پاڪستان سرڪار پاران ضبط ڪيو ويو. ان کان پوءِ سندس شاعري جو ٻيو ڪتاب "ڪلهي پاتم ڪينرو" 1963ع ۾ ڇپيو، هن ڪتاب تي پڻ حڪومت بندش وڌي هئي. ان کان پوءِ سندس ڪيترائي ڪتاب هڪ ٻئي جي پويان ڌڙا ڌڙ ايندا رهيا. هن 1958ع ۾ سکر ۾ هڪ عظيم الشان

آل پاڪستان ادبي ڪانفرنس سڏائي جنهن جي صدارت پڻ شيخ صاحب پاڻ ڪئي.

شيخ اياز تمام گهڻو شعر لکيو آهي، هن جديد توڙي قديم شاعريءَ جي سڀني صنفن جهڙوڪ وائي، ڪافي، غزل، گيت، نظم، قطعو، چئوسٽو، هائيڪو، آزاد نظم، نثري نظم ۽ چيچ وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي، ۽ هر صنف تي قاعدن ۽ قانونن مطابق جججهي تعداد ۾ لکيو آهي. هو جديد شاعرن ۾ سڀني کان مٿاهون مقام رکي ٿو. اياز نئي جديد سنڌي شاعريءَ جي بوٽي جي آبياري ڪري کيس ميويدار وڻ بڻايو، هن کان اڳ غزل جو مطلب صرف عورت سان گفتگو ڪرڻ سمجهيو ويندو هو، ليڪن اياز زندگيءَ جي هر موضوع کي غزل ۾ پيش ڪيو ۽ فارسيءَ جي نسبت ۽ ڏکين لفظن توڙي ترڪيبن جي جڳهه تي سادا سودا سنڌي لفظ ڀڪڻ لڳا. هن وائي ۾ پڻ نوان تجربا ڪيا، ان جي وزن ۾ فرق پيدا ڪيو، زبان ۽ بولي ۾ نئون رنگ ڀريو.

شيخ اياز ڪراچي، کان ڪشمور تائين ۽ ڪارونجهر کان منڇر تائين سنڌ جي چپي چپي کي ڳايو آهي. هو نه فقط سنڌ پر دنيا جي مظلوم قومن جي پڻ ڳالهه ڪري ٿو. هن وٽ انسانيت سڀ کان اتم ۽ اهم آهي. مظلوم انسانيت سندس شاعري جو مکيه موضوع رهي. هن پنهنجي شاعري ۾ نه رڳو فني لحاظ کان نوان تجربا ڪيا، پر مواد جي لحاظ کان به نوان آندائين. هو ڪٿي لاڙي ويڪس جو موضوع ڇيڙي ٿو ته، ڪٿي وري ناگاساڪي ۽ ويتنام جو موضوع آڻي ٿو، ته وري ڪڏهن ايٿوپيا جي ڏڪر جو ذڪر آڻي ٿو، ڪٿي وري ٿري ٻار جي مجبوريءَ کي موضوع بڻائي ٿري ٻار جو گيت لکي ٿو، ته ڪٿي وري مزدور جي ٻار جي ڳالهه ڪري ٿو، جيڪو بک ۽ بدحاليءَ جي حالت ۾ آهي.

شيخ اياز جي سموري شاعري ٽن دورن ۾ ڦهليل آهي، پهريون دور سندس جواني وارو يا ابتدائي دور، جنهن ۾ هن عشقيه شعر چيو. ٻيو سندس وچون دور جنهن ۾ هن اشتراڪيت ۽ سنڌي قوميت جو پرچار ڪيو ۽ انقلابي شعر چيو، ٽيون سندس زندگيءَ وارو آخري دور جنهن ۾ هن اشتراڪيت ۽ ڪميونزم کي ننديو ۽ پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن رجوع ٿيندي ڪيتريون ئي دعائون گهريون.

اياز پنهنجي شوق مطابق يا شاعرانه مزاج مطابق شاعري نه ڪئي، بلڪ هن سنڌي ماڻهن ۽ سنڌ ڌرتيءَ سان بي انتها محبت جو اظهار ڪيو آهي. جيتوڻيڪ کيس ان لاءِ جيل جون مصيبتون به سهڻيون پيون. اهڙي طرح اياز اسان جي نئين نسل جو رهنما به آهي.

اياز جي حياتيءَ ۾ سندس فن ۽ شخصيت تي وڏا وڏا بحث ٿيا، وڏيون وڏيون تنقيدون ٿيون، پر شاهه صاحب جي چوڻي ته "ڪڏهن ڪو سان نه ٿيا ڏوراپو ڏيئي" وانگر اياز ڪنهن کي ڪجهه به نه چيو، ڇو جو هو سمجهندو هو ته ماڻهن کي اهو حق آهي ته اهي سندس شاعريءَ کي توريندا رهن ۽ ان بابت پنهنجا ...

ڇاڻ ڪن ته، پوءِ هو اهو سمجهي سگهندا ۽ ان جو قدر ڪري سگهندا.

شيخ اياز هميشه سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندو، ۽ هو ڪيس خوشيءَ ۽ غميءَ تي سک سان ياد ڪندا. جڏهن ڪونجون روه مسان قطارن ۾ سنڌ ڏي موٽنديون ۽ باغن ۾ گلن جي ٽارين تي گلاب جا گل ٽڙي پوندا ۽ اڏرات جو ٻهرن جي پيلن گلن تي چانڊوڪيءَ جا ڪرڻا پوندا، تڏهن سنڌ جي اهل دل انسانن کي شيخ اياز جا مترگيت ياد ايندا. ۽ جڏهن تاريخ اٿاٿو پاسو وراڻيندي ۽ ڪو ڪمهلو ڪوسو واءُ لڳندو، تڏهن به سنڌ اياز کي ڳائيندي. سنڌ جون ماٿرون پنهنجن پٽڙن کي هندورن ۾ لوڏينديون ۽ اياز جي لفظن ۾ لوليون ڏينديون.

شال دودو ڄمن شال دولهه ڄمن،
سنڌ تي سر ڏيڻ لوليون او ابالوليون.

شيخ اياز جي وفات واري وقت تائين سنڌ ۽ هند ۾ سندس ڪل 63 ڪتاب مختلف ٻولين ۾ ڇپجي چڪا هئا ۽ 12 اڻ ڇپيل ڪتاب ڇڏي ويو هو. ڇپيل 63 ڪتابن ۾ 39 ڪتاب سندس سنڌي شاعري بابت هئا. سندس شاعري جو ترجمو اردو، سرائڪي، انگريزي جرمني، گريڪ ۽ روسي زبانن ۾ ٿي چڪو آهي. سندس شاعري ۽ شخصيت تي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ناميارن ليکڪن لکيو پڻ آهي، مثس برسات، سهڻي، سنڌو، نئون نياپو، مهراڻ، سهون (پارت)، جهولي لال (پارت) ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن خاص نمبر شايع ڪيا آهن.

شيخ اياز جو هڪ ڪارنامو اهو به آهي جو هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ جي رسالي جو اردو ۾ مڪمل منظوم ترجمو ڪيو، جيڪو پهريون ڀيرو سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان 1963ع ۾ شايع ٿيو. ان کان علاوه سندس وڏيڪ شايع ٿيل ڪتابن مان ڪجهه نالا هن ريت آهن.

شاعري جا مجموعا:-وڄون وسڻ آيون (1973ع)، ڪپر ٿو ڪن ڪري (1975ع)، پتڻ ٿو پور ڪري (1982ع)، چنڊ چنبيليءَ ول (1985ع)، لڙيو سج لڪن ۾ (1980ع)، ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي (1988ع)، جهڙنيشان نه لهي (1989ع)، ڪتين ڪر موڙيا جڏهن (ٻه ڀاڱا 1992ع)، الوداعي گيت (1991ع)، تون ڇپر تون ڇانو (1995ع)، سانجهي سمنڊ سهون (1996ع)، وڏا وڻ وڻڪار جا (1997ع)، ڪونجون ڪرڪن روه تي (1997ع)، نيل ڪنٺ اورنيم کي پتي (اردو شاعري (1988ع)، جو ٻيجل ني آکيا (پنجابي ۾ مترجم احمد سليم 1979ع).

نثري ڪتاب: سفيد وحشي (ڪهاڻيون 1947ع)، جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط 1963ع)، ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر (1995ع)، ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر (1996ع)، جڳ مڙوئي سهڻو (آتمڪٿا 1975ع)، ڪراچيءَ جا

ڏينهن ۽ راتيون (1989ع)، لامون تنهن وڻ سنديون (1968ع)، پنهل کان پوءِ (ڪهاڻيون- 1990ع)، ساهيوال جيل جي ڊائري (1986ع)، وغيره.

شيخ اياز کي مڃتا طور ڪيترائي اعزاز ايوارڊ مليا، جن 23 مارچ 1994ع تي پاڪستان سرڪار طرفان ڏنل ملڪ جو سڀ کان اعليٰ ادبي اعزاز "هلال امتياز" ۽ 16 آڪٽوبر 1994ع تي مليل "فيض احمد فيض ايوارڊ" به شامل آهن، پر سندس فن اعزازن ۽ ايوارڊن کان گهڻو مٿي آهي.

هيءُ دنيا فاني آهي، هن دنيا تي ڪئين نبي پيغمبر آيا، سڪندردارا آيا، دولهه دلير آيا، ڏاها ڪويسر آيا، پر موت کان ڪوبه بچي نه سگهيو ۽ نه بچي سگهندو. برصغير جو بلڪه دنيا جو مهان شاعر شيخ اياز به 28 ڊسمبر 1997ع تي اسروبل 4 وڳي ڏاري مڊليسٽ اسپتال ڪراچي ۾ دل جي تڪليف سبب داعي اجل کي لبيڪ چوندي راهه رباني سان رمندو رهيو.

چنني گل گــلاب جا ڪيــئي ڏارو ڏار،
اڙي موت ميار، ايڏو ساڙ سڄڻ سان.

(اياز)

مرڻو آهي سڀ کي مـرندو هت هر ڪو،
گنگا جي گــود ۾ ڪو سنڌ پـر ڪو،
اهڙو ڪم ڪر ڪو، جيڪو ماري موت کي.

(اياز)

شيخ اياز جي تدفين لاءِ سندس خاندان ۽ اديبن شاعـرن جي گـڏيل راءِ مطابق ڀٽائي گهوٽ جي ڀاڙي ۾ ڪيس دفن ڪرڻ جو فيصلو ٿيو، جنهن مطابق ٻئي ڏينهن يعني 29 ڊسمبر 1997ع تي سندس آخري سفر صبح جو ساڍي اٺين وڳي ڪراچي کان ڀٽ شاهه لاءِ شروع ٿيو. ساڍي ٻارهين وڳي ڀٽائي جي درگاهه جي اڱڻ ۾ پنهل فقير سندس جنازي نماز پڙهائي ۽ پوءِ سندس ميت کي ڪراڙ ڍنڍ جي ڪپ تي گهاٽن وڻن جي ڇانو ۾ سوين اديبن، شاعرن ۽ سندس چاهيندڙن جي موجودگيءَ ۾ آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو. اهڙي طرح تدفين لاءِ سندس ڪيل اها وصيت گويا پوري ٿي جيڪا هن هڪ هيٺين شعر ۾ ڪئي هئي.

اتي اســـــر ويل جو لوڏائي لامـن،
پکي اڏامن اتي مـــــونکي پور جو.

سنڌ کي هڪ ٻيو اياز پيدا ڪرڻ ۾ وري الائجي ڪيترو وقت لڳي!

سکي پيا کي ملين ته چنچاڻ چاندني تو سوا نه ٿيندي،
اچين ته منهنجي اُماس ۾ آءُ چو ته ٻي رات ڪانه ايندي.

ڪڏهن بہ توتي دوار دل جا نہ ٻوٽيا تون پلي هلي آ،
ٻہ لڙڪ آلا تڏهن بہ هوندا متان چئين آجيان نہ ٿيندي،
پکي پروڪا اچا نہ آيا اُڪير تن جي هري رهي آ،
اداس سر تي هوا اُتي جي چئي پئي ڪا اڏار ايندي،
پرار تي ڪا پڪار آهي مگر اڳيان تک تار آهي،
ڪئي اسان جي اُڪار آهي "اياز" ڪيڏانهن ناوَ نيندي.

اياز قادري، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر اياز حسين "اياز" قادري ولد فقير غلام سرور 19 جنوري 1926ع تي محلہ ميان جي ڳڙهي، لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار، سٺو شاعر ۽ بيباڪ صحافي ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر اياز قادري مشترڪ تائين تعليم لاڙڪاڻي ۾ پرائي، پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ ڪراچي آيو ۽ پوءِ اتي ئي رهي پيو. هن ڪراچي ۾ سنڌ مسلم ڪاليج مان بي اي (1949ع)، ايل ايل بي (1952ع) ۽ ايم اي (فارسي) 1954ع ۾ پاس ڪئي، 1967ع ۾ ايم اي سنڌي ۾ بہ ڪيائين. 1982ع ۾ سنڌي غزل جي اوسر جي عنوان سان هڪ ضخيم مقالو تيار ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

پيشي جي لحاظ کان پاڻ 1949ع ۾ سنڌ مدرسہ ليار ي هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ اسسٽنٽ ماستر مقرر ٿيو. 1955ع ۾ ڪيس سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو ۽ 1971ع ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ چيئرمين مقرر ٿيو. جتان جنوري 1986ع ۾ پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائر ٿيو. ان کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ "شاهہ عبداللطيف چيئر" جي سربراهہ جي حيثيت ۾ مخلصانہ خدمتون جاري رکيائين ۽ آخري دم تائين صلاحڪار جي صورت ۾ چيئر سان وابستہ رهيو.

قادري صاحب مختلف ادبي جماعتن ۾ بہ ڪم ڪيو، جن ۾ ڪراچي جي سنڌي ادبي سوسائٽي بزم نظامي ۽ محفل احباب ۽ لاڙڪاڻي جي سنڌي سڌار سوسائٽي ۽ بزم مشاعره ۾ مختلف عهدن تي رهيو، هو جمعيت الشعراء سنڌ ۽ سنڌي ادبي سنگت ۾ بہ شامل رهيو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پهريون سيڪريٽري جنرل اياز قادري مقرر ٿيو هو.[1] سندس ڪوشش سان سنڌ ۾ قومي ۽ ترقي پسند ادب ۾ تحرڪ پيدا ٿيو. پاڻ 1977ع کان وٺي 1982ع تائين سنڌي ادبي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو. شاهہ عبداللطيف

(1) سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو بنياد 1956ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ سڏايل هڪ گڏجاڻي ۾ رکيو ويو.

ڀٽائي ڪلچرل سوسائٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن رهيو.

قادري صاحب ڊگهي عرصي تائين صحافت سان پڻ وابستہ رهيو. پاڻ هفتيوار نوجوان ڪراچي، هفتيوار ناخدا ڪراچي، سنڌ مسلم ڪاليج ميگزين ۽ هفتيوار الحقيقت لاڙڪاڻي جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ سنڌ ڪواٽرلي ڪراچي (انگريزي) جو اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو.

ڊاڪٽر اياز قادري سنڌي ادب ۾ واهڙ وهائي ڇڏيا آهن. هڪ طرف هو قادر الڪلام شاعر بہ هو تہ ٻئي طرف هن پنهنجي بهترين افسانن ذريعي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي خوب خدمت ڪئي. ان ڏس ۾ سندس اوائلي افسانن جي مجموعي "بلودادا" کي جديد سنڌي ادب ۾ وڏو مقام حاصل آهي.

هن جا افسانا ملڪ جي معاشري جي سماجي بدحاليءَ جون ڇٽيون تصويرون آهن. هو زندگيءَ جي تلخ حقيقت جو پردو هٽائي ٿو، ۽ سماج جي خرابين، پراڻين رسمن ۽ جاگيرداري نظام خلاف احتجاج ڪري ٿو.

اياز قادري حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام جو اردو نثر ۾ ترجمو وڏي محنت سان ڪيو، جو اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ڇهن جلدن ۾ شايع ڪيو آهي. قادري صاحب جا لکيل مختلف موضوعن تي علمي ۽ تحقيقي مضمون پڻ اهميت رکن ٿا. ان کان سواءِ سندس هينيان ڪتاب مثالي حيثيت رکن ٿا.

بلو دادا، مٽيءَ لڌو مان، عشقي داستان، پرين جون ڪهاڻيون، پکين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون، سنڌي غزل جي اوسر، گورڪي جي آتم ڪهاڻي (ترجمو)، اسان جي آزادي جا اڳواڻ (ترجمو)، سنڌي غزل جي ارتقاءَ ۽ سوانح ۽ تحقيق، لالہ رخ (ترجمو)، مجموعہ درد (ڪهاڻيون) وغيره.

ڊاڪٽر اياز قادري 15 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

بشر آهہ ليڪن جو نور خدا آ،
اهو مصطفيٰ آ اهو مصطفيٰ آ،
نہ دنيا جي طالب نہ جنت جي خواهان،
محمد تي هي دل فدا آ فدا آ،
ڏهاڙي قيامت جي ڏسندا هو چوندو،
ڇڏيو هن کي منهنجي هي درجو گدا آ،
نڪيرين پڇندا ڇا آندوءِ قبر ۾،
مان چوندس محبت حبيب خدا آ،
"اياز" آهہ بيشڪ غلامِ محمد ﷺ،
نہ عابد نہ زاهد نڪي پارسا آ.

ايــــاز گــل

اياز علي ولد رجب علي دل 6 مـــارچ 1959ع تي سکر ۾ ڄائو پاڻ موجوده دور جي نئين ٽهيءَ جي نمائندن شاعرن مان هڪ آهي.

اياز گل ايم اي (سنڌي) ايم اي (بين الاقوامي تعلقات) ۽ ايل ايل بي پاس آهي. پاڻ هن وقت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ پروفيسر آهي.

اياز گل نوجوان سڄاڻ شاعر آهي، نئين ٽهي جي شاعرن ۾ اعليٰ مقام جو مالڪ آهي. هن ٿورڙي ئي عرصي ۾ سنڌي شاعريءَ اندر جيڪي ڪامياب تجربا ڪيا آهن انهن جو مثال ٻين شاعرن جي شاعري ۾ گهٽ ملي ٿو. هن شاعري جون وکون وٺت ۽ ساعتن سان گڏ اڳتي وڌايون آهن ۽ پنهنجن جذبن، احساسن، تجربن، مطالعي ۽ مشاهدي جي مدد سان سنڌي شاعري ۽ خاص طور تي غزل جي صنف کي اهڙي ته جدت، نواڻ، تشبيهن ۽ تمثيلن سان سينگاريو اٿس جو هن وقت پاڻ سنڌ جي چند قدآور شاعرن جي صف ۾ وڃي بيٺو آهي.

اياز گل جيتوڻيڪ شاعري جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر غزل سندس پسنديده صنف آهي ۽ پاڻ خاص ڪري غزل جي حوالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. هن پنهنجي شاعري ۾ سهڻيون تشبيهون، عام فهم ۽ سادي ٻولي استعمال ڪئي آهي. سندس شعر جي هڪ خوبي اها به آهي جو ان ۾ موسيقيت پڻ موجود آهي. اهوئي سبب آهي جو شاعري جي ميدان ۾ سندس زبردست همت افزائي ۽ مڃتا ٿي آهي.

اياز گل جي شاعري جا مجموعا به ڇپيا آهن، ته هر، اخبار ۽ رسالي ۾ به ڇپيو آهي ۽ ريڊيو پاڪستان تان به سندس ڪلام ڪثرت سان نشر ٿيندو رهيو آهي. مشهور راڳي صادق فقير جي آواز ۾ ڳايل سندس هڪ گيت ته هر ننڍي وڏي جي زبان تي هوندو آهي. جنهن جا ٻول آهن "توکان ٿيندي ڏار لڙڪ لڙي پيا لار ڪري".

اياز گل جي شاعري جو پهريون مجموعو "گل ۽ تارا" 1979ع ۾ پارس اشاعت گهر سکر طرفان شايع ٿيو، ان کان پوءِ سندس شاعري جا ڪتاب، پيلا گل پلاند ۾- ڏينهن ڏئي جا سپنا، سوچون سرها گل، ڏک جي نه ڀڄائي آ ۽ تو بن کهڙا چانورا ۽ نثر ۾ زنگ لڳل زندگي شايع ٿيا.

نموني طور سندس هڪ غزل جا ڪجهه بند هيٺ ڏجن ٿا:

من ۾ ڪو مـــهـمـــان ضـروري آ پيـــارا،
دردن جو در مـــان ضـــروري آ پيـــارا،
دل روئي پر مـــرڪ چپن تي رکـــٽي آ،
دشـــمن تي دهمـــان ضــروري آ پيـــارا،
ڪڏهن لڪـائي رکـجي پيـار زمـاني کـان،

ڪڏهن اهو اعلان ضروري آ پيارا،
جاٺا تو مشڪل آ گڏجڻ ۽ پرچڻ،
رکجي پر امڪان ضروري آ پيارا.

ايڇ ايم خواجہ

ايڇ ايم خواجہ جو مڪمل نالو حاجي خان ولد مهر علي خواجہ هو، سندس ولادت 11 آڪٽوبر 1907ع تي حيدرآباد شهر ۾ ٿي، پاڻ مشهور تعليمي ماهر ۽ سماج سڌارڪ ٿي گذريو آهي.

ايڇ ايم خواجہ ابتدائي ۽ ثانوي تعليم ٽنڊي باگي مان حاصل ڪئي 1932ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪئائين ۽ 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي ٽي جو امتحان پاس ڪيائين.

خواجہ صاحب 1936ع ۾ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهہ (جيڪو هاڻي هاءِ اسڪول سڏجي ٿو) جو هيڊماسٽر مقرر ٿي آيو ۽ 1972ع تائين مسلسل 36 سال انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. اسڪول جون فلڪ بوس عمارتون جهڙوڪ: لطيف هال ۽ هاسٽل جا ٻه بلاڪ سندس يادگار جي حيثيت ۾ اڄ بہ قائم آهن. انهن عمارتن ۾ اڄڪلهہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج هلي رهيو آهي، خواجہ صاحب تعليم جي ميدان ۾ نوابشاهہ ۾ وڏو ڪم ڪيو. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، گرلس ڪاليج ۽ سچل سرمست ڪاليج، وغيره جي قائم ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ رهيو. ان ڪان علاوه نوابشاهہ ۾ "اپوا ڪنڊر گارٽن اسڪول" ۽ "خواجہ گارڊن" سندس قائم ڪيل آهن.

خواجہ صاحب 1972ع ڪان وٺي 1981ع تائين بورڊ آف انٽر ميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو چيئرمين ٿي رهيو، هن سڄي عمر شادي ڪونہ ڪئي، هڪ ڇوڪري گود ۾ ورتي هئائين ۽ ان جي شادي بہ پاڻ ڪرائي هئائين.

ايڇ ايم خواجہ 20 سيپٽمبر 1999ع تي حيدرآباد ۾ انتقال ڪري ويو.

ايس گل

سيد فضل علي شاهہ 24 جولاءِ 1926ع تي مٽياري ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور فلمي اداڪار، هدايت ڪار ۽ موسيقار آهي. سندس فلمي نالو "ايس - گل" آهي.

ايس گل جو تعلق مٽيارين جي خوشحال سادات گهراڻي سان آهي. هن ابتدائي تعليم مٽيارين ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان مئٽرڪ پاس ڪيائين، جنهن ڪان پوءِ کيس موسيقي سکڻ جو شوق جاڳيو ۽ اهو شوق کيس لاهور ڪٺي ويو، جتي ماسٽر غلام

حيدر جو وڄي باقاعدي شاگرد بڻيو، جڏهن غلام حيدر بمبئيءَ جو رخ ڪيو ته، ايس گل به ساڻس گڏ بمبئي هليو ويو ۽ اتي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين.

ايس گل صاحب جنهن پهرين فلم ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو، اها فلم هئي خواجه احمد عباس جي "آج اورڪل". پاڻ 1946ع ۾ لاهور واپس آيو ۽ ميان نجم الحسن جي فلم "عيد" ۾ پهريون ڀيرو هيرو ٿي آيو. 1947ع کان پوءِ هن فلمون پروڊيوس ڪرڻ شروع ڪيون. پهرين فلم "بيقرار" پروڊيوس ڪيائين، جنهن ۾ هيرو به پاڻ هو. ان کان پوءِ "التجا" فلم پروڊيوس ڪيائين جنهن کان پوءِ ڪراچي هليو آيو، جتي سن 1954ع ۾ سنڌ اسٽوڊيوز لميٽيڊ نالي فلمي ادارو کولي سنڌي فلمن جي پروڊيڪشن شروع ڪيائين.

سندس ٺاهيل سنڌي فلمون "حاضر سائين" ۽ "سهڻا سائين" ڏاڍيون مقبول ٿيون.

شاهه صاحب بطور موسيقار ريڊيو پاڪستان جا به ڪافي نغما ڪمپوز ڪيا، هن وقت پاڻ سخت بيمار آهي، ۽ اڌ رنگ جهڙي موذي مرض جو مٿس حملو آهي، دعا آهي ته هن مهان فنڪار کي شال خدا جلد صحت ياب ڪري.

ايشور چندر

ايشور چندر جو جنم 30 جولاءِ 1937ع ۾ سنڌ ۾ ٿيو ۽ ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه سالن بعد هو ريلوي ۾ نوڪري ڪندي، راجستان جي اجمير شهر ۾ وڃي رهيو. پاڻ مهان ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نوس ٿي گذريو آهي.

ايشور چندر انڪل اڍائي سو کن ڪهاڻيون لکيون،جن کي زبردست مقبوليت ملي، جنهن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته، ڀارت جي مختلف يونيورسٽين ۽ بورڊن جي درسي ڪتابن ۾ سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون درج ڪيون ويون آهن، ۽ ٽيليوزن تي پڻ سندس ڪهاڻيون ٽيليڪاسٽ ٿيون.

ايشور چندر 1960ع اڪان ريڊيو آڪاشواڻي لاءِ ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ لکندو رهيو، سندس ناٽڪ، پڻ ڪهاڻين وانگر مقبول رهيا. سندس 28 ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ٽيرهن ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾، ڏهه هنديءَ ۾ ٽي گجراتي ۾، هڪ انگريزي ۾ ۽ هڪ مليالم ۾ شايع ٿيل آهن، سنڌي ۾ ڇپيل سندس هيٺيان ڪتاب اهم آهن.

تنڌا ڇپ (1965ع)، مٽيل ماڪوڙي (1966ع)، موتي آيل ماضي (1981ع)، ساڳيون ئي سوال (1984ع)، پر شايد (1987ع) وغيره.

ايشور کي ڪيترائي انعام به مليا، جهڙوڪ: اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا پاران ساليانو انعام ڏهه هزار روپيه، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ پاران ٽن ڪتابن تي پهريون انعام، راجستان سنڌي اڪيڊمي پاران ٽن ڪتابن تي پهريون انعام، راجستان ساهتيه اڪيڊمي پاران سندس لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب

"آتنڪ" ڇپرايو ويو ۽ سندس هندي ۾ لکيل هڪ ٻئي ڪهاڻين جي ڪتاب "لوٽتا هئا اتيت" کي اڪيڊمي جو سڀ کان وڏو "ميرا انعام" (يارهن هزار روپيہ) ڏنو ويو. پاڻ ساهتيہ اڪيڊمي ۽ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو ميمبر به رهيو.

ايشور چندر 13 آگسٽ 1992ع تي پر لوڪ پڌاريو.

اي ڪي بروهي

اي ڪي بروهي جو پورو نالو الله بخش ولد ڪريم بخش بروهي هو، سندس ولادت 24 ڊسمبر 1915ع تي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿي.

جڳ مشهور قانوندان، معروف فلسفي، مشهور اديب ۽ مقرر، مسلمانن جي نشان ثانيہ جي تحريڪ جو زوردار داعي، پاڪستان جو اڳوڻو وزير قانون ۽ قومي هجره ڪائونسل جو چيئرمين جناب اي-ڪي بروهي جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو. سندس الد پوليس ۾ ملازم هو.

اي-ڪي بروهي ابتدائي تعليم ڳڙهي ياسين ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان مئٽرڪ پاس ڪري، ڊي-جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جنان بي اي پاس ڪرڻ کان پوءِ 1939ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان گڏ پاس ڪيائين.

بروهي صاحب عملي زندگيءَ ۾ پهريان سنڌ مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيو، پوءِ لا ڪاليج ۾ ٽي سال پروفيسر ٿي رهيو. جنهن کان پوءِ وڪالت شروع ڪيائين، ان کان علاوه پاڻ ڪيترن ئي سرڪاري اهم عهدن تي رهيو. 1951ع ۾ کيس سنڌ جو ايڊوڪيٽ جنرل مقرر ڪيو ويو. ساڳئي سال ۾ اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل جي وفد جي سربراهي ڪندي سنتياگو ويو ۽ اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستاني وفد جي وائيس چيئرمن جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو. 1953ع ۾ کيس پاڪستان جو مرڪزي وزير قانون مقرر ڪيو ويو، پر 23 آڪٽوبر 1954ع تي بروهي صاحب وزارت تان استعيفا ڏئي ڇڏي، 61-1960 دوران هندستان ۾ پاڪستان جو هاءِ ڪمشنر رهيو ۽ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ بگڙيل لاڳاپن کي ڪي قدر بحال ڪرايو ۽ سنڌو ماٿر جي آبپاشي واري معاهدي لاءِ ماحول سازگار بنايو. پنڊت جواهر لعل نهروءَ سان سندس ذاتي طور نهايت خوشگوار تعلقات رهيا. فيبروري 1965ع ۾ اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل جي خاص دعوت تي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ بين الاقوامي باهمي سهائتا (انٽرنيشنل ڪوآپريشن) جي موضوع تي ليڪچر ڏنو ياد رهي ته ان موقعي تي دنيا مان رڳو ڇهن دانشورن کي ڪوٺايو ويو هو ۽ ايشيا مان اڪيلو بروهي صاحب شريڪ ٿيو هو.

بروهي صاحب ڪيترن ئي قومي ۽ پرڏيهي ادارن سان پڻ وابستہ رهيو،

جن ۾ پاڪستان بار ڪائونسل جو صدر (1964ع کان 1967ع) جنيوا ۾ قائم ٿيل انٽرنيشنل ڪميشن آف جيورسٽس جو ميمبر، آمريڪن بار ائسوسيئيشن جي ڪميٽي طرفان عالمي امن جي باري ۾ قائم ڪيل صلاحڪار ڪائونسل جو ميمبر، قومي هجره ڪائونسل جو چيئرمين ۽ 1979ع کان 1982ع تائين اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو ريڪٽر ٿي رهيو.

اي ڪي بروهي کي 1978ع ۾ ٻيهر پاڪستان جو وفاقي وزير قانون مقرر ڪيو ويو. پاڻ جيئن ته جنرل ضياء جو حامي هو، ان ڪري ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪرڻ جي جواز ۾ "نظريه ضرورت" واري آئيني مسئلي ۽ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي قتل واري ڪيس ۾ بروهي صاحب سرڪاري وڪيل طور پيش ٿيو هو، جنهن تي سنڌ جا ماڻهو هن کان ناراض به ٿيا هئا، پر اهو هن جو پيشورانه عمل هو.

بروهي صاحب فصيح ۽ بليغ تقرير ڪندڙ مقرر ۽ سٺو ليکڪ پڻ هو، هن جا ڪجهه انگريزي ۾ ڪتاب به ڇپيل آهن، جيڪي سندس مضمونن ۽ ليڪچرن جا مجموعا آهن. پاڻ شاهه لطيف جو شيدائي هو، ان سلسلي ۾ به چار مقالا به لکيائين ۽ مسز ايلسا قاضي جي رسالي جي انگريزي منظوم ترجمي جو سندس لکيل مقدمو بروهي صاحب جي لطيف شناسيءَ جو پڪو ثبوت آهي.

جناب اي ڪي بروهي 13 سيپٽمبر 1987ع تي لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ وفات ڪئي. سندس جسد خاڪي کي 16 سيپٽمبر تي ڪراچي جي هڪ فوجي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

ايم.ايڇ پنهور

ايم.ايڇ پنهور جو مڪمل نالو محمد حسين ولد حاجي خان پنهور آهي. سندس ولادت 25 ڊسمبر 1925ع تي ڳوٺ ابراهيم پنهور ضلعي دادو ۾ ٿي. پاڻ زرعي ۽ آبپاسي جو ماهر ۽ نثر نويس آهي.

ايم ايڇ پنهور پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان ورتي، مئٽرڪ هاء اسڪول لاڙڪاڻي مان ڪئي، انٽر سائنس ڊي جي سنڌ ڪاليج مان ۽ انجنيئرنگ جي ڊگري اين اي ڊي مان 1949ع ۾ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا ويو، جتان 1953ع ۾ ايم ايس سي (ايگريڪلچر) جي ڊگري وٺي واپس ٿيو.

پنهور صاحب 1953ع ۾ سنڌ حڪومت جي زراعت کاتي ۾ زرعي انجنيئر جي حيثيت سان شموليت اختيار ڪئي ۽ کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيائين. هو 1980ع کان رائل جاگرافيڪل سوسائٽي لنڊن جو فيلو بڻيو، 1953ع کان آمريڪن سوسائٽي آف ايگريڪلچر انجنيئرنگ جو شريڪ رڪن ۽ 1964ع کان انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر انجنيئرنگ برطانيه جو شريڪ

رڪن آهي.

ايم ايڇ پنهور جي شخصيت گهڻ پاسائين آهي. هو نہ رڳو زرعي انجنيئرنگ، زراعت ۽ آبپاسي جهڙن شعبن تي نتين ۽ ڪارائتي تحقيق ڪئي آهي، پر ان ڪان سواءِ سنڌ جي تاريخ، اينسٿرو پالاجي، آرڪيالاجي، ادب، جاگرافي ۽ ٻين شعبن ۾ پڻ ڪافي تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن. هو سنڌ جي انهن اسڪالرن منجهان هڪ آهي، جن کي عالمي سطح تي پيس ڪري سگهجي ٿو. کيس "هڪڙو ماڻهو سڄي سنڌالاجي" ڪري ڪوٺيو ويندو آهي.

پنهور صاحب ڪجهہ انگريزي ۾ ڪتاب بہ لکيا آهن، ان ڪان سواءِ سنڌ جي آبپاشي جي هزارن سالن جي تاريخ تي سنڌس هڪ سو کن مضمون سنڌ ڪوائرلي ۽ سنڌ الاجيڪل اسٽيڊيز ۾ ڇپجي چڪا آهن. هن وٽ يارهن هزار ناياب ڪتاب ۽ ٽي هزار تاريخي نقشا موجود آهن. هن پاڪستان کان ٻاهر ڪيترن ئي ورڪشاپن، سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي آهي. ان کان سواءِ ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين عالمي ادارن جي ڪنسلٽي جو بہ سالن جو تجربو رکندڙ آهي. هن وقت بہ هو ورلڊ بئنڪ جي هڪ پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪيترن ئي زرعي انجنيئرن ۽ اقتصاديات جي شعبي سان لاڳاپيل نوجوانن جي تربيت ڪري رهيو آهي. هن ڪيترائي نوان فروٽ متعارف ڪرايا آهن ۽ ارڙهن ڪتاب پڻ ميون تي ڪيل تحقيق تي لکي چڪو آهي. کيس 88-1987 ۾ ڪتاب (Who is who in the world) ۾ نامزد ڪيو ويو.

پنهور صاحب کي سائنس ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ تي سرڪار طرفان 1992ع ۾ "ستاره امتياز" جو اعزاز پڻ مليل چڪو آهي. سنڌس تصنيفن مان ڪجهہ نالا هيٺ ڏجن ٿا.

"Ground water in Dadu District" "مسلم عورت"

"Ground and surface water in Aridzon"

"Grund water in Sindh," 1964, "Ground water Karachi, master plan area" "source material on Sindh".

"Ground water in Balochistan" وغيره.

ايوب خان، مير

مير ايوب خان ولد مير جام خان 8 جنوري 1881ع تي لس ٻيلي شهر ۾ ڄائو. سنڌس تعلق لس ٻيلي جي ڄامن جي خاندان سان هو، جيڪي سما خاندان جي هڪ شاخ مان آهن، جن سنڌ تي ڪيترا ورهيہ حڪومت ڪئي.

مير ايوب خان ابتدائي تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم ايچڪنس ڪاليج لاهور مان ورتائين ۽ 1903ع ۾ انگلينڊ ويو، جتان بئريسٽري جي ڊگري وٺي 1906ع ۾ سنڌ واپس موٽي آيو.

1908ع ۾ کيس ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪيو ويو، ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ نوڪري ڇڏي ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

مير صاحب جيئن تہ اعليٰ تعليم يافتہ هو، ان ڪري کيس سرڪار پاران ڪيترن ئي مختلف ادارن تي نامزد ڪيو ويو، پاڻ 1914ع کان وٺي 1927ع تائين ايران جو وائيس ڪائونسل ٿي رهيو، ڏهہ سال ڪراچي ۾ آنرري فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٿي رهيو، 1915ع ۾ بمبئي سرڪار کيس لوڪلبورڊ ائڪٽ ۾ درستيون ڪرڻ لاءِ ماهرن جي ڪميٽي تي مقرر ڪيو، ان کان علاوه پاڻ ڪراچي ميونسپالٽي، سنڌ مدرسہ بورڊ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي، سنڌ ڪاليجئنٽ بورڊ، روٽري ڪلب، ڪراچي ڪلب، ينگ مسلم ائسوسيئيشن، آل انڊيا نيشنل ڪانگريس، سنڌ محمدن ائسوسيئيشن، سنڌ هلال احمر ڪميٽي ۽ ٻين ڪيترن ئي سماجي، سياسي ۽ تعليمي ادارن جو سالن جا سال عهديدار ٿي رهيو ۽ اتي شاندار خدمتون سرانجام ڏنائين.

مير ايوب خان خاموش سماجي ڪارڪن، يار ويس ۽ آزاد خيال خانداني ماڻهون هو، علم ۽ ادب سان ڀن خاصي دلچسپي رکندو هو. اردو، انگريزي ۽ فارسي شعرن جو بي انداز ذخيرو ياد هوندو هوس ، سنڌي ۾ پاڻ بہ شاعري ڪندو هو.

مير ايوب خان 5 مارچ 1945ع تي وفات ڪري ويو، کيس ڪراچي جي ميوا شاهہ قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

ايوب کوسو

محمد ايوب ولد محمد حسن کوسو پهرين مئي 1971ع تي ڳوٺ حاجي احمد خان کوسو لڳ جهڏو ضلعي ميرپورخاص ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نئين ٽهي جو ڀلوڙ شاعر ۽ نثر نويس آهي.

ايوب کوسي 1997ع ۾ بي اي پاس ڪئي، سندس پيشو زميينداري آهي، هن 1990ع کان وٺي 1998ع تائين جهڏي شهر جي هڪ پرائيويٽ پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ درس وتدريس جون خدمتون بہ سرانجام ڏنيون. ان خدمتن جي عيوض کيس ڪجهہ ايوارڊ بہ مليا آهن.

ايوب کوسي 1989ع ۾ ادبي کيتر ۾ پير پاتو ۽ مسلسل لکندو پيو اچي، هن شاعري بہ ڪئي آهي تہ ڪهاڻيون، مضمون، ڊائري ۽ ڪالم وغيره بہ لکيا اٿس، هن قلم کان تلوار جو ڪم ورتو آهي، جنهن ڪري کيس قيد جون ڪڙيون بہ پاتيون پيون، پاڻ شاعري جي حوالي سان پنهنجي همعصرن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو. درد، پيڙاءِ پوڳنائون سندس شاعري جا محرڪ آهن. اندلٺ جي رنگن جهڙي شاعر ايوب کوسي وٽ لفظن جو جادو آهي، جيڪو پيار نگر مان

لفظ چونڊي انهن کي موتين جي مالها وانگر پوئي شاعريءَ جو روپ ڏني ٿو. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ڪجهه سينئر شاعرن کيس "سنڌ جو ساحر لڌيانوي" ۽ "سنڌ جو ڪيفي اعظمي" به سڏيو آهي.

ايوب کوسي جو اڃا تائين ڪو ڪتاب ڇپجي نه سگهيو آهي، بهرحال هن نظم ۽ نثر ۾ اٺ کن ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، جن کي ڇپائڻ جو ارادو رکي ٿو، سندس لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهن ٿيون، پاڻ هن وقت سنڌي ادبي سنگت شاخ جهڏو جو سيڪريٽري پڻ آهي، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

لوڪ جي ڪوڙين ڪٿائن مان لنگهيو،
عشق پنهنجو انتهائن مان لنگهيو،
سو نسورو ٿي ويو پارس پرين،
جو به آ تنهنجي نگاهن مان لنگهيو،

بختاور، مائي

سنڌ جي هن سائي ڌرتي تي ڪيترين ئي بهادر هستين پيدا ٿيون آهن، جن سچ تان سر صدقو ڪرڻ کان ڪڏهن ڪين ڪيٻايو. انهن هستين ۾ سنڌ جي هڪ غيور نياڻي مائي بختاور به ٿي گذري آهي.

مائي بختاور ذات جي لاشاري هئي، هيءَ عظيم عورت تعلقي عمرڪوٽ جي هڪ ننڍڙي شهر ٽالهيءَ جي پر ۾، لاشارين جي ڳوٺ جي رهاڪو هئي. اهو ڳوٺ سندس شهادت واري دور ۾ سندس قادياني قاتلن جي ملڪيت هو. جن کي ضلعي ٿرپارڪر ۾ چاليهه هزار ايڪڙن جي جاگير هئي، جا "احمدي اسٽيٽ" جي نالي سان مشهور هئي ۽ هاڻي هارين ۾ ورهائي وئي آهي. مائي بختاور جي شهادت جو پس منظر هن ريت آهي:

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي 1945ع ۾ پنهنجي نوڪري ڇڏي، سنڌ جي هارين لاءِ آواز اٿاريو، سندس مطالبن ۾ اهو مکيه مطالبو هو ته، هارين کي ٻٽئي جو اڌ ڏنو وڃي جو اڳ هاريءَ کي اپت جو اڌ حصو نه ڏنو ويندو هو. انهيءَ اڌواڌ ٻٽئيءَ واري مطالبي کي مڃرائڻ لاءِ پهريان نوابشاهه ۾ تحريڪ هلي ۽ پوءِ اها سڄي سنڌ ۾ پکڙجي وئي. هن تحريڪ سنڌ جي ٻين ضلعن وانگر ٿرپارڪر ۾ به زور ورتو. ان سلسلي ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي 20 جون 1949ع تي جهڏي ۾ هاري ڪانفرنس گهرائي. جنهن ۾ اٽڪل ڏهه هزار هارين ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي. سنڌ جي سورهيه مائي بختاور جي ڳوٺ جا جيڪي به مرد هئا، اهي سيئي هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ويا، پويان هو صرف عورتن کي ڇڏي ويا.

ڪانفرنس جي آخري ڏينهن يعني 22 جون 1949ع تي قادياني زميندارن موقعي جو فائدو وٺي، کري (ڌيري) تي پيل اٽڪل ٽي هزار من ڪڻڪ کڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مائي بختاور هڪ پيرسن مرد پنيو فقير ۽ ٻين عورتن هنن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو. هنن کي چيائون ته اسان جي مردن جي پهچڻ تائين انتظار ڪريو. ليڪن هنن ظالمن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ڇاڪاڻ ته هنن کي پڪ هئي ته هاري اسان کان اڌ ٻٽئي ڪرائيندا. زميندارن زوري ان کڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي مائي مختاور ۽ ٻين عورتن مزاحمت ڪئي. جنهن تي هنن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ هنن مان هڪ ظالم چوڌري سعيدالله ۽ سندس مئنيجر چوڌري خالد جي ٻچ تي فائر ڪيا، جن جي وڳهي مائي بختاور شهيد ٿي وئي، ۽ پير مرد پنيو فقير سخت زخمي ٿي پيو. مائي بختاور جي ڄمار ان وقت پنجاهه، سٺ ورهين جي لڳ ڀڳ هئي. سندس لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ساماري نيو ويو، جتي گهڻو وقت گذري وڃڻ ڪري ساماري جي هڪ قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

شهيد بختاور جي خون رنگ لاتو ۽ سڄي سنڌ ۾ اڌ ٻٽئي جي تحريڪ

زور ورتو، آخر 1950ع ۾ هڪ قانون تحت اهو طئي ٿيو ته هاري ۽ زميندار اڌواڌ حصو ڪندا.

بختاور جي قاتلن چوڌري سعيدالله جيڪو ان وقت جي پاڪستان جي وزير خارجه سر ظفرالله جو ڀاڻيجو هو ۽ چوڌري خالد کي ڪورٽ ويهه ورهيه ٽيپ ڏني.

بخشڻ خان چانڊيو

فقير بخشڻ خان ولد محمد رحيم چانڊيو سن 1860ع ۾ ڳوٺ رحيم آباد ۾ پيدا ٿيو. هيءُ ڳوٺ هن وقت ٽنڊي ڄام شهر جو غريب آباد نالي سان مکيه محلو شمار ٿئي ٿو.

فقير بخش خان چانڊيو نج سنڌي ساز "نڙ" جو شهنشاهه وڄائيندڙ ٿي گذريو آهي. هو هڪ غريب هاريءَ جو پٽ هو، شروع ۾ مال چاريندو هو ڪجهه سمجهه پريو ٿيو ته، نڙ ساز کي وڄائڻ جو شوق جاڳيس. ڦوهه جواني واري وقت تائين نڙ بنا استاد جي جهنگ ۾ اڪيلو وڄائيندو رهيو ۽ پوءِ الهه بخش ناچ کان باقاعدي سکيا ورتائين ۽ نڙ تي راڳ جي سکيا وري حاجي محمد صوفي رند ناري واري کان حاصل ڪيائين.

فقير بخشڻ خان نڙ کي اهڙي ته مني ۽ چس واري آواز ۾ وڄائيندو هو، جو ٻڌڻ وارا موهجي پوندا هئا ۽ انهيءَ سريلي لطافت ۽ شيريني واري آواز ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هئا. ٻارڙن، نوجوانن، پيير مردن تائين سندس آواز جي سريلاتي جاڳڻ ڳائبا هئا. وٽس به نڙ هوندا هئا، هڪ وڏو ٻيو ننڍو. سندس ساز ۾ اينري ته ڪشش هوندي هئي، جو ٻڌڻ وارا جهومڻ لڳندا هئا.

فقير بخشڻ خان جي ڊيرو وارن صوفي فقيرن سان گهڻي صحبت هئي، جنهن ڪري پاڻ اڪثر ٿر ايراضي ڏي ايندو ويندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو ٿر جي راجا وٽ سندس پهچڻ ٿيو ۽ راجا سندس نڙ جي سريلي آواز تي موهجي پيو ۽ پوءِ اڪثر کيس پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ سندس ساز ٻڌڻ کان پوءِ کيس گهڻو انعام اڪرام ڏيندو هو. راجا طرفان کيس تازندگي ٿر جي سير ڪرڻ جي اجازت پڻ مليل هئي.

فقير صاحب پير سائين پاڳاري سيد صبغت الله شاهه ثاني جو چڱو وڏيو مريد هو، نماز روزي جو پابند هو، صوفين جي صحبت ۾ تمام گهڻو سير و سياحت ڪري زندگي گذاريائين. صفائي سٿرائي جو گهڻو خيال رکندو هو.

فقير بخشڻ خان چانڊيو سن 1940ع ۾ وفات ڪري ويو، افسوس جو هن ماهر فنڪار جي فني صلاحيت ڪنهن به طرح محفوظ ٿي نه سگهي.

بدر ابڙو

بدر ابڙو صاحب مشهور ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جو فرزند آهي. سندس ولادت 19 ڊسمبر 1953ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿي. پاڻ مشهور صحافي ۽ نثر نويس آهي.

بدر ابڙي ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي، ان کان پوءِ جيئن ته سندس والد صاحب نوڪري سبب مختلف شهرن ۾ رهيو، ان ڪري هن ان سان گڏ رهندي سنڌ جي مختلف شهرن مان انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ بي ڪام ڪراچيءَ مان 1975ع ۾ پاس ڪيائين.

بدر صاحب 1974ع کان لکڻ جي شروعات ننڍڙين ڪهاڻين جي لکڻ سان ڪئي. پاڻ ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پڻ پابندي سان شامل ٿيندو رهيو ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جي شاخ جو پريس سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري جنرل به ٿي رهيو.

ڪميونسٽ پارٽيءَ سان به سندس واسطو رهيو، جنهن لاءِ ڪيس چار سال (1980ع کان 1984ع تائين) جيل به ڀوڳڻو پيو. جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پهريان پاڻ 1985ع کان روزانه هلال پاڪستان ڪراچي ۾ ڪم ڪرڻ لڳو، ان کان پوءِ 1990ع ۾ روزانه "پڪار" سکر جو ايڊيٽر مقرر ٿيو، بعد ۾ جڏهن "پڪار" سکر بدران ڪراچيءَ مان جاري ڪئي وئي، ته هو ڪراچيءَ ۾ به ان جو ايڊيٽر رهيو. آگسٽ 1993ع ۾ هن پنهنجو ادبي، سياسي، سماجي ۽ گهريلو رسالو "روح رهاڻ" جاري ڪيو، جنهن جا ڪل نو پرچا نڪري سگهيا. 1997ع ۾ پاڻ روزانه "برسات" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو، جڏهن اخبار جو مالڪ يوسف شاهين ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ٿي ويو ته، ابڙو صاحب 1998ع ۾ اخبار کان الڳ ٿي ويو ۽ پنهنجي اڻپورن ڪتابن کي مڪمل ڪرڻ واري ڪم ۾ لڳي ويو.

بدر ابڙو صاحب جا هيل تائين مختلف موضوعن تي نَوَ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڏهه ڪتاب ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن. ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن:

تنقيد نگاري (1985ع)، رني ڪوٽ (1989ع)، هنگلاج ۽ لاهوت (1992ع)، رياست جهنگل جي آکاڻي (ڪهاڻيون 1992ع)، جيل جي ڊائري (1994ع)، سنڌوءَ جو سفر (1994ع)، پکوان جي پونءِ (نيپال جو سفر نامو 1996ع)، رني ڪوٽ (اردو ۾ 1997ع) ۽ ماٺهو (1998ع)

بدر ابڙي صاحب کي سندس قلمي پورهيي جي مڃتا طور تي ڪيترائي ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن.

بدرالدين دراني، آغا

آغا بدرالدين ولد آغا شمس الدين دراني ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور جو رهواسي هو. سندس شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي سياسي ليڊرن، مشهور

اديبن ۽ علم دوست انسانن ۾ ٿئي ٿو.

آغا بدرالدين دراني کي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ عليڳڙهه جهڙن اعليٰ ادارن مان تعليم حاصل ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ سنڌ جو ناميارو سياستدان هو، پاڪستان جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. مسلم ليگ سان سندس دلي وابستگي رهي. ان جماعت کي سنڌ اندر عوامي تحريڪ بنائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. هي ڪيترائي سال سنڌ جي سياست جي ميدان ۾ ڇانيل رهيو پاڻ سنڌ اسيمبليءَ جو ڪيترا سال سرگرم ميمبر ۽ ڪجهه وقت اسپيڪر به ٿي رهيو. هن سنڌ جي نوجوانن ۾ تمام گهڻو سياسي شعور ۽ بيداري آندي. 1937ع ۾ هفتيوار اخبار "پيغام صلح" ڳڙهي ياسين مان جاري ڪيائين. پاڻ نه رڳو اعليٰ پايي جو سياستدان هو، پر سندس ذات علم دوستي ۽ ادب نوازي ڪري به مشهور هئي. جيئن ته پاڻ وڏو زميندار هو جنهن ڪري هن لکين روپين جي لاڳت سان ڳڙهي ياسين ۾ هڪ اعليٰ پيماني جي لائبريري "آشيانه ادب" جي نالي سان قائم ڪئي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو سرگرم ميمبر ٿي رهيو، هن حج جي سفر بابت هڪ ڪتاب "مسافر حجاز" لکيو، جيڪو گهڻو مشهور آهي. آغا صاحب سنڌ جو پهريون علم دوست انسان هو، جنهن بحيثيت صدر ضلع لوڪل بورڊ سکر جي هر هاءِ اسڪول ۾ مشترڪ تائين مفت تعليم رائج ڪئي. ضلعي جي هر تعلقي هيڊڪواٽر ۾ لوڪل بورڊ طرفان هاءِ اسڪول جون نيون عمارتون تعمير ڪرايون، سکر لا ڪاليج پڻ سندس ڪوششن جي نتيجي ۾ برپا ٿيو. هن ڪيترن ئي شاگردن کي پنهنجي پاران وظيفا ڏئي علم جي زيور سان آراسته ڪيو. پاڻ محفلن جو مور، نهايت خوش طبع، خوش مزاج ۽ رلڻو ملڻو مڙس هو.

آغا بدرالدين دراني 26 جنوري 1965ع تي دل جي دوري پوڻ سبب راهه رباني وٺي ويو.

بديع الدين شاهه راشدي

سيد بديع الدين ولد سيد احسان الله شاهه راشدي 12 مئي 1926ع تي ڳوٺ پير جهنڊو تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جيد عالم، محدث ۽ مفسر ٿي گذريو آهي.

پير بديع الدين شاهه جو تعلق مشهور راشدي خاندان سان هو سندس نسب جو سلسلو سيد محمد راشد روضي ڌڻي سان هن ريت ملي ٿو. سيد بديع الدين شاهه بن احسان الله شاهه بن رشدا الله شاهه بن رشيد الدين شاهه بن محمد ياسين شاهه بن محمد راشد شاهه الحسيني.

پير صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ قائم ڪيل خانداني مدرسي "دارالرشاد" ۾ حاصل ڪئي. جتان قرآن شريف، سنڌي، فارسي ۽ عربي جي

تحصيل ڪيائين ۽ پوءِ قرآن پاڪ جو ترجمو، تفسير جلالين، بيضاوي، حديث ۽ فقہ وغيرہ جي تعليم مولانا عبدالغفور وٽ حاصل ڪيائين بعد ۾ سڄو قرآن شريف حفظ پڻ ڪيو هئائين.

پير بديع الدين شاهہ جو والد جيتوڻيڪ تہ اهل حديث مسلڪ رکندڙ هو، انهيءَ ڪري پاڻ بہ ساڳيي مسلڪ سان وابستہ رهيو، هن 1988ع ۾ "جمعيت اهلحديث سنڌ" جو بنياد وڌو، جنهن جو پاڻ تاحيات امير ٿي رهيو. پاڻ ڪجهہ وقت لاءِ سعودي عرب حڪومت جو خاص صلاحڪار بہ ٿي رهيو، پر پوءِ ڪن اختلافن سبب اتان واپس اچي ڳوٺ رهيو، جتي درس وتدريس سان گڏ اسلام جي تبليغ، اشاعت ۽ اهل حديث مسلڪ لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

پير صاحب کي حديث جي فن تي وڏي دسترس حاصل هئي. پاڻ تمام وڏو عالم ۽ مفسر هو، تمام سٺو خطيب هو سندس تقرير ۾ وڏو اثر هوندو هو. هن عربي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪي ڇپيل آهن تہ، ڪي اڻ ڇپيل آهن. سنڌيءَ ۾ سندس لکيل قرآن پاڪ جو تفسير "بديع التفاسير" مشهور آهي جنهن جا ست جلد هن وقت تائين ڇپجي چڪا آهن، باقي رهيل جلد تياري جي مرحلن ۾ آهن. ان کان علاوہ سندس ڇپيل سنڌي ڪتابن مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن: عوام جي عدالت ۾، تحفہ نماز مغرب، توحيد رباني، هر برائي جو علاج جهاد، نماز ۾ خشوع ۽ عاجزي يعني سيني تي هٿ ٻڌڻ، حجة الوداع، وغيرہ.

پير صاحب ڪيترن ئي ملڪن جا تبليغي دورا ڪري چڪو هو هن ڪيترائي خير جا ڪم ڪيا، سندس ڪيل مذهبي خدمتون هميشہ ياد رهنديون.

پير بديع الدين شاهہ راشدي 8 جنوري 1996ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي.

بردو سنڌي

بردو سنڌي جو اصل نالو محمد رمضان ۽ سندس والد جو نالو خدا ڏنو لاشاري بلوچ هو، سندس ولادت 15 مارچ 1922ع تي ڳوٺ ماڪن ڪوري تعلقي ميرپورماٿيلي ضلعي گهوٽڪي ۾ ٿي، ليڪن پوءِ نوڪري سانگي اچي نواب شاهہ ۾ رهيو، سندس تعليم سنڌي فائينل هئي ۽ پيشي جي لحاظ کان مختيارڪار نواب شاهہ جي آفيس ۾ سپروائيزر ٿي رهيو، پاڻ جديد سنڌي شاعريءَ جو مايہ ناز شاعر ٿي گذريو آهي.

بردو سنڌي پرائمري تعليم دوران شعر لکڻ جي ابتدا ڪئي ۽ استادن سندس همت افزائي ڪئي. ابتدائي ڪلام شعر وشاعري کي منحوس تصور ڪندي ساڙي ڇڏيائين، پر 1954ع ۾ نظر سنڌي مرحوم جي صحبت ۾ پيهر شاعري شروع ڪائين.

سنڌي شاعري ۾ گيتن جي ڪري بردو سنڌي تمام گهڻو مشهور آهي

ڪيس "گيتن جو بادشاھ" سڏيو ويجي ٿو. جديد سنڌي شاعريءَ ڪي نئون رستو برديءَ جي گيتن ۾ ڏيکاريو آهي، جن جي ٻولي ڳوناٽي، سادي، سوادي ۽ عام ڪار وهنوار ۾ ڳالهائيندڙ آهي. بردي جا گيت ڳوڙها ۽ فڪري گهٽ پر جذبن ۽ احساسن جا عڪاس آهن. سندس گيت ۾ نيٽ ڳوناٽيون تشبيهون، محاورا ۽ ترڪيبون اهڙي انوکي ڏانو سان استعمال ٿيل آهن، جيڪو ڏانوَ اختيار ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي سندس شاعري سنڌي ۽ سرائڪي ۾ گڏ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي. جنهن ۾ گيت، وايون، ڪافيون، نظم، بيت، دوها ۽ آزاد نظم شامل آهن. سندس پهريون شاعري جو مجموعو "اکڙيون مينگهه ملهار" 1961ع ۾ سنگت پبليڪيشن نواب شاهه طرفان شايع ٿيو، جنهن تي پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان کيس هڪ هزار روپيه انعام مليو. سندس شاعري جو ٻيو مجموعو "بوندون بس نہ ڪن" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري 1988ع ۾ شايع ڪرايو.

بردو سنڌي شاعري کان علاوه ڪجهه افسانا ۽ مضمون بہ لکيا هئا، جيڪي ان وقت نئين زندگي ۽ مهراڻ رسالن ۾ ڇپيا هئا.

بردو سنڌي 24 آڪٽوبر 1988ع تي وفات ڪري ويو، کيس نواب شاهه جي هڪ قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو، سندس شاعري جو نمونو هيٺ ملاحظ فرمائيندا:

موٽي مند ملهار اوسائين موٽي مند ملهار،
ڪوئل ڪوڪي،مور اڏامي، ٻري ٻري پئي اُس اجهامي،
اڱڻ مستي ڪا آسروندي، ويني چوڙي وار.

بسنت فقير زوار

زوار بسنت فقير ولد پير بخش مگڻهار برصغير جو مشهور شهنائي نواز ٿي گذريو آهي. پاڻ حيدرآباد شهر ۾ ڄائو نپنو، سندس خاندان موسيقي جي حوالي سان تمام گهڻو مشهور هو.

بسنت زوار لاءِ مشهور آهي تہ کيس شرناء وڄائڻ جي فن سان اهڙو تہ عشق هو جو پاڻ هن موسيقيءَ جي ماڳ تائين پهچڻ لاءِ دنيا کي تياڳ ڏئي، وڻ تي چڙهي ورهہ ويراڳ ۾ وينو شرناء وڄائيندو هو.

ساز سرود سان سر سينگارڻ وارو هي يگانو ڪلاڪار پنهنجي وقت ۾ ايتري تہ هاڪ حاصل ڪري چڪو هو، جو ڪنهن بہ موج ٻري محفل، شاديءَ جي شغل، موسيقي جي منڊل، توڙي ميلي ملاکڙي جي مشاهدي ۾ سندس شرڪت ڪاميابيءَ جو دليل بنجي وڃي هئي. هو سنڌ توڙي هند جي مختلف ميلن، ملاکڙن ۽ محفلن ۾ شريڪ ٿي پنهنجي فن جو داد حاصل ڪندو رهيو. مشهور

آهي ته ميلن ملاکڙن ۾ جڏهن بسنت فقير شرناءِ وڄائڻ شروع ڪندو هو ته وڏن وڏن ڳائڻن، ڳوين ۽ قوالين جا راڳ بند ٿي ويندا هئا ۽ ماڻهو فقير کي مڙي ويندا هئا ۽ خود اهي ڳويا ۽ قوالين وارا سڀ اچي فقير کي انعام ڏيندا هئا.

بسنت زوار کي موسيقي جي مٺيا ننڍپڻ کان ئي پنهنجي پيءُ ۽ چاچي کان ملي، بعد ۾ هن برک راڳيندڙن استاد عاشق علي خان، استاد مبارڪ علي خان، استاد بيبو خان، استاد جمالو خان، يوسف کٽي ۽ استاد خير محمد خان کان پڻ فيض حاصل ڪيو.

بسنت فقير مختلف محفلن ۾ شرناءِ وڄائڻ کان سواءِ محرم شريف جي عاشورن دوران سوز وندي سماءُ پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ننڍڙي شرناءَ تي اهڙا ته سوز وارا آلاپ وڄائيندو هو جو ڪيترائي ماڻهو ٻڌي اوڇنگارون ڏئي روئندا هئا. ان خاص ساز يعني ننڍڙي شرناءِ، گزي جو موجد به بسنت فقير پاڻ هو. ان کان سواءِ پاڻ نغارن وڄائڻ جو پڻ وڏو ڪاريگر هو. فقير صاحب سخي به ڏاڍو هوندو هو، ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن ته انگ تي پيل ڪپڙا به خدا ڪارڻ فقيرن کي ڏئي پاڻ گوڏ ٻڌي گهر ايندو هو. مخدوم طالب المولىٰ، سيد زمان شاهه مٽيارن وارو ۽ مير فيضڻ حيدرآباد وارو جهڙا معروف فن جا پارکو سندس وڏا قدر دان هئا.

زوار بسنت فقير 16 شعبان 1381 هجري (1961ع) تي گذاري ويو.

بشير احمد "شاد"، ڊاڪٽر

پروفيسر ڊاڪٽر بشيراحمد "شاد" ولد آغا در محمد خان پٺاڻ پهرين اپريل 1942ع ۾ شڪارپور شهر ۾ ڄائو، پاڻ ممتاز اديب، شاعر ۽ نقاد آهي.

بسير احمد "شاد" صاحب 1955ع ۾ شڪارپور مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. 1956ع ۾ پنهنجي والد سان گڏ شڪارپور مان لڏي اچي لاڙڪاڻي شهر ۾ آباد ٿيو، اتي ميونسپل هاءِ اسڪول مان 1962ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين، بعد ۾ انٽر ڪامرس پاس ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين، پاڻ پهريان پرائمري استاد ۽ ڪلارڪ ٿي رهيو، ان دوران تعليم پرائيڻ وارو سلسلو به جاري رکيائين. بي اي 1966ع ۾ ايم اي (سنڌي) 1968ع ۾ ۽ بي ايڊ 1970ع ۾ پاس ڪيائين. جنهن کان پوءِ 1973 ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سانگهڙ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ هن وقت ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ اسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض احسن طريقي سان نڀائي رهيو آهي.

"شاد" صاحب جي طبيعت جو لاڙو ادب طرف اسڪول ۽ ڪاليج واري دور کان ئي رهيو. مسلسل محنت ۽ جدوجهد سبب هن وقت پاڻ سنڌ جو بهترين اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار، نقاد، محقق ۽ استاد ليکيو وڃي ٿو.

محترم "شاد" صاحب 1989ع ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ صاحب جي

رهبري ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو. "مولانا ثناءالله "ثنائي" جي شاعري جو تنقيدي جائزو" ان کان علاوه پاڻ اٽڪل 350 تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا لکي چڪو آهي، جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا آهن. سندس ڊزن کن ڪتاب پڻ ڇپجي چڪا آهن. اڃا به ڄاڪوڙ جاري رکيو اچي.

ڊاڪٽر "شاد" صاحب ڏاڍا ڪارائتا ڪتاب لکيا آهن، جن مان نون اديبن کي سنو مواد ملي سگهي ٿو. سندس تحقيقي تحريرون خاص ڪري سنڌي ۽ اردو زبان ۾ لکيل آهن، جن جي لکت سادي سلوڻي، مواد پري، من مهڻي ۽ سگهاري آهي.

ڊاڪٽر صاحب هڪ ممتاز شاعر به آهي ۽ تقريباً شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. سندس ڪلام جو مجموعو "اوڇاڳو اکڙين" شايع ٿيل آهي پاڻ ڪيترن ئي ادبي ادارن سان لاڳاپيل آهي، سنڌ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرن ۾ وڌي چاهه سان شرڪت ڪندو آهي. کيس مختلف ادارن طرفان ادب ۾ ڪيل خدمتن جي صلي ۾ انعام ۽ اعزاز بہ ملندا رهيا آهن، جن ۾ فڪر و نظر ايوارڊ سکر، شاهه لطيف ايوارڊ پبلڪ اسڪول سکر، شاهه لطيف ايوارڊ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي، شاهه لطيف ايوارڊ، ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ 1996ع ۾ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي طرفان بهترين مقرر ايوارڊ شامل آهن.

ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" جي ڇپيل ڪتابن مان ڪجهہ نالا هن ريت آهن:

امام شامل (ترجمو)، ناقة الله (ٻاراڻو ادب)، عرفان لطيف، فڪر لطيف، پيهي منجهہ پاتال، لاڙڪاڻو صدين کان، پٽ جو گهوٽ عرف پارکو پارس جا، تاريخ اسلام جون باڪمال عورتون، وغيره، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

روضہ اطهر پسان هينئڙو ٺري، چائنٽ چپڙن سان چما هينئڙو ٺري،
هڪ دفعو يثرت جي گهٽين ۾ رسي، پل تہ ات پلجي وڃان هينئڙو ٺري.

بشير خان قريشي

بشير احمد خان ولد غلام مرتضيٰ قريشي 10 آگسٽ 1959ع تي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو بيباڪ قومپرست نوجوان ليڊر ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جو موجوده چيئرمين آهي.

بشير خان جي پرورش هڪ وچولي گهراڻي ۾ ٿي. سندس والد ڳوٺ ۾ اٽي جي چڪي هلائيندو هو ۽ اناج جو واپار ڪندو هو، بشير خان پرائمري ڪان

مشترڪ تائين تعليم رتيديري ۾ حاصل ڪئي، انٽر جو امتحان سي ايند ايس ڪاليج شڪارپور مان پاس ڪيائين.(1)

بشير خان 1976ع ۾ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ داخلا ورتي، جتي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو، پهريون ڀيرو ڪيس 1978ع ۾ ٽنڊوڄام ۾ گرفتار ڪيو ويو. 1980ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) زرعي يونيورسٽيءَ جو صدر بڻيو. 1980ع ۾ ٻيو ڀيرو لاڙڪاڻي مان ڪيس گرفتار ڪيو ويو. 1982ع ۾ ڪيس جساف مرڪز جو نائب صدر بڻايو ويو. 28 ڊسمبر 1984ع تي شادي ڪيائين. 15 جنوري 1985ع تي وري ڪيس رتيديري ۾ گرفتار ڪيو ويو، فوجي عدالت حيدرآباد ۾ مٿس ڪيس هلايو ويو ۽ ٻن ڪيسن ۾ ڪيس هڪ هڪ سال قيد ۽ ڏهن ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي وئي. 15آگسٽ 1986ع تي سزا ڪاٽي آزاد ٿيو ۽ 1988ع تائين جساف جي مرڪزي صدر جي عهدي تي رهيو. 11 آگسٽ 1988ع تي لساني فسادن دوران ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ 18 مهينا جيل ۾ رهيو. 1992ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ وجود ۾ آئي، جنهن جو ڪيس مرڪزي نائب صدر ۽ 1993ع ۾ مرڪزي صدر مقرر ڪيو ويو. 20 جنوري 994ع تي وري گرفتار ٿي ويو. 1995ع ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ ٺهيو ته ان وقت پاڻ جيل ۾ هو، پر ڪيس ان جو ڊپٽي ڪنوينر چونڊيو ويو. نومبر 1996ع ۾ آزاد ٿيو ته ڪيس قومي محاذ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1997ع ۾ رتوديرو شهري اتحاد جو سرپرست اعليٰ مقرر ٿيو. 1998ع کان پاڻ جيئي سنڌ قومي محاذ جو چيئرمن آهن. 17 جنوري 1999ع تي ڪيس هڪ دفعو وري گرفتار ڪيو ويو، ليڪن 29 ڊسمبر 1999ع تي ڪيس آزاد ڪيو ويو.

بشير خان کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هو سائين جي ايم سيد جي تمام ويجهو رهيو ۽ سندس اعتماد جوڳن ڪارڪنن منجهان هڪ آهي. شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ اهو تاثر عام هيو ته سندس نظرياتي پوئلڳي ختم ٿي ويندي، پر سندس وفات بعد جن ماڻهن جي ايم سيد جي نظريي تي ثابت قدم رهي، ان تاثر کي غلط ثابت ڪيو، انهن ۾ بشير خان جو نالو سر فهرست آهي. جيڪو پنهنجي محسن ۽ فڪري مرشد جي نظريي کي هرحال ۾ قبول ڪيو ويٺو آهي ۽ سندس مشن کي جاري رکيو اچي، جنهن لاءِ ڪيس ڪئين بار جيل به وڃڻو پيو ۽ ڦٽڪا به کائڻا پيا، جنهن جو تفصيل مٿي اچي چڪو. ليڪن ڌرتي جي هن سورهيه سرويچ کي ڪابه سختي جهڪائي نه سگهي آهي ۽ اڳي کان به اڳرو آهي.

قريشي صاحب سنڌ دشمن هر سازش خلاف مهاڏو اٽڪائيندو رهيو آهي. 1988ع ۾ جڏهن هندستاني پناهگيرن سنڌ ۾ رت جي هولي رچائي ۽

(1) سي ايند ايس ڪاليج شڪارپور چيلا سنگهه ۽ سيتلداس جي گڏيل ڪوشش ۽ مالي تعاون سان 1932ع ۾ قائم ٿيو. ان ڪاليج جو باقاعدي افتتاح 17 جون 1934ع تي سکر ضلعي جي وقتي ڪليڪٽر ايچ ٽي سورلي ڪيو.

ڪراچي، حيدرآباد ۾ سنڌين جو قتل عام شروع ڪيو، سنڌن گهر لٽيا، سنڌي مردن ۽ عورتن کي اغوا ڪري پنهنجي قائم ڪيل ٽارچر سيلن ۾ طرحين طرحين جون اذيتون ڏيڻ لڳا، سنڌي ماڻهن حيدرآباد ۽ ڪراچي مان لڏڻ شروع ڪيو، پنڪي، ٽوپي ۽ اجرڪ واري جو حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ داخل ٿيڻ مشڪل ٿي پيو ۽ حڪومت خاموش تماشائي بڻي رهي ته، اهڙي مشڪل وقت ۾ بشير خان ۽ سنڌس ساٿين جو ڪردار نهايت قابلِ تعريف رهيو. هنن دشمن جو ڪنهن حد تائين مقابلو به ڪيو، متاثر ٿيل ماڻهن جي پرگهور لهڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي، پنهنجي وس ۽ حال آهر انهن جي هر ممڪن مدد ڪئي ۽ ٻيهر پنهنجي گهرن ۾ آباد ٿيڻ لاءِ منجهن اتساهه آندو ۽ سنڌن حفاظت ڪرڻ جو ذمو پاڻ کنيو، سنڌس انهيءَ ڪردار سنڌي ماڻهوءَ کي اهو احساس ڏياريو ته سنڌس به ڪو ڏٿي سائين آهي. 1998ع ۾ ڪالاباغ ڊيم واري مسئلي تي قريشي صاحب سڄي سنڌ جو دورو ڪري گهر گهر وڃي ڪالاباغ ڊيم واري منصوبي سان سنڌ کي پهچندڙ نقصانن کان اڳواٽ ماڻهن کي آگاهه ڪيو ۽ ڊيم خلاف احتجاج ڪرڻ جي سجاڳي ڏني، نتيجي ۾ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي، جنهن ڪري نواز شريف حڪومت کي مجبورن ڊيم وارو مسئلو ملتوي ڪرڻو پيو.

قريشي صاحب طبيعتن سڌو سنئون ۽ کري قسم جو ماڻهو آهي، منجهس روايتي سياستدانن واريون چالون ڪونهن، پاڻ نهايت خوش اخلاق، خوش مزاج، رلڻو ملڻو ۽ کل مک انسان آهي. ايڪيهين صدي جي سنڌي قوم جون هن نوجوان سان قوي اميدون وابسته آهن.

بشير مورياڻي

بشير احمد "بشير" مورياڻي 10 مارچ 1935ع تي شڪارپور ۾ ڄائو، پاڻ اعليٰ پايي جو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ منتظم آهي.

بشير مورياڻي پرائمري کان انٽر تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ 1956ع ۾ بي اي (آنرس) سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر اچي پاس ڪيائين، 1958ع ۾ ايم اي (سنڌي) پڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائي، 1960ع ۾ سول سروس جي امتحان ۾ چونڊجڻ کان پوءِ جن ادارن ۾ خاص تعليم ۽ تربيت حاصل ڪيائين، اُهي آهن، اڪيڊمي فار رورل ڊيولپمينٽ پشاور1961ع، نيپا ڪراچي 1969ع، آمريڪن يونيورسٽي بيروت، لبنان 70-1969ع ۽ پاڪستان ايڊمنسٽريٽو اسٽاف ڪاليج لاهور 74-1973ع.

بشير مورياڻي صاحب مختلف سرڪاري اعليٰ عهدن تي رهيو، پهريان1958ع ۾ ليڪچرار مقرر ٿي نواب شاهه ۽ شڪارپور جي ڪاليجن ۾ رهيو. 1960ع ۾ سول سروس جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر

مقرر ٿيو، ان کان پوءِ پاڻ ڊپٽي ڪمشنر، ڊائريڪٽر آدمشماري، ڊائريڪٽر ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن، ڊائريڪٽر فوڊ، ايڊيشنل سيڪريٽري فوڊ، ڪوآپريشن ۽ ايگريڪلچر، سيڪريٽري انڊسٽريز، ميمبر بورڊ آف روينيو، ڊائريڪٽر رائيس ملنگ ڪارپوريشن فارين سروس ۾ ڪائونسلر ۽ سنڌ سرڪار جي مختلف کاتن ۾ سيڪريٽري ٿي رهيو.

بشير موريائي جديد سنڌي افسانوي ادب جو بهترين ليکڪ آهي. هن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون آهن، جن مان ڪن ڪهاڻين جو ترجمو مختلف ٻولين ۾ پڻ ٿي چڪو آهي. پاڻ شعروشاعري به ڪندو آهي، سندس ڪلام جديد ۽ قديم رنگن جو ميلاپ آهي. هن شاعري جي تقريباً سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي "اصنام خيالي" سندس شاعري مجموعو آهي، جيڪو 1955ع ۾ ڇپيو. ان کان علاوه سندس هيٺيان ڪتاب پڻ ڇپيل آهن: زندگيءَ جي راهه تي (ڪهاڻيون 1953ع)، مشرقي يورپ جي شاعري (مضمون)، عالمي ادب، چوند ترڪي ڪهاڻيون (ترجمو) نئين شاعري، اجنبي (ڪهاڻيون- 1958ع)، اڌوري اڌام (ڪهاڻيون- 1984ع) وغيره

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دل دل نه آ جا تنهنجي تمنا کان خالي،
اک اک نه آجا ياد ۾ تنهنجي نه ٿي آلي،
هي نينهن ٿيا نار زبان تي آخموشي،
الفت ۾ سنڌءِ ڪهڙي مصيبت مون آ پاتي.

بصرالدين سيوهاڻي، مخدوم

رڪن الدين عرف مخدوم بصرالدين ولد مخدوم احمد صديقي 17 سيپٽمبر 1865ع تي سيوهڻ شريف ۾ پيدا ٿيو. پاڻ وقت جو وڏو عالم، درويش، عمدو حڪيم ۽ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي.

مخدوم بصرالدين سيوهاڻي جو خاندان پاڻ وارن مخدومن سان تعلق رکي ٿو. پاڻ صديقي خاندان مان هو، جيڪي قاضي سڏبا هئا. سندس والد هڪ نيڪ بزرگ ۽ صاحب ڪرامت شخص هو ۽ سرڪاري عهدي تي فائز هو.

مخدوم بصرالدين ننڍي هوندي کان ئي حليم، ذڪي ۽ ذهين هوندو هو. هن فارسي، عربي ۽ انگريزي جي تعليم سٺن استادن وٽان حاصل ڪئي. هن سنڌ مدرسة السلام ڪراچي مان وڪالت جو امتحان به پاس ڪيو هو. انگريزي زبان جو ماهر هوندو هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۽ شيڪسپيئر جي لکڻين سان خاصي دلچسپي هوندي هئس. عظيم مسلمانن فلاسفرن جي ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق رکندو هو. قديم فلسفي بابت گهڻي معلومات رکندو هو.

خاص ڪري علم طب سان گهڻي دل هوندي هئس. شروع ۾ سرڪاري نوڪري ڪيائين، پر پوءِ اها ڇڏي گوشہ نشيني اختيار ڪيائين.

مخدوم صاحب ڪرامتن ڀريو بزرگ هو. سندس ڪيترين ڪرامتون مشهور آهن. پاڻ ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هوندو هو. ڪچهري جو مور هو؟ سندس علمي گفتگو ٻڌڻ لاءِ روزانو لاتعداد ماڻهو سندس ڪچهري ۾ ايندا هئا. پاڻ طب جو وڏو ڄاڻو هو. هن طب جي موضوع تي هڪ عاليشان ڪتاب "بصائر" نالي سان عربي ۾ تحرير ڪيو. سندس حڪمت جي هاڪ ٻڌي ٻري ٻري ڪان ماڻهو وٽس ايندا هئا. پاڻ انهن سڀني جو علاج في سبيل الله ڪندو هو. کيس هڪ فرزند قاضي فخرالدين ٿيو، جيڪو پڻ درويش بزرگ ۽ معروف حڪيم هو. هي ٻئي شخصيتون پنهنجي وقت جون مشهور شخصيتون ۽ علميت، ديانتداري ۽ عبادت گذاري جو بينظير مثال هيون.

مخدوم قاضي بصرالدين سيوهاڻي 11 جنوري 1938ع تي سيوهڻ شريف ۾ انتقال ڪري ويو.

بلال "پرديسي"

محمد بلاول "پرديسي" ولد محمد يعقوب 29 مارچ 1931ع تي ڳوٺ خاٽوٺ تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ويجهڙائي ۾ ڪافين ۽ گيتن جو شهنشاھ شاعر ٿي گذريو آهي.

بلاول پرديسي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري 1948ع ۾ ڀٽ شاھ اسڪول ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. جتي لاڪيٽي لطيف جي مقدس آستان تي تمرفقير جي مسند نشين ميهار فقير مرحوم ۽ ٻين صوفي فقيرن جي صحبت ۾ رهي، شاھ جي رسالي جي رمزن کي اندر جي اکين ۾ جاءِ ڏني، سماع جي روح پرور رهاڻين ۾ شريڪ ٿي قلبي سرور ۽ فيض حاصل ڪيو. هن 1949ع ۾ اچي حيدرآباد وسائي، جتي ادبي ماحول ۾ سندس موزون طبيعت ۽ ادبي صلاحيتن کي اجاگر ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿيو. اهڙي طرح "بزم طالب المولیٰ" ۽ "بزم خليل" جي مشاعرن ۽ ادبي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي جذبات جو اظهار نظم جي صورت ۾ ڪندو رهيو. هن 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ آخر پروفيسر جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو.

بلاول پرديسي قادر الڪلام شاعر هو تخلص "پرديسي" استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام عوام ۾ ڪافي مشهور آهي. گيت جي زبان مٺي ۽ پياري اٿس، ڪافين ۾ [redacted] خيال آندا اٿس، اهڙي طرح سندس غزل ۾ بہ سٺا سٺا تجربا ملن ٿا. سندس فلمي ۽ غير فلمي نغما، گيت، غزل، ڪافيون مشهور فنڪارن ڳايا آهن. سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان تان عام جام نشر ٿيندو رهي

ٿو، ادبي رسالن ۾ به ڇپجندو رهيو آهي ۽ شاعري جا ڪتاب پڻ ڇپيل اٿس. شاعريءَ سان گڏ هن صاحب ڪجهه مضمون ۽ افسانا وغيره پڻ لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه نالا هن ريت آهن:

دلسوز ڪافيون (شاعري 1956ع)، سنوني صندوق (باراڻو ادب 1959ع)، زندگي ۽ حادثا (افسانا 1969ع)، جادوءَ جو گلاب (باراڻو ادب)، پڪار (شاعري)، رهبر دوستي، مضمونن جو مجموعو، ڪليات پرديسي (شاعري)، سچل جي شاعري ۾ جماليات (تنقيد) وغيره.

بلاول "پرديسي" 23 ڊسمبر 1999ع تي حيدرآباد ۾ دل جي دوري پوڻ سبب گذاري ويو. سندس هڪ غزل جا ڪجهه بند نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

سنيالي هل حياتيءَ جي ڪٺن راهن ۾ اي راهي،
جو خود گمراهه تنهن کي رهبرِ ڪامل مٿان سمجهين،
حقيقي عشق جا گهائل ٿين ٿا صاحبِ منزل،
خرد جي طالبن کي صاحب منزل مٿان سمجهين.

بهاول خان لغاري، نواب

نواب بهاول خان ولد نواب امداد علي خان لغاري 17 مئي 1921ع تي ڳوٺ تاج پور ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. تاجپوري نواب خاندان جو هيءَ بزرگ مشهور شاعر ۽ ادب نواز شخصيت ٿي گذريو آهي.

نواب بهاول خان لغاري جو خانداني سلسلو سنڌ جي باوقار سپهه سالار، مدبر ۽ وطن دوست نواب ولي محمد خان لغاري (وزيراعظم سنڌ) سان ملي ٿو. پاڻ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ست درجا سنڌي پاس ڪيائين، وڌيڪ تعليم ان ڪري حاصل نه ڪري سگهيو جو پاڻ اڃا 13 سالن جو هو ته سندس والد وصال ڪري ويو، ان ڪري گهريلو ڪاروبار ۽ زمين جي سنڀال وغيره جو بار سندس ڪلهن تي اچي پيو.

نواب بهاول خان تي ننڍي عمر کان ئي فقير نواب ولي محمد جي شعر جو ڪافي اثر ٿيو، جنهن ڪري سندس طبيعت تي پڻ فقيراڻو ۽ شاعراڻو رنگ غالب هو. آبائي مرشد درگاهه جهوڪ شريف جو مريد هو ۽ ان وقت جي سجاده نشين حضرت حاجي عبدالستار شاهه "ثاني" جي هٿ تي 9 آگسٽ 1943ع تي بيعت ڪيائين ۽ اسم پاڪ جي ذڪر جي تلقين حاصل ڪيائين. پوءِ ته پاڻ 1949ع تائين لاڳيتو درگاهه جهوڪ شريف تي رهڻ لڳو، البته ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ تاج پور يا زمينداري (تعلقي دولتپور) ڏي پڻ سندس اچڻ وڃڻ ٿيندو هو.

نواب صاحب 1960ع کان وٺي ظاهري طور طريقن ۾ پڻ درويشاڻو ۽ فقيراڻو رنگ اختيار ڪيو. کيس شاعري ۽ موسيقيءَ سان چاهه هو، فقير ولي محمد لغاري

جي ڪلام کي عام ڪرڻ لاءِ راڳيندڙ فقيرن جي هڪ جماعت ترتيب ڏنائين، جنهن جي اڳواڻي بچل فقير چنو ڪندو هو، نواب صاحب انهن فقيرن کي فقير ولي محمد جو ڪلام ياد ڪرائيندو هو ۽ مختلف طرزون ۾ ڏنون خود سمجهائيندو هو. پاڻ به سنگت سان گڏ يا اڪيلي سر ڳائيندو هو، فقير ولي محمد جي ميلي تي تمام سنو انتظام ڪندو هو، ميلي جي وچين رات خاص ڪري استاد منظور علي خان لاءِ مخصوص هوندي هئي. فقير ولي محمد جي ڪلام کي ڇپرائڻ لاءِ وڏي ڪوشش ورتائي. جنهن جي نتيجي ۾ سال 1968ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق ۽ محنت سان ڪلام "نواب ولي محمد خان لغاري" جهڙو ضخيم ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو.

فقير بهاول خان لغاري 1941ع ڌاري پاڻ به شعر چوڻ شروع ڪيو. گهڻو ڪري ڪافيون جوڙيائين، ان کان سواءِ بيت، قومي نظم، مزاحيه نظم، نوحا، رباعيون، غزل، منقبت وغيره به لکيائين. سندس ڪلام جو مجموعو "رسالہ بحر الفراق" قلمي صورت ۾ موجود آهي.

نواب بهاول خان لغاري 7 جنوري 1989ع تي آچر جي رات هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

چڙي ويو ڇپر ۾ اديون جام آري،
رلائي روهن ۾ ڪري ويو ڪوهياري،
سنتي سار مونکي نہ ٿي سرتيون ڪائي،
ڳولي ڳوٺ ڳلين وسايان پئي واري.

بهاءُ الدين "بهائي"، مولانا

مولانا بهاءُالدين "بهائي" ولد جلال الدين پتافي سن 1239 هجري ۾ ڳوٺ نصير ڪوٽي ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ تمام وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، کيس "سنڌ جو سعدي" چيو ويندو آهي.

مولانا بهاءُالدين "بهائي" قرآن شريف هڪ مائي وٽ پڙهيو، فارسي مولوي حسين بخش وٽ ۽ عربي جي تحصيل علي اڪبر شاهه وٽ ڪيائين. ان کان پوءِ منا خان لغاري جي دعوت تي داد لغاري جي پرسا مدرسو کولي درس وتدريس جو ڪم شروع ڪيائين هتان ئي مولانا صاحب جي عالمانہ زندگيءَ جو آغاز ٿيو ۽ تصنيفات جو شغل شروع ڪيائين. ڪجھ وقت کان پوءِ داد لغاري کان پنج ميل اولهہ طرف ڳوٺ بهاءُ الدين بڏائي اتي مدرسو کولي تعليم ڏيڻ لڳو، پاڻ طريقت ۾ خواجہ غلام فريد جو مريد هو ۽ سندس دوستن ۾ مولانا همايوني، حافظ محمد صديق پرچوندوي ۽ پيرپاڳارو حضرت شاهه مردان شاهه اول شامل هئا.

مولانا صاحب وڏو عالم ۽ شاعر هو، فارسيءَ ۾ کيس وڏي مهارت حاصل هئي، جنهن ۾ سندس 18 تصنيفون آهن. سندس اڪثر فارسي ڪتاب رياست بهاولپور جي نواب ۽ وزير جي حڪمن تحت ڇپيا. پير شاهه مردان شاهه کيس هڪ دستي پريس وٺي ڏني هئي. جا "مطبع راشديه" جي نالي سان پنهنجي ڳوٺ ۾ قائم ڪيائين، جنهن کي "مطبع بهائيه" به چئبو هو، جنهن ۾ ڪجهه ڪتاب شايع به ٿيا. اهڙي طرح هن صحافت جي ميدان ۾ به پاڻ کي ڇڳو موڪيو، بعد ۾ هيءَ پريس سيلاب ۾ لڙهي وئي.

مولانا صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ چار ڪتاب لکيا آهن، جن جا نالا هن ريت آهن: تنبيه الڪاملين، بلال نامو، ڏاچي نامو ۽ خطبات بهائي. هي ڪتاب "مطبع بهائيه" مان شايع ٿيا، جڏهن ته سندس لکيل فارسي ڪتابن مان ٻه ڪتاب تذڪره القوافي ۽ مرآة الخيال پڻ ساڳين پريس مان ڇپيا هئا.

مولوي صاحب فارسيءَ جو تمام وڏو شاعر هو، وقت جي شاعرن وٽ سندس وڏي عزت هئي. هڪ ڀيري پير پاڳاري سيد حزب الله شاهه مولوي صاحب جي هڪ غزل کان متاثر ٿي پنهنجو هاٿي پالڪيءَ سميت کيس انعام طور ڏنو.

مولانا بهاءالدين "بهائي" ڊگهي ڄمار مائي 10 مئي 1933ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي، اتي ئي سندس آخري آرامگاهه آهي.

ٻيبو خان، استاد

استاد محمد ابراهيم قريشي عرف ٻيبو خان ولد استاد گامڻ خان 1904ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو، پاڻ جڳ مشهور گويو ٿي گذريو آهي.

استاد ٻيبو خان موسيقي جي فن جي سکيا پنهنجي والد ۽ ڀائرن استاد مبارڪ علي خان ۽ استاد مراد علي خان کان حاصل ڪئي. هن پنهنجي خانداني ورثي يعني ڌرپد ۾ مهارت حاصل ڪئي، ان کان سواءِ ٺمري دادري وغيره جي به وڏي ڄاڻ هئس. سندس دور ۾ خيال جي گائڪي ۾ تان لڳائڻ وقت نوٽيشن لڳائڻ يعني سرگم کي واضح ڪرڻ هڪ اختلافي مسئلو هو. ٻيبي خان تان ۾ نوٽيشن لڳائڻ جي روايت کي قائم ڪيو. پاڻ "گهمڪ تان" تمام سٺي انداز سان لڳائيندو هو. ايتري قدر جو سنڌي ڪافيءَ ۾ ان تان جي آميزش ڪري گائڪي جي لحاظ کان پنهنجي ادائگي ۾ مدرتا پيدا ڪندو هو، پاڻ سنڌي ۽ سرائڪيءَ سان گڏوگڏ زماني جي رواج مطابق فلمي توڙي پرائيويٽ غزل ۽ پشتو ۽ فارسي به مهارت سان ڳائيندو هو.

استاد ٻيبو خان شڪارپور ڇڏي ڪوئيٽه ويو هو، اٽڪل 12 سال اتي رهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ آخر حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ان وقت حيدرآباد ۾ اڃا ريڊيو اسٽيشن قائم نه ٿي هئي ۽ نه وري ڪو آڊيٽوريم وغيره هو ان ڪري راڳ جون محفلون مڪانن، اوتارن ۽ درگاهن تي ئي ٿينديون

هيون. استاد هر درگاهه تي ڳائڻ جو هڪڙو ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو هو، جتي ڳائي ماڻهن جي دل ريجهائيندو هو. قلندر لعل شهباز جي ميلي تي هر سال پيرين اگهاڙي هٿ ۾ تانپورو کڻي چونڪي ڏيندو هو. لطيف سرڪار جي ميلي تي ان وقت کان حاضري ڏيڻ شروع ڪيائين، جڏهن اڃا نه سواريءَ جو باقاعدي انتظام هوندو هو، نه ڪانفرنس جو رواج هو. هن اهڙي مشڪل ۽ ميداني دور ۾ نالو پيدا ڪري، اها چواڻي مشهور ڪري ڇڏي ته "فلاڻا تون ڪهڙو ڪو بيبو خان آهين."

استاد بيبو خان سنڌ مان واحد سنڌي ڪلاسيڪي راڳي هو، جيڪو هر مهيني بمبئي آل انڊيا ريڊيو تان باقاعدي پروگرام ڪندو هو. کيس هڪ پروگرام لاءِ 90 روپيه معاوضو ملندو هو، جيڪو ان زماني ۾ وڏو معاوضو سمجهيو ويندو هو. هن 1935ع ۾ هز ماسٽر وئيز گراموفون ڪمپني المعروف ڪتاچاپ ڪمپني بمبئي ۾ پنهنجي رڪارڊنگ ڪرائي.

استاد درويش صفت انسان هو، ڪنهن جي دل نه رنجائيندو هو، رستي تي به ڪنهن کيس به ٻول ٻڌائڻ لاءِ چيو ته، اتي ئي جهونگاري ان کي خوش ڪري ڇڏيندو هو. خدا کيس فن جي اهڙي ته ڏات بخشي هئي، جو چون ٿا ته هن هڪ ڏينهن صبح جو جوڳ راڳ جو رياض پئي ڪيو ته اوچتو به ٽانگ سندس سامهون اچي جهومڻ لڳا. سندس ڀيڻ واقعو بيان ڪيو ٿو وڃي ته هڪ ڏينهن هن حيدرآباد ۾ هڪ رئيس جي طعني هڻڻ تي جلال ۾ اچي راڳ ميگهه شروع ڪيو ته ٿاڪ منجهند جو صاف آسمان تي اڌ ڪلاڪ جي اندر بادل ڇانئجي ويا ۽ زوردار برسات پوڻ لڳي.

استاد بيبو خان مسلڪ جي اعتبار کان شيعه هو، محرم شريف ۾ امام عالي مقام حضرت حسين عليه السلام جو ذڪر، رباعيون ۽ ڏوهيڙا بنا ڪنهن في جي پڙهندو هو، پاڻ هر سال پابنديءَ سان نياز ڪندو هو. اتفاق سان هڪ ڀيري وٽس نياز ڪرڻ لاءِ پئسا نه هئا ته هن گهر جا پلنگ، پينگهو ۽ ڪرسيون کپائي به نياز ڪيو.

استاد بيبو خان جو آواز ڏاڍو منو چڪدار ۽ سريلو هو. هو اڪثر سنڌي ڪافيون ڪلاسيڪي رنگ ۾ ڳائيندو هو. هن حيدرآباد شهر ۾ هڪ ميوزڪ ڪلب کولي هئي جيڪا "سنڌ ميوزڪ ڪاليج" جي نالي سان مشهور هئي. جنهن ۾ پاڻ راڳ جي سکيا ڏيندو هو. سندس به فرزند استاد نياز حسين ۽ استاد فدا حسين سنڌ جا مشهور موسيقار ٿي گذريا آهن.

استاد بيبو خان 25 مارچ 1952ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو.

بيدل مسرور

بيـــدل بخش ولد غلام علي مـــــــسرور بدوي 11 جولاءِ 1947ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ معروف موسيقار، شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس ۽ ٽيليويزن پروڊيوسر آهي.

بيدل مسرور جو والد صاحب پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو، (سندس احوال جدا ڏنل آهي) جيڪو بيدل سائين جو معتقد هو، جنهن ڪري پٽ جو نالو بيدل بخش رکيائين. بيدل مسرور ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي. پاڻ پهريان يونين ڪائونسل جو سيڪريٽري مقرر ٿيو ۽ اڄڪلهه پاڪستان ٽيليوزن سينٽر ڪراچي تي پروڊيوسر آهي. جتي پنهنجون ذميواريون انتهائي قابليت ۽ دلچسپي سان نڀائي رهيو اهي ۽ مختلف موضوعن تي ڪيترائي يادگار پروگرام ڪري چڪو آهي، جن ۾ ڊراما گهڻو مشهور آهن.

بيدل مسرور کي فنون لطيفه سان ننڍي هوندي کان ئي چاهه رهيو، هو جڏهن اڃا چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو، تڏهن کان ئي راڳ سان چاهه رکيائين، ويتر جو استاد هادي بخش مرحوم ۽ استاد ارباب خان کوسي جهڙن برک راڳيندڙن جي صحبت مليس، تن سندس فن کي پختو بڻائي ڇڏيو. سندس پياءُ احمد بخش بدوي جي فن سان محبت به هن جي چاهه کي وڌايو ۽ ائين هي هڪ سٺو راڳيندڙ ۽ موسيقار بڻجي پيو، هن جديد شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف کي نهايت جديد انداز سان ڳايو آهي. پاڻ سوين ڌنون ترتيب ڏئي چڪو آهي.

بيدل مسرور صاحب ادبي ڪيتر ۾ به پنهنجو پاڻ پرپور نموني موکيو آهي. ڪهاڻيون، ناولٽ ۽ مضمون وغيره لکيا اٿس، نثر ۾ سندس ڪجهه ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جڏهن ته پاڻ شاعري به ڪندو آهي، پر اڃا تائين سندس شاعري جو ڪو مجموعو نه آيو آهي. سندس ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن.

چند هنگامامه ترتيب (افسانا 1970ع)، راڻي (ناول 1971ع)، ڪاڪ محل ترتيب (ڪهاڻيون 1972ع)، جندڙي ترتيب (ڪهاڻيون)، منزل اينڊي ماڳ به اينڊا (ترتيب، متفرقه)، ڪاتيءَ هينان ڪنڌ، پوڳنائن جو سفر (ڪهاڻيون - 1988)، چاهت جي تواتي تي (ناوليٽ 1999ع)، آءَ لويو (ناوليٽ) ۽ ساگر جي لهر تي ڏوراپو.

بيدل مسرور کي ميوزڪ ۽ ڊرامن تي چار عدد گولڊ ميڊل مليل آهن.

"بيرنگ" بادشاهه

سيد محمد اسماعيل المعروف "بيرنگ بادشاهه" ولد سيد غلام شاهه سن 1901ع ڌاري ڳوٺ آرائين لڳ مدئجي، ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ صوفي شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي.

"بيرنگ" بادشاهه سنڌي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول ۾ ورتي، عربي ۽ فارسي ڳوٺ جندو ديرو ۽ عرضي پيٽي جي ديني مدرسن ۾ پڙهيو. روحاني فيض سائين سلطان شاهه (تارڪ) رضوي درگاهه ڦلپوٽه (آگاڻي) لڳ ماهوٽا کان حاصل ٿيس، جنهن کيس "بيرنگ" جو خطاب بخشيو، زندگيءَ جو ڪافي عرصو اتي رياضت ۽ مرشد جي خدمت ۾ گذاريائين.

"بيرنگ" بادشاهہ ڪيترو ئي صوفياڻو ڪلام چيو آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ "بيرنگ" تخلص سان گڏ "راز" تہ وري ڪٿي "اسماعيل" بہ استعمال ڪيو آهي. سندس ڪلام جو مجموعو قلمي صورت ۾ موجود آهي، جيڪو سندس ئي هٿن جو لکيل آهي، سندس اکر تمام سهڻا هوندا هئا. سندس اهو قول مشهور آهي تہ "موت جي ياد قلب جو زنده هجڻ آهي."

"بيرنگ" بادشاهہ راڳ جو شوقين هوندو هو، سڄي رات جاڳي راڳ ويراڳ ۾ گذاريندو هو، نيم ڪلاسيڪي موسيقي جو ماهر هو، يڪتارو ۽ طلبو وڄائڻ جي سني جاڻ رکندو هو، ڪپڙا گيڙو رتا ۽ مٿي تي تاج وانگر ڏگهو ٽوپ پائيندو هو هٿ ۾ بيراڳڻ يا ڪنڊري ڪٺندو هو، جنهن ۾ ڳاڙهو علم پڌل هوندو هو.

پاڻ ڪڏهن ڪڏهن فاقبي، مراقبي ۽ گوشہ نشيني واري حالت ۾ بہ رهندو هو، هن ڪڏهن بہ ڪو مريد نہ ڪيو، البتہ سندس طالبن جو وڏو تعداد هو، پاڻ 11 نومبر 1944ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهہ ڳوٺ آرائين تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ آهي، نموني طور سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو.

ڪڏ بندياڻي بند مان تہ ماڳ وڃان موٽي،
وڃي ويڙهن وچ ۾ ڳنڍيان چوٽي،
نيت نہ رک کوٽي ڪڏ بندياڻي بند مان.

بيگم فقيرياڻي

بيگم فقيرياڻي ڌيءُ هارون فقير ملاح سن 1925ع ڌاري روهڙي ۾ پيدا ٿي، پاڻ سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره ۽ شاعره خاتون ٿي گذري آهي.

بيگم فقيرياڻي جي خاندان جي ڪرت ٻيڙين درياهہ ۾ هلائي گذران ڪرڻ هو، سندس والد ڳائيندو بہ هو ۽ درگاهہ فيض درياهہ شاهہ جو مريد هو، بيگم فقيرياڻي ڳائڻ جو فن گهر ۾ پنهنجي والد کان سکيو ۽ پوءِ جڏهن هن باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو تہ، سندس ڏيرن کي اها ڳالهہ نہ وڻي، هن کيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ سندس ٻيڙي پيچي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏي. جنهن کان پوءِ هو پنهنجي ٽن سالن جي ٻچ درگاهي ميراڻي سميت اچي پنهنجي والد وٽ رهڻ لڳي، جيئن نہ سندس والد غريب هو، ان ڪري فقيرياڻي ڳائڻ کي پنهنجو روزگار ناهي رکيو ۽ پوءِ اينتري تہ مشهور ٿي جو پوري سنڌ ۾ سندس ناليءَ جي هاڪ هئي، پاڻ ولايت علي شاهہ (انباهہ شريف) واري جي مريدياڻي هئي، اڪثر سندس درگاهہ تي وڃي حاضري ڀريندي هئي. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سان بہ کيس وڏي عقيدتمندي هئي، جنهن ڪري لطيف سائين جي درگاهہ تي پڻ پيرا ڪندي هئي. ماڻهو کيس "لطيف جي فقيرياڻي" جي نالي سان بہ سڏيندا هئا.

پاڻ هميشہ ڪارا ڪپڙا پائيندي هئي. ماڻهن جي هن سان ايتري عقيدت ٿي وئي جو هر جڳهہ تي ڳائڻ جي محفل ۾ ڪانئس دعائون گهرائيندا هئا تہ، سندن فلاڻا فلاڻا مسئلا حل ٿين.

بيگم فقيرياڻي سٺي شاعرہ بہ هئي، پنهنجون ڪافيون ڪلام پاڻ ڳائيندي هئي، سندس آواز ۾ ڳايل ڪلام اڄ بہ ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندا آهن، نموني طور سندس لکيل هڪ ڪافي جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

ديد سدائين دلبر ۾ خلق سڄي پئي ڪلي ڪلي،
تہ بہ دل جو دلبر ملي ملي،
عاشق آهون ڪندا وتن ٿا معشوق بي پرواهہ،
عاشق ڪي آ عشق مدامي قيامت تائين پيو هلي هلي.

بينظير ڀٽو

محترمہ بينظير ڀٽو 21 جون 1953ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿي، پاڻ پاڪستان جي سڀ کان وڏي خاتون سياستدان آهي، هن سنڌي نياڻي جي اعليٰ ذهانت ڪي ڏيهہ پرڏيهہ ۾ مڃتا حاصل آهي. پاڻ فخر ايشيا جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي وڏي نياڻي آهي، هيل تائين ٻہ ڀيرا پاڪستان جي وزيراعظم ٿي چڪي آهي، کيس اهو اعزاز حاصل آهي تہ هوءَ اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم آهي.

محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ابتدائي تعليم ڪراچي ۾ حاصل ڪئي، بي اي هارورڊ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪرڻ کان پوءِ 1973ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين، جتان پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين. پاڻ ان يونيورسٽيءَ ۾ 1976ع ۾ شاگرد يونين جي صدارتي اليڪشن کٽي يونين جي صدر بڻي. هن يونين جي صدارت حاصل ڪندڙ پاڻ پهرين پرڏيهي شاگردياڻي هئي. کيس اقوام متحده جي يوٿ اينڊ اسٽوڊنٽ يونين جي صدر منتخب ٿيڻ جو پڻ اعزاز حاصل آهي، پاڻ شاگرديءَ واري دور ۾ ئي سياسي مهارت حاصل ڪري چڪي هئي. جناب ڀٽو صاحب جون 1972ع ۾ کيس "شملہ ناهہ" ڪرڻ وقت پاڻ سان گڏ شملہ ۾ وٺي ويو هو ۽ مسز اندراگانڌي سان ملاقات ڪرايائينس، اتي محترمہ بينظير ڀٽي جي ذهانت قابليت ۽ سياسي امور ۾ مهارت جي پهريون ڀيرو بين الاقوامي پريس بيحد تعريف ڪئي.

محترمہ بينظير صاحبہ 25 جون 1977ع تي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري وطن واپس موٽي آئي. هتي پهچڻ شرط وزارت خارجہ ۾ انڊر سيڪريٽري عهدي تي ڪم ڪرڻ لڳي پر ڪجهہ ئي ڏينهن بعد سندس والد جي حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءَ پاڪستان ۾ مارشل لا لاڳو

ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو، جنهن ڪان پوءِ ڀٽي خاندان تي مصيبتن جا پهاڙ ڪيرايا ويا. جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي هڪ جڙتو ڪيس ۾ ڦاسائي 4 اپريل 1979ع تي ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي. بينظير ڀٽو ۽ سندس والده بيگم نصرت ڀٽو کي جيل تنها ۾ رکيو ويو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي ٻئي نمبر فرزند شاهنواز ڀٽو کي 18 جولاءِ 1985ع تي پرڏيهه ۾ پراسرار نموني شهيد ڪرايو ويو، سندن ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. ۽ ٻيا الائي ڪهڙا ڪهڙا ظلم هن خاندان مٿان ڪيا ويا، پرجس لهڻي هيءَ عظيم پيءُ جي عظيم نياڻي جنهن نهايت دليري ۽ حوصلي سان حالات ۽ وقت جو مقابلو ڪيو ۽ هر مصيبت ۾ ثابت قدم رهي.

جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي وفات کان پوءِ 1979ع ۾ بينظير صاحبه کي "پاڪستان پيپلز پارٽي" جي شريڪ چيئرپرسن بڻايو ويو. پاڻ مسلسل ساڍا پنج سال نظربند رهندي بيمار ٿي پئي، جنهن ڪري حڪومت جي اجازت سان 10 جنوري 1984ع تي ڪن جي علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر هلي وئي ۽ پوءِ ڪجهه وقت ملڪ کان ٻاهر ئي رهي. 1985ع ۾ پاڪستان جي سياست جو وايو منڊل تبديل ٿيو. فوجي آمر جنرل ضياء 25 فيبروري 1985ع تي ملڪ ۾ غير جماعتي بنياد تي عام اليڪشن ڪرائي، بينظير صاحبه ۽ سندس ساٿي ان اليڪشن کان ٻاهر رهيا. 23 مارچ تي محمد خان جوڻيجي کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. 30 ڊسمبر تي ملڪ مان ساڍن اٺن سالن کان پوءِ مارشل لا ختم ڪري ترميم شده آئين بحال ڪيو ويو. اهڙي طرح ملڪ ۾ لولي لنگڙي جمهوريت بحال ٿي.

بينظير صاحبه حالتن جي تبديلي کي محسوس ڪندي وطن ورڻ جو اعلان ڪيو، پاڻ 10 اپريل 1986ع تي لاهور پهتي، هيءُ پهريون موقعو هو جو بينظير صاحبه کلي طرح عوام جي آڏو اچي رهي هئي، لاهور ۾ سندس تاريخي استقبال ڪيو ويو، پوري ملڪ مان اٽڪل ٽيهه لک ماڻهن جلسي ۾ شرڪت ڪئي، عالمي ميڊيا کي اهو تسليم ڪرڻو پيو ته، پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو سڀ کان وڏو سياسي ميڙ هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو آهي. هوائي اڏي کان جلسي گاهه (مينار پاڪستان) تائين اٺن ميلن جو فاصلو ڏهن ڪلاڪن ۾ طئي ڪري بينظير صاحبه جي گاڏي جلسي گاهه پهتي. راقم الحروف به ان جلسي ۾ شريڪ هو، ماڻهن جي ايتري ته اٿل هئي جو ڪيس ٽن چئن ماڻهن تي ته اهو احساس ٿيو ته ماڻهن جي پيڙ ۾ ڪٿي هو ڇيڇجي مري نه وڃي، ان کان پوءِ محترمه چئني صوبن جو دورو ڪيو ۽ هر جاءِ سندس والهيانه انداز ۾ استقبال ٿيو. 18 ڊسمبر 1987ع تي بينظير ڀٽو جي جناب آصف علي زرداري سان شادي ٿي گذري.

17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءُ بهاولپور جي ويجهو هڪ هوائي حادثي ۾ فوت ٿي ويو، سندس موت کان ٺيڪ نوي ڏينهن بعد 16 نومبر

1988ع تي پاڪستان ۾ جماعتي بنيادن تي عام اليڪشن ٿي جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سميت ملڪ جي سڀني پارٽين حصو ورتو، هن اليڪشن ۾ بينظير صاحبہ جي پارٽي 92 سيٽون کٽي سادي اڪثريت سان ڪامياب ٿي، هي واحد پارٽي هئي جنهن کي ملڪ جي چئني صوبن مان سيٽون مليون. سنڌي ويچارن تہ هٿي وجي هنڌ ڪيو، پوري صوبي مان (ايم ڪيو ايم)) مهاجرن جي شهري 13 سيٽن کان سواءِ صرف ہڪ آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا، باقي سڀ جون سڀ سيٽون پاڪستان پيپلز پارٽي کي مليون. پ پ پ جي مخالفت ۾ وڏا وڏا بت هن اليڪشن ۾ ڀڃي ڀور ڀور ٿي پيا. ان جو سبب جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي سر جي قرباني ۽ بينظير صاحبہ جي دليرانہ قيادت هئي. پاڻ 2 ڊسمبر 1988ع تي پاڪستان جي پارهين وزيراعظم ۽ تاريخ اسلام جي پهرين خاتون وزيراعظم جي حيثيت سان عهدي جو حلف کنيو. 6 آگسٽ 1990ع تي جنرل ضياءَ جي باقيات صدر غلام اسحاق قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙيندي سنڌس حڪومت جو خاتمو آندو. 24 آڪٽوبر 1990ع تي عام اليڪشن ٿي، جنهن ۾ بينظير صاحبہ ۽ سنڌس اتحادن کي 207 سيٽن مان صرف 45 سيٽون مليون ۽ اسلامي جمهوري اتحاد 91 سيٽون کٽي سرسي حاصل ڪئي. نواز شريف وزيراعظم بڻيو، پر صدر اسحاق جي وار کان جتي پراوا نہ بچي سگهيا، اتي پنهنجا بہ بچي نہ سگهيا ۽ 18 اپريل 1993ع تي اسيمبلي ٽوڙي نواز شريف کي بہ گهر ڀيڙو ڪري ڇڏيائين. 6 آڪٽوبر 1993ع تي وري عام اليڪشن ٿي. هن ڀيري بينظير صاحبہ کي 86 سيٽون مليون، جڏهن تہ ٻي وڏي پارٽي مسلم ليگ (نواز گروپ) کي 72 سيٽون مليون. بينظير صاحبہ آزاد اميدوارن ۽ ٻين ننڍين پارٽين جي مدد سان حڪومت ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ 19 آڪٽوبر 1993ع تي ٻيهر پاڪستان جي وزيراعظم بڻي. ساڳئي سال نومبر ۾ صدارتي چونڊن ۾ سنڌس پارٽيءَ جو اميدوار سردار فاروق احمد لغاري ڪامياب ٿيو، ليڪن اڳتي هلي منجهن سياسي اختلاف ٿي پيا ۽ پوئين صدرن جي سنت ادا ڪندي، لغاري صاحب بہ 4 نومبر 1996ع تي هڪ ئي ڌڪ سان قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙي بينظير حڪومت جو خاتمو آندو. 3 فيبروري 1997ع تي پاڪستان ۾ ويهين صدي جي آخري عام اليڪشن ٿي گذري، جنهن ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي عبرت ناڪ شڪست ملي. کيس صرف 17 سيٽون مليون اهي بہ بينظير صاحبہ جي ابائي صوبي سنڌ مان، هن اليڪشن ۾ نواز شريف واضح اڪثريت سان ڪامياب ٿي ٻيهر ملڪ جو وزيراعظم بڻيو. جنهنکي بعد ۾ 12 آڪٽوبر 1999ع تي فوجي سربراهہ جنرل پرويز مشرف هٽائي، پاڻ حڪومت تي قبضو ڪيو ۽ تاحال قابض آهي.

محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو حڪومت وارو دور ڏاڍو خوشحالي ۽ ترقي وارو دور هو، ملڪ ۾ ڪافي سڌارا آندا ويا، ملڪ جي ڪريل معاشي

حالت کي بهتر بڻايو ويو، شاگرد تنظيمن تان پابندي ختم ڪئي وئي، قيدين جي سزا ۾ ڪمي ڪئي وئي، ملڪ ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ويو، هزارين ڳوٺن کي بجلي ۽ گيس ڏنو ويو، تعليم عام ڪرڻ لاءِ لاتعداد اسڪول کوليا ويا، بيروزگاري ختم ڪرڻ ڪلاءِ لکين ماڻهن کي مختلف کاتن ۾ نوڪريون ڏنيون ويون، سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ اضافو ڪيو ويو.

هفتي ۾ ٻه ڏينهن جمع ۽ ڇنڇر عام موڪل ڪئي وئي. پاڪستان کي دهشت گرد ۽ منشيات فروش ملڪ جي بدنامي کان بچايو ويو، هڪ وڏو آپريشن ڪري سرحد ۽ قبائل ۾ منشيات جي اڏن کي ختم ڪيو ويو، محترمه جي ڪامياب پاليسن سبب پاڪستان کي پرڏيهه کان وڏي رقم قرض طور ملي، سندس حڪومت ۾ پورٽ قاسم وٽ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جو قيام ۽ ٺٽي ۾ ڪيٽي بندر گاهه ۽ گوادرپورٽ جو قيام به شامل آهي، سندس دور ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ رڪارڊ پرڏيهي سيڙپڪاري جا معاهد ٿيا، ٿرڪول پروجيڪٽ پاڪستان ۾ سڀ کان وڏو پرڏيهي سيڙپڪاري جو منصوبو آهي، بينظير صاحبه جي بهترين خارجه پاليسي گهڻو مشهور آهي، ملڪي مفاد ۾ انتهائي دليرانه ۽ ڏاهپ ڀريل فيصلن ڪرڻ تي دنيا جي پريس کيس "پاڪستان جي آئرن ليڊي" جو خطاب ڏنو.

محترمه بينظير صاحبه ۽ سندس ور آصف علي زرداري تي نواز شريف جي حڪومت ۾ ۽ ان کان پوءِ جنرل پرويز مشرف جي حڪومت ۾ سنگين نوعيت جا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. اڄڪلهه آصف صاحب جيل ۾ آهي ۽ بينظير صاحبه ملڪ کان ٻاهر آهي.

ٻيڊڙو فقير

ٻيڊل فقير ولد عبدالواسع سن 1865ع ۾ شڪارپور لڳ ڳوٺ بخشي اتڙ ۾ پيدا ٿيو، ڀاڻ مشهور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي، کيس ٻيڊل سائين يا ٻيڊڙو فقير به چوندا آهن.

ٻيڊل فقير ڪا زياده تعليم حاصل ڪانه ڪئي هئي، ڀاڻ ڀهراڙي جي ماحول ۾ پليو ۽ اتي جي ولين جو واس ماڻي جوان ٿيو، ڀاڻ ننڍي هوندي ڪان ئي فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو، سچل سائين ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام نهايت گهڻي سوز ۽ سڪ سان ڳائيندو هو، هڪ ڏينهن ذوق جي انتهائي غلبي ۾ سندس واتان هيءَ ڪافي نڪتي جيڪا سندس پهرين ڪافي هئي:

"سگهو موٽ يار توکي وينئا ساريون"

چون ٿا ته ڪافي چوندي فقير صاحب غش ٿي ڪري پيو، ان ڏينهن ڪان پوءِ پيرن ۾ چيِر ٻڌي هٿ ۾ يڪتارو ڪڻي، نچڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيائين، عزيزن سمجهيو ته چريو ٿي پيو آهي، جنهنڪري علاجن ڪان سواءِ جسم تي ڏنڀ به ڏيارياءُنس، مگر ڪوبه فرق نه پيو ۽ ڀچاڙي تائين پنهنجي حال ۽ درويشي خيال تي قائم ۽ مستحڪم رهيو.

ٻيڊل فقير جو سڄو ڪلام تصوف جي عشقيه رنگ ۾ چيل آهي، سندس چيل ڪافيون سنڌي ادب جي نظم واري حصي ۾ نهايت ئي قيمتي سرمايو آهن، هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين کي خاص موضوع بنايو آهي. سندس ڪلام سنڌي زبان کان علاوه سرائڪي زبان ۾ به چيل آهي. سندس ڪلام جي اها ڪاميابي آهي جو اڄ به پوري سنڌ ۾ موسيقي جي محفلن ۾ هن جي ڪلام کي مختلف انداز سان ڳايو وڃي ٿو.

ٻيڊل سائين 12 آڪٽوبر 1939ع تي وصال ڪيو، سندس هڪ ڪافيءَ جون سٽون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون.

الٽي بازي عشق جي آهي درد بنا ٻيو سمجهي ڪير،
هيءَ جا ڪار ڪسڻ جي آهي راند ڪٽي ڪو شير دلير.

ٻيڙو فقير ڪنيار

ٻيڙو فقير ڪنيار سن 1922ع ڌاري ڄائو، ڀاڻ سنڌي لوڪ ادب جو مشهور سگهڙ ۽ شاهه لطيف رحه جو ڀارڪو ٿي گذريو آهي.

ٻيڙو فقير هالا تعلقي جي ڳوٺ لقمان ڪوريجي جو رهندڙ هو، ڪجهه وقت سعيد آباد لڳ معروف پنيري ڳوٺ ۾ به رهيو. پر 1960ع کان حيدرآباد ۾ ڪاري موريءَ وٽ رهڻ لڳو.

پيرُو فقير هڪ مسڪين مارو ماڻهو هو، سندس ڪم هو نڪر ٺاهڻ يعني ڪنيارڪو ڪم ڪرڻ، هو سنڌي لوڪ ادب جو مايہ ناز سکڻ ٿي گذريو آهي، لوڪ ادب جي سيني صنفن تي ڪيس وڏي ڄاڻ هئي. ڀهراڙين جي ڪچهرين ۾ توڙي ادبي محفلن ۾ ڪيس عزت جي نگاهن سان ڏٺو ويندو هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان سندس وڏيون رهاڻيون ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون.

پيرو فقير ڏور، ڳجهارت، سينگار وغيره جو تمام سٺو سکڻ هو، خاص ڪري ڳجهارت جو زبردست ڳولينڌڙ هو، هو پاڻ بہ ڳجهارتون جوڙيندو هو، وٽس سينگار جا بيت بہ نهايت سهڻا ۽ وڻندڙ هئا. هو لطيف سائين جو عاشق هو، ڪيس رسالي جو گهڻو حصو ياد هو ۽ لطيفي لات کي ڀهراڙيءَ جو فڪر ۽ سوچ ويچار مطابق سمجهائيندو هو، ۽ ڪي ڪي پڙهڻيون هو عجيب طرح ٻڌائيندو هو، سندس خيال موجب شاهہ صاحب ڀهراڙيءَ جي ٻولي استعمال ڪئي آهي. هنرمندن ۽ مارووٽڙن جون ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي ڀهراڙيءَ وارائي سمجهي سگهن ٿا. اهڙي قسم جون گهڻيئي نيون نيون ڳالهيون هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروگرام "ساتيهہ سينگار" ۾ ٻڌائيندو هو. ان ادبي پروگرام ۾ هو ڪمپيئرنگ جا فرائض بہ سرانجام ڏيندو هو. سندس گفتگو پڪي، اثرائتي ۽ دل کي وڻندڙ هوندي هئي، سندس بيت جي چوٽي اهڙي دلپذير هوندي هئي جو ٻڌندڙ بيت جي لفظن جي روح جي تهہ تائين پهچي ويندو هو.

هو پنهنجي ڪنيارڪي ڪم جو بہ وڏو ڪاريگر هو.

هن پنهنجي برادريءَ جي قومي بنيادن تي هڪ تنظيم "پاڪ ڪنيار جماعت" جو پايو وڌو، جنهن جو آگسٽ 1963ع کان تاحيات صدر ٿي رهيو، هن 5 جولاءِ 1963ع تي ادبي تنظيم "سنڌي لوڪ ادب ڪچهري" جو پڻ بنياد رکيو.

پيرُو فقير سکڻ سان گڏوگڏ هڪ صحافي پڻ هو، ستن سالن کان هفتيوار اخبار "ڪچهري" شايع ڪندو رهيو. هن اخبار جا صفحا پاڪ، صاف ۽ صحتمند خبرن، رپورٽن مضمونن ۽ شعرن سان سينگاريل هوندا هئا.

پيرُو فقير 2 جنوري 1977ع تي حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ دل جي دوري پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو.

ڀاڳي مائي

مائي ڀاڳي ڏيءُ وهيون فقير مڱڻهار سن 1921ع ڌاري ٿر جي شهر مٺي ۾ پيدا ٿي، پاڻ مشهور لوڪ فنڪاره ٿي گذري آهي.

مائي ڀاڳي اٺن سالن جي عمر ۾ ڳائڻ وڄائڻ سکي، جيئن ته ڳائڻ وڄائڻ سندس خانداني ڪرت هئي، ان ڪري راڳ جي ابتدائي سکيا هن کي پنهنجي گهر مان ملي، جنهن کان پوءِ ٿر جي مشهور راڳي مراد فقير کان باقاعدي راڳ سکي.

مائي ڀاڳي ڀيرين پنهنجي والد سان گڏ راڳ جي محفلن ۾ وڃڻ لڳي، ڪجهه وقت کان پوءِ هو لڏي اچي نئون ڪوٽ ۾ رهيا. اتي اچي هن راڳ کي باقاعدي شروع ڪيو ۽ ڀر پاسي ۾ شادين جي موقعن تي ڳيچ ۽ سهرا ڳائيندي رهي ۽ اهڙي طرح وقت گذرڻ سان گڏ سندس فن ۾ پختگي ايندي رهي.

1967ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروڊيوسر غلام حسين شيخ مرحوم مائي ڀاڳي کي ريڊيو ذريعي سڄي سنڌ سان متعارف ڪرايو. ممتاز مرزا مرحوم جي ڪوشش سان هو ڪراچي ٽيليويزن تي به آئي، اهڙي طرح سندس فن ۽ شخصيت کان ملڪ جو ٻچو ٻچو واقف ٿيو. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پنهنجي سداحيات آواز ۾ جيڪو ڀيريون لوڪ گيت ڳايو ان جا ٻول آهن (لوڙ منجهان لڙهندي اچي) ان کان پوءِ هن ڪيترائي يادگار لوڪ گيت ريڊيو تي ڳايا، جن جي رڪارڊنگ اڄ به ريڊيو تان مختلف پروگرامن ۾ نشر ٿيندي رهندي آهي.

مائي ڀاڳي سادي سودي ڳوٺاڻي عورت هئي. سندس مزاج به سادو سودو، نهٺو ۽ نماڻو هو. هوءَ جيئن ته ٿر جي هئي، ان ڪري سندس فن مان ٿر جي پلر جي پاڻي جي خوشبوءِ اچي ٿي. هن پنهنجي مادري زبان ٿري ۽ سنڌي زبان ۾ انيڪ گيت پنهنجي مڌر ۽ من موهيندڙ آواز ۾ ڳايا، جن کي سنڌ جي عوام اڄ به ٻڌي گهڙي پل لاءِ پنهنجي درد ۽ پيڙا کي ڀلائي ڇڏي ٿي. کيس "ٿر جي ڪوئل" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي.

مائي ڀاڳي نج سنڌي راڳڻين کان سواءِ گجراتي، مارواڙي ۽ ڪانياواڙي جي ميلاپ سان جيڪي راڳڻيون ۽ ڌنون جنم ورتن ٿيون، انهن جي پڻ ڄاڻ رکندي هئي. هوءَ پنهنجي گيتن جون ڌنون پاڻ ترتيب ڏيندي هئي. پاڻ دهل به وڄائي ڄاڻندي هئي، سازن ۾ الغوزو کيس گهڻو پسند هو.

مائي ڀاڳي ۽ موهن ڀڳت سان 8 مئي 1986ع تي سنجهوري ۾ "سنڌي ادبي سنگت سنجهورو" طرفان شام ملهائي وئي. هن اتي آخري ڀيرو پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو هو. ساڳئي سال ۾ سنڌ سرڪار مائي ڀاڳي کي سرڪاري خرچ تي حج پڙهڻ لاءِ پلي پار موڪلڻ جو فيصلو ڪيو، ان لاءِ 9 جولاءِ تي کيس

ٽڪيٽ ملٽي هئي. پر ان کان پوءِ ڏينهن اڳ وڏي سرڪار پاران ڪيس ان پار جي ٽڪيٽ ملي وئي، جتان اچ ٽائين ڪو مسوٽيسوئي ڪونہ. اهڙي طرح 7 جولاءِ 1986ع مطابق 29 شوال 1406هہ تي مائي ڀاڳي جي روح جو جهاز ملڪ عدم ڏانهن پرواز ڪري ويو.

مائي ڀاڳي جي فن جي قدرداني عوامي حلقن سان گڏ سرڪاري حلقن پڻ ڪئي، ڪيس "شاهہ لطيف ايوارڊ" ۽ صدارتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" ڏنا ويا. ڪيس ماهوار وظيفو ۽ 16 ايڪڙ زمين ڏيڻ جو بہ اعلان ڪيو ويو هو.

اسان جي هيءَ عظيم فنڪاره سنڌ جي عوام ۾ پنهنجي آواز جو حسن جادو پکيڙي، جيئنوٽيڪ اسان کان هلي ويئي آهي، پر سنڌس موسيقي ۽ راڳ اڄ بہ هن جي ياد کي تازو ڪري رهيو آهي.

پاون علي شاهہ "ساقي" پير

پير پاون علي شاهہ "ساقي" ولد پير محمد شاهہ اٽڪل 1886ع ڌاري بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ درگاهہ شاهہ قادريءَ جو سجاده نشين، دين اسلام جو مبلغ، درويش ۽ شاعرتي گذريو آهي.

پير پاون علي شاهہ جو والد بزرگوار پنهنجي دور جو مشهور خدارسيده بزرگ ۽ عالم شخص هو، پير پاون علي شاهہ پنهنجي والد جي سايي ۾ گذاري، گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو هو. گهرو استاد جي زير نظر سنڌي، عربي، فارسي، گجراتي، اردو ۽ انگريزي پڻ سٺي نموني سان پڙهيو هو، پنهنجي والد جي وصال کان پوءِ پير پاون علي شاهہ کي مريدن پڳ ٻڌائي، درگاهہ شاه قادري بدين جو سجاده نشين مقرر ڪيو، پاڻ ڏاڍي حسن تدبر سان مريدن ۽ خادمن سان هلندو هو. دين اسلام جي تبليغ ڪرڻ سندس خاص مشغلو هو. علم حاصل ڪرڻ لاءِ سڄيءَ دنيا جو سفر ڪيائين. پنهنجي لائبريري کي وڌائڻ لاءِ پري پري کان ڪتاب گهرايائين. پاڻ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن مان اڪثر هن وقت ناپيد آهن.

پير پاون علي شاهہ ويهين ورهين جي عمر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو، سندس ڪلام نهايت ئي پختو ۽ دلپذير آهي، مولوي تاج محمد "مشتاق" فقير حاجي پير بخش، سيد ڪرم علي شاهہ لڪياري ۽ مولوي احمد ملاح سندس خاص صحبتي هئا ۽ گڏجي شعرو شاعري تي بحث ڪندا هئا. سندس ڪلام محمد سومار شيخ مرحوم گڏ ڪري "مناجات ساقي" 1956ع ۽ "ڪلام پير پاون علي شاهہ ساقي" 1972ع ۾ شايع ڪرايو هو.

پير پاون علي شاهہ "ساقي" قوم جراني ۾ 19 آڪٽوبر 1918ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

هئا سون موت تي راضي رضا کي چا ٿيو حاصل،
اسان کي ماريو محبت قضا کي چا ٿيو حاصل،
ٿي آهي نيم بسمل دل صنم جي تيغ ابرو سان،
رهي ڦٿڪندي دل دلربا کي چا ٿيو حاصل؟

ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي

ڪاڪو ڀيرو مل پٽ مهر چند آڏواڻي 4 ڊسمبر 1876ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ ويهين صدي جي پهرين اڌ جو تمام وڏو محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نويس، ناٽڪ ڪار، سيلاني، شاعر ۽ مترجم ٿي گذريو آهي.

ڀير مل تعليم حيدرآباد جي اسڪول يونين اڪيڊمي مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ 1896ع ۾ ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. جتي 28 سال نوڪري ڪري انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. ان کان پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي ولايت اُسهڻ کان پوءِ نومبر 1924ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ عارضي طور سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

ڪاڪو ڀيرو مل سنڌي، سنسڪرت، هندي، فارسي، عربي ۽ انگريزي زبانن جو ماهر هو. ڀيرو مل سنڌي ادب جو اهو ستارو آهي، جنهن جي جوت سدائين پئي جرڪندي. هن پنهنجي سڄي حياتي سنڌي زبان جي ادب لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. پاڻ سنڌ ۽ سنڌي ساهت تي عاشق هو. هن جون خدمتون نظم جي ڀيٽ ۾ نثر ۾ وڌيڪ آهن. هن سنڌ جي قديم سڀيتا، ڪلچر، سياسي ۽ ادبي تاريخ، لغت، ڪهاڻين، قصن، راڳ رنگ ۽ ٻين احوالن کي گڏ ڪري سنڌي ادب ۽ زبان جو حق چڱي طرح ادا ڪيو آهي. هن سنڌ جو چپو چپو گهمي، ماڻهن جي حالات زندگي ۽ ريتن رسمن تي قلم کنيو. سندس لکيل ڪافي مضمون مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن. درسي ڪتابن ۾ پڻ چڱو خاصو تعداد سبقن ۽ بيتن جو ڇپيل آهي.

ڪاڪي ڀيرو مل "غريب" جي تخلص سان سنڌي شاعريءَ جي چمن جي به خوب آبياري ڪئي. سندس شاعري کي ٻن حصن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هڪ ٻارن لاءِ لکيل ۽ ٻيو وڏن لاءِ. ٻارن لاءِ لکيل سندس شعر خاص اهميت رکي ٿو. جن مان ڪيترائي بيت تعليم کاتي ٻاران درسي ڪتابن ۾ رکيا ويا آهن.

ڀيرو مل جي ڪل لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن جي تعداد جي باري ۾ مختلف رايا آهن، بهرحال اهو تعداد سٺ ۽ سٺر جي وچ ۾ آهي. جن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ - قديم سنڌ - سودن جي صاحبي يا راڻن جو

راڄ - وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، غريب اللغات، لطيفي سيئر، آزاديءَ جي ڪوڏي (ناٽڪ)، تنلسمن عرف غازي صلاح الدين (ترجمو - ناول)، موهن ٻائي (ناول)، حرص جو شڪار (ترجمو)، نوبهار (ٻاراڻي شاعري)، چوند ڪلام (نظم)، سنڌ جي هندن جي تاريخ، سنڌ جو سيلاني، ريتن رسمن جو بنياد، مرزا قليچ بيگ جي حياتي، گلزار نثر ۽ بهار نثر، وغيره.

ڪاڪو ڀيرومل هڪ سٺو نقاد بہ هو. سندس تنقيد ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي تي آهي. جيڪا سنڌو ۾ ڇپي هئي، هن تنقيد ۾ سندس عالمانہ تحرير ڏسڻ وٽان آهي. هن ٻولي تمام مٺي ۽ سليس استعمال ڪئي آهي. سندس لکڻين ۾ هڪ پاسي درياءَ جي رواني تہ، ٻئي طرف سليس لفظن جو واڇوڙو نظر ايندو.

ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند آڏوواڻي ورهاڱي کان پوءِ نومبر 1949ع ۾ ڪراچي کان بمبئي لڏي ويو. 3 جولاءِ 1950ع تي پوني ۾ رستي ويندي ڌڪ لڳڻ ڪري هن جي پنيءَ جو ڪنڊو ڀڄي پيو، جنهن سبب 7 جولاءِ 1950ع تي ساسون اسپتال ۾ وفات ڪري ويو.

تاج بلوچ

تاج محمد "تاج" بلوچ ولد نور احمد خان جتوئي بلوچ 25 مئي 1942ع تي ڪوٽ سردار محمد مراد خان بلو تعلقو پنو عاقل ضلعي سکر ۾ ڄائو. پاڻ مشهور صحافي، شاعر ۽ اديب آهي.

تاج بلوچ بي اي پاس ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو، تنهن کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان صحافت ۾ ماسٽرس ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ هن وقت مشهور رسالي "سوجهرو" جو ايڊيٽر آهي.

تاج بلوچ سنڌ جو صاحب اسلوب شاعر آهي، سندس اندازِ بيان ۾ شوخي، دلبري، بيباڪي، پختگي ۽ برجستگي آهي، جنهن ڪيس وڏي مقام تي پهچايو آهي. سندس تخليق ۾ اهي سڀ معيار موجود آهن، جي هڪ بهترين شاعر لاءِ لازم ڄڻي سگهجن ٿا. سندس فن ۾ قديم ۽ جديد خيالات ۽ فن جو ميلاپ آهي. هيل تائين سندس شاعري جا ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس پهريون مجموع ڪلام "درد جو صحرا" سنڌو اشاعت گهر ڪراچي پاران 1970ع ۾ ڇپيو، جنهن کان پوءِ سندس شاعري جا ڪتاب "خوشبوءِ جو زهر" 1987ع ۾ ۽ "لفظن جو ماتم" 1994ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. جڏهن تہ سندس اردو شاعري جو مجموعو "پگهلتي برف ڪا موسم" ۽ هڪ ٻيو ڪتاب "دل جزيرو اداس سپنن جو" ڇپائي هيٺ آهن.

تاج بلوچ وٽ شعر جو انداز بيان ۽ لهجو نرالو آهي، جنهن تي ڪنهن بہ شاعر جو اثر حاوي ٿي نہ سگهيو آهي. پاڻ غزل، نظم ۽ قطعا جو خوبصورت ڪوي آهي. اڪثر ننڍين بحرن تي ڏاڍا وڻندڙ شعر لکندو آهي.

تاج بلوچ شاعر ۽ صحافي کان سواءِ پلوڙ ڪهاڻيڪار ۽ نقاد پڻ آهي. سندس لکيل ڪهاڻيون، تبصرا، تحقيقي ۽ تنقيدي مقالا وغيره هر علمي ۽ ادبي جريدي ۾ ممتاز جڳهه حاصل ڪري چڪا آهن.

ادبي خدمتن جي سلسلي ۾ تاج صاحب کي پاڪستان رائيٽرس گلڊ ايوارڊ ۽ ننڍين زندگي ايوارڊ مليل آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

گهر کي ٻاري ڪريو ڏياري ٿا،
پوءِ کهڙي مڪان ۾ رهبو،
ڪو نئون موڙ ڏيو فساني کي،
ڪيترو داستان ۾ رهبو.

تاج جويو

تاج محمد ولد حاجي خان جويو 6 سيپٽمبر 1954ع تي ڳوٺ پير ڪولاچي تعلقي دولت پور صفن ضلعي نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ معروف شاعر ۽ اديب آهي.

تاج جويو پرائمري تعليم ڳوٺ پير شاهنواز ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ سن مان پاس ڪئي ۽ بعد ۾ پرائيويٽ طور 1978ع ۾ ايم اي (سنڌي) جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري "گولڊ ميڊل" حاصل ڪيو، پاڻ 1972ع ۾ پرائمري استاد، 1979ع ۾ سيڪنڊري استاد ۽ 1981ع ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، هن وقت سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد جو سيڪريٽري آهي.

تاج جويو اڃا نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو ته سندس طبيعت جو لاڙو ادب طرف ٿيو. 1966ع ۾ هن شعر چوڻ شروع ڪيو، شاعري ۾ پهريان سندس ڀاءُ خاڪي جويو سندس رهنمائي ڪئي، بعد ۾ جڏهن راشد مورائي صاحب ڳوٺ پير ڪولاچي ۾ استاد ٿي آيو ته، ان جي صحبت ۾ سندس فن کي پختگي حاصل ٿي، تاج شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر بيت، وائي، گيت ۽ غزل ۾ پيارا ۽ من موهيندڙ تجربا ڪيا اٿس، هن زبان سليس ۽ نج ڳوٺاڻي استعمال ڪئي آهي. ڳوٺاڻي زندگيءَ جو هر حسين منظر تاج جي شاعرانه اک ڏٺو آهي. جديد شاعرن ۾ سندس فن پنهنجي انفرادي خصوصيت سبب سٺو مقام رکي ٿو. سندس هڪ شعري مجموعو "سوچون سرها گل" (اياز گل سان گڏ) ڇپيل آهي. ان کان سواءِ سندس شاعري سنڌ توڙي هند جي سيني سنڌي ادبي رسالن ۾ ڇپيل آهي. تاج جويو ڪامياب شاعر سان گڏوگڏ هڪ بهترين نثر نويس پڻ آهي. نثر ۾ سندس ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن:

نيڻ مهٽي خيال جاڳيا (جديد سنڌي شاعري جو اڀياس، ڀاڱو پهريون)، تلسين جي سرهاڻ (جديد سنڌي شاعري جو اڀياس، ڀاڱو ٻيو)، باهيون ٻيراڳين جون (شاهه ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جو اڀياس)، دنيا جون انقلابي عورتون (ترجمو)، قوم چوي ٿي ٻول (استاد بخاري جي شخصيت ۽ فن بابت)، سنڌي گيت، جر ۾ ٿو جرڪان، (تحقيق)، ڌرتي کان وڏو آڪاش جو شاعر (شيخ اياز بابت مضمون) ۽ واڄٽ ويراڳين جا (جي ايم سيد ۽ محمد امين کوسي جي خطن جي ترتيب)

تاج جويو 27 سيپٽمبر 1997ع تي سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. جنهن کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي فروغ خاطر اداري طرفان ڪيترائي انقلابي عملي قدم کنيا ويا آهن جن لاءِ سندس اڻ ٿڪ محنت ۽ ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سچ سندرتا ست ۾ جي تون سمائين،
مات ڏمر ڏهڪاءَ ڪان مور نہ تون ڪائين،
تڪو نہ لائين ڪڏهن پنهنجي ڪڙم ڪي.

تاج صحرائي

تاج محمد "تاج" صحرائي ولد نور محمد ميمڻ 14 سيپٽمبر 1921ع تي شڪارپور ۾ ڄائو، پاڻ بهترين شاعر نثر نويس، خاص ڪري تاريخ جو ڄاڻو آهي.

تاج صحرائي صاحب هڪ جفاڪش، محنتي ۽ باشعور انسان آهي، تعليمي لحاظ کان ايم اي ۽ بي ٽي پاس آهي، سندس اوائلي زندگي تعليم حاصل ڪرڻ، مطالعي ڪرڻ، سير سفر ۽ صحافت سان وابستہ رهي. 1948ع ۾ دادو مان هڪ هفتيوار اخبار "آواز" جاري ڪري ادب جي خدمت ڪرڻ لڳو، 1952ع ۾ هن صحافت جي دنيا کي ڇڏي تعليم طرف توجهہ ڏنو ۽ دادو ۾ "طالب المولىٰ هاءِ اسڪول" قائم ڪيائين، جنهن جو سرپرست خود مخدوم صاحب هو، تاج صاحب مارچ 1971ع کان وٺي جون 1972ع تائين حيدرآباد ۾ سنڌ ميوزم جو پهريون اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پڻ ٿي رهيو، ان کان علاوه "سنڌ صدين کان" سيمينار ۽ "سنڌ جي دولت" نمائش ۾ ڀرپور حصو ورتائين. 1977ع ۾ سندس نالو ترپولي شهر (لبيا) ۾ سڏايل استادن جي عالمي ڪانفرنس لاءِ تجويز ڪيو ويو. هن ڪانفرنس ۾ تاج صاحب پاڪستان سرڪار جي واحد نمائندي جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيو هو. 1981ع ۾ رني ڪوٽ ۾ سندس ڪوشش سان رني ڪوٽ تي هڪ عظيم الشان قومي سيمينار ٿيو.

تاج صحرائي سياست ۾ پڻ بهرو ورتو، تحريڪ آزادي جي دوران پاڻ خاڪسار تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن رهيو، سال 1943ع ۾ بنگال ۾ ڏڪار واري زماني ۾ خاڪسار شاگردن جو هڪ وفد وٺي ڪلڪتي ويو. آزادي جي جنگ دوران پاڻ 1947ع ۾ 10 آگسٽ کان وٺي 26 ڊسمبر تائين دهلي جيل ۾ قيد رهيو. هن صاحب اداڪاري بہ ڪئي ۽ ڪيترين ئي هندستاني فلمن ۾ ڪم ڪيل اٿس تاريخ جي پڻ وڏي ڄاڻ رکي ٿو.

تاج صحرائي موجوده دور جي سٺن شاعرن ۽ اديبن ۾ شمار ٿئي ٿو، شاعري ۾ ڪيس غزل ۽ نظم تي سٺي دسترس حاصل آهي.نثر ۾ لکڻ جو بہ وڏس سٺو ڏانءُ آهي، سندس ڪافي ڪتاب ۽ مقالا سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڇپيل آهن. تازو منڇر ڍنڍ تي انگريزيءَ ۾ لکيل سندس هڪ ڪتاب ڇپيو آهي. ان کان علاوه سنڌي ۾ لکيل سندس ڪتاب جهڙو قلندر لعل سيوهاڻي، تصوير درد، سر سارنگ (لطيفيات) ۽ سنڌو تهذيب وغيره مشهور آهن.

نموني طور سندس شعر هيٺ ڏجي ٿو.

زندگيءَ جي دراز پلڪن تي، حادثن جو غبار ايندو آ،
همسفر تيز گام ٿي اڳيان، ميڪدي ۾ قرار ايندو آ.

تاجل "بيوس"

تاج محمد ولد محمد جعفر سمون* 22 سيپٽمبر 1938ع تي ڳوٺ پيرحيات شاهه تعلقي صوبيديري ضلعي خيرپور ۾ ڄائو. سندس ادبي نالو "تاجل بيوس" آهي. پاڻ سنڌ جو سدابهار شاعر آهي.

تاجل بيوس يونيٽ پور جي پرائمري اسڪول ۾ اڃا ٻيو درجو پڙهندو هو ته، سندس والد 1946ع ۾ گذاري ويو. پيءُ جي لاڏاڻي بعد پڙهڻ ڇڏي ڪلهي تي پاڻ کان وڏي لٺ کڻي مينهن جوڙنار بڻيو. ٽن سالن جي ڊنارپ کان پوءِ 1949ع ۾ وري پڙهڻ شروع ڪيائين. آخر ايم اي (ايڪنامڪس) جي ڊگري حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جو آغاز 1960ع کان تعليم کاتي ۾ سيڪنڊري استاد جي حيثيت سان ڪيو. 1968ع ۾ ايڪسپورٽ پروموشن بيورو ۾ ECO انويسٽيگيٽر مقرر ٿيو. جنهن کان پوءِ 1973ع ۾ حڪومت پاڪستان جي وزارت خزانه ۾ ڪارپوريٽ لا اٿارٽي جو اسسٽنٽ چيف مقرر ٿيو. جتي مختلف عهدن تي رهندي آخر ۾ چيف /رجسٽرار آف ڪمپنيز جي عهدي تان 21 سيپٽمبر 1998ع تي رٽائر ٿيو. ۽ هن وقت پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين بابت وائيس چانسلر جو صلاحڪار، ۽ سنڌي ادبي سنگت (مرڪز) جي صلاحڪار ڪميٽيءَ جو ميمبر پڻ آهي.

تاجل بيوس موجوده دور جو اهو خوش نصيب شاعر آهي، جيڪو پنهنجي همعصر ٻن وڏن شاعرن شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ کان پوءِ ٽئين نمبر تي وڌيڪ شايع ٿيو آهي ۽ وڌيڪ ڳايو ويو آهي، کيس شاعري جو شوق استاد حڪيم الله آندي جتوئي جي صحبت ۾ ٿيو، هن "بيوس" جي تخلص سان شاعري جي قديم توڙي جديد مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري ۾ عوامي لهجو، ٻوليءَ جي رواني ۽ خيال جي سادگي ڏاڍي سهڻي انداز ۾ پوبل هوندي آهي، سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز کيس "مصور شاعر" جو لقب ڏنو هو.

تاجل بيوس جو ڪلام سيني اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بوقت ڇپجندو رهيو آهي ۽ وڏن وڏن فنڪارن کيس ڳايو آهي. هن نظم کان علاوه نثر ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي هن ڪجهه ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکيا آهن، جن ۾ پڻ پنهنجي اظهار کي ڀرپور نموني اوتي سگهيو آهي. هن سنڌي کان علاوه اردو ۾ پڻ لکيو آهي. سندس اردو شاعريءَ جو مجموعو "انداز بيان اور" ڇپيل آهي جنهنجو مهاڳ اردو زبان جي وڏي شاعر ۽ پارکو محسن ڀوپالي جو لکيل آهي. سندس سنڌي ڪلام جو پهريون مجموعو "جڏهن ڀونءِ ٻٽي" 1982ع ۾ شايع ٿيو جنهن تي سگا ڪراچي طرفان کيس 1983ع ۾ گولڊ ميڊل مليو. ان کان پوءِ سندس شاعري جا هيئنيان ڪتاب ڇپيا آهن.

سر جينڊڙ سائيهہ جا، سنڌ منهنجي امان، ڪنڌيءَ ڪؤنر ترن، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا، صحرا ستر جن (انعام يافتہ)، تنهنجا نيڻ غزل، وڏا وڻ وڻڪار جا (شيخ اياز ۽ تاجل بيوس جي گڏيل شاعري)، ڏوريان ڏوريان مَ لهان، سرخ گلابون ڪي موسم مين (سنڌي شاعريءَ جو اردو ۾ نثري ترجمو)، انبن جهليو ٻور (نثري نظم)، ڪاڇي مٿان ڪونج (نثري نظم).

ان کان سواءِ ڏور ٻہ اوڏا سهرين (ڀارت جو سفر نامو) آريجن کان الهاس نگر (هند ۽ سنڌ جي اديبن جا خط) ۽ انگريزي شاعريءَ جي مختصر تاريخ نالي نثري ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ڇهه کان سواءِ پڻ چپيل اٿس ۽ وڌيڪ چار ڪتاب زير اشاعت آهن.

تاجل بيوس کي ڪيترن ملڪن ڏسڻ جو موقعو مليو آهي انهن ملڪن ۾ جپان، هانگ ڪانگ، ٿائي لينڊ، آمريڪا، جرمني ۽ ڀارت وغيره شامل آهن.

سنڌ جي هن سر موڙ شاعر کي مختلف طور هيل تائين ڏهاڪو کن ايوارڊ ملي چڪا آهن، جن ۾ سهيوگ فائونڊيشن ممبئي طرفان مليل "نارائڻ شيام ايوارڊ" 1994ع، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان مليل "ڪينجهر ايوارڊ" 1994ع، سگا شاخ ڪراچي طرفان مليل "گولڊ ميڊل" 1997ع، سچل ميموريل ڪميٽي خيرپور طران مليل "سچل سرمست ايوارڊ 2000 ۽ ٻين تنظيمن کان مليل ايوارڊ شامل آهن. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اسان پنجاب کي وِٽي باغ جو ڊِنر نہ ناهڻ ڏيندا سين،
ڊاهڻ پنهنجي سنڌڙيءَ جو ڪٿين واهڻ واهڻ ڏيندا سين،
ساميءَ جي ڪنهن ٻاٽيءَ توڙي شاهہ لطيف جي وائيءَ کي
جيئري قبرن جيڏو ڪيئن اسان چولو پائڻ ڏيندا سين.

تاج محمد، آغا

خانصاحب آغا تاج محمد ولد آغا عبدالمجيد خان 16 سيپٽمبر 1904ع تي ڳوٺ باگڙ جي تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو، هي مشهور اديب، شاعر، مقرر ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي.

آغا تاج محمد پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ ورتي، مئٽرڪ 1925ع ۾ سکر هاءِ اسڪول مان پاس ڪري، سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ ماستر مقرر ٿيو، جتي تعليم ڏيڻ سان گڏ تعليم حاصل بہ ڪندو رهيو 1929ع ۾ بي- اي ۽ 1932ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ مان بي ٽي جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيس 1935ع ۾ فرسٽ ايڊيوڪيشنل سپروائيزر ۽ پوءِ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو 1942ع ۾ ڪيس خيرپور رياست جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ان وقت خيرپور ۾ ايترو تعليم جو چرچو ڪونہ هو. آغا صاحب رياست جي انتظاميہ جي مدد سان پوري

رياست جي ڪنڊڪٽ ۾ تعليمي سرشتو پهچايو، جهنگ جهر ۾ اسڪول کوليائين ۽ بهتر استاد پيدا ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو جو اهو پسمانده حصو تعليمي حيثيت سان اڄ سنڌ جي ٻين علائقن کان اڳيرو آهي.

1947ع ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون رجسٽرار مقرر ڪيو ويو ۽ آخر تائين ان عهدي تي رهيو آغا صاحب علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جهڙي عظيم شخصيت جي زير سايہ رهي سنڌ يونيورسٽي کي جيڪو عروج بخشيو اهو وساريڻ جهڙو نہ آهي.

آغا صاحب ڪجهہ غير ملڪي سرڪاري دورا بہ ڪيا. 1952ع ۾ اقوام متحده جي اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل جو اجلاس نيويارڪ ۾ اپريل کان جولاءِ تائين منعقد ٿيو هو، ان ۾ پاڻ پاڪستاني وفد جو اهم ميمبر هو ۽ اجلاس ۾ يونيسڪو رپورٽ تي يادگار تقرير ڪيائين. 1957ع ۾ تعليمي ماهرن جي مٽا سٽا جي اسڪيم تحت آمريڪا حڪومت جي خاص دعوت تي ٽن مهينن لاءِ آمريڪا جو دورو ڪيو، پاڻ ايران جي دوري تي بہ ويو هو. هن انهن سرڪاري دورن ۾ اتي جا تعليمي ۽ سماجي ادارا ڏٺا، عالمن ۽ ماهرن سان رهاڻيون ڪيون مختلف گڏجاڻين ۾ پرمغز ۽ پرجوش تقريرون ڪيون ۽ پنهنجي ملڪ جي تعليمي اصلاح لاءِ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو.

آغا صاحب کي سنڌي ادب سان بہ والهانہ شغف هو، هن چوويهہ کن ڪتاب لکيا، جيڪي گهڻي ڀاڱي درسي آهن، انهن مان سنڌي گرامر ڀاڱو ٻيو نهايت مقبول نڪتو، جو هندستان جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڻ پڙهايو ويجي ٿو. پاڻ شاهہ لطيف جي ساليانہ ڪانفرنس جو روح روان هو، شاهہ جي فلسفي کي عام ڪرڻ، ڀٽ شاهہ ۾ ثقافتي مرڪز جو قيام، اقامتگاهہ جي تعمير، لائبريريءَ جو قيام، ڪراڙ ڍنڍ جي تعمير، اهي اهڙيون خدمتون آهن، جن ۾ آغا صاحب جي ڪوششن جو وڏو دخل هئو، هن لطيف سائين کي اردو دنيا سان متعارف ڪرائڻ لاءِ هڪ جامع ۽ مختصر اردو ڪتاب "عڪس لطيف" (1951ع) لکيو، جنهن کي اردو دان طبقي گهڻو پسند ڪيو آهي.

آغا صاحب سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي زبانن ۾ نهايت سٺي تقرير ڪري سگهندو هو، هن "آغا" جي تخلص سان شاعري بہ ڪئي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر، شاهہ لطيف يادگار ڪميٽيءَ جو اعزازي سيڪريٽري ۽ شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز جو سيڪريٽري بہ ٿي رهيو هو.

آغا صاحب جي سماجي ۽ علمي خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيس 1941ع ۾ انگريز سرڪار کان "قيصر هند" جو تمغو ۽ 1945ع ۾ خيرپور سرڪار کان "خانصاحب" جو لقب عطا ٿيو. حيدرآباد ۾ "آغا تاج محمد اڪيڊمي" نالي سان سندس يادگار قائم ڪيو ويو آهي.

آغا تاج محمد 30 سيپٽمبر 1959ع تي شام جو ساڍي 3 وڳي اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو.[1] سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

شــــاهہ جا ابيــــات آهن، آيتـــــون قـــــرآن جون،
جن سان ٿين ٿيون آ شڪارا منزلون فرقان جون.

تاج محمود امروٽي، مولانا

مونالا تاج محمود ولد سيد عبدالقادر 22 مارچ 1844ع تي ڳوٺ ديواني لڳ ڳاڙهي موري ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ برک عالم، فاضل، شاعر ۽ تحريڪ آزادي جو اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

مولانا تاج محمود امروٽي ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ پير ڳوٺ مان فارسيءَ جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيو ۽ عربي ٻوليءَ جي تعليم عبدالقادر پنهواريءَ وٽان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. تصوف جي تربيت حافظ محمد صديق ڀرچونڊوي کان حاصل ڪيائين، جنهن کيس خليفي جو لقب ڏنو.

مولانا تاج محمود امروٽي ڪجهہ عرصي کان پوءِ پنهنجي روحاني رهبر حافظ محمد صديق ڀرچونڊي جي اجازت سان امروٽ ضلعي شڪارپور ۾ اچي رهڻ لڳو. هن اتي بدعت جي رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ جهاد شروع ڪيو ۽ خدا جي ٻانهن کي سڌي راهہ تي آڻڻ لاءِ حيلا هلايا. هن امروٽ ۾ مدرسو بہ قائم ڪيو، جتي ڪنڊڪڙڇ مان طالب العلم ڪهي اچي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. ٿوري ئي وقت اندر سندس چوپول پري پري تائين وڃي پهتو ۽ وٽس سنڌ کان علاوه پنجاب، بلوچستان، ايران ۽ عراق جا ماڻهو بہ اچڻ لڳا. هن دين اسلام جي تبليغ جو سلسلو بہ جاري رکيو ۽ سندس روحانيت جي تعليم جي اثر سبب اٽڪل اٺ هزار غير مسلم سندس هٿ تي مسلمان ٿيا.

مولانا تاج محمود امروٽي برصغير جي تحريڪ آزادي جي سرڪرده اڳواڻن مان هڪ هو. آزادي جي جدوجهد جي سلسلي ۾ "جمعيت العلماءِ هند" جي عالمن جو مکيہ ڪردار رهيو. مولانا امروٽي جمعيت العلماءِ سنڌ جو صدر هو. هن سلسلي ۾ پاڻ نہ رڳو سنڌ ۾ پر سنڌ کان ٻاهر ناگپور، اجمير، ميرٺ، بمبئي، دهلي، علي ڳڙهہ، ڪلڪتي ۽ ديوبند تائين جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سفر ڪيا. 1922ع ۾ ڪلڪتي ۾ جمعيت العلماءِ هند جو جيڪو جلسو ٿيو هو، ان جي صدارت مولانا امروٽي کان ڪرائي وئي هئي، جنهن ۾ هن انگريزن خلاف ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪرايا هئا.

جيڪب آباد ۾ خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ مولانا

(1) وياسي وينجهار (مولانا غلام محمد گرامي) صہ 92

امروٽي "عدم تعاون" جي هدايت ڪندي، مسلمانن کي هن "دارالحرب" مان هجرت ڪري مسلم ملڪ افغانستان ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو، جنهن ڪري هجرت تحريڪ وڏي زور شور سان شروع ٿي، سنڌ جي مسلمانن مان ڪيترائي ماڻهو پنهنجا مال متاع ۽ زمينون وڪڻي افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ 9 جولاءِ 1920ع تي سڄو قافلو هڪ خاص ريل جي رستي بئريسٽر جان محمد جوڻيجي جي سرواڻيءَ هيٺ ڪابل روانو ٿيو. افسوس جو مسلمانن ۾ ڪجهه قوم جا غدار به موجود هئا، جن انگريزن سان سازباز ڪري هن تحريڪ کي ناڪام بڻائي ڇڏيو.

امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي کي سياسي ۽ علمي مقصدن لاءِ سندس استاد ۽ مرشد حافظ محمد صديق ڀرچونڊوي مولانا امروٽي وٽ موڪليو هو، مولانا سنڌي جي صلاح سان امروٽ کي آزاديءَ جي تحريڪ جو مرڪز بڻايو ويو، جنهن جو باني مولانا امروٽي هو. امروٽ ۾ مولانا سنڌي پوراست سال رهيو ۽ مولانا امروٽيءَ جي تعاون سان پنهنجي پروگرام جي شروعات ڪئي ۽ اتي هڪ وڏي درسگاهه، هڪ ڪتبخانو، ديني علمي ۽ سياسي انقلاب آڻڻ لاءِ هڪ دارالاشاعت کوليو ويو. ان مقصد لاءِ "محمود المطابع" نالي پنهنجي پريس به قائم ڪئي وئي، جنهن مان ڪيترن ئي ڪتابن جي ڇپجڻ کان سواءِ هڪ ماهوار رسالو "هدايت الاخوان" به شايع ٿيڻ لڳو.

برصغير ۾ جڏهن "ريشمي رومال تحريڪ" شروع ٿي ته اتر هندستان ۾ امروٽ کي ان تحريڪ جو مرڪز بڻايو ويو ۽ مولانا امروٽي ان مرڪز جو اڳواڻ مقرر ٿيو، ليڪن افسوس جو هيءَ تحريڪ به ڪن غدارن جي ڪري ڪامياب ٿي نه سگهي ۽ اهو منصوبو پڌرو ٿي پيو، انگريز خبردار ٿي ويا ۽ سخت قدم کنيائون. سيني آزادي پسندن کي گرفتار ڪيو ويو. سنڌ ۾ ٻين بزرگن سان گڏ مولانا امروٽيءَ کي به گرفتار ڪيو ويو، پر ثبوت نه ملڻ ڪري ڪيس آزادي ڪيو ويو.

مولانا صاحب آزاديءَ جي جدوجهد سان گڏ هر وقت شرعي ڪمن تي به سر ڌڙ جي بازي لڳائيندو رهيو. ان زماني ۾ سکر بئراج جي واهن جي کوٽائي دوران ڪجهه مسجدون واهن جي وچ ۾ ٿي آيون، سو انهن کي شهيد ڪرڻ جو منصوبو هئو، مولانا امروٽيءَ انهن مسجدن کي بچائڻ لاءِ پاڻ پنهنجي مريدن ۽ طالبن سميت انگريزن جي طاقت جو ڀرپور مقابلو ڪيو. نتيجي طور مسجدون شهيد ٿيڻ کان بچي ويون. انهن مان هڪ مسجد اڄ به ڪير ٿر واهه جي وچ ۾ صحيح سلامت موجود آهي.

مولانا تاج محمود امروٽيءَ شاعري به ڪئي آهي، شاعري ۾ سندس لکيل ڪتاب "پريت نامو" ۽ "مولود شريف" ڇپيل آهن. پريت نامو ۾ يوسف زليخا جي قصي کي سوز ۽ گداز سان بيان ڪيو اٿس. جڏهن ته سندس لکيل مولود به تمام گهڻو مشهور آهن. مولانا صاحب شاعريءَ ۾ پنهنجي پٽ حسن جو نالو تخلص طور ڪم آڻيندو هو. هن قرآن شريف جي سورت "ياسين" ۽ سورت

"الرحمان" جو ترجمو ۽ تفسير ڏوهيڙن جي طرز تي نظم ۾ قلمبند ڪيو ۽ سچي قرآن پاڪ جو نثر ۾ بامحاوره سليس سنڌي زبان ۾ ترجمو "الهام الرحمان" جي نالي سان ڪيو، جيڪو پهريان سواء عربي متن جي ڇپائي پڌرو ڪيائين، جنهن تي ڪن عالمن اعتراض ڪيا، جنهن ڪان پوء عربي متن سان گڏ ڇپايائين، هي ترجمو نهايت مستند ۽ عام فهم زبان ۾ آهي ۽ تمام گهڻو مقبول آهي، ڪيترائي ڀيرا ڇپيو آهي، تاج ڪمپني وارن پڻ خوبصورت نموني سان ڇپيو آهي.

سونهاري سنڌ جي هن عظيم هستيءَ جو انتقال بروز اڱارو 5 نومبر 1929ع تي ٿيو. نموني طور سندس لکيل هڪ مولود جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

بڌي زاريون نماڻيءَ جون اچي رس يا رسول الله،

پرين سو پاڻ تون پاڇهون اچي پس يا رسول الله.

تراب بروهي لاڙڪاڻوي

عبدالڪريم "تراب" ولد مير شادي خان محمد زنئي مينگل بروهي 15 جنوري 1913ع تي ڳوٺ قلي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ تمام وڏو شاعر ۽ نثر نويس هو، ليڪن زماني جي ستمگري سبب گمنامي جي عالم ۾ رهيو.

تراب بروهي پرائمري ۽ ڪاليجي تعليم سان گڏ پنهنجي ذوق ذهن ۽ محنت سان مطالعي جي آڌار تي ۽ مختلف علمائن جي صحبت ۾ رهي فارسي، عربي، اردو ۽ حڪمت جو علم پڻ حاصل ڪيو. پاڻ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو، جتان مختلف عهدن تي ڪم ڪرڻ بعد 14 جنوري 1970ع تي رٽائر ڪيائين.

تراب بروهي هڪ سو ڪتاب براهوئي زبان ۾ ۽ ٻه سو ڪن ڪتاب سنڌي ۽ ڪجهه اردو ۽ سرائڪي ۾ لکيا، ليڪن سنڌي ۾ سندس صرف ٻه يا ٽي ڪتاب ڇپجي سگهيا آهن البته اردو ۽ سرائڪي ۾ ڪجهه وڌيڪ ڪتاب ڇپيا اٿس، هن شاعري به تمام گهڻي ڪئي آهي، شاعري ۾ مولانا ثناءالله ثنائي، حاجي محمود خادم، محمد حسين مڪاني ۽ محمد صديق مسافر جهڙن بلند پايه شاعرن کان اصلاح وٺندو هو. نظم ۾ اٺ ديوان جوڙيل اٿس، جن مان پنج ديوان سنڌي ۾ ۽ باقي ٽي اردو براهوي ۽ سرائڪي ۾ چيل اٿس سنڌي ديوانن مان هڪ ديوان ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ عشقيه غزل ڏنل آهن، ٻئي ديوان ۾ قومي انقلابي گيت، ٽئين ديوان ۾ محمود نامه جي طرز تي رديف جي غزل ۾ هر مصرع جي منڍ ۽ قافيه ۾ ساڳيون اکر استعمال ٿيل آهي. چوٿين ديوان ۾ بنا نقطي 165 غزل شامل آهن، جن ۾ تراب بدران بنا نقطي تخلص "محسود" استعمال ڪيل آهي ۽ پنجين ديوان ۾ مفيد سنڌي شاعري تي چيل 118 غزل نهايت جداگانه طرزِ نظم جا چيل آهن.

بروهي صاحب نثر ۾ به وڏي تعداد ۾ ڪتاب لکيا، جن ۾ قرآن پاڪ جو براهوئي زبان ۾ ترجمو "ترجمة القرآن" ۽ سنڌي ۾ لکيل بنا نقطي لفظن جي لغت "سرها گل" پڻ شامل آهي، سندس ڇپيل به ڪتاب "علم ۽ هنر جي جنگ" ۽ "ڪنوار جو آئينو" جيڪو سنڌي ادبي بورڊ به دفعا ڇپايو آهي. سنڌي ادب جا سنا ڪتاب ليکيا وڃن ٿا.

تراب بروهي لاڙڪاڻوي 25 فيبرروي 1994ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اســــــان کي نثي ڪل پوي دلربا جي،
سندس راز جي رمـــز جي ۽ رضـــا جي،
فـــقط قـــرب ســـهـــڻـــا آدرڪار تنهنجو،
تڪـيـان ڪين ٿـو مـاجرا مـان قـضـا جي.

تراب علي شاهه، پير

پير تراب علي شاهه ولد سيد عبدالله شاهه 2 نومبر 1857ع تي ڳوٺ علي خان لڳ قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو، پاڻ تحريڪ آزادي جو پروانو ۽ شريعت جو پابند پير هو.

پيـر تراب علي شـــاهه جو ڪافي مطالعـــو هو، پاڻ ڪجهـــ وقت لاءِ "الراشد" نالي رسالو به ڪڍيائين. مٿس سندس سهري ۽ استاد مولانا غلام صـديق ميـڪڻ (وفـات 1905ع)، اختـر علي شـاهه لاڙڪاڻي واري ۽ مـولانا ابالڪلام آزاد جو وڏو اثر رهيو.

پير صـاحب تحريڪ آزادي ۾ ڀرپور حصـو ورتو. پاڻ انگريزن جو ڪٽر دشمن هو. انگريزن جي ڪلم ڪلا مخالفت ڪرڻ جي ڪري وڏ ۾ وڏ اذيتون به سٺائين.

پير تراب علي ۽ مولانا تاج محمود امروٽي خلافت تحريڪ جا سنڌ ۾ بانيڪار هئا. پير صاحب جي تدبر، تقرير توڙي تحرير کان امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد گهڻي قدر متاثر هو. حڪيم اجمل خان ته خاص ڪري سندس مداح ۽ دوست هو، پير صاحب هڪ عاليشان مدرسو ۽ هڪ وڏو ڪتبخانو پڻ قائم ڪيو هو. سندس پيري مريدي جو سلسلو به هلندڙ هو، پاڻ سادو پهريندو هو، سادو کائيندو هو ۽ غريبن جو يار هو.

پير تراب علي شاهه 17 مارچ 1938ع تي راهه رباني وٺي ويو.

تقدس علي، علامه

علامه تقدس علي خان قادري 1905ع ۾ هندستان جي بريلوي خاندان ۾ پيدا ٿيو، پاڻ اهل سنت والجماعت جي اڳواڻ حضرت احمد رضا خان بريلوي جو ڏهٽو هو. سندس خاندان سنڌ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ برصغير جو

وڏو عالم ۽ مبلغ ٿي گذريو آهي.

علامه تقدس علي خان موجوده پير پاڳاري شاهه مردان شاهه صاحب جو استاد هو ۽ پير صاحب کي ديني تعليم ڏني هئائين پاڻ ڪجهه عرصو ٽا ؤن ڪميٽي پير جو ڳوٺ جو چيئرمن به ٿي رهيو ۽ مرچنٽ ائسوسيئيشن پير جو ڳوٺ جو چيئرمن به ٿي رهيو ۽ مرچنٽ ائسوسيئيشن پير جو ڳوٺ جو صدر پڻ ٿي رهيو هو، پاڻ زميندار هئڻ سان گڏوگڏ "جامع راشديه" جو شيخ الحديث هئو، پيير جو ڳوٺ ۾ شاهي بازار اندر پنهنجي ذاتي خرچ سان جامع مسجد تعمير ڪرائي ۽ پيا به ڪيترائي خير جا ڪم ڪيائين هنزندگيءَ جو گهڻو حصو اسلام جي تبليغ ۽ تدريس ۾ گذاريو، پاڻ ديني علم جو سمنڊ هو، سندس فيض مان ڪيئي ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهو فيض حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيا. سندس عقيدتمند پاڪستان ڪان علاوه هندستان ۽ ٻين ملڪن ۾ به آهن، جامع راشديه پير جو ڳوٺ مان سندس ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اڄ به ماڻهن کي علمي فيض رسائي رهيا آهن. پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي جي علامه صاحب سان بيحد محبت هئي.

علامه تقدس علي خان 22 فيبروري 1988ع تي سول اسپتال ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو، سندس جنازو ٻئي ڏينهن پير جو ڳوٺ آندو ويو جتي سندس والد مرحوم جي پرسان دفن ڪيو ويو.

تنوير جوڻيجو

تنوير ڏيءُ صدرالدين جوڻيجو 6 فيبروري 1952ع تي شهر مٺي ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪاره ۽ اديبه آهي.

تنوير جوڻيجو جو اصل ڳوٺ پاٽ ضلعو دادو آهي، ليڪن سندس والد صاحب نوڪري سانگي مٺي ۾ رهندو هو، جتي تنوير جو جنم ٿيو، هن تعليم پرائمري کان وٺي گريجوئيشن تائين دادو مان حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ايم اي (سوشيالاجي) پاس ڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ ئي اسٽوڊنٽس ويلفيئر آفيسر مقرر ٿي، جنهن کان پوءِ سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار ٿي، جنهن جي هوءَ هن وقت چيئرپرسن آهي، ريڊيو جي ڪجهه پروگرامن جي ڪمپيئرنگ به ڪندي آهي.

تنوير جوڻيجو هڪ جرائتمند ۽ بيباڪ ڪهاڻيڪاره آهي، سندس افسانا هميشه حقيقت پسندانه هوندا آهن، سندس ڪهاڻين ۾ ماحول ۽ مشاهدي جو عڪس ۽ فني ۽ فڪري پختگي موجود آهي، هن ستر واري ڏهاڪي ۾ لکڻ شروع ڪيو، سندس پهرين تخليق "ڏيڍ روپيو ٿي پيسا" جي عنوان سان 1970ع ۾ اديون رسالي ۾ ڇپي. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "امرت منجهه ڪڙاڻ" 1974ع ۾ ڇپيو، تنهن کان سواءِ سندس تدريسي ۽ تحقيقي مقالا ۽ مضمون پڻ

پن ڪتابن ۾ شامل ڪري پڌرا ڪيا ويا آهن. سندس تخليق ڪيل ڪهاڻيون سنڌي زبان ۽ ادب جو بي بها سرمايو آهن.

تنوير عباسي، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر نور نبي المعروف ”تنوير“ عباسي ولد گل حسن عباسي 7 ڊسمبر 1934ع تي ڳوٺ سوڀو ديرو ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ تمام وڏو آدرشي شاعر، اديب ۽ ڏاهو هو.

تنوير عباسي جو والد ڪليڪٽر تي رهيو هو، جنهن جي سرپرستي ۾ هن ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم ڪراچي جي درسگاهن هيرانند اڪيڊمي، اين جي وي هاءِ اسڪول ۽ ڊي جي ڪاليج مان حاصل ڪئي. ايم بي بي ايس جي ڊگري 1960ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي. 1964ع کان مستقل طور خيرپور ۾ رهائش اختيار ڪئي جتي پاڻ ۽ سندس اهليه محترمه ڊاڪٽر قمر عباسي ڦول باغ نزديڪ ”سنڌ اسپتال“ نالي پنهنجي هڪ خانگي اسپتال هلائڻ شروع ڪئي، پاڻ آخر تائين ڊاڪٽري پيشي سان وابسته رهيو.

کيس سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ انگريزي ٻولين تي مهارت حاصل هئي ۽ فارسي، هندي ۽ فرينچ ٻولين جي ڄاڻ رکندو هو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي اسان جي سنڌڙيءَ جو اهو محبوب شاعر هو، جنهن سچ سان ساٿ نڀايو، ويهين صدي جي دور ۾ جن ليکڪن پنهنجي قلم جي ذريعي سچ جو مان رکيو، انهن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو نالو سر فهرست آهي. هن سچ سان ساٿ نڀائڻ لاءِ ڀٽرين هن ڌرتيءَ جا ۽ ڌرتيءَ وارن جا درد محسوس ڪيا ۽ پوءِ انهن کي بيتن، غزلن ۽ واين جو روپ ڏئي ڪوڙ جا ڪوٽ ڪيرائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي.

تنوير عباسي 1953ع ڌاري ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران شعر لکڻ جي ابتدا ڪئي. ان وقت پاڻ ”مغموم“ تخلص استعمال ڪندو هو. شاعري ۾ استاد شيخ محمد ابراهيم خليل کي ورتائين. تنوير جديد سنڌي نظم ۾ وڏي وسعت پيدا ڪئي. سندس واين ۽ دوهن ۾ ميناج ۽ رس آهي. هن غزل ۾ ڏاڍو سهڻو ڇيو آهي، جيڪو پنهنجي رنگ ڍنگ ۽ مزاج جي لحاظ کان الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. هن جپاني صنف ”هائيڪو“ تي پڻ سنڌي زبان ۾ وڏ ۾ وڏ ڪم ڪيو.

تنوير عباسي ڪامياب شاعر هو. سندس شاعري جا پنج مجموعا ڇپيل آهن. سندس ڪلام هر رسالي ۽ اخبار ۾ ڇپيو. ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ڪيسٽ لاءِ وڏن وڏن فنڪارن کيس ڳايو آهي، سندس شاعري اردو، پنجابي، انگريزي، سرائڪي ۽ هندي ۾ ترجمو ٿيل آهي. پاڻ فطرت پسند ۽ رومانوي شاعر هو. هن کي ”سنڌ جو ورڊس ورٿ“ سڏيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي نثر ۾ پڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي. هن لطيفيات جي مختلف سياسي، تاريخي، فڪري، جمالياتي پاسن تي هڪ ڀرپور ڪتاب "شاهه لطيف جي شاعريءَ جو اڀياس" لکيو. هن نارائڻ شيام، سچل سرمست ۽ ٻين شاعرن تي ڀرپور مقالا لکيا. ڪجهه شاعرن جو ڪلام ايڊٽ ڪيو.

تنوير عباسي جو هڪ اهم ادبي ڪم اهو به آهي، جو هن حضرت سچل سرمست رحه جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام بابت ايترو مواد ڏنو آهي، جيڪو اڳ ورهين ۾ به ڪونه ٿي سگهيو هو. هن سچل چيئر جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ يا سچل يادگار ڪميٽي جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ جيڪي سچل ادبي ڪانفرنسون ڪرايون ۽ ڪتاب ڇپرايا، سو هڪ وڏو ڪارنامو آهي، سندس ذاتي ڪوشش سان "سرمست" سلسلو 1981ع کان جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ ساليانو عرس جي موقعي تي سيمينار ۾ پڙهيل مقالا ٻئي سال عرس جي موقعي تي شايع ٿيندا آهن. سندس ذاتي گذارش تي انهن ڪانفرنسن ۾ سنڌ جا ناميارا اديب ۽ عالم شريڪ ٿيندا هئا. سچل چيئر طرفان "آشڪار" رسالو سندس ڪوشش سان جاري ٿيو ۽ سچل جي فڪر تي ڪن اديبن جا ڪتاب شايع ٿيا. سچل يادگار ڪميٽي پاران به ڪيترائي معياري ڪتاب شايع ڪرايا ويا. سچل ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيل مقالن مان ججن جي فيصلي موجب بهترين مقالانگار جو ايوارڊ ڏيڻ جو فيصلو پڻ تنوير صاحب جي تجويز سان ڪيو ويو. سچل سائين جي ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ مڙني اديبن ۽ شاعرن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بهترين انتظام خيرپور ۾ ڪندو هو.

ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪيترن ئي علمي، ادبي ادارن ۽ تنظيمن سان مختلف حيثيت سان وابسته رهيو. پاڻ 1966ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ٿيو. ان کان سواءِ سيڪريٽري پاڪستان رائٽس گلڊ، ميمبر دي پوئيٽري سوسائٽي لنڊن، ميمبر ايڊوائزري بورڊ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سيڪريٽري سچل سرمست يادگار ڪميٽي، ڊائريڪٽر سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور(1) ميمبر بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن سکر، پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جو گورننگ باڊيءَ جو سنڌ مان ميمبر ۽ ٻين ڪوڙ سارن ادارن سان سندس وابستگي رهي.

تنوير صاحب انگلينڊ، فرانس، اٽلي، هالينڊ، يونان، ڀارت، متحده عرب

---

(1) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور کي 15 مارچ 1987ع تي مڪمل يونيورسٽيءَ جو درجو مليو، جنهن کان پوءِ حضرت سچل سرمست رحه جي حيات ۽ ڪلام تي تحقيق ڪرڻ لاءِ هن يونيورسٽي ۾ پهرين جولاءِ 1988ع تي "سچل چيئر" قائم ڪئي وئي.

امارات، آمريڪا ۽ ويسٽ جرمني ملڪ گهمي ڏٺا ۽ انهن سفرن تي هڪ سفرنامو پڻ لکيل اٿس. سندس تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪتاب هن ريت آهن.

رڳون ٿيون رباب (پهريون شعري مجموعو 1958ع)، شعر (شاعري 1970ع)، سج ترڻ هيٺان (شاعري 1977ع)، هيءَ ڌرتي (شاعري 1985ع)، تنوير چئي (شاعري1989ع)، ساڃهه سونهن سرت (شاعري)، پاراٽا پول (پارن لاءِ بيت)، جديد سنڌي شاعري، شاهه لطيف جي شاعري جو ابياس (لطيفيات)، نانڪ يوسف جو ڪلام (ترتيب 1982ع)، خيرمحمد هيسباڻي جو ڪلام (ترتيب 1983ع)، ڏوري ڏوري ڏيهه (سفرنامو 1984ع) جي ماريانه موت (ترجمو)، ترورا (اردو)، شاهه جو رسالو (اردو) وغيره

تنوير عباسي پنهنجي شاعري ۽ تحقيق تي ڏيهه توڙي پرڏيهه مان وڏا وڏا اعزاز ماڻيا، جن ۾ پاڪستان رائٽرس گلڊ ايوارڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ايوارڊ، پارت مان شاعري تي نارائڻ شيام ايوارڊ ۽ حڪومت پاڪستان طرفان سپ ڪان وڏو سول اعزاز پڻ شامل آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اسلام آباد هليو ويو، اتي پنهنجي پٽ سرمد عباسي وٽ رهندو هو. جتي اچانڪ سندس طبيعت خراب ٿي پئي ۽ 25 نومبر 1999ع تي رات جو اسلام آباد جي هڪ اسپتال ۾ انتقال ڪري ويو. هن مرڻ کان 15 سال اڳ وصيت ڪئي هئي ته، مرڻ کان پوءِ سندس جسم لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال کي ڏنو وڃي ته، جيئن ڊاڪٽري جا شاگرد سندس جسم تي گهربل تجربا ڪري سگهن. ليڪن سندس اها وصيت پوري ٿي نه سگهي ۽ ڇهه ڏينهن لاش مرده خاني ۾ رهڻ کان پوءِ 30 نومبر تي ان کي اسلام آباد جي ايچ 8 قبرستان ۾ دفنايو ويو، تنوير جي شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

آءُ ته ڪلندي ملندي گهاريون گهڙيون چار هليا ويندا سين،
ورهه ورهائڻ آيا آهيون وندي پيار هليا ويندا سين،
اڻ ڄاتي ڪنهن پار جا ڪنهن اڻ ڄاتي پار هليا ويندا سين،
جي نه وڃڻ چاهيندا سين ته به منهنجا يار هليا ويندا سين.

تيرٿداس هوتچند

دادا تيرٿداس هوتچند سنڌ جو سچو سچڻ ۽ پرستار ٿي گذريو آهي. هو سنڌ جي علم ۽ ادب جو عاشق هو. ڪيس سنڌ جي صوفي شاعرن لطيف سائين ۽ سچل سائين سان ته والهانه عشق هو. تصوف ۽ ويدانت جي اصلاحن ۽ مختلف نظرين جو وڏو ڄاڻو هو. آخري عمر تائين سنڌ جي بزرگن ۽ صوفي

شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام تي ڪم ڪندو رهيو. سندس ڪيترائي علمي مقالا سنڌي رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، هن جي اها تمنا هئي ته ڪيئن به ڪري لطيف، سچل ۽ ٻين جديد سنڌي شاعرن جو ڪلام يورپ تائين پهچائجي. ان سلسلي ۾ هن ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام انگريزي ۾ ترجمو ڪري جرمنيءَ ۾ پروفيسر گرڊليو پڪي جي معرفت جرمن زبان ۾ شايع ڪرايو. اهو سندس اهم ڪارنامو سمجهيو وڃي ٿو.

دادا تيرٿداس تصوف جي حوالي سان هڪ مسلمان درويش ڏاڙهون فقير جو مريد هو. ان فقير جي صحبت مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين. سندس سٻاجهي ۽ نماڻي شخصيت ڏاڍي پياري ۽ وڻندڙ هئي.

دادا تيرٿداس هوتچند پهرين آگسٽ 1971ع تي چالاڻو ڪري ويو.

ٿانور داس ليلارام وسواڻي

ساڌو ٿانور داس ليلارام واسواڻي 25 نومبر 1879ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ وڏو اديب، عالم، فلسفي ۽ ديش ڀڳت هو.

ساڌو ٿانورداس واسواڻي ايم اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪلڪتي ۾ ميٽروپوليٽن ڪاليج ۾ تاريخ ۽ انگريزي جو استاد مقرر ٿيو. ڪجهه وقت لاهور ديال سنگهه ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهيو. ان کان سواءِ وڪٽوريه ڪاليج جو پڻ پرنسيپال ٿي رهيو.

ساڌو وسواڻي سنڌ جي انهن سپوتن مان هڪ هو، جن سڄي دنيا ۾ هن سونهاري ڌرتيءَ جو ڳاٽ اوچو رکيو. هن ڪيترائي ڪتاب سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا آهن. پاڻ ٽيهن سالن جي عمر ۾ پهريون دفعو حڪومت هندستان پاران نمائندو ٿي برلن ۾ ڪونايل دنيا جي مذهبن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين، جتي سڀني مذهبن جي مکيه اصولن تي روشني وجهي، پنهنجي قابليت جا جوهر ڏکاريائين. 1909ع ۾ يورپ جي مختلف ملڪن جي علمي ادارن ۾ عالمي سوسائٽن پاران مليل دعوتن تي ڪيترين ئي تقريرون ڪري، ويدانيت ۽ تصوف جي وڏن عالمن کي روحانيت ڏانهن راغب ڪيائين.

1920ع کان ملڪ جي آزادي وارين تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ملڪ جي ڪيترين ئي نامور اخبارن ۾ پهرين صفحي تي سندس مضمون ايندا هئا. تعليم جي ميدان ۾ ساڌو وسواڻي جون خدمتون سدائين ياد رهنديون. 1932ع ۾ هن "ميران" هل چل هلائي، جنهن جي نتيجي ۾ حيدرآباد ۾ شڪتي هاءِ اسڪول ۽ ميران هاءِ اسڪول جو بنياد وڌائين. پاڪستان جي آزادي کان پوءِ پوني پارت ۾ وڃي "ميران آدرشي اسڪول" کولي، پنهنجي روحاني امنگن سان شاگردن کي مالامال ڪندو رهيو.

ساڌو واسواڻي علم، فڪر، فلاسافي، پريم ۽ شيوا جو سچو مثال هو. چاليهن سالن جي ڄمار ۾ هن دنيا سان لڳ لاڳاپا لاهي، الاهي عشق ۾ انسان ذات جي ڀلائي جو پيغام ڏنو. سندس لکيل ڪتابن مان انگريزي ڪتاب انڊين ارائيز، اويڪ ينگ انڊيا، انڊيا ائڊوينچر، انڊيا ان چينس، سيڪريٽ آف ايشيا، ماءِ مدر لنڊن، بلڊرس آف تومارو ۽ اپاسٽلس آف تومارو مشهور آهن.

سنڌ جي هن سپوت 16 جنوري 1966ع تي پر لوڪ پڌاريو. سندس وصيت مطابق سندس خاڪ پارت مان آڻي 13 اپريل 1966ع تي گدو وٽ سنڌو ۾ سونپي وئي.

ٽلو مل ٽيڪچند ڏيرواڻي

ڊاڪٽر ٽلو مل پٽ ٽيڪچند ڏيرواڻي پهرين مارچ 1899ع تي سن ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور سماجي خدمتگار ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي.

ٽلومل ننڍي هوندي کان سن جي اسڪول ۾ پڙهڻ وينو، ڇهن درجن پڙهڻ بعد هن کي هوشيار شاگرد ڄاڻي، پيو پل ٽيچر ڪري رکيو ويو، جتي هي پڙهائيندو به هو ۽ پاڻ به پڙهندو هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌ ورڪين جي نوڪريءَ سان جاوا سماترا، سنگاپور طرف ويو جتي، سنڌس ڄاڻ ۽ هنر ۾ اضافو ٿيو. هن اتي انگريزي به سکي ۽ پئسو به چڱو گڏ ڪيو، آخرواپس وطن موٽي آيو ۽ سن ۾ اچي صابڻ سازي، انشورنس ۽ ٺيڪيداري ڪري گذر معاش ڪندو رهيو. جنهن کان پوءِ سن مان لڏي وڃي ڪراچي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين ۽ اتي هڪ اسپتال ڪولي دوادرمل ڪرڻ لڳو.

ڊاڪٽر ٽلومل ڀلائي جي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتو، هن ڪيترين ئي رضاڪار تنظيمن ۾ ڪم ڪيو. رضاڪارن سان گڏجي گُهٽن ۾ صفائي، شراب جو بهشڪار ۽ کاڌي پرچار لاءِ ويندو هو. ڪراچي ۾ مختلف هنڌن تي پنج ڇهه خيراتي اسپتالون کولارايائين. ناظم آباد جي پر ۾ "ڏيرواڻي نگر" نالي نئين ڪالوني ٺهرايائين، هن هڪ "وطن خدمتگار" نالي جماعت ناهي هئي، جنهنجا رضاڪار ٽرين تي وڃي ڀتارا هٽن ۾ ڪٽي گاڏا صفا ڪندا هئا. هن دوائن جي کوٽ محسوس ڪندي، هڪ ليبارٽري پڻ برپا ڪئي، جيڪا پوءِ "واسدا" ليبارٽري جي نالي سان سڃاڻڻ ۾ آئي.

ڊاڪٽر صاحب وٽ مذهبي ڀيد ڀاءُ ڪونه هوندو هو، پڪو صوفي خيال جو ماڻهو هو. هٿ جو به ڏاڍو سخي هوندو هو، پاڻ بنا تميز مذهب ملت جي خير ڏيندو هو. ماڻهن عربي مدرسن، مسجدن، بيواهه عورتن ۽ يتيم ٻارن جي پرورش، اسڪالرشپن ۽ اسڪولن لاءِ هن کان ڪيترائي پيسا ورتا. منجهس وڏائي اصل ڪانه هئي، ٻنگين کي به گڏ کارائيندو هو. سنڌس حب الوطني جي ڇا ڳالهه ڪجي، قيام پاڪستان کان پوءِ هن جا سڀ مٽ مائٽ هندستان لڏي ويا، ليڪن هن وطن ڇڏڻ کان انڪار ڪيو، جيتوڻيڪ ان لاءِ کيس وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئي، پر هن امير مان فقير ٿيڻ پسند ڪيو، ليڪن سنڌ نه ڇڏيائين. 6 جنوري 1948ع تي ڪراچي ۾ ڦرلٽ ٿي جنهن ۾ هن جو سڄو گهر لٽجي ويو، سنڌس اسپتالن ۽ جاين تي مهاجرن قبضا ڪري ورتا، ٻه سال جيل ۾ رهيو، کيس مختلف نمونن سان پريشان ڪيو ويو ته جيئن هندستان هليو وڃي، پر هو چوندو هو ته "وطن ڪيئن ڇڏيو" آخر 16 اپريل 1961ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ فوت ٿي ويو.

ثميره زرين

ثميره زرين ڌيءَ محمد اعظم 11 فيبروري 1944ع تي شڪارپور ۾ ڄائي. سندس گهرو نالو سڪينه هو. سنڌي افساني جي فن ۾ کيس "خاتون اول" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سندس تعلق "اعواڻ" خاندان سان هو، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته شاهه شجاع جي شڪارپور ۾ ڊگهي مدت لاءِ منزل انداز رهڻ واري عرصي ۾ اتر جا ڪيترائي خاندان جڪي ساڻس گڏ آيا هئا، اتي ئي رهي پيا جن ۾ اعواڻ به شامل هئا.

ثميره زرين جو والد جيئن ته گهر ۾ گهڻا رسالا آڻيندو هو، جن جو ثميره زرين پڻ مطالعو ڪندي هئي: ان ڪري هن کي ننڍپڻ ۾ ئي ادبي ساڃاهه پيدا ٿي ۽ هن ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. پاڻ پيشوارانه ليکڪ ته ڪانه هئي، پر تنهن هوندي به هن مجموعي طور اٽڪل هڪ سؤ افسانا لکيا، جن کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي. ورهاڱي کان پوءِ جن سنڌي عورتن سڀ کان اڳ ڪهاڻيو لکيون، انهن مان ثميره زرين هڪ هئي. هن زندگيءَ جي هر موضوع تي ڪهاڻي لکي آهي ۽ سندس ڪردار زندگيءَ جي هر طبقي جي نمائندگي ڪن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ ايتري قدر ته سچائي آهي جو انهن تي آپ بيتي جو گمان ٿئي ٿو.

ثميره زرين جي ڪهاڻين مان "وطن" ڪهاڻي پاڪستان ۽ هندستان جي ڪهاڻين واري چٽاڀيٽي ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "گيت اڄايل مورن جا" سن 1971ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن جو پيش لفظ جناب آغا سليم لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جو ٻيو ڪتاب "آءُ اهائي مارئي" 1981ع ۾ پڌرو ٿيو. ان کان علاوه سندس ٻه ٻيا ڪتاب "دل ۾ درد هزار" 1968ع ۽ "مهراڻ جون ڇوليون" 1962ع پڻ ملن ٿا. موخرالزڪر ڪتاب ۾ مشهور افسانا نگارن جا چونڊ افسانا ۽ افسانا نگاريءَ جي مفصل تاريخ ڏنل آهي.

ثميره زرين جي لکيل ڪهاڻين مان ڪيتريون اهڙيون به آهن، جيڪي اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن ۽ ڪي وري بي اي ۽ ايم اي جي ڪورس تي به رکيل آهن.

ثميره زرين ڦوهه جواني ۾ 13 آگسٽ 1977ع تي صبح جو امر الاهي سان هن فاني دنيا کي ڇڏي دارالبقا ڏانهن رواني ٿي وئي.

ثناءُالله "ثنائي"، مولوي

مولوي ثناءُ الله "ثنائي" ولد مولوي الله بخش "صوفي" عباسي 3 اپريل 1895ع تي ڳوٺ ڪوهارا تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ممتاز عالم دين ۽ صاحب ديوان شاعر ٿي گذريو آهي.

مولانا ثناءُ الله "ثنائي" عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو جو وڏو ڄاڻو هو. پنهنجي دور جو مجيل عالم دين هو. پاڻ مولانا تاج محمود امروٽي جو عقيدتمند هو. جنهن جي دعا سان ڪيس شاعريءَ ۾ اعليٰ مقام مليو. هن تمام گهڻو شعر چيو جيڪو مداحن، مولودن، مناظرن، رباعي، غزلن ۽ خطبن تي مشتمل آهي. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ثنا ۾ مداح چوندي وڏي مقبوليت حاصل ڪيائين، جنهن ڪان متاثر ٿي پاڻ کي "ثنائي" جي تخلص سان سڏائڻ شروع ڪيائين. هن مزاحيه شاعري به ڪافي ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ "اشعار ثنائي" ۽ "ملان ۽ موالي" وڏي شهرت حاصل ڪئي. سندس نعتيه ڪلام سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مداحي پڙهن ٿا. سندس ڪلام ۾ سلاست ۽ روانگي موجود آهي. سماجي برائين جي نشاندهي به سندس ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ ملي ٿي. خاص ڪري رشوتي ڪامورن جي ڪرتوتن کي طنز جي اوٽ ۾ بيان ڪيو اٿس. ڊاڪٽر بشير احمد "شاد" سندس سوانح ۽ ڪلام تي تحقيقي مقالو لکي 1990ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي آهي. هن عوامي شاعر جا خاص صحبتي هئا، ميان غلام سرور فقير، مولوي محمد عاقل عاقلي، فقير هايت علي "نجفي" حاجي محمود "خادم" نواز علي "نياز" جعفري ۽ ماستر جمع خان "غريب".

مولوي ثناءالله هڪ سٺو نثر نويس پڻ هئو نثر ۽ نظم ۾ ڪل 26 ڪتاب لکيا جن مان ڪجهه نالا هن ريت آهن.

ديوان ثنائي، عقائد نامہ، خطبات ثنائي، ملان ۽ موال، اشعار ثنائي، ليليٰ مجنون (قصو)، تاريخ اسلام، سچو عاشق، دردن جي دانهن، پاڪستان، ترڪي ٽوپي، پيار صالح، محمود غزنوي، قيامت نامو، سچا موتي ۽ ٽيهہ اکري.مولوي ثناءالله "ثنائي" 31 ڊسمبر 1976ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عشق گهر پنهنجو ڇڏائي ٿو رلائي دربدر،
بادشاهن کي پلائي ٿو بنائي در بدر،
هير لئي حيران ٿي ڪيو تخت کي رانجهن ترڪ،
شاهزادو شوق مون مرلي وڄائي دربدر.

پر سرام "ضيا"

پرسرام "ضيا" پٽ ننديرام جهامناڻي 30 جولاءِ 1911ع تي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو، پاڻ قومي درد رکندڙ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.

پر سرام "ضيا" ابتدائي تعليم ٽنڊي آدم ۾ حاصل ڪئي ۽ سنڌي فائينل جو امتحان نواب شاهه مان پاس ڪيائين، پاڻ سنڌي سان گڏ عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻوليون به ڄاڻندو هو، هن هڪ دوڪاندار سيٺ وٽ خانگي نوڪري اختيار ڪئي. ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجو ڪپڙي جو دوڪان کوليائين، ورهاڱي کان ڪجهه وقت اڳ لاڏي اچي نواب شاهه ۾ رهڻ لڳو. هن اتي "بزم ادب" جو پايو وڌو هو، جنهن جي سهاري هيٺ هن 1947ع ۾ "ڪل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ڪوٺائي هئي، جنهن جو پاڻ سيڪريٽري هو.

پرسرام "ضيا" کي جواني ۾ عشق مجاز جي چوٽ رسي، جنهن ڪري هن شعر چوڻ شروع ڪيو. پهريائين سندس تخلص "پرسا" هو، پوءِ "رنجور" تخلص اختيار ڪيائين. سن 1936ع ۾ شيخ مراد علي "ڪاظم" کي شاعريءَ ۾ استاد ڪري ورتائين، جنهن سندس تخلص مٽائي "ضيا" رکيو، جنهن سان پاڻ ساري عمر مشهور رهيو، سندس ڪلام هند توڙي سنڌ ۾ مختلف ڳائڻن ڳايو آهي، جن ۾ ماستر چندر جو نالو سر فهرست آهي.

ضيا شعر جي سلسلي ۾ هر طبقي کان داد وٺندو هو، هن پنهنجي ڪلام ۾ عربي ۽ فارسي لفظ محاورا ۽ تشبيهون آنديون آهن، ان ڪري سندس اڪثر نظمن کي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان سندس نالي اچڻ کان اڳ اهو انومان نڪرندو آهي، ته اهو ڪنهن مسلمان شاعر جو لکيل آهي. هن ڪيترن ئي اردو شاعرن جو خيال به پنهنجي شعر ۾ آندا. جيئن ته پاڻ قومي درد رکندڙ ۽ نياز نوڙت وارو فقير تن انسان هو، ان ڪري سندس شاعري به عوام جي ڏکن ۽ سورن جي ذڪر سان همدردي ۽ احساس جي انداز ۾ ڏٺي پئي آهي. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا "گلزار رنجور" 1936ع ۾ "تصوير احساس" 1943ع ۾ ۽ "ادبي گل" (ڀارت مان) 1978ع ۾ شايع ٿيل آهن.

ضيا صاحب ورهاڱي وقت سنڌ کي الوداع چئي ڀارت لاڏي ويو، اتي ممبئيءَ مان نڪرندڙ سنڌي اخبارن ۾ "سوتائي"، "سودائي" ۽ "سپاهي" عنوانن سان مستقل طنزيه ڪالم لکندو هو ۽ ڪيئي فرضي نظم سماجي اوڻاين بابت پڻ لکيائين.

پرسرام "ضيا" 28 آڪٽوبر 1958ع تي اجمير (ڀارت) ۾ ديهانت ڪيو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ملاحظه فرمائيندا.

شاهه خوبان حسن جي صدقي گدا ڪان منهن نه موڙ
مان طلبگار وفا آهيان وفا ڪان منهن نه موڙ.
خنجر ابروءَ سان بسمل جي ڪرڻ چاهين ته ڪر،
پر خدا جي واسطي مشقِ جفا ڪان منهن نه موڙ.

پرمانند ميوا رام چنناڻي

ديوان پرمانند پٽ ميوارام چنناڻي 13 جون 1856ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي زبان جو گهٽگهرو ۽ سچو خدمتگار ٿي گذريو آهي. سندس پتا وڏو عامل شخص هو، جيڪو گيهه جو واپار ڪندو هو ۽ هندو پنچات جو مک پڻ هو.

پرمانند ست درجا انگريزي حيدرآباد ۾ پڙهيو ۽ پوءِ مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان اڳ مالي مشڪلاتين سبب پڙهائي ڇڏي ملازمت اختيار ڪيائين. جڏهن پاڇپرو ٿيو ته 1896ع ۾ حيدرآباد مان هفتيوار "جوت" اخبار جاري ڪيائين، جنهن جي وسيلي سنڌي زبان ۽ ادب جي خاصي خدمت سرانجام ڏنائين. جيتوڻيڪ اها اخبار عيسائي مذهب کي فروغ ڏيڻ لاءِ جاري ڪئي هئائين، جو پاڻ هندو مذهب ڇڏي عيسائي ٿيو هو، پر پوءِ به هن اخبار ۾ مذهبي عنوانن سان گڏ علم، ادب ۽ سياست وغيره جي موضوعن تي تحريرون پڻ ڇپجنديون هيون.

ديوان پرمانند کي وسيع مطالعو هئڻ ڪري ڪافي زبانن جي ڄاڻ هئي. هن ڪيترن ئي ڪتابن جا مختلف زبانن مان ترجما ڪري سنڌي ادب ۾ خاصو اضافو ڪيو. هن "انگريزي - سنڌي" ۽ "سنڌي- انگريزي" لغتون پڻ ترتيب ڏنيون.

ديوان صاحب حالانڪ پوريءَ طرح عيسائي ٿي چڪو هو، مگر سنڌي زبان ۽ ادب سان سندس بغض يا ڪٽرپڻو ڪونه هو. پاڻ هميشه ٺيٺ ۽ گهريلو سنڌي استعمال ڪندو آيو. هن سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي، اها ڪڏهن به وساري نٿي سگهجي. هن اٽڪل ڏيڍ درجن کن ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيا آهن جن مان خاص هي آهن. دل بهار (آکاڻيون 1912ع)، ڪرست جي پيروي (1923ع)، مياڻيءَ جي جنگ (1925ع)، اپاڻشهار جي هستي (1934ع)، هيري جي منڊي (1934ع)، يوسف مصري (1935ع)، لورڊ جي ناري (1936ع)، هيرو ۽ گلو (1936ع)، سنڌ باد سيلاني (1936ع)، گل ڦل (1956ع) وغيره.

ديوان پرمانند 14 مارچ 1938ع تي حيدرآباد ۾ پرلوڪ پڌاريو.

پروانو ڀٽي

ميرو خان "پروانو" ولد گل محمد خان ڀٽي 16 فيبروري 1934ع تي ٽنڊو محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، نثرنويس ۽ صحافي آهي.

پرواني ڀٽي جو والد پوليس کاتي ۾ ملازم هو ۽ مختلف شهرن ۾ رهيو پرواني صاحب پنهنجي والد سان گڏ رهندي مختلف شهرن مان تعليم حاصل ڪئي. 1949ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري ماستر مقرر ٿيو. 1953ع ۾ ماستري ڇڏي تپيدار ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتان امتحان پاس ڪرڻ بعد تپيدار مقرر ٿيو. سال ڪان پوءِ اها نوڪري به ڇڏي ڏنائين ۽ "هلال پاڪستان" ماهوار ايڊيشن جو اچي انچارج مقرر ٿيو ۽ پوءِ عبرت اخبار سان وابسته رهيو. هن وقت پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ پي آر او مقرر آهي.

پروانو ڀٽي ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪندو هو، ليڪن 1953ع کان حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" جي جاءِ تي وڃڻ ڪري مشهور شاعرن سان جان سڃاڻ ٿيس ۽ انهن جي صحبت ۾ باقاعدي موزون شاعري چوڻ شروع ڪيائين. بقول سندس ته شروع کان ئي سندس طبيعت عاشقانه رهي آهي، جنهن ڪري سندس تخلص به ڦرندا رهيا. ڪڏهن "جوهر" ته ڪڏهن "ميول" ۽ ڪڏهن "آزاد" آخر 1950ع ڌاري پڇي پڇي "پروانو" تي پيو.

پرواني ڀٽي غزل، آزاد نظم ۽ قطعي جو بهترين شاعر آهي، سندس هر شعر ۾ رنگيني ۽ دلاويزيءَ سان گڏ ذوق جماليات جي چاشني ۽ دل ۾ چڀندڙ شوخي موجود آهي. سندس ڪلام مشهور فنڪارن جي آواز ۾ ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندو رهي ٿو. هن ڪجهه ڪتاب به تاليف ڪيا آهن، جن ۾ "ٽڙندڙ مکڙيون" 1959ع ۽ "سرهاڻ" 1960ع مشهور آهن. نموني طور سندس لکيل هڪ قطعو هيٺ ڏجي ٿو.

اڃا رات گذري اڃا صبح آيو،
انهيءَ آسري ۾ گهڻا ڏينهن سهيو،
اسين پنهنجي گهر ۾ مسافر مسافر،
اگر آهي رهڻو ته ٿي مڙس رهبو.

پنهل خان چانڊيو

پنهل خان ولد حاجي مير خان چانڊيو سن 1921ع ۾ ڳوٺ مير محمد چانڊيو تعلقي سڪرنڊ ضلعي نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو اهو ارڏو انسان ٿي گذريو آهي، جنهن پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ان وقت جي فوجي حڪومت سان دليريءَ سان مهاڏو اٽڪايو، سنڌ ۽ سنڌي قوم جو نالو پوري

دنيا ۾ روشن ڪيو.

پنهل خان چانڊيو تعليم پوري پنهنجي حاصل ڪري سگهيو. سندس تعلق زميندار گهراڻي سان هو، سندس چاچو احمد خان چانڊيو پنهنجي وقت جو هلندي بلندي ۽ راڄ وارو ماڻهو هو. پنهل خان شروع کان ئي همٿ وارو، ڏاهو ۽ دلير مڙس هو، سندس چاچي منجهس مٿيا ڏسي چڱ مڙسي جي لحاظ کان کيس پنهنجو جانشين مقرر ڪيو، اهڙي طرح سندس چاچي جي وفات کان پوءِ چڱ مڙسي جي پڳ سندس سر تي رکي وئي.

پنهل خان چانڊيو ضلع ڪائونسل نواب شاهه جو ميمبر رهيو، جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي ٺهي ته پاڻ پنهنجي راڄ سميت ان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. جناب غلام مصطفيٰ جتوئي جي ساٿارين ۾ شامل رهيو. 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران اچانڪ کيس عالمگير شهرت ملي وئي ۽ پاڻ هن تحريڪ جو هيرو تسليم ڪيو ويو.

جمهوريت ۽ ملڪ جي بقا لاءِ شروع ڪيل 1983ع واري ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جو تاريخي حصو آهي. سڄي دنيا جي حريت پسندن انهيءَ تحريڪ ۾ سنڌي ماڻهن جي جوش ۽ خروش سان حصو وٺڻ ۽ سندن دليريءَ تي ڪين خراج تحسين پيش ڪيو. انهيءَ وقت جڏهن ايم آر ڊي جي قيادت سڄي ملڪ اندر احتجاج جو سڏ ڏنو ته، پنهل خان چانڊيو پڻ پنهنجي قبيلي، راڄ ۽ آسپاس جي ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين جي ماڻهن سان گڏ احتجاج ۾ شامل ٿي ويو. سڄي سنڌ وانگي نواب شاهه ضلعي ۾ پنهل خان ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ مانائتو ڪردار ادا ڪيو. جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جلسا ۽ جلوس منعقد ڪيائين. پاڻ ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ ڪائونسل جو ميمبر هو. 29 سيپٽمبر 1983ع تي ايم آر ڊي جي قيادت ڦيٿا روڪ هڙتال جو سڏ ڏنو هو، ان ڏينهن سوين ڳوٺاڻا سندس قيادت ۾ ڳوٺ پنهل خان چانڊيو جي سامهون سڪرنڊ کان چوٽين ميل وٽ نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ۽ تحريڪ دوران شهيد ٿي ويلن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪري رهيا هئا ته، اوچتو اتي فوجي پهچي ويا، جن پهچڻ شرط روڊ تي ويٺل ۽ قرآن شريف پڙهندڙ ڳوٺاڻن مٿان گوليون هلائڻ شروع ڪيون. انهن ڳوٺاڻن ۾ راقم الحروف به شامل هو. جيڪو الله جي مهربانيءَ سان گولين جي ان برسات مان صحيح سلامت بچي نڪتو ۽ کس نئين زندگي ملي، ان واقعي ۾ هڪ ئي وقت 16 ماڻهو شهيد ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. (1)

---

(1) هن واقعي ۾ شهيد ٿيلن جا نالا هن ريت آهن. ٿارو چانڊيو، رجب چانڊيو، علي شير چانڊيو، غلام مصطفيٰ چانڊيو، پير بخش چانڊيو، عرس چانڊيو، صديق چانڊيو، گلاب چانڊيو، هاشم خاصخيلي، محمد رمضان خاصخيلي، جانب خاصخيلي، ميرو خاصخيلي، علي گل خاصخيلي، الهه رکيو سولنگي، محبوب سولنگي ۽ حسين بخش مگسي. انهن ۾ ڪجهه اهڙا ڳڀرو جوان به هئا، جن کي اڃا ميندي به نه لڳي هئي. ٻن گهرن مان ته ٻه ٻه لاش به نڪتا.

ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران خونريزي جا جيترا به واقعا پيش آيا، انهن مڙني واقعن ۾ هي واقعو سڀ کان وڏو هو. فوجين ظلم جي انتها ڪري ڇڏي زخمين مٿان گاڏيون هلايون ويون، لاشن کي ڪچليو ويو، لاشن ۽ زخمين کي گڏ ٽرڪن ۾ سٽي نواب شاهه نيو ويو. پنهل خان چانڊيو ۽ سندس بهادر فرزند غلام عباس چانڊيو سميت ڪيترن ئي جوانن پوڙهن پکن ڳوٺاڻن کي گرفتار ڪيو ويو. هن ظلم ۽ بربريت جي خبر سڄي دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي. اهڙو ڪو ملڪ نه هو جتان هن دکائڪ واقعي جي خبرنشر نه ٿي هجي. سڄي دنيا جي جمهوريت پسندن پنهل خان ۽ سندس ڳوٺ جي جوڌن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

پنهل خان هن واقعي دوران ڏاڍي بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو. فوجين مٿس طرح طرح جا تشدد ڪيا، سندس هٿن ۽ پيرن جانهن لاهي ڇڏيا، سندس اکيون ٻڌي ڪيترائي ڏينهن ڪيس قيد تنها ۾ اڇيو بکيو رکيو ۽ پيون مختلف تڪليفون ڏنيون.

ليڪن هن پوڙهي مڙس مگر جوان همت باهر ڦڙڪ به نه ڪڍي، جنهن تي آرمي وارن کي چوڻو پيو ته (..... چيختا ڪيون نهين؟) ايم آر ڊي جي تحريڪ جڏهن ناڪام وئي ته، سنڌ جي ڪافي وڏيرن ڊگها معافي ناما لکي جيل مان پنهنجي جان ڇڏائي هئي، پر پنهل خان چانڊيو لاءِ سڄي سنڌ گواهه آهي ته باوجود وڏي دٻاءَ جي پاڻ فوجي حڪومت اڳيان نه جهڪيو، جنهن ڪري مٿس فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي ڪيس ڳري ڏنڊ جي سزا ڏني وئي، جيڪو ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ 22 اپريل 1984ع تي آزاد ٿيو. جنهن کان پوءِ جيل ۾ ٿيل تشدد ۽ آيل تڪليفن سبب پاڻ اڪثر بيمار رهڻ لڳو. آخر سنڌ جو هي سورهه سورهيه 13 جولاءِ 1986ع تي انتقال ڪري ويو. ڪيس سندس ڳوٺ جي ڀر ۾ "راهو رتول" جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.(1)

پنهل خان جو فرزند غلام عباس مرحوم (وفات 5 جون 1993ع)

---

(1) حضرت راهو رتول رحه ٻارهين صدي هجري ۾ صاحبِ ڪرامت بزرگ ٿي گذريو آهي. مقامي روايت مطابق پاڻ راهو ذات جو يتيم ٻار هو ۽ ڳوٺ جو مال چاريندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڏنو ته اهو ٻارڙو مال هڪ وڻ هيٺان ويهاري پاڻ به ان وڻ جي ڇانو ۾ سمهي پيو. ڪافي دير گذري وئي، ٻين وڻن جا پاڇا معمول مطابق پنهنجي جاءِ تان هٽندا رهيا، پر جنهن وڻ هيٺان اهو ٻارڙو ستو پيو هو، ان وڻ جو پاڇو مٿس ڇانو ڪيو هڪ ئي جاءِ تي بيٺو رهيو. ان کان پوءِ ماڻهو سمجهي ويا ته اهو ڇوڪرو پهتل آهي. انڪري ڪيس "راهو رتول" جي نالي سان سڏڻ لڳا، يعني راهو سندس ذات هئي ۽ رتول معنيٰ الله جي عشق ۾ رتل ڳاڙهو لال ٿيل. هن بزرگ جون ڪافي ڪرامتون علائقي ۾ بيان ڪيون وينديون آهن. سندس مزار تعلقي سڪرنڊ ۾ ڳوٺ شادي خان چانڊيو جي لڳ هڪ قديمي قبرستان ۾ آهي، جيڪو سندس نالي سان سڏجي ٿو. هن بزرگ جو ميلو پڻ هر سال لڳندو آهي.

بينظير صاحبہ جي پهرين گورنمينٽ ۾ وزير اعليٰ سنڌ جو مشير ٿي رهيو ۽ سندس پيو لائق فرزند غلام قادر چانڊيو وري بينظير صاحبہ جي ٻي حڪومت ۾ سينيٽر ٿي رهيو آهي.

پوپٽي هيرا نندائي

پروفيسر پوپٽي رامچند هيرا نندائي 17 سيپٽمبر 1924ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور ڪهاڻي نويس، ناول نگار، مضمون نگار، تنقيد نگار ۽ شاعره آهي.

پوپٽي هيرا نندائي ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1939ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي، انٽر جو امتحان ساڌو واسواڻي جي ڪوليل ميران ڪاليج مان ۽ بي اي جو امتحان بنا رس هندو يونيورسٽي مان 1943ع ۾ پاس ڪيو، ورهاڱي کان پوءِ گهر وارن سان گڏ ڀارت لڏي وئي، اتي ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين.

پپوٽي هرانندائي جو پتا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ڪندو هو، جنهن جي وفات کان پوءِ مالي حالتن خراب هئڻ ڪري پوپٽيءَ ميٽر ڪان اڳ ٽيوشن ڏيندي هئي ۽ ميٽرڪ کان پوءِ ڪندن مل گرلس هاءِ اسڪول ۽ پڪٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ ماستر ٿي رهي. هوءَ ميوزڪ ٽيچر پڻ رهي آهي. ڀارت ۾ پهريان 1960ع ۾ نيشنل ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم ڪم ڪندي هئي ۽ پوءِ ڪي سي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻجي وئي. پاڻ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي ۽ پي ايچ ڊي جي شاگردن جي گائيڊ بہ رهي آهي، سنڌيءَ ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ ڪجهہ ڪتاب بمبئي، پونا ۽ گجرات جي يونيورسٽين ۾ بي اي ۽ ايم اي جي ڪورسن لاءِ تسليم ٿيل آهن. کيس هندي، سنسڪرت، فيلسوفي ۽ ويدن وغيره سان بہ گهڻي دلچسپي آهي.

پروفيسر پوپٽيءَ سنڌي ادب جي هر شاخ ۾ پاڻ موکيو آهي، هوءَ لاڳيتو اڌ صدي تائين لکندي رهي، انهيءَ سلسلي ۾ هن مضمون مقالا، تنقيد، لسانيات، شخصيات، ناول، ڪهاڻي، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ويدن جي فيلسوفي ۽ گيتا جا گيان (سنڌي ۾ ترجمو ڪيل) وغيره تي لکيو آهي. هندستان جي سنڌي ادب ۾ جيڪي ٽي ليکڪائون چانيل آهن، انهن ۾ پوپٽي هيرا نندائي، ڪلا پرڪاش ۽ سندري اتم چندائي آهن. انهن مان پوپٽي گوءِ ڪٽي ويئي آهي.

پوپٽيءَ جون ڪهاڻيون اسان جي سنڌي سماج جون ڪهاڻيون آهن. هندستان ۾ رهندي بہ هن ڪيترين ئي بهترين ڪهاڻيون سنڌ جي سماجي حالتن کي سڌارڻ ۽ بهتر بنائڻ لاءِ لکيون آهن، سندس ناول ۾ سنڌ وطن کان جدائي جو ڏک ۽ ان کان پوءِ ڀارت ۾ وچي ڪشمهن جي زندگي گذارڻ ۽ سماجي برايون،

عورت ذات جي آزادي ۽ ظلم خلاف جنگ خاص موضوع رهيا. سندس رڳ رڳ ۾ سنڌيت سمايل آهي، جيڪا سندس هر صنف مان ظاهر ٿئي ٿي. سندس لکڻيون صاف چٽيون آهن، جن ۾ ڇوٽيون ڀاڪا تمام گهڻي خوبصورتيءَ سان پيش ڪيل آهن. سندس ليکن ۾ هڪ عجيب قسم جي نواڻ، تازگي ۽ رواني آهي. جا پڙهندڙ ۾ چاهه، شوق ۽ اميد پيدا ڪري ٿي. ڪيس موسيقي سان به چاهه آهي. پاڻ "ڊرائينگ روم سنگر" آهي ۽ غزل ۽ پڃن شوق سان ڳائيندي آهي.

پروفيسر پوپٽي هيرا نندائي جا 50 کان وڌيڪ ڪتاب مختلف صنفن تي سنڌي، هندي، گجراتي ۽ انگريزي ۾ ڇپجي چڪا آهن، جن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

ناول: منجو (1950ع)، حسرتن جي تربت (1961ع)، جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات (1966ع)، سيلاب زندگيءَ جو (1980ع).

ڪهاڻيون: رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون (1953ع)، پڪار (1953ع)، ڪلي گلاب جي ساگر شراب جو (1975ع)، مون توکي پيار ڪيو (انعام يافته 1967ع)، خزان جو دور پورو ٿيو (1976ع)، شهناز (1983ع)، زندگي نه ڪويتا نه ڪهاڻي (1983ع)، اسين هت توهين هُت (1988ع)، زندگيءَ جي پوتري (1983ع)، ڪفن ڍڪي زندگي (1985ع هنديءَ ۾)، پوپٽي ني شريشت ڪهانيان (1983ع گجراتيءَ ۾)، دي ڪاورڊ (1988ع انگريزيءَ ۾).

مضمون: هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون (1962ع ايوارڊ يافته) پارت جي استري (1963ع)، مان ڇا آهيان (1965ع)، بولي منهنجي ماءُ (1977ع)، سنڌي ڪلهه ۽ اڄ (1985ع)، چرڻ چٽڪڻ چت ۾ (1971ع) ۽ زنده سا قوم رهندي (1975ع).

ان کان سواءِ تنقيد، شاعري، لسانيات ۽ ٻين موضوعن تي پوپٽيءَ جا هي ڪتاب مشهور آهن. پاشا شاستر (1962ع)، سنڌي بولي (1980ع)، عزيز شخص ۽ عالم (1980ع)، سنڌي مسلمانن گرين جي هندي ڪويتا (1980ع)، روح سنڌي رچ (1976ع)، مان سنڌڻ (1988ع)، سنڌي ساهت جي جهلڪ (1967ع)، سنڌي هستيون (1980ع)، پدمڻي (1984ع ناٽڪن جو مجموعو)، سنڌي شادي (1988ع- ڊانس ڊراما)، مانڪ موتي لعل (1993ع)، منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق (1980ع)، آتم ڪهاڻي آهن ڪتاب کي 1982ع ۾ ساهت اڪيڊمي انعام عطا ڪيو) ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سکو (1980ع، 1983ع ۾ ٽي ڇاپا شايع ٿيا)، پوڦٽي پوپٽي (1990ع انگريزي ۾)، سنڌو کان گنگا جمنا (1991ع انگريزي ۾)، ان کان علاوه سندس ڪجهه ٻيا ڪتاب به لکيل ۽ ڇپيل آهن.

پوڪرداس منشي

منشي پوڪرداس ٿانورداس ڇاٻڙيا سن 1868ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ مشهور پبلشر ٿي گذريو آهي.

پوڪرداس شڪارپور جي اوجهن ۽ اسڪولن مان ودِيا وٺي تعليم کاتي ۾ منشي مقرر ٿيو. گهڻ پگهار هئڻ ڪري ڪيس ڪنهن ٻئي ڌنڌي ڪرڻ لاءِ سوچڻو پيو. ان لاءِ هن ڪتب فروشيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو. ڦيبروري جنوري 1886ع تي شڪارپور شهر جي سٽي بازار ۾ "منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب شڪارپور" جي نالي سان دڪان کوليو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سٽي بازار وارو دڪان ڇڏي اچي ڍڪ بازار ۾ وڏو دڪان وٺي واپار هلايو. جيئن تہ پاڻ لکيل پڙهيل ماڻهو هو ۽ تعليم کاتي سان وابستہ هئو، ان ڪري سندس ڌنڌو تيزي سان وڌندو رهيو. اڳتي هلي هن ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو.

منشي پوڪرداس ماڻهن جي واندڪائي جي وندر خاطر پهريان قصن ۽ داستانن جا ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا، جولاءِ 1889ع ۾ مزاحيہ قصو "ملا ۽ موالي" ڇپائي پڌرو ڪيو. ان کان پوءِ منشي خوشيرام جا ٻہ ڪتاب "قصو اٺ ۽ گهوڙي جو" ۽ "زال مڙس جو جهيڙو" ڇپائي پڌرو ڪيائين. جن جي اشاعت ۾ ڪيس چڱو فائدو ٿيو، ان کان پوءِ هن درسي، طبي، ديني، ڌرمي، رمل، نجوم ۽ جعفر جي ڪتابن کان علاوه شاعري جي ڪتابن ۽ جنترين ڇپائڻ طرف توجهہ ڏنو. 1893ع کان پوءِ هن ڌڙا ڌڙ ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا. پير علي محمد راشدي جي بقول "جيڪڏهن سنڌي زبان اڄ تائين حيات آهي تہ ان جو هڪ سبب پوڪرداس جو ڇاپخانو بہ آهي. ان ڇاپخاني جي وسيلي اڌ صديءَ تائين سنڌي ڪتاب ڇپبا رهيا. پوڪرداس جي حيثيت سنڌي زبان جي تاريخ ۾ اهائي آهي، جا اردو زبان ۾ لکنو واري منشي نولڪشور کي حاصل ٿي. سرگواسيءَ سوين ڪتاب لکرايا ۽ هزارين جلد ڇپايا. سندس مقابلي ۾ سکر جي ماستر هريسنگهہ بہ پوءِ ساڳيون ڪاروبار شروع ڪيو ۽ سنڌي زبان جي وڏي خدمت ڪئي پر پوڪرداس جو ڪاروبار وڌيڪ وسيع هو."

منشي پوڪرداس جا ڇپايل ڪتاب جيڪي سنڌي ادب ۾ بنيادي ۽ اهم حيثيت رکن ٿا، انهن جو تعداد سون ۾ آهي، هيٺ ڪن ٿورن ڪتابن جا نالا ڏجن ٿا.

الف ليلہ - امير حمزو، حاتم طائي، شاهہ جو رسالو (مرزا قليچ بيگ وارو ٻيو ايڊيشن 1923ع)، سچل جو رسالو، حمل جون ڪافيون، تحفتالعاشقين، مخزن الادويات، قرابادين علوي، مقالات الاولياء، انيس الواعظين، بوستان سنڌي، جنگ نامہ، سودائي خام ۽ بڪاولي وغيره.

شروعات ۾ پوڪرداس جا ڪتاب سکر ۽ لاهور جي مختلف پريسن

مان ڇپيا هئا. ان کان پوءِ پاڻ شڪارپور ۾ پنهنجو ڇاپخانو قائم ڪيائين. منشي پوڪر داس 16- اپريل 1934ع تي شڪارپور ۾ چالاڻو ڪيو.

پيرل "پياسي"

پير محمد المعروف پيرل "پياسي" ولد محمد حسين هولاڻي سن 1925ع ۾ ميرپور ساڪرو ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. پاڻ ڪامياب شاعر ٿي گذريو آهي.

پيرل پياسي عربي، فارسي ۽ سنڌي فائينل تائين تعليم حاصل ڪري روينيو کاتي ۾ تپيدار مقرر ٿيو. پاڻ ضلعي ٺٽي جي تپيدار ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو.

پيرل پياسي شاعريءَ جي حوالي سان عوام ۾ ڏاڍي مقبوليت حاصل ڪئي. پاڻ بنيادي طور ڪافي جو شاعر هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ابتدا کان وٺي ڪامياب شاعر رهيو. سندس ڪلام مختلف فنڪارن جي آواز ۾ گراموفون ڪمپني ڪراچي طرفان پڻ رڪارڊ ٿيل آهي. پاڻ "بزم ادب" ميرپور ساڪري جو صدر به ٿي رهيو هو. ٺٽي جي مشهور شاعر زمان شاهه "ساقي" جو خسته حالت ۾ پيل ڪلام گڏ ڪيائين.

پيرل "پياسي" 4 فيبروري 1982ع تي رحلت ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اگر لطف و عطا ان جو مونکي حاصل نه ٿي سگهندو،
تڏهن پيي قلب ان جي ياد کان غافل نه ٿي سگهندو،
نه جنهن وٽ ڪا هجي اخلاص ۽ ايمان جي دولت،
اهو مخلوق جي خدمت طرف مائل نه ٿي سگهندو.

پيرل قمبر

پيرل قمبر جو اصل نالو پير محمد ولد امام بخش سومرو هو. پاڻ مشهور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 17 جولاءِ 1933ع تي مبارڪ ڪلهوڙو لڳ ڳوٺ بني تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. جتان پوءِ پاڻ پنهنجي والد سان گڏ اچي قمبر ۾ رهيو، جتي وڏو عرصو رهڻ کان پوءِ سن 1977ع ۾ لڏي شهدادڪوٽ اچي ويٺو.

پيرل قمبر شروع کان ئي مائيٽي ۽ حليم طبيعت جو مالڪ هو. سندس والد هڪ سٺو شاعر هو، جنهن جو اثر پيرل تي به ٿيو ۽ هن 1956ع کان باقاعدي شعروشاعري ڪرڻ شروع ڪئي. ڪلام جي اصلاح سندس والد ڪندو هئس. پاڻ ڪافي، بيت ۽ گيت جو عمدو شاعر هو. سندس ڪلام علم عروض مطابق جڙيل آهي في البديهه شعر ٺاهڻ ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي. پاڻ ادبي

مشاعرن جو مور هوندو هو. سندس شاعري عوام ۾ بيحد مقبول آهي. لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ ۾ سندس الڳ مقام آهي. 7 نومبر 1985ع تي ساڻس ملهايل شام ۾ مجتنا طور ڪيس شهدادڪوٽ جي اديبن سونو تاج ٻه پارايو ۽ گڏوگڏ 500 روپيا ماهوار وظيفو ٻه ميونسپل ڪميٽي طرفان جاري ٿيو. سندس شاعريءَ جا ڪتابڇا باغ فردوس، تصوير صنم، جذبهِ دل ۽ سلام محبت وغيره ڇپيل آهن. هيءُ پلوڙ شاعر 24 ڊسمبر 1994ع تي فوت ٿي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پرور دگارا سڀجي جڳ جا والي،
ذات پاڪ تنهنجي سڀ کان نرالي،
مٽيءَ خاڪ مان تو بوتو ناهيو،
وجهي روح بوتي ۾ آدم بڻايو.

جان محمد جوڻيجو، رئيس

جان محمد ولد حاجي ڪريم بخش جوڻيجو 2 جنوري 1888ع تي ڳوٺ ڏامراھ تعلقي ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ايشيا جي تاريخ جو هيرو ٿي گذريو آهي.

"رئيس المهاجرين" جان محمد جوڻيجي جو والد زميندار ۽ بااثر ماڻهو هو. رئيس جان محمد مئٽرڪ جو امتحان 1909ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان پاس ڪيو. 1910ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ روانو ٿيو، جتان 1913ع ۾ بئريسٽري جي ڊگري وٺي ڀي سال لنڊن ۾ پريڪٽس ڪئي. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي کان پوءِ هيءُ ٻيو سنڌ جو زميندار هو، جنهن بئريسٽري جو امتحان پاس ڪيو. 1915ع ۾ وطن موٽڻ کان پوءِ پهريائين ڪراچي ۾ ۽ بعد ۾ لاڙڪاڻي ۾ وڃي مستقل طور وڪالت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين.

رئيس جان محمد جوڻيجو تمام ذهين، ڏاهو، محنتي ۽ سچو انسان هو، جنهن ڪري جلد لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي لاءِ اعليٰ مقام پيدا ڪري ورتائين. ڪيس ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ لاڙڪاڻي جو ميمبر چونڊيو ويو. سرڪار طرفان اعزاز طور ميونسپل ڪمشنر ۽ سرداري جي ڪرسي پڻ حاصل ٿيس، پر هن جوشيلي ۽ ذهين نوجوان جي جسم اندر گرم خون ۾ انگريزن لاءِ نفرت جو درياءُ اٿلون کائي رهيو هو، جنهن ڪري سنڌ جي هن عظيم سپوت برصغير جي مسلمانن جي ضمير کي جاڳائي ڪين هڪ عالمي تحريڪ ۾ شامل ڪرايو.

1919ع ۾ ترڪي سلطنت جي ورهاڱي ۽ ترڪيءَ جي مسلمانن جي تباهيءَ خلافت جو سوال اٿاريو، ته برصغير ۾ انگريز دشمن قوتون سرگرم ٿيون. هن مسئلي بابت سڀ کان پهريان 17 آڪٽوبر 1919ع تي دهلي ۾ "آل انڊيا خلافت ڪانفرنس" منعقد ٿي. سنڌ مان مولانا تاج محمود امروٽي، سيٺ عبدالله هارون، پير تراب علي شاهه، شيخ عبدالعزيز ۽ بئريسٽر جان محمد جوڻيجي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. هن موقعي تي سڄي هند ۽ سنڌ ۾ ترڪي جي بقالاءِ "يوم خلافت" ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن سلسلي ۾ جوڻيجي صاحب پنهنجي لاڙڪاڻي واري بنگلي جي آڏو هڪ وڏو عظيم الشان جلسو ڪرائي، خلافت تحريڪ جا مول متا ۽ مقصد عوام کي ٻڌايا. هن جلسي سڄي سنڌ ۾ هلچل مچائي ڇڏي. ان کان پوءِ هن پنهنجي ساٿين سيد انور علي شاهه ۽ پير تراب علي شاهه سان گڏجي سڄي سنڌ جو دورو ڪيو ۽ پنهنجي تقريرن ذريعي عوام کي شعور ڏنو ۽ هڪ وڏي بائيڪاٽ لاءِ ذهني طور تيار ڪيو.

20 اپريل 1920ع تي سيوهڻ ۾ مولانا عبدالڪريم درس جي صدارت هيٺ ٿيندڙ جلسي ۾ جوڻيجي صاحب ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. مئي 1920ع ۾

ٺل شهر جيڪب آباد ۾ خلافت ڪانفرنس زير صدارت مولانا امروٽي جي منعقد ٿي، جنهن ۾ ٻئريسٽر جوڻيجي پنهنجي جذباتي ۽ جوشيلي تقرير ڪندي، ڪانفرنس ۾ موجود اڳواڻن ۾ هڪ نئون ولولو ۽ جزبو پيدا ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار سان هر طرح جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪندي سڀ کان اول پنهنجي ميونسپل ڪمشنري، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ميمبري، بارايٽ لاجي ڊگري ۽ ڪمشنر آفيس ۾ مليل ٻيو نمبر سرداري ڪرسي واپس ڪندي، انگريز سرڪار کي ڍل نه ادا ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي. سنڌ مان هجرت ڪري افغانستان ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ هجرت ڪميٽي پڻ جوڙي وئي. جنهن جو صدر پير تراب علي شاهه ۽ سيڪريٽري جان محمد جوڻيجي کي مقرر ڪيو ويو. هجرت واري قافلي جي ڪابل تائين قيادت ڪرڻ لاءِ جوڻيجي صاحب کي چونڊيو ويو ۽ ڪيس ان موقعي تي "رئيس المهاجرين" جو لقب ڏنو ويو. جوڻيجي صاحب جي ان پر جوش تقرير بعد سنڌ مان ماڻهو هجرت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا ته، ٻئي پاسي سرڪار کيس مالي نقصان پهچائڻ خاطر سندس زمينن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري سندس سڄي پوک سڙي وئي، ليڪن جوڻيجي صاحب ان جي پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجي بنگلي کي هجرت ڪميٽي جو دفتر بنايو. اهڙي طرح ڪابل ڏانهن هجرت ڪرڻ جون تياريون شروع ٿي ويون. سنڌ کان پشاور تائين هڪ اسپيشل ٽرين سورهن ڏينهن لاءِ ڪرائي تي ورتي وئي جنهن لاءِ جوڻيجي پنهنجون زمينون ۽ ٻي ملڪيت وڪرو ڪري پئسا گڏ ڪيا ۽ ٻين ماڻهن به چندو ڏنو، ڇاڪاڻ ته لڳاتار سورهن ڏينهن 760 مسافرن جو خرچ ۽ ماني جا انتظام پڻ ڪرڻا هئا. رئيس جان محمد جوڻيجي جي قيادت ۾ 760 مجاهدن جو قافلو 9 جولاءِ 1920ع تي لاڙڪاڻي مان هجرت ڪري افغانستان ڏانهن روانو ٿيو. هر علائقي ۾ ماڻهن ٽرين جو استقبال ڪيو ۽ مالي مدد ڪئي. لاهور جي اسٽيشن تي پير سيد علي انور شاهه شيرين آواز ۾ اهڙا ته جذباتي شعر پڙهيا جو لاهور اسٽيشن تي ايترو ته روڄ راڙو ٿيو جو اها جاءِ ڄڻ لکنو جي امام بارگاهه جهڙو ڏيک پئي ڏني. هن سفر ۾ ڪيترائي دل ڏاريندڙ واقعا پيش آيا. هيءَ ٽرين 19 جولاءِ 1920ع تي افغانستان پهتي.

شروع ۾ افغانستان جي حاڪم امير امان الله خان سنڌ مان آيل مهاجرن جي کاڌي خوراڪ ۽ رهائش وغيره جو بهترين بندوبست ڪيو، پر پوءِ مهاجرن جو تعداد وڌندو ويو ته مسئلا پيدا ٿيندا ويا ۽ جوڻيجي صاحب "انجمن مهاجرين هند" قائم ڪري مهاجرن لاءِ چندو جمع ڪرڻ شروع ڪيو. آخر انگريزن سازش ڪندي افغانستان جي حاڪم سان هڪ معاهدو ڪيو، جنهن ۾ انگريز افغانستان کي تسليم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هن معاهدي ۾ افغانستان جي امير کي پابند ڪيو ويو ته هو مهاجرن کي ساٿ نه ڏيندو. جنهن ڪري افغانستان حڪومت غداري ڪندي مهاجرن کي ڏنل سڀ سهولتون واپس ورتيون. نه رڳو

اهو پر هنن پنهنجي سر زمين تي مهاجرن سان انسانيت سوز ۽ حقارت وارو سلوڪ ڪيو، جنهن ڪري مهاجرن ڪيترين ئي مصيبتن ۾ ڦاسي پيا. ڪيترائي ماڻهو بک، گرمي ۽ مختلف بيمارين سبب مري ويا. جيڪي بچيا اهي ڪابل ۽ ٻين شهرن مان خيرات وٺڻ تي مجبور ٿيا.

جڏهن اها حالت ٿي ته جوڻيجو صاحب سنڌ ڏانهن واپس ٿيو، ۽ 3 سيپٽمبر 1920ع تي لاڙڪاڻي پهتو. سنڌ مان مهاجرن جي واپسي لاءِ پئسا گڏ ڪري علي ڳڙهه ۾ مولانا محمد علي جوهر وٽ پهتو ۽ هندستان جي ڪيترن ئي شهرن جو دورو ڪري رقم گڏ ڪندو رهيو ۽ اها افغانستان ڏانهن مهاجرن جي واپسي لاءِ موڪليندو رهيو. هن هڪ دفعو ٻيهر افغانستان وڃي مهاجرن جي پرگهور لهڻ جو خيال ڪيو ۽ 15 جنوري 1921ع تي ڪابل وڃڻ لاءِ پشاور پهتو، پر ڊپٽي ڪمشنر ڪيس اڳتي وڃڻ جي اجازت نه ڏني، هن اتي هڪ وڏو جلسو ڪيو نتيجي ۾ ڪيس سرحد مان نيڪالي ڏني وئي. پوءِ لاهور آيو ۽ اتان لکنو پهتو.

تاريخ ۾ مسلمانن جي مسلمانن مٿان ظلم ۽ ستم جي هن دل ڏکوئيندڙ مثال رئيس جان محمد جي سوچ، مقصد ۽ سياسي زندگيءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ۽ هو هارائجي پيو. پنهنجي ديس واسين سنڌي مهاجرن جي ڪيترن ئي خاندانن جي تباهي بعد هن پاڻ واپس لاڙڪاڻي اچي پنهنجي گهر کي ٻيهر آباد ڪرڻ کي ضمير جي خلاف تصور ڪيو. ان ڪري هن باقي زندگيءَ جا ڏينهن مايوسي ۽ نااميدي ۾ هندستان جي اڳواڻن سان گذارڻ جو فيصلو ڪيو.

رئيس جان محمد جوڻيجو آخري وقت ۾ اجمير ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو، جتي ڪيس هلڪو بخار ٿيو جنهن وڏي خوفناڪ بيماري جي صورت اختيار ڪئي. تان جو 16 اپريل 1921ع تي مسافري ۽ مهاجري جي حالت ۾ اجمير شريف ۾ سنڌ جو هي قومي خادم ۽ سياسي رهنماءُ ڀر جواني ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس وصيت مطابق حضرت خواجه معين الدين چشتي رحه جي درگاهه ڀرسان ساگر تلاءُ جي ڪناري سپرد خاڪ ڪيو ويو.

جان محمد عباسي، مولانا

مولانا جان محمد ولد مولانا غلام رسول عباسي پهرين جنوري 1924ع تي ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ورتي، جيڪو هڪ وڏو عالم دين ٿي گذريو آهي. وڌيڪ تعليم مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو وٽان حاصل ڪئي. عباسي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ مان فاضل عربيءَ جو امتحان به فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو هو.

مولانا جان محمد عباسي لاڙڪاڻي جي ڪر مان باغ يونين ڪميٽيءَ جو 1960ع کان 1971ع تائين چيئرمن ٿي رهيو ۽ ساڳئي وقت 1960ع کان 1966ع تائين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻي، جو ميمبر به رهيو. هن پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز جماعت اسلامي جي پليٽ فارم تي ڪيو. پاڻ پهريائين 1954ع کان 1956ع تائين جماعت اسلامي ضلعي لاڙڪاڻي جو امير ٿي رهيو ۽ پوءِ 1963ع ۾ کيس خيرپور ڊويزن جو امير بنايو ويو. جنوري 1964ع ۾ صدر ايوب خان جماعت تي بندش وڌي ۽ هن تنظيم جي پنجاهه برک ليڊرن کي گرفتار ڪيو. انهن ۾ مولانا عباسي پڻ شامل هو. آڪٽوبر 1964ع ۾ عباسي صاحب کي جيل مان آزاد ڪيو ويو. ايوب خان جي حڪومت خلاف سڀني سياسي جماعتن جو محاذ جمهوري مجلس عمل جو بنياد جنوري 1969ع ۾ ڍاڪا ۾ پيو ته، ان ۾ پاڻ پنهنجي جماعت جي وفد ۾ شامل رهيو. 1970ع ۾ کيس جماعت اسلامي صوبي سنڌ جو امير مقرر ڪيو ويو.

مولانا صاحب پهريون سنڌي آهي، جنهن ايراني انقلاب جي باني آيت الله خمينيءَ سان اپريل 1979ع ۾ (قم) ۾ ملاقات ڪئي. هن لنڊن ۽ سعودي عرب ۾ پنهنجي جماعت جي وفد ۾ شامل ٿي ڪيترن ئي اجتماعن ۾ شرڪت ڪئي. کيس جماعت ۾ انفرادي حيثيت حاصل رهي. 1977ع واري تحريڪ ۾ پڻ گرفتار ٿيو هو.

مولانا جان محمد عباسي نهايت ئي ذهين، بذل سنج ۽ سٺو مقرر آهي. کيس سياسي مسئلن تي چڱو عبور حاصل آهي. پاڻ هن وقت گلستان جوهر ڪراچي ۾ رهي ٿو.

جعفر علي پنهور، فقير

فقير جعفر علي ولد باقر علي پنهور 27 فيبروري 1928ع تي ڏامراها ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي.

فقير جعفر علي پنهور هڪ غريب هاريءَ جو پٽ هو. هن پرائمري تعليم حاصل ڪئي، پر اڳتي پڙهي نه سگهيو. جڏهن جوان ٿيو ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻي ۾ نوڪري حاصل ڪيائين. ويهن ورهين جي ڄمار ۾ مجازي عشق جي لغار لڳس ۽ شعر چوڻ لڳو ۽ پوءِ ڳائڻ وڄائڻ به لڳو، ليڪن هڪ ڀيري بيمار ٿي پيو ۽ ڳائڻ وڄائڻ کان لاچار ٿي پيو. ان کان پوءِ باقي زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن به نه ڳايائين.

فقير جعفر علي ڳوٺاڻي ماحول جو نمائندو شاعر هو، سندس شاعري ۾ ڳوٺاڻن جي روح جي ترجماني ٿيل آهي، سندس شاعري ۾ ڳوٺاڻي ٻولي، عام رواجي محاورن، سادن ۽ سليس لفظن جو استعمال عام جام آهي، جنهن ڪري سندس شعر ۾ اثر آهي.

فقير جعفر علي پنهور 25 مئي 1984ع تي موٽر سائيڪل ۽ ويگن جي ٽڪر ۾ زخمي ٿي ٽئين تي فوت ٿي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

لهه تون سير ۾ سارَ لهه تون سير ۾ سارَ
ناهي واهه بچڻ جي حيلا ڪيم هزار.

جعفر علي خاصخيلي، "ناچيز"

جعفر علي "ناچيز" ولد محمد بخش عرف چڇر خان خاصخيلي 6 سيپٽمبر 1949ع تي شهر پٿوري جي پرسان اڪٽي لوهڙي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ريڊيو پاڪستان جي معلوماتي پروگرامن جو وڏو جاڪوڙي ۽ علم ۽ ادب دوست انسان ٿي گذريو آهي.

جعفر علي خاصخيلي جو نناڍپڻ تعلقي سنجهوري جي ڳوٺ گولاڙڪي ۾ گذريو ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي والدين سان گڏ لڏي اچي سانگهڙ شهر جي پر ۾ ڳوٺ احمد خان مري ۾ سڪونت پزير ٿيو. خاصخيلي صاحب 1966ع ۾ سانگهڙ مان مئٽرڪ پاس ڪري ميونسپل ڪميٽي سانگهڙ ۾ ملازمت اختيار ڪئي ۽ 1968ع ۾ پرائيويٽ طور انٽر آرٽس جو امتحان پاس ڪيو. پاڻ آخر تائين ميونسپل ڪميٽي سانگهڙ جو ملازم رهيو.

جعفر علي خاصخيلي کي شروع کان ئي علم ادب ۽ عام معلومات سان دلچسپي رهي. اهوئي سبب هو جو کيس ريڊيو پاڪستان جي ڪوئز پروگرامن ۾ حصي وٺڻ جو شوق جاڳيو جيڪو آخر تائين رهيس. هو هڪ ئي وقت مختلف ريڊيو اسٽيشنن تان نشر ٿيندڙ مختلف معلوماتي پروگرامن ۾ ڏنل سوالن جا جواب مختلف ڪتابن مان ڳولي خط لکي پروگرامن ۾ حصو وٺندو هو. انهن پروگرامن ۾ لوچين سي لهن، سوچ ۽ لوچ، پڇن سي پسن، پڙهو ۽ پرايو، لطيف ڪوئز، سچل ڪوئز ۽ ٻيا پروگرام شامل آهن، هن انهن پروگرامن ۾ ڪيترائي ڀيرا انفرادي طور تي ڪامياب ٿي سڄي سنڌ ۾ مشهوري ماڻي ۽ ڪيترائي انعام حاصل ڪيا. هن معلوماتي پروگرامن جي ٻڌندڙن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ ليول تي هڪ انجمن ٺاهي ان سلسلي ۾ هن پهريائين "انجمن لوچين سي لهن" ۽ "انجمن سوچ ۽ لوچ" جو بنياد وڌو ۽ پوءِ 20 آڪٽوبر 1989ع تي ڳوٺ احمد خان مري ۾ "ڪل سنڌ ريڊيو لسنرز ڪانفرنس" ڪوٺائي. سيني دوستن جي مشوري سان ٻنهي انجمنن کي گڏي هڪ انجمن قائم ڪئي جنهن جو نالو "مهراڻ معلوماتي انجمن سنڌ" رکيائين. کيس متفق راءِ سان ان انجمن جو صدر چونڊيو ويو، جيڪو آخر تائين رهيو.

جعفر علي کي ادب سان پڻ چاهه رهيو. هن "ناچيز" جي تخلص سان شاعري ۾ به طبع آزمائي ڪئي ته نثر ۾ پڻ ڇهه ڪتاب لکيا، جن مان صرف هڪ ڪتاب "آواز جي دنيا جا ساٿي عرف ماٿو مينگهه ملهار" ڇپجي

سکيو. هيءُ ڪتاب سيپٽمبر 1991ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن ۾ خاصخيلي صاحب ريڊيو پاڪستان جي پروڊيوسرن، اناؤنسرن ۽ ڪمپيئرن کان سواءِ 115 مشهور ريڊيو پڌنڌڙ شوقينن جو تعارف ڏنو آهي. ڪيس ڪتابن گڏ ڪرڻ جو بہ گهڻو شوق هو اٽڪل ٽن هزارن ڪتابن تي مشتمل سندس ذاتي ڪتب خانو اڄ بہ سندس ڳوٺ ۾ موجود آهي، جنهن جي سار سنڀال سندس لائق فرزند ڪندا پيا اچن.

جعفر علي خاصخيلي هڪ کلڻو ملڻو يار ويس ماڻهو هو. پاڻ ياريءَ جو سچو، تڏي جو مڙس ماڻهو، آئي وئي کي کلي ڪيڪاريندڙ ۽ اصول پرست انسان هو. سچ پچ تہ اهڙا ماڪيءَ جهڙا مٺڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن.

جعفر علي خاصخيلي ڪجهہ وقت بيمار رهڻ کان پوءِ 3 اپريل 1997ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ انتقال ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سنسار سچو مون ڳولي ڇڏيو،
نڪي يار مليو نڪي پيار مليو،
افسوس اهو رڳو غم درد ئي رهيو،
نڪي يار مليو نڪي پيار مليو.

جلال چانڊيو

جلال خان ولد حاجي فيض محمد چانڊيو سن 1948ع ڌاري ضلعي نوشهرو فيروز جي شهر ڦل پرسان ڳوٺ هڙپال جو هٽ ۾ جنم ورتو ۽ هن وقت ڦل شهر ۾ سڪونت پذير آهي. پاڻ مشهور عوامي راڳي آهي.

جلال چانڊيو ڪتابي تعليم حاصل ڪونہ ڪري سگهيو، سندس مائٽ مال وندا ماڻهو هئا، جنهن ڪري هن ننڍي هوندي مال چاريو. شروع کان ئي کيس ڪافي ڪلام جي ڳائڻ جو شوق هوندو هو ۽ مال چاريندي پنهنجي منهن پيو جهونگاريندو هو، جڏهن ٿورو وڏو ٿيو تہ مائٽن کيس نوان جتوئي ۾ درزڪو ڪم سکڻ لاءِ ڇڏيو، جنهن کان پوءِ کيس اوچتو عشق جي چوٽ لڳي وئي ۽ هن درزڪو ڌنڌو ڇڏي ڳائڻ شروع ڪيو. راڳ جي باقاعده سکيا ميرپور ما ٿيلي جي مشهور راڳي نقير علي گل مهر کان ورتائين پهريان پاڻ پنهنجي استاد سان گڏجي ڳائيندو هو پوءِ استاد جي اجازت سان 1973ع کان هن جدا ڳائڻ شروع ڪيو. يڪتاري ۽ چپڙي تي ڳائڻ جي سندس نرالي انداز ٻڌندڙن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ان وقت سنڌ جي ڳوٺن ۾ اردو ۽ پنجابي ڳائيندڙن جي تمام گهڻي مقبوليت هئي، جلال جي انوکي انداز انهن غير سنڌي فنڪارن جي سنڌ مان پچاڻي ڪري ڇڏي. جنهن کان پوءِ مٿس شهرت، عزت ۽ دولت جي ديوي مهربان ٿي ۽ کيس سنڌ جي جهر جهنگ مان تمام گهڻي مقبوليت ملي ۽ اڄ کيس سنڌي موسيقي جو بي تاج بادشاهہ سڏيو وڃي ٿو.

جلال چانڊيو ڪي راڳ جي ڄاڻ تہ پوري پني آهي، پر سندس قسمت جو ستارو عروج تي آهي. راڳ ۾ جيتري شهرت کيس ملي، ايتري وڏن وڏن گوين کي بہ نہ ملي.

هن سنڌي موسيقي جي تاريخ ۾ انوکا رڪارڊ قائم ڪيا آهن.

جلال چانڊيو سنڌ جو اهو واحد سنڌي راڳي آهي جنهن جو ڳايل سنڌي ڪيسٽون اهي ماڻهو بہ ٻڌن ٿا جيڪي سنڌي ٻولي پوري طرح سمجهن ئي ڪونہ ٿا. پاڪستان جي چئني صوبن کان سواءِ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ جتي جتي پاڪستاني رهن ٿا کيس ٻڌو وڃي ٿو. ويهين صدي ۾ ڪنور ڀڳت ماسٽر چندر ۽ جيوڻي ٻائي کان پوءِ جلال چانڊيو ئي سنڌ ۾ واحد عوامي فنڪار پيدا ٿيو آهي جنهن ڀهراڙي توڙي شهرن ۾ سنڌي راڳ کي بيهر اوج ڏيارو. پاڻ پاڪستان جو پهريون فنڪار آهي جنهن جي زندگيءَ ۾ ئي سندس حياتي تي فلم "جلال چانڊيو" ٺهي. ان فلم ۾ هن پنهنجو رول پاڻ ادا ڪيو آهي ۽ انهيءَ فلم لاءِ کيس ايوارڊ بہ مليل آهي. اڄ جا ڪيترائي فنڪار پنهنجا اصل نالا مٽائي سندس نالي پٺيان پاڻ کي ننڍو جلال، آخري جلال، گرم جلال، سهڻو جلال، وغيره سڏرائي سندس آواز جو نقل ڪري، سندس ڳايل ڪافيون ڪلام ڳائي پيٽ گذر ڪري رهيا آهن.

جلال چانڊيو واحد سنڌي فنڪار آهي جنهن جي آواز ۾ 10 هزار کان وڌيڪ آڊيو ڪيسٽون رليز ٿي چڪيون آهن. ڪجهہ ڪيسٽ ڪمپنيون تہ الله جي آسري تي پر جلال جي آسري تي هلي رهيون آهن. ڇاڪاڻ جو جلال جي هر ڪيسٽ هٿوهٿ کپي ويندي آهي. کيس جيڪڏهن ڪنهن شادي وغيره جي تقريب ۾ راڳ ڳائڻ لاءِ ڪو گهرائيندو آهي تہ ان لاءِ شادي جي تاريخ اڳواٽ جلال کان مقرر ڪرائڻي پوندي آهي. ڇو جو هو مهينن جا مهينا اڳواٽ محفلن لاءِ بڪ ٿيل هوندو آهي ۽ پوءِ جڏهن پاڻ ان شادي مرادي جي تقريب ۾ ڳائڻ لاءِ پهچندو آهي تہ جلال جو ٻڌي ٻيڻا ٽيڻا غير دعوتي ماڻهو اچو نڪرن ۽ ميزبان لاءِ ماني کارائڻ ۽ هنڌ ڪٽولا ڏيڻ مشڪل ٿيو پوي. ڪنهن ميلي ملاکڙي ۾ کلي طرح گهمڻ ڦرڻ بہ جلال لاءِ مسئلو بڻجو وڃي. ڇو جو اهڙن موقعن تي سندس پرستار کيس گهيري ويندا آهن ۽ ڪو ڪيڏانهن ڇڪيندو اٿس تہ ڪو ڪيڏانهن. ڪيئي ڀيرا اهڙي ڇڪ تاڻ ۾ سندس ڪپڙا بہ ڦاٽي پيا ۽ رانيوڙن لڳڻ سبب سندس بدن مان رت وهڻ لڳو.

جلال چانڊيي جو حافظو بہ تمام سنو آهي، اڻ پڙهيل هوندي کيس نون پراڻن سوين شاعرن جا هزارين ڪلام، ڪافيون، گيت، غزل، وايون، بيت، ڏوهيڙا وغيره ياد آهن. اڄ جا اڪثر راڳي ڳائڻ مهل پنهنجي سامهون شاعريءَ جو ڪو ڪتاب يا ڪاپي کولي ويهندا آهن، پر جلال جڏهن ڳائيندو آهي تہ دل جو دفتر کولي ويهندو آهي، جنهن مان پريت جا پنا پڙهندو هڪ ٻئي پويان

ڪلامن ۽ ڏوهيڙن جي برسات وسائيندو وڃي پار پوندو آهي. سندس ڳائڻ ۽ يڪتاري ڇيڙڻ وڄائڻ جو انداز به اهڙو من موهيندڙ آهي جو موسيقي سان دلچسپي نه رکندڙ شخص به اگر ڪيس روبرو ڳائيندي ڏسندو آهي ته ان جي دل جي به ڪيفيت اهڙي ٿيو وڃي جو سندس جسم جا وار ئي ڪانڊارجو وڃن، سندس آواز لچڪدار، وڻندڙ ۽ گهٽيو آهي. سندس آواز جو جادو گذريل اٽڪل ٽيهن سالن کان ساڳئي طرح قائم دائم آهي.

قداور جسم، بت ۾ پريل، ويڪري ۽ سهڻي ڇهري تي ڪارانيور ٿلها ۽ وڏا شهپر، مٿي تي هيرن سان جڙيل سنڌي ٽوپي، ڳچيءَ ۾ وڏي پٽلي سان سوني زنجير، ٻانهن ۾ راڊو گهڙي پاتل ۽ سنڌي پوشاڪ ۾ ملبوس جلال چانڊيو جڏهن هڪ هٿ ۾ سنڌ جو قديم ساز يڪتارو ۽ ٻئي هٿ ۾ چپڙيون کڻي اسٽيج تي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳائڻ شروع ڪندو آهي ته ماڻهن سان گڏ پکي پکڻ وڻ ٽڻ جهومندي محسوس ٿيندا آهن ۽ مٿس پئسن جي برسات وسڻ لڳندي آهي. هو ٺيٺ سنڌي موسيقي جو راڳي آهي.

جلال چانڊيو جي پيرن فقيرن سان به وڏي عقيدت مندي آهي، شاهپور جهانيا جي مهدي شاهه کي پنهنجو مرشد ڪيائين. ان ڪان سواءِ پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو درگاهه نور شاهه سميت شاهه لطيف، قلندر شهباز، سچل سرمست، ڄام ڏاتار ۽ ٻين بزرگن جي درگاهن تي حاضر ٿي وڏي چاهه سان ڳائيندو آهي.

پاڻ نهايت يار ويس، مهمان نواز خوش مزاج ۽ نهڪي ڦهڪي وارو جوان آهي. ڀلا گهوڙا ۽ مينهون ڌارڻ سندس محبوب مشغلو آهي.

جلال چانڊيو کي سندس فني خدمتن جي عيوض ڪيترائي انعام اعزاز پڻ مليا آهن، جن ۾ سنڌ سرڪار کان 1999ع ۾ مليل "لطيف ايوارڊ" به شامل آهي. عوام طرفان به سندس ڪافي قدرداني ٿي آهي.

لاڙڪاڻي جي گوپانگ برادري طرفان ڪيس سونو تاج پارايو ويو، ڪيترائي پيرا دوبئي، مسقط ۽ هانگ ڪانگ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن ڪيس خاص طرح سان اتي گهرائي، ساڻس محفلون مچائي ڪيس وڏن انعامن اڪرامن سان نوازيو آهي. اڄڪلهه پاڻ گڙدن جي تڪليف سبب مسلسل بيمار رهي ٿو، دعا آهي ته خدا شال ڪيس جلدي صحت ياب ڪري.

جمال ابڙو

جمال الدين ولد علي خان ابڙو 2 مئي 1924ع تي ڳوٺ سانگين تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ويهين صدي جي وڏن سنڌي ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي.

جمال ابڙو مشهور اديب، عالم ۽ تعليمي ماهر جناب علي خان ابڙي جو فرزند آهي. جيڪو پوءِ دادو ضلعي مان لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ سڪونت پزير ٿيو.

جمال ابڙي ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ جهونا ڳڙهه مان حاصل ڪئي ۽ ايل ايل بي 1948ع ۾ ايس ايم لا ڪاليج مان پاس ڪري لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي. بعد ۾ هو ڪيترن ئي سرڪاري اهم عهدن تي رهيو. 1949ع ۾ هو شهدادڪوٽ ۾ پوليس پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. 1952ع ۾ ڪپهري ۾ سب جج مقرر ٿيو، جنهن ڪان پوءِ ساڳئي حيثيت ۾ سکر، شڪارپور، خيرپور ميرس، سجاول، ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد ۾ پنهنجون خدمتون انجام ڏنائين، بعد ۾ ڪيس سيشن جج جي عهدي تي ترقي ڏني ويئي. پاڻ 1972ع کان 1978ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري 1978ع کان 1980ع تائين ليبرڪورٽ جو جج 1981ع کان 1982ع تائين، فيڊرل سروسز ٽربيونل اسلام آباد جو ميمبر، 1984ع کان 1985ع تائين پيهر سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري ۽ 1985ع ۾ اينٽي ڪرپشن ڪميٽيءَ جو چيئرمن ٿي رهيو. جتان 10 اپريل 1986ع تي رٽائر ڪيائين.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ جديد سنڌي افسانې کي جن اديبن جنم ڏنو، انهن ۾ جمال ابڙي صاحب جو نالو سر فهرست آهي، سندس افسانا سنڌي ادب ۾ نمايان حيثيت رکن ٿا. هن معاشري جي سادن موضوعن ۽ نظرانداز ٿيل ڪردارن کي جنهن فني ڪمال سان پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي، ان مان سندس قلم ۽ تخليقي ذهن جي طاقت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس لکيل ڪهاڻيون "پيراڻي"، "پشوپاشا" ۽ "شاهه جو ڦر" جديد سنڌي ادب جي سر جو تاج آهن. هن سماج جي تلخ حقيقتن مان اهڙا موضوع ڪڍي ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ زندگيءَ جا اگرا ۽ ڪڙا روپ آهن "پشو پاشا" ۽ "بدمعاش" سندس لکيل ڪهاڻين جا مجموعا آهن. ان کان علاوه هن پنهنجي آتم ڪٿا پڻ لکي آهي.

جمال الدين بخاري، ڪامريڊ

ڪامريڊ سيد جمال الدين بخاري مارچ 1900ع ۾ ڀارت جي شهر احمد آباد ۾ جنم ورتو. پاڻ عالمي شهرت رکندڙ انقلابي اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

سيد جمال الدين بخاري جي گهراڻي جو تعلق اُچ شريف جي بخاري سيدن سان هو، پر پوءِ زماني جي گردشن ۾ اچي سندس وڏڙن گجرات (ڀارت) جو رخ رکيو، جتي احمد آباد جي "سنڌي واڙي" پاڙي ۾ گهرڙا اڏي پنهنجي گذر سفر ۾ جنبي ويا. شاهه صاحب ابتدائي تعليم احمد آباد جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي ۽ اعليٰ تعليم علي ڳڙهه ۾ حاصل ڪئي، جتان 1920ع ۾ بي اي پاس ڪري وطن موٽيو.

روس ۾ سرخ انقلاب پنهنجي سازو سامان ڏاڍي ۽ هٿوڙي سميت

آڪٽوبر 1917ع ڌاري اچي سهڙيو هو، جنهن جو ٿرٿلو ديس پرديس ٿي ويو. جنهن سبب ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي سوچ ۾ پڻ خاصي اٿل پٿل آئي. ڪيترن ئي جذباتي ۽ جوشيلن جوانن انقلابي نعري کي اڪيون بوٽي پنهنجو ايمان بڻايو. ڪامريڊ بخاري به انهن عاشقن مان هڪ هو، ڪامريڊ ٿيڻ بعد تصديق ڪرڻ لاءِ ان پار جي زيارت جو قصد ڪيائين، جيڪو سرخ سيلاب ۾ سيراب ٿي چڪو هو، ان ارادي خاطر احمد آباد جا وڻ ڇڏي اچي صوبي سرحد ۾ وارد ٿيو. جتاب بلخ، بخارا جي سفر تي اسهيو.

اٺ ڏهه مهينا سمر قند ۽ تاشقند جا تيرٿ تڪيا پيئڻ بعد واپس وطن ورڻ جي ڪيئائين. سرحد پار ڪندي پڪڙجي پيو، ۽ سوا به سال سرڪاري مهمان رهيو. هيءَ سندس پهرين جيل ياترا هئي.

سنڌ ۾ مزدور ۽ هاري تحريڪ جو آغاز 1930ع ڌاري "هاري ڪميٽي" جي قيام سان ٿيو، ليڪن ترت ئي اها پارٽي ڇڙوڇڙ ٿي وري "مزدور ڪسان" جي نئين جامي ۾ پيهر نروار ٿي.

هندستان جي مرڪزي ڪميونسٽ هيڊ ڪوارٽر طرفان سنڌ جي پارٽيءَ جي نئين سر تنظيم لاءِ 1941ع ۾ ڪامريڊ جمال الدين بخاري کي ڪراچي روانو ڪيو ويو. سندس اڳواڻي ۾ ڪميونسٽ پارٽي سنڌ اندر مزدورن ۽ پورهيتن ۾ خاصي مقبوليت حاصل ڪئي. ٽريڊ يونين جو دائرو سرڪاري نوڪرين واري عملي تائين وسيع ڪيو ويو. 1943ع ۾ ڪامريڊ بخاريءَ جو مزدورن جي ساليانِي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ احمد آباد وڃڻ ٿيو، جتي مارچ مهيني ۾ سندس شادي ڪامريڊ شانتيءَ سان ٿي. ڪامريڊ شانتيءَ جي ڪراچي ۾ اچڻ کان پوءِ پورهيت عورتن جي تنظيم کي پڻ هٿي ملي، ملڪي ورهاڱي وقت مزدورن جي هڙتال ۽ مطالبن لاءِ وڳوڙ کي انتظامي راهه ۾ رڪاوٽ ڄاڻي سنڌ حڪومت ڪميونسٽ پارٽي خلاف سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. ڪامريڊ بخاريءَ کي سندس ڪجهه ساٿين سميت جيل اماڻيو ويو. پارٽيءَ جي ڪاروائين تي مڪمل بندش وجهي سندس مرڪزي آفيس ۽ ٻيا دفتر سيل مهر ڪيا ويا. ٻن سالن جي لڳاتار سزا ڪاٽڻ کان پوءِ قاضي فضل الله جي سفارش ۽ ضمانت تي بخاريءَ کي ڪراچي قيد کان آزاد ڪري لاڙڪاڻي اماڻيو ويو. باقي زندگي لاڙڪاڻي ۾ لاچار ۽ بيوسي واري حالت ۾ گذاريائين.

ڪامريڊ بخاري عالمي شهرت رکندڙ انقلابي اڳواڻ هو. جنهن پنهنجي سموري جوانيءَ جو سرمايو سماجي جدوجهد ۾ سيڙايو، سندس مول مقصد شاهوڪار شاهيءَ جو خاتمو ۽ ان طبقي جي ماڻهن خلاف بغاوت هئي، جن مزدور ۽ پورهيت عوام جي قسمت سان راند ٿي ڪيڏي. ان راهه ۾ پاڻ پتوڙيندي ڪيس ڪافي قربانيون ڏيڻيون پيون. 1920ع کان 1948ع واري درمياني عرصي ۾ ارڙهن سال جيل جون سزائون ڪاٽيائين، سنڌ سان سندس الفت ۽ والهانه

محبت جو اهو حال هو جو هڪ ڀيري پنهنجي تقرير ۾ چيائين ته "آءٌ جڏهن سنڌ کان ٻاهر ڪٿي به هوندو آهيان ته، ائين سمجهندو آهيان ته جڻ وطن کان جلاوطن ڪيو ويو آهيان."

ڪامريڊ جمال الدين بخاري 17 ڊسمبر 1984ع تي انتقال ڪري ويو، ڪيس ٻئي ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ دفن ڪيو ويو.

جمال الدين "مؤمن"

جمال الدين ولد هوت خان خاصخيلي 8- اپريل 1922ع تي ڳوٺ جتوئي نوان تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور تعليمي ماهر قومي ۽ سماجي ڪارڪن ۽ سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تخلص "مؤمن" هو.

جمال الدين فائينل تائين تعليم جتوئي نوان اسڪول مان ورتي. 1948ع کان پرائمري ماستر طور درس تدريس جو پيشو به اختيار ڪيائين ته پرائيويٽ طور تعليم حاصل ڪرڻ جو سلسلو به جاري رکيائين 1954ع ۾ اديب سنڌي، 1961ع ۾ اردو فائينل ۽ بي- اي، 1965ع ۾ ايم- اي، 1969ع ۾ بي- ايڊ ۽ 1971ع ۾ ايم- ايڊ پاس ڪيائين پاڻ 1961ع کان سيڪنڊري استاد مقرر ٿيو. ڪجهه وقت سنڌي پرائمري اسڪولن جو بيٽ آفيسر به رهيو ۽ 1982ع ۾ رٽائر ٿيو.

مؤمن صاحب تعليمي خدمتن جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ مشهور هو، ان ڏس ۾ هن غالباً 1969ع ۾ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي جي سرپرستيءَ ۾ جتوئي نوان ۾ "مصطفيٰ اورينٽل ڊگري ڪاليج" برپا ڪيو، جيڪو اڄ به سندس يادگار آهي. پاڻ ان جو پرنسيپال آخري وقت تائين رهيو. هن ڪاليج مان ڪيترائي شاگرد تعليم حاصل ڪري پنهنجو مستقبل سنواري ويا. خاص ڪري اهڙا نوجوان جيڪي ٿوري تعليم حاصل ڪري لاشعوري سبب تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ جڏهن کين ان غلطيءَ جو احساس ٿيندو آهي ته، ان وقت سندن عمر ايتري ته وڏي ٿي چڪي هوندي آهي جو کين اسڪول يا ڪاليج وڃڻ ۾ شرم محسوس ٿيندو آهي ۽ ائين سندن مستقبل تباهه ٿيو وڃي. مؤمن صاحب اهڙن نوجوانن جي ڪڍ هوندو هو وٽن هلي ويندو هو. سندس داخلا ۽ امتحان فارم ڀري سليبون وغيره گهر ويني کين پهچائيندو هو ۽ سندن رهنمائي ڪري مئٽرڪ کان وٺي ايم اي تائين تعليم ڏياريندو هو، انهن مان ڪيترائي شاگرد اڄ سٺن عهدن تي فائز آهن.

جمال الدين صاحب هڪ سٺو شاعر پڻ هو. سندس شاعري گهڻو ڪري نعتيه آهي، پاڻ بزم نياز جتوئي نوان ۽ مجلس احباب جو بنيادي رڪن هو. جن پاران ڪيترين ئي مشاعرن جون محفلون منعقد ٿيون. پاڻ ڳوٺ سڌار سنگت سنڌ، سنڌ خاصخيلي تنظيم ۽ ايجوڪيشن ڪميٽي نوان جتوئي سان به لاڳاپيل

رهيو. هن هڪ اشاعتي ادارو "مؤمن پبليڪيشن جتوئي نوان" قائم ڪيو، جنهن مان اڄ تائين ڪيترائي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

جمال الدين "مؤمن" ڪيترن ئي ڪتابن جو مؤلف، مترجم ۽ مصنف هو. جن ۾ مجموعہ ادعيہ (1957ع)، حقوق الوالدين (1960ع)، املهہ مائڪ (1966ع.) پن پوڙين پاتار ۾ (1971ع)، پيرل فقير جي شاعري، صابر جو ڪلام، سخن صابر، سچڻ جا سنيها، ساهتيءَ جا سرواڻ ۽ ساهتيءَ جا استاد وغيره شامل آهن.

جمال الدين "مؤمن" 5 جولاءِ 1999ع تي وفات ڪري ويو.

جمالو خان، استاد

استاد جمالو خان پنهنجي دور جو نهايت ملوڪ راڳي ٿي گذريو آهي. پاڻ استاد احمد خان جو پٽ ۽ استاد گامڻ خان جو پائيٽيو هو. سندس ولادت سنڌ ۾ اٺويهين صديءَ جي آخر ۾ ٿي ۽ ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ سنڌي سنگيت جي افق تي آب و تاب سان چمڪندڙ ستارن ۾ سندس نالو سر فهرست اچي ٿو. پاڻ ڪجهہ وقت شڪارپور ۾ رهيو ۽ پوءِ ٽنڊي آدم ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. موسيقي جي سکيا پنهنجي والد ۽ چاچي کان حاصل ڪيائين. هن پنهنجي بزرگن جي نقش قدم تي هلندي دربد گائڪي ۾ ڪمال حاصل ڪيو. پاڻ سنڌ جي مختلف ماڳن تي ٿيندڙ موسيقي جي محفلن ۾ شامل ٿيندو رهيو، گهڻو ڪري پير بخش خان سان گڏ ڳائيندو هو.

استاد جمالو خان راڳ ميگهہ ڏاڍي شوق ۽ سوز سان ڳائيندو هو. خيالي گائڪي ۾ بہ ڪيس سٺي دسترس حاصل هئي، سندس آواز ۾ هڪ قسم جو خاص درد سمايل هو، جنهن سبب عوام ۾ ڏاڍو مقبول هئو. قريب جو مهان ڪلاڪار خانصاحب استاد منظور عليّ خان سندس لائق فرزند هو. استاد جمالو خان سن 1954ع ڌاري وفات ڪئي.

جمع خان "غريب"

جمع خان "غريب" ولد ميان ستار ڏنو پيرزادو 15 جنوري 1885ع تي ڳوٺ مريد خان لاکير تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر، صحافي ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

جمع خان "غريب" سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ استاد جي حيثيت سان پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي 1940ع ۾ پينشن تي لٿو. کيس ننڍي هوندي کان ئي مطالعي جو شوق هوندو هو، فارسي، عربي ۽ سنڌيءَ جا ڪيترائي ادبي ڪتاب سندس مطالعي جي نظر مان گذريا، قاضي عبدالوهاب شڪارپوريءَ کان طب جي تعليم ورتائين ۽ انهيءَ پيشي ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي.

جمع خان "غريب" بهترين شاعر هو، مرحوم بلبل جي صحبت ۽ علمي تربيت سان شاعريءَ جي فن ڏانهن متوجهه ٿيو. سندس شعر جي اصلاح مرحوم محمد صديق "مسافر" ۽ محمد هاشم "مخلص" به ڪئي. سندس شعر ۾ سوز ۽ سلاست موجود آهي. مشاعرن ۾ هميشه سندس انفرادي طرز جو ڪلام ٻڌڻ ۾ ايندو هو. هن قادر اڪلام شاعر جو پهريون مجموعو ڪلام "گل نوبهار" 1933ع ۾ ڇپيو، جيڪو افاديت جي ڪري هاءِ اسڪولن لاءِ ڪورس طور منظور ڪيو ويو. سندس ڪلام جو ٻيو مجموعو "رسومات تباهي" 1948ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

جمع خان کي نثر نويسي تي به چڱو خاصو عبور حاصل هو، پاڻ رسالي "اديب سنڌ" جو ايڊيٽر، "مسلمان" جو مدير معاون ۽ رسالي "طالب المولىٰ" سيتا روڊ جو ايڊيٽر تي رهيو. نوڪري تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سندس باقي زندگيءَ جو عرصو ادب ۽ حڪمت جي بي پناهه خدمت ڪندي گذريو. قطع تاريخ جي فن ۾ جمع خان جو پايو بلند آهي. هزارين تاريخي مادا ڪڍيائين هن پنهنجي جيئري پنهنجي وفات جو سن "بابقا جان غريب" جي لفظن مان 1372 هجري ڪڍيو جيڪو سچو ثابت ٿيو.

جمع خان "غريب" جمعيت الشعراء سنڌ ۽ مجلس علم وادب هالا جو سرگرم رڪن طور ڪم ڪندو رهيو. سنڌ جي سيني مشاعرن ۽ ادبي مجلسن ۾ سندس شرڪت لازمي سمجهي ويندي هئي. هيءَ اعلىٰ شاعر 7 آگسٽ 1953ع تي گذاري ويو.

نموني طور سندس هڪ غزل جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

خار گل کائن تا گلشن ۾ تنهنجي رخسار تي
بلبلا شيدا اٿيا تنهنجي حسن جي گلزار تي،
ٿيو فدا عالم سچو تنهنجي الف قد تي اي دوست،
حسن تي سيرت تي ۽ سينگار تي جنسار تي.

جهان خان کوسو، "مسڪين"

مسڪين جهان خان ولد بجار خان کوسو 9 جولاءِ 1909ع تي ننگر پارڪر جي ڳوٺ سامي ويري ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو مشهور سماجي ڪارڪن، خدائي خدمتگار ۽ ٿر جي عوام جو هڏ ڏوکي انسان ٿي گذريو آهي.

مسڪين جهان خان کوسي کي پوليس ۾ ملازمت هئي، جنهن کي 1937ع ۾ ترڪ ڪري پاڻ کي غريبن جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. پاڻ جڻ ٿرپار ڪر جي گشتي تاريخ هو.جنهن پنهنجي پيٽ تي پٿر ٻڌي، پنهنجي سڄي حياتي ٿر جي غريب ۽ ابوجهه ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاري. هو اخبارن

جي دفترن ۾ ذاتي طور وجي اخبارن وارن کي ٿر جي مسئلن کان آگاهہ ڪندو رهندو هو، جڏهن ٿر ۾ ڏڪر پوندو هو تہ مسڪين ٿرين کي ڏني اچي آفيسرن سان ملائيندو هو ۽ انهن لاءِ امداد وٺندو هو. دوائون، ڪپڙو ۽ اناج هٿ ڪري حقدارن تائين پهچائيندو هو. ان کانسواءِ هو ٿر جي مسڪين اڻ پڙهيل ابوجهن ماڻهن جن ۾ مسلمانن کان سواءِ ڀيل، ڪولهي ۽ مينگهواڙ قومن جا ماڻهو شامل هئا، انهن جا مختلف مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ هر هنڌ حاضر رهندو هو، ڪورٽ هجي، ٿاڻو هجي، آفيس هجي يا زميندار اوطاق هجي، هو هر جاءِ غريب ٿرين جي حقن لاءِ ويندو هو ۽ ڪم ڪرائڻ کان سواءِ اتان اٿندو ئي نہ هو.

مسڪين جهان خان کوسي جي شخصيت تي روبينيو ڪاتي جي هڪ مختيارڪار محمد بخش مجنون بلوچ مرحوم هڪ ڪتاب لکي سندس سوانح حيات کي اجاگر ڪيو آهي، اهو ڪتاب مسڪين جي حياتي ۾ ئي ڇپيو هو، جيڪو سنڌي ادب ۾ سوانح عمري جي صنف ۾ اهم حيثيت رکي ٿو.

ڪتاب "مسڪين جهان خان کوسو" جو ليکڪ مجنون مرحوم پنهنجي ڪتاب ۾ مسڪين جي ذاتي شخصيت جو نقشو چٽيندي هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "ڪرڙو، قد درميانو، جسم جو جانٺو، موڪري مانيٽي منهن تي، سفيد سهڻي ڇاپونئي سونهاري اچي جهڙي پوهہ، مٿو اڪثر اگهاڙو، ڪڏهن ڪڏهن سياري ۾ ملن واري برقي ٽائپ ٽوپي يا اونهاري ۾ ڪجهيءَ واري مولانا يا شاني ٽوپي، مليشيا جا ڪپڙا، سي بہ ميل ۾ ڪچ هڪ دفعو پاڻ کان پوءِ سج ڪٽي يا بج ڪٽي، پاٿيهي ڳري سڙي پنهنجي جان ڇڏائن تہ واهہ نہ تہ پيو ٿيو خيرَ، ساڃي ڪلهي تي پنارڪ ڪتابن ۽ اخبارن جي، ڪابي ڪڇ ۾ بہ ٽي سير اخبارن جو پلندو، هٿ ۾ مس ڪپڙي ڪڙيون پيجي سپاٽاٽي وبل سليپرن سان ڪرٽ ڪرٽ ڪندو، مٽيءَ جي اڻ مٽي ڪہ اڏائيندو، ٿرين جا ولرن جا ولر پويان لايو ڪنهن آفيس ڏانهن واڪيندي ڪو ماڻهو ڏسو تہ پڪ سمجهو اهو مسڪين جهان خان کوسو آهي."

مسڪين جهان خان مهينن جا مهينا مسڪينن جي مدد لاءِ گهر کان ٻاهر رهندو هو. پوءِ پل نہ بچا پيا سندس صورت لاءِ ترسن. سندس گهر موٽڻ جو سبب مٽ مائٽ جو موت يا زوريءَ غريبن جي گهيري مان ڪنيي ڪٽي اچڻ هوندو هو، ور نہ پاڻمرادو موٽڻ مشڪل هوس، وٽس سماجڪ سڌار جذبو پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. پڇاڙي ۾ هڪ ڊگهي بيماريءَ ۾ مبتلا تي پيو، جنهن ڪري 23 جولاءِ 1980ع تي ڄامشوري اسپتال ۾ وفات ڪيائين.ڪيس زندگيءَ ۾ تہ سک نصيب ڪونہ ٿيو، پر مرڻ وقت بہ سندس ڪو اوهي واهي نہ ٿيو. اها ڪيڏي نہ قومي بي حسي آهي جو برابر بہ ڏينهن سندس لاش اسپتال جي سرد خاني ۾ پيو رهيو، آخر ڊاڪٽرن جي ذاتي ڪوشش سان سندس لاش ٿرپارڪر جي انتظاميہ تائين پهچايو ويو ۽ 25 جولاءِ تي ننگر پارڪر جي پرسان ديسين جي

قبرستان ۾ گوڙ درونديءَ جي ڪاڇي ڪناري ۽ ڪارونجهر جبل جي هنج ۾ دفن ڪيو ويو.

مرحوم مسڪين جهان خان کوسي جي شاندار سماجي خدمتن جو پنهنجن تہ قدر ڪونہ ڪيو، البتہ آمريڪن بائيو گرافيڪل انسٽيٽيوٽ 1996ع ۾ عالمي ايوارڊ "گولڊ ريڪارڊ آف اچيومينٽ" لاءِ کيس حقدار قرار ڏنو.

جي - الانا، خواجہ

جي الانا جو پورو نالو غلام علي ولد الهڏنو خواجہ هو، سندس ولادت 22 آگسٽ 1906ع تي ڪراچي ۾ ٿي. هن اتي ئي تعليم حاصل ڪئي، جواني ۾ ئي سياست ۾ گهڙيو پوءِ پاڪستان تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين، پاڻ ويهن سالن تائين ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر رهيو. 1948ع ۾ ميئر چونڊيو ويو، ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جو ڇهن سالن تائين صدر رهيو، پاڪستان جي واپار ۽ صنعت وارن ايوانن جي فيڊريشن جو 1948ع کان 1956ع تائين باني صدر بہ هو. 1949ع ۾ انٽرنيشنل اسلامڪ چيمبر آف ڪامرس جو صدر بڻيو. 1956ع کان 1958ع تائين اولهہ پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر بہ رهيو. هڪ سو کان وڌيڪ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي. 1962ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ پاڪستاني وفد جو اڳواڻ رهيو. هن انساني حقن بابت گڏيل قومن جي ڪميشن ۾ پاڪستان جي نمائندگي بہ ڪئي.

الانا صاحب انگريزي ۾ هڪ شاعر ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ بہ عالمي شهرت حاصل ڪئي. هو لنڊن جي رائل سوسائيٽي آف آرٽس جو ميمبر ۽ يونائيٽيڊ پوئيٽ لاريٽ انٽرنيشنل جو نائب صدر بہ ٿي رهيو. سندس انگريزي شاعري جا ترجما اردو، بنگالي، سنڌي، گجراتي ۽ ڪجهہ يورپي ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. 1976ع ۾ منيلا ۾ يونائيٽيڊ لاريٽ ايسوسيئيشن کيس انساني حقن لاءِ "انٽرنيشنل پوئيٽ لاريٽ" (ملڪ الشعراء عالم) جو لقب ڏنو هو. پاڻ پنهنجي عمر جي پوئين حصي ۾ سنڌي شعر چوڻ بہ شروع ڪيائين. سندس ڪلام بيت ۽ ڪافي تي مشتمل آهي. تخلص "عاجز" هئس سندس سنڌي ڪلام جو مجموعو "ڪي پڙاڏا ڪي سڏ" جي نالي سان عنايت بلوچ ترتيب ڏنو آهي. ٻيا بہ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل ۽ ڇپيل آهن.

الانا صاحب پنهنجي سياسي ۽ ادبي وابستگين سان گڏوگڏ برک بينڪر ۽ واپاري پڻ هو. پاڻ اسٽينڊر بينڪ لميٽيڊ جو چيئرمن، اسٽيٽ بينڪ جو ڊائريڪٽر، پاڪستان ۾ هاليڊي، اِن هوٽل جو صدر ۽ ايڪسان ڪيميڪلز لميٽيڊ (پاڪستان) جو ڊائريڪٽر بہ ٿي رهيو.

جي- الانا 8 مارچ 1985ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو. سندس

سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عشق جو پيالو پيار اويار عشق جو پيالو پيار اويار،
ماندي مان محبوب مران ٿي، اڄ ازل جي اتار او يار،
عشق جو پيالو پيار او يار،
تو لئي واٽون ٿي واجهايان منهنجي اڱڻ ڪي اجار او يار،
عشق جو پيالو پيار او يار.

جي ايم سيد

جي ايم سيد ويهين صدي جو تمام وڏو اهم ڪردار آهي. سندس ذڪر کان سواءِ هن دور جي تاريخ جو ڪو به باب مڪمل ٿي نه سگهندو. شاهه صاحب هڪ تاريخ ساز ماڻهو هو، اهڙا ماڻهو نه رڳو سنڌ پر دنيا ۾ صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. سندس گهڻ رخي شخصيت هر لحاظ کان عظيم هئي. هن جي جيڪا سياسي سوچ يا نظريو آهي اهو سنڌ کي صدين کان پوءِ مليو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته هو هڪڙو سياسي رهنما نه هو پر هڪڙو وڏو مفڪر هو، هڪڙو ذهني رهنما هو جنهن سنڌ جي ماڻهن جي ذهني رهنمائي ڪئي.

جناب غلام مرتضيٰ شاهه جنهن کي سندس انگريزي طرز جي نالي جي ايم سيد سڏيو وڃي ٿو، سو تاريخ 17 جنوري 1904ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "سن" ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. سندس ولادت کان پوءِ سگهوئي پهرين نومبر 1905ع تي سندس والد ماجد سيد محمد شاهه کي خانداني دشمنيءَ سبب شهيد ڪيو ويو ۽ هڪ سال کان پوءِ 29 نومبر 1906ع تي سندس وڏو ڀاءُ سيد احمد شاهه به وفات ڪري ويو. اهڙي طرح گويا ٽن سالن جي عمر ۾ سڄي گهر جو بارهن اڪيلي معصوم تي پيو.

جي ايم سيد ابتدائي تعليم، سنڌي ڇهه درجا ماستر ڏرمداس، ماستر ريواچند ۽ ماستر وسٽمل وٽ پڙهيو، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مولوي محمد هاشم سنائي، مولوي محمد صالح سيال ۽ مولوي الله بخش دادو واري کان حاصل ڪيائين قرآن شريف ناظره آخوند ميان سمن ولد آخوند محبوب ميمڻ وٽ پڙهيو ۽ انگريزي تعليم استاد حامد علي هالائي کان حاصل ڪيائين.

سائين جي ايم سيد سياسي ميدان ۾ 16 سالن جي عمر ۾ قدم رکيو. هن سڀ کان پهرين جنهن وڏي سياسي ميڙ ۾ شرڪت ڪئي، اهو لاڙڪاڻي واري خلافت ڪانفرنس جو ميڙ هو. هيءَ ڪانفرنس 8،7 ۽ 9 فيبروري 1920ع تي لاڙڪاڻي ۾ سڏائي وئي هئي، جنهن ۾ برصغير جي چوٽي جي ليڊرن شرڪت ڪئي هئي. شاهه صاحب حڪيم معين الدين ڪنيارين واري سان گڏ جي

هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. پاڻ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "انهي ڪانفرنس مونکي سياسي رنگ ۾ اهڙو رچي ڇڏيو، جو اڃا تائين اهو اثر جهڪو نه ٿيو آهي." ان ڪانفرنس کان پوءِ سکهوڻي جي ايم سيد 17 مارچ 1920ع تي پنهنجي ڳوٺ سن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي صدارت هيٺ هڪ وڏي خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ سنڌ جا جليل القدر اڳواڻ شامل ٿيا. اهڙي طرح هي جوشيلو نوجوان ڪافي عرصي تائين ديوانن وانگر خلافت جو پروانو بڻيو رهيو. اپريل 1921ع ۾ مهاتما گانڌي تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ جڏهن سنڌ جو دورو ڪيو، ان دوران حيدرآباد کان دادو وڃي رهيو هو ته، سائين جي ايم سيد سن اسٽيشن تي وڃي ساڻس پهريون ڀيرو ملاقات ڪئي.

شاهه صاحب مٽياري (متعلوي) سيدن ما هو 16، 17 ۽ 18 مارچ 1924ع تي هن مٽياري سيدن جي ڪانفرنس سڏائي "انجمن سادات مٽياري" جو بنياد وڌو، جنهن جو مقصد هو مٽياري سيدن جي معاشرتي، اقتصادي ۽ تعليمي حالتن کي بهتر بنائڻ.

شاهه صاحب 1925ع ۾ تعلقي لوڪلبورڊ مانجهند جو ميمبر، پوءِ پريزيڊنٽ ۽ اڳتي هلي 1929ع ۾ ضلعي لوڪبورڊ ڪراچيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ پوءِ راءِ بهادر شيوارام جي جاءِ تي، ان جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ان عرصي دوران شاهه صاحب ڪيترائي عام ڀلائي جا ڪم ڪيا. جهڙوڪ غريب شاگردن ۾ تعليم عام ڪرڻ، رستا ٺهرائڻ، اسپتالون قائم ڪرائڻ، سن ۾ اسٽيسن تائين پڪو رستو، زنانه ۽ مردانه انگريزي اسڪول، ڪراچي کان ڪوٽڙيءَ تائين ۽ ڪراچي کان منگهي پير تائين پڪا رستا ۽ ضلعي لوڪبلورڊ ڪراچي جي عمارت ٺهرائڻ وغيره. ان وقت ڪراچي جو ڪليڪٽر ۽ پوءِ سنڌ جو ڪمشنر مسٽر گبسن شاهه صاحب جو سخت مخالف هو، پر سائين ان جو ڀرپور مقابلو ڪيو جيڪا معمولي ڳالهه نه هئي، ڇو جو انگريز سرڪار جو ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر وڏي طاقت رکندا هئا. آخر ڪمشنر دادو کي ڪراچي کان ڌار ڪري جدا ضلعو ٺاهي جي ايم سيد مان پنهنجي جان ڇڏائي.

شاهه صاحب پاڻ هڪ وڏو زميندار هئڻ جي باوجود هميشه هارين جو طرفدار رهيو. هن انهن جي حقن جي بحالي لاءِ پنهنجن دوستن سان گڏجي 1930ع ۾ ميرپور خاص ۾ "هاري ڪميٽي" جو بنياد رکيو. ساڳي سال انڊين نيشنل ڪانگريس جو نئون دور شروع ٿيو، جنهن ملڪ جي مڪمل آزاديءَ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ ان لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني. پاڻ يڪدم ان هلچل ۾ شامل ٿي ويو ۽ ڪانگريس جي سموري پروگرام ۾ پرجوش حصو وٺڻ لڳو. ان زماني ۾ پاڻ کاڌيءَ جا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيائين ۽ سن ۾ کاڌي اٽڻ جو ڪارخانو کوليائين، سنڌ ۾ شراب تي بندش پوڻ لاءِ ٻين ڪانگريسي اڳواڻن سان گڏجي سرگرم عمل رهيو. جڏهن سنڌ جي بمبئي کان آزاد ٿيڻ جو سوال اٿيو ته

ڪانگريس ان مسئلي تي ڪن لاتار اختيار ڪئي، ڇو جو سنڌ ڪانگريس تي هندن جي ملازمت پيشہ، تاجر ۽ سرمايہ دار طبقي جو اثر زياده هو، جن نٿي چاهيو تہ سنڌ بمبئي کان جدا ڪئي وڃي، ڇو تہ انهيءَ سان عملي طرح سنڌ ۾ سندن اقتدار کي ضرب ٿي رسي، شاهہ صاحب جيئن تہ سچو محب وطن هو، ان ڪري هن لاءِ پنهنجي وطن جي آزادي هر حالت ۾ ٻين سوالن کان مقدم هئي، ان ڪري هو انهيءَ تحريڪ جو پرجوش حامي ٿي رهيو ۽ انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي ڪانگريسي دوستن جي رنجيدگيءَ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪيائين، جڏهن سندس ڪوششون ڪامياب ٿيون ۽ سنڌ بمبئي کان آزاد ٿي تہ شاهہ صاحب ڪوشش ڪئي تہ، هندو ۽ مسلمان گڏجي سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪوششون ڪن. ان ڪري سندس جدوجهد سان هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل جماعت "اتحاد پارٽي" قائم ٿي.

شاهہ صاحب 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو. ان وقت سنڌ اسيمبلي ۾ مسلم ليگ پارٽيءَ جو ڪو وجود ڪو نہ هو. آخر 4 سيپٽمبر 1938ع تي "مسلم ليگ پارليامينٽري بورڊ صوبہ سنڌ" جو بنياد پيو. هندن جي مفاد پرست طبقي جي تنگدليءَ ۽ مسلمانن لاءِ سندن غير مناسب طرز عمل نيٺ سيد صاحب کي ڪانگريس کان نااميد ڪري مسلم ليگ ۾ آندو ۽ پاڻ پارليامينٽ اندر توڙي پارليامينٽ کان ٻاهر مسلم ليگ لاءِ گرم جوشيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو ۽ کيس 1940ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي مجلس عاملہ جو رڪن بڻايو ويو.

قائداعظم کيس مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جو ڪم سونپيو، هن مسلم ليگ آرگنائيزنگ ڪميٽي جي چيئرمين جي حيثيت سان وڏي محنت ڪري مسلم ليگ جي ميمبرشپ کي ڇهن هزارن مان وڌائي ٽن لکن تائين پهچايو.

سنڌ اسيمبليءَ کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ ان سڄي هندستان ۾ سڀ کان اول پاڪستان جو نهراءُ پاس ڪيو. اهو نهراءُ جناب جي ايم سيد اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو هو ۽ وڏي جدوجهد کان پوءِ 3 مارچ 1943ع تي اسيمبليءَ کان پاس ڪرايائين. ان وقت مسلم ليگ جي ليڊرن جن نڪتن تي متفق ٿي آزاد ملڪ پاڪستان جي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي هئي، انهن ۾ اهو نڪتو بہ شامل هئو تہ آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ملڪ جي سڀني صوبن کي برابر جا حق ڏنا ويندا . انهن کي هر معاملي ۾ آزادي حاصل هوندي ۽ انهن جي معاملن ۾ مرڪز ضرورت کان وڌيڪ ڪنهن بہ قسم جي مداخلت نہ ڪندو، پر افسوس جو اڳتي هلي انهن واعدن جو ڀرم نہ رکيو ويو ۽ جڏهن جي ايم سيد جهڙي ارڏي ۽ اصول پرست انسان ان واعده خلافي جي مذمت ڪئي تہ، کيس ملڪ جو غدار ڪوٺي مرندي گهڙي تائين ڪڙن ۽ ڪوٺن ۾ قيد رکيو ويو.

جڏهن پاڪستان بنجڻ جو وقت ويجهو آيو تہ، قائداعظم جناب جي ايم

سيد ۽ سنڌس ترقي پسند ساٿين کي معمولي اختلافن تي مسلم ليگ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ 1946ع وارين چونڊن ۾ ڪيس مسلم ليگ جي ٽڪيٽ نه ڏني وئي ۽ پاڻ آزاد اميدوار جي حيثيت سان مسلم ليگ جي اميدوار قاضي محمد اڪبر سان اليڪشن لڙيو، جنهن ۾ ڪيس شڪست ملي. ان کان پوءِ شاهه صاحب شيخ عبدالمجيد سنڌي سان گڏجي پهريان عوامي پارٽي ناهي ۽ پوءِ عوامي محاذ قائم ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهريان ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي 1955ع ۾ مسلم ليگين جي ڪوششن سان سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪري پنجاب جو غلام بڻايو ويو، هنن ٻن واقعن شاهه صاحب کي وڏو صدمو رسايو ۽ پاڻ بيتابي ۽ بيقراريءَ جي عالم ۾ رهڻ لڳو. جڏهن هن ون يونٽ خلاف آواز اٿاريو ۽ ان جي حامين کي سنڌ دشمن قرار ڏنو ته انهن ڪيس ڪٿي جيل ۾ رکيو، ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن آزاد ٿيو ته 1956ع ۾ اولهه پاڪستان جي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو ۽ اسيمبليءَ اندر ون يونٽ خلاف ڀرپور تحريڪ هلايائين. 8 آڪٽوبر 1958ع تي جنرل ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏي ۽ 10 آڪٽوبر 1958ع جي اڌ رات جو شاهه صاحب کي ڪراچي ۾ گرفتار ڪري سينٽرل جيل ڪراچي ۾ رکيو ويو جتان پوءِ پهرين جنوري 1960ع تي ڪيس ڪراچي مان آٿي سن ۾ ڳوٺ اندر ٻن سالن جي نظربنديءَ هيٺ رکيو ويو جنهن جو عرصو پوءِ وڌائيندا ويا. 1970ع واري اليڪشن ۾ شاهه صاحب حصو ورتو، پر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار جي مقابلي ۾ ڪيس شڪست ملي.

جي ايم سيد محسوس ڪيو ته پاڪستان ۾ صرف هڪ صوبي يعني پنجاب جي حڪمراني هلي ٿي، رڳو چهرا تبديل ٿيندا رهن ٿا، پر پاليسي اهائي پنجاب نواز آهي. جو ته پنجاب کي راضي رکڻ کان سواءِ ڪو به شخص پاڪستان جي اقتدار اعليٰ جو مالڪ نٿو بڻجي سگهي. ان ڪري حڪمران ٽولو روز روز نيون سازشون گهڙي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي پنجاب جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ وڃي ٿو جڪڙيندو، سنڌ جي سر زمين ۽ وسائلن تي ڌاريان قابض ٿيندا ٿا وڃن، سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جون سازشون ڪيون پيون وڃن ۽ سنڌ جي حقن تي ڏينهن ڏني جو ڌاڙا لڳي رهيا آهن هاڻ اهڙي حالت ۾ وڌيڪ عرصو پاڪستان سان گڏ رهڻ سنڌ ۽ سنڌين جي وجود لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو، ان ڪري هن پاڪستاني سياست کان بيزاري اختيار ڪري "جيئي سنڌ" جو نعرو هنيو ۽ سنڌ کي آزاد خودمختيار رياست بنائڻ لاءِ تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو.

جناب جي ايم سيد 4 مارچ 1972ع تي حيدرآباد ۾ هڪ وڏي جلسي کي خطاب ڪندي، پنهنجي جدوجهد جو محور ۽ مرڪز "سنڌوديش" کي قرار ڏيندي، پنهنجي نئين سفر جو آغاز ڪيو. 18 جون 1972ع تي شاهه صاحب سنڌ متحده محاذ جي ميمبرن عهديدارن ۽ هم خيال قومي ڪارڪنن، اديبن، دانشورن ۽ شاگردن جو هڪ اجلاس پنهنجي ڪراچيءَ واري رهائشگاهه "حيدر

منزل" تي سڏائي، سنڌ متحده محاذ ۽ جيئي سنڌ نوجوان محاذ کي ملائي "جيئي سنڌ محاذ" نالي نئين پارٽيءَ جو بنياد وڌو. پهرين آگسٽ 1972ع تي شاهہ صاحب سنڌ جو دورو شروع ڪيو، هلنڌڙ دوري دوران ڪيس 8 آگسٽ 1972ع تي گرفتار ڪري سن واري گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ پاڻ اڪثر نظربند ٿي رهيو، ليڪن پاڻ پنهنجي موقف تي هميشہ قائم رهيو ۽ نظربندي ۾ بہ رهي پنهنجي جدوجهد مختلف ذريعن سان جاري رکندو آيو.

شاهہ صاحب جي ڪل چمار ايڪانوي سال ٽي مهينا اٺ ڏينهن ٿي ان ۾ پاڻ تقريباً 28 سال 6 مهينا جيل ۾ يا گهر ۾ نظربند رهيو، ڪيس ڪهڙي ڏوهہ ۾ ايترو عرصو نظربند رکيو ويو؟ ان سوال جو جواب سندس ئي هڪ عدالتي بيان جي هيٺين سٽن مان ملي ٿو.

"آءٌ سڄي عمر مختلف پليٽ فارمن تان جدوجهد ڪندو آيو آهيان اهو ان لاءِ نہ تہ آءٌ ڪنهن ملڪ جو ٽڪرو ڪٽي پنهنجي حوس اقتدار کي پورو ڪرڻ چاهيان ٿو، پر آءٌ تہ هڪ اهڙي ملڪ جي اصليت بحال ڪرائڻ ۽ ان جي نئين سر تشڪيل ۽ صورتگري ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪو ملڪ هزارها سالن کان هن زمين جي ڳولي تي پنهنجي خاصيتن، خوبين، خوشحالين ۽ نرالپ سان موجود پئي رهيو آهي."

جي ايم سيد نہ رڳو سياستدان هو، پر هو سنڌي ادب ۽ ثقافت جو وڏو ڄاڻو، تاريخ جو ماهر، وطن عزيز سان بي انتها محبت ڪندڙ، صوفي منش، فقيرائي طبيعت جو مالڪ وڏو مصنف، محقق، اسڪالر ۽ ٻين انيڪ خوبين جو مالڪ هو. هن ايترو تہ فڪري ڪم ڪيو، جيڪو ڪيترائي ادارا بہ ڪري نہ سگهن، هو پنهنجي ذات ۾ ڪنهن يونيورسٽي ۽ انسائيڪلو پيڊيا کان گهٽ نہ هو. هو صدين تائين سنڌ جي نوجوانن جي رڳن ۾ نظرياتي خون بڻجي گردش ڪندو رهندو.

شاهہ صاحب 1940ع ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ سنڌ جو وزير تعليم پڻ ٿي رهيو هو، ان عرصي ۾ هن سنڌ يونيورسٽي برپا ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪئي ۽ "سينٽرل ائڊوائزري بورڊ آف ڪنٽرول فار سنڌي لٽريچر" برپا ڪيائين. اڳتي هلي انهيءَ بورڊ کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي نالي سان مستقل ۽ آزاد حيثيت ڏياريائين.(1)

شاهہ صاحب هندو مسلم اتحاد جو زبردست حامي رهيو، ورهاڱي وقت سڄي سنڌ جو دورو ڪري هڪ هڪ هندو وٽ ويو ۽ کين سنڌ ڇڏي وڃڻ کان روڪيندو رهيو.

---

(1) سائين جي ايم سيد جي ڪوششن سان سنڌ يونيورسٽيءَ جو قيام 3 اپريل 1947ع تي ڪراچي ۾ عمل ۾ آيو، اي بي حليم ان جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ٿيو، 1951ع ۾ هيءَ يونيورسٽي حيدرآباد ۾ منتقل ٿي. 1962ع ۾ سابق صدر ايوب خان ڄامشوري ۾ نئين ڪيمپس جو بنياد رکيو.

جي ايم سيد نہ رڳو جديد سنڌي قومپرستي جو باني آهي ۽ نہ فقط عملي سياست جي حوال سان هن جي شخصيت تڪراري رهي آهي، پر سنڌ جي فڪري دنيا ۾ شاهہ صاحب جيڪا وڏي ولوڙ پيدا ڪئي، تنهن ڪيس باغي عالم ۽ محقق جي حيثيت ڏياري. اهو جي ايم سيد ئي هو جنهن شاهہ لطيف جو محب وطن شاعر وارو تعارف ڪرايو. هن سنڌ جي تاريخي هيرن کي روشناس ڪرائي سنڌي قوم کي نفسياتي طور تي سگهارو ڪيو. راجا ڏاهر کي سنڌ جو سورمو ڪري پيش ڪرڻ جو ڪم ايترو جو ڪائنتو هو، جنهن جي رسڪ زڳو جي ايم سيد جهڙو دل جو مالڪ ماڻهو ئي ڪٿي تي سگهيو. شاهہ صاحب جي لکيل هر ڪتاب ۾ ڪانہ ڪا اهڙي ڳالهہ ضرور هوندي هئي، جنهن جي ڪري ان دور جي سرڪار لاءِ اهو ڪتاب هضم ڪرڻ ڏکيو تي پوندو هو ۽ وٽس ڪتاب مٿان پابندي لڳائڻ کان سواءِ ٻيو چارو نہ بچندو هو. هڪ باغي اديب جي حوالي سان هو اعزاز جي ايم سيد کي حاصل آهي تہ، سنڌ ۾ پابندي هيٺ اچڻ وارن ڪتابن ۾ سڀ کان گهڻا ڪتاب هن جائي آهن.

شاهہ صاحب سياست، تاريخ، ادب، توڙي پنهنجي يادگيرن تي مشتمل پنجاهہ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا، جن ۾ سنڌس دور جي مشهور شخصيت جي حوال تي مشتمل ضخيم ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" (ٻہ جلد) کان سواءِ پيغام لطيف، شاهہ جون وايون ۽ ڪافيون- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد- مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟ اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ، موجوده سنڌ جا سياسي مسئلا - جيئڻ ڏنو آهي مون، سنڌ ڪلچر، وغيره شامل آهن.

17 جنوري 1995ع تي سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرہ جي موقعي تي اچانڪ سندس طبيعت خراب ٿي پئي. ڪيس نيم بيهوشي واري حالت ۾ ڪراچي آندو ويو، جتي ڪيس آغا خان اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، جتي ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ سندس دماغ جون نسون صحيح ڪم نٿيون ڪن، ان ڪري رت جو دورو دماغ تائين صحيح نموني نٿو ٿئي ۽ انهيءَ جو علاج پاڪستان ۾ ممڪن ڪونهي.ياد رهي تہ ان وقت بہ شاهہ صاحب نظربند هو، ان ڪري شاهہ صاحب جي علاج ڪرائڻ لاءِ ملڪ کان ٻاهر ڪٽي وڃڻ لاءِ حڪومت کي درخواست ڪئي ئي، پر حڪومت ان جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو، آخر 15 مارچ تي وري ڪيس جناح اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ حڪومت ڪيس ملڪ کان ٻاهر علاج ڪرائڻ جي اجازت ڏني ڇڏي، پر هاڻ گهڻي دير ٿي چڪي هئي ۽ شاهہ صاحب انهيءَ پوزيشن ۾ نہ هئو جو ڪيس آمريڪا يا لنڊن ڪٽي وڃجي، آخر 25 اپريل 1995ع تي سنڌ جو هي عظيم انسان انتقال ڪري ويو. ٻئي ڏينهن تي سندس جسد خاڪي کي سن ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندس ڪفن دفن واري رسم ۾ مختلف مذهبن ۽ طبقن جي هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. مسلمان قرآن شريف، هندو گيتا ۽ عيسائي بائيبل پڙهي رهيا هئا ۽ ڀٽائي جي رسالي جو ورد

بہ جاري هو، اهڙي طرح سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري باب پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. يقيناً سائين جي ايم سيد جو چمڪندڙ نالو سنڌ جي ايندڙ نسلن لاءِ اتساهہ جو سبب رهندو ۽ سنڌ جي مستقبل جو مٿس سلام رهندو.

سائين جي ايم سيد جا فرزند امداد محمد شاهہ ۽ امير حيدر شاهہ پڻ پنهنجي وس آهر سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خدمت لاءِ ڪوشان آهن.

جيرامداس دولترام

جيرامداس دولترام 1891ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مجيل ڏاهو، نقاد، ماهر لسانيات ۽ اعليٰ پايي جو سياستدان ٿي گذريو آهي.

جيرامداس جو تعلق حيدرآباد جي مشهور عامل خاندان سان هو، پاڻ اعليٰ تعليم يافتہ قومي ڪارڪن هو، ورهاڱي کان اڳ "سنڌ ڪانگريس ڪاميٽي" سان لاڳاپيل هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڀارت لڏي ويو. اتي هن پارٽي سياست ۾ ڀرپور حصو ورتو، پاڻ اتي پارٽي صوبي بهار جو گورنر، راڄيہ سڀا جو ميمبر ۽ مرڪزي حڪومت جو وزير بہ ٿي رهيو، هو نہ صرف هڪ ڪامياب سياستدان هو، پر هڪ قابل محقق، قلمڪار ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو. سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ ڇپيل آهن. سندس مضمون گهڻو ڪري "هند واسي" رسالي ۾ ڇپبا رهيا. سنڌي ٻوليءَ جي موضوع تي لکيل سندس مضمون سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي سفر جو هڪ ٻيو بها ورثو تصور ڪيا وڃن ٿا. سندس اهڙن مضمونن جو هڪ گڏيل مجموعو "سنڌ جي ڪوچ" جي نالي سان ڇپيل آهي.

1957ع ۾ نئين دهلي ۾ منعقد ٿيل آل انڊيا اوريئنٽل ڪانفرنس ۾ سنڌي حصي جي صدارت جيرامداس ڪئي ۽ ان ۾ هن جيڪو صدارتي خطبو پڙهيو. اهو هڪ اهم ۽ يادگار طور ليکيو وڃي ٿو. ان مقالي جو عنوان هو "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد".

جيرامداس جي شخصيت اعليٰ هئي، سندس شڪل سهڻي اتڻ ويهڻ شاهاڻو، هلڻ چلڻ جو رعبدار ۽ اکين ۾ چمڪ هوندي هئس، ارادي جو پڪو ۽ محنتي ماڻهو هو. صبح جو ڇهين وڳي کان اڌ رات تائين ڪم ڪندو هو، اصل ٿڪبوئي نہ هو. سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "ڪجهہ خط" ۾ لکيو آهي تہ "مون وٽ جناح ۽ لياقت علي کان جيرامداس جي وڌيڪ عزت ۽ وقار آهي."

جيرامداس دولترام فيبروري 1979ع ۾ فوت ٿي ويو.

جيوٽي ٻائي

جيوي المعروف جيوٽي ٻائي ڏيءُ ٺڪر گرگلو 22 جنوري 1901ع تي هندستان جي راجپوتانہ علائقي جي "پيلراڙ" رياست ۾ ڄائي. پاڻ سنڌ جي

مشهور ڳائڻي ٿي گذري آهي، سندس آواز ۾ اهڙو ته جادو هو جو ٻڌڻ وارن جون دليون موهجي وبنديون هيون.

جيوٽي جا والدين پڻ جو ڏنڊو ڪندا هئا، ڪيس ڪڻ ان ڏنڌي جي تربيت ڏني وئي، هوءَ جڏهن ستن انن سالن جي ٿي ته، پاڻ ۽ پنج ڀيون ڇوڪريون گڏجي دردر تي سٽن ٻه هٽنديون هيون ۽ ڳيچ ٻه ڳائينديون هيون. 1918ع ۾ ڦڪو زماني جي گردش سبب پنهنجي وطن کي ڇڏي اچي ملتان ۾ وينو، جتي جيوٽي جي ملاقات مشهور گويي استاد امير خان سان ٿي، جيڪو سندس آواز ۽ شخصيت کان اينترو ته متاثر ٿيو جو جيوٽي کي رئو پارائي پنهنجي ڌيءَ بنائي کيس راڳ جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. ڦڪو جو سڄو خاندان امير خان جي قرب ۽ محبت ۾ اينترو مگن ٿي ويو جو هڪ ڏينهن سائس گڏجي حضرت شمس تبريز جي متولي جي هٿ تي مسلمان ٿيو ۽ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ڦڪو فتح محمد ٿي ويو ۽ جيوٽي در در تي وڃي خيرات وٺڻ بند ڪيو ۽ استاد امير خان جي معرفت ميلن ملاکڙن ۽ محفلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي رهي ۽ پنهنجي فن جون منزلون طئي ڪندي رهي. ملتان کان ڪراچي تائين ڪيس راڳ جون دعوتون ملڻ لڳيون. سنڌ جا ماڻهو ڪيس گهڻو چاهيندا هئا ۽ پنهنجي محفلن ۾ ڪيس گهرائيندا هئا.

هڪ دفعي شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي ميلي تي جيوٽي آيل هئي، اتي سندس ملاقات سنڌ جي مشهور گويي استاد خير محمد خان سان ٿي، جنهن کي جيوٽي جي راڳ ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ جيوٽي ٻه استاد کان متاثر ٿي. آخر استاد خير محمد خان جي صحبت ۾ جيوٽي ملتان ڇڏي اچي حيدرآباد ۾ سڪونت پذير ٿي ۽ استاد خير محمد خان کان اچي راڳ جا سبق سکيا خاص ڪري سنڌي ڪافي ڳائڻ جي سکيا ورتي. پوءِ ته هن ڪاري ڪوئل جي منڙي ڪوڪو سڄي سنڌ ۾ گونجڻ لڳي پاڻ سنڌ جي هر ميلي ۾ استاد خير محمد خان سان گڏ هوندي هئي.

هڪ ڀيري شاهه قادري جو ميلو زور سان لڳو، جنهن ۾ استاد ڀيبو خان، استاد خير محمد خان، سيد قاسم علي شاهه، پورو سڪ، ماسٽر چندر ۽ ٻيا مشهور فنڪار شامل ٿيا، پر ميلي جي محفل موسيقي جوبٽي ڪٽي ورتي، سندس آواز ٻڌي ماسٽر چندر گهڻو متاثر ٿيو ۽ مهاراج ترسي داس کي چيائين ته، جيوٽي کي ڪراچي وٺي اچ ته جيئن سندس آواز رڪارڊ ڪرايون. مهاراج ترسي داس کيس ڪراچي وٺي ويو، ماسٽر چندر کيس رڪارڊنگ بابت سکيا ڏني، ڪمار خان جي موسيقي ۾ جيوٽي ٻائي جي آواز ۾ پهريون رڪارڊ لال چند رڪارڊنگ انجنيئر رڪارڊ ڪيو. سندس سريلي آواز واجٽ وڄائي ڇڏيا. سڄي سنڌ ۾ هر طرف جيوٽي جي سريلي آواز جي واهه واهه ٿي وئي. جيوٽي پاڻ ٻه شاعره هئي، تنهنڪري ٻه تي رڪارڊ پنهنجي ڪلامن جا رڪارڊ ڪيائين،

ان کان سواءِ حاجي شاهہ ۽ پير سرامر ضياءَ جا ڪلام ڳائيندي هئي.

جيوٽي ٻائي هتي سنڌ ۾ 1928ع ۾ راڻي پور جي بزرگ سائين صالح شاهہ جي مريدياڻي ٿي. هن ني بزرگ سندس نالو جيوي مان بدلائي "جيوٽي ٻائي" رکيو هو. جيوٽي حيدرآباد جي هڪ عالم الله بخش نوناري کان قرآن شريف ۽ ديني تعليم حاصل ڪئي. 1932ع ۾ هن هڪ شخص نواب ماڪا سان شادي ڪئي هئي، پر جيوٽي کي ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو.

جيوٽي ٻائي ڏاڍي سريلي فنڪاره هئي، سندس فن متعلق ڪوڙ ڪهاڻيون مشهور آهن، چون ٿا تہ هڪ ڀيري جيوٽي ٻائي کي سنڌ جي مشهور ولي بزرگ حضرت سمن سرڪار رحہ جي خدمت ۾ ڳائڻ جو شرف حاصل ٿيو. سندس راڳ ٻڌي سمن سرڪار تي حال طاري ٿي ويو ۽ پاڻ سڄي رات ان حال ۾ رهيا تان جو سج اڀري ويو. جيوٽي موسيقي جي دنيا ۾ تمام وڏي مڃتا ماڻي. ماڻهو سندس پر سوز آواز جا مشتاق هوندا هئا. هوءَ جتي بہ ڳائيندي هئي اتي ماڻهو وڏي تعداد ۾ جمع ٿي ويندا هئا. هن پنهنجي وقت ۾ اينترو تہ نالو پيدا ڪيو جو آل انڊيا ميوزڪ ڪانفرنس ۾ جيڪا هر سال هندستان جي مختلف وڏن شهرن ۾ منعقد ٿيندي هئي، جيوٽي پورن تيرهن سالن تائين سنڌ جي نمائندگي ڪئي.

ڪاري رنگ وڏين اکين، ڀريل جسم، ڊگهي قد، گول ۽ سونهندڙ چهري واري جيوٽي ٻائي پروقار ۽ باعزت عورت هئي. پاڻ صوم وصلاوت جي پابند هئي، پنجن تنن سان ڪيس وڏي عقيدت هئي. هٿ جي چٽل هوندي هئي.

جيوٽي ٻائي هز ماسٽر وائز گراموفون رڪارڊ ڪمپني ۾ سو کان وڌيڪ گراموفون رڪارڊ ڀرايا، جيڪي سڀ جو سڀ مقبول ٿيا. اهوئي سبب هو جو هن ڪمپني وارن سائنس هڪ شاندار جشن ملهايو، جنهن ۾ ڪمپنيءَ جو سونو مونو گرام جيڪو ساڍن ڏهن تولن جو هو کيس ايوارڊ طور ڏنو ويو. سندس آواز ۾ رڪارڊ ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندا رهندا آهن. اڄ بہ سندس آواز جهونن کي سارڙيو وڃهي، "قابو ڪونٿی ۾" ۽ "بي درد جي اقرار ۾ هرگز نہ سچائي آ" جهڙا ڪيترائي ڪلام ٻڌيو جيوٽي جي ياد تازه ٿيو وڃي.

جيوٽي ٻائي سن 1942ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.

(جھ)

جھامنداس ياتيا

پروفيسر جھامنداس پٽ سيٺ دواركا داس ياتيا سن 1898ع ۾ شڪارپور جي هڪ امير خاندان ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو برک صحافي، ليکڪ ۽ صوفي منش انسان ٿي گذريو آهي.

پروفيسر جھامنداس ياتيا جي طبيعت جو لاڙو شروع کان ئي صوفين، درويشن، سامين ۽ جوڳين جي صحبت ڏانهن هوندو هو. شاهوڪار شاهيءَ کان نفرت ڪندو هو ۽ هميشه سادگيءَ کي پسند ڪندو رهيو. هن 1913ع ۾ شڪارپور اڪيڊمي مان بمبئي يونيورسٽي تحت مئٽرڪ ڪئي. 1919ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان بي اي ڪرڻ کان پوءِ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ ٻن سالن تائين هيڊماستر ٿي رهيو. والد جي وفات کان پوءِ ڪنڊيارو هاءِ اسڪول جو وائيس پرنسپال مقرر ٿيو. هن صحافت جو آغاز رسالي "سنڌو" کان ڪيو. هو رسالي جي شروع وارن ڇهن مهينن دوران 1930ع ۾ ان جو ايڊيٽر ٿي رهيو، ان کان پوءِ روهڙيءَ مان هڪ ماهوار اخبار "روشني وڌيڪ روشني" جاري ڪيائين. سندس لکڻ جو ٻيو دور مهراڻ رسالي جي قديم دور 1946ع کان شروع ٿيو. 1947ع ۾ سندس هڪ ڪتاب "سائين قطب شاهه جهانيان پوٽو" شايع ٿيو. 1955ع ۾ مهراڻ رسالي لاءِ پاڻ مستقل طور سان "ادب لطيف" جي عنوان هيٺ بهترين علمي مضمون لکندو رهيو. گرامي صاحب لکي ٿو ته "هو انهن مضمونن ۾ زندگيءَ جي گوناگون مسئلن کي ٽئگور ۽ خليل جبران جهڙي اسلوب ۽ انداز ۾ بيان ڪندو رهيو. سندس انهن شهپارن جو جرمني زبان ۾ ترجمو ٿيو ۽ اتي جي ريڊيو اسٽيشن تان وقت بوقت نشر ٿيندو رهيو."

ان کان علاوه سندس لکيل ادبي مضمون ان وقت جي مشهور مختلف ادبي رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. 1964ع ۾ سندس لکيل ڪتاب "ايسر آگاٿي" ڇپيو جنهن تي رائٽرس گلڊ پاران ڪيس ٻه سو روپيا انعام مليو. سندس ٻين ڇپيل ڪتابن ۾ "درويش" "رند ۽ شاعر" ۽ ٻه ٻاراڻا ڪتاب "ٻالڪ" ۽ "مرشد جا مڪتوبون" شامل آهن.

پاڻ آخري عمر ۾ ساميءَ جي سلوڪن گڏ ڪرڻ ۽ شخصيت جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪندو رهيو. اٽڪل چار هزار سلوڪ گڏ ڪيائين. پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي بورڊ آف اسٽڊيز فار رلبجن جو ميمبر به ٿي رهيو.

پروفيسر جھامنداس ياتيا 30 ڊسمبر 1965ع تي فوت ٿي ويو.

(ڄ)

ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي

ڄيٺمل پٽ پرسرام گلراجاڻي سن 1885ع ۾ حيدرآباد جي عاملن جي گلراجاڻي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور اديب، صحافي، قومي ۽ ملڪي خدمتگذار، صوفي ۽ ٿياسافسٽ ٿي گذريو آهي.

ڄيٺمل پرسرام پرائمري تعليم حيدرآباد ۾ ورتي سنڌي پڙهڻ کان پوءِ ڪجهه انگريزي تعليم به حاصل ڪيائين. سندس طبيعت جو لاڙو ننڍي هوندي کان ئي صوفي مت ڏانهن هوندو هو. ان سلسلي ۾ هن صوفي بزرگن سان ڏاٿيون ڪيون، تصوف ۽ ويدانت جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو، لطيف، سچل، سامي، دليپ، بيدل، بيڪس، روحل، مراد فقير ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي صوفي شاعرن جي ڪلام جو اونهو اڀياس ڪيو، وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي آڌار تي هن ڪيترائي ڪتاب لکيا. ”گلراج“ جي تخلص سان ڪجهه شاعري به ڪيائين ته، سياسي ميدان ۾ به پاڻ چمڪايائين. هن گهڻ رخي شخصيت جي اهميت جو اعتراف ڪندي، سنڌ جي بزرگ هستي سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب جنب گذاريم جن سين (جلد پهريون) جي صفحي 231 تي لکي ٿو ته ”هو منهنجو سياسي مددگار ۽ صلاحڪار، تصوف ۾ استاد، دوست ۽ ڀاءُ ٿي پئي رهيو. جيڪڏهن ڪنهن به هڪ انسان منهنجي زندگيءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ڪيو ته، اهو ڀاءُ ڄيٺمل هو.“

ڄيٺمل پرسرام جون ادبي خدمتون هميشه ياد رهنديون، هن 1914ع ۾ لالچند امرڏنيمل سان گڏجي ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ جو بنياد رکيو ۽ 1922ع ۾ ”نئين سنڌي لئبريري“ ۽ ”سستو عمدو ساهت مالا“ جي نالن سان شاعتي ادارا قائم ڪيائين. هنن ادارن وڏي تعداد ۾ ڪتاب سنڌي ٻولي کي ڏنا. هن هڪ روزانه اخبار ”هندواسي“ جي نالي سان جاري ڪئي، جنهن جو نالو پوءِ غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي صلاح سان بدلائي ”يار تواسي“ رکيائين. هيءَ اخبار مسز اني بيسنت جي تحريڪن ”هوم رول“ ۽ ”ٿيا سافيڪل سوسائٽي“ جي اصولن ۽ نظرين موجب هلندي هئي. هن ٿياسفي ۽ تصوف جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ 1923ع ۾ هڪ رسالو ”روح رهاڻ“ پڻ جاري ڪيو هو. جنهن ۾ 21 سال لاڳيتو قرآن پاڪ، گيتا، تصوف، ويدانت، ٿياسافي ۽ روحانيت متعلق معياري مضمون شايع ٿيندا رهيا.

ڄيٺمل سياست ۾ به چڱو ڀرو ورتو. پهرين دور ۾ غلام محمد ڀرڳڙي جو ٻانهن ٻيلي ۽ صلاحڪار ٿي ڪم ڪيائين ۽ ڀرڳڙي صاحب جي خيالات ۽ قومي ڪمن جي ڦهلائڻ لاءِ سندس سنڌي ۽ انگريزي اخبارن جو ايڊيٽر ٿيو، جن وسيلي هندو مسلم فساد کي ختم ڪرڻ لاءِ هن تمام گهڻي ڪوشش ڪئي،

ڪانگريس ۾ ڀي تحريڪ ۾ مهاتما گانڌيءَ سان گڏ جيل ۾ ماڻهيائين، هن ساري زندگي ملڪ ۽ قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. پاڻ هميشه هاري ۽ مزدورن جو حامي رهيو. سنڌ هاري جماعت جي اوائلي باني مان هو ۽ ورهين جا ورهيه ان جو حامي رهيو، هن کي تقرير ۽ تحرير ۾ خداداد ڏات مليل هئي. هو تقرير وقت قرآن شريف، گيتا، گرنٿ شاهه، سچل، سيلي وغيره جي ڪلام مان حوالا ڏيندو هو. هن دنيا جي مکيه مذهبن جو چڱي طرح اڀياس ڪيو هو ۽ سڀني مذهبن جي ماڻهن کي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندو هو، پيغمبر اسلام ۽ ان جي سچي تعليم کان ٻه متاثر ٿيو ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم تي هڪ ڪتاب "پيغمبر اسلام" جي نالي سان لکيائين سنڌس لکيل ڪتابن مان ٻيا ڪجهه ڪتاب هن ريت آهن. مونا وا فلا سافي چا آهي، موت آهي ڪونه، هٺمليت. اپنشو گيان، ٻڌل ٻيڙي، ۾ لوڪ مان پيغام، چمڙاپوش جون آکاڻيون، سچل سرمست، سداچار، سوشلزم، سونو گڏهه، سناتن ڌرم، شاهه جون آکاڻيون، طوفان، گوتم ٻڌ، ميران ٻائي، يوگ جي سمجهاڻي، پورب جوتي، سنڌي سونهارا وغيره.

جيٺمل پرسرام گلراجاڻي ورهاڱي کان پوءِ وطن جا وڻ ڇڏي وڃي ٻمبئي پيڙو ٿيو هو. جتي 6 جولاءِ 1948ع تي سنڌس مرتيو ٿيو.

چاڪر چانڊيو

چاڪر چانڊيو سنڌ جو سدا ملوڪ ڳائڻو آهي، ويهين صدي جي پوئين اڌ دوران جن مشهور يڪتاري پوڻن ڳائڻ صوفياڻي رنگ ۾ ڳائي، سڄي سنڌ ۾ ڌوم مچائي ڏني، ڀاڻ ان سنگ جي آخري نشاني آهي.

چاڪر چانڊيو جو والد مصري خان چانڊيو اصل ۾ تعلقي هالا ۾ پنج موري اسٽاپ جي ڀر ۾ ڳوٺ بهادر خان چانڊيو جو رهاڪو هو. جيڪو ٿوري وقت لاءِ اتان لڏي ڳوٺ مهراڻي تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ وڃي ويٺو جتي سن 1915ع ۾ چاڪر چانڊيو پيدا ٿيو ۽ پوءِ سگهوئي سندس والدين موٽي اچي ساڳيون ماڳ وسايو. جنهن ڪري چاڪر چانڊيو جو ٻچپن ۽ جواني ڳوٺ بهادر خان چانڊيو ۾ گذريا ۽ هن وقت به ڀاڻ ساڳئي ڳوٺ ۾ سڪونت پذير آهي ۽ ٻن ٽن گهرن تي مشتمل اهو ڳوٺ هاڻي سندس نالي سان سڏجي ٿو.

چاڪر چانڊيو سنڌي جا ٽي درجا ڳوٺ باغو رند ۾ پڙهيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو ۽ کيتي ٻاڙي جي ڌنڌي ۾ پنهنجي والد جو معاون ٿي رهيو. سن 1951ع ڌاري اوچتو کيس مجازي چوٽ لڳي وئي، جنهن هن کي بيراڳي بڻائي ڇڏيو ۽ مختلف ماڳ پيڻ لڳو. آخر هڪ هنڌ ان وقت جي مشهور ڳائڻي خيرمحمد رند جي راڳ ٻڌڻ جو کيس موقعو مليو، جنهن کان متاثر ٿي هن به ڳائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ گنبل شاهه تلٽيءَ واري وٽ پهچي، ڪائنس فيض حاصل ڪيو ۽ يڪتارو ڇيڙي ڪٽي سندس ٽولي ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجي مرشد ۽ استاد جي اجازت سان پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو ۽ باقاعدي ڳائڻ جو آغاز ڪيائين.

چاڪر چانڊيو کي ريڊيو تي محمد بخش انصاري متعارف ڪرايو. 1957ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروگرام "نواءِ شوق" لاءِ سندس آواز ۾ پهرين ڪافي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رڪارڊ ٿي جنهن جا ٻول آهن" ڪهڙو ڏوهه ڏيان پنهنجي ڏيرن کي، لڪٽي پنڌڙو ڪرايو پيرن کي"

ان کان پوءِ 6 جون 1959ع تي پهريون ڀيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي لائيو پروگرام ڪيائين. ڀاڻ اڄا تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان "اي ڪلاس" ۾ فنڪار جي حيثيت سا لاڳاپيل آهي. 1973ع کان ٽيليوزن پروگرامن ۾ ڀڻ حصو وٺندو رهي ٿو.

چاڪر چانڊيو فني لحاظ کان هن وقت جي مڙني يڪتاري پوڻن فنڪارن ۾ انفرادي حيثيت رکي ٿو. سندس گائڪي ۽ يڪتاري ڇيڙي وڃائڻ جو انداز نرالو آهي، ڀاڻ هر راڳڻي نهايت پرسوز انداز ۾ ڇيڙيندو آهي. يڪتاري تي پورو

ڪلواڙو وڄائي ٿو. جڏهن ته اڄڪلهه جا اڪثر فنڪار يڪتاري تي ڪلواڙو نٿا وڄائن، ۽ انهن جي يڪتاري مان رڳو ڍُنون ڍُنون جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، پر چاڪر جي يڪتاري جي تار مان الاهو، الاهو جي لات نڪرندي آهي ۽ ٺاڪ سان چهڙي (ڪڙتال) وڄائڻ جو سندس انداز پڻ ڏاڍو متاثر ڪندڙ هوندو آهي. پاڻ سرگر ۽ ليءِ جو پڪو ۽ سريلي آواز وارو فنڪار آهي. سندس هڪ خاص ڳالهه اها به آهي ته، هو جڏهن ڳائڻ شروع ڪندو آهي ته پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پنهنجي ڌن ۾ مگن ٿي ڳائيندو آهي. ڪيس اهو الڪو نه هوندو آهي ته محفل ۾ حاضرين ڪيس ڪيترو ۽ ڪهڙي قسم جو داد ڏئي رهيا آهن. هن ڪڏهن به ڪنهن ٻئي فنڪار جو نقل ڪونه ڪيو، پاڻ پنجن زبانن سنڌي، اردو، سرائڪي، پنجابي ۽ بلوچي ۾ ڳائي سگهندو آهي. هن سڄي سنڌ ۽ پنجاب جي صادق آباد، رحيم يار خان ۽ ملتان وارن علائقن ۾ ڳائي خوب داد حاصل ڪيو آهي. تنهن کان سواءِ هن ڪيترا ڀيرا لطيف سائين جي عرس جي موقعي تي ۽ ٻين سرڪاري تقريبن دوران سنڌ ۽ اسلام آباد ۾ اڪيلي سر يا مشهور صوفي ڳائڻن جهڙوڪ: فقير امير بخش، فقير حسين بخش، ڍول فقير، فقير عبدالغفور، فقير يار محمد ۽ فقير عيسيٰ سان سنگ ۾ ڳائي حاضرين کي جهومائي ڇڏيو.

چاڪر چانڊيو جو ڳايل سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام ريڊيو پاڪستان تي رڪارڊ ٿيل آهي، جيڪو سنڌ جي سڀني ريڊيو اسٽيشنن تان ۽ سرائڪي ۾ ڳايل ڪلام ملتان ريڊيو اسٽيشن تان پڻ نشر ٿيندو آهي. ڪيسٽن جي دنيا ۾ چاڪر چانڊيو پهريون يڪتاري پوڙو فنڪار آهي، جنهن جي آڊيوڪيسٽ سڀ کان پهرين رليز ٿي. اها ڪيسٽ وي آءِ پي ڪمپني طرفان رليز ٿي هئي، ان کان پوءِ پارس ڊبل اي ۽ ناز پروڊڪشن ڪمپنين طرفان سندس ڪافي ڪيسٽون رليز ٿيون، جن جو تعداد 200 کان وڌيڪ آهي، گراموفون لاءِ به سندس ڪجهه ڪلام رڪارڊ ٿيل آهن، هن گهڻو ڪري حضرت شاهه عبداللطيف رح محمود فقير ڪتياڻ، مصري شاهه، بلي شاهه، طالب المولىٰ، مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهي، احمد شاهه ۽ پير اعجاز ڪي ڳايو آهي.

چاڪر چانڊيو جي فن کي عوام طرفان ڪافي مڃتا ملي آهي، ڪيترن ئي فنڪشنن ۾ ڪيس وري وري ٻڌڻ جي فرمائش ڪئي وئي، ڪيترين ئي محفلن ۾ ڪيس وڏن انعامن سان نوازيو ويو ڪيترن ئي موسيقي جي ڄاڻن طرفان سندس قدرداني ٿي. هڪيري سائين طالب المولىٰ ڪانئس اردو گانا ٻڌي ڪيس داد ڏنو، محمد يوسف جو والد لونگ فقير جيڪو پکواز جو اعليٰ وڄتو هو، ان هڪ دفعي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي هڪ پروگرام ۾ چاڪر چانڊيو جي فني پختگي پرکڻ لاءِ ساڻس پکواز تي سنگت ڪندي، پنهنجي ڪاريگريءَ جو ڀرپور مظاهرو ڪيو ۽ تمام پيچيده ٽڪا، توڙا ڏنا، پر چاڪر گر ۽ ليءِ کان ٻاهر

نڪري نہ سگهيو، جڏهن پروگرام ختم ٿيو تہ لونگ فقير اٿي چاڪر چانڊيو جي پيشاني چمي، ڦوٽي زرداري جو استاد عبد علي فقير چوندو هو تہ، چاڪر چانڊيو پيروي اهڙي تہ پلي ڳائي ٿو جو اگر منهنجو وس هلي تہ هن راڳڻي جو نالو ئي "چاڪر پيروي" رکان.

چاڪر چانڊيو کي 21 مئي 2000ع تي لطيف سائين جي سالياني عرس جي موقعي تي سنڌ سرڪار طرفان "لطيف ايوارڊ" پڻ ملي چڪو آهي، پاڻ شاعري بہ ڪندو آهي. سندس ڪلام جلال چانڊيو ۽ سندس شاگرد فنڪارن ڳايو آهي. نموني طور سندس ڪلام جون ڪجهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

سنڌ جا مالڪ آهين قلندر لعل سٽي سوالين جا مچ سوال
عاجز تنهنجي در تي آيا تن جا ڪرين تون لايا سجايا
منهنجا مولا ڪر ڪي پلايون پال، سٽي سوالين جا مچ سوال
نينهن جون نوبتون نعرا نغارا، نمن اچو پيا هند سنڌ وارا،
ٻڌندي سائين تنهنجي ڌوڙو ڌمال، سٽي سوالين جا مچ سوال.

چندر، ماسٽر

ماسٽر چندر پٽ آسن داس 18 ڊسمبر 1909ع تي شهر نارو شاهہ ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ ۽ هند جو مهان ڪلاڪار ٿي گذريو آهي.

ماسٽر چندر جو اصل نالو چانڊو مل ڏامواڻي هو. پاڻ والدين جو اڪيلو ۽ سڪيلڌو پٽ هو. مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. هن سموري تعليم نارو شاهہ ۾ ورتي. پڙهائي ختم ڪري پبلڪ ورڪس کاتي ۾ ملازم ٿيو، ان سلسلي ۾ پهريان پنج سال نواب شاهہ ۾ ۽ پوءِ ڪراچي ۾ رهيو. نوابشاهہ ۽ ڪراچي ۾ رهائش دوران هو اتي موسيقي جي سکيا جا اسڪول کولي راڳ سيکاريندو هو، ان ڪري کيس ماسٽر چندر چوندا هئا.

چندر جي نالي کان اڄ هر سنڌي وڏو ٿوڙي ننڍو واقف آهي. پاڻ ماضي قريب جو اڻ وسرندڙ ۽ لاڏلو گائڪ ٿي گذريو آهي. کيس ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ وڄائڻ جو شوق هوندو هو، قدرت طرفان منو ۽ رسيلو آواز عطا ٿيل هئس. نارو شاهہ جا باغ، اوطاقون ۽ اوتارا مشهور آهن. باغن ۾ کوهہ هوندا هئا ۽ کوهن جي پرسان ٿلها ٺهيل هوندا هئا، جتي راڳ جون محفلون مچنديون هيون، ماسٽر چندر انهن محفلن ۾ شريڪ ٿي باقاعدي ڳائڻ جي شروعات ڪئي. هن موسيقي جي ابتدائي تعليم نارو شاهہ جي ڪاڪي جيوترام مٽائي کان ورتي، وڌيڪ ڪلاسيڪل تعليم خان صاحب بڙي ۽ غلام علي خان، خانصاحب عاشق

علي خان، گوسوامي ڪندن گر ۽ بمبئي ۾ وشنو ڏگمبر ڪاليج مان حاصل ڪئي.

ماسٽر چندر سنڌي ڳائڪي کي نوان موڙ ۽ انوکا انداز ڏنا. سندس ڏوهيڙي ڏيڻ جو انداز نرالو هوندو هو. سر سان ڳالهه ڪٽڻ تہ ڪو ڪانئس سکي! ڪنهن واقعي يا ڪهاڻي کي پنهنجي موهيندڙ ڳوني ۾ شعرن جي مدد سان اهڙي تہ سريلي ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪندو هو، جو ٻڌندڙ همہ تن گوش بڻجي پنڊ پاهڻ ٿي ويندا هئا. آواز بہ قدرت واري ايترو گهڻو ڏنو هئس، جو بغير لائوڊ اسپيڪر جي ميلن تائين پهچندو هو. هن سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيءَ ۾ ڳايو. پاڻ جڏهن ڳائيندو هو تہ هشام ماڻهن جا اچي ڪٺا ٿيندا هئا، پري پري کان ماڻهو ڪهي اچي سندس محفل ٻڌندا هئا. نوٽن جي مٺس برسات وسائي ڇڏيندا هئا. سندس منڙي ۽ درديلي آواز گهڻن کي مست بڻائي ڇڏيو هو. گهڻا تہ سندس راڳ ٻڌي حال کان بيحال ٿي ويندا هئا.

چندر سنڌ ۾ لاتعداد گيت، غزل گرامو فون لاءِ رڪارڊ ڪرايا.[1] گرامو فون لاءِ سندس جو پهريون پرايل رڪارڊ ان دور جي مشهور ڪليڪٽر محمد بخش ڪوجهي جو ڪلام هو. جنهن جا ٻول هئا "طبيبا خيال سان ڏسجو، اٿم ڪا دل جي بيماري" چندر سنڌي ۽ اردو فلمن لاءِ بہ ڪيترائي ڳانا رڪارڊ ڪرايا. 1958ع ۾ پارت ۾ سنڌي فلم "اباڻا" ٺهي، جنهن ۾ هن اداڪاري پڻ ڪئي.

ماسٽر چندر جي فن جو قدر سندس جيئري ئي ڪيو ويو، ڪيس وڏ ۾ وڏ ميڙتا مليا، جنهن جو اعتراف هن پاڻ پنهنجي هڪ شايع ٿيل انٽرويو ۾ بہ ڪيو هو. ان انٽرويو ۾ هن ٻڌايو هو تہ "سکر جو هڪ سيٺ هوندو هو ان لکين روپيا منهنجي راڳ جي محفلن ۾ لٽايا. شڪارپور جا سيٺ قيمت راءِ ۽ دولت رام هوندا هئا، جڏهن سنگيت جا ميلا لڳندا هئا تہ سونا پيڙا ۽ سونيون منڊيون بہ لاهي ڏيندا هئا." ان کان سواءِ رڪارڊنگ ڪمپني طرفان سندس حسن ڪارڪردگي تي کيس ڏهن تولن جو سونو ميڊل انعام ڏنو ويو. مختلف راجائن ۽ نوابن وٽان سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل مليس. پنڊت ناڪر ۽ بڙي غلام علي خان "سنگيت آچاريہ" جو لقب عطا ڪيس ۽ ڀارت سرڪار وٽان پڻ ڪجهہ انعام مليس.

1947ع ۾ گڏيل هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ اڪثر هندو سڀاجهڙا سنڌي پنهنجو وطن سنڌ ڇڏي اڪين ۾ آب آڻي، پنهنجا اباڻا ڪک خالي ڪري ڀارت هليا ويا. چندر پڻ سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ پهرين اجمير پوءِ بمبئي ۽ ڪلڪتي ويو. آخر ۾ بمبئي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين، جتي "شيوا جي پارڪ" لڳ سندس گهر آهي. ڀارت لڏي وڃڻ کان پوءِ سنڌ جي آڪيرو هڪ دفعو کيس ڇڪي آئي ۽ 1955ع ۾ چندر سنڌي عوام جي بيحد اسرار ۽ پاڪستان

(1) سن 1930ع کان 1950ع جي ڏهاڪن وارا سال گراموفون جي مقبوليت جا سال هئا. ان وقت جي مشهور فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل گراموفون رڪارڊ ڏاڍا مقبول ٿيا. ماڻهن گراموفون يعني "ڦونا" ۽ رڪارڊ خريد ڪرڻ جي ڏم لاتي ڏني. جنهن بہ ماڻهو وٽ ڦوڪو ۽ ڳچل رڪارڊ هوندا هئا، تنهن کي حيثيت وارو سمجهيو ويندو هو.

سرڪار جي دعوت تي سنڌ ۾ آيو. ٽي مهينا سنڌ ۾ رهي مختلف هنڌن تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيائين. راڳ دوران جڏهن ماڻهن ڪيس پئسا ڏيڻ شروع ڪيا ته پاڻ اٿي بيٺو ۽ هٿ ٻڌي حاضرين کي چيائين ته، "سڄڻو! پئسا ته منهنجي پنيان هلندا وتن. مان صرف اوهان سان ملڻ آيو آهيان، اوهان سان دل جا حال اورڻ آيو آهيان." پاڻ جڏهن ڀارت واپس ويو ته سنڌ جي ٻين سوکڙين ڪان سواءِ نارو شاهه مان پنهنجي گهر جي ٺلڪي مان پاڻي جي دلي ڀري پاڻ سان گڏ کنيو ويو. ياد رهي ته نارو شاهه ۾ چندر جو گهر ڏاموائي حويلي ۾ اڄ به موجود آهي.

ماسٽر چندر پنهنجي گهر وارن سميت مشرق ۽ مغرب جي ڪيترن ئي ملڪن جو دورو ڪيو. هن ڀارت وڃڻ کان پوءِ اتي به سنڌي سنگيت لاءِ ڪافي جاکوڙ ڪئي. ڪافي انداز ۾ پنهنجا ڳايل ڪلام ۽ گيت آل انڊيا ريڊيو دهليءَ جي سنڌي سروس تي رڪارڊ ڪرايا. جيڪي اڄ تائين اتان نشر ٿيندا رهن ٿا، ليڪن سنڌ ۾ ريڊيو وارا سنڌ جي هن محبوب فنڪار کي بلڪل وساري ويٺا آهن.

ماسٽر چندر شاعري به ڪندو هو، سندس ڪلام لزيز پرڪشش ۽ پرسوز آهي. شاعري ۾ حسن، عشق ۽ هجر فراق سندس خاص موضوع رهيا. پاڻ هميشه سادو ڪائيندو هو. مٿي تي بوسڪيءَ جو پٽڪو، جسم تي پهراڻ ۽ پاجامو پائيندو هو. اکين ۾ چمڪ ۽ لالائي پڪڙيل هوندي هئس. جواني ۾ تمام سهڻو جوان هو.

ماسٽر چندر 3 نومبر 1984ع تي پر لوڪ پڌاريو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سک ۽ سنگت جو يار سگهو،
ڪڏهن مان پيو چڪيان ڪڏهن تون پيو چکين
هي لڪ چپ جي آ راند سڄڻ،
ڪڏهن مان پيو لڪان ڪڏهن تون پيو لکين.
غم درد جدائيءَ جو جنهن کي،
ڪڏهن مان ٿو سکان ڪڏهن تون ٿو سکين،
هي عشق جو گاڏو آهي "چندر"
ڪڏهن مان پيو ڏکيان ڪڏهن تون پيو ڏکين.

چوٿرام گدوائي

ڊاڪٽر چوٿرام پٽ پرتاب راءِ سنتداس گدوائي 25 ڊسمبر 1889ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ چوٽي جو ڪانگريسي ليڊر ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر چوٿرام جي تعليم ۽ تربيت حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ 1908ع ۾

هيرانند اڪيڊميءَ مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، دادو ضلعي جي ڳوٺ بوبڪن جي مڊل اسڪول ۾ ماستر مقرر ٿيو. اتي سال ڪن رهڻ کان پوءِ اسڪالر شپ وٺي، حيدرآباد ميڊيڪل اسڪول ۾ ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو، سن 1913ع ۾ ايل سي پي ايس جو امتحان ڏنائين جنهن کان پوءِ کيس حيدراباد ضلعي جي ڪنهن تعلقي ۾ ڊاڪٽر ڪري رکيو ويو ۽ پوءِ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر ڪري رکيو ويو، پر سگهوئي 1915ع ۾ پاڻ نوڪري ڇڏي سياسي زندگيءَ ۾ حصو وٺڻ لڳو. پاڻ پهريون ڀيرو 1916ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي لکنؤ واري اجلاس ۾ سنڌ جي ٻين ليڊرن سان گڏجي شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو. واپس اچڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب سنڌ ۾ هر هنڌ گشت ڪري ڪانگريس ڪاميٽيون برپا ڪرايون. 1918ع ۾ کيس حيدرآباد ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. 1920ع ۾ صوبي سنڌ لاءِ ڪانگريس جو صدر مقرر ٿيو. جنهن عهدي تي ورهاڱي بعد پارت لڏي وڃڻ تائين قائم رهندو آيو. پاڻ آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر پڻ تي رهيو. هن تلڪ هاءِ اسڪول قائم ڪيو، جنهن ذريعي شاگردن ۾ قومي اتساهه پيدا ڪري، آزاديءَ لاءِ روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪيائين. 18 مارچ 1922ع تي پرنس آف ويلس ڪراچي ۾ آيو ته، ان موقعي تي ڪراچي شهر ۾ مڪمل هڙتال ڪرائي وئي، ان سلسلي ۾ گانڌيءَ سميت ڪانگريس جي مکيه ليڊرن کي جيل جون سزائون ڏنيون ويون، جن ۾ ڊاڪٽر صاحب پڻ شامل هو. کيس ڏيڍ سال سزا لڳي. جيل مان نڪرڻ کان پوءِ پاڻ "هندو سڀا" ۾ داخل ٿيو ۽ کيس "سنڌ هندو سڀا" جو صدر مقرر ڪيو ويو، ساڳئي وقت پاڻ ڪانگريس ۾ پڻ رهيو. 1929ع ۾ سائمن ڪميشن ڪراچي ۾ آئي، ان موقعي تي ڊاڪٽر صاحب اهڙو انتظام ڪيو جو ڪميشن جي ڪراچي ۾ پهچڻ کان صرف 15 منٽ اڳ اوچتو هزارين ماڻهو ڪارا جهنڊا کڻي رستن تي بيهي ويا، پوسٽر لڳي ويا ۽ هر طرف کان "سائمن گو بئڪ" جو آواز اچڻ لڳو ۽ انتظاميه ڏسندي رهجي وئي جو پوليس هن اچانڪ پيدا ٿيل صورت حال تي ڪنٽرول ڪري نه سگهي. سنڌ جي آزادي کان پوءِ پاڻ ضمني چونڊ ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو.

ڊاڪٽر چوئٿرام ورهاڱي کان پوءِ نومبر1947ع تي سنڌ ڇڏي بمبئي هليو ويو ۽ پوءِ اتي سنڌ ڇڏي آيل سنڌين جي آباد ڪاريءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو ۽ چوڻ لڳو ته "ماڻهو ڏکي ۽ عذاب ۾ مبتلا هجن ۽ اسين ويهي عهدا ماڻيون، اها ڳالهه مون کان برداشت تي نه سگهندي."

ڊاڪٽر صاحب بنيادي طور جذباتي انسان هو. نهايت نازڪ دل رکندڙ هو. ٻين جا ڏک کيس بيچين ڪري رڙڻاري وجهندا هئا. ساري ديس جا ڏک سندس دل ۾ سمايل هوندا هئا. هن ساري زندگي ماڻهن جي ڏکن دور ڪرڻ ۽

سائن همدردي ڪرڻ ۾ صرف ڪئي. هو بنيادي طور مذهبي ماڻهو هو، ليڪ
سندس مذهب خلقِ خدا جي خدمت هو. مطلب ته هو اخلاق جو پنڀار، وطن ج
خادم، ارادي جو پڪو، بي لالچ ۽ بنا ڊپ جي قومي ڪم ڪندڙ انسان هو.
ڊاڪٽر چوئٿرام گدوائي 12 سيپٽمبر 1957ع تي ديهانت ڪيو.

چيزل شاهه

سيد عبدالعزيز المعروف چيزل شاهه ولد رکيل شاهه سن 1914ع فتحپور تعلقي گنداواهه (بلوچستان) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صوفي شاعر ؛ گذريو آهي. سندس والد پڻ صوفي درويش ۽ وڏو شاعر هو.

چيزل شاهه پاڻ وڏي مٿيا ۽ مريدي خادمي وارو هو، پر هيءُ به پنهنج پيءُ وانگر درگاهه جهوڪ شريف جو طالبو رهيو. درگاهه جهوڪ جي ميلي ؛ سماع جي مجلس ۾ گوڏا پيجي اچي ويهندو هو.

چيزل شاهه سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ۾ اهم حيثيت رکي ٿو. هن دور جي تقريباً هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. خاص طرح ڪافيءَ ۾ ڪمال ڪيو اٿس. سندس ڪافي جو رنگ ۽ ڍنگ نرالو آهي. ڪافي سان گ سندس بيت ۽ ڏوهيڙا به اعليٰ قسم جا آهن. هن سڄي زندگي عبادت الاهي مخلوق خدا جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي. ڪنهن چيز ڪي ايذاءُ رسائڻ جي سخ خلاف هوندو هو. پنهنجي مريدن ڪي هميشه خوش اخلاقي ۽ صبر جي تلق ڪندو هو. پاڻ هميشه الله ۽ ان جي رسول "جي عشق ۾ غرق رهندو هو صوا چيزل شاهه جي ڪلام جو مجموعو" بحرالعميق" جي نالي سان ڇپيل آهه جيڪو فتح چند ڪنيالال ۽ گرڌاري لال 1987ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

سيد چيزل شاهه 16 مئي 1984ع تي وفات ڪري ويو، سندس ڪلا جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

رڙي رڙي راتيان ڏينهان نيڻين وهايم نير،
ڏکي پنهنجي ڏک جا ڇا ڪري باب نظير،
سيني سور سنوان ٿيا چاڪ پون ٿا چير،
سهٽا "چيزل" ڏس فقير جيڪي سورن منجهه سڙي ويا.

حاجن شاهہ "هموطن" سيتائي

سيد حاجن شاهہ "هموطن" ولد سيد فتح محمد شاهہ 5 مارچ 1913ع تي ڳوٺ سيتا ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ سنو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

سيد حاجن شاهہ "هموطن" سيتائي سنڌي تعليم سيتا ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ڪجهہ عربي ۽ فارسي بہ پڙهيو، ليڪن سگهوئي سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو ۽ پاڻ پنهنجي ڀاءُ سيد عالم شاهہ جي زير سايہ رهيو، جيڪو راڳ رنگ جو ڪوڏيو هو ۽ سنو راڳي هو، "هموطن" صاحب کي پنهنجي ڀاءُ وٽان راڳ جو علم حصي ۾ آيو جنهن ۾ اڳتي هلي پنهنجو پاڻ موکيائين.

"هموطن" سيتائي اڃا جواني مس رسيو تہ سندس ڀاءُ عالم شاهہ بہ وصال ڪري ويو. ڀاءُ جي اوچتو جدائي سبب پاڻ حساس طبع بڻجي پيو، ٿوري وقت ڪان پوءِ وري محبت جي دام ۾ بہ گرفتار ٿي پيو جنهن سبب شاعري جي ميدان ۾ لهي پيو. شروع ۾ ڪيس جمع خان "غريب"، محمود "خادم" ۽ محمد رمضان "ثاقب" جي صحبت نصيب ٿي ۽ 1939ع ڪان محمد صديق "مسافر" سخن جي سلسلي ۾ سندس رهنمائي ڪئي، جنهن سبب "هموطن" سنو شاعر ٿي ابريو.

"هموطن" سيتائي مختلف صنفن تي ڪيترائي شعر لکيا آهن. سندس غزل ۾ انتهائي رواني نظر اچي ٿي. نظم ۽ قطعات تي بہ سني دسترس حاصل هئس. اڪثر اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڪلام ڇپجندو هئو.

پاڻ شعروشاعريءَ ڪان سواءِ سنڌي راڳ ۽ سپيتا جو پڻ شائق رهيو. هن ڪجهہ ڊراما لکي اسٽيج ڪرايا ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ پئسو غريب شاگردن جي تعليم تي خرچ ڪيائين. پاڻ نهايت فياض طبيعت رکندڙ مور ماڻهو هو، سندس انتقال 14 مئي 1970ع تي ٿيو. نموني طور سندس غزل جا شعر آهن.

نہ ڇيڙيو قصئہ غم ۽ نہ ڪريو ڪو بيان دل جو،
نہ آ درد آشنا ڪوئي نہ آ ڪو مهربان دل جو،
خوشي جي مهر تا بان ڪونہ ابريو آهي اڄ تائين،
گهٽي عرصي ڪان اونداهو رهي ٿو آسمان دل جو.

حاجي "حقير" ابن مڱڻ

حاجي "حقير" ابن مڱڻ خاصخيلي 18 اپريل 1901ع تي ٽنڊو قيصر ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

حاجي حقير جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو، هن قران پاڪ ۽ ديني تعليم وٺڻ کان پوءِ ڪجهه درجا سنڌي جا پڙهيا، پوءِ حڪمت سکيو ۽ آخر تائين حڪمت جي پيشي سان وابسته رهيو.

حاجي حقير ابن مڱڻ نهايت خاموشيءَ سان سنڌي زبان جي خدمت ڪئي. هن نثر توڙي نظم ۾ تمام گهڻو لکيو آهي. ڪيس مذهبي چاڻ به سني هئي، مذهب جي موضوع تي به ڪجهه ڪتاب لکيائين. خاص ڪري ٻاراڻي ادب تي گهڻو لکيو اٿس. سندس لکيل ڪتابن جو وچور ڪجهه هن ريت آهي:

ٻاراڻو ادب: شهزادو صبر ۽ سون پري (1958ع)، ڪيهر شينهن جي ڏيءُ (1958ع)، پولڙي راڻي (1958ع)، جادوءَ جي گڏي (1958ع)، جادوءَ جي منڊي (1958ع)، پنج پينرون (1958ع)، دادلو شهزادو (1958ع)، رسامات تباهي (1958ع)، سليماني گل جو گل (1958ع)، راڻي ناز بيگم ۽ طوطا مننا (1963ع)، بيوقوف بادشاهه ۽ عقلمند وزير (1966ع)، گل ۽ خوشي (1967ع).

مختلف موضوعن تي: مظهر الحق (مذهبيات 1946ع)، مومل ۽ مينڌرو (منظوم قصو 1946ع) ،عمر مارئي جون ٽيهه راتيون (منظوم قصو 1955ع)، شاهه عرب (مذهبيات 1956ع)، الف ليليٰ- چار ياگا (قصو 1961ع)، سهڻي ميهار (منظوم قصو - 1964 ع)، سوز حقير (شاعري)، فرياد حقير (شاعري)، سسئي پنهون (شاعري)، سيتلا (علم صحت)، عاشقانه خط عرف محبت جا گل، طبي صلاحڪار، سچل جو رسالو (ترتيب)، ليليٰ مجنون (قصو) وڏو قصو دودو چنيسر، وڏو قصو سسئي پنهونءَ جو، وغيره.

حاجي "حقير" ابن مڱڻ انتهائي خوش خلق ملنسار ۽ سادي طبيعت جو مالڪ هو سندس ڪيل ادبي خدمتون هميشه ياد رهنديون. پاڻ 30 مارچ 1981ع تي ڳوٺ راول پهوڙ ۾ وفات ڪري ويو.

حافظ شاهه "ناطق" حسيني

حافظ شاهه "ناطق" حسيني ولد سيد الله بخش شاهه 22 فيبروري 1923ع تي ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو [1] پاڻ مشهور غزل گو شاعر ٿي گذريو آهي.

(1) اڪثر تذڪره نگارن حافظ شاهه جي ڄمڻ جو سن 1926ع لکيو آهي، ليڪن سندس استاد ۽ بلندپايه عالم، اديب مولانا گرامي اهو سن 1923ع ڄاڻايو آهي، ڏسو رسالو ٽماهي مهراڻ 1974/2 صه 194.

حافظ شاھ جو والد پنھنجي وقت جو رچ چڱو مڙس، سياستدان ۽ باشعور انسان ھو.

حافظ شاھ پھريان مشھور شاعر حافظ "دلگير" وٽ ديني تعليم حاصل ڪئي، پوءِ حيدرآباد اڪيڊمي ھاءِ اسڪول ۽ نور محمد ھاءِ اسڪول ۾ پڙھي 1945ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ ۽ 1951ع ۾ بي اي (آنرز) ۽ ايل ايل بي پاس ڪري ٽنڊي محمد خان ۾ وڪالت شروع ڪيائين.

حافظ شاھ وڪالت سان گڏ علم و ادب ۽ شعروشاعريءَ جي خدمت ۾ ڪندو رھيو. ان سلسلي ۾ "اداره سنڌي ادب" ٽنڊومحمد خان سندس سرپرستيءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪتاب ڇپايا. حافظ شاھ جا ترجمو ڪيل ڪتاب "تباھي" "آئين زندگي" ۽ "داستان غم" ان اداري جا شايع ڪيل آھن پاڻ "جمعيت الشعراءِ سنڌ" جو نائب صدر بہ رھي چڪو ھو.

حافظ شاھ 1953ع کان شاعري شروع ڪئي، تخلص "حافظ" ۽ "ناطق" ٻئي استعمال ڪيا اٿس، پاڻ غزل ۽ نظم جو عمدو شاعر ھو. سندس شاعري فني لحاظ سان تعريف جي قابل آھي. سندس ڪلام سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندو رھيو. سندس اڪثر ڪلام جي اصلاح مرحوم غلام محمد گرامي صاحب ڪئي.

حافظ شاھ 10 مئي 1974ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو ھيٺ ڏجي ٿو:

وقت ڏک جو طبيب سمجھان ٿو،
سک سندوھي نقيب سمجھان ٿو،
جا بہ شيءِ ياد کان رکي غافل،
تنھن کي پنھنجو رقيب سمجھان ٿو.

حامد علي خانائي

ڊاڪٽر حامد علي خانائي ولد حڪيم قاضي محمد يعقوب قريشي 6 جنوري 1934ع تي شھر خانواھڻ تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشھرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو ناميارو ليکڪ ۽ محقق آھي.

حامد علي خانائي ابتدائي تعليم پنھنجي ڏاڏي قاضي امام بخش جي مڪتب ۾ حاصل ڪئي. 1952ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڊي سي ھاءِ اسڪول نوابشاھ مان پاس ڪري 1954ع ۾ ايچ ايم خواجہ ھاءِ اسڪول نوابشاھ ۾ ماستر مقرر ٿيو ۽ پوءِ 1956ع ۾ انٽر، 1958ع ۾ بي اي ۽ 1965ع ۾ ايم اي (سنڌي) جا امتحان پاس ڪيائين. 1975ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان سڄي سنڌ ۾ ٻيو نمبر اچي، پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نوابشاھ

۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. جتان 6 جنوري 1994ع تي اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

خانائي صاحب 1955ع کان لکڻ جي شروعات افسانن سان ڪئي. "خادم" تخلص سان ڪجھ شاعري بہ ڪيائين، ليڪن پوءِ سڳھوڙي ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي مشوري سان سنڌس لاڙو تاريخ ۽ تحقيق طرف ٿيو. هن ڪيترائي تاريخي مضمون مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن. خاص ڪري اڳوڻي ضلعي نوابشاھ واري سڄي علائقي جي تاريخ قديم آثارن، ادب ۽ مشاهيرن تي ڪافي ڪم ڪيو اٿس. هن صاحب "ساهتي پرڳڻي" جي علمي ۽ ادبي تاريخ تي وڏي محنت ۽ تحقيق سان هڪ تفصيلي ۽ علمي مقالو "ساهتيءَ جا قديم علمي مرڪز" جي نالي سان لکي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي رهبري ۾ 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

سنڌ جي تاريخ کي درباري روايتن جي ڌنڌ مان ڪڍي سنڌ جي سياسي، اقتصادي ۽ تهذيبي پس منظر ۾ پش ڪرڻ وارن ۾ ڊاڪٽر خانائي جو وڏو هٿ آهي. جيئن تہ سنڌس ادبي استادن ۾ مولائي شيدائي، مولانا گرامي ڊاڪٽر بلوچ ۽ سيد حسام الدين شاھ راشدي جھڙا وڏا عالم، اديب ۽ محقق شامل آهن، جن جي اثر سبب سنڌس تحقيقي انداز نهايت عالمانہ ۽ محققانہ آهي.

ڊاڪٽر خانائي صاحب جا لکيل 400 کان وڌيڪ مضمون ۽ مقالا مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپيل آهن. ان کان سواءِ سنڌس بہ ڪتاب "ضلعو نوابشاھ تاريخي شهر ۽ شخصيتون" 1987ع ۽ "تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي" 1998ع ڇپيل آهن. هڪ ڪتاب "وڪريل وٿون" ڇپائيءَ هيٺ آهي ۽ وڌيڪ اڻ ڪتاب قلمي صورت ۾ وٽس موجود آهن.

سنڌس مقالن جو مجموعو "مقالات خانائي" جي نالي سان ڏهن جلدن ۾ بشير احمد هيسباڻي ترتيب ڏنو آهي، جيڪو پڻ ڇپائي جي انتظار ۾ آهي.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي هن وقت نواب شاھ ۾ رهي ٿو، عمر جي تقاضا ۽ مسلسل محنت سبب پاڻ جسماني طور ڪمزور ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽرن کيس لکڻ پڙهڻ کان سخت منع ڪئي آهي، پر پوءِ بہ روزانو بہ ٽي ڪلاڪ لکڻ اڄ بہ هن جو معمول بڻيل آهي. هن پورهيت اديب ۽ تاريخدان طور جيڪو پيار جو پورهيو ڪيو آهي سو سنڌ وساري نہ سگھندي کيس مجتا طور هيٺيان ايوارڊ مليل آهن.

پنهور سيمينار ايوارڊ، 1983ع، سڳا سنڌ طرفان پير حسام الدين ايوارڊ 1986ع، علامہ آءِ آءِ قاضي ايوارڊ، حمل فقير ايوارڊ، 1997ع ۽ 5 سيپٽمبر 1999ع تي گولڊن جوبلي سيمينار ماهوار نئين زندگي جي موقعي تي کيس مولانا عبدالواحد سنڌي يادگار شيلڊ پيش ڪئي وئي.

حاميدالله، مولانا

مولانا الحاج حاميدالله ولد گل محمد ميمڻ جو شمار اهڙن سداحيات انسانن ۾ ٿئي ٿو، جن الله جي هيڪڙائي ۽ انسانيت جو درس ڏنو. مولانا حاميدالله شروعاتي عربي تعليم ٺٽي ۾ مولوي عبدالرحيم ڪٽي جي مدرسي ۾ ورتي. ان بعد اتر ڏي ويو شايد پاٽ شريف ۽ شهدادڪوٽ ۾ به تعليم ورتائين، جنهن ڪان پوءِ فيروزشاهه ۾ مولانا عطاالله صاحب وٽ ڪافي وقت ديني درس وٺي فارغ التحصيل ٿيو ۽ واپس وطن اچي تعلقي سجاول جي ويجهو سوهن جي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائين.

هتي گهڻو وقت رهڻ کان پوءِ رپ ضلعي بدين ۾ تدريس جو ڪم ڪيائين. پاڻ ڪي سال سجاول ۾ پڻ رهي، علم جي اجايلن جي اڃ اجهائيندو رهيو ۽ والي جي وحدانيت جي واڪاڻ ڪندو رهيو.

مولانا حاميدالله کي اهو شرف به حاصل آهي ته، هو عربستان ۾ ڪافي وقت رهي مسجد نبوي صه ۾ حديث شريف جو دور پڙهندو هو، جنهن ڪري اتي کيس، "شيخ الحديث" جو لقب عطا ٿيو.

مولانا صاحب عربستان مان واپس اچڻ کان پوءِ پهرين شهر دڙو ضلعي ٺٽي جي ويجهو مدرسو شروع ڪيو، ان کان پوءِ تعلقي سجاول ۾ سڪونيت پذير ٿيو، آخر ۾ ڳوٺ ڦتوڻ ۾ مدرسو کوليائين جيڪو گولاڙچي ويجهو ضلعي بدين ۾ آهي، جتي پاڻ 30 اپريل 1920ع تي وصال ڪري ويو.

حبيب الله ڀٽو

حبيب الله ولد مولانابخش ڀٽو پهرين نومبر 1917ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. سندس شخصيت علم ۽ ادب جي ميدان ۾ ڄاتل سڃاتل آهي.

حبيب الله ڀٽو جو والد پنهنجي دور جو مشهور معروف شاعر هو. "مسڪين" سندس تخلص هو، جنهن جي رهنمائي ۽ تربيت حبيب الله کي اعلىٰ انسان ۽ بلندپايه شاعر بڻائي ڇڏيو. ننڍپڻ کان وٺي سٺن استادن جي تربيت ۾ تعليمي مرحلا سلسلي وار طئي ڪري ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين. پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز هڪ استاد جي حيثيت سان ڪيائين ۽ ترقي ڪندو اعلىٰ عهدي تي پهتو ۽ سندس پوري ڄمار علم جي خدمت ڪندي گذري.

ڀٽي صاحب جي ادبي زندگي جو آغاز 1936ع کان شروع ٿيو. 1940ع کان هن باقاعدي لکڻ شروع ڪيو. سندس مضمون ۽ نظم سنڌ جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. سندس لکيل ڪيترائي تعليمي، ادبي، تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون سنڌي ادب جا قيمتي شهه پارا آهن. سندس تصنيفن مان رسول مقبول، اقوال دانش، سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا ۽، اسان جي جدوجهد وغيره قابل ذڪر آهن.

حبيب الله پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو آزادي واري تحريڪ ۾ جدوجهد ڪندي گذريو. مسلم ليگ ۽ قائداعظم سان سندس وابستگي گهڻي رهي. ڪيترن سماجي، تعليمي ۽ ادبي جماعتن سان وابسته رهيو. سنڌي ادبي سنگت شڪارپور جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. 1976ع ۾ پگهار ڪميشن جي اڳيان سنڌ جي نمائندي جي حيثيت سان پيش ٿيو ۽ شاندار نموني پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيائين. هن سموري زندگي علم و ادب جي خدمت ڪندي گذاري هن هڪ هزار کان وڌيڪ مقالا، مضمون ۽ نظم لکيا.

حبيب الله پٽو 18 اپريل 1980ع تي گذاري ويو. سندس ڪلام جو نمونو آهي.

عاشقن کان هيئن ڪري سهٽا حجاب،
تو ملي توکي پيلا کهڙو ثواب،
هي ٻڌي ڇڏ ڳالهه سياڻا ٿا چون،
عاشقن کي خوش ڪرڻ آهي ثواب.

حبيب الله شهداد ڪوٽي، مولانا

مولانا حبيب الله ولد مولانا سعدالله اعوان 21 فيبروري 1869ع تي پنجاب جي هڪ ڳوٺ ڳاگن هٽا ضلعي ملتان ۾ جائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ۽ بلندپايه عالم دين ٿي گذريو آهي.

مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي درس نظامي تائين تعليم پنجاب جي مختلف مدرسن ۾ حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ 1910ع ۾ پاڻ پنجاب کي ڇڏي اچي سنڌ ۾ مستقل طور رهڻ لڳو. پهريان شڪارپور تعلقي جي ڳوٺ "ميان جو ڳوٺ" ۾ اچي رهيو ۽ بعد ۾ 1927ع کان شهدادڪوٽ ۾ اچي رهڻ لڳو. جتي درگاهه صديقيه تي درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين ۽ درگاهه سان منسلڪ مسجد شريف ۾ جمعي جي خطابت جو فريضو سرانجام ڏيڻ لڳو. اها مسجد اڄ به "حبيب مسجد" جي نالي سان مشهور آهي.

مولانا حبيب الله کي شعروشاعري جو شوق شروع کان ئي رهيو. هن پهريان فارسي، سرائڪي ۽ اردو ۾ شاعري ڪئي ۽ اڳتي هلي سنڌي، پنجابي ۽ عربي ۾ به شاعري ڪرڻ لڳو. هونءَ ته مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين پر نعت سندس پسنديده صنف رهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ حق ۽ سچ جي آواز کي ايترو ته بلند ڪيو آهي جو ڪيس حق گوشاعر چئجي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. هن پنهنجي شاعري توڙي تقريرن ۾ حق گوئي جو اظهار ڪرڻ کان ڪڏهن به ڪنهن مصلحت کان ڪم نه ورتو ۽ هميشه بي ڊپو ٿي معاشرتي برائين تي سخت تنقيد ڪندو رهيو. سندس چونڊ سنڌي ڪلام جو مجموعو سندس شاگرد سيد گل محمد شاهه بخاري ترتيب ڏئي 1992ع ۾ "فڪر حبيب" جي نالي سان

ڇپرايو آهي. ۽ وڌيڪ سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪلام شاهه صاحب وٽ قلمي صورت ۾ محفوظ آهي، جنهن ۾ هڪ مثنوي "ميلاد نامو" پڻ شامل آهي.

مولانا صاحب جيتوڻيڪ اصل پنجاب جو هو پر سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌ جو ٿي ويو ۽ پاڻ کي سنڌي سمجهڻ لڳو. کيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان جيڪا بي انتها محبت هئي. ان جي جهلڪ سندس شعر ۾ پڻ نظر اچي ٿي.

پاڻ "شهدادڪوٽي" سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ سندس ڪوبه مٽ مائٽ ڪونه هو، ان ڪري زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ پير سني جي ڪري شهدادڪوٽ کي ڇڏي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڳاڳن هتا ۾ وڃي رهيو، جتي 5 جنوري 1992ع تي وفات ڪيائين. هو سڄي ڄمار غير شادي شده رهيو. نموني طور سندس غزل جو هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

اٿم ايمان جو دستور عربي ور نه چاهيان ها،
هلي منڪر نڪيرن وٽ به شل سنڌي زبان پنهنجي.

حسام الدين شاهه راشدي

پير حسام الدين شاهه ولد محمد حامد شاهه راشدي جي ولادت 20 سيپٽمبر 1911ع تي ضلعي لاڙڪاڻي تعلقي رتي ديري ۾ نصرت اسٽيشن جي پر ۾ راشدي پيرن جي ڳوٺ ٻهمڻ ۾ ٿي. پاڻ پير علي محمد شاهه راشدي جو ننڍو ڀاءُ هو. هيءُ انهيءَ بختاور ڪٽنب مان هو، جنهن ۾ هڪ والد جا ٻه فرزند هڪ ٻئي کان وڌيڪ امتياز لياقت جا مالڪ بڻيا. سنڌ جي تاريخ ۾ اهي ٻئي ڀائر "راشدي برادران" جي گڏيل نالي سان مشهور آهن.

سيد حسام الدين شاهه راشدي ويهين صدي جو بين الاقوامي شهرت رکندڙ اهو سنڌي سپوت ٿي گذريو آهي، جنهن جي شخصيت تي سنڌ واسي جيترو ناز ڪن اهو گهٽ آهي. پير صاحب مايه ناز اسڪالر محقق، مورخ، اديب، صحافي ۽ ٻين لاتعداد خوبين جو مالڪ شخص هو.

سيد حسام الدين شاهه راشدي جي تعليم ۽ تربيت خانگي نموني سان سندس وڏي ڀاءُ پير علي محمد شاهه راشدي سان گڏ ٿي. هن ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار ڊڪڻ کان ورتي. پوءِ مولوي محمد الياس پنوهر کان درس ورتو آخر ۾ مولوي سيد علي شاهه لڪياري ساعدي وٽ پڙهيو، انهن استادن کان چار درجا سنڌي ۽ فارسي تعليم سڪندرنامه تائين حاصل ڪيائين ۽ پوءِ نصرت ريلوي اسٽيشن جي اسٽيشن ماستر وٽ ڪجهه وقت انگريزي جي تعليم خانگي طرح حاصل ڪيائين. ان کان علاوه هن جو ننڍي هوندي کان وٺي اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ تي شوق هوندو هو، جنهن ڪري سندس معلومات وڌندي وئي ۽

آهستہ آهستہ سنڌي، فارسي، عربي، انگريزي ۽ اردو ٻولين جو وڏو ڄاڻو ٿي ويو.

راشدي صاحب 18 سالن جي عمر ۾ صحافت جي ميدان ۾ پيرپاتو، سڀ کان پهرين اخبار "جاڳڻ" جو نامہ نگار ٿيو. 1930ع ڌاري ماهوار رسالي "المنار" سکر جو ڪجهه وقت لاءِ ايڊيٽر ٿي رهيو. 1930ع کان 1934ع تائين پاڻ ۽ علي محمد شاهہ راشدي گڏجي هفتيوار اخبار "ستاره سنڌ" جاري ڪئي. انهيءَ کان علاوه الوحيد، قرباني، مهراڻ وغيره ۾ پڻ ڪم ڪيو. پاڻ انجمن ترقي اردو جو باني ۽ ماهوار نئين زندگي بورڊ جو صلاحڪار ٿي رهيو، پاڻ ڪيترن سماجي ثقافتي ۽ تعليمي ادارن جو سرگرم ميمبر ٿي رهيو، انهن مان سنڌي ادبي بورڊ، اردو ڪاليج، اردو ٽرسٽ، يادگار غالب، اقبال اڪيڊمي، سينٽرل اردو ڊيولپمينٽ بورڊ لاهور، سنڌ يونيورسٽي، نيشنل ميوزيم حاجي عبدالله هارون ڪاليج پنجاب يونيورسٽي، سنڌ الاجي، ٽيليويزن ڪارپوريشن، بين الاقوامي ڪانگريس، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ۽ يونيسڪو جي صلاحڪار ڪميٽي وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن، تنهن کان سواءِ سوين ادارا اهڙا آهن، جن ۾ سندس ڪيل خدمتون اڻ وسرندڙ آهن.

پير حسام الدين شاهہ راشدي مختلف ملڪن جو سير سفر ڪيو ۽ اتي جي مکيہ اديبن سان ملاقاتون ڪيون ۽ اتان جا تاريخي قديم ماڳ مڪان، عجائب گهر ۽ ڪتب خانہ ڏٺا. ان سلسلي ۾ عراق، ايران، لبنان، شام، برطانيہ، افغانستان ۽ فلپائن ويو. 1963ع ۾ بغداد جي ٻارهن سو سالہ جشن ۽ الڪنديءَ جي ورسيءَ ۾ شموليت لاءِ ويو. ساڳئي سال ۾ ايران جي حڪومت طرفان "نشان سپاس" جو تمغو مليس 1964ع ۾ پاڪستان سرڪار طرفان کيس روس ۾ علمي ڪوجنا لاءِ موڪليو ويو. ساڳئي سال هانگ ڪانگ ۾ بہ ڪجهہ وقت وڃي رهيو. 1964ع ۾ حڪومت پاڪستان طرفان کيس صدر صاحب "تمغہ امتياز" عطا فرمايو. 1965ع ۾ ايران جي وزارت فرهنگ وهنر خاص دعوت ڏئي کيس ايران گهرايو، 22 آڪٽوبر کان 19 نومبر تائين اتي رهي مختلف شهرن ۾ تاريخ تي ليڪچر ڏنائين. انهيءَ موقعي تي شهنشاهہ ايران سان سندس خاص طرح اهتمام سان ملاقات ڪرائي وئي ۽ ڪيترن ايراني شاعرن سندس مدح ۾ قصيدا ۽ قطعا چيا. انهيءَ سال شهنشاهہ ايران کيس "نشان سپاس، درجہ اول" جو تمغو ڏنو. ساڳئي سال کيس روس ڪلچرل ايسوسيئيشن جو نائب صدر چونڊيو ويو. 1966ع ۾ پاڪستاني اديبن جي وفد ۾ چين جي دوري تي ويو. ساڳئي سال شهنشاهہ ايران جي دعوت تي ايران شناس عالمن جي عالمي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ايران ويو. ساڳئي سال افغان حڪومت جي دعوت تي افغانستان پڻ ويو، جتي هن سنڌ ۽ افغانستان جي مشترڪ تاريخ تي مواد هٿ ڪيو.

پير حسام الدين شاهہ راشدي جيتوڻيڪ گهڻو ڪم تاريخ تي ڪيو جو

تاريخ سان کيس بيحد دلچسپي ۽ اُنس هو، ليڪن هن ابتدا ۾ شعر ٻه ڇپيو ۽ پوءِ افسانا به لکيائين. انهن ۾ انارڪلي پاڪدامن، عورت، گلن واري ڇوڪري، امانت ۽ بدنصيب شهزادو ڇپيل آهن. ان کان علاوه هڪ ڊگهو افسانو "الزليخا" به لکيائين ۽ ٻيا به ڪجهه افسانا لکيا هئائين. پاڻ ان زماني ۾ "سيد فدائي الراشدي" جي قلمي نالي سان لکندو هو، تاريخ جي حوالي سان پير صاحب سنڌ جي تاريخ بابت ڪيترو ئي مواد ايڊٽ ڪري حاشياء واذارا لکي شايع ڪيو. خاص ڪري فارسي مخطوطن کي روشنيءَ ۾ آندائين ۽ ايڊيٽنگ جو پورو پورو حق ادا ڪيائين.

راشدي صاحب جملي ايڪيتاليهه ڪتاب اسان وٽ ڇڏيا آهن، جن ۾ ٻارهن سنڌي ۾ پنجويهه فارسي ۾ ۽ چار اردو ۾ لکيل آهن. سندس ايڊٽ ۽ تصنيف ڪيل ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

تاريخ مظهر شاهجهاني، مڪلي نامو، ترخان نامو، حديقةالاوليا، دود چراغ محفل، تحفةالڪرام، مقالات الشعراء، مهراڻ جون موجون، مثنوي چنيسر نامو، مير محمد معصوم بکري، مثنوي مظهر الآثار، مرزا غازي بيگ اور اسڪي بزم ادب، تذڪره امير خاني، قصائد و مثنويات قانع، روضة السلاطين، هوڏو تي هوڏينهن، وغيره ان کان علاوه سندس مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل هڪ ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" انجمن تاريخ سنڌ 1981ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي ۽ هڪ ٻيو ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي جنهن ۾ محترم غلام محمد لاکي صاحب راشدي صاحب جا انٽرويو، تقريرون ۽ مقالا ترتيب ڏنا آهن.

پير حسام الدين راشدي جي دل انسانيت ۽ علم و ادب جي خزاني سان پر هئي، سندس سوين مضمون، تحقيقي مقالا ۽ ڪتاب تاريخي حيثيت جا مالڪ آهن. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي قدرداني ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ خوب ٿي. هن پنهنجو پاڻ کي علم ۽ ادب جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ اهوئي سندس زندگيءَ جو معراج هو، سندس علمي صلاحيتن جو قدر ڪندي تهران يونيورسٽي کيس ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني. پير صاحب محقق سان گڏ اهل دل اهل قلم زنده دل ۽ باغ بهار شخصيت جو مالڪ هو. نوجوانن سان بيحد پيار هوندو هئس، انهن کي هميشه لکڻ، پڙهڻ، پروڙڻ ۽ علمي ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏيندو هو. هن جي دم سان سنڌ جي ثقافت تهذيب ۽ تمدن، تاريخ ۽ قديم روايتن جون محفلون گرم رهيون.

هيءَ عظيم سنڌي انسان پهرين اپريل 1982ع تي وفات ڪري ويو. کيس سندس وصيت مطابق سنڌ جي تاريخي قبرستان مڪلي (ٺٽو) ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پيراندي کان ڏکڻ پاسي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

حسن الله پاٽائي

مخدوم حسن الله ولد مخدوم وهب الله المعروف عزت الله پاٽائي سن 1850ع ڌاري ڄائو. پاڻ سنڌ جي وڏن علمائن مان هو. جنهن جي ساري زندگي درس و تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ گذري

مخدوم حسن الله پاٽائي جو والد ۽ ڇاڇو پنهنجي وقت جا معتبر عالم هئا. انهيءَ ڪري ننڍي هوندي کان ئي حسن الله جي تعليم ۽ تربيت تي خاص توجهه ڏنو ويو.

مولانا نور محمد ۽ مولانا گل محمد شهدادڪوٽي جهڙن عالمن وٽان ڪيس تعليم ڏياري وئي. سندس همعصر ۽ همدرس علمائن مان مولوي محمد حسن حيدرآبادي، مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسين وارو ۽ مولوي عطاالله فيروز شاهي جا نالا قابل ذڪر آهن.

مخدوم حسن الله پاٽائي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هو جدا جدا شهرن ۾ رهيو، جتي مخدوم بصرالدين سيوهاڻي، مخدوم معين الدين سيوستاني، مولانا ابوالفيض جتوئي ۽ مخدوم محمد دائود دربيلوي سان ملاقاتون ڪندو رهيو.

مخدوم حسن الله ڪيترن ئي منجهيل مسئلن تي فتوائون ڏنيون، جيڪي اڄ به تحريري صورت ۾ موجود آهن. پاڻ ڪتاب "بياض واحدي" جيڪو سندس ڏاڏي مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ جو لکيل آهي، ان جي قولن کي ترجيح ڏيندو هو. وٽس پنهنجو ناياب ذاتي ڪتب خانو هو ۽ سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ اڪثر فقهي مسئلن تي بحث مباحثو ٿيل آهي. پاڻ نقشبندي طريقي جا افڪار اڪثر بيان ڪندو هو. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عالم، فاضل، مناظر، محقق ۽ فقيهه هو، سندس علمي واڪاڻ پري پري تائين پهتل هئي.

مخدوم حسن الله پاٽائي 21 جمادي الاول 1339 هجري (1921ع) تي رحلت ڪري ويو.

حسن علي خان "حسن" مير

سرڪار رفعت مدار هزهائينس مير حسن علي خان ٽالپر 12 جولاءِ 1825ع تہ حيدراباد جي قلعي ۾ تولد ٿيو. پاڻ سنڌ جي آخري تاجدار مير محمد نصير خان ٽالپر جو وڏو فرزند هو. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي ذهين هو. چوڏهن سالن جي عمر ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائين. سندس تعليم ۽ تربيت شاهاڻي شان شوڪت مطابق ٿي. سن 1843ع ۾ پنهنجي والد مير نصير خان ۽ ٻين عزيزن سان گڏ گرفتار ٿي ڪلڪتي ويو. سن 1861ع ۾ ڪلڪتي مان موٽي واپس پنهنجي وطن حيدرآباد آيو. حيدرآباد ۾ لطيف آباد نمبر 4 يعني ٽنڊي مير

ر محمد خان ۾ اجا تائين سندس بنگلو قائم ۽ برقرار آهي.

مير حسن علي خان فارسي توڙي سنڌيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. ندس شاعري جو موضوع فقط رسول صہ ۽ آل رسول صہ جي مدح و ثنا هو، ۾ ٽي انداز ۾ حضرت امام حسين عليہ سلام جي مصائب ۾ مرثيا چائين، مير احب جو سنڌي ڪلام وڏي تعداد ۾ موجود آهي. سندس جملہ ڪلام ۾ علم يان جون خوبيون ۽ صنائع وبدائع جون صنعتون موجود آهن مير صاحب ڪيترائي منظوم ڪتاب لکيا، انهن ۾ "فتح نامہ سنڌ يا شاهنامو" وڏيڪ شهور آهي.

مير صاحب 1872ع ۾ ماتا جي بيماري ۾ مبتلا ٿيو، ان عارضي جي الم ۾، "قصيده برده" جو ترجمو ڪيائين ۽ جلد ئي شفاياب صحت ٿيو.(1) ير صاحب جي ترجمي مان انداز بيان جي دلفريبي لفظن جي شڪوه ۽ اهڙي اني ڏسڻ ۾ ايندي، جو قصيدو شروع ڪرڻ بعد ان کي ختم ڪرڻ بغير ڇڏي ڻ هڪ صاحب ذوق عالم لاءِ مشڪل ٿيندو. مير صاحب قصيده برده جي 165 عرن جو ترجمو ڪيو آهي.

مير حسن علي خان ٽالپر 30 جنوري 1907ع تي وفات ڪري ويو. صيت مطابق سندس لاش ڪربلا معليٰ ۾ دفن ڪيو ويو، سندس شاعري جو ونو هيٺ ڏجي ٿو:

آءُ مملڪت نظم ۾ سلطان سخن جو،
شائق هجين تان ڏس اچي ميدان سخن جو.

سين بخش "خادم" سروري

حسين بخش "خادم" ولد پير بخش ڀنڀرو 15 جنوري 1930ع تي ڳوٺ اضي تعلقي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ ڄائو، پاڻ مشهور ڪافي گوشاعر ۽ مهان ڳي تي گذريو آهي.

حسين بخش "خادم" هڪ پيري پنهنجي ڳوٺ آراضي کان ڪنهن ڪم انگي هالا ۾ مخدوم غلام محمد عرف گل سائين جن جي خدمت ۾ حاضر و، مخدوم صاحب جن جي شفقت ۽ محبت ڏسي حسين بخش هميشہ لاءِ هالا ئي رهي پيو. گل سائين جي انتقال بعد سائين طالب المولیٰ جن پنهنجي ينداري ۾ ڪيس ڪمداري طور رکيو هو ڪيترائي سال زمين جي سار سنڀال بہ ندو رهيو ۽ سائين طالب المولیٰ جن جو خاص حاضريءَ جو ملازم بہ رهيو.

---

(1) "قصيده برده" سن 1280ع ۾ مصر جي هڪ شاعر ۽ صوفي بزرگ علامہ بوصيري، محمد سعيد عربي زبان ۾ چيو. هن جي ولادت ڳوٺ دلاص ۾ سن 1212ع ۾ ۽ وفات اسڪندريہ ۾ 1298ع ۾ ٿي.

حسين بخش کي شاعري جو شوق بہ سائين طالب المولى جن جي صحبت ۾ پيدا ٿيو. پهرين مخدوم صاحب جو ڪلام ڳائي محفلن ۾ رنگ ڇمائيندو رهيو ۽ پوءِ پاڻ بہ ڪافيون لکڻ شروع ڪيائين. مخدوم صاحب کيس "خادم" تخلص عطا ڪيو ۽ موزون شاعري ڪرڻ لاءِ چيو. ان بعد هن غزل لکڻ شروع ڪيو ۽ مخدوم صاحب جن سندس اصلاح ڪندا رهيا. جيڪي سندس استاد ۽ مرشد بہ هئا.

حسين بخش "خادم" هڪ سٺو شاعر هو. سندس تخليقي فن جو اظهار سندس ڪافين ۽ غزلن ۾ موجود آهي. سندس شاعري هڪ درد مند دل جي وجد آور صدا آهي. سندس ڪلام ريڊيو تان نشر ٿيندو رهي ٿو، انهن مان ڪيترائي رڪارڊ ڏاڍا مقبول آهن.

حسين بخش سٺو ڳائڻو ريڊيو آرٽسٽ بہ هو. هن راڳ جي سکيا مشهور راڳي مصري فقير کان حاصل ڪئي، جيڪو مخدوم صاحب جي حاضريءَ جو ڳائڻو هو. حسين بخش يڪتاري تي ويهي پوءِ وجد ۾ اچي نچي ڳائڻ ڪري ڏاڍو مشهور ٿيو. سندس سوز ۽ جذب وارو والهانہ دلڪش آواز هزارين دلين کي ڪيف آور ۽ رنگين فضا ۾ آڻي ڇڏيندو هو. جنهن محفل ۾ سندس شرڪت ٿيندي هئي اها رنگ ۽ آهنگ سان سرشار رهندي هئي. هن پنهنجي فن جي خوشبوءِ سان ساري دنيا واسي ڇڏي هئي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ کيس پنهنجي فن کي متعارف ڪرائڻ جو موقعو مليو. مجتا طور 1988ع ۾ کيس "لطيف ايوارڊ" مليو ان کان علاوه بيا بہ کيس انعام ۽ اعزاز مليا.

فقير حسين بخش "خادم" هڪ ڀيري محمد فقير کٽياڻ جي مزار تي ٿيندڙ راڳ جي محفل ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويو، رات جو فقير حسين بخش ۽ ٻين فقيرن ڳايو وڄايو، پوءِ وڃي سڀ آرامي ٿيا، صبح جو فقير حسين بخش ڪونہ اٿيو، ڏسن تہ امانت ڌڻيءَ کي پهچي چڪي آهي. اهو 12 مارچ 1992ع جو ڏينهن هو.

ويهہ، وڃ مَ منهنجا پرين، منهنجي ساعت ڪين سري،
رهہ ڪا رات "خادم" وٽ، ڪامل قـــرب ڪري،
مـــٿـان مـــٿي وري، پو تون وڃڻ جون وايون ڪجانءِ.

حفيظ شيخ

حفيظ احمد ولد عبدالرسول شيخ 10 نومبر 1931ع تي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي افسانوي ادب جو سٺو ليکڪ ٿي گذريو آهي.

حفيظ شيخ فيملي پلاننگ جو ايگزيڪيوٽو آفيسر هو. سندس نالو آزاديءَ کان پوءِ واري شروعاتي دور جي سنڌي افسانوي ادب جي تمورتيءَ ۾

ڳڻيو ويو آهي، جنهن ۾ جمال ابڙو غلام رباني ۽ حفيظ شيخ اڳي وڃن ٿا. سندس ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ روشن مقام رکن ٿيون. هن ابتدائي زندگي صحافت جي دنيا ۾ گذاري مختلف اخبارن ۽ رسالن سان وابسته رهيو ۽ گڏوگڏ اي پي پي جو به ڪيترو وقت نمائندو ٿي رهيو. ڪيس سنڌي زبان جي بهترين افسانا نگارن مان هڪ مڃيو ويندو هو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "ساگر جي لهرن تي" 1976ع ۾ ڇپيو.

هن مهان ڪهاڻيڪار کي ادبي عقيدت جي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ مدد علي سنڌي رسالي "اڳتي قدم" جو ڊسمبر 1972ع ۾ حفيظ شيخ نمبر شايع ڪيو. ناز سنائي "حفيظ شيخ" نالي سان ڪتاب لکيو ۽ نصير مرزا "اڇو پکي واءُ ۾" نالي ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ حفيظ جون لڳ ڀڳ سموريون ڪهاڻيون ناوليٽ، يادگار خط، ناياب تصويرون، حفيظ بابت مضمون، مقالا، تاثر ۽ ننڍپڻ کان مرڻ تائين سموري زندگيءَ جو تفصيل شامل آهي.

حفيظ شيخ 9 نومبر 1971ع تي انتقال ڪري ويو.

حليم بروهي

عبدالحليم ولد عبدالعزيز بروهي 5 آگسٽ 1935ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ معروف ليکڪ آهي.

حليم بروهي سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1956ع ۾ بي اي (آنرس) ۽ 1960ع ۾ ايل ايل بي ڪئي. جنهن کان پوءِ ڪجهريان حيدرآباد ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ پهرين آڪٽوبر 1980ع کان سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمت اختيار ڪئي جتي مختلف عهدن تي رهندي، چيف اڪائونٽنٽ جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

حليم بروهي 1967ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين مسلسل لکندو پيو اچي. هن ڪهاڻيون، ڪالم ۽ ناول وغيره لکيا آهن. پاڻ ڪيترن ئي سنڌي ۽ انگريزي ڪتابن جو مصنف آهي. ان کان سواءِ هن جو هڪ بيو ڪم رومن سنڌي ڏاهڻ پڻ آهي. سندس ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

Nothing in Particular (1976), Solo Decayed (1967)

Nothing in Earnest (1967)، هٽلر جي ڪهاڻي (1972)ع هٽلر لکيو- (1972) اوڙاهه (ناول 1975ع)، حليم شو (رچنائون - 1983ع) وغيره.

حماد الله هاليجوي، مولانا

مولانا حماد الله ولد ميان محمود انديڙ سن 1300هه جي لڳ ڀڳ ڳوٺ هاليجي تعلقي پني عاقل ۾ ڄائو. سندس خاندان پنهنجي علم ۽ فضل سببان نامور هو.

مولانا حماد الله قرآن ڪريم جي ابتدائي تعليم آخوند ابراهيم انڊڙ جي مڪتب ۾ ۽ فارسي آخوند عبدالرحيم ڪلهوڙي ۽ مولانا نور محمد عادلپوري وٽ پڙهيو. ڪجهه عربيءَ جا ڪتاب مولوي واصل محمد بروهي ۽ مولانا نور محمد سومرائي انڊڙ کان پڙهيائين. اهڙي طرح مشڪوات شريف ان وقت جي برک ۽ ممتاز عالم دين مولانا قمرالدين انڊڙ وٽ جامع مسجد گهوٽڪي ۾ پڙهندو هو. پر پوري پڙهي نہ سگهيو جو حديث پڙهڻ سان اکين مان زارو قطار ڳوڙها وهڻ شروع ٿيندا هئس. پاڻ ڪجهه وقت مدرسہ دارالرشاد (پير جهنڊي) ۾ اچي رهيو تہ، جيئن مولانا عبيدالله سنڌي کان ڪجهه پرائي. سندس درس قرآن مان اطمينان نہ ٿيس، ان ڪري واپس ڳوٺ هليو آيو، ۽ پوءِ ترجي ٻين ڪن عالمن وٽ علم جي تحصيل ڪيائين دستاربندي کان پوءِ ڀرين نيڙهي جي مشهور ديني مدرسي دارالهديٰ ۾ ٻہ سال ڪن پڙهايائين ۽ پوءِ واپس هاليجي شريف آيو ۽ پنهنجي چاچي ميان محمد سليمان جي سرپرستيءَ هيٺ پڙهائڻ شروع ڪيائين. پاڻ جڏهن ٽيهن سالن جي عمر کي پهتو تہ، هن روحاني تسڪين لاءِ ويراڳ جون واٽون ورتيون، شروع کان سندس طبيعت جو لاڙو تصوف ڏانهن هو.

ڀرريان ڪيارن واري بزرگ مخدوم محمد معصوم نقشبنديءَ جي حلقہ ارادت ۾ شامل ٿيو، پر پوءِ امروٽ شريف آيو، جتي مولانا تاج محمود امروٽي کيس رڱي ڇڏيو ۽ مٿس ڪا اهڙي توجهہ جي نظر وڌي جو مولانا حمادالله حضرت امروٽي جو عقيدت مند بڻجي پيو. ڪجهه وقت کان پوءِ مرشد جي هدايت پٽاندڙ واپس هاليجي شريف آيو، جتي 52 سال خلق خدا جي خدمت ڪندو رهيو.

حضرت هاليجوي قادري طريقي کي رواج ڏنو، هن تبليغ جي سلسلي ۾ اُٺ تي چڙهي دور دراز علائقن جو سفر ڪيو، لواريءَ جي جڙتو حج جي خلاف ۽ ٻين بدعتن ريتن ۽ رسمن خلاف آواز بلند ڪيو ۽ تحريڪون هلايون، سندس ڏينهن ۾ هاليجي شريف توحيد جو مرڪز بڻجي وئي، حق جي پانڌيئڙن جا ٽولن جا ٽولا ان مرڪز ڏانهن ڇڪجي اچڻ لڳا ذڪر اذڪار ۽ وعظ ونصيحت جون محفلون جاري ٿي ويون. سندس آخري عمر ۾ هر جمعي ڏينهن هاليجي شريف ۾ عيد جو سمو نظر ايندو هو، جو پري پري کان ماڻهو سندس وعظ ٻڌڻ ايندا هئا.

مولانا صاحب هجرت هلچل ۽ جميعت العلماءٔ هند جي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو. 1936ع ۾ حيدرآباد واري اجلاس ۾ صدارت جون ذميواريون نهايت خوش اسلوبيءَ سان پوريون ڪيائين. 1368 هجري ۾ حج جي سعادت حاصل ٿيس.

مولانا صاحب تعليم، تبليغ ۽ ارشاد سان گڏ تصنيف ۽ تاليف بہ ڪئي آهي. "لغات القرآن" ۽ "هشت مسائل" ڇپيل ڪتاب اٿس. ان کان سواءِ ڪشاف ۽ سبع معلقات جاحاشيہ، قصيده بانت سعاد ۽ قصيده برده جا شرح ۽ شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي نظم "اسماء الحسنيٰ" جو شرح بہ لکيو اٿس.

مولانا صاحب پنهنجي وقت جو ماهر حڪيم بہ هو. سوين نسخا ڪيس ياد هوندا هئا. اڪثر مريضن کي دوائون مفت ڏيندو هو.

هيءُ عالم، عارف، عابد، زاهد، روحاني پيشوا، بردبار ۽ باوقار انسان، ڏکهي بيماري کان پوءِ 18 اپريل 1962ع تي پنهنجي مالڪ مِنڙي جي جوارِ رحمت ۾ داخل ٿيو.

حمزو خان پليجو

حمزو خان پليجو 5 آگسٽ 1944ع تي جنگشاهي جي ڳوٺ مگر خان پليجي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو بيباڪ سياسي اڳواڻ ۽ صحافي آهي. سندس والد مشهور واپاري هو.

حمزي خان پليجي ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ ورتي انگريزي جا ڪجهہ درجا جنگشاهي مڊل اسڪول ۽ ٺٽي جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ نوابشاهہ جي ڊي سي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتان 1962ع ۾ مئٽرڪ، انٽر سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان 1964ع ۾ پاس ڪيائين ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1965ع ۾ پاس ڪيائين.

پليجو صاحب شروع ۾ جنگشاهي هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. 1967ع ۾ ڪميونيڪيشن ورڪس جو ڪورس ڪرڻ کان پوءِ دادو جي ٽيليگراف آفيس جو انچارج مقرر ٿيو.

1972ع ۾ نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۾ آفيسر رهيو. 1977ع ۾ جيئن ئي ملڪ ۾ مارشل لا لڳي تہ هن نوڪري کان استعيفا ڏئي ڇڏي.

حمزو خان پليجو سياسي ميدان ۾ شاگرديءَ واري دور کان ئي داخل ٿي چڪو هو. ان وقت پاڻ سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن سان لاڳاپيل رهيو. 1967ع ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ساڳئي سال ۾ ايوب خان پاران لاهور ۾ گهرايل گول ميز ڪانفرنس جنهن ۾ شيخ مجيب الرحمان ۽ سائين جي ايم سيد سميت ڪيترائي اڳواڻ شريڪ ٿيا هئا، ان موقعي تي لالا قادر، مسعود نوراني، شوڪت سنڌي، اعجاز قريشي ۽ ٻين سان گڏجي جلوس ڪڍيائين ۽ پمفليٽ ورهايائين، نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ پاڻ ڪجهہ عرصو عوامي تحريڪ ۾ شامل رهيو. 1985ع ۾ آزاد حيثيت ۾ سينيٽر چونڊيو. هن سينيٽ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ۾ تقرير ڪئي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڏينهن تي موڪل لاءِ ايوان ۾ ٺهراءُ پيش ڪيائين جيڪو منظور ڪيو ويو. هيءُ پهريون سنڌي ميمبر هو جنهن سڀ کان پهرين 1986ع ۾ پارليامينٽ اندر ڪالاباغ ڊيم خلاف رٽ پيش ڪئي هئي. پارليامينٽ ۾ پوليٽيڪل پارٽيز ايڪٽ خلاف سنڌ مان هن ۽ جاويد جبار ووٽ ڏنا، ان سان گڏ مارشل لا جي خاتمي لاءِ ايوان اندر ۽ ٻاهر جدوجهد ڪيائين. صوبائي خودمختياري، سياسي قيدين جي آزادي ۽

ين حقن لاءِ آواز بلند ڪيائين. 1986ع ۾ جڏهن محترمه بينظير ڀٽو صاحبه
طن موٽي آئي تہ، حمزو خان پليجو پهريون شخص هو جنهن ڪيس سينيٽ جي
يمبري تان استعيفا پيش ڪئي هئي. ساڳئي سال ۾ پاڻ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل
ٽي جو بنا مقابلي چيئرمين چونڊيو ويو. 1987ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڊولپمينٽ
ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿيو. ان عرصي دوران هن ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا.
نهيءَ سموري عرصي دوران ضلعي ڪائونسل طرفان منظور ٿيل پگهار،
لائونس، گاڏي ۽ پيٽرول پاڻ نہ ورتائين، بلڪہ اها سموري رقم شاگردن جي
سڪالرشپ فنڊ ۾ جمع ڪرائيندو رهيو.

1989ع ۾ ضلعي ڪائونسل جي مسئلي تي حمزي خان پليجي ۽ نٿي
وي شيرازي برادران جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو. نوبت جهيڙي تائين وڃي پهتي،
جنهن ۾ شيرازين جا ٻہ همراهہ مري پيا، جنهن جو مٿس ڪيس داخل ٿيو ۽ پاڻ
پهنجي ساٿين سميت گرفتار ٿي ويو. 1993ع ۾ عدالت سندس حق ۾ فيصلو
ڏيندي، ڪيس ساٿين سميت آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سن 1998ع ۾ پليجي
صاحب جي طبيعت جو لاڙو صحافت طرف ٿيو ۽ ڪراچيءَ مان روزاني "سچ"
الي اخبار جاري ڪيائين. هيءَ اخبار اشاعت جي پهرين ڏينهن کان هيل تائين
سنڌ جي حقن لاءِ قلمي ويڙهہ جاري رکيو اچي.

حميد سنڌي

عبدالحميد ولد سيٺ محمد اسماعيل ميمڻ 12 آڪٽوبر 1939ع تي
شهروفيروز شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بهترين ڪهاڻيڪار، صحافي، اديب، محقق ۽
علمي ماهر آهي.

حميد سنڌي جو والد برڪ واپاري هو، ليڪن بعد ۾ سرڪاري نوڪري
اختيار ڪيائين. مختلف عهدن کان سواءِ ڪيترن ئي ضلعن جو ڊپٽي ڪمشنر پڻ
رهيو.

حميد سنڌي بي اي (آنرس) ۽ ايم اي (اڪنامڪس) ڪرڻ کان پوءِ ايل
ايل بي پاس ڪئي. جنهن کان پوءِ انگلينڊ جي مانچسٽر يونيورسٽي مان هائير
ايجوڪيشنل ايڊمنسٽريشن جو ڪورس ڪيائين. هن 1960ع کان نوڪريءَ جي
شروعات ڪئي. پاڻ ڪيترن ئي عهدن تي رهيو، پهرين ڳوٺ سڌار کاتي ۾
اسسٽنٽ آفيسر بڻيو. 1963ع کان 1966ع تائين بئنڪ ۾ نوڪري ڪيائين.
1966ع کان 1970ع تائين وڪالت ڪندو رهيو. 1970ع کان سنڌ يونيورسٽيءَ
۾ نوڪري اختيار ڪيائين. جتي ائڊمنسٽريٽو آفيسر، اسسٽنٽ ڪنٽرولر، ڊپٽي
ڪنٽرولر، ايڊيشنل ڪنٽرولر (امتحان) ۽ رجسٽرار جي عهدن تي رهيو. 1976-
۾ تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر ٿي رهيو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو
ايڊيشنل ڊائريڪٽر بہ رهيو. 1978ع ۾ پبلڪ اسڪول حيدرآباد جو پرنسپال

مقرر ٿيو. 1980ع تائين سنڌ يونيورسٽي سينيٽ جو ميمبر ۽ فنانس ڪاميٽي جو چونڊيل ميمبر پڻ رهيو. 1990ع ۾ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائس چانسلر، بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ ڄامشورو جو ڊائريڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيـار اداري جو چيئرمين ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو جو چيئرمن ٿي رهيو. جتان آڪٽوبر 1999ع ۾ رٽائر ٿيو. پاڻ بورڊ آف انٽرميڊيٽ ۽ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد، ائڊوائزري بورڊ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ پٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو ميمبر ۽ پي ايچ ڊي (سنڌي) ايم اي (اڪانمڪس) ۽ ايل ايل بي جي امتحان وٺندڙن جي پئنل ۾ به شامل رهيو آهي.

حميد سنڌي صاحب 1958ع کان مسلسل لکي رهيو آهي پاڻ موجوده دور جو ناميارو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ڇپجي چڪا آهن، جيڪي گهڻو مشهور آهن، جن ۾ سيمي (1960ع)، اداس واديون 1965ع)، ويريون (1981ع)، راڻا جي راجپوت ۾ (1984ع)، سوني زنجير (جپاني لوڪ ڪهاڻين جو ترجمو) شامل آهن. سچل سائين تي لکيل سندس تحقيقي مقالن جو مجموعو "آري اڄن شال" پڻ ڇپيل آهي.

حميد سنڌي جي ڪهاڻين ۾ موضوع جي سادگيءَ کان وٺي اظهار جي نفاست تائين هڪ پنهنجي انفراديت آهي. سٽن ۾ شاعراڻي ٻولي جهڙا خيال، لفظن جي چونڊ، موقعي جي مناسبت سان ٺهڪندڙ محاورا ۽ چوٽيون سندس ڪهاڻين جي ڪاميابي جو راز آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار هن سماج جي ڪنهن ناسور جي درد ۾ ڪڙهندڙ، پچندڙ ۽ لڇندڙ سنڌي ماڻهن جي جيوت جو زنده ۽ حقيقي روپ آهن، مطلب ته حميد صاحب جون ڪهاڻيون مجموعي طور تي پلاٽ، ڪردار نگاري، اظهار بيان، ٻولي جي سونهن ۽ منظر نگاري جي حوالي سان تمام سٺيون ۽ سگهاريون ڪهاڻيون آهن.

حميد سنڌي صحافت جي ميدان ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. سنڌي ۾ ماهوار "روح رهاڻ" نالي هڪ رسالو (1962ع کان 1969ع تائين) حيدرآباد مان جاري ڪيائين. ۽ ٻين رسالن جهڙوڪ مارئي، لطيف ڊائجيسٽ وغيره سان به وابسته رهيو. ان کان سواءِ حميد سنڌي، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جا درسي ڪتاب ۽ شاهه لطيف جي ڪلام جي سر ليلا چنيسر ۽ سرگهاتو جي باري ۾ به مضمون لکي چڪو آهي. انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ هن تعليم ۽ ادب وغيره تي ڪجهه مضمون لکيا آهن. هن ڪوڙ ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ تقريرون ڪيون آهن ۽ مقالا پيش ڪيا آهن.

حميد سنڌي کي سندس ادبي ۽ علمي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت پاڪستان طرفان 23 مارچ 1990ع تي "تمغهءِ امتياز" ۽ 1993ع ۾ صدارتي اعزاز "اعزاز فضيلت" پڻ ملي چڪا آهن. سندس ڪتاب "ويريون" کي

ڪيترائي انعام مليل آهن. جنهن ۾ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان شاهه لطيف ايوارڊ، 1981ع، سنڌالاجي ادبي ايوارڊ، 1981ع ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ ايوارڊ، 1981ع شامل آهن.

حميد صاحب يورپ ۽ آمريڪا جو سفر ڪري چڪو آهي ۽ ان جو سفرنامو به لکيو اٿس.

حميده کهڙو

ڊاڪٽر حميده ڌيءَ خانبهادر محمد ايوب کهڙو ڳوٺ عاقل ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿي. پاڻ انگريزي زبان جي وڏي اديبه ۽ دانشور آهي.

ڊاڪٽر حميده کهڙو جو والد بزرگوار سنڌ جي اهم سياسي ۽ هلندي بلندي واري شخصيت هئي، جنهن جي سرپرستيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحبه گهڻو ڪجهه پرايو.

ميڊم کهڙو پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ عاقل مان حاصل ڪئي. ايم اي جو امتحان ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري، اعليٰ تعليم لاءِ ولايت وئي. جتي لنڊن يونيورسٽيءَ مان تاريخ جي موضوع تي پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس مقالي جو عنوان هو: (Making of Modern Sindh)

ڊاڪٽر صاحبه کي سنڌ جي تاريخ تي وڏو عبور حاصل آهي، سن 1969ع ۾ اقوام متحده جي پاڪستاني وفد ۾ کيس شامل ڪيو ويو هو. اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ هن فلسطيني عربن ۽ آمريڪا جي حبشن جي بنيادي حقن جي پرزور وڪالت ڪئي.

هن مشهور انگريز ليکڪ جيمس برنس جي انگريزي ڪتاب (A visit of the court of sindh) کي 1974 ۾ ٻيهر شايع ڪرايو. هن ڪتاب تي پاڻ هڪ عالمانه محققانه پيش لفظ لکيو آهي.

سيٺ نائو نمل هوتچند جيڪو ٽالپرن جي دور جي اهم شخصيت هئي، ان تي هڪ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکي شايع ڪرايو اٿس. سندس هڪ ٻيو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب (sindh through centuries) "سنڌ صدين ڪان" مشهور آهي. هيءُ ڪتاب 1975ع ۾ سنڌ جي تاريخ تي ڪوٺايل بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ به ڊاڪٽر صاحبه جو لکيل آهي.

حيات شاهه "حافظ"

محمد حيات شاهه "حافظ" ولد سيد مير عالم شاهه 7 سيپٽمبر 1875ع تي پنجاب جي ضلعي جهنگ ۾ پنهنجي ناناڻي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. کيس غلام حيات النبي جي نالي سان پڻ سڏيندا هئا. پاڻ سنڌي زبان جو يگانو شاعر ٿي گذريو آهي.

حيات شاهہ جو والد ڳوٺ سعيدپور ضلعي گجرات (پنجاب) جو رهاڪو هو. سندس خاندان جو سلسلو حضرت امام تقي عليہ السلام سان وڃي ملي ٿو.

حيات شاهہ "حافظ" جي زندگيءَ جو احوال ڏاڍو دکائتڪ ۽ پرسوز آهي. انهيءَ عشق جنهن گهڻا گهوٽ گهايا حافظ کي بہ ننڍپڻ ۾ نهوڙي وڌو. پوءِ تہ گهر ڪان بي گهر ٿي وطن کان بيوطن ٿي، هند سنڌ جي مختلف شهرن ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ واجهائيندو رهيو، تان جو اکين جو نور بہ وڃائي ويهي رهيس. آخر بيڪسي ۽ بيوسي واري حالت ۾ وطن کان ڏور وصال ڪيائين. سندس زندگي جو مختصر احوال هن ريت آهي.

حيات شاهہ جو ننڍپڻ ۾ مڱڻو پنهنجي ماسات سلطانہ بيگم سان ٿيو. هو پنهي ننڍي هوندي کان وٺي هڪٻئي سان گڏ گذاريو ۽ رانديون روندیون گڏ ڪيون سو پنهي کي هڪٻئي سان عشق ٿي ويو هو، مگر جڏهن جوان ٿيا تہ قسمت پلٽو کاڌو ۽ سلطانہ بيگم جي شادي سندس مائٽن ڪنهن ٻئي شخص سان ڪرائي ڇڏي. حيات شاهہ پنهنجي بربادي‌ءَ جو هي نقشو اکين سان ڏسي راتورات ڳوٺ ڇڏي هليو ويو ۽ ان وقت پنهنجي ناڪام تمنائن جي هن ريت تصوير چٽيائين.

ڏني شادي جي بدران مون اکين سان ٿيندي بربادي،
ٿيـــــا ويران سي ويڙها، جتي هئي روز آبادي،

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سندس محبوبہ سلطانہ بيگم حافظ صاحب جي وڇوڙي جو صدمو برداشت نہ ڪندي فوت ٿي وئي. اهو ٻڌي قسمت جو ماريل ۽ تقدير جو ڳاريل حيات شاهہ اهي لفظ چئي.

واديءَ غربت ۾ مـن "حــــــافـظ" اچي آرام کـو،
ٿـــــو ڇڏيـان هـاڻـي وطن اي بـزم يـاران الـوداع.

پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي سيلاني بڻجي پنجاب، يوپي، بنگال، مدراس، دکن، ملبار، گجرات، ڪاٺياواڙ، مارواڙ ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ڳوٺن جو واس وٺندو رهيو. سن 1903ع ۾ مارواڙ جي بالوترا ڳوٺ ۾ سخت بخار ۾ مبتلا ٿيڻ ڪري نيڻن جي نور کان هميشہ هميشہ لاءِ محروم ٿي ويو.

حافظ صاحب ڦرندو ڦرندو سن 1910ع ڌاري سنڌ ۾ پهتو ۽ هتان جي مـهـمـان نوازي کـان مـتـاثر ٿـيـندي، سنڌ کي ئي پنهنجو وطن بنائي ڇڏيائين، جيتوڻيڪ پوءِ پاڻ ڪيترائي پيرا اباڻي وطن پنهنجي ماءُ ۽ محبوبہ جي قبرتان پيرو ڪرڻ ويندو رهيو، پر جلدي سنڌ ڏانهن واپس ٿيندو هو. ڪيس سنڌ سان ڏاڍو پيار ٿي ويو، هو چوندو هو تہ "اباڻو وطن پنجاب آهي تہ منهنجو وطن سنڌ آهي."

لطيف سائين‌جي چواڻي "سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنهن اڻاسيءَ وسري" وانگر

ڪيس اصل وطن جي ساروڻي وقت بوقت ستائيندي رهندي هئي، پر سنڌ جي محبت ڪيس واپس موٽڻ نه ڏنو. اهڙو اظهار هن پنهنجي شاعري ۾ هڪ هنڌ هن ريت ڪيو آهي:

پنجاب ۽ برار ڏي دل تي چڪي مگر،
توکي ڇڏي مان ڪيڏي وڃان اي دلاري سنڌ.

حافظ صاحب هتي سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ واهڻ مان گهمي ڦري ڪوٽڙيءَ جي مين وٽ جامع مسجد ۾ اچي رهڻ لڳو. جتي مولودن جون محفلون عام جام ٿينديون هيون، جن ڪان ڪيس روحاني راحت ملندي هئي. اهي محفلون ڏسي ڪيس به شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو ۽ مولود چوڻ شروع ڪيائين. پوءِ ته مولودين جي مجلسن جو مور بڻجي ويو ۽ انهيءَ ڏس ۾ سندس نالو سڄاڳي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو. 1913ع ڌاري ميان علي بخش سان سندس ڏيٺ ٿي جنهنجي اوطاق تي هميشه مولدين جي محفل منل هوندي هئي. ۽ پوءِ ميان علي بخش جي زور پرڻ تي حافظ هميشه لاءِ وٽس رهڻ لڳو.

حافظ صاحب مولود، نعت، قصيده، منقبت، غزل وغيره چيا ته قومي شاعري به ڪئي. ڪيس سياست سان به دلچسپي رهي. نابين هوندي به پاڻ بين ڪان ڪتاب پڙهائي، پنهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندو هو. هن نثر ۽ نظم ۾ حيڪي تصنيفون ڇڏيون آهن، انهن جا نالا هن ريت آهن.

ديوان حافظ (شاعري 1950)، وڇڙيلن جو ميلو (ناول 1964ع)، سلطانه بيگم (ناول 1965ع، گلستان حيات (شاعري) گلشن حيات (شاعري) ۽ داستان غم (سوانح).

حيات شاهه "حافظ" 26 ڊسمبر 1955ع تي حيدرآباد ۾ انتقال ڪيو. ڪيس سندس خواهش مطابق حيدرآباد ۾ دفن ڪيو ويو. هن سڄي عمر شادي ڪانه ڪئي.

مدينى سوا جي ٿئي تا ٿئي،
ڪفن ۽ دفن، حيدرآباد سنڌ.

حيات علي شاهه بخاري

سيد حيات علي ولد غوث علي شاهه بخاري 12 اپريل 1949ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ فلم، ريڊيو ۽ اسٽيج جو ليکڪ ۽ هدايتڪار آهي.

حيات علي شاهه بخاري انٽر پاس آهي ۽ صحافت جي پيشي سان لاڳاپيل آهي. هن ريڊيو لاءِ هر موضوع تي سوين ڊراما ۽ فيچر لکيا آهن ۽ ڪيترن ئي ڪمرشل پروگرامن لاءِ اسڪرپٽ لکي چڪو آهي. سندس لکيل ڊراما اسٽيج پڻ ٿي چڪا آهن. شاهه صاحب ڪجهه سنڌي فلمن جي هدايتڪاري

ڏني. ان کان سواءِ وڌيڪ سنڌي ۽ پنجابي فلمن ۾ معاون هدايتڪار جي حيثيت سان ڪم ڪيل اٿس. فلمي دنيا ۾ پاڻ "ايچ - اي بخاري" جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

صحافت جي حوالي سان بخاري صاحب ڪيترائي مضمون، سروي رپورٽون ۽ ڪالم لکي چڪو آهي. خاص طور تي ريڊيو ۽ اسٽيج لاءِ لکيل سندس مزاحيه لکڻين کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

حيدر بخش "حيدر" جتوئي

ڪامريڊ حيدربخش "حيدر" ولد الهداد خان جتوئي 10 آڪٽوبر 1901 تي ڳوٺ بڪيسديري تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ويهين صدي جي پهرين سال ۾ پيدا ٿيندڙ هيءُ سدورو پٽ اڳتي هلي "باباءِ سنڌ" جي لقب سان سڏجڻ لڳو. پاڻ بيباڪ سياسي ليڊر، مقبول هاري اڳواڻ، انقلابي شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

جتوئي صاحب 1918ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو ۽ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. 1919ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو.(1) جتان ٻن سالن ۾ پنج درجا انگريزي پاس ڪيائين 1923ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ لاڙڪاڻي سينٽر مان پهريون نمبر حاصل ڪيائين. 1927ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي (آنرس) ڪيائين ۽ پوءِ ساڳئي سال ۾ روينيو کاتي ۾ هيڊ منشي مقرر ٿيو. سکيا وارو مدو پورو ٿيڻ بعد جلد ئي کيس مختيارڪار طور مقرر ڪيو ويو. نوڪري ڪندي کيس ان وقت جي انگريز سرڪار کان نفرت ٿي وئي. حڪومتي نظام جاگيردارائي ماحول ۾ مسڪين ماڻهن ۽ هارين جي مٿان ٿيندڙ ظلمن تي هن فقيرتن انسان کي بيحد افسوس ٿيڻ لڳو. آخر پاڻ 1945ع ۾ سينيئر ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان استعيفا ڏئي "هاري ڪميٽي" ۾ شامل ٿيو. چو جو سندس خيال هو ته جيستائين سنڌ ملڪ جي هن پيڙيل طبقي هارين ۾ سجاڳي پيدا نه ٿيندي، تيستائين هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جا ڏک ۽ ڏولاوا ختم نه ٿي سگهندا. گڏوگڏ سندس اها به ڪوشش هئي ته سنڌ ۾ ايندڙ قومي ۽ عوامي انقلاب جو مرڪز جاگيردارن جي بجاءِ هاري طبقي کي بڻايو وڃي. ان ڪري هن سخت جدوجهد ڪري هاري پارٽيءَ ۾ هارين جي سجاڳي ۽ سندن حقن لاءِ ڀرپور سرگرمي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1947ع ۾ رتيديري واري "هاري ڪانفرنس" ۾ کيس "هاري ڪميٽيءَ" جو صدر چونڊيو ويو ۽ مرڻ گهڙي تائين هو هارين جو دل گهريو اڳواڻ رهيو.(2)

---

(1) سنڌ مدرسة السلام لاڙڪاڻو جون 1900ع ۾ قائم ٿيو. (2) "هاري ڪميٽي" جو بنياد 1930ع ۾ جيئمل ڀرسرام، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ جي ايم سيد وارن گڏجي رکيو هو.

هاري ڪميٽي ۾ اچي ڪري حيدربخش جتوئي پاڻ تي رکيل ذميوارين کي نباهيندي، هارين جي بيدخلي،بيجابٽئي ۽ ٻين معاملن ۾ سندن بچاءُ جي قانونن ٺهرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي ۽ قانون جو مسودو "سنڌ ٽيننسي ايڪٽ" تيار ڪري سنڌ سرڪار جي حوالي ڪيو، پر سنڌ حڪومت ۽ اسيمبليءَ انهيءَ پيش ڪيل ايڪٽ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري حيدربخش جتوئي ان قانون جي حق ۾ سنڌ ۾ تحريڪ منظم ڪرڻ شروع ڪئي. 13 اپريل 1950ع تي سنڌ اسيمبلي جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ "هاري حقدار" جي نعرن اسيمبلي جي ڪاروائي هلائڻ ناممڪن بڻائي ڇڏي. آخر حڪومت ڪامريڊ جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون ۽ "سنڌ ٽيننسي ايڪٽ" پاس ڪيو. هي پهريون قانون هو جنهن ۾ زميندارن جون ذميواريون ۽ هارين جا حق باقاعدي قانون جي شڪل ۾ چٽا ڪيا ويا ۽ اڌواڌ ونڊ ٻٽئي جو حق تسليم ڪيو ويو.

ڪامريڊ ون يونٽ جي خاتمي لاءِ به جدوجهد ڪئي ۽ هڪ ڪتاب "ان جسٽس لينڊ ٽيڪسيشن ان سنڌ ڊسٽرڪٽس" لکي سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو. انهيءَ ڪتاب ۾ ون - يونٽ جي حمايت ۾ ڏنل اجاين دليلن کي رد ڪندي، انهن جي بنيادن ۽ پسمنظر کي چٽو ڪيو ويو آهي. ڪيس هن ڪتاب جي لکڻ ڪري مختلف قانونن هيٺ گرفتار ڪري، اسپيشل ملٽري ڪورٽ ڪوئيٽا ۾ ڪيس هلائي سخت پور هٿي سان سزا ڏني وئي. لڳاتار جيل جي تڪليفن ۽ مصيبتن جي ڪري سندس صحت روز بروز خراب ٿيندي وئي، پر پوءِ به هو عوامي حقن لاءِ وڙهندو رهيو.

جتوئي صاحب هارين جي حقن جي حفاظت ڪرڻ ۽ گڏوگڏ ملڪي ۽ سماجي اصلاح لاءِ "هاري حقدار" نالي هفتيوار اخبار حيدرآباد مان جاري ڪئي، جيڪا سالن جا سال شايع ٿيندي رهي. پاڻ ان اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

حيدر بخش جتوئي هڪ دلير سياسي اڳواڻ سان گڏوگڏ هڪ انقلابي شاعر به هو. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ عشق جو ذڪر گهٽ هاري، هر، ڏاند، ڪوڏر ۽ ٻيل گاڏي وغيره جو ذڪر وڌيڪ ملي ٿو. سندس ڪلام ۾ ملڪي ۽ قومي رنگ وڌيڪ پريل آهي. پاڻ غزل ۽ نظم تي استادانه دسترس رکندو هو. "درياهه شاهه" سندس شاهڪار نظم آهي، جو سنڌي ادب ۾ انفرادي مقام رکي ٿو. 1930ع ۾ سندس شاعري جو پهريون ڪتاب "تحفہ سنڌ" ڇپيو، جنهن تي انگريز سرڪار ڪيس جيل جي سزا ڏني. ان کان سواءِ سندس انقلابي شاعري جا ڪجهه ٻيا مجموعا ڏاڍا مقبول ٿيا، جهڙوڪ: آزاديءَ قوم (طويل نظم) هاري گيت، هاري انقلاب ۽ سنڌ پياري وغيره. هن نثر ۾ به ڪجهه ڪتاب سنڌي ۽ انگريزي زبانن ۾ لکيا. جن ۾، هاري ڪهاڻيون، ڪمدار جا ڪارناما، بيورو ڪريسي اينڊ جسٽس آف چيف جسٽس، ان جسٽس ٽو سنڌ وغيره شامل آهن.

ان کان علاوه هن سياسي مسئلن تي متاثر ڪندڙ ڪيترائي مضمون ۽

پمفليٽ وغيره ڇپائي ورهايا.

ڪامريڊ حيدر بخش "حيدر" جتوئي 21 مئي 1970ع تي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس سندس وصيت موجب حيدرآباد ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي جي مقبري جي ٿلهي تي سپرد خاڪ ڪيو ويو. سنڌ سرڪار سندس قومي قربانين جي مڃتا طور سندس نالي پٺيان حيدر هالٽ ريلوي اسٽيشن سندس ڳوٺ جي سامهون قائم ڪئي آهي.

نمونوي طور سندس مشهور نظم "درياهه شاهه" مان چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

جو ميلو سمايل فنا اندر آهه،
يلي آئين جي آئين درياهه شاهه،
تون داخل ٿئين سنڌ ۾ ٿو آخير،
جا آ عشق تنهنجي ۾ اصلا اسير،
سحر وقت سنڌي اچي ٿي حقير،
ڪري تنهنجي پوڄا مڃي توکي پير،
اي سنڌو سدائين تون ڪر سنڌ سائي،
تون همنام سان رهه وفا سان هميشه.

حيدر سنڌي، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر غلام حيدر ولد حاجي علي مراد ٻرڙو 15 آڪٽوبر 1945ع تي ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي تعلقي موري ضلعي نوشهري فيروز ۾ ڄائو. پاڻ مشهور اديب ۽ محقق آهي.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي پرائمري تعليم ڳوٺ پرسان اسڪول سومر چانڊيو ۾ ورتي. مئٽرڪ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهه مان پاس ڪيائين. بي اي سچل سرمست ڪاليج نواب شاهه مان پاس ڪري 1969ع ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سي ٽي، بي ايڊ ۽ ايم اي جا امتحان به ڏنائين. 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "پاڪستان جي صوبائي ۽ علائقائي زبانن ۾ سنڌيءَ جي علمي ادبي ۽ لساني حيثيت."

ڊاڪٽر حيدر سنڌي 1974ع ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر، اسلام آباد يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. هن وقت پاڻ اتي پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي.(1)

(1) اسلام آباد يونيورسٽي اسلام آباد جو سنگ بنياد 21 جون 1967ع تي اڳوڻي صدر ايوب خان رکيو، بعد ۾ هن يونيورسٽيءَ کي قائداعظم يونيورسٽيءَ جو نالو ڏنو ويو.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي ناميارو ليکڪ آهي. هن ڪيترائي تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن، ڪتاب به ڇپيل اٿس، پاڻ لسانيات جو ماهر آهي. سنڌي ٻوليءَ تي سٺو ڪم ڪيو اٿس. ان سلسلي ۾ سندس لکيل ڪتاب "ٻولين جا سر چشما" ۽ 1988ع ۾ منعقد ٿيل "بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس" سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي موقعي تي لسانيات واري سيشن ۾ سندس پڙهيل مضمون "هند ڪو سنڌو ما ٿري جي قديم ٻولي" سندس بهترين تحقيقي خدمتون آهن.

ڊاڪٽر صاحب عالمي شهرت يافته مشرقي ٻولين جي ماهر خاتون ڊاڪٽر انيمري شمل جي هڪ انگريزي ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي جيڪو "سنڌي ادب جي ارتقا" جي نالي سان 1981ع ۾ شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان سواءِ سندس هينيان ڪتاب پڻ ڇپيل آهن.

سنڌ جون چند ذاتيون، پاڪستاني ٻوليون، شاهه آفاقي شاعر، ٽه زباني لغت، ديسي پرديسي گل (ترتيب - افسانا)، سنڌي زبان و ادب ڪا ارتقا (اردو)، پاڪستان ڪا لساني ورثا (اردو) وغيره.

خادم رفيقي

خادم رفيقي مهيسر جي ولادت 10 جون 1932ع تي ڳوٺ رفيق مهيسر ضلعي خيرپورميرس ۾ ٿي. پاڻ مشهور اديب، شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

خادم رفيقي فائينل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. سندس لاڙو ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ ڏانهن هو ٿورو وڏو ٿيڻ کان پوءِ سندس واسطو قادر الڪلام شاعر، سليم ڳاڙهويءَ سان ٿيو، ۽ پوءِ ان جي صحبت جي رنگ ۾ رنگجڻ لڳو.

خادم رفيقي صاحب پنهنجي ادبي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهه لکيو، هن حمد، نعت، گيت، غزل، وطن جا گيت ۽ ٻيا ڪيترائي مسودا لکيا. پاڻ سنڌي سان گڏ اردو ۽ فارسي ۾ به شاعري ڪندو هو. سندس غزل زبان جي پختگي ۽ اندازِبيان جي حيثيت سان ڪنهن به غزل گو شاعر جي معياري تجربن سان ڪلهو هڻي سگهي ٿو.

مهيسر صاحب جي شاعري ۽ مضمون تمام گهڻي تعداد ۾ تماهي مهراڻ ۽ ماهوار نئين زندگي رسالن ۾ ڇپيل آهن. پاڻ آخري دم تائين مختلف اخبارن سان وابسته رهيو، جن ۾ نواءِ وقت، الوحيد، مهراڻ وغيره شامل آهن، پاڻ پير ڳوٺ ۾ "بزم سليم" به آخر تائين هلائيندو رهيو.

خادم رفيقي مهيسر 25 نومبر 1996ع تي لاڏاڻو ڪري ويو، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

او سنڌڙي تنهنجي سونهن مٿان،
او جيجل قرب ورونهن مٿان،
۽ تنهنجي نالي پياري تان،
ٻاجهاري جيءَ جياري تان،
مان جان جي بازي لائيندس،
۽ ڪيچ خوشيءَ جا ڳائيندس.

خادم، قاضي

ڊاڪٽر قاضي خادم حسين ولد محمد لائق قريشي 11 نومبر 1945ع تي ڳوٺ الهداد چنڊ ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور اديب ۽ ليکڪ آهي.

قاضي خادم جو والد مختيارڪار هو، جيڪو هالا پراڻا جو رهاڪو هو ۽ نوڪري سانگي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهيو. جنهن ڪري قاضي خادم به ساڻس گڏ مختلف شهرن ۾ ننڍپڻ گهاريندو، پڙهندو 1959ع ۾ حيدرآباد پهتو،

جتان مئترڪ، انٽر (آرٽس) بي اي (آنرس) ايم اي (سنڌي) ايم اي (انگلش) ۽ لاڄا امتحان پاس ڪيائين. 1989ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري پڻ حاصل ڪيائين، جنهن لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو."

قاضي خادم شروع ۾ صحافت اختيار ڪئي ۽ اخبار خادم وطن کان صحافت شروع ڪئي، جيڪا هلال پاڪستان ۾ ختم ڪيائين، ان کان پوءِ سچل سائنس ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪندو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر جي عهدي تائين پهتو، هن وقت ڊين آف آرٽس فيڪلٽي آهي.

قاضي خادم ڪجهه اصلوڪا ناول ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن، پر ڊرامي جي حوالي سان ڪيس وڏيڪ شهرت حاصل آهي، هن ريڊيو ۽ ٽيليوزن لاءِ ڪيترائي ڊراما لکيا آهن، جن جا مجموعا ڇپجي چڪا آهن. پاڻ سٺو مترجم پڻ آهي، ڪجهه ناول مهارت سان ترجمو ڪيا اٿس. سندس تصنيف ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب هن ريت آهن.

زوال (ناول-ترجمو)، سوئهڻ جي ديوي (ناول -ترجمو)، لڙڪ لڙڪ زنجير (ڊراما)، درد جي خوشبوءِ (ناول)، سمنڊ اپسمنڊ (افسانا)، ادب ۽ روايتون (مضمون)، گڏباءِ مسٽر چپس (ناول -ترجمو)، شمع هر رنگ مين جلتي هي سحر هوني تڪ (اردو ناول)، شهري حياتي ۽ ڳوٺاڻي حياتي، سنڌ جا سماجي ادارا، ۽ سنڌ جا نثري داستان (پي ايڇ ڊي لاءِ مقالو) وغيره.

خان محمد پنهور

ڊاڪٽر خان محمد ولد محمد يعقوب پنهور 27 جون 1949ع تي ضلعي دادو جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ آراضي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صحافي، ماهرِ تعليم ۽ سماجي خدمتگذار ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر خان محمد پنهور صاحب سنڌ جو سچو ڪاهوڙي هو. هن سنڌ جي جهر جهنگ ۾ ڳوٺن جي سڌاري ۽ سنڌ جي جوانن ۾ تعليم عام ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي ۽ ان کي هن پنهنجي زندگيءَ جو مشن بنائي ڇڏيو هو. پاڻ شروع کان ئي "سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت" ذريعي سنڌ جي ڳوٺن جي ترقي لاءِ رات ڏينهن ڪم ڪندو رهيو. سڪا جو پليٽ فارم هجي، يا شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊمي هجي. يا ڳوٺ سڌار سنگت هجي، انهن مڙني شين سان گڏ سڄي سنگت کي ساڻ ڪري شعور جو نعرو هڻندو رهيو.

پنهور صاحب جڏهن ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ زير تعليم هو ته، مولانا عبدالواحد سنڌي جي ادارت ۾ نڪرندڙ رسالي "نئين زندگي" جو جوائنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو. 1976ع ۾ جڏهن شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس

چانسلر ٿيو ته، پنهور صاحب کي يونيورسٽيءَ ۾ صحافت جو شعبو شروع ڪرڻ لاءِ چيائين. اهڙي طرح 1998ع تائين پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي صحافت ۽ پوءِ ماس ڪميونيڪيشن شعبي سان واڳيل رهيو. وچ ۾ ڪجهه عرصي لاءِ نئين روشني اسڪولن واري پروجيڪٽ ۾ حيدرآباد ۽ نواب شاهه ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. ان دوران هن ڪيترائي تعليمي سڌاري جا ڪم ڪيا. پاڻ هر وقت اسڪولن جي استادن ۽ ڳوٺاڻن سان رابطي ۾ رهندو هو ۽ هر ڪنهن جي مدد لاءِ تيار هوندو هو.

پنهور صاحب صحافت جي شروعات عبرت اخبار کان ڪئي ۽ پوءِ ڪيترين ئي پبليڪيشنن ۽ رسالا ڪڍيائين. جن ۾ ٻالڪ، نئون نياپو، سرتاج، مارئي ۽ پارس جو باني ۽ روح روان رهيو. سندس ترتيب ڏنل ٻه ڪتاب "هونداسي حيات" ۽ "نعره مستانه" مشهور آهن.

ڊاڪٽر خان محمد پنهور 27 مئي 1999ع تي ايل ايم سي حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو.

خان محمد چنجڻي

حاجي خان محمد ولد مير محمد چنجڻي 8 آڪٽوبر 1831ع تي ڳوٺ ميان داد چنجڻي تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ صاحب ديوان شاعر ٿي گذريو آهي. کيس عام طور "حاجي خانڻ" جي نالي سان سڏيندا هئا.

حاجي خان محمد ابتدائي تعليم ڳوٺ جي مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم مولانا نور محمد ميڪڻ ۽ سندس پٽ مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽي جي مدرسي مان ورتائين.

حاجي خان محمد چنجڻي پنهنجي وقت جو پلوڙ شاعر هو هن مداحون، مولود، ڪافيون، سه حرفيون، ڏوهيڙا، بيت، سهرا ۽ ڳيچ وغيره وڏي انداز ۾ چيا هن هڪ ديوان به جوڙيو هو، ليڪن سندس اڪثر ڪلام ۽ جوڙيل ديوان سندس پوين جي بي قدري سبب ضايع ٿي ويو آهي. سندس شعر پڪو پختو ۽ ناصحانه آهي. پاڻ پنهنجون ڪافيون يڪتاري تي سٺي ۽ سريلي انداز ۾ ڳائيندو هو. راڳ سندس پسنديده مشغلو هو، راڳ نه ڪندو هو ته دل تي وڏو بار سمجهندو هو.

حاجي خان محمد چنجڻي 76 ورهين جي ڄمار ۾ هڪ ميڙ ۾ فساد دوران سخت زخمي ٿي پيو، جنهن ڪري زخمن جو تاب نه سهي، سٺن ڏينهن اندر 2 جنوري 1907ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي پيغمبر پار جي آهي اکيرن ۾ اکير،
آيو پنڻ پينار ٿي ڏيو دان در تي جو فقير،
تنهنجي سخا سيد سٽي عاصين بلو آهي اکير،
جن جو اجهو تون آهين سي ڪيئن ٿيندا دلگير.

خضر حيات، قاضي

قاضي خضر حيات سنڌ جي مشهور اديب، شاعر، صحافي ۽ سماج سڌارڪ قاضي عبدالحي "قائل" جو وڏو فرزند آهي، پاڻ مشهور انجنيئر ۽ مصور آهي.

قاضي خضر حيات 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان سول انجنيئرنگ ۾ بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي، ۽ پوءِ مسلسل تجرباتي دنيا ۾ ڊوڙندو رهيو آهي ۽ ڪيترن ئي وڏن وڏن پروجيڪٽس تي ڪم ڪيو اٿس، جن ۾ شاهنواز ڀٽو شگر مل نئون ديرو، اسٽيل مل ڪراچي، پاڪ سعودي فرٽيلائيزر فيڪٽري ميرپور ماٿيلو وغيره شامل آهن. ان کان علاوه نوجوان انجنيئرن کي سنڌ يونيورسٽي اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچي ۽ قائد عوام يونيورسٽي نواب شاهه ۾ پيشور تربيت ۽ سکيا جا سبق پڙهائڻ جو به ڪيس سٺو تجربو آهي. پاڻ هن وقت قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي نوابشاهه ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تي فائز آهي.

خضر حيات صاحب ڪامياب انجنيئر سان گڏ تمام وڏو چترڪار پڻ آهي. پاڻ 1982ع کان وٺي ڪيترائي سال هالا شهر ۾ ڪاشيگرن ۽ ڪنڀرن سان گوڏو گڏي، مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل ڪجهه جي راتيون ڏينهن هڪ ڪري، شوق جي راهه ۾ فن جي حاصلات لاءِ سڪون ۽ آرام وساري ويٺو آهي ۽ نت نوان تجربا ڪندي گجرانوالا ۽ گجرات جا چڪر لڳائي، ڪا شيءَ واري پراڻي جهوني فن ۾ نواڻ مائل رنگ ۽ نوان نوان رخ پيدا ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. هن فن ۾ سندس استاد مرحوم ارباب بارادي (ڪاشيگر) هو، جنهن جي ساٿ ۽ تعاون سان قاضي صاحب ڪا شي واري فن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي آهي.

ڪا شيءَ واري ڪم ۾ قاضي صاحب جا ڪيترائي شاهڪار مختلف جڳهن تي نماءَ ۾ خاص اهميت حاصل ڪري چڪا آهن. سنڌالاجي ۾ هن جي فنڪارانه تخليق سهڻي سنڌ جي تمام وڏي ۽ پياري نقشي جي صورت ۾ رکيل آهي، جيڪو 54 ٽڪرن تي جوڙي پوءِ گڏايو ويو آهي. ان نقشي ۾ هڪ هڪ هنڌ کي واضح ڪرڻ، هيٺاهين ۽ مٿانهين ڏيکارڻ لاءِ اڪر سچ پچ ته سندس مهارت جو دليل آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ وڏين وڏين ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ پيش ٿيندڙ ڪاشيءَ وارا سوويئنر به خاص اهميت جا حامل آهن. هن صاحب ڪاشيگريءَ واري فن تحت ڪوڙ نيون شيون عوام آڏو آنديون آهن.

قاضي خضر حيات عالمي شهرت رکندڙ تخليقڪار آهي. 1988ع ۾ آمريڪا مان نڪرندڙ (Who's who in the world) ۽ لنڊن مان شايع ٿيندڙ (International leaders & achivements) جي ٻئي ايڊيشن 1989ع ۾ هڪ خاص حيثيت سان سندس ذڪر ٿيل آهي. مجتبا طور ڪيس ڪيترائي

انعام ۽ ايوارڊ وغيره ملي چڪا آهن. جن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن طرفان 1984 ۾ گولڊ ميڊل ۽ لطيف اڪيڊمي ڪراچي پاران 1989ع جو گولڊ ميڊل پڻ شامل آهن. نواب شاهه ۾ سندس قائم ڪيل "سڪندر آرٽ گيلري" هر خاص ۽ عام جي نگاهن جو مرڪز بڻيل آهي.

خميسو خان جهنجي

خميسو خان جهنجي سن 1923ع ڌاري ڳوٺ گاجاموري تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ جڳ مشهور الغوزه نواز ٿي گذريو آهي.

خميسي خان جو تعلق هڪ مسڪين گهراڻي سان هو ۽ ڪابه ڪتابي تعليم حاصل ڪري نه سگهيو، هو ننڍي هوندي مال چاريندو هو. شروع کان ئي سندس اندر ۾ موسيقي جي محبت هئي ۽ مال چاريندي الغوزي تي سنگيت جا سر آلاپيندو هو. جڏهن سڏ پڌ وارو ٿيو ته ان وقت جي مشهور الغوزه نواز استاد سيد احمد شاهه کان الغوزي وڄائڻ جي باقاعدي سکيا حاصل ڪيائين ۽ پوءِ پنهنجي فن جو مظاهرو شاديءَ جي محفلن، ميلن ملاڪڙن ۽ مختلف عوامي هنڌن تي ڪندو رهيو. آخر سندس شهرت ڪيس ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيليويزن تي آندو، جنهن کان پوءِ پاڻ عالمي شهرت جو مالڪ بڻجي ويو.

خميسو خان جڏهن ڪنهن محفل ۾ الغوزو وڄائيندو هو ته، سامعين ته ڇا پر پرپاسي جا وڻ ٽڻ به ڄڻ جهومندي نظر ايندا هئا. سندس ڦوڪ ۾ عجيب سوز سمايل هو، هي پهريون الغوزه نواز هو، جنهن ٻن نڙن جي جاءِ تي ٽن نڙن وارو الغوزو وڄائڻ شروع ڪيو. ٽن نڙن مان مستقل هڪڙوني آواز ڪيندو هو ۽ ٻين ٻن مان مختلف ڌنون، راڳ، راڳڻيون ۽ سرڪيندو هو. لهرن وڄائڻ وقت اهڙي ته فنڪاري منجهس اوڀجي ويندي هئي، جو هو ڪيترائي لهرا هڪ ٻئي پويان ائين وڄائيندو هو جو خبر ئي نه پوندي هئي ته، پهريون لهرو ڪٿي ختم ٿيو ۽ ٻيو ڪٿان شروع ٿيو. هن ڏيهه پرڏيهه پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب مڃتا ماڻي، ڪيس دنيا جي اڪثر پنجاهه ملڪن ۾ فن جي مظاهري ڪرڻ جو موقعو مليو، جتي هن پنهنجي سر جي جادو سان عام وخاص جون دليون مٺيون. هن آفريڪا، چين، آمريڪا، روس، يورپ جي ماڻهن کي سنڌي ساز جي مٺڙ ڌنن تي نچايو ته، وري عرب ملڪن ۾ عربي ڌنون الغوزي تي وڄائي عربن ۾ ڇرڪ وجهي ڇڏيا.

بيشڪ خميسي خان جهڙا عظيم فنڪار روز روز پيدا ناهن ٿيندا. خضاب لڳل ڪاري ڀنيي ڏاڙهي، گهاٽين مڇن ۽ معصوم چهري وارو خميسو خان سادن سودن صاف سٿرن ڪپڙن ۽ ريشمي لونگيءَ جي پٽڪي سان جڏهن موتين جي لڙين سان جهنجهيل الغوزن کي هٿن ۾ کڻي اسٽيج تي گوڏا کوڙي ويهندو هو ته، ڄڻ بهارون پلجي پونديون هيون. هو جڏهن الغوزي ۾ پنهنجو

سـاهہ ڦـوڪيندو هو تہ اٿين لڳندو هو تہ ڄڻ هن الغوزي ۾ پنهنجي دردن جو دونهو ڦوڪيو هجي.
خميسي خان کي مختلف طور جيڪي انعام اعزاز مليا، انهن ۾ پاڪستان سرڪار طرفان مليل "تمغہ حسن ڪارڪردگي" ۽ سنڌ سرڪار طرفان مليل "شاهہ لطيف ايوارڊ" پڻ شامل آهن.
خميسو خان جنهنجي 8 مارچ 1983ع تي وفات ڪري ويو، سندس پٽ اڪبر علي پنهنجي والد جي فن کي زنده رکڻ لاءِ جتن ڪري رهيو آهي ۽ پاڻ الغوزو سٺو وڄائي ٿو.

خيرالنساء جعفري

خيرالنساء جعفري 17 آگسٽ 1947ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي. ڪيس ڪجهہ دوست احباب پيار وچان "خيرو" ۽ "گڏي" جي نالن سان پڻ سڏيندا هئا. پاڻ سنڌ جي اعليٰ جديد ڪهاڻيڪارن مان هڪ ٿي گذري آهي.
خيرالنساءِ جعفري ايم اي (نفسيات) پاس ڪرڻ کان پوءِ 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ نفسيات واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي پوءِ پروفيسر جي عهدي تي پهتي.
محترمہ جعفري صاحبہ 1974ع کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس پهرين ڪهاڻي ساڳئي سال سوجهري رسالي ۾ "پيڙا جو پڙلاءُ" جي نالي سان ڇپي. ان کان پوءِ مسلسل لکندي رهي ۽ ريڊيو تان بہ خاڪا ۽ ڪهاڻيون پڙهندي رهي. ان کان سواءِ سندس لکيل مختلف مضمون، مقالا، طنز و مزاحيہ تحريرون مختلف رسالن ۾ ڇپبا رهندا هئا. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "تخليق جو موت" جنوري 1978ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. 1982ع ۾ پاڻ هندستان گهمڻ وئي ۽ اتان اچي سفر نامو لکيائين، جنهن جون بہ قسطون آرسي جي پهرين ۽ ٻئي پرچي ۾ "مارو ريءَ ملير" جي نالي سان ڇپيون.
خيرالنساءِ جعفري کي مهان ڪهاڻيڪار طور تسليم ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ نيون فڪري راهون نظر اچن ٿيون. هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون ۽ نج سنڌي پلاٽن واريون آهن. جن ۾ هن پنهنجي دور، وقت حالتن ۽ معاشري جي مڪمل عڪاسي ڪئي آهي.
خيرالنساءِ پنهنجي ادبي ڪيريئر ۾ ڪل ست ڪهاڻيون لکيون، پر انهن جي انفراديت ۾ موضوعن جي چونڊ ۽ فني معيار سبب ڪيس سنڌي ادب ۾ هميشہ وڏي ۽ هڪ دادلي پار جهڙي حيثيت حاصل رهي. سندس طنزيہ تقريرون ۽ ڪتابن جا مهاڳ سڄي سنڌ ۾ ڏاڍا مقبول ٿيا. سندس سمورين ڪهاڻين، مختلف ڪتابن تي لکيل مهاڳن، تقريرن، انٽرويوز ۽ انڊيا جي سفر تي مشتمل ڪتاب "منهنجو تخليقي سفر" جي نالي سان جنوري 1992ع ۾ سنڌيڪا

اڪيڊمي ڪراچي طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

خيرالنساء جعفري 1998ع ۾ وفات ڪري ويئي. هن وصيت ڪئي هئي ته، جيڪو سنڌس قبر تي اچي اهو ڪاغذ قلم ۽ پن جون ٻيڙيون قبر تي رکي وڃي.

خير محمد "اوحدي"

حافظ خير محمد "اوحدي" ولد محمد ابراهيم انصاري 29- مارچ 1911ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ مشهور اديب، شاعر، نقاد، صحافي ۽ تحريڪ آزاديءَ جو ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

حافظ خير محمد "اوحدي" صاحب ڏهن سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ ياد ڪيو. سنڌس پهريون استاد حافظ قادر بخش لاڙڪ هو. ان کان پوءِ حافظ صاحب ڪجھ وقت همايون ۾ مولانا عبدالباقي وٽ فارسي ۽ عربي پڙهيو. ان کان پوءِ ڳڙهي ياسين ۾ مولانا محمد قاسم ۽ ان جي پياءَ مولانا محمد ابراهيم وٽ درس حاصل ڪيو. مولوي محمد ابراهيم پنهنجي وقت جو سٺو شاعر هو. تاريخ ڪڍڻ جو ته ماهر هو. سنڌس شاگرديءَ ۾ رهندي، حافظ صاحب کي به شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. هن "اوحدي" تخلص سان فارسي ۽ سنڌي ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو. صحافت جي دنيا ۾ سن 1932ع ۾ داخل ٿيو. پهرين مولوي محمد حسين کهاوڙ ڪيس پاڻ سان گڏ هفتيوار "الحنيف" جي ادارت ۾ آندو ۽ پوءِ آهستي آهستي قلم تي قدرت ٿيندي ويس ۽ سنڌس علم ۽ فن جو ذڪر وڃي پري پهتو. سن 1938ع ۾ سر عبدالله هارون پنهنجي هفتيوار اخبار "مسلم ليگ" جو انتظام سنڌس حوالي ڪيو پير الاهي بخش جڏهن فتح محمد سيوهاڻي کان اخبار "اصلاح" خريد ڪئي ته، ان جو ايڊيٽر حافظ صاحب کي مقرر ڪيو ويو. 1941ع ۾ ان اخبار جي بند ٿيڻ کان پوءِ "ايڪتا" لاڙڪاڻو، "قرباني" ڪراچي، "سنڌ زميندار" سکر ۽ "ڪاروان" حيدرآباد ۾ جدا جدا وقتن تي ادارت ڪندو رهيو. 1946ع ۾ صحافت کان پاسو ڪري صوبہ سنڌ مسلم ليگ جو آفيس سيڪريٽري ٿيو. 1963ع کان 1977ع تائين سکر ۾ سنڌ زميندار پريس جو مئنيجر ٿي رهيو ۽ ان بعد شڪارپور ۾ واپس اچي گوشہ نشيني اختيار ڪيائين.

حافظ نهايت پختو شاعر ۽ باڪمال نثر نويس هو، سنڌس شاعري سهڪ سلوڻي، سليس ۽ سوادي آهي. پاڻ فن عروض ۽ ابجد جو وڏو ماهر هو. سنڌي شاعرن جي شعر تي ڪيترائي فني ۽ تنقيدي مضمون لکيائين، ڪي ايم حافظ جي نالي سان مهراڻ ۾ وقت جي ڪن وڏن شاعرن تي 1949ع ڌاري چاليهن قسطن ۾ تنقيدون لکيائين. ان کان علاوہ سنڌس لکيل ٻيا بہ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، سنڌ جي تاريخ جي فارسي ڪتاب "لبِ تاريخ سنڌ" جو سنڌي ترجمو ڪيائين، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان

1989ع ۾ شايع ٿيو. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ جو اردو ۾ ترجمو ڪيائين، جيڪو سنڌالاجي طرفان ڇپيو آهي. سيرت ابن هشام ۽ سڪينة الاولياءَ ڪتابن جا پڻ سنڌي ۾ ترجما ڪيا اٿس.

حافظ صاحب ڪجهه ڪتابن جا پيش لفظ ۽ ديباچا پڻ لکيا آهن جيڪي پڙهڻ وٽان آهن، جن ۾ نور شاهين جي شعري مجموعي ”رس مَ رسڻ گهوريو“ ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي جي ڪتاب ”سنڌي نعتيه شاعري“ جا لکيل ديباچا اعليٰ فني نمونو آهن.

حافظ خير محمد ”اوحدي“ 28 جنوري 1982ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

موسم گل ۾ ٿيا سر مست سڀ اهل چمن،
بلبليون قمريون ۽ طوطيون محورقص و نغمه زن،
مان اجايو مسجد و مندر ڪي ووڙيندو وتيس،
مونکي کهڙي ڪل نه آ تنهنجو نشيمن منهنجو من.

خير محمد نظامائي، مولانا

مولانا خير محمد ولد حاجي محمد سليمان نظامائي سن 1908ع ۾ ڳوٺ نم لياري ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صحافي، مقرر انقلابي اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

مولانا خير محمد نظامائي ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم مدرسه مظهر العلوم کڏي (ڪراچي) ۽ پير جهنڊي جي مشهور مدرسي مان حاصل ڪئي.

سنڌي صحافت هن وقت تائين سياسي بصيرت معاملن ۽ ڳوڙهي اڀياس ۽ هر حالت ۾ حق لکڻ وارا جيڪي ماڻهو پيدا ڪيا آهن، انهن ۾ خير محمد نظامائي جو نالو سر فهرست آهي. اهل قلم هئڻ جي حيثيت ۾ مولانا جا جيترا ڳڻ ڳائجن گهٽ آهن. مولانا صاحب جيترو ليکڪ هو، انهي ڪان وڌيڪ هڪ انقلابي اڳواڻ ۽ زبردست مقرر هو، پر صحافت سندس ٻين ڪمالن ۽ صنفن تي پردو وجهي ڇڏيو. پاڻ سڄي ڄمار خدا جي در کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي اڳو نه جهڪيو ڪيئي ڀيرا اهڙا موقعا آيا جو اخبار جي مالڪن جي پاليسي جڏهن سندس اصول سان نباهُ ڪري نه سگهي، ته هو ڇڏي هليو ويو ۽ مالڪن جي گهڻن ئي ايلاز منٿن جي باوجود هن ايڊيٽري قبول نه ڪئي.

مولانا صاحب ننڍپڻ کان وٺي هر سياسي تحريڪ ۾ حصو وٺندو رهيو. خلافت تحريڪ ۽ خاڪسار تحريڪ م نه زور شور سان حصو ورتائين. ڪيترائي ڀيرا جيل ويو، پاڻ جڏهن پهريون ڀيرو گرفتار ٿي جيل ويو هو ته، ان وقت سندس

عمر اچا 14 سال مس هئي، مٿس الزام هيو تہ هو تقريرون ڪري ماڻهن کي انگريزن خلاف ڀڙڪائي ٿو. ان کان پوءِ خاڪسار تحريڪ دوران ڪيترائي ڀيرا جيل ويو، پوليس جون لٺيون کاڌائين، سزائون ڪاٽيائين. 1940ع ۾ تہ خانيوال اسٽيشن تي پوليس جي فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿي پيو هو.

مولانا خير محمد نظاماڻي 1930ع ۾ صحافت جي ميدان ۾ قدم رکيو. پهريائين پاڻ ماهوار "طالب علم" ڪراچي جو ايڊيٽر بڻيو، ان کان پوءِ 1933ع ۾ هن پنهنجو هڪ هفتيوار رسالو "بيداري" جاري ڪيو. 1935ع ۾ هن هڪ ٻيو پندرهن روزہ رسالو "خادم الاسلام" حيدرآباد مان جاري ڪيو. ان وقت ضلعي بدين ۾ لنواريءَ واري پير احمد زمان هر سال نائين ۽ ڏهين ذوالحج جي ڏينهن تي حج جون ڪل ئي رسمون پاڻ وٽ ادا ڪرائڻ لڳو. مولانا نور محمد نظاماڻي هن جڙتو حج خلاف مٿين ٻنهي رسالن ۾ قلمي جهاد شروع ڪيو، نہ رڳو ايترو پر مولوي صاحب هن ڪوڙي حج کي روڪرائڻ لاءِ هڪ تنظيم "حزب الله" پڻ قائم ڪئي، جنهن جي پليٽ فارم تان 1938ع ۾ هڪ زوردار تحريڪ هلايائين. جنهن جي نتيجي ۾ ان وقت جي سنڌ سرڪار آخر هن جڙتو حج تي پابندي وجهي ڇڏي. ان تحريڪ ۾ ساڻس مولانا عبدالغفور سيتائي ۽ مولانا حاجي احمد ملاح پڻ ساٿي رهيا.

مولانا خير محمد نظاماڻي 1946ع ۾ حيدرآباد مان "باب الاسلام" نالي سان هڪ روزاني اخبار جاري ڪئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اها اخبار بند ٿي وئي تہ پاڻ 1949ع ۾ روزانہ "غازي" حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿي رهيو. 4 آڪٽوبر 1950ع کان هن وري هڪ ٻي اخبار روزانہ "عوام" نالي جاري ڪئي. 1952ع ۾ پاڻ "مهراڻ اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو پر پوءِ جڏهن اها اخبار پير صاحب پاڳاري خريد ڪئي تہ مولانا پاليسي اختلافن سبب ان اخبار جي ايڊيٽري ڇڏي ڏني 14 اپريل 1953ع کان حاجي نجم الدين سريوال "ڪاروان" نالي اخبار جاري ڪئي، جنهن 1954ع ۾ مولانا صاحب کي ان اخبار جو ايڊيٽر بڻايو، آخر ۾ پاڻ روزانہ "الوحيد" حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿي رهيو. وفات کان ڪجهہ سال اڳ هو جماعت اسلامي سان بہ وابستہ رهيو.

مولانا خير محمد نظاماڻي 13 ڊسمبر 1985ع تي وفات ڪئي.

دادا سنڌي

دادا سنڌي جو اصل نالو ڪريم بخس ولد محمد قاسم سومرو هو، سندس ولادت 5 جولاءِ 1945ع تي ڳوٺ داد لغاري تعلقي ڏهرڪي ضلعي گهوٽڪي ۾ ٿي. پاڻ مشهور تاريخدان، محقق ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي، سندس والد پوليس ۾ عملدار هو.

دادا سنڌي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي، انگريزي تعليم ميرپور ماٿيلي ۾ حاصل ڪئي. بي اي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن حاصل ڪئي. ان ڪان عل اوه بي ايڊ ۽ ايم اي (سوشيالاجي) ۾ ڪيائين.

دادا سنڌي ملازمت تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان شروع ڪئي ۽ بعد ۾ ترقي ڪندو سترهين گريڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيسلٽ طور استاد مقرر ٿيو. پاڻ شاگردن کي اسڪول جي سبقن سان گڏ تاريخ جون حقيقتون، حوالا سمجهائيون به ڏيندو هو. هن ملازمت کان 1994ع ۾ رٽائر ڪيو.

دادا سنڌي ذاتي زندگيءَ ۾ نهايت سادو، خوش مزاج، حساس دل ۽ ڪل مک ماڻهو هو. سندس پرورش علمي ۽ ادبي گهراڻي ۾ ٿي.

سندس ياءُ قادر بخش ۽ چاچي الهه بخش جي لائبريري هوندي هئي، اتان مطالعي کان پوءِ ادبي ڪيتر ۾ شامل ٿيو. سندس پهريون مضمون روزانه "مهراڻ" ۾ شايع ٿيو. ڪيس سنڌ جي تاريخ لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق مشهور تاريخدان مولاني شيدائي ۽ رشيد ڀٽي سان ملاقات کان پوءِ ٿيو. هن پهريون تاريخي ۽ تحقيقي مضمون ون يونٽ تحريڪ دوران لکيو. ان کان پوءِ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيائين، جيڪي ماهوار نئين زندگي، پيغام، ٽماهي مهراڻ، نئين سوچ، اخبار تعليم ۽ مختلف روزانه اخبارن ۾ لاڳيتو ڇپجندا رهيا. پاڻ ريڊيو پاڪستان خيرپور لاءِ مختلف موقعن تي اسڪرپٽ لکندو رهيو.

دادا سنڌي پورهيت اديب هو، جيڪو پورهيو، محنت ۽ جاکوڙ هن سنڌي تاريخ لکڻ ۾ ڪئي، موجوده دور ۾ شايد ئي ڪنهن اديب ايتري محنت ڪئي هجي. سندس ڇپيل تصنيفون هن ريت آهن.

ڏيٺي ڏنب ڏڏن، سنڌين جي فوجي مهارت، سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون، 1957ع جي جنگ آزادي ۽ سنڌ، سنڌ جي عالمن جا سونهري ڪارناما، اڳوڻن سنڌين جو ڏيساور سان واپار، سومرن جي دور جا سورما، تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون، منو محبوب ڌارين جي نظر ۾، سنڌ جا عوامي ڪردار، ان کان سواءِ سندس اڻ ڇپيل تصنيفون پڻ موجود آهن.

دادا سنڌي کي هڪ اديب، ليکڪ، محقق ۽ تاريخدان جي حيثيت سان

مجتنا طور ڪجهه ايوارڊ مليا، جن ۾ سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ 1987ع، سنڌ الاجي ايوارڊ 1987ع، آل سنڌ ٻالڪ ايوارڊ 1987، آءِ سي آءِ ڪمپني ايوارڊ 1988ع، سنگت قلم ايوارڊ 1993ع، ۽ سنڌ سيپيتا سوسائٽي ايوارڊ 1993ع شامل آهن.

سنڌ جوهي پلوڙ تاريخدان ۽ محقق 11 جنوري 1999ع تي دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

داد محمد "خادم" بروهي

ڊاڪٽر داد محمد "خادم" ولد نيڪ محمد بروهي 4 مارچ 1940ع تي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو. ٻان مشهور اديب ۽ مختلف ٻولين جو ماهر ۽ شاعر آهي.

ڊاڪٽر داد محمد بروهي ابتدائي تعليم جيڪب آباد ۽ ڪشمور ۾ حاصل ڪئي. نائين ڪلاس ڪان وٺي پي ايچ ڊي تائين پرائيويٽ اميدوار طور امتحان پاس ڪيائين. ڪيس پنجن ٻولين سنڌي، براهوي، سرائڪي، اردو ۽ پنجابيءَ تي مهارت حاصل آهي. سندس تحريرون پنجن ئي ٻولين ۾ ڇپجنديون رهن ٿيون.

داد محمد نثر توڙي نظم ۾ طبع آزماني ڪئي آهي. صحافت سان پڻ سندس واسطو آهي. پاڻ سنڌي اخبار "ڪيرٿر" ۽ براهوي اخبار "ايلم" جيڪا مستونگ مان نڪرندي آهي، انهن سان منسلڪ آهي. جيڪب آباد جي مشهور هارس ائنڊ ڪيٽل شوجي موقعي تي هر سال شايع ٿيندڙ مخزن ۾ ادبي ۽ علمي معاونت ڪندو رهندو آهي.

ڊاڪٽر داد محمد بروهي گذريل ڪيترن سالن کان سنڌ جي مختلف مخزنن ۾ سنڌي، براهوي ۽ بلوچي ٻولين جي محاورن ۽ لهجن جي باري ۾ مضمون لکندو پيو اچي هن سنڌيءَ جي مختلف محاورن جو مطالعو ڪرڻ لاءِ سنڌ بلوچستان جا جبل جهاڳايا آهن ۽ ڪشالا ڪديا آهن. محاورن جي مطالعي جو شوق ڪيس پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. هن 1991ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڪئي جنهن لاءِ سندس لکيل مقالي جو عنوان هو "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو" ان کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن ۽ محاورن جي باري ۾ سندس لکيل ڪجهه مضمون مهراڻ، نئين زندگي ۽ پيغام وغيره ۾ ڇپيل آهن، جن جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي محاورن جي اڀياس جو شوق جنون جي حد تائين آهي. سندس مقالن جو علمي حلقن ۾ ڪافي قدر ڪيو ويو آهي. بروهي صاحب جيڪب آباد ۽ ڀرپاسي خيرو تعلقن جي جاگرافي ٻئي درجي جي نصاب لاءِ پڻ لکي آهي.

دادن فقير جويو

داد محمد تخلص "دادن" ولد ڏني بخش جويو 17 جنوري 1906ع تي ڳوٺ ميانداد چنجڻي تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي.

دادن فقير ابتدائي تعليم ڳوٺ محراب خان سنديلو ۾ صاحب خان شاهاڻي کان پرائي سنڌي فائينل تائين تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ مشهور صوفي فقير خير محمد هيسباڻي کي روحاني مرشد ڪري مڃيندو هو ۽ شعر و شاعري ۾ علامه محمد هدايت علي نجفي استاد هئس.

دادن فقير ڳوٺ ميانداد چنجڻي مان لڏي وڃي ڪجهه وقت شهر نصير آباد ۾ رهيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ شهر راڌڻ تعلقي ميهڙ ۾ اچي رهيو. پاڻ عوامي شاعر هو. سندس ڪلام سڄي سنڌ ۾ ڳايو وڃي ٿو. ڪيترن ئي ماڻهن کي اڄ به سندس ڪلام بر زباني ياد آهي. ريڊيو پاڪستان تان به سندس ڪلام نشر ٿيندو رهندو آهي ته، آڊيوڪيسٽن ذريعي به مختلف ڳائڻن جي آواز ۾ سندس ڪلام عام جام ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

دادن فقير غزل، ڪافي، گيت، چوسٽو، وائي، بيت، مداح، مولود، رباعي، نظم ۽ قطعا وغيره تي مشتمل تمام گهڻو ڪلام چيو آهي. سندس ڪجهه ڪلام "آفتاب عشق" جي نالي سان سندس هڪ شاگرد ۽ طالب فقير سلطان سولنگي ڇپرايو آهي. ان کان اڳ سندس حياتي ۾ ڪجهه دوستن سندس رضامندي بغير سندس ٿورو ڪلام "هڻ ڪڻ" جي نالي سان ڇپرايو هو. جنهن جي نالي ۽ صحت تي فقير صاحب ناراضگيءَ جو اظهار پڻ ڪيو هو.

دادن فقير جو ڪافي ڪلام اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي جنهن کي ڇپرائڻ جي اشد ضرورت آهي ته، جيئن هن بهترين شاعر جا بيش بها شاهڪار محفوظ رهجي سگهن. سندس ڪلام منظر نگاري، سلاست، ڪردار نگاري، حسن ۽ عشق جي اعليٰ ڪردارن سان پُربو پيو آهي. ان ۾ نصيحت جا نڪتا ۽ طنز و مزاح پڻ نظر اچي ٿو.

دادن فقير 19 آڪٽوبر 1979ع تي رات جو 11 وڳي ڏاري وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دلبر ٿي ڏار ويو آ دل کي قرار ڪونهي،
ڳڻتيون هزارين آهن ليکو شمار ڪونهي،
سڪٽو سلام اڄ پي موڏي نڪو اچي ٿو،
شايد سڄڻ جو مون سان اڳيون پيار ڪونهي،
دنيا زر زيور جي پرواهه ناهي "دادن"
پيالو پيار وصل جو پيو ڪو انتظار ڪونهي.

ڊَر شهوار سيد

ڊاڪٽر دُر شهوار سيد 28 مارچ 1942ع تي سن شهر ضلعي دادو ۾ پيدا ٿي پاڻ مشهور قوم پرست اڳواڻ سائين جي ايم سيد جي نياڻي هئي. ۽ سندس سڄاڻپ سياست کان هٽي ڪري، ادبي ۽ سماجي حوالي سان هئي. هوءَ سياسي ميدان کان بنهه پري رهي. ان لاءِ سندس چوڻ هو ته مونکي سنڌ لاءِ ڪلچرل ميدان تي ڪم ڪرڻ وڌيڪ بهتر لڳي ٿو.

ڊاڪٽر درشهوار شروعاتي تعليم ڪان وٺي ايم اي تائين ڪراچي ۾ پڙهي بي اي تائين سينٽ جوزف ڪانونيٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهي ۽ ايم اي (فلاسافي) جي ڊگري 1969ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. سندس والد جي مرضي هئي ته سندس نياڻي پي ايچ ڊي ڪري، جنهن لاءِ ڪيس يورپ موڪليو ويو. اتي ڪيس پيهر ايم اي ڪرڻ لاءِ چيو ويو. هن 1978ع ۾ انگلينڊ جي سسيڪس يونيورسٽي جي سائوٿ ايشن اسٽڊيز مان "هسٽري اينڊ ڪمپيئريٽو" جي عنوان تي پيهر ايم اي ڪئي. ان کان پوءِ ايڊمبرا يونيورسٽيءَ مان 1984ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. ان لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "دي پوئٽري آف شاهه عبداللطيف". پي ايچ ڊي ڪري واپس ورڻ کان پوءِ علمي ميدان ۾ ڪجهه ڪرڻ جي خيال سبب ڪراچي يونيورسٽي ۾ نوڪري اختيار ڪيائين. پهريان فلسفي جي شعبي ۾ ڪوآپريٽو ٽيچر طور مقرر ٿي ۽ پوءِ 1985ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ۾ تاريخ جي مضمون پڙهائڻ لاءِ ليڪچرار مقرر ٿي، جتي آخر تائين اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي ڪم ڪندي رهي. ان وچ ۾ 1991ع کان 1996ع تائين ڪراچي يونيورسٽي جي "شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر" جي ڊائريڪٽر به ٿي رهي، شاهه لطيف چيئر ۾ سندس ايامڪاريءَ دوران شاهه لطيف متعلق اشاعتي ڪم ڪافي اڳتي وڌيو. ان حوالي سان سندس خاص ڪارنامو شاهه لطيف تي ببليو گرافي شايع ڪرائڻ آهي جيڪو شاهه لطيف بابت تحقيق واري ميدان ۾ هڪ اهم ۽ بنيادي ڪارنامو آهي. ڊاڪٽر صاحبه شاهه صاحب جي ڪلام کي ٻاهرين دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ حافظ شيرازي ۽ مولانا رومي جي ڪلام واري طرز تي چئن ٻولين سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسيءَ ۾ ڇپائڻ جو ارادو پئي رکيو، ان سلسلي ۾ پهرين ٽن سرن جو انتخاب پڻ تيار ڪيو، جيڪو نهايت سهڻي گيٽ اپ سان شايع ڪيو ويو اهڙي طرح سڄو رسالو اهڙن ڏهن ٻارهن ڀاڱن ۾ رنگين ڇپائي سان تيار ٿيڻو هو.

ڊاڪٽر درشهوار جي انگريزي ۾ لکيل پي ايچ ڊي واري ٿيسز سنڌي ادبي بورڊ 1988ع ۾ شايع ڪئي آهي ان جو اردو ترجمو "شاهه لطيف ڪي شاعري اور فڪر" جي عنوان سان 1994ع ۾ شايع ٿيو، جنهن کي پاڪستان جي چئني صوبن ۾ گهڻي پذيرائي ملي.

اسان جي هن باوقار عالم عورت يورپ ۾ پڙهڻ واري دور ۾ مختلف تحقيقي ادارن ۾ لاتعداد علمي ليڪچر ڏئي سنڌ جو نالو روشن ڪيو. سندس ڪيل علمي پورهيي جي مڃتا طور ڪيس ڪيترن ئي ادارن کان مختلف ايوارڊ پڻ مليا، جن ۾ سنڌ سرڪار کان ملير ڪيش ايوارڊ 1988ع، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي نالي سان جاري ڪيل ايوارڊ، ڊاڪٽر اينميري شمل انسٽيٽيوٽ حيدرآباد کان 1985ع، لطيف اڪيڊمي ڀاران شاهه لطيف گولڊ ميڊل 1989ع، سنڌ ڪلچرل ڪائونسل ڪراچي کان پير حسام الدين ايوارڊ 1993ع ۽ سگا کان ملير انٽرنيشنل سچل ڪانگريس ايوارڊ 1981ع شامل آهن. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي سچل چيئر جي ايڊوائيزري بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي گورننگ باڊي جي ميمبر پڻ رهي، علمي خدمت کان سواءِ هن "آل سنڌ وومين ايسوسيئيشن (اسوا) نالي هڪ سماجي تنظيم جو پڻ بنياد وڌو، جنهن جون سماجي خدمتون تمام گهڻيون رهيون.

ڊاڪٽر درشهوار سيد 26 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪري وئي.

درگاهي ميراڻي

عبدالرحمان المعروف "درگاهي ميراڻي" ولد واحد بخش ميراڻي ميربحر 5 مارچ 1942ع تي ڳوٺ انباهه ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ مشهور ڪافي گو شاعر ٿي گذريو آهي. روهڙي شهر جو رهاڪو هو.

درگاهي ميراڻي جي والده بيگم فقيرياڻي جيڪا مشهور فنڪاره ٿي گذري آهي، سا درگاهه فيض درياءَ شاهه جي سجاده نشين ولايت شاهه جي مريدياڻي هئي. پاڻ ان وقت پنهنجي مرشدن جي گهر ۾ هئي ته ڪيس پٽ ڄائو. جنهن جو اصل نالو ته عبدالرحمان هو، پر سندس والده ڪيس درگاهه ڏنو (يعني مرشد کان مليو) جي نالي سان سڏيندي هئي. جيڪو پوءِ درگاهي ميراڻي جي نالي سان مشهور ٿيو.

درگاهي ميراڻي ايم اي (انگريزي) ڪرڻ کان پوءِ روهڙي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. هن ادب، شاعري، راڳ ۽ ترجمي ۾ نالو روشن ڪيو. هن شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، ليڪن ڪافي تي دسترس حاصل هئس وڏا وڏا راڳي سندس شاعري ڳائيندا هئا. وٽس روهڙي ۾ هر هفتي وڏي ادبي ڪچهري ٿيندي هئي، جنهن ۾ وڏا اديب ۽ شاعر شرڪت ڪندا هئا. هن شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ بيدل فقير جي ڪجهه شاعري انگريزي ۾ ترجمو ڪئي آهي.

درگاهي ميراڻي 23 اپريل 1988ع تي وفات ڪئي. سندس هڪ ڪافي نموني طور هيٺ ڏجي ٿي.

دوست ڪڏهن در ايندين، ساجن ساٿي ٿيندين،

1. روز نهاريان روئندي راهون، آءٌ سهڻي تون ساجن دانهون،

ويهي حال وندينديں.....
2. درد ۾ دلڙي دم دم ماندي، توبن تڙپي برھ جي باندي،
پرت جو پيالو ڏينديں.....
3. "درگاهي" جو دلبر تون آن، راھ جو راٿل رهبر تون آن.
هيڪل ڪين ڇڏينديں....

در محمد اوستو

در محمد اوستو ولد محمد حيات سومرو 16 جولاء 1917ع تي ڳوٺ يلي ڏنو آباد ضلعي جيڪب آباد ۾ ڄائو پاڻ سنڌ جو وزير تعليم، وزير ٽرانسپورٽ ۽ علم دوست انسان ٿي گذريو آهي.

در محمد اوستو ابتدائي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي، ۽ مئٽرڪ شڪارپور جي چيلا سنگهه سيتلاداس اڪيڊمي مان پاس ڪئي. کيس عربي ۽ فارسي ۾ به سٺي ڄاڻ هئي، اها تعليم هن مولانا محمد ايوب مهر کان ورتي هئي.

اوستو صاحب 1932ع ۾ ڳوٺان لڏي اچي جيڪب آباد ۾ رهيو. پاڻ ضلعي جيڪب آباد جي مقبول شخصيت هو. سماجي بهبودي وارن ڪمن سان کيس گهڻي دلچسپي هئي. پاڻ مخلص سماجي ڪارڪن هو. پاڻ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جيڪب آباد جو چيئرمين به ٿي رهيو ۽ ان دوران هن ضلعي اندر ڪافي ترقياتي ڪم ڪرايا. جن ۾ ڪاليج، هاءِ اسڪول، مڊل ۽ پرائمري اسڪول وغيره شامل آهن. اوستو صاحب 1970ع جي چونڊن ۾ جيڪب آباد مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جنهن کان پوءِ کيس پهريان سنڌ جو وزير تعليم ۽ پوءِ وزير ٽرانسپورٽ مقرر ڪيو ويو، سندس وزارتِ تعليم واري دور ۾ حميديه هاءِ اسڪول کي اپ گريڊ ڪيو ويو، ان جي عمارتَ وڏي لاڳت سان نهي تيار ٿي. غريب شاگردن لاءِ ڏهه لک روپيه اسڪالر منظور ڪئي. پاڻ جڏهن وزير ٽرانسپورٽ هو ته ڪوٽڙي کان سيوهڻ تائين روڊ ۽ سيوهڻ کي دادو ۽ دادو کي لاڙڪاڻي سان ڳنڍيندڙ روڊ منظور ڪيائين، پاڻ غريب ۽ مستحق ماڻهن جي وقت بوقت مدد ڪندو هو. کيس لکڻ پڙهڻ سان وڏو لڳاءُ هوندو هو. سيرت پاڪ تي لکيل سندس ڪتاب "نور محمدي" مشهور آهي.

در محمد اوستو 14 نومبر 1994ع تي وفات ڪري ويو.

در محمد پناڻ، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر در محمد ولد حاجي گل محمد پناڻ 25 مئي 1945ع تي ڳوٺ خير محمد آريجا تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ موجوده دور جو سنڌي ٻوليءَ جو مشهور اديب محقق، عالم، دانشور ۽ ليکڪ آهي.

ڊاڪٽر در محمد پناڻ 1972ع ۾ ايم اي فرسٽ ڪلاس ٿرڊ پوزيشن ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ 13 نومبر 1973ع تي ليڪچرار مقرر ٿيو. 9- مئي 1985ع کان 10 مئي 1990ع تائين پاڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿي رهيو. نومبر 1991ع کان اپريل 1995ع تائين گورنمينٽ سائنس ڪاليج ڏوڪري ۾ پرنسپال ٿي رهيو ۽ هن وقت ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سنڌيءَ جو ايسوسيئيٽ پروفيسر طور فرض بجا آڻي رهيو آهي.

در محمد پناڻ صاحب 1979ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نگراني ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڪئي. جنهن لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "ڪراچي ضلعي جو سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ترقي ۾ حصو."

ڊاڪٽر صاحب ڪيترائي ڪتاب ۽ 500 کان وڌيڪ تحقيقي مقالا لکيا آهن. هن ادب جي صنف ۽ صحافت جي مواد کي جنهن حسن ۽ خوبيءَ سان ترتيب ڏنو آهي، اهو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. سندس لکڻيون ٽماهي مهراڻ، ماهوار نئين زندگي، پيغام ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ وقت بوقت شايع ٿينديون رهن ٿيون. پاڻ شاعري به ڪندو آهي. وائي، بيت ۽ آزاد نظم تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. شروع ۾ "درل" تخلص ڪندو هو، پر هاڻي ڪم ڪونه آڻي. شاعري ۾ استاد "احقر" جمالي مرحوم هئس. ڊاڪٽر صاحب جا تصنيف ۽ تاليف ڪيل هيٺيان ڪتاب سنڌي ادب ۾ اضافي جو سبب بڻيل آهن. موتي مور ملوڪ جا (ترتيب 1981ع)، اسان جا اديب (1983ع)، جوڪيو مطالعو مون (1983ع)، آئينو ۽ اولڙو (1984ع)، ذهني آزمائش (1984ع)، سياسي چرپر (1985ع)، مولانا عبيدالله سنڌي (1985ع) چيلڙي وارو شهزادو (1985) آدرش رنگ (1986ع) ادب ۽ ماحول (1987ع). سنڌالاجي جي سووينئر (1987ع) جهڙا گل گلاب جا (1988ع) علامه آءِ آءِ قاضي (1989ع) موتين مٺ ملوڪ جي (ترتيب 1991ع) سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪردگي (1991ع)، ۽ لاتيون سڄ لقمان جون (1995ع).

ڊاڪٽر در محمد پناڻ سنڌ يونيورسٽي، لطيف يونيورسٽي ۽ قائداعظم يونيورسٽي مان مختلف شعبن ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪندڙ شاگردن لاءِ رهبر مقرر ٿيل آهي. پاڻ بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻي جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي بورڊ آف اسٽڊيز جو ميمبر، سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، بزم طالب المولىٰ جو ميمبر، سچل ادبي مرڪز لاڙڪاڻي جو صدر، شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن جو باني چيئرمن، سنڌ سگهڙ سنگت جو باني صدر آهي. ان کان علاوه ٻين به ڪافي علمي ۽ ادبي ادارن سان سندس وابستگي آهي، هن صاحب پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ 1990ع ۾ "گل حيات انسٽيٽيوٽ" نالي هڪ ادارو قائم ڪيو آهي. پاڻ ان جي سرپرست اعلىٰ طور

سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب کي سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض ڪجهه ميڊل ۽ ايوارڊ به مليل آهن. جهڙوڪ اديون ايوارڊ 1984ع، سنڌ مدرسي ڪراچي طرفان سلور ميڊل 1985ع، سنڌ يونيورسٽي طرفان وائيس چانسلر ميڊل 1987ع، سگا طرفان گولڊ ميڊل 1992ع، ڊيپلاٽي ايوارڊ 1992ع، طالب المولىٰ ايوارڊ 1993ع، وغيره.

در محمد "خاڪ" ڪانڊلوي مولانا

مولانا در محمد ولد عبدالرب (صديقي) قريشي 12 ربيع الاول 1313هه (1897ع) تي ڳوٺ ڪانڊڙا تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ناميارو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مولانا صاحب مختلف مدرسن مان تعليم حاصل ڪئي. آخر ۾ مدرسه منگٽيجا لڳ گاجي کهاوڙ تعلقي وارهه ۾ مولانا محمد صالح ابڙي وٽ باقي ڪتاب پڙهي 1920ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو، جنهن کان پوءِ مختلف جڳهن تي درس تدريس ڏيندو رهيو. ڪجهه وقت حيدرآباد ۾ ناراجيل واري مسجد ۾ خطيب پڻ ٿي رهيو. پاڻ نهايت زاهد، عابد ۽ ذڪر و فڪر ڪندڙ الله جو نيڪ ٻانهو هو. هن جو شعر و شاعري سان به چاهه رهيو ته، نثر ۾ به ڪتاب لکيائين. سندس ڪلام عشقيه ۽ اخلاقي آهي. پهريان تخلص "خطائي" اختيار ڪيائين، ليڪن بعد ۾ ان کي "خاڪ" ۾ تبديل ڪيائين. پاڻ انجمن همدرد قوم نصيرآباد ۽ بزم لطيف نصير آباد جو صدر به رهي چڪو هو.

مولوي صاحب مختلف موضوعن تي اٽڪل سٺ، سٽر ڪتاب لکيا، جن مان الوحي الوفي، خزانة العارفين، جديد دور جو سهڻي ميهار ۽ حب الحي، وغيره مشهور آهن.

مولانا در محمد "خاڪ" ڪانڊلوي 6 فيبروري 1981ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏنل آهي.

حال پڇ ۽ قال پڇ پرسرِ سبحاني نه پڇ،
روح پڇ ريهاڻ پڇ پر راز روحاني نه پڇ،
شمع رخ جي تاب تي پروانه لک سوزان ٿيا،
يار جي شوخي نه پڇ عاشق جي قرباني نه پڇ.

دريا خان گهانگهرو

دريا خان المعروف فقير حاجي ملنگ دولهه دريا خان بابا گهانگهرو نقشبندي قادري جي ولادت 1927ع ۾ ڳوٺ بيگن گهانگهرو لڳ حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي وقت جو ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. سندس والد جو اسم

شريف چاڪر خان هو، جنهن کي ٽي فرزند ٿيا، دريا خان مڙني ۾ ننڍو هو.

دريا خان قرآن پاڪ جي تعليم ڳوٺ ۾ سيد قاسم علي شاهه بخاري کان حاصل ڪئي، ديني تعليم پيندي شريف جي مدرسي مان ۽ سنڌي جي تعليم ڳوٺ ميراڻي جي اسڪول مان حاصل ڪئي پاڻ ڪجهه وقت ايريگيشن کاتي ۾ داروغو ٿي رهيو، پر پوءِ سگهوئي ملازمت ڇڏي پنهنجي زندگي ياد الاهي ۾ گذارڻ لڳو.

فقير دريا خان ٻچپن کان ئي سادي طبيعت جو هوندو هو رانديروند کي پسند نه ڪندو هو، سندس ڳوٺ ۾ اڪثر پيرن فقيرن جي آمد ٿيندي هئي، پاڻ سڄو وقت انهن جي خدمت ۾ گذاريندو هو. پنهنجي بزرگن جي تعمير ڪرايل قديمي مسجد جي نگراني ڪرڻ ۽ ان جي صفائي وغيره جو ڪم پاڻ سرانجام ڏيندو هو، ننڍي هوندي ٻڪريون چارڻ به سندس ذمي هوندو هو.

فقير صاحب شروع کان ئي سنڌ جي مختلف درگاهن تي وڃي چلا ڪڍندو هو ۽ عبادت ڪندو هو ۽ ڪشالا ڪري الله جي پيارن پانهن سان رهاڻيون رچائيندو هو. پاڻ لڳاتار ست سال هر جمعي جي رات پيرين پيادو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحه جي درگاهه تي اچي حاضري ڀريندو رهيو ۽ شاهه صاحب جو راڳ شوق سان ٻڌندو رهيو. ان کان سواءِ حضرت قلندر لعل شهباز رحه، لڪي شاهه صدر، شاهه بلاول نوراني، شاهه عقيق، عبدالله شاهه اصحابي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀريندڙ هو. چون ٿا ته پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي پر ۾ هڪ ڪوهه اندر الٽو لٽڪي ڇهه مهينا رياضت ڪندو رهيو ۽ ان حالت ۾ ڪيترائي چلا مڪمل ڪيائين.

فقير دريا خان جو روحاني پيشوا حضرت محمد قاسم علي شاهه بخاري رحه (وفات 1980ع) هو. جنهن جي دست بيعت رهيو ۽ سندس پهريون خليفو مقرر ٿيو. مرشد کان کيس روحاني فيض کان علاوه "ملنگ" ۽ سنڌ جو دولهو" جا لقب پڻ عطا ٿيا فقير صاحب جا ڪيترائي مريد ۽ معتقد هئا، پاڻ پنهنجي مريدن ۽ ڳوٺ جي غريبن، نادارن، يتيمن ۽ مسڪين ٻارن، بيوه عورتن ۽ ڪمزور ماڻهن جو بيحد خيال رکندو هو. هن ڪيترن ئي غريب ڇوڪرين جي شادي پنهنجي خرچ تي ڪرائي، ڪيترن ئي بي گهر ماڻهن کي گهر جوڙائي ڏنا، ان کان سواءِ غريب ۽ يتيم ٻارن جي ختنه ڪرائڻ بيوه عورتن جي مالي مدد ڪرڻ، غريب شاگردن کي ڪتابون ڏيڻ، انهن کي جيب خرچ ۽ اسڪول جي في ڏيڻ وغيره سندس زندگيءَ جو معمول رهيو. 1985ع ۾ کيس حج پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي. پاڻ روزي نماز جو پابند هوندو هو.

فقير دريا خان چمندي جام هو. سندس ڪيترين ئي ڪرامتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، جن مان هڪ روايت هتي نقل ڪجي ٿي:

چون ٿا ته فقير صاحب اڃا ننڍڙو هو ته هڪ ڏينهن سندس والده محترمه

کيس هڪ نڪر جو ٿانو ڏئي ڇيو تہ، ابا پاڙي مان ٿانو وٺي اچ. پاڻ جيئن ئي گهر کان ٻاهر نڪتو تہ رستي ۾ ڪجهہ ٻار ڪيڏي رهيا هئا، جن بطور مزاح سندس اهو نڪر وارو ٿانو ڀڃي وڌو. ان جي باوجود پاڻ ويو ۽ پنهنجي پهراڻ جي جهوليءَ ۾ پاڙي جي هڪ گهر مان ٿانو ڪٺي اچي پنهنجي ماءُ کي ڏنو سندس والده پهراڻ کي ڏٺو تہ اهو ڪٿان ذري برابر بہ سڙيل نہ هئو، اهو ڏسي سندس والده محترمہ ڏاڍو خوش ٿي ۽ کيس دعا ڏني.

مسڪينن ۽ يتيمن جو مددگار، الله جو نيڪ ٻانهو، صاحب ڪرامت بزرگ فقير حاجي ملنگ دولهہ دريا خان بابا گهانگهرو 29 نومبر 1987ع تي وصال ڪري ويو سندس آخري آرامگاهہ گهانگهرا موري حيدرآباد ۾ آهي.

دوست محمد لغاري

دوست محمد "دوست" ولد عبدالعزيز لغاري 8 فيبروري 1961ع تي ڳوٺ مينهون لغاري تعلقي شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. هن وقت لاڙڪاڻي شهر ۾ سڪونت پذير آهي. پاڻ ريڊيو پاڪستان جي عام معلوماتي پروگرامن جو مشهور جاڪوڙي ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جو مقبول ڪمپيئر ۽ انائونسر آهي.

دوست محمد لغاري ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مڊل تائين شهدادڪوٽ ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ 1978ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽ لعل بخش مهيسر تعلقي ميرو خان مان پاس ڪيائين. انٽر سائنس 1981ع ۾ ۽ بي ايس سي 1984ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪري، 3 فيبروري 1986ع تي ايچ ايس ٽي سائنس ٽيچر طور سرڪاري نوڪريءَ ۾ پير پاتائين. ملازمت دوران 1986ع ۾ ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) فرسٽ ڪلاس ۾ ۽ بي ايڊ، ايم ايڊ جا امتحان پڻ پاس ڪيائين. 1992ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ 29 اپريل 1993ع تي ليڪچرار مقرر ٿيو پاڻ هن وقت چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ اسلامڪ اسٽڊيز جي مضمون ۾ ليڪچرار آهي.

لغاري صاحب کي علم ۽ ادب سان چاهہ شروع کان ئي رهيو. ريڊيو کي ٻڌندي ريڊيو ۾ لکڻ جو شوق جاڳيس جنهن جو عملي مظاهرو 21 جنوري 1981ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور معلوماتي پروگرام "لوچين سي لهن" ۾ خط لکي ڪيائين. ان کان پوءِ ريڊيو پاڪستان جي مختلف اسٽيشنن تان نشر ٿيندڙ معلوماتي پروگرامن ۾ پڻ حصو وٺڻ لڳو. مسلسل محنت، شوق، عزم ۽ ذهانت جي بدولت جلد ئي سندس شمار ريڊيو جي چند انهن لکندڙن ۽ ٻڌندڙن ۾ ٿيڻ لڳو، جيڪي خاص مقصد خاطر يعني پنهنجي علمي، ادبي ۽ عالمي معلومات ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ريڊيو تان نشر ٿيندڙ ذهني

چنانچه ٽي وارن پروگرامن ۾ ڏنل سوالن جي جوابن کي حل ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتابن جا ورق ورائي محدود وقت ۾ جواب ڳولي خط لکي پروگرامن ۾ حصو وٺندا.

ريڊيو ۾ لکڻ دوران لغاري صاحب جا مختلف پروگرامن ۾ 32 ڪٿا نڪتا آهن. جن مان ڇهه دفعا ڪيس اڪيلو صحيح جواب لکندڙ قرار ڏنو ويو. تنهن کان سواءِ ڪيس اهو به انفرادي اعزاز حاصل آهي ته، پروگرام لوچين سي لهن ۾ مسلسل 123 پروگرامن لاءِ ڏنل سوالن جا جواب لکڻ ۾ هن هڪ به غلطي نه ڪئي ۽ هر هفتي صحيح جواب لکي پروگرام ۾ شامل ٿيندو رهيو.

ريڊيو جي ڪوئز پروگرامن ۾ سندس ڪيل محنت ۽ جاکوڙ جي صلي ۾ ڪيس 9 جولاءِ 1987ع تي "مهراڻ معلوماتي انجمن سنڌ" جو بنا مقابلي پهريون صدر چونڊيو ويو. 20 آڪٽوبر 1989ع تي "ڪل سنڌ ريڊيو لسنرس ڪانفرنس" منعقد ڳوٺ احمد خان مري (سانگهڙ) ۾ مجتا طور ڪيس بهترين لوچيندڙ جو سرٽيفڪيٽ 1995ع ۾ مماس طرفان قلجي ۾ بهترين لوچيندڙ جو ايوارڊ ۽ 1997ع ۾ "لاڙڪاڻه لسنرس ايسوسيئيشن" طرفان سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو.

ريڊيو جي پروگرامن ۾ لکندي لکندي لغاري صاحب کي اهو شوق بالآخر ريڊيو تي وٺي آيو. پاڻ 28 آگسٽ 1999ع کان ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي ايف ايم اسٽيشن تي اناﺋونسر ۽ ڪمپيئر طور ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ لاڙڪاڻي ريڊيو اسٽيشن جو مقبول ڪمپيئر آهي. سندس ڪمپيئرنگ ۾ 4 آڪٽوبر 1999ع کان نشر ٿيندڙ معلوماتي پروگرام "پاڪستان ڪوئز" ٻڌندڙن ۾ بيحد مقبوليت ماڻي چڪو آهي.

پنهنجي علمي اڃ اجهائڻ ۽ ادبي ذوق جي تسڪين لاءِ وٽس هڪ ذاتي لائبريري پڻ آهي. جنهن ۾ ڪافي معياري ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن ڪيس عام معلومات سان جنون جي حد تائين لڳاءُ آهي.

دين محمد "اديب" فيروز شاهي

مولانا دين محمد "اديب" فيروز شاهي 21 مارچ 1897ع تي ڳوٺ فيروز شاهه تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو پاڻ بلندپايي جو عالم، نثر نويس ۽ شاعر ٿي گذريو آهي سندس تاريخي نالو منظور حسين ۽ تخلص "اديب" هو.

مولانا دين محمد "اديب" جو نسبتي تعلق حضرت غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي خليفي مخدوم عبدالله پيروچ واري سان ملي ٿو. مولانا صاحب ابتدا ۾ قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم علامه عطاءالله فيروز شاهي جي مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڳوٺ بانهي لاکير ۾ مولانا الاهي بخش جي مدرسي ۾ داخلا ورتي. اتي فارسيءَ جو نصاب ۽ عربي ديني علوم حاصل ڪيائين. سن 1334هه ۾ پنجن سالن جي مسلسل مطالعي کان پوءِ دستاربندي ڪئي.

مولانا اديب شاعري جي ابتدا مولانا عطاءالله ۽ مولانا الاهي بخش جهڙن سخن سنج علمائن جي صحبت ۾ ڪئي. اهوئي سبب آهي جو سندس شاعري ۾ شائستگي، فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ رواني نظر اچي ٿي. هن شاعري جي. ابتدا سن 1330هه ڌاري نعتيه ڪلام سان ڪئي. سندس نعتيه شاعري سنڌيءَ کان سواءِ عربي ۽ فارسي زبانن تي پڻ مشتمل آهي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي سڪ ۽ ساراهه ۾ نهايت پختو ڪلام چيو اٿس. سندس ڪلام ان وقت جي مشهور اخبارن ۽ رسالن جهڙوڪ آفتاب، الحق، الامين، الاسلام ۽ الڪاشف وغيره ۾ ڪثرت سان شايع ٿيندو رهيو.

مولانا دين محمد گهڻو وقت درس وتدريس جو ڪم ڪيو. آخر ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ عربي استاد جي حيثيت سان رٽائر ڪيو. مولانا صاحب هڪ بهترين مترجم ۽ مصنف به هو. سندس مشهور ڪتابن مان ڪجهه جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

اشرف العلوم ؛ محنت جو راز، اخلاق النبي، نورٌ اعليٰ نور، تاريخ اسلام، ترقي ۽ تنزل جو راز، زاد الاديب، ڪليات اديب، حيدر ڪرار، حڪايت الاولياء، بهشتي ڪوثر، اسلامي نماز، وغيره. سندس ڪجهه ڪتاب قلمي صورت ۾ به موجود آهن.

مولانا دين محمد "اديب"فيروز شاهي 27 فيبروري 1973ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

طلب آهي تنهنجي سدا تات پيارا، ٿوروئندي گذاريان سڀ رات پيارا،
اهو وقت ڪهڙو نه هو مثل جنت، دريءَ مان مونکي جو ڇيئي هات پيارا.

دين محمد بنوي، مولانا

مولانا دين محمد ولد گهڻو خان چانديو جي ولادت ڳوٺ بني تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. سندس شمار مشهور عالم دين ۽ خلافت تحريڪ جي رهنمائن ۾ ٿئي ٿو.

مولانا دين محمد بنوي ابتدائي تعليم پنهورن جي ڳوٺ تعلقي ميرو خان ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ شهداد ڪوٽ جي مشهور عالم ميان غلام صديق جي خاص شاگرد قاضي الهه بخش وٽ شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيائين. فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ عربيءَ جي تعليم ورتائي. ڪنز قافيه تي پهچڻ کان پوءِ تبرڪ لاءِ مولانا غلام صديق وٽ پڙهڻ شروع ڪيائين.

مولانا دين محمد بنوي صاحب شروع کان ئي نهايت سادو ۽ فقيراڻي خيال جو هوندو هو. استاد جي چوڻ تي ڪامل جي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو ۽ درس وتدريس جو عمل جاري رکيائين. پر پوءِ جلدي ئي بهرو وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جي خيال سان همايون، نوڙهن ۽ ابڙيجا ۾ ممتاز عالمن وٽان علمي اڄ اجهائيندو رهيو

آخر پنجاب جي ڀنگ شهر ۾ مولانا نظر محمد وٽ باقي علم جي تحصيل ڪري دستار بندي ڪيائين. ان کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ بٺي ۾ 1312هه ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ اتي وجي علم جي شمع روشن ڪيائين. سوين شاگرد وٽس پڙهڻ لاءِ ايندا رهيا. سالن جا سال هن جو فيض في سبيل الله جاري رهيو. ممتاز عالم دين هجڻ سان گڏوگڏ هي خلافت تحريڪ جو بي ڊپو سپاهي به هو. آزادي وارين تحريڪن ۾ هن پوري زور شور سان حصو ورتو ڪيس شعروشاعري سان پڻ دلچسپي هوندي هئي ۽ خوش خط به هو.

مولانا دين محمد بٺوي "ٻلي ڳڙ" جي بيماري سبب 15 سيپٽمبر 1931ع تي وفات ڪئي.

دين محمد "وفائي". مولانا

مولانا دين محمد "وفائي" ولد خليفو حڪيم گل محمد پٺي 14 اپريل 1893ع تي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ تمام وڏو عالم دين، اديب، شاعر، صحافي ۽ تحريڪ آزادي جو رهنماءُ ٿي گذريو آهي.

مولانا دين محمد "وفائي" پنهنجي سڄي عمر دين الاهي ۽ سنڌي ادب لاءِ جاکوڙبندي گذاري چڏي. پاڻ سٺو اديب هئڻ سان گڏوگڏ سٺو صحافي پڻ هو. صحافتي دنيا ۾ ڪيل سندس خدمتون وسارڻ جهڙيون نه آهن.

مولانا وفائي صاحب1920ع کان 1943ع تائين سنڌ جي واحد ترجمان اخبار "الوحيد" سان وابسته رهيو. شروع ۾ ادارتي عملي ۾ شامل رهيو. 11 فيبروري 1926ع کان اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ آخر ۾ ايڊيٽر جا فرائض سر انجام ڏيندو رهيو. ان کان پوءِ زندگي ڀر ٽماهي مهراڻ جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو. 1923ع ۾ هن هڪ رسالو "توحيد" نالي سان جاري ڪيو، جيڪو ان وقت سنڌ جي ماڻهن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. ان کان علاوه مولانا صاحب لاڙڪاڻي مان 1918ع ۾ هڪ مذهبي رسالو "الڪاشف" پڻ سنڌي ۾ جاري ڪيو هو.

مولانا صاحب بي باڪ صحافي هجڻ سان گڏ بهترين سياستدان به هو. سياسي ميدان ۾ سندس تربيت امام الانقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ هٿان ٿي. 1920ع ۾ ڪيس جمعيت العلماءَ سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو. هن خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ قوم ۽ وطن جي خدمت ڪندو رهيو. حق گوئي جي باعث فرنگي سرڪار ڪيس ڪافي وقت قيد و بند ۾ رکيو. هن آزاديءَ واري تحريڪ ۾ به ڀرپور حصو ورتو. سندس نالي کي آزاديءَ جي پروانن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. مشڪل وقت ۾ مسلمانن جي ترقي ۽ سڌاري لاءِ ڪيل سندس خدمتن کي سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن به نٿا وساري سگهن.

مولانا دين محمد "وفائي" سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو اهل قلم هو. هن

نثر ۾ به لکيو ته، شاعري به ڪئي. سندس تخلص "وفائي" هو. کيس تاريخ سان به گهري دلچسپي هئي، ان ڪري کيس "تاريخ جو امام" سڏيندا هئا. حافظو به تمام تيز هوندو هئس، جنهن ڪري تاريخ ساز شخصيتن جون سوانح عمريون لس بيان ڪري ويندو هو. هن ڪل 60 ڪتاب تحرير ڪيا، جن ۾ لطف اللطيف، خلفاءِ راشدين سيرت النبي، الهام الباري ۽ تذڪره مشاهير سنڌ (ٽن جلدن ۾) تمام گهڻو مشهور آهن. سندس لکيل ڪيترائي ڪتاب اڄڪلهه مارڪيٽ ۾ ناياب ٿي ويا آهن.

مولانا دين محمد "وفائي" فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هوندو هو. هڪ وڏو عالم دين، محقق ۽ اديب هئڻ جي باوجود سندس طبيعت ۾ ذرو به غرور جو سمايل نه هوندو هو. علم ۽ ادب جو هي گوهر 10 اپريل 1950ع تي وصال ڪري ويو. سندس نالو تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو.

ڏيارام گدو مل

ديوان ڏيارام پٽ ديوان گدو مل 30 جون 1857ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ويهين صدي جي اوائلي دور ۾ فاضل جج هندو صوفي ۽ قومي خدمتگذار ٿي گذريو آهي.

ديوان ڏيارام گدو مل شروعاتي تعليم سنڌ مان ورتي ۽ پوءِ بمبئي مان 1889ع ۾ بي اي پاس ڪري سنڌ موٽي آيو ۽ ڪراچي جي صدر ڪورٽ جو رجسٽرار مقرر ٿيو. جتان ترقي ڪندو بمبئي سول سروس جو ميمبر بڻيو. هن جج جي حيثيت ۾ جيڪي به فيصلا ڪيا، انهن مان ڪنهن به فيصلي کي چئلينج نه ڪيو ويو. هڪ ڀيري لارڊ ڪرزن جيڪو 1899ع کان 1905ع تائين هندستان جو وائسراءِ ٿي رهيو هو. تنهن ديوان ڏيارام بابت رمارڪس ڏيندي چيو هو ته "فاضل جج! اسان کي تنهنجي قابليت جو اعتراف آهي."

ديوان صاحب 1911ع ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج جي عهدي تان رٽائر ٿيو. نوڪري کان پوءِ گهڻو وقت هندو صوفين سان گذاريندو هو ۽ تمام سادگي زندگي گذاريندو هو.

ديوان صاحب فارسي ۽ سنسڪرت جو وڏو عالم هو. هن 1884ع ۾ "سنڌ ٽائيمس" نالي سنڌيءَ ۾ هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي، جنهن ۾ خاص ڪري ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ مضمون لکندو رهيو. سندس ڪجهه ڪتاب به لکيل آهن. هن عام ڀلائي جي ڪمن ۾ به ڀرپور حصو ورتو. تعليم جو چراغ روشن ڪرڻ لاءِ هن صاحب ديوان منارام جي نالي سان هڪ ٽرسٽ قائم ڪيو هو، جنهن جي فنڊ مان پاڻ ميڊيڪل امداد ۽ عورتن جي تعليم پکيڙڻ لاءِ اسڪالرشپن تي پڻ وڏي رقم خرچ ڪندو رهيو ۽ ان فنڊ جي رقم مان هڪ گرلس اسڪول، ساڌو آشرم حيدرآباد، ڪراچي سينٽرل لائبريري، هوميوپيٿڪ لائبريري ۽ گشتي هوميوپيٿڪ اسپتال وغيره جهڙا ادارا به قائم ڪيا ويا.

ديوان صاحب هندو قوم جي ڀلائي لاءِ 1894ع ۾ "سنڌ هندو پراوي ڊنٽ فنڊ" حيدرآباد ۾ جاري ڪيو جنهن مان وچولي طبقي وارن هزارين هندن فائدو ورتو. ديوان صاحب سلهه جي مريضن لاءِ هڪ ميڊيڪل سينٽر ۽ يتيم خانو پڻ برپا ڪيو هو ۽ ٻيا به ڪيترائي هندو قوم جي سڌاري جا ادارا سندس مالي مدد تي هلندا هئا.

ديوان ڏيارام گدو مل زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ بمبئي جي انڌيري ڳوٺ ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي هئي. پاڻ اتي 7 ڊسمبر 1927ع تي گرنٿ صاحب پڙهندي فوت ٿي ويو.

ذوالفقار راشدي

سيد ذوالفقار علي "ذوالفقار" ولد سيد محمد امام شاهہ راشدي 10 مارچ 1938ع تي پير ڳوٺ (شاهہ جو ڳوٺ) لڳ ٺٽون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مشهور راشديہ خاندان ۾ پيدا ٿيو. پاڻ معروف شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.ذوالفقار راشدي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ ڄائو، پڙهيو ۽ وڏو ٿيو. سندس ڪرت زميني‌داري هئي. هن 1949ع کان شعر لکڻ شروع ڪيو. 1952ع ۾ پهريون دفعو سندس غزل "اسان جي منزل" ڇپيو. سندس ڪلام سنڌي زبان ۾ انفرادي حيثيت رکي ٿو. ان کان علاوه هن افسانا ۽ مضمون لکي سنڌي نثري ادب ۾ پڻ قدر لائق اضافو ڪيو. راشدي صاحب جي صحافت سان بہ دلچسپي رهي. 54-1953ع ۾ هفتيوار "هاري" لاڙڪاڻہ ڪجهہ وقت لاءِ ايڊٽ ڪيائين 1960ع ۾ لاڙڪاڻي مان هفتيوار رسالو "مذهب انسانيت" جاري ڪيائين جيڪو پوءِ بند ٿي ويو. مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تاريخي مقالا اصلاحي ۽ فڪر انگيز افسانا ۽ شعر وشاعري جا شاهڪار شايع ٿيندا رهيا. سندس شعري مجموعو "سوچ ڪي لوچ" ۽ هڪ ٻيو ڪتاب "ڪسوٽي" شايع ٿيل آهن. سندس ڪلام ۾ رواني ۽ شوخي، دلڪشي ۽ شيريني آهي. جديد شاعري ۾ ڪافي بهتر تجربا ڪيا اٿس غزل، نظم، آزاد نظم ۽ گيت جي شاعري ۾ سٺو مشهور ٿيو.

ذوالفقار راشدي اهو شاعر هو، جنهن وٽ لفظن جي کاڻ هوندي هئي. شاعري ۾ لفظن جي چونڊ اهڙي ڪندو هو جو ورلي ڪنهن شاعر جو ڌيان اوڏانهن ويندو. هن جون سوچون ۽ خيال جديد ۽ ترقي پسند هئا. هو پنهنجي منفرد سوچن جي سرهاڻ سان شاعريءَ جي دنيا ۾ جوت جلائيندو رهيو. حسن، سونهن ۽ سچائي راشدي صاحب جي شاعريءَ جا اهم موضوع هئا. ان ڪانسواءِ هن جي شاعري ۾ ٻيا بہ موضوع ڇٽانظر اچن ٿا. ڌرتي سان پيار ۽ ڌرتيءَ جي سانگيئڙن سان پيار هن جو اهم اهڃاڻ آهن.

سونهن ۽ پيار جو شاعر ذوالفقار راشدي 27 آگسٽ 1986ع تي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

توکي تہ منهنجي نانوَ کان نفرت بہ ٿي وئي،
منهنجون تہ تنهنجي ياد ۾ راتيون لنگهي ويون،
تو گيت هڪڙو ڳايو اسان داد لک ڏنا،
هڪ ٻول جي داد ۾ راتيون لنگهي ويون.

ذوالفقار سيال

ذوالفقار علي ولد محمد خان سيال 28 مئي 1957ع تي فريد آباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ٻاراڻي ادب جو مشهور ليکڪ آهي.

ذوالفقار سيال جي تعليم بي ايس سي، ايم بي بي ايس (ڊي ايس ڊبليو) آهي. پيشي جي لحاظ کان پاڻ ڊاڪٽر آهي.

سيال صاحب نظم توڙي نثر جو سٺو ليکڪ آهي، شاعري ۾ سندس تخلص "ذلف" آهي. هن گيت، غزل، بيت، دوهڙا، هائيڪو، آزاد نظم ۽ پنجڪو وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پاڻ خاص ڪري ٻاراڻي شاعري جي حوالي سان گهڻو مشهور آهي. هن ٻارن لاءِ اڌ درجن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن ٻيو ڪوبه اهڙو سنڌي شاعر ڪونهي، جنهن ايتري تعداد ۾ ٻارن لاءِ نظم ۾ ڪتاب لکيا هجن. ذوالفقار سيال کي اگر سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري جو سڀ کان وڏو شاعر چئجي ته، ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو.

ذوالفقار سيال جي ٻولي انتهائي سادي ۽ نج آهي، جنهن ڪري هرڪو ٻار سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. هو اڻلڀ رنگن ۽ رنگارنگ جذبن جو شاعر آهي. هن جي لکڻين ۾ مهراڻ جون موجون ۽ ڌرتيءَ جي خوشبوءِ آهي. هو مسلسل لکندو رهي ٿو. سندس شاعري جي ڇهيل ڪتابن مان هيٺيان ڪتاب گهڻو مشهور آهن.

رڻ سڃو رت ڦڙا (1977ع)، مڪڙين مالها (1979ع)، ڳاڙهاهٽ پيلا چهرا (1981ع)، منهنجي ديس جا ٻار (1982ع)، گلڙن جهڙا گيت (1987ع)، لفظن جا رانديڪا (1989ع)، وغيره. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

زندگي توسان نئون ناتو نڀائڻ ٿو وڃان،
درد جي هن شهر ۾ سپنا سجائڻ ٿو وڃان،
پيار پهري تي مٽيو ناهي مگر پڙڪيو ضرور،
"ذلف" پنهنجي پيار جي خوشبو ورهائڻ ٿو وڃان.

ذوالفقار علي ڀٽو

قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو ويهين صديءَ جي تمام وڏي سياسي شخصيت هو. جنهن پنهنجي حيثيت پوري دنيا ۾ مڃرائي، سنڌڙيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏي ويو.

ذوالفقار علي ولد سر شاهنواز خان ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي المرتضيٰ هائوس لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سندس اباڻو ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ڀٽو تعلقي رتي ديري ۾ آهي. سندس والد پڻ پنهنجي دور جي معروف شخصيت هو، جنهن ذوالفقار علي کي 1937ع ۾ ڪئٿيڊرل ۽ جان ڪونن هاءِ اسڪول بمبئي ۾ داخل

ڪرايو. سينئر ڪئمبرج امتحان پاس ڪري، سيپٽمبر 1947ع ۾ لاس اينجلس يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا آمريڪا ۾ داخل ٿيو ۽ وري 1950ع ۾ برڪلي يونيورسٽي ڪيليفورنيا مان سياست ۾ گريجوئيشن ڪيائين. 1952ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي مان اصول قانون ۾ ماسٽر ڊگري ورتائين. 1953ع ۾ بئريسٽري جي ڊگري لنڊن جي لنڪن ان يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. ڀٽو صاحب پهريون ايشائي شخص هئو، جنهن کي انگلستان جي هڪ يونيورسٽي "سائوٿمپٽن" ۾ بين الاقوامي قانون جو استاد مقرر ڪيو ويو پاڻ 1953ع ۾ واپس ملڪ موٽي آيو ۽ مسلم لاڪاليج ڪراچيءَ ۾ "دستوريات" جي شعبي ۾ ليڪچرار جي عهدي تي فائز رهي، نوجوانن کي پنهنجي ڏاهپ ۽ علم جي زور تي دستوريات جي اصولن کان روشناس ڪرائيندو رهيو.

جناب ڀٽي صاحب کي سڪندر مرزا جي دورِ حڪومت ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شموليت ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو، جتي هن پنهنجي قابليت جا جوهر ڏيکاريا. جنرل ايوب خان جي دور ۾ پاڻ مختلف کاتن جو وزير ٿي رهيو. پهريان ڪيس 18 مئي 1958ع تي وزير تجارت مقرر ڪيو ويو، بعد ۾ 1960ع کان 1962ع تائين اقليتي معاملن، قومي تعمير ۽ اطلاعات جو وزير ٿي رهيو. 1962ع ۾ وزير صنعت ۽ قدرتي وسائل ۽ امور ڪشمير مقرر ٿيو. وزير خارجه محمد علي بوگراجي انتقال بعد ڀٽي صاحب کي 24 جنوري 1963ع تي پاڪستان جو وزير خارجه بنايو ويو، 1965ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ جيڪا جنگ لڳي هئي، تنهن لاءِ جناب ڀٽو آمريڪا ڏانهن "اقوام متحده" ۾ پنهنجي موقف کي پيش ڪرڻ لاءِ پهتو، جتي هن سنڌي سپوت اهڙي ته جوشيلي تقرير ڪئي جو سيني ملڪن جي ميمبرن کي ڏندين آڱريون اچي ويون جنگ کان پوءِ ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ 1966ع ۾ ٿيل "تاشقند معاهدي" متعلق ڳالهين تي ڀٽي صاحب جو صدر ايوب سان اصولي اختلاف ٿي پيو، جنهن ڪري کيس وزارت خارجه تان هٽايو ويو ۽ ڪجهه وقت جيل ۾ رکيو ويو، پر پوءِ ٻين سياسي پارٽين جي دٻاءَ هيٺ حڪومت کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

30 نومبر 1967ع تي ڀٽي صاحب "پاڪستان پيپلز پارٽي" نالي سياسي پارٽيءَ جو بنياد پنجاب جي شهر لاهور ۾ وڌو ۽ چيئرمين جي حيثيت ۾ پاڻ پارٽيءَ جو ڪردار پيش ڪرڻ لڳو.

پاڪستان پيپلز پارٽي جي منشور ۾ اسلام اسان جو دين، جمهوريت اسان جي سياست، سوشلزم اسان جي معيشت ۽ طاقت جو سرچشمو عوام رکيو. عوام کي هڪ نعرو روٽي، ڪپڙو ۽ مڪان ڏنو ويو، جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو. ملڪ ۾ تنظيم کي منظم ڪرڻ کان پوءِ سيپٽمبر 1968ع ۾ هن فيصلو

مارشل محمد ايوب خان خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو. ڀٽي صاحب عام ماڻهو کي جمهوريت جي راهه، پنهنجا جمهوري حق حاصل ڪرڻ، ووٽ جي طاقت ۽ اهميت کي محسوس ڪرايو. نيٺ پاڪستان ۾ ڪنهن به فوجي آمر خلاف پهرين جمهوري جدوجهد پاڙ ملهايو. صدر ايوب خان گول ميز ڪانفرنس گهرائي، سياستدانن کي ڳالهين ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني، پر ڀٽي صاحب ان گول ميز ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪري اليڪشن ڪرائڻ لاءِ جدوجهد جو اعلان ڪيو. آخر ڏهن سالن بعد ايوب خان 25 مارچ 1969ع تي اقتدار تان دستبردار ٿيندي، حڪومت هڪ فوجي سربراهه جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪئي. جنهن پيهرِ مارشل لا لڳائي ون يونٽ کي ٽوڙي اولهه پاڪستان ۾ چار صوبا قائم ڪيا 17 ڊسمبر 1970ع تي هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي بنياد تي وفاقي پارلياماني نظام تحت قومي اسيمبلي ۽ 27 ڊسمبر 1970ع تي صوبائي اسيمبلي جي چونڊ ڪرائي. عام چونڊن ۾ اولهه پاڪستان ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان وڏي اڪثريت سان ڪٽيو. جنهن ڪري ٻنهي ڌرين وچ ۾ اقتدار جي ڪشمڪش پيدا ٿي پئي. موقعي جو فائدو وٺندي پاڪستان تي ڀارت حملو ڪيو ۽ ٻنهي ملڪن ۾ جنگ ڇڙي پئي، نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان جدا ٿي ويو.(1)

---

(1) اوڀر پاڪستان اوڀر بنگال کي چيو ويندو هو، جيڪو 1947ع ۾ گڏيل هندستان جي ورهاڱي وقت پاڪستان جي حصي ۾ آيو ۽ 1971ع تائين اوڀر پاڪستان جي نالي سان پاڪستان جو حصو رهيو، ڊسمبر 1970ع ۾ جڏهن پاڪستان جي ٻنهي حصن ۾ اليڪشن ٿي ته، اولهه پاڪستان ۾ جناب ڀٽي جي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان جي پارٽي عوامي ليگ کٽيو. شيخ مجيب اعلان ڪيو ته مارچ 1969ع ۾ سندس پيش ڪيل ڇهن نڪتن جي بنياد تحت اوڀر پاڪستان کي مڪمل داخلي خود مختياري ڏني وڃي. دفاع ۽ امورخارجه جي سواءِ سڀ اختيار صوبن کي ڏنا وڃن، پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد بجاءِ ڍاڪا مقرر ڪيو وڃي نئون آئين ٺاهيو وڃي وغيره. انهن نڪتن کي اولهه پاڪستان جي عوام اليڪشن ۾ رد ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي چونڊيو هو. ان ڪري جناب ڀٽي انهن مطالبن کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري فوري طور تي اقتدار جي منتقلي عمل ۾ اچي نه سگهي.

مجيب الرحمان اوڀر پاڪستان ۾ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. ماڻهن کي سول نافرماني ۽ عدم تعاون جو حڪم ڏنو. عمارتن تي بنگلاديش جا جهنڊا لهرايا ويا. 26 مارچ 1971ع تي شيخ مجيب الرحمان کي باغيانه سرگرمين جي بنياد تي گرفتار ڪيو ويو. باغين کي ڪچلڻ لاءِ فوج حرڪت ۾ اچي وئي، سڄو اوڀر پاڪستان باهه ۽ خون جي لپيٽ ۾ اچي ويو. آخر ڀارت جيڪو هميشه کان پاڪستان تي غاصبانه نظرون رکيو اچي، ان موقعي جو فائدو وٺندي 23 نومبر 1971ع تي اوڀر پاڪستان تي 3 ڊسمبر 1971ع تي اولهه پاڪستان تي حملو ڪيو. جيئن ته ملڪ جي ٻنهي حصن جي وچ ۾ اٽڪل هڪ هزار ميلن جو مفاصلو هو ۽ وچ ۾ ڀارت جو علائقو هو، جنهن ڪري ڀارتي فوج جي ڪيل بحري ۽ فضائي ناڪه بنديءَ سبب اولهه پاڪستان کان ڪنهن به قسم جي فوجي مدد اوڀر پاڪستان نه پهچي سگهي. ان ڪري پاڪستاني فوج مجبور ٿي 16 ڊسمبر 1971ع تي هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ ڀارتي فوج ڍاڪا ۾ داخل ٿي ۽ باغين ڀارتي فوج جي سرپرستيءَ ۾ بنگلاديش جي آزاد خودمختيار رياست جو اعلان ڪيو. اهڙي ريت 142776 چورس ڪلو ميٽرن جي ايراضيءَ تي مشتمل ملڪ جو هي حصو پاڪستان کان ٽٽي ويو.

20 ڊسمبر 1971ع تي جنرل يحيٰ خان جي استعيفا ڏيڻ کان پوءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽو اولهه پاڪستان جو صدر ۽ پهريون سول چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو 10 اپريل 1973ع تي پاڪستان جو دستور پاس ٿيڻ کانپوءِ پاڻ پاڪستان جو وزيراعظم مقرر ٿيو ۽ 5 جولاءِ 1977ع تائين ان عهدي تي فائز رهيو.

جناب ذوالفقار علي ڀٽي جو دورحڪومت پاڪستان جي تاريخ جو سونهري دور هو. هن دور ۾ بي انتها ترقياتي ڪم ٿيا. پرائيويٽ اسڪول، ڪاليج، بينڪون، انشورنس ڪمپنيون ۽ ڪارخانا قومي تحويل ۾ ورتا ويا. ڏهين جماعت تائين تعليم مفت ڪئي وئي لا تعداد ماڻهن کي روزگار سان لڳايو ويو. روزمره جون اهم ضرورتون جهڙوڪ بجلي، فون، اسڪول، اسپتال، روڊ ۽ رستا عام جام ڪيا ويا. سندس دور ۾ هڪ غريب هاريءَ سان ڪو ايم پي اي يا ايم اين اي ناانصافي ڪندو هو ته، سندس ايتري ته حق رسائي ٿيندي هئي، جو هو ان قومي يا صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبر کي به گرفتار ڪرائي ڪيس سزا ڏياري سگهندو هو، هر طبقي جي ماڻهو کي آزادي هوندي هئي. هر ڪو خوش هوندو هو. هر ڪنهن شريف ماڻهو جي عزت سلامت هوندي هئي، قانون غريب امير لاءِ هڪ ئي هوندو هو. جناب ڀٽي پاڪستان کي هڪ اسلامي جمهوري ۽ صوبائي خودمختياري سان ڀرپور آئين ڏنو جنهن کي قومي اسيمبليءَ منظور ڪيو ۽ سيني اڳواڻن ان تي دستخط ڪيا. هن آئين کي پارليامينٽري نظام تحت ترتيب ڏنو ويو، جنهن ۾ حڪومت جو آئيني سربراهه صدر مملڪت ۽ انتظامي سربراهه وزير اعظم کي بڻايو ويو. ڀٽي صاحب 28 جون کان 3 جولاءِ 1972ع تائين ڀارت جو دورو ڪري شملا معاهدو ڪيو، جنهن جي روشني ۾ پاڪستان جي اها پنج هزار چورس ميل سر زمين جيڪا 1971ع واري جنگ ۾ ڀارتي فوجن جي قبضي ۾ اچي وئي هئي، اها به پاڪستان کي واپس ڏياري ۽ پاڪستان جا 93 هزار جنگي قيدي به آزاد ڪرائي عزت آبرو سان پنهنجي وطن واپس ڪرايا. پاڪستان ۽ ڀارت جي لاڳاپن ۾ بهتري آئي. ملڪ اندر هارين، مزدورن تعليم، صحت، قانون ۽ صنعت بابت ڪيترائي سڌارا آندا ويا. بدعنوان آفيسرن کي گهر ڀيڙو ڪيو ويو، مزدور يونين فيڊريشن جو وجود عمل ۾ آيو، جنهن سان مزدور راڄ قائم ٿيندي نظر آيو. ملازمن جي ملازمت جو تحفظ ۽ ٻيا ڪيترائي حق محنت ڪشن کي مليا. هارين کي پهريون دفعو مفت زمينون ڏنيون ويون زرعي اصلاحات تحت وفاقي لينڊ ڪميشن قائم ٿي. هنزه ۽ نگر رياستن مان بيگار سسٽم جو خاتمو ڪيو ويو. گلگت ۽ بلبستان ۾ جاگيرداري نظام جو خاتمو ڪيو ويو. بلوچستان ۾ سرداري نظام جو خاتمو ٿيو. ڪراچي شهر ۾ پورٽ قاسم، پاڪ اسٽيل مل، سول اوئيشن اٿارٽي جهڙا وڏا ادارا جوڙي هزارين سنڌي ماڻهن کي انهن ۾ نوڪري ڏني وئي ڪراچي ۾ سنڌي تعليم

لازمي ڪئي وئي، ڪراچي کي باقاعدي سنڌين جو شهر ٻڌايو ويو هر هڪ اداري ۾ سنڌي نظر اچڻ لڳا، نه صرف ڪراچي ۾ اسلام آباد جو به ساڳيون رنگ روپ رهيو. ملڪ جي مفاد خاطر 30 جنوري 1972ع تي، پاڪستان دولت مشترڪه کان ڌار ٿيو. ڀٽي صاحب جي ذاتي اثر رسوخ سبب چين 2 فيبروري 1972ع تي پاڪستان کي ڏنل ٻارهن ڪروڙ ڊالر جو قرض معاف ڪرڻ جو اعلان ڪيو. 19 فيبروري 1972ع تي آمريڪا کان پاڪستان جي فوجي اقتصادي امداد بحال ٿي. 9 مارچ 1972ع تي بين الاقوامي ڪنسور شيم کان پاڪستان جي اقتصادي امداد بحال ٿي. 7 مئي 1972ع تي چين سان مال جي بدلي مال جو واپار ڪرڻ وارو تاريخي معاهدو ڪيو ويو. عدالتن کي انتظاميه کان ڌار ڪيو ويو، ڀٽي صاحب اسلامي ملڪن کي هڪ ڪري انهن جي وسيلن ۽ طاقت کي مسلمانن لاءِ ڪتب آڻي مسلم بلاڪ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ هن مسلم ملڪن جا طوفاني دورا ڪيا ۽ 22، 23 ۽ 24 فيبروري 1974ع تي لاهور شهر ۾ دنيا جي مسلم ملڪن جي اسلامي سربراهه ڪانفرنس سڏرائي، ان ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪرايا. هن ٻي اسلامي سربراهه ڪانفرنس ۾ ڀٽي صاحب کي يڪراءِ سربراهه ڪانفرنس جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو پاڻ آخر تائين ان عهدي تي فائز رهيو. لاهور ڪانفرنس ۾ وڏي تعداد ۾ مسلم ملڪن جا سربراهه شامل ٿيا هتا جنهن ۾ ڪيترائي اهڙا انقلابي فيصلا ڪيا ويا، جن سپر پا ور ملڪن ۽ حاڪمن کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. ڀٽي صاحب پاڪستان کي مضبوط ملڪ بنائڻ لاءِ ايٽمي توانائي ڪميشن قائم ڪئي ۽ 12 مارچ 1976ع تي فرانس جي تعاون سان ايٽمي ريپروسيسنگ پلانٽ لڳايو ويو. آمريڪا ان تي گهڻو ناراض ٿيو ۽ [illegible]ستان جو فوجي ۽ اقتصادي امداد بند ڪرڻ جي ڌمڪي به ڏني، پر ڀٽي صاحب [illegible] جواب ڏنو ته پاڪستاني پيٽ سان پٿر ٻڌي به ايٽمي صلاحيت [illegible] سندس انهيءَ دليرانه جواب اسلام دشمن قوتن کي ڇرڪائي ڇڏيو. ڀٽي صاحب اسلام خاطر به وڏو ڪم ڪيو جنهن ۾ اڳ حج ڪرڻ لاءِ مقرر ڪوٽا جو خاتمو، آچر بدران جمعو عام موڪل ڪرڻ، قرآن شريف غلطين کان پاڪ ڪري ڇپرائڻ، ملڪ ۾ قائم فحاشي جا ادارا نائيٽ ڪلب جو خاتمو، جوئا لاءِ قائم ريس ڪورس ختم ڪرڻ، عام شراب جي اڏن تي پابندي لڳائڻ، قاديانين کي ڪافر قرار ڏيڻ، اوقاف کاتو قائم ڪرڻ. حج ۽ مذهبي امور جي وزارت قائم ڪرڻ وغيره جهڙا ڪارناما شامل آهن.

ان کان علاوه ڀٽي صاحب ٻيون به اڻ ڳڻيون ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ ملڪ کي پاليسيون ڏنيون، جنهن ۾ آزاد غير جانبدار خارجه پاليسي، ثقافتي ادارا جهڙوڪ نيف ڊيڪ، فلم سنسر بورڊ، علمي ادارا جهڙوڪ اڪيڊمي آف ليٽرس سنڌالاجي ڪيترائي ميڊيڪل، زرعي ۽ انجنيئرنگ ڪاليج، ٽيڪنيڪل

انسٽيٽيوٽ، وڏيون وڏيون لائبريريون شامل آهن ڀٽي صاحب هڪ نئون ادارو سينيٽ به قائم ڪيو. قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ عورتن لاءِ سيٽون مخصوص ڪرايون ملازمتن ڪي وڌائڻ لاءِ نيون وزارتون قائم ڪيون ويون. شناختي ڪارڊ ۽ راشن ڪارڊ جي محڪمي کي متعارف ڪرايو ويو. آفيسرن ۽ وزيرن کي ان ڳالهه جو پابند بڻايو ويو ته، هو ڳوٺن ۾ هلي وڃي غريب عوام سان کليل ڪچهريون ڪري انهن جا مسئلا حل ڪن. هو پاڻ به ڳوٺن ۾ وڃي کليل ڪچهريون ڪندو هو، سندس دور ۾ مڊل ڪلاس سفيد ڪالر يا ورڪر ڪلاس طبقو پيدا ٿيو. سياست بنگلن ۽ محلن مان نڪري غريب عوام جي درن تائين پهتي، مطلب ته ڀٽوصاحب هڪ پارس هو. هو هڪ دلير مجاهد عالمي رهبر ۽ قوم جو مقدر تبديل ڪندڙ اڳواڻ هو. پاڻ انهن انسانن مان هيو، جيڪي پنهنجي خداداد صلاحيتن سبب قومن کي هڪ طرف کان موڙي رخ ٻئي طرف ڪرڻ ڄاڻندا آهن، کيس "فخر ايشياء" ۽ "قائد عوام" جي لقبن سان به مخاطب ڪيو ويندو هو کيس ڪيترائي ملڪي ۽ غير ملڪي اعزاز مليل هئا، جن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان 27 جون 1964ع تي مليل "هلال پاڪستان" جو اعزاز، 27 آڪٽوبر 1964ع تي ايران سرڪار پاران "نشان همايون" جو اعزاز ۽ 20 اپريل تي 1965ع تي انڊونيشيا سرڪار پاران مليل "آرڊر آف دي ريپبلڪ" جو اعزاز شامل آهي. 24 مئي 1966ع تي ڀٽي صاحب کي سنڌ يونيورسٽي ڊاڪٽر جي اعزازي ڊگري ڏني. 1966ع ۾ عالمي شهرت يافته شخصيت سبب کيس ارجنٽائن جو شهري سڏيو ويو.

7 مارچ 1977ع تي ڀٽي صاحب ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرايون، جنهن ۾ سنڌس پارٽي وڏي ڪاميابي ماڻي ۽ ٻيهر پنجن سالن لاءِ منتخب ٿي آيو، پر ملڪ ۾ مخالف پارٽين پنهنجي شڪست تي پردو وجهڻ لاءِ ان اليڪشن جي فيصلي کي تسليم نه ڪيو ۽ ڌانڌلي جو الزام لڳايو ۽ پاڪستان نيشنل الائنس (PNA) پاران تحريڪ شروع ڪئي وئي. هن تحريڪ ۾ ذاتي مخالفتون، ڀٽو دشمني، صنعتڪارن ۽ وڏن واپارن کان ڪارخانا کسڻ واري نفرت ۽ غصو، اسلامي ملڪن جي اتحاد سبب پرڏيهي مخالفت سڀ عنصر شامل هئا. وڏي پيماني تي جلسا جلوس ۽ هڙتالون ٿيون ۽ ڊالر هليو، ڀٽي صاحب حالتن کي محسوس ڪندي مخالفن سان ڳالهيون هلايون. ڳالهيون ڪامياب ويون، حڪومت ۽ پي اين اي هڪ ناهه تي متفق ٿيا، رڳو ناهه تي صحيون ٿيڻيون هيون ته 5 جولاءِ 1977ع تي ان وقت جي فوجي سربراهه جنرل ضياءَ وجهه وٺي اڌ رات جو ڀٽي صاحب جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، پاڻ اقتدار تي قابض ٿي ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي.

فوجي انقلاب کان پوءِ جناب ڀٽي صاحب کي نواب محمد احمد قصوري جي قتل جي جڙتو الزام ۾ گرفتار ڪري، لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ مٿس ڪيس

هلايو ويو. جنهن ۾ ڀٽي صاحب پاران مسٽر ڊي ايم او وڪيل طور پيش ٿيو ۽ حڪومت طرفان مسٽر انور وڪالت ڪئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ حڪومت طرفان مشهور وڪيل مسٽر اعجاز حسين بٽالوي پيش ٿيو. آخرڪار 18 مارچ 1978ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ جناب ڀٽي ۽ ٻين فيڊرل سيڪيورٽي فورس جي آفيسرن کي موت جي سزا ٻڌائي. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف 25 مارچ 1978ع تي جناب ڀٽي جي وڪيل يحيٰ بختيار سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي. سرڪار پاران اي ڪي بروهي پيش ٿيو، جيئن ته ڀٽو صاحب پاڻ به وڏو قانوندان هو. سپريم ڪورٽ هن کي به دليل بازي پيش ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني، جنهن ۾ مرحوم سانده چار ڏينهن نهايت فصيح ۽ بليغ انگريزي ۾ تقرير ڪئي. 6 فيبروري 1979ع تي سپريم ڪورٽ اڪثريت جي راءِ سان موت جي سزا بحال رکي، ياد رهي ته اها اپيل ستن ججن تي مشتمل بينچ ٻڌي هئي، جنهن ۾ چار جج پنجاب جا هئا، جن موت جي سزا بحال رکي. باقي ٽي جج سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا هئا، جن ڀٽي صاحب کي باعزت بري ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو هو.

سپريم ڪورٽ جي ان فتويٰ خلاف مسٽر يحيٰ بختيار ساڳي ڪورٽ ۾ نظرثاني جي درخواست پيش ڪئي. جنهن جي سماعت جي دوران ڀٽي صاحب جو هڪ وڪيل غلام علي ميمڻ اوچتو وفات ڪري ويو. آخر 24 مارچ 1979ع تي سپريم ڪورٽ مسٽر يحيٰ بختيار جي نظرثاني جي درخواست پڻ رد ڪري ڇڏي.

مسٽر عبدالحفيظ پيرزادي جيل سپرينٽنڊنٽ راولپنڊي جي معرفت ڀٽي صاحب جي همشيره بيگم شهربانو ڀٽي جي ڪيل رحم جي اپيل ۽ ٻين ملڪي ۽ غير ملڪي جن ۾ ٻاهرين ملڪن جا سربراهه پڻ شامل هئا صدر پاڪستان جنرل ضياءَ کي رحم جون بيشمار درخواستون ڪيون، پر هن اهي مڙئي اپيلون 3 اپريل 1979تي رد ڪري ڇڏيون. اهڙي طرح 4 اپريل 1979ع تي رات جو 2 وڳي هن قومي هيري کي جلاد تارا مسيح ڦاسي ڏني. سندس جسد خاڪي کي هيليڪاپٽر ذريعي سندس آبائي ڳوٺ ڳڙهي خدابخش پهچايو ويو، جتي جنازه نماز کان پوءِ فوج جي سخت گهيري ۾ سندس عزيزن ۽ وارثن لڙڪن، سڏڪن ۽ اشڪبار اکڙين سان آبائي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو. سندس موت جي خبر پوري دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي ۽ پاڪستان ۾ ته ڪيترا ماڻهو هن جي موت جو صدمو برداشت نه ڪري سگهيا. ڀٽو صاحب دنيا جو اهو واحد شخص آهي، جنهن جي موت تي دلشڪسته ٿي. 27 ماڻهن پاڻ کي زنده جلايو ۽ مختلف طريقن سان پاڻ کي ختم ڪيو. ان کان علاوه پاڪستان جو هر باشعور مرد، عورت، جوان، پوڙهو ۽ معصوم ٻار پڻ هن موت تي اشڪبار هئا. ماڻهو ائين پيا ڪڇي پيا روئن، جڻ ڪو سندن شفيق عزيز فوت ٿي ويو. سنڌ ۾ ته ائين ٿي لڳو ته جڻ هر گهر ۾ ڪو قضيو ٿيو هجي، سنڌ جي هر ڳوٺ هر شهر ۾ ڀٽي صاحب جو تڏو وڇايو ويو، غائبانه نماز جنازه ۽ سندس روح کي ثواب بخشڻ

حافظ قرآن خواني ۽ خيرخيراتون ڪيا ويا.

ڀٽو صاحب اهو عظيم سياستدان هو، جيڪو مرڻ کان پوءِ به ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪري رهيو آهي. تاريخ ۾ سندس نالو هميشه زنده جاويد رهندو.

جناب ڀٽي جتي سياسي ميدان ملهايو، اتي ادبي دنيا ۾ به پنهنجو نالو ڇڏيو آهي. کيس انگريزي زبان ۾ ته مهارت حاصل هئي، پر سنڌي زبان ۾ به پٺتي نه رهيو آهي، اٽڪل ٽيهارو کن ڪتاب سندس قلم جي زينت بڻيل آهن جن مان هينيان ڪتاب مٿاهون مقام رکن ٿا.

پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي (1965ع)، ڪشمير جو مسئلو (1965)، عظيم سانحو (1971ع)، نئون پاڪستان (1973ع)، نالي ماتر آزادي (1975ع)، انقلاب کان پوءِ قومي تعمير، ڀٽائي جي وطن جو مستقبل (1972ع)، Great Traged (1972) ۽ Myth of Independence (1967)-

ڏول فقير

ڏول فقير جو اصل نالو ڏولڻ ولد فقير محمد خاصخيلي هو. هو سن 1921ع ۾ شهر ٽاڻويون تعلقي ميرپورخاص ۾ ڄائو، پاڻ مشهور صوفي راڳي ٿي گذريو آهي.

ڏول فقير جي تعليم صرف ٻه درجا سنڌي هئي. هن انساني دلين تي سر سان راڄ ڪرڻ جو فن اوتارن، مڪانن، درگاهن ۽ ميڙن ملاکڙن ۾ ڳائي وڄائي ۽ ٻين گوين ۽ ڳائڻ ڪي ٻڌي سکيو، بعد ۾ هن موسيقيءَ جي تعليم انهيءَ علائقي جي مشهور فنڪار اسماعيل مري کان ورتي، ان کان پوءِ فقيراڻي رنگ ۾ ڳائڻ جي سکيا، منٺار فقير جي پوٽي ولي بخش کان ورتي.

ڏول فقير يڪتاري تي ڳائيندڙ اهڙن فنڪارن مان هو، جن صوفياڻي رنگ کي نج سنڌي موسيقيءَ سان گڏوگڏ صحيح سر، داستان، راڳ ۽ تال سان آواز جو مٺڙ سنگم ڏيئي امر بڻائي ڇڏيو. ڏول فقير جي ڳائڻ جو مکيه گڻ اهو هو جو راڳ ياراڳڻيءَ کي ڳائڻ مهل ان جي صحت جو خيال رکندو هو هلندڙ ڪلام جي دوران تال (ليءِ) کي بيهاري، پنهنجي ليکي فقيري رمز ۾، وري ڪلام کي جاري ڪري وٺندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ڪلام سر ۾ ڳائيندي وچ ۾ بيهي ڏوهيڙا تحت الفظ به چئي ڏيندو هو، جيڪو سندس مخصوص انداز ليکبو هو. سندس هڪ ڳالهه جيڪا تمام عام ٿي ۽ هر طبقي جي موسيقي ٻڌندڙن ساراهيو، ساهتي راڳڻين جي حساب سان لهرن، ڦندن، مرڪن ۽ رمزن کي بروقت واپرائڻ.

ڏول فقير راڳ کي عبادت سمجهي ڳائيندو هو، هن شروع کان آخر تائين ڪابه فيس وغيره نه ورتي. هن پنهنجو آبائي ڳوٺ ڇڏي اچي ٽنڊوالهيار ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. پاڻ مخدوم طالب المولىٰ جو مريد هو. مخدوم صاحب جي مهرباني سان ئي 1948ع ۾ ڪراچي ريڊيو اسٽيشن تان ڳائڻ لڳو، ريڊيو حيدرآباد تي ان وقت جي پروڊيوسر محمد بخش انصاري کيس متعارف ڪرايو ۽ ٽيليوزن تي فقير صاحب کي عبدالڪريم بلوچ آندو.

سنڌي موسيقي جي ماهر ممتاز مرزا مرحوم ڏول فقير لاءِ هڪ هنڌ لکيو آهي ته "هو يڪتاري جي تند جو شهنشاهه وڄائڻ هو آواز ۽ تند جو اهڙو ميلاپ مون پنهنجي پوري ڄمار ۾ نه ٻڌو."

ڏول فقير سنڌ جي تقريباً سڀني وڏن صوفي شاعرن کي ڳايو. سندس ڳايل ڪلام ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندو رهندو آهي.

هن سرڪاري خرچ تي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڃي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ حج جي سعادت به حاصل ڪئي. کيس سندس خدمت جي عيوض سرڪار طرفان 23 مارچ 1990ع تي "پرائيڊ آف پرفارمنس" ڏنو ويو.

ڏول فقير 22 جون 1992ع تي گڙدن جي خرابي سبب وصال ڪري ويو، سندس آخري آرامگاهه ٽنڊي الهيار ۾ آهي

هون، هون، هون .... الله، هي، الله.

راز بلڙائي

عبداللطيف "راز" ولد عبدالستار ڪوريجو 12 ڊسمبر 1923ع تي ڳوٺ درويش تعلقي گهوڙا باري ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ نثرنويس ٿي گذريو آهي بلڙي شاهه ڪريم جو رهاڪو هو، جنهن ڪري بلڙائي سڏجي ٿو.

"راز" بلڙائي سنڌي فائينل ۽ انگريزيءَ جا ٽي درجا پاس هو، پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. پاڻ نهايت خوش طبع ۽ خوش ڪلام شاعر هو. سندس ڪلام ٿورو آهي، پر فني لحاظ سان ڏاڍو سليس ۽ رنگين آهي. پاڻ بنيادي طور غزل جو شاعر هو، ان سان گڏ نظم به لکندو هو، شعرو شاعري ۾ "بسمل" ٽکڙائي ۽ مخدوم طالب المولىٰ کي پنهنجو استاد مڃيندو هو. سندس ڪوبه شعري مجموعو شايع نه ٿيو آهي، البت محبوب سروري جي لکيل ڪتاب "يار خاطر" ۾ سندس ڪجهه ڪلام شايع ٿيو آهي.

"راز" بلڙائي ڪجهه ڪهاڻيون ۽ ناول پڻ لکيا، نثر ۾ سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.

گناهه (ناول - 1952ع)، شرابي (ناول 1952ع)، بک ۽ بيڪاري (ڪهاڻيون- 1952ع)، گلبدن (ڪهاڻيون)

"راز" بلڙائي سال 1973ع ۾ وفات ڪري ويو، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

هڪ ڏک جو ڏاڍل مسڪين مثل آرام پرائڻ چاچاٽي
ڪنڊن ۾ گذارڻ وارو پلا دامن کي بچائڻ چاچاٽي
جو عمر سموري آهه رهيو آغوش بحر آفت ۾
طوفان مان پنهنجي ٻيڙيءَ کي سوپار لڳائڻ چاچاٽي.

راشد مورائي

سيد راشد علي شاهه "راشد" ولد سيد سعيد علي شاهه "خادم" 5-مارچ 1944ع تي ڳوٺ جوٽالوءِ تعلقي موري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو سڄاڻ شاعر ۽ اديب آهي.

راشد مورائي جي تعليم ايم اي (سنڌي)، بي ايڊ آهي، هن پرائمري ماستر جي حيثيت سان عملي زندگي شروع ڪئي. شاعري جي شروعات 1957ع کان ڪيائين. شروع ۾ شاعري متعلق پنهنجي والد کان ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ ان دوران ئي حافظ محمد بخش خاصخيلي کان ٽن بحرن جي ڄاڻ

ورتائين. شروعات ۾ مذهبي شاعري لکيائين. شاعري جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، ليڪن غزل تمام خوبصورت ليکو اٿس، غزل تي ڪيس پورو عبور حاصل آهي. پاڻ نظم جي حوالي سان پڻ مشهور آهي. شيخ اياز کان پوءِ وڏ ۾ وڏ راشد مورائي سنڌي نظم جي هيئت ۾ تجربا ڪيا آهن. هن اسٽيج تي تمام گهڻا نظم پڙهي داد حاصل ڪيو آهي. پاڻ 1966ع کان اڄ تائين مسلسل ڊائري لکندو اچي.

راشد مورائي جو سجاڳ ضمير ڪيس پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لاءِ هر وقت جهنجهوڙيندو رهي ٿو، زندگي جي مسئلن ۽ پيڙائن کان فرار هن لاءِ ناممڪن آهي. سندس نظم "ضمير ڇهنڊڙيون هنيون" سندس سجاڳ ذهن ۽ ضمير جو آواز آهي راشد جي دل ۾ پنهنجي آئيڊيل لاءِ فنائيت، ارادي ۾ پختگي ۽ سوچ ۾ ايڏي ته شڪستي پيدا ڪئي آهي، جو راشد پنهنجي مقصد جي راهه ۾ هر طرح جي طوفانن سان ٽڪر ڪائڻ جي پنهنجي اندر صلاحيت ته محسوس ڪري ٿو.

سندس مشهور نظمن ۾ مان باغي هان، ضمير ڇهنڊڙيون هنيون، مون کي ياد ڪندو ڪر، مان ڇا ڪريان، مان به هڪڙو ماستر آهيان وغيره شامل آهن سندس شاعري جي ڇپيل ڪتابن ۾ سنڌڙي جو سوداءُ (1970ع)، مينديءَ سندا گيت (1986ع) ۽ دل جو شهر (1993ع) شامل آهن. ان کان سواءِ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ به سندس ڪلام ڇپجندو رهي ٿو.

راشد مورائي 1976ع کان نثر جي صنف تي پڻ مشق شروع ڪئي ۽ مقالا، مضمون، ڪهاڻيون، خاڪا ۽ پنهنجي آتم ڪهاڻي "جهڙي آيس جيئن" لکيائين. ان کان سواءِ هن "استاد پبليڪيشن" جو بنياد رکي، ان جي طرفان "انصاف جو گهنڊ" ۽ ٻيا ڪتاب ڇپرايا، "باک" ڪتابي سلسلي ۾ نذير قاضيءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪيائين، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو پاران پڻ ڪجهه ڪتاب ڇپرايا اٿس.

راشد مورائي کي مختلف طور مليل ايوارڊ هن ريت آهن: مارئي اڪيڊمي کان ميڊل، پولٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ سکر پاران لطيف ايوارڊ، شاهه لطيف آرٽ سرڪل نوابشاهه کان ميڊل، سنڌي ادبي سنگت مرڪز کان ايوارڊ، بيورو آف ڪريڪيوليم طرفان ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي سرٽيفڪيٽ وغيره به مليل اٿس.

سندس شاعري جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

هيڏي اپ مان هڪڙو تارو جهڙ مان جهاتيون پائي ٿو
تنهائيءَ ۾ تسلي ڏيئي منهنجو من پرچائي ٿو
اوندهه انڌوڪار ۾ چمڪي پنهنجو پاڻ مڃائي ٿو
پنهنجي وجود جي جنگ لڙڻ لئه هر هر پيو همٿائي ٿو.

راضي فقير (لاهور وارو)

راضي فقير ولد ڪريم بخش خاصخيلي سال 1915ع ۾ ڳوٺ پير ياسين تعلقي کهڙي ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. سندس اصل نالو محمد حسن هو.

راضي فقير اڃا ڇهن سالن جو هو ته، سندس والد کيس پنهنجي مرشد حضرت ڪرم الله شاهه گهوٽڪي واري جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو، جتي هن حافظ غوث محمد شاهه جيلاني کان قرآن پاڪ به حفظ ڪيو ۽ فقه، حديث ۽ ٻيا ظاهري علم حاصل ڪيا تعليم جي تڪميل کان پوءِ پاڻ اچي چڪ شهبازپور ۾ رهڻ لڳو، جتي ڪجهه عرصو رهيو، شروع کان ئي سندس دل خداوند عزوجل جي وصال ۽ حسن جمال جي طالب هئي. سترهن سالن جي عمر ۾ ئي طريقت جا رستا طئي ڪرڻ لاءِ مجذوبي رنگ چڙهڻ لڳس آخر هڪ ڏينهن ان مستيءَ ۽ مجذوبي واري ڪيفيت ۾ پنهنجي محبوب جي ديدار لاءِ جهنگ منهن ڪري نڪري پيو ۽ سيلاني ٿي پيو. هن پيرين پيادل سڄي سنڌ گهمي ڏٺي، جنهن کان پوءِ پنجاب ۽ هندستان تائين به وڃي نڪتو. هن ان سفر دوران سنڌ پنجاب ۽ هندستان ۾ مختلف بزرگن جي درگاهن تي رهي چلا ڪڍيا ۽ عبادت الاهي ۾ مصروف رهيو، پر کيس محبوب جو ديدار ڪٿي به نصيب ڪونه ٿيو. نيٺ اجمير کان لاهور پهتو ۽ اتي حضرت علي هجويري رحه جي دربار تي حاضر ٿيو. آخر اتي ئي پنهنجو مقصد پاتائين. پاڻ فرمايائين ته "ناقصن جي هن پير ڪامل سندس سوال پورو ڪيو ۽ کيس پنهنجي فيض سان مستفيض ڪري الله ڪريم جي درگاهه جي دوستن ۾ شامل ڪيو.

فقير صاحب طريقت ۾ مرشد حضرت محمد شفيع صاحب نارو وال واري کي ورتو. پاڻ داتا جي دربار تي وڏو عرصو رهي، زهد ۽ عبادت ۾ گذاريو. نيٺ هڪ اهل دل درويش جي ڏس تي سن 1935ع ڌاري لاهور شهر کان ڏکڻ 12 ميل پري "چوهنگ" لڳ هڪ بيابان ۾ وڃي وينو ۽ پوءِ اتي 1975ع ۾ فوت ٿيو. پاڻ جنهن علائقي ۾ اچي وينو، هاڻ ان علائقي کي "امن پوره" چون ٿا. سندس ڪيترائي مريد هئا جن سندس مزار مٿان هڪ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو آهي. 6،5 ۽ 7 ذوالحج تي خانقاه راضي فقير تي ميلو لڳندو آهي جنهن ۾ هزارين مريد سنڌ ۽ پنجاب کان اچي گڏ ٿيندا آهن.

راضي فقير اهل دل شاعر پڻ هو، هن سنڌي اردو سرائڪي ۽ پنجابي زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي. سنڌ ۾ سندس ڪلام جام ڳايو ويندو آهي. سندس ڪلام جا مجموعا "ديوان درد عشق" 1968ع ۽ "حال عشق" جي نالي سان پنجاب مان اردو خط ۾ ڇپيا آهن، جن ۾ سندس اردو، پنجابي ۽ سنڌي ڪلام شامل آهي. ان کان علاوه سندس لکيل به ڪتاب ٻيا "اسم ذات جسم فقير" 1997ع ۽ "فرحت الفقراء" 1984ع ڇپيل آهن جڏهن ته سندس تقريرن ۽ فرمانن تي مشتمل ڪتاب "دارالفقراء" پڻ ڇپيو آهي، جنهن جو مهاڳ مشهور

پنجابي اديبَ محترم راجه رسالو جو لکيل آهي.

راضي فقير جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دنيا بي وفا غدار کان نڪري نروار ٿيو ڪو ڪو
لاهي سر ساهه جو سانگو عاشق ايثار ٿيو ڪو ڪو
رکيو جنهن تي عشق آرو پتو تنهن کي پيو سارو
اهو يارو برهه وارو ڪٿي اظهار ٿيو ڪو ڪو.

رام پنجواڻي، پروفيسر

پروفيسر رام پنجواڻي جو پورو نالو رام پرتا براءِ پنجواڻي هو ۽ ادبي تخلص "رام" هئس. سندس جنم 20 نومبر 1911ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. پاڻ اعليٰ درجي جو ناول نويس، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، شاعر، گلوڪار ۽ اداڪار ٿي گذريو آهي.

پروفيسر رام پنجواڻي لاڙڪاڻي جي اي-وي اسڪول مان مئٽرڪ ڪري، ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي-اي جو امتحان پاس ڪري، ساڳئي ئي ڪاليج ۾ 1936 ۾ سنڌيءَ جو استاد بڻيو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏي ڀارت لڏي ويو اتي بمبئيءَ ۾ رهي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ اتي ئي پنهنجي زندگيءَ جا باقي 40 سال گذاريائين.

رام پنجواڻي گهڻ رخي شخصيت هو. پاڻ قابل استاد، اعليٰ پائي جو ليکڪ، سريلو ڳائڻو، بهترين مقرر، گهاگهه وڄائڻ جو ماهر، پلوڙ اداڪار، سماجي سرواڻ، سنڌي ٻوليءَ جو سچو خدمتگذار مطلب ته انيڪ خوبين جو مالڪ هو.

رام پنجواڻي کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ، لکڻ، ۽ تقرير ڪرڻ جو شوق هوندو هو. هن ڇهن ورهين جي عمر ۾ ڳائڻ ۽ پندرهن ورهين ۾ لکڻ شروع ڪيو. هن ڪيترائي مضمون، شعر، ڊراما، فيچر، ڪهاڻيون ناول ۽ ٻيو مواد لکيو هن ڀارتي سنڌي فلمن جهولي لال، هو جمالو، لاڏلي ۽ مٺي لاءِ گيت لکيا. سال 1968ع ۾ فلم شل ڏيئر نه ڇمن ۽ 1964ع ۾ فلم جهولي لال جون ڪهاڻيون لکيون جيڪي ڪامياب ٿيون. هن فلم سنڌو جي ڪناري، لاڏلي ۽ هو جمالو ۾ اداڪاري پڻ ڪئي آهي.

رام پنجواڻي هڪ ڳائڪ جي حيثيت سان ڪيترائي ڪلاسيڪي ۽ جديد شعر ۽ گيت ڳايا آهن. هن جا اڪثر گيت ڪورس يا دوگاني جي انداز ۾ ڳايل آهن، جن مان ڪيترائي هند ۽ سنڌ ۾ مقبول آهن. پاڻ آخري وقت ۾ دل جي تڪليف ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ ٻي ڀيرا دل جو دورو پيس، پر هن عظيم انسان ان حال ۾ به ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مختلف ڪڏجاڻين ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم

جاري رکيو ۽ هر هنڌ سنڌيت کي قائم رکڻ جو پيغام پهچائيندو رهيو هر سال چيٽي چنڊ جي ميلن ۾ ڳائڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو.

رام پنجواڻي کي سنڌ ۽ سنڌيت سان بيپناهه محبت هئي. هن ڀارت ۾ رهي سنڌ مان لڏي آيل سنڌي ڪٽنبن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو ۽ انهن جي ڏکن سورن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو ڀارت ۾ سنڌين لاءِ "سيتا سنڌو ڀون" نالي سان هڪ خوبصورت آستان قائم ڪرايائين جنهن ۾ سنڌ جون يادگار شيون محفوظ آهن. هن ڀارت توڙي ٻين ملڪن ۾ سنڌي زبان ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا. اهوئي سبب آهي جو کيس "سنڌيت جو سفير" "سنڌين جو ايلچي" ۽ "سنڌين جو ابو" جي لقبن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. کيس سنڌ گهمڻ جي وڏي خواهش هئي پر اها پوري نه ٿي سگهيس. سندس اٽڪل ٽيهارو کن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن مان ڪجهه هن ريت آهن.

ناول: پدما (ترجمو - 1939ع)، شرميلا (ترجمو - 1944ع)، اسان جو گهر (ترجمو 1946ع)، قيدي (1943ع)، لطيف (1945ع)، چاندي جو چمڪو (1947ع)، آهي نه آهي (1955)، شل ڌيئر نه ڄمن، ۽ زندگي يا موت (1952ع).

ناٽڪ: پکي ۽ پدمڻي (1943ع)، ياد ڪندا (ترجمو 1968ع)، تياڳ ۽ مکتي (1968ع)، آيو نئون زمانو (1978ع).

ڪهاڻين جا مجموعا: انوکا آزمودا (1962ع)، وچتر واقعا، عجيب آکاڻيون (1966ع)، تنهنجا منهنجا تجربا

مضمون: ادبي غنچو، سپون.

شاعري: سنڌي ڪلام، ۽ چونڪي جا گيت

ڪتاب انوکا آزموداتي، 1964ع ۾ کيس ساهت اڪيڊمي ايوارڊ مليو.

پهرين اپريل 1978ع تي چيٽي چنڊ جي ميلن ۾ ڳائيندي وڄائيندي، پروفيسر رام پنجواڻي جي دل جي تار ٽٽي پئي ۽ هو هميشه هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو.

راهي چنا

محمد پريل "راهي" ولد محمد چٽل چنا 6 جنوري 1950ع تي جوهي، ضلعي، دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نالي وارو شاعر ٿي گذريو آهي.

راهي چنا اڃا ڇهن سالن جو هو ته، پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويو، ان ڪري ننڍپڻ ۾ هن چولا وڪيا، تغاري کڻي مزدوري ڪئي ۽ جوهيءَ جي چونڪ تي بوٽ پالش ڪئي. سندس هڪ دوست کيس بوٽ پالش جي دڪان تان اٿاري ڄامشوري جي هوائن ۾ وٺي آيو. جنهن کان پوءِ راهي 1971ع کان 1996ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ڪيميسٽري ۾ ليب اٽينڊنٽ

(پهرين گريڊ ۾) طور ملازم رهيو.

راهي ادب جي ميدان ۾ بزم دادو جي پليٽ فارم تان 1965ع ۾ ٿيل هڪ مشاعري ۾ حصو وٺي قدم رکيو. ليڪن باقاعدي لکڻ جي شروعات 1970ع کان ڪئي. هو سنڌي ادبي سنگت جوهي جو پهريون سيڪريٽري هو ۽ ادبي سنگت سان آخري دم تائين ساٿ نڀائيندو رهيو.

راهي معاشي طرح واقعي غريب هو، پر ذهني طرح ڏاڍو شاهوڪار هو. هن شاعري کي ڪڏهن به ڏاڪڻ طور ڪم نه آندو ۽ نه وري شاعري وسيلي پنهنجا ذاتي مفاد پورا ڪيا راهي مشاعري جو ڪامياب شاعر هو ريڊيو، ٽيليويزن سميت سنڌ جي سڀني شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو شاعري ۾ سندس استاد حافظ احسن چنا هو "چمڪندڙ ڪنول" جي گهاگهر" سندس شعري مجموعو آهي.

راهي چنا 16 فيبروري 1997ع تي وفات ڪري ويو. کيس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڪالونيءَ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو کيس صدر پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد طرفان ماهوار وظيفو ملندو هو.

راڻچند هريجن

راڻچند هريجن ٿر جي تعلقي ڇاڇري جي ننڍڙي شهر ڇيلهار ۾ 8 نومبر 1912ع تي جنم ورتو. پاڻ ٿر علائقي جو مشهور تاريخدان، اديب ۽ اهل قلم ٿي گذريو آهي.

راڻچند هريجن جو واسطو ڀهراڙيءَ جي هڪ غريب خاندان سان هئو، جنهن ڪري تعليم صرف سنڌي فائينل تائين حاصل ڪري سگهيو ۽ پوءِ 1928ع ۾ ڳوٺ جي اسڪول ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو. پاڻ چاليهه سال انهيءَ پيشي سان وابسته رهيو.

راڻچند هريجن سن 1950ع کان پوءِ باقاعدي لکڻ جي ابتدا ڪئي. مختلف موضوعن تي سندس لکيل مواد رسالن ۾ ڇپجندو رهيو. 1958ع ۾ سندس پهرين لوڪ ڪهاڻي "پلان پلي جو چيهه" مهراڻ رسالي ۾ ڇپي. پاڻ ٿر جي لوڪ گيتن جو سنڌي منظوم ترجمو رسالن لاءِ موڪليندو رهيو ۽ اهو ڇپجندو رهيو. سندس لکيل مقالا پڻ مهراڻ ۾ ڇپيل آهن جڏهن 1955ع ۾ لوڪ ادب اسڪيم ۽ سنڌي لغت اسڪيم شروع ٿي ته، پاڻ ٿر کان هلي اچي لوڪ ادب اسڪيم جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان مليو، مختلف شاعرن جا واقعاتي بيت، لوڪ ڪهاڻيون، ڪهاوتون، ڏوهيڙا، ڳجهارتون وغيره پيش ڪيائين. پاڻ تعلقي ڇاڇري جي لوڪ ادب اسڪيم جو ميمبر رهيو. کيس انهيءَ دوران مختلف ڳوٺن ۾ نوڪري جي باوجود وڃڻو پيو. هر هنڌ وڃي اتي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، کاڌ خوراڪ، اتي جا تاريخي ماڳ مڪان گهمي

ماٿهن سان ڪچهريون ڪري احوال قلمبند ڪيائين.

رائچند جو جيڪو سڀ کان وڏو ڪارنامو آهي، اهو آهي مارئي جي ديس ٿر جي تاريخ لکڻ. هي پهريون باشندو آهي، جنهن 12 سال ٿر جو چپو چپو رلي مواد گڏ ڪري ٿر جي تاريخ تي هڪ مستند ۽ جامع ڪتاب "تاريخ ريگستان" ٻن ڀاڱن ۾ لکيو. ياد رهي ته هن کان اڳ ٿر متعلق هڪ ٻن ماٿهن ڪتاب لکيا، پر اهي مختصر ۽ نامڪمل هئا. ٿر جي مڪمل تاريخ پهريون ڀيرو رائچند لکي، جنهن ۾ ٿر جو مڪمل احوال ڏنل آهي. اڄ تائين ڪنهن به مصنف ٿر تي اهڙو ڪتاب نه لکيو آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پهريون ڀيرو ڇپرايو هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو رائچند وڏيڪ محنت ۽ جاکوڙ سان تيار ڪري 1965ع ۾ ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو هو، جيڪو سندس زندگيءَ ۾ ته ڇپجي ڪونه سگهيو، ليڪن 1975ع ۾ اهو ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو.

رائچند هڪ مثالي ۽ بي بها استاد هو، اسان جا ڪيترائي ناميارا ليکڪ سندس ادبي تربيت هيٺ رهي اڄ پنهنجو نالو چمڪائي چڪا آهن. جن ۾ سندس فرزند ٽماهي مهراڻ جو ايڊيٽر نفيس احمد شيخ ۽ وليرام ولڀ جا نالا اهميت وارا آهن.

رائچند هريجن 31 مئي 1968ع تي فوت ٿي ويو.

رحيم بخش شيخ

رحيم بخش ولد الاهي بخش شيخ سن 1895ع ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو هڪ مشهور قانوندان ۽ درويش روبني جو انسان ٿي گذريو آهي.

رحيم بخش شيخ هر دلعزيز انسان، صوفي، عالم ۽ فاضل شخص هو. هن سيشن جج جي عهدي تي فائز رهي، پنهنجا فرائض نهايت قابليت ۽ ايمانداريءَ سان سر انجام ڏنا. پاڻ سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهي" جو ننڍو ڀاءُ هو. جنهن جي وفات کان پوءِ پاڻ "انجمن حمايت الاسلام" جو نگران اعليٰ مقرر ٿيو ۽ پنهنجي ذاتي ڪوشش سان انجمن جي تعليمي ۽ تعميري ڪمن کي نهايت خوش اسلوبيءَ سان تڪميل تي پهچايو. حمايت الاسلام سنڌ جو مشهور تعليمي ادارو هئو.جنهن جي زير نگراني حيدرآباد، نواب شاهه ۽ راڻيپور ۾ مشهور تعليمي درسگاهون قائم ۽ دائم رهيون.

رحيم بخش شيخ هڪ رلڻو ملڻو، خوش خلق، خاموش طبع ۽ درويش صفت انسان هو. پاڻ سخي قبول محمد جي معتقدن مان هو. هن جو صوفياڻو مذهب حضرت سچل سرمست رحه ۽ ان جي فلسفي ۽ فڪر سان وابسته هو. ڪيس خلافت پڻ عطا ٿيل هئي راڳ رهاڻ سندس روح جي خوراڪ هئي هميشه صوفياڻ مجلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو. پاڻ آخر تائين حمايت الاسلام جو صدر ٿي

رهيو. هي مشهور قانوندان بہ هو.

رحيم بخش شيخ 15 فيبروري 1966ع تي وفات ڪري ويو.

رحيم بخش "قمر" لاڪو

مولانا الحاج رحيم بخش "قمر" ولد محمد عيسيٰ لاڪو 22 نومبر 1933ع تي ڳوٺ عمر راهو تعلقي دولت پور صفن ضلعي نواب شاهہ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو بلند پايہ شاعر، اديب، خطيب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

مولانا رحيم بخش "قمر" اڃا ننڍي عمر جو هو تہ، سندس والدين گذاري ويا ۽ پاڻ مڪمل يتيم بڻجي ويو. سندس تعليم جو آغاز شڪارپور جي مدرسي "انوارالعلوم" مان مولانا عبدالله صاحب جي رهبريءَ هيٺ ٿيو. جتي هن ٻن سالن تائين عربي صرف ونحو جي تعليم حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ مختلف مدرسن مان تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. سندس زندگيءَ جو وڏو حصو نواب شاهہ ۾ گذريو. پاڻ اتي گلزار مسجد ۾ پيش امام ۽ خطيب مقرر هو.

مولانا رحيم بخش "قمر" جو شمار پنهنجي وقت جي بهترين شاعرن ۾ ٿئي ٿو. شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. جهڙوڪ: بيت، وائي، ڪافي، غزل، گيت، قصيده، مثنوي، مخمس، مسدس، مستزاد، مولود، مورو، چلڙو، لولي، لوڪ گيت، ڳيچ ۽ همرچو وغيره. شاعري جي اصلاح حافظ محمد احسن چنا کان ورتائين. سندس ڪلام سنڌ جي روزانہ ۽ هفتيوار اخبارن ۽ علمي ۽ ادبي رسالن ۾ نهايت ئي شاندار نموني ۾ شايع ٿيندو رهيو. ريڊيو پاڪستان تان ٻڻ سندس ڪلام نشير ٿيندو آهي سندس شاعري حوصلہ مند جونن لاءِ تعمير انقلاب جي دعوت آهي. باوجود ان جي سندس فن رس رهاڻ ۽ ذوق جماليات کان خالي ناهي.

مولانا صاحب جا نثر ۽ نظم ۾ ڪل 30 ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ ڏزن کان بہ وڌيڪ شاعري جا ڪتاب شامل آهن غزلن جي سلسلي ۾ سندس مڪمل ديوان بہ آهي جيڪو "ديوان قمر" جي نالي سان 1967ع ۾ پڌرو ٿيو. ان کان علاوه مولانا صاحب چوٽي جي سيرت نگارن مان هو. سيرت پاڪ تي سندس لکيل ڪتاب "سيرت خاتم الانبيا" سندس بهترين تصنيف آهي. جنهن تي صدر پاڪستان جنرل ضياء 24 نومبر 1986ع تي کيس پنج هزار روپيا انعام ۽ سيرت ايوارڊ جي سند ڏني تنهن کان سواءِ نظم ۽ نثر ۾ سندس هيٺيان ڪتاب اشاعت هيٺ اچي چڪا آهن.

جمال مصطفيٰ (1961ع)، آخرت ڳجي (1962ع)، دربار مدينہ (1967ع) دربار ڪربلا، فضائل قرآن جواهر القمر (1968ع) سڄڻ آيو سهنج ٿيا، زيب الرجان عرف ڏاڙهي (طنز ومزاح)، ڪلاتيندڙ لطيفا (طنز ومزاح)، صحبت

اوليا، لاٽوڙ اسپيڪر تي نماز (تنقيد)، خطبات روح اسلام، تندون جي طلب جون، ڳاڙيندين ڳوڙها، چنڊ تنهنجي ذات، ڳهايا ڳهٽا ڳهوٽ، آءُ نہ ڳڌي پرينءَ ڪي، روضي پاڪ رسول جي، ساٿيهہ جي ساراهہ، ڪٽي نيڻ خمار مان (1978ع)، محبت جي ميدان ۾ (1981ع)، سهرا ۽ سيج (1982ع)، تنوير الاسلام، ماڻڪ موتي، وغيره.

الحاج رحيم بخش "قمر" لاڪو 26 نومبر 1993ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

سڄڻ آيو سهنج ٿيا هينئڙ نريو هانءُ،
مير محمد مصطفيٰ ﷺ نوري جنهن جو نانءُ،
ابو، امڙ ۽ آنءُ صدقي سڄڻ تان ٿيون.

رسول بخش ٽالپر، مير

مير رسول بخش ولد حاجي مير نبي بخش ٽالپر 23 آڪٽوبر 1920ع تي ٽنڊي مير محمود، حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو محب وطن، مخلص سياستدان، مزدورن، هارين ۽ پورهيتن جو ساٿي ۽ سنڌ جو گورنر ۽ سينئر وزير ٿي گذريو آهي.

مير رسول بخش ٽالپر جو تعلق سنڌ جي اڳوڻي حڪمران ٽالپر خاندان سان هو. سندس شروعاتي تعليم ۽ تربيت گهر ۾ ٿي ۽ پوءِ ڪجهہ وقت دهليءَ جي مدرسي رحمانيہ ۽ جامعہ مليہ ۾ تعليم حاصل ڪئي. جنهن ڪان پوءِ ڪراچي جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پڙهيو.

مير صاحب ايڪيهين سالن جي ڄمار ۾ عملي طور سياست ۾ داخل ٿيو. سندس سياست جو بنياد هارين، پورهيتن، ٽانگي وارن ۽ رڪشا وارن جي قيادت هو. هو هڪ فعال ٽريڊيونينسٽ هو. انهيءَ بنياد تي سندس مقبول سياست جي عمارت بلند ٿي. جنهن کي سندس آخري وقت تائين پائيداري حاصل رهي.

مير رسول بخش 1952ع ۾ حيدرآباد ميونسپل ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو. ان کان پوءِ 1965ع تائين يونين ڪميٽي نمبر 16 (حيدرآباد) جو چيئرمين رهيو. 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. ڪيس پارٽيءَ جو سنڌ لاءِ زونل صدر بڻايو ويو. 1970ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 3 فيبروري 1972ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي گورنر جو سينئر صلاحڪار مقرر ڪيو ويو. 29 اپريل 1972ع تي سنڌ جو گورنر مقرر ٿيو پر پاليسي اختلافن سبب 13 فيبروري 1973ع تي گورنري تان ۽ بعد ۾ پيپلز پارٽيءَ جي بنيادي رڪنيت تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين. جنهن کان پوءِ آزاد اميدوار جي حيثيت ۾ قومي اتحاد وارن سان شريڪ ٿي چونڊن ۾ حصو ورتائين، پر ناڪام

ٿيو. قومي اتحاد طرفان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي خلاف هلايل تحريڪ ۾ هن تمام وڏو حصو ورتو، جنهن جي نتيجي ۾ کيس نظربند ڪيو ويو. جنرل ضياءَ طرفان مارشل لا جي نفاذ کان پوءِ کيس آزاد ڪيو ويو. فوجي حڪومت دوران 14 مئي 1981ع تي کيس سنڌ وزارت ۾ سينئر وزير طور شامل ڪيو ويو آخر تائين ان عهدي تي فائز رهيو.

مير رسول بخش ٽالپر نه رڳو نامور سياستدان هو، پر هو هڪ رحمدل ۽ همدرد سماجي ڪارڪن ۽ شفيق انسان به هو. سندس ميراٽي منهن تي سدائين مرڪ ۽ ڏاڍ سان منهن ڏيڻ لاءِ مچ تي هٿ هوندو هئس. سدائين ٻهڪندو ۽ ٻين کي پيو کلائيندو هو. کيس ادب، شاعري، موسيقي ۽ ملهه سان گهڻي دلچسپي هئي. پاڻ ملهه ايسوسيئيشن جو صدر به ٿي رهيو کيس سوين شعر ياد هوندا هئا. سندس حاضر جوابي ۽ برجسته جملا بازي مثالي هئي. هو شعله بيان ۽ جوشيلو مقرر به هو. ڪيترين ئي عوامي تحريڪن ۾ نهايت دليري ۽ بهادريءَ سان عوام جي اڳواڻي ڪيائين.

الحاج مير رسول بخش ٽالپر ڪي پهرين مئي 1982ع تي رات جو سانڍي نوين وڳي دل جي تڪليف ٿي ۽ ڏهين وڳي سندس روح پرواز ڪري ويو. سندس جنازي نماز مولانا سيد وصي مظهر ندوي پڙهائي، حيدرآباد ۾ دفن ٿيل آهي.

رسول بخش پليجو

رسول بخش پليجو ولد علي محمد پليجو 20 جنوري 1930ع تي جنگشاهي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ناليوارو اديب، ڏاهو، قانوني ماهر ۽ سياسي ليڊر آهي.

رسول بخش پليجي ايل ايل بي ڪرڻ کان پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيو، ڪجهه وقت کان پوءِ سياسي ميدان ۾ قدم رکيو، مختلف پارٽين ۾ رهندي، هن وقت "عوامي تحريڪ" جي سربراهه جي حيثيت سان سياسي ميدان ۾ سرگرم عمل آهي. هن بي باڪ قومپرست اڳواڻ هميشه سنڌ ۽ سنڌي عوام جي حقن لاءِ پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ذريعي آواز بلند پئي ڪيو آهي. جنهن لاءِ ڪيترائي ڀيرا کيس جيل جون سزائون به ڀوڳڻيون پيون آهن. هن ڪڏهن به ڪنهن ڏکئي وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي اڪثر سياستدانن وانگر نڌڻڪو ناهي ڇڏيو. پاڻ وڪالت جي پيشي ۾ به مهارت رکي ٿو، ان کان علاوه ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ پڻ آهي. هن سياست، ڪهاڻيون، تنقيد، شخصيات ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب لکيا آهن. سندس ليک اڪثر اخبارن ۾ پڻ ڇپوندا رهيا آهن پاڻ اڄڪلهه حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪجهه ڪتاب هن ريت آهن.

انڌا اونڌا ويڄ (تنقيد 1961ع)، پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون)، سنڌي

ذات هنجن، ڇا وفاقي سياست سنڌين لاءِ حرام آهي؟، واٽون ويهه ٿيون، صبح ٿيندو (سياست 1974ع)، ڌراڙن جا ڏک، مائوزي تنگ (شخصيات 1972ع)، هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي (ترجمو 1972ع)، جيڪي بنگال سان ٿيو (ترجمو سياست 1973ع)، انقلابي قومي جدوجهد ۾ ادب ۽ فن جي اهميت (ترجمو 1974ع) وغيره.

رشد الله شاهه راشدي، علامه.

علامه رشد الله شاهه ولد سيد رشيد الدين شاهه راشدي جي ولادت 1860ع ۾ ڳوٺ پير جهنڊي تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي وقت جو لاجواب عالم، بي نظير شاعر، بي مثال فقيه، عظيم مفسر ۽ شعله بيان خطيب ٿي گذريو آهي.

علامه رشد الله شاهه راشدي جي تعليم ۽ تربيت چوٽيءَ جي عالمن سڳورن جي نگراني هيٺ ٿي. سندس استادن ۾ قاضي عبدالغني کيريو ڪڏهري، مولوي قاضي فتح محمد نظاماڻي ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جهڙا جيد عالم شامل هئا.

علامه راشدي صاحب سنڌ جي جڳ مشهور درسگاهه "مدرسه دارالرشاد" جو باني آهي. هي مدرسو سن 1901ع ۾ ڳوٺ پير جهنڊي ۾ قائم ڪيائين، سندس اها خدمت سنڌ جي سر زمين تي هڪ وڏو احسان آهي، هن مدرسي ۾ سنڌ ته ڇا، بلڪه هندستان، ايران، وچ ايشيا ڪان شاگرد ڪشالا ڪري ايندا هئا ۽ مدرسي جي تعليم ڪان مستفيض ٿي گوهر ناياب ٿي نڪرندا هئا، هن مدرسي ۾ شروع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا عبدالله لغاري، مولانا محمد احمداڻي ۽ مولانا نجم الدين جهلم وارو جهڙا يگانا عالم تعليم ڏيندا هئا. علامه صاحب جي وڏن جي هڪ لائبريري هئي، ان ۾ هن ايترو ته واڌارو ڪيو، جو اهو ڪتب خانو هندستان جي معياري ڪتب خانن مان هڪ شمار ڪيو ويندو هو. پاڪ و هند جي هر طالب علم ۽ استاد هن ڪتب خاني مان استفاده ڪيو. اهو مدرسو ۽ ڪتب خانو اڄ به موجود آهن، پر انهن جو اهو اوج نه رهيو آهي. علامه صاحب هڪ وڏوعالم ۽ محقق هو پاڻ مختلف مسئلن تي فتويٰ به جاري ڪندو هو. پنهنجي مطالعي ۽ معلومات کي عوام الناس تائين پهچائڻ ۽ معاشري مان بدعتن جي پاڙ پٽڻ لاءِ قلم پنهنجي هٿ ۾ کنيائين. هن تقريباً ستر کن ڪتاب لکيا آهن، جن مان اڪثر ڪتاب فقهه تي آهن.انهن مان ڪي ڪتاب ڇپيا ته ڪي ڇپجي نه سگهيا. هن شاعري به تمام گهڻي ڪئي آهي سندس شاعريءَ جو مجموعو "پير رشد الله شاهه جي شاعري" جي نالي سان

1995ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

علامہ صاحب سياست ۾ بہ حصو ورتو، خلافت تحريڪ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو. پاڻ سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽي جي باني رڪن مان هو. ان سلسلي ۾ هن سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي جلسا ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪرايون 8،7 ۽ 9 فيبروري 1920ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايل سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽي جي يادگار ڪانفرنس سندس ئي نيڪ ڪوشش جو نتيجو هئي. هن ڪانفرنس ۾ هندستان جا چوٽيءَ جا عالم پهريون ڀيرو سنڌ ۾ آيا. هن ڪانفرنس جي صدارت پير رشد الله ڪئي. سندس صدارتي خطبو تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. مولانا آزاد ۽ مولانا شوڪت علي بہ سندس خطبي جي تعريف ڪئي جيڪي پڻ هن ڪانفرنس ۾ شامل ٿيا هئا.

علامہ رشد الله شاهہ راشدي ۽ مولانا تاج محمود جي ڪوشش سان سن 1919ع ۾ "الوحيد" اخبار جو اجراءُ ٿيو، جنهن مسلمانن ۾ خوب جوش جاڳايو. افسوس جو هن عظيم انسان سان زندگي وڌيڪ سات نہ ڏنو ۽ 22 رمضان المبارڪ 1340 هجري (1922) تي وفات ڪري ويو.

رشيد احمد لاشاري

رشيد احمد ولد زرڪ خان لاشاري بلوچ 18 اپريل 1922ع تي ڳوٺ ملڪزار تعلقي نصير آباد ضلعي سبي (بلوچستان) ۾ ڄائو. پاڻ باڪمال شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو آهي.

رشيد احمد لاشاري تعليم مختلف دورن ۾ حاصل ڪئي، پهريان بلوچستان ۾ چار درجا اردو پڙهيو. جنهن ڪان پوءِ سندس مائٽ 1931ع ۾ لڏي اچي سنڌ جي ڪنڌ ڪوٽ تعلقي ۾ وينا. اتي اسڪول سوپيو خان اوڳاهي مان هن سنڌيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. 1936ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. 1941ع ۾ عربي ۽ فارسي پڙهڻ شروع ڪيائين. پنجاب يونيورسٽيءَ مان اديب فاضل (اردو) ۽ 1953ع ۾ حيدرآباد مان اديب عالم ۽ مشترڪ جا امتحان پاس ڪيائين.

لاشاري صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍا رولڙا ڏٺا. زماني جي ستم ظريفي ڪيس ڪڏهن بہ سک سان هڪ جاءِ تي رهڻ نہ ڏنو. هن تصوف ۽ طريقت جي دورن ۾ پنجاب، بلوچستان ۽ افغانستان جو سير سفر ڪيو. ڪافي عرصو سلطان باهو جي درٻار تي گذاريائين. نوڪريون بہ ڪيتريون ئي ڪيائين، پر هڪ بہ راس نہ آيس. پرائمري ماستر بڻيو، اورنٽيئل ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي جو ليڪچرار ٿيو، سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪري ڪيائين، پر ڪٿي بہ مزو نہ آيس. جنهن ڪري ڪراچي هليو ويو. اتي علمي ادبي خدمتن سان گڏ سنڌي فلمن لاءِ

اسڪرپٽ ۽ نغما لکڻ شروع ڪيائين. هن فلمي دنيا ۾ سڀ کان پهريان 1956ع ۾ سنڌي فلم "عمر مارئي" لاءِ لکيو جنهن کان پوءِ ٻين به ڪيترن ئي فلمن لاءِ نغما ۽ ڊائلاگ لکيائين جهڙوڪ: پرديسي، سسئي پنهون، شهروفيروز، چانڊوڪي پنو عاقل وغيره. ان کان علاوه اردو فلمن نئي ڪرن ۽ هماري زبان ۾ به حصو ورتائين. اهي سڀ فلمون ڪامياب رهيون، پر افسوس جو اتي به ڪيس ناساز گار ماحول جو مقابلو ڪرڻو پيو ۽ دل برداشته ٿي، واپس حيدرآباد موٽي آيو ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسڪرپٽ رائٽر مقرر ٿيو. هت به سندس فن ۽ پيشڪش کي پسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺو ويو، تاهم دائمي ٽڪاءُ نه ڪري سگهيو. ان کان پوءِ پاڻ ڪڏهن ادبي بورڊ ۾، ڪڏهن نئين زندگي جي دفتر ۾ ته ڪڏهن اخبار مهراڻ جي اسٽاف ۾ ڪم ڪندو رهيو. بهرحال رشيد صاحب هڪ قابل قدر علمي ۽ فني ڪردار هو، جو هميشه حوصلي سان زماني سان منهن ڏيندو آيو.

رشيد احمد لاشاري پنهنجي دور جو باڪمال ۽ قادر الڪلام شاعر هو. سندس ڪلام ۾ زور بيان، سلاست ۽ رواني موجود آهي. سخن جي ميدان ۾ ترڪيبون، محاورا، استعارا، تشبيهون ۽ قافيا هي سڀ ٻانهون ٻڌيو قطار در قطار رشيد صاحب جي نظر انتخاب جا منتظر ٿيو بيٺا هوندا هئا. هن غزل، نظم، ڪافي، گيت، قومي نظم وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن اسلام ۽ پاڪستان جي محبت ۾ جيڪي نظم لکيا سي اسان جي سنڌي ادب جو گران قدر سرمايو آهن. هجويه ڪلام لکڻ ۾ به قدرت حاصل هئس، تخلص "رشيد" استعمال ڪندو هو. پاڻ سنڌي، اردو، سرائڪي، ملتاني، پنجابي، بلوچي، پشتو، فارسي، عربي ۽ انگريزي زبانون ڄاڻندو هو.

نثر ۽ نظم ۾ 30 کان وڌيڪ سندس ڪتاب سنڌي ۽ اردو زبانن ۾ شايع ٿيل آهن جيڪي هن مختلف موضوعن تي تصنيف ۽ ترتيب ڏنا آهن. جن مان ڪافي ڪتاب لطيفيات متعلق آهن. سندس ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏنل آهن.

معلم اردو (1951ع)، اردو اصول (1951ع)، شاهه جي رسالي جا سر (1954ع)، تاريخ اسلام (1954ع)، سر حسيني، سر ڪلياڻ عرف تصوف جو آئينو (1954ع)، لطيف باغ جو سير (1952ع)، سچل جو سرائڪي ڪلام (ترتيب 1958ع)، سرمارئي، شاهه جون وايون (1962ع)، منتخب شاهه جو رسالو (1961ع)، بلهي شاهه جون ڪافيون (ترتيب 1962ع)، سلطان باهو (1964ع)، يوسف زليخا (1964ع)، سچل جو رسالو (ترتيب- 1965ع)، روح لطيف (1954ع)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1955ع) بيدل جون چونڊوايون (1961ع) وغيره.

ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ طرفان لاشاري صاحب کي "ڪليات گدا" "شڪنتلا"، "نل د مينتي" ۽ "ڪادمر پري" جهڙا ڪتاب ترجمي ۽ تاليف لاءِ ڏنا ويا. بعد ۾ شڪنتلا کي ڪراچي يونيورسٽي جي بي اي واري نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌي ۾ لغت تيار ڪرڻ لاءِ هن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگراني هيٺ ريسرچ اسسٽنٽ طور پڻ ڪم ڪيو هو.

رشيد احمد لاشاري 19 سيپٽمبر 1970ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس هڪ غزل جون سٽون نمونوي طور هيٺ ڏجن ٿيون.

نمونار هن ٿا نيارا اسان جا، پيلا ڪير سمجهي اشارا اسان جا،
بٽيل بخت پنهنجو پيلا ڇو نه بگڙي، پيجي ڪن ٿا پاسو پيلارا اسان جا.

رشيد ڀٽي

عبدالرشيد ولد حافظ عبدالحميد ڀٽي 6 جولاءِ 1933ع تي سکر ۾ ڄائو. سندس اصل ڳوٺ اروڙ هو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

رشيد ڀٽي سکر، خيرپور، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ پڙهي بي اي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون حاصل ڪيون ۽ پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين. پاڻ سکر جو مشهور وڪيل هو.

رشيد ڀٽي 1950ع کان لکڻ شروع ڪيو. ڪجهه وقت صحافت سان وابسته رهيو. شاعري به ڪيائين پر پاڻ بنيادي طور افسانه نگار هو. سندس مزاحيه افسانا سنڌي ادب ۾ دائمي حيثيت رکن ٿا. هن ڀين موضوعن تي به لکيو آهي. پاڻ پنهنجي تحريرن جي حوالي سان هڪ اڻ وسرندڙ شخصيت آهي. پاڻ هڪ اٽل، اڏول، سچو ۽ اصولي آدمي هو. هن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم لاءِ بنا ڪنهن لوڀ، لالچ، انعام ۽ صلي جي جيڪو ڪجهه ڪيو، اهو تعريف جي لائق آهي. هن اٽڪل 15 کن ڪتاب لکيا ۽ سهيڙيا. هو هڪ زنده دل ۽ باذوق اهل قلم ۽ شاعر هو. سندس طبع ۾ مزاح ۽ ظرافت جو دلچسپ عنصر هوندو هو، جنهن سندس فن، خاص ڪري شاعريءَ کي نمڪين ۽ رنگين بنائي ڇڏيو. سندس ڪتابن جا نالا هن ريت آهن: گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ (افسانن جو مجموعو 1963ع)، پاڪستان رائيٽرس گلڊ کان انعام يافته) دنيا جا عظيم افسانا (ترجمو 1966ع)، آڏي ڊال ۾ ڊار (شاعري 1966ع پاڪستان رائٽرس گلڊ کان انعام يافته)، عاشق زهرپياڪ (ناٽڪ 1968ع)، پاڪستان جا پراڻا شهر (1981ع)، باپ ۽ پيار (ناول)، سياري جي رات (ڪهاڻيون) باغي (ترجمو -ناول)، چتر ليکا (ناول،) رياست ۽ آزادي (ترجمو 1968ع)، ديس ستا دل وارا جاڳيا (ڪهاڻيون)، اوياريون لهواريون (تقريرون- 1985ع)، سچ جو فلسفو، جڏهن جهوڪ جهري، ۽ ويرن جي وسندي (ناول ترجمو 1986ع).

رشيد پٽي 16 فيبروري 1988ع تي هيءُ ڏيهه ڇڏي ويو. سندس مزاحيه شاعري مان چند سٽون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون.

وري ياد آيا بهـــــــانا اوهان جا،
هي ماما اوهان جا هي نانا اوهان، جا،
مـــون ڏاڙهي ڇڏي ۽ ڪنئي تسـبـيح،
ڏسي ناز هي ڪافـــرانا اوهان جا.

رڪيل شاهه

رڪيل شاهه ولد ميان نور محمد شاهه 15 مارچ 1846ع تي ڳوٺ حليم شاهه تعلقي ميرپور (بلوچستان) ۾ ڄائو پاڻ مشهور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

رڪيل شاهه جا وڏا اصل عراق جا رهاڪو هئا، جيڪي عباسي خليفي هارون الرشيد جي زماني ۾ لڏي اچي شيراز ۾ وينا هئا، جتان پوءِ لڏي اچي بلوچستان جي تعلقي ميرپور ۾ وينا هئا.رڪيل شاهه جو والد اتان لڏي وڃي درگاهه فتح پور تعلقو گندا واهه ۾ وينو.

سائين رڪيل شاهه کي خان آف قلات عقيدت وچان زمين ڏني هئي. زميندار هئڻ سبب سندس گذر بسر اميراڻي نموني پئي ٿيو، پر جڏهن عشق سندس دل ۾ اچي ديرو ڪيو ته اميري ڇڏي چاليهن سالن جي عمر ۾ فقيري اختيار ڪيائين ۽ پوءِ ويو ڪلام تي ڪلام چوندو.

سائين رڪيل شاهه جو مرشد صوفي عبدالستار جهوڪ وارو هو. پاڻ جهوڪ شريف ۾ آيو هو ۽ ڪجهه وقت اتي رهي مرشد کان توحيد جي ذڪر جي تلقين ورتائين رڪيل شاهه ڪافي گوشاعرن جو سر موڙ آهي. هن سنڌي، سرائڪي، بلوچي ۽ فارسيءَ ۾ ڪلام چيو آهي سندس شاعري جو خاص موضوع آهي عشق ۽ تصوف، اهوئي ازلي پيغام جيڪو بين صوفين پنهنجي ڪلام ذريعي پهچايو،سو ساڳيون پيغام رڪيل شاهه پڻ پنهنجي شاعري ذريعي پهچايو. سندس ڪلام فڪر توڙي فن جي لحاظ کان افضل ۽ اعليٰ آهي. سندس ڪافين ۾ فڪر جي بلنديءَ سان گڏ فني پختگي به نظر اچي ٿي، ان کان سواءِ موسيقيءَ جي اصولن موجب به چيل آهي. سندس ڪلام جو مجموعو "بحرالعشق" جي نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ بيت ۽ ڪافيون آيل آهن.

رڪيل شاهه 15 مئي 1940ع تي وفات ڪري ويو. سندس روضو فتح پور ۾ آهي. هيٺ سندس هڪ ڪافيءَ جو ٿلهه ڏجي ٿو:

هڪ نانءُ تنهنجو اٿم ياد اچان،
تنهنجي آشنائي تان قربان وڃان.

روشن آرا مغل

مشهور تعليمي ماهر روشن آرا مغل سنڌ ۾ تعليمي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ تمام گهڻو جاکوڙيو. سنڌ جي هيءَ نياڻيءَ پنهنجي ڪردار، اخلاق ۽ تعليمي توڙي اصلاحي خدمتن ڪري اڄ به پنهنجي نالي جيان روشن آهي. سندس قومي خدمتون سنڌ جي ٻين عورتن لاءِ مستقبل جو پيغام آهن.

روشن آرا پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ 1947ع ۾ بمبئي مان بي ايس سي پاس ڪري 1952ع ۾ ايم اي (سنڌي) ڪئي ۽ ايل ايل بي ۽ پي ايڇ ڊي جون تياريون ڪري رهي هئي، پر موت کيس مهلت نه ڏني.

روشن آرا 1944ع کان وٺي 1948ع تائين ميونسپل اسڪول بورڊ شڪارپور جي برک ميمبرباڻي تي رهي 1947ع ۾ سنڌي پرائمري تعليم جي صوبائي بورڊ جي ميمبر پڻ رهي.

1948ع کان ڪراچي ۾ اسسٽنٽ انسپيڪٽريس گرلس اسڪولس جي عهدي تي فائز رهي.

روشن آرا سرڪاري خرچ تي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وئي، ان سلسلي ۾ هن آمريڪا جي وڏن وڏن عالمن کان پنهنجي علم ۽ صلاحيتن جو داد حاصل ڪيو. ان کان علاوه هن جاپان، برما، هانگ ڪانگ ۽ سري لنڪا وغيره جو سير ڪري، اتان جي تعليمي نظام جو مشاهدو ڪيو ۽ اتان جي تعليمي ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

روشن آرا مغل 25 مئي 1955ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪري وئي.

روشن علي تنيو

روشن علي تنيو پهرين اپريل 1936ع تي وڳڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانگار ٿي گذريو آهي. کيس شاعري، تاريخ ۽ جاگرافي سان به دلچسپي هئي. هو علائقي جو اثر رسوخ ۽ دٻدٻي وارو راڄ جو چڱو مڙس به هو.

روشن علي تنيو پنهنجي لکيل ڪهاڻين، ڊرامن ۽ ٻين تحريرن سبب ڏاڍو مشهور ٿيو. سندس لکيل ننڍڙو ناوليٽ "دل جي پنيان" ڏاڍو مشهور ٿيو، جيڪو سنڌ رسالي ۾ ڇپيو هو. سندس ڪهاڻي "منڇر ٻڏي ويو" تمام گهڻو پسند ڪئي وئي ان ڪهاڻي جو امام راشدي اردو ۾ ترجمو به ڪيو آهي. سندس ڪهاڻيون نج ٻوٺاڻي پس منظر ۾ لکيل آهن ۽ اهي ٻولي، محاوري ۽ اسلوب جي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهن هن ٽيليوزن لاءِ ڪيترائي معياري ڊراما لکيا، جن مان نازان، ورهاست، ميڙ، آئينو ۽ ٻيا ڊراما گهڻو مقبول ٿيا.

روشن علي تنيو 9 جنوري 1997ع تي وفات ڪري ويو.

روشن علي شاهه

سيد روشن علي شاهه تخلص "روشن" سن 1270هجري ۾ ٽنڊوجهانيا (حيدرآباد) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ حضرت علي عليہ السلام جن جي پشت مان حضرت سيد شير شاهه جلال "سرخپوش" بخاري اچ شريف واري جي مشهور پوٽي سيد جلال الدين مخدوم جهانيان خاندان مان هو. سندس والد جو نالو قطب علي شاهه هو.

سيد روشن علي شاهه جي خاندان ۾ پشت به پشت شاعر ۽ بزرگ ٿيندا پئي آيا آهن. سندس ڏاڏو سيد فتح علي شاهه "قطب" پڻ سنڌي، فارسي ۽ سرائڪي زبانن ۾ ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس سڄو خاندان تعليم يافتہ هو. سيد روشن علي شاهه پنهنجي والد جي زير نگراني باطني بحر کي عبور ڪري، ظاهري علم ۾ سنڌي، هندي ۽ فارسيءَ تي چڱي دست رس حاصل ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو انهن ٽنهي زبانن ۾ سندس ڪلام ملي ٿو. جيڪو فقيراڻي ڪلام سان گڏوگڏ شاعراڻي خوبين سان پريل آهي.

سيد روشن علي شاهه جو خاص مشغلو شاعري هو، هن بيت، ڪافي، غزل، منقبت، رباعي، لوليون، مرثيا ۽ نوحا وغيره تي طبع آزمائي ڪئي. خاص ڪري مرثيي جي ميدان ۾ کيس مڪالمن بيانن ڪرڻ ۾ مهارت حاصل هئي. علم عروض تي بہ کيس عبور حاصل هو. سندس ڪلام جو مجموعو "گلشن روشن" ادب جو قيمتي اثاثو آهي. مير عبدالحسين سانگي ۽ مرزا قليچ بيگ سندس خاص صحبتي هئا.

شاهه صاحب جي رهڻي ڪهڻي نهايت سادي هوندي هئي، لباس بہ هميشہ سادو استعمال ڪندو هو. هو هڪ نهايت پرهيزگار، صوم صلوات جو پابند ۽ سخي مرد هو. تسبيح گهڻي پڙهندو هو. پاڻ جواني ۾ نهايت حسين و جميل هو. چون ٿا تہ هڪ عورت مٿس عاشق ٿي پئي. شاهه صاحب ان عورت کان پڇيو تہ، توکي منهنجي ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ عورت چيو تنهنجا وار! شاهه صاحب اهو ٻڌي پنهنجا وار لهرائي عورت جي حوالي ڪيا، پاڻ درويشاڻو لباس پائي فقيري اختيار ڪئي.

سيد روشن علي شاهه "روشن" 23 رمضان المبارڪ 1350ه (1932ع) تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

يا خدا احقر کي رک باڪرم در امن و امان

ٿو گهري "روشن" دعا هي اقربا جي واسطي.

زخمي چانڊيو

چام خان ولد مولا بخش چانڊيو پهرين مئي 1961ع تي ڳوٺ شهر ڏکڻ تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ اک کولي. پاڻ ادبي دنيا ۾ "زخمي" چانڊيو جي نالي سان هڪ قومي شاعر جي حيثيت سان مشهور هو.

زخمي چانڊيو پرائمري تعليم ڳوٺ علي خان مان حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ ڏامر ها، ڏکڻ، شڪارپور، رتيديري ۽ سکر ۾ ايم اي تائين پڙهيو. پيشي جي لحاظ کان تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيو ۽ آخري وقت ۾ لاڙڪاڻي ۾ ايچ ايس ٽي ٽي رهيو.

زخمي چانڊيو 1984ع کان سرڪش سنڌي ۽ نثار بزمي جي رهبري ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سندس نالو سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو. پاڻ پنهنجي همعصر شاعرن ۾ بلند مقام جو مالڪ هو. هن قلم کان کهاڙيءَ جو ڪم ورتو. سندس لکڻيون پنهنجن لاءِ پارس ۽ ڌارين لاءِ بارود جو ڪم ڏينديون رهيون آهن. هن مزاحمتي ۽ انقلابي شاعريءَ جي حوالي سان مختصر عرصي ۾ وڏي مڃتا ماڻي. سندس گهڻو تڻو ڪلام قومي رنگ ۾ رتل آهي، پر ڪجهه عشقيه ڪلام به چيو اٿس. سندس ڪلام سينې ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهي، ڪجهه ڪلام ريڊيو پاڪستان تي به رڪارڊ ٿيل اٿس ۽ ڪيسٽ جي دنيا ۾ پڻ سٺن سٺن فنڪارن ڪيس ڳايو آهي. هن پنهنجي ڪلام جو مجموعو "زخمي جا زخم" نالي سان تيار ڪيو هو. جيڪو سندس زندگيءَ ۾ ڇپجي نه سگهيو.

زخمي چانڊيو انقلابي شاعري پڙهڻ تي به ٽي ڀيرا جيل به ڀوڳي چڪو هو. پاڻ سنڌ جي مختلف حصن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ حصو وٺي، پنهنجو نڪور ڪلام پيش ڪري داد حاصل ڪندو رهندو هو. جيئن ته سندس آواز جڳهو، صاف ۽ مٺو هو ان ڪري مشاعرن ۾ پنهنجي شاعري اڪثر ترنم ۾ پيش ڪندو هو، جنهن ڪي ڏاڍو پسند ڪيو ويندو هو. في البديهه شعر چوڻ تي ڪيس ملڪو حاصل هو.

ذاتي زندگيءَ ۾ پڻ زخمي صاحب اڪيچار خوبين جو مالڪ هو. هو دوستن لاءِ پارس، پئسو ته ڄا پر خون به خرچ ڪرڻ وارو هو. پاڻ خوش اخلاق، خوش پوشاڪ، خوش خوراڪ، خوش مزاج ۽ منهن تي هر ڪنهن کي سچ چوڻ وارو، اڻ گهريو ڏيڻ وارو، گهري وٺڻ وارو، دير سان رسڻ وارو، جهٽ پرچڻ وارو، منهن ۾ شينهن جهڙي حشمت ۽ ارادن ۾ پختگي رکندڙ، پنهنجن تي ڇپر ۽ ڌارين تي ڏمر ٿي رهڻ وارو اڙڏو انسان هو.

زخمي چانڊيو سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ميمبر ۽ عهديدار ٿي

رهيو. سندس ادبي جاڪوڙ تي ڪيس "فهيم فاروق عباسي ايوارڊ" 1992ع "استاد بخاري ايوارڊ" 1998ع مليا.

سندس سماجي خدمتن ٻه ساراهڻ جوڳيون رهيون، پاڻ "سچوا" جي انساني حقوق ڪميشن جو آخر تائين مرڪزي سيڪريٽري تي رهيو.

زخمي چانڊيو 24 آڪٽوبر 2000ع تي صبح جو لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي گهر کان هاءِ اسڪول شيخ زيد ڪالوني ڏانهن ڊيوٽي تي وڃي رهيو هو ته رستي ۾ هٿيار بندن مٿس فائرنگ ڪري کيس قتل ڪري وڌو. سندس قتل پراڻي دشمني جي بنياد تي ٿيو، کيس ٻئي ڏينهن تي سوين آلين اکين سان سندس اباڻي ڳوٺ جوابپور چانڊيا جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مچائڻ جي مونکي تون مستي ڇڏي ڏي،
اجايو ايهـا هوڏ هستي ڇڏي ڏي،
نشيمن ته منهنجو جلائي ڇڏيئه پر،
سڙيل هاڻ منهنجي تون وستي ڇڏي ڏي،
ڀلي تون کٽي پوءِ جنت ۾ ئي رهه،
مگر ديس منهنجي جي ڌرتي ڇڏي ڏي.

زرينه بلوچ

زرينه ڌيءُ محمد موسيٰ بلوچ 29 ڊسمبر 1937ع تي ڳوٺ الهداد چنڊ (حيدرآباد) ۾ پيدا ٿي. سندس اصل نالو آمنه آهي، سنڌ جا ماڻهو عزت وچان کيس "جيجي" جي لقب سان سڏيندا آهن. پاڻ بهترين گلوڪاره، ليکڪا، اداڪاره ۽ صداڪاره آهي.

زرينه بلوچ ابتدائي تعليم قاضي عبدالقيوم اسڪول حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. 1960ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيو ۽ بعد ۾ مئٽرڪ ۽ عالم فاضل جا امتحان پاس ڪيا. موسيقي جي ميدان ۾ هن 1960ع ۾ قدم رکيو. راڳ جي سکيا استاد محمد جمن کان حاصل ڪيائين. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سندس پهريون رڪارڊ زمان شاهه جي ڪافي "عمر آهيان اڪنڊي ويڙهيچن وڃڻ لاءِ" رڪارڊ ٿيو. ان کان پوءِ هوءَ فن جي ڏاڪڻ جا ڏاڪا نهايت ڪاميابيءَ سان طئي ڪندي رهي هن سنڌ جي تقريباً سيني وڏن شاعرن جون ڪافيون ڪلام ڳايا آهن، ۾ لوڪ گيت ۽ سهرا ڳائڻ ۾ کيس خاص شهرت حاصل آهي هن پنهنجي لوڪ گيتن ۽ سهرن ۾ سنڌي ثقافت کي جنهن نموني سان اجاگر ڪيو آهي. سچ پچ ته اهو سندس وڏو ڪارنامو آهي.هن ٽيليويزن تي

پڻ لوڪ گيتن جا ست پروگرام رڪارڊ ڪرايا آهن، جيڪي عام و خاص ۾ بيحد مقبول ٿيا آهن.

زرينہ بلوچ هڪ بهترين اداڪاره ۽ صداڪاره پڻ آهي ٽيليوزن ۽ ريڊيو تي مختلف ڊرامن ۾ سندس ڪردارن لافاني رنگ پريا آهن. هن 1974ع کان ٽي وي جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، اتي سندس پهريون ڊرامو "زينت" هو، جنهن ۾ وڏي مڃتا ماڻيائين ان ڊرامي ۾ هن هيبت خان جي ماءُ جو ڪردار ادا ڪيو هو. علي بابا جي لکيل جڳ مشهور ڊرامي "دنگي منجهہ درياهہ" ۾ سندس رول ڏاڍو سگهارو هو ان کان سواءِ پيا بہ ڪيترائي ٽيليويزن تي ڊراما ڪري چڪي آهي، جن ۾ راڻي جي ڪهاڻي، جنگل، علاج ۽ رانديڪو خاص آهن.

سندس تشڪيل ڏنل ڊرامو آهي، ڪيڏو ڪاروبار (1976ع) جڏهن تہ صداڪاريءَ جي ميدان ۾ ريڊيو پاڪستان جا سوين ڊراما سندس آواز جي سونهن سان سنواريل آهن. پاڻ 1975ع کان 1977ع تائين ريڊيو پاڪستان تان عورتن لا پروگرام "سرتيون ست" پڻ ڪري چڪي آهي.

زرينہ بلوچ جي شخصيت گهڻ زخي آهي، هوءَ گلوڪاره، اداڪاره ۽ صداڪاره سان گڏ هڪ بهترين ليکڪا ۽ سجاڳ سياسي ذهن رکندڙ عورت آهي. پاڻ ڪجهہ عرصو "عوامي تحريڪ" پارٽيءَ سان پڻ وابستہ رهي آهي. پاڻ ادبي دنيا ۾ 1964ع ۾ شرون ڪمار روما جي افساني "بوند بوند لئہ پٽڪي پٽڪي" جو ترجمو ڪري داخل ٿي. اهو افسانو مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو هو. ان کان پوءِ سندس پهرين ڪهاڻي "جيجي" 1966ع ۾ روح رهاڻ ۾ ۽ ٻي ڪهاڻي "ليلا مليس ڪنوار" 1967ع ۾ سهڻي رسالي ۾ ڇپي، سندس ڪهاڻين جو مجموعو "تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون" جي نالي سان ڇپيل آهي. هن ڪجهہ ڪهاڻين جا ترجما پڻ ڪيا آهن.

هن سدابهار فنڪاره کي پنهنجي حياتي ۾ ئي خوب مڃتا ملي آهي. کيس ڪيترن ئي انعامن اعزازن سان نوازيو ويو آهي. جن ۾ جيون رنگ ايوارڊ، ماروي انعام 1973ع ۾، سگا ايوارڊ 1980ع ۾، فلسطين ايوارڊ 1984ع ۾، شهباز ايوارڊ 1985ع ۾، وحيد مراد ايوارڊ 1986ع ۾ ۽ شاهہ عبداللطيف ايوارڊ 1987ع ۾ شامل آهن.

زمان شاهہ "ساقي"

محمد زمان شاهہ "ساقي" ولد مرزان شاهہ رضوي مهدوي سن 1890ع ۾ ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس تعلق مشهور ولي الله يوسف مهدوي جي گهراڻي سان هو.

زمان شاهہ فارسي ۽ عروض جي تعليم ماستر نرملداس سکر واري کان ورتي. شاعري ۾ استاد مرتضائي ۽ شاڪر هئس. کيس سياست سان پڻ

دلچسپي هئي. پاڻ ضلعي نئين جي خلافت ڪميٽي جو سيڪريٽري ٿي رهيو. 1920ع ۾ پيرغلام مجدد جي صدارت هيٺ خلافت جو جيڪو جلسو ڪوٺايو ويو هو، ان جي ڪاميابي لاءِ هن گھڻو ڪم ڪيو هو.

زمان شاهه ڪافي جو تمام سٺو شاعر ٿي گذريو آهي سندس ڪافيون اڄ به لاڙ علائقي ۾ مشهور آهن. سندس ڪافين جا ٻه ڪتاب ڇپيل آهن. ريڊيو پاڪستان تان پڻ سندس ڪافيون نشر ٿينديون آهن. هي غزل ۽ نظم جو پڻ سٺو شاعر هو. غزل ۾ تخلص "ساقي" ڪم آڻيندو هو، پر ڪافيون زمان شاهه جي نالي سان ئي چوندو هو.

زمان شاهه جو ڪلام الوحيد، توحيد ۽ الحق (سکر) ۾ به شايع ٿيندو هو. سندس ڏڌيل پڪڙيل ڪلام مشهور شاعر پيرل پياسي گڏ ڪيو. شاهه صاحب هڪ مخمس ڪريما نالي پڻ لکيو هو، جنهن جو ڪجهه حصو "الحق" ۾ شايع ٿيو هو.

هن اقبال جي "فريادامت" جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو جيڪو سندس وفات کان پوءِ الوحيد ۾ 16 جون 1929ع تي شايع ٿيو هو. سندس لاڳاپو بزم مشاعره لاڙڪاڻي سان به رهيو.

زمان شاهه "ساقي" ايام جواني ۾ 16 مئي 1928ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ستم جو مونتي منا تو ڪيو ٿيو سو ٿيو:

ڪريان مان ڪهڙي گلا ڇا ٿيو ٿيو سو ٿيو
اٿم هي خوف مبادا ٿئي نه بدنامي
هي خون منهنجو تون دامن تان ڌو ٿيو سو ٿيو.

زوار نقوي

سيد زوار نقوي ولد سيد ويڏل شاهه 15 جنوري 1962ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو پاڻ مشهور صحافي، شاعر ۽ اديب آهي.

سيد زوار نقوي مشترڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. پاڻ ليڪچرار آهي. ان کان علاوه مشهور ادبي ماهوار رسالي "نئين زندگي" جو 1990ع ۾ ايڊيٽر، هفتيوار اخبار "پنجتني" جو ايڊيٽر ۽ روزانه "سنڌو" جو نيوز ايڊيٽر ٿي رهيو آهي. پاڻ بهترين ڪالم نگار، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر پڻ آهي. هلال پاڪستان، بختور، عبرت، آفتاب، ڪاوش ۽ سرواڻ لاءِ ڪالم لکندو رهيو آهي. سندس هڪ ڪهاڻين جو مجموعو "زندگي او زندگي" هڪ ناوليٽ "رات رني ڪوٽ ۾" ۽ ٻه شاعري جا مجموعا "چراغ شام" ۽ "پل

پل" ڇهيل آهن. ان کان علاوه سندس ترتيب ڏنل ٻه ڪتاب "ڪهاڻيون" ۽ "مزاحيه ڪهاڻيون" جي نالي سان ڪاوش گروپ آف پبليڪيشنس طرفان سال 2000ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن، جن ۾ هن ناليواري ڪهاڻيڪار جون نڪور ڪهاڻيون سهيڙي ڇپرايون آهن، جڏهن ته سندس لکيل ڪالمن تي مشتمل هڪ ڪتاب "ڳالهه هڪ دور جي" هن وقت ڇپائي هيٺ آهي ۽ ٻه ڪتاب سمنڊ ڳالهائي ٿو (ناول) ۽ خوابن ۾ ويڙهيل يادگيريون (ڊائري) ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن. نموني طور سندس هڪ نثري نظم هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي مستيءَ جا وار،
منهنجي هٿن جي آڱرين ۾،
ائين وکر يا پيا هن، جيئن
زندگي جي ڪينواس تي،
رابيل جا گل ٽڙي پون!

زيب سنڌي

زيب سنڌي جو اصل نالو محمد خان ولد عبدالستار شيخ آهي. سندس ولادت 7 سيپٽمبر 1957ع تي خيرپور ميرس ۾ ٿي. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ ريڊيو ڪمپيئر آهي.

زيب سنڌي 1981ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم اي (سنڌي) پاس ڪري پهريان 1988ع ۾ ريڊيو پروڊيوسر مقرر ٿيو. ليڪن سگهوئي اها نوڪري ڇڏي 1989ع ۾ ليڪچرار ٿيو ۽ هن وقت سچل آرٽس ڪاليج حيدرآباد ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان بطور ڪمپيئر پڻ لاڳاپيل آهن.

زيب سنڌي بهترين ڪهاڻيڪار سان گڏوگڏ ڪامياب ڊراما نويس آهي. هن ٽيليويزن لاءِ سنڌي ۽ اردو ۾ ڏهه کن انفرادي ڊراما لکي چڱي مڃتا ماڻي آهي. سندس لکيل ڊراما سيريل "سمنڊ جون سرحدون" 89-1988ع، "گهر پاڻي" 1995ع ۽ "جانشين" (اردو) 2000ع کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو.

زيب سنڌي هيٺين ٻارهن ڪتابن جو مصنف آهي: گهٽيل خواهشون ۽ زندگي درد جي ٻانهن ۾، موهن جي دڙي جو خزانو، پٿر دل، ڌرتي ماءُ، انسان زنده رهنداسين، فلسطيني ڪهاڻيون، ڪنوار جي سيج، خليل جبران جي جيون ڪٿا، جنم، منهنجي شهر جي قلوپطره ۽ ڏند ۾ ڳم ٿيل منظر.

زيب سنڌي کي پراڻ ايوارڊ (بهترين ريڊيو ڪمپيئر) ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪارڪردگي ايوارڊ مليل آهن.

"زيب" عاقلي

عبدالحق "زيب" ولد مولوي محمد عاقل عاقلي سومرو پهرين آڪٽوبر 1920ع تي ڳوٺ عاقل ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو شاعر ۽ ريڊيو پروڊيوسر ٿي گذريو آهي.

زيب عاقلي سنڌي فائينل پاس ڪري لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ فارسي پڙهيو ۽ ڪجهه انگريزي جي به ڄاڻ حاصل ڪيائين.

پهرين صحافت اختيار ڪيائين ۽ پوءِ 30 جون 1962ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ بحيثيت اسٽاف آرٽسٽ ٿي داخل ٿيو ۽ ترقي ڪندو 1973ع ۾ پروڊيوسر ۽ 10 جون 1974ع تي سينئر پروڊيوسر ٿيو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سندس ڪيل خدمتون هميشه يادگار رهنديون. ڊراما لکيائين، گيت پريون ڪهاڻيون ۽ فيچر بي شمار تعداد ۾ لکيائين. ڪيتريون تقريرون موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان لکيائين، جيڪي سامعين ۾ تمام گهڻو پسند ڪيون ويون. پاڪستان، هندستان جي 1965ع واري جنگ دوران ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪيترائي پروپيگنڊا فيچر نشر ٿيندا رهيا، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول فيچر هو. "ناٽڪ منڊلي" جيڪو زيب عاقلي هر روز لکندو هو. ڪيس علم ادب جي ڏات پنهنجي خاندان کان ورثي ۾ مليل هئي. سندس والد بزرگوار ۽ وڏو ڀاءُ "عبد" عاقلي پڻ پنهنجي وقت جا وڏا شاعر هئا.

زيب عاقلي به پنهنجي دور ۾ شاعري ۾ اهڙو ڏاڪو چاڙهيو جو هن جي پنهنجي مخصوص اسلوب جو ٻيو ڪو به جوڙ جيس شايد ئي ڪو هجي، هن هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي، پر قطعو لکڻ ۾ وڌيڪ مشهور ٿيو مشهور شاعر محترم پرواني پٽي، زيب عاقلي کي قطعن لکڻ جو استاد ڪوٺيو آهي ۽ چوي ٿو ته گذريل اڌ صديءَ اندر زيب صاحب جهڙو پر اثر قطعو اڄ تائين ڪنهن به ڪونه لکيو آهي.

زيب عاقلي هڪ سٺو مقرر به هو، تقرير ڪندو هو ته پنهنجي جوشيلي، جذباتي انداز ۽ اثرائتي آواز ۾ لفظن جي انتهائي مناسب ادائگي سان سامعين کي ڪجهه دير لاءِ پنهنجو هم زبان ۽ هم خيال بنائي ڇڏيندو هو.

اهو ئي سبب آهي جو هڪ ڀيري سکر ۾ پاڪستان جي اڳوڻي صدر ايوب خان کي جڏهن زيب عاقلي جي ڳالهائڻ کان پوءِ اسٽيج تي اچڻ لاءِ چيو ويو ته ڪيس چوڻو پيو ته "دوستو مونکي وڏي مشڪل ۾ وجهي ڇڏيو اٿو جو، زيب عاقلي جهڙي بي مثال ۽ شعله بيان مقرر جي مٿان مونکي ڳالهرايو ٿا."

زيب عاقلي جو ڪلام ريڊيو تان عام جام هلندو رهي ٿو، ليڪن افسوس جو سندس ڪلام جو مجموعو اڃا تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي. پاڻ 12-مئي 1991ع تي راهہ رباني وٺي ويو. سندس هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو:

غريبن جي گهر ۾ جيڪو چانو لکي ڇڏ،
انهيءَ جو جيسا پو اڃايو لکي ڇڏ،
اسان جون ڇا ذاتيون اسان جا ڇا شجرا،
لڪين ٿو تہ نالو وتايو لکي ڇڏ.

ساجن چانگ

ساجن ولد محمد ابراهيم چانگ سن 1946ع ۾ ڳوٺ منو خان چانگ ضلعي بدين ۾ ڄائو. پاڻ نڙ بيت جو بي تاج بادشاهه فنڪار آهي.

ساجن چانگ هڪ غريب هو هاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. غربت سبب هو صرف ٻه چار درجا سنڌيءَ جا ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪري سگهيو. بعد ۾ ٻني ٻاري جي ڪم ۾ پنهنجي والد جو هٿ ونڊائڻ لڳو.

ساجن چانگ کي شروع کان ئي لوڪ ادب سان چاهه رهيو ۽ مختلف ڪچهرين ۾ شرڪت ڪري بيت، ڏور ۽ ڳجهارتون وغيره ٻڌندو هو. اهڙي طرح کيس نڙ بيت ڳائڻ جو شوق جاڳيو، ان سلسلي ۾ هن مشهور سگهڙ خليفي محمد اسحاق هاليپوٽي کان سکيا ورتي ۽ ڏهه سال سندس شاگرديءَ ۾ گذاريا، جنهن کان پوءِ مسلسل محنت ۽ رياضت سبب سندس فن کي چار چنڊ لڳي ويا. هو 1965ع کان وٺي اڄ تائين مسلسل سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي، ڪچهرين ۽ ٻيٺڪن ۾ نڙ جي مٺڙي فوڪ تي پنهنجي مڌر آواز ۾ بيتن جي لات لنوندو رهيو آهي. هن فن ۾ کيس ملڪو حاصل آهي. سندس بيت چوڻ جو انداز ٻه نرالو آهي. وٽس وکر ٻه ججهو آهي. کيس حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح ۽ ٻين ننڍين وڏن شاعرن جا چار هزار کان وڌيڪ بيت ۽ شعر مڪمل ياد آهن. سندس ڪيتريون ئي ڪيسٽون رليز ٿي چڪيون آهن. ريڊيو ۽ ٽي وي تي پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو آهي. ريڊيو ۽ ٽي وي تي کيس ڊاڪٽر بلوچ متعارف ڪرايو. پاڻ سنڌ کان سواءِ اسلام آباد پنجاب ۽ بلوچستان ۾ سرڪاري ۽ نجي محفلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. سرڪاري طور تي هن سدا ملوڪ سگهڙ جي ڪا ٻه همت افزائي نه ٿي سگهي آهي. پاڻ هاريو ڪندو آهي ۽ غربت سبب پنهنجا پٽ ٻه پڙهائي نه سگهيو ۽ کين ڏنار بنائي ڇڏيائين.

ساران صديقي

ڊاڪٽر ساران صديقي 20 سيپٽمر 1906ع تي شڪارپور ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌ جي پهرين مسلمان سنڌي ليڊيز ڊاڪٽر هئي.

سنڌ جي هن عظيم نياڻي ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ ورتي. مئٽرڪ ڪندن مل هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪئي، جتي پنج سو هندو شاگردن ۾ هيءَ واحد مسلمان ڇوڪري هئي. 1934ع ۾ دهلي مان ميڊيڪل پاس ڪيائين، ميڊيڪل ڪرڻ کان پوءِ هن "وومين ميڊيڪل سروس" جوائن ڪئي، جن جون ليڊي ڊفرن اسپتالون سڄي برصغير ۾ هيون، محترمه ساران صديقي هائوس آفيسر جي حيثيت ۾ سنڌ کان علاوه سي پي، دهلي ۽ ڪلڪتي وغيره جي اسپتالن ۾ ڪم ڪيو. هو ليڊي ڊفرن هاسپيٽل ڪراچي جي پهرين آر- ايم- او

هئي. ان کان پوءِ سول اسپتال ۾ ڪلاس ٽو آفيسر مقرر ٿي. ان وقت سول سرجن انگريز هو. سن 1946ع ۾ ڊاؤ ميڊيڪل ڪاليج کليو ته، هيءَ اتي اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿي ۽ ٻنبئيءَ مان ڊي جي او پڻ ڪيائين. 6 ڊسمبر 1946ع ۾ گورنمينٽ طرفان ڪيس ولايت موڪليو ويو ۽ سن 1949ع ۾ واپس آئي.

ڊاڪٽر ساران صديقي هر سال ايڪسٽرنل بنجي امتحان وٺڻ لاءِ حيدرآباد. لاهور ۽ ڍاڪا جي ڪاليجن ۾ پڻ ويندي رهي. ملتان، پشاور، حيدرآباد ڪاليجن ڪي تسليم ڪرڻ واري ڪونسلز جي ميمبر هئي. هن ملڪ ۾ ٿيندڙ ڪانفرنسن کان علاوه غير ملڪي ڪانفرنسن ۾ پڻ شرڪت ڪئي، جن ۾ ٽورنيو، ايڊنبرا، اسڪاٽليند، ويانا، ناروي، سوئيڊن، اسٽاڪ هوم ۽ ٽوڪيو ۾ ٿيندڙ ڪانفرنسون شامل آهن. 1957ع ۾ رٽائر ڪيائين.

ڊاڪٽر ساران صديقي پهرين سنڌي نياڻي هئي، جيڪا ڊاڪٽري پيشي ۾ ذڪر ڪيل عهدن تي رهي ۽ ايڏي شهرت حاصل ڪئي. هن سڄي زندگي سخت محنت ڪئي. امير توڙي غريب مريضن سان هڪ جهڙو رويو رکندي هئي. روزي نماز جي پابند پرهيزگار عورت هئي.

ڊاڪٽر ساران صديقي 10 نومبر 1982ع تي وفات ڪري وئي.

سانوڻ فقير خاصخيلي

سانوڻ فقير خاصخيلي سن 1875ع ڌاري ڳوٺ شهداد خاصخيلي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ٽڙ بيت جو سدا ملوڪ شاعر ٿي گذريو آهي.

سانوڻ فقير پنهنجي ڳوٺ ۾ حافظ ڪبير وٽ قرآن پاڪ پڙهيو. جڏهن ٿورو وڏو ٿيو ته ٻڪريون چارڻ لڳو هن جي عادت هئي ته هو ڏينهن جو مال چاريندو هو ۽ رات جو ٽڙ بيت جي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندو هو. ان وقت ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ ٽڙ بيت جون ڪچهريون عام جام ٿينديون هيون. پاڻ پهريان ٻين شاعرن جا بيت ٽڙ تي ڳائيندو هو. پوءِ هن پنهنجا بيت ٺاهڻ شروع ڪيا. بيت سازي ۾ سندس استاد ڪبير شاهه هو. پاڻ پهريون شاعر هو، جنهن ٽڙ بيت ڪچهرين ۾ پاڻ پنهنجا بيت ڏنا، ڪانئس پوءِ اهو رواج شروع ٿيو.

سانوڻ فقير بيتن جو بادشاهه شاعر هو، سندس لاءِ مشهور آهي ته ڪنهن به ڪچهري ۾ هو، پهرين تيار ٿي ڪونه اچي بيت ڏيندو هو، پر انهيءَ مهل ڪن تي هٿ رکي بيت جي هڪ سٽ چوندو هو ته، ٻيءَ به ڳنڍجي ويندي هئي. اهڙي ريت سٽ پٺيان سٽ جڙي ويندي هئي ۽ سڄو بيت ڏهن ٻارهن سٽن جو ٺهي پوندو هو. هڪ دفعو اڳ چيل بيت هو وري نه چوندو هو، پر جيڪڏهن چوندو هو ته سٽون وڏائي اڱوٺي کان ٻيٽيون ٽيٽيون ڪري وجهي پار ڪندو هو. ٻنا سدائين اگهاڙا هوندا هئس. هميشه پاٽيءَ جو ڪرو پرائي پير ۾ رکندو هو ۽ ٻن يا ٽن بيتن ڏيڻ کان پوءِ اهو ڪرو سڄو پي ٺلهو ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي طرح ڪچهري ختم ٿيڻ تائين الاتجي ڪيترا ڪرا پاٽيءَ جا پي ٺلها ڪري ڇڏيندو هو،

سخت سياري ۾ به بيت ڏيڻ مهل پنا اگهاڙا هوندا هئس ۽ سارو بدن پگهر مان شل هوندو هئس، بيت نهايت درد مان ڏيندو هو، بيت ڏيڻ جو ڍنگ به تمام سٺو هئس. بيت ڏيڻ وقت ڪاٻو هٿ ڪن جي پاپڙي ۾ وجهندو هو ۽ سڄي ٻانهن کي واسينگ وارا ور ويڙهو ڏيندو هو. اشارن سان پوري تصوير آڏو اکيان بيهاريندو هو، بيت جي ورائي تي پنهي ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڦٽڪندو ڦٽڪندو، نڙ واري جي مٿان ڇانو ڪري وڃي بيت لاهيندو هو.

سانوڻ فقير جا بيت پنهنجي خاص بيان اسلوب، سادگي ۽ رواني ڪري سنڌ جي واهڻ ۽ وستي ۾ مقبول ٿيا ۽ سنڌس شاعري کي عوامي رنگ مليو. 1915ع کان 1955ع تائين نڙ بيت جي ڪچهرين ۾ هن جي بيتن جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي. هن وقت به وچولي ۽ لاڙ ۾ بيت ڏيندڙن مان ڪو مشڪل اهڙو بيتا ئي هوندو، جنهن کي سانوڻ جو ڪو بيت ياد نه هجي.

سانوڻ فقير جي شاعري ۾ ماحول جي عڪاسي ۽ ترجماني سان گڏ سوز ۽ گداز به هو. هن سسئي، مومل راڻو، مارئي، ليلان چنيسر، سهڻي ميهار، ليليٰ مجنون، پورب، موروڙو ساموندي، رامڪلي، سارنگ، ڪارايل سان گڏ معجزا ۽ واقعاتي بيت چيا.

سانوڻ فقير پنهنجي نڙ جي بيتن سبب ڳوٺائي ماحول ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو. هو بيت ڏيندو هو ته ماڻهن جا ميڙ لڳي ويندا هئا. جيئن ته سڄي سنڌ جو سير ڪيائين ۽ ميڙا پيٽيائين، تنهنڪري سندس بيت به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتا ۽ هن وقت به عام ڪچهرين ۾ چيا وڃن ٿا ۽ ڪچهرين ۾ بيت ڏيندڙ سچو بيت ڏيئي جڏهن نالي واري سٽ ۾ چوندو آهي ته "سورن ۾ سانوڻ چوي" يا وري "هن ساهه جي سانوڻ چوي پوري ناهي پڪ" ته ٻڌندڙن جي زبان مان "هئه ڙي سانوڻ هئه" جا لفظ بي اختيار نڪري ويندا آهن ۽ اهائي سانوڻ جي مقبوليت جي گواهي آهي ته، هو سنڌي عوام جو ڪيڏو نه پيارو ڪردار هو.

سانوڻ فقير سن 1935ع ۾ وفات ڪئي، نموني طور سندس هڪ بيت جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

موڪل ڏي ته مليـر وڃان ڍري ڏسان ڍاٽ
ملڪ مـارو مـيـر جو لڪپت ۽ لاڪـاٽ
ملڪ مـارو مـيـر جو سـتـيـارو سـيڪـاٽ
سانگي منهنجا سنمک سهٽا ٿهيو ڪن ٿا ناٽ
جوبون جيسلميـر جون آهن ڪل ڪنوات
نبيـر جون نام ڪنيـون ننگ پـريو ڪن ناٽ
چولاٽن چوڙيلين جا آهن ٽونر ٽڪن سـان ٽاٽ.

سجاد علي شاهه

پاڪستان جي چيف جسٽس جي عهدي تي پهچندڙ پهريون سنڌي سيد سجاد علي شاهه صاحب هڪ قانوندان جي گهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪئي. ڪيس ڊاڪٽر ٿيڻ جو شوق هو، پر پوءِ قائد اعظم محمد علي جناح کان متاثر ٿي، پنهنجو فيصلو مٽائي قانون جي تعليم وٺڻ لڳو. ايل ايل بي ڪرڻ کان پوءِ ولايت ويو، جتان لنڪن ان مان بئريسٽري جي ڊگري وٺي واپس آيو. 1967ع ۾ ايڊيشنل سيشن جج مقرر ٿيو. اهو ون يونٽ وارو دور هو ان ڪري پاڻ پنجاب جي مختلف ضلعن کان علاوه سنڌ جي نواب شاهه، دادو، حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾ سيشن جج ٿي رهيو. جنرل ضياء جي زماني ۾ هو سنڌ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو. آخر ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو، پاڪستان جي اعليٰ عدالتي اداري سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ٿيو. هن عهدي تي پاڻ تقريباً ٽي سال رهيو.

شروع کان وٺي ٿي اصول پرستي ۽ منصفي شاهه صاحب جي زندگيءَ جا بنيادي جزا رهيا آهن. 1993ع ۾ نواز شريف جي حڪومت واري بحالي واري فيصلي ۾ هن اختلاف ڪندي، اهڙي فيصلي کي تڪراري بنائي ڇڏيو هو.

1997ع ۾ نواز شريف سرڪار پاران شروع ڪيل عدالتي حڪمن ۽ اصولن جي انحرافي تي هڪ بي باڪ ۽ بي خوف جج جي حيثيت سان هن انتظاميه کي للڪاريو، جنهن سان پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اعليٰ عدالتي اداري ۽ انتظاميه جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿيو نتيجي طور هڪ حڪم هيٺ کيس 2 ڊسمبر 1997ع تي عهدي تان هٽايو ويو.

شاهه صاحب هن وقت پنهنجي ڪراچي واري رهائشگاهه تي پنهنجي عدالتي زندگيءَ تي هڪ مفصل ڪتاب لکڻ ۾ مصروف آهي.

سحر امداد

سحرنگار ڏيءُ صلاح الدين احمد بلوچ 20 جولاءِ 1951ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. پاڻ مشهور شاعره ۽ نثر نويس آهي. نامياري شاعر امداد حسيني سان شادي ڪرڻ کان پوءِ ”سحر امداد“ جي نالي سان مشهور ٿي.

سحر امداد لائبريري سائنس ۾ ڊپلوما ڪرڻ کان پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄامشورو ۾ لائبريرين مقرر ٿي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم- اي (سنڌي) ڪرڻ کان پوءِ ليڪچرار بڻي. پاڻ هن وقت سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر آهي.

سحر امداد 1967ع کان لکڻ شروع ڪيو، پهريان نثر ۾ لکيائين ۽ 1969ع کان شاعري به شروع ڪيائين. هن ڪيترائي شعر، ڪهاڻيون، مضمون،

مقالا، ڪالم ۽ ريڊيو لاءِ گيتن پريون ڪهاڻيون، لکيون آهن. سندس لکڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن. هن امداد حسيني سان گڏ ساٿي ايڊيٽر جي حيثيت سان هڪ ڪتاب "سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ" ترتيب ڏنو، جيڪو سنڌ جي ديني ادب جي نمائش جي موقعي تي سنڌالاجي طرفان 7 جنوري 1971ع تي ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان علاوه پاڻ سوجهرو ۽ بختاور رسالا پڻ ايڊٽ ڪري چڪي آهي.

سنڌي عورتن ۾ سحر امداد کي شاعري جي حوالي سان منفرد مقام حاصل آهي. سندس شاعري ۾ جذبي جو اظهار ۽ معنيٰ خيز سٽون اوليت رکن ٿيون. هن نظم، آزاد نظم، هائيڪا ۽ گيتن کي نواڻ ڏني آهي. هن جي ٻولي به پنهنجو منفرد انداز رکي ٿي، خاص ڪري سندس شاعري ۾ هندي لفظن جو استعمال ملي ٿو. نثر جي حوالي سان سندس "سوجهري" ۾ لکيل "ماءُ جا ڏيءُ ڏي خط" ادب ۾ عمدي جاءِ والارن ٿا. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

مـــارو مـــوتيءَ مل جهـــڙو جائن ڦل،
آهي گـهٽ بوسٽ هيـر وانگيـان گـهل،
ســيني هٽ پٽـــر تون ٿي هڻ ڪو گل،
ســو ڪهـڙي جي مند ڇولين وانگر ڇل.

سحر سنڌو

سحر سنڌو خاصخيلي 5 اپريل 1977ع تي ٽنڊي غلام علي لڳ هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. پڻ خوبصورت شعرن جي تخليقڪاره آهي.

سحر سنڌو بي اي پاس آهي. پهرين مئي 1995ع کان بطور ٽيچر پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهي آهي. پهريان ٽن سالن تائين هڪ ڳوٺ ۾ هاڻي ٽنڊو غلام علي ۾ پڙهائي رهي آهي.

سحر سنڌو جو شروع کان ئي لکڻ پڙهڻ سان چاهه رهيو. ادبي ڪتابن جي مطالعي هن جي اندر واري انسان کي بيدار ڪيو. هن قلم کنيو ۽ پنهنجي احساسن کي شاعري جي روپ ۾ قلمبند ڪرڻ شروع ڪيو. هن 1994ع کان لکڻ شروع ڪيو، پر اهو محفوظ ڪري نه سگهي ۽ 1998ع کان باقاعدي لکڻ ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ شروع ڪيو اڄ تائين ڪيترائي گيت، غزل، وايون، نظم ۽ نثري نظم وغيره لکي چڪي آهي، جن مان ڪجهه مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻجي چڪا آهن. پاڻ ادبي ڪينٽر ۾ نهايت تيزيءَ سان وکون کڻي رهي آهي.

سحر سنڌو جي شعرن ۾ امن ۽ پيار جو پيغام به آهي ته، ڏک سک جون سڀ پچارون ۽ پيڙائون به سمايل آهن انهن ۾ مارئي واري سڪ، نوريءَ

واري نوڙت ۽ سيئي واري جاکوڙ سمايل آهي. سندس شاعريءَ ۾ مطالعو، مشاهدو ۽ فڪر جي گهرائي چٽي پٽي محسوس ٿيندي آهي. سندس ڪلام ۾ رواني ۽ رنگيني موجود آهي، ٻولي سليس ۽ سهڻي استعمال ڪري ٿي.

پيار ڪي هڪ عظيم جذبي جو نالو ڏيندڙ سحر سنتو ليکڪي ۾ امر جليل کي، گلن ۾ گلاب کي ۽ ڪتابن ۾ قرآن مجيد کي پسند ڪري ٿي. پاڻ فرائي ٿيل مڇي شوق سان کائيندي آهي. ڪيس پنهي جهانن جي سردار نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان پوءِ مهتاب اڪبر راشدي جي شخصيت پسند آهي. پاڻ زندگيءَ لاءِ چوي ٿي ته، زندگي هڪ اهڙو گل آهي، جيڪو جيترو ٽڙندو ايتري خوشبوءِ پکيڙيندو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

جي فرش تي نه ته پوءِ گهر عرش تي ئي اڏيندا سين
مگر چاهت پنهنجي کي ضرور ڪو مقام ڏيندا سين
ڏاڍن نازن سان آ پاليل هيءَ دلڙي
تنهن کي ميسر خوشين جو سامان ڪندا سين
اڄي ڪين ڪڏهن ملن جي مسئلن ۾
ڪمزور پنهنجو اسين ايمان ڪندا سين

سراج ميمڻ

سراج الحق ولد محمد يعقوب ميمڻ 24 آڪٽوبر 1933ع تي ٽنڊوڄام ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، صحافي ۽ ماهرِ لسانيات آهي.

سراج ميمڻ ايم اي، ايل ايل بي پاس آهي. هن 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪري شروع ڪئي، 1955ع ۾ ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. 1957ع ۾ انڪم ٽيڪس کاتي ۾ آفيسر ٿيو. جنهن کان پوءِ پاڻ ڪافي وقت روزانه هلال پاڪستان جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

سراج ميمڻ ويهين صديءَ جي سنڌ جي ذهين ترين ماڻهن مان هڪ آهي. هن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ کي جيڪا سونهن ڏني آهي، اها ساراهه جوڳي آهي، جڏهن به ڪو ويهين صديءَ جي سنڌي ادب، ٻولي ۽ صحافت جي تاريخ تي قلم کڻندو ته، سراج جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ اها تاريخ اڻ مڪمل هوندي.

سراج صاحب سنڌي ادب توڙي سنڌ کي نوان خيال، نوان لهجا، نوان لاڙا ۽ نوان فڪري ۽ فني بنياد فراهم ڪيا آهن. سندس لکيل ناول ٻولي، اسلوب، رواني ۽ عڪاسي جي لحاظ کان بي مثال آهن. ناول پڙهندي پڙهندڙ تي عجيب ڪيفيت طاري ٿيو وڃي ۽ پڙهندڙ پنهنجي پاڻ کي پوري طرح ناول جي حوالي

ڪري ٿـو ڇڏي. سـراج صـاحب ادب براءِ ادب جو قـائل نہ آهي، هو هڪ واضح مقصد جي تحت لکي ٿو. اهو مقصد آهي "سنڌ" هو سنڌ لاءِ ئي سڀ ڪجهہ لکي ٿـو. سنڌين جي بهـادري، شجاعت ۽ ڏاهپ کـان عـلاوه انهن جا مسـئلا نفسياتي پهلوئن سميت زير بحث آڻي ٿو. هو سنڌ سان ٿيندڙ هر زيادتي تي لکڻ چاهي ٿو هو زيادتي ڪندڙ کي ننڌي ٿو. پوءِ اهي ڌاريان حڪمران هجن يا پنهنجا وڏيرا، سنڌي مجاهدن جي قرباني جا داستان ڏاڍي پر اثرانداز سان بيان ڪري ٿو. ان سلسلي ۾ سندس ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" سنڌي ادب ۾ شاهڪار ناول جي حيثيت رکي ٿو. جنهن ۾ ترخانن جي زماني جي تاريخ کي پس منظر ۾ رکي، سنڌي جو ڌن جي بهادري جا ڪارناما بيان ڪيا اٿس.

ان کان سواءِ سراج صاحب لسانيات جو بہ وڏو ماهر آهي. سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هن جا ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم رسالن، مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن. ٻوليءَ بابت لکيل سندس ڪتاب "سنڌي ٻولي" جي تہ هنڌين ماڳين هاڪ آهي، جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ اهو نظريو پيش ڪيو آهي تہ "سنڌي آريائي ۽ ويدن جي دور کـان اڳ جي زبان آهي" هن ڪجهہ شاعري بہ ڪئي آهي.

نهايت سنجيده ۽ پروقار شخصيت جو مالڪ، اعليٰ انساني قدرن ۽ قوم پرست آدرشن ۾ پختو ويساهہ رکندڙ سراج، اڄڪلهہ سنڌ سرونٽس سوسائٽيءَ جي پليٽ فارم تان سنڌ متعلق عملي طور تي سنجيده ڪم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. سندس ڇپيل مکيہ ڪتاب هن ريت آهن. ڏکڻ مان ٿو سج اڀري (ترجمو، ناول، 1953ع)، سنڌ جي اقتصادي تاريخ (ترجمو 1958ع)، چوندي آمريڪي افسانا (غلام رباني سان گڏ 1958ع)، اي درد هلي آءُ (ڪهاڻيون 1962ع)، سنڌي ٻولي (لسانيات 1964ع)، علم معاشيات (1964ع)، پڙاڏو سوئي سڏ (ناول 1970ع)، ائون ماڻهو (ڪهاڻيون 1985ع)، مرڻ مون سين آءُ (-ناول)، منهنجي دنيا هيڪل ويا ڪل (ناول)، تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول (ناول)، منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا (ناول)، ۽ پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول).

سردار علي شاهہ "ذاڪر"

سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر" ولد سيد جعفر شاهہ بخاري ڀهرين جنوري 1928ع تي ڳوٺ ڀيرڙي ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بلند پايہ اديب، شاعر ۽ صحافي هو.

سيد سردار علي شاهہ پرائمري تعليم ڳوٺ ماٿيلي ۽ ڳوٺ ڏنو ماڪو جي اسڪولن ۾ حاصل ڪئي. ثانوي تعليم مڊل اسڪول ميرپور ماٿيلو ۾ حاصل ڪئي ميٽرڪ جو امتحان 1946ع ۾ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهہ مان پاس ڪيائين ۽ بي اي (آنرس) سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان ڪيائين.

شاهہ صاحب مختلف سرڪاري محڪمن ۾ ملازم ٿي رهيو، ان کان پوءِ اڇي صحافت سان وابستہ ٿيو. 1949ع کان 1952ع تائين روزانہ "الوحيد" ڪراچي جو سب ايڊيٽر ٿي رهيو. 1953ع ۾ روزانہ "ڪاروان" حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿيو. 1957ع کان آخري دم تائين روزانہ "مهراڻ" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. پاڻ جڏهن الوحيد جو سب ايڊيٽر هو تہ، ان زماني ۾ ماهوار ادبي رسالو "عام راءِ" بہ ٻہ سال ايڊٽ ڪيائين. شاهہ صاحب خاڪسار تحريڪ ۾ بہ جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪيو.

سيد سردار علي شاهہ کي سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب سان بي پناهہ محبت هئي. هن سنڌ جي حقن ۽ سنڌي زبان جي مڃتا لاءِ اهڙو زوردار ۽ بي باڪانہ انداز ۾ لکيو، جنهن جو مثال سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ نٿو ملي. حق گوئي سبب ڪيس جيل بہ ڀوڳڻو پيو ۽ ٻيون تڪليفون بہ ڏسڻيون پيون، پر هن هر ڳالهہ سان مڙس ٿي منهن ڏنو. سندس ايڊيٽوريل سنڌ جي حقن جا ترجمان هوندا هئا.

جنرل ايوب خان جي زماني ۾ سنڌي زبان جي حيثيت کي ڇيهو رسائڻ لاءِ جيڪا سازش سٽي ويئي. شاهہ صاحب "مهراڻ" اخبار ۾ ان خلاف ڪيترائي سلسليوار ايڊيٽوريل لکي آواز بلند ڪيو. مهاجر حضرات اسلام ۽ اردو کي لازم ۽ ملزوم قرار ڏنو تہ، هن ان تي بہ خوب لکيو. ان کان علاوه هن اخبارن ذريعي تنقيدي ادب کي فروغ ڏنو. اخبارن جا خاص نمبر ڪڍرايائين، جن ۾ ڪيترائي تحقيقي مقالا ۽ مضمون شامل ٿيا. ڪيس شاعريءَ سان پڻ دلچسپي هئي. "ذاڪر"، تخلص ڪندو هو. هن نعتيہ شعر ڏاڍو درد ۽ سوز، محبت والهانہ ڪيفيت ۽ بي خودي جي حالت ۾ چيو آهي. غزل، نظم ۽ ڪافيون بہ ڏاڍيون پر اثر لکيون اٿس. نثر ۾ شاهہ صاحب جا ٻہ ڪتاب ڇپيل آهن. جن مان هڪ ترجمو ڪيل ڪتاب "فلسفہ اسلام" 1953ع ۾ ۽ ٻيو ڪتاب "سنڌي زبان جي حيثيت ۽ ان جو مستقبل" 1972ع ۾ ڇپيو. ان کان علاوه هن ڪتابن تي تبصرا بہ ڪيا ۽ تنقيدي مضمون بہ لکيا.

سيد سردار علي شاهہ "ذاڪر" 11 مئي 1981ع تي وفات ڪري ويو. نموني طور سندس شاعريءَ جون ٻہ سٽون [redacted].

هن پار ڏجها ڏک ڏوري هن پار محبت جون موجون
ميهر سان جي ملڻو آهہ تہ پو موٽو تہ مٿي مهراڻ هلون

سرڪش سنڌي

عبدالمجيد ولد مولوي عبدالله چانڊيو ٻهرين آڪٽوبر 1940ع تي ڳوٺ پلي پوٽا لڳ رام جي سيتا ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو برک ترقي پسند قومي شاعر آهي. "سرڪش سنڌي" سندس ادبي نالو آهي.

سرڪش سنڌي فارسي، عربي ۽ ديني تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي، جيڪو چوڙي جو عالم دين ٿي گذريو آهي ۽ اڄ جي ڪيترن ئي سنڌي عالمن جو استاد هو. ان کان پوءِ 1954ع کان 1971ع تائين واري عرصي ۾ هن فائينل، مئٽرڪ، بي اي، بي ايڊ جا امتحان پاس ڪيا. پاڻ 1961ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو، 13 سال پرائمري استاد ۽ 13 سال سيڪنڊري استاد هاءِ اسڪول رتوديرو ۽ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ رهي 1987ع ۾ رٽائر ڪيائين ۽ اڄڪلهه لاڙڪاڻي شهر ۾ سڪونت پذير آهي.

سرڪش سنڌي اڄ جو بلڪ هن صدي جو سچو شاعر آهي. سندس قلم پنهنجي دور جي تاريخ لکڻ لاءِ تڙپيو آهي. هن استحصالي ٽولن جي منهن تي چڙهيل مڪاري وارو ريشمي رومال لاهي پري اڇليو آهي.

نفرت کان نفرت ڪندڙ هن شاعر محبت ۽ امن جي جذبي سان واسجي، سنڌي قومي شاعري 1954 کان شروع ڪئي. جنهن ڪيس سنڌ توڙي هند جي سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ وڏي عزت ۽ مڃتا ڏياري آهي. هن پهريان "مجبور" پوءِ "پاور سعد واهي" ۽ آخر ۾ "سرڪش" تخلص سان لکيو آهي. سندس شاعري جا چار ڪتاب ڇپيل آهن، جن جا نالا آهن: "درد - دل" "امن آب حيات" "پيار ۽ آزادي" ۽ "سنڌو ڳائي ٿو" تنهن کان سواءِ سندس سهيڙيل چار ڪتاب ٻانهن وراڪا (غزل)، پريم پاشا (غزل)، اڪيون اوطاقون (نظم) ۽ ساٿيهه جي سنگ (گيت) وٽس قلمي صورت ۾ موجود آهن.

سرڪش سنڌي سٺو نثر نويس پڻ آهي. هن ڪجهه ڪهاڻيون، اخباري ڪالم ۽ مختلف شاعرن جي ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن. هن آدرشي شاعر کي پيٽا طور هيل تائين هيٺيان ايوارڊ ملي چڪا آهن.

مهراڻ آرٽس ايوارڊ 1992ع نواب شاهه، رشيد رڪ ايوارڊ 94-1993ع گهوٽڪي ۽ چانڊڪا آرٽ سنڌ ڪلچرل گروپ ايوارڊ 1998ع لاڙڪاڻو.

نموني طور سرڪش سنڌي جي هڪ غزل جون من موهيندڙ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

هڪ جوان هليو هڪ شهر گهمڻ گمنام گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو
وئي ڳوٺ سڄي ۾ ڳالهه هلي انعام گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو
ها جلديءَ ۾ واپس ٿو اچان هڪ بس ٿو وڃان بي بس ٿو اچان
ڳوناٺيءَ سان ويو جيڪو ڪري انجام گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو
ڪو پيار ڪري ٿي ته ڪئين ڪري ڪنهن لاءِ مري ٿي ته ڪيئن مري
جيڪو ٻه اماٺيو ويو ان ڏي پيغام گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو
هو پاڻ نه مڃي نه مڃي ٿو لوڪ ته سارو ائين چوي
هن سنڌ جي پوٺتان "سرڪش" جو اسلام گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو

سرمد سنڌي

سرمد سنڌي جو اصل نالو عبدالرحمان ولد محمد حيات مغل هو. سندس ولادت 7 جولاءِ 1961ع تي ڳوٺ پريالو ضلعي خيرپورميرس ۾ ٿي. پاڻ اهو نوجوان باڪمال راڳي ٿي گذريو آهي، جيڪو چند ئي سالن ۾ سنڌي سماج تي ڇانئجي ويو. هو جڏهن ڳائڻ شروع ڪندو هو ته، ٻڌندڙ سڌ ٻڌ وڃائي سرمد جي جهونگارن ۾ گم ٿي ويندا هئا ۽ گيتن جي تال تي بي اختيار ٿي، ڪيئي نوجوان ٻڍڙا ۽ ٻار جهمر پائڻ لاءِ پتنگ جيان سندس چوڌرد جمع ٿي ويندا هئا.

رحمان مغل مئٽرڪ تائين تعليم پريالوءَ ۾ حاصل ڪئي. تنهن کان پوءِ ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور ۾ داخل ٿيو. جتان 1980ع ۾ سول ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڊپلوما ڪيائين. پاڻ 1984ع ۾ پهريان ايڇ ڊي اي حيدرآباد ۾ ۽ پوءِ ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ سب انجنيئر مقرر ٿيو. آخر تائين انهيءَ عهدي تي رهيو ڪراچي ۾ گلشن اقبال جي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو.

رحمان مغل ڳائڻ جي شروعات 1975ع ڌاري سنگت ۾ ماڇيس وڄائي ڪئي، ائين ئي هو پنهنجي يارن دوستن ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريندو رهيو. ڪيس جيئي سنڌ جي نعري سان محبت هئي. پاڻ جڏهن ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو، ان وقت ۾ ڪاليج ۾ ٿيندڙ قوم پرستن جي محفلن ۾ قومي گيت جهونگاريندو هو. اهڙي طرح سندس سريلي آواز ۾ ماڪيءَ جي مناس جهڙا آلاپ محفلن ۾ گونجڻ لڳا ۽ هاڻي هو سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ مختلف محفلن کي قومي گيتن سان گرمائڻ لڳو. اهو جنرل ضياءَ واري مارشل لا جو دور هو ۽ قومي گيتن کي چاهه سان ٻڌو ويندو هو. رحمان مغل قومي ڪاڇن ۾ ساري ساري رات ويهي قومي ۽ انقلابي گيت ڳائي نوجوانن ۾ نئون ولولو ۽ جوش پيدا ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ ان جوان کي موسيقي جي اُتار چڙهاءُ، لئي ۽ ردم جي ڪا خاص خبر ڪا نه پوندي هئي، پر جڏهن هو ڪو گيت ڳائيندو هو ته، ڊانس نه اچڻ جي باوجود سنڌ جا نوجوان پنڊال ۾ جهومي اٿندا هئا.

قومي گيتن ذريعي نوجوانن ۾ سنڌيت کي فروغ ڏيڻ تي ملٽري انٽيليجنس جا اهلڪار رحمان مغل جو پيڇو ڪرڻ لڳا. ان وقت سندس هڪ دوست نور احمد ميمڻ کيس مشورو ڏنو ته، هو فوجي اهلڪارن کي ڊاج ۾ رکڻ لاءِ "سرمد سنڌي" جي نالي سان ڳائي اهڙي طرح پاڻ عبدالرحمان مغل مان سرمد سنڌي بڻجي ويو.

سرمد سنڌي کي ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر ڪوثر برڙي ۽ پاڪستان ٽيليويزن تي سميع بلوچ آندو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سندس آواز ۾ پهريون پيرو هڪ لولي "مارو لولي الومييان" نشر ٿي ٽيليويزن تي سندس ڳايل پهريون ڪلام هو "تنهنجي ياد جي وري آ وير" ان کان پوءِ سرمد بيشمار عوامي گيت، وايون ۽ صوفين جون ڪافيون اسٽيج، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ڪيسٽن ذريعي

ڳائي، پڙهيل لکيل طبقي کان ويندي هڪ هاري ۽ پورهيت تائين مڃتا ماڻي.

سرمد سنڌي جو تعلق ڪنهن پيشيور گائڪن جي خاندان سان ڪونه هو. موسيقي جي آسمان تي هن پنهنجي نالي جو ستارو پاڻ روشن ڪيو هو، هن راڳ جي سکيا باقاعدي ته ڪنهن کان نه ورتي هئي، ليڪن شروع ۾ نامور سارنگي نواز استاد مجيد خان کان سکيو پڙهايو هو. بعد ۾ ان سڳي جي پرسان هن پيو سڳو بيدل مسرور کان به پڙهايو هو. پر هن ڳايو سدائين پنهنجي انگ ۽ رنگ ۾، هن جي ڳائڻ جو انداز سمورن فنڪارن کان مختلف هو. هن جي هڪ خاص خوبي اها به هئي ته، هو فلمي طرزن تي نه ڳائيندو هو اڪثر ڌنون پاڻ ڪمپوز ڪندو هو. شاعري جي چونڊ ۾ به مهارت رکندو هو. سندس هميشه اها ڪوشش هوندي هئي ته سنڌي موسيقي ۾ اجا به نواڻ آڻجي. هن هميشه ڌرتي تي ٿيندڙ ڏاڍ ظلم جي خلاف پنهنجي انقلابي آواز وسيلي جنگ ڪئي. هن هر موضوع تي ڳايو. هو نه ڪلاسيڪي ۽ نه وري نيم ڪلاسيڪي راڳي هو، پر هن وٽ سندس لاشعور ۽ ذات جي ڏيهه ۾ هڪ اهڙي خوبي هئي، جا هارمونيم تي مشڪل سان ادا ٿي سگهندي آهي.

سرمد سنڌي جيتوڻيڪ پنجابي گهراڻي سان تعلق رکندو هو، پر عملي طرح هن پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي سنڌ جي مٽيءَ سان رچائي ڇڏيو. کيس سنڌ جي ڌرتي، ٻولي ۽ تهذيب سان بي انتها محبت هئي. هن پنهنجي ٻارن کي سنڌي تعليم ڏياري، هو پاڻ کي سنڌي سمجهندو هو ۽ سنڌي سڏائڻ تي فخر محسوس ڪندو هو. هن سنڌين جي دل جي ترجماني ڪئي ۽ سندن احساسن کي ڪجهه اهڙي طرح جهونگاريو جو مارو پنهنجون اڪيلايون وساري ٿي ويٺا. هن پنهنجي مٺڙ ۽ مٺڙي آواز ذريعي قومي ڪارڪنن ۾ اتساهه پيدا ڪيو ۽ روح گرمايا، مايوسيءَ ٿڪل دلين کي آٿت ڏني. موت ۾ سنڌي ماڻهن به سرمد سنڌي کي ڪروڙين قرب ڏنا جيءَ ۾ جايون ڏنيون، سڄي سنڌ ۾ جيڪا عزت سرمد کي ملي، سا ڪنهن ٻئي فنڪار کي حاصل ٿي نه سگهي. سنڌي عوام طرفان کيس "سنڌ جو بيجل" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ناميارو شاعر تاجل بيوس کيس "راڳ جو راڻو" ۽ "سنڌ جو وڪٽر هارا" ڪري سڏيو آهي.

سرمد سنڌي 27 ڊسمبر 1996ع تي بدين مان هڪ پروگرام ڪري ڪوسٽر بس ذريعي ڪراچي واپس وڃي رهيو هو ته، ديوان شڪر مل ڳوٺ ويجهو ڪوسٽر جو ڪمند سان ڀريل هڪ ٽرڪ سان ٽڪر ٿي پيو، جنهن ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. کيس ڪراچي نيو پئي ويو ته، رستي ۾ هن جي ساهه جو سيبو اڏري ويو ۽ 35 سالن جي ڦوهه جواني ۾ پنهنجي عزيزن، دوستن ۽ پرستارن کي جدائي جو داغ ڏئي راهه رباني وٺي ويو. اهڙي طرح سرمند سنڌي جسماني طور تي ته سنڌ واسين کان جدا ٿي ويو، پر روحاني طور تي صدين تائين ديس واسين جي دلين ۾ زنده رهندو.

برصغير جي مهان شاعر ۽ ڏاهي شيخ اياز، سرمد سنڌي جي وفات تي تعزيتي تاثرات ڏيندي چيو هو ته، "سرمد جو آواز اجها تائين ڪتين جي ڪنن ۾ گونجندو هوندو ۽ ستارا اهو پڇي عجب ۾ سوچيندا هوندا ته، ڌرتي به اهڙو اپڪرم آهي، جتي اهڙي لازوال ذات پيدا ٿي سگهي ٿي."

سرمد سنڌي جي وفات کان به ڏينهن پوءِ سندس وني هڪ پٽ کي جنم ڏنو، جنهن جو نالو عزيزالرحمان رکيو ويو.

سرويچ سجاولي

محمد صديق المعروف "سرويچ" سجاولي ولد خميسو خان تارڙه 14-مارچ 1937ع تي ڳوٺ ابراهيم تارڙه لڳ سجاول ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قادر الڪلام ۽ انقلابي عوامي شاعر آهي. سرويچ سجاولي سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ پهريان 1960ع کان 1962ع تائين الهاشميه مدرسي سجاول ۾ استاد ٿي رهيو. پوءِ 1963ع کان 1972ع تائين ٽائون ڪميٽي سجاول ۾ ناڪي منشي جي نوڪري ڪيائين ۽ جناب ڀٽي جي عوامي دور ۾ 1973ع کان 1977ع تائين ڊڙو ۽ سجاول ٽائون ڪميٽي جو ائڊمنسٽريٽر ٿي رهيو. هن وقت پنهنجي به ٽي ايڪڙ زرعي زمين آباد ڪري گذران ڪري رهيو آهي.

سرويچ سجاولي سنڌ جو اهو عوامي شاعر آهي، جنهن کي ماڻهن جي لکن جي انبوهن ۾ بار بار ٻڌو ويندو آهي. سنڌ جي هر سياسي ۽ ادبي اسٽيج تي سندس شعرن جي گونجار ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. هن شاعري جي ابتدا 1959ع کان ڪئي. سندس چوڻ موجب مشهور شاعر مولوي احمد ملاح جي شعر کان روحاني طرح متاثر ٿي، شعرگوئي ۾ قدم رکيائين. هن سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪلام جو مجموعو "آليون اکيون اٿپاوار" جي نالي سان 1972ع ۾ شايع ٿيل اٿس. سندس شعر سيني رسالن، جريدن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي نامور فنڪارن سندس ڪلام ريڊيو، ٽي وي ۽ ڪيسٽن ۾ ڳايو آهي. آل انڊيا ريڊيو جي مشهور فنڪاره آنجهاني ڀڳونتي ناواڻي به سندس ڪلام ڳايا ۽ رڪارڊ ڪرايا هئا.

سرويچ صاحب جي شعر جي سڀ کان وڏي خوبي هيءَ آهي، جو سندس شعر بلڪل سادي، سولي ۽ ٺهراڙءِ واري ٻوليءَ ۾ چيل آهي. سندس انداز بيان ۾ ڪمال جي رواني به آهي ته، من موهيندڙ لفظن ۽ دلڪش ترڪيبن جو جادو پڻ سمايل آهي. هو ڏکويل ۽ مظلوم نياڻين جو ترجمان شاعر آهي. کيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان جنون جي حد تائين محبت آهي.

سرويچ سجاولي جي فن کي وڏي مڃتا ملي چڪي آهي، برصغير جي چئن وزيراعظمن پنهنجي جلسن، ريڊيو جي تقريرن ۽ خطن ۾ کيس سنڌ جو بهترين "عوامي ۽ انقلابي شاعر" مڃيو آهي. جن ۾ هر هڪ جناب ذوالفقار علي

پٽو، محترمہ بينظير ڀٽو، مسز اندرا گانڌي ۽ مسٽر راجيوگانڌي شامل آهن.
سچل عالمي ڪانگريس ڪراچي جي موقعي تي سنڌ ۽ هند جي وڏن اديبن ۽ دانشورن جي موجودگيءَ ۾ کيس "بهترين عوامي شاعر" جو ايوارڊ ڏنو ويو. ماهوار رسالي نئين زندگي پاران "مجيل عوامي شاعر" جو ايوارڊ پڻ مليل اٿس. سنڌ جي ڏاهي جناب رسول بخش پليجي طرفان کيس "لاڙ جو لال" ۽ مولانا عزيزالله ٻوهيو طرفان "قومي شاعر" جا خطاب مليل آهن. مشهور گلوڪاره روبينہ قريشي پنهنجي هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ اهو چيو هو تہ "سنڌي شاعرن ۾ شاهہ لطيف کان پوءِ جنهن شاعر جي ڪلام مونکي گهڻو متاثر ڪيو ۽ موسيقي ۾ نهڪي ايندڙ ڪلام هجي، اهو سرويچ سجاولي جو ڪلام آهي" سرويچ سجاولي جو نالو عالمي رسالي "گنيز بوڪ" ۾ بهترين شاعر جي حيثيت سان درج ٿيل آهي. سندس ڪتاب "آليون اکيون اٿيا وار" ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ايم اي تي نصابي طور پڙهايو وڃي ٿو. سندس لاءِ هڪ ٻيو اعزاز اهو بہ آهي تہ، سندس تخلص "سرويچ" ڪي ايترو تہ قبول ڪيو ويو آهي، جو ڪيترائي نوجوان "سرويچ" تخلص استعمال ڪري رهيا آهن، ياد رهي تہ ڪانئس اڳ ڪنهن بہ شعر جو سرويچ تخلص ڪونہ هو.
سرويچ سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍايون ڏسي تڙپي پوندو آهي ۽ پوءِ قلم ذريعي سندن سورن جو علاج پنهنجي شاعري م پريندو آهي جنهن جي ڪڙاڻ بدمعاش وڏيرا ۽ حڪومتي طبقو هضم نہ ڪري سگهندا آهن، جنهن ڪري کيس ڪيترائي ڀيرا جيل جون ڪڙيون بہ پائڻيون پيون آهن ۽ سندس پٽن جون نوڪريون ختم ڪرڻ ۽ ٻين مختلف طريقن سان کيس ڊيڄارڻ ڌمڪائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن، پر سرويچ ڀلا ڪٿي ٿا ڊڄن؟
سرويچ سجاولي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ ادبي محفلن ۾ شرڪت ڪندو رهندو آهي. "ماجر پبليڪيشن" "لاڙ پبليڪيشن" جو سرپرست اعليٰ آهي، ڪافي نوآموز شاعرن جي رهنمائي ڪندو رهي ٿو. ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان لاڳاپيل آهي، سياسي طرح پاڻ جيئي سنڌ تحريڪ، عوامي تحريڪ ۽ پيپلز پارٽي جو سرگرم ڪارڪن رهندو پيو اچي. هن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ رضاڪارانہ طور گرفتاري بہ ڏني هئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ملاحظہ فرمائيندا:

سراپا احتجاج آهيان سراسر انقلاب آهيان
مان پنهنجي سنڌ ڌرتي جي حسابن جو ڪتاب آهيان
ڪڙهان ٿو قوم ساري لئہ سڙان سانگين سڀاجهن لئہ
وڙهڻ ۾ تنهنجي ويرين سان نہ ڏسندو ڏوهہ ثواب آهيان

سعدالله مفتي

مولانا مفتي سعد الله انصاري 18 ذوالقعد 1286هه تي هالا نوان ۾ ڄائو. سندس اصل نالو عبدالرحيم هو. جڏهن رياست خيرپور جو مفتي مقرر ٿيو ته، پوءِ پنهنجو نالو سعد الله مٽيائين.

مفتي سعد الله ابتدائي تعليم هالن ۾ حاصل ڪئي، سندس تعلق عالم گهراڻي سان هو. هن وڌيڪ تعليم عربستان ۾ وڃي ورتي. هن اتي مڪي شريف ۾ سالہا ٽي سال درس به ڏنو. جنهن کان پوءِ موٽي وطن آيو ۽ حيدرآباد صدر جي جامع مسجد ۾ پيش امام مقرر ٿيو. پاڻ سيني علمن کان واقف هو، نجوم، عروض ۽ ٻين فنن تي مهارت رکندو هو. سن 1901ع ۾ رياست خيرپور لاءِ مفتي مقرر ٿيو. پاڻ اتي سرڪاري ڪم قضا جو ڪندو هو، فتويٰ به ڏيندو هو ته، سرڪاري هنري اسڪول ۾ عربي به پڙهائيندو هو. سن 1929ع کان ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ پڻ عربي پڙهائڻ شروع ڪيائين.

مفتي سعدالله سالن جا سال خيرپور رياست ۾ قضا جي عهدي تي فائز رهيو، پر پوءِ هن شيعن جي خلاف هڪ ڪتاب "توب محمدي" نالي لکيو، جنهن ڪري رياست جي والي ڪيس ان عهدي تان لاهي ڇڏيو.

مفتي صاحب بلند پايي جو عالم هو. مولانا امروٽي ۽ مولانا هاليجوي مسئلن ۾ هن ڏانهن رجوع ڪندا هئا. پاڻ شاعري به ڪندو هو، سندس اڪثر موٽيون جا داٺا هئا. هن مولانا عبدالغفور همايوني جا رسالا پاڻ نقل ڪيا هئا. ان کان علاوه هن هڪ ڪتاب "ضرب المداس بجواب واقعة القرطاس" لکيو هو، جيڪو ڇپجي نه سگهيو ۽ هاڻي اهو ناپيد آهي. سندس وفات 1942ع ۾ ٿي سند هڪ ڪافي جو ٽل آهي.

سڄڻ مون کي جو سبق سيکاريو
ڳالهہ ڳجهيءَ من منهنجو ڳاريو
ساهه گڏي سو ساڻيم سور.

سڪندر بلوچ

سڪندر خان ولد نٿو خان چانڊيو بلوچ 15 سيپٽمبر 1940ع تي ٽنڊو آغا (حيدرآباد) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور براڊڪاسٽر آهي.

سڪندر بلوچ مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪئي، بي اي سٽي آرٽس ڪاليج مان ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي پاڻ پهريان 1960ع ۾ حاجي ماٺڪ پٽي مڊل اسڪول ۾ بطور هيڊ ماستر مقرر ٿيو. 1962ع ۾ انڊس ٽائيمز اخبار ۾ سب ايڊيٽر ٿي رهيو، 15 آڪٽوبر 1966ع تي ريڊيو پروڊيوسر بڻيو. شروع ۾ کيس ريڊيو پاڪستان راولپنڊي تي موڪليو ويو ان کان پوءِ پاڻ مختلف ريڊيو اسٽيشن تي رهيو ليڪن گهڻو عرصو حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي گذاريو ائين. پاڻ 1973ع ۾ سينيئر پروڊيوسر ۽ 1988ع ۾

پروگرام مئنيجر يو 1994ع ۾ کيس پروموشن ڏئي ريڊيو پاڪستان خضدار جو اسٽيشن ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ 1995ع ۾ خيرپور تي ۽ هاڻي (آگسٽ 2000ع تائين) ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسٽيشن ڊائريڪٽر جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. مشهور براڊڪاسٽر اظهار ڪاظمي ريڊيو واري شعبي ۾ سندس استاد هو.

بلوچ صاحب عظيم براڊ ڪاسٽر ۽ همدرد ڪلمڪ، يار ويس ۽ باهمت انسان آهي. پاڻ ڪافي عرصي کان سنڌ جي مکيه ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تي مختلف عهدن تي رهي سنڌي ٻولي، ادب، فن ۽ ثقافت جي خدمت ڪئي آهي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کي جن شخصيتن جي ڪاوشن سان عروج نصيب ٿيو انهن ۾ سڪندر بلوچ جو نالو پڻ شامل آهي. هن ريڊيو پاڪستان جي سڀني شعبن ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. موسيقي جي شعبي ۾ رهي رجب علي، الغوزه نواز خميسو خان، مصري خان، الهڏچايو ڪوسو، گلوڪار ظهير احمد وارثي، صادق علي، ثريا حيدرآبادي جهڙا نه رڳو فنڪار متعارف ڪرايا پر ان شعبي ۾ نوان لاڙا پڻ متعارف ڪرايا. قوالي جي پيٽرن تي محمد يوسف جي آواز ۾ سچل سائين جي ڪافي "سچا سرور پرين پرور پيارا يا رسول الله" رڪارڊ ڪيائين. محمد يوسف جو مشهور فلمي گانو "سواء تنهنجي حياتي بار ٿي پيارا ڪٿي آهين" سندس ئي رڪارڊ ڪيل آهي، ڊرامن واري شعبي ۾ به سندس خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. ان سلسلي ۾ هن سماجي برائين خلاف ليکڪن کان خاص طور تي ڊراما لکرائي پيش ڪيا. 1970ع کان 1973ع تائين سچين ڪهاڻين تي مشتمل ڊراما نشر ڪيائين، علامه آءِ آءِ قاضي جي زندگيءَ تي ڊرامو "واچوڙن جي ووڙ" پيش ڪيائين، ان کان علاوه اي آر بلوچ عبدالستار مڪسي ۽ محمد علي ٻگهيو جهڙا مجيل صداڪار به هن ئي متعارف ڪرايا.

بلوچ صاحب کي جڏهن ڳوٺاڻن جو پروگرام مليو ته هن ان کي نسبت ٻهراڙي واري رنگ ۾ رڱڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي جيئن ته پاڻ شهري ماحول ۾ ڄائو نپنو هو ان ڪري هو خاص طور تي ٻهراڙيءَ ۾ وڃي هن پروگرام لاءِ ٻهراڙيءَ جا لهجا، مهاورا ۽ لفظ هٿ ڪندو هو. زرّاعتي پروگرام ۾ پڻ هن ڪافي سڌارا آندا ۽ ان پروگرام ۾ زرعي ڄاڻ، سانگين جا سنيها، پچٽا نه منجهٽا ۽ مثالي آبادگار جهڙا سلسلا هلائي ٻڌندڙن کي زرعي ڄاڻ ڏني جنهن سان سنڌ ۾ سبز انقلاب آيو.

بلوچ صاحب ٻيا به ڪيترائي مثالي پروگرام ڪيا آهن. 1975ع ۾ نيل نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۾ ٻهريون ورلڊ ڪپ ميچ ريڊيو پاڪستان لاءِ سندس ئي پروڊيوس ڪيل هو. 1988ع ۾ ڪنگ ازلان شاهه انٽرنيشنل هاڪي ٽورناميٽ جي ڪامينٽري ڪرڻ لاءِ کيس ملائيشيا پڻ موڪليو ويو هو.

سڪندر بلوچ صاحب لکڻ پڙهڻ سان به شوق رکي ٿو. "اعظم" سندس

تخلص آهي، ونس چڱي مسوچاري لائبريري پڻ آهي. سن 2000ع جي آخر ۾ سندس نوڪري وارو مدو پورو ٿڻ وارو آهي.

سڪندر خان کوسو

مير سڪندر خان ولد مير بهادر خان کوسو سن 1916ع ۾ ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ بهادر پور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قادرالڪلام شاعر ۽ درويش طبع انسان ٿي گذريو آهي.

مير سڪندر خان کوسي جو تعلق کوسہ بلوچ قبيلي جي بکراڻي شاخ سان هو. سندس والد صاحب پنهنجي زماني ۾ راڄ جو چڱو مڙس هو. سندس ڏاڏي مير دلمراد خان کوسي 1857ع واري آزاديءَ واري جنگ ۾ جيڪب آباد ۽ شڪارپور جي محاذن تي انگريزن جي خلاف جدوجهد جي رهنمائي ڪئي.

مير سڪندر خان اگرچہ زماني جي خيال کان هڪ قومي رئيس هو، پر حقيقت ۾ پاڻ هڪ فقير ۽ درويش هو. ساز ۽ سوز سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هو. هيءُ جوانيءَ کان وٺي تصوف سان وابستہ رهيو. سندس مرشد حضرت خواجہ گل محمد ٿلهہ شريف وارو هو.

مير سڪندر خان کوسو ادبي دنيا ۾ بہ ڄاتل سڃاتل آهي. پاڻ بلند پايہ شاعر هو، سندس ڪلام ريڊيو تي بہ ڳايو ويو آهي. سندس ڪلام جو مجموعو عنايت بلوچ صاحب "سپ ۾ پنهون پاڻ" جي نالي سان ترتيب ڏنو آهي. جيڪو سنڌي ادب جي ذخيري ۾ بي بها اضافو آهي. پاڻ 28 مئي 1975ع تي رحلت ڪري ويو.

سڪندر خان، ملڪ

ملڪ سڪندر خان ولد ملڪ سردار خان پهرين مارچ 1927ع تي ڳوٺ ٿاڻي احمد خان ضلعي دادو ۾ جنم ورتو، پاڻ قومي سردار ۽ سماجي سڌارڪ ٿي گذريو آهي، هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ پرائيويٽ طرح سان پڙهيو.

ڪوهستاني علائقي جي ڪيترن ئي قبيلن جي لٺ سرداري ملڪ سڪندر خان جي خاندان جي حصي ۾ آيل هئي. جڏهن سرداريءَ جي پڳ سندس سر آئي تہ، هن انتهائي محنت ۽ لگن سان نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيڪي ڪوهستاني روايتون هيون انهن کي هر حال ۾ برقرار رکيو.

ملڪ صاحب شروع ۾ سيڪريٽريٽ ۾ ڪنهن عهدي تي هو، پير علي محمد راشديؒ صاحب جي صحبت ۾ رهڻ ڪري سياست سان دلچسپي پيدا ٿيس ۽ اليڪشني سياست ۾ ڀرپور نموني سان حصو ورتائين ۽ عملي سياست ۾ ڪيس ايترو تہ عبور حاصل هو جو 1970ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تان چونڊ لڙي جناب جي ايم سيد جهڙي ڪهنہ مشق سياستدان کي شڪست

ڏني قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. جيستائين اهو بلڪل درست آهي ته ان اليڪشن ۾ سنڌس ڪاميابي جو هڪ سبب پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ به هئي، پر اها به حقيقت آهي ته ان وقت جي ايم سيد سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ان ٽڪ ۾ ملڪ صاحب کان وڌيڪ ڪو ٻيو مضبوط اميدوار پيٽي صاحب کي ڪونه ٿي سجهيو، ان ڪري ملڪ صاحب کي ئي شاهه صاحب جي مقابلي ۾ آندو ويو.

ملڪ صاحب ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا. هن سنڌس زمين تي گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن سو ماڻهن کي رهڻ لاءِ ڪالوني ڏني، تعلقي اسپتال ڪرڻ لاءِ ڏهه ايڪڙ زمين وقف ڪئي. پيٽارو ڪيڊٽ ڪاليج سنڌس ئي زمين تي قائم ٿيل آهي. جنهن لاءِ هن ڪوبه معاوضو ڪونه ورتو. هن پنهنجي زمين سنڌ يونيورسٽي جي عمارتن لاءِ پڻ بنا معاوضي ڏني. ٽاٽو بولا خان هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۽ سپرها ٻي کان ٽاٽي احمد خان ٽائين جيڪو رستو آهي، سو سنڌس ڪوششن جو نتيجو آهي، تنهن کان سواءِ هن پيٽي صاحب جي حڪومت ۾ ڪينريون ئي عوامي سڪيمون منظور ڪرايون. جنهن ۾ سوين ميل پڪا رستا نهرائڻ، ڪوٽڙي کي سٺي گئس ڏيارڻ ۽ ڪراچي سان ٽيليفون جو سڌو سرشتو قائم ڪرڻ، ڪوهستاني علائقي ۾ شڪارگاهه ۽ ٻيلا قائم ڪرڻ، ٽيوب ويل ۽ برساتي پاڻي کي موڙي زمينن کي آبادي لائق بنائڻ. ڪير ٿر جبل جي چوٽيءَ تي هل اسٽيشن ٺاهڻ ۽ انٽي نيشنل پارڪ ۽ جانورن جا فارم قائم ڪرڻ وغيره شامل آهن.

ملڪ صاحب امن پسند انسان هو. هو پنهنجي راڄ جي ماڻهن کي سختيءَ سان هدايت ڪندو هو ته، ڪير به چوري نه ڪري، ڪنهن کي به ستايو نه وڃي، ڪنهن جي به دل آزاري نه ڪئي وڃي. سنڌس امن پسندي واري پاليسي ۽ ذاتي اثر رسوخ سبب سنڌس حياتي ۾ ڪڏهن به ڪوٽڙيءَ شهر ۾ ڪوبه لساني جهيڙو يا ڀيڄ ڦاهه نه ٿي. پاڻ انتقامي ڪارروائي جي خلاف هوندو هو. پاڻ درگذر ڪرڻ ۽ ڪنهن کي معاف ڪري ڇڏڻ کي اهميت ڏيندو هو.

سڪينہ سمون

سڪينہ سمون سيوهڻ ۾ هڪ غريب سڪيم جي گهر ۾ پيدا ٿي پاڻ ٽيليويزن جي معروف اداڪاره آهي.

سڪينہ سمون اهڙي عورت آهي، جيڪا شروع کان ئي ڏکن، پيڙائن ۽ محرومين جو شڪار بڻجي وئي. ننڍي عمر ۾ ڪجهه سببن جي ڪري سنڌس والد ۽ والده جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ هوءَ پنهنجي وڏي ڀيڻ جي گهر حيدرآباد هلي آئي. جتي سنڌس شادي هڪ غير سنڌيءَ سان ڪرائي وئي اها شادي گهڻو وقت جٽاءُدار به نه ٿي سگهي ۽ بدقسمتي سان ڪيس ننڍڙي عمر ۾ ئي زندگيءَ جو پهريون وڏو ڏک مليو. ڪيس ان مڙس مان هڪ پٽ پيدا ٿيو، غربت واري ماحول ۾ پلجڻ کان پوءِ ڪيس زندگيءَ جي ان وڏي ڏک ٽوڙي ودو.

سڪينه سمون پنهنجي فني سفر جو آغاز 1978ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪيو. 1979ع ڌاري ڪراچي ٽيليوزن سينٽر تي آئي. اهو دور هن جي ڦوهه جوانيءَ وارو هو هن اتي پهريون پيرو عبدالڪريم بلوچ جي لکيل ڊرامي "بينسر ادل جي" ۾ سحر قريشي سان هڪ فقيرياڻيءَ جو مختصر ڪردار ادا ڪيو. ان ڊرامي کان پوءِ هو بيدل مسرور ۽ هارون رند جي مختلف ڊرامن ۾ مختصر ڪردار ادا ڪندي رهي.

سڪينه سمون جو فني عروج 1982ع کان شروع ٿيو، ان سال کيس اهڙا اڪردار مليا، جيڪي هر فنڪار چاهيندو آهي ته سندس قسمت بڻجي. هارون رند جي ڊرامي "لهنڊڙ سج جي لام" ۾ سڪينه هڪ ڇرڪائيندڙ ڪردار ادا ڪيو. ان کان پوءِ محمد بخش سميجي جي ڊرامن اڌورا خواب،لمحن جون سرحدون ۽ مني سريل پيو شخص ۾ هوءَ تمام وڏي اداڪاره طور سامهون آئي. 1982ع جي هڪ ٽماهي اهڙي به هئي جنهن ۾ پروڊيوسر محمد بخش سميجي 13 ڊراما پيش ڪيا جن مان 12 ڊرامن جي هيروئن سڪينه هئي. اهو پي ٽي وي تي ڪنهن اداڪاره جو هڪ وڏو رڪارڊ آهي، جيڪو ڪوبه فنڪار ٽوڙي نه سگهيو آهي. انهن ڊرامن ۾ سڪينه منفرد ڪردار ادا ڪيا، سيريل "سام" ۾ هن شفيع محمد شاهه سان گڏ ترڪجڪ ڪردار ادا ڪيو ۽ ان ڊرامي ۾ هن انتهائي جذباتي اداڪاري هئي، اهڙي طرح ٻين ڊرامن ۾ پڻ هن بهترين ڪردارنگاريءَ جو مظاهرو ڪيو.

1984ع اهو سال آهي، جڏهن کان سنڌي ڊراما باقاعدي رنگين ڏيکارڻ شروع ڪيا ويا، جڏهن ته ان کان اڳ به ايڪڙ ٻيڪڙ هڪ ٻه رنگين سنڌي ڊراما هليا هئا. "گفت" پهريون مڪمل رنگين سنڌي ڊرامو هو، جنهن جو پروڊيوسر محمد بخش سميجو هو، ان ڊرامي ۾ سڪينه سمون شفيع محمد شاهه ۽ منصور بلوچ مرحوم سان گڏ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. ساڳئي سال "مٽيل رستا" ۾ پڻ هن بهترين اداڪاريءَ جو مظاهرو ڪيو "ديوارين" ۾ بهترين ادڪاريءَ سبب کيس بيسٽ سپورٽنگ ايڪٽريس جو پي ٽي وي ايوارڊ مليو. ٻن سالن کان پوءِ محمد بخش سميجي گفت ڊرامو اردو ۾ پيش ڪيو ته سڪينه ان ۾ آصف رضا مير سان گڏ مرڪزي ڪردار ادا ڪندي قومي ليول تي مڃتا ماڻي، جڏهن ته هن اردو سيريلز "ڇوٽي سي دنيا" ۽ "جهنگل" ۾ پڻ بهترين اداڪاري جو مظاهرو ڪيو.

سڪينه سمون لاتعداد سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ ڪم ڪري چڪي آهي، ليڪن ڪاڪ محل اها سيريل آهي جنهن هن کي اداڪاريءَ جي ستين آسمان تي آڻي بيهاريو. هن سڄي ڊرامي ۾ بهترين اداڪاري ڪئي، پر خاص طور تي آخري قسط ۾ مرڻ واري منظر ۾ هن ماڻهن کي روئاري ڇڏيو. سندس اهو ڊرامو ڏسندڙ ڪڏهن به وساري نه سگهندا. هن ٽي وي جي تقريباً سڀني سينٽرن تي ڪم ڪيو ان کان علاوه لاتعداد اسٽيج ڊرامن ۽ ٻن فلمن "روبي" ۽ "سياست"

۾ پڻ ڪم ڪيو.

سڪينہ سمون جو آخري انفرادي ڊرامو "سچ" هو جنهن جي ڪهاڻي هن پاڻ لکي هئي، ۽ "ماروي" سندس آخري سنڌي سيريل هئي. جنهن جي شوٽنگ ختم ڪرڻ کان پوءِ هوءَ 1991ع ۾ لنڊن هلي وئي هئي. هو جو سندس ٻي شادي ثاقب نالي شخص سان ٿي جيڪو لنڊن جو رهاڪو آهي. پاڻ ستن سالن کان پوءِ وري فن جي دنيا ۾ موٽي آئي آهي.

سگن آهوجا

"سگن" آهوجا پهرين ڊسمبر 1921ع تي شڪارپور ۾ ڄائو، پاڻ ڀارت جو مشهور سنڌي شاعر ٿي گذريو آهي.

سگن آهوجا پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم لاءِ 1937ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان 1941ع ۾ بي اي پاس ڪيائين. پاڻ شاگردي واري زماني ۾ ئي سنڌي ادب ۽ زبان جو ايتــرو چاهڪ هو جو هن کي شـــاگـــرد ۽ سندس دوست "ڪهوسولائبرري" ڪري سڏيندا هئا. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي جن نوجوانن ترقي پسند تحريڪ شروع ڪئي هئي هيءُ انهن مان هڪ هو. ان وقت هن جون تخليقون "سنڌو" ۾ شايع ٿينديون هيون.

ورهاڱا کان پوءِ سگن آهوجا پنهنجي عزيزن سان گڏ سنڌ جا وڻ ڇڏي ڀارت هليو ويو. اتي سندس وڏن سنڌونگر ۾ خانگي بسون هلائڻ شروع ڪيون، مگر ان ڪاروبار ۾ ڪين لکين روپيہ نقصان ٿيو، جنهن ڪري سندس ڪٽنب جي مالي حالت خراب ٿي وئي. سگن پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون مگر غربت هن جي پٺ نہ ڇڏي. هن ڪٽمنڊن جو دڪان ڪوليو، ويسٽ اينڊ هوٽل ۾ نوڪري ڪئي، ڪاڏي ۽ وليج انڊسٽري ۾ نوڪري ڪئي، ڪيترو وقت ماستر ۽ ڪجھ مهينا ليڪچرار رهيو ليڪن آخر تائين مفلسي واري حال ۾ رهيو.

سگن آهوجا کي ليکڪن جو ليک ڪوٺيو ويندو هو. هن پنهنجي سماج جي گندي زندگيءَ ۾ خوبصورتي ۽ سونهن جا خواب ڏٺا ٿي. هن جي تمنا هئي تہ انساني زندگيءَ ۾ انقلاب اچي ۽ غريبن جون جهوپڙيون ڪر ڪٽي اميرن جي محلن کان مٿي ٿي وڃن. هو هڪ سٺو نقاد، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار پڻ هو.

سگن آهوجا ڀارت ۾ سنڌي جو تمام وڏو شاعر هو، موهن ڪلپنا سندس شاعري لاءِ چوي ٿو تہ "جتي فڪر ۽ گهرائي جو واسطو آهي اتي اڃا تائين اهڙو سنڌي شاعر ظاهر نہ ٿيو آهي جو سگن کان گوءِ کٽي سگهي."

سگن آهوجا 10 فيبروري 1966ع تي ۾ لوڪ پڌاريو سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "بي آگ جلن تا پروانا" (ڪهاڻيون) "ارمان" (نظم) ۽ "پياري

چيز" (ناول) شامل آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

پيار ڪان جيڪي پيار گهرن ٿا
پيار نہ سودي بازي ڪن ٿا
پنهنجي ڏاهپ سيپ جاڻن ٿا
ڪي چپ آهن ڪي بهڪن ٿا.

سليم آغا

آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ برک ڪهاڻيڪار، ناول نويس، اديب ۽ شاعر آهي.

آغا سليم ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ جيئن تہ 1948ع کان حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو، ان ڪري مئٽرڪ تائين حيدرآباد ۾ پڙهيو. انٽرميڊيئٽ لاهور مان ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هن ريڊيو پاڪستان جي نوڪري اختيار ڪئي جتي مختلف حيثيت سان مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي رهندي آخر اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

آغا سليم کي لکڻ جو شوق پنهنجي ڪاليجي دوستن تنوير عباسي ۽ سراج جي صحبت ۾ رهڻ کان پوءِ جاڳيو. هن 1952ع ۾ پهرين ڪهاڻي "آهہ! اي ظالم سماج" جي عنوان سان لکي، جيڪا پوءِ هالا مان نڪرندڙ رسالي "فردوس" ۾ ڇپي. ان کان پوءِ سندس فن آهستي آهستي جوش ڪائيندو عروج کي پهتو ۽ هن وقت پاڻ سنڌ جو سرموڙ ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار ليکجي ٿو.

آغا صاحب ڪهاڻي ۽ ناول کان سواءِ مضمون ۽ ريڊيو، اسٽيج ۽ ٽيليويزن لاءِ ڊراما بہ لکيا آهن تہ شاعريءَ ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ شروع ۾ "آغا شاهين" جي نالي سان لکندو هو.

اسان جي افساني يا ڪهاڻيءَ ۾ شعور جو بہ ڪافي دخل آهي. اڳي ڪهاڻيون گهڻو ڪري خارجي پهلوئن کان متاثر ٿي لکيون وينديون هيون پر هاڻي داخلي ڪيفيت تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي. انهن ڪهاڻيڪارن ۾ آغا سليم جو نالو نمايان آهي. هن افساني جي ڪردارن جي محسوسات کي تمام سهڻي انداز سان بيان ڪيو آهي. هن نهايت موثر ڪهاڻيون لکيون آهن جن ۾ فني مهارت سان گڏ موضوع جي جدت آهي.

ناول جي حوالي سان آغا صاحب 1964ع ۾ هڪ ننڍڙو ناولٽ "روشنيءَ جي تلاش" نالي سان لکيو جنهن کان پوءِ سندس ڪي ٻيا ناول بہ ڇپيا. ليڪن انهن مڙني ناولن مان "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" کي تمام گهڻي مقبوليت ملي، هن ناول ۾ آغا صاحب موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جي سفر کي ڪمال فنڪاريءَ سان ناول جو روپ ڏئي پڙهندڙن

ڪي تاريخي ۽ تهذيبي معلومات ڏني آهي. آغا صاحب جي ناولن جو پلاٽ ڪنهن خارجي واقعي تي ٻڌل نہ هوندو آهي بلڪ ڪردارن جي داخلي ڪشمڪش کي ظاهر ڪندو آهي. هو تهذيب جي اعليٰ قدرن کي پنهنجي ناولن جو موضوع بنائي ٿو. سندس ناولن جا ڪردار اهي اعليٰ آدرشي انسان آهن جيڪي اعليٰ انساني قدرن جا رکوالا آهن. هو ٻولي خالص ادبي استعمال ڪندو آهي جيڪا پڙهندڙ کي پوري طرح پنهنجي گرفت ۾ وٺي ٿي ڇڏي.

آغا صاحب شاعريءَ جي ميدان ۾ بہ ڪونتل ڪڏايو آهي. پاڻ غزل، وائي، نظم ۽ بيت جو سٺو شاعر آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "پن ڇڻ ۽ چنڊ" نومبر 1986ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان علاوه نثر ۾ سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.

چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون - 1967ع)، ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون 1985ع)، روشنيءَ جي تلاش (ناولٽ 1964ع)، اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول1985)، بہ ننڍا ناول (ناول 1985ع)، همہ اوست (ناول 1985ع)، لذت گناهہ (ڪهاڻيون)، درد جو شهر (ڪهاڻيون) ۽ اڻ پورو انسان (ناول). ان کانسواءِ آغا صاحب شاهہ لطيف جي سڄي رسالي کي اردو ۾ ترجمو ڪيو آهي.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ٽڙيا موڪيءَ انگ جهڙ مر رنگ شفق جا جرڪيا،

تنهنجي جوڀن لاٽ تي آيا پچڻ لاءِ پتنگ

سليم اڪبر قاضي

قاضي سليم اڪبر ناميارو صحافي ٿي گذريو آهي، سندس والد قاضي محمد اڪبر پڻ سنڌي صحافت جو هڪ روشن ستارو ۽ سنڌ جو معمر سياستدان ٿي گذريو آهي. سليم اڪبر سنڌ يونيورسٽيءَ مان فزڪس ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي هئي ليڪن ادبي لاڙي ۽ گهري مطالعي کيس هڪ نظرياتي انسان بنائي ڇڏيو هو. ان ڪري هن آرام وارو ڪاروبار ڪرڻ بجاءِ هڪ ڪٺن راهہ اختيار ڪري صحافت جي ميدان ۾ قدم رکيو هن صحافتي دنيا ۾ انقلابي تبديلين آڻڻ لاءِ نوس قدم کنيا. پهرين پاڻ حيدرآباد شهر مان سندس والد طرفان جاري ڪيل هفتيوار انگريزي اخبار "سنڌ آبزرور" سان وابستہ رهيو. هن رات ڏينهن محنت ڪري اخبار کي عروج تي رسايو. اهڙي طرح حيدرآباد مان نڪرندڙ انگريزي اخبارن جي تاريخ جو هڪ مثالي ۽ سونهري دور شروع ٿيو. انهيءَ عرصي دوران سليم صاحب سنڌي روزنامہ "سنڌ نيوز" ڪڍڻ جو منصوبو پڻ تيار ڪري ورتو جيڪو گهڻي ڀاڱي پايہ تڪميل تي پهچائي ڇڏيو هو، پر اخبار نڪرڻ کان اڳ سندس زندگي ساٿس وفا نہ ڪئي. سنڌي صحافت ۾ بين الاقوامي طرز تي تبديليون آڻڻ ۽ سنڌي صحافت سان وابستہ ماڻهن جي

خوشحالي جي خواب کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ سليم صاحب "سنڌ پرنٽنگ اينڊ پبليڪيشن هائوس" نالي هڪ اداري جي تشڪيل ڏني. انهيءَ ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ کيس ڪافي مشڪلاتن ۽ آزمائشن مان گذرڻو پيو. پاڻ انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ مڙس ٿي ميدان ۾ نڪتو.

قاضي صاحب دور انديش، با اخلاق، ملڻو جلڻو ۽ منفرد شخصيت جو مالڪ هو. غريب شاگردن جي مدد ڪرڻ سبب هو شاگردن ۾ گهڻو مقبول هو.

قاضي سليم اڪبر 9 مئي 1978ع تي ڪراچي کان 40 ميل پري سپرهاءِ وي تي هڪ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو.

سليم ڳاڙهوي

سليم ڳاڙهوي جو اصل نالو الهورايو ولد حاجي الهڏنو مهر هو. سندس ولادت 15 مارچ 1925ع تي ڳوٺ ڳاڙهوي ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿي. پاڻ قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. سليم ڳاڙهوي سنڌي فائنل پاس هو. سندس پيشو زمينداري هو. کيس شاعري جو شوق اسڪولي زندگي کان ئي هو، ليڪن باقاعدي موزون شاعري 1947ع کان شروع ڪيائين. هن ڏس ۾ مشهور سنڌي ادبي رسالي "اديب سنڌ" سندس ڪافي رهنمائي ڪئي. شعر ۾ اصلاح محمود "خادم" لاڙڪائوي کان وٺندو هو ۽ تخلص "سليم" استعمال ڪندو هو. سنڌي کان سواءِ اردو ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس.

سليم ڳاڙهوي پنهنجي دلنشين ۽ شيرين فن جي حيثيت سان ادبي دنيا ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو. سندس شاعري پختگيءَ ۽ عمدگيءَ جو هڪ سهڻو مثال آهي، هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ استاد سخن جي حيثيت سان سندس ڪلام سنڌي زبان جي سيني رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو. سندس لکيل وطن جا گيت ۽ ٻيو ڪلام ريڊيو پاڪستان تان عام جام نشر ٿيندو آهي. سندس هڪ ديوان ۽ ٻي شاعريءَ جا مجموعا قلمي صورت ۾ سندس پونيئر وٽ موجود آهن.

سليم ڳاڙهوي 4 سيپٽمبر 1987ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪيو، جتي علاج لاءِ ويل هو، سندس تربت ڳوٺ واري باغ ۾ آهي، جنهن لاءِ پاڻ وصيت ڪئي هئائين. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏنل آهي.

عشق صادق سرخرو آهي سدا،
عشق کي ڪو خوف ڪائيندو نہ آ.

سليم هالائي

سليم هالائي جو اصل نالو قاضي عبدالحي ولد حاجي سليم الدين ابڙو هو. سندس ولادت 12 نومبر 1918ع تي هالا نوان ۾ ٿي. پاڻ بلندپايہ شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

سليم هالائي ابتدائي تعليم هالا ۾ ورتائين ان کان پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽڙي ۾ پڙهيو. بي اي ڪراچي يونيورسٽي مان ۽ ايم ايس سي آمريڪا مان ڪيائين، ايم اي ۽ ايل ايل بي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪري انفرميشن کاتي ۾ گهڙيو، جتان ترقي ڪندو ڊائريڪٽر انفارميشن جي عهدي تان رٽائر ٿيو. پاڻ 1960ع کان 1966ع تائين سروري اسلاميه ڪاليج هالا جو پرنسيپال پڻ ٿي رهيو.

سليم هالائي صاحب هالا جي ڪهنه مشق شاعرن مان هڪ هو. سندس استاد حافظ جان محمد جان هو، سليم صاحب جي جدوجهد سان هالا جي ادبي زندگي ۾ نئين روح ڦوڪجي ويو. پاڻ سنڌ گورنمينٽ جي هفتيوار رسالي "اطلاعات سنڌ" کان سواءِ "فردوس" ۽ "ڳوٺ سڌار" رسالن جو پڻ ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ انهن رسالن ذريعي نون اديبن ۽ شاعرن کي سنڌ جي عوام سان متعارف ڪرايو. سندس پهرين تصنيف "تذڪره شعراءِ هالا" شايع ٿي. هيءُ ڪتاب ايم اي جي شاگردن لاءِ يونيورسٽيءَ طرفان منظور ٿيل آهي. ان کان پوءِ تاريخ اسلام (جلد پهريون) ڪيميا جو نسخو، رسول پاڪ ﷺ، گل بانو ۽ قرآن حڪيم جا چونڊ مضمون وغيره شايع ٿيس. مخدوم طالب المولیٰ جو مجموعِ ڪلام "بهار طالب" پڻ سندس ئي مرتب ڪيل آهي، سليم صاحب جي نظمن جي ڪتابن مان "شڪوه سنڌ" ۽ شڪوه ڪتاب آهي.

ادبي خدمتن سان گڏ سليم صاحب جون ديني خدمتون پڻ يادگار رهنديون. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر اسرار احمد صاحب جي درس قرآن جو سنڌي ترجمو "الهديٰ پروگرام " نالي سان رڪارڊ ڪرائي ۽ ڪجهه ڪتاب ڇپرائي مفت تقسيم ڪيائين.

سليم هالائي 23 آگسٽ 1992ع تي وفات ڪري ويو. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪعبي جي جستجو نه ڪليسا جو هو خيال
مون کي پرستش رخ زيبا جو هو خيال
ايمان جي آرزو نه مون کي ڪفر سان ڪو ڪم
مذهب ۾ منهنجو ان بت رعنا جو هو خيال

سمن سرڪار

حضرت سمن سرڪار رحه ولد سيد گل شاهه ثاني جي ولادت جي صحيح تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي. پاڻ ويهين صدي جي شروعاتي دور ۾ سنڌ جو مشهور ولي الله ٿي گذريو آهي، سنڌ جو هيءَ واحد مجذوب ۽ ابدال ٿي

گذريو آهي، جنهن تي جيشري بہ ميلا لڳندا هئا ۽ وفات کان پوءِ بہ هر سال سندس ساليانو عرس ملهايو ويجي ٿو.

حضرت سيد سمن شاهہ سرڪار رح ڳوٺ پوررڙ' لغاري لڳ خيرپور ڪاهي تعلقي ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. سندس مادري زبان سرائڪي هئي پاڻ ۾ ٽي ڀائر ها، هڪ مٺڻ شاهہ ٻيو قلڻ شاهہ ٽيون سڀني کان ننڍو سمن شاهہ.

حضرت سمن شاهہ رح عمر ڀر شادي ڪانہ ڪئي، صورت ۾ عجيب انسان ٿي نظر آيو. سونهاري مبارڪ اڇي ۽ گهاٽي، چهرو گول اکيون سرخي مائل وڏيون مست خماريل هميشہ زمين ۾ کتل. ڪڏهن ڪڏهن خلوت ۾ يا وحد جي حالت ۾ اکيون آسمان جي طرف کڄي ويندي هيون تہ، عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. مٿي جا وار ڊگها ڪڏهن تن تي لٽو هوندو هوس تہ. ڪڏهن بنا لباس، اهڙي حالت ۾ پاڻ چوندو هو تہ، مونکي نوراني لباس آهي. ڪڏهن جتي پيرن ۾ تہ ڪڏهن پيرين اگهاڙو، حقو ۽ چلم شوق سان استعمال ڪندو هو، ڪو سڻو ڪاڏو اڳيان 'چي ويندو هئس تہ، ان ۾ حقي جو پاڻي ملائي ان جي لذت ضايع ڪري ڪائيندو هو.

چون ٿا شاهہ صاحب جڏهن جوانيءَ ۾ پير پاتو تہ، ڳوٺ جي هڪ ڪنياري ڇوڪري نالي "جنت" سان محبت ٿي پيس، پوءِ تہ ان ڇوڪريءَ کي هميشہ ڏينهن رات پاڻ سان گڏ رکڻ لڳو، ڇوڪريءَ جي مائٽن اها ڳالهہ برداشت نہ ڪئي، ڇوڪريءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ حيلا وسيلا ڪيائون، ليڪن ناڪامي نصيب ٿين، آخر سائين سمن شاهہ جي والد صاحب کي التجائون ڪيائون، جنهن سائين سمن شاهہ کي ڪنهن ترڪيب سان گهر جي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري، مائي جنت کي مائٽن جي حوالي ڪيو ۽ کين تلقين ڪئي تہ هاڻي هتان لڏي ڪنهن اڻ معلوم ماڳ هليا وڃو. هوڏانهن سائين سمن شاهہ کي جڏهن اها خبر پئي تہ، پاڻ ڏاڍو بي چين ٿي ويو. مسلسل چار ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ رهيو ۽ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين. ڇهن ڏينهن کان پوءِ جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ خبر پيس تہ پرين پاڙہ ڇڏي ڇڪا آهن. پوءِ تہ مٿس ويتر جوش ۽ جولان واري ڪيفيت طاري ٿي وئي ۽ مستي جي عالم ۾ ڪيڏانهن جوڪيڏانهن پيو اچي وڃي. ڪيترائي مهينا اهڙيءَ حالت ۾ گذاريائين، آخر ڳوٺ جي ويجهو ڪبير شاهہ جي قبرستان ڏي وڃڻ لڳو ۽ ڪيتروئي وقت ان پير جي قبر تي پنهنجو آستان بانائي ويهي رهيو. چون ٿا تہ سائين سمن شاهہ کي ان ئي بزرگ کان حقيقي امانت نصيب ٿي. جنهن کان پوءِ پاڻ هميشہ سڪون ۽ مات ۾ رهڻ لڳو.

سائين سمن سرڪار صاحب ڪرامت بزرگ هو. سندس ڪيتريون ئي انوکيون ڪرامتون ۽ پيشنگوئيون مشهور آهن. برٽش حڪومت جي دور ۾ هڪ انگريز ڪليڪٽر سندس سيرت ۽ ڪرامتن کان متاثر ٿي ميلي، لڳائڻ لاءِ چار

بلاڪ زمين سائين جي فقيرن کي الاٽ ڪئي هئي.

سمن سرڪار جا خاص ٽي فقير هئا: هڪ ميان گلاب راءِ خاص خدمتگار هو جيڪو واڻيو هو ۽ سمن شاهہ جي وفات کان پوءِ مسلمان ٿيو ۽ حج ڪري مديني شريف وڃي هميشہ لاءِ رهيو ۽ نبي سائين صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي روضي اقدس جي سامهون ٻهاريون ڪڍي ايندڙ ويندڙ مسافرن کي پيو پاڻي پياريندو هو. آخر اتي ئي وفات ڪيائين ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيو. سائين جو ٻيو فقير لالو ڪهيري هو، جيڪو ڪيس اڄ وقت پاڻي پياريندو هو. ٽيون فقير هڪ عورت مائي سليمت هئي، جيڪا سائين جو ڪاڏو تيار ڪندي هئي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جو ڪلام سائين سمن شاهہ کي ڳائي ٻڌائيندي هئي. جنهن کي سائين باد شاهہ ٻين شاعرن جي ڪلام کان وڌيڪ پسند ڪندو هو ۽ ٻڌندي ڪڏهن وجد ۾ بہ اچي ويندو هو.

حضرت سيد سمن شاهہ سرڪار 14 رجب 1349ھ مطابق 5 ڊسمبر 1930ع تي پنهنجي زندگيءَ جي آخري ميلي دوران جيڪو وڏي شان ۽ شوڪت سان ڪاري واهہ جي ڪپ تي، ٿي رهيو هو. دارالفنا ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو.

سندس وصيت مطابق غسل ۽ ڪفن کان پوءِ پنگريو کان چار ميل پري هڪ وڏي پوٺي تي وڏن وڻن جي وچ ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. جتي سندس خاص فقير ميان گلاب راءِ سندس تربت جي مٿان هڪ بهترين سفيد گنبذ سا سهڻو مقبرو جوڙايو. درگاهہ جو انتظام هن وقت اوقاف کاتي جي حوالي آهي ۽ درگاهہ جو سهڻو نظام رکيو ويو آهي.

هن درگاهہ جي هڪ خاص رسم آهي تہ، سائين جا عقيدتمند نذر و نياز ۾ ڪڪڙ ڪٺي ايندا آهن جنهنڪري هر وقت وڏي تعداد ۾ ڪڪڙ درگاهہ تي موجود هوندا آهن ۽ مسافرن لاءِ انهن جو لنگر هلندو آهي، ان رسم لاءِ مشهور آهي تہ سندس حياتي ۾ وٽس ڪوبہ آسي ڪا آس ڪٺي ايندو هو تہ، ڪنڌ لوڏي جواب ڏندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن تي راضي ٿيندو هو تہ چوندو هو تہ "ابا ڪڪڙ ڇا آيائين" اهوئي سبب آهي جو ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سوالي سندس آرامگاهہ تي ڪڪڙ ضرور آڻيندا آهن. هيءَ دنيا جو واحد ولي آهي، جنهن جي درگاهہ تي ڪڪڙن جو نذرانو ڏنو وڃي ٿو.

حضرت سمن سرڪار رحہ جو ساليانو ميلو هر سال [redacted] مهيني جي 15،14 ۽ 16 تاريخ تي وڏي ڌام ڌوم سان لڳندو آهي.

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين عقيدتمند اچي ڪيس نذرانہ عقيدت پيش ڪندا آهن.

سمن شاهہ (پهلوان)

سيد سمن شاهہ "رستم پاڪستان" سن 1947ع ۾ ڳوٺ پليجا ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جي قديمي راند ملهہ جو پهرين جوڙ جو سگهارو

پهلوان آهي.

سيد سمن شاهہ کي ملهہ وڙهڻ جو شوق پنهنجي وڏن بزرگن، والد ۽ ڏاڏي کي ڏسندي ٿيو. هن بزرگن جي روايت کي برقرار رکندي، ملهہ جي تربيت پهلوان سومر مرکند کان ورتي ڪجهہ وقت جي تربيت بعد هن استاد جي اجازت سان 1967ع ڌاري ٽئين جوڙ کان ملهہ وڙهڻ جي شروعات ڪئي. ڇهن، ستن مهينن بعد ٻئي جوڙ ۾ وڙهڻ شروع ڪيائين. جنهن کان پوءِ شاهہ صاحب سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر جي ملاڪڙن ۾ وڃڻ شروع ڪيو ۽ ٽن سالن جي اندر ترقي ڪري 1970ع ۾ پهرئين جوڙ ۾ پهتو. پهرئين جوڙ ۾ سندس پهريون مقابلو جمعي ماڇي صادق آباد واري سان ٿيو. ان کان پوءِ ڪيترن ئي پهلوانن سان سندس يادگار مقابلا ٿيا.

سمن شاهہ ملهہ جي ميدان ۾ اٽڪل ويهہ سال لڳاتار پنهنجي پهلواني ۽ جو ڏاڪو ڄمايو. هن قلندر لعل شهباز، لطيف سرڪار، سچل سرمست جي ميلن کان علاوه اتر ۽ لاڙ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي بزرگن جي ميلن ۽ خاص ڏينهن تي ڪرايل ملاڪڙن ۾ پنهنجي پهلوانيءَ جا جوهر ڏيکاري داد حاصل ڪيو. هو تمام تيز پهلوان آهي. ڪڏهن تيزي سڄي ٻنهي جو وارو ڪندو آهي. پهلوان ساڻس ملهہ وڙهڻ کان اڪثر لنوائيندا آهن. هو پنهنجي وقت جو سهڻو ملهہ هو. هن وقت عمر جي تقاضا سبب ملهہ گهٽ ٿو وڙهي. سندس ذريعہ معاش زميني آهي. پاڻ نهايت ملنسار کل، مک ۽ ياروويس انسان آهي. هن ڪڏهن بہ پنهنجي وڏائي بيان نہ ڪئي. کيس مختلف طور ڪيترائي انعام اڪرام ۽ ميڊل وغيره مليل آهي.

سندري اتم چنداڻي

سندري اتم چنداڻي 28 سيپٽمبر 1924ع تي ناهين جي پڙ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائي. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ اداڪاره آهي.

سندري اتم چنداڻي مئٽرڪ تائين تعليم تولارام اسڪول حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. تعليم دوران حيدرآباد ۾ ئي سندس شادي مشهور ليکڪ ڪامريڊ آسنداس جيناڻند اتم چنداڻي سان ٿي وئي. ورهاڱي کان پوءِ هو پنهنجي مڙس سان گڏ ڀارت هلي وئي. اتي بمبئي ۾ ايم اي تائين تعليم حاصل ڪري. ڪي جي ڪلناڻي اسڪول جي ڪاليج سيڪشن ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار مقرر ٿي.

ورهاڱي کان اڳي سندري اتم چنداڻي عورتن جي مخزن "ساٿي" جي 1946ع ۾ ايڊيٽر ٿي رهي ۽ پوءِ "سنڌ سماچار" ۽ "سنڌو سنسار" اخبارن جي پڻ عورتن واري پاڱي جي ايڊيٽر ٿي رهي. کيس راڳ سان بہ دلچسپي آهي هن سنڌ ۾ برهمانند کان راڳ ڳائڻ جي سکيا حاصل ڪئي هئي. کيس اداڪاري سان پڻ لڳاءُ آهي. ان سلسلي ۾ هن ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ فلم "سنڌوءَ جي ڪناري" ۾ پڻ سٺي اداڪاري ڪئي اٿس. پاڻ "سنڌو ساهت

منڊل" ٻمبئي جي بانيڪار ۽ "سنڌو ناري سڀا" ۽ "سنڌو ٻال مندر سوسائٽي" جو پايو وجهندڙ پڻ آهي.

سندري ۽ ڪي ادب سان تمام گهڻو چاهه آهي. هوءَ گذريل اڌ صدي کان لاڳيتو لکندي پئي اچي. سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا ٻه ناول ۽ هڪ مضمونن جو مجموعو شايع ٿي چڪا آهن. تنهن کان علاوه هن ٻيا ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا آهن. معياري ڪهاڻين ۽ ڪتابن لکڻ تي ڪيس مختلف انعام پڻ مليا آهن. جن ۾ 1966ع ۾ سوويت لينڊ نهرو انعام ۽ 1978ع ۾ رشيا جو انعام پڻ شامل آهن.

سندري اتم چنداڻي جا شايع ٿيل اصلوڪا ۽ ترجمو ٿيل ڪجهه ڪتاب هن ريت آهن.

ڪهاڻين جا مجموعا: اڇا وار ڳاڙها گل (1965ع)، توجنين جي تات (1970ع)، پوري (1979ع) ۽ ٻنڌڻ (1982ع).

ناول: ڪرندڙ ديوارين (1953ع) ۽ پريت پراڻي ريت نرالي (1956ع).

مضمون: ڀارت ۽ روس ٻه ٻانهن ٻيلي (1975ع).

ترجمو ڪيل: تتل ساز (1956ع)، پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون، هڪ سيئي سو سور (1978ع)، امن سڏي پيو (1966ع)، شولو خوف جي جهلڪ (1975ع)، ملايازيميليا (1978ع)، نشون جنم (1978ع)، ڪنواري ڌرتي (1979ع)، نئين سپيتا جو درشن (1980ع)، وغيره.

سوڀو گيانچنداڻي

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي پٽ لنورمل 3 مئي 1920ع تي ڳوٺ ٻنڊي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. سياسي ميدان ۾ سندس شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج نه آهي.

ڪامريڊ سوڀي صاحب پرائمري تعليم پنهنجي واري ڳوٺ ٻنڊيءَ ۾ حاصل ڪئي، انگريزيءَ جي تعليم قمبر، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. انٽر آرٽس ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪري 1941ع ۾ بي اي جو امتحان شانتي نڪيتن ڪاليج ڪلڪتي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.[1]

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سوڀي صاحب سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. هندستان کي انگريزن کان آزادي ڏيارڻ واري تحريڪ ۾ سرگرم ٿي ويو. ان سلسلي ۾ سنڌس پهرين گرفتاري ڪانگريس طرفان هلايل تحريڪ دوران 1942ع ۾ ڪئٽ انڊيا جي سلسلي ۾ ٿي هئي. ان وقت پاڻ سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن

---

(1) نڪيتن ڪاليج ڪلڪتي کان 97 ميل پري هڪ خوبصورت وادي ۾ قائم آهي. رابندر ناٿ ٽيگور کي 1913ع ۾ نوبل انعام مليو ته، هن ان رقم مان زمين خريد ڪري اتي اهو عظيم ڪاليج قائم ڪيو هو.

جو سيڪريٽري هو. هن 1944ع ۾ ڪامريڊ جمال الدين بخاري ۽ ڪامريڊ مجتبيٰ کان متاثر ٿي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت ڪئي. ان کان پوءِ 1966ع تائين مسلسل ڪيئي پيرا ڪيس گرفتار ڪري جيل اماڻيو ويو ۽ گهڻو وقت جيل ۾ گذاريائين. ڪجهه وقت پنهنجي گهر ۾ نظر بند به رهيو. جولاءِ 1954ع کان ڪميونسٽ پارٽيءَ تي پاڪستان ۾ بندش پئجي وئي ۽ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. فيبروري 1966ع ۾ جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ سياست کان پاسيرو رهي لاڙڪاڻي لاڪاليج مان 1970ع ۾ وڪالت پاس ڪري وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين.1972ع ۾ سنڌي ٻوليءَ واري بل جي سلسلي ۾ هلچل هلي، ان ۾ هن ڀرپور حصو ورتو. جنهن ڪري ڪيس لاڙڪاڻو بدر ڪيو ويو ۽ هو بلوچستان جي گورنر مير غوث بخش خان بزنجو جو مهمان ٿيو. 1988ع واري اليڪشن ۾ سوڍو صاحب قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو هو، پر سنڌس مخالف چڪر هلائي پيهر ووٽن جي ڳڻپ ڪرائي ڪيس شڪست ڏياري. پاڻ لڳاتار 20 مهينا پنهنجو ڪيس اليڪشن ڪميشن ۾ وڙهندو رهيو، ايستائين جو اها اسيمبلي به ختم ٿي وئي.

سوڍي صاحب کي سنڌ سان بي انتها محبت آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌس سڀ عزيز دوست هندستان هليا ويا، پر سوڍي صاحب يارن ۽ رت جي رشتيدارن کي ڇڏي سنڌ کي منهن ڪندي هميشه لاءِ هتي ٿي رهي پيو. اهوئي سبب آهي جو ڪيس سنڌ واسين يارن "ڌرتي جو پٽ" وارو لقب مليو. پاڻ اڄڪلهه لاڙڪاڻي جو مصروف ترين وڪيل آهي.

ڪامريڊ سوڍو وسيع مطالعو رکندڙ بهترين اديب پڻ آهي هن سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون ۽ انگريزي ۾ ڪجهه مضمون به لکيا آهن. وٽس هڪ بهترين لائبريري به آهي، جنهن ۾ هزارين ناياب ڪتاب خاص ڪري انڊيا ۽ پاڪستان جي تاريخ، فلاسفي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ بابت موجود آهن.

سوز هالائي

الهڏنو المعروف "سوز هالائي" ولد محمود پنهيرو 5 ڊسمبر 1937ع تي هالا پراڻا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اديب آهي.

سوز هالائي ابتدائي تعليم مدرسي محمديه اسلاميه هالا پراڻا ۾ حاصل ڪئي. سنڌي فائينل جو امتحان 1950ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول هالا پراڻا مان پاس ڪيو. جنهن کان پوءِ اديب سنڌي 1963ع ۾ ۽ اديب عالم 1965ع ۾ اورينٽل ڪاليج هالا مان ۽ مئٽرڪ 1965ع ۾، بي-اي 1972ع ۾ ايم اي (سنڌي) 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل ايل بي 1975ع ۾ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. پاڻ شروع ۾ روينيو تپيدار مقرر ٿيو ۽ پوءِ

روينيو ڪلارڪ، جيلر ۽ آخر ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار جي عهدي تان رٽائر ٿيا آهن ۽ هن وقت پاڻ وڪالت ڪري رهيو آهي.

سوز هالائي صاحب 1963ع کان شاعري جي شروعات ڪئي، جيڪا اڃا تائين جاري ساري آهي. هن شاعري جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. غلام رسول ابڙو "غلام هالائي" کي شاعري ۾ پنهنجو استاد تسليم ڪري ٿو.

سوز هالائي کي عوامي شاعر، هجڻ جو شرف حاصل آهي. ريڊيو پاڪستان لاءِ سندس لا تعداد ڪلام رڪارڊ ٿيل آهي، جيڪو مختلف اسٽيشن تان نشر ٿيندو رهي ٿو ۽ عوام ۾ بيحد مقبول آهي. ٽيليويزن تي پڻ سندس ڪلام ڪيلي ڪاسٽ ٿيندو آهي. سنڌي سڀني ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس شاعري وڏي آب و تاب سان شايع ٿيندي رهي آهي. سندس ٻه شعري مجموعا "رنگ رتاپيچرا" 1979ع ۾ ۽ "درشن ڏاروڏار" 1992ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. سوز هالائي ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون آهن. سندس لکيل ڪيتريون ئي گيت پريون ڪهاڻيون ريڊيو تان نشر ٿي چڪيون آهن. پاڻ هن وقت نشر ۾ هڪ ڪتاب "ڳالهيون من اندر جون" ترتيب ڏئي رهيو آهي.

سوز هالائي "سنڌي ادبي سنگت" هالا پراڻا ۽ "سگا" هالا پراڻا جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو آهي. پاڻ بزم طالب المولى جو ميمبر به آهي ۽ ڪيترن ئي نوآموز شاعرن جي رهنمائي ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي هن سدا ملوڪ شاعر کي مختلف طور مختلف ادبي ادارن کان ڪيترائي انعام ۽ اعزاز مليل آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ايذائن جي انسانن کي آڳ لڳي تن ايوانن کي،
وانءِ وڃي ٿي ويرانن ڏي ڪير ٻڌائي بيگانن کي،
هت سڀئي زخمي زخمي ڪيئن سجائن گلدانن کي،
ماٺهو اُهي ئي مهان ٿين ٿا روڪن ٿا جي طوفانن کي.

سومر فقير هنگورو

سومر فقير ولد محمد موسيٰ هنگورو سن 1310 هجري ڌاري ڳوٺ محمود هنگورو لڳ سعيد آباد ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. بعد ۾ ڪن مجبورين ڪري لڏي اچي شهدادپور جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ويٺو. اهو ڳوٺ سندس نالي سان اڄ به مشهور آهي.

سومر فقير هنگورو هڪ سچو سالڪ، باڪمال درويش ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. ننڍي هوندي کان ئي سندس روشن دماغ ۾ حصول علم جا واضح آثار موجود هئا. جڏهن سمجهه لائق ٿيو ته سندس طبيعت جو لاڙو فقيري ڏانهن

ٿيو. ۽ حضرت شاهه مردان شاهه "اول" ڪوٽ ڏٺي جي خدمت ۾ حاضر ٿي بيعت ڪري سندس مريد بڻيو.

فقير صاحب اعليٰ خوبين وارو آدرشي انسان، پرهيزگار ۽ شريف النفس نيڪ بندو هو، سندس سخاوت تہ پري پري تائين مشهور هئي. سندس غريب خاني تي لنگر هر وقت هلندڙ هو. نقل آهي تہ هڪ رات اڌ رات جو فقير صاحب وٽ چند مهمان آيا. فقير صاحب جي گهر واري آڌي رات جو ان جند ۾ پيهي ماني تيار ڪئي، جڏهن فقير صاحب ماني آندي تہ مهمانن کي اوطاق ۾ نہ ڏسي، کيس ايترو تہ غم ٿيو جو پاڻ زارو قطار روئڻ لڳو. اهڙي طرح سخاوت جا بيا بہ سندس ڪيترائي مثال ملن ٿا. مطلب تہ انسانيت، سخاوت، ڪرامت ۽ عبادت جا سڀئي گڻ منجهس موجود هئا. اهڙو چمڪندڙ چنڊ 5 جمادي الاول سن 1375 هجري تي پنهنجي اصل مقام ڏانهن غروب ٿي ويو.

سونو خان بلوچ

سونو خان بلوچ سنڌ جو اهو عظيم راڳي ٿي گذريو آهي، جيڪو پنهنجي مٺڙي ۽ مٺڙي آواز جي جادو سان هزارين ڏڪ ڪندڙ دلين کي موهي وجهندو هو. پاڻ جڏهن ڳائيندو هو تہ ماڻهن جا سيڙ لڳي ويندا هئا ۽ وٽن جيڪي ڪجهہ کيسي ۾ هوندو هو، مٿس گهور ڪري ڇڏيندا هئا.

سونا خان بلوچ ريڊيو تي بہ ڳايو تہ، اسٽيج ۽ نجي محفلن کي بہ خوب گرمايو موسيقي جي دنيا سان جيڪي ماڻهو چاهہ رکن ٿا، اهي سندس نالي کان چڱي طرح واقف آهن، البتہ اسان جو نئون نسل اهڙن فنڪارن کان روشناس نہ آهي. هن اوائلي دور ۾ گرامو فون (ڦوني) لاءِ رڪارڊ ڀرايا.

سندس پر سوز آواز ۾ ڀرايل اهي رڪارڊ سنڌي موسيقي جي دنيا جو نهايت قيمتي سرمايو آهي.

سونا خان کي موسيقي جي ڄاڻ پوري پني هئي، ليڪن قدرت واري کيس نهايت پرڪشش ۽ مٺو آواز بخشيو هو سندس آواز ۾ درد هوندو هو، جيڪو ٻڌڻ وارن تي وجد طاري ڪري ڇڏيندو هو، پاڻ شروع کان وٺي ريڊيو سان وابستہ رهيو ۽ آخر ۾ بيماري سبب ڳائڻ ڇڏي ڏنائين. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ سندس رڪارڊ ڪرايل ڪلام اڄ بہ موجود آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. جن کي عام ڪرڻ گهرجي، پاڻ هڪ ساده دل ۽ عوامي فنڪار هو، سندس ڳائڻ جو انداز منفرد هو، ليڪن افسوس جو سنڌ جو هيءُ مايا ناز فنڪار جنهن سڄي ڄمار سنگيت جي خدمت ڪئي، آخر ۾ اسان جي بي توجهہ جو شڪار ٿي ويو، هو جڏهن فالج جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو تہ گورنمينٽ طرفان يا ڪنهن بہ نجي اداري طرفان سندس ڪا بہ پر گهور نہ لڌي وئي. جنهن سبب پاڻ 17 مارچ 1982ع تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو. کيس اباڻي قبرستان منياڻي ۾ دفن ڪيو ويو.

سهراب فقير

سهراب فقير خاصخيلي سن 1934ع ڌاري خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ ٽالپر وڏا ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حمل فقير هو، جيڪو خوش خير محمد فقير جو طالب هو ۽ سٺو راڳي هو.

سهراب فقير مشهور صوفي راڳي آهي. هن اسڪولي تعليم پن ٽن درجن تائين حاصل ڪئي، پوءِ ڪتابن جي ڳوٺڙي ڇڏي يڪتارو ڪنيائين، اهڙي طرح هن 8 سالن جي عمر ۾ پنهنجي والد ۽ چاچن سان گڏ ڳائڻ شروع ڪيو.

موسيقي سان سهراب فقير جو وڌندڙ شوق ڏسي سندس والد کيس روهڙي ۾ خانصاحب ڪيٽي خان جي حوالي ڪيو، جنهن کان هن راڳ جي باقاعده تعليم حاصل ڪئي. سندس استاد جو چوڻ هو ته ڪو به شخص تيستائين پڪيءَ طرح راڳ نه سکي سگهندو، جيستائين طبلو يا ڍولڪ نه سکندو. ان ڪري سهراب فقير راڳ سان گڏ طبلي وڄائڻ جي پڻ پوري سکيا ورتي ۽ پنهنجي استاد ڪيٽي خان سان گڏ طبلو به وڄائيندو هو. آخر ڪجهه وقت کان پوءِ استاد جي اجازت سان واپس ڳوٺ آيو ۽ پنهنجي مرشد خوش خير محمد جي درگاهه تي پهريون ڪلام "ڪڏي قدم ڪايا کان ٻاهر ڪر، تڏهن هر جاءِ ايندءِ حق نظر" ڳايو ۽ پوءِ مختلف درگاهن تي صوفي ڪلام ڳائڻ لڳو. هڪ ڀيري صوفي علي محمد ٽالپر جي درگاهه تي پاڻ ڳائي رهيو هو، ان محفل ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور جو اڳوڻو اسٽيشن ڊائريڪٽر سيد الهه بخش شاهه بخاري ۽ پروڊيوسر جهانگير قريشي به موجود هئا. ڪين فقير صاحب جو راڳ بيحد پسند آيو ۽ کيس ريڊيو لاءِ بڪ ڪيو. هن ريڊيو پاڪستان خيرپور تان پهريون ڪلام غمدل فقير جو ڳايو، جنهن جا ٻول آهن: "ڳليان پريم ننگر ديان، حضرت عشق گهمايم" اهڙي طرح فقير صاحب سڄي سنڌ سان متعارف ٿيو.

سهراب فقير موجوده دور جي صوفي ڳائڻ مان سرموڙ راڳي آهي. پاڻ جڏهن پنهنجي ساٿين سان گڏ يڪتاري ۽ ڪڙتال تي سنگ ۾ صوفي شاعرن جو ڪلام پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳائيندو آهي ته، محفل ۾ ويٺل ماڻهو وجد ۾ اچي ڦيرون پائيندا آهن. پاڻ باجي تي اڪيلو به ڳائيندو آهي. سر ۽ تار جو نهايت ڪاريگر آهي. سندس آواز به سٺو ۽ پرسوز آهي. پاڻ ملڪ کان ٻاهر لنڊن، ناروي، بيلجم، جرمني، هالينڊ، فرانس، اٽلي، ڊينمارڪ، سئٽزرليند، سعودي عرب، دبئي، ايران ۽ هندستان وغيره ۾ پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

سهراب فقير کي ميجتا طور انعام اڪرام به مليا آهن. 1991ع ۾ سچل سائين جي عرس جي موقعي تي کيس سچل ايوارڊ ڏنو ويو، جڏهن ته هڪ ڀيري کيس هڪ ئي محفل ۾ (136000) هڪ لک ڇٽيهه هزار روپيا نقد انعام مليو.

اها محفل سردار غلام محمد مهر مرحوم جي ڳوٺ ٿي هئي.

فقير صاحب هن وقت مسلسل بيمار رهي ٿو. دعا آهي ته خدا کيس صحت بخشي.

سيف "تنها" بخاري

سيف "تنها" بخاري ولد ڊاڪٽر ممتاز بخاري 1977ع ۾ هالا شهر ۾ ڄائو. سندس پورو نالو سيد سيف الله شاهه بخاري هئو، "تنها" تخلص هو، پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو اهو نرالو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجي موت کان پوءِ شهرت ماڻي.

سيف بخاري جو والد ناميارو اديب تعليمي خدمتگار آهي، جنهن پنهنجي پٽ سيف بخاري جي تعليم، تربيت ۽ پالنا پنهنجي سرپرستيءَ ۾ هالا جهڙي علم ۽ ادب جي مرڪزي شهر ۾ ڪئي. انٽر کان پوءِ کيس اين ڊي اي يونيورسٽي ڪراچي ۾ داخل ڪرايو. پاڻ اڃا انجنيئرنگ جي ٻئي سال ۾ هو ته، 1996ع ۾ يونيورسٽي ۾ دهشتگردن هٿان شهيد ٿي ويو. 19 سالن جو اهو ننڍڙو ڇوڪرو ڪنهن ٿي ڄاتو ته، مستقبل جو يلوڙ شاعر بڻ ٿيندو. ليڪن افسوس جو هو پنهنجا حسين خواب احساس ۽ جذبا ڪنهن کنيو ڪنهن اهڙي ماڳ هليو ويو، جتان ڪوبه ڪونه موٽيو آ. سيف جي حياتي ۾ ڪنهنکي به خبر ڪانه هئي ته، هو ڪو شاعر آهي. اهو راز سندس وفات کان پوءِ کليو، ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته، سيف جو طبعي موت 1996ع ۾ ٿيو ۽ ادبي جنم وري هڪ سال کان پوءِ 1997ع ۾ تڏهن ٿيو، جڏهن هن جو شعري مجموعو "سرس آهي سونهن ۾" سندس والد ڇپرايو. اهڙي طرح "سيف تنها" ادبي دنيا ۾ عجيب نموني سان متعارف ٿيو. ڇو جو هو جيسين زنده هو، تيسين ادب وارن لاءِ ۽ خود سندس مائٽن لاءِ غير معروف رهيو، پر مئي پڄاڻا هو هڪ تمام سني شاعر جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. هو پنهنجي عمر کان تمام وڏو شاعر هو. سندس والد صاحب جو چوڻ آهي ته "سيف خاموشيءَ سان چپ چاپ شاعري ڪندو رهيو. ڪوڙ سارا غزل، گيت، بيت، وايون، نظم، ترائيل، چوسٽا، دوها ۽ نثري نظم لکيائين. پر هن ڪڏهن به مون کي سڌئي نه پورڻ ڏني ته، پاڻ ڪو شاعر به ٿي رهيو آهي. سندس وفات کان پوءِ سندس سامان مان شاعري جا لکيل ڪتاب جڏهن اسان کي مليا ته، پوءِ ئي اهو راز ظاهر ٿيو."

سيف تنها ڪمال جي شاعري ڪئي آهي، هن شاعري جي مختلف صنفن سان سٺو نباهيو آهي. هن شاعريءَ ۾ دلين جي ترجماني پڻ ڪئي آهي، جيڪا شاعر جي ڪاريگريءَ جو معراج آهي. هن اردو غزل ۽ نثري نظم پڻ لکيا

آهن. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

(1) گهائجي ويل دل جي زخمن جا نشان رهجي ويا،
۽ ڳلن تي تنهنجي مُنهن جا نشان رهجي ويا.
(2) ڏنا مون دنيا جا عجب اسرار هت،
نہ ڪو بہ ڪنهن جو سڄڻ يار هت.

سينڌو خان، استاد

استاد سينڌو خان ولد هادو خان سن 1880ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ برصغير جو ناميارو ڳويو ٿي گذريو آهي.

استاد سينڌي خان جو والد پڻ هڪ وڏو موسيقار هو، جيڪو اصل امرتسر جو رهاڪو هو ۽ پوءِ سنڌ جي ڳوٺ مانجهوءَ ۾ سيٺ وشنداس وٽ اچي رهيو. استاد سينڌو خان بہ پنهنجي والد سان گڏ اتي رهڻ لڳو. هن موسيقي جي سکيا پنهنجي والد کان ورتي. هن ڪافي عرصو سيٺ وشنداس وٽ گذاريو ۽ سيٺ جي وفات کان پوءِ ڪجهہ سالن بعد استاد سينڌو خان 1937ع کان هميشہ لاءِ اچي هالن ۾ رهيو. جتي سائين "طالب المولىٰ کانئس ستار وڄائڻ جي سکيا پڻ حاصل ڪئي هئي.

استاد سينڌو خان موسيقي جي دنيا ۾ ڏيهہ پرڏيهہ مشهور هو، سندس گائڪي دهلي انداز جي هئي، جنهن تي تلونڊي اثر نمايان هو. ستار سندس دل پسند ساز هو، جنهن تي کيس مڪمل ڪمال حاصل هو. پاڻ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ٿيندڙ محفل موسيقي جي پروگرامن ۾ عام جام شرڪت ڪندو هو. پنهنجي فني صلاحيت جي ڪري بهترين ڳويي جي حيثيت سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

استاد سينڌو خان هڪ عظيم موسيقار سان گڏوگڏ فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جو بهترين شاعر پڻ هو. "صيد" تخلص استعمال ڪندو هو. شاعري جو شوق کيس سيٺ وشنداس جي صحبت ۾ ٿيو. ان کان علاوه موسيقي جي حوالي سان سندس تصنيف "دربيان موسيقي هند" سندس صورتخطي ۾ هڪ ناياب ڪتاب موجود آهي.

استاد سينڌو خان 8 فيبروري 1942ع تي گذاري ويو، جيئن تہ محمد فقير کتياڻ سان سندس گهڻي صحبت هئي، انهيءَ ڪري سندس آخري آرام گاهہ بہ درگاهہ محمد فقير کتياڻ تي آهي، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دلربا دلڙي ڪسي دل کي تون برباد نہ ڪر،
بيوفائيءَ جو سبق يار سڄڻ ياد نہ ڪر،
روز شب تنهنجي گليءَ ۾ آهي عشاقن جو هجوم،
درد وارن جي دوا آهي تہ بي داد نہ ڪر.

(ش)

شاھہ محمد نابينا

شاھہ محمد نابينا ولد محمد رمضان بکک 31 جنوري 1893ع تي تعلقي ميرپور بٺوري جي ڳوٺ دڙي ۽ لاڙ پور جي وچ ۾ ڳوٺ عيسيٰ بکک ۾ ڄائو، پاڻ شهنشاھہ نڙائي تي گذريو آهي.

شاھہ محمد غريب هئڻ ڪري تعليم جي زيور سان آراستہ ٿي نہ سگهيو ۽ سندس لڳاءُ موسيقي طرف ٿيڻ لڳو ۽ اڪثر فقيرن جي صحبت ۾ گهمڻ لڳو، ننڍي هوندي کان ماتا جي بيماري سبب اکين کان معذور ٿي ويو. هي فقيرن جي صحبت ۽ انهن جي ڪچهرين ۾ وڃڻ ڪري نڙ وڄائڻ سکي ويو ۽ آخر خداداد ڏات ملڻ ڪري ان فن ۾ مهارت حاصل ڪري ويس.

شاھہ محمد موسيقي جو بي تاج بادشاھہ هئو، پاڻ مختلف راڳڻيون، ڪافيون، لهرا، ڦوڪون وڄائي ويندو هو. هن ڪيترين ئي پنهنجون نيون طرزون ايجاد ڪيون، ڪيس مختلف سرڪاري محفلن ۾ دعوت ڏئي گهرايو ويندو هو، جتي ڪيترن ئي ملڪن جا سفير، آفيسر ۽ اعليٰ عملدار موجود هوندا هئا. جڏهن پاڻ نڙ جو ساز وڄائيندو هو تہ، پوري مجلس محويت جي عالم ۾ اچي ويندي هئي. هن ڪيترين ئي سرڪاري توڙي غير سرڪاري محفلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ڀرپور داد حاصل ڪيو. هيءُ سوز ۽ سنگيت جو راڻو 5 مئي 1957ع تي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ميرپور بٺوري جي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو، سندس مزار تعلقي ميرپور بٺوري ۾ لاڙ پور جي ويجهو قاضي پريو جي قبرستان ۾ آهي.

شاھہ مردان شاھہ (پير پاڳارو)

پير سڪندر شاھہ عرف پير شاھہ مردان شاھہ (ثاني) المعروف پير پاڳارو 22 آڪٽوبر 1928ع تي پير ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جي مشهور پاڳاري خاندان جي گاديءَ جو موجوده گادي نشين، حر جماعت جو روحاني پيشوا ۽ "پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) پارٽيءَ" جو صدر ۽ پاڪستاني سياست تي ڇانيل مشهور سياسي ليڊر آهي. ڪيس "پير پاڳاري" جي نالي سان سنڌ جو ٻچو ٻچو ڄاڻي سڃاڻي ٿو. سندس تعلق مشهور راشديہ خاندان سان آهي.(1)

---

(1) هن خاندان جو پهريون شخص سيد علي مڪي بنو عباس جي دور ۾ اسلام جي اشاعت خاطر مڪي شريف کان سنڌ ۾ وارد ٿيو، جنهن جو سلسلو پندرهين پشت ۾ امام عالي مقام سيد الشهداء حضرت حسين عليہ السلام جن سان وڃي ملي ٿو. هن خاندان جا ڪيئي حضرات پنهنجي زماني جا نامور مشائخ ۽ اسلام جا مبلغ ٿي گذريا آهن، جن ۾ سيد محمد راشد رحہ پڻ هڪ هئو، جنهن جي نالي پويان هي راشدي سيد سڏجن ٿا. سيد محمد راشد رح کي ٻہ فرزند ٿيا، هڪ سيد صبغت الله شاھہ (اول) جو صاحب دستار يا پاڳارو سڏيو ۽ ٻيو سيد محمد ياسين جو علم جو صاحب يا جهنڊي وارو سڏجڻ لڳو.

پير صاحب پاڳاري جو والد سيد صبغت الله شاهه (ثاني) تحريڪ آزاديءَ جو سورهيه سردار ٿي گذريو آهي، جنهن انگريزن سان ٽڪر کاڌو، جنهن ڪري کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو، ان وقت پير شاهه مردان شاهه اڃا ڇوڏهن سالن جو مس هو. انگريزن سندس والد بزرگوار کي 1943ع ۾ ڦاسي ڏيڻ کان پوءِ شاهه مردان شاهه ۽ سندس ننڍي ڀاءُ نادر شاهه کي پهريان ڪراچي ۾ نظر بند رکيو ۽ پوءِ تعليم جي بهاني سان برطانيه موڪلي ڇڏيو. اتي کين ميجر سي ڊيوس جي پرائيويٽ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي انگريزي ۽ لاطيني ٻولين ۾ کين تعليم ڏني وئي.

پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ 1952ع ۾ ٻئي ڀائر واپس وطن پهتا ۽ حڪومت سندن درگاهه تي ٠٣ل پابندي ختم ڪري گادي بحال ڪئي ۽ ضبط ڪيل ملڪيتون پڻ واپس ڪيون.

پير صاحب پاڳاري جي دستار بندي 4 فيبروري 1952ع تي ٿي ۽ کيس ستون نمبر پاڳارو تسليم ڪيو ويو، پاڻ دستاربنديءَ کان پوءِ سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيائين، جو روپوش حرن کي حڪم ڏنائين ته، اهي بدامنيءَ جو خاتمو آڻين. ان کان پوءِ علم جي تڪميل ڪيائين ۽ شرعي علوم ۽ عربيءَ ۾ درڪ حاصل ڪيائين. ڇو جو انگريز کيس بي دينيءَ جي تعليم ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي. پير صاحب 1973ع کان پاڪستان جي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو، ان وقت کان اڄ تائين پاڻ سياسي ميدان ۾ چانيل رهيو آهي. پاڻ سينيٽر ۽ ڪيترائي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي. کيس پاڪستان مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو، بعد ۾ اپوزيشن پارٽين جي متحده محاذ جو صدر چونڊيو ويو. اپريل 1977ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ "پاڪستان قومي اتحاد" حڪومت خلاف تحريڪ شروع ڪئي ته ان جي صدر مفتي محمود جي گرفتاري کان پوءِ پير صاحب کي قائم مقام صدر مقرر ڪيو ويو ۽ سندس قيادت ۾ قومي اتحاد جي ٽيم جناب ڀٽي جي وچ ۾ ڳالهيون ٿينديون رهيون ٻنهي ڌرين درميان ناهه ٿي ويو ۽ صبح جو رڳو ناهه تي صحيون ٿيڻون هيون ته 4 ۽ 5 جولاءِ 1977ع جي وچ واري رات ۾ پاڪستاني فوج جي ان وقت جي چيف آف اسٽاف جنرل ضياءَ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري حڪومت تي قبضو ڪري ورتو.

پير صاحب پاڳاري بعد ۾ 19 آڪٽوبر 1979ع تي پنهنجي جدا پارٽي "پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل" قائم ڪئي، جنهن جو پاڻ صدر آهي. کيس سياست تي خاصو عبور حاصل آهي. سندس ڪيل سياسي اڳڪٿيون اڪثر صحيح ثابت ٿينديون آهن، ان ڪري سياسي حلقا سندس بيان بازي کي اهميت وارو سمجهندا آهن.

پير صاحب جي مريدن "حر مجاهدن" پاڪستان لاءِ جيڪي وقت بوقت خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، اهي هميشه ياد رهنديون، خاص ڪري 1965ع ۽ 1971ع وارين پاڪ ڀارت جنگين ۾ مجاهد فورس ۾ ڀرتي ٿي، ملڪ جي سرحدن تي دشمن خلاف لڙندي پنهنجي بهادري ۽ حب الوطنيءَ جا جيڪي جوهر ڏيکاريا، تن جو اعتراف غير ملڪي نامه نگارن ۽ خود هندستاني فوجين به ڪيو آهي ان کان علاوه ڪئين ڀيرا ڌاڙيلن جي خاتمي لاءِ پاڪستان سرڪار حرن جون خدمتون حاصل ڪري چڪي آهي.

هونءَ ته پير صاحب جا مريد ٿورا گهڻا سڄي سنڌ ۾ آباد آهن، پر سانگهڙ ضلعو انهن جو مرڪز آهي "ڀيج پاڳارا" سنڌ دلپسند ۽ محبوب نعرو آهي، هو پنهنجي مرشد جي هڪ اشاري تي جان وارڻ لاءِ به تيار هوندا آهن. جيتري عقيدتمندي پير صاحب جي مريدن ۾ ڏسجي ٿي، ايتري اڄڪلهه جي ڪنهن ٻئي پير جي مريدن ۾ شايد ئي هجي. سندس مريد هر عيد تي خاص ڪري 27 رجب تي وڏي تعداد ۾ درگاهه پير ڳوٺ ۾ گڏ ٿي، سندس زيارت کان مشرف ٿيندا آهن. ان کان سواءِ پير صاحب مريدن جي دعوت تي پڻ وٽن ويندو آهي، جتي مريد ڪيس جججهو نذرانو پڻ پيش ڪندا آهن.

شاهنواز ڀٽو، سر

سر شاهنواز ولد غلام مرتضيٰ خان ڀٽو 2 مارچ 1888ع تي ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ سرڪرده سياسي ليڊر ٿي گذريو آهي.

سر شاهنواز ڀٽي ابتدائي تعليم ڳوٺ مان ۽ پوءِ لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي، مئٽرڪ ڪراچي مان پاس ڪيائين ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم ان ڪري حاصل نه ڪري سگهيو، جو سندس والد 31 سالن جي عمر ۾ 1899ع ۾ وفات ڪري ويو جنهن ڪري ڪيس اباڻي ڪرت زميندارئ سنڀالڻي پئجي وئي.

سر شاهنواز سياسي ميدان ۾ عملي طور 1910ع ۾ مڪاني ادارن جو ميمبر چونڊجي داخل ٿيو. 1919ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ لوڪلبورڊ جو ميمبر ٿيو، ان وقت ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو صدر انگريز هوندو هئو، شاهنواز خان 1920ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پهريون سنڌي عوامي چونڊيل صدر منتخب ٿيو. ٽيرهن سال لڳاتار اهو عهدو وٽس برقرار رهيو. ان دوران هن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تعليم ۽ صحت لاءِ خاص اپاءُ ورتا ۽ سکر بئراج اسڪيم منظور ڪرائڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي. 1921ع جي شروعات ۾ لاڙڪاڻي ضلعي مان پاڻ بمبئي ڪائونسل تي چونڊجي ويو، جنهن تي 1936ع ۾ سنڌ جي جدا ٿيڻ تائين رهندو آيو، جيڪو ڪنهن سنڌي يا سنڌ جي مسلمان لاءِ وڏو اعزاز آهي. 1924ع ۾ سر صاحب کي بمبئي سرڪار طرفان وزارت جو عهدو به مليو ۽ ان کان پوءِ هڪ سال لاءِ سنڌ جو گورنر به ٿيو.

سر شاهنواز خان ڀٽي سنڌ جي ٻمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ انگريزن تي وقت بوقت دٻاءُ وجهڻ لاءِ "سنڌ آزاد ڪانفرنس جماعت" ٻه جوڙيائين. 1930ع ۾ سنڌين پاران انگلينڊ گول ميز ڪانفرنس ۾ ٻه نمائندگي ڪيائين.

سر شاهنواز خان 1934ع ۾ "سنڌ پيپلز پارٽي" جو بنياد وڌو. 1936ع ۾ جڏهن "سنڌ اتحاد پارٽي" قائم ٿي ته، کيس ان جو ليڊر چونڊيو ويو. هن پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان 1937ع ۾ اليڪشن لڙيو. سنڌس پارٽيءَ ته 24 سيٽون کٽي ڪاميابي ماڻي، پر پاڻ ان اليڪشن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي کان هارائجي ويو، جنهن کان پوءِ وڏيڪ سياست ۾ رهڻ نه گهريائين، ان کان پوءِ 1945ع ۾ جهو ناڳڙهه رياست جي نواب مهابت خانجي سر شاهنواز کي پاڻ وٽ گهرائي "ديوان" وزيراعظم مقرر ڪيو ۽ 1948ع تائين ان عهدي تي رهيو ۽ پوءِ پاڪستان آيو.

سر صاحب کي ملڪي ۽ قومي خدمتن عيوض 1919ع ۾ انگريز سرڪار کان "او بي او" جو خطاب، 1921ع ۾ "خانبهادر" جو خطاب، 1924ع ۾ "قيصر هند" جو خطاب، 1925ع ۾ "سي آءِ اي" جو لقب ۽ آخر ۾ پهرين جنوري 1930ع تي کيس "سر" جو خطاب مليو. هن ٻه شاديون ڪيون جيون پهرين مان امداد علي ۽ سڪندر علي فرزند ٿيس ۽ ٻي شادي مان ذوالفقار علي خان ڀٽو "فخر ايشياءَ" جهڙو لائق فرزند ٿيس.

سر شاهنواز خان ڀٽو 19 نومبر 1957ع تي لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو. کيس آبائي ڳوٺ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر

پروفيسر ڊاڪٽر شاهنواز ولد در محمد سوڍر 10 مئي 1940ع تي ڳوٺ ٽاٽو سوڍر المعروف فيض محمد سوڍر تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو، پاڻ ناميارو محقق، اديب ۽ شاعر آهي.

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جي ابتدائي تعليم آبائي ڳوٺ جي هڪ ملامڪتب ۾ ٿي، قرآن شريف ناظره پنهنجي ڏاڏي محمد خان سوڍر ۽ والد صاحب کان پڙهي پورو ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب پرائمري تعليم کان سواءِ باقي سڀ تعليم خانگي طور حاصل ڪئي، جنهن ۾ اديب، سنڌي، اديب، عالم، منشي، انٽر، بي اي ۽ بي ايڊ جا امتحان شامل آهن. پاڻ 1963ع ۾ پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو، جنهن کان پوءِ ايم اي (انٽرنيشنل رليشنس) ۽ ايم اي (سنڌي) پاس ڪري 1973ع ۾ ليڪچرار ٿيو. پهريون ڪاليج نئون مليس ۽ پوءِ مختلف ڪاليجن ۾ رهندي، هن وقت ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي.

سوڙو صاحب علامہ قاسمي صاحب جي رهبريءَ ۾ پنهنجي ٿيسز "سنڌي ثقافت ۽ شاهہ لطيف" مڪمل ڪري 1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري ورتي آهي، سنڌي زبان ۾ لکيل شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ تي هيءَ پهرين ٿيسز آهي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بہ لطيفي ادب ۾ پهرين ٿيسز آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد هيءَ مقالو 1991ع ۾ شايع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي پهرين لکڻي نئين زندگي رساليءَ ۾ فيبروري 1988ع تي بعنوان "شاهہ لطيف رحہ ۽ سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت ۽ تجارت" مقالي جي صورت ۾ ڇپي. هن صاحب جو نثري ادب سنو ۽ سلجهيل آهي. ان ۾ ٻين ٻولين جا اصطلاح ۽ محاورا گهٽ استعمال ٿيل آهن. خاص ڪري ڀٽائي ڀلاري جي فڪر ۽ فن کي صاف گوئي ۽ علمي ۽ ادبي انداز سان پيش ڪرڻ سندس جستجو ۾ شامل آهي. سندس لکيل تحقيقي مقالي کان علاوہ لطيفيات متعلق سندس هڪ ٻيو ڪتاب "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ" پڻ ڇپيل آهي. ان کان سواءِ مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪيترائي تحقيقي ۽ علمي مقالامختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل پکڙيل آهن. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي بہ ڪا ڪانفرنس يا سيمينار ٿيندو تہ، ڊاڪٽر صاحب اتي تحقيقي مقالو ضروري پڙهندي نظر ايندو، پاڻ مختلف ادبي ادارن جو سرواڻ ۽ سرگرم رڪن بہ آهي. پاڻ شاعري بہ ڪندو آهي تہ، ڪهاڻيون، ڊراما، ڪالم ۽ سفرنامہ بہ لکندو رهي ٿو. سندس لکيل بہ ڊراما ٽيليويزن تان بہ ٽيلي ڪاسٽ ٿي چڪا آهن. ميجتا طور ڪيس ڪجهہ ايوارڊ ۽ انعام بہ ملي چڪا آهن.

شبير شاهہ

سيد شبير شاهہ ولد سيد محمد شاهہ 10 مئي 1971ع تي ڳوٺ لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جو بهترين انائونسر آهي.

سيد شبير شاهہ بي اي پاس آهي، پاڻ پهريان سوناري ڪم ڪندو هو، پوءِ ڪجهہ وقت فوٽو گرافي ۽ اسٽيج ڊرامن سان وابستہ رهيو ۽ هاڻي پهرين جون 1997ع کان ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي سان وابستہ آهي. جتي سنڌي ۽ اردو انائونسر ۽ ڪمپيئر کان علاوہ آڊيو مٽيريل اسسٽنٽ، اسڪرپٽ رائيٽر ۽ ڪاپئسٽ جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. شاهہ صاحب ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي لاءِ مقرر ٿيل پهريون (عارضي طور) انائونسر ۽ ڪمپيئر آهي. پاڻ سٺي آواز جو مالڪ ۽ باصلاحيت ڪمپيئر آهي، وٽس ڏات بہ آهي تہ ڏانءُ بہ، ريڊيو اسٽيشن لاڙڪاڻي تان پهرين ڪهاڻي ڪهاڻي لکي نشر ڪرڻ جو اعزاز پڻ ڪيس ئي حاصل آهي.

شعبان "بخت"

محمد شعبان جو اصل نالو الله بخش ولد رسول بخش منگي آهي، "بخت" سندس تخلص آهي. سندس ولادت پهرين جنوري 1933ع تي ڪشمور ۾ ٿي. پاڻ سنڌ جو ڪهنه مشق شاعر، اديب ۽ صحافي آهي.

شعبان بخت پرائمري تعليم ڪشمور ۾ حاصل ڪئي ۽ مشترڪ جو امتحان سنڌ مدرسة لاسلام ڪراچي مان 1951ع ۾ پاس ڪيو. وڌيڪ تعليم لاءِ سروري اسلاميه ڪاليج هالا ۾ داخل ٿيو، پر مالي تڪليف سبب تعليم ڇڏي پهريان پاڻ پر اسسٽنٽ ٽيچر مقرر ٿيو، پوءِ اها نوڪري ڇڏي 1958ع ۾ ولبج اَيڊ پبلسٽي سيڪشن سان وابسته ٿيو.

شعبان بخت ڪيترن ئي ماهوار ادبي رسالن ۽ هفتيوار اخبارن جي اسسٽنٽ ايڊيٽر جي حيثيت سان سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. پاڻ ماهوار "ڳوٺ سڌار" ماهوار "فردوس" سکر، روزنامه "سارنگ" شڪارپور ۽ آخر ۾ ماهوار "نئين زندگي" سان لاڳاپيل رهيو. جتان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ غلام رسول ميمڻ صاحب جي اسرار تي هفتيوار اخبار "ناياب" جي ادارت جو قلمدان سنڀالي، شڪارپور کي پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمتن سان نوازيو. صحافتي دنيا ۾ جن جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، اهي هميشه ياد رهنديون.

شعبان بخت سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو پلوڙ شاعر آهي. هن جديد توڙي قديم شاعري جي تقريباً سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعريءَ جا مجموعا ڇپيل آهن. ان کان علاوه سنڌي مکيه اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس شاعري وڏي آب وتاب سان شايع ٿيندي رهي آهي. پاڻ شروع ۾ "خاڪ" تخلص سان شاعري ڪندو هو، پر پوءِ ان کي منحوس سمجهي ترڪ ڪري "بخت" تخلص اختيار ڪيائين. پاڻ پختو شاعر هجڻ سان گڏ هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نويس ۽ ناٽڪ نويس پڻ آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

پر وطن ڇائي (ناول - 1961ع)، اکڙيون اوجاڳيون (ناولٽ - 1965ع)، شغل شباب (شاعري)، سنڌي گائيڊ، اسان اوهان جا ٿيون ٿا (شاعري)، جڳ ڦاني جڳ والي ڦاني (سرائڪي شاعري)، جميله (ناول)، سهڻي ميهار (ناٽڪ) عمر مارئي (ناٽڪ) مصور مجاهد (ناٽڪ) وغيره. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏنل آهي:

وابسته آهي زندگي تنهنجي خيال سان،
ٿيندي نه منتقل سا سندم انتقال سان،
مون ٿي ڇيو ته ڪوبه نه آهي جو دل وٺي،
دل تو ڦري به يار ته ڪيئي ڪمال سان.

شمس الدين "بلبل"

شمس الدين "بلبل" ولد بهادر خان ذات شينو 21 فيبروري 1857ع تي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ قابل قدر شاعر، بي نظير نثر نويس ۽ ڪامياب صحافي ٿي گذريو آهي.

شمس الدين جا وڏا اصل اتر ڪان ناڙي جي طرف کان آيل هئا. سندس اصل نالو محمد پريل هو. جنهن کي مرشد جي چوڻ موجب بدلائي شمس الدين رکيو ويو. "بلبل" سندس تخلص هو. جنهن لاءِ مشهور آهي ته پاڻ جڏهن ڪراچي ۾ رهندو هو، تڏهن سندس محبت هڪ پارسياڻي عورت سان ٿي وئي هئي، جنهن جو نالو گل هو، ان نسبت سان شاعري ۾ هن پنهنجو تخلص "بلبل" اختيار ڪيو. پوءِ ان عورت کي ميهڙ ۾ وٺي اچي شادي ڪئي هئائين.

شمس الدين "بلبل" سنڌي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. پاڻ ڪجهه وقت انجنيئرنگ کاتي ۾ داروغو رهيو. ۽ پوءِ 1889ع ۾ ڪراچي روانو ٿي ويو، جتي خانبهادر حسن علي آفندي سان سندس ملاقات ٿي، جنهن کيس "معاون الاسلام" اخبار جو ايڊيٽر ڪري رکيو. هن اخبار جي ايڊيٽري واري زماني ۾ سندس لکيل ظريفانه ۽ فلسفيانه مضمون سڄي سنڌ ۾ ڏاڍا پسند آيا. در اصل هن بزرگ جي عبارت ٿي سنڌي نثر ۾ انقلاب آندو. "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" ۾ پڻ هن تمام گهڻي علمي ۽ ادبي خدمت ڪئي. کيس "سنڌ جو حالي" به سڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته هن مولانا حالي وانگر نثر توڙي نظم جي ذريعي "سنڌ جي سرسيد" يعني حسن علي آفندي جي مدد ڪئي. بلبل مسلمانن ۾ بهترين امت هئڻ جي پروڙ پيدا ڪئي، ۽ پنهنجي ناصحانه ڪلام وسيلي مسلمانن کي اخلاق جي واٽ وٺي هلڻ جو سبق ڏنو. سندس ڏنل تعليم ۾ انسانيت، وطنيت، قوميت، اوچائي، سرويچي ۽ سورهيائيءَ جي سکيا سان گڏ عمل ۽ جاکوڙ جي اپٽار ڪيل آهي.

حسن علي آفندي جي وفات کان پوءِ بلبل صاحب ڪجهه وقت لاڙڪاڻي جي اخبار "خيرخواهه" ۽ حيدرآباد جي اخبار "مسافر" جو مدير ٿي رهيو ۽ آخر ۾ سکر مان "آفتاب" اخبار سندس ادارت ۾ نڪرندي رهي ۽ هن اخبار وسيلي مرحوم بلبل عيسائين جا دليل رد ڪيا ۽ مزاحيه ڪالم ذريعي عيسائين جا چوڏا لاٿا. جو ان وقت سکر شهر جي چوسولن تي عيساني پادري پوليس جي پهرين ۾ پنهنجي مذهب جو پرچار ڪندا هئا.

مرحوم بلبل 1906ع ۾ ميهڙ ۾ مدرسة السلام جو بنياد وڌو، جيڪو پوءِ مڊل اسڪول ۽ 1934ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي کي پهتو.

شمس الدين "بلبل" تمام گهڻو ڪلام چيو آهي، سندس ديوان به ڇپيل آهي ۽ بيسو رهيل ڪلام وري "ڪلام بلبل" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ

1969ع ۾ ڇپرايو آهي. سندس ڪجهه تصنيفون هن ريت آهن. قلندري ميلو، بهار عشق، آئينہ تجارت، جام جم، بخت بازي، انگريز ۽ مسلمان، جهٽ سوال پٽ جواب، مداح سرور، احسن التواريخ.

شمس الدين "بلبل" 13 سيپٽمبر 1919ع تي وفات ڪري ويو.

شمس الدين حڪيم

حڪيم شمس الدين عالمي ميجتا ماڻيندڙ يوناني طب جو ماهر ٿي گذريو آهي. سندس فني مهارت جو داد سندس استاد جڳ مشهور حڪيم اجمل خان بہ ڏنو هو. سندس فن جي ساک سنڌ کان سواءِ هندستان، ايران، عرب دنيا ۽ افغانستان جي مشهور طبيبن بہ پري آهي.

حڪيم شمس الدين طب جي تعليم طبيہ ڪاليج دهليءَ ۾ حاصل ڪئي. طب جي سند وٺڻ بعد ڪيس فوري طور تي اتي ئي پروفيسر مقرر ڪيو ويو. جتي هن خداداد ذهانت سان فن جي خدمت ڪري ڪافي شهرت حاصل ڪئي، پوءِ موٽي اچي حيدرآباد سنڌ ۾ مطب ڪوليائين. جيڪو ترقي ڪندي "طبي ڪمپني" جي نالي سان خدمت ڪرڻ لڳو، حيدرآباد جو مشهور طبيہ ڪاليج سندس قابل قدر يادگار آهي. جنهن جو پاڻ پرنسپال بہ ٿي رهيو هو، طب جي فن تي لکيل سندس ڪتاب مستند سمجهيا وڃن ٿا.

حڪيم صاحب ديوبند جو فارغ التحصيل عالم پڻ هو، شروع ۾ خلافت تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن پڻ رهيو، وٽس هڪ وڏي طبي-لائبريري بہ هئي، جيڪا هن پنهنجي آخري عمر ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي سپرد ڪري عمدو مثال قائم ڪيو. ڪليات شمسي، آسان علاج ۽ مردانا طاقت سندس مشهور تصنيفون آهن. پاڻ 16 ڊسمبر 1960ع تي گذاري ويو.

شمشاد سومرو

شمشاد احمد ولد فتح الدين سومرو 6 سيپٽمبر 1963ع تي موري شهر ۾ ڄائو. پاڻ نئين ٽهي جو سڄاڻ ليکڪ آهي.

شمشاد سومرو ايم اي (سنڌي)، ايم اي (سياسيات)، ايم اي (معاشيات) ۽ بي ايڊ پاس آهي. ننڍپڻ کان وٺي ڪيس گهر ۾ ادبي ماحول مليو، ان ڪري سندس لاڙو علم ۽ ادب ڏانهن پيدا ٿيو. پاڻ 1985ع کان لکڻ جي ابتدا ڪري چڪو آهي. سندس لاڙو تحقيق ڏانهن گهڻو آهي. قوي اميد آهي تہ، پاڻ مستقبل جو سٺو محقق ثابت ٿيندو، هن وقت تائين "موري جا مور"، "نينهن ڪيم نروار" ۽ "تحريرون ۽ فتوائون، مولوي محمد صادق مورائي" نالي ڪتاب ۽ 30 کان وڌيڪ تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکي چڪو آهي. سندس لکڻيون ماهوار السنڌ اسلام آباد، ماهوار نئين زندگي، عبرت مئگزين، جاڳو،

عوامي آواز، خلق، آفتاب ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندڙ رهن ٿيون. پاڻ سنڌي ادبي سنگت مورو جو ٻه ڀيرا سيڪريٽري رهي چڪو آهي. هن وقت خليق مورائي اڪيڊمي جو سيڪريٽري آهي.

شمشير الحيدري

شمشير الحيدري جو اصل نالو شمشير علي ولد امام ڏنو خواجه آهي، سندس ولادت 15 سيپٽمبر 1932ع تي شهر ڪڍڻ ضلعي بدين ۾ ٿي پاڻ موجوده دور جو باڪمال شاعر، اديب، صحافي ۽ مصور آهي.

شمشيرالحيدري ابتدائي تعليم بدين ۾ حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ 1948ع ۾ سنڌ مدرسةالسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، ليڪن حالتن جي ناسازگار هئڻ ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي ڳوٺ موٽي آيو. ڪجهه وقت کان پوءِ وري تعليم وٺڻ شروع ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ پوءِ ايم اي (سنڌي) 1963ع ۾ پاس ڪيائين.

شمشيرالحيدري گهڻو نوڪريون ڪري چڪو آهي، پاڻ سارين جي مل تي منشي، پي ڊبليو، ڊي ۾ ڪلارڪ، ڪوآپريٽو بينڪ بدين ۾ مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪلارڪ، ٽماهي مهراڻ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، ماهوار نئين زندگي جو ايڊيٽر، نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۾ پبلشنگ مئنيجر، روزانه مهراڻ جو ايڊيٽر، روزانه هلال پاڪستان جو ايڊيٽر ۽ چيف ايڊيٽر ۽ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ سهڪاري نوڪريون پڻ ڪري چڪو آهي. ڪيس 9 مئي 1993ع تي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري پڻ مقرر ڪيو ويو هو.

شمشيرالحيدري کي ابتدا ۾ ادب سان ڪوبه لڳاءُ نه هو، پر سندس مامي ڊاڪٽر نظير حسين حيدري سندس ذهني تربيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙي طرح هن کي علمي ۽ ادبي ذوق پيدا ٿيو. جيڪو سندس ويجهي دوست اختر رضوي جي صحبت ۾ اچڻ بعد وڌيڪ پختو ٿيو. مهراڻ رسالي ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ محمد ابراهيم جويي ۽ مولانا غلام محمد گرامي جن سندس تمام گهڻي رهنمائي ڪئي ۽ پوءِ شمشيرالحيدري ادبي ميدان ۾ تڪڙيون وکون کڻندو اڳتي وڌندو ويو ۽ اڄ ٻرک سنڌي شاعرن جي لسٽ ۾ سندس نالو نمايان طور شامل آهي. پاڻ هونءَ ته شاعريءَ جي هر نئين توڙي ڪلاسيڪل صنف ۾ پاڻ مڃرائي چڪو آهي، پر آزاد نظم نهايت ئي ڪاميابيءَ سان لکيو اٿس. شمشير سنڌي ٻوليءَ ۾ آزاد نظم لکندڙ باني شاعرن مان آهي. هن غزل به نئين رنگ ۾ لکيو آهي. سندس شعر زبان ۽ بيان جي لحاظ کان بلڪل نئون هوندو آهي.

قافيا، رديف به نوان ته مٿان وري مستزاد به عجيب رکي ٿو، سندس نظم ۾ رواني ۽ تسلسل جو وڻندڙ ميلاپ آهي. هو مناسب لفظن سان سٽن ۾ موسيقيت پيدا ڪري ٿو.

شمشيرالحيدري جي شاعريءَ جو مجموعو "لاٽ" جي نالي سان 1961ع ۾ شايع ٿيو. جڏهن ته نثر ۾ به سندس ڪجهه ڪتاب موجود آهن. جهڙوڪ: انسان ڪامل (1953ع)، ڪاروان ڪربلا (1954ع)، پورس جا هاٿي (ڪهاڻيون 1958ع)، تنهنجون ڳالهيون سڄڻ (ترتيب 1961ع)، تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور (ترجمو 1963ع)، بهترين سنڌي ادب (افسانا 1969ع)، جر ٿر تڪ تنوار، فليم اينڊ فليوٽ آمريڪا جو سياسي سرشتو (ترجمو 1964ع)- سوڪڙي (ترتيب 1964ع)- پوئٽ فار آل ٽائمز ۽ سنڌيءَ جي آزاد شاعري جي عنوان سان لکيل ايم اي سنڌي لاءِ سندس يادگار مونو گراف آهي.

شمشيرالحيدري سنڌي ادبي سنگت جو پهريون مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو آهي. نموني طور سندس شاعريءَ جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

اسين حال هيٺا اوهان جي خدائي، وڏي ڳالهه آهي،
هلي پنهي اچا زندگيءَ جي لڙائي، وڏي ڳالهه آهي.

شوڪت حسين شورو

شوڪت حسين ولد عبدالڪريم شورو 4 جولاءِ 1947ع تي ڳوٺ حاجي نور محمد شورو تعلقي سجاول ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس آهي.

شوڪت حسين شوري پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان، مئٽرڪ چانڊيا هاءِ اسڪول سجاول مان، بي اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. هن ملازمت جي شروعات سنڌي ادبي بورڊ جامشوري طرفان ٻارن لاءِ شايع ٿيندڙ رسالي "گل ڦل" جي ايڊيٽري سان ڪئي. بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچي تي اسسٽنٽ پروڊيوسر ٿي رهيو. جنهن کان پوءِ هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت ڪرڻ شروع ڪئي، جتي هن وقت ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽس ڪو ڪريڪيولر ائڪٽيوٽيز آهي.

شوڪت حسين شورو لکڻ جي شروعات 1964ع ۾ ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي "بس ۾" جي عنوان سان ماهوار "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿي. هو هن وقت تائين 80 کن ڪهاڻيون لکي چڪو آهي جيڪي مختلف رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. سندس ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب "گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس" ۽ "اکين ۾ ٽنگيل سپنا" سنڌ ۾ هڪ ڪتاب "گم ٿيل پاڇو" هندستان ۾ شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن ته ملڪيت،باک، ڏيڻ ۽ سونيتي هن جي مشهور ٽي وي سيريلز جا نالا آهن.

شهمير خان "شهمير"

شهمير خان "شهمير" ولد جلال خان چانڊيو 14 اپريل 1894ع تي ٽنڊي ولي محمد (حيدرآباد) ۾ ڄائو. پاڻ قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

شهمير خان جا وڏا اصل ڳوٺ گاهي تعلي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي جا وينل هئا. سندس ڏاڏو مولوي نواز علي جيڪو ديني علوم جو فاضل هو، قسمت سانگي ٽنڊي ولي محمد ۾ اچي رهيو.

شهمير خان انهن چند آڱرين تي ڳڻڻ وارن مسلمانن مان هو، جن 1912ع ۾ سٺي ڪاميابي سان بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي هئي. هن روينيو کاتي ۾ هڪ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ ملازمت شروع ڪئي، جتان خيرخوبي سان 1940ع ۾ رٽائر ڪيائين.

شهمير خان کي شعرو شاعري جو ذوق ننڍي عمر کان ئي پيدا ٿيو. اڳتي هلي محمد صديق "مسافر" جي رهنمائي ۾ سندن فن کي پختگي حاصل ٿي. غزل سندس پسنديده صنف هئي. ان کان علاوه رباعي، مثنوي، منقبت، مداح وغيره تي بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس شاعري نهايت دل لڀائيندڙ ۽ مزيدار آهي، جنهن جي پڙهڻ سان ڪيترين ئي ماضي جون يادگيريون دل تي تري اچن ٿيون، سندس ڪلام ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو "گلدستو فقير عرف ڪلام شهمير" 1936ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ 48 غزل ۽ ڪافيون آهن ٻيو حصو 200 غزلن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ هڪ ٽيهہ اکري سُر رامڪلي ۾ پڻ چيل اٿس.

شهمير خان بزم ادب حيدرآباد جو بنياد وجهندڙن ۾ شامل هو. پاڻ هن بزم جي مشاعرن ۾ جوش وخروش سان شريڪ ٿيندو هو. هن بزم جي مشاعرن ۾ شاعر هڪ ٻئي سان طنز و مزاح ڪندا هئا. شهمير خان بہ مزاحيہ شعر لکي ان ۾ ڀرپور حصو وٺندو هو.

شهمير خان "شهمير" چانڊيو 19 جون 1958ع تي گذاري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

افسوس آهہ يار ستمگار ٿي پيو،
دلدار جان من سو دل آزار ٿي پيو،
ڏهہ ڏهہ دفعا ٿي ڏينهن ۾ آيو جو قرب مان
قدرت ڏسو خدا جي سو بيزار ٿي پيو.

شهنشاهہ هالائي

حاجي شفيع محمد "شهنشاهہ" هالا جو ڪهنہ مشق شاعر ۽ نهايت خوش مزاج ۽ ڪلمک انسان هو.

شهنشاهہ هالائي کي شروعات ۾ سرڪاري نوڪري هئي، پر پوءِ نوڪري ڇڏي سياست ۾ گهڙيو ۽ ان زماني ۾ خلافت تحريڪ ۽ انجمن مولود النبيءَ جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. پاڻ ڪيترائي سال هالا ميونسپل جو ڪائونسلر ۽ اسڪول بورڊ جو چيئرمن بہ ٿي رهيو. ان دور ۾ ڪيس هاءِ اسڪول جو شوق جاڳيو. ان لاءِ مشهور زمانہ "خورشيد" ناٽڪ ٽي راتيون اسٽيج ڪرائي ٿيل آمدني هاءِ اسڪول جي قيام لاءِ خرچ ڪيائين.

شهنشاهہ هالائي جو ادب سان چاهہ قبلہ طالب المولىٰ جن جي صحبت جي ڪري ٿيو ۽ اڪثر ڪري مزاحيہ غزل لکندو هو. هر محفل هر مشاعرو شهنشاهہ کان سواءِ ٻسو ۽ بي رونق نظر ايندو هو. پاڻ "انجمن علم و ادب هالا" ۽ "بزم طالب المولىٰ سنڌ" جو سرگرم ڪارڪن هو.

شهنشاهہ هالائي 28 ڊسمبر 1975ع تي وفات ڪري ويو.

شيرل "بيوس" باڊاهي

شيرل "بيوس" باڊاهي جو اصل نالو شيرل خان ولد حاجي محمد سومر نوناري هو، سندس ولادت 16 جنوري 1921ع تي شهر باڊہ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. پاڻ سنڌ ڌرتي جي اهڙن شاعرن مان هڪ آهي، جن پنهنجي تخليق سان اهڙيون تہ سٺيون جوڙيون آهن، جيڪي ڪڏهن بہ متجي نٿيون سگهن.

شيرل سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري تپيدار ٿيو پر جلدي ان نوڪري مان بيزار ٿي پيو ۽ پوءِ خانگي طور ساريں ڇڙهڻ واري ڪارخاني تي منشي ٿيو.

شيرل تمام ٿورڙي عرصي ۾ سنڌ جي ماروئڙن کي ڪافي سنيون، نيون ۽ بهترين تخليقون ارپيون آهن. هو سونهن پرست ۽ پيار جو پانڌيئڙو هو، جيڪو ڦوهہ جواني ۾ عشق جي ڏيڻ ۾ ڦاسي پيو، جتان نڪرڻ مشڪل هو. هن باڊهہ جي پرسان مسڻ جي ڳوٺ ۾ محمد بخش مسڻ سان محبت ڪئي، جيڪو ننڍي عمر ۾ راهہ رباني وٺي شيرل کي مستانو ڪري ويو. اهڙي طرح هو مجازي عشق ۾ گم ٿي شاعرائي دنيا ۾ شامل ٿي ويو. پهريان فلمي گانن جي طرز تي سنڌي ۾ گيت جوڙڻ لڳو، جيڪي عوام ۾ گهڻا مقبول ٿيا ۽ ڳائڻا ڏاڍي شوق سان ڳائيندا هئا. ان بعد تصوف ڏانهن لاڙو ٿيس ۽ صوفياڻو شعر بہ چيائين. سندس شاعري ۾ خوبصورتي، منظر نگاري، درد وڇوڙي جا داستان شامل آهن.

شيرل پنهنجو تخلص "بيوس" رکيو ۽ پنهنجي نڪور شاعري مختلف بولين ۾ کوڙ موضوعن تي لڳاتار سٺي نموني لکي، محفلن ۾ پڙهي داد حاصل ڪندو رهيو. شيرل پنهنجي محنت، شوق، عشق ۽ تخليقي سفر سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاتو سڃاتو وڃي ٿو، نہ رڳو سنڌ ۾ پر سندس هاڪ سنڌ جون

سرحدون ٽپي سرائڪي علائقن ۽ بلوچستان تائين پکڙجي وئي. جڏهن ته ان دور ۾ ٽيپ رڪارڊنگ جو رواج به ڪونه هو نه وري ڪنهن رڪارڊنگ ڪمپني سندس ڪلام فوني لاءِ رڪارڊ ڪيو هو، پر پوءِ به هن عوامي شاعر ايتري مقبوليت حاصل ڪئي جو هر ڪنهن جي لبن تي سندس ڪلام پيو ٻڌبو هو، اڄ به سندس ڪلام ڪوڙ فنڪار ڳائيندا آهن.

شيرل "بيوس" باداهي پنهنجي ڀرپور جواني ۾ 17 نومبر 1956ع تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

لبن تي دم ڏسي دلبـــــر پچڻ اڄجانءِ خدا نالي
ڪنهن ڪم جي بهاني سان ملڻ اڄجانءِ خدا نالي
اچڻ تنهنجي ڪان جي اڳ ۾ وڃي دم دلربا نڪري
ڪفن کولي مـنـا منهـڙو ڏسڻ اڄجانءِ خدا نالي.

شير مير بحر

علي شير ولد علي محمد مير بحر 21 جون 1924ع تي ڳوٺ موسو ديرو تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هاڪارو ملهه پهلوان ٿي گذريو آهي.

شير ميربحر ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ باقاعدي ملهه وڙهڻ شروع ڪئي ۽ جلدي پنهنجي پهلواني ۽ قابليت جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو، هن ملهه جي سکيا پهريان پهلوان لقمان خشڪ کان ۽ پوءِ پهلوان لالا نواز علي خان پٺاڻ کان حاصل ڪئي.

شير ميربحر جنهن کي "رستمِ سنڌ" جو اعزاز مليل هو سو ويهين صدي جو زبردست پهلوان هو، جنهن لاءِ اهو مشهور هو ته "هو هڪ ملهه سان هٿ ڳنڍي ٻئي ملهه کي چوندو هو ته سندرو ڪري ويهه ته، آئون هن کي ڏسي پوءِ توسان ٿو وڙهان شير نه رڳو نالي شير هو، پر هو واقعي شير هو، ملاکڙو ۽ شير ميربحر هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم هئا. شير ميربحر جو نالو ملاکڙي جي ڪاميابيءَ جي ضمانت هو، هو طاقتور سگهارو ملهه هو، ڏسڻ ۾ به شينهن ايندو هو، پاڻ 30 سالن جي ڊگهي عرصي تائين ملهه جي ميدان ۾ ناقابل شڪست پهلوان رهيو. انهيءَ عرصي ۾ هن ملڪي ۽ غير ملڪي پهلوانن کي شڪست ڏني، ملهه جي فن ۾ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو. 1962ع ۾ هالا دنگل ۾ چيڪو سلواڪيه جي پهلوان جارج زيبسڪو کي شڪست ڏني، شير ميربحر پنهنجي ملڪ جو مان مٿاهون ڪيو ۽ "شير سنڌ" جو لقب حاصل ڪيو. سندس ٻيو يادگار مقابلو هندستان جي مشهور پهلوان گرنام سنگهه سان ٿيو. هي مقابلو نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۾ ٿيو هو. جنهن ۾ شير ميربحر هندستان

جي پهلوان کي زبردست ۽ تاريخي شڪست ڏني، پنهنجو پاڻ مڃرايو. شير جو هڪ ٻيو يادگار مقابلو لکي بنگلي خيرپورميرس ۾ ٿيو، جيڪو ان وقت جي صدر پاڪستان محمد ايوب خان ۽ سابق والي‌ءَ رياست خيرپور مير علي مراد خان ٽالپر گڏجي ڏنو. هن مقابلي ۾ پهلوان شير ميربحر ٽن پهلوانن کي شڪست ڏني. هن مقابلي ۾ ايوب خان ڪانئس ايترو ته متاثر ٿيو، جو اتي تاڙيون وڄائي کيس داد ڏنو، انعام ڏنو ۽ هٿ ملائي چيائين ته، شير واقعي شير آهي.

شير ميربحر جيڪڏهن پهرين ملهه ڪرندو هو ته، ٻانهي ۾ هرگز نه ويهندو هو ۽ ميدان ۾ ئي پنهنجي مدمقابل جو انتظار ڪندو هو.

شير ميربحر سڄي زندگي ملهه جي فن جي خدمت ڪندي گذاري. اهو هن جي ڪوششن جو نتيجو آهي جو ملهه اڄڪلهه سنڌ جي اهم راند تسليم ڪئي وڃي ٿي. هن جي ذاتي ڪوشش سان 1974ع ۾ ڪراچي ۾ هڪ شاندار ملاکڙو منعقد ٿيو، جيڪو پاڪستان ٽيليويزن تان ٻه ٽيلي ڪاسٽ ڪيو ويو هو. ملهه جي فن کي ترقي وٺرائڻ لاءِ سنڌس ڪيل خدمتن ۽ جدوجهد کي مدنظر رکندي، 1974ع ۾ پيٽرو حڪومت کيس ملهه جو قومي ڪوچ مقرر ڪيو هو، ليڪن 1984ع ۾ شير ميربحر جڏهن بڪين جي بيماري سبب سول اسپتال ڪراچي ۾ داخل ٿيو ته پاڪستان اسپورٽس بورڊ اسلام آباد طرفان سنڌس ملازمت بنا ڪنهن سبب جي ختم ڪئي وئي. جنهن ماڻهو پنهنجي سڄي حياتي ملڪ ۽ فن جي خدمت ڪندي گذاري، افسوس جو ان ماڻهو جي عمر جي آخري حصي ۽ بيماري‌ءَ واري حالت ۾ نوڪري ختم ڪري، سنڌس دل آزاري ڪئي وئي ۽ پاڻ انهيءَ حالت ۾ بڪين جي بيماري سبب 28 مارچ 1985ع تي انتقال ڪري ويو. سنڌس آخري آرامگاهه ڳوٺ پهلوان شير ميربحر تعلقي ڪنڊيارو ضلعي نوشهري فيروز ۾ آهي.

(ص)

صادق علي، ڄام

ڄام صادق علي ولد ڄام ڪانڀو خان سن 1935ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڄام نواز علي ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ وڏو زميندار، نامور سياستدان ۽ سنڌ جو هاڪارو وزيراعليٰ ٿي گذريو آهي،ڄام صادق علي ايگريڪلچر ۾ گريجوئشن ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي آبائي پيشي زميندارِي کي لڳي ويو. پاڻ زراعت ۾ سٺي ڄاڻ رکندو هو. وزارت ۾ اچڻ کان اڳ هو ٻه دفعا سرڪاري وفد ۾ قائد جي حيثيت سان جرمني ۾ زراعت رٿابندي آبپاشي جي سيمينارن ۾ شرڪت ڪري چڪو هو. 1962ع ۾ سانگهڙ ضلعي مان قومي اسيمبل جو ميمبر چونڊيو ۽ پارليامينٽري سيڪريٽري براءِ رٿابندي ۽ اقتصادي امور ٿي رهيو. 1970ع جي عام چونڊن ۾ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ۽ ممتاز علي ڀٽي جي وزارت ۾ سنڌ جو صوبائي وزير آبڪاري، محصول ۽ لوڪل گورنمينٽ مقرر ٿيو. ان کان پوءِ غلام مصطفيٰ جتوئي جي وزارت ۾ ڄام صاحب صوبائي وزير آبپاشي، بجلي، رٿابندي ۽ لوڪل گورنمينٽ ٿي رهيو. 1977ع ۾ جڏهن جنرل ضياءَ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ته، ڄام صادق علي فورن ملڪ ڇڏي ولايت هليو ويو، ڇو جو جڏهن ڄام صاحب وزير هو ته ان وقت پير صاحب پاڳاري جا مريد مارجي ويا هئا، جن جي قتل جو ڪيس ڄام صادق علي ۽ ان وقت سانگهڙ ضلعي جي ايس پي ڪليار ۽ ڊي سي امداد الله انڙ تي داخل ڪيو ويو هو.

ان کان پوءِ ڄام صاحب مسلسل 12 سال ملڪ کان ٻاهر رهيو. ان دوران سندس سياسي وفادارِيون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان رهيون. جڏهن ڪجهه وقت لاءِ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جلاوطني زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي هئي ۽ برطانيه ۾ رهائش اختيار ڪئي هئائين ته، ان وقت ڄام صاحب بينظير صاحبه جو سياسي امورن ۾ خاص ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو ۽ لنڊن ۾ تنظيمي گڏجاڻيون اڪثر ڄام صاحب جي رهائش گاهه تي ٿينديون هيون. 1988ع ۾ پاڪستان ۾ جڏهن محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت قائم ٿي ته، ڄام صاحب وطن ورڻ جو فيصلو ڪيو، آخر 30 اپريل 1989ع تي هن 12 سالن کان پوءِ وطن جي سر زمين تي قدم رکيا. جنهن بعد کيس وزيراعظم جو خاص صلاحڪار مقرر ڪيو ويو، ليڪن سگهوئي ڄام صاحب ۽ پيپلز پارٽي جي قيادت جي وچ ۾ سياسي اختلاف پيدا ٿي پيا. جنهن ڪري هن پاڪستان پيپلز پارٽي ڇڏي ڏني 1990ع ۾ صدر اسحاق خان قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙي غلام مصطفيٰ جتوئي کي نگران وزيراعظم ۽ ڄام صادق علي کي سنڌ جو نگران وزيراعليٰ مقرر ڪيو. هن پنهنجي عهدي جو حلف 7 آگسٽ 1990ع تي ڪيو. چونڊن کان پوءِ جڏهن نواز

شريف وزيراعظم بڻيو ته، هن ڄام صاحب کي سنڌ جو مستقل وزيراعليٰ بڻايو ۽ 8 نومبر 1990ع تي هن ٻيهر مستقل طور وزيراعليٰ جي عهدي جو حلف کنيو ۽ پاڻ آخر تائين ان عهدي تي فائز رهيو.

ڄام صاحب نهايت سخي مرد هو، ڪو سوالي سندس در تان خالي نه ويندو هو، پاڻ جڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ هو ته، روزانو مجهند جي ماني چيف منسٽر هائوس ۾ پنهنجي اسٽاف ۽ آيل مهمانن سان گڏ کائيندو هو. اها ماني سندس ذاتي خرچ تي تيار ٿيندي هئي. سندس والد ڄام ڪانيو خان ۽ سندس چاچا ڄام مٺا خان ۽ ڄام جان محمد پڻ وڏا سخي مرد ٿي گذريا آهن. گويا سخاوت ڄام صاحب کي ورثي ۾ ملي هئي. ڪو غريب دل ڀڃي سندس دربار ۾ ويندو هو ته، پريان امير بڻجي موٽندو هو، هن سخاوت ۽ غريب پروري جا ڪيترائي انوکا مثال قائم ڪيا. پاڻ دوستن تي مهربان ۽ مخالفن سان سخت رويو رکندڙ هو.

ڄام صادق علي تي ڪينسر جهڙي موذي مرض جو حملو ٿيو، جنهن سبب 4 ۽ 5 مارچ 1992ع جي وچ واري رات جو اٽڪل هڪ وڳي ڌاري سندس انتقال ٿيو ۽ 5 مارچ تي کيس آبائي قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو. سندس نماز جنازه ۾ وقتي صدر پاڪستان غلام اسحاق خان ۽ ان وقت جي وزيراعظم نواز شريف ۽ ٻين اعليٰ شخصيتن شرڪت ڪئي.

صادق علي، شيخ

شيخ صادق علي ولد شير علي خيرپور رياست جو نامور وزيراعظم ٿي گذريو آهي. سندس خاندان شڪارپور جو رهواسي هو.

شيخ صادق علي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري 17 آڪٽوبر 1873ع کان سرڪاري نوڪري اختيار ڪئي، پاڻ پهريان منشي هو، پوءِ 7 ڊسمبر 1881ع تي مختيار ڪار ۽ 12 مئي 1888ع تي ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. 11 مئي 1907ع ۾ کيس "خانبهادر" جو خطاب مليو.

شيخ صاحب رياست ۾ ڪيترائي ترقياتي ۽ عام ڀلائي جا ڪم ڪرايا، جهڙوڪ فيض لائبريري قائم ڪرائي، فيض پريس جاري ڪرائي، جنم خانه جو بنياد وڌو، ڪوٽ ڏيجي ۾ والي رياست جي رهڻ لاءِ خاص محلات نهرايو، ڪراچي ۾ رياست لاءِ هڪ پلاٽ خريد ڪري ان تي بنگلو نهرايو، ڪيترن ئي غريب شاگردن کي قرض يا امداد طور رقم ڏئي تعليم ڏياري.

شيخ صاحب دين جي مسئلن مان تمام گهڻو واقف هو. سادو رهندو هو، سادو لباس پائيندو هو ۽ نيڪ ڪمن ۾ گهڻو ڀرو وٺندو هو.

شيخ صادق علي بيماريءَ سبب علاج لاءِ لاهور ويو. اتي 19 اپريل 1912ع تي وفات ڪري ويو، سندس ميت اتان آڻي شڪارپور ۾ دفن ڪيو ويو.

صالح شاهه جيلاني

پير ابو محمد صالح شاهه جيلاني سنڌ جي مشهور درگاهه راڻي پور جو سجاده نشين ۽ مشهور بزرگ ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.(1)

پير صالح شاهه جي ولادت سن 1870ع ۾ راڻي پور ۾ ٿي. پاڻ نهايت عالي دماغ، باهمت، باتهذيب ۽ بااخلاق شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ پنهنجي دور جو بااثر ماڻهو هو، سنڌ ۽ بلوچستان اندر سندس لاتعداد مريد پکڙيل هوندا هئا. سندس درگاهه کي "دستگير جو دروازو" سمجهيو ويندو هو. سندس درگاهه جي پيري مريدي وارو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

پير صاحب شڪار جو شوقين هوندو هو، وٽس سٺا سٺا هٿيار هوندا هئا، رهائش ۽ اٺٽي، ويهڻي پيراڻي شان شوڪت مطابق هوندي هئس، وڏا ماڻهو به ڪيس گهڻي قدر مڃيندا هئا. خيرپور جا مير به سندس تمام گهڻو خيال رکندا هئا. پاڻ سياست ۾ به رهيو ۽ انگريزن جي وفادارن مان هئو، جڏهن خلافت تحريڪ شروع ٿي ته، ان تحريڪ جي خلاف انگريزن "امن سڀا" نالي جماعتون ڪڙيون ڪرايون. انهن جماعتن جو سڀ کان وڏو گڏيل ميڙاڪو راڻي پور ۾ پير صاحب جي زير سايي ڪرايو ويو.

سندس سڳو ڏاڍو به هلندڙ هو، خاص ڪري جنن ۽ جادوءَ جا سٽيل مريض ڪانئس ڏاڍو ڦيٿو ڪرائيندا هئا.

پير صالح شاهه ڪافيءَ جو باڪمال شاعر هو. هونءَ ته پاڻ ڪيتريون ئي ڪافيون لکيائين، پر سندس هڪ ڪافي ته ڪجهه سال ساريءَ اپر سنڌ تي ڇانيل رهي، ننڍيو وڏو پيو جهونگاريندو هو، جنهن جا بول هئا:

"مٺا مارو الله آڻئي، دلين جا داغ وڃ ڌوئي!"

سندس شاعري سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ آهي.

صالح شاهه جيلاني سن 1943ع ۾ رحلت ڪري ويو. سندس مزار راڻي پور ۾ آهي جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. جنهن ۾ ادبي مشاعرو وغيره به ٿيندو آهي. سندس ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عمر ادا مارن جي ماري ٿي جدائي
سلان سور ڪن سان ڪونهي حال پائي
سانگياڻي نه سکن ۾ آ بندياڻي بکن ۾
ڏهاڳڻ ڏکن ۾ ٻي سڀ خوش خدائي

---

(1) راڻي پور جي پيرن جي درگاهه سن 1718ع ۾ قائم ٿي، جڏهن بغداد جي پير سيد عبدالعزيز جا ٻه صاحبزادا، سيد محمد شاهه ۽ سيد احمد شاهه تبليغ جي سلسلي ۾ راڻي پور ۽ گمبت ۾ ديني مدرسا کولي راڻي پور ۾ ويهي رهيا، ونڊير خاندان مان شاديون ڪيائون.

صالح محمد شاهہ

سيد صالح محمد شاهہ ولد سيد دادن شاهہ 4 اپريل 1938ع تي حيدرآباد لڳ ڳوٺ دريا بيگ مغل ۾ ڄائو. پاڻ، ريڊيو، ٽي وي، اسٽيج ۽ فلم جو مشهور آرٽسٽ ۽ سنڌي لوڪ ادب جو وڏو ڄاڻو آهي.

سيد صالح محمد شاهہ اديب عالم جو امتحان پاس آهي، انگريزي ڄاڻي ٿو، ڌنڌو زميني داري اٿس.

سيد صالح محمد شاهہ سنڌي لوڪ ادب، ثقافت ۽ فن جي دنيا ۾ هڪ وڏو نالو آهي. شاهہ صاحب جو نالو ايندي ئي سنڌي لوڪ ادب جي سڃاڻپ اڀري سامهون اچي ٿي. لوڪ ادب کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ ۽ محفوظ ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪوشش کي وسارڻ ممڪن نہ آهي، پر لوڪ ادب کي عوام ۾ آڻڻ وارو اهم ڪم سيد صالح محمد شاهہ ڏاڍو هوشياري ۽ خوبصورتي سان سرانجام ڏنو آهي.

شاهہ صاحب جي خاندان ۾ وڏا شاعر، اديب ۽ عالم ٿي گذريا آهن، گهريلو ماحول ۾ کيس لطيف سائين جو رسالو ۽ شاهہ ڪريم جو ڪلام صحيح تلفظ سان پڙهڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو مليو. سندس خاندان جو هڪ وڏو شاعر سيد ڪبير شاهہ جنهن کي "لوڪ ادب جو امام" مڃيو وڃي ٿو، ان جي ڪلام جو بہ مطالعو ڪيائين. سيد نور محمد شاهہ "نورل جو لا" جيڪو صاحب ڪليات شاعر ٿي گذريو آهي. اهو سيد صالح محمد شاهہ جو نانو هو. انهيءَ صاحب جي ذاتي شفقت ۽ پرورش کيس زبان ۽ ادب جو شعور بخشيو.

سيد صالح محمد شاهہ اچا تعليم مڪمل نہ ڪئي هئي، تہ پنهنجي هم ڪلاسي عبداللطيف عباسي مرحوم (وفات 2000ع) ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اڳوڻي اناؤنسر جي صلاح تي 4 اپريل 1958ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان منسلڪ ٿي ويو، جتي پاڻ اناؤنسمينٽ کان سواءِ لکيل تقريرون پڙهڻ، ڊرامن ۽ فيچرن ۾ پارٽ ڪرڻ ۽ مختلف پروگرامن ۾ مختلف قسمن سان حصو وٺندو رهيو، ليڪن ريڊيو جي جنهن ڪردار کيس زبردست شهرت بخشي اهو آهي "فتح خان" جو ڪردار جيڪو چاليهن سالن کان مسلسل اڄ تائين ڪاميابي سان ادا ڪندو اچي ٿو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان 3 آڪٽوبر 1959ع کان ڳوٺاڻي ڪچهري جو هڪ پروگرام نشر ٿيڻ لڳو. 20 جولاءِ 1960ع تي ان جو نالو بدلائي "جمهور جو آواز" رکيو ويو ۽ هاڻي ان پروگرام جو نالو "سون ورني ڌرتي" آهي. ان پروگرام ۾ صالح محمد شاهہ شروع کان وٺي پنهنجو اصل آواز بدلائي، ٻهراڙيءَ جي هڪ جهور پوڙهي جو ڪردار فتح خان جي روپ ۾ پيش ڪندو رهي ٿو. جنهن کي هر طبقي جي ماڻهن ڏاڍو پسند ڪيو آهي. هن پروگرام کي ڪارگر بنائڻ لاءِ شاهہ صاحب سوچيو تہ، جيستائين

ڪنهن بہ قسم جي ذاتي فائدن جي ڊڪ ڊوڙ کي قومي ۽ گڏيل اصولن واري قالب ۾ نہ آندو ويندو تيستائين ڪوناٽا صحيح معنيٰ ۾ ترقي ڪري نہ سگهندا. انهيءَ مقصد لاءِ هن سنڌي لوڪ ادب جي هر صنف کي سهارو بڻايو. شاهہ صاحب موسيقي، ڳجهارتن، ٻبتن، لوڪ ڪهاڻين، ڪافين، پاڻ سڳورن ۽ پنجتن پاڪ سان واسطو رکندڙ واقعن ۽ عقيدن وارن مثالن ان ڪان سواءِ زراعت، تعليم، صحت، ادب وغيره ۾ رهنما اصول استعمال ڪيا، جنهن ڪري هيءُ ريڊيو پروگرام يادگار بنجي ويو آهي. شاهہ صاحب جو تعلق جيئن تہ ڀهراڙيءَ سان آهي. ۽ ڪيس ڀهراڙي جي ماحول ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻي جي سٺي ڄاڻ آهي، ان ڪري سنڌس پروگرام ڳوناٽي ڪچهري جو سچو عڪس بڻيل آهي. سنڌس سادي ۽ سليس گفتگو ۽ سوال جواب ٻڌي ان ڳالهہ جو احساس ٿيندو آهي تہ، شاهہ صاحب واقعي علم ۽ ادب جو وڏو پارکو آهي. ڪچهري وارا ڪيس ڏاڏا سائين يا جهونا جي لقب سان سڏيندا آهن. ڪيس شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام کي صحيح تلفظ ۽ لهجي سان پڙهڻ ۾ بہ مهارت حاصل آهي. شاهہ صاحب جو سچو رسالو سنڌس آواز ۾ تحت اللفظ رڪارڊ ٿيل آهي، جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ڪراچي ۽ خيرپور تان نشر ٿي چڪو آهي. پاڻ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ سنڌي پروگرام "اوطاق" ۽ هاٽي "رس رهاڻ" ۾ پڻ ڪمپيئرنگ جا فرائض سرانجام ڏيندو آهي. لوڪ ادب سان چاهہ رکندڙن ۾ اهو پروگرام مقبول آهي، شاهہ صاحب ڪجهہ سنڌي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي.

سيد، صالح محمد شاهہ کي فني خدمتن جي عيوض حڪومت پاڪستان طرفان صدارتي ايوارڊ "حسن ڪارڪردگي" ٽيليويزن طرفان گولڊ ميڊل، سگا طرفان گولڊ ميڊل، شاهہ لطيف ڪلچرل سوسائٽي طرفان گولڊ ميڊل ۽ ٻين مختلف تنظيمن طرفان ڪيترائي ايوارڊ ۽ سندون مليل آهن.

صبغت الله شاهہ، پير

حضرت صبغت الله شاهہ (ثاني) پير سائين پاڳارو تحريڪ آزادي جو عظيم المرتبت سورهيہ سردار ٿي گذريو آهي. جنهن کي جماعت طرفان "پڳ ڌڻي" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. هن صاحب انگريزن جي غلامي واري هيبتناڪ ماحول ۾ جابرانہ حڪومت سان سينو ساهي ٽڪر کاڌو ۽ جارج ڇهين خلاف انقلاب جو جهنڊو بلند ڪري سر ڏئي سرهو ٿيو ۽ جيجل سنڌ کي نئين سر جياري ڇڏيو.

حضرت پير سائين پاڳارو سيد صبغت الله شاهہ 13 صفر سن 1327 هجري تي ڄائو پنهنجي والد بزرگوار حضرت شاهہ مردان شاهہ (اول) جي وفات کان پوءِ 12 ورهين جي عمر ۾ نومبر 1921ع ۾ گادي نشين ٿيو. ننڍي هوندي

ڪان ٿي سندس شخصيت ۾ هڪ خاص انفراديت هئي. هو هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو ۽ سندس شخصيت ۽ ڪردار جو روح خود اعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطي ۾ سمايل هو. اهوئي سبب هو جو پير سائين پنهنجن عزيزن توڙي انگريز حڪومت جي آفيسرن جي اشارن تي هلڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري انگريز سرڪار پير سائين پاڳاري تي ڪوڙيون شاهديون ناهي، هڪ ننڍيري ڳالهه تان ڪيس ڏهن سالن جي سزا ڏني، سنڌ کان ٻاهر اماڻي ڇڏيو. پير سائين تي الزام هو ته هن سندس چاچي پير علي گوهر شاهه جي نالي منيل انگريز سرڪار جي آفرين نامي کي ڦاڙي حڪومت سان بغاوت ڪئي آهي. وطن کان دور رتناگري جيل ۾ پيرپاڳاري پنهنجي وڏن جي تعليم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن جو مطالعو ڪيائين. جيل اندر مختلف جماعتن جي سياسي ورڪرن سان ڪيس تبادلہ خيالات ڪرڻ جو پڻ سٺو موقعو مليو.

پير صاحب جو خاندان اصل کان انگريزن جو سخت مخالف رهيو. سندس وڏي ڏاڏي سيد صبغت الله شاهه (اول) سيد احمد شهيد کي پنهنجا پنج سو مريد انگريزن خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ ڏنا هئا، اهڙي ريت انگريزن سان نفرت پير صاحب کي ورثي ۾ ملي هئي. هاڻي جو ويتر انگريزن ڪيس معمولي ڳالهه تان ڏهه سال جيل جي سزا ڏني ۽ سندس مريدن تي چوڪسي ۽ سختي ڪرڻ لڳا ته، پير صاحب جي دل ۾ انگريز حڪومت خلاف باهه ڀڙڪڻ لڳي ۽ هن مرد مجاهد پڪو پهه ڪيو ته، پنهنجي پاڪ ڌرتي کي انگريزن جي غلامي واري ڳٽ کان ضرور نجات ڏياريندو. ڏهن سالن کان پوءِ آزاد ٿي سنڌ اچڻ بعد هن پهريائين پنهنجي مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف توجهه ڏنو. ان کان پوءِ سانگهڙ جي پرسان گڙنگ لڳ پنهنجي بنگلي کي پنهنجي نئين تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ مرڪز بنايو. انگريز سرڪار کي يقين ٿي ويو ته پير صاحب جا خيالات حڪومت جي خلاف آهن، انهيءَ ڪري پير صاحب ۽ انهن جي مريدن جي سخت چوڪسي ڪئي وئي. آخر حڪومت ڪيس ڪراچي گهرايو ۽ اجازت کان سواءِ ڪراچيءَ کان ٻاهر نه وڃڻ جو حڪم ڏنو. پر هن انهيءَ حڪم جي ذرو به پرواهه نه ڪئي ۽ انهيءَ ڏينهن ڪراچي کان سانگهڙ ۽ سانگهڙ کان پير ڳوٺ روانو ٿي ويو. ان کان پوءِ ڪيس باقاعده گرفتار ڪري ڪراچي ۾ نظربند رکيو ويو. ان وچ ۾ هڪ طرف حڪومت پير سائين جي خلاف بغاوت جي مقدمي لاءِ مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ته، ٻئي طرف سندس مريد جن کي "حر" چيو ٿو وڃي. (1)

(1) پير صاحب جي مريدن لاءِ "حر" لفظ استعمال ڪرڻ لاءِ مختلف روايتون آهن، ليڪن مشهور روايت اها آهي ته، سڀ کان پهريان سيد صبغت الله شاه (اول) پنهنجي مريدن کي سندن جانبازي ۽ جان نثاري جي ڪري حضرت امام حسين عليه السلام جي جان نثار حضرت حر جي نسبت سان "حر" جي نالي سان سڏيو.

انهن خلاف ڪارروايون شروع ڪيون. حڪومت ۽ حرن جي وچ ۾ باقاعدي جنگ شروع ٿي وئي، هن جنگ ۾ سڪن سان گڏ ساوا به سڙي ويا، پوري سنڌ ۾ باهه ٻري وئي، وڏي خون ريزي ۽ ڀنڃ ڊاهه ٿي، خاص ڪري سانگهڙ ضلعي ۾ خون جي هولي ڪيڏي وئي ڇاڪاڻ جو پير صاحب جي مريدن جي اڪثريت سانگهڙ ضلعي ۾ هئي. ۽ هن تحريڪ جو مرڪز به اهوئي هو. سانگهڙ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. انگريز سرڪار حرن تي اهڙا انسانيت سوز ظلم ڪيا، جنهنجو مثال ملڻ مشڪل آهي. هزارن جي تعداد ۾ حرن کي گولين جو نشانو بڻايو ويو، ڪيترن کي ڦاهي جو ڦندو گلي ۾ وجهي سوريءَ تي لٽڪايو ويو، ڪيترا ته ٻک ۽ اڃ وچان تڙپي مري ويا. ان کان علاوه ڪڙنگ واري بنگلي ۽ پير ڳوٺ تي بيشمار بمباري ڪئي وئي. پسگردائيءَ وارن ڪچن گهرن کي ساڙيو ويو ۽ ٻيا طرحين طرحين جا ظلم ڪيا ويا، ليڪن حرن انهن جو مڙس ٿي مقابلو ڪيو ۽ منجهن ذري جي به ٿلهڪ پيدا نه ٿي.

آخر هن هيبتناڪ ماحول ۾ سنڌ جي ڪن وڏيرن ۽ مفادپرست ماڻهن کان شاهديون ڏياري، انگريز سرڪار پير صاحب تي جان جي سزا مقرر ڪئي ۽ آخر 20 مارچ1943ع تي فجر مهل سنڌ جو هيءُ سورمو سر ڏئي سرهو ٿيو.

پير صاحب جي شهادت کان پوءِ انگريزن پير صاحب جي گادي ختم ڪري ڇڏي. سندس ٻنهي صاحبزادن پير شاهه مردان شاهه ۽ پير نادر شاهه کي تعليم جي بهاني لنڊن روانو ڪيو ويو. ڪنگري ڳوٺ تي ايتري ته بمباري ڪئي وئي جو اتي فقط ڊٺل جاين جا ڍير ئي ڍير نظر اچڻ لڳا. هرن کي ڇڙڻ لاءِ مارشل لا سان گڏ حر ائڪٽ پڻ لاڳو ڪيو ويو انهن کي خاردار تارن جي ڪئمپن لوڙهن ۾ بند ڪري معاشي ۽ سماجي لحاظ کان بلڪل مفلوج ڪيو ويو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سختيون ڪيون ليڪن انگريزن جون سڀ سازشون ناڪام ثابت ٿيون ۽ سگهوئي انگريزن کي هيءَ سر زمين ڇڏڻي پئي.

(ض)

ضياءُ الله

ضياءُ الله ولد غلام محمد 1914ع ۾ ڄائو. پاڻ ماهر قانوندان بهترين اديب ۽ علم پرور انسان ٿي گذريو آهي، سندس ڏاڏي جو نالو غلام علي هو، جيڪو حيدرآباد جي هڪ اسڪول جو هيڊ ماستر ۽ پوءِ شڪارپور ضلعي جو ڊپٽي ايجوڪيشنل ٿي رهيو هو. سندس والد پڻ ڊپٽي ايجوڪيشنل آفيسر ٿي رهيو هو.

ضياءالله پنهنجي والد جي رهنمائي ۾ تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سنڌ مدرسة السلام ۾ ماستر مقرر ٿيو. بعد ۾ ايل ايل بي ڪري وڪالت شروع ڪيائين. انڪم ٽيڪس جو ماهر مشهور ٿيو.

ضياء الله سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب لکيا ۽ ڪيترن انگريزي ڪتابن جو ترجمو به ڪيو، هن آخر ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي جي احوال بابت پنهنجون يادون مختلف اخبارن ۾ شايع ڪرايون، هن سنڌ جي لاتعداد شخصيتن جا حالات به قلمبند ڪيا. سندس مضمون سنڌ جي ڪيترن ئي واقعن، خاندانن ۽ شخصيتن بابت مفيد ۽ معلوماتي ذخيرو آهن، لڪڻ جو ايڏو ته ڪوڏيو هو جو آخري عمر ۾ آپريشن ڪري هڪ اک تي پٽي ٻڌل هوند يهٺس ته، هڪڙي اک سان به لکندو رهندو هو. هو هڪ سٺو دوست ۽ مهمان نواز هو. پاڻ 26 سيپٽمبر 1974ع تي وصال ڪري ويو.

ضياءُ الدين "ضياء" ايس بلبل

رئيس ضياءالدين "ضياء" ولد شمس الدين "بلبل" 15 ڊسمبر 1910ع تي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

ضياءالدين "ضياء" سنڌ جي مشهور عالم، اديب، شاعر ۽ صحافي شمس الدين "بلبل" جو پهريني پٽ هئو. جيڪو 53 سالن جي عمر ۾ ڪيس مالڪ سائين عطا ڪيو هو. ان ڪري سندس پرورش ڏاڍي لاڏلي انداز ۾ ٿي. پاڻ اجا نون سالن جو مس ٿيو ته، سندس والد انتقال ڪري ويو. ان کان پوءِ سندس تعليم ۽ تربيت هڪ بزرگ مولانا غلام محمد سوڊر جي زير سايه ٿي، جيڪو سندس والد جو صحبتي هو ۽ وٽس رهندو هو ۽ بلبل جي وفات کان پوءِ به هن آشيانه بلبل کان منهن نه موڙيو، مولانا غلام محمد سوڊر نديڙي "ضياء" جي تعليم، تربيت ۽ پالنا جي ذميواري جنهن نموني سان نڀائي، اهو هڪ الڳ بيمثال داستان آهي.

رئيس ضياءالدين ابتدائي تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ جو امتحان 1931ع ۾ لاڙڪاڻي مان پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ مسلم يونيورسٽي

علي ڳڙهہ ۾ داخل ٿيو جتي آگسٽ 1931ع کان 1938ع دوران بي اي، ايم اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪري وطن واپس آيو. هن ايم اي فلسفي ۾ ڪئي هئي، يونيورسٽيءَ ۾ سندس فلسفي جو استاد عالمي شهرت جو مالڪ فلسفي ڊاڪٽر ظفرالحسن هو. اهوئي سبب آهي جو ضياء صاحب جي تحريرن ۽ تقريرن تي آخر تائين فلسفيانہ اثر قائم رهيو.

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ رئيس ضيا ڀريان ڪجهہ سال ميهڙ ۾ وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪئي ۽ گڏوگڏ ادبي سرگرمين ۾ ڀڻ حصو وٺڻ لڳو ۽ عالمن، اديبن ۽ عارفن جي صحبت ۾ گذارڻ لڳو. انهن سان دوران عملي مشاهدي ۽ وسيع مطالعي سبب سندس شاعرانہ طبع ۾ هڪ قسم جو نئين سر ذوق پيدا ٿيو ۽ پاڻ پنهنجي والد جي نسبت سان "بزم بلبل" قائم ڪيائين. هن بزم جي مشاعرن ۾ سنڌ جا وڏا وڏا عالم ۽ شاعر شرڪت ڪندا رهيا، جن ۾ طرحي ۽ غير طرحي ڪلام پيش ڪيو ويندو هو.

رئيس ضياءُ الدين 1943ع ۾ سنڌ مدرسته السلام ڪراچي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، بعد ۾ ڀريان دادو ۾ اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ پوءِ 1953ع ۾ ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. 1957ع ۾ سرڪاري ملازمت ڇڏي وڪالت شروع ڪيائين ۽ دادو ۾ مستقل طور رهائش اختيار ڪيائين. زمين سنڀالڻ جو بار پنهنجي ننڍي پٽ نظام الدين جي حوالي ڪيائين.

رئيس ضياءالدين ملازمت ۽ ٻين مصروفيت سان گڏ ادبي خدمتن کي بہ جاري رکيو، ڪيئي تحقيقي مضمون، مقالا، ڪتاب ۽ ادبي خط لکيائين، سندس لکڻيون ان وقت جي سيني اخبارن ۽ رسالن ۾ مخفي تخلص "سيار سنڌ"، فرضي نالي "پروفيسر بي استاد" ۽ حقيقي نالي سان شايع ٿينديون رهيون. کيس انگريزي زبان ۾ مهارت حاصل هئي. انگريزي ۾ لکيل سندس مضمون ۽ مقالا لنڊن جي اخبارن ۾ پڻ ڇپجندا هئا، جن مان ڪجهہ سندس وارثن وٽ محفوظ آهن. هن اٽڪل ويهارو کن ڪتاب لکيا، جن مان تحفہ ميهڙ، خطبہ ضياءِ ضياءُ القلندر ۽ قرب قلندر ڇپيل آهن.

ضياءُ صاحب کي حڪمت ۾ پڻ سني ڄاڻ هئي. پاڻ نهايت رحمدل ۽ باوقار شخصيت جو مالڪ، ادب جو پرستار قابلِ اعتماد قانوندان، سٺو شاعر، لاجواب ليکڪ ۽ سلجهيل فلسفي هئو.

هن دادو مان هڪ هفتيوار اخبار "تنظيم عوام" جي نالي سان جاري ڪئي. ان کان سواءِ پاڻ ماهوار "اديب سنڌ" جو ايڊيٽر، "انجمن آفتاب ادب" دادو جو نائب صدر ۽ بار ايسوسيئيشن ميهڙ ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن دادو جو صدر بہ ٿي رهيو.

رئيس ضياءُ الدين "ضياء" ايس بلبل تاريخ 14 سيپٽمبر 1966ع تي

دادو ۾ وفات ڪري ويو، ڪيس ميهڙ ۾ والد بزرگوار جي پير ۾ دفنايو ويو، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اهل وعيال يار سان ايڏو نہ ڪر پيار
سنسار جي بهار سان ايڏو نہ ڪر پيار
پاڇي ۾ آبهار جي بلڪل خزان لڪل
دلبي جي هن ديار سان ايڏو نہ ڪر پيار.

طارق اشرف

سيد اشرف علي ولد سيد لطف علي شاهه 5 جولاء 1940ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو، پاڻ مشهور اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي، سندس ادبي نالو "طارق اشرف" هو.

طارق اشرف ايم اي پاس هو، صحافت سندس پيشو هو، پاڻ نهايت نفيس طبع، مانيٽو ۽ بااصول انسان هو. هن جي سڄي زندگي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ۾ گذري، هن 1959ع ۾ غلام نبي مغل سان گڏجي "اداره ادب نو" نالي هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو، هن اداري سٺا ادبي ڪتاب شايع ڪيا. 1966ع ۾ هن اداري پاران سهڻي ڪتابي سلسلو جاري ڪيو ويو. 1968ع ۾ سهڻي پبليڪيشن قائم ٿي ۽ 1970ع تائين ان جا ڇهه ڪتاب نڪتا، طارق اشرف 1970ع ۾ سهڻي پبليڪيشن تحت مشهور معروف ماهوار رسالو "سهڻي" جاري ڪيو، پاڻ ان جو ايڊيٽر ٿي رهيو، سهڻي رسالي ڪي سنڌي ادب ۾ خاص مقام حاصل آهي، هن رسالي سنڌي ادب جي شاندار خدمت ڪئي آهي، هيءُ رسالو مئي 1975ع تائين باقاعدگي سان نڪرندو رهيو ۽ پوءِ وقت جي حڪومت مٿس بندش وجهي ڇڏي. ان ڪان پوءِ 1977ع کان سهڻي پبليڪيشن تحت ٻيهر ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. ان دوران طارق اشرف تخليقي پبليڪيشن ۽ نيو فيلڊس پبليڪيشن به قائم ڪيا ۽ ڪيترائي ادبي ڪتاب ڇپيا.

طارق اشرف بيباڪ صحافي هو، هن ڪڏهن به سنڌ جي مفادن تي ڪمپرومائيز نه ڪيو، هن جو قلم سدائين سنڌ لاءِ ڀال طور ڪم آيو، "سهڻي" ۾ لکيل سندس اداريا سنڌ جي مزاحمتي صحافتي ادب جو لازوال حصو آهن.

طارق اشرف هڪ وڏو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس پڻ هئو، سندس لکيل ڪهاڻين ۽ ناولن کي سنڌي ادب ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. هن جا ترتيب ۽ تصنيف ڪيل ڪجهه ڪتاب ڇپيل آهن جن مان هيٺيان اهم آهن:

ڪهاڻيون: ٻهريون قدم (ترتيب 1960ع)، سونهن پٿر ۽ پيار (1964ع)، ڪرُندا ڪنٽهار (ترتيب - 1968ع)، ٻيو قدم (ترتيب)، زندگي جو تنها مسافر، درد جا ڏينهن درد جون راتيون، بند اکين ۾ ڪجهه يادون ڪجهه سپنا (1992ع).

متفرقه: ميندي رتا هٿ (ناول)، اڌ ملاقات (خط)، جيل ۾ ٻاويهه مهينا (ٻن ڀاڱن ۾) ۽ جيل ڳهاريم جن سان، وغيره.

سنڌ جو هيءُ هر دل عزيز اديب ۽ صحافي 14 اپريل 1992ع تي دل جو دورو پوڻ سبب انتقال ڪري ويو.

طارق عالم ابڙو

طارق عالم ابڙو 10 اپريل 1958ع تي قمبر علي خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نويس، شاعر ۽ صحافي آهي.

طارق عالم جا وڏا 1960ع ۾ لڏي اچي حيدرآباد شهر ۾ رهڻ لڳا، ان ڪري هن جي تعليم ۽ تربيت پڻ حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ ايم اي (سنڌي) پاس آهي، 1987ع ۾ سندس گردا خراب ٿي پيا، جنهن ڪري ڪيس سرڪاري خرچ تي گردن جي پيوند ڪاريءَ لاءِ لنڊن موڪليو ويو، هن 1989ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت اختيار ڪئي.

طارق عالم شاعري جي ابتدا 1975ع ۾ ڪئي ۽ نثر ۾ لکيل سندس پهرين ڪهاڻي "پاڻلي" 1978ع ۾ شايع ٿي پاڻ ان وقت کان مسلسل لکندو پيو اچي. سندس لکيل اٽڪل 24 ٽيلي ناٽڪ ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. "چندرهين ٽو ڏور" سندس پهريون ٽيلي ناٽڪ هو جيڪو 1979ع ۾ ڪراچي سينٽر تان پيش ڪيو ويو، هن صحافتي دنيا ۾ 1992ع ۾ "ڪالم/ڪهاڻي" جي عنوان سان ڪالم لکي پير پاتو. سندس هيٺيان ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. رات سانت ۽ سوچون (ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 1981ع)، رهجي ويل منظر (ناول 1984ع)، مورن اوچاڳات (هائيڪن جو مجموعو 1990ع)، لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفر نامو 1990ع) ۽، سڃاڻپ جي ڳولا ۾ (ڪهاڻيون 1998ع).

سندس ڪتاب "رهجي ويل منظر" کي سال 1984ع ۾ سنڌالاجي طرفان بهترين ادب جو ايوارڊ ۽ سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن (سگا) طرفان "نسيم کرل گولڊ ميڊل" ڏنو ويو.

طالب المولىٰ، مخدوم

حضرت مخدوم محمد زمان تخلص "طالب المولىٰ" ولد مخدوم غلام محمد 4 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ پيدا ٿيو.(1)

ويهين صدي ۾ هوندي به سنڌ اندر ڪوڙ علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي نامور شخصيتون پيدا ٿيون، پر منهنجي خيال ۾ انهن مڙني شخصيتن مان سائين طالب المولىٰ جو اسم شريف سر فهرست رهندو، شايد وري الائي ڪيترا ورهيه لڳن جو سنڌ اهڙو هر دل عزيز ۽ منو ماڻهو پيدا ڪري سگهي.پاڻ انيڪ خوبين جو مالڪ هو، مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آئون سنڌ جي ايندڙ نسل سان مخدوم صاحب جهڙي گهڻي رخي ۽ عظيم المرتبت شخصيت جو تعارف ڪهڙن لفظن سان ڪرايان. پاڻ هڪ تاريخ ساز شخصيت هو، ڳڻن جو

---

(1) اڪثر تذڪره نگارن سائين طالب المولىٰ جي پيدائش جي تاريخ 6 آڪٽوبر لکي آهي. ليڪن مخدوم صاحب خود اها تاريخ 4 آڪٽوبر ڄاڻائي آهي، ڏسو ماهي مهراڻ جولاءِ سيپٽمبر 1992ع صه 155.

ڳهير، ڪچهري جو مور، سنڌي ثقافت جو نمونو، فضيلت جو مجسمو، روحاني پيشوا، رڄ زميندار، بيداغ ڪردار رکندڙ سياستدان وڏي مڃتا ماڻيندڙ عوامي شاعر، نامور اديب، منفرد نثرنگار، محقق، لسانيات جو ڄاڻو، راڳ جو ماهر، ملوڪ سگهڙ ۽ هڪ اعليٰ انسان هو. مطلب ته مخدوم صاحب پنهنجي وسيع ذات ۾ هڪ ادارو هو. هو پنهنجائپ ۽ محبت جو مرڪز هو. سندس فيض جي پالوٽ عام هئي، جتان ڪيترن ئي فيض ورتو. پاڻ انساني عظمت جي موتين جي کاڻ مان مليل املهه ماڻڪ هو.

مخدوم محمد زمان جيڪو "طالب المولىٰ" جي منڙي نالي سان ڏيهه پرڏيهه سڃاتو وڃي ٿو، قرآن شريف جي تعليم آخوند ولي محمد کان ورتي. سنڌي جي تعليم مولوي عبدالحي ڦل پوٽي ۽ مولي محمد عالم ڊيري واري کان حاصل ڪئي ۽ پوءِ ماستر غلام رضا ينٽي وٽ انگريزي جا ٽي درجا پڙهيو، جنهن کان پوءِ ذاتي محنت ۽ مطالعي جي آڌار تي مختلف علومن ۾ مهارت حاصل ڪيائين.

مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات کان پوءِ 18-ڊسمبر 1944ع تي مخدوم سرور نوح رح جي نولکي گوڏڙي جو وارث ۽ سروري درگاهه جو 17 نمبر سجاده نشين ٿيو، پاڻ نو لک مريدن ۽ عقيدتمندن جو روحاني پيشوا هوندي به نهايت سادي طبيعت رکندڙ فقيرتن انسان هو. سندس دربار ۾ ڪابه کٽ، ڪرسي، پلنگ يا صوفه سيٽ وغيره رکيل نه هوندو هو، پاڻ گلمن ۽ غاليچن سان سينگاريل پٽ تي مريدن ۽ عقيدتمندن سان گڏ ويهي سک ۽ اڪير مان روايتي ڪل ڪيڪار کان پوءِ حال احوال وٺي، پنهنجي خاص موهيندڙ انداز ۾ گفتگو ڪندي، دل جا دروازا کولي ڇڏيندو هو، وٽس ڪو ڄاتل يا اڻ ڄاتل ماڻهو ڪنهن ڪم ڪار سانگي ايندو هو ته، پاڻ ان جو ڪم اوڏي مهل ڪندو هو، عياري، فريب ۽ ڊوڪي جي بوءِ به سندس طبيعت جي آڏو نه هئي. پاڻ خدمتِ خلق کي عين عبادت سمجهندو هو. تڏهن ته پاڻ هڪ شعر ۾ چوي ٿو ته:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهه طاقت طالب المولىٰ

ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

سائين طالب المولىٰ جون ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ميدان ۾ سرانجام ڏنل خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. جميعت الشعراءِ جا مشاعرا هجن، آل سنڌ سنڌي ادبي ڪانفرنسون هجن، بزم طالب المولىٰ جون محفلون هجن، لاڪيٽي لطيف جي ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون هجن، ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ هجي، سنڌي ادبي سنگت پاران هلايل سنڌي ٻولي بچايو مهم هجي، ووٽر لسٽ سنڌيءَ ۾ ڇپائڻ جي هلچل هجي،

بوليءَ وارا فساد هجن، ايم آر ڊي واري تحريڪ هجي، مخدوم صاحب جي هڙان توڙي وڙان هر سطح تي هر هنڌ ڀرپور شرڪت رهي. سياست ۾ رهي ڪري به هن پنهنجي دامن کي سياسي آلودگيءَ کان بچائي رکيو ۽ سنڌ جي حقن جي ڪڏهن به سودي بازي نه ڪئي ۽ نه وري ڪيس سياسي منصبن سان دلچسپي رهي.

سائين طالب المولي 1952ع ۾ ميونسپل ڪميٽي هالا جو صدر ۽ 1960ع ۾ بلديه هالا جو پهريون چيئرمن ٿيو. ون يونٽ کان اڳ سنڌ اسيمبليءَ جو ۽ بعد ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر 1977ع تائين چونڊيو آيو. 1969ع کان آخري دم تائين پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جو سينئر وائيس چيئرمن تي رهيو. جنرل ضياءَ جي مارشل لا واري ڪاري دور ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ سندس ڪيل خدمتون قابل ذڪر آهن.

ادبي دنيا ۾ مخدوم صاحب علم ۽ ادب جا واهڙ وهائي ڇڏيا. علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ هالا ۾ الزمان پريس قائم ڪيائين. جتان هفتيوار "الزمان" ۽ "پاسبان" اخبارون جاري ڪيائين. نومبر 1950ع کان هالا مان ماهوار "فردوس" سندس سرپرستي هيٺ جاري ٿيو. 1952ع ۾ ماستر جمع خان "غريب" سيتان شهر مان ماهوار رسالو "طالب المولي" سندس سرپرستي هيٺ ڪڍيو. 1954ع کان "روح ادب" ۽ جون 1956ع کان به ماهي "شاعر" به سندس سرپرستي هيٺ هالا مان نڪرندا هئا. ان کان علاوه ٽماهي مهراڻ، گل ڦل ۽ سرتيون رسالا به سندس سرپرستي ۾ نڪرند اهئا.

شاعري جي حوالي سان مخدوم صاحب ويهين صدي عيسوي جو تمام وڏو ڪافي گوشاعر هو. هن ڪافي جهڙي وساريل ۽ نج سنڌي مقبول صنف کي نئين سر جياريو. سندس لکيل ڪافيون پنهنجي سليس ٻولي، گهاڙيٽي ۽ عام فهم هجڻ ڪري بيحد مقبول آهن. پاڻ غزل جو به پهرين جوڙ جو شاعر هو. سندس لکيل غزل ۾ رنگ تغزل جو ڀرپور انداز ملي ٿو. ان کان علاوه پاڻ شاعري جي هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. شاعري ۾ پهريائين "بيوس" پوءِ "فراقي" ۽ "زمان شاهه" جڏهن ته آخر ۾ 1949ع کان "طالب المولي" تخلص اختيار ڪيائين. لسانيات ۽ گرامر جي لحاظ کان سندس ڪلام ۾ محاوري جو زور آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪافين ۽ غزلن مان اڪثر سٽون گفتگو ۽ ادبي تحريرن جا عنوان ۽ موضوع بنجي ويا آهن. سندس شاعري جي هڪ خوبي اها به آهي ته، ان تي نغمگي جو عنصر غالب آهي، جيڪو ساز ۽ آواز جي سنگم ۾ ادا ٿيندي جادو جاڳائي ڇڏي ٿو. سندس ڪلام کي سنڌ کان علاوه پاڪستان جي ٻين حصن ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر هندستان ۽ سنگاپور وغيره ۾ ڳايو وڄايو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. سندس شاعري جي مقبوليت جو سڀ کان

وڏو ثبوت مختلف فنڪارن جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيل سندس شاعري جون أهي ڪيسٽون آهن، جيڪي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر هٿئون هٿ وڪامي وڃن ٿيون ۽ سنڌ ۾ هر جاءِ، هر طرف، هر هوٽل، هر گهر ۾ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. سندس ڪلام سنڌ، پنجاب ۽ هندستان جي ناميارن فنڪارن ڳايو آهي. چوندا آهن ته وڏي شاعر جي هڪ خوبي اها به آهي ته، سندس ڪلام ڳائي، وڄائي سگهجي ۽ ان کي هر طبقي جو ماڻهو پسند ڪري، سو مخدوم صاحب جي شاعري کي پڻ وڏو، ننڍو، پڙهيل، اڻ پڙهيل، شهري، ڳوٺاڻو پسند ڪري ٿو ۽ اها سنڌ جي هر حصي اتر، لاڙ، وچولو، ٿر ۽ ڪوهستان ۾ هڪ جهڙي مقبول آهي.

مخدوم صاحب جي دربار مان ڪيترن ئي شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن فيض ورتو. سندس ادب نوازي ۽ ادب پروري جو ڪو مثال نٿو ملي. پاڻ 1957ع ۾ جمعيت الشعراءَ سنڌ جو سرپرست بڻيو، سنڌي ادبي بورڊ جي ترقيءَ ۾ سندس دلچسپي شروع کان آخر تائين برقرار رهي. جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون ڪراچيءَ مان ڪڍي حيدرآباد آيون، تڏهن پاڻ "امين منزل" گاڏي کاتي ۽ سول لائينز وارو بنگلو آفيس لاءِ ادبي بورڊ جي حوالي ڪيو. پاڻ 1955ع کان سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ۽ به ڀيرا 1961ع ۽ 1989ع ۾ ادبي بورڊ جو چيئرمين ٿي رهيو. سندس ڪوشش سان 1955ع ۾ هالن ۾ "راڳ ڪانفرنس"، 4 آڪٽوبر 1961ع تي بسنت هال حيدرآباد ۾ "پهرين ڪل سنڌ مزاحيه ڪانفرنس" ۽ 27 29 نومبر 1991ع تي ٽنڊوآدم ۾ "سنڌ سگهڙ ڪانفرنس" ڪوٺايون ويون.

مخدوم صاحب موسيقي جي علم جو ماهر هو. پاڻ "زمان ٽوڙي" ايجاد ڪري راڳ ۾ پنهنجي اعليٰ ڄاڻ جو ڏاڪو ڄمائي ويو. لوڪ ادب کي سنوارڻ سينگارڻ ۾ به سندس وڏو هٿ رهيو. ايترين مصروفيتن هوندي هن قلم پڻ خوب هلايو. ڪيترائي مضمون، مقالا به لکيائين ته، نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب به تحرير ڪيائين. سندس هيٺيان ڪتاب سنڌي ادب جو سرمايو آهن.

بهار طالب، ڇپر ۾ ڇڙٻون، شان سرور، مصريءَ جون ٽڙون، منتخب غزليات، بياض طالب المولىٰ، رباعيات طالب، ڪچڪول، مثنوي عقل و عشق، آءَ ڪانگا ڪر ڳالهه، شيطان ابوالجنان، اسلامي تصوف، يادرفتگان، امام غزالي جا خط، ڪافي، مضامين طالب المولىٰ، ڪوڙ ۽ سچ، تفڪرات، اشارات شاهه، عجيب لغت سنڌي، سنڌ جو شڪار، سماع العاشقين في سرو الطالبين ۽ خود شناسي، سنڌ جو سانوڻ، شام ۽ صبح، ٻي پير اڪيون، سدا وسين سنڌڙي، وغيره.

سائين طالب المولىٰ جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي خدمتن کي بيان ڪرڻ لاءِ وڏا دفتر درڪار آهن. اسان پنهنجي ناقص معلومات ۽ مطالعي آهر هتي انهن جو مختصر طور ذڪر ڪيو آهي.

مخدوم صاحب کي سندس ڪيل خدمتن جي عيوض سرڪار طرفان "تمغئہ پاڪستان"، "لطيف ايوارڊ" 1961ع ۾ ۽ "هلال امتياز" 1990ع ۾ مليا.

مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ" 11 جنوري 1993ع تي پنهنجي لکين عقيدتمندن ۽ پيار ڪندڙن کي وره وڇوڙو ڏئي راهہ رباني وٺي ويو. سندس انتقال ڪارڊيو ويسڪيولر انسٽيٽوٽ ڪراچي ۾ ٿيو. 12 جنوري تي کيس هالن ۾ پنهنجي مرشد ۽ جدامجد حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير رحہ جي قريب سپرد خاڪ ڪيو ويو.

چو ٿــو ڪرين مــينهن مــون ســان ريس رئڻ جي
"طالب الــموليٰ" ســان تہ ڪيــا ناحق وڏا نينهن
تنهنجا ٻئي ڏينهن، منهنجي مــوسم ســيــڪــا.

طفيل علي عبدالرحمان

جسٽس طفيل علي ولد عبدالرحمان 24 سيپٽمبر 1921ع تي ڄائو. پاڻ سنڌ جو برک قانوندان ٿي گذريو آهي، سندس والد صاحب ۽ چاچو عبدالجبار پنهنجي وقت جا معروف وڪيل هئا.

طفيل علي مئٽرڪ تائين تعليم آفريڪا ۾ حاصل ڪئي، وڌيڪ تعليم علي ڳڙهہ مان ورتي ۽ ايل ايل بي جي ڊگري بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.

طفيل علي ننڍپڻ کان ئي هوشيار ۽ ذهين هوندو هو، هن 22 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ 1943ع ۾ سنڌ چيف ڪورٽ جي وڪيلن واري بار ۾ شموليت اختيار ڪئي، 1952ع ۾ سنڌ جو اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل مقرر ٿيو. 1958ع ۾ کيس هاءِ ڪورٽ بار ائيسوسيئيشن جو صدر چونڊيو ويو. 1960ع ۾ پاڪستان جي آئين ڪميشن جو ميمبر نامزد ٿيو، ساڳئي سال پاڪستان جو ڊپٽي اٽارني جنرل ۽ 1961ع ۾ پاڪستان جو اٽارني جنرل مقرر ٿيو.

1971ع ۾ کيس سنڌ، بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عهدي کان علاوه 1971ع واري جنگ بابت انڪوائري ڪميشن جو کيس ميمبر پڻ مقرر ڪيو ويو هو. پاڻ ڪجهہ عرصي لاءِ بلوچستان ۽ پوءِ سنڌ جو قائم مقام گورنر بہ ٿي رهيو. هن پنهنجي ذميوارين کي جنهن خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو، ان جي ڪري ملڪ جي اندر توڙي ٻاهر کيس عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. کيس قانون تي جيڪا مهارت حاصل هئي، انهيءَ جي ڪري قانون جا ماهر سندس گهڻي عزت ڪندا هئا. سندس پوري حياتي

قانون جي مطالعي ۾ گذري، سندس ذاتي لائبريري ۾ هڪ لک کان به وڌيڪ ڪتاب رکيل هوندا هئا، جن ۾ قانوني ۽ مذهبي ڪتابن جي اڪثريت هوندي هئي.

طفيل علي کي شعرو شاعري سان به لڳاءُ هوندو هو، باغباني ڪرڻ، فوٽو ڪڍڻ ۽ مطالعو ڪرڻ سندس خاص مشغلا هوندا هئا. گلن سان بيحد پيار هئس، پاڻ ٽيبل ٽينس جو به سٺو رانديگر هو. هو مذهبي عقيدن جو پابند، اصول پرست ۽ غريب پرور هو.

جسٽس طفيل علي 16 جنوري 1975ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

طيب علي علوي، سيٺ

سيٺ طيب علي علوي ولد سيٺ علي ڀائي سن 1875ع ۾ ڪراچي ۾ ڄائو، پاڻ مشهور سماجي سڌارڪ ٿي گذريو آهي.

سيٺ طيب علي بوهرا قوم مان هو. سندس والد 1866ع ۾ مانڊوي (ڪڇ) مان لڏي اچي ڪراچي ۾ سڪونت پذير ٿيو. جنهن ڪراچي ۾ واپار ڪري چڱو پيسو ۽ ملڪيت گڏ ڪئي، ۽ پنهنجو اثر رسوخ وڌايو. سيٺ طيب علي سنڌ مدرسته السلام ڪراچي ۾ ڇهه درجا پڙهي واپار جي ڪاروبار کي لڳي ويو، هن واپار مان ججهو پيسو ڪمايو.

سيٺ صاحب نهايت ياررويس، محنتي اڻٿڪ قومي ڪارڪن هو. هن ڪيترن ئي سماجي ادارن ۾ ڪم ڪيو ۽ خيراتي ڪمن ۾ دل کولي پيسو خرچ ڪيائين. سندس والد صاحب 1996ع ۾ "مدرسه حسيني" قائم ڪيو هو.

سيٺ طيب علي ان مدرسي کي ترقي وٺرائڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. هن پهريائين ان کي پرائمري اسڪول منظور ڪرايو بعد ۾ 1921ع ۾ ان جي نالي کي "ڪراچي اڪيڊمي" ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ 1926ع ۾ ان کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏياريو. هن اداري قائم ٿڻ سان سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪافي تعليمي شعور پيدا ٿيو.

سيٺ صاحب اڪثر مختلف قومي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو رهندو هو. هن ڪيترين ئي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي. سياست سان به سندس لڳاءُ رهيو، هن خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. پاڻ ڪراچي ميونسپالٽي جو ميمبر رهي 1922ع کان 1925ع تائين شهر واسين جي خدمت ڪندو رهيو. 1930ع ۾ ڪراچي ميونسپل اسڪول بورڊ جو پهريان ميمبر ۽ پوءِ چيئرمن رهي مسلمانن ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. ان سلسلي ۾ زوري تعليم رائج ڪرائي ڪراچي ۾ وڏي تعداد ۾ اسڪولي عمارتون ٺهرايائين. پاڻ سائين جي ايم سيد جي ڪوشش سان 1928ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ

ڪراچي جو بنا مقابلي ميمبر چونڊيو، جتي 1933ع تائين سرجوشيءَ سان ڪم ڪندو رهيو. سندس هڪ ٻيو خاص ڪارنامو اهو هو جو 1932ع ۾ ڪراچي ۾ هن صاحب مسلم هائوسنگ سوسائٽي قائم ڪري، سنڌ جي رهاڪو مسلمانن کي پنهنجي بنگلن ٺهرائڻ جو موقعو ڏنو ۽ ان لاءِ بئنڪ کان قرض پڻ وٺائي ڏنائين، جنهن ڪري سنڌ جي ڪيترن ئي زميندارن اتي پلاٽ وٺي بنگلا ٺهرايا. هن 1927ع ۾ ڪراچي مرڪنٽائيل ڪوآپريٽو بئنڪ پڻ قائم ڪئي.

سيٺ صاحب کي لکڻ پڙهڻ سان پڻ چاهه رهيو. هن گجراتيءَ ۾ ڪجهه ڪتاب به لکيا آهن. جن مان "اخوان الصفا" جي ترجمي جا به ڪتاب قابلِ ذڪر آهن. هن مختلف ملڪ گهمي ڏٺا هئا، جنهن ڪري سندس معلومات ۾ گهڻو اضافو ٿيو.

ملڪ ۽ قوم جو هي سچو هڏڏوڪي ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ 13-مارچ 1964ع تي وفات ڪري ويو.

ظفر حسن، سيد

سيد ظفر حسن ولد سيد نظر علي شاهہ 14 آگسٽ 1937ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور بااصول اديب ۽ دانشور ٿي گذريو آهي.

سيد ظفر حسن جي تعليم ايم اي هئي. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جاگرافي جو پروفيسر هو. پاڻ سچي زندگي پنهنجي اصولن تي ڪاربند رهيو. سنڌ جو خاموش سپاهي هو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون، مضمون ۽ مقالا لکيا. هن ولي رام ولڀ سان گڏجي "آرسي" نالي هڪ معياري ادبي رسالو بہ جاري ڪيو هو. سندس خواهش هئي تہ سنڌي ۾ هڪ معياري اخبار ڪڍي، ليڪن موت مهلت نہ ڏنس، سنڌ سان ڪيس عشق هو، سنڌ جي آزادي هن جو خواب هو، جيڪو سندس حياتيءَ ۾ ساڀيان نہ ٿيو.

سيد ظفر حسن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "رهيل قرض" 1981ع ۾ ڇپيو. سندس لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل آهن. پاڻ سن 1998ع ۾ انتقال ڪري ويو.

عابده پروين

عابده پروين ڌيءُ غلام حيدر 20 فيبروري 1958ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿي. پاڻ موجوده دور جي تمام وڏي گلوڪاره آهي.

عابده پروين کي ننڍي هوندي کان ئي راڳ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. راڳ کيس پنهنجي والدين کان ورثي ۾ مليو. سندس والده مائي ممتاز بيگم هڪ سني فنڪاره هئي. سندس والد موسيقي جو ماهر هو جنهن کان هن راڳ جي ابتدائي سکيا ورتي ۽ بعد ۾ محمد جمن سندس تمام گهڻي رهنمائي ڪئي. ريڊيو پاڪستان جو مشهور پروڊيوسر مرحوم غلام حسين شيخ (وفات 8-ڊسمبر 1994ع) سندس خاوند هئو، جنهن جي محنت ۽ ڪاوشن سان عابده پروين کي عروج مليو.

عابده پروين کي سڀ کان پهريائين سن 1973ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد متعارف ڪرايو. ريڊيو تان سندس آواز ۾ جيڪو پهريون رڪارڊ نشر ٿيو، اها "مفتون" همايوني جي مشهور ڪافي "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا" هئي. ان کان پوءِ عابده پروين تيزيءَ سان فن جون چاڙهيون عبور ڪندي، انتهائي اوچائيءَ تي پهچي وئي.

عابده پروين هن وقت پاڪستان جي تمام وڏي ڳائڻي سمجهي وڃي ٿي. پاڻ سنڌي، اردو، سرائڪي، ۽ ملتاني ٻولين ۾ مهارت سان ڳائي رهي آهي. سنڌ جا ماڻهو کيس "راڳ جي راڻي" ڪوٺن ٿا. ڪافي ۽ غزل ڳائڻ تي کيس عبور حاصل آهي. هن سنڌي غزل ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي. پاڻ جديد توڙي ڪلاسيڪي شاعري ساڳيءَ آسانيءَ سان ڳائي ٿي سگهي، هوءَ اچارن جي چٽي ۽ صحيح هجڻ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندي آهي. سندس ڪلام جي چونڊ به عاليشان هوندي آهي، گهڻو ڪري صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائيندي آهي. سندس ڳائڻ جو انداز نرالو آهي، عارفاڻو ڪلام ته وجد ۾ اچي ڳائيندي آهي، جنهن کي ٻڌڻ سان حاضرين تي عجيب ڪيفيت طاري ٿيو وڃي. پاڻ پرڏيهه ۾ پڻ پنهنجي آواز جو جادو ڦهلائي چڪي آهي. کيس ريڊيو ۽ ٽيليوزن جي سرپرستي حاصل آهي پاڻ لطيف، سچل، قلندر ۽ ٻين بزرگن جي ميلن تي يا ٻين سرڪاري توڙي غير سرڪاري تقريبن ۾ پوري پاڪستان اندر پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪندي رهي ٿي. سندس آواز صاف، سريلو ۽ تمام گهڻو آهي. کيس سر ۽ تال تي غضب جي دسترس حاصل آهي. پاڻ بهترين انداز ۾ نمري به ڳائيندي آهي، پر اهو فقط محدود محفلن ۾، راڻي، سورٺ ۽ پيروي ڳائڻ وقت پيچيده ڪلاسيڪي گائڪيءَ سان هوءَ سادن سباجهن لوڪ موسيقيءَ

جي انگن کي اهڙيءَ ته مهارت سان ملائيندي آهي، جو موسيقيءَ جا ﭘﮧ مختلف انداز هڪ ئي تاجي پيٽي ۾ خوبصورتيءَ سان اٿيل لڳندا آهن.

ياد رهي ته هن وقت (يعني ويهين صدي جي پڇاڙي وقت) سنڌ ۾ عابده پروين جي پايي جو ڪوبه موسيقار ڪونهي. هيءَ "سنڌ جي ام ڪلثوم" بڻجي چڪي آهي. سنڌ ۽ سنڌي مٽس جيترو ناز ڪن اهو گهٽ آهي، مجتا طور کيس صدارتي ايوارڊ، شاهه عبداللطيف ايوارڊ، لائق لطيف ايوارڊ، سچل ايوارڊ، شهباز ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ميڊل، اعزاز ۽ انعام ملي چڪا آهن.

عارف المولي

سيد شاهنواز شاهه تخلص "عارف المولي" ولد سيد ڏنل شاهه جيلاني 20 آڪٽوبر 1922ع تي ڳوٺ پير سبحان علي شاهه، تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

عارف المولي سنڌ جي مشهور ڪلاسيڪي شاعر سيد حسن بخش جيلانيءَ جو پوٽو هو. پاڻ سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي ٻوليون چڱي طرح ڄاڻندو هو. سندس پيشو زميนداري هو.

عارف المولي کي مشهور صوفي محمد فقير کٽياڻ جي عارفانه صحبت رنگي ريٽو ڪري ڇڏيو. شاعري ۾ پهرياتين "عاجز" تخلص استعمال ڪندو هو، پوءِ محمد فقير کٽياڻ کيس "عارف" جو تخلص ڏنو، بعد ۾ سائين طالب المولي کيس "عارف المولي" جو تخلص عطا ڪيو، جيڪو آخر تائين قائم رکيائين. پاڻ ڪلام جي اصلاح مخدوم طالب المولي کان ڪرائيندو هو. سندس ڪلام ۾ رنگيني ۽ شيريني، لطافت ۽ سوز آهي. پاڻ سنو ڳائيندڙ به هو، کيس موسيقي جي سٺي ڄاڻ هئي.

عارف المولي بيت، وايون، ڪافيون، گيت، لوڪ گيت، مثنوي، قصيدا ۽ غزل چيا آهن. سندس گيتن ۾ عجيب سوز ۽ مستي آهي. سندس بيت ۽ ڪافيون به نهايت سريليون ۽ رسيليون آهن، جيڪي عوام ۾ گهڻو مقبول آهن. سهڻا ۽ منڙا لفظ سندس فن ۾ ائين ٿا لڳن، جيئن منڊيءَ تي ٽڪ. سندس ڪلام ڪيترن ئي ڳائڻ ڳايو آهي. ريڊيو تان به نشر ٿيندو آهي ۽ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي ڇپيل اٿس. هن "ڪلام حسن بخش" سهيڙي ترتيب ڏنو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ ڇپايو.

عارف المولي پنهنجي وقت جي شاعرن ۾ انفرادي مقام رکندو هو. پاڻ خوش طبع، يار ويس، محفلن جو مور، اديبن ۽ شاعرن جو پر خلوص دوست هو. پاڻ 31 مئي 1978ع تي ڪارجي حادثي ۾ انتقال ڪري ويو. نموني طور

سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

سورهيه سانگا ست جيڻ جا جهان مان
مردانو ٿي موت جا مونجهارا سڀ مٽ
لڳ لاڳاپا لوڪ جا لاهوتي سڀ لٽ
خان مري تون ڪٽ مشاهدو محبوب جو.

عاشق علي خان، استاد

استاد عاشق علي خان ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو بادشاهه گويو ٿي گذريو آهي. سندس اصل وطن پٽيالہ هو. مگر سنڌ ۾ موسيقارن جي قدرداني جي واڪاڻ ٻڌي هتي ڪهي آيو. ۽ جڏهن پاڻ سنڌين جي فراخ دلي مهمان نوازي ۽ سخاوت جو مشاهدو ڪيائين ته، هميشه لاءِ هتان جو ٿي ويو.

استاد عاشق علي خان ناميارو موسيقار فتح علي خان جو پٽ ۽ استاد امير خان جو پاٽيجو هو. موسيقي ۾ سندس تربيت به استاد امير خان ڪئي هئي. خيال جي گائڪي ۾ عاشق علي خان جو مرتبو نهايت اوچو هو. ڳائڻ وقت سرتال ۾ اهڙو گم ٿي ويندو هو، جو ڪيس پنهنجي وجود جي به خبر نہ رهندي هئي. سندس خاص ڪارنامو اهو آهي ته، هن سنڌي ڪافيءَ کي به سولي ۽ آسان نموني ڪلاسيڪي انداز ۾ پيش ڪيو. جنهن کي هتان جي عوام ۾ مقبوليت جو درجو مليو. سندس ڳايل ڪافي "جادو لاتي ويا جيءَ ۾" اڄا تائين ماڻهن کان نہ وسري آهي. اها ڪافي هن بمبئي جي هڪ سنگيت جي محفل ۾ ڳائي، هندستاني گوين کان به ڀرپور داد حاصل ڪيو هو. سندس ٻي مقبول ڪافي آهي." دلبر مل سين کهڙي وار" . عاشق علي خان جو سنڌي ڪافين کي ڪلاسيڪي نموني ڳائڻ وارو انداز ڏاڍو مشهور ٿيو. هن انگ کي استاد اميد علي خان ۽ استاد منظور علي خان به قائم رکيو.

استاد عاشق علي خان جو گائڪي جو انداز ۽ آلاپ بلمپت ۽ درت وارن مرحلن ۾ ان دور جي ڳائڻن کان نرالو هو. موسيقيءَ جي محفلن ۾ سندس صلاحيت جي ڪري ڳائڻ لاءِ کيس آخر ۾ گهرايو ويندو هو. سندس ڳايل رڪارڊ اڄ به ڪڏهن ڪڏهن ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندا آهن.

استاد عاشق علي خان ڪجهه وقت هزهائينس مير علي نواز خان وٽ خيرپور ۾ رهيو ۽ مٽيارن جي سيد محمد زمان شاهه وٽ پڻ ڪجهه وقت رهيو. هو هڪ آزاد طبع، فقير منش ۽ قلندري قسم جو ماڻهو هو. ڪڏهن فل سوٽ پائيندو هو ته، ڪڏهن وري اهڙو گيڙو اڇي ويندو هئس، جو گرد ڙي پايو پيو گهمندو هو. دل جو سخي مرد به اهڙو جو اڪثر بدن جا ڪپڙا به لاهي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيندو هو.

سنڌ جو هيءُ ناميارو موسيقار سن 1948ع ۾ انتقال ڪري ويو.

عالم چنو

سنڌ جي ڌرتي هميشھ جتي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ميدان ۾ قداور شخصيتون پيدا پئي ڪيون آهن، اتي جسماني لحاظ کان پڻ ڪيترائي قداور شخص پيدا ڪيا آهن. سنڌ جي مختلف ماڳن تي موجود ڊگهيون قبرون اڄ بہ ان ڳالهہ جي گونگي گواهي ڏئي رهيون آهن ويهين صدي ۾ پڻ قلندر لعل شهباز جي نگري هڪ اهڙي انسان کي جنم ڏنو، جيڪو پنهنجي وقت ۾ دنيا جو سڀ کان ڊگهو انسان هو. اهو شخص هو، عالم چنو جنهن جي ولادت سن 1956ع ۾ ڳوٺ پڪا چنا تعلقي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ ٿي.

عالم چني جا والدين مسڪين ماڻهو هئا، جنهن ڪري کيس تعليم ڏياري نہ سگهيا، سندس ننڍپڻ ڳوٺ جي ٻارڙن سان رانديون رهندي گذريو. هو جڏهن سورهن سالن جو ٿيو تہ، ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز بڻجي پيو، جو ان وقت هو ڊگهي قد سبب پنهنجي همر عمر دوستن ۾ گهڻو الڳ ٿلڳ لڳي رهيو هو. ۽ پوءِ ڏينهون ڏينهن سندس قد وڌندو رهيو، تان جو کيس عالمي شهرت ملي وئي ۽ سندس نالو گنيز بڪ آف ورلڊ ۾ داخل ٿي ويو.

عالم چني کي دنيا جو سڀ کان ڊگهو انسان هجڻ جو اعزاز 1985ع ۾ حاصل ٿيو. ان کان اڳ اهو اعزاز بنگلاديش جي شهر ڍاڪا جي رهاڪو چندرابرمن کي حاصل هو، جنهن جو قد اٺ فوٽ ٽي انچ هو جنهن جي وفات کان پوءِ 7 فوٽ 8 انچ ڊگهو قد رکندڙ عالم چني کي دنيا جو سڀ کان ڊگهو انسان قرار ڏنو ويو.

عالم چني ڊگهي قد سبب جيتوڻيڪ عالمي شهرت ماڻي پر زندگيءَ ۾ کيس ڪيترين ئي مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. هو بسن ۽ ويگنن ۾ سفر نہ ڪري سگهندو هو. 1986ع ۾ صدر جنرل ضياء کيس هڪ ٽويوٽا ڪار سوکڙي طور ڏني هئي، پر ان ۾ سفر ڪرڻ لاءِ اڳين سيٽ ڪڍڻي پوندي هئس ۽ چيلهہ نوائي ويهڻو پوندو هئس، جنهن ڪري کيس چيلهہ ۾ سور پئجي ويندو هو، تنهن کان سواءِ گاڏي ۾ چڙهڻ ۽ لهڻ لاءِ ٻين ماڻهن جي مدد حاصل ڪندو هو، سندس پيرن ۾ ٻاويهين نمبر جا بوٽ يا چپل پورا ايندا هئا، جيڪي هو خاص آرڊر تي تيار ڪرائيندو هو. سندس وڳو پندرهن ميٽرن مان تيار ٿيندو هو، سمهڻ لاءِ هن ڏهہ فوٽ ڊگهو پلنگ ٺهرايو هو.

عالم چني کي قلندر لعل شهباز جي مزار جي سارسنڀال لاءِ مقرر ڪيو ويو هو، اتي جيڪي بہ زيارتي ايندا هئا، کيس ڏسي عجب ۾ پئجي ويندا هئا، سنڌ سرڪار طرفان کيس سيوهڻ ۾ هڪ سنو گهر ٺهرائي ڏنو ويو، جنهن جا دروازا ڏهہ فوٽ ڊگها هئا تہ، جيئن کيس اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي، کيس اوقاف کاتي طرفان هر مهيني اڍائي هزار روپيہ وظيفو ملندو هو ۽ پاڪستان

ٽيليويزن وارا به ڪيس ٽي هزار روپيه اعزازي پگهار ڏيندا هئا.

عالم چني 1989ع ۾ نسيم عرف نصيبان نالي هڪ عورت سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ڄائو. سندس شريڪ حيات جو قد مناسب آهي، عالم چني کي پنج پائر ۽ ٽي پينرون آهن ۽ سڀني جا قد مناسب آهن.

عالم چني کي هڪ پيرو ڏاڙيلن طرفان هڪ چٺي ملي، جنهن ۾ ڪيس ڳري رقم ڏيڻ لاءِ لکيو ويو هو، پر پاڻ اها ڳري رقم ڏيڻ جي سگهه ساري نه سگهيو ۽ پنهنجي گهر ڀاتين سميت اچي ڪراچي ۾ رهڻ لڳو. عالم چني ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا. ڪيس ڪيترين ئي وڏين شخصيتن سان ملڻ جا موقعا مليا. هو هر سال پاڪستان جي آزاديءَ جو ڏينهن ملهائڻ آمريڪا ويندو هو. جنهن جو انتظام پاڪستاني سفارتخاني طرفان ڪيو ويندو هو. عالم چني آمريڪا جي هڪ اشتهاري ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪري ڳري رقم سان گڏوگڏ آمريڪا جي ماڻهن ۾ مشهوري به ماڻي. عالم چني جي وزيٽنگ ڪارڊ تي سندس نالي کان پوءِ "گهمنڊڙ فرنڊڙ سفير" لکيل هوندو هو. پاڻ ڪيترن ئي فلاحي ادارن لاءِ فنڊ گڏ ڪيائين. ڪيس سنڌ جي قديم آثارن سان تمام گهڻي محبت هئي. هن جاپان جو دورو ڪري موهن جي دڙي لاءِ فنڊ گڏ ڪيا، ته جيئن پنهنجي شاندار ماضيءَ کي محفوظ رکي سگهجي.

عالم چني کي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ گڙدن جي تڪليف ٿي پئي، ڊاڪٽرن سندس علاج ملڪ کان ٻاهر تجويز ڪيو، ان لاءِ هو ڪافي عرصي کان حڪومت طرف واجهائيندو رهيو، نيٺ جڏهن سندس حالت سيريز ٿي وئي ته: حڪومت طرفان ڪيس علاج واسطي آمريڪا موڪليو ويو، جتي سگهوئي 2 جولاءِ 1998ع تي نيويارڪ جي هڪ اسپتال ۾ وفات ڪري ويو. جتان سندس جسد خاڪي کي آڻي سيوهڻ ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو، سندس خوبصورت مزار جوڙائي پئي وڃي. جنهن جي ڪم جو آغاز 17 جولاءِ 1998ع کان شروع ٿيو، ان جو پهريون مرحلو 26 آگسٽ 1998ع تي ٽي لک ڇهاسي هزار روپين جي لاڳت سان مڪمل ٿيو.

عبدالله "اثر" مولوي

مولوي عبدالله "اثر" ولد مولوي الهڏنو چانڊيو 14 جولاءِ 1920ع تي ڳوٺ پيڙو چانڊيو، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب، تعليمي ماهر، علم عروض جو ماهر ۽ تصوف ۽ تفسير جو وڏو ڄاڻو هو.

عبدالله "اثر" قرآن شريف جي تعليم مولانا محمد عمر چشموي ۽ پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي. ساڳئي وقت اسڪول ۾ سنڌي جي به تعليم وٺندو رهيو. 1936ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. فارسي ۽ عربي جي تعليم مولوي محمد اسماعيل قريشي ۽ مولانا غلام رسول عباسي

وٽ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ نوڪري دوران خانگي طور ايم اي (سنڌي) تائين امتحان پاس ڪيائين ڪيس پي ايچ ڊي ڪرڻ جو شوق هو، انهيءَ سلسلي ۾ "سنڌي ۾ نعتيه شاعري" جو عنوان به منظور ڪرايو هئائين. پر زندگيءَ جي بيوفائي سبب سندس اها آس اڌوري رهي.

اثر صاحب 1926ع ۾ مسلم اسڪولن ۾ ماستر ٿيو ۽ 1948ع ۾ ٽريننگ پوري ڪيائين. علامه دائود پوٽي سندس خطابت ۽ لياقت کان متاثر ٿي پهريان ڪيس ٽريننگ اسڪول ۾ استاد ۽ پوءِ اي ڊي آءِ ايس مقرر ڪيو. پاڻ آخري وقت تائين هن ئي عهدي تي لاڙڪاڻي ۾ رهيو.

عبدالله "اثر" جي مضمون ۾ شعر جون خوبيون ڏسندي، مولوي محمد عاقل عاقلي ڪيس شعر چوڻ تي آماده ڪيو ۽ پنهنجي شاگرديءَ جو شرف بخشيو. جلدي علم عروض ۾ مهارت حاصل ڪيائين ۽ "آثم" تخلص سان شعر چوڻ لڳو، مولوي محمد ابراهيم "اثيم"، حاجي محمود "خادم" ۽ نظام الدين "نظام" جي ترغيب تي مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. جنهن ميان علي محمد قادري سندس شعر کان متاثر ٿي ڪيس "اثر" تخلص استعمال ڪرڻ لاءِ چيو، جو هن خوشيءَ سان قبول ڪيو.

مولوي عبدالله "اثر" شاعري جي تقريباً هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سڀني بحرن ۾ شعر چوندو هو. سنڌي، اردو، فارسي ۽ سرائڪي ۾ ڪافي ڪلام چيل اٿس. سنڌي ۾ پهريون مڪمل نعتيه ديوان جوڙڻ جو اعزاز پڻ ڪيس حاصل آهي ان کان علاوه نظم ۾ جام ڪوثر ۽ ذڪر حبيب، ۽ نثر ۾ ساموئڊي سوداگر، سيرت سعدي، نالهءِ فراق، ۽ سچڻ جو سفر سندس مشهور ڪتاب آهن.

مولوي صاحب اگرچه گهڻي وقفي بعد شعر لکندو هو، تاهم سندس رواني ۽ آمد ڪي مشق جي محتاجي نه ڏسبي هئي. ڪيس ماده تاريخ ڪڍڻ ۾ وڏي مهارت هئي. سندس هڪ ڊرامو به لکيل آهي جيڪو اسٽيج ٿي چڪو آهي. پاڻ بزم سچل لاهوري محله لاڙڪاڻي سان گڏوگڏ ڪيترين ئي ادبي انجمن جو ميمبر هيو، خصوصاً محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي سان ڏاڍي دلچسپي رکندو هو.

هيءَ نيڪ سيرت ۽ اعليٰ گڻن جو مالڪ انسان 26 ڊسمبر 1976ع تي سکر کان نواب شاهه پنهنجي عزيزن ڏانهن ويندي اسٽيشن تي هڪ حادثي ۾ زخمي ٿي پيو ۽ ڪيس واپس ڳوٺ نيرون پئي ويو ته، رستي ۾ ساڳئي ڏينهن انتقال ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دل جي دنيا سان ٿيو شامل صداقت جو هجوم
ٿو ڏيان محصول ان کي جڻ تہ جرمانہ سان گڏ
ڪين ٿي وسري "اثر" پير مغان واري نگاهہ
نذر ڏيندڙ نذر ٿي ويو پاڻ نذرانہ سان گڏ.

عبدالله "بسمل"، حافظ

حافظ محمد عبدالله "بسمل" ولد حافظ محمد يوسف ميمڻ سن 1888ع ۾ ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي وقت جو يگانو شاعر ٿي گذريو آهي.

حافظ صاحب تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد کان حاصل ڪئي، جيڪو وڏو عالم هو، سنڌي، فارسي ۽ فقہ سان گڏ قرآن ڪريم بہ ياد ڪيائين. عربيءَ جي تعليم علامہ اسدالله شاهہ کان ورتائين. پيءُ جي وفات کان پوءِ تعليم ڇڏي گهر جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي پياءُ سان ٻانهن ٻيلي ٿيو. بعد ۾ هن درس ۽ تدريس جو پيشو اختيار ڪيو. پاڻ ٽکڙ جي عالمن جي آخري نشاني هو، حافظ محمد هارون کان پوءِ فارسيءَ ۾ ماهر پاڻ ئي هو.

حافظ عبدالله "بسمل" شاعريءَ جي ابتدا ٻارهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪئي، ان زماني ۾ ٽکڙ جي شاعريءَ جو ستارو بام عروج تي پهتل هو، شاعرن جي صحبت مان حافظ صاحب چڱو فيض پرايو. ان وقت ٽکڙ مان نڪرندڙ رسالن "بهار اخلاق" ۽ "الاصلاح" ۾ سندس ڪلام شايع ٿيڻ لڳو ۽ ان کان پوءِ سندس ڪلام کي اڃا بہ وڌيڪ وسعت ملي. سنڌ جي هر اخبار ۽ رسالي ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو هو، ڪيترين اخبارون سندس نالي جي اڳيان "استاد الشعراء" لکنديون هيون. منشي عبدالشڪور جي اخبار "هلال پاڪستان" جڏهن حيدرآباد مان شايع ٿيڻ لڳي تہ، انهيءَ اخبار ۾ حافظ صاحب کي "شاعر خاص" ڪري رکيو ويو. روزانو سندس بي بها ڪلام اخبار ۾ شايع ٿيندو هو. سندس پر اثر شعرن جي ڪري آزادي ۽ يڪجهتيءَ جا جذبا بيدار ٿيا.

حافظ صاحب جو ڪلام نهايت پختو، سهڻن لفظن بلند خيالن، چست بندش ۽ محاورن وغيره سان سينگاريل آهي. پنهنجي قوم کي بيدار ڪرڻ خاطر هن نظم بہ لکيا آهن. نظمن ۽ غزلن کان سواءِ هن ٽي مثنويون "مثنوي محمدي" جيڪا ڇپيل آهي ۽ بہ اڻ ڇپيل "مثنوي سسئي پنهون" ۽ "مثنوي دودو چنيسر" لکيون.

سندس ڪلام جو مجموعو "ڪلام بسمل" جي نالي سان پهريون ڀيرو 1961ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان علاوه حافظ صاحب قرآن شريف جو سنڌي

ترجمو ڪيو، جيڪو "ڪنزالعبرت" جي نالي سان 1956ع ۾ شايع ٿيو.

حافظ عبدالله "بسمل" پڇاڙيءَ جا ڏينهن غم ۽ مفلسي ۾ گذاريا، بيمارين جي هڪ ٻئي پويان حملن کيس هيڻو ڪري وڌو، رقم نہ هئڻ ڪري ڪو معقول علاج ڪرائي نہ سگهيو ۽ نہ حڪومت سنڌس ڪا پرگهور لڌي. آخر 20 آڪٽوبر 1950ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌس ڪلام نموني طور هيٺ ڏنل آهي.

پالوٽ ملڪ تي ٿي وئي فـيض عـام جي
ڏيکاري واٽ سڀ کي تو رب الانعـام جي
"بسـمل" غريب تنهنجي پيـو در تي ٿي گـدا
اوناءِ آه حـــضــــرت پنهنجي غلام جي

عبدالله بنگلديرائي

مولوي عبدالله ولد آخوند عبدالرحيم سن 1878ع ۾ ڳوٺ باگڙجي تعلقي سکر ۾ ڄائو، پاڻ مشهور مدرس، ممتاز عالم دين ۽ ماهر طب ٿي گذريو آهي.

مولوي عبدالله بنگلديرائي سنڌي پرائمري جي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ مشهور عالم مولانا محمد اسماعيل اٻڙي وٽ عربي ۽ فارسي پڙهيو ۽ پوري همت، استقلال ۽ شوق سان هڪ ٻئي استاد وٽ رهي، مختلف علمن جي تحصيل ڪري 1903ع ۾ دستاربندي ڪيائين. ان کان پوءِ ڳوٺ بنگلديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پنهنجو مدرسو قائم ڪري درس وتدريس جو ڪم شروع ڪيائين. هيءُ مدرسو في سبيل الله هلائيندو هو. سنڌس مدرسي جي هاڪ ٻڌي پري پري کان شاگرد پڙهڻ لاءِ وڏي اچڻ لڳا، جن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام ڳوٺ جو زميندار يار محمد سومرو ۽ ٻيا نيڪ مرد ڪندا هئا. هزارين شاگرد هن مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيا، جن مان 32 سنڌ جا نامور ۽ صاحبِ دل بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن. جن ۾ مولانا مير محمد نورنگي، مولوي عبدالڪريم ڪوراڻي، مولوي غلام رسول لاشاري، مولوي عبدالحليم پيڃائي ۽ مولوي عطا محمد بلوچستان وارو مشهور آهن.

مولوي عبدالله مسلسل سالن جا سال درس وتدريس جو ڪم ڪندو رهيو. آخري ڄمار ۾ بڍاپڻ ڪري تعليم جو شغل گهٽ ڪري ڇڏيائين باقي فتوي ۽ تحرير نويسيءَ جو ڪم آخري عمر تائين جاري رکندو آيو.

پاڻ مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مولانا همايوني جو خاص صحبتي هو. خلافت جي هلچل ۾ ڀرپور حصو ورتائين ان کان سواءِ پاڻ هڪ ماهر طبيب پڻ هو.

مولوي عبدالله بنگلديرائي 20 اپريل 1932ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالله چنا، خانصاحب

خانصاحب عبدالله چنا 23 مئي 1902ع تي ڳوٺ پاٽ شريف ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي دور جو ناميارو آفيسر، سنڌي ادب ۽ زبان سان نهايت پيار ڪندڙ، جديد ادب جو سرپرست، پڙهائيءَ جو عاشق ۽ سماجي خدمتگذار ٿي گذريو آهي.

خانصاحب عبدالله چنا کي ادب سان دلچسپي تعليمي زندگيءَ کان وٺي رهي. پاڻ جڏهن اجا علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو ته، ان وقت ۾ مولانا شبلي نعماني جي مشهور تصنيف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو "ترديد الزامات عالمگير" جي نالي سان ڪراچي مان شايع ٿيو. هن پنهنجي شريڪ حيات مرحومه زينت چنه کي "مارئي" رسالي جي جاري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي شاندار ادبي سرگرميون اوج تي پهتيون، انهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جون رهاڻيون، جشن روح رهاڻ وارا ادبي جشن ذڪر جي لائق آهن.

چنا صاحب نوڪري سانگي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهيو ۽ اتي جي غريب عوام سان جيڪي ڀير ڀريائين ۽ جيڪي سهولتون ڏنائين اهي ساراهه جوڳيون آهن.

سندس تاريخي ڪارنامن ۾ ڪڇ جي رڻ متعلق اها رپورٽ دستاويز جي حيثيت رکي ٿي، جيڪا رپورٽ مارچ 1965ع ۾ ڪڇ رڻ تي هندستاني فوج جي جهڙپ ۽ ڇاڇري تعلقي جي ڪن ديهن تي قبضي کان پوءِ جنيوا ۾ منعقد ٿيل بين الاقوامي ٽربيونل جي ميمبر جي حيثيت ۾ هن مرتب ڪئي هئي. هن اهم رپورٽ کي بنياد بنائي، حڪومت پاڪستان اهو ڪيس عالمي سطح تي پيش ڪيو ۽ انهيءَ رپورٽ جي آڌار تي ٽربيونل فيصلو ڪري ڪڇ جي رڻ سان لاڳو سرسبز علائقو پاڪستان کي ڏياريو ۽ سندس رپورٽ تي تبصرو ڪندي سوئيڊن جي اخبارن لکيو هو ته "مڪڻ پاڪستان کي مليو آهي ۽ لسي هندستان کي." چنا صاحب 1957ع ۾ سرڪاري طرح رٽائر ڪري چڪو هئو مگر سندس انتظامي صلاحيتن کان فائدو 1977ع تائين ڪيس ڪڏهن فيڊرل لئنڊ ڪميشن جو ميمبر ته ڪڏهن حيدرآباد ميونسپل ڪمپني جو ائڊمنسٽريٽر بنايو ويو. سندس انتقال 23-جنوري 1989ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو.

عبدالله "خواب"

عبدالله "خواب" ولد علي بخش پٽني 18 جنوري 1904ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ قادرالڪلام شاعر ۽ مشاعرن جو مور ٿي گذريو آهي. عبدالله "خواب" به چار درجا اسڪول ۾ پڙهيو ۽ پوءِ پنهنجي ذاتي مطالعي، ذوق ۽ ماحول جي اثر هيٺ ايترو اڀياس ڪيائين، جو چڱي طرح لکي ۽ پڙهي سگهندو

هو. ڪيس نندپڻ ڪان ئي شعرو شاعريءَ جو گهڻو شوق هوندو هو، ويتر جو ڪيس شاعرائو ماحول مليو ته، هن باقاعدي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. سن 1926ع ڌاري محمد بخش واصف جي اوطاق ۾ منعقد ٿيل مشاعرن ۾ ۽ 1927ع ۾ سنڌ جي مسلمانن طرفان قائم ڪيل "مسلم ادبي سوسائٽي" پاران ڪوٺايل ادبي مجلسن ۾ عبدالله "خواب" پنهنجو ڪلام پيش ڪري داد تحسين حاصل ڪيو.

عبدالله "خواب" شعروشاعريءَ جي ابتدائي اصلاح حافظ حيات شاهه ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ محمد موسيٰ "راز" کان ورتي ۽ بعد ۾ 1948ع ڌاريءَ "بزم خليل" حيدرآباد ۾ شامل ٿيو. حيدرآباد ۾ "انجمن ترقي اردو" پاران سڏايل مشاعرن ۾ پڻ ڪافي حصو ورتائين. هن معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ تلڪ چاڙهي حيدرآباد تي "انتخاب ٽيلرس" جي نالي سان درزڪو دڪان کوليو.

عبدالله "خواب" قادر الڪلام ۽ قومي شاعر هو. سندس ڪلام شائستگي، مروت، حب الوطني ۽ معاشرتي مسئلن جي عڪاسي ڪري ٿو. هن سنڌي ٻوليءَ جي گهڻي خدمت ڪئي، نظم توڙي نثر ۾ پاڻ موکيو. راڳ روپ، مداح و ثنا ۽ مهمان نوازي هن جي محفلن جون خوبيون ۽ خاصيتون هيون. پاڻ 21 فيبروري 1981ع تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو.

منهنجي زخمن سان ڇيڙڇاڙ نه ڪر
باهه ويندي لڳي بهـــــــارن ۾

عبدالله "شرر"

عبدالله "شرر" ولد صالح محمد لاسي سن 1927ع ۾ ضلعي لسٻيلي (بلوچستان) ۾ پيدا ٿيو. جتان پوءِ سندس مائٽ لڏي اچي ڪراچي ۾ ويا. پاڻ پلوڙ شاعر ٿي گذريو آهي.

عبدالله "شرر" جيتوڻيڪ هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو، ان ڪري ڪا خاص تعليم نه پرائي سگهيو. ليڪن پاڻ تمام ذهين هو ۽ وسيع مطالعي سبب چڱي ڄاڻ رکندو هو. اصل کان سندس طبيعت جو لاڙو شعرو شاعري ڏانهن هو، ويتر جو محمد جمن هالي جي صحبت ۾ رهيو ته سندس شاعرائي شغل کي چار چنڊ لڳي ويا سال 1963ع ۾ هالي مرحوم جي مجموع ڪلام "سوزِ عشق" جي طباعت ۾ دل و جان سان ڪم ڪيائين.

عبدالله "شرر" ڪراچي جي شاعرن ۾ خاص مقام رکندو هو.. پاڻ خوش مزاج، پر خلوص، ياروبس ۽ جولاني طبيعت وارو شاعر هو. هن پهريان پنهنجو تخلص "عاجز" ۽ پوءِ "شرر" رکيو، جو آخري وقت تائين قائم رهيو. هن جمعيت الشعراء سنڌ جي ڪيترين ئي ڪانفرنسن ۾ ڪراچيءَ جي نمائندگي ڪئي. سندس ڪلام مختلف اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ شايع ٿيل آهي جنهن لاءِ ڪي ادب نواز دوست ڪوشش ڪري رهيا آهن ته، ان کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو وڃي.

عبدالله "شرر" 17 آگسٽ 1967ع تي دائمي اجل کي لبيڪ چوندي وفات ڪري ويو. سندس هڪ غزل جون سٽون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون.

بيخواب منهنجون آهن ليل ونهار اکيون
راحت جو ڪيستائين ڪن انتظار اکيون
ڪنهن ڪيف عارضي ساڻ يا رنج دائمي سان
زنده ضرور آهيان مجبور يا خوشيءَ سان
دل ڪشمڪش ۾ آهي موت و زندگيءَ سان
ناڪام حسرتن جو آهن شڪار اکيون

عبدالله لغاري، مولوي

مولوي عبدالله ولد نهال خان لغاري سن 1288هه ۾ ڳوٺ داد لغاري ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور عالم دين ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جو سچو ساٿي هو. مولوي عبدالله ابتدائي تعليم پنهنجي هڪ عزيز مولوي محمد امين لغاري کان حاصل ڪئي پوءِ ڳوٺ پنهواري ۾ ڪتجهه ڪتاب پڙهيائين. جنهن کان پوءِ نوشهروفيروز، نارو شاهه، ديپري، ڪراچي، ملتان، بهاولپور وغيره جي مختلف مدرسن ۾ علمي اڃ اجهائيندو رهيو.

مولوي عبدالله جي ملاقات 1316هه ۾ امروٽ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ٿي، جيڪا ملڪ جي انقلابي سياست ۾ سنڌس وابستگيءَ جو سبب بڻي. مولانا سنڌي جيئن ته آزادي جو متوالو هو ۽ مولوي عبدالله کي به انگريزن سان نفرت ورثي ۾ مليل هئي. سندس وڏو ڏاڏو ميان احمد خان لغاري مير شير محمد خان ٽالپر جي ساٿين ۽ سپهه سالارن مان هو ۽ هن انگريزن سان چڪربون ڏنيون هيون. اهڙي طرح مولانا سنڌي ۽ مولوي عبدالله هم خيال ۽ هم سفر بنجي پنهنجي سياسي سفر جو آغاز ڪيو مولوي عبدالله امروٽ جي مدرسي ۾ مولانا سنڌيءَ سان گڏ استاد به ٿي رهيو ۽ مولانا امروٽي جي قائم ڪيل پريس ۽ رسالي ذريعي جڏهن مولانا سنڌي پنهنجي انقلابي خيالن جي اشاعت شروع ڪئي ته، مولوي عبدالله سندس ساجو هٿ ۽ پريس جو مئنيجر ٿي رهيو. ان کان پوءِ جڏهن پير جهنڊي ۾ "دارالرشاد" نالي مدرسو قائم ٿيو ته، مولانا سنڌي سان گڏ مولوي عبدالله پڻ هن مدرسي سان وابسته رهيو ۽ فارسيءَ جو مدرس مقرر ٿيو ۽ ان سان گڏوگڏ مدرسي جي نائب مهتمم جا فرائض پڻ سندس ذمي رهيا. جڏهن شيخ الهند، مولانا سنڌي کي ديوبند گهرايو ۽ اتي ڪيس جمعيت الانصار قائم ڪرڻ ۽ سياسي ڪم ڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته، ان وقت به مولانا عبيدالله سنڌي سان مولوي عبدالله لغاري ۽ ڪراچي جو مولانا صادق گڏ هئا. هڪ طئي شده پروگرام مطابق مولوي عبدالله پير جهنڊي واپس اچي

مدرسي ۾ درس جو سلسلو جاري رکيو. سن 1915ع ۾ جڏهن امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل جو سفر اختيار ڪيو، تڏهن مولوي عبدالله کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ ريشمي رومال سازش ڪيس جي لکت موجب فيبروري 1916ع ۾ کي خاص خط ڪٺي هندستان آيو هو. هي خط مولانا عبيدالله سنڌي جا مولانا محمد علي، ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري ۽ حڪيم محمد اجمل خان جي نالي هئا. هيءَ ذميواري هن تمام سهڻي نموني پوري ڪئي هئي. ڪجهه سالن کان پوءِ جڏهن مولانا سنڌي حجاز شريف پهچي مڪي شريف ۾ رهڻ لڳو، ته مولوي عبدالله پڻ مڪي شريف وڃي ساڻس گڏ رهڻ لڳو. مونوي عبدالله کي اهو اعزاز حاصل هو ته هن مولانا سنڌي جي صحبت ۾ سڀ کان گهڻو وقت گذاريو. سندس هڪ شاندار خدمت هيءَ به آهي ته، هن مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي سياسي ڊائري ۽ سندس افڪار وافادات تفسير کي سنڌي زبان ۾ مرتب ڪيو.

مولانا عبدالله لغاري کي آخر عمر ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سان وابسته ڪيو ويو هو ته، جيئن هو پنهنجي افڪار ۽ مطالعي ذريعي شاگردن جي بهترين ذهني ۽ فڪري تربيت ڪري سگهي.

مولوي صاحب سن 1942ع ۾ ميرپور خاص لڏي آيو هو، ۽ پوءِ سانگهڙ ۾ رهندو هو. جتي سيپٽمبر 1958ع ۾ ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

عبدالله هارون، سر

سر حاجي عبدالله ولد محمد هارون ميمڻ 7 نومبر1872 تي ڪراچيءَ جي ڪچي ميمڻ پاڙي ۾ ڄائو. پاڻ قوم جو سچو هڏڏوکي، غيور، نيڪ سيرت ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. جنهن ساري زندگي پاڻ تڪليفون سهي، قوم جي ڀلائي، فلاح ۽ بهبود لاءِ جاکوڙي پنهنجي قوم تي وڏو احسان ڪيو.

سر حاجي عبدالله هارون جي ولادت هڪ غريب گهراڻي ۾ ٿي، پاڻ اڃا چئن سالن جو هو ته، سندس والد صاحب وفات ڪري ويو ۽ سندس پرورش جو سمورو بار سندس والده حنيفه بائي جي ڪلهن تي اچي پيو.

غربت جو ماحول هو، جنهن ڪري ايترو ٿمر نه سمجهي، روزگار لاءِ جنگ ڪرڻ لڳو. پاڻ پنهنجي ساري ڏينهن جي ڪمائي اچي شام جو امڙ جي اڳيان رکندو هو. پاڻ شرميلو به ڏاڍو هوندو هو. شيون وڪڻندي به شرمائيندو هو.

جهونا مارڪيٽ ۾ هڪ دڪان تي چار روپيا ماهوار پگهار تي ملازم ٿي بيٺو ۽ اتين واپاري صنفن جي ڪيس سکيا ملندي رهي. ان بعد پنهنجي ٿوري موڙيءَ تي الڳ هڪ دڪان کوليائين. ايمانداري ۽ هوشياري سبب سندس

ڪاروبار وڌڻ لڳو ۽ ڪجهه وقت ۾ ڏسندي ڏسندي هڪ وڏو واپاري بڻجي ويو. جيئن ته سنڌس ڪافي زمانو غربت ۾ گذريو هو، انهيءَ ڪري هن کي رات ڏينهن غريبن جي ڀلائي لاءِ ۽ سندن ڏک ۽ تڪليفن جو اونو هوندو هو. هاڻي پاڻ سيٺ عبدالله جي نالي سان سڏجڻ لڳو، ڪيترن ننڍن دڪاندارن کي قرض وٺرائي ڏيڻ ۾ ڪوششون ڪندو رهيو، واپارين جي سهوليت لاءِ ڪوآپريٽو بئنڪون قائم ڪرايائين، لاوارث ٻارن جي تربيت لاءِ يتيم خانا کوليائين، ضرورت مند غريب انسانن جي دل و جان سان خدمت ڪندو رهيو. ڪيترائي مدرسا، هاسٽلون ۽ مسجدون تعمير ڪرايائين. عام ڀلائي جي مختلف ادارن جي مالي مدد ڪندو رهيو. 1898ع ۾ کيس حج بيت الله جي سعادت نصيب ٿي. 1913ع ۾ نصرت بيگم سان شادي ڪيائين. جنهن کان پوءِ سنڌس ڪاروبار، سياسي ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ خوشگوار انقلاب آيو ۽ پاڻ سڄي هندستان ۾ مشهور ٿيو.

حاجي عبدالله هارون کي جتي قومي مسئلن لاءِ جاکوڙ ڪرڻي ٿي پئي، اتي پاڻ ملڪي سياست کان به غير واقف نه رهيو. هن سياسي زندگي 1910ع کان شروع ڪئي. 1911ع ۾ طرابلس جي مسلمانن جي مدد خاطر "انجمن هلال احمر سنڌ" قائم ڪئي وئي پاڻ ان جو سيڪريٽري ۽ خزانچي ٿي رهيو، ۽ 1913ع تائين جيڪي پئسا گڏ ٿيا. اُهي ترڪن کي موڪليا ويا، پاڻ انگورا فنڊ ۾ پنجاهه هزار روپيا ڏنائين.

حاجي صاحب 1913ع کان 1917ع تائين ۽ وري 1921ع کان 1934ع تائين ڪراچي ميونسپالٽي جو چونڊيل ڪائونسلر ٿي رهيو. 1919ع ۾ سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو، 1920ع ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو، 1923ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر بڻيو، 1926ع ۾ هندستان جي مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ جو رڪن ٿيو. سيٺ صاحب باني‌ءِ پاڪستان قائداعظم سان گڏجي پاڪستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ شاندار ڪردار ادا ڪيو. سنڌس بيپناهه خدمتن جي عيوض کيس "سر" جو خطاب مليو.

سر حاجي عبدالله هارون 27 اپريل 1942ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر عبدالجبار ولد سلطان احمد جوڻيجو 26 نومبر 1935ع تي ڳوٺ پير فتح محمد شاهه ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور محقق، اسڪالر، اديب ۽ شاعر آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ابتدائي تعليم بدين، ٽنڊي باگي، نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم-

اي جو امتحان اعزاز سان پاس ڪري، سونو ميڊل حاصل ڪيو. 1966ع ۾ بيجنگ مان چيني ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ڪيائين، جنهن ۾ پڻ پهريون نمبر ڪٽي امتيازي سند حاصل ڪيائين. 1974ع ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي رهبري هيٺ پي ايچ ڊي ڪيائين. سندس مقالي جو عنوان هو "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر" جوڻيجو صاحب 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ڄامشورو جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو، جتي پاڻ شعبي جو چيئرمن رهي رٽائر ڪيائين. 9 مئي 1993ع تي کيس سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن پڻ مقرر ڪيو ويو هو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي، پاڻ ادبي دنيا جي هڪ معروف هستي آهي، شاعري، افسانا، ناول، ادب جي تاريخ ۽ تحقيق جي ميدان ۾ سندس قلم اُهي جوهر ڏيکاريا آهن، جن هن کي تمام سٺي شهرت بخشي آهي.

ڊاڪٽر صاحب 1952ع کان شاعري شروع ڪئي هئي ۽ "شام" تخلص سان دوها، بيت، وايون ۽ نظم چيائين سندس شاعري جو هڪ مجموعو "مرگهه ترشنا" جي نالي سان 1976ع ۾ ڇپيو، جنهن کيس سٺن شاعرن جي صف ۾ بيهاري ڇڏيو. پر اڄڪلهه نه ته شعري ڪري ٿو ۽ نه وري پنهنجي نالي سان تخلص "شام" جو استعمال ڪري ٿو.

ڊاڪٽر صاحب لسانيات جو وڏو ماهر آهي، هن سلسلي ۾ پاڻ اهم خدمتون سرانجام ڏنيون اٿس. پاڻ سنڌي، انگريزي، اردو، سرائڪي، پنجابي، چيني ۽ روماني ٻولين جو ماهر آهي. عربي ۽ فارسي ٻولين جي به سٺي ڄاڻ رکي ٿو. سندس تعلق جيئن ته لاڙ علائقي سان آهي، ان ڪري هن "لاڙ جي لغات" ترتيب ڏني آهي، جنهن ۾ نج لاڙجا نه ڪيترائي لفظ شامل آهن، پر ڪيترائي لفظ اهڙا به شامل آهن، جيڪي اتر توڙي وچولي سنڌ ۾ پڻ رائج آهن. هن "سنڌي ادب جي تاريخ" لکي آهي، جيڪو نهايت ڪار آمد ڪتاب آهي ۽ ادب جي شاگردن جي سٺي رهنمائي ڪري ٿو. علي نواز جتوئي مرحوم سان گڏجي ترتيب ڏنل سندس هڪ ٻيو ڪتاب "غزلن جو غنچو" بي اي جي ڪورس لاءِ منظور ٿيل آهي. ان کان علاوه سندس ٻيا به ڪيترائي ڪتاب مختلف موضوعن تي ڇپيل آهن، جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

سوڪڙي (بيت ۽ ڪهاڻيون - 1956)، اباڻو گهر (ڪهاڻيون - 1958ع)، ڪنز اللطيف (لطيفيات - 1961ع)، مائوءَ جي ملڪ ۾ (سفر نامو - 1973ع)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (1973ع)، لاڙ جي لغات (1975ع)، لطيف ڪونز (ڪوئز - 1978ع)، لطيفيات (ببلوگرافي-1977ع)، سچل نامو (ببلوگرافي 1981ع)، سوري آ سينگار (ناول - 1963ع)، اڪيلي

(ناول، ترجمو - 1974ع)، نه ڪر هار سينگار سڪي (ڪهاڻيون -1981ع)، لاڙ جو مطالعو، سنڌي لوڪ گيت (اردو ۾) ديپڪ ۽ ملهار، ونڊسر محل جو مسافر (انگلينڊ جو سفر نامو)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (شخصيات)، ڪنمال (مقالا)، شڪار (ناول)، ڪشف الابيات (شاهه جي بيتن جي ڏسٽي) وغيره.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

گل جو آهي جو پن تنهنجو هرٽيءَ جي آهه چال
ذرني تي جو قدم رکين تون آٽي ٿو پونچال

عبدالحسين خان "سانگي"، مير

هزهائنس مير عبدالحسين خان "سانگي" ولد مير عباس علي خان ٽالپر سن 1851ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڄائو، پاڻ سنڌ جو مايه ناز غزل گوشاعر ٿي گذريو آهي.

مير عبدالحسين خان "سانگي" سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمران مير محمد نصير خان جو پوٽو هو، جنهن کي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ سندس خاندان جي ڪجهه فردن سان گڏ گرفتار ڪري 10 اپريل 1843ع تي "نمرود" نالي جهاز ۾ ڪلڪتي ڏانهن روانو ڪيو، جتي 14 اپريل 1845ع تي جلاوطنيءَ واري حالت ۾ سندس انتقال ٿيو. سندس شهزادا مير حسن علي ۽ مير عباس علي ۽ خاندان جا ڪجهه ٻيا ماڻهو پوءِ به گهڻو عرصو جلاوطن ۽ باندي رهيا، ان عرصي دوران مير عباس علي خان اتي هڪ ڏينهن ٻيلي ۾ اڪيلي سر تلوار سان هڪ شينهن کي شڪار ڪندي ماري وڌو. اهو ڏسي هڪ انگريز عورت مٿس عاشق ٿي پئي ۽ ساڻس شادي ڪيائين، جنهن مان مير عبدالحسين خان "سانگي" پيدا ٿيو.

سانگي صاحب جي ولادت کان ڇهه ڏينهن پوءِ سندس والده وفات ڪري وئي ۽ پنجن سالن کان پوءِ سندس والد به غريب الوطني جي حالت ۾ انتقال ڪري ويو، پاڻ ٻارهن سالن جي عمر ۾ چاچي سان گڏ پنهنجي وطن سنڌ ۾ آيو.

سانگي جي شروعاتي تعليم ڪلڪتي ۾ ٿي، سندس تدريس لاءِ مرزا حسن علي عرف بزرگ "وفا" کي مقرر ڪيو ويو، جنهن کيس قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏني، جڏهن وطن پهتو ته حيدرآباد ۾ سندس ڏاڏي بيبي شهر بانو سندس پڙهائي لاءِ هڪ آخوند مقرر ڪيو، جنهن بعد اعليٰ تعليم آخوند احمد سانوٽي کان حاصل ڪئي، جنهن جي نگراني هيٺ هن کي فارسي زبان ۽ ادب ۾ دسترس حاصل ٿي. کيس انگريز سرڪار کان ٻارهن سو روپيا ماهوار پوليٽيڪل پينشن ملندي هئي. پاڻ ڪجهه وقت لاءِ فرسٽ ڪلاس اسپيشل مئجسٽريٽ به ٿي رهيو.

مير عبدالحسين "سانگي" جڏهن 19 سالن جو هو ته هڪ ڏينهن مهراڻ

جي ڪيتي ۾ شڪار ڪندي هڪڙي مهاڻي چوڪري نالي حاجران جي اکين جو شڪار ٿي ويو سندس چاچي سندس محبت جو مان رکيوءِ سانگي جي شادي حاجران سان ڪرائي ڇڏي. مير صاحب جي حاجران سان اينتري محبت هئي جو هر جمعي رات ٻئي ڄڻا گهوڙن تي سفر ڪري ڀٽائي جي روضي جو پيرو ڪندا هئا. سندس شادي کي اڃا چار سال به ڪونه گذريا هئا ته، حاجران وفات ڪري وئي ۽ کيس شاهه لطيف جي روضي جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. حاجران جي وفات سانگيءَ کي فقير بڻائي ڇڏيو. اينتري قدر جو هو حيدرآباد ۽ شاهه جي ڀٽ جي وچ ۾ اگهاڙي پيرين ايندو ويندو هو ۽ راتين جون راتيون گنجي ٽڪر تي سستي وانگر پيو پير پٿون ڪندو هو، پنهنجي غم جي اظهار لاءِ هن "سانگي" جي تخلص سان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي، ڪجهه وقت کان پوءِ سانگي ٻي شادي ڪئي. سندس ٻي گهر واري هڪ انگريز ڊاڪٽر رانيت جي ڌيءَ هئي، جيڪا بيبي بلقيس جي نالي سان سندس رفيقه حيات بڻي.

سانگي صاحب پنهنجي دور جو عظيم شاعر ۽ اڪيچار خوبين جو مالڪ پروقار شخصيت هو. پاڻ سنڌي غزل جو اڳواڻ سمجهيو وڃي ٿو. هن غزل ۾ فن ۽ مضامين جي لحاظ کان وڌي وسعت پيدا ڪئي آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪلام غزل کان سواءِ ٻين به ڪيترين ئي صنفن تي مشتمل آهي، پر سندس سڃاڻپ غزل سان ٿئي ٿي. هن اردو، فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي، پر سنڌي ۾ چيل سندس ڪلام وڌيڪ معياري آهي. پاڻ سنڌي شاعري ۾ "سانگي" ۽ اردو ۽ فارسيءَ ۾ "عبدالحسين" تخلص استعمال ڪندو هو. شاعري ۾ سندس استاد غلام محمد شاهه "گدا" هو.

سانگي عام رواجي شاعريءَ کان سواءِ فردوسيءَ جي شاهنامي جي طرز تي "سنڌ جو شاهنامو" پڻ جوڙيو، جيڪو سندس اهڙو عظيم ڪارنامو آهي، جو کيس ادب ۾ ممتاز مقام ڏيارڻ لاءِ ڪافي آهي. "ڪليات سانگي" 1969ع ۾ ڇپجي چڪو آهي، جيڪو ڊاڪٽر بلوچ صاحب ترتيب ڏنو آهي، سانگيءَ جو سنڌي، اردو ۽ فارسي زبانن ۾ ديوان ٽن جلدن ۾ 1903ع، 1904ع ۽ 1908ع ۾ لاهور مان ڇپيو هو. ان کان سواءِ "قصه گل رنگ وگل اندام" سنڌي ۾ 1904ع ۾ شايع ٿيو ۽ فارسي ۾ لکيل سندس نثري ڪتاب "لطائف لطيفي" 1967ع ۾ ڇپيو، جيڪو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شاعريءَ بابت بهترين مواد مهيا ڪري ٿو. سندس ڪجهه ان ڇپيل تصنيفون به موجود آهن.

سانگي نه فقط عظيم شاعر هو، پر پنهنجي دور جي شاعرن جو سرپرست به هو. وٽس هر آچر تي مشاعرو ٿيندو هو. هميشه مير مشاعره پاڻ ٿيندو هو، شاعر سندس ڪٻي ۽ سڄي پاسي ويهندا هئا.

مير عبدالحسين "سانگي" کي ڀٽائي گهوٽ سان تمام گهڻي عقيدت

هوندي هئي. هن وصيت ڪئي هئي تہ سندس ميت لطيف سائين جي قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي سو 12 جون 1924ع تي جڏهن سندس انتقال ٿيو تہ، پهريان سندس جنازو امانت طور سندس والد جي قبي ۾ دفن ڪيو ويو ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ سندس جسد خاڪي کي وصيت مطابق لاڪيٽي لطيف جي روضي جي پر ۾ اولهہ طرف دفن ڪيو ويو.

سانگيءَ جي ڪلام جو نمونو هيٺ ملاحظہ فرمائيندا:

دردن ڪئي ڏوم ڏام دل ناتوان تي
صدما هزار منهنجي رسيا آهن جان تي
واچوڙي وانگي ڦرندو وتان آءٌ روز شب
آهيان ڪڏهن زمين تي ڪڏهن آسمان تي

عبدالحفيظ پيرزادو

عبدالحفيظ ولد عبدالستار پيرزادو 24 فيبروري 1935ع تي پراڻي سکر ۾ ڄائو. پاڻ پاڪستان جو نامور قانوندان ۽ سياستدان آهي.

عبدالحفيظ پيرزادي جو والد پڻ پنهنجي دور جو مشهور سياستدان هو، جنهن جو احوال هن ڪتاب ۾ جدا پنهنجي جاءِ تي ڏنل آهي. عبدالحفيظ پيرزادي ابتدائي تعليم سکر مان حاصل ڪئي. 1954ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي اي پاس ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ولايت ويو، جتي لنڊن جي مشهور قانوني تعليم جي درسگاهہ لنڪنز ان ڪاليج مان 1957ع ۾ بئريسٽري جي سند وٺي واپس وطن آيو ۽ ڪراچي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

عبدالحفيظ پيرزادو صاحب پاڪستان پيپلز پارٽي جي باني ميمبرن مان هڪ آهي، جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي وجود ۾ آئي تہ، پهريان کيس پارٽيءَ جي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو رڪن ميمبر مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ جڏهن جنوري 1970ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڪراچي شاخ جي چيئرمن مسٽر جي اي رحيم کي پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري بڻايو ويو تہ، ان جي جاءِ تي پيرزادي صاحب کي پيپلز پارٽي زون ڪراچي جو چيئرمن بنايو ويو. 1970ع واري عام اليڪشن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ڪراچي جي هڪ حلقي مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 24 ڊسمبر 1971ع تي عوامي حڪومت ۾ کيس مرڪزي ڪابينہ ۾ تعليم، اطلاعات ۽ نشريات جو وزيربڻايو ويو. عوامي حڪومت ملڪ کي آئين ڏيڻ جو واعدو ڪيو. اڃان آئين جو ڪم اڌ ۾ هئو تہ، ان وقت جي وزير قانون ميان محمود علي قصوري اهو چائي استعيفا ڏني تہ شايد آئين جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويندو. مگر جناب ذوالفقار علي ڀٽي پيرزادي صاحب کي وزيرِ قانون بڻائي آئين جو ڪم سندس حوالي ڪيو. هن صاحب رات ڏينهن محنت ڪري

پاڪستان لاءِ هڪ اهڙو آئين تيار ڪيو، جنهن کي هر طبقي جي ماڻهن ساراهيو، اهو يادگار ۽ متفقہ جمهوري آئين 14 آگسٽ 1973ع تي پاڪستان ۾ نافذ ڪيو ويو. اهو آئين ڀٽي صاحب جي عوامي حڪومت جو اهم ڪارنامو ليکيو ٿو وڃي، جنهن جي تيار ڪرڻ ۾ پيرزادي صاحب جو وڏو حصو آهي.

عبدالحفيظ پيرزادو 1977ع واري اليڪشن ۾ ڪراچي مان ٻيهر قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ۽ 5 جولاءِ 1977ع تي مارشل لا جي نفاذ تائين مرڪزي ڪابينہ ۾ شامل رهيو. پاڻ ڀٽي صاحب جو نهايت اعتماد وارو ساٿي ٿي رهيو. ڪيترن ئي غير ملڪي دورن ۽ سياسي مسئلن ۾ سندس پاڻهن ڀيلي ٿي رهيو.

جنرل ضياءَ جي فوجي گورنمينٽ 1977ع ۾ ڪيس نظربند رکيو ۽ ستن سالن لاءِ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو. بهرحال جنوري 1979ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ان کان پوءِ هو ڪجهہ وقت ملڪ کان ٻاهر رهيو. 1986ع ۾ ممتاز علي ڀٽي لنڊن ۾ "سنڌ، بلوچ، پختون فيڊريشن" نالي نئين پارٽيءَ جو بنياد وڌو تہ، پيرزادو صاحب بہ ان ۾ شامل رهيو. نومبر 1989ع ۾ پي اين پي ۾ شامل ٿيو. هن وقت پاڻ سياست کان پاسيرو آهي ۽ وڪالت ڪري رهيو آهي ۽ پاڪستان جو ماهر وڪيل سمجهيو وڃي ٿو.

عبدالحق ابڙو

عبدالحق ولد محمد خان ابڙو پهرين جنوري 1937ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ اسٽيج، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جو تمام وڏو اداڪار، صداڪار ۽ سنڌي علم و ادب، ثقافت ۽ موسيقي جو ڄاڻو ۽ لطيف سائين جي ڪلام جو پارکو هو.

عبدالحق ابڙي صاحب سال 1966ع ۾ ايم اي (سنڌي) جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. سندس خانداني پيشو زميدناري هو، سندس طبيعت جو لاڙو شروع کان ئي فن طرف رهيو، جنهن ڪري 1960ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ملازمت اختيار ڪيائين ۽ آخر تائين ريڊيو سان وابستہ رهيو.

ابڙي صاحب وٽ فن جو وڏو سمنڊ هو، هن ريڊيو، ٽي وي ۽ اسٽيج جي لاتعداد ڊرامن ۾ صداڪاري ۽ اداڪاري ڪري پنهنجي فني حيثيت مڃرائي. هن اسٽيج ڊرامن جي ابتدا 1950ع ۾ "پرچم اسلام" ڊرامو اسٽيج ڪرڻ سان ڪئي. پاڻ ڪيترن ئي ڊرامن ۽ تحقيقي مضمونن جو ليکڪ پڻ آهي. "ڪنجوس" ۽ "دادلو" اسٽيج لاءِ لکيل سندس بهترين ڊراما آهن، ڪيترائي ڊراما سندس هدايتڪاري ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسٽيج ڪيا ويا.

عبدالحق ابڙو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي باني فنڪارن ۾ شامل هو.

هن صاحب ريڊيو جي ڪيترن ئي ڊرامن ۽ پروگرامن ۾ ڪم ڪري مڃتا ماڻي. سندس پيش ڪيل مزاحيه سنڌي پروگرام "گلدستو" کان سواءِ 1965ع واري پاڪ ڀارت جنگ واري دور ۾ پروگرام "جام جم" ۾ شاستري جو ڪيل سندس ڪردار ۽ 1971ع واري جنگ دوران پروگرام "غفور و جمهورو" ۾ ادا ڪيل غفوري جو ڪردار اڄ به ٻڌندڙن کي چڱي طرح ياد آهن. تنهن کان سواءِ ابڙو صاحب مسلسل چاليهن سالن تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ ڳوناٺي ڪچهريءَ ۾ هڪ ڳوناٺي "جاڻڻ خان" جي ڪردار ۾ پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي پر مغز ۽ معنيٰ خيز گفتگو ذريعي پروگرام کي رونق بخشيندو رهيو.

هن ٽيليويزن تي پهريون ڊرامو "زينت" ڪيو. ٽيليويزن لاءِ ٽيليڪاسٽ سندس لکيل سيريل "دانا ديوانا" تمام گهڻو مشهور ٿي، جنهن کي اردو ۾ به ترجمو ڪيو ويو هو. هن تقريباً ويهارو کن سنڌي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو. جن ۾، بادل، گهونگهٽ لاهه ڪنوار، رنگ محل، محبوب مٺا، بادل ۽ برسات، سنڌڙيءَ تان صدقي، وغيره شامل آهن.

ابڙو صاحب ڊرامي جي سيني لوازمات جي ماهرانه معلومات رکندو هو. اداڪاري ۽ ڊائريڪشن کان وٺي ميڪ اپ تائين مڃيل ماهر هو، پاڻ آخر تائين نهايت عاجزي، انڪساري، نياز ۽ نوڙت سان فن جي خدمت ڪندو رهيو.

هن عظيم فنڪار کي سندس فني خدمتن عيوض ڪافي ايوارڊ ۽ ميڊل وغيره مليا هئا. جن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان مليل "تمغه امتياز"، حڪومت سنڌ طرفان مليل "لطيف ايوارڊ"، سنڌي ڊرامن جي سو سالہ جشن جي حوالي سان "گولڊ ميڊل" 1980ع، علي زيب انٽرنيشنل ايوارڊ 1987ع، جوڊي ڪراٽي ڪلب جيان طرفان 1990ع ۾ شيلڊ، سنڌ آرٽ پروموٽرس طرفان 1991ع ۾ شيلڊ ۽ ٻيا ڪوڙ سرٽيفڪيٽ وغيره شامل آهن. پاڻ 6 ڊسمبر 2000ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالحڪيم "ارشد"

عبدالحڪيم "ارشد" ولد حاجي يار محمد لڪمير 13 جون 1939ع تي ڳوٺ لڪمير لڳ نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو، پاڻ موجوده دور جو نهايت سٻاجهڙو شاعر آهي.

عبدالحڪيم "ارشد" تعليم کاتي ۾ 1964ع ۾ استاد مقرر ٿيو، جتان 28 ڊسمبر 1998ع تي رٽائر ڪيائين.

ارشد صاحب 1954ع کان لکڻ شروع ڪيو، هن غزل، وائي، ڪافي، پابند نظم، آزاد نظم، بيت ۽ گيت وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪلام جو مجموعو "ڏيئا ذات جا" پهريون ڀيرو 1976ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو،

جيڪو بعد ۾ مارئي اڪيڊمي ڪراچي طرفان پيهر پڻ شايع ٿيو آهي. منجهس غزل، بيت ۽ نظم شامل آهن. پاڻ ادبي شغل اجا تائين جاري رکيو اچي.

عبدالحڪيم "ارشد" فطري طرح سان پيار ڪرڻ وارو شاعر آهي، جيڪو پيار ۾ سونهن ڳوليندو آهي ۽ وري سونهن ۾ پيار ڪي، هن جا لفظ گل هوندا آهن، پر جڏهن ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ناانصافي، ظلم ۽ بربريت ڏسي ٿو،تڏهن سندس لفظ شعلو بڻجي پوندا اهن هن سنڌ دشمن هر سازش خلاف آواز بلند پڻ ڪيو آهي ۽ پنهنجي قلم جي زور ۽ لفظن جي خوبصورت جادوگريءَ سان نوجوانن کي شعوري سجاڳي ڏيڻ جي ڪوشش اڄهو هيئن ڪئي آهي.

جوانيءَ مند جوانڙا ويهي ڪين وڃاءِ
ڏيئـا بار ڏات جا جاڳ جوت جلاءِ
ناتو نينهن نڀاءِ ٻڌي سڏڙا سنڌ جا

عبدالحميد ڀٽي

حافظ مولوي عبدالحميد ولد قاري جان محمد ڀٽي سن 1901ع ۾ قديم، تاريخي شهر اروڙ (ضلعي سکر) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اتر سنڌ جو مشهور عالم، صحافي، پبلشر ۽ سماجي ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

مولوي عبدالحميد پنهنجي ڏاڏي وٽ قرآن پاڪ پڙهي حفظ ڪيو. فارسيءَ جي ابتدائي تعليم ۽ قرآن پاڪ جي قرائت پنهنجي والد کان سکيو. جڏهن سندس والد سکر لڏي آيو ته، پاڻ وڌيڪ علم جي تحصيل لاءِ نيـڙهي واري مشهور مدرسي ۾ وڃي داخل ٿيو. جتان مختلف علم پرائي نڪتو.

شاگردي واري زماني ۾ نيڙهيءَ جي مدرسي جي ماحول ۽ استاد حبيب الله، مولانا حماد الله هاليجوي ۽ مولانا امروٽي جهڙن بزرگن جي صحبت ۽ مجلسن منجهس سياسي، ديني ۽ سماجي خدمت جو جذبو پيدا ڪيو. ان ڪري تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ هن سکر ۾ پنهنجي پريس قائم ڪئي. ان وقت سکر خواه اتر سنڌ ۾ اسلامي ڪتاب گهڻو ڪري هندو ناشر شايع ڪندا هئا، بي لا علمي ۽ اڻ ڄاڻائي سبب انهن ۾ ڪافي غلطيون ڪندا هئا. مولوي صاحب ان ضرورت کي سامهون رکندي، پنهنجي پريس مان ديني ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيو. مولانا تاج محمود امروٽيءَ سان عقيدت سبب پريس جو نالو "محموديه پرنٽنگ پريس" رکيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ 1940ع ۾ پنهنجي پٽ حافظ شمس الدين سان گڏجي "شمسيه ڪتب خانو" نالي اشاعتي ادارو برپا ڪري، ديني ۽ قومي سجاڳيءَ جي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو جاري ڪيو. هن اداري طرفان ان وقت جي ڪيترن ئي چوٽي جي عالمن ۽ اڳواڻن جا ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا.

مولوي صاحب هڪ هفتيوار اخبار "المنار" جاري ڪئي، جيڪا اصل ۾ راشدي برادران سکر مان جاري ڪئي هئي، پر سال ڪن کان پوءِ مولوي عبدالحميد پنهنجي سر اُن کي هلائڻ شروع ڪيو ۽ تاحيات هلائيندو آيو. هن اخبار قومي آزادي جي هلچل ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو، جو تسليم شده آهي.

مولوي صاحب سنڌ جي سياسي ۽ سماجي زندگي ۽ تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. شروعات خلافت حريڪ سان ڪائين. ان هلچل دوران نظربندي به نصيب ٿيس. خلافت تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ جمعيت العلماءِ هند ۾ شريڪ رهيو. 1925ع ۾ سکر بنراج جي واهن جي کوٽائي دوران مسجدن کي شهيد ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مولانا امروٽيءَ جي اڳواٽي ۾ جيڪا تحريڪ هلي هئي، ان ۾ مولانا عبدالحميد پٺي مولانا امروٽيءَ جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ احتجاجي جٿن جي رهنمائي ڪئي. مولوي صاحب روهڙي تعلقي جي انهن جاگيردارن خلاف به ڀرپور احتجاج ڪيو هو، جيڪي پنهنجي غريب هارين سان ڪيس ڪندا هئا. مولوي صاحب نه رڳو پنهنجي اخبار کي ان هلچل لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، پر هارين جي جلوسن جي اڳواٽي به ڪئي ته، پنهنجي اوطاق کي هارين لاءِ مسافرخانو به بنائي ڇڏيو.

مولوي صاحب جي انهن سرڪار دشمن سرگرمين ۽ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي مخالف روشن سبب سندس سياسي ۽ شخصي حريف ڪامورن مسجد منزل گاهه جي فسادن دوران موقعو وٺي کيس قتل ۽ هنگامي جي ڪيس ۾ ملوث ڪرايو. سيشن ڪورٽ مان جنم ٽيپ جي سزا مليس، پر اپيل ۾ سنڌ چيف ڪورٽ کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

سنڌ جو هيءُ مرد مجاهد، عظيم پر سادو انسان 9 مئي 1975ع تي جدائيءَ جو داغ ڏئي وڃي مالڪ حقيقي سان مليو.

عبدالحميد چانڊيو مولوي

مولوي عبدالحميد ولد مولوي عبدالله چانڊيو 5 جنوري 1934ع تي سيتا روڊ ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ جيد عالم دين ۽ نامور شيعه خطيب آهي.

مولوي عبدالحميد چانڊيو ابتدائي تعليم گنهڙ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي، عربي، فارسي ۽ ديني تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو عالم دين هو. وڌيڪ تعليم نيبڙهي ۽ گورو پهوڙ جي مدرسن ۾ حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

مولوي عبدالحميد جو والد سني (ديوبند) مسلڪ سان واسطو رکندو هو، جنهن کيس تعليم ۽ تربيت ان مسلڪ مطابق ڏياري، ليڪن مولوي عبدالحميد جڏهن 26 سالن جي عمر کي پهتو ته، سندس طبيعت جو لاڙو "فقه جعفريه" طرف ٿيو. هن پنهنجي وسيع مطالعي ۽ علم جي آڌار تي مختلف

علمائن سان علمي بحث مباحثي ڪرڻ ڪان پوءِ شيعه "اثناعشريه" مسلڪ کي حق جي راهه سمجهي اختيار ڪيو.

مولوي عبدالحميد چانڊيو عالم ابن عالم آهي، ڪيس فن خطابت ۾ وڏي مهارت حاصل آهي. پاڻ سنڌي ۽ اردو زبانن ۾ نهايت فصيح ۽ بليغ انداز ۾ تقرير ڪندو آهي. هر مسئلي جو حل قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي روشنيءَ ۾ ۽ ٺوس علمي ۽ عقلي دليلن سان فلسفياڻي انداز ۾ پيش ڪندو آهي. سندس تقرير ڇا هوندي آهي؟ بس ائين محسوس ٿيندو آهي ته، ڄڻ ڪو علم جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي. فن خطابت ۾ ڪيس پوري پاڪستان ۾ ناموري حاصل آهي ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهلبيت عليهم السلام جن جي ياد ۾ ٿيندڙ مجلسن ۾ ڪيس وڏي چاهه سان گهرايو ويندو آهي. جتي پاڻ فضائل اهلِ بيت ۽ مصائب اهلِ بيت پر تاثير انداز ۾ بيان ڪري پنهنجي مدلل ۽ پرمغز تقرير سان حاضرين مجلس کي تمام گهڻو متاثر ڪندو آهي. مصائب اهلِ بيت بيان ڪرڻ ۾ ته ڪيس پوري پاڪستان جي شيعه خطيبن تي فوقيت حاصل آهي. پاڻ جڏهن مجلس ۾ مصائب پڙهڻ شروع ڪندو آهي ته، پٿر دل به پگهرجو وڃي مجلس ۾ موجود هر ماڻهو وڏي واڪي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳندو آهي، اهوئي سبب آهي جو ڪيس "شهنشاهه مصائب" جي خطاب سان سڏيو ويندو آهي.

مولوي صاحب حق گوئي ۾ پڻ تمام گهڻو مشهور آهي، هو پنهنجي تقريرن ۾ هر ماڻهو کي حق سچ جي ڳالهه بنا ڪنهن ڊڄڪ جي چئي ڏيندو آهي. پاڻ حق جو ڪلمه چوندي ڪنهن وقت جي حڪمران کان به ناهي ڊڄندو.

ڪجهه عرصو مولوي صاحب جي وابستگي سياست سان به رهي. شروع ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سان گڏجي ڪم ڪيائين. 1970ع کان پوءِ ڪجهه وقت سندس سياسي ڪارگذاريون جناب ذوالفقار علي ڀٽي سان رهيون. ليڪن بعد ۾ ديني مصروفيتن سبب سياست کي هميشه لاءِ خيرباد چئي ڇڏيائين.

عبدالحميد خان جتوئي

رئيس عبدالحميد خان ولد رئيس ڪريم بخش جتوئي ڳوٺ پيٽو جتوئي، تعلقي ميهڙ ضلعي دادو جو رهواسي آهي پاڻ سنڌ جو بيباڪ سياستدان ۽ رڄ ڇڳو مڙس آهي.

عبدالحميد جتوئي مقامي اسڪولن مان سيڪنڊري تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ تعليم ڇڏي پنهنجي اباڻي پيشي زميندار ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويو.

جتوئي صاحب جيئن ته شروع کان ئي ذهين هوندو هو، ان ڪري هن وٽ پنهنجي راڄ جا جيڪي فيصلا ايندا هئا، اهي نهايت دانشمندي، سچائي ۽ ديانتداريءَ سان ڪرڻ لڳو، جنهن ڪري سندس ڪيل فيصلن جي هاڪ پري پري

تائين وجي پهتي ۽ وتس اوري پري کان مختلف راڄن جا فيصلا اچڻ لڳا، جن کي پاڻ منصفانہ طور نبيريندو رهيو.

جتوئي صاحب جو سياسي ڪردار پڻ مثالي رهيو آهي، سياست ۾ ڪيس مشهور عالم دين ۽ سياستدان سيد علي اڪبر شاھ جي سرپرستي حاصل رهي. پاڻ سياست جي ڪيترن ئي لاهن چاڙهن مان گذريو آهي.

جتوئي صاحب 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ان اسيمبلي کان ون يونٽ جو بل منظور ڪرايو ويو هو، پر جتوئي صاحب انهن چئن جرائتمند ۽ بهادر ميمبرن ۾ شامل هو جن اسيمبلي اجلاس ۾ موجود هوندي، ان بل تي صحيح ڪانہ ڪئي هئي.[1] پاڻ 1956ع ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو. 1970ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ان دوران پيپلز پارٽيءَ سان مارشل لا واري مسئلي تان سندس شديد اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري ان دور ۾ ڪيس ڪيترائي دفعا جيل وڃڻو پيو، پر پاڻ پنهنجي موقف تي قائم رهيو. آخر هن پي - اين پي ۾ شموليت ڪئي، جيڪا غوث بخش بزنجي جي قيادت ۾ قائم ٿي هئي. ان دوران جنرل ضياء ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ جتوئي صاحب گرفتار ٿي ويو، ڇهن مهينن کان پوءِ آزاد ٿيو تہ، جنرل ضياء ڪيس سنڌ صوبي جي گورنري جي آڇ ڪئي، پر هن جمهوريت پسند ليبر مارشل لا جي ڇانو ۾ گورنري جهڙي وڏي عهدي جي آڇ ٺڪرائي. اصول پرستي ۽ جمهوريت پسنديءَ جو اعليٰ مثال قائم ڪيو. جتوئي صاحب تقريباً سڄي عمر حڪومت جي مخالفت ڪندو رهيو آهي، ان ڪري هر دور ۾ سندس اڪثر اسڪيمن کي رد ڪيو پئي ويو آهي. ان ڪري پاڻ علائقي جي ماڻهن جي نوڪرين ۽ ترقياتي ڪمن جي سلسلي ۾ تہ ڪا وڏي خدمت ڪري نہ سگهيو آهي، ليڪن پارليامنٽ ۾ هن جيڪا پنهنجي علائقي ۽ خاص طور تي سنڌ جي جيڪا نمائندگي ڪئي آهي، اها قابل تعريف آهي ۽ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اڪثر ميمبر مصلحتن خاطر خاموش هوندا آهن ۽ اسيمبليءَ ۾ لڪير جا فقير ٿيو ويٺا هوندا آهن، پر جتوئي صاحب اسيمبليءَ ۾ سنڌ يا پنهنجي علائقي جو ڪيس هميشہ بهادري ۽ دليري سان پيش ڪيو آهي ۽ هميشہ سنڌ جي مسئلن تي بي ڊپائي سان ڳالهايو آهي. 1985ع واري اسيمبلي ۾ سنڌ ۾ امن امان واري مسئلي تي ڏکهي تقرير ڪري ثبوت پيش ڪيا تہ، امن امان خراب ڪرڻ ۾ فوجي آفيسرن جو هٿ آهي.

---

(1) ون يونٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جي 110 ميمبرن مان 98 ميمبرن صحيون ڪيون هيون. باقي 12 ميمبرن مان ڪجهہ ميمبر موڪل تي هئا ۽ ڪجهہ جايون خالي هيون، سائين جي ايم سيد جيل ۾ هو ۽ جن چئن ميمبرن صحيح نہ ڪئي اُهي هئا، عبدالحميد خان جتوئي، غلام مصطفيٰ پرڳڙي، پير الاهي بخش ۽شيخ خورشيد احمد.

ان کان علاوه هن ڪيترن ئي سنڌ جي مسئلن تي دليريءَ سان ڳالهايو. خاص طور تي ٽوڙي ڦاٽڪ واري ڪيس جي متعلق سخت اسٽينڊ ورتائين ۽ اسيمبليءَ مان بائيڪاٽ پڻ ڪيائين.

عبدالحميد خان جتوئي صاحب نهايت يار ويس ۽ محبتي ماڻهو آهي. پاڻ محفلن جو مور آهي. پاڻ خوش طبع انسان آهي. سندس ڪچهري ۾ هميشه ٽهڪ ۽ کل ڀوڳ هوندو آهي. پاڻ چرچا ڪندو به آهي ته، برداشت به ڪندو آهي.

عبدالحي "قائل" قاضي

قاضي عبدالحي "قائل" ولد قاضي عبدالحق 17 ڊسمبر 1917ع تي ضلعي جيڪب آباد جي شهر ٺل ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مهربان استاد، سچاجهڙو ۽ سادو شاعر، سنو اديب، سچو صحافي، پر خلوص سماج سڌارڪ، غريبن جو هڏڏوکي ۽ محبتي ماڻهو هو.

قاضي عبدالحي "قائل" جيڪو ادبي حلقن ۾ "قائل سرشاري" ۽ تعليمي حلقن ۾ "سائين قاضي" جي نالن سان مشهور هو. ان جا وڏا خيري ديري ۾ آباد هئا، پر پوءِ سندس والد لاڏي اچي رتيديري شهر ۾ ويٺو. سب رجسٽرار جي عهدي تي فائز هو ۽ ملازمت سانگي مختلف شهرن ۾ رهيو.

قاضي عبدالحي 1933ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري پهريان پي - ڊبليو - ڊي کاتي ۾ داروغو بڻيو، پر سگهوئي اها نوڪري ڇڏي ڏنائين ۽ پوءِ 1940ع ۾ تعليم کاتي ۾ استادي جي عزت ڀرئي پيشي سان وابسته ٿيو، ۽ گڏوگڏ تعليم به حاصل ڪندو رهيو. ٿوري وقت ۾ اديب عالم، اديب فاضل ۽ مئٽرڪ جا امتحان پاس ڪري ورتائين ۽ پوءِ انٽر ڊرائنگ جو امتحان پاس ڪري 1946ع ۾ رتو ديرو ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر مقرر ٿيو ۽ 16 ڊسمبر 1975ع تي رٽائر ڪيائين.

قاضي صاحب ڪيترن ئي ڀرواري جي شاگردن کي پنهنجي گهر ۾ رهائي پڙهائيندو هو، اوڙي پاڙي جي شاگردن کي اسڪول ٽائيم کان پوءِ بنا ڪنهن معاوضي جي پڙهائيندو هو. ٽيوشن ۽ نقل جي سخت خلاف رهيو. سندس محنت جي ڪري ڪيئي شاگرد وڏن عهدن تي پهتا.

سائين قاضي 1932ع کان شاعري ڪرڻ لڳو. شاعري ۾ استاد الهه بخش "سرشاري" جو تخلص اختيار ڪيائين. هندو مسلم اتحاد لاءِ هوند راج "دکايل" ۽ هري دلگير "دلگير" سان گڏ پاڻ پتوڙيائين. مهاتما گانڌي جي چوڻ تي عمل ڪندي پنهنجي تن من سان گڏ ڳوٺ طيب جون گهٽيون ٻهاري صاف ڪيون. کيس موسيقي سان به چاهه هو ۽ هارمونيم تي شوق جي حد تائين راڳ ۽ موسيقي سان روح ريجهائيندو رهيو.

نظم ۽ نثر ۾ قاضي صاحب پنهنجي فڪر ۽ فهم مطابق سٺي محنت

ڪئي. سندس لکڻين ۾ جذبي جي سچائي ۽ لفظن جي سادگي پري کان بکندي نظر اچي ٿي. سندس لکيل چار ڪتاب ۽ ٻيو مواد قلمي صورت ۾ موجود آهي. سندس ڪوشش سان رتوديرو ۾ "لطيف ادبي سنگت" ۽ هڪ ننڍڙو اشاعتي ادارو "سنڌڙي ڪتابي سلسلو" قائم ٿيا، وٽس انبار ڪتابن جا موجود هئا.

صحافت جي حوالي سان هفتيوار "هاري" رتوديرو، "سنڌ سجاڳ" جيڪب آباد، "سارنگ" جيڪب آباد "آواز سنڌ" دادو ۽ ٻين اخبارن سان سندس واسطو رهيو. پريس ڪلب رتوديرو جو ٻه سال صدر رهيو، پريس ڪلب جي بلڊنگ به سندس ئي ڪوشش جو نتيجو آهي. هن بنا ڪنهن مقصد ۽ معاوضي ڪيترن ئي اڻ ڏٺل انسانن سان چڱائي ڪئي. قاضي عبدالحي "قائل" 26 جون 1989ع تي حج سانگي مڪي شريف پهتو. حج ادا ڪرڻ کان پوءِ مختصر بيماري بعد 23 جولاءِ 1989ع تي مڪي شريف ۾ وفات ڪري ويو، کيس جنت المعليٰ جي پاڪ مٽي ۾ دفن ڪيو ويو. سندس ڪلام جون ٻه سٽون هيٺ نموني طور ڏجن ٿيون.

ڪنهن سان به ڪائنات ۾ ڪلفت نٿا رکون،
مذهب اسان جو آهي محبت خدا گواهه.

عبدالخالق "خليق" مورائي

قاضي عبدالخالق "خليق" مورائي ولد قاضي نبي بخش سومرو 3 نومبر 1893ع تي موري شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ معروف عالم، اديب، شاعر، صحافي ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

قاضي عبدالخالق "خليق" مورائي جو خاندان سنڌ جي قديم عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ننڍپڻ علمي ماحول ۾ گذريو، هن ابتدائي تعليم پنهنجي والد محترم کان ورتي، پرائمري ۽ ثانوي تعليم موري ۾ حاصل ڪئي. عربي، فارسي ۽ طب جي تعليم مختلف عالمن کان حاصل ڪندي، آخر ۾ مولوي محمد افضل مقيم آبادي ڳوٺ خدا بخش پرڳڙي (تعلقو ڪوٽ غلام محمد) وٽان مدرسه عثمانيه مان 25 سالن جي ڄمار ۾ ڪامل، عالم، فاضل جي دستاربندي ڪري فارغ التحصيل ٿيو. جنهن کان پوءِ اصلاح عوام جي خدمت ۾ مشغول ٿي ويو. سندس فتوائن جو چوٽيءَ جي عالمن وٽ چرچو ٿيڻ لڳو.

پاڻ عربي، فارسي، طب، منطق، تاريخ، جغرافي جي علمن سان گڏ انگريزي به سکيو هو، جنهن تي کيس چڱو عبور حاصل هو.

خليق صاحب جي ننڍي هوندي کان ئي طبيعت موزون هئي. سندس قلم ۾ رواني ۽ تقرير ۾ اثرائتو تاثير هو. پندرهن سالن جي عمر ۾ پهريون مضمون لکيائين، جنهن جو عنوان هو "مان خوش رهڻ گهران ٿو" انهن ڏينهن ۾ موري ۾ قادياني فتنو شروع ٿيو هو. هن پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن ذريعي ان فتني جو

زبردست مقابلو ڪيو.

هن صاحب سياست ۾ بہ حصو ورتو، ڀهريون ڀيرو 1922ع ۾ "جمعيت العلماءِ هند" جي ڪلڪتي واري ساليانے اجلاس ۾ شريڪ ٿيو ۽ انگريزن جي خلاف تمام زوردار تقرير ڪرڻ سان گڏوگڏ ٺهرائن ۽ متفق فتويٰ جي بہ تائيد ڪيائين، جنهن جي نتيجي ۾ کيس گرفتار ڪري ڇهہ مهينا سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني وئي. پاڻ خلافت تحريڪ ۽ ترڪ موالات جو سرگرم رهنما هو. پاڻ سٺو شاعر بہ هو، پهريان "عبد" پوءِ "مورائي" ۽ بعد ۾ "خليق" تخلص اختيار ڪيائين. پاڻ بااصول صحافي بہ هو. هن 1924ع ۾ پنهنجو ماهوار رسالو "ترقي" ڪراچي مان جاري ڪيو، جيڪو ڏاڍو مشهور ٿيو.

خليق صاحب قلم جي حرمت جو نقيب هو هميشہ حق جو ڪلمو بلند ڪيائين تہ جيئن شر ۽ فساد جون قوتون نيست ۽ نابوت ٿين ۽ صحيح اسلامي اصولن تي معاشري جي تشڪيل ٿي سگهي. ان ڏس ۾ سندس سلسليوار مضمون ۽ نظم ماهوار رسالن جهڙوڪ ترقي، علمي دنيا، توحيد ۽ الراشد کان علاوه روزانہ اخبار الوحيد وغيره ۾ شايع ٿيندا رهيا. پاڻ پنجويهن کان بہ وڌيڪ ڪتابن جو مصنف آهي. جن ۾ سيرت، سوانح، مذهب ۽ منطق بابت تحقيقي ڪتاب بہ آهن تہ، تاريخي تذڪرا ۽ ناول بہ آهن. انهن مان ڪي ٿورا ڪتاب شايع ٿي سگهيا جن جا نالا هن طرح آهن.

سندري (ناول)، آخري رسول صلي الله عليہ وسلم آخري مذهب، فاتح سنڌ محمد بن قاسم، عبرت (ناول)، نسيما (ناول)، صديق اڪبر رضہ، ۽ قرآن ۽ ٽئين روشني.

خليق مورائي حڪمت بہ ڪئي ۽ سندس شمار سنڌ جي وڏن طبيبن ۾ ٿيندو هو. هن 1920ع کان حڪمت جو ڌنڌو شروع ڪيو. پهريان ٺل (ضلعي جيڪب آباد) ۾ ۽ پوءِ ڪراچي ۾ شفاخانو قائم ڪيائين. سندس ڪراچيءَ وارو شفاخانو ڀهرين رنڇوڙ لائينز ۽ پوءِ بمبئي بازار ۾ "شهروز" نالي سان مشهور هوندو هو. کيس هوميوپيٿي طريقہ علاج تي پورو عبور حاصل هو ۽ طب ۾ ڪلڪتي جي ڪاليج مان ڊپلوما پاس ٿيل هئس پاڻ ڀهرين مئي 1934ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو ۽ اتي ئي مدفون آهي.

عبدالخالق "عبد"

عبدالخالق "عبد" ولد عرض محمد رند بلوچ ڀهرين جنوري 1950ع تي بلوچستان جي ڳوٺ شورڻ ضلعي ڪڇي ۾ پيدا ٿيو، جتان سندس خاندان هجرت ڪري سنڌ ۾ شهر سٺ ميل نصرت، ضلعي نواب شاهہ ۾ اچي رهيو.

عبدالخالق "عبد" مقبول عوامي شاعر آهي. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ مصطفيٰ آباد ديهہ 22 نصرت ۾ حاصل ڪئي. 1962ع ۾ سنڌي فائينل ۽ 1970ع ۾ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪري، پرائمري استاد ٿيو ۽ پاڻ اجا تائين درس وتدريس جي پيشي سان لاڳاپيل آهي.

عبدالخالق "عبد" شاعريءَ جي ابتدا 1979ع کان ڪئي، ليڪن 1985ع کان پير "ضياءَ" خياروي جي رهنمائيءَ هيٺ معياري شاعري ڪرڻ لڳو. هيل تائين "عبد" تخلص سان سنڌي، سرائڪي ۽ سنڌس مادري زبان بلوچي ۾ ڪيتروئي ڪلام لکي چڪو آهي. سنڌس شاعري ريڊيو تان نشر ٿيندي رهي ٿي ۽ مختلف رسالن ۾ پڻ ڇپي اٿس. باقي اڃا تائين شاعري جو ڪو مجموعو شايع نه ڪرائي سگهيو آهي.

"عبد" کي مختلف عوامي فنڪارن ريڊيو، ٽي وي ۽ ڪيسٽن کان علاوه مختلف محفلن ۾ ڳائي مشهور ڪيو آهي. پاڻ مشاعرن ۾ به چاهه سان شامل ٿيندو آهي.

مجتا طور ڪيس ڪجهه انعام اڪرام ۽ ايوارڊ وغيره پڻ مليل آهن. نموني طور سنڌس هڪ غزل جا شعر هيٺ ڏجن ٿا.

راهي جو آهي هر دم منزل سان واسطو
درياهه جو وري آ ساحل سان واسطو
آئي خزان ۽ بلبل وئي آ چمن ڇڏي
بلبل جو ڇو نه آهي گل گل سان واسطو.

عبدالرحمان، بئريسٽر

عبدالرحمان ولد حافظ محمد يعقوب 17 سيپٽمبر 1880ع تي ڄائو. پاڻ قانون جو ڄارڪو، سماجي ۽ سياسي ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

عبدالرحمان جو خاندان اصل ۾ عربستان جي زبيري خاندان سان تعلق رکي ٿو. انهيءَ خاندان مان عبدالرحمان جو ڏاڏو لڏي اچي هالا تعلقي سنڌ ۾ ويٺو.

عبدالرحمان مئٽرڪ سنڌ مدرسي مان پاس ڪري، 1906ع ۾ سنڌ پليڊرس امتحان پاس ڪيو. جنهن کان پوءِ هن ڪراچي جي مشهور وڪيل مسٽر ڪلومل جي فرم ۾ ٻه سال ڪم ڪيو. 1908ع ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جي فرم ۾ پارٽنر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ٻن سالن کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ انگلينڊ روانو ٿيو. جتان "لنڪن ان" مان بئريسٽري جي سند وٺي 1912ع ۾ موٽي سنڌ آيو. هن وڪالت کان سواءِ تعليمي، سماجي ۽ سياسي ميدان ۾ به چڱو نالو ڪمايو.

عبدالرحمان صاحب سنڌ مدرسي بورڊ جو 1912ع کان وٺي 1929ع تائين ميمبر ٿي رهيو. ڊسٽرڪ لوڪل بورڊ ڪراچي ۽ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. هڪ سال لاءِ سنڌ ڪانگريس ڪميٽي جو صدر ٿي رهيو. 1929ع ۾ ايسٽ آفريڪا ويو، جتي پڻ قانون جي پيشي ۾ چڱو نالو ڪديائين. ڪافي عرصو اتي رهي واپس وطن موٽيو ۽ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو

ميمبر بڻيو. 1940ع ۾ طبيعت جي ناسازي ڪري صرف خاص ڪيس ڪڻندو هو، جن ۾ سندس ٻئي فرزند طفيل علي ۽ حسن علي ساڻس گڏجي ڪم ڪندا هئا.
سنڌ جو هيءُ ناليوارو قانوندان 26 فيبروري 1943ع تي دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

عبدالرحمان ڀرچونڊي وارو

پير ميان عبدالرحمان ولد ميان عبدالله ڀرچونڊي وارو سن 1889ع ۾ ڀرچونڊي ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ درگاهه ڀرچونڊيءَ جو ٻيو نمبر سجاده نشين ۽ دين جو جذبو رکندڙ جوشيلو پير ٿي گذريو آهي.
اڻيهين صدي عيسوي ۾ سنڌ جو هڪ مشهور بزرگ حافظ ميان محمد صديق ڀرچونڊي ٿي گذريو آهي. جيڪو تمام وڏو عالم، صاحبِ شريعت، اهلِ دل ۽ هلِ نظر درويش هو، جنهن وٽان مولانا تاج محمد امروٽي، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ ٻين ڪيترن ئي بزرگن طريقت جا سبق حاصل ڪيا هئا. پاڻ ديوبندي سلسلي جو پيروڪار هو. ڪيترائي سندس مريد هئا، ڪيس اولاد ڪونه ٿيو. سندس وفات ڪان پوءِ ميان عبدالله سندس گاديءَ تي ويٺو ۽ ان جي وفات ڪان پوءِ 1925ع ۾ سندس فرزند ميان عبدالرحمان ان جي جاءِ تي مسند نشين ٿيو.
ميان عبدالرحمان فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مشهور عالمن کان حاصل ڪئي. پاڻ پهريان درس وتدريس جو ڪم ڪندو هو، ليڪن والد صاحب جي وفات کان پوءِ اهو ڪم ڇڏي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ لڳو.
ميان عبدالرحمان صاحب پنهنجي بزرگن جي روايت خلاف ديوبندي سلسلي جي مولوين خلاف پرچار شروع ڪئي ۽ پاڻ بريلوي طريقو اختيار ڪيائين، هيءُ بريلوي سلسلي جو وڏو مناظري عالم هو. ان سلسلي ۾ پاڻ جيڪب آباد، حيدرآباد، ڪنڌ ڪوٽ، رحيم يار خان، احمد پور ۽ سکر تائين مولوين ۽ پنهنجي مريدن کي ساڻ وٺي ڪتابن سميت بحث مباحثي ۾ حصي وٺڻ لاءِ ويندو هو. وعظ ۽ مذهبي پرچار جي سلسلي ۾ هو آسام، سملي، مڪالي شريف، گينداوا ۽ دهليءَ تائين به وڃي نڪرندو هو. ميان صاحب جي تبليغ سبب ڪيترائي هندو مسلمان ٿيا، جنهن سان مسلمانن وٽ سندس شهرت ٿيڻ لڳي ۽ ڪٽر هندو وري سندس سخت مخالف ٿي بيٺا، انهن ڏينهن ۾ اهو دستور هوندو ته هو، جيڪڏهن ڪو غير مسلم مذهب مٽائي مسلمان ٿيندو هو ته، وڏي ڌام ڌوم سان سرگس ڪڍي ۽ دعوتون ڪري خوشي ملهائيندا هئا، جنهن کي هندو پنهنجي لاءِ بيعزتي سمجهندا هئا. اتر سنڌ جا هندو هن مسئلي تي سخت تاءَ ۾ اچي ويا. هنن سرڪار وٽ به اهڙي شڪايت ڪئي، پر پير صاحب تي ان جو ڪو به اثر نه پيو آخر ڪن ناعاقبت انديش سکر جي هندن 4 آڪٽوبر 1939ع تي پير صاحب جي وڏي فرزند ميان عبدالرحيم جي وچ بازار ۾ سخت بيعزتي ڪئي.

هن ڳالهہ پير صاحب جي مريدن ۾ جوش پيدا ڪيو ۽ بدلو وٺڻ لاءِ هنن ڀڳت ڪنور رام کي قتل ڪرڻ جي سازش سٽي، ڇو جو ان وقت ڀڳت ڪنور رام کي هندن جو گروءِ جھڙو عزت وارو ماڻهو سمجهيو ويندو هو. آخر پير صاحب جي هڪ مريد حاجي جان محمد جلباڻي 2 نومبر 1939ع تي ڀڳت ڪنور رام کي قتل ڪري وڌو، جنهن ڪري هندو مسلم تعلقات ويتر ڪشيده ٿي پيا.

پير ميان عبدالرحمان ۽ سندس هزارين مريدن مسجدن منزل گاهہ واري هلچل ۾ ڀرپور حصو ورتو. هن الهہ بخش سومرو جي وزارت واري عرصي ۾ سنڌ ۾ شرعي قانون جاري ڪرائڻ لاءِ پڻ ڪوشش ڪئي، پر افسوس جو ان ۾ ڪيس ڪاميابي حاصل ٿي نہ سگهي.

پير صاحب جو سلسلہ طريقت قادري هو، سندس مريد "هو هو" جو ذڪر ڪندي وجد ۾ اچي ويندا هئا. اتر سنڌ ۾ سندس تمام گهڻو اثر هو، پاڻ اڪثر نماز، روزي، تلاوت، ذڪر ۽ تسبيح ۾ مشغول رهندو هو.

پير ميان عبدالرحمان پرچونڊي وارو ڇهرين سيپٽمبر 1960ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

عبدالرحمان "ضيائي"

مولانا عبدالرحمان "ضيائي" ولد مولانا بهاءُالدين پتافي سن 1899ع ۾ ڳوٺ بهاءُ الدين تعلقي ميرپور ماٿيلي، ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو، پاڻ ناليوارو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مولانا عبدالرحمان "ضيائي" قرآن شريف جي تعليم پنهنجي والده ماجده کان ورتي، عربيءَ جا ننڍا ننڍا ڪتاب پنهنجي والد وٽ پڙهيو، وڌيڪ تعليم مختلف مدرسن مان ورتائين. آخر حافظ محمد ابراهيم وٽ دستاربندي ڪري فارغ التحصيل ٿيو. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي درس وتدريس جو ڪم ڪرڻ لڳو، ليڪن ڪجهہ وقت کان پوءِ پاڻ هالا هليو ويو، جتي حضرت مخدوم طالب المولىٰ رحہ جن وٽ رهڻ لڳو ۽ مخدوم صاحب جي صاحبزادن کي فارسي ۽ علم عروض سيکاريندو هو.

مولانا ضيائي فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو اعليٰ پائي جو شاعر هو، سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ عربي ٻولين جا لفظ گهڻا استعمال ڪيا اٿس، ليڪن لفظن جي جڙت هيرن جي ڪيٽن وانگر آهي. سندس ڪلام ۾ اصليت ۽ پنهنجائپ آهي، سادگي، سلاست، رواني ۽ پختگي آهي. سندس فارسي ڪلام پڻ فڪر ۽ فن، ذوق جماليات ۽ روحاني واردات جو آئينو آهي. پاڻ ديني ۽ عشقيہ ڪلام گهڻو چيو اٿس، جيڪو قديم رنگ تي مشتمل آهي، ليڪن منجهس فن جي چاشني موجود آهي.

مولانا ضيائي جي فارسي ۽ سنڌي ڪلام جو وڏو ذخيرو "مجموعہ

الغزليات" جي نالي سان سندس پونئير وٽ محفوظ آهي. ان کان سواءِ هن علم عروض بابت فارسيءَ ۾ ٻه ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ هڪ ڪتاب "روائع العروض شرح بدرالعروض" بهاولپور مان ڇپيو هو، ۽ ٻيو ڪتاب "القول الڪافي في شرح تذڪرة القوافي" قلمي صورت ۾ موجود آهي.

مولانا عبدالرحمان "ضيائي" 18 فيبروري 1977ع تي وفات ڪري ويو. هن جي لاڏاڻي سان بقول دادا سنڌي جي "سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو هڪ اهم دور ختم ٿي ويو."

مولانا صاحب جي سنڌي ڪلام مان نمونو طور ٻه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

شل دوست اچي دل شـــاد ڪري
ويـــران اڱڻ آبـــــاد ڪـــــري.

عبدالرحمان، قاضي

قاضي عبدالرحمان ولد محمد صديق اچڻ سن 1898ع ۾ نارو شاهه جي پرسان ڳوٺ "اچي مـسـجد" ضلعي نوشهروفيـروز ۾ جائو. پاڻ هڪ بيباڪ صحافي ٿي گذريو آهي. سندس والد انگريزن جي دور ۾ ساهتي پرڳڻي[1] جو قاضي مقرر ٿيل هو، ان ڪري سندس گهراڻو قاضي سڏجڻ ۾ آيو.

قاضي عبدالرحمان ابتدائي تعليم دربيلي، نوشهروفيروز ۽ پرين ۾ حاصل ڪئي. 1914ع ۾ مئترڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان ۽ 1920ع ۾ بي اي جو امتحان بهاوالدين ڪاليج جهونا ڳڙهه مان پاس ڪيائين

قاضي صاحب سنڌ جو معروف صحافي ٿي گذريو آهي. سندس قلم ۾ وڏي سگهه هئي، هن پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ سنڌ جي حقن لاءِ نهايت دليري سان پنهنجي قلم کي هلايو.

قاضي صاحب پنهنجي صحافت جو آغاز شاگردي واري زماني ۾ سنڌ مدرسي مان نڪرندڙ مخزن جي ادارت سنڀالڻ سان ڪيو.

15 مارچ 1920ع تي تحريڪ آزادي جي ترجمان روزنامه "الوحيد" جاري ٿي ته، قاضي عبدالرحمان کي ان مشهور معروف اخبار جو پهريون ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. پاڻ نهايت ڪاميابي سان اخبار کي هلائيندو رهيو ۽ هن اخبار ذريعي سنڌ ۾ سياسي جاڳرتا پيدا ڪيائين. 1921ع ۾ سرڪار ڪيس حڪومت جي خلاف مواد لکڻ ۽ ڇاپڻ جي ڏوهه ۾ هڪ سال سخت پورهئي سان جيل جي سزا ڏني. سزا ڪاٽي وري اچي ساڳئي ڪم ۾ مشغول ٿيو. ان دوران

(1) ماضي ۾ ڪنڊيارو، نوشهروفيروز ۽ مورو تعلقن واري علائقي کي "ساهتي پرڳڻو" ڪري سڏيندا هئا، هن پرڳڻي جو ذڪر قديم هندو دور کان ملي ٿو، هن علائقي ۾ سهتا قوم ڪثرت سان آباد هئي، ان ڪري هن ايراضيءَ تي "ساهتي" جو نالو پيو.

برطانيہ سرڪار کيس ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي جي آڇ بہ ڪئي، پر هن بااصول مرد مجاهد اهڙي وڏي عهدي جي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏي. 1942ع ۾ پنهنجي هڪ ذاتي انگريزي اخبار "مسلم ائڊووڪيٽ" جاري ڪيائين.

قاضي صاحب 1926ع ۾ سنڌ صوبائي خلافت ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو ۽ مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي سان ذاتي طور لهہ وچڙ ۾ آيو. 1924ع ۾ هن "سنڌ ايڊيٽرس ائسوسيئيشن" قائم ڪئي، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري ٿيو، خلافت تحريڪ جي خاتمي ڪان پوءِ 1928ع ۾ ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو چيف آفيسر ۽ انجنيئر مقرر ٿيو، مگر سگهوئي ان ملازمت کي ڇڏي ڏنائين. پاڻ تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" سان پڻ وابستہ رهيو. 1940ع ۾ ٻي مهاياري جنگ دوران هفتيوار "وار بليٽن" جي نالي سان هڪ انگريزي اخبار جاري ڪري، جنگ جي صحيح خبرن ۽ عالمي حالتن کان سنڌ وارن کي معلومات ڏيندو رهيو. 1945ع ۾ پاڻ پيهر الوحيد جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. قيام پاڪستان کان پوءِ سنڌ جي گورنر سر غلام حسين هدايت الله کيس سنڌ سرڪار جو ڊائريڪٽر انفارميشن مقرر ڪيو. ان زماني ۾ سنڌ سرڪار پاران ٻہ رسالا "اطلاعات سنڌ" سنڌيءَ ۾ ۽ "سنڌ انفرميشن" انگريزيءَ ۾ جاري ڪيائين. پاڻ 1951ع تائين ان عهدي تي رهيو. 1952ع ۾ قاضي صاحب تي فالج جو حملو ٿيو، ڪجهہ وقت ڪان پوءِ جڏهن چاڪ ٿيو تہ سائين جي ايم سيد جي اخبار "نئين سنڌ" جو مئنيجر مقرر ٿيو، جتي ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ سندس صحت وري خراب ٿي پئي، جنهن ڪري ڳوٺ هليو ويو ۽ سگهوئي وفات ڪري ويو. اهڙي طرح قاضي صاحب پنهنجي سموري زندگي صحافتي دنيا ۾ وقف ڪندي آخر 24 جون 1958ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس ڪيل خدمتون سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهنديون.

عبدالرحمان مهيسر

فقير عبدالرحمان ولد حافظ محمد صالح مهيسر پهرين نومبر 1946ع تي ڳوٺ رفيق مهيسر ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ سدا ملوڪ سگهڙ ۽ شاعر آهي.

عبدالرحمان مهيسر ناظران قرآن پاڪ ۽ ديني تعليم کان علاوه مئٽرڪ تائين اسڪولي تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ پنهنجي زمين سنڀالڻ لڳو، پاڻ گورنمينٽ ٺيڪيداري بہ ڪندو آهي.

مهيسر صاحب سنڌ جو مايہ ناز سگهڙ آهي. پاڻ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪچهرين کان سواءِ ريڊيو پاڪستان ۽ ٽيليويزن جي لوڪ ادب پروگرامن ۾ پڻ شامل ٿيندو رهندو آهي، جنهنڪري سڄي سنڌ سندس نالي

ڪان واقف آهي. پاڻ ڪچهرين جو ڪوڏيو، محفلن جو مور ۽ ڏور، ڳجهارت جو بادشاهه سگهڙ آهي. ونس وڪر به ججهو آهي. پاڻ به شاعر آهي ته پين سگهڙن جي شاعري به گهڻي ياد اٿس.

عبدالرحمان مهيسر لوڪ ادب جي تقريباً هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جهڙوڪ سينگار، گفتار، ڏور، ڳجهارت، هنر، بيت، مداح، پهاڪا وغيره.

نموني طور سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

الله اگڻ آندو جنهن جي تن اندر هئي تات
اصلي "عبدالرحمان" چئي نه پيدا ٿئي پريات
هجن گڏ هميشه نه ڪن وڇڻ وائي وات
رهي سدائين رات ته جاني جدا نه ٿئي.

عبدالرحيم ڏيٽو

پروفيسر عبدالرحيم ولد الهچايو ڏيٽو 14 فيبرروي 1919ع تي ڳوٺ بيلي تعلقي سجاول ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو، پاڻ مشهور تعليمي ماهر، سماجي خدمتگار، عاشقِ رسول صلي الله عليه وسلم ۽ لطيف شناس ٿي گذريو آهي.

عبدالرحيم ڏيٽو هڪ هاريءَ جو پٽ هو، ۽ ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي هئائين. پاڻ ننڍي هوندي ڪان ئي ذهين هو، هڪ ذهين شاگرد جي حيثيت سان جڏهن نور محمد مرحوم کي خبر پئي ته پاڻ ڏيٽي صاحب کي پنهنجي قائم ڪيل نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ گهرائي داخل ڪيائين ۽ هن جي پرورش ۽ سنڀال ڪرڻ لڳو، تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ ڏيٽو صاحب پهريان نور محمد هاءِ اسڪول ۾ استاد طور مقرر ٿيو. ان بعد ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. پهرين جولاءِ 1951ع ڪان پاڻ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي زبان جو ليڪچرار مقرر ٿيو جتان ترقي ڪندو ساڱٽي ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ٿيو ۽ سالن جا سال هن عهدي تي فائز رهندي 14 فيبروري 1979ع تي رٽائر ٿيو.

ڏيٽي صاحب کي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان گڏوگڏ اردو زبان ۾ پڻ مهارت حاصل هئي. پاڻ هڪ بهترين مقرر به هو، سندس زندگي سادگيءَ جو نمونو هئي، سندس دل عشقِ رسول صلي الله عليه وسلم سان سرشار هئي، شاهه لطيف جي ڪلام جو حافظ ۽ پارکو هو.

پروفيسر عبدالرحيم خاڪسار تحريڪ ۾ به حصو ورتو، مسلم نيشنل گارڊ ۾ به ڪم ڪيو، تحريڪ پاڪستان ۾ سندس اهم ڪردار هيو. جڏهن پاڪستان قائم ٿيو ۽ پاڪستان ۾ مهاجرن جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته، حيدرآباد شهر ۾ ريلوي اسٽيشن تي مهاجرن جو استقبال ڪرڻ ۽ ڪين رهائش ۽

خوراڪ ۾ مدد ڏيڻ ۾ ڏيتي صاحب قابلِ قدر ڪردار ادا ڪيو. جيڪي زخمي مهاجر ايندا ويا، تن کي طبي امداد پهچائڻ ۾ به سرگرم رهيو. جڏهن پارت رياست جمون ۽ ڪسمير تي حملو ڪيو ته، ان وقت ڪشميرين لاءِ نقد ۽ جنس ۾ امداد گڏ ڪرڻ جي جيڪا مهم هلي، ان ۾ وڌ کان وڌ حصو ورتائين.

پروفيسر ڏيتو صاحب سڄي سال شهري زندگي گذاري، وري وڃي ڳوٺ ۾ آباد ٿيو. هن پنهنجي ڳوٺ ڏيتا لڳ حيدرآباد ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيو، جيڪو هاڻي سرڪاري اسڪول جي حيثيت سان هلي رهيو آهي. پاڻ اتي هڪ مسجد به تعمير ڪرايائين. ان کان علاوه هن پيون به ڪيتريون ئي فلاحي خدمتون سرانجام ڏنيون.

پروفيسر عبدالرحيم ڏيتو 7 ڊسمبر 1986ع تي ڳوٺ ڏيتا ۾ وفات ڪري ويو.

عبدالرحيم سنڌي، شيخ

شيخ عبدالرحيم سنڌي تحريڪ آزادي جو مجاهد ٿي گذريو آهي. پاڻ اصل ۾ حيدرآباد جي مشهور هندو عامل خاندان جو فرد هو. گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ رهندو هو. سندس والد جو نالو پڳوان داس هو. هندستان جو مشهور سياسي ليڊر آچاريہ جيوت رام ڪرپالاڻي شيخ صاحب جو ننڍو ڀاءُ هو. جيوت رام آلانڊيا ڪانگريس جو صدر ٿي رهيو هو ۽ سندس صدارت واري دور ۾ ئي هندستان جو ورهاڱو ٿيو.

شيخ صاحب جو اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ نالو ڏيٺو مل هو، پاڻ اسلام جي حقانيت کان متاثر ٿي مسلمان ٿيو ۽ دين اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت جو ڪيس ڏاڍو جذبو هوندو هو. سندس ڪوشش سان گهڻن هندن اسلام قبول ڪيو، جن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي پڻ شامل آهي.

شيخ عبدالرحيم سنڌيءَ جو والد هڪ وڏو زميندار هو، پر شيخ صاحب جڏهن مسلمان ٿيو ته، سڀ ڪجهہ ڇڏي حيدرآباد ۾ درزڪو ڪم ڪري گذران ڪندو رهيو، هن انگريزن کان ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي. تحريڪ شيخ الهند جو نهايت سرگرم ۽ اهم ڪارڪن هو تحريڪ آزادي جي رستي ۾ هن وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون ريشمي رومال واري تحريڪ جي حوالي سان گهڻو مشهور آهي.

انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ "جنود ربانيه" جي نالي سان نوجوانن جي هڪ تنظيم ناهي وئي هئي. ان تنظيم ۾ شيخ عبدالرحيم کي ڪرنل جو عهدو ڏنو ويو هو. هن تحريڪ ۾ خط و ڪتابت لاءِ ريشمي رومال کي ڪتب آندو ويو هو ۽ ان ۾ پهريون خط 10 جولاءِ 1916ع تي مولانا عبيدالله سنڌي شيخ عبدالرحيم سنڌي جي نالي لکيو هو. جنهن ۾ شيخ صاحب کي

ڪابل پهچڻ جي هدايت ڪئي ويئي هئي ۽ شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي ڏانهن ڪجهه احوال لکيل هو. اهو خط ۽ به ٻيا خط مولانا سنڌي عبدالحق نالي هڪ شخص جي هٿان موڪليا هئا، پر ڪنهن سازش تحت اهي خط رستي ۾ ئي پڪڙجي پيا. جڏهن تحريڪ جو راز ظاهر ٿيو ته، سڀ ڪان پهرين جن انقلابين لاءِ گرفتاري جو حڪم جاري ٿيو، انهن ۾ پهريون نالو شيخ عبدالرحيم سنڌي جو هو.

شيخ صاحب گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي ويو، حالتن جي پٺاندر لباس تبديل ڪندو پنهنجي منزل ڏي ڪاهيندو اڳتي وڌندو ويو ۽ وڃي سرهند شريف ۾ پهتو، جتي سندس انتقال ٿيو ۽ اتي ئي مدفون آهي.

شيخ صاحب جو هڪ ٻيو ننڍو ڀاءُ عبدالڪريم به هڪ مرد مجاهد ٿي گذريو آهي. شيخ عبدالڪريم به ننڍي عمر ۾ اسلام قبول ڪيو هو. جڏهن سورهن سالن جو ٿيو ته هن اخبارن ۾ پڙهيو ته طرابلس ۾ انگريز مسلمانن تي ڏاڍا ظلم ڪري رهيا آهن. هن ڪي جهاد جو شوق جاڳيو ۽ سنڌ کان افغانستان رستي ترڪيءَ پهتو فوج ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ 1912ع ۾ طرابلس ۾ لڙندي لڙندي سترهن سالن جي عمر ۾ شهيد ٿيو.

عبدالرحيم شاهه

سيد عبدالرحيم ولد سيد محمد رحيم شاهه 18 مارچ 1878ع تي سجاول ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ وقت جو مشهور عالم ۽ تحريڪ آزادي جو ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

سيد عبدالرحيم شاهه هڪ زميندار گهراڻي جو فرد هو. پاڻ اجا ڏهن سالن جو مس هئو ته سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ عبدالرحيم شاهه ۽ سندس ڀائرن جي پرورش سندن هڪ عزيز ميان قادر ڏني شاهه ڪئي.

عبدالرحيم شاهه سنڌي پرائمري، قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم مختلف استادن کان حاصل ڪئي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ پنهنجي ڀائرن سان گڏ زميندراي جو ڏنڌو سنڀالڻ لڳو، هن محنت ۽ سرجوشيءَ سان اجا به وڌيڪ زمين خريد ڪئي ۽ ساري شاهبندر واري علائقي جي مکيه زميندارن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

سيد عبدالرحيم جو وڏو ڀاءُ سيد محمد هاشم شاه 26 آڪٽوبر 1918ع تي لاولد گذاري ويو. پنهنجي ڀاءُ جي يادگيريءَ ۾ سيد عبدالرحيم شاهه سجاول شهر ۾ هڪ عاليشان مدرسو "دارالفيوض هاشميه" قائم ڪيو. ان لاءِ هن پهريان 230 ايڪڙ زمين وقف ڪري ٽرسٽ بورڊ ٺاهي ۽ سيد هاشم شاهه جو خوبصورت بنگلو بورڊ جي حوالي ڪيو. ان کان سواءِ بورڊنگ هائوس ۽ استادن جي رهائش وغيره لاءِ عمارتون ٺهرايائين. شهر ۾ هڪ سهڻي جامع

مسجد پڻ جوڙايائين.

مدرسي "دارالفيوض هاشميه" جو بنياد 30 جنوري 1921ع تي رکيو ويو. هن مدرسي اڳتي هلي تحريڪ آزادي ۾ مکيه رول ادا ڪيو.

شاهه صاحب سياست ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو، مولانا محمد صادق ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سان گڏجي خلافت هلچل ۾ به حصو ورتائين ۽ ريشمي رومال تحريڪ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيائين. پاڻ "جمعيت العلماء هند"(1) سان به وابسته رهيو جنهن ڪري مولانا آزاد، مولانا مدني ۽ مفتي عنايت الله سان سندس خاص ناتا رهيا. سندس سرپرستيءَ هيٺ شاهبندر سب ڊويزن جي عالمن معاشري جي سڌاري لاءِ هڪ تنظيم "دارالفتويٰ" قائم ڪئي، جنهن جو ڪردار ساراهه جوڳو رهيو.

سيد عبدالرحيم شاهه 22 جون 1947ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪيو، کيس مڪليءَ واري تاريخي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

عبدالرزاق "راز" شيخ

شيخ عبدالرزاق "راز ولد منشي عبدالرئوف شيخ 29 جنوري 1919ع تي پراڻي سکر ۾ ڄائو. پاڻ جديد ادب جو اهم شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي جنهن سنڌي ادب کي نثر توڙي نظم ۾ اهڙا ته شاهڪار ڏنا جو جيستائين سنڌي زبان ۽ ادب باقي آهي، سندس نالو زنده جاويد رهندو.

شيخ عبدالرزاق "راز" اسلامي تعليم پراڻي سکر ۾ حافظ محمد بخش کان حاصل ڪئي، ثانوي تعليم پهريان سکر ۽ پوءِ علي ڳڙهه ۽ لاهور ۾ ورتائين. 1945ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي(2) مان بي اي پاس ڪري ايم اي جي تعليم اڌ ۾ ڇڏي، "الوحيد" ڪراچي ۾ ملازمت حاصل ڪيائين. آخر سکر موٽي آيو ۽ 1948ع ۾ سکر ميونسپالٽي جو چيف آفيسر مقرر ٿيو. 1958ع ۾ اها نوڪري ڇڏي اسلاميه ڪاليج سکر ۾ اسلامي تاريخ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. هو اسلاميه ڪاليج جي باني مان هو، ان ڪري هن ٻين نوڪرين ڪرڻ کان هن ڪاليج جي خدمت ڪرڻ بهتر سمجهيو. سگهوئي هن اسلامي تاريخ ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪري ورتي، ڪجهه وقت کان پوءِ کيس ميونسپل هاءِ اسڪول سکر جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو، وري ڪجهه وقت لاءِ عطا حسين موسوي ڪاليج روهڙي جو پرنسپال ٿي رهيو، پر سگهوئي اها ملازمت ڇڏي ڏنائين.

---

(1) جمعيت العلماء هند جو قيام 23 نومبر 1919ع تي دهلي ۾، خلافت ڪانفرنس جي پهرين اجلاس جي موقعي تي عمل ۾ آيو.

(2) هيءُ ڪاليج 17 جنوري 1887ع تي "سنڌ آرٽس ڪاليج" جي نالي سان قائم ٿيو، بعد ۾ ان ڪاليج جو نالو تبديل ڪري ڏيارام جيٺمل جي نالي تي (ڊي جي) ڪاليج رکيو ويو.

پوءِ وقت فقط ميونسپل هاءِ اسڪول سکر جو هيڊ ماستر ٿي رهيو، جتان 1979ع ۾ رٽائر ڪيائين. ان دوران هن 1962ع ۾ ايم اي (سنڌي) ۽ 1964ع ۾ بي ٽي جا امتحان پڻ پاس ڪيا.

”راز“ صاحب ادبي دنيا جو تمام وڏو نالو آهي. هيءُ پهريون شاعر هو جنهن سنڌي زبان ۾ آزاد نظم لکيو. سندس اهو نظم 1944ع ۾ شيخ اياز جي رسالي ”اڳتي قدم“ ۾ ڇپيو. پاڻ ترقي پسند شاعر ۽ اديب هو، جدت ۽ انفراديت سندس فن جون خاص خوبيون آهن. سندس جديد نظريات موجوده انساني دنيا جا اقدار آهن، جن کي نهايت خوبيءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن پنهنجي شاعري جي خارجي حقيقت کي داخلي حقيقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هو غزل جو شاعر به هو ته آزاد نظم، گيت، بيت ۽ وائيءَ جو پڻ، سيني صنفن ۾ سندس مخصوص رنگ آهي، جنهن ۾ جماليات جو عنصر غالب آهي، پر غزل سان هن جو قرب هوندو هو.

شاعر هجڻ سان گڏ ”راز“ صاحب سٺو نثر نويس به هو. هن افسانا به لکيا ته ناول به، ڊراما به لکيا ته خاڪا به هن سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ نظم توڙي نثر ۾ لکيو. مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضمون، مقالا، سفرناما ۽ ڪتاب ڇپيل اٿس، ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

شعري مجموعا: سارنگ (1954ع)، پيهي منجهه پاتال (1962ع)، سڄڻ سفر هليا (1967ع)، غزل (1972ع) ۽ ڏڙڪنين (اردو شاعري).

نثر ۾: ڊاڪ بنگلو (1954ع)، فاتح سنڌ (1955ع)، نئون آدمي، سانگي کي سارئيام (1972ع)، تنقيد ۽ تجربو (تنقيدي مقالن جو مجموعو 1966ع)، سنڌي غزل جو تجزيو، تاريخ سلطنت دهلي، شرح سر يمن ڪلياڻ، شرح ڪلام گرهوڙي، شرح ديوان گل، ماروي کي ديس ۾ (لطيفي داستان بابت اردو ۾)، سکر پاسٽ اينڊ پريزنٽ (انگريزي ۾ سکر شهر جي تاريخ ۽ ثقافت بابت).

”راز“ صاحب تصنيف وتاليف ۽ شعروشاعري کان سواءِ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس ڪوششن سان الوحيد جي هفتيوار علمي ۽ ادبي ايڊيشن جو اجراءُ ٿيو. شاهه لطيف يادگار ڪميٽي ۽ سنڌي ادبي سرڪل جو بنياد پيو. 1954ع ۾ حبيب پبليڪيشن نالي پنهنجو ذاتي ادبي اشاعتي ادارو قائم ڪيائين. رائٽرس گلڊ شاخ سکر جو رڪن ٿي رهيو. سندس ئي ڪوشش سان 8،7 ۽ 9 اپريل 1950ع تي انجمن فروغ ادب سکر جي زير اهتمام ”ڪل پاڪستان سنڌي، اردو ادبي ڪانفرنس“ منعقد ٿي، جنهن ۾ ملڪ جي بلندپايه اردو ۽ سنڌيءَ جي اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي ان کان سواءِ ڪيترائي پيرا سکر ۾ وڏي پيماني تي ادبي پروگرام ڪرايا.

شيخ عبدالرزاق "راز" 6 ڊسمبر 1983ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

توڪئي مهر وعنايت جي نظر منهنجا سڀ شڪوا اجايا ٿي ويا،
مون ڪئي اختر شماري ٿي مگر بادلن جا پوءِ ڪي سايا ٿي ويا.

عبدالرسول "قادري"، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر عبدالرسول "قادري" ولد مجنون خان مگسي جو جنم پهرين ڊسمبر 1949ع تي ڳوٺ بخشو مگسي (دڙي مگسي) تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ ٿيو. پاڻ مشهور اديب، محقق، عالم دين ۽ نثر نويس آهي.

ڊاڪٽر عبدالرسول "قادري" ابتدائي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي مشترڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سڪرنڊ مان پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي مرشد سيد احمد شاهه رحه عرف "سائين سهڻو" جي مشوري سان عربي ۽ فارسي پڙهڻ لاءِ ميهڙ جي "مدرسه دارالقرآن" ۾ داخل ٿيو، جتان علامه ڪريم بخش مگسي وٽ فارسي ۽ عربي جو پورو نصاب پڙهي، 1974ع ۾ دستاربندي ڪري فارغ التحصيل ٿيو. جنهن بعد پهريان سڪرنڊ ۾ ۽ پوءِ ڳوٺ جي جامع مسجد لڳ مدرسه کولي درس ڏيڻ جو سلسلو به شروع ڪيائين، ته گڏوگڏ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي شغل کي به جاري رکيائين، ان عرصي دوران قادري صاحب انٽر، بي اي، فاضل عربي ۽ فاضل منشي (فارسي) جا امتحان مصطفيٰ اورينٽل ڊگري ڪاليج نوان جتوئي مان پاس ڪيا ۽ ايم اي (مسلم هسٽري) جي ڊگري 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ ڪيس پي ايڇ ڊي ڪرڻ جو شوق جاڳيو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي رهبري هيٺ 1996ع ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪيائين، جنهن لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات، زمانو ۽ علمي خدمتون" ياد رهي ته سنڌي جي هاڪاري عالم ۽ بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي بابت پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل هيءُ پهرين ٿيسز آهي.

قادري صاحب 1977ع ۾ سرڪاري ملازمت اختيار ڪئي. پاڻ تعليم کاتي ۾ عربي استاد آهي، ۽ مختلف اسڪولن ۾ رهندي هن وقت هاءِ اسڪول مجيد ڪيريو (جيڪو جي ايم سيد جي فرزند سيد امداد محمد شاهه جي ڪوشش سان قائم ٿيو) ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر عبدالرسول "قادري" کي علمي ۽ ادبي ذوق سندس چوڻ مطابق ننڍي هوندي حضرت امام غزالي رحه جي ڪتاب "دقائق الاخبار" جو سنڌي ترجمو "تحفة المسلمين" ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ جاڳيو، جنهن کان پوءِ هو مختلف ڪتاب گڏ ڪري، انهن جو مطالعو ڪرڻ ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو.

اهڙي طرح مسلسل محنت ۽ مطالعي سان هن مختلف علمن ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي. پاڻ سنڌي کان علاوه عربي فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ مهارت رکي ٿو ۽ انگريزي پڻ ڄاڻي ٿو. ديني علوم جهڙوڪ حديث، فقه ۽ تفسير وغيره تي ملڪو رکي ٿو.

ادبي خدمتن جي حوالي سان هن پنهنجي لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن کان علاوه لاتعداد علمي، ادبي ۽ تحقيقي مضمون، مقالا، تبصرا ۽ تعارف وغيره لکي، سنڌي نثري ادب کي خوب سنواريو ۽ سينگاريو آهي. سنڌس لکڻيون ادبي رسالن جهڙوڪ مهراڻ، نئين زندگي، پيغام، الرحيم، المعارف (اردو) لاهور ۽ اخبارون عبرت، مهراڻ، هلال پاڪستان ۽ آفتاب وغيره جي صفحن جي زينت بڻجنديون رهيون آهن. هن گهڻو تڻو تحقيق، تاريخ ۽ ديني ادب تي لکيو آهي ۽ لکندو رهي ٿو. سنڌس نثري تحرير جو ڍنگ بيمثال آهي.

سنڌس عالمانه ۽ ماهرانه لياقت کي پرکيندي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جهڙن اهم ادبي ادارن طرفان مٿس ڪجهه عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي ذميواري رکي وئي، جيڪا هن صاحب نهايت خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏني. هن انهن ڪتابن جو ترجمو اهڙي ته، سليقي سان ڪيو آهي جو انهن کي پڙهڻ کان پوءِ اصليت جو گمان پيدا ٿئي ٿو.

قادري صاحب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. پاڻ هن وقت به مخدوم صاحب جي لکيل عربي ۽ فارسي ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۾ رڌل آهي، ان کان علاوه مخدوم صاحب جا اڳوڻي سنڌي ۾ لکيل منظوم ڪتاب جن کي اڄڪلهه جو عام ماڻهو پڙهڻ ۾ دقت محسوس ڪري ٿو، پاڻ انهن کي جديد ۽ سليس سنڌي نثر ۾ ترتيب ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر قادري صاحب وٽ هڪ معياري لائبريري به آهي، جنهن ۾ مختلف عنوانن تي هزارين ڪتاب موجود آهن، جن ۾ ڪيترائي قلمي نسخا ۽ ناياب ڪتاب فوٽو ڪاپي جي صورت ۾ پڻ رکيل آهن. پراڻن رسالن ۽ اخبارن جا ناياب فائيل به لائبريريءَ جي زينت بڻيل آهن. ديني ادب متعلق ته وڏو مواد وٽس موجود آهي. سنڌس ڪتب خانو باذوق عالمن ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ رهبر جي حيثيت رکي ٿو.

اوري پري کان آيل ڪيترائي علم جا اڃايل هن ڪتب خاني مان استفادو ڪندا رهن ٿا. سنڌس شاگردن جو حلقو چڱو خاصو آهي پاڻ ڪيترن ئي نوآموز اديبن ۽ ليکڪن جي رهنمائي ۽ اصلاح ڪندو رهي ٿو. سنڌس فيض عام مان مستفيض ٿيڻ وارن ۾ هيءُ ناچيز (راقم الحروف) ۽ ٻيا شامل آهن.

قادري صاحب جي شخصيت اڪيچار خوبين جو مجموعو آهي، پاڻ سچاڻ اديب، باذوق عالم، ڪچهري جو ڪوڏيو، نهايت يار ويس، ملنسار، ڪل

مک، دوستيءَ جو سچو، صاف گو، مهمان نواز ۽ ماڪيءَ جهڙو منڊو ماٺهو آهي.
پاڻ هيٺين ڇپيل ڪتابن جو مصنف ۽ مترجم آهي.

گلدستہ احاديث (حديث 1977ع)، لطائف لطيفي (ترجمو - 1986ع)، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (شخصيات - 1988ع)، تحفة الطاهرين (ترجمو-1990ع)، سوجهرو (ترجمو - 1991ع)، حاصل النهج (ترجمو 1993ع)، رشف الزلال في تحقيق في الزوال (ترجمو 1994ع)، شان مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم (سيرت 1994ع)، نيڪي جي دعوت جا فضائل (ترجمو 1998ع)، اسلام جي ديني دعوت ۽ تبليغ جا اصول (ترجمو 1996ع)، تحفة المسلمين في تقدير مهور أمهات المومنين (ترجمو-1999ع)، ۽ سنڌ جي مختصر تاريخ.

ان کان علاوه ٻي ايچ ڊي وارو سنڌس لکيل مقالو ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهي ۽ ڪجهه ڪتاب ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ وٽس پيل آهن.

عبدالستار پيرزادو

عبدالستار ولد ميان عبدالرحمان پيرزادو 4 جولاءِ 1907ع تي پراڻي سکر ۾ ڄائو. پاڻ معروف سياستدان ۽ قانوني ماهر ٿي گذريو آهي.

عبدالستار پيرزادي ابتدائي تعليم پراڻي سکر جي سنڌي اسڪول ۾ ورتي، 1923ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1925ع ۾ انٽر آرٽس سکر مان پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ 1927ع ۾ انگلينڊ روانو ٿيو ۽ اتان بئريسٽر ٿي 1930ع ۾ وطن موٽي آيو ۽ سکر ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. -

پيرزادي صاحب سياسي ميدان ۾ قدم 1934ع ۾ سکر ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊجڻ سان رکيو. ٻئي سال پاڻ سکر ميونسپالٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊجي ويو، سنڌ جدا ٿيڻ بعد چونڊن ۾ سکر مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ابتدا ۾ سر غلام حسين وزارت جو مددگار ميمبر ٿي رهيو ۽ پوءِ جڏهن الهہ بخش وزارت قائم ٿي تہ، ان ۾ ڪيس پهريان پارليامينٽري سيڪريٽري ڪري کنيو ويو ۽ پوءِ پبلڪ ورڪس، ايريگيشن ۽ صحت جي کاتن جو وزير ٿي رهيو. 1946ع ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو، ۽ سر غلام حسين جي وزارت ۾ بہ ٻيهرا وزير بڻيو. ان دوران هن سنڌ يونيورسٽيءَ جو بل پاس ڪرايو، سنڌ ڪوڊ تيار ڪرايو. جنهن ۾ سڀ قانون نئين سر سڌاريا ويا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ قائداعظم عبدالستار پيرزادي کي سنڌ مان پهريون وفاقي وزير جي حيثيت سان پنهنجي ڪابينا ۾ شامل ڪيو ۽ پاڻ پاڪستان جو پهريون وزير زراعت مقرر ٿيو. لياقت علي خان جو بہ ساٿي رهيو. 1949ع ۾ پاڪستان جو قومي ترانو منظور ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ٺهي هئي، پيرزادي صاحب کي ان ڪميٽيءَ جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو هو. 23 مئي 1953ع تي کيس سنڌ جو وزيراعليٰ بنايو ويو، ليڪن 9 نومبر

1954ع تي ڪيس انڪري ۾ سمس ڪيو ويو جو هو ون يونٽ جي مخالفت ۾ هو. پيرزادو صاحب سنڌ جو پهريون وزيراعليٰ هو، جنهن لطيف سائين جي عرس جي موقعي تي پهريون پيرو صوبي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪيو هو.

عبدالستار پيرزادو 1958ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿيڻ کان پوءِ سياست کان ڪناره ڪشي ڪري وڪالت ڪرڻ لڳو. آخر 24 آگسٽ 1974ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالستار جان سرهندي

پير عبدالستار ولد خواجہ محمد حسن جان سرهندي سن 1891ع ۾ ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي دور جو بلند پايہ عالم، شاعر، بزرگ ۽ شهره آفاق شخصيت ٿي گذريو آهي.

پير عبدالستار جان سرهندي ظاهري توڙي باطني علوم ۾ اعليٰ مقام تي فائز هو. ديني علوم ۽ روحاني معارف ۾ وڏو درڪ حاصل هئس. پاڻ سنڌي، اردو، بلوچي، سرائڪي، پشتو، عربي ۽ فارسي ٻولين جو ڄاڻو ۽ ماهر هو.

پير صاحب سرهندي بزرگن ۾ تمام بلند مقام شخصيت جو مالڪ هو، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو سرپرست، مريدن ۽ عام ماڻهن جو نهايت همدرد ۽ خير خواهہ، نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت انسان هو. سندس علمي شهرت ۽ بزرگيءَ جي هاڪ نہ رڳو سنڌ ۾ پر افغانستان، ايران، سعودي عرب، مصر ۽ اردن جهڙن اسلامي ملڪن ۾ بہ هوندي هئي. وقت جا راجا، نواب، رياستن جا والي، دانشور ۽ سياسي ليڊر سندس صورت ۽ سيرت، معاملہ فهمي ۽ دور رس فيصلن کان متاثر هئا. افغانستان جو شاهہ، سعوديہ جو بادشاهہ، مصر جو شاهہ فاروق، ايران جو شهنشاهہ ۽ شاهہ شرق اردن سندس وجاهت ۽ شهرت کان متاثر هئا. قائداعظم محمد علي جناح، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي ۽ مهاتما گانڌي جهڙا جليل القدر اڳواڻ بہ سندس ذات کان متعارف رهيا. هن ڪيترائي ڀيرا هندستان، ايران، مصر ۽ عراق جا دورا ڪيا.

پير عبدالستار جان سرهندي هڪ روشن ضمير، جلوت پسند، معاملہ فهم ۽ نڪتہ سنج بزرگ ۽ قادر الڪلام شاعر هو. سندس ڪلام زياده تر عشقيہ شاعري تي مشتمل آهي. سندس شاعري نهايت لذيذ ۽ سليس آهي، فصاحت، بلاغت ۽ نزاڪت سندس شاعريءَ جا اهم جز آهن. سندس شاعري ادب جو قيمتي اثاثو آهي. پاڻ سنڌي شاعري ۾ تخلص "پير" استعمال ڪندو هو.

سر زمين سنڌ جي هن غريب پرور، نيڪ نيت ۽ ديندار انسان 17 سيپٽمبر 1966ع تي هن فاني جهان مان موڪلائي ڪئي.. ڪيس مقبره شريف

(گنجو ٽڪر حيدرآباد) ۾ دفن ڪيو ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

محبوب ماهه صورت ڪو بيوفا نہ آهي
ماٺا مني جا آهن ليڪن جفا نہ آهي
شاعر شڪايتون ٿا بيجا بکن مدامي
دراصل دلبرن ۾ ڪائي خطانہ آهي.

عبدالشڪور "منشي"

عبدالشڪور "منشي" ولد امين الدين جون 1917ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور صحافي، نامور وڪيل ۽ سياسي ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

منشي عبدالشڪور ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. 1934ع ۾ بمبئيءَ مان امتيازي حيثيت سان مئٽرڪ پاس ڪيائين، ۽ سڄي سنڌ ۾ ٽيون نمبر آيو. 1938ع ۾ ڊي جي ڪاليج مان بي اي ڪرڻ کان پوءِ علي ڳڙهه ويو، جتان ايم اي ۽ ايل ايل بي ڪري واپس ٿيو.

سنڌي صحافت جي ميدان ۾ عبدالشڪور منشي جون خدمتون هميشہ ياد رهنديون. هن صاحب نومبر 1946ع کان حيدرآباد مان سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اخبار "هلال پاڪستان" جاري ڪئي. جنهن جو مقصد نظريہ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ ۽ راءِ عامہ کي هموار ڪرڻ هو. 1946ع وارين صوبائي چونڊن ۾ پڻ "هلال پاڪستان" ڪامياب ڪردار ادا ڪيو. قيام پاڪستان کان پوءِ ويندي، اڄ تائين هن اخبار جو ڪردار ساراهڻ جوڳو رهيو آهي.

منشي صاحب مالي مشڪلاتن جي باوجود "هلال پاڪستان" کي 1965ع تائين پاڻ هلايو، جنهن کان پوءِ ان کي وڪرو ڪيائين.

پاڻ هڪ لائق وڪيل بہ هو ۽ ڪيترائي ڀيرا حيدرآباد بار ڪائونسل جو صدر چونڊيو ويو. سياست سان پڻ سندس گهري دلچسپي رهي، هو حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو چونڊيل ميمبر بہ رهيو.

عبدالشڪور منشي 17 مارچ 1980ع تي حيدرآباد ۾ گذاري ويو.

عبدالعزيز ٿريچاڻوي

مولانا عبدالعزيز ولد محمد حيات قريشي ڳوٺ "ٿريچاڻي" تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ ڄائو. سندس ڄمڻ جي تاريخ معلوم ٿي نہ سگهي آهي. پاڻ وڏو عالم محقق، ناميارو صحافي ۽ ڪافي ڪتابن جو مصنف ٿي گذريو آهي.

مولانا عبدالعزيز شروعاتي تعليم پنهنجي والد ماجد وٽ حاصل ڪئي، جيڪو خود روحانيت جو مالڪ ۽ دين جو وڏو ڄاڻو هو. ان کان پوءِ کيس ڳوٺ پنهواري جي هڪ ديني مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو، جتي مولانا عبدالقادر انڍڙ

درس ڏيندو هو جنهن جي صحبت ۾ سندس طبيعت جو لاڙو طريقت طرف ٿيو. ان وقت مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي روحانيت جي شهرت هئي، سو مولانا عبدالعزيز تعليم اڌ ۾ ڇڏي پنهواري کان امروٽ هليو آيو ۽ درگاهه ۾ هڪ خادم جي حيثيت سان رهڻ لڳو، ان عرصي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ديوبند کان موٽي امروٽ شريف ۾ هڪ ديني مدرسو ۽ اسلامي اشاعت گهر کوليو. مولانا عبدالعزيز ان مدرسي ۾ مولانا سنڌيءَ کان شاهه ولي الله جو فلسفو پڙهيو ۽ اشاعت گهر ۾ به خاص دلچسپي ورتي. قرآن شريف جو سنڌي ترجمو جيڪو مولانا امروٽي ڪيو هو، ان ۾ به پاڻ گهڻو حصو ورتائين.

مولانا عبدالعزيز پنهنجي مرشد مولانا امروٽيءَ سان انتهائي عقيدت ۽ محبت رکندو هو. سندس مرشد جي به مٿس خاص شفقت هوندي هئي. اهوئي سبب هو جو مولانا امروٽيءَ کيس پنهنجو سجاده نشين مقرر ڪيو هو، پر ڪن مجبورين سبب سندس وفات کان پوءِ ان تي عمل نه ٿي سگهيو.

مولانا عبدالعزيز ڪافي عرصو امروٽ ۾ رهي، پنهنجي مرشد سان گڏ مذهبي، تبليغي، سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ بهرو وٺندو رهيو. پاڻ انگريزن جو سخت مخالف هئو، "خلافت تحريڪ" ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ انگريزن خلاف زوردار تقريرون ڪيائين جنهن ڪري کيس جيل به وڃڻو پيو. مولانا امروٽيءَ جي وفات کان پوءِ پاڻ امروٽ ڇڏي ٽريچاٽي آيو ۽ اچڻ سان اشاعت اسلام ۽ علم تصوف جي تعليم جو سلسلو شروع ڪري ڏنائين. ٿوري ئي وقت ۾ سندس مريدن جو تعداد هزارن تائين پهچي ويو. ان کان سواءِ سياست ۽ سماجي ڪمن ۾ به بهرو وٺندو رهيو. پاڻ مختلف سياسي جماعتن ۾ رهيو، صحافت سان پڻ سندس لڳاءُ رهيو. سکر مان "الحق" نالي اخبار جاري ڪيائين. پاڻ مهمان نواز، خوش اخلاق، همدرد ۽ خوش مذاق هو. مهمانن کي پنهنجي هٿن سان پاڻ کاڌو کارائيندو هو.

هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، قاديانين جي رد ۾ لکيل "صحيفه قادريه" سندس بي بها تصنيف آهي. پاڻ سلسلي قادري سان تعلق رکندو هو. 6 آگسٽ 1950ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالغفار "تبسم"

عبدالغفار "تبسم" ولد قادر بخش پيٽي 20 نومبر 1951ع تي ڳوٺ پير بخش پيٽي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دور جي سٺن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس تعليم ايم اي (انٽرنيشنل رليشنس) بي پوزيشن ۾ آهي. هن وقت نوڪريءَ سانگي ڪراچي ۾ ترسيل آهي.

عبدالغفار "تبسم" شاعري ۾ تقريباً هر پراڻي توڙي نئين صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. گيت، غزل، بيت، ڪافيون، وايون، آزاد نظم، فلمي گيت

وغيره لکيا اٿس. ليڪن سندس پسنديده صنف نظم آهي، جنهن ۾ خوب گلڪاريون ڪيون اٿس. سندس شاعري دلي جذبات ۽ رنگيني خيالات جو عڪس آهي. سندس شاعري هڪ دردمند دل جي وجد آواز صدا آهي. سندس ڪلام ۾ رنگيني، شائستگي، فصاحت ۽ بلاغت سان گڏ رواني ۽ سلاست پڻ آهي.

تبسم جي نظم جو پهريون مجموعو "گلن جهڙا ٻَل" 1975ع ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ سندس شاعريءَ جا ڪتاب "شفق، وارا چانورا" ، "مٽي جا سر" ۽ "سوچون صحرا سراب" ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

عبدالغفار "تبسم" کي عوامي شاعر هجڻ جو درجو حاصل آهي. ٽن پنهنجي خوبصورت شاعري وسيلي وڏي مڃتا ماڻي آهي. سندس ڪلام اڪثر اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندو رهندو آهي. سنڌ جي ڪيترن ئي سٺن فنڪارن ريڊيو، ٽيليويزن ۽ ڪيسٽ لاءِ سندس ڪلام ڳايو آهي، جيڪو نوجوان طبقي ۾ گهڻو مقبول آهي. نموني طور سندس ڪلام مان چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

هر نئين گهاءَ تي دل بار بار ٿي تڙپي
الاهي چو نہ ٿي هڪ وار ڪا قضا ڪڙڪي
جڏهن ڪو آس جو پنڇي نہ قيد آ دل ۾
تہ پوءِ جسم ۾ ڇاهي هي ڇا پيو ڦڙڪي.

عبدالغفار خان جتوئي

عبدالغفار خان ولد حاجي غلام رسول خان جتوئي نوان جتوئي تعلقي موري جي مشهور زميندار ۽ سياسي جتوئي گهراڻي جو چشم و چراغ آهي. پر سندس ذاتي سڃاڻپ آهي، پاڪستان جو هڪ ماهر ڊاڪٽر.

غفار صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان 1958ع ۾ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نواب شاهہ مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيو، ايم بي بي ايس جو امتحان 1963ع ۾ امتيازي حيثيت سان پاس ڪيو. ابتدا ۾ گورنمينٽ جي سروس ڪئي، پر پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ ولايت روانو ٿيو ۽ 1967ع ۾ جنرل سرجري ۽ 1971ع ۾ هارٽ سرجري ڪاميابيءَ سان پاس ڪري وطن موٽيو.

پنهنجي ذاتي شوق ۽ پيشي سان پيار هئڻ ڪري ڪراچي ۾ اسپتال مڊايسٽ سينٽر، ڪلفٽن روڊ تي نهرائي اٿس. جيڪا ايشيا کنڊ ۾ مثالي نوعيت جي آهي. پاڻ ان ۾ مالڪ ۽ منتظم اعليٰ جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي.

عبدالغفور سنڌي، ميمڻ

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ولد حاجي رحيم بخش ميمڻ پهرين سيپٽمبر 1939ع تي ميمڻ محلي لاڙڪاڻي ۾ اک کولي. پاڻ موجوده دور ۾

سنڌي ادب جي آسمان تي نهايت آب و تاب سان چمڪندڙ ستارن مان هڪ ستارو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي پرائمري کان وٺي بي اي (1963ع) تائين تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽيءَ ڄامشورو مان پاس ڪئي، هيءُ پهريون خوش نصيب آهي جنهن سنڌي ادب ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1975ع ۾ ايم فل جي سند ورتي. 1982ع ۾ ايل ايل بي جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيو. 1985ع ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري سنڌ يونويرسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. جنهن لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "اڻويهين صديءَ جا نثر نويس"

20 مئي 1957ع کان ميمڻ صاحب سرڪاري ملازمت ۾ گهڙيو، ساڍا سورهن سال پي.ڊبليو. ڊي ڪاتي ۾ رهيو، جتان ڊرافٽسمين جو عهدو ڇڏي 14 نومبر 1973ع تي تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو جتان 31 آگسٽ 1999ع تي ايسوسيئيٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

پروفيسر صاحب جو سنڌي زبان ۽ ادب سان شوق ننڍپڻ کان ئي رهيو. ويتر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جي صحبت سندس شوق کي اپاريو. هن 1956ع کان لکڻ شروع ڪيو ۽ اڄ تائين لکندو پيو اچي. سندس سوين مقالا هند ۽ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن، سٺر کان وڌيڪ نثري ڪتاب پڻ مختلف موضوعن تي سندس قلم جي نوڪ مان نروار ٿيا آهن، جن مان 31 ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. انهن مان ڪجهه ڪتاب درسي طور پڻ پڙهايا وڃن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي، انگريزي ۽ اردو زبانن جي خاص ڄاڻ رکي ٿو. سندس ڪجهه مضمون اردو، انگريزي، براهوئي ۽ گجراتي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. سندس نثر عمدو ۽ سلجهيل آهي. هن لطيف سائين ۽ سچل سرمست جي فڪر فلسفي ۽ فن کي به تمام اونهي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. کيس اهو اعزاز به حاصل آهي ته، هن سڀ کان پهرين سنڌي انسائيڪلو پيڊيا (مختصر) متعارف ڪرائي. سندس اکر موتين مثل وڻندڙ آهن. گذريل 45 سالن کان مسلسل روزانو ڏهه، ٻارهن ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ سندس معمول بڻيل آهي. سندس لکڻين کي سنڌ توڙي هند ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي. سندس ادبي پورهيي ۽ جاکوڙ کي ڏسندي حافظ محمد احسن چنا مرحوم کيس "قليچ ثاني" ڪري سڏيو آهي. هن نثر سان گڏ نظم جي به ڪيترين ئي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري گهڻو ڪري مذهبي رنگ ۾ رڱيل آهي. پاڻ ٻارهين ڪلاس جي نصابي ڪميٽيءَ جو ميمبر به آهي ته، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان ايم فل ۽ ڊي فل لاءِ نگران طور مقرر ٿيل آهي. وٽس معياري ڪتبخانو پڻ آهي.

ميمڻ صاحب جي طبيعت ۾ ڪابہ فوقيت ۽ وڏائي ڪونهي. پاڻ سادو سباجهڙو ۽ يار ويس انسان آهي، ادبي ڪيتر ۾ سندس شاگردن جو وڏو حلقو موجود آهي، جيڪي سندس علمي درياءَ مان سيراب ٿيندا رهن ٿا.

سندس چيپل ڪتابن مان هينيان اهم آهن:

ملانصير الدين جا لطيفا (1961ع)، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح (1969ع)، زراعت ۽ باغباني (ٽي ڀاڱا)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (1976)، هيرا لعل جواهر (1976ع)، پاڪستان جو اپياس (1977ع)، ماڊرن اسڪول ڊڪشنري (1977ع)، هيرن جو هار (1977ع)، شرح سر ڏهر (1978ع)، اسان جا اديب اسان جا شاعر (پنج حصا 1980ع کان 1983ع)، سنڌي انسائيڪلو پيڊيا (پنج جلد 1980ع کان 1983ع)، محمد رسول الله ﷺ (1980ع)، عظيم سنڌي انسان (1981ع)، غفور سنڌي گرامر(1981ع)، ادبي خزانو(1983ع)، سچا موتي(1987ع)، ادبي شخصيتون(1990ع)، سو سنڌي سپوت(1994ع) وغيره.

عبدالغفور، فقير

فقير عبدالغفور سن 1910ع ڌاري حيدرآباد شهر جي مهر شاهہ پاڙي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو ناميارو ٺيٺ سنڌي راڳي ٿي گذريو آهي.

فقير عبدالغفور جي طبيعت جو لاڙو اصل کان راڳ رنگ ڏانهن رهيو، ان ڪري هن مختصر تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پهريان پنهنجي ناني ۽ پوءِ استاد حاجي خان کان ڳائڻ جي تربيت حاصل ڪئي. پاڻ استاد منظور علي خان جي صحبت ۾ بہ رهيو، جنهن ڪيس راڳ ۾ وڌيڪ دلچسپي ورتائي.

فقير عبدالغفور سنڌ جي اهڙن فنڪارن مان هو، جن سنڌي ڪافي ۽ سنڌي سازن يڪتارو ۽ چپڙي وغيره کي سڄي دنيا ۾ روشناس ڪرايو. هن دنيا جي مختلف ملڪن جا دورا ڪري، اتي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو. پاڻ سنڌ جي مشهور صوفي شاعرن جون اڪثر ڪري اهڙيون ڪافيون ڳائيندو هو جن ۾ رب جي قدرت جي اسرارن جي واکاڻ، وحدت الوجود جي ويچار ۽ روحاني راز سمايل هوندا هئا. اهڙن ڪلامن ۾ "مالڪ توبهہ تو در" "گهومر چرخڙا سائيان دا" "سهڻي يار دي گهڙلي پردي هان"، وغيره اڄ بہ ٻڌندڙن جي ڪنن ۾ برن پيا.

ان کان سواءِ سندس آواز ۾ ڳايل مهان شاعر شيخ اياز جو هڪ گيت "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو سهندو ڪير ميار وو يار؟" ايڏو تہ مقبول ٿيو جو جيئن هر محفل، موسيقي جي آخر ۾ جمالو ڳائڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي، اهڙي طرح هيءُ گيت بہ محفل جي شروع يا وچ ۾ اڄ بہ حاضرين ٻڌڻ ۽ ڳائڻا ڳائڻ ضروري سمجهندا آهن. فقير صاحب اهو گيت جڏهن محفل ۾ پنهنجي

مخصوص انداز ۾ ڳائيندو هو ته، سڄي پنڊال جا ماڻهو اٿي جهومڻ لڳندا هئا.

فقير عبدالغفور ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي موسيقي جي شعبي سان اٽڪل 30 سال لاڳاپيل رهيو. سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪافيون ڪلام اڃا تائين ريڊيو تان ڪثرت سان نشر ٿيندا رهن ٿا. سندس ڳايل اهي رڪارڊ اسان جو تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي ورثو آهن.

فقير صاحب نهايت سريلو فنڪار هو، يڪتاري ملائڻ جو قابل هو. چپڙي (ڪڙتال) وڄائڻ جو انداز باقي يڪتاري پوڻ ڳائڻ کان بنهه نرالو هئس. سندس شخصيت پرڪشش ٿي. قد جو قداور، ڪارا شهپر، مٿي تي ڪڏهن گيڙو رتو ته ڪڏهن اجرڪ جو پٽڪو ۽ پنيان ورايل وڙي، وڏن پانچن واري ڪانچ، پيرن ۾ ڪارو کهڻ جو بوٽ سندس انفرادي شخصيت جي عڪاسي ڪندا هئا.

سندس فني خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪافي انعام اڪرام مليا. جن ۾ "شاهه لطيف ايوارڊ" ۽ "سچل سرمست ايوارڊ" 1982ع کان علاوه حڪومت پاڪستان طرفان ملڪ جو وڏو فني اعزاز "پرائيڊ آف پرفارمنس" 1969ع پڻ شامل آهي.

فقير عبدالغفور 28 جولاءِ 1986ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالغفور "مفتون" همايوني

مولانا عبدالغفور "مفتون" ولد مولانا محمد يعقوب پيچوهو 7 مارچ 1844ع تي ڳوٺ همايون تعلقي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ وڏو اهلِ دل بزرگ، عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مولانا عبدالغفور "مفتون" همايوني جو والد اصل ۾ بلوچستان جي شهر جهٽ پٽ جو رهاڪو هو، جيڪو پوءِ غازي خان سومري جي استدعا تي ڳوٺ همايون ۾ اچي، ديني مدرسو کولي رهڻ لڳو. مولانا عبدالغفور گهڻو علم ڪانئنس ئي حاصل ڪيو هو. سندس وفات کان پوءِ باقي علم مولوي سلطان محمد سيٽ پوري پنجابي وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو ۽ پوءِ ڳوٺ واري مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين.

مولانا عبدالغفور کي هر فن ۾ مهارت هئي، خاص ڪري علم فقه ۾ سندس نظير سنڌ، هند، بلوچستان، پنجاب ۽ خراسان ۾ به نه هو. هن فارسي نثر ۾ هزارين فتوائون لکيون، جيڪي "فتاويٰ همايوني" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهن. ڪيترائي ماڻهو وٽس دعا طلبيءَ لاءِ ايندا هئا. جن ۾ هر طبقي، مذهب ۽ قوم جا ماڻهو شامل هوندا هئا. هر وقت سندس دروازي تي مخلوق خدا جو ميڙ لڳو پيو هوندو هو. کيس طب ۾ به مهارت حاصل هئي. سنڌي ۾ ڇپيل ڪتاب "فرهنگ همايوني" (ٻن جلدن ۾) سندس لازوال طبي تصنيف آهي.

مولانا صاحب شعر ۾ به وڏي دسترس رکندو هو. سندس تخلص

"مفتون" هو. پاڻ سنڌي، فارسي، عربي، سرائڪي، هندي ۽ اردو جو بلندپايه شاعر هو. سندس غزلن ۽ ڪافين جو سنڌيءَ ۾ مجموعو "ديوان مفتون" جي نالي سان موجود آهي. پاڻ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو سچو عاشق هو. سندس سمورو ڪلام عشق رسول صلي الله عليه وسلم جي رنگ ۾ رڱيل آهي. سندس هڪ ڪافيءَ کي ته تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي ۽ ڪيترن ئي شاعرن ان جي تتبع ۾ ڪلام چيو. ان جا ٻول هن طرح آهن:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي مهمان هزارين مان نه رڳو

مولانا صاحب جو ڪافي ڪلام ۽ ڪجهه رسالا وغيره قلمي صورت ۾ آهن، جن کي ڇپائڻ جي اشد ضرورت آهي.

مولانا عبدالغفور "مفتون" همايوني 21 جون 1918ع تي وفات ڪئي. کيس ڳوٺ جي جامع مسجد لڳ دفنايو ويو. سندس نعتيه ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تنهنجي صورت گل گلاب چوان يا ملڪ سندو مهتاب چوان

تنهنجي منهن مٺي کي ماه چوان يا حسن سندو بادشاهه چوان

يا مظهر نورِ الاه چوان يا مسجد جو محراب چوان.

عبدالغني "منصور" سيال

علامه عبدالغني ولد ميان محمد بخش سيال سن 1917ع ۾ ڳوٺ لڪ سيال لڳ سجاول تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پاڪستان ۾ ويهين صدي عيسويءَ جو عربي زبان جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو.

مولانا عبدالغني قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. سنڌي فائنل جو امتحان ڳوٺ عرضي پٺي جي اسڪول مان پاس ڪيو، ۽ پوءِ کيس ديني ۽ عربي علم پڙهڻ جو شوق جاڳيو، جنهن لاءِ ميرو خان ۾ مولانا خوش محمد ۽ ساندي قبي ۾ مولانا عبدالعزيز رٽ تعليم پرائڻ بعد مدرسي دارالهديٰ ٺيڙهي ۾ داخل ٿيو، جتان 1941ع ۾ دستار فضيلت جي پڳ ٻڌي فارغ التحصيل ٿيو ۽ پوءِ سجاول ۾ مدرسو "احياء العلوم" قائم ڪيائين. جتي 1956ع تائين دين جي اشاعت ۽ تبليغ جو ڪم ڪندو رهيو. 1957ع ڌاري پنهنجو آبائي ڳوٺ ڇڏي سانگهڙ ضلعي جي شهر شاهپور چاڪر ۾ اچي رهيو جتي مدرسي "قاسم العلوم" ۾ پنڌ لڳاتار ٽيهه ورهيه عربي ادب ۽ علم جي تعليم ۽ تربيت سان گڏوگڏ قرآن جي تدريس ۽ رشد وهدايت جي تبليغ ڪندو رهيو. سندس شاگردن جو وڏو تعداد ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر موجود آهي.

مولانا صاحب سڄي پاڪستان ۾ ويهين صدي جو سڀ کان وڏو عربي

شاعر شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس شروعاتي شاعراڻو تخلص "مهجور" هو، جيڪو بعد ۾ دوستن احبابن جي اصرار تي تبديل ڪري . "منصور" اختيار ڪيائين. سندس عربيءَ ۾ ڪيل شاعري جو علمي ۽ ادبي معيار ۽ مقام بيحد بلند ۽ بالا آهي. سندس عربي شاعريءَ جي عبارت ۾ فصاحت، بلاغت، سلاست ۽ جدت جو عنصر نمايان آهي. سندس عربي شاعريءَ جو مجموعو "علامہ عبدالغني سنڌي وشعره عربي" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. جنهن جي تقريظ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ تقديم مولانا غلام مصطفيٰ دادوي لکي آهي.

سنڌ جو هيءُ بهترين مقرر، ماهر استاد، يگانو عالم، عربي علم وادب جو روشن آفتاب ۽ شعرو سخن جو شهسوار پهرين جون 1987ع تي وفات ڪري ويو.

هيٺ سندس هڪ سنڌي شعر ڏجي ٿو:

نہ ٿي مغرور دنيا تي متي تنهنجو مڪان آهي
ذري ڏس ڏيان ڪو دل ۾ فنا سارو جهان آهي
نہ ٿي "عبدالغني" بلبل انهيءَ بستان جو بلڪل
نہ رهندو هت ڪو هڪڙو گل لڳي بيني خزان آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

عبدالقادر ولد مريد حسين جوڻيجو 13 سيپٽمبر 1945ع تي ڳوٺ جنهاڻ تعلقي مٺي ضلعي ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ اديب آهي.عبدالقادر جوڻيجي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي (سوشيالاجي) جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. پاڻ 1962ع ۾ پرائمري ٽيچر ۽ 1971ع ۾ سيڪنڊري ٽيچر مقرر ٿيو. 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ نوڪري مليس. جتي مختلف عهدن تي رهندي1996ع کان انسٽيٽيوٽ جي ائڊيشنل ڊائريڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي.

جوڻيجو صاحب تمام وڏو ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس آهي، سندس پهرين ڪهاڻي مشهور رسالي روح رهاڻ ۾ "مٺ مٺ سورن" جي عنوان سان 1964ع ۾ ڇپي. ڊرامي جي حوالي سان سندس نالو ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي. پاڻ هيل تائين ٽيهہ کن ريڊيو ناٽڪ ۽ ويهہ کن ٽيلي ناٽڪ لکي چڪو آهي. سندس لکيل ٽي وي ڊرامو "راڻي جي ڪهاڻي" اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمو ٿي بالترتيب ڪراچي ٽيليويزن ۽ بي بي سي ٽيليويزن جي چينل نمبر 4 تان ٽيليڪاسٽ ٿي چڪو آهي ۽ چيني زبان ۾ پڻ ترجمو ٿيو آهي. هڪ ٻيو ناٽڪ "خانصاحب" بہ اردو ۾ ترجمو ٿي ٽيليڪاسٽ ٿي چڪو آهي. پاڻ ڪجهہ ناٽڪ سڌو اردو زبان

۾ به لکي چڪو آهي. "ڇوٽي سي دنيا" "ديوارين" ۽ "سيڙهيان" سندس لکيل مشهور سيريل آهن. جن ۾ هن اردو ڊرامي نگاريءَ کي هڪ نئون ٽرينڊ ڏنو. پاڪستان ٽيليويزن جي جن ڊراما ليکڪن پي ٽي وي ڊرامي جي حيثيت دنيا ۾ مڃرائي، انهن ۾ عبدلقادر جوڻيجي جو نالو نمايان طور شامل آهي.

سنڌي توڙي اردو ڊرامن جو ممتاز ليکڪ عبدالقادر هڪ بهترين ڪهاڻيڪار پڻ آهي. پاڻ ڪهاڻين ۾ شاعراڻو نثر استعمال ڪندو آهي. ڪيس لکڻ جي وڏي ڏات ۽ ڏانءُ مالڪ طرفان عطا ٿيل آهن. سندس ڪجھ افسانا اردو، هندي، گجراتي، پنجابي ۽ چيني زبانن ۾ پڻ ترجمو ٿي چڪا آهن

جوڻيجو صاحب ليکڪ جي حيثيت سان چين سرڪار جي دعوت تي چين به گهمي آيو آهي. 1988ع ۾ ڪيس بهترين ڊرامانگار تسليم ڪندي پاڪستان سرڪار طرفان صداتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" سان نوازيو ويو. تنهن ڪان سواءِ ڪيس سلور جوبلي ايوارڊ پي ٽي وي 1988ع، پي ٽي وي ايوارڊ (1983ع، 1985ع ۽ 1998ع)، نگارايوارڊ 1983ع ،سگا ايوارڊ 1983ع ۽ ٻيا ايوارڊ پڻ مليل آهن.

عبدالقادر جوڻيجي صاحب جا هيٺيان ڏھ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

واٽون راتيون ۽ رول (ڪهاڻيون)، ويندڙ وهي لهندڙ سج (ڪهاڻيون)، سونو روپو سج (ڪهاڻيون)، ڏک سک (ڪهاڻيون)، شڪليون (خاڪا)، وڏا اديب وڏيون ڳالهيون (ترجمو)، ايوريسٽ تي چڙهائي (ترجمو)، چو چا ۽ ڪيئن؟ (ترجمو)، ٻن اديبن جا خط، ڪرسي (مضمون) ۽ وڌيڪ 6 عدد ڪتاب اشاعت هيٺ آهن.

عبدالقادر ڪوکر، ڪامريڊ

ڪامريڊ عبدالقادر ولد ميوا خان ڪوکر سن 1908ع ۾ ڳوٺ ڏامراهن تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور هاري اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

ڪامريڊ عبدالقادر ڪوکر جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو، پرائمري تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين ۽ پوءِ رئيس جان محمد جوڻيجي جي خرچ تي سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ مئٽرڪ تائين پڙهيو ۽ 1925ع ۾ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ ٽيلي ڪلارڪ مقرر ٿيو.

ڪامريڊ عبدالقادر ڪوکر جيئن ته هڪ هاريءَ جو پٽ هو، ان ڪري هن هاري طبقي سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍاين کي تمام ويجهي کان ڏٺو هو، هن محسوس ڪيو ته هن وڏي مظلوم قوم هاري جي ڪابه قيادت ڪونهي، ڪوبه ليڊر، اڳواڻ يا يونين وغيره ڪونهي، ان ڪري هن مرد مجاهد اڳتي وڌي ڪين سهارو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي سڄي زندگي هاري طبقي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

1930ع ۾ ميرپور خاص ۾ پهرين "سنڌ هاري ڪانفرنس" سڏائي وئي،

جنهن ۾ ”سنڌ هاري ڪميٽي“ جو وجود عمل ۾ آيو. ان ڪانفرنس منعقد ڪرائڻ لاءِ ڪامريڊ ڪوڪر ڀرپورڪردار ادا ڪيو هو. 1940ع ۾ کيس ”سنڌ هاري ڪميٽي“ جو صدر مقرر ڪيو ويو. 1945ع ۾ جڏهن ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سنڌ هاري ڪميٽي ۾ شموليت ڪئي ته، پوءِ ڪامريڊ جتوئي ۽ ڪامريڊ ڪوڪر گڏجي سنڌ ۾ هاري جدوجهد کي مقبول ڪيو. ٻنهي جي گڏجڻ سان هاري ڪميٽي هڪ طاقت ٿي اڀري.

عبدالقادر ڪوکر سنڌ جو اهو انقلابي اڳواڻ هو، جنهن وٽ نه زرنه زمين هميشه مالڪ تي توڪل، ڪڏهن ماني کائڻ لاءِ پيسو ڪونه، نه ڪڏهن ريل جو ڪرايو ڪٽل، پر ان جي باوجود هن پنهنجي عقل، عمل، هوش ۽ فهم سان وڏن وڏن جاگيردارن جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون. هن مسڪين هاريءَ ۾ همت، حوصلو، جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو. هن هارين جا ڪيس ڳايا ۽ سرڪار تائين سندن آواز پهچايو. ان لاءِ کيس ڪيترين ئي تڪليفن جو منهن ڏسڻو پيو، جن ۾ سندس نوڪريءَ جو ختم ٿيڻ به شامل هو، پر هن هر مشڪل جو مڙس ٿي مقابلو ڪيو.

1953ع ۾ پير علي محمد شاهه راشدي سنڌ جو ريوينيو وزير ٿيو ته، ڪامريڊ ڪوکهر هارين مٿان ٿيندڙ ظلمن جي داتهن کئي وٽس ويو ۽ کيس ان تي آماده ڪيو ته هو خود هلي ان جو جائزو وٺي. ان وقت سنڌ ۾ وڏيون جاگيرون نورائي، ترائي ڪاڪ وغيره ضلعي حيدرآباد ۽ ميرپور خاص ۾ هيون، جتي جاگيردار هارين سان ڏاڍا ظلم ڪندا هئا. هارين جي پنهنجي ڪابه زندگي ڪونه هئي، هو خانگي جيلن ۾ رهندا هئا.

ڪامريڊ ڪوکر جي معصوم جذبي کان متاثر ٿي، راشدي صاحب روينيو وزير جي حيثيت سان ويهن مٿائي پورا به مهينا مختلف جاگيرن جو تفصيلي دورو ڪري، اهي دل ڇرڪائيندڙ نظارا پنهنجي اکين سان ڏٺا، جن جو ذڪر ڪامريڊ ڪوکر کان ٻڌو هئائين . آخر ڪامريڊ ڪوکر جي پروگرام مطابق سنڌ سرڪار وفاقي حڪومت کي سنڌ مان جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جي سفارش ڪئي. 1958ع ۾ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ جڏهن صدر ايوب خان اها رپورٽ پڙهي ته، هن هڪدم زرعي اصلاحات نافذ ڪري سنڌ مان جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. جنهن جو ڪريڊٽ سڌو سنئون ڪامريڊ عبدالقادر ڪوکر جي قيادت کي ئي سونهي ٿو.

سنڌ جي هن عظيم هاري اڳواڻ جي سڄي عمر مفلسي ۾ گذري، آخري ڏينهن ۾ تمام گهڻو ڪمزور، بيمار ۽ بي يارو مددگار رهيو. آخر 21 جنوري 1965ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو. کيس ڪراچي جي ميوا شاهه قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو.

عبدالڪريم بلوچ

عبدالڪريم ولد الله بچايو خان رند بلوچ 5 جنوري 1939ع تي ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن جي پرسان ڳوٺ محمد يوسف بلوچ ۾ ڄائو. پاڻ ريڊيو ۽ ٽي وي جي دنيا جي معروف شخصيت آهي.

عبدالڪريم بلوچ جي والد صاحب کي فن سپاهه گيري سان وڏي دلچسپي هئي. هن پهرين عالمي جنگ ۾ حصو ورتو ۽ بغداد مان ڪرد قبيلي جي هڪ عورت سان شادي ڪيائين.

عبدالڪريم بلوچ پرائمري کان وٺي مئٽرڪ تائين تعليم ڪوٽڙي ۾ حاصل ڪئي، انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ۽ بي اي ۽ ايم اي جا امتحان وڏي اعزاز سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.

بلوچ صاحب کي علم و ادب ۽ فن جي دنيا سان شروع کان ئي دلچسپي هئي، جنهن ڪري پاڻ شاگرديءَ واري زماني کان ئي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان منسلڪ ٿي ويو. بعد ۾ سن 1965ع ۾ کيس پروڊيوسر بنايو ويو. هن ريڊيو پاڪستان جي پروڊيوسر جي حيثيت سان فن جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. هن ڪيترائي نوان ۽ دلچسپ پروگرام شروع ڪيا، ڪيترائي نوان فنڪار متعارف ڪرايا، جيڪي پوءِ ڏيهه پرڏيهه مشهور ٿيا، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مقبول پروگرام ڪچهري ۾ سنڌس ادا ڪيل "گهنور خان" جو ڪردار اڄ تائين ٻڌندڙن جي دلين تي نقش آهي. 1967ع ۾ بلوچ صاحب ٽيليويزن پروڊيوسر بڻيو. ريڊيو وانگر هن ٽيليويزن ۾ به اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. سنڌس خدا داد صلاحيتن کي ڏسندي، 1974ع ۾ کيس ترقي ڏئي جنرل مئنيجر پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪوئيٽا مقرر ڪيو ويو، ان کان پوءِ پاڻ پشاور، اسلام آباد سينٽرن تي رهيو ۽ آخر ۾ جنرل مئنيجر ڪراچي سينٽر تان رٽائر ڪيائين.

عبدالڪريم بلوچ جون فني خدمتون هميشه ياد رهنديون. هن ڪيترن ئي شخصيتن کي همتائي ٽيليويزن تي آندو. پاڻ ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪري چڪو آهي، جن ۾ آمريڪا، انگلينڊ، ٿائيلينڊ ۽ ملائيشيا وغيره شامل آهن. پاڻ صوم وصلوات جو پابند، نهايت حليم طبيعت رکندڙ فياض ۽ سخي انسان آهي.

عبدالڪريم پير وارو، مولانا

مولانا عبدالڪريم ولد مولانا محمد عالم قريشي 22 سيپٽمبر 1922ع تي ڳوٺ پير تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قادري طريقي جو بزرگ، برک عالم ۽ صاحب طريقت ٿي گذريو آهي.

مولانا عبدالڪريم جيڪو پنهنجي ڳوٺ جي نالي جي نسبت سان "مولانا پير وارو" جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي. تنهن صاحب شروعاتي

تعليم ڳوٺ ۾ پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ مولانا قمر الدين "هنيءَ وارو" مولانا محمد ايوب، مولانا جان محمد مڪسي، مولانا شاهه محمد هڪڙو ۽ مولانا عبدالله چانڊيو وٽ فارسي ۽ عربيءَ جا ڪتاب پڙهيا. آخر ۾ سنڌ جي جيد عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ 1944ع کان 1947ع تائين پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا پير واري تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو. پهريان پاڻ پنهنجي استاد علامه قاسمي صاحب سان گڏ مدرسي مظهر العلوم کڏو ڪراچي ۾ ٽن سالن تائين پڙهائيندو رهيو. 1951ع ۾ اتان چڏي ڪنڊياري شهر (ضلعي نوشهروفيروز) ۾ مولوي عبداللطيف جي مدرسي "جامعه انوار العلوم" ۾ 1958ع تائين درس تدريس ڪيائين ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ پير ۾ اچي "سراج العلوم" نالي درسگاهه قائم ڪائين، جنهن ۾ آخر تائين پڙهائيندو رهيو.

مولانا صاحب درس تدريس سان گڏ ڪيترائي ڪتاب تصنيف تاليف ڪيا ۽ گڏوگڏ روحانيت جي ميدان ۾ پڻ سالڪن جي تربيت ۽ اصلاح جو ڪم ڪيو. سندس محبت ذريعي هزارين ماڻهن جي اصلاح ٿي. سندس مريدن ۾ هر طبقي جا فرد شامل هئا. جهڙوڪ ڊاڪٽر، انجنيئر، عالم، پروفيسر، شاگرد ۽ عام ماڻهو.

سندس تحرير ۽ تقرير جو انداز مدلل ۽ فلسفياڻو هوندو هو، الله تعاليٰ کيس غير معمولي صلاحيتن سان نوازيو هو. سندس طبيعت ۾ نهٺائي، سادگي، بردباري، حلم ۽ نئڙت ڪمال درجي جي هئي. سندس مجلس ۾ خاص ۽ عام جو ڪو فرق نه هوندو هو. رشد وهدايت جو سلسلو سڄو ڏينهن جاري رهندو هو. سندس گفتگو ۾ واهه جي شيريني ۽ ميناج هوندو هو.

مولانا پير وارو هڪ مذهبي ۽ سياسي جماعت "جمعيت علماءِ اسلام" جو مرڪزي نائب امير ٿي رهيو ۽ ان جي پليٽ فارم تان 1970ع وارين چونڊن ۾ حصو به ورتائين. پاڻ سنڌ ۾ "تحريڪ ختم نبوت" جو سرگرم رڪن ۽ روح روان هو.

تصنيف تاليف جي سلسلي ۾ مولانا پير واري جو اهم ڪارنامو قرآن پاڪ جو سنڌي ۾ ڪيل ترجمو آهي، اهو ترجمو هن ڏهن ٻارهن سالن جي محنت سان ڪيو، هن ترجمي ۾ بزرگ اها ڪوشش ڪئي آهي ته، قرآن مجيد جي لفظن جي معنيٰ سولي سنڌيءَ ۾ هجي، عربي ۽ فارسيءَ جا اهي لفظ جيڪي اڪثر اسان وٽ سنڌيءَ ۾ به مروج آهن، ترجمي ۾ اهڙن لفظن بدران نيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. هن ترجمي جو نئون ايڊيشن تازو ڇپيو آهي. ان کان علاوه مولانا صاحب هيٺيان ڪتاب لکيا.

فضائل النبي صلي الله عليه وسلم ترجمو شمائل الترمذي، تفسير

سورت الفاتحة، المساجدلله، انسان جي عظمت، اسلامي نظام جي دعوت، فضائل الصحابہ، ۽ اسلامي اخلاق.

ان کان لاوه سندس ڪجهہ فتوائون بہ ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيون. مثال طور "التنوير لتحليق اللحية والتصوير" (عربي) هي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ فوٽو ڪڍرائڻ جي رد ۾ آهي. پيو لبيا ۾ هڪ فلم "محمد رسول الله" [1] جي نالي سان ٺهي. جڏهن مولانا صاحب کي ان جي خبر پئي تہ، ان جي خلاف هڪ فتويٰ مرتب ڪري سيني مسلمانن ملڪن ڏانهن موڪليائين جيڪا 1978ع ۾ سوڊان جي مذهبي معاملن واري وزارت جي رسالي "البيان" ۾ شايع ٿي، جنهن کان پوءِ لبيا جي حڪومت ان فلم تي بندش وجهي ڇڏي.

مولانا عبدالڪريم پير وارو 4 جنوري 1999ع تي رات جو انين وڳي هن فاني جهان کي ڇڏي دارالبقاء جو راهي ٿيو.

عبدالڪريم چشتي، مولانا

مولانا عبدالڪريم چشتي ولد آخوند عبدالله سن 1898ع ۾ شهر شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ وڏو عالم، فاضل، مقرر، نثر نويس، حڪيم، قومي اڳواڻ ۽ صحافي هو.

مولانا عبدالڪريم چشتي سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مختلف استادن کان حاصل ڪئي. آخر ۾ مولانا عبدالرحمان ميمڻ صدر معلم "وڪٽوريہ عربي اسڪول" وٽ فقہ، اصول، حديث، تفسير ۽ منطق پڙهي تحصيل ڪيائين. ان تعليم سان گڏ هن طب جو علم بہ حاصل ڪري ورتو. بعد ۾ هن پنهنجو دواخانو کوليو.

ويهين صدي عيسوي جي پهرين اڌ ۾ هن بزرگ هر انهيءَ تحريڪ ۾ حصو ورتو، جنهن جو مقصد آزادي، شعائر اسلام جي حفاظت ۽ انساني قدرن جي بحالي هو. 1917ع ۾ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ جي "انڊين هوم رول ليگ" ۾ شامل ٿيو. 1918ع ۾ ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو. ساڳئي وقت "انجمن مجاهدين اسلام" برپا ڪيائين. 1919ع ۾ خلافت ڪميٽي جو ميمبر ۽ 1920ع ۾ مسلم ليگ جو ميمبر ٿيو. "قطع تعلقات" جي هلچل ۾ ٽي پيرا جيل ويو. 1921ع ۾ "مدرسہ محموديہ" قائم ڪيائين، جنهن کي ڇهہ سال هلايائين. 1924ع ۾ مولانا صاحب شڪارپور ۾ "انجمن اشاعت اسلام" جو بنياد وڌو ۽ آخر تائين سرجوشيءَ سان انجمن جي خداڪارڻ خدمت ڪندو رهيو. پاڻ ڪيترو وقت سڄي سنڌ ۾ هندو-مسلم اتحاد جو پرچار ڪندو رهيو. وطن

---

(1) فلم "محمد رسول الله" جو پيو نالو "پيغام" هو. ان فلم جو مصنف الحاج عبدالحميد الحار هو، هيءَ فلم ستر ڪروڙ روپين جي لاڳت سان تيار ٿي، جنهن جو افتتاح لبيا جي ڪرنل معمر قذافي 17 آڪٽوبر 1976ع تي ڪيو هو.

سان بيحد محبت هئس، هن تبليغ ۽ تنظيم ۾ ڏاڍو ڪم ڪيو. ان سلسلي ۾ هن زبان ۽ قلم سان جيڪو جهاد ڪيو اهو هميشه ياد رهندو.

مولوي صاحب 1926ع ۾ پهريون ڀيرو حج تي ويو ته، "سنڌ خلافت ڪميٽي" جي وفد اتي رهڻ واري وقت ۾ "خدام الحجاج" جو ڪيس پريزيڊنٽ مقرر ڪيو. هن وينديءَ ايندي ۽ حجاز ۾ ڪل 396 بيمار ماڻهن جي مفت دوا ڪئي، ۽ مديني پاڪ ۾ خلافت طرفان تقريباً ويهه هزار روپيه تقسيم ڪيا. عرب جي بادشاهه، گورنرن ۽ اتان جي عالمن ۽ معززن مولانا صاحب جي ڏاڍي مرحبا ڪئي ۽ دعوتون ڪيون.

مولانا چشتي صاحب آگسٽ 1927ع ۾ جيڪب آباد مان "صداقت" اخبار جاري ڪئي، جا پنجن مهينن ڪان پوءِ مسٽر تانوريءَ جي حوالي ڪيائين. ان بعد 1929ع ۾ شڪارپور مان "پيغام" اخبار جاري ڪيائين. ان ڪان سواءِ پاڻ ڪيترن اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. جهڙوڪ "جمهور" هفتيوار شڪارپور، "الوحيد" روزانه ڪراچي، آزاد" روزانه ڪراچي، "قرباني" روزانه ڪراچي، "مجاهد" روزانه ڪراچي ۽ "پاڪستان" هفتيوار لاڙڪاڻو.

مولانا صاحب "سنڌ مسلم ائسوسيئيشن" جو ميمبر، "سنڌ خلافت ڪميٽي" (ڪراچي) جو نائب صدر، "جمعيت العلماء سنڌ" ڪراچي جو نائب ناظم، "آزاد قومي پارٽي" جو نائب ناظم پڻ ٿي رهيو.

مولانا عبدالڪريم چشتي ڪل پنجونجاهه عمدن ڪتابن جو مصنف آهي. جن مان 48 ڪتاب سنڌي ۾ ۽ 7 فارسي ۾ لکيل آهن. آهي سڀ ڪتاب ڇپجي مقبول عام ٿي چڪا آهن. ڪي ڪتاب ته ٻه ٻه چار چار ڀيرا ڇپجي چڪا آهن. مولانا صاحب جهڙيءَ طرح مضمون نگاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئو، اهڙي طرح وعظ توڙي تقرير ۾ به لاثاني هو. اجمير، ملتان، خانپور، لاهور، دهلي، لکنو وغيره ۾ سندس تقريرون ڏاڍيون پسند ڪيون وينديون هيون.

9 نومبر 1950ع تي حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل ٻارهين "سنڌي ادبي ڪانفرنس" ۾ ڪيس "سحبان السنڌ" جي خطاب سان نوازيو ويو. ان ڪان علاوه ڪيس "جي پي" جو خطاب به مليل هو، پاڻ ٽي سال شڪارپور ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ چار مهينا پريزيڊنٽ ٿي رهيو، سنڌ جي مشهور ديني درسگاهه "دارالهديٰ" ٺيڙهي جو نائب صدر پڻ ٿي رهيو.

مولانا صاحب جي ڇپيل سنڌي ڪتابن مان ڪجهه نالا هن ريت آهن.

هدايات محمدي، انوار محمدي، حبيب خدا، تلوار حق، حجت حقاني، شهيد ڪربلا، قضيه ڪربلا، محبوب سبحاني، بيان المعراج، علامات قيامت، پيغام محبت، جواب لاجواب، هدايت المسلمين، ميلادنبي، معجزات محمدي وغيره. مولانا عبدالڪريم چشتي 31 مارچ 1964ع تي شڪارپور ۾ وفات ڪري ويو.

عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر عبدالڪريم ولد سهراب خان سنديلو 31 ڊسمبر 1919ع تي ڳوٺ محراب، خان سنديلو تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ۽ پوءِ لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو هو. پاڻ مشهور اديب، خاص طور تي لوڪ ادب جو پارکو ۽ لسانيات جو ماهر ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي بي اي ۽ ايم اي (سنڌي) جون ڊگريون وٺي "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" جي عنوان تي تحقيقي مقالو لکي سال 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. اهو مقالو 1986ع ۾ سنڌالاجيءَ شايع ڪيو.

ملازمت جي سلسلي ۾ پاڻ شروعات ۾ ڪمپائونڊر ٿيو، پوءِ پرائمري استاد جي حيثيت سان تعليم کاتي ۾ داخل ٿيو ۽ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو، انگريزي ماستر مان ليڪچرار ۽ آخر پرنسيپال جي عهدي تائين پهتو جتان 5 اپريل 1979ع تي رٽائر ڪيائين.

ڊاڪٽر صاحب کي لکڻ پڙهڻ جو شوق شروع کان ئي هو. پاڻ ڪجهه اخبارن ۽ رسالن لاءِ مضمون به لکيائين، ته ڪيترائي معياري ڪتاب به لکيائين. خاص ڪري لوڪ ادب، لغت ۽ لسانيات تي سندس ٿيل ڪم سنڌي ادب ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو.

لوڪ ادب ۾ سندس استاد لاهوري محلي لاڙڪاڻي جو رهاڪو هڪ سگهڙ جلال ڪٽي هو، جنهن جي صحبت ۾ رهي ڪانئس ڳجهارت جو ڳن سکيو ۽ لوڪ ادب قلمبند ڪرڻ شروع ڪيائين.

سنديلي صاحب جي ڪيل ادبي خدمتن کي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ نهايت قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڪيس سندس حياتي ۾ ئي وڏي مڃتا ملي، کيس لاتعداد ايوارڊ، گولڊ ميڊل ۽ پيا انعام مليا، جن ۾ پاڪستان سرڪار طرفان 1984ع ۾ مليل "تمغہ امتياز" به شامل آهي. ان کان سواءِ علمي ۽ ادبي صلاحيتن ۽ لياقتن سبب ان وقت جي حڪومت طرفان کيس مجلس شوريٰ جو ميمبر به مقرر ڪيو ويو هو. پاڻ ڪيترن ئي درسي ڪميٽين جو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ٿي رهيو. هن 1965ع ۾ سندس پٽ اسلم سنديلي جي نالي پويان لاڙڪاڻي ۾ "اسلم پبليڪيشن" قائم ڪري ڪجهه ڪتاب ڇپرايا. هن پاڻ به ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ مرتب ڪيا جن مان ڪجهه هن ريت آهن.

علم بديع (لسانيات- 1951ع)، سنڌ جو سينگار (لوڪ ادب- 1956ع)، تحقيق اللغات سنڌي (لسانيات- 1955ع)، وينجهار (لوڪ ادب- 1950ع)، رهبر ديوان گل (شاعري-1957ع)، پهاڪن جي پاڙ (لسانيات-1966ع)، ڏهس نامو (لوڪ ادب- 1969ع)، ڪليات حسين ديدڙ

(شاعري-1971ع)، ڪليات شاهه محمد ديدڙ (شاعري)، انگي اصول (علم رياضي)، ابتدائي سائنس-ابتدائي اصول، ساميءَ سنڌيون سپون (1975ع)، سامي ڏاتو ڪوش، سچل لغات (1984ع)، اصلاحن جي اصليت (1974ع)، لاڙڪاڻي جي ادبي تاريخ (مونوگراف) وغيره.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو 2 جنوري 1990ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالڪريم عرف ڪهاڙو، مولانا

مولانا عبدالڪريم المعروف "مولانا ڪهاڙو" ولد ملاپاندي خان ڪورائي سن 1865ع ۾ جيڪب آباد شهر ۾ ڄائو. پاڻ بلندپايه عالم، خطيب ۽ تحريڪ آزادي جو ڪارڪن هو.

مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو سنڌي، فارسي، عربي ۽ ڪجهه انگريزي جي تعليم جيڪب آباد شهر ۾ حاصل ڪئي. هن سڄي عمر مختلف ماڳن تي درس وتدريس ڏيندي گذاري.

مولانا ڪهاڙي جو روحاني رهبر مولانا تاج محمود امروٽي هو. پاڻ پنهنجي مرشد سان گڏ هر تحريڪ ۾ شامل رهيو. واهن ۾ آيل مسجدن جي بچاءَ واري تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ دوران سنڌ ۽ بلوچستان ۾ پرپور تقريرون ڪيائين. هو پنهنجي تقريرن ۾ حق جو ڪلمو ۽ خدا جل جلاله جي احڪامن کي کولي صاف صاف بيان ڪندو هو. طاقتور ماڻهن کي به حق سچ جي ڳالهه بغير ڪنهن ڏڪ جي چٽي ڏيندو هو. حتيٰ ڪه پنهنجي مرشد مولانا امروٽي کي پڻ حق چٽي ڏيندو هو، هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو ڪانئس ناس جو مسئلو پڇيو ته، نڪ يا وات ۾ ڏيڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ مولانا ڪهاڙي جواب ڏنو ته ڪرپڻي جهڙي نڪ ۾ تهڙي وات ۾، توڻي جو منهنجو مرشد هجي، ان محفل ۾ مولانا امروٽي پڻ موجود هو، جيڪو نڪ ۾ ناس ڏيندو هو، مولانا ڪهاڙي جو اهو جواب ٻڌي مولانا امروٽي چيو ته، پٽ خدا جي رحمت هجي توتي، تو حق جو ڪلمو چيو آهي، انهيءَ ڪري اڄ کان تنهنجو نالو "ڪهاڙو" آهي. ان کان پوءِ سندس نالو ڪهاڙو پئجي ويو.

مولانا ڪهاڙو پنهنجي وعظ ۽ تبليغ سان هزارين ماڻهن کي تصوف جي سلسلي ۾ منسلڪ ڪندو رهيو، هر جلسي ۾ سوين ماڻهو سندس بيعت ڪندا هئا. وٽس 25 - 30 فقير هر وقت رهندا هئا. ڪيس شعرو شاعري سان به لڳاءُ رهيو ۽ ڪجهه ڪتاب پڻ لکيائين، جن ۾ معراج المومنين، گلشن ڪهاڙو (شاعري)، ديوان عبدالڪريم ڪهاڙو، اعمال قرآني جو سنڌي ترجمو، زليخا ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو، قرآن پاڪ جي ٻن پارن جو اردو ۾ ترجمو ۽ ٽن پارن جو سنڌي ترجمو شامل آهن. سندس هٿ جو لکيل قرآن پاڪ جو هڪ قلمي نسخو پڻ موجود آهي.

مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو سن 1939ع ۾ وصال ڪري ويو.

عبدالڪريم "ڪريم" پلي

عبدالڪريم "ڪريم" ولد خانصاحب عطا محمد پلي 21 آگسٽ 1940ع تي ڳوٺ عطا محمد پلي تعلقي عمر ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو باڪمال شاعر ٿي گذريو آهي.

عبدالڪريم پلي جدا جدا مرحلن ۾ سنڌي ۾ اديب فاضل ۽ انگريزي ۾ بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي. سندس ڌنڌو زميينداري هو. سندس والد پنهنجي دور جو مشهور ماڻهو هو ۽ پاڻ به پنهنجي علائقي جو معروف سياستدان هو ۽ پنهنجي تڪ مان هميشه اڪثريت سان چونڊ کٽندو هو.

پلي صاحب شاعري جي ميدان ۾ پنهنجي پرسوز ۽ پياري انداز بيان جي ڪري وڏو مقام حاصل ڪيو. سندس فن ۾ جديد ۽ قديم فن جو امتزاج آهي. ڪيس غزل، بيت، ڪافي ۽ وائيءَ تي استادانه دسترس حاصل هو. هجر ۽ وصال جو مضمون سندس پسنديده مضمون رهيو، سندس ڪلام جو وڏو حصو ننڍين بحرن ۾ آهي، ان ڪري انجا ننڍا فقرا نهايت چست ۽ دل ۾ جاءِ ڪرڻ وارا آهن. سندس ڪلام 1955ع کان پوءِ باقاعدگيءَ سان مهراڻ، نئين زندگي، پيغام ۽ ٻين رسالن توڙي اخبارن ۾ ڪثرت سان شايع ٿيڻ لڳو. سندس ڪلام اڄ تائين ڪيئي ڳائڻا محفلن ۾ ڳائين ٿا ۽ ريڊيو تان به نشر ٿيندو رهي ٿو. ڪيس راڳ سان به دلچسپي هوندي هئي ۽ موسيقي ۾ سٺي ڄاڻ رکندڙ هو.

عبدالڪريم پلي وڏي جاکوڙ ڪري هڪ ڪتاب "وڻجارن وايون" نالي ترتيب ڏنو، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور شاعرن جي ڪلام سان گڏ سندن زندگيءَ جو مختصر احوال پڻ شامل ڪيائين. اهو ڪتاب سن 1961ع ۾ "اداره نواءِ ادب" ڳوٺ عطا محمد پلي طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. جڏهن ته ان اداري جو بنياد پڻ سندس ئي ڪوشش سان 14 مئي 1961ع تي رکي ويو هو.

هيءُ قادر الڪلام شاعر 4 نومبر 1991ع تي رات جو ٻين وڳي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس سندس اباڻي قبرستان ڪيجراڙي ۾ دفن ڪيو ويو. سندس هڪ غزل جون سٽون نموني طور ڏجن ٿيون:

هجر ۾ ايڏو زار زار نه رو، روئي ڍؤ ڪر ۽ بار بار نه رو
چند گهڙين جو کيل هو ۽ ويو، کهڙي الفت ۽ کهڙو پيار نه رو
ارزو وصال جانان تان، جان سو مرتبا نثار نه رو
موت کان اڳ "ڪريم" دنيا ۾، ناهه ملنو ڪڏهن قرار نه رو.

عبدالڪريم "گدائي"

عبدالڪريم "گدائي" ولد بجار خان لاشاري بلوچ پهرين جنوري 1901ع تي ڳوٺ ڪريم آباد تعلقي نل ضلعي جيڪب آباد ۾ پيد اٿيو. ويهين صدي جي

پهرين ڏينهن تي پيدا ٿيندڙ هي شخص هڪ قادر الڪلام، ڪهنه مشق ۽ انقلابي شاعر ٿي گذريو آهي.

عبدالڪريم "گدائي" ابتدائي تعليم نل ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ جيڪب آباد ۽ سکر ۾ مشترڪ تائين تعليم حاصل ڪري، 1918ع ۾ پوسٽ کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين، پر ڇئين سالن کان پوءِ استعيفا ڏئي خانصاحب بهادر خان کوسي جي فرزندن مير شاهل خان ۽ مير سڪندر خان جو خانگي طرح ٽيوٽر مقرر ٿيو. انهيءَ زماني ۾ مرحوم لطف الله بدوي سان واقفيت ٿيس، جنهن جي صحبت ۾ "گدائي" تخلص اختيار ڪري شعر لکڻ شروع ڪيائين ۽ سندس شعر مختلف اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳا.

گدائي صاحب 1932ع ۾ خانگي نوڪري ڇڏي، تحريڪ آزادي ۾ شامل ٿيو ۽ نل ڪانگريس ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿيو. پوءِ ته انگريزن خلاف خوب نظم لکڻ لڳو. 1948ع کان پوءِ سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ عوامي شعر لکيائين 1960ع ۾ سندس قومي خدمتن عيوض حڪومت پاڪستان طرفان هڪ سو روپيا ماهوار وظيفو ملڻ شروع ٿيس، جيڪو تاحيات حاصل ڪندو رهيو. 1965ع ۾ سندس ڪلام جو پهريون مجموعو "ساٿيهه جا سور" شايع ٿيو، جنهن تي پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان هڪ هزار روپيا انعام مليس، سندس شاعري جا ٻه ٻيا مجموعا "پيماني تي پيمانو" 1974ع ۾ ۽ "پڪڙا ۽ پهنوار" 1975ع ۾ شايع ٿيا.

گدائي سنڌ جو انقلابي ۽ عوامي شاعر هو، هو هن ڌرتيءَ جو شاعر هو، مظلوم انسانيت جو شاعر هو، جهانگين ۽ سانگين جو شاعر هو ۽ عظيم شاعر هو، هن تقريباً شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي.

گدائي صاحب شاعر سان گڏوگڏ هڪ سٺو نثر نويس، ڪالم نگار، تاريخدان، ڊرامانويس، اداڪار، سنگيت جو ساٿي ۽ صحافي به هو. پاڻ ڪجهه وقت لاءِ جيڪب آباد جي هفتيوار اخبارن صبح سنڌ، فرنٽيئر گزيٽ، مجاهد، انقلاب، امروز ۽ ستاره سنڌ جو ايڊيٽر پڻ رهيو. هن جيڪب آباد ضلعي جي تاريخ "خانڳڙهه کان جيڪب آباد تائين" نالي سان لکي آهي.

سنڌ جي هن انقلابي شاعر فالج ٿيڻ ڪري 28 جنوري 1978ع تي جيڪب آباد ۾ وفات ڪئي. سندس هڪ خوبصورت شعر هيٺ ڏجي ٿو:

وڙهي تيز طوفان ۽ موجن سان هم دم
وجي نيٺ بيڙو ڪناري ڇڏيو سين
سفر زندگيءَ جو ڪنن هو "گدائي"
بهر طور گذريو گذاري ڇڏيو سين.

عبداللطيف ساقي

عبداللطيف ساقي ولد الله بچايو رند بلوچ 2 اپريل 1925ع تي عراق جي شهر بغداد ۾ ڄائو، جتي سندس والد عراق جي ريلوي کاتي ۾ يارڊ فورمين جي حيثيت سان ملازم هو، سندس اباڻو ڳوٺ يوسف بلوچ ڪوٽڙي هو.

عبداللطيف ساقي ناميارو فلمسٽار ٿي گذريو آهي. هن ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول نانگو لائين ڪوٽڙي مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪرڻ کان پوءِ فلمي دنيا ۾ پير پائڻ سبب وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو.

ساقي کي اداڪاري ڪرڻ جو شوق پراڻي فلم "ليليٰ مجنو" ڏسڻ کان پوءِ جاڳيو، پنهنجي شوق جي تڪميل خاطر هن ڪوٽڙي شهر ۾ پهريون پيرو اسٽيج ناٽڪ پيش ڪيو. آخر گهڻي جدوجهد بعد 1955ع ۾ پهرين فلم "التجا" ۾ ڪم ڪيو، مسلسل جدوجهد ۽ اڻ ٿڪ محنت کان پوءِ ساقي فلمي دنيا ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاري بلند مقام تي پهتو. هن پنج سو کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو، پاڻ ويهن کان وڌيڪ ٻوليون ڄاڻندو هو، سنڌي، پنجابي، پشتو، گجراتي، بلوچي، بنگالي ۽ اردو فلمن ۾ ڪم ڪرڻ کان علاوه انگريزي فلم "باواني جنڪشن" ۾ پڻ ڪم ڪيائين، هندستان جي فلمي حلقن ۾ ڪيس "امرت لعل" جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. سندس شهرت يافتہ فلمن ۾ اردو فلمون نانگن، لاکون ۾ ايڪ، رات ڪي راهي، هزار داستان، بيٽي، شهيد ۽ زرقا وغيره قابل ذڪر آهن.

ساقي فلمن کان علاوه ٽيليويزن جي ڪيترن ئي مقبول ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيو، اردو ڊرامو "گردش" ۽ سنڌي ڊرامو "زنجيرون" هن جي زندگيءَ جا آخري ڊراما هئا. سندس فني خدمتن عيوض مختلف طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ انعام مليا.

ساقي صاحب راڳ جو پڻ وڏو ڄاڻو هو، پاڻ وڏو سگهڙ، سياڻو، يارويس، کلمک، خوش مزاج، غريبن جو همدرد ۽ مخلص انسان هو. هن کي پنهنجي سر زمين ۽ وطن سان بيحد محبت هئي.

22 ڊسمبر 1986ع تي لاهور ۾ عبداللطيف ساقي جي روح جو پکي پرواز ڪري ويو.

عبدالمجيد سنڌي، شيخ

شيخ عبدالمجيد سنڌي ولد ديوان ليلا رام 7 جولاءِ 1889ع تي ٺٽي جي هڪ هندو گهراڻي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور سياستدان سٺو مقرر، اديب، عالم، صحافي ۽ بهترين انسان ٿي گذريو آهي.

شيخ عبدالمجيد سنڌي جي طبيعت ننڍپڻ کان ئي حق جي ڳولهائو هئي.

جنهن ڪري 10 فيبروري 1908ع تي حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم جي هٿان مسلمان ٿيو. مسلمان ٿيڻ ڪان پهرين سندس نالو چيتانند هو.

شيخ صاحب مشترڪ تائين تعليم نٽي ۾ حاصل ڪئي، جنهن ڪان پوءِ پهريان مسٽر ڏيپچند اوجها نالي وڪيل وٽ منشي ٿيو ۽ پوءِ اچي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو. اتي ڪيس رئيس غلام محمد پرڳڙي پنهنجي اخبار "الامين" جو ايڊيٽر ڪري رکيو. سندس ذهانت ڪان متاثر ٿي سڳهوئي پرڳڙي صاحب ڪيس پنهنجو سياسي صلاحڪار (سيڪريٽري) ڪري مقرر ڪيو. مولانا عبيدالله سنڌي واري تحريڪ ريشمي رومال ۾ سرجوشي سان حصو ورتائين جنهن ڪري ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ 3 سال قيد ڪاٽي 14 فيبروري 1919ع تي آزاد ٿيو. 1920ع ۾ تحريڪ خلافت جي لاڙڪاڻي واري اجلاس ۾ انگريزن خلاف تقرير ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ پيهر گرفتار ٿيو ۽ ٻہ سال سزا لڳس، 1924ع ۾ روزنامہ "الوحيد" جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين، جنهن جي وسيلي مسلمانن ۾ خوب جوش جاڳايائين. 16 نومبر 1929ع تي الهہ آباد واري آل انڊيا آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شريڪ رهيو. ان ڪان سواءِ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس (اجمير) آل پارٽيز مسلم يونٽي ڪانفرنس ۽ آزاد سنڌ ڪانفرنس (ڪراچي 18 اپريل 1930ع) ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ لاءِ ورتل سندس ڪوششون هميشہ ياد رهنديون.

آخر پهرين اپريل 1936ع تي سنڌ کي بمبئيءَ کان آزادي ملي، ۽ 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي جيڪا پهرين اليڪشن ٿي، ان ۾ شيخ صاحب آزاد پارٽي ناهي خوب بهرو ورتو ۽ سر شاهنواز ڀٽي کي شڪست ڏئي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1940ع ۾ مير بنده علي خان جي وزارت ۾ سنڌ جو وزير بڻيو. تحريڪ پاڪستان ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين، ليڪن 1943ع ۾ مسلم ليگ کان جدا ٿي ويو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1949ع ۾ جڏهن عبدالغفار خان آل پاڪستان عوامي پارٽي ناهي تہ، شيخ صاحب کي ان ۾ سنڌ لاءِ ڪنوينر مقرر ڪيو ويو.

شيخ صاحب ٻين مصروفيتن سان گڏوگڏ تصنيف و تاليف جو شغل بہ جاري رکيو آيو. سندس هيٺيون تصنيفون هن ريت آهن:

فتح اسپين، حضرت عمر بن عبدالعزيز، ڪراچي سنڌ کي ملڻ گهرجي، المرتضيٰ، تاريخ جواهر، ۽ حضرت علي ۽ حضرت عمر.

شيخ عبدالمجيد سنڌي 24 مئي 1978ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. ڪيس وصيت مطابق نٽي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي پيرسان مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

عبدالمجيد سنڌي، ميمڻ

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ولد حاجي غلام حسين پهرين جنوري 1930ع تي ڳوٺ ماڙي لڳ شڪارپور ۾ جنم ورتو پاڻ بلندپايہ اديب، عالم، محقق، مقرر ۽ ماهر لسانيات هو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ابتدائي تعليم ماڙي ۾ حاصل ڪئي. 1942ع ۾ پوڙ اچڻ ڪري سندس خاندان (جيڪو ڪپڙي اُٽڻ جو ڪم ڪندو هو) لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيو. ميمڻ صاحب کي اتي مولوي فضل الله جي مدرسي ۾ ويهاريو ويو. جتان عربي، فارسي، قرآن شريف ناظران ۽ فن قرائت جي تعليم حاصل ڪيائين، ان کان پوءِ مڊل تائين تعليم شڪارپور ۾ ورتائين 1948ع ۾ وري سندس خاندان لاڙڪاڻي لڏي آيو. جتان 1952ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري 1954ع ۾ سکر مان سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين. پوءِ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ بڻيو، ان دوران بي اي پاس ڪيائين پوءِ ڪلارڪي جي نوڪري ڏي اَبپاشي کاتي ۾ اوورسيئر مقرر ٿيو. ان عرصي ۾ هن ايم اي ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون بہ حاصل ڪري ورتيون. 1963ع ۾ اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، ان ليڪچراري دوران ميمڻ صاحب ڪاليج جي پرنسپال شيخ عبدالرزاق "راز" سان گڏجي ڪاليج ۾ علمي، ادبي ۽ ثقافتي تقريبن جو رواج وڌو، يوم لطيف، يوم سچل ۽ يوم بيدل هر سال منعقد ڪرائيندو هو. ان کان علاوه مشاعرا ۽ مختلف موضوعن تي مذاڪرا پڻ ڪرايا. هن هڪ ادبي سوسائٽي بنام "سنڌي ادبي سوسائٽي" ۽ بعد ۾ هڪ ٻيو ادارو "لطيف اڪيڊمي" پڻ قائم ڪيا.

ميمڻ صاحب 1972ع کان پوءِ مختلف ڪاليجن جو پرنسپال ٿي رهيو، انهن تدريسي خدمتن دوران هن 1974ع ۾ "بيان العارفين سنڌي جي ترتيب ۽ اپٽار" جي عنوان تي تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. بعد ۾ ميمڻ صاحب 1988ع کان وفات تائين شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جي شاگردن لاءِ گائيڊ مقرر رهيو. ان کان سواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان وابستہ رهيو.

ميمڻ صاحب 1953ع کان باقاعده لکڻ جي شروعات ڪئي. شروعات ۾ "فائق" تخلص سان شاعريءَ طرف توجهہ ڏنو، پر پوءِ ڪيس نثر ۾ زياده دلچسپي ٿي.

مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ليک شايع ٿيندا رهيا. پوءِ تہ ايترو لکيائين جو سنڌي زبان ۾ نڪرندڙ ڪابہ اخبار يا رسالو نہ ڇڏيائين، جنهن ۾ سندس تحقيقي مقالا ۽ مضمون نہ ڇپيا هجن. ان کان سواءِ هن سنڌي ۽ اردو ۾ اٽڪل 66 عمدا ڪتاب لکيا، جن ۾ ويهہ کن اڻ ڇپيل آهن، باقي سڀ جو سڀ

ڇپجي مقبوليت جو درجو ماڻي چڪا آهن.

ميمڻ صاحب هڪ سياڻو، سڄاڻ، سهڻو ۽ هر دلعزيز محقق هو. هن سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي گھڻو ڪجھ لکيو. ائين ڪٿي چئجي تہ هن سڄي زندگي سنڌ تي ئي لکيو. سنڌ جي تاريخ، ادب، سوانح، شاعري، زبان ۽ تصوف تي مرڻ گھڙي تائين لکندو رهيو. بيشڪ هو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سچو هڏڏوڪي ۽ گھڻگھرو هو. هن گھڻو تڻو سنڌي ۾ لکيو، بهرحال جيڪو اردو ۾ لکيائين اهو بہ، سنڌ متعلق لکيائين، سنڌس لکيل ڪتاب، مضمون ۽ مقالا سنڌي ٻوليءَ جو قيمتي سرمايو آهن.

ڊاڪٽر صاحب وٽ پنهنجي لائبريري پڻ هئي، جنهن ۾ هن وقت 19 هزار ڪتاب موجود آهن. چيو وڃي ٿو تہ هيءَ لائبريري لاڙڪاڻي ڊويزن جي واحد لائبريري آهي، جنهن ۾ ٻارهين صدي ڪان اڻ لپ ۽ بيش بها ڪتاب محفوظ آهن.

ڊاڪٽر ميمڻ جي علمي ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت پاڪستان طرفان کيس 23 مارچ 1983ع تي "تمغہ امتياز" سان نوازيو ويو، 1991ع ۾ سنڌس لکيل ڪورسي ڪتاب، نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي سنڌي ڪتاب کي، "بهترين ٽيڪسٽ بڪ" قرار ڏيندي، وفاقي وزارت تعليم ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ(1) طرفان پڻ کيس انعام ڏنو ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي لکيل ڪجھ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

ڏور (لوڪ ادب)، ماڻڪ موتي لعل، ڪريم جو ڪلام، ديس ديس جون ڪهاڻيون، فڪر لطيف، جوتيون جواهرن جون، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، رتيءَ جي رهاڻ، سچل جو سنيهو، تذڪره شهباز، پرک ۽ پروڙ، سنڌيءَ ۾ نعتيہ شاعري، سيرت النبي، پورهيي جو مان، لطيفي لات، نگارشات سنڌ (اردو)، گهڙيون گھاريم جن سين، تاريخ جا ورکيل ورق، سنڌي نصاب (نائين ڏهين ڪلاس لاءِ) وغيره.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 9 فيبروري 1996ع تي گھرجي ڏاڪڻ تان ڪرڻ سبب زخمي ٿي پيو، جنهن سبب 11 فيبروري 1996ع تي زخمن جا تاب نہ سهندي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. کيس لاڙڪاڻي ۾ شيخ زيد اسپتال لڳ قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

عبدالمجيد "عابد" قاضي

قاضي عبدالمجيد "عابد" ولد عبدالقيوم عباسي جي ولادت 2 مارچ 1915ع تي سيوهڻ شريف ۾ ٿي. پاڻ سنڌي صحافت، ادب ۽ سياست جي قابل احترام شخصيت هئو.

(1) سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو جو قيام 1971ع ۾ عمل ۾ آيو. موجوده بلڊنگ پنجويهہ لک روپين جي لاڳت سان 1974ع ۾ جڙي راس ٿي.

قاضي صاحب 1932ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ۽ 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي اي پاس ڪئي، جنهن کان پوءِ صحافت جي ميدان ۾ پير پاتو.

سن 1958ع ۾ "عبرت" اخبار محمد عثمان ڏيپلائيءَ کان ڇهن هزار روپين ۾ خريد ڪري، ان کي حيدرآباد مان نئين آب وتاب سان هلائڻ شروع ڪيائين، جنهن سان سنڌي اخبار نويسي کي نئون رخ مليو. سنڌس ادارت ۾ هن اخبار ايتري ته ترقي ڪئي جو اها سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهي ويندڙ سنڌي اخبار سمجهي ويندي هئي، پر پوءِ جڏهن "ڪاوش" اخبار جاري ٿي ته، اهو اعزاز ان اخبار جي حصي ۾ آيو. چيف ايڊيٽر جي حيثيت سان قاضي صاحب جا "عبرت" اخبار لاءِ لکيل ڪالم صحافتي دنيا ۾ اهم مقام رکن ٿا.

ادبي حوالي سان قاضي عابد جو لکيل يورپ جو سفرنامو "سفر يورپ جي ڊائري" 1960ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. انوکي اسلوب ۾ لکيل هي سفرنامو هن وقت تائين لکيل سفرنامن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ان کان سواءِ هن سياست بابت ٻه ڪتاب لکيا. هڪ "مونکي ياد آهي ته..." ۽ ٻيو "سنڌ جي سياست".

قاضي صاحب بيداغ ڪردار رکندڙ هڪ سياستدان به هو. ابتدا ۾ بلدياتي عهدن تي فائز رهيو. 1983ع ۾ سنڌ جو وزير مواصلات ٿيو. فيبروري 1985ع ۾ غير سياسي بنياد تي ڪرايل چونڊن ۾ حيدرآباد مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو، ۽ محمد خان جوڻيجي جي ڪابينه ۾ پاڪستان جو وفاقي وزير اطلاعات ۽ نشريات مقرر ٿيو.

1988ع ۾ هڪ دفعو ٻيهر ٽنڊي محمد خان مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1990ع جي نگران حڪومت ۾ وفاقي وزير مقرر ٿيو، ان کان سواءِ پاڻ چار ڀيرا (اي پي اين ايس) جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ آخر تائين عبرت گروپ جو چيئرمن رهيو.

قاضي عابد نهايت خداترس انسان هو. پاڻ جڏهن وزارت جي ڪرسيءَ تي ويٺو، تڏهن به انسان دوست ۽ غريب پرور رهيو، پر جي وزارت جي ڪرسيءَ کان الڳ رهيو، پوءِ به سندس زندگيءَ جو نصب العين انسانيت جي خدمت ٿي رهيو، پاڻ 27 آگسٽ 1996ع تي راهه رباني وٺي ويو.

عبدالنبي "عليگ" آغا

آغا عبدالنبي "عليگ" ولد آغا گل حسن خان پٺان 16 مارچ 1903ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر، اديب، اعليٰ عملدار ۽ صوفي منش انسان ٿي گذريو آهي.

آغا عبدالنبي "عليگ" جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد جي نگراني ۾

ٿي، جيڪو خيرپور رياست ۾ نائب وزير جي عهدي تي فائز هو. هن ابتدائي تعليم گمبٽ ۾ ورتي، مئٽرڪ جو امتحان 1919ع ۾ خيرپور ميرس مان پاس ڪري اعليٰ تعليم لاءِ علي ڳڙهه ويو، جتان 1924ع ۾ بي اي پاس ڪري واپس آيو. پهريان شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو، جتان جلدي مختيارڪار جي عهدي تي منتخب ٿيو. پوءِ ترقي ڪندو وڏن عهدن تي پهتو. 1955ع ۾ روينيو جو سيڪريٽري بڻيو، آخر 1958ع ۾ بهاولپور جي ڪمشنر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. جنهن کان پوءِ گورنمينٽ جي صلاحڪار جي حيثيت ۾ لاهور ۾ رهي ڪم ڪيائين، جتان کيس صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ڪنيو ويو.

آغا صاحب کي علم ۽ ادب جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو. کيس راڳ رهاڻ، ڊراما ۽ شعروشاعري سان دلچسپي رهي. "آغا" ۽ "عليگ" تخلص سان سنڌي شاعري ڪئي اٿس. قطعا، غزل ۽ نظم شوق سان لکيائين. کيس جيئن ته فارسي ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل هئي، ان ڪري سندس شعر تي پڻ فارسيءَ جو اثر غالب آهي. پوءِ به رواني ۽ سلاست برقرار نظر اچي ٿي. شاعري ۾ سندس تربيت سندس وڏي ڀاءُ آغا صوفي ڪئي. آغا "عيلگ" صاحب سچل سائين جي درگاهه جو عقيدتمند هو. رٽائر ٿيڻ بعد سندس اڪثر وقت صوفين ۽ شاعرن سان محفلون مچائيندي گذريو. سندس اوطاق هميشه علم و ادب جي ڇهڇٽي ۾ ٻهڪندي رهي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر به رهيو. هن تصوف ۽ فلسفي جي به گهڻي خدمت ڪئي، ٿيا سافيڪل سوسائٽي[1] سنڌ.جو صدر پڻ ٿي رهيو. سچل اڪيڊمي ۽ سچل ثقافتي مرڪز جو قيام ۽ سچل تي ادبي ڪانفرنسون ڪرائڻ سندس اهم خدمتون آهن.

پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" جا پاڪستان کان اڳ ٺهي هئي، تنهنجا ڊائلاگ آغا عبدالنبي لکيا هئا. ان کان سواءِ هن نثر ۽ نظم ۾ ڪجهه ڪتاب به لکيا جهڙوڪ، حريص پتلو عرف وفا جي ديوي (ڊراما)، افڪار عليگ (نظم)، سسئي پنهون (ڊراما)، ڪليات آغا (شاعري) ۽ ڪجهه افسانا، ناول ۽ مقالا پڻ لکيائين.

آغا عبدالنبي "عيلگ" دراني 19 آڪٽوبر 1976ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

---

(1) ٿيا سافيڪل سوسائٽي جو قيام 1875ع ۾ نيويارڪ ۾ عمل ۾ آيو. هن سوسائٽي جي بانيڪار روس جي رهواسڻ هڪ عورت ميڊم بلوٽسڪي هئي ۽ هندستان ۾ هن مڪتب فڪر کي مشهور هڪ ٻي عورت اني بيسنٽ ڪيو، جيڪا 21 مئي 1889ع تي انهيءَ جماعت ۾ شريڪ ٿي ۽ 1907ع ۾ ان جي پريزيڊنٽ چونڊي، سنڌ ۾ هن سوسائٽي جو بنياد ڊسمبر 1896ع ۾ ڪراچي ۾ پيو.

ڪين "آغا" آ اڪيلو مصطفيٰ ﷺ سان ساڻ آهه
جو نبيءَ جو عبد آهي ڪبريا سان ساڻ آهه
ڇا ڪري سگهندا تنهين کي ڪينهه پرور ڇا ڪندا
خوف هن کي ناهي ڪو خيرالوريٰ ساڻ ساڻ آهه

عبدالواحد سنڌي

مولانا عبدالواحد سنڌي ولد عبدالوارث عرف وارث ڏنو انيڙ سن 1912ع ۾ ڳوٺ پليڏني تعلقي پنو عاقل ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ناميارو عالمِ دين ۽ ماهوار رسالي" نئين زندگي" جو باني ايڊيٽر هئو.

مولانا عبدالواحد سنڌي ابتدائي تعليم هاليجي ۽ گهوٽڪي جي درسن ۾ حاصل ڪئي. جنهن کان پوءِ مولانا دين محمد وفائي جي مدد سان سر عبدالله هارون کان اسڪالرشپ حاصل ڪري ڊسمبر 1922ع ۾ جامعه مليه دهلي ۾ وڃي داخل ٿيو. اتي مولانا صاحب جا استاد مولانا محمد علي جوهر، ڊاڪٽر محمد علي بجنوري، خواجه عبدالحي ۽ فراهي اعظم هئا، جن جي صحبت ۾ رهي هن گهڻو ڪجهه پرايو. جڏهن تعليم پوري ڪيائين ته، پاڻ اتي "بورڊنگ هائوس جو هر منزل" جو انچارج مقرر ٿيو. ان دور ۾ هن ٻارن جي پاڪائي، صفائي، رهائش، راند روند ۽ ڪاڌو خوراڪ جو سٺو بندوبست ڪيو، ان ڪري انتظاميه ڪانئس راضي هئي. هن اتي 1928ع ۾ مولانا انور علي شاهه قبائلي جي نياڻيءَ سان شادي به ڪئي.

مولانا عبدالواحد جڏهن الجامع ۾ پڙهندو هو ته، ان دور ۾ انگريز پادري حڪومت جي اشاري تي مسلمانن ۽ ٻين قومن کي ڌڙا ڌڙ عيسائي ڪري رهيا هئا. خاص ڪري ضلع فيروزپور ته عيسائيت جو ڳڙهه بڻجي چڪو هو. مولانا صاحب واندڪائي واري وقت ۾ اتي وڃي تبليغ ڪندو هو ۽ مناظرا به ڪندو هو، ان لاءِ هن ڪجهه اردو ۾ ڪتاب به لکيا، جن ۾ عيسائي پادرين کي سندن سوالن جا جواب ڏنل هئا. انهن ڪتابن ۾ "رسول پاڪ کون ٿي کيسي ٿي کيا سکيا" ۽ ٻيو ڪتاب "قرآن پاڪ کيا هي اور اس ني کيا کر دکايا" مشهور ڪتاب آهن. مولانا صاحب اهي ڪتاب يا ٻيا مضمون ان وقت "مولوي عبدالواحد جامعي" جي نالي سان لکندو هو. هڪ دفعي سندس ملاقات مولانا عبيدالله سنڌي سان ٿي، جنهن کيس ٽوڪيندي چيو ته مان سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيس، جام پور ۾ تعليم حاصل ڪيم ۽ پرچوندي ۾ وڃي مسلمان ٿيس ته، پاڻ کي سنڌي لکندو آهيان ۽ گورنمينٽ جي رڪارڊ تي به سنڌي آهيان، پر افسوس جو تون سنڌي هوندي به پاڻ کي سنڌي لکندي شرم ٿو محسوس ڪرين. هن واقعي کان پوءِ مولانا عبدالواحد پاڻ کي سنڌي لکڻ لڳو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مولانا عبدالواحد مهاجرن سان گڏ سنڌ آيو ۽ ڪراچي ۾ رهڻ لڳو. 1948ع ۾ پاڪستان جي آبادڪاري جي وزارت پاران خبرن جي هڪ بليٽن اردو ۽ سنڌي ۾ شايع ٿيڻ لڳي، جنهن جي اشاعت جو مقصد نون ۽ پراڻن سنڌين ۾ ميل ميلاپ ۽ چاڻ سڃاڻ پيدا ڪرڻ هئي. هن بليٽن جو چيف ايڊيٽر فضل الحق قريشي ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر مولانا عبدالواحد مقرر ٿيو. اڳتي هلي 1950ع ۾ ساڳئي بليٽن کي هڪ خالص علمي ۽ ادبي پرچي لاءِ وزارت اطلاعات ۽ نشريات جي حوالي ڪيو ويو جيڪو "نئين زندگي" جي نالي سان مولانا عبدالواحد سنڌي جي ادارت هيٺ فيبروري 1950ع کان شروع ٿيو ۽ اڄ تائين باقاعدي هر مهيني شايع ٿيندو اچي. هي سنڌي ٻوليءَ جو اهو منفرد رسالو آهي، جيڪو سنڌي ادب جي ارتقاءَ ۾ سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

مولانا صاحب پنهنجي بي لوث خدمتن سان رسالي نئين زندگي کي آهستي آهستي ان درجي تي پهچايو جو اهو پاڪستان جي چوٽيءَ جي رسالن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن 1950ع کان 1966ع تائين رسالي کي نهايت شاندار نموني سان هلايو. هن نون لکندڙن کي همٿايو، سنڌي نياڻين ۾ لکڻ جو شعور پيدا ڪيو ۽ در در وڃي وڏن اديبن کان منٿون ڪري مواد ورتي، رسالي ۾ شامل ڪري ان کي معياري پرچو بڻايو. نئين زندگيءَ ۾ ڪالهه جا لکندڙ اڄ جا وڏا محقق، اديب ۽ تاريخدان آهن.

مولانا عبدالواحد سنڌي پنهنجي سر هڪ انجمن هو، هڪ ادارو هو، هن نئين زندگي رسالي ذريعي جيڪا علمي، ادبي خدمت ڪئي، ان جو ته ڪو نظير ئي ڪونهي پر انفرادي طرح به هن پنهنجي قلم سان سنڌي ادب کي بهترين تاريخي ۽ ادبي مضمونن سان مالامال ڪيو. "سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي" (1) جي اشاعتي سلسلي ۽ ان جي ماهوار رسالي "اديون" ۾ به پاڻ مدد ڪندو رهيو.

مولانا عبدالواحد سنڌي 3 جنوري 1988ع تي هي ڏيهه ڇڏيو.

عبيدالله سنڌي، مولانا

امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي 10 مارچ 1872ع تي سيالڪوٽ (پنجاب) جي ڳوٺ چيانواليءَ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ تحريڪ آزادي جو عظيم اڳواڻ ٿي گذريو آهي. ڪيس هند ۽ سنڌ ۾ جديد قومي فڪر جو باني سمجهيو وڃي ٿو. هن ان جديد قومي فڪر جي بنياد تي هندستان کي آزادي ڏيارڻ جي لاءِ پنهنجي سموري عمر وقف ڪري ڇڏي هئي.

مولانا عبيدالله سنڌي اصل ۾ سک خاندان جو فرد هو. سندس

(1) سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي 1951ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪوشش سان قائم ٿي. 1966ع کان هن اداري طرفان عورتن جو ماهوار رسالو "اديون" شايع ٿيڻ لڳو.

شروعاتي نالو "بوٽا سنگهه" هو ۽ سندس والد جو نالو رام سنگهه هو، جيڪو سوناري ڪو ڌنڌو ڪندو هو ۽ مولانا جي ڄمڻ کان چار مهينا اڳ وفات ڪري ريو. ٻن سالن کان پوءِ مولانا جو ڏاڏو به گذاري ويو جنهن ڪري هن پنهنجي مامي جي نظر هيٺ پرورش ورتي جيڪو جام پور (ضلع ديره غازي خان) ۾ تپيدار رهيو. مولانا 1878ع ۾ جام پور جي هڪ اردو مڊل اسڪول ۾ داخلا ورتي. 1984ع ۾ ان اسڪول جي شاگردن وٽ "تحفة الهند" ۽ شاهه اسماعيل شهيد جو ڪتاب "تقوية الايمان" ڏٺو. مولانا ڪتابن ڏسڻ سان انهن جي مطالعي ۾ محو ٿي ويو ۽ ڪيس اسلام جي صداقت تي يقين ٿي ويو، جنهن کان پوءِ مسلمان ٿيڻ جي شوق ۾ ڪوٽلي رحم شاهه (ضلع مظفر ڳڙهه) ۾ آيو، جتي 15 آگسٽ 1887ع تي مسلمان ٿيو ۽ ڪتاب "تحفة الهند" جي مصنف جو نالو "عبيدالله" پاڻ تي رکيائين. جنهن کان پوءِ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ڏي رخ ڪيائين. تنهن زماني ۾ ڀرچونڊيءَ جي بزرگ مولانا حافظ محمد صديق جي هنڌين ماڳين هاڪ هوندي هئي، سو مولانا عبيدالله وٽس اچي حاضر ٿيو. حافظ محمد صديق جڏهن هن نوجوان جي دين جي لاءِ جذبي کي ڏٺو، تڏهن ڪيس پيار ۽ پاٻوهه سان چيائين ته "اي عبيدالله تو اسلام خاطر پنهنجا عزيز ڇڏيا آهن، اڄ کان وٺي آءُ توکي پنهنجي پٽن جهڙو درجو ڏيان ٿو." نوجوان عبيدالله تي انهن لفظن اهڙو ته اثر ڪيو، جو هن پنهنجي نالي پٺيان "سنڌي" لفظ جو اضافو ڪيو ۽ سنڌ ۾ مستقل رهڻ جو ارادو ڪري پاڻ کي سنڌي سڏائڻ لڳو.

مولانا عبيدالله سنڌي جيتوڻيڪ ڀرچونڊيءَ پهچڻ کان اڳ نئي مسلمان ٿي چڪو هو، ليڪن حقيقت ۾ صحيح الطريقت ۽ راسخ العقيدت مسلمان ڀرچونڊيءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ حافظ صاحب جي تعليم ۽ تربيت سان بڻيو. ڪجھ عرصو حافظ محمد صديق جي صحبت مان فيض حاصل ڪري، وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي خيال سان 1889ع ۾ ديوبند ۽ دهليءَ جي مدرسن ۾ پڙهڻ ويو، اتي هندستان جي هڪ وڏي انقلابي "شيخ الهند" مولانا محمود الحسن جي شاگردي حاصل ڪيائين 1891ع ۾ موٽي سنڌ آيو ۽ پنهنجي روحاني رهبر جي اجازت سان سندس خليفي مولانا تاج محمود امروٽيءَ وٽ اچي رهيو. مولانا امروٽي ماستر محمد عظيم خان يوسفزئي جي نياڻي سان مولانا عبيدالله سنڌي جو نڪاح ڪرايو. ڪجهه وقت امروٽ ۾ رهڻ کان پوءِ مولانا سنڌي ڳوٺ پير جهنڊي ضلعي حيدرآباد ۾ ... الله شاهه راشدي جي قائم ڪيل مدرسي "دارالرشاد" ۾ 1901ع کان پڙهائڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح نو ڏهه سال انقلابي انسان پيدا ڪندو رهيو. 1909ع ۾ سندس استاد شيخ الهند کيس ديوبند گهرائي ورتو ۽ کيس چيو ته هاڻي انگريزن کان هندستان کي آزاد ڪرائڻ جي لاءِ انقلابي تحريڪ شروع ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. اتي پنهنجي استاد جي ساٿ سان "جمعيت الانصار" نالي هڪ جماعت قائم ڪيائين، جنهن جو پاڻ سيڪريٽري مقرر ٿيو.

1913ع ۾ دهليءَ وجي "نظارة المعارف" نالي هڪ ادارو قائم ڪيائين.

"شيخ الهند" مولانا محمود الحسن، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندن ساٿين جو خيال هو ته، هڪ طرف هندستان اندر انگريز سرڪار خلاف بغاوتون ڪرايون وڃن ۽ ٻئي طرف ٻاهران ترڪي ۽ افغانستان ڪان هندستان تي حملو ڪرايو وڃي. اهڙين حالتن ۾ انگريز سرڪار مجبور ٿي پوندي ۽ ملڪ مان ٽڙجي ويندي. مولانا سنڌي شيخ الهند جي حڪم مطابق ٻاهرين ملڪن جي مدد سان هندستان کي تڪڙي آزادي وٺرائي ڏيڻ جي ارادي سان ڪابل روانو ٿيو، جو ان وقت ڪابل دنيا ۾ سياسي تبديلين ۽ پيچ ڌاهه جو مرڪز بڻبل هو. هن اتي وڃي افغانستان حڪومت جي اميرن ۽ فوجي ڪمانڊرن سان ملاقاتون ڪيون، ان ڪان پوءِ هن پنهنجي دوستن سان گڏجي "آزاد هند جلاوطن حڪومت" قائم ڪئي، جنهن جو صدر راجا مهندر پرتاب ۽ وزيراعظم پاڻ مقرر ٿيو. جلاوطن حڪومت قائم ٿيڻ ڪان پوءِ هڪ طرف حق پسند حڪومتن هندستان جي مسئلي طرف توجهه ڏيڻ شروع ڪيو ته، ٻئي طرف سنڌ ۽ هند جي عوام جا حوصلا بلند ٿيڻ لڳا.

مولانا سنڌي ٻيو مکيه ڪم هي ڪيو جو "جنود ربانيه" جي نالي سان هڪ فوج جوڙيائين هن فوج ۾ سنڌ مان مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا محمد صادق ڪڏي وارو، شيخ عبدالرحيم سنڌي ۽ علامه اسدالله شاهه ٽڪڙائي ۽ ٻين کي خاص عهدا ڏنائين.

ڪابل مان وقت بوقت پنهنجي هندستاني ساٿين کي پنهنجي منصوبن کان واقف ڪرڻ لاءِ ريشمي رومال تي لکيل خط اماڻيندو رهيو. مولانا سنڌي انهن رومالن تي پنهنجو پيغام اردو ۾ لکي، پنهنجي خاص ماڻهو جي هٿان موڪليندو هو، جيڪو واسطيدار ڌر تائين پهچائيندو هو، انهن ريشمي رومالن جي ڪري ان تحريڪ جو نالو ئي "ريشمي رومال تحريڪ" پئجي ويو. جڏهن مولانا سنڌي هندستان تي حملي ڪرڻ لاءِ نقشا تيار ڪيا ۽ سنڌ توڙي هند ۾ بغاوت جا مرڪز مقرر ڪيا، تڏهن حملي ۽ بغاوت جي تاريخ مقرر ڪري انهيءَ کي ريشمي رومالن تي لکي 1916ع ۾ هندستان ۾ پنهنجي ساٿين ڏانهن ڏياري موڪليائين.

مولانا عبيدالله سنڌي تي خط لکي جولاءِ 1916ع ۾ عبدالحق نالي شخص هٿان موڪليا ۽ کيس هدايت ڪئي هئائين ته، سو اهي خط حيدرآباد سنڌ ۾ شيخ عبدالرحيم جي حوالي ڪري، هو خط کڻي جڏهن ملتان پهتو ته، خانبهادر رب نواز جي غداري سبب اهي خط پڪڙجي پيا ۽ سمورو راز فاش ٿي پيو، حڪومت خبردار ٿي وئي ۽ هن تحريڪ جا سمورا هندستاني اڳواڻ گرفتار ٿي ويا، جنهن ڪري سٽيل منصوبي مطابق هندستان ۾ انگريز حڪومت خلاف اندروني بغاوت نه ٿي سگهي، جنهن ڪري افغانستان وٽ هاڻي هندستان تي حملي ڪرڻ جو جواز نه رهيو.

مولانا عبيدالله ڪابل ۾ ست سال رهڻ کان پوءِ روس ويو ۽ اتان آگسٽ 1923ع ۾ ترڪي پهتو. ترڪيءَ ۾ به مولانا صاحب جي مانائتي نموني سان آجيان ڪئي وئي. هن اتي ڪمال اتاترڪ ۽ عصمت انونو سان ملي ڪائن اخلاقي ۽ سياسي حمايت ته حاصل ڪري ورتي، باقي فوجي مدد ان ڪري حاصل نه ڪري سگهيو، جو پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ ترڪيءَ کي سخت شڪست اچڻ کان پوءِ اها ڳالهه ڏکي ٿي پئي ته، ترڪي هندستان تي حملو ڪري.

بهرحال مولانا صاحب ٽي سال ترڪي ۾ رهيو "سروراجيه" پارٽيءَ جو بنياد به اتي ئي وڌائين. جنهن کان پوءِ 1926ع ۾ مڪي شريف ڏي روانو ٿيو، مڪي شريف ۾ مولانا سنڌي پريا ٻارهن سال اسلام جي انقلابي پيغام جي تبليغ ڪئي ۽ تعليم ڏني، سنڌ، هند، انڊونيشيا، تاشقند ۽ ٻي اسلامي دنيا جي ڪيترن شاگردن اتي وٽي ڪائنس تعليم پرائي.

مولانا عبيدالله سنڌي کي پهرين نومبر 1937ع تي وطن واپس ورڻ جي اجازت ملي، پهرين جنوري 1938ع تي ڪيس هندستان جو پاسپورٽ ڏنو ويو، آخر چوويهن سالن جي جلاوطنيءَ بعد 4 مارچ 1939ع تي ڪراچي پهتو. هن بزرگ انسان وفات وڃائڻ کان سواءِ ڊسمبر 1939ع ۾ "جمنانربدا سنڌ ساگر پارٽي" ناهي قوم کي پيغام ڏنو ته "هندستان کي مذهب جي بنياد تي ورهائڻ بدران لساني بنيادن تي تقسيم ڪيو وڃي"

مولانا صاحب هتي اچڻ کان پوءِ هتان جي نوجوانن کي پنهنجي تحريڪ جو مرڪز بڻايو. هن اپريل 1944ع ۾ حيدرآباد ۾ "جمعيت طلباءِ سنڌ" جو پڻ بنياد وڌو.

سخت جدوجهد ۽ محنت جي ڪري مولانا صاحب جي طبيعت ناچاڪ رهڻ لڳي آخر 22- آگسٽ 1944ع تي بهاولپور ضلعي جي ڳوٺ دينپور ۾ سندس ذيءُ ۽ ڏوهٽي وٽ انتقال ڪري ويو. ڪيس نرينه اولاد ڪونه هو. سندس تقريرن ۽ تحريرن جو مجموعو "مذهب جو فلسفو" نالي سان نور احمد ميمڻ سهيڙي ڇپرايو آهي.

عثمان علي انصاري

عثمان علي ولد هدايت علي انصاري 21 آڪٽوبر 1901ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ علم وفن، تهذيب ۽ ثقافت، بالخصوص شاهه لطيف جو عاشق صادق هو.

عثمان علي انصاري ابتدائي تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي، ڪجهه وقت خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ به پڙهيو. 1918ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري علي ڳڙهه ويو اتي 1921ع ۾ انٽر پاس ڪري پوءِ انگلينڊ ويو، اتان ايم اي ۽ جنرلز ۾ ڊپلوما ڪري 1925ع ۾ واپس سنڌ آيو ۽ 27 نومبر 1925ع تي ميرپور خاص

مدرسي جو هيڊ ماستر ٿيو. پوءِ ترقي ڪندو ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن ان سنڌ جي عهدي تي پهتو.

انصاري صاحب رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ادبي سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون. خاص ڪري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي جي ايڊٽ جو ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن رات ڏينهن محنت ڪري شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو، جيڪو پهريون ڀيرو 1948ع ۾ ڇپيو ۽ پوءِ وري سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ ثقافت کاتي جي سهڪار سان 1997ع ۾ ٻيهر شايع ٿيو.

شاهه لطيف جي رسالي جي ترتيب ۽ ڪلام جي تنقيد ۽ تحقيق متعلق انصاري صاحب جي جستجو ۽ تحقيق نهايت محققانه ۽ عالمانه هئي. هن ڪيترائي سر نئين سر ترتيب ڏئي، مفيد اضافن ۽ معنائن سان "مهراڻ" ۽ "اڄڪلهه" رسالن ۾ شايع ڪرايا. پاڻ حضرت سچل سرمست رحه جو سنڌي ڪلام پڻ مرتب ڪيائين، جنهن جي منڍ ۾ جامع مقدمو لکيائين. ان ۾ سچل جي وجودي فڪر تي، عالمانه بحث ڪيو اٿس. هي ڪتاب 1958ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو. ان کان سواءِ سندس هينيان ڪتاب پڻ ڇپيل آهن.

درس عمل (1936ع)، گمراهه دوست (ترجمو - 1939ع)، ادبي انتخاب (1944ع)، يوناني فلسفو (ترجمو -1951ع)، جرم وفا (ترجمو-ناٽڪ)، پنج ڪهاڻيون ۽، سنڌي نثر.

عثمان علي انصاري 2 سيپٽمبر 1962ع تي ڪراچي ۾ داعي اجل کي لبيڪ چئي، هن دارفانيءَ کان موڪلائي ويو.

عزيز الله "مجروح"

عزيزالله تخلص "مجروح" ذات ابڙو جي ولادت 1928ع ۾ ڳوٺ جادي ڪلهوڙي تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. پاڻ سنڌي زبان جو باڪمال شاعر ۽ اديب هو.

عزيز الله "مجروح" سنڌي کان سواءِ ڪجهه عربي ۽ فارسيءَ جي به تعليم حاصل ڪئي. شروع کان ئي سندس طبيعت جو لاڙو شعر ـ شاعري ڏانهن رهيو. هن چوڏهن سالن جي عمر ۾ 1942ع کان باقاعده شعر چوڻ شروع ڪيو پاڻ مفتي محمد ابراهيم جو شاگرد هو.

مجروح سخن جي سيني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شعر مختلف موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل آهن، جن ۾ جوشِ بيان ۽ سوز وگدا جا مثال ڪثرت سان موجود آهن. سندس شعرن جو پهريون مجموعو "نالئہ دل عرف ديوان مجروح" آهي جيڪو حبيب پبليڪيشن سکر 1955ع ۾ ڇپرايو. ان کان علاوه سندس شاعري جا ٻيا به مجوعا "داستان مجروح" ۽ "افڪار مجروح" جي نالن سان ڇپيل آهن.

عزيز الله "مجروح" 8 آگسٽ 1962ع تي ڪنهن ڪم فهم ۽ شقي القلب قاتل هٿان ڳوٺ منڊو ڪلهوڙي ۾ شهيد ٿي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بربادِ محبت سان تڪرار جو ڇا باعث
بي جرم خطا رنجش ۽ خار جو ڇا باعث
آرام جي بدلي ۾ ڇو رنج والم ور تي
اي دل ڏي خبر هي ڙي واپار جو ڇا باعث

عطا حسين شاهه موسوي

سيد عطا حسين ولد سيد وذيل شاهه موسوي آڪٽوبر 1898ع ۾ روهڙي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي ادب جو بهترين نثر نويس ۽ تعليمي ماهر ٿي گذريو آهي.

سيد عطا حسين شاهه موسوي سنڌ جي هڪ بلند پايه سادات خاندان جو چشم وچراغ هو. هن ابتدائي تعليم روهڙي ۾ حاصل ڪئي، 1917ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1921ع ۾ بي اي پاس ڪري، شڪارپور ۾ سيڪنڊري ٽيچر ٿيو. 1929ع ۾ ڪيس ميرپورخاص هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو، هن سڄي عمر تعليم جي خدمت ۾ گذاري، تعليم کاتي مان 1953ع ۾ انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيو.

شاهه صاحب علمي خدمتن سان گڏ ادبي شغل کي به جاري رکيو آيو. سندس لکيل ڪتاب "ڪچ ڪوڏيون" سنڌي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جو بهترين ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. جيڪو پهريون ڀيرو 1950ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس مضمونن جو هڪ ٻيو مجموعو "ڪشڪول" جي نالي سان سندس وفات کان پوءِ ڇپيو. هن "پير ميان صاحبڏني شاهه بلڙائيءَ جون ڪافيون" نالي ڪتاب پڻ ترتيب ڏنو. ان کان علاوه سندس لکيل ڪيترائي علمي، ادبي ۽ تحقيقي مقالا مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن. سندس انداز بيان نهايت عام فهم شسته، رنگين ۽ شيرين آهي.

شاهه صاحب وڏو علم دوست ۽ مهمان نواز هو. وٽس هڪ بهترين ڪتبخانو هو، جنهن جا دروازا علم جي پياسن لاءِ هميشه کليل رهيا. پاڻ 8 جون 1966ع تي روهڙي ۾ وفات ڪري ويو.

عطا محمد "حامي"

ڊاڪٽر عطا محمد "حامي" ولد قائم الدين خان سوهو پهريون جنوري 1919ع تي ڳوٺ سرهو قناصره تعلقي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اعليٰ پائي جو اديب، شاعر، محقق ۽ دانشور ٿي گذريو آهي.

حامي صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان

1941ع ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان ۽ انٽر جو امتحان سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيو. جنهن کان پوءِ پهريان پي ڊبليو ڊي کاتي جي ملازمت اختيار ڪيائين ۽ پوءِ ناز هاءِ اسڪول جي لقمان شاخ ۾ ماسٽر مقرر ٿيو. جلدي 1947ع ۾ ڪيس ٽريننگ ڪاليج فارمين خيرپور ڏانهن بدلي ڪيو ويو، جتي نوڪري دوران هن بي اي، بي ٽي ۽ ايم اي جا امتحان پاس ڪري ورتا. 1953ع ۾ هن تعليم کاتي جي ملازمت کان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ رياست خيرپور جي چونڊن ۾ حصو وٺي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. آڪٽوبر 1955ع تي ون يونٽ قائم ٿيڻ سان رياستي وجود ختم ٿي ويو ۽ حامي صاحب جي ميمبري جي حيثيت به ختم ٿي وئي. جنهن کان پوءِ ياڻ ممتاز ڊگري ڪاليج خيرپور ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1978ع ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ تحقيقي مقالو ”خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو“ لکي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سند حاصل ڪيائين.

سماجي زندگي ۾ حامي صاحب نهايت همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان هو. پنهنجي ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. موجوده ڳوٺ سوهو فناصرہ حامي صاحب جي ذاتي ڪوشش سان بڻايل آهي. جيڪو سندس يادگار آهي. ياد رهي ته موجوده ڳوٺ پيو يا نئون سوهو فناصره ڳوٺ آهي. 1981ع ۾ حامي صاحب سرڪار جي ڪمشنر جي مدد سان حج بيت الله ادا ڪيو.

ادبي ۽ علمي خدمتن جي حوالي سان حامي صاحب پنهنجي اعليٰ ذهانت سان هن شغل و شغف سان پيو سندو رهيو. هن مختلف عنوانن تي مضمون، مقالاءِ ڪتاب لکيا. سچل سرمست سان بي پناهه عقيدت ڪري سچل تي ڪم ڪيائين. شعروشاعري ۾ سندس استاد غلام نبي ”مخمور“ ۽ علام احمد ”نظامي“ هئا، جن جي فيض مان رڱجي ”استاد الشعراءِ“ ثابت ٿيو. ”حامي“ تخلص استعمال ڪندو هو. سندس غزل جو معيار تمام بلند آهي. هن سنڌي، سرائڪي ۽ اردو زبانن ۾ ڪلام چيو. سندس ڪلام جو مجموعو قلمي صورت ۾ موجود آهي.

ڊاڪٽر صاحب زندگيءَ جي پوئين مرحلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جو ميمبر به ٿي رهيو. سندس شايع ٿيل ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

ثمر حيات (مضمون)، درازن جا درويش، منصور ثاني سچل سرمست، سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري، نينهن جا نعرا (سچل جي فارسي مثنوين جو سنڌي ترجمو)، وڪريل موتي (مضمون ۽ مقالا) ۽ خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو (پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل مقالو).

ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“ ڪينسر جي تڪليف سبب 3 جون 1982ع تي جناح اسپتال ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ

ملاحظه فرمائيندا.

عشق سڏيو لبيڪ چئي دل پنهنجي لٽائي وينا سون
هوش حواس ۽ عقل جون پاڙون پاڻ پٽائي ويناسون.

ع - ق- شيخ

ع-ق- شيخ جو پورو نالو عبدالله ولد قادر بخش شيخ هو. هي سنڌ جو معروف مصور ۽ اديب ٿي گذريو آهي، سندس ولادت 8 مارچ 1914ع تي ٿر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ گهڙو ۾ ٿي.

ع.ق شيخ ثوري تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ زراعتي کاتي ۾ نوڪري ورتي، ٻن ٽن سالن کان پوءِ کيس ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڊرائنگ ماستريءَ جو وجهه مليو. ان جي ٽريننگ لاءِ هن کي انهيءَ زماني ۾ هندستان جي مشهور اداري سر جي جي اسڪول آف آرٽ بمبئي ۾ وڃڻو پيو. اتان هڪ سال جي ٽريننگ ڪري 1939ع ۾ واپس موٽي آيو. وڌيڪ فن سکڻ لاءِ 1942ع ۾ وري پيهر ساڳئي اسڪول ۾ داخلا ورتائين، پر ڏيڍ سال کان پوءِ والد جي بيماري سبب واپس هليو آيو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور خاص ۾ ڊرائنگ ماستر مقرر ٿيو، جتان سندس بدلي ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد م ٿي. هتي هو ڊرائنگ ٽيچر ۽ ميوزم جو انچارج ٿيو. حيدرآباد ۾ رهندي شيخ صاحب مئٽرڪ، بي اي، ايم اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان به پاس ڪيا ته، لئبريري سائنس ۾ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيو. انهيءَ وچ ۾ سنڌ تعليم کاتيَ طرفان سن 1960-61 ۾ کيس هڪ سال لاءِ انگلينڊ موڪليو ويو، جتي ويسٽ آف انگلينڊ اڪيڊمي آف آرٽس برسٽل يونيورسٽي ۾ فن جي وڌيڪ سکيا حاصل ڪيائين.

ع.ق شيخ سڄي عمر قلم ڪاغذ، رنگ ۽ برش سان وڏي جدوجهد ڪندي، غربت ۽ سادگيءَ واري زندگي وڏي شڪر ۽ اصول سان گذاري، جيتوڻيڪ کيس وڏي ڄاڻ هوندي ۽ علم و فن جي مڃيل شخصيت هوندي به اصل مقام ملي نه سگهيو، هر دور جي حڪومتن سندس لياقتن جو قدر نه ڪيو ۽ سندس اعليٰ صلاحيتن کي عوام آڏو اجاگر ٿيڻ جو موقعو نه مليو، پر پوءِ به هن ڪڏهن ان جي پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجي دنيا ۾ پنهنجي واٽ وٺيو سفر جاري رکندو آيو.

کيس ڊزائين ۾ مهارت حاصل هئي . سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي ڪتابن ۽ مهراڻ رسالي جون ڪور ڊزائينون سندس فني ڪاريگريءَ جو ثبوت آهن.

ع.ق شيخ مصور سان گڏ اديب به هو. افسانوي ادب سان خاص دلچسپي هئس، هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي نثر ۾ ڪجهه ڪتاب لکيائين. جن جا نالا هن ريت آهن:

ڪهڙ ۽ ڪشوري (ڪهاڻيون)، اسان جي مصوري (فن لطيف)، داستان اندلس (تاريخ)، تاريخ اسلام، سماجي اپياس (ترجمو)، سنڌي ستون ڪتاب، نارو (ڪهاڻيون)، ۽ روح رهاڻ (متفرقه).

ع- ق، شيخ 16 آگسٽ 1991ع تي گذاري ويو.

علڻ فقير

مشهور لوڪ فنڪار علڻ فقير سن 1932ع ۾ ضلعي دادو جي قديم ۽ تاريخي شهر آمري ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق منگهار ذات سان هو. سندس ڇڻي جو نالو ٿونئر فقير هو، سندس ڏاڏي سندس نالو علي ڏنو رکيو، جيڪو پوءِ علڻ بڻجي ويو. سندس والد جو نالو ڏمالي فقير هو، بعد ۾ علڻ ان جو نالو دائم علي فقير قائم ڪيو.

علڻ فقير جي پرورش علائقي جي سيدن ۾ ٿي.هو تعليم ڪونه پرائي سگهيو، جيئن ته ڳائڻ وڄائڻ سندس خانداني پيشو هو، ان ڪري هن ننڍي هوندي دهل وڄائڻ سکيو ۽ دهل وڄائي نچندو هو، سڄي دادو ضلعي جي ميڙن ملاکڙن ۾ دهل وڄائيندو هو، پاڻ ڪجهه عرصو مير حاجي محمد بخش ٽالپر ميرپورخاص واري وٽ رهيو. اتي مسخريون به وجهندو هو ته، مير صاحب جي صاحبزادن کي به ريجهائيندو هو.

علڻ فقير راڳ جي سکيا مولچند مهراج مانجهند واري کان ورتي. راڳ جي ابتدا هن ڏندي ۾ گهنگهرو ٻڌي ڪئي. بعد ۾ هن ميلن ۾ اسٽيج تي مزاحيه اداڪاري شروع ڪئي، جنهن تي مشهور مسخري محمد بخش کيس درخواست ڪئي ته، هيءَ فيلڊ سندس لاءِ ڇڏي.ا ن کان پوءِ علڻ فقير مزاحيه اداڪاري ڇڏي ڏني ۽ سنجيده طور باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو. شيخ اياز جڏهن سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو ته، هن علڻ فقير کي يونيورسٽي ۾ 8 گريڊ جو "آرٽسٽ آف دي ڪئمپس" جي نوڪري ڏني، جنهنکان پوءِ هو ڄامشورو ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪالوني ۾ رهڻ لڳو.

علڻ فقير کي قدرت واري مٺڙ ۽ منڙي آواز جو مالڪ بنايو هو. سندس آواز تمام گهٽيو هوندو هو جنهن ۾ غضب جي اداسي ۽ ميٺاج سمايل هو. پاڻ جڏهن پنهنجي طنبوري کي اگر سان ڇيڙي پنهنجي گلي مان الوميسان ۽ الاهو الاهو جا آلاپ ڪڍندو هو ته، ٻڌندڙن جي جسم جا وار ڪاندارجي ويندا هئا. هن گهٽو ڪري لطيف سائين کي ڳايو. البت شيخ اياز ۽ ڪجهه ٻين شاعرن کي به ڳايو. هن پنهنجي لاءِ طنبورو پاڻ ايجاد ڪيو هو، جنهن لاءِ سندس چوڻ هو ته، اهو طنبورو هن شاهه لطيف جي طنبوري کان متاثر ٿي ايجاد ڪيو.

علڻ فقير کي ريڊيو تي ممتاز مرزا متعارف ڪرايو ۽ سندس پهريون رڪارڊ جيڪو ريڊيو تي رڪارڊ ٿيو، ان جا ٻول هئا "آئون مارن لاءِ ماندي مارو

مون لاءِ ماندا" ٽيليويزن تي عبدالڪريم بلوچ آندس ۽ اتي هن جيڪو پهريون ڪلام ڳايو سو هو" نانگا ننڊ نہ ڪن لوچين لاءِ پرينءَ جي".

علڻ فقير جي مقبوليت نہ صرف سنڌي ڪلامن تائين هئي، بلڪہ هو سرائڪي، اردو، پنجابي زبانن ۾ پڻ ڳائي سگهندو هو، هن نہ صرف قومي سطح تي، پر بين الاقوامي سطح تي مقبوليت حاصل ڪئي. هن ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري مڃتا ماڻي. وادي مهراڻ جي هن فنڪار کي ڏيهہ پرڏيهہ ۾ جيڪا شهرت ملي، اها ڪنهن ٻئي لوڪ فنڪار جي حصي ۾ اچا تائين نہ اچي سگهي آهي. پيتا طور کيس ڪيترن ئي انعامن، اعزازن سان نوازيو ويو، جن ۾ 1987ع ۾ مليل صدارتي ايوارڊ "براءِ حسن ڪارڪردگي" کان سواءِ لطيف ايوارڊ (1992ع ۽ 1996ع)، پي ٽي وي ايوارڊ (1987ع ۽ 1997ع)، شهباز ايوارڊ 1996ع، مصري شاهہ اسپيشل ايوارڊ 1996ع، گورنر سنڌ (اچيومنٽ ايوارڊ 1991ع)، سنڌ فنڪار ايوارڊ 1997ع، استاد فيروزگل ايوارڊ 1997ع، شاهہ اويس قرني ايوارڊ 1998ع ۽ شهيد فاضل راهو ايوارڊ شامل آهن.

علڻ فقير اڪثر ڪارو لباس پائيندو هو، ليڪن مٿي تي هميشہ اجرڪ جو پٽڪو وڏي طرح سان ٻڌندو هو، آخري عمر ۾ مٿس فالج جو حملو ٿي پيو، جنهن سبب 4 جولاءِ 2000ع تي لياقت نيشنل اسپتال ڪراچي ۾ گذاري ويو، سندس وصيت مطابق کيس ڄامشورو ۾ سندس گهر جي اڱڻ ۾ دفن ڪيو ويو.

علي احمد بروهي

علي احمد ولد ڪريم بخش بروهي 11 نومبر 1921ع تي تعلقي اباوڙي جي ڳوٺ ڪنبڙا ۾ ڄائو، سندس رهڻ ڪهڻ ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو ۽ اڄڪلهہ ڪراچي ۾ رهي ٿو. پاڻ چوٽيءَ جو اديب، صحافي ۽ دانشور آهي.

علي احمد بروهي جو والد پوليس ۾ ملازم هو، پاڻ جڳ مشهور قانوندان اي ڪي بروهي جو ننڍو ڀاءُ آهي، هن ابتدائي تعليم اباوڙي ۽ ڳڙهي ياسين ۾ حاصل ڪئي، ثانوي تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪئي. 1941ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ساموندي فوج ۾ وائرليس ٽيليگرافسٽ طور ڀرتي ٿي تربيت لاءِ بمبئي ويو. ٻي مهاڀاريءَ لڙائي وارو عرصو رايل انڊين نيويءَ ۾ گذاريائين. 17 فيبرروي 1946ع تي بمبئي ۾ ساموندي فوج جيڪا بغاوت ڪئي هئي، ان ۾ بروهي صاحب پڻ حصو ورتو هو. جنهن جي ڏوهہ ۾ کيس گرفتار ڪري، پهريان ٺاڻہ جيل بمبئي، پوءِ اروڙا جيل پونا ۽ آخر ۾ سينٽرل جيل ڪراچي ۾ رکيو ويو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1948ع ۾ کيس آزادي ملي. قيد مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پاڻ 1948ع کان 1950ع تائين ڳڙهي ياسين هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو. ان کان پوءِ صحافت سان وابستہ

رهيو. پهريان روزانہ "انقلاب" سکر، پوءِ هفتيوار "منشور" سکر ۽ آخر ۾ "قرباني" ۽ "صدائي سنڌ" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سکر ۾ سندس هڪ ننڍڙي پرنٽنگ پريس هئي، جنهن جي ضبط ٿيڻ کان پوءِ خيرپور رياست ۾ وڃي انفارميشن کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. ون يونٽ سبب رياستي کاتا ختم ٿيڻ کانپوءِ ملتان، لاهور، ڪوئيٽا ۽ ڪراچي ۾ اطلاعات کاتي جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو. 1970ع ۾ ڊائريڪٽر پبلڪ رليشن سنڌ مقرر ٿيو، جتان 1972ع ۾ ڀٽي حڪومت کيس ٻوڏهن سو عملدارن واري لسٽ ۾ آڻي ڪڍي ڇڏيو. جنهن کان پوءِ بخش گروپ آف انڊسٽريز جو قانوني صلاحڪار ٿي رهيو. 1977ع ۾ فوجي حڪومت کيس واپس سرڪاري نوڪري ۾ ڊائريڪٽر جنرل ريفرنس ريسرچ اسلام آباد جو عهدو ڏنو ۽ پوءِ صوبي سنڌ ۾ اطلاعات جو سيڪريٽري مقرر ٿي ڪراچي آيو جتان 1980ع ۾ رٽائر ڪري، شيخ زيد بن سلطان ٽرسٽ ۾ ڊپٽي ائڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو.

بروهي صاحب گهڻو عرصو سرڪاري فلمن جو ڊائريڪٽر به ٿي رهيو، جنهن دوران سندس سنڌ ۽ بلوچستان جي ثقافت متعلق فلمون ڪافي مشهور ٿيون. هن جي پهرين فلم سورت الرحمان بابت هئي، جنهن ۾ قرآن پاڪ جي آيتن کي فلمايو ويو هو. هن سير سفر به چڱو ڪيو آهي، دنيا جا ڪيترائي ملڪ گهمي ڏٺا اٿس.

بروهي صاحب پنهنجي مصروفيتن سان گڏ لکڻ پڙهڻ جو شغل به جاري رکيو اچي. هن ڪجهه ڪتاب به لکيا آهن ته، مختلف رسالن ۽ اخبارن لاءِ مضمون ۽ ڪالم پڻ لکندو رهي ٿو. کيس بهترين ڪالم نويس جا انعام پڻ مليل آهن.

چام چامون چامڙا، واٽ ويندي (1986ع)، سنڌ منهنجي سڌڙا (1987ع)، ڏيئا نيل ڦليل جا (1987ع) ۽ ڪڪ پن، سندس مشهور تصنيفون آهن. انهن ڪتابن کان سواءِ سندس ٻيا به ڪتاب سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڇپيل آهن.

علي احمد ٽالپر، مير

مير علي احمد ولد مير نبي بخش ٽالپر 31 آگسٽ 1915ع تي ٽنڊي مير محمود، حيدرآباد ۾ اک کولي. پاڻ ممتاز سياستدان، اديب، مفڪر ۽ فلاسفر ٿي گذريو آهي.

مير علي احمد ٽالپر انگريزي تعليم نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي، ۽ ديني تعليم مولوي خير محمد نظاماڻي ۽ ٻين بزرگن جي صحبت ۾ رهي پرائي. پاڻ حافظ قرآن هو.

مير صاحب سياسي ۽ سماجي زندگيءَ جو آغاز 20 سالن جي عمر ۾ ڪيو، هن ڊاڪٽر دائود پوٽي، مولوي خير محمد نظاماڻي ۽ فضل احمد غزنوي سان ملي 1935ع ۾ "انجمن احياءِ ملت" ناهي. 1937ع ۾ پاڻ آل انڊيا

ڪانگريس ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻيو. ساڳئي سال ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي پارليامينٽري بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو. 1939ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو، پهريان صوبي بهار جو نائب حاڪم اعليٰ مقرر ٿيو ۽ بعد ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جو حاڪم اعليٰ ٿي رهيو. 1946ع ۾ قوم پرست مسلمانن جي ڪنوائيل اجلاس دهليءَ ۾ شريڪ ٿيو.

پاڪستاني سياست ۾ بہ مير صاحب چانيل رهيو. 1953ع ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ بنا مقابلي ميمبر چونڊيو. ون يونٽ جي قيام کان پوءِ مغربي پاڪستان جي چونڊن ۾ حيدرآباد ضلعي مان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. ۽ ڊاڪٽر خانصاحب جي ۽ پوءِ سردار عبدالرشيد ۽ نواب مظفر علي جي وزارتن ۾ وزير ٿي رهيو. ايوب خان جي دور ۾ فاطمہ جناح جو کلي طرح ساٿ ڏنائين. جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي جو قيام عمل ۾ آيو تہ، ان ۾ شامل ٿي ويو. پيٽي صاحب کي حيدرآباد ۾ رهائش ۽ خوش آمديد چوڻ وارن محموداڻي ميرن ۾ مير علي احمد سر فهرست هئو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن سندس ئي بنگلي تي حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو. 1970ع جي عام اليڪشن ۾ بدين ضلعي مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. جڏهن پيٽي صاحب 1973ع ۾ ملڪ کي هڪ بهترين آئين سان نوازيو تہ. ملڪ جي سمورن سياستدانن ۽ هر مڪتبہ فڪر سان واسطو رکندڙ ماڻهن ان آئين کي صدق دل سان قبوليو، پر مير صاحب ان جي مخالفت ڪئي ۽ آئين تي صحيح نہ ڪيائين. جنهن ڪري پيٽي صاحب ۽ مير صاحب جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ مير صاحب پيپلز پارٽي کي خيرباد ڪري آيو.

جنرل ضياء جي دور حڪومت ۾ 1979ع ۾ ڪيس پاڪستان جو وزير دفاع بنايو ويو. پاڻ جنرل ضياء جي خاص حمايتن ۽ دوستن ۾ شمار ڪيو ويندو هو، هن ان دور ۾ پيپلز پارٽيءَ جي کلي مخالفت ڪئي. جنهن ڪري 1985ع واري غير سياسي اليڪشن ۾ قاضي عابد جي مقابلي ۾ ڪيس شڪست جو منهن ڏسڻو پيو.

مير صاحب کي علم و ادب سان گهري دلچسپي رهي. وٽس عالمن ۽ اديبن جو وڏو قدر هو. پاڻ فصيح ۽ بليغ مقرر پڻ هو.

مير علي احمد ٽالپر 5 اپريل 1987ع تي لنڊن جي "لنڊن اسپتال" ۾ گذاري ويو. سندس جسد خاڪي کي 9 اپريل تي حيدرآباد آڻي، سندس آبائي قبرستان گنجو ٽڪر ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

علي احمد قاضي

ڊاڪٽر علي احمد قاضي 30 سيپٽمبر 1897ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ بااصول آفيسر، اديب ۽ زنده دل انسان ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر علي احمد جو تعلق ضلعي دادو جي شهر پاٽ جي مشهور قاضي خاندان سان هو ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي جو ڀائيجو هو. هن مذهبي تعليم سان گڏ

سنڌي ۽ انگريزي تعليم به حاصل ڪئي. نولراءِ هيراند اڪيڊمي مان 1915ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. پنهنجي هوشياري سبب اسڪالر شپ حاصل ڪري 1918ع ۾ جونيئر ايل سي پي ايس بمبئيءَ مان پاس ڪري سنڌ ميڊيڪل سروس اختيار ڪيائين. 1928ع ۾ ڪلاس ون آفيسر مقرر ڪيو ويو. پهريان پوليس سرجن ڪراچي ۽ بعد ۾ ميڊيڪل آفيس سينٽر ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر هيلٿ سروز سنڌ مقرر ٿيو. آخر ۾ ترقي ڪندو 1953ع ۾ ڊائريڪٽر هيلٿ سروز سنڌ مقرر ٿيو، جتان اپريل 1955ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ مستقل ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

ڊاڪٽر صاحب نهايت خاموشيءَ سان سنڌي ادب جي خدمت ڪئي. هو سنڌي زبان جو بهترين اديب هو، سنڌي زبان ۾ سندس ڇڏيل تصنيفون شاهڪار جي حيثيت رکن ٿيون. صحت، نفسيات ۽ فلسفي تي هن ڪيترائي مضمون مقالا ۽ ڪتاب لکيا. نفسيات سندس پسنديده مضمون هو، سنڌي ٻوليءَ ۾ فني لفظن ۽ محاورن جو پاڻ جيڪو ذخيرو ڇڏي ويو آهي، سو بيحد قدر لائق آهي. پاڻ سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي جو نائب صدر به ٿي رهيو. سندس لکيل ڪتابن مان هيٺيان اهم آهن.

علم بدن (پيو ڇاپو- 1933ع)، تندرستي، پتر 23 (1940ع)، تن ۽ تندرستي (علم صحت-1957ع)، جنرل سائنس(1963ع)، نفسيات (1969ع) ۽ حيات النبي.

ڊاڪٽر علي احمد قاضي 27 جنوري 1970ع تي دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

علي اصغر شاهه راشدي، پير

پير علي اصغر شاهه "علي" ولد پير حزب الله شاهه (تخت-ڌڻي) 28 سيپٽمبر 1861ع تي پير ڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ تولد ٿيو. پاڻ قادرالڪلام شاعر، عالم، اديب ۽ طبيب ٿي گذريو آهي.

پير علي اصغر شاهه تعليم پير ڳوٺ ۾ آخوند محمد ۽ مولوي محمد عيسيٰ وٽ حاصل ڪئي. کيس ننڍي هوندي کان وٺي شعر چوڻ جو شوق هوندو هو. سندس صغير سنيءَ جي وقت جو هڪ ديوان به نهيل آهي. ان وقت فارسي زبان جو وڏيڪ رواج هو. ان ڪري سندس اڪثر شاعري فارسيءَ ۾ آهي. پاڻ پنهجي والد صاحب سان به گهڻو ڪري فارسيءَ ۾ گفتگو ڪندو هو. سندس ٽي ديوان فارسي ۾ ۽ هڪ ديوان سنڌي زبان ۾ جڙيل آهي. کيس سنڌي، فارسي ۽ عربيءَ تي هڪ جيترو عبور ۽ قدرت هئي. اردو ۽ شر ۾ پڻ سندس ڪيترائي شعر چيل آهن، سندس فارسي ديوان ۾ اڪثر شعر بي نقط نظر ايندا ان فن ۾ کيس خاص ملڪو هو. هن نظم ۾ چند تصنيفون پڻ لکيون آهن، جن ۾ "سلسلہ قادريہ" خاص تصنيف آهي.

پير صاحب کي طب جي فن تي پڻ مهارت هئي. هن طب ۽ ٻين موضوعن تي نثر ۾ پڻ ڪجهه ڪتاب لکيا. ڪيس مذهبي علمن جهڙوڪ حديث، فقه ۽ تفسير وغيره تي پڻ وڏو ملڪو حاصل هو. پاڻ آرٽ جو فن به ڄاڻندو هو، ڪيترائي ماڻهو پري پري کان سندس تعريف ٻڌي زيارت لاءِ ايندا هئا ۽ سندس شعر، خوشخط تحرير ۽ نقش نگاري ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.

پير علي اصغر شاهه "علي" راشدي 18 فيبروري 1936ع تي وفات ڪري ويو. سندس مزار پير ڳوٺ ۾ روضي شريف جي ٻاهران اتر طرف آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏنل آهي.

آمد چمن ۾ آهه ڪنهن گلعذار جي
جا روب، ڪش ڏسان نسيم بهار جي
اي هجر بي نصيب ذرا دل ڪان ٿي پري
خلوت سرا آ خاص ايها ڪنهن نگار جي.

علي اڪبر درازي، قاضي

علي اڪبر ولد علي محمد قاضي 28 جولاءِ 1895ع تي قاضي عبدالسميع محلي روهڙي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور اديب، شاعر ۽ سچل سائين جو سوانح نگار ٿي گذريو آهي.

قاضي علي اڪبر درازي پرائمري تعليم روهڙيءَ مان ۽ سيڪنڊري تعليم سکر مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ 1917ع ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ بڻيو، جتان ترقي ڪندو آخر ٽريزري آفيسر جي عهدي تان 28 جولاءِ 1950ع ۾ رٽائر ڪيائين ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن ذڪر اذڪار ۾ بسر ڪيائين.

قاضي صاحب سچل سائين جو سچو عاشق هو. سچل جي پيغام کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ هن مثالي ڪردار ادا ڪيو. ان سلسلي ۾ هن سچل سرمست متعلق منوسو کن ڪتاب ڇپرائي مفت ورهايا. سچل سائين جي تفصيلي سوانح لاءِ ڪتاب "دولهه درازي" 1961ع ۾ لکي شايع ڪرايائين. جيڪو سنڌي ادب جو بي بها ڪتاب آهي. نثر کان سواءِ سخن جي ميدان ۾ پڻ ڪوئنتل ڪڏايو اٿس. ڪلام ۾ تخلص "غلام اڪبر" آندو اٿس. ڇاڪاڻ جو سندس مرشد کيس فرمايو هو ته، ادب وچان علي اڪبر بجاءِ شعر ۾ پنهنجو نالو غلام اڪبر آڻ. "غلام اڪبر" نالي سان سندس مڪمل ديوان ڇپيل آهي. ان کان علاوه نثر توڙي نظم ۾ سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه هن ريت آهن.

قرة العين الرسول صلي الله عليه وسلم (1961ع)، دانا درازي (1962ع)، مثنوي عشق نامو (ترتيب-1962ع)، مثنوي گداز نامو (ترتيب-1962ع)، مثنوي تارنامو (ترتيب-1963ع)، مثنوي دردنامو (ترتيب

1964ع)، مثنوي رهبرنامو (ترتيب-1964ع)، شهنشاهہ عشق (1968ع)، مثنوي راز نامو مع ديوان خدائي (ترتيب-1968ع)، عشق حبيب (1969ع)، فاتح سنڌ (1969ع)، سردار محمد بخش ڪوجهي (1971ع)، انتخاب سنڌي ڪلام سچل سرمست (ترتيب 1972ع)، ديوان ڪوجهي (ترتيب)، درد جو داستان، بيعت الرضوان، سفرنامہ ايران وعراق، عشق وڏو اسرار (ترتيب)، قصو تقدير ۽ تدبير وغيره.

قاضي صاحب 30 آڪٽوبر 1981ع تي وفات ڪئي. سندس هڪ بيت نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

مـحـبـت ريءَ جڳ ۾ ٻيـو ٺـئـي ڪوڙو ڪچ
چڙي ڊونـگ دنيـــــــا جا راهہ انهـيءَ ۾ رچ
"غلام اڪبـر" غريب، ٿـو توکي سـٺـائي سچ
مـحـبـت ٻارج مچ تہ سـجڻ ٿـيـئـي سـامـهـون.

علي اڪبر شاهہ

سيد علي اڪبر شاهہ ولد سيد احمد شاهہ 2 فيبروري 1901ع تي شهر ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اعليٰ پائي جو عالم دين، ٻي لوث سماجي خدمتگار، تحريڪ پاڪستان جو اڳواڻ ۽ غريبن جو هڏڏوکي، درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي.

سيد علي اڪبر شاهہ قرآن شريف، سنڌي ۽ انگريزي جا ٻہ ٽي درجا ميهڙ ۾ پڙهيو. فارسيءَ جو درس مولانا عبدالوهاب ڪنير، ڳوٺ گاهي مهيسر واري کان حاصل ڪيائين ۽ عربيءَ جي تعليم مولانا عبدالڪريم ديروي کان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو ۽ پوءِ جامع مسجد ميهڙ جو امام ۽ خطيب مقرر ٿيو. جنهن هن "مدرسہ عربيہ اڪبريہ دارالقرآن" جو بنياد وڌو. اهو مدرسو اڄ بہ قائم آهي، هن معاشري مان غلط رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ميهڙ ۾ "انجمن اصلاح رسوم" پڻ قائم ڪئي. ان کان سواءِ نوجوانن جي لاءِ "ينگ مسلم ايسوسيئيشن" جو قيام عمل ۾ آندو ۽ مدرسي ۾ بالغن لاءِ نائيٽ اسڪول پڻ قائم ڪيو. ان سان گڏ هڪ لائبريري بہ قائم ڪئي، جنهن مان شهر وارن کي وڏو فائدو رسيو.

سيد علي اڪبر شاهہ سياست ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. خلافت تحريڪ ۾ زور شور سان حصو ورتائين، پاڻ ميهڙ جي لاءِ خلافت جو ڪنوينر مقرر ٿيو. لاڙڪاڻي واري خلافت ڪانفرنس کي ڪاميـاب بنائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. 1940ع کان پوءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي، تحريڪ پاڪستان ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين. ڪيس آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر بڻايو

پرمٽ واپس ڪري ڇڏي ته، جيستائين الله تعاليٰ اسان کي هلڻ ڦرڻ جي طاقت ڏني آهي، ان وقت تائين اسان کي گاڏي جي ضرورت نه آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ شاهه صاحب جو سمورو توجهه تبليغي، ديني ۽ ادبي خدمتن طرف رهيو، سندس علم جو چرچو هندستان، عرب، عراق، مصر ۽ ايران تائين هئو. کيس شعروشاعري سان پڻ دلچسپي رهي. هن ڪيترن ئي مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن جي صدارت ڪئي.

سيد علي اڪبر شاهه 22 جون 1971ع تي وفات ڪئي، هن فقير طبع انسان وفات وقت پويان ذاتي ملڪيت ۾ ڪابه پراپرٽي ڪونه ڇڏي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تون وضع تي پنهنجي قائم رهه،
قدرت جي مگر تحقير نه ڪر،
ڏي پنهنجي نظر کي آزادي،
خودبينيءَ کي زنجير نه ڪر.

علي بابا

علي محمد المعروف علي بابا ولد محمد رمضان رند بلوچ سن 1945ع ۾ ڪوٽڙي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بلند پايه ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس ۽ سنڌ جو مست الست ليکڪ آهي.

علي بابا پرائمري تعليم نانگو لائين ميونسپل پرائمري اسڪول ڪوٽڙي مان ورتي. ان کان پوءِ شير دل خان ميونسپل هاءِ اسڪول ڪوٽڙي ۾ داخل ٿيو، اتي مئٽرڪ تائين پڙهيو، پاڻ جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏئي رهيو هو، ته امتحان هال ۾ هڪ چوڪري کي پوندو ڏيڻ تي هڪ استاد قاضي يار محمد کيس امتحان هال مان ڪڍي ڇڏيو. علي بابا ان کان پوءِ وري اسڪول جو منهن نه ڏٺو.

علي بابا سنڌي ٻوليءَ جو اهو پورهيت اديب آهي، جنهن نهايت سچائي سان پورهيو ڪيو آهي، سنڌ کي ٻه جهڙي طرح علي بابا گهمي ڏٺو آهي، ائين شايد ئي ڪنهن ڏٺو هجي، ٻيڙي جي مهاڻن کان وٺي پٽن جي جوڳين تائين، ٿري ڪولهن کان وٺي جبلن جي لاهوتين ۽ سامين تائين پهتو آهي. هن سنڌ جي چپي چپي کي پرينءَ جو شهر سمجهي ڏٺو آهي ۽ محسوس ڪيو آهي. حساس دل رکندڙ علي بابا ڪڏهن به سنڌ جو حسن ڏسندي ٿڪو ناهي، سنڌ هن جي لاءِ سراپا حسن آهي.

علي بابا جي ڪهاڻين توڙي ڊرامن ۾ سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ خوبصورت ٻوليءَ جو استعمال هوندو آهي هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ ريڊيو، ٽي وي لاءِ ڊراما لکيا آهن، جيڪي تمام گهڻو مقبول آهن. ٽيليويزن لاءِ لکيل

ويو، جنهن ڪري ڪيس مسلم ليگ جي وڏن وڏن ليڊرن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. انهن ۾ لياقت علي خان، نواب بهادر يار جنگ ۽ علامہ شبير احمد عثماني شامل آهن. سائين جي ايم سيد جي مسلم ليگ تان استعيفا ۽ قائداعظم سان اختلاف ٿيڻ کان پوءِ ڪيس سنڌ مسلم ليگ جو صدر بڻايو ويو. پاڻ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان 1945ع ۾ اليڪشن لڙيو، جنهن ۾ سندس مقابلو علائقي جي هڪ وڏي بااثر شخصيت ۽ قومي سردار محمد قاسم مهيسر سان ٿيو، جنهن جي حمايت ۾ جواهر لال نهرو اچي علائقي جو دورو ڪري ورڪ ڪئي هئي، پر شاهہ صاحب ڪيس زبردست شڪست ڏني. ان اليڪشن ۾ پوري برصغير ۾ وڌ ۾ وڌ ووٽ سيد علي اڪبر شاهہ کي ئي مليا هئا. 1946-47ع ۾ هن سموري برصغير هندو پاڪ جا دورا ڪيا ۽ قائداعظم سان گڏجي ڪم ڪيو.

شاهہ صاحب جي عوام ۾ مقبوليت ايتري قدر هئي جو جڏهن پاڻ باهران ميهڙ ۾ ايندو هو ۽ ميهڙ جي ماڻهن کي خبر پوندي هئي تہ، هجومن جا هجوم بس اسٽاپ تي سندس استقبال لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا ۽ ڪيس گهر جي در تائين رخصت ڪري پوءِ موٽندا هئا. جڏهن پاڻ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو تہ، ڪيس هڪ هزار روپيہ وظيفو ملندو هو. جنهن مان 400 روپيہ غريب شاگردن ۾ ورهائيندو هو 300 روپيہ تاج ڪمپني کي قرآن مجيد جي ڇپائي لاءِ ڏيندو هو، باقي 300 روپيہ پنهنجي خرچ لاءِ رکندو هو، اسيمبلي دوران هن تعليمي، اصلاحي ۽ غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيترا بل پاس ڪرايا. پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ ڪميٽي جو سرگرم ميمبر ۽ اسلامي شعبي جو پهريون اعزازي سربراهہ پڻ ٿي رهيو.

شاهہ صاحب علم کي عام ڪرڻ لاءِ پڻ گهڻائي جتن ڪيا، حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي وٽ هڪ عظيم الشان اداري جامعيہ عربيہ جو بنياد وڌائين. اڄ بہ اهو ادارو هاءِ اسڪول جي صورت ۾ قائم آهي. هن "آل پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس" جو بہ اهتمام ڪيو. 1940ع ۾ حيدرآباد ۾ "آل سنڌ عربي ايجوڪيشنل ڪانفرنس" ڪرائايائين. ڪراچي ۾ دارالاشاعت ۽ دارالطباعت قائم ڪرايائين.

شاهہ صاحب شعلہ بيان مقرر هو. سندس تقرير دلنشين هوندي هئي، مشهور آهي تہ هن هڪ ڀيري حيدرآباد صدر واري علائقي ۾ صدر جي جامع مسجد جي بنياد ۽ تعمير لاءِ تقرير ڪئي تہ، هڪ ماڻهو (آخوند عبداللطيف) هڪ لک روپيہ ڏيڻ جو اعلان ڪيو، قائداعظم سندس تقرير کي ڏاڍو پسند ڪندو هو، ٻين لاءِ ٽائيم مقرر هوندو هو، پر شاهہ صاحب جي تقرير لاءِ ٽائيم مقرر نہ هوندو هو.

شاهہ صاحب جي سڄي ڄمار زهد تقويٰ ۽ انڪساري ۾ گذري، هڪ دفعي صدر ايوب خان ڪيس موٽر ڪار جي پرمٽ موڪلي، پاڻ اهو ڇئي اها

سندس هڪ ڊرامي کي تہ عالمي شهرت حاصل آهي، اهو ڊرامو آهي "دنگي منجهہ درياهہ" هن ڊرامي کي ميونخ جي عالمي ميلي ۾ دنيا جو ٽيون نمبر بهترين ڊرامو قرار ڏيندي "جرمن ايوارڊ" سان نوازيو ويو. هن ميلي ۾ دنيا جي 97 ملڪن حصو ورتو هو. ان کان علاوه سندس ٻيا بہ ڪيترائي ٽي وي ڊراما مشهور آهن، سندس زندگيءَ جو گذر سفر ٽي ٽي وي ناٽڪن لکڻ تي آهي. پاڻ ڪجهہ وقت مختلف رسالن جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو آهي.

علي بابا جو هڪ ناول موهن جو دڙو (حصو پهريون-1985ع) ۽ ڪجهہ ڪهاڻين جا مجموعا ڇپيل آهن جهڙوڪ، ڏرتي ڏڪاٽا، لهندڙ سج جي لام، رج سجوئي رت ڦڙا، آيل ڙي اولاٺا، منهنجون ڪهاڻيون، سنڌباد ۽ مسافر وغيره.

پاڻ هن وقت ناول "موهن جو دڙو" جو ٻيو حصو لکي رهيو آهي. سندس ڪتاب 'ڌرتي ڌڪاٽا" تي کيس سگا طرفان ايوارڊ ۽ هزار روپيہ انعام ۽ سنڌالاجي طرفان ايوارڊ مليو. ان کان علاوه مختلف طور کيس مليل ايوارڊن ۾ شاهہ لطيف ڊرامٽيڪ سوسائٽي پاران گولڊ ميڊل ۽ پاڪستان سرڪار طرفان مليل صدارتي ايوارڊ پڻ شامل آهن.

علي بخش احمد زئي

علي بخش احمد زئي ولد محمد يوسف سن 1910ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ طباعت ۽ ڇپائي جو وڏو ماهر ۽ شاعر و اديب هو.

علي بخش احمد زئي جو والد پنهنجي وقت جو رج چڱو مڙس هو، ميرن جي صاحبي ۾ هن خاندان کي حيدرآباد ۾ ڪافي ملڪيت انعام طور مليل هئي.

هن مختصر تعليم پرائي پريس لائين اختيار ڪئي ان سلسلي ۾ حيدرآباد جي مشهور هندو فنڪارن ۽ ماهرن جي زير تربيت طباعت جي فن ۾ مهارت حاصل ڪيائين. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ پريس حيدرآباد جو مئنيجر ٿي رهيو، سنڌي ادبي بورڊ جا شاهڪار ڪتاب سندس مخلصانہ ۽ ماهرانہ فن لاءِ شاهد آهن.

پاڻ اوائلي زندگيءَ ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ "آفتاب" اخبار جو ايڊيٽر بہ رهيو. خاڪسار تحريڪ جي ڦهلاءَ لاءِ علامہ مشرقيءَ جون ڪيئي تقريرون سنڌي ۾ ترجمو ڪرائي ڇپايائين. ان کان علاوه ٻيا بہ علمي ۽ ادبي ڪتاب شايع ڪيائين، جن ۾ سندس ناول وڏيڪ پسند ڪيا ويا. کيس شعروشاعري جو بہ شوق هو. 1931ع کان شعر چوڻ شروع ڪيائين. سندس ڪلام ڪافين ۽ غزلن تي مشتمل آهي. پاڻ 29 اپريل 1974ع تي وفات ڪري ويو.

علي بخش جمالي

حاجي علي بخش ولد ڪريم بخش جمالي 12 اپريل 1912ع تي ڳوٺ بچل مهيسر تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ڪهنه مشق شاعر ٿي گذريو آهي.

حاجي علي بخش جمالي صرف ٻه ٽي درجا پڙهيل هو، ليڪن مالڪ ذات ڏني هئس، جنهن ڪري هن ججهو ۽ معياري ڪلام چيو. هن پنهنجي زندگي هميشه فقيري خيال ۾ نرالي رنگ ڍنگ ۾ گذاري. شاعري جو شوق ننڍپڻ ڪان ئي دامنگير رهيس، ويتر مولانا غلام رسول جتوئي ۽ مولوي عبدالله "اثر" جي صحبت ۾ رهي رچي ريٽو ٿي ويو. سندس ڪلام ۾ رواني آهي. ٽيهه اڪريون، رباعيون، دوها، غزل، قطعا، ڪافيون، مداحون، مولود ۽ وايون سندس ڪلام جو حصو آهن. حمد، نعت ۽ مسدس سندس پسنديده صنفون رهيون. سنڌ جي هن پورهيت عوامي ۽ معمر شاعر ڪي مسدس ۾ "سنڌ جو حالي" تصور ڪيو وڃي ٿو. شاعري ۾ تخلص "آسي" ، "جمالي" ۽ "علي بخش" ڪتب آندا اٿس.

حاجي صاحب "بزم اثر" لاڙڪاڻي جو نائب صدر "بزم سچل" لاڙڪاڻي جو سرپرست ۽ سنڌي ادبي سوسائٽي جو باني ٻيلي رهي چڪو هو. سندس ڪلام جا ٻه مجموعا هڪ "سارا گل گلاب جا" ۽ ٻيو نعتيه ديوان "محسن اعظم" ڇپيل آهن. کيس 1996ع ۾ صدارتي ايوارڊ جو حقدار ٻه مڃيو ويو. پاڻ 1997ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مـيان تـو دوسـتـو هاڻي برائي چوٽ تي آهي.
چئون ٿا جنهن کي غيرت سا وڪاڻي نوٽ تي آهي
ٻڏو سنڌرو اسـان سـاهي سـراسـر کـوٽ تي آهي
اسـان جو هر قـدم ابتـو اڏنگو اوٽ تي آهي

علي حسين بيگ، مرزا

مرزا علي حسين ولد مرزا قطب علي بيگ جولاءِ 1900ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ماهر باغبان، سخي دل، يار ويس ۽ درويش صفت نيڪ مرد ٿي گذريو آهي.

مرزا علي حسين بيگ جو تعلق ٽنڊي ٺوڙهي جي معزز مرزا خاندان سان هو. پاڻ مشهور تاريخ ساز شخصيت مرزا خسرو بيگ جو پڙ پوٽو هو، سندس ڏاڏو ۽ والد ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيا هئا. هن سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ پوءِ زمين سنڀالڻ لڳو. کيس باغباني ۽ زراعت جو شوق ننڍي هوندي کان وٺي هوندو هو. پاڻ هڪ ماهر ۽ ڪامياب باغبان ۽ زميندار شمار ڪيو ويندو هو. چوپائي مال ڌارڻ جو ٻه کيس ڏاڍو خفت هوندو هو. سندس وٿاڻ ۾ هر قسم جو چوپايو مال موجود هوندو هو.

علي محمد بيگ، مرزا

مرزا علي محمد ولد مرزا قربان علي بيگ 7 مئي 1898ع تي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ قادالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

مرزا علي محمد بيگ قرآن مجيد ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي، انگريزي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪري، سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ مختلف شهرن جي مختلف ڪورٽن ۾ سرشتيدار ٿي رهيو.

مرزا صاحب جي خاندان ۾ جيئن ته نامور شاعر موجود هئا، ان ڪري ادبي ماحول سبب کيس شعروشاعري جو شوق پيدا ٿيو. جڏهن شعروشاعري شروع ڪيائين ته، سندس ڪلام کي سندس شفيق ۽ مهربان پيءُ ڏسي، سندس همت افزائي به ڪئي ۽ سندس تخلص "مظفر" تجويز ڪيو.

جڏهن مير عبدالحسين خان سانگي کي گورنمينٽ طرفان مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو ته، مرزا علي محمد کي خاص طور مير صاحب جو جڊيشنل ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو هو. غزل ۾ اصلاح سانگي کان وٺندو هو ۽ انهيءَ جي صحبت ۾ غزل گوئي طرف مائل ٿيو. سندس ڪلام سنڌي، اردو ۽ فارسي ۾ موجود آهي.

مرزا صاحب جي دوستيءَ جو دائرو تمام وسيع هو. پاڻ پر وقار شخصيت ۽ رعبدار آواز جو مالڪ هو، سندس معلومات جو دائرو به ڪافي وسيع هو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ حيدرآباد جي اخبارن آفتاب ۽ سنڌ نيوز ۾ جيڪي سندس يادگيريون شايع ٿيون، سي هڪ تاريخ جي حيثيت رکن ٿيون.

مرزا علي محمد بيگ "مظفر" پهرين جنوري 1980ع تي هي جهان ڇڏيو. نموني طور سندس ڪلام جون سٽون آهن:

ڪسي ديدار سان دل ويو اول مونس دويم دلبر
جو مونس، مونس جاني ۽ دلبر دلبرِ شڪر

علي محمد شاهه راشدي

پير علي محمد شاهه ولد پير محمد حامد شاهه راشدي 5 آگسٽ 1905ع تي ڳوٺ بهمڻ، لڳ نصرت اسٽيشن تعلقي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جي اها عظيم المرتبت شخصيت ٿي گذريو آهي، جنهن ويهين صدي دوران ادب، تاريخ، سياست ۽ صحافت جي ميدان ۾ اهڙا ته ڪارناما سرانجام ڏنا جو سنڌ جي تاريخ ۾ سندس نالو هميشه زنده جاويد رهندو.

پير علي محمد شاهه جو تعلق راشدي سيدن جي خاندان سان هو، جيڪي لڪياري سيدن جي شاخ شمار ڪيا وڃن ٿا. پاڻ جڳ مشهور عالم، محقق ۽ دانشور پير حسام الدين شاهه راشدي جو وڏو ڀاءُ هو. پاڻ محدود

مرزا صاحب پنهنجي دولت تي ڪڏهن به غرور نه ڪيو. پاڻ تمام سادي طبيعت جو هو، سخي به حد درجي جو هو. هميشه غريبن ۽ محتاجن جي مدد ڪري، پنهنجي ملڪيت جو صحيح ۽ جائز استعمال ڪندو رهيو. ادنيٰ توڙي اعليٰ سڀني سان نيازمنديءَ سان پيش ايندو هو. پاڻ گهڻين خوبين جو مالڪ هوندو هو. ڪيترين ئي ٻولين ڄاڻندو هو، هو ايرانين سان ايراني، عربن سان عرب، پنجابن سان پنجابي، پٺاڻن سان پٺاڻ ۽ مڪرانين سان مڪراني سمجهيو ويندو هو. سندس گفتگو نهايت شائسته ۽ نصيحت آميز هوندي هئي. اڪثر سندس گفتگو موثر پهاڪن، سهڻن سخنن، بامعنيٰ چوڻين، اصطلاحن ۽ بيتن سان سينگاريل ۽ سنواريل هوندي هئي.

مرزا علي حسين بيگ 30 جنوري 1962ع تي حرڪت قلب بند ٿيڻ ڪري گذاري ويو.

علي خان ابڙو

علي خان ولد محمد عمر ابڙو سن 1888ع ۾ ميهڙ جي پرسان ڳوٺ سانگين ۾ تولد ٿيو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي منتقل ٿيو. پاڻ سنو اديب، شاعر ۽ تعليمي آفيسر هو.

علي خان ابڙي ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي هئي. ڪيس تعليم کاتي ۾ نوڪري هئي، جتي مختلف عهدن تي فائز رهي، آخر ۾ پرنسيپال جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

ابڙو صاحب نهايت شريف، ديانتدار ۽ محنتي آفيسر ۽ تعليمي ماهر هو. هن ڪافي درسي ڪتاب تيار ڪيا، جيڪي درسي طور منظور ٿيل آهن. پاڻ بهترين نثر نويس هو. هن مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيا آهن آخر ۾ "معارف القرآن" جي طرز تي قرآن مجيد جو تفسير سنڌي زبان ۾ لکيائين. هن نثر سان گڏ نظم ۾ به طبع آزمائي ڪئي، ۽ سندس شاعري علم عروض مطابق آهي، مشهور افسانا نگار جمال ابڙو صاحب سندس فرزند آهي.

علي خان ابڙي جي قلم جي نوڪ مان نروار ٿيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

حالات نبوي صلي الله عليه وسلم، احاديث نبوي صلي الله عليه وسلم، رسومات تباهي، اسلام ۽ ترقي (چار حصا)، ترقي سنڌ مسلم، اخلاقي گلدستو، سر ساموندي، اسلام ۽ ڪميونزم، تعليم الاسلام، اسلام جو مالي نظام، ۽ نئون سنڌي وياڪرڻ، وغيره.

علي خان ابڙو 16 جولاءِ 1954ع تي وفات ڪري ويو.

تعليم جي باوجود شهرت جي بلندين تي پهتو.

پير صاحب ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار وينل ڊکڻ ۽ مولوي محمد صديق ميرپور واري کان ورتي. سنڌي چار درجا ۽ فارسي سڪندر نامہ تائين پڙهيو، ٿوري عربي بہ پڙهيو، پوءِ انگريزي چار درجا خانگي طور ماستر محمد رفيق ۽ نصرت اسٽيشن جي اسٽيشن ماستر وٽ پڙهيو، ان کان پوءِ ذاتي محنت ۽ مطالعي سان سنڌي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ۾ مهارت حاصل ڪري ورتائين.

پير صاحب پنهنجي صحافتي زندگي جو آغاز 1924ع ۾ سنڌ نيوز اخبار جي نامہ نگار ٿيڻ سان ڪيو. 1928ع ۾ اخبار "الراشد" جو ايڊيٽر ٿيو. "الامين" سکر جو بہ ايڊيٽر ٿي رهيو. 1927ع کان 1932ع تائين محمد ايوب کهڙي جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين ۽ کهڙي صاحب سان گڏ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي واري هلچل ۾ سرگرم عمل رهيو. 1929ع ۾ "سنڌ زميندار" اخبار سکر جو ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيائين. 1934ع ۾ سکر مان اخبار "ستاره سنڌ" ۽ 1936ع ۾ اخبار "صبح سنڌ" جاري ڪيائين. 1940ع کان انگريزي ۾ "مسلم وائيس" نالي هفتيوار اخبار پهرين سکر مان ۽ پوءِ ڪراچي مان ڪڍڻ شروع ڪيائين. 1948ع ۾ مشهور انگريزي اخبار "سنڌ آبزرور" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. 1952ع ۾ هفتيوار انگريزي اخبار "اسٽيٽسمن" جاري ڪيائين. پاڻ ڪجهہ وقت "پاڪستان نيوز پيپرز ايڊيٽرز ايسوسيئيشن" جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هندستان، مصر ۽ انگلينڊ ۾ وفد وٺي دوري تي ويو.

راشدي صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جي عمدن اديبن ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو. هن سنڌي کان علاوه اردو ۽ انگريزي ۾ بہ ڪتاب ۽ بين الاقوامي شهرت جا حامل مقالا لکيا. سنڌيءَ ۾ "اهي ڏينهن اهي شينهن" نالي ٽن جلدن ۾ سندس لکيل نهايت عمدو ۽ ضخيم ڪتاب آهي، جيڪو ڇپجي چڪو آهي ۽ ادبي دنيا ۾ آشڪار آهي.

راشدي صاحب پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز 1926ع ۾ "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن"[1] ۾ داخل ٿيڻ سان ڪيو. سنڌ جي جدائي واري تحريڪ ۾ کهڙي صاحب سان گڏ هئو. 1934ع ۾ سر شاهنواز ڀٽي پيپلز پارٽي قائم ڪئي تہ، ان ۾ شامل ٿيو. 1936ع ۾ سنڌ اتحاد پارٽي ٺهي تہ ان جي باني ڪارن مان هيءُ بہ هڪ هو. 1938ع ڌاري مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو. 8 ۽ 9 آڪٽوبر 1938ع تي ڪراچي ۾ سڏايل مسلم ليگ ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. هن ڪانفرنس ۾ سڄي هندستان جي مکيہ ليڊرن

(1) "سينٽرل نيشنل محمدن ايسوسيئيشن" برصغير جي مسلمانن جي پهرين سياسي قومي جماعت هئي، جيڪا 1879ع ۾ جسٽس سيد امير علي قائم ڪئي. سنڌ ۾ مولوي الله بخش "ابوجهي" پهريان "مجمع محمد ﷺ" نالي هڪ جماعت قائم ڪئي. جنهن کي بعد ۾ حسن علي آفندي جي ڪوشش سان 16 مارچ 1884ع تي "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" جي نالي ۾ تبديل ڪيو ويو.

شرڪت ڪئي هئي. پاڻ سنڌ مسلم ليگ جو سيڪريٽري ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي خارجہ ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. قرارداد پاڪستان جو مسوده تيار ڪرڻ ۾ بہ راشدي صاحب اهم ڪردار ادا ڪيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جي گورنر دين محمد شيخ کان پير صاحب ٿي نمايان ڪم ڪرايا. هڪ، پير صاحب پاڳاري جي گادي پيهر بحال ڪرايائين. ٻيو، ڪرمنل ٽرائيبس ائڪٽ رد ڪرائي حرن کي لوڙهن ۽ حاضرين کان آزادي ڏياري، ٽيون، فرنٽيئر ريگيوليشن رد ڪرايائين.

1953ع جي اليڪشن ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، ساڳئي سال پيرزاده وزارت ۾ کيس سنڌ جو روينيو وزير مقرر ڪيو ويو، روينيو وزير جي حيثيت سان هن سنڌ مان جاگيرداري نظام جي خاتمي لاءِ هڪ رپورٽ تيار ڪري پاڪستان سرڪار ڪي موڪلي هئي، جنهن تي بعد ۾ ايوب خان عمل ڪندي جاگيرداري نظام جو خاتمو آندو.

کهڙو وزارت ۾ پڻ کيس نومبر 1954ع ۾ صحت، روينيو ۽ اطلاعات جو صوبائي وزير مقرر ڪيو ويو.

محمد ايوب کهڙو ۽ پير علي محمد شاهہ راشدي جن محنتون ڪري سنڌ ممبئيءَ کان جدا ڪرائي هئي سي ئي وري 1955ع ۾ ان کي "ون يونٽ" (1) ۾ شامل ڪرڻ جا ڪارڻ بڻيا.

ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ راشدي صاحب 1955ع ۾ وزيراعظم چوڌري محمد علي جي ڪابينہ ۾ نشريات ۽ اطلاعات جو مرڪزي وزير مقرر ٿيو. ان عرصي ۾ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرڻ ۽ 1956ع وارو دستور ناهڻ ۾ سندس ڪوششون شامل رهيون.

1957ع کان 1961ع تائين پاڻ فلپائن ۾ پاڪستان جو سفير ٿي رهيو. 1962ع ۾ چين ۾ ڏهن مهينن لاءِ پاڪستان جو سفير مقر ٿي ويو ۽ مدي گذرڻ بعد هن سفارت مان 1963ع ۾ رٽائر ڪيو. جنهن کان پوءِ ڪجهہ وقت هانگ ڪانگ ۾ رهي ڪجهہ واپار ۽ ڪجهہ اخبار نويسيءَ جو شغل رکيو آيو، ۽ پوءِ موٽي ڪراچي آيو. 1970ع و ري اليڪشن ۾ سيوهڻ، ڪوٽڙي تڪ تان سنڌ اسيمبلي جي ميمبري لاءِ اميدوار بيٺو، پر سيد عبدالله شاهہ کان شڪست کاڌائين. سندس ڏاهپ ۽ ملڪي توڙي عالمي مسئلن تي ڄاڻ کان متاثر ٿي 1972ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي کيس مرڪزي وزارت اطلاعات جو صلاحڪار مقرر ڪيو، ان کان پوءِ جڏهن پاڪستان نيشنل سينٽر جا دفتر قائم ڪيا ويا تہ، کيس انهن جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو.

---

(1) ون يونٽ 14 آڪٽوبر 1955ع کان 30 جون 1970ع تائين قائم رهيو، جنهن تحت پاڪستان سرڪار سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان صوبن کي ملائي هڪ ڪري اولهہ پاڪستان جو نالو ڏنو هو.

پير علي محمد راشدي غير معمولي ذهانت ۽ قابليت جو مالڪ هو. هن سياسي توڙي ادبي ميدان ۾ خوب پاڻ ملهايو. جناب جي ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ راشدي صاحب لاءِ لکي ٿو تہ "اهو مشڪل مسئلو آهي تہ هن کي اديبن ۾ شمار ڪجي يا سياستدانن ۾" بهرحال راشدي صاحب پنهنجي ذات ۾ ڏات جو ڏٿي هو. پاڻ صحافت، ادب ۽ سياست جي ميدان ۾ اڻ مٽ نقش ڇڏي 14 مارچ 1987ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪري ويو.

هن سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ سياست ۽ ادب تي بهترين ڪتاب لکيا، جن مان سنڌي ۾ لکيل ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

اهي ڏينهن اهي شينهن (ٽي جلد)، جاگيرداري جو خاتمو، سنڌ جي نئين وزارت، روينيو کاتي متعلق پبلڪ ۽ عملدارن کي چتاءُ، پوڙن جا امدادي مسئلا، سنڌ جي انقلابي تحريڪ جو اڳواڻ مسٽر جي ايم سيد سنڌس مقصد مٽا ۽ اصول، فرياد سنڌ، چين جي ڊائري، وغيره.

ان کان سواءِ هن جيڪي عبرت اخبار ۾ ڪالم لکيا هئا انهن کي ڪتابي صورت ڏئي سندس فرزند حسين شاهہ راشدي "رند ۽ پند" جي نالي سان 1988ع ۾ شايع ڪرايو.

علي محمد شيخ

شيخ علي محمد ولد محمد خان 15 فيبروري 1925ع تي ڳوٺ موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي صحافت جي آسمان جو روشن ستارو هو.

شيخ علي محمد ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ وڌيڪ تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. هن 1946ع ۾ صحافت جي ميدان ۾ قدم رکيو ۽ آخر تائين وڏي جذبي ۽ لگن سان صحافت وسيلي سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهيو.

اوائل ۾ پاڻ روزنامہ "هلال پاڪستان" ۾ نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ لڳو. 1952ع ۾ روزنامہ "ڪاروان" جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو. 1976ع ۾ هن پنهنجي ذاتي اخبار "آفتاب" جاري ڪئي ۽ آخري وقت تائين ان جو ايڊيٽر رهيو.

صحافتي ميدان ۾ شيخ صاحب جون خدمتون تاريخ جو هڪ يادگار باب آهن، هن سنڌي صحافت کي مضبوط بيهارڻ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو ۽ نيون روايتون ۽ لاڙا قائم ڪيا. سنڌ جي حقن جي حصول لاءِ گهڻو لکيو. ون يونٽ خلاف مهم ۾ شيخ صاحب دليريءَ سان قلم کي هلايو. ان کان سواءِ هن سنڌ جي هر مسئلي تي نهايت بي باڪيءَ سان لکيو.

شيخ صاحب کي 1983ع ۾ مجلس شوريٰ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو هو ۽ 1985ع ۾ ٽيڪنوڪريٽ جي سيٽ تي سينيٽر چونڊيو ويو. انهن پنهنجي عهدن تي رهي هن سنڌ ۽ سنڌين جي وڏي خدمت ڪئي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو

ميمبر بہ رهيو، کيس سنڌي ادب سان خاص دلچسپي رهي.
شيخ علي محمد 21 جنوري 1991ع تي وفات ڪري ويو.

علي محمد عباسي، ڪامريڊ

ڪامريڊ علي محمد ولد سعيد خان عباسي 6 جون 1901ع تي ڳوٺ وليد عباسي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ مشهور قومي شاعر ۽ هاري اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

ڪامريڊ علي محمد عباسي پاڻ زميندار هو، پر ڪيس سدائين هارين جي حقن جو اوسيئڙو رهيو، پاڻ "هاري حقدار ڪميٽي" جو سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو، نہ رڳو ايترو پر هن سخي ۽ خداترس انسان مسڪين هارين جي حالت سڌارڻ لاءِ پنهنجي ڪجهہ زمين وارهہ تعلقي ۾ هارين کي مفت ڏني.

عباسي صاحب هيو تہ بنيادي طور زميندار پر سندس دل ۾ قومي جذبو بہ هو، تنهنڪري قومي شاعريءَ کي وڏيڪ ترجيح ڏنائين ۽ پنهنجي شعر ذريعي ملڪ جي معاشرتي ۽ معاشي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي. 1952ع ۾ پنهنجي ڪلام جو مجموعو "پيام سنڌ" جي نالي سان شايع ڪرايائين، جنهن ۾ نظم، بيت ۽ ترانا وغيره شامل آهن.

ڪامريڊ ڪجهہ وقت سياست ۾ بہ بهرو ورتو. پاڻ وليد يونين ڪائونسل جو ميمبر بہ رهيو، سندس صحبتين ۾ حاجي امير علي لاهوري، ڪامريڊ گيانچنداڻي ۽ حيدربخش جتوئي شامل هئا.

ڪامريڊ علي محمد عباسي 5 نومبر 1961ع تي وفات ڪئي. سندس قومي شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

عمر ساري جنهن گذاري عيش جي آذار تي
سنڌ ۾ ظالم وڏيرپ جو ٿيو بيڙو غرق ٿئي
قدرتي آواز تنهن چو طرف ڦٽڪار تي
انقلاب آڻ "عباسي" جي حياتيءَ جو آواز
عمر ڳاري جنهن پياري حال هاري زار تي.

علي محمد فقير ٽالپر

صوفي علي محمد فقير ولد صوفي مير محمد ٽالپر سن 1904ع ۾ ڳوٺ ٽالپر وڏا ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو، پاڻ مشهور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

صوفي علي محمد فقير سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ ان وقت جي مشهور قاضي محمد روشن کان حاصل ڪئي، پاڻ صوفي دريا خان فقير جو روحاني طالب هو. پاڻ سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي

۽ فارسي ٻولين کان چڱي طرح واقف هو. هندي ۽ سنسڪرت ٻولين تي عبور حاصل هئس ۽ ذڪر ڪيل ٻولين ۾ لکيل مختلف ڪتاب هر وقت سندس مطالعي هيٺ رهندا هئا.

فقير صاحب تمام سٺو شاعر هو، سندس شاعري سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ هندي ۾ موجود آهي.

سندس ڪلام جو مجموعو "رتن امول" نالي سان خادم جلالي ڇپرايو آهي.

صوفي علي محمد فقير ٽالپر 9 اپريل 1980ع تي وصال ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ ٽالپر وڏا تعلقي ڪوٽڏيجي ۾ آهي، جتي هر سال 9 اپريل تي صوفياڻو ميلو لڳندو آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سانول سٽيج سڏ وو يار ڇڏجان ڪين ڇپر ۾
پڪڙا پاڻ پربت سان ميان اوڏڙي آٿي اڏو ويار
ولهين واهر تون ڏيهن ڏاتر آءُ اياٿي ڏڏ وو يار
ميخون محبت واريون پلا جڙيون منجهه هڏ هڏ وو يار
"علي محمد" دلبر دل جا گهارج گوڏي گڏ وو يار.

علي محمد قادري

ميان علي محمد "قادري" ولد ميان بهاءُالدين جي ولادت 1856ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿي، پاڻ استاد شاعر، علم عروض جو ماهر، بلندپايه اديب، عالم، صوفي بزرگ ۽ درگاهه قادريه لاڙڪاڻي جو سجاده نشين ٿي گذريو آهي.

ميان علي محمد "قادري" مشهور درويش فقير ميان محمد صالح جي پاءِ ميان رضا محمد جو پوٽو ۽ مشهور شاعر ۽ عالم غلام محمد "گدا" جو ڀاڻيجو هو. هن خاندان جي پيري مريديءَ جو سلسلو سنڌ ۽ بلوچستان تائين پکڙيل هو.. پاڻ سخي قبول محمد "اول" درازن واري جو مريد هو.

استاد الشعراء ميان علي محمد قادري کي شاعري ورثي ۾ ملي هئي. سندس مامو غلام محمد "گدا" ۽ نانو ميان محمد صالح پنهنجي وقت جا وڏا شاعر هئا. اهو سندن ئي فيض هو، جنهن قادريءَ جي طبع جو لاڙو شاعريءَ ڏانهن ڪيو ۽ هو پنهنجي وقت جو وڏو استاد شاعر بڻجي پيو، جنهن کان سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن فيض حاصل ڪيو.

ادب جي ميدان ۾ ميان علي محمد قادري جي وڏي خدمت ڪيل آهي، هن سنڌ ۾ پهريون "بزم مشاعره" قائم ڪيو، جنهن جو بنياد 1915ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وڌائين، تنهنڪري کيس "باباءِ بزم مشاعره" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان بزم جو پاڻ صدر ۽ حاجي محمود خادم سيڪريٽري ٿي رهيو.

بزم مشاعره لاڙڪاڻي جو اهو اثر نڪتو جو سڄي سنڌ ۾ مشاعره قائم

تي ويا. اهڙي طرح عروضي شاعري ۽ غزل سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شهر شهر ۾ پهچي ويو، جنهن ڪري سنڌ ۾ ڪيترائي غزل گو شاعر پيدا ٿيا. سندس ٻي وڏي خدمت هئي سنڌ ۾ "سنڌي ادبي ڪانفرنس" ڪوٺائڻ جو رواج وجهڻ. 25 ۽ 26 ڊسمبر 1921ع تي لاڙڪاڻي ۾ سندس ڪوشش سان "پهرين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت مرزا قليچ بيگ ڪئي.

قادري صاحب جي ٽين اهم خدمت هئي، 1925ع ۾ لاڙڪاڻي مان "گلدستہ سنڌ" نالي ماهوار رسالو جاري ڪرڻ، هيءُ سنڌي زبان جو پهريون رسالو هو، جيڪو صرف شعروشاعري لاءِ وقف هو. جڏهن تہ هن کان اڳي جيڪي سنڌي رسالا نڪرندا هئا، اهي گهڻو ڪري نثر تائين محدود هئا ۽ ڪن رسالن ۾ ڪي ٿورا شعر تبرڪ طور شايع ڪيا ويندا هئا.

قادري صاحب جون ننڍيون وڏيون ڪيتريون ئي تصنيفون آهن، پر سندس ٽي تصنيفون اهڙيون آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ وڏي جاءِ والارن ٿيون.

(1) داستان حسن عشق ۽ حسن بانو: هيءُ سنڌي زبان ۾ پهريون اصلوڪو داستان لکيل آهي، جيڪو 1906ع ۾ منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور شايع ڪيو.

(2) ديوان قادري: هيءُ ديوان 1939ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن ۾ غزل سان گڏ مثلث، مسدس، مخمس ۽ قطعا پڻ ڏنل آهن.

(3) مثنوي ليليٰ مجنون: ليليٰ مجنن جو عشقي داستان سنڌي نظم ۾ نهايت سليس ۽ وڻندڙ نموني سان بيان ڪيل آهي.

قادري صاحب ڪجهہ وقت لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ جو چيئرمين بہ ٿي رهيو، پاڻ 10 نومبر 1940ع تي وصال ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏسي سگهجي ٿو:

بقا ناهي حسينان جهان کي
نہ ٿي عاشق اي دل حسن بتان تي
ٿيڻ عاشق انهيءَ تي گهر جي هردم
نہ ٿي فاني هجي هر وقت قائم

علي محمد ڪاڪي پوٽو

علامہ علي محمد ولد بهادر خان ڪاڪي پوٽو سن 1900ع ۾ ڳوٺ مارون ڪاڪي پوٽو تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو، پاڻ برصغير جي وڏن عالمن، محققن، اديبن، شاعرن ۽ مدرسن ۾ شمار ٿئي ٿو.

علامہ علي محمد ڪاڪي پوٽي ابتدائي تعليم پنهنجي چاچي آخوند غلام رسول کان حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ ۽ پنجاب جي مختلف فائق استادن کان

تعليم حاصل ڪندو رهيو، آخر وڃي دارالعلوم ديوبند ۾ داخل ٿيو، جتان فارغ التحصيل ڪري موٽي اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ درس شروع ڪيائين. ۾ اوچتو ڪيس طب ۽ يوناني امتحانن جو شوق جاڳيو، جنهن ڪري دهلي هليو ويو، اتي استاد الاطباء مولانا حڪيم جميل الدين دهلوي کان طب جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ مشرقي علمن جي امتحانن لاءِ اورينٽل ڪاليج فتح پور ۾ داخل ٿي مولوي فاضل ۽ منشي فاضل جا امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين، جنهن ڪري ڪيس پنجاب يونيورسٽيءَ طرفان اورينٽل ڪاليج لاهور ۾ اسڪالرشپ تي فيلو ڪري ڪنيو ويو.

علامه علي محمد ڪاڪي پوٽو سنڌ جو پهريون نوجوان عالم هئو، جنهن مولوي فاضل جو امتحان پاس ڪيو، پاڻ عربي ادب تي سند جي حيثيت رکندڙ هو، عربي ادب ۽ قديم شاعرن تي سندس لکيل مقالا اڄ به اورينٽل مئگزين لاهور ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

علامه علي محمد لاهور ۾ قيام واري زماني ۾ علامه اقبال جو فلسفي ۾ استاد به رهي چڪو آهي. علامه اقبال فلسفي ۽ منطق جي ڪجهه مسئلن حل ڪرڻ لاءِ علامه سيد سليمان ندويءَ سان به لهه وچڙ ۾ آيو هو، پر ان کان مسئلا حل نه ٿي سگهيا ته اهي هن سنڌي عالم حل ڪري علامه اقبال کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. علامه ڪاڪي پوٽي اورينٽل ڪاليج لاهور جي پرنسيپال مولانا محمد شفيع جي سفارش تي علامه اقبال کي عربي ۾ لکيل ڪيترن فلسفي جي ڪتابن جا اردو ۾ ترجما به ڪري ڏنا هئا. تنهن کان سواءِ علامه اقبال جو قديم فلسفي تي يورپ ۾ ڏنل ليڪچر به اصل ۾ علامه علي محمد ڪاڪي پوٽي جي ڏنل معلومات تي ٻڌل هو، هن علامه اقبال کي زمان ۽ مڪان جي فلسفيانه تحقيق تي به سبق ڏنا هئا. انهن سمورن ڪارنامن جي موٽ ۾ علامه اقبال کيس لکت ۾ هڪ سرٽيفڪيٽ ڏنو هو.

1961ع ۾ جرمنيءَ جي مشهور محقق پروفيسر اينمري شمل ڳڙهي ياسين ۾ آغا بدرالدين دراني جي جاءِ تي علامه ڪاڪي پوٽي سان ملي ۽ عربي، سنڌي ادب تي گفتگو ٿي، علامه کان ايترو متاثر ٿي جو خط ۾ ڪيس پنهنجو استاد تسليم ڪيو اٿس.

علامه علي محمد ڪاڪي پوٽو پهرين مارچ 1967ع تي وفات ڪري ويو.

علي محمد "مجروح"

علي محمد "مجروح" ولد خير محمد پنهور جو جنم اٽڪل 1926ع ڌاري ڪراچي ۾ ٿيو، پاڻ بهترين شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

علي محمد "مجروح" پنهنجي صحافتي زندگيءَ جو آغاز ڪراچي مان نڪرندڙ اخبار "نئين سنڌ" ۾ سب ايڊيٽر بڻجي ڪيو. ڪجهه وقت کان پوءِ

حيدرآباد ۾ انفرميشن کاتي ۾ ملازمت مليس ۽ آخر ۾ ڪراچي جي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽس ۾ ملازمت اختيار ڪيائين.

مجروح صاحب شاعري جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، ليڪن غزل سندس پسنديده صنف هئي، سندس غزل اسان جي شاعريءَ جو قيمتي سرمايو آهي، سندس ڪلام ۾ سادگي، سچائي، دلڪشي ۽ نغمگي نظر اچي ٿي، هن پنهنجي شاعري ۾ ماضي جا نقش چٽيا آهن ۽ حال کي جاڳائي سهڻي مستقبل جا خواب اکين ۾ سجايا آهن. پاڻ ڪراچي کان جيڪب آباد تائين ٿيندڙ مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو. سندس مٺڙي آواز سبب مشاعرن ۾ ڪانئس "ترنم" ۾ شعر پڙهڻ جي فرمائش ٿيندي هئي پاڻ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشاعرن ۾ پڻ شرڪت ڪندو هو. سندس ڪلام جو مجموعو "سڪ جو سمونڊ" سنڌي ادبي بورڊ پاران 1993ع ۾ ڇپرايو ويو. ڪيترن ئي مشهور ڳائڻ ڪيس ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڳايو آهي.

علي محمد "مجروح" مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ به ڪم ڪيو، جن ۾ اخبار نئين سنڌ کان سواءِ "ناخدا" ۽ رسالو "آفتاب" وغيره ڪابل ذڪر آهن. کيس مجتنا طور ڪافي ايوارڊ مليا، جن ۾ 1995ع ۾ پاڪستان سرڪار طرفان ڏنل صدارتي ايوارڊ پڻ شامل آهي.

علي محمد "مجروح" 6 فيبروري 1997ع تي وفات ڪري ويو. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ها جڏهن سوري سڏيندي دوستو
عاشقن جي عيد ٿيندي دوستو
ياس جي ويران راهن تان وري
زندگي مرڪي مٺيندي دوستو
سپ پيا "مجروح" کي چريو چون
اهڙي ڪابيداد ٿيندي دوستو

علي مراد خان (ثاني) مير

مير علي مراد خان (ثاني) ولد مير فيض محمد خان (ثاني) ٽالپر 29 جون 1933ع تي انگلينڊ جي شهر برائٽن ۾ پيدا ٿيو، جو ان وقت سندس والدين اتي رهيل هئا.

مير علي مراد خان (ثاني) خيرپور رياست جو آخري حڪمران هو، هن ابتدائي تعليم ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ورتي ۽ سينيئر ڪئمبرج جو امتحان ايچيسن ڪاليج لاهور مان پاس ڪيو. ان کان پوءِ 1950ع کان 1953ع تائين انگلينڊ ۾ رهي اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ حڪومت جون واڳون وزير

سنڀاليندا رهيا.

مير علي مراد خان (ثاني) جڏهن چوڏهن سالن جو هو ته، سندس والد جي ناچاڪائي سبب، 24 جولاء 1947ع تي سندس تخت نشيني عمل ۾ آئي، مگر حڪومت جا اختيار کيس نه مليا هئا، ڇو جو کيس تعليم جي تڪميل ڪرڻي هئي.

11 سيپٽمبر 1951ع تي پاڪستان جي وزيراعظم لياقت علي خان جي هٿان هن کي حڪومت جا اختيار ڏنا ويا، جن کي 14 آڪٽوبر 1955ع تائين آئيني طور تي استعمال ڪندو رهيو.

مير صاحب جي دور ۾ 1947ع کان 1951ع تائين هڪ ريجنسي بورڊ قائم ڪئي وئي هئي، جيڪا حڪومتي انتظام هلائيندي رهي. جڏهن مير صاحب پاڻ حڪومت جون واڳون سنڀاليون ته، ان کان پوء 1953ع ۾ هڪ نئون آئين پاس ڪري ليهن چونڊيل ميمبرن تي ٻڌل قانون ساز اسيمبلي قائم ڪئي وئي، جنهن مان چيف منسٽر قزلباش صاحب جي علاوه ٻيا ٻي وزير شيخ بهاءالدين، مير عطا حسين خان ۽ غلام قادر پنهور کنيا ويا. جيڪي 14 آڪٽوبر 1955ع (ون يونٽ ٺهڻ) تائين پنهنجن عهدن تي برقرار رهيا.

مير علي مراد ثاني جي وقت ۾ رياست جي ساليانو آمدني اٺيتاليهه لکن مان وڌي وڃي ڏيڍ ڪروڙ تي پهتي، پوري رياست ۾ ابتدائي تعليم مفت ۽ لازمي هئي، ۽ ثانوي تعليم ۾ ڪنهن به قسم جي في نه ورتي ويندي هئي. اسڪولن ۾ پنج سو شاگرد فري بورڊر هئا، جن کي مفت کاڌي پيتي کان سواء ڪتاب ۽ ڪپڙا به مفت ڏنا ويندا هئا. شاگردن لاء 80 روپيه اسڪالرشپ ۽ 80 روپيه قرض حسنه جاري ڪيا ويا. 1952ع ۾ خيرپور ۾ "آل سنڌ پرائمري تعليمي ڪانفرنس" ۽ "ڪل پاڪستان اردو ڪانفرنس" جا عظيم اجلاس ٿيا. جن ۾ ملڪ جا وڏا وڏا تعليمي ماهر شريڪ ٿيا. معاشي رٿابندي ڪري ڪيترا ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ آندا ويا. ٽرانسپورٽ کاتو به قومي ملڪيت ۾ آندو ويو، هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي همت افزائي ڪئي وئي، جنهن سبب ڪيترائي خانگي ڪارخانا لڳي ويا ۽ گهريلو صنعتون قائم ٿي ويون. آبادگارن کي ڍل جو چوٿون حصو معاف ڪيو ويو.

مطلب ته خيرپور هڪ فلاحي رياست بنجڻ شروع ڪيو هو ته 14 آڪٽوبر 1955ع تي پاڪستان سرڪار خيرپور کي ون يونٽ جي وحدت ۾ ملائي، سندس انفرادي حيثيت ختم ڪري ڇڏي ۽ خيرپور سان سنڌ جا ڪجهه ضلعا ملائي هڪ ڊويزن قائم ڪئي وئي بعد ۾ اهو اعزاز به خيرپور کان کسي سکر کي بخشيو ويو. اهڙي طرح مير علي مراد خان (ثاني) جي حڪومت ختم ٿي ۽ پاڻ خيرپور رياست جو آخري حڪمران ثابت ٿيو.

علي نواز جتوئي، پروفيسر

پروفيسر علي نواز ولد حاجن خان جتوئي 11 جولاء 1914ع تي ڳوٺ گدوءِ لڳ پراڻا جتوئي تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو، پاڻ ماهر لسانيات ۽ سٺو اديب، شاعر ٿي گذريو آهي.

پروفيسر علي نواز جتوئي ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي، جوناڳڙهه ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي، ايم اي ۽ بي ٽي جون ڊگريون حاصل ڪيون. هن 2 مارچ 1953ع تي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نوڪري اختيار ڪئي، جتان پروفيسر جي عهدي تان 1976ع ۾ رٽائر ڪيو. ان وچ ۾ سن 1963ع ۾ لسانيات ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ جي جڳ مشهور تعليمي اداري اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز لنڊن ۾ داخلا ورتي، ٻه سال لنڊن ۾ رهي، جتوئي صاحب لسانيات ۾ خاص مهارت حاصل ڪئي. هن رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هوميوپيٿي جو ڪورس به ڪيو، ۽ پاڻ آخر تائين هوميوپيٿڪ علاج جو پيشو ڪندو رهيو.

پروفيسر جتوئي جون علمي ۽ ادبي خدمتون خاص طور لسانيات ۽ تصوف ۾ آهن، مٿس صوفيانه رنگ جو گهڻو اثر هو. لسانيات جي سلسلي ۾ سندس لکيل ڪتاب "علم لسان ۽ سنڌي زبان" لاءِ چيو وڃي ٿو ته، لسانيات جي ڏس ۾ ان کان بهترين ٻيو ڪوبه ڪتاب ڪونهي، هن ڪتاب ۾ لساني ڄاڻ سائنسي بنيادن تي استوار ڪيل، معياري، جامع ۽ تازه ترين ڏني وئي آهي. ان کان سواءِ سندس هيٺيان تصنيف ۽ تاليف ڪيل ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

ميان عبدالرحيم گروهڙيءَ جو سنڌي ڪلام (ترتيب 1956ع)، ديوان حافظ، سياست نامو (ترجمو- 1957ع)، اخلاق محسنه (ترجمو 1957ع)، سنڌي صحيفو (1962ع)، غزلن جو غنچو (ترتيب - 1964ع)، ويريون ۽ وهڪرا (مقالا- 1993ع)، لطيفي لهرون، رنگ رباني، وغيره.

پروفيسر علي نواز جتوئي شاعري به ڪئي، جمال الدين "مومن" ۽ ٻين دوستن جڏهن "بزم صابر" جو بنياد جتوئي نوان ۾ رکيو ته، ان پاران مشاعره ٿيندا رهيا، جن ۾ پروفيسر صاحب حصو وٺندو رهيو. پروفيسر علي نواز جتوئي 29 سيپٽمبر 1996ع تي ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد ۾ وفات ڪئي، ڪيس ٽنڊي سائين داد پرسان مقبري شريف واري قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

پُر درد پيش آهي اڄ داستان پنهنجو
الن اچي وسايو آ اڄ آستان پنهنجو
هڪ ڪي الله جي آ ٻئي ڪي گـراهه جي آ
شاهن جو شان پنهنجو لنگهن جو مان پنهنجو.

علي نواز خان "ناز" مير

هزهائينس مير علي نواز خان "ناز" ولد مير امام بخش خان ٽالپر 9-آگسٽ 1884ع تي ڪوٽ ڏيجي ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو، پاڻ رياست خيرپور جو البيلو حڪمران ۽ سنڌي ٻوليءَ جو باڪمال غزل گوشاعر ۽ علم، ادب ۽ موسيقي سان چاهه رکندڙ برصغير جي مشهور معروف شخصيت هو.

مير علي نواز خان ابتدائي تعليم ڪوٽ ڏيجي ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ چيفس ڪاليج لاهور ۽ پرنس ڪاليج دهلي ۾ پڙهيو. نو مهينا انگلينڊ ۾ رهي وڌيڪ تعليم حاصل ڪري آيو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ 13 فيبروري 1921ع تي سندس گادي نشيني جو جشن ٿيو.

مير صاحب حڪمران جي حيثيت سان رياست ۾ سٺا سڌارا آندا. تخت تي ويهڻ شرط چيڙ جو رواج بلڪل بند ڪري ڇڏيو. اگ زمين جي ٻل بٽائي جي نموني سان ونبي هئي، پر سندس ڏينهن ۾ اهو سرشتو بند ڪري روڪ پئسن جي صورت ۾ ٻل وصول ڪرائي، بٽائي وارو عملو ڪڍي، وڌيڪ تپيدار ۽ سپروائيزر مقرر ڪيا ويا رياست اندر نوان واهه ۽ شاخون ڪرڻائي وڌيڪ اٺ هزار ايڪڙ زمين آباد ڪرائي وئي. خيرپور شهر ۾ واٽر ورڪس کولي گهرن ۾ نلڪا مهيا ڪيا ويا "امداد باهمي" جو نئون کاتو کوليو ويو، نوان اسڪول وجود ۾ آندا ويا ۽ انگريزي اسڪول جو نالو "ناز هاءِ اسڪول" رکيو ويو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سڌارا آندا ويا.

سندس زماني ۾ رياست ۾ شيعيت تمام زور ورتو، رياست جي سني مفتي سعدالله کي نيڪالي ڏني وئي ۽ شيعت جي تبليغ لاءِ هڪ شيعه عالم مقرر ڪيو ويو.

مير صاحب جي حڪومت جو شروعاتي دور ڏاڍو سٺو گذريو، پر پوءِ مير صاحب اوچتوئي اوچتو عشق جي آري ۾ اچي ويو ۽ سڀ ڪجهه محبت جي راهه ۾ لٽائيندو رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو خزانو خالي ٿيڻ لڳو. اهو حال ڏسي انگريزن وازارت جو عهدو ڪڍي حڪومت جو انتظام هڪ ڪائونسل جي حوالي ڪيو، جنهن ۾ مير صاحب کان سواءِ ٻيا ٽي ميمبر انگريز سرڪار طرفان مقرر ٿيا. اهي هئا. مسٽر هيليفاڪس، مسٽر امداد علي قاضي ۽ مسٽر لوائي. اها ڪائونسل ٻه ٽن سالن ۾ ناڪام وئي ۽ 1930ع ۾ وري مسٽر ٽانٽن وزير مقرر ڪيو ويو. ٻن سالن بعد ان جي جاءِ تي سليڊن صاحب وزير مقرر ٿيو، جيڪو مير صاحب سان آخر تائين نڀائيندو رهيو. ڪائونسل جي ناڪامي کان پوءِ مير صاحب صرف آئيني سربراهه رهيو، باقي حڪومتي ڪاروبار وزير صاحب جي هٿ ۾ هوندو هو.

مير علي نواز "ناز" ۽ باليءَ جو عشقيہ داستان ڏيهان ڏيهہ مشهور آهي. "بالي" لاهور جي مشهور خوبصورت ۽ نهايت قابل ڳائڪہ هئي، جنهن جو اصل نالو اقبال بانو هو. مير صاحب متس موهجي پيو ۽ ڪيس شادي لاءِ مڃائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو، پر بالي ڪيس هر دفعي اهو چئي جواب ڏئي ڇڏيندي هئي تہ، "آئون آزاد پنڇي مثل آهيان، مون کي قيد نہ ڪر" ليڪن مير صاحب آزين نيازين سان ڪونہ گهٽايو، گڏوگڏ باليءَ جي پيءُ ۽ والدين کي پنهنجي سڄي جاگير جي ڪمائي آڇي، جنهن تي مس مس وڃي بالي ۽ سندس مائٽ راضي ٿيا. آخر 1924ع ۾ باليءَ سان مير صاحب جي شادي ٿي، سنڌ ۽ پنجاب جا ڳائڻا ۽ ڳائڻيون ان شادي ۾ خيرپور آيون، ريلوي اسٽيشن کان وٺي شهر تائين رڳو ڳائڻا ۽ ڳائڻيون هيون. ناز هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل جا سڀ ڪمرا ڳائڻن لاءِ بڪ ٿي ويا، جتي رات ڏينهن طبلي جو ٺپڪو ۽ ڇيرن جي ڇم ڇم جو آواز هو، ٻي ڪا ڳالهہ نہ هئي، تاريخ شاهد آهي تہ هند ۽ سنڌ ۾ ڪنهن بہ شادي جي تقريب ۾ اينترو راڳ نہ ڪڏهن اڳ ٿيو ۽ نہ وري هن وقت تائين ٿي سگهيو آهي، مير صاحب اٽڪل يارهن سالن تائين باليءَ جا ناز نخرا ڪڻندو رهيو ۽ سندس عشق ۾ پنهنجو خزانو لٽائيندو رهيو. تان جو مفلسي واري حالت ۾ مير صاحب جو انتقال ٿي ويو ۽ گلن ۾ ترڻ واري بالي جي باقي زندگي غم جو نشانو بنجي وئي.

مير صاحب شروع کان وٺي راڳ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو، پاڻ هر سال جشن تاجپوشي ڪندو هو، ان محفل ۾ پوري برصغير جا سڀ درباري ڳويا گهرائي، راڳ جي چٽاپيٽي ڪرائيندو هو ۽ محفل جا اڪابرين فيصلو ڪندا هئا تہ ڪير پهريون نمبر آيو. ان کي پنج هزار روپيہ انعام ملندو هو، ٻئي نمبر کي ٻہ هزار ۽ باقي ٻين کي پاڙو خرچ بہ سو روپيہ ملندو هو، هونءَ بہ مير صاحب جي دربار ۾ هر وقت ڳائڻن جو وڏو تعداد موجود هوندو هو، ڪيس راڳ جي سڻي ڄاڻ هوندي هئي، پاڻ بہ ڳائيندو هو، بدن تي گيڙو ڪفني، مٿو اگهاڙو، هٿ ۾ يڪتارو ۽ زبان تي رندي ڪلام هوندا هئس، ويراڻن ۾ جهوپڙيون لڳي وينديون هيون ۽ عاشقانہ صدائون بلند ڪندو هو.

پاڻ اعليٰ درجي جو شاعر هو، سندس غزل جذب، رنگيني، سوز وگداز، حسن ۽ عشق جي اعليٰ ڪردارن سان ٽمٽار آهي. "ناز" سندس تخلص هو، سنڌي کان سواءِ اردو ۽ سرائڪي ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس سندس اردو غزلن جو مجموعو "گلدستہ ناز" نالي سان نولڪشور لکنؤ ۾ ڇپيو. مير صاحب وٽ اردو جا مشهور شاعر آغا شاعر قزلباش ۽ حفيظ جالنڌري گهڻو وقت درباري شاعر ٿي رهيا.

مير صاحب کي انگريزي ۽ فارسيءَ ۾ بہ سڻي ڄاڻ هئي. هن عمر خيام

جي چوڻ پنجونجاھہ رباعين جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو "ميڪده ناز" نالي سان مير صاحب جي حياتي ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپيو. ان کان علاوه خلوت عشق، طوفان عشق، آتش عشق ۽ گنجينہ خرد مير صاحب جا لکيل مشهور ڪتاب آهن.

مير صاحب تعليم جي فروغ لاءِ پڻ ڪوششون ورتيون سندس ڏينهن ۾ 8 فيبروري 1925ع تي خيرپور ۾ "آل سنڌ مسلم ايجوڪيشنل ڪانفرنس" ٿي، جنهن ۾ تعليمي ترقي لاءِ بهترين رٿون بحال ڪيون ويون، سندس تعليمي خدمتن ۾ هڪ ٻيو ڪارنامو اهو بہ آهي تہ، ڪراچي جي مشهور هاسٽل "جناح ڪورٽس" جنهن کي اڳي "ليسلي ولسن مسلم هاسٽل" سڏيندا هئا، اها مير صاحب جي خرچ تي تعمير ٿيل آهي.

مير صاحب نهايت حليم ۽ سادي طبيعت وارو انسان هو، سندس آمدني جو وڏو حصو فقيرن ۽ مسڪينن جي امداد ۾ خرچ ٿي ويندو هو، والد جي پوئين زماني ۾ رياست کان ٻاهر دهلي طرف رهندو هو ۽ جلاوطني دوران ڏاڍا ڏک ڏٺا هئائين، جنهن ڪري سندس دل بنهہ نرم ٿي وئي هئي ۽ ڪنهن جو بہ سور سهي ڪونہ سگهندو هو، ڪنهن بہ عرض مدعا کي رد ڪري ڪونہ سگهندو هو. اهوئي سبب هو جو ماڻهن سندس شرافت ۽ سخاوت جو ناجائز فائدو ورتو ۽ کيس هميشہ حاجتمنديءَ جي حالت ۾ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

مير علي نواز "ناز" جوانيءَ واري زماني ۾ بيحد خوبصورت ليکيو ويندو هو پر پوءِ جسم ۾ متارو ٿي ويو هو، ايتري قدر جو هلڻ چلڻ بہ مشڪل لڳندو هوس، پر پوءِ بہ سندس چهري تي خوبصورتي جا آثار آخر تائين موجود هئا.

هيءُ عاشق مزاج ۽ حضور شرم انسان، فقير تن حڪمران سخي مرد، سنڌي سنگيت جو سينگاربندڙ، درديلو شاعر ۽ رياست خيرپور جو ناميارو والي 25 ڊسمبر 1935ع تي وفات ڪري ويو. پاڻ امام عالي مقام جي پاڙي ڪربلا معليٰ ۾ آرامي آهي.

هيٺ سندس هڪ مشهور غزل جون سٽون نموني طور ڏجن ٿيون.

تنهنجي رمز سهڻا مان ڇا سمجهان آسان بہ آ دشوار بہ آ
تنهنجي واعدي تي اعتبار ڪهڙو اقرار بہ آ انڪار بہ آ
تون دور رهين بي نياز موليٰ سڻ فريادي جو هي آواز موليٰ
هن بيگناهہ جي مارڻ لاءِ تير بہ آ تلوار بہ آ.

علي نواز علوي، مير

مير علي نواز ولد فخرالدين شاه علوي سن 1853ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو، پاڻ بهترين اديب، عالم، حڪيم، شاعر ۽ اعليٰ انسان هو.

مير علي نواز علوي جو سلسلہ نسب حضرت محمد بن حنيفہ سان ملي ٿو سندس وڏا ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ جلال آباد (افغانستان) مان لڏي اچي شڪارپور ۾ آباد ٿيا، سندس ڇني جو نالو حفظ الله هو، پر پيار وچان ڪيس علي نواز سڏيندا هئا ۽ پوءِ پاڻ ان نالي سان مشهور ٿيو.

مير علي نواز اڃا سال کن جو مس ٿيو تہ، سندس والد وصال ڪري ويو. جنهن ڪري سندس پرورش، تعليم ۽ تربيت جو انتظام سندس والده ماجده جي نظر هيٺ رهيو، ڪيس ان دور جي مروج تعليم مطابق عربي ۽ فارسي جي تعليم آخوند زاده افغاني کان ڏياري وئي ۽ حڪمت جي تعليم سيد حسن علي شاهہ لکوي وٽان حاصل ڪيائين، سندس تعليمي معيار کي وڌائڻ ۾ سندس خانداني لائبريري جو بہ اهم ڪردار رهيو، جنهن جي ضخيم ڪتابن جي مطالعي سبب پنهنجي تعليم ۽ ڄاڻ ايترو وڌايائين، جو پنهنجي دور جي جيد عالمن جي صف ۾ شمار ٿيڻ لڳو، سنڌي، عربيءِ فارسي کان سواءِ ڪيس اردو، انگريزي، هندي ۽ سرائڪي زبانن تي پڻ عبور حاصل هو.

مير صاحب مورثي طور هڪ وڏو زميندار هو ۽ حڪمت سندس خاص مشغلو هو، طب ۾ سندس ڪو ثاني نہ هو. اهوئي سبب هو جو ڪيس پوري سنڌ ۾ "مسيح الزمان" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو، حڪيم اجمل خان ڪيس "سنڌ جو اجمل" سڏيندو هو. هي نہ رڳو هڪ ماهر طبيب هو، پر وڏي علم ۽ فضل جو مالڪ هو. پاڻ سنڌي، فارسي، اردو ۽ سرائڪي زبانن جو قادرالڪلام شاعر هو، سنڌي ۽ سرائڪي ۾ جيڪي ڏوهيڙا چيا اٿس، سي خواجہ غلام فريد جي رنگ ۾ نظر اچن ٿا. هن صوفياڻو ڪلام بہ گهڻو چيو آهي، هن پنهنجي ڪلام جو مجموعو 1916ع ۾ "ڪليات علوي" نالي سان ڇپرايو هو، جنهن کي جديد طرز سان نئين سر عبدالخالق "راز" سومري صاحب مرتب ڪيو آهي. شاعري ۾ پاڻ پهريان "مجرم" ۽ بعد ۾ "علوي" تخلص ڪم آڻيندو رهيو، هن نثر ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي ۽ مختلف عنوانن تي ڪجهہ ڪتاب لکيا جن ۾ "بياض علوي"حڪمت بابت ۽ ديني ڪتاب "البشارة لاهل الاشارة" ۽ "الصارم المسلول عليٰ منڪر علم الغيب الرسول" پنهنجي جاءِ تي وڏي اهميت رکن ٿا.

مير صاحب جي حيثيت هڪ رئيس جي هئي، پر سندس ڪردار ايترو قدر بلند هو جو هر هڪ شهري ڪيس سچو همدرد ۽ سرپرست سمجهندو هو، انهيءَ حسن اخلاق سان پاڻ سالن جا سال شڪارپور ميونسپالٽيءَ جو چونڊيل ميمبر ۽ وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. 1917ع ۾ جڏهن شڪارپور ۾ برساتن، ٻوڏن ۽ بيمارين گڏجي تباهي مچائي تہ، مير علي نواز پنهنجو ذاتي آرام ۽ سک

قربان ڪري ٻي يارو مددگار انسانن جي خدمت ۾ پنهنجو پاڻ وقف ڪري ڇڏيو. پهرين مهاياري لڙائي واري عرصي ۾ هن اناج ۽ ٻين ڪاڌي جي شين جا سستا دوڪان شڪارپور ۾ کولي غريبن جي مدد ڪئي.

مير صاحب جي دوستيءَ جو دائرو بيحد وسيع هو خيرپور جا مير، مير فيض محمد ۽ مير امام بخش، وائسراءِ هند لارڊ هارڊنج پيو، افغانستان جو بادشاهه امير حبيب الله خان سان سندس گهاٽا تعلقات هئا. ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي امير، نواب، حاڪم، حڪيم، عالم، اديب، شاعر ۽ فقير سندس صحبتي هئا.

مير علي نواز علوي 12 فيبروري 1920ع تي وفات ڪئي. سندس ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تنهنجي حسن سڄڻ حيران ڪيا انسان هزارين مان نہ رڳو
تنهنجا مداح ميڪائيل جهڙا ڪيئي عاشق اسرافيل جهڙا
تنهنجي درتي جبرئيل جهڙا دربان هزارين مان نہ رڳو.

عمرالدين چنو

حاجي عمر الدين چنو سن 1288هه (1871ع) ۾ خيرپور ناٿن شاهه جي پرسان ڳوٺ ابراهيم چني ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي دور جو ممتاز عالم دين، مبلغ ۽ مدرس ٿي گذريو آهي.

حاجي عمر الدين چني پهريان فيروز شاهه ۾ مولانا خير محمد وٽ ۽ پوءِ ان جي فرزند مولانا عطاءُ الله ۽ ان جي شاگرد مولوي محمد آگري وٽ تعليم حاصل ڪئي. آخر ۾ گهوٽڪي ۾ مولانا قمر الدين وٽ پڙهي 1317هه ۾ وٽس دستاربندي ڪري فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ مولانا غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ جو مريد هو.

حاجي عمرالدين پنهنجي سڄي عمر درس و تدريس ۽ دين اسلام جي تبليغ ڪندي گذاري. هن گهڻو وقت لاڙ ۾ مختلف ماڳن تي درس ڏيندي گذاريو. ڪجهه وقت عمر ڪوٽ تعلقي ۾ رتي ڪوٽ ۾ پڙهايائين. سندس علم و فضل جي هاڪ پري پري تائين هوندي هئي، انڪري وٽس تمام گهڻا شاگرد پڙهڻ ايندا هئا، جن مان ڪيترائي وقت جامشهور عالم ٿيا.

مولانا حاجي عمرالدين بلند پايہ عالم ۽ مبلغ هجڻ سان گڏ اعلىٰ اخلاقن جو مالڪ، سخن شناس ۽ غريب پرور انسان هو. پاڻ 13- نومبر 1954ع تي وفات ڪري ويو.

عمر بن محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر

"شمس العلماءُ" ڊاڪٽر عمر ولد محمد دائود پوٽو پهرين جون 1897ع تي ڳوٺ تلٽي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو.(1) پاڻ سنڌ جو عظيم محقق، اديب، تاريخدان ۽ لسانيات جو ماهر ٿي گذريو آهي. پاڻ نہ رڳو ملڪ اندر اعظيم مرتبو رکندڙ هو، پر هن کي علم ۽ ادب ۾ بين الاقوامي شهرت حاصل هئي. ويهين صدي جي هن سپوت علمي ۽ ادبي ميدان ۾ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، انهنکي ڪنهن بہ دؤر ۾ وساري نٿو سگهجي.

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو. سندس والد واڍڪو ۽ هارپي جو ڌنڌو ڪندو هو. هن ابتدائي تعليم تلٽي ۾ حاصل ڪئي، ان کان پوءِ ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1914ع ۾ لاڙڪاڻي جي مدرسي ۽ 1915ع ۾ نوشهروفيروز مدرسي ۾ داخل ٿيو، مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان1917ع ۾ پاس ڪيائين. پاڻ ان امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر اچي "سنڌ ايگزيبيشن پرائيز" کٽيائين. ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران هو هاسٽل ۾ رهندوهو. اتي پاڻ ڪٽون واٽي، ڪتابن جا جلد ٻڌي ۽ ٽيوشن ڏيئي خرچ جو پورائو ڪندو هو. 1917ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان 1921ع ۾ بي اي جي امتحان ۾ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس "ڊڪشنا فيلوشپ" ماهوار سٺ روپيہ ملڻ لڳا. سال 1923ع ۾ بہ سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي جي امتحان ۾ پهريون نمبر آيو ۽ "چانسلر ميڊل" کٽيائين.1924ع ۾ هندستان سرڪار کان ولايت ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کيس اسڪالرشپ ملي ۽ هو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگلينڊ ويو، جتي ٽن سالن کان پوءِ 1927ع ۾ "فارسي شاعريءَ تي عربي شاعريءَ جو اثر" جي عنوان سان تحقيقي مقالو لکي، ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ سيپٽمبر 1927ع ۾ ولايت کان واپس آيو ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو پرنسپال مقرر ٿيو.1930ع ۾ اسماعيل ڪاليج انڌيري بمبئي ۾ عربي جو پروفيسر مقرر ٿيو ۽ نون سالن تائين ان عهدي تي فائز رهيو. سال 1938ع ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين لاءِ "بورڊ آف اسٽڊيز" جو ميمبر چونڊيو ويو. 1939ع ۾ سنڌ صوبي جي تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر (ڊي-پي-آءِ) مقرر ٿيو. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري

(1) ڪجهه ڪتابن ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ولادت جي تاريخ25 مارچ1896ع ڏنل آهي

1940ع ۾ کيس "شمس العلماءَ" جو لقب سرڪار کان مليو.[1]

علامہ صاحب 1950ع کان 1955ع تائين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿي رهيو. 1955ع ۾ ڪجهہ مهينا موڪل وٺي پنهنجي ڪٽنب سميت حج بيت الله تي اسهيو، ۽ اسلامي ملڪن جو سير سفر ڪري واپس آيو. 1955ع کان 1956ع تائين اولهہ پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿي رهيو، پينشن تي وڃڻ کان پوءِ 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" جو ايڊيٽر ۽ شعبہ تصنيف وتاليف جو نگران ٿي رهيو.

رسالي مهراڻ جو نالو بہ سندس ئي تجويز ڪيل هو ۽ ان رسالي جي پهرين پرچي جو ايڊيٽوريل بہ پاڻ لکيائين. ان کان علاوه پاڻ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جو نائب صدر، فواد يونيورسٽي مصر جو مراسل ميمبر، سنڌي ادبي بورڊ ۽ پاڪستان ايران ثقافتي انجمن جو ميمبر پڻ ٿي رهيو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب اٽڪل چاليهن ورهين تائين انگريزي، عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ تاريخ، تنقيد، شاعري، شخصيات، تحقيق، مذهب، علم و ادب، تعليم ۽ سنڌي بوليءَ تي لکيو. آخري وقت ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي رسالي تي راتيان ڏينهان نورنچوڙي هڪ جامع نسخو تيار ڪيو. جڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي "شاهہ جو رسالو" مرتب ڪري رهيو هو تہ، ڊاڪٽر دائود پوٽي انهيءَ ڪم ۾ سندس مدد ڪئي هئي. هن ڊاڪٽر گربخشاڻي کي پنهنجو استاد مڃيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جا لکيل اڪثر ڪتاب تنقيدي رنگ ۾ آهن، جو ان وقت سنڌي ادب ۾ تنقيد جي ڏاڍي اڻاٺ هئي. سندس لکيل تاريخي، تحقيقي ۽ علمي مقالن ۾ سندس اسلوب سنجيدو ۽ توازن وارو آهي پاڻ جنهن سليقي سان ڪنهن ڪتاب يا مقالي جي شروعات ڪندو هو تہ، اهڙيءَ طرح ان جي انتها بہ بامقصد ۽ بامطلب ڪندو هو. هن عربي، فارسي، انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪل 28 ڪتاب لکيا. تاريخ معصومي ۽ چچ نامي جا فارسي متن ايڊٽ ڪيائين. درسي ڪتاب بہ لکيائين. سندس پي ايچ ڊي واري انگريزي زبان ۾ لکيل مقالي کان سواءِ سندس هينيان اهم ڪتاب آهن.

مرشد المبتدي (بہ ڀاڱا - عربي ۾)- منهاج العاشقين (ترجمو-1937ع)، شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام (ترتيب)، ڪلام گرهوڙي (ترتيب- 1958)، ابيات سنڌي (ترجمو-1939ع)، منهنجي مختصر آتم

(1) دائود پوٽو صاحب سنڌ جو چوٿون "شمس العلماءَ" هو. جڏهن تہ سنڌ جو پهريون شمس العلماءَ مرزا مخلص علي علوي (وفات 1872ع) ٻيو پير شاهہ مردان شاهہ (اول) (وفات 1921ع) ۽ ٽيون مرزا قليچ بيگ (وفات1929ع) هو.

ڪهاڻي، ابيات سنڌي (ترجمو1939ع)، سرهاگل (1932ع)، هندستان ۾ عام تعليم (انگريزي ۾)، سنڌي نظم (1944ع)، چوند سنڌي نثر ۽ نظم (ٽي ڀاڱا-1948ع)، بيان العارفين (1936ع)، سليڪشن فرام حافظ اينڊ عارف (انگريزي ۾1938ع) وغيره.

ڊاڪٽر صاحب کي هميشه انهيءَ ڳالهه جو اونو رهندو هو ته ماضيءَ جي علمي خزانن جي مٿان زماني جو جيڪو رءُ ۽ لٽُ چڙهيل آهي، تنهن کي لاهي، انکي اصلي صورت ۾ نروار ڪجي، ته جيئن سنڌي ٻولي دنيا جي مهذب ۽ سڌريل ٻولين ۾ شمار ٿئي. انهيءَ سلسلي ۾ هن وقت بوقت مضمون ۽ مقالا لکيا. جن کي سندس شريڪ حيات خانم خديجه دائود پوٽو ترتيب ڏئي "مضمون ۽ مقالا" جي نالي سان1978ع ۾ شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز حيدرآباد طرفان شايع ڪرايو، جنهن ۾ اٽڪل چاليهارو مضمون ۽ مقالا مختلف عنوانن تي ڏنل آهن.

شمس العلماءُ ڊاڪٽر دائود پوٽي 22 نومبر 1958ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي. وصيت موجب ڪيس حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي روضي جي ڇانو ۾ پيراندي ڪان دفن ڪيو ويو.

عنايت بلوچ

عنايت الله ولد غلام نبي "اداسي" بلوچ 3- آڪٽوبر 1941ع تي احمد پور ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو شاعر، اديب، ۽ براڊ ڪاسٽر آهي.

عنايت بلوچ 1966ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ايم- اي پاس ڪري، ريڊيو پاڪستان جي ملازمت اختيار ڪئي، جتي مختلف عهدن تي رهندي هن وقت اسلام آباد ۾ ڊائريڪٽر پروگرامس، پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي عهدي تي فائز آهي. هن عهدي تي پهچندڙ پاڻ پهريون سنڌي آهي.

عنايت بلوچ اڪيچار خوبين جو مالڪ آهي. پاڻ محبتي منڙو ماڻهو، لائق آفيسر، ڀلوڙ شاعر ۽ بهترين اديب آهي. ڪيس جنهن به روپ ۾ ڏسبو ته ڏاڍو پيارو لڳندو. پاڻ سالن جا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر ٿي رهيو. ان عرصي دؤران هن سنڌي ٻولي، ادب ۽ فن جي جيڪا خدمت ڪئي، سنڌ واسي ان کي هميشه ياد رکندا. سندس ذاتي، ڪوشش سان ڪيترائي نوان شاعر، اديب ۽ فنڪار ريڊيو ذريعي متعارف ٿيا. لاتعداد علمي،ادبي، معلوماتي ۽ تفريحي پروگرام شروع ڪيا ويا، جن کي ٻڌندڙن بيحد پسند ڪيو. ريڊيو پاڪستان جي نمائندي جي طور بلوچ صاحب دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا دؤرا ڪري چڪو آهي. هن ٽين ۽ پنجين ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ ۾ انگلينڊ، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ ريڊيو پاڪستان جي نمائندي جي حيثيت سان شرڪت ڪئي.

عنايت بلوچ ڪامياب براڊڪاسٽر سان گڏوگڏ هڪ آدرشي شاعر پڻ آهي. سندس لکيل هر سٽ دل کي ڇهندڙ محسوس ٿيندي آهي. سندس ڪلام هر عام و خاص ۾ هڪ جهڙو مقبول آهي. سندس شاعري ۾ پاتال جهڙي گهرائي، خيال جي تازگي ۽ ٻيون اهي سڀ خوبيون موجود آهن، جيڪي هڪ سٺي شاعر جي ڪلام ۾ هجڻ کپن. بلوچ صاحب لطيف سائين جو پارکو آهي. لطيفيات تي چڱي خاصي ڄاڻ رکي ٿو.

عنايت بلوچ جي شاعري جو هڪ ڪتاب "تند ڪنارو ڪنڌ" ۽ ٽي سفر ناما "پرين جي پرديس"، "پرديسي ڪهڙا پرين" ۽ "سهسين ٿيا سارنگ" ڇپجي چڪا آهن. ان کان سواءِ سندس ٻه ٻيا ترتيب ڏنل ڪتاب پڻ ڇپيل آهن. جن مان هڪ آهي مير سڪندر خان کوسي جي شاعري جو مجموعو "سڀ ۾ پنهون پاڻ" ۽ ٻيو جي- الانا جي سنڌي شاعري جو مجموعو "ڪي ڦڙا ڏا ڪي سڏ".

عنايت بلوچ کي شاعري ۽ سفر نامن تي ڪيترائي انعام اعزاز مختلف طور مليل آهن، جن ۾ سابق وزير اعظم محمد خان جوڻيجي کان مليل " شهباز گولڊ ميڊل" پڻ شامل آهي. تنهن کان سواءِ 1999ع ۾ حيدرآباد ۾ ماڻڪ موتي تنظيم پاران بلوچ صاحب کي سونو تاج پهرائي سندس تاجپوشي ڪئي وئي.

سندس ڪلام جو نمونو حاضر آهي:

منٿا مون کان ٿيندو وڃان، روح کي راحت ڏيندو وڃان
تنهنجي راهه ۾ نيڻ وڇايم، پيارا پير ڌريندو وڃان
مان ٻه اڃايل تون ٻه اڃايل. پئندو ۽ پياريندو وڃان
حسن جواني جا ڪي موتي، مون وٽ پيي هاريندو وڃان.

غلام احمد "نظامي"

غلام احمد "نظامي" ولد حاجي محمد صديق ميمڻ 15- جون 1895ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ اديب، صحافي ۽ ناميارو قومي شاعر ٿي گذريو آهي.

غلام احمد "نظامي" جا وڏا اصل لاڙڪاڻي جا هئا، پر پوءِ لڏي اچي ڪراچي ۾ رهڻ لڳا. سندس والد هڪ محنتي ماڻهو هو، جنهن ڪراچي ۾ اسلاميه هوٽل جو بنياد وڌو.

نظامي صاحب ابتدائي تعليم هڪ اردو اسڪول ۾ حاصل ڪئي. اگرچه سندس تعليمي معيار ايترو وسيع نه هو، تاهم ذوق سليم ۽ ذاتي جوهر، مسلسل مطالعي، سير سفر ۽ علمي مجلسن ۾ اٿڻ ويهڻ ڪري ايتري قابليت جو مالڪ بڻجي ويو. جو اڳتي هلي پاڻ باڪمال قومي شاعر بنجي ويو. ڪيس شعرو شاعري جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو، جنهن ڪيس ادب جي دنيا ۾ نروار ڪيو.

نظامي صاحب پهريان اردوءَ ۾ شاعري ڪئي ۽ پوءِ سنڌيءَ ۾. پاڻ حضرت نظام الدين اولياء رح جي گادي نشين ۽ اردو جي وڏي اديب خواجه حسن نظاميءَ جي هٿ تي بيعت ڪري سندس مريد ٿيو هو، سو پنهنجي مرشد جي نسبت سان 1926ع ۾ پنهنجو تخلص "نظامي" قائم ڪيائين. جڏهن ته ان کان اڳ تخلص " خاطي" ۽ ان کان اڳ "اصغر" استعمال ڪندو هو. سندس ابتدائي ڪلام جي اصلاح مرحوم "مخلص" ۽ پوءِ مرحوم حاجي محمود "خادم" ڪندا هئا. تحريڪ خلافت وقت گل و بلبل جي شاعريءَ کي ترڪ ڪري قومي شاعري شروع ڪيائين. ڪراچي ۾ بزم ادب ۽ بزم نظامي قائم ڪيائين. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ گلزار عشق (ڪافيون)، مسدس حالي (ترجمو)، بياض نظامي، ۽ رياض نظامي شامل آهن. نثر ۾ هن ڪيترائي مضمون لکيا، جي ڪاميابي، الوحيد ۽ ترقي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا هئا. هن ڪجهه ناول به لکيا جن ۾ حور دمشق ۽ خدائي انتقام چڱا علمي ناول آهن. ڪيس صحافت سان به دلچسپي هئي. 1929ع ۾ "دره حيدري" نالي رسالو شروع ڪيائين. ڪجهه وقت "اديب سنڌ" جو پڻ ايڊيٽر رهيو. وفات کان اڳ "وحدت" نالي هفتيوار اخبار شروع ڪيائين، جنهن جا به چار پرچا سندس زندگيءَ ۾ مس شايع ٿيا.

غلام احمد "نظامي" 23- فيبروري 1951ع تي جمعي جي ڏينهن ڪراچي ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مون ڪئي ڪوشش گهڻي ٻاهر نه نڪري ڳالهه ڪا،
عشق منهنجو ويو مگر رسوا سرِ بازار ٿي.

غلام حسين "ملنگ"

غلام حسين "ملنگ" ولد سيٺ غلام علي 19- اپريل 1904ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ننڍي شهر ضلعي بدين ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ پائي جو مرثيه گو شاعر ٿي گذريو آهي.

سنڌي ادب ۾ سيد ثابت علي شاهه سڀ کان اول مرثين چوڻ جي ابتدا ڪئي. ان کان پوءِ جن شاعرن هن صنف ۾ نوان تجربا ڪيا، تن مان غلام حسين "ملنگ" به هڪ آهي. سندس والد پنهنجي وقت جو نالي وارو واپاري ۽ خواجه قوم جو چڱو مڙس هئو. شروع کان ئي غلام حسين به واپار طرف توجهه ڏيڻ لڳو، ان ڪري زياده تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. پنج درجا سنڌي پڙهڻ کان پوءِ ڳوٺ جي مولوي صاحب کان ٽن سالن تائين فارسي جي تعليم ورتائين. جيئن ته سندس والد، سر آغا خان جي بيعت ٽوڙي اسماعيلي عقيدي کان بيزاري ڏيکاري، اثنا عشري عقيدو اختيار ڪيو هو. تنهن ڪري غلام حسين به اهل بيت رسول الله صلي الله عليه وسلم سان محبت ۽ عقيدت جي اظهار ۾ اهل شيعت اختيار ڪئي ۽ پاڻ کي "ملنگ" سڏائيندو هو.

شعر وشاعري سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئس. 1928ع کان باقاعده شاعري چوڻ شروع ڪيائين. مداح، نعت، نوحا ۽ مرثيا گهڻي انداز ۾ چيا اٿس. سندس آواز ۾ بيحد سوز هوندو هو. سوز خواني جي مجلسن ۾ ماٿيو ملنگ کي اوس سارييندا هئا. اڄ به سندس ڪلام لاڙ جي شهرن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي سوز خواني جي مجلسن ۾ وڏي سڪ ۽ چاهه سان پڙهيو ويندو آهي. سندس ڪلام ۾ ايترو ته سوز آهي جو اهو ڪو پٿر دل انسان به ٻڌندو ته پنهنجن آنسوئن تي ڪنٽرول ڪري نه سگهندو. ان کان علاوه شادي جي موقعن تي سندس چيل سهرا ۽ ڳيچ به ڪافي مقبول آهن. سنڌي ۽ ملتاني زبانن ۾ چيل سندس سمورو ڪلام هن جي ڀاءُ نذير حسين حيدري محفوظ رکيو هو. نثر ۽ نظم ۾ ذاڪري جون ٽي چار سؤ مجلسون سندس تصنيف آهن.

سنڌ جو گمنام پر اعليٰ مرثيه گو شاعر غلام حسين "ملنگ" ٽي- بي جي موذي مرض وگهجي سن 1953ع ۾ فوت ٿي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مهند محبن جي ملڻ کان موت مرن ماري متان
فاطمه جي لال کي عباس جو پر سو ڏئي
هٿ ٻڌي حضرت ڪنان هڪ جام ڪوثر جو پيان.

غلام حسين، هدايت الله، سر

سر غلام حسين ولد شيخ هدايت الله 11- جنوري 1879ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو سياستدان، قانوندان ۽ بهترين منتظم ٿي گذريو آهي. سنڌين لاءِ سندس ڏنل قربانيون، سنڌ جي عوام ڪڏهن به فراموش ڪري نه سگهندو. سندس والد اصل ڪشميري نسل جو هندو هو، جيڪو پوءِ شڪارپور ۾ لڏي آيو. جتي 1873ع ۾ مسلمان ٿيو ۽ 1880ع ۾ وفات ڪري ويو.

غلام حسين ڪي ننڍ پڻ کان ئي يتيمي ۽ غربت واري زندگي بسر ڪرڻي پئي، ليڪن پوءِ به علم ڪي هٿان نه ڇڏيائين. پاڻ مفلسيءَ جي حالت ۾ رات جو گهر کان ٻاهر ميونسپالٽيءَ طرفان لڳايل فانوسن هيٺان اسڪول جا سبق ياد ڪندو هو.

سر غلام حسين ابتدائي تعليم کان وٺي ثانوي تعليم تائين شڪارپور ۾ پڙهيو. ڪراچي مان مئٽرڪ پاس ڪري بمبئي ويو، جتان بي- اي ۽ ايل- ايل- بي جون ڊگريون ورتي، 1905ع ۾ واپس اچي حيدرآباد ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين. 1918ع ۾ حيدرآباد ضلعي لوڪل بورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊجي ويو. 1921ع ۾ کيس بمبئي پريزيڊنسي گورنمينٽ جو وزير مقرر ڪيو ويو. 1925ع ۾ کيس "خانبهادر" جو لقب ۽ 1926ع ۾ "سر" جو خطاب مليو. جون 1928ع کان جون 1934ع تائين ايگزيڪيوٽو ڪائونسل بمبئي ۾ رڪنيت ورتائين. 1930ع ۾ لنڊن جي گول ميز ڪانفرنس ۾ پاڻ بمبئي سرڪار طرفان عيوضي ٿي شرڪت لاءِ ويو. اتي هن سنڌ جي جدائيءَ واري ڪاميٽيءَ ۾ بيسار هئڻ جي باوجود پاڻ ڪشائي وجهي، سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ پر زور تقرير ڪئي هئي. نتيجي طور 1936ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي ۽ سر صاحب کي هڪ سال سنڌ جي ايڊمنسٽريٽو ڪائونسل جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. فيبروري 1937ع واري عام اليڪشن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ان اليڪشن ۾ سندس پارٽي "سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي" کي جيتوڻيڪ صرف پنج سيٽون مليون هيون. پر جيئن ته اڪثريت سان ڪامياب ٿيندڙ اتحاد پارٽي جي مکيه ليڊرن سر شاهنواز خان ڀٽي ۽ سر حاجي عبدالله هارون کي چونڊن ۾ شڪست ملي، ان ڪري گورنر سنڌ هن کي تجربيڪار سياستدان ۽ مدبر سمجهي، وزارت ناهڻ جي دعوت ڏني ۽ پاڻ 22- مارچ 1937ع تي سنڌ جو پهريون وزير اعليٰ مقرر ٿيو. هن پوءِ ٿوري وقت ۾ ڪيترن ئي گروپن جي حمايت حاصل ڪري اسيمبليءَ ۾ ميجارٽي حاصل ڪري ورتي. مارچ 1938ع تائين ان عهدي تي رهيو. وري 1942ع ۾ سنڌ جي گورنر کيس حڪومت ناهڻ جي

دعوت ڏني ۽ پاڻ 19- آڪٽوبر 1942ع تي پيهر سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ٿيو ۽ پاڪستان ٺهڻ تائين ان عهدي تي رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پاڻ سنڌ جو پهريون پاڪستاني گورنر مقرر ٿيو ۽ ان ئي عهدي تي رهندي 4- آڪٽوبر 1948ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪيائين.

غلام حيدر صديقي، مخدوم

مخدوم مولوي غلام حيدر صديقي قريشي 23 اپريل 1899ع تي هالا نوان ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. سندس پانگ جو نالو "محمد سعيد" رکيو ويو. پاڻ حضرت غوث مخدوم نوح رحه جي چوڏهين سجاده نشين حضرت مخدوم ظهير الدين رحه عرف "پروچامر" جو چوٿون نمبر فرزند هئو.

مخدوم صاحب ابتدائي تعليم هالن ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ديوبند ويو جتان تعليم جو مقرر ڪورس پڙهي دستاربندي ڪري موٽي آيو. جنهن کان پوءِ سندس والد پنهنجو جملي ڪاروبار سندس حوالي ڪري پاڻ آزاد ٿي ويٺو، انهيءَ وڏي مشغولي هوندي به پاڻ ادبي ۽ علمي صحبتن ۽ رهاڻن کي جاري رکيو آيو، هن پنهنجي خانداني ڪتبخاني ۾ وڏو اضافو ڪيو، ۽ ٻاهران عالم گهرائي وقت بوقت وعظ ۽ نصيحت جون مجلسون منعقد ڪرائي عوام کي مستفيض ڪندو رهيو، پاڻ ڪيترن ئي تربيتگاهن ۽ مدرسن کي سالانه مقرر ٿيل وضيفا ڏيندو هو.

مخدوم صاحب کي سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي ٻولين تي مڪمل عبور حاصل هو. ڪتابن جو خوب قدردان هو، تنهن ڪري سنا سنا ڪتاب ۽ قلمي نسخا نقل ڪرائڻ تي وڏي رقم خرچ ڪندو هو. ان وقت فوٽو اسٽيٽ مشين اجا رواج ۾ ڪونه هئي، انڪري مولوي عبدالرزاق نوشهرائي ۽ ٻيا عالم ۽ خوشنويس وٽس ڪتاب نقل ڪرڻ واري ڪم تي مامور هئا. پاڻ ڪجهه ڪتاب به تصنيف ڪيائين، جن مان ڪي ڇپيل آهن ته ڪي اڻڇپيل. انهن ڪتابن ۾، اسلامي تصوف، سوانح عمري حضرت مخدوم نوح، اسوه محمديﷺ ، ۽ نبوي اخلاق، قابل ذڪر آهن.

پاڻ سياست ۾ به حصو ورتائين، ابتدا کان وٺي آخر عمر تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به رهيو.

مخدوم صاحب تعليم جي فروغ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو. ان سلسلي ۾ هن 5- جنوري 1942ع تي هالن ۾ "مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول" برپا ڪرايو، وري ان اسڪول جي هاسٽل قائم ڪرائي، ان کان پوءِ 2- مئي 1947ع تي هالن ۾ "سروريه اسلاميه ڪاليج" برپا ڪيو. ياد رهي ته هنن ٽنهي ادارن جو سنگ بنياد پير الاهي بخش صاحب رکيو هو. جيڪو ان وقت سنڌ جو وزير تعليم هئو.

مخدوم صاحب دارالفاني جي دستور موجب هن جهان مان 9 جون 1953ع تي دارالبقا ڏي روانو ٿي ويو.

غلام رباني آگرو

غلام رباني ولد عبداللطيف آگرو 5- نومبر 1933ع تي ڳوٺ محمد خان آگرو تعلقي کنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ برک اديب، دانشور، ۽ ممتاز ڪهاڻيڪار آهي.

غلام رباني صاحب گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. جتي 76-1970ع تائين سيڪريٽريءَ جي عهدي تي ڪم ڪيائين. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو وائيس چانسلر مقرر ٿيو جتي 1979ع تائين رهيو. 1984ع تائين وري ادبي بورڊ ۾ ساڳئي منصب تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ وفاقي وزارت تعليم ڪيس اسلام آباد گهرايو، جتي ملڪ جي ممتاز علمي اداري اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جو اول ڊائريڪٽر، پوءِ ڊائريڪٽر جنرل ۽ آخرڪار چيئرمين ۽ وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر وارن ممتاز عهدن تي رهڻ کان پوءِ 1997ع کان سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري آهي.

غلام رباني آگرو پنهنجي گونا گون، وسيع علمي ۽ ادبي خدمتن وسيلي سنڌي ادب ۾ فخر ۽ عزت جي قابل مقام جو مالڪ آهي. سندس شمار جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي معمارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين کي جديد سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد ۽ مستند مقام حاصل آهي. سندس ڪهاڻيون چيني، جرمني، فارسي، اردو ۽ هندي ٻولين ۾ ترجمو ٿي مختلف ملڪن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن.

آگري صاحب ٻارن جي ادب جي ترويج لاءِ پڻ ڪافي ڪم ڪيو آهي، مشهور رسالي "گل ڦل" جو شروع (1959ع) کان وٺي 1964ع تائين ايڊيٽر رهيو ۽ ٻارن لاءِ سوين دلچسپ ليک لکيائين. هن صاحب مختلف موضوعن تي لاتعداد مضمون ۽ ڪجهه ڪتاب لکيا آهن. جن کي سنڌي ادب ۾ قدرِ لائق مقام حاصل آهي. خاص طرح سان "سنڌي ڪلچر" عنوان تي سندس فڪري مضمونن جون قسطون نهايت ويچار لائق آهن.

غلام رباني آگرو پاڪستان جي ڪيترن ئي ناميارن علمي ۽ ادبي ادارن جو ميمبر آهي، پنجابي ادبي بورڊ 1986ع ۾ ڪيس گولڊ ميڊل ڏنو، سندس شاندار ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيس ٻيا به ڪيترائي ايوارڊ، اعزاز مليا آهن، جن ۾ صدارتي ايوارڊ "تمغئہ امتياز" پڻ شامل آهي. پاڻ مختلف سرڪاري وفدن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن جا دورا پڻ ڪري چڪو آهي. هيئنيان سندس مشهور

ڪتاب آهن.

چوندو آمريڪي افسانا (سراج ميمڻ سان گڏ)، آب حيات (ڪهاڻيون) سماجي اپياس، پيار جي پري (ڪهاڻيون)، واديءَ سنڌ ۾ باز جو شڪار، جهڙا گل گلاب جا (شخصيات)، سڌ پڙاڏو (آتم ڪٿا)، ادبي توصيفات، سنڌ جابر بحر ۽ پهاڙ وغيره.

غلام رسول جتوئي، مولوي

مولوي غلام رسول ولد بهاول خان جتوئي سن 1897ع ۾ ڳوٺ محرابپور تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جيد عالم، فاضل، خطيب، اديب ۽ مولود گو شاعر هو.

مولوي غلام رسول جتوئي سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مختلف استادن کان حاصل ڪئي، کيس اسلامي تعليم ۾ دسترس حاصل هئي. پاڻ زميندار هو ۽ وڏي رقم خير جي ڪمن ۾ صرف ڪندو هو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني درسگاهه به قائم ڪئي ته جيئن سنڌي مسلمانن کي ديني تعليم ڏني سگهجي. مدرسي سان گڏ مسجد به ٺهرايائين.

مولوي صاحب کي رسول الله صلي الله عليه واله وسلم جن سان بيحد محبت ۽ عشق هو. جنهنجو اندازو سندس جوڙيل مولودن مان ٿئي ٿو. جيڪي اڪثر مذهبي محفلن ۾ ڳايا ويندا آهن. جتوئي صاحب اسلامي مسئلا سمجهائڻ لاءِ نثر ۽ نظم ۾ خطبا لکيا آهن، جيڪي اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جمعي ۽ عيد وارن ڏينهن تي مسجدن ۽ عيدگاهن ۾ وڏي چاهه سان پڙهيا ويندا آهن.

مولوي صاحب کي شعروشاعري سان حد درجي تائين لڳاءُ هو. ڪافي، مولود، مدح، مناقبات ۽ بيت جي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس شاعري جا ڪجهه ڪتاب لاڙڪاڻي جي مشهور ڪتب فروش ڪنڊ مل ويڙهومل شايع ڪيا، جن ۾ ديوان جتوئي، گلشن جتوئي، جذبات جتوئي، مولود جتوئي وغيره شامل آهن.

مولانا غلام رسول جتوئي جنوري 1957ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪئي، کيس اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو، سندس نعتيه ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏيکار ڏٿي سيگهه ۾ هڪ وار مدينو
حضرت رسول ﷺ پاڪ جو دربار مدينو
قرآن ۾ ساراهه سندس پاڪ خدا ڪئي
سڀ شهر سندو آهي هي سردار مدينو.

غلام رسول خان جتوئي

حاجي غلام رسول خان ولد حاجي امام بخش خان جتوئي سن 1905ع ۾ ڳوٺ جتوئي (پراڻا) تعلقي موري ۾ ڄائو. پاڻ وڏو زميندار، سياستدان ۽ اثر رسوخ وارو ماڻهو ٿي گذريو آهي.

حاجي غلام رسول خان جتوئي سنڌي تعليم ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ۽ انگريزي تعليم نوشهرو فيروز هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي ڪيس شروع کان وٺي پنهنجي زميندار ي ڪاروبار ۽ سياست سان دلچسپي رهي. زبان جو هڪڙ هوندو هو ان ڪري تقرير ڪري نه سگهندو هو. باقي بلند خيال، بلند حوصلي ۽ اعليٰ دماغ جومالڪ هو. پاڻ1931ع ۾ تعلقي موري جو پريزيڊنٽ منتخب ٿيو. سندس بهترين ڪارڪردگي سبب سرڪار طرفان ڪيس 1944ع ۾ ”خانصاحب“ جو لقب مليو، جيڪو 1946ع ۾ قائداعظم جي اپيل تي واپس ڪري ڇڏيائين.

جتوئي صاحب 1945ع کان 1955ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهندو آيو. 1945ع کان 1953ع تائين ضلعي لوڪل بورڊ نواب شاهه جو پريزيڊنٽ رهيو. ان عرصي ۾ ضلعي جي ترقي لاءِ ڪافي ڪم ڪيائين. تعليم تي خاص طرح توجهه ڏنائين. پاڻ ضلع زميندار ي بينڪ جو ڊائريڪٽر ۽ چيئرمين به ٿي رهيو.

جتوئي صاحب بردبار، بهادر، ياروبس، خوش مزاج ۽ خوش اخلاق انسان هو. پاڻ اهڙو ته ڏيا وارو هو جو هرون پرون ڪنهنڪي طاقت نه ٿسيندي هئي ته سائس گفتگو ڪري سگهي. فيصلا هميشه حق ۽ انصاف موجب ڪندو هو. رشوت جي سخت خلاف هو، چورن ڇڪارن جو مارو هو. پاڻ 19 مئي 1965ع تي وفات ڪري ويو. سندس فرزندن مان غلام مصطفيٰ خان جتوئي جو شمار هن وقت پاڪستان جي چوٽيءَ وارن سياستدانن ۾ ٿئي ٿو.

غلام رسول شاهه جيلاني، پير

پير غلام رسول شاهه ولد پير جهان شاهه جيلاني جي ولادت سن 1919ع ۾ ٿاٽي بولا خان ۾ ٿي، جيڪو هن جيلاني خاندان جو مکيه مرڪز آهي.

پير غلام رسول شاهه جيلاني سنڌ جي هڪ مشهور درگاهه حضرت تاج ڏني رحه (ميرپور خاص) جو سجاده نشين ۽ مشهور سياستدان ۽ زرعي ماهر هو. پاڻ 15 سالن جي ڄمار ۾ ميرپور خاص آيو ۽ مذڪوره درگاهه جو سجاده نشين ٿيو.

پير صاحب سنجيده، وضعدار، خانداني فضيلتن وارو بزرگ هو. سندس بزرگانه ۽ باجهه ڀري شخصيت دوستن، احبابن ۽ مريدن لاءِ هڪ سڪون جو

سبب هُئي. غريبن، مسڪينن جي سچي عمر دل کولي مدد ڪيائين. شرافت ۽ خدمت خلق سندس شيوو رهيو.

پير صاحب 1937ع کان سنڌ جي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ عام ماڻهن جي خدمت ۽ دوستن سان سچائيءَ جي ڪري سياست جي ميدان ۾ به وڏيون ڪاميابيون ماڻيائين. 1953ع ۾ ٿرپارڪر ضلعي مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. 1965ع کان 1977ع تائين پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبرشپ ماڻيائين چونڊيل ايوانن ۾ سنڌ جي مسئلن بابت وڏي جدوجهد ڪيائين، خاص ڪري ٿر جي پوئتي پيل علائقي جي وڏي خدمت ڪيائين، جتي سندس عقيدت ۽ احترام جا اڻ مٽ نقش موجود آهن.

پيير صاحب کي زراعت سان وڏو شوق رهيو، پاڻ جديد زراعت جي اصولن تحت پنهنجي زمينن کي گلزار بنايائين. ميرپور خاص ۾ پهڻ ۾ " جيلاني فروٽ فارم" نالي مثالي فروٽ فارم لڳايائين. پاڻ موسيقي جو به وڏو چاھو ۽ فنڪارن جو قدردان هو. وقت جا وڏا وڏا گويا ۽ فنڪار سندس فن پروريءَ مان مستفيض ٿيندا رهيا. ادب ۽ صحافت جي سرپرستيءَ ۾ به پاڻ هميشہ اڳرو رهيو. مهمان نوازي ۽ دوستن سان وفاداري سندس خاص خوبيون هيون. پاڻ سڄو يورپ گهمي ڏٺائين، حج جي به سعادت حاصل ڪيائين.

پيير غلام رسول شاھ جيلاني 7- فيبروري 1991ع تي حيدرآباد ۾ رحلت ڪئي.

غلام سرور جتوئي (پهلوان)

غلام سرور ولد قلب علي خان جتوئي سن 1952ع ۾ ڳوٺ فريد خان جتوئي ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ملهه جو تمام سگهارو پهلوان آهي.

غلام سرور جتوئي انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ملهه سکڻ شروع ڪئي سندس والد پنهنجي وقت جو ناليوارو ملهه پهلوان هو، جنهن کان هن ملهه جي سکيا حاصل ڪئي.

غلام سرور جتوئي 1970ع کا ٻني جوڙ کان ملهه وڙهڻ شروع ڪئي ۽ پوءِ سگهوئي ڀهرين جوڙ ۾ پهچي ويو. پاڻ هن وقت به سنڌ اندر ملهه جو مکيه پهلوان سمجهيو وڃي ٿو. هن سڄي سنڌ ۾ ملاکڙا وڙهي داد حاصل ڪيو آهي ۽ مڃتا ماڻي آهي. ڪيترائي يادگار مقابلا ڪئي انعام ۽ميڊل حاصل ڪيا آهن.پاڻ تمام سچو ملهه آهي.گهڻن ملهن وانگر صلاح ڪري ڪڏهن نہ وڙهيو. پاڻ سٺي اخلاق وارو ۽ تمام ڪلمڪ پهلوان آهي. ملهه انسوسيئشن جو اڳوڻ پڻ آهي. کيس "چئمپين سنڌ" جو لقب مليل آهي.

غلام سرور مغل

غلام سرور ولد خانبهادر رسول بخش مغل جون 1903ع تي ڪوٽ ڏيجي ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ۽ اردو جو بهترين غزل گوشاعر ٿي گذريو آهي.

غلام سرور مغل جا وڏا قلات مان لڏي اچي جيڪب آباد ۾ رهيا هئا. سندس والد فارسيءَ جو وڏو شاعر هو ۽ خيرپور رياست ۾ نائب وزير ٿي رهيو هو. هو نوڪري سانگي ڪوٽ ڏيجي ۾ رهيل هئو ته اتي سرور جي ولادت ٿي هئي.

سرور کي قنمبر تعلقي ۾ وڏي زميناري هئي، هو ان جي نظرداري خاطر 1938ع ۾ لاڙڪاڻي جي محلي " ميان جي ڳڙهي" ۾ جاءِ جوڙائي اچي رهيو. پوءِ آخر تائين اتي ئي رهيو.

غلام سرور مغل 1919ع کان شعر چوڻ شروع ڪيو. هن جا غلام قادر "قيس" گدائي ۽ حافظ خيرمحمد اوحدي سان گهرا تعلقات هئا، انهن سان گڏجي جيڪب آباد ۾ "بزم مشاعره" قائم ڪيائين ۽ پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي آيو ته "بزم مشاعره" لاڙڪاڻي ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. پاڻ سنڌي کان علاوه اردو ۾ به شاعري ڪندو هو. اردو شاعري ۾ سندس استاد علامه اقبال هو. سرور جا لاهور ۾ هڪ بزرگ حڪيم سيد رحمت الله شاهه سان گهاٽا تعلقات هئا، جيڪو علامه اقبال جو دوست هو. ان جي معرفت سرور جا علامه سان گهرا تعلقات ٿي ويا هئا، ۽ پنهنجي اردو ڪلام جي ڪانئس اصلاح ڪرائيندو هو. هڪ ڀيري علامه اقبال سرور کي پنهنجو هيءُ اردو غزل ٻڌايو.

ڪڀي اي حقيقت منتظر آ لباس مجاز مين

ڪه هزارون سجدي تڙپ رهي هين ميري جبين ناز مين.

ان غزل جو جواب سرور ڪيس هن سنڌي غزل ۾ ڏنو جنهنجو مطلع آهي.

هو نياز ڪهڙو آ جو اڳهي نه درگه ناز ۾

پوءِ نماز ڇنجي نماز ڇا جو اچي نظر نه نماز ۾

جڏهن اقبال کي ان جو ترجمو ٻڌايائين ته اقبال ڪيس چيو "اي سرورڪهڙو نه عارفانه ڪلام چيو اٿئي، تنهنجي نجات هن غزل جي ڪري ٿيندي."

سرور لاهور مان شادي ڪرڻ ٿي چاهي، جنهن لاءِ اقبال ڪيس اهو چئي سختي سان منع ڪئي هئي ته "ڇا تون لاهور مان شادي ڪري تباهه ٿيڻ ٿو چاهين؟ توکي لاهور جو حال معلوم نه آهي، هتي ته رياست جا والي به تباهه ٿي ويندا آهن." ان کان پوءِ سرور صاحب لاهور مان شادي ڪرڻ وارو خيال ختم ڪري ڇڏيو.

غلام سرور مغل پنهنجي وقت جو مشهور شاعر هو. هو غزل جو شاعر هو، سندس پهرين ڪلام تي مجاز جو گهڻو اثر هو، پوءِ اقبال جي صحبت جي اثر ڪري قومي (مسلم) رنگ ۾ شعر چوڻ لڳو. تخلص "سرور" استعمال ڪندو هو. سندس غزل ۾ خيالن جي نواڻ ۽ شوخي آهي. هن جو انداز بيان پرڪشش آهي. هن غزل لاءِ اهڙن لفظن جي چونڊ ڪئي آهي، جن هن جي خيال کي پراثر بنائي ڇڏيو آهي، پر ڪٿي ڪٿي فارسيءَ جا مشڪل لفظ ۽ ترڪيبون استعمال ڪرڻ سبب سندس شعر مشڪل ٿيو پوي.

نواب يوسف علي خان مگسي سرور جي دوستن مان هو. 1930ع ۾ جيڪب آباد ۾ جيڪا "آل انڊيا بلوچ ڪانفرنس" ڪوٺائي وئي هئي، ان ۾ سرور کي بلوچستان لاءِ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو هو.

غلام سرور مغل دل جي حرڪت بند ٿيڻ سبب 8- ڊسمبر 1957ع تي وفات ڪئي، کيس قائم شاهه بخاري جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏسندا.

خود شرم کان مران ٿو احسان ڏسي ڏسي
جيئرو ٿيان ٿو حشر جو سامان ڏسي ڏسي
هر روز آندو خلد مان گلدستو نذر لئي
توکي غريب خاني ۾ مهمان ڏسي ڏسي.

غلام علي الانا. ڊاڪٽر

ڊاڪٽر خواجه غلام علي ولد خواجه الله ڏنو (الانا) 15- مارچ 1930ع تي ڳوٺ ٽنڊو خواجه تعلقي جاتي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جڳ مشهور اديب، عالم، محقق، دانشور ۽ ماهر لسانيات آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا ابتدائي تعليم ٽنڊو خواجه ۾، ثانوي تعليم ميرپور بٺوري، ٽنڊي محمد خان ۽ ڪراچي ۾ حاصل ڪئي. 1953ع ۾ بي- اي (آنرس) ۽ 1955ع ۾ ايم- اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. پاڻ پهريان ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. 27- جنوري 1958ع کان استاد جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽي جي ملازمت اختيار ڪيائين. 1962ع ۾ آغا خان اسڪالرشپ تي اعليٰ تعليم وٺڻ لاءِ ولايت روانو ٿيو. جتان لنڊن يونيورسٽي جي معروف اداري " اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز" مان ايم- اي (لسانيات) جي ڊگري 1963ع ۾ وٺي واپس آيو. جنهن کان پوءِ هن 1971ع ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي رهبري ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايڇ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. کيس اهو اعزاز حاصل آهي ته هن رسنڌ

يونيورسٽيءَ مان سپ کان پهريائين پي- ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي، جنهن لاءِ سنڌس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" پاڻ هن مقالي جي تحقيق لاءِ لاڙ جي ڪُوٽ ڪُوٽ ۾ وڃي مواد حاصل ڪيو.

الانا صاحب 1963ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ [1] جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو، جتي آگسٽ 1983ع تائين رهيو. الانا صاحب سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ 1977ع ۾ پروفيسر جي عهدي تائين پهتو، پر سنڌ الاجيءَ جي اضافي عهدي جي چارج وٽس ئي رهي. سنڌ الاجيءَ کي عروج تي رسائڻ ۾ الانا صاحب جي محنتن، محبتن ۽ ڪشالن جو بہ هڪ الڳ داستان آهي.

الانا صاحب 9- آگسٽ 1983ع کان 18 اپريل 1989ع تائين علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جو وائيس چانسلر ٿي رهيو.14- مارچ 1990ع تي پنهنجي تدريسي شعبي مان رٽائر ڪيائين. جنهن کان پوءِ 1993ع ۾ کيس سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر بڻايو ويو ۽ جولاءِ 1998ع ۾ سنڌ سرڪار کيس " سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو" حيدرآباد جو چيئرمين مقرر ڪيو ۽ اڄا تائين ان عهدي تي فائز آهي. هُنَ ڏينهن هڪ ڪري وڏي محنت سان " سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو" کي عروج بخشيو آهي. سندس ذاتي ڪوشش سان سنڌي ٻولي جي واڌاري لاءِ اداري طرفان ڪيترائي اهم عملي قدم کنيا ويا آهن. جهڙوڪ، هڪ جلدي "سنڌي لغت" جي اشاعت، "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" تيار ڪرائڻ، جنهنجو ڪم تيزي سان هلي رهيو آهي، مختلف موضوعن تي وقت بوقت سيمينار وغيره ڪرائڻ، روينيو ۽ دفتري ٻوليءَ جون لغتون ۽ ڪتاب تيار ڪرائڻ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کان اها ڳالهہ قبول ڪرائڻ تہ آئنده ڪميشن جو امتحان ڏيندڙ غير سنڌي اميدوارن لاءِ اهو لازمي هوندو تہ هو سنڌي جو خاص امتحان پاس هجن، جنهنجي ڪورس ناهڻ ۽ ڪلاسن هلائڻ جو ڪم ادارو ڪندو، وغيره.

غلام علي الانا پنهنجي ادبي زندگي جي ابتدا افسانن لکڻ سان ڪئي، جيڪي مختلف رسالن ۾ ڇپيا هئا. شروع ۾ ٿوري شاعري بہ ڪيائين ۽ "ناشاد" تخلص ڪم آڻيندو هو، پر پوءِ علم الانسان ۽ لسانيات جي موضوعن تي تحقيق کيس افسانا لکڻ يا شاعري ڪرڻ کان پري ڪري ڇڏيو. هن هڪڙو ناول 1952ع ۾ "لاش" نالي سان لکيو هو.

الانا صاحب بطور ماهر لسانيات پوري بر صغير ۾ مڃيل حيثيت رکي

---

(1) سنڌ جي لوڪ ورثي ۽ تاريخ کي مختلف صورتن ۾ محفوظ ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ترقي وٺرائڻ جي مقصد لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي ماتحت جنوري 1963ع ۾ "سنڌ اڪيڊمي" جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو ويو. 1964ع ۾ هن اداري جو نالو بدلائي "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" رکيو ويو. اداري جي موجوده عمارت جو سنگ بنياد 10- ڊسمبر 1972ع تي ان وقت جي وزير اعليٰ ممتاز علي ڀٽي رکيو.

ٿو. انهيءَ موضوع تي تمام گهڻا مضمون، مقالا ۽ ڪتاب لکيا اٿس ان ڏس ۾ سندس لکيل ڪتاب " سنڌي صوتيات" لسانيات جي شاگردن لاءِ بنيادي اهميت وارو ڪتاب آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ لکيل پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪتاب آهي. لساني جاگرافي تي لکيل سندس اهم ڪتاب " سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي" پهريون ڀيرو 1979ع ۾ ڇپيو، جنهن تي کيس سنڌ گريجوئيٽ ائسوسيئيشن پاران ڊيپلاٽي ايوارڊ ۽ 1981ع ۾ رائٽرس گلڊ طرفان ايوارڊ مليا. سندس هڪ ٻيو اهم ڪتاب "سنڌي ٻولي جو اڀياس" سنڌالاجي پاران 1987ع ۾ ڇپيو، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ سندس ماهرانه صلاحيتن کي داد ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهجي.

هن هيل تائين ڪل ڇاليهه ڪتابءِ سن ڪن تحقيقي مقالا لکيا آهن، هي اڃا ٿڪو ناهي ۽ ساڳي جذبي سان لکندو رهي ٿو. مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ هيٺيان سندس اهم ڪتاب آهن.

چور (ڪهاڻيون- 1954ع)، ناصر خسرو ايراني (1961ع)، منتخب ديوان فاضل (ترتيب1964ع)، سنڌي صورتخطي (1964ع)- سنڌي نثر جي تاريخ (1966ع)- ادبي اوسر (ترتيب- 1967ع) - سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ (1971ع)- علمي آئينو (ترتيب- 1972ع)- سنڌي زبان جي بنيادي لغت (ساٿي ايڊيٽر 1973ع)- سنڌي زبان جي ڪاروباري لغت (ساٿي ايڊيٽر- 1973ع)- سنڌي زبان جي وڏايل بنيادي لغت (ساٿي ايڊيٽر- 1973ع)- سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد (1974ع)- سنڌي ڪتابن جي ببليو گرافي (1974ع)- سنڌي ليڪڪن جي ڊائريڪٽري (1974ع)- پهريون سنڌي ڪتاب (غير مادري زبان)- سنڌي معلم- منتخب جديد سنڌي شاعري- آزادي کانپوءِ سنڌي ٻولي لاءِ جدوجهد- سنڌي انون ڪتاب (غير مادري زبان)- لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ (پي- ايچ- ڊي وارو مقالو)- تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ ڪا حصا (اردو ۾)- وغيره.

ان کان سواءِ سندس لکيل علمي ۽ تحقيقي مقالا مهراڻ، نئين زندگي ۽ ٻين رسالن جي سوين صفحن تي ٽڙيل پکڙيل نظر ايندا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنجاهه کان وڌيڪ ملڪي ۽ غير ملڪي اهم علمي، ادبي ادارن ۽ انجمن جو صدر، ساٿي صدر، نائب صدر، ميمبر، ڪنوينر ۽ اعزازي عيوضي پڻ رهيو آهي. کيس دنيا گهمڻ جو موقعو به مليو آهي. ڪيترائي ملڪ گهمي ڏٺا اٿس. سندس علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو اعتراف علمي حلقن ۾ خوب ڪيو ويندو آهي. کيس 1993ع ۾ پاڪستان سرڪار پاران " ستاره امتياز" جو ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي.

غلام علي خان ٽالپر

مير غلام علي خان ولد مير بنده علي خان ٽالپر سن 1909ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ هڪ بااصول، ديانتدار سياستدان، محب وطن ۽ سخي مرد ٿي گذريو آهي. سندس خدمتن کي سنڌ ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي.

مير غلام علي خان ٽالپر ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي ، ۽ بي- اي جو امتحان علي ڳڙهه مان پاس ڪيو. سندس والد پنهنجي دور جي مشهور سياسي شخصيت هئو، جنهنجي تربيت هيٺ مير غلام علي به سياسي ميدان ۾ قدم رکيو. هن سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. سنڌ جي جدائي کانپوءِ پاڻ 1937ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ پارليماني سيڪريٽري به ٿيو. 1943ع ۾ سنڌ جو وزير داخله بنيو ۽ بعد وارين ڪابينائن ۾ پڻ وزير رهندو آيو. پاڻ پاڪستان جي جدوجهد ۾ به شامل رهيو. قائد اعظم ۽ لياقت علي خان جو ويجهو ساٿي رهيو. هن مسلم ليگ جي تنظيم ڪاري ۾ نمايان حصو ورتو ۽ مسلم ليگ جي حڪم تي " خانبهادر" جو خطاب پڻ واپس ڪيو.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ مير صاحب 1953ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ۽ اسيمبليءَ جو اسپيڪر ۽ صوبائي روينيو وزير ٿي رهيو. 55-1954ع ۽ 58- 1956ع واري عرصي دوران پاڻ مرڪزي وزارت ۾ وزير اطلاعات ۽ وزير داخله ٿي رهيو، ۽ آخر تائين قومي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو.

مير صاحب کي علم و ادب سان به گهري دلچسپي هئي. ان سلسلي ۾ غلام محمد شهواڻي جو ڪتاب "علمي خزانو" موجود آهي، جيڪو مير صاحب جي چوڻ تي لکيو ويو هو. مير صاحب وٽ هميشه سنڌي موسيقيءَ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون، جن ۾ سنڌ جا مشهور ڳائڻا شامل ٿيندا هئا. مشهور آهي ته مير صاحب چانڊوڪين راتين ۾ ڦليليءَ اندر ٻيڙين۾ محفلون ڪرائيندو هو، هٿ جو به ڏاڍو ڇٽل هوندو هو. سوالي سندس در تان خالي نه ورندو هو. نادار ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ سندس شيوو رهيو.

سنڌ جو هيءُ ممتاز سياستدان ۽ غريب پرور انسان 19- آڪٽوبر 1963ع تي وفات ڪري ويو.

غلام علي "مسرور" فقير

فقير ميان غلام علي "مسرور" ولد ماستر رحيم بخش بدوي ٻهرين جولاءِ 1894ع تي شڪار پور ۾ ڄائو. پاڻ معروف صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

فقير غلام علي "مسرور" جي تعليم پنهنجي شفيق والد جي نگراني هيٺ ٿي. 1910ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ٻه سال تپيدار

اسڪول حيدرآباد ۾ ٽريننگ ورتائين. ۽1912ع ۾ تپيدار مقرر ٿيو. 1928ع ۾ ترقي ڪري سپروائيزنگ تپيدار ٿيو جتان 1948ع ۾ رٽائر ڪيائين.

فقير صاحب بنيادي طور "ڪافي" جو وڏو شاعر هو. علمي، ادبي ڄاڻ سبب ۽ عروضي شاعري جي دور سبب سندس ڪافين ۾ خيال، فڪر ۽ موضوع سان گڏ عروضي خوبيون به آهن. هن بيت، مولود، مسدس، غزل، مخمس، مرثيو ۽ مثنوي وغيره جي صنفن ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي. تخلص "مسرور" استعمال ڪيو اٿس، سندس شاعري سنڌي، اردو، هندي، سرائڪي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ موجود آهي. ڪيس بيدل فقير جي درگاهه تان باطني فيض مليو، جنهن لاءِ پنهنجي ڪافين ۾ ذڪر ڪيو اٿس. ڪيس موسيقي جي به سٺي ڄاڻ هئي، ستار وڄائيندو هو، پنهنجي سريلي ۽ مٺڙي آواز ۾ يڪتاري تي صوفي ڪلام ڳائيندو هو. پاڻ سير سفر جو به شوقين هو. سنڌ جي مختلف درگاهن تي حاضري ڏيڻ، پيرن فقيرن جون چونڪيون ڏيڻ، انهن جو ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ڳائڻ ۽ صوفين سان صحبت ونڊڻ سندس خاص مشغلو هوندو هو.

فقير سائين جي ڪلام جو مجموعو "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" جي نالي سان پهريون ڀيرو 1941ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون طبعزاد ۽ طويل مسدس آهي، هي مسدس97 بندن تي مشتمل آهي ۽ انٽر ۽ بي اي جي نصاب طور به مقرر ٿيل هو، ان کان سواءِ سندس ٻيون ڪجهه تصنيفون هن ريت آهن: مداح ست گرو سائينءَ جي سوڪڙي (هندي ڪلام)، راڳ جي شرعي حيثيت، بيدل جو سنڌي ڪلام، واڇوڙو مل، ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار، مجازي معشوق، پريم ساگر (اردو ۽ هندي ڪلام)، حسن ازل (فارسي ڪلام)، ڪليات مسرور، مثنوي هير رانجهو، دشمن، من مستي، فقير واليڏنو شڪارپوري جو ڪلام ۽ سلطاني سهاڳ، وغيره.

فقير صاحب سخي به ڏاڍو هو. سڀ ڪجهه سري راهه غريبن ۾ لٽائي الله جو نالو ڪٺي گهر واپس ٿيندو هو. جيتوڻيڪ ڪيس وڏو ڪٽنب هو ۽ مسڪيني گذر هو جنهن ڪري رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪيس خانگي ملازمت ڪرڻي پئي، ۽ سردار محمد بخش کوجهيءَ جي زمين سنڀالڻ لاءِ ٽنڊي آدم وڃي رهيو، جتي 19 آگسٽ 1953ع تي وفات ڪيائين. سندس ميت شڪارپور آڻي دفن ڪيو ويو. نموني طور سندس هڪ غزل جا شعر هيٺ ڏجن ٿا.

عجائب درد دک وارو وڏو آ داستان منهنجو
لکڻ کان همنشينو سو گهڻو آهي بيان منهنجو
دکايل دل جي دلجوئي دلاسو داد بي ڪونهي
رنو آهي ڪري ڪاوڙ مٿم روح روان منهنجو

غلام علي ميمڻ

حاجي غلام علي ميمڻ سن 1901ع ۾ حيدرآباد جي معزز ميمڻ گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ وڏو سخي مرد، سباجهڙو ۽ رحمدل انسان ٿي گذريو آهي. سندس سخاوت سڄي حيدرآباد ۾ مشهور هئي. سندس در تي ڪيئي سوالي ايندا هئا، جن جا مسئلا بذات خود ٻڌندو هو، ۽ انهن جي حل ڪرڻ ۾ ماڻهن جي مدد ڪندو هو.

غلام علي ميمڻ سياست ۾ پڻ بهرو ورتو. تحريڪ پاڪستان دوران قائداعظم سان گڏجي ڪم ڪيائين. پاڻ ميونسپل ڪائونسل حيدرآباد جو 35 سال لڳاتار ميمبر رهيو ۽ لوڪلبورڊ ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ پاڻ عوام ۾ اينترو نه مقبول ٿي چڪو هو. جو پاڻ جڏهن حج تي ويل هئو نه سندس غير موجودگيءَ ۾ ڪيس اليڪشن ۾ ڪاميابي نصيب ٿي، پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ پاڻ سنڌ اسيمبلي ۽ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو.

ميمڻ صاحب قومي درد رکندڙ انسان هو، ۽ خيراتي ڪمن ۾ سندس ڪو ٻيو مٽ نه هو. حيدرآباد ۾ قائم ٻيل خاني ۾ (جتي هن وقت ٽيلي ڪميونيڪيشن جي آفيس آهي) هر سال اکين جي اسپتال جو بندوبست ڪرائيندو هو. جتي هر سال پنج هزار ماڻهن جي اکين جا آپريشن ٿيندا هئا، ان کان سواءِ مريضن جي مالي مدد پڻ ڪندو هو، ضرورتمند مسافرن کي سندن گهرج آهر ڀاڙا ۽ ٻيا خرچ به ڏيندو هو.

پاڪستان ٺهڻ وقت جڏهن هندستان مان مسلمان مهاجر حيدرآباد پهتا نه ميمڻ صاحب انهن جي هر طرح سان مدد ڪئي، صبح کان شام تائين سندس در تي مهاجرن جون لائنون لڳيون پيون هونديون هيون. پاڻ سڀني سوالين سان محبت ۽ خوش اخلاقيءَ سان پيش ايندو هو، ضرورتمندن کي اناج، ڪپڙو ۽ نقدي جي صورت ۾ مدد ڪندوهو، پاڻ نور محمد هاءِ اسڪول جي ڪائونسل جو ميمبر به رهيو. هن ڪيترن ئي غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏنيون ۽ غريب نوجوانن کي مالي مدد ڏني، پنهنجي خرچ تي سندن شاديون به ڪرايون، مطلب نه هن سخي مرد حيدرآباد جي رهواسين جي هر طرح سان پرگهور لڌي ۽ زندگي ۾ سندن ڏک سک جو ساٿي بڻيو رهيو.

سچ پڇ نه هن نفسا نفسي واري دؤر ۾ اهڙن ماڻهن جو پيدا ٿيڻ وڏي ڳالهه آهي، جيڪي پنهنجو سک قربان ڪن، پنهنجي ملڪيت خرچ ڪري ٻين جي سار لهن ٿا ۽ ٻين کي سکي رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، نه نه اڄڪلهه اڪثر سرنديءَ وارا ماڻهو پنهنجو گهر ڀرڻ ۾ پورا آهن ۽ ڪنهن کي ڪنهن جي پرواهه ناهي.

حاجي غلام علي ميمڻ 1984ع ۾ وفات ڪري ويو.

غلام عمر جتوئي، مفتي

ابوالفيض مفتي غلام عمر ولد محمد صادق جتوئي 2 ڊسمبر 1833ع تي ڳوٺ سونو جتوئي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ بلند پايہ عالمِ دين، حڪيم، شاعر ۽ مدرس ٿي گذريو آهي.

مفتي غلام عمر جتوئي قرآن پاڪ ناظران انن سالن جي عمر ۾ آخوند نور محمد چني کان پڙهي پڄايو. فارسي جي تعليم تعلقي ميهڙ جي مدرسي رهڙي ۾ مولانا محمد صالح مهيسر کان حاصل ڪئي. آخر ۾ مخدوم حسن الله صديقي پاٽائي وٽان عربي ڪتاب ۽ ٻيا ديني علوم پڙهي تحصيل ڪيائين. جنهن کان پوءِ ڪجهہ وقت رهڙي جي مدرسي ۾ درس ڏيندو رهيو ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ "دارالفيض" نالي مدرسو قائم ڪري درس وتدريس جو سلسلو جاري رکيائين.

مفتي صاحب جي مدرسي ۾ هر وقت شاگردن جو وڏو تعداد موجود هوندو هو، سنڌ کان سواءِ افغانستان، بلوچستان، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جا طالب علم وٽانئس مستفيض ٿيا، جن مان ڪيترائي پنهنجي وقت جا جيد عالم ٿي گذريا آهن. پاڻ حديث جو ماهر ۽ فقہ حنفيءَ جي وڏي ڄاڻ رکندو هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ ڪتابن جو چڱو تعداد لکيائين. جيڪي زماني جي انقلابن ۽ پوين جي لاپرواهيءَ سببان اڄ ناپيد آهن. البتہ ہہ ڪتاب "صاحب فتويٰ" ۽ "تحريرات" قلمي صورت ۾ سندس پونيرن وٽ موجود آهن.

مفتي صاحب سنو حڪيم بہ هو تہ شاعر بہ هو. جواني ۾ مولود ۽ مداحون بہ چيائين. پاڻ صوم وصلاوت جو پابند هو، بدعتي ۽ بدمذهب ماڻهن کان ذڪار هوندي هئس، صوفياءِ ڪرام جي عزت ۽ صالحن جي صحبت کي افضل ڄاڻندو هو.

هيءُ لقمان ثاني، صاحب تقويٰ، استاد تحريرات ۽ عمدة العلماءُ هڪ سؤ ہہ ورهين جي دراز عمر ۾ 2 فيبروري 1935ع تي وفات ڪري ويو. کيس ڳوٺ جي مدرسي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو، سندس زندگي ۽ ديني خدمتن تي ڊاڪٽر رحمت الله ابڙي لاڙڪاڻي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي.

غلام فاطمہ شيخ

غلام فاطمہ شيخ سنڌ جي مشهور تحريڪ آزادي جي مرد مجاهد شيخ عبدالرحيم سنڌيءَ جي نياڻي هئي. سندس ولادت 1887ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٿي. هن عظيم عورت سڄي عمر عام انسان جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي.

غلام فاطمہ شيخ طبيہ ڪاليج دهليءَ جي سنديافتہ نرس هئي. سندس مڙس جو نالو ڊاڪٽر شيخ شمس الدين هو، جنهن سان گڏجي پاڻ ليڊي ڊفرن اسپتال حيدرآباد جي آمهون سامهون هڪ ويم گهر ۽ ان سان گڏ بيواهہ گهر قائم ڪري ڏتڙيل عورتن ۽ لاوارث ٻارن جو علاج ۽ تيمارداري ڪندي هئي.

سائنس گڏ پيون بہ سنڌي ناريون رضاڪار طور ڪم ڪنديون هيون.

غلام فاطمہ پنهنجي پاڙي ۾ اسٽيشن روڊ تي هندن جوهڪ چڏي ويل اسڪول هٿ ڪري پارت مان لڏي آيل مهاجرن جي عورتن جي تعليم لاءِ اسڪول جاري ڪيو، جيڪو هن وقت هاءِ اسڪول جي صورت ۾ موجود آهي.

پهرين مهاڀاري لڙائي دوران وچ اوڀر جي علائقي ۾ باهہ جا ڀڀڙ پڙڪيا تہ، انهن جي زخمين جي سنڀال ۽ علاج لاءِ هيءُ عظيم نرس ۽ سندس مڙس تيار ٿي سعودي عرب، شام، لبنان ۽ ترڪي جي ملڪن ۾ ويا ۽ اتي رهي بي لوث خدمتون سر انجام ڏنائون.

سنڌ جي هن عظيم نياڻيءَ وڏي عمر مائي 13 اپريل 1981ع تي وفات ڪئي.

غلام فاطمہ "لال"

مائي غلام فاطمہ "لال" جو جنم اٽڪل 1860ع ڌاري پني عاقل تعلقي جي ڳوٺ "ڪٽن" ۾ ٿيو. پاڻ اتر سنڌ جي مشهور شاعره ۽ ڳائڻي ٿي گذري آهي، جنهنجون پرسوز ڪافيون اڄ بہ سنڌ ۾ مقبول آهن.

غلام فاطمہ ذات جي موچاڻي هئي ۽ "لال" سندس پيءُ جو نالو هو. اهوئي نالو پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪندي هئي، جنهن ڪري پاڻ مائي فاطمہ "لال" ۽ مائي فاطمہ موچاڻي جي نالن سان مشهور آهي. مڙس جواني ۾ مري ويس، جنهنڪري سندس ڪلام ۾ سوز، درد ۽ وڇوڙي جا ورلاپ ملن ٿا. هن ڪافين ۾ بيت چيا آهن. سندس ڪافيون ڪافيءَ جي ابتدائي نموني "وائي" جي نموني تي آهن. سندس ڪافين کي سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي بيگم فقيرياڻي ڳائي جهر جهنگ ۾ وڌيڪ مقبول بڻايو.

مائي غلام فاطمہ شاعره کان سواءِ هڪ سڀاجهڙي لوڪ فنڪاره بہ هئي ۽ يڪتاري تي پنهنجو ۽ ٻين صوفي شاعرن جو عارفانو ڪلام ڳائيندي هئي. سندس آواز پرسوز ۽ درد انگيز هو، جيڪو ڪٿي بہ محفوظ ٿي ڪونہ سگهيو آهي ۽ سنڌ جي هوائن ۾ گم ٿي ويو، پاڻ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ کان گهڻو متاثر هئي.

مائي غلام فاطمہ "لال" سن 1925ع ۾ وفات ڪري وئي. سندس ڪافي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪاڻ پنهل جي جيڏيون سرتيون
هاٿي ويني ٽيڪانگ اڏاريان
مٺ محبن جي چا ڪو ٿيندو
تن کي ويهي مان ڪيئن وساريان

غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر غلام قادر ولد نبي بخش سومرو 15 فيبروري1933ع تي ڳوٺ ڏيتا تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ هڪ اديب، تنقيد نگار، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار، تعليمي ماهر ۽ ريسرچ اسڪالر جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو 1950ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نارو شاهه مان مئٽرڪ پاس ڪري، ساڳئي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. ملازمت سان گڏوگڏ خانگي طور وڌيڪ تعليم به حاصل ڪندو رهيو. بي اي (آنرس)1955ع ۾، بي ٽي 1957ع ۾، ايم اي (پهريون پوزيشن) 1960ع ۾ ۽ ايل ايل بي 1967ع ۾ پاس ڪيائين. جنهن کان پوءِ کيس پي ايچ ڊي ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ 1988ع ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني ۾ "سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح" جي عنوان سان مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي.

ملازمت دوران سومرو صاحب مختلف هاءِ اسڪولن جو هيڊ ماستر ٿي رهيو، انڪان علاوه پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ سنڌي شعبي جو صدر ۽ انگريزي سبجيڪٽ جو ٽيچر ٿي رهيو. 1981ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي [(1)] ۾ انتظاميه سان وابسته رهيو. 85 - 1983ع دوران سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي جو پرنسپل ٿي رهيو ۽ وري واپس مهراڻ يونيورسٽي ۾ آيو، جتان 1993ع ۾ رٽائر ڪيائين.

سومري صاحب 1955ع کان پوءِ باقاعدي لکڻ جي شروعات ڪئي. 1961-64ع دوران روزانه "نواءِ سنڌ" لاءِ مضمون ۽ ڪالم لکيا جيڪي ڏاڍا پسند ڪيا ويا. سندس ڪهاڻين جا ٻه مجموعا "... ۽ ڌوڙ يا پڇجي ويا" 1965ع ۾ ۽ "سهڻا ٿوهر" 1970ع ۾ شايع ٿيا، جن ۾ آيل ڪهاڻيون مشاهدن تي آڌاريل ۽ پنهنجي ٿي ماحول تان ورتل آهن، جن ۾ سنڌي سماج جي اوڻاين ۽ اڻڳاين جي نشاندهي ڪيل آهي. پاڻ سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت لکي اٿس، جيڪا 1996ع ۾ سنڌ سرڪار جي ثقافت ۽ سياحت کاتي شايع ڪرائي آهي. هي لغت پنهنجي نوعيت جي پهرين ڪوشش آهي، جنهن جو مثال هند، سنڌ ۾ نٿو ملي.

ڊاڪٽر صاحب 1970ع کان وٺي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ سان درسي ڪتابن جي ليکڪ طور لاڳاپيل آهي. بهترين درسي ڪتابن جي ليکڪ وارو روڪ انعام به کيس ملي چڪو آهي، انڪان سواءِ سندس لکيل تحقيقي ۽ علمي

---

(1) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو قيام 18 فيبروري 1977ع تي عمل ۾ آيو.

مقالا نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. پاڻ ڪيترن ئي علمي ادبي تنظيمن ۽ ادارن سان لاڳاپيل آهي، جيتوڻيڪ ڪيس ڪافي ايوارڊ مليل آهن.

غلام قادر شاهه لڪياري

سيد غلام قادر شاهه ولد سيد غلام مصطفيٰ شاهه لڪياري 10-جنوري 1910ع تي ڳوٺ پنڊي عطل شاهه تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ اصول پرست سياستدان، زميندار ۽ بي باڪ صحافي ٿي گذريو آهي.

سيد غلام قادر شاهه لڪياري جي تعليم صرف سنڌي ڇهن درجن تائين محدود هئي، ليڪن خداوندتعاليٰ کيس اهڙي تہ سمجهہ ۽ قابليت عطا ڪئي هئي جو پاڻ اعليٰ تعليم يافتہ لڳندو هو. شاهه صاحب ننڍي هوندي کان وٺي سياڄهڙو، سنجيدہ ۽ اعليٰ خوبين جو مالڪ هو، پاڻ زميندار هوندي بہ غريبن جو وڏو همدرد ۽ هڏڏوڪي هو، ٿيهن ورهين جي ڄمار ۾ سياست ۾ پير پاتائين، پاڻ مسلم ليگ جو سرگرم رڪن هو ۽ گڏيل ضلعي نواب شاهه ۾ مسلم ليگ جو پايووجهندڙ پاڻئي هو. 1947ع ۾ ضلع مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو، پر پوءِجڏهن مسلم ليگ پنهنجي اندروني اختلافن سبب ڪمزور ٿي، تڏهن شاهه صاحب نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي.

شاهه صاحب اعليٰ پايي جو صحافي پڻ هو، نواب شاهه شهر مان هفتيوار اخبار "مظلوم" ڪڍندو هو، انهيءَ اخبار ذريعي هن سنڌ جي غريب ۽ ڏتڙيل عوام جي مظلوميت جو سچو داستان پيش ڪري وڏي خدمت ڪئي. شاهه صاحب جي جرائتمندي ۽ بي باڪي کي ڏسي "انجمن مديران جرائد سنڌ" کيس پنهنجو صدر چونڊيو ۽ پاڻ ست سال لاڳيتا انهيءَ عهدي تي رهيو. پاڻ ورهين جا ورهين تعلقہ ڪوآپريٽو، بينڪ جو چيئرمين پڻ رهيو. شاهه صاحب سماجي ڪمن ۾ بہ ڪافي بهرو ورتو. پاڻ 17 جنوري 1962ع تي وفات ڪري ويو.

غلام قادر شاهه نصرپوري

سيد غلام قادر شاهه رضوي(ثاني) المعروف قادر شاهه ثاني ولد سيد مريد علي شاهه سن 1941ع ڌاري نصرپور ۾ تولد ٿيو، پاڻ مشهور شاعر سيد مصري شاهه جي درگاهه جوناميارو سجادہ نشين ۽ روحاني پيشوا ٿي گذريو آهي.

غلام قادر شاهه رضوي سنڌي، انگريزي، عربي ۽ فارسي ٻولين جو ڄاڻو هو. پاڻ سنجيدہ ۽ پروقار شخصيت جو مالڪ ۽ فضيلتن ڀريو بزرگ هو. هميشہ غريبن ۽ مسڪينن جو مددگار رهيو. ڪيترن ئي غريب ماڻهن جي ٻارڙن کي پنهنجي خرچ تي تعليم ڏيارين. کيس علم، ادب، ثقافت ۽ موسيقي سان بہ گهرو لڳاءُ هو.

هن نصرپور ۾ "مصري شاهه ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل" قائم ڪري

اڻ لپ ۽ ناياب علمي ۽ ادبي ذخيرو گڏ ڪري هڪ لائبريري قائم ڪئي، جنهن ۾ اڄ به هزارين ناياب ڪتاب ۽ مواد موجود آهي. مصري شاهه جي ڪلام جو مجموع "ڪليات مصري شاهه" پڻ سندس ڪوشش سان مذڪوره ڪائونسل طرفان1961ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو.

شاهه صاحب سنڌ ۾ ملهه ۽ موسيقي جي فن جي واڌاري لاءِ به وڏي جدوجهد ڪئي. کيس موسيقي جي چڱي ڄاڻ هئي. سندس محفل ۾ ڪيترائي مشهور راڳي اچي شريڪ ٿيندا هئا.

سيد غلام قادر شاهه نصرپوري ڀهرين آگسٽ 1982ع تي انتقال ڪيو. سندس مزار نصرپور ۾ آهي.

غلام مجدد سرهندي، پير

پير غلام مجدد ولد ميان عبدالحليم سرهندي 13 مئي1883ع تي مٽياري ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سرهندي پيرن جو نامور فرد ۽ سنڌ جو سياسي اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

پير غلام مجدد سرهندي ديني تعليم علامه حسن الله پاٽائيءَ کان مٽيارين ۾ ورتي ۽ ان وقت ئي تحصيل ڪري دستاربندي ڪيائين. سندس والد جي وفات کانپوءِ 1913ع ۾ کيس سجاده نشينيءَ جي دستار ٻڌائي وئي.

پير صاحب شروع ۾ مذهبي احڪامن جي تبليغ ۽ تعليم جي اشاعت ۾ وقت گذارڻ لڳو. جڏهن 1920ع ۾ "خلافت تحريڪ"(1) زور پڪڙيو ته ان ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪيائين ۽ خلافت ڪانفرنسن ۾ وڃي تقريرون ڪندو هو. هڪ ٻه ڪانفرنس پاڻ وٽ به سڏائي هئائين. پاڻ سنڌ جي پيرن مان پهريون پير هو، جنهن 8، 9 ۽10 جولاءِ921ع تي ڪراچيءَ ۾ مولانا محمد علي جوهر جي صدارت ۾ ڪوٺايل خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، ان ۾ پاس ڪيل هن ٺهراءَ جي حمايت ڪئي ته مسلمانن کي انگريزن جي فوج ۾ ڀرتي نه ٿيڻ گهرجي. انهيءَ سلسلي ۾ هن کي مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، مولانا حسين احمد مدني، مولانا نثار احمد ڪانپوري ۽ ٻين ليڊرن سان گڏ ٻه سال جيل جي سزا به ڪاٽڻي پئي. جنهن بهادريءَ سان هن رتناگري جيل ۾ اها سزا ڪاٽي، تنهن هن کي آل انڊيا شهرت جو مالڪ بنائي ڇڏيو. جيل ۾ هن قرآن

---

(1) پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ترڪن جي حمايت ۾ برصغير جي مسلمانن برطانيه حڪومت جي خلاف "خلافت تحريڪ" نالي تحريڪ هلائي. سنڌ ۾ هن تحريڪ جو آغاز سيپٽمبر 1919ع ۾ ٿيو. "سنڌ خلافت ڪميٽي" جو مرڪز ڪراچي ۾ هو ۽ ان جون ڏهوڪي سنڌ جي ستن ضلعن (ڪراچي، حيدرآباد، نواب شاهه، ٿرپارڪر، سکر، جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻو) ۾ ضلعي ڪميٽيون قائم ڪيون ويون هيون.

شريف پڻ ياد ڪيو.

ان کان پوءِ به پير صاحب مختلف سياسي ۽ سماجي تحريڪن ۾ حصو وٺندو رهيو. جڏهن ڪانگريس کان ڪي مسلمان سياسي ڪارڪن جدا ٿيا ته هي به جدا ٿي وڃي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. آخري وقت ۾ حيدرآباد ۾ رهندو هو ۽ سيد علي اڪبر سان گڏجي جامعه عربيه مدرسو قائم ڪرايائين. پاڻ عربي جو ڄاڻو مذهبي معاملن ۾ مهارت رکندڙ نهايت خوش خلق، مهمان نواز، خدمت خلق ۾ يقين رکندڙ بزرگ هو.

سندس وفات 9 جنوري 1958ع تي ٿي.

غلام محمد ڀرڳڙي، رئيس

رئيس غلام محمد ولد ولي محمد خان ڀرڳڙي 23 جولاءِ 1878ع تي تعلقي جيمس آباد [1] جي ڳوٺ ڊينگاڻ ۾ پيدا ٿيو، پاڻ سنڌ جي انهن معزز هستين مان هو، جي آزادي جي تحريڪ جا علمبردار ۽ مخلص قومي ڪارڪن هئا.

رئيس غلام محمد ڀرڳڙي شروعاتي تعليم ڳوٺ جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ حيدرآباد جي "چرچ مشن هاءِ اسڪول" [2] ۽ "نولراءِ هيرانند اڪيڊمي" [3] ۾ پڙهيو، ٿورو عرصو ڪراچي جي سنڌ مدرسي ۾ پڻ تعليم حاصل ڪيائين، آخر علي ڳڙهه ويو جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري واپس اچي سنڌ ۾ هڪ روشن خيال ۽ وچولي زميندار جي حيثيت ۾ حياتي گذارڻ لڳو.

هڪ ڀيري ڀرڳڙي صاحب رات جو ٿرپارڪر ۾ شادي پلي اسٽيشن جي ويجهو هڪ ڊاڪ بنگلي ۾ رهيل هو ته ڪيس اهو بنگلو هڪدم خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو، جو اتي هڪ انگريز عملدار کي رهڻو هو. ليڪن هن بنگلو خالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي اسسٽنٽ ڪليڪٽر مٿس قلم110 تحت ڪيس داخل ڪيو، جنهن ڪري دوستن جي صلاح تي پاڻ انگلستان هليو ويو، جتي ٽي سال رهي بئريسٽري جو امتحان پاس ڪري1908ع ۾ وطن موٽي آيو. ياد رهي ته سنڌ جي زميندارن مان هي پهريون شخص هو جنهن بئريسٽري جو امتحان پاس ڪيو.

ولايت مان واپسي بعد رئيس غلام محمد خان حيدرآباد ۾ وڪالت جي پيشي کي اختيار ڪيو. هي سياسي سجاڳيءَ جو دور هو، ۽ سياسي جماعتون تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ سخت جدوجهد ۾ مشغول هيون. پاڻ به آزادي جو ڪوڏيو هو، جنهن ڪري سنت ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو.

(1) 18 فيبروري 1981ع تي جيمس آباد شهر جو نالو تبديل ڪري ڪوٽ غلام محمد رکيو ويو.

(2) چرچ مشن هاءِ اسڪول حيدرآباد 1863ع ۾ قائم ٿيو.

(3) نولراءِ هيرا نند اڪيڊمي حيدرآباد جو بنياد 1888ع ۾ پيو.

پرڳڙي صاحب1909ع ۾ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو رڪن بڻيو. هي اهو دؤر هو جڏهن سنڌ جا اڪثر مسلمان زميندار حڪومت جي خوف کان ڪانگريس جي نالي کان به پيا ڇرڪندا هئا. ڪيس سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن جي عبوضي طور ان چار رڪني وفد ۾ پڻ شامل ڪيو ويو، جنهن کي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اماڻيو ويو هو. ان عرصي ۾ هن پنهنجي صوبي ۽ عام ماڻهن جي حالت سڌارڻ لاءِ ڪيترائي اپاءَ ورتا. 1917ع ۾ هن حيدرآباد مان "الامين" نالي اخبار شروع ڪئي، جيڪا مسزائني بيسنت جي "هوم رول" ۽ "ٿيا سافيڪل سوسائٽي" جي تحريڪن جي اصولن ۽ نظرين موجب هلندي هئي. 1918ع ۾ هن پنهنجي ڪجهه ساٿين سان گڏجي "آل انڊيا مسلم ليگ" جي سنڌ شاخ جو پايو وڌو. جنهن کان پوءِ پاڻ انگلينڊ ڏانهن ان مقصد سان روانو ٿيو ته، جيئن انگريز سرڪار جي بالا حڪام سان لهه وچڙ ۾ اچي سنڌ ۽ هندستان جي مسلمانن جي مسئلن کان ڪين آگاهه ڪري سگهي. پاڻ جنوري 1920ع ۾ انگلينڊ مان موٽي آيو. ان وقت هندستان ۾ "خلافت تحريڪ" شروع ٿي چڪي هئي. هن ان تحريڪ ۾ سر جوشي سان حصو ورتو سندس اخبار "الامين" هن تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، فيبروري 1920ع ۾ خلافت ڪانفرنس بمبئي ۾ ٿي، جنهن ۾ غلام محمد پرڳڙي کي "آل انڊيا خلافت ڪانفرنس" جو صدر چونڊيو ويو. نومبر 1923ع ۾ پاڻ مرڪزي قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو. مارچ 1923ع ۾ مسلم ليگ جو ساليانو اجلاس لکنؤ ۾ ٿيو، جنهن جي صدارت پرڳڙي صاحب ڪئي، جتي هن ولوله انگيز ۽ جامع صدارتي تقرير ڪري هندستان جي ليڊرن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

رئيس غلام محمد پرڳڙي بي باڪ سياستدان سان گڏوگڏ هڪ ڪامياب زميندار پڻ هو. اپريل 1921ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ سڄي سنڌ جي زميندارن جي هڪ ڪانفرنس ۾ "سنڌ زميندار ائسوسيئيشن" جو بنياد رکيو ويو. ڪيس ان ائسوسيئيشن جو پهريون صدر مقرر ڪيو ويو. پاڻ پهريون شخص هو، جنهن هارين ۽ زميندارن جي سک ۽ سهنج لاءِ سنڌ ۾ جديد زرعي اوزار مهيا ڪيا. سندس ڪوشش سان سنڌ ۾ ڪيترائي ڦٽين ڪاٽڻ جا ڪارخانا برپا ٿيا، تعليم طرف به سندس گهڻو ڌيان رهيو. انهيءَ سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج برپا ڪرائڻ لاءِ پاڻ بمبئيءَ جي گورنر کان منظوري وٺي آيو هو. ڪيترن ئي غريب ۽ مسڪين شاگردن کي وظيفا ڏئي، سندن همت افزائي ڪندو رهيو. مطلب ته پاڻ امير هوندي به غريبن جو مددگار، يتيمن جو يار ۽ بي سهارن جو سهارو بڻيو رهيو.

سنڌ ۽ سنڌين جو هيءُ سچو خادم ۽ هڏ ڏوکي 9-مارچ1924ع تي حيدرآباد ۾ رحلت ڪري ويو، سندس جنازي پٺيان هزارين هندو ۽ مسلمان سرد آهون ڀريندا، ريلوي اسٽيشن تائين ويا، جتان ريل رستي سندس جسد خاڪي کي ڳوٺ ڏينگاڻ آڻي دفنايو ويو.

غلام محمد خان ٽالپر

مير غلام محمد ولد مير محمد خان سن 1876ع ۾ ٽنڊي باگي، ضلعي بدين ۾ ڄائو. پاڻ مشهور سماجي خدمتگار ۽ غريب پرور انسان ٿي گذريو آهي. سندس تعلق ٽنڊي باگي شهر جي باني مير باگي خان جي خاندان سان هو.

مير غلام محمد خان قرآن شريف جي تعليم ۽ ان وقت جي رواج موجب سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. سندس تعلق هڪ جاگيردار خاندان سان هو، پر پاڻ هميشه غريبن جو همدرد ۽ هڏڏوکي رهيو. غريبن ۽ مسڪينن جي خدمت ڪرڻ هن جو خاص مشغلو رهيو

مير صاحب هوندءِ ته سماج جي سڌاري لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيا، ليڪن تعليم جي حوالي سان هن جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، انهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي ان سلسلي ۾ هن محمد صديق "مسافر" سان صلاح ڪري 1919ع ۾ ٽنڊي باگي ۾ هڪ عظيم الشان درسگاهه جو بنياد رکيو. جنهن جي عمارت جو ڪم 1922ع کان شروع ٿيو ۽ 1924ع ۾ اسڪول نئين عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو، اسڪول جو نالو ان وقت جي انگريز عملدار لارينس جي پٺيان "لارينس هاءِ اسڪول" رکيو ويو. هيءَ اسڪول مير صاحب پنهنجي ذاتي خرچ سان نهرايو هو، شاگردن جي تعليم، رهائش ۽ خوراڪ پڻ مير صاحب جي طرفان هوندي هئي.

ٽنڊي باگي جو مذڪوره اسڪول سنڌ جي انهن شروعاتي چئن يا پنجن اسڪولن مان هڪ آهي جن سنڌ ۾ علم جي روشني پکيڙي ۽ انهن درسگاهن مان فارغ التحصيل شاگردن نه صرف سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪيو، پر انگريزن جي خلاف جهاد ڪيو ۽ پاڪستان جي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

مير صاحب کي انهيءَ ڳالهه جو شدت سان احساس هئو ته، تعليم عورت لاءِ پڻ اوتري ضروري آهي جيتري مرد لاءِ، ان ڪري هن نياڻين جي تعليم واسطي پڻ ٽنڊي باگي شهر ۾ هڪ زنانو اسڪول 1928ع ۾ برپا ڪيو.

هن نيڪ صفت انسان کي تعليم سان گڏ انسان جي صحت جو پڻ گهڻو خيال هوندو هو. لاڙ ۾ نڪاسي جو انتظام ڪونه هوندو هو. مينهن جي موسم ۾ هر هنڌ پاڻي بيٺو رهندو هو، جنهن ڪري ڪيترين ئي وبائي بيمارين

پکڙنديون هيون. جنهن لاءِ پاڻ حيدرآباد، ڪراچي ۽ بمبئي جا ڊاڪٽر گهرائي بيمارن جي علاج لاءِ ڪئمپيون لڳرائيندو هو. عورتن جي علاج لاءِ1931ع ۾ ٽنڊي باگي ۾هڪ زناني اسپتال به قائم ڪرايائين. مير صاحب پنهنجي خرچ تي ڪيترائي شاگرد ٻاهرين ملڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليا، جن مان ڪيترن ئي غير معمولي شهرت حاصل ڪئي. جن مان علامه دائود پوٽي ۽ مير بنده علي خان ٽالپر جا نالا قابل ذڪر آهن.

مير غلام محمد خان ٽالپر 12 فيبروري 1933ع تي وفات ڪئي.

غلام محمد خان مهر، سردار

سردار غلام محمد خان مهر سال 1924ع ۾ خانڳڙهه ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مهر ذات جو لٽ سردار ۽ سنڌ جي مشهور سياسي شخصيت ۽ اثر رسوخ وارو زميندار ٿي گذريو آهي.

غلام محمد خان مهر ٿوري تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي خانداني ڪرت زميندارِي ۽ سرداري سنڀالڻ لڳو، پاڻ سنڌ ۾ بهبودي سرگرمين ڪري مشهور هو، سياست ۾ پڻ چڱو نالو ڪمايائين. پاڻ1964ع ۾ پنهنجي تڪ مان (جيڪو ان وقت سکر ضلعي سان هو) قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1973ع ۾ ڪيس سينيٽر چونڊيو ويو ۽ سندس سياسي وفاداريون پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان رهيون. 1979ع جي مڪاني ادارن وارين چونڊن ۾ گهوٽڪي مان ضلع ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. بعد ۾ ڪيس ضلعي رابطه ڪميٽي سکر جو چيئرمن چونڊيو ويو، جيئن ته پاڻ هڪ وڏي زميندار جي حيثيت سان زرعي مسئلن ۽ معيشت متعلق سني معلومات رکندڙ هو، ان ڪري جنرل ضياء جي مارشل لا واري دؤر ۾ ڪيس 15 مئي 1981ع تي سنڌ جو زراعت ۽ خوراڪ جو وزير بنايو ويو. 1985ع واري اليڪشن ۾ حصو ورتائين ۽ آزاد اميدوار جي حيثيت سان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ محمد خان جوڻيجي جي ڪابينا ۾ صحت جو وفاقي مملڪتي وزير ٿي رهيو.1988ع واري اليڪشن ۾ ڪيس پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار جي مقابلي ۾ شڪست ملي،1993ع واري چونڊ ۾ ڪامياب ٿيو، پر پوءِ سياسي ميدان ۾ سرگرم عمل نه رهيو ۽ سياست کان پاسيرو رهي، زندگيءَ جا آخري ڏينهن نهايت سڪون سان گذاري9 اپريل 1995ع تي وفات ڪري ويو.

غلام محمد شهوائي

غلام محمد شهوائي سن1912ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور اديب، ماهر تعليم ۽ لطيف سائين جو پارکو ٿي گذريو آهي.

غلام محمد شهواڻي تعليم ايم-اي، بي-ٽي تائين حاصل ڪئي هئي. پاڻ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. پنهنجي وقت ۾ انهن اسڪولن جو بهترين انتظام رکيائين ۽ انهيءَ زماني ۾ اهي ٻئي اسڪول ڪافي مشهور هئا.

شهواڻي صاحب تعليمي سرگرمين سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ڪي به لڳو رهيو. سندس علمي ۽ ادبي خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. هن ٿوري وقت اندر نهايت عمدهه ڪتاب شايع ڪرائي سنڌي ادب ۾ چڱو اضافو ڪيو. هن ڪجهه ڪتاب انگريزي، اردو ۽ فارسي ڪتابن تان ترجمو ڪري لکيا. پاڻ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جو شيدائي هو. هن شاهه جو رسالو ترتيب ڏئي 1950ع ۾ شايع ڪرايو. هن شاهه جي رسالي تي ڪافي وقت، محنت ۽ ناڻو صرف ڪيو. رسالي جي تاليف ۾ پنهنجي تندرستي ختم ڪري ڇڏيائين، پر هميشه پيو چوندو هوته "منهنجي رڳو اها تمنا پوري ٿئي ته مرڻ کان اول شاهه جي رسالي جو هڪ جلد سونکي ڇپي ڏيکاريو وڃي." سندس اها آرزو نيٺ پوري ٿي، رسالو ڪيس ڇپجي مليو پر طبيعت جيئن پوءِ تيئن ڪرندي ويس. آخر پاڻ چيائين ته "مان رسالي جو شهيد ٿيندس" آخر ڪيس علاج لاءِ لاهور نيو ويو، جتي14 ڊسمبر 1950ع تي وفات ڪيائين سندس ميت ريل ذريعي حيدرآباد آڻي دفن ڪيو ويو. سندس ڇپيل ڪجهه ڪتاب هن ريت آهن:

چاليهه حديثون (1940ع)، رسول پاڪ (1940ع)، ترڪن جي بهادري (1942ع)، گلشن بهار (گلستان سعدي جو ترجمو1942ع)، علمي خزانو (مثنوي مولانا روم جو ترجمو 1944ع)، ادبي خزانو(1945ع)، ادبي اصول (ٻه ڀاڱا- 1948ع)، گلدستہ اقوال (1950ع)، خلفاء راشدين، روحاني راز (1964ع)، فتوح الغيب (حضرت غوث اعظم جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو)، اسلامي افسانا، فلسفہ روزه، سنڌي گرامر، وغيره.

غلام محمد "گرامي"، مولانا

مولانا غلام محمد "گرامي" ولد جاڙو خان لغاري بلوچ 30 ڊسمبر 1920ع تي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ تولد ٿيو. پاڻ سنڌ جو مايہ ناز اديب، شاعر، عالم، صحافي ۽ دانشور ٿي گذريو آهي.

مولانا غلام محمد "گرامي" ڪنهن بہ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪانہ ڪئي، پر پاڻ جيئن تہ نهايت ذهين هو ۽ مالڪ ڪيس خداداد صلاحيتن سان نوازيو هو، انڪري پنهنجي ذاتي مطالعي، مشاهدي، تجربي ۽ محنت سبب سنڌي، عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري

ورتائين. پاڻ حيدرآباد ۾1943ع ۾ جامع عربيہ تحريڪ ۾ آيو ۽ پوءِ هميشہ لاءِ حيدرآباد ۾ رهي پيو1951ع کان 1954ع تائين ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ فارسي جو استاد ٿي رهيو.

گرامي صاحب لکڻ جي شروعات هڪ صحافي جي حيثيت سان ڪئي. پاڻ پهريائين "هلال پاڪستان" اخبار سان وابستہ رهيو. عبرت اخبار جي پني دؤر ۾ ڪالم نويس رهيو. ان کان علاوه رسالو"آفتاب" ڪراچي. "عرفان لطيف"حيدرآباد، "پاسبان" هالا، "الزمان" هالا، ۽"ترجمان" ميرپور خاص جو ايڊيٽر ٿي رهيو. 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو ۽ رسالي "مهراڻ" جو مئنيجنگ ايڊيٽر ٿيو. 57-1956ع ۾ "شاعر" حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿيو. 1958ع کان آخري دم تائين "مهراڻ" رسالي جو ايڊيٽر رهيو. گرامي صاحب رسالي مهراڻ لاءِ جيڪي بي لوث خدمتون سرانجام ڏنيون، اهي هميشہ ياد رهنديون. هن ڪيترن ئي نون اديبن ۽ شاعرن کي همٿايو، ذاتي ڪوشش سان وڏن اديبن کان مواد وٺي رسالي ۾ شامل ڪري انکي وڌ ۾ وڌ معياري پرچو بنائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. پاڻ بہ هن رسالي لاءِ ڪيترائي ليک لکيائين. پين موضوعن کان علاوه رسالي مهراڻ جي ريگيولر ڪالم " آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين" هيٺ انهيءَ وقت ۾ دانشورن، ڪوجنا ڪندڙن، اديبن ۽ سماجي شخصيتن جي گذاري وڃڻ تي وفات ناما لکندو رهيو. جيڪي بعد ۾ سيد بچل شاهہ سهيڙي سموهي ڪتابي صورت ۾ "ويا سي وينجهار" جي نالي سان شايع ڪرايا. هن مهراڻ رسالي لاءِ جيڪي گذارشون لکيون اُهي پڻ ادب عاليہ جو اعليٰ مثال آهن.

گرامي صاحب سڄي عمر ادب ۽ صحافت سان وابستہ رهيو. مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب ۽ لاتعداد مضمون مقالا لکيائين. سندس تحرين جو دفتر ايڏو نہ منتشر آهي، جو ڪير سهيڙي ۽ ڪير پڙهي؟

سنڌي ادب ۾ سندس اسلوب تحرير ۽ انداز بيان کي پنهنجي حسن ۽ زيبائش جي سببان انفرادي مقام حاصل آهي انداز بيان جي انفراديت ايتري تہ نمايان آهي، جو سندس تحرير تي پلي سندس نالو نہ هجي پر پوءِ بہ ادب سان واسطو رکندڙ هر ڪو پڙهندڙ سمجهي ويندو تہ هيءَ تحرير گرامي صاحب جي آهي. سندس نثر ۾ اهڙا تہ حسين ۽ دلنشين استعارا، خوبصورت ۽ حسين تشبيهون، بي ساختہ ۽ پختہ ترڪيبون، برجستہ ۽ روح پرور جملا ملن ٿا، جي هوند شاعري لاءِ استعمال ڪري سگهجن. تڏهن تہ پير علي محمد شاد راشدي، گرامي صاحب جي تحريرن لاءِ چيو هو نہ "جنهن ٻوليءَ ۾ هن قسم جو قلم آهي اها ٻولي نہ مرندي."

مولانا گرامي فڪر و نظر جي حيثيت سان فڪر انگيز ۽ انقلابي نظريات جوحامل ۽ جديد کان جديد ترين خيالات جو عالم ۽ مبلغ هو. دينيات،تصوف، فلسفي، سياست، صحافت، تنقيد، ادب، تاريخ ۽ شاعري کان ويندي راڳ تائين مطلب تہ هر علم ۽ فن جي هر موضوع سان وابستہ رهيو.

گرامي صاحب جو زياده توجهہ نثر ڏانهن رهيو، ليڪن نظم ۾ پڻ طبع آزمائي ڪيائين. جيتوڻيڪ ڪجهہ بزرگن ۽ همعصرن سندس شاعري تي تنقيد بہ ڪئي آهي، مگر پوءِ بہ پاڻ مڪمل شاعر هو. ۽ بنيادي طور غزل ڳو شاعر هو سندس شاعري نظم ۽ غزل کان وڌيڪ فڪر ۽ خيال جي آهي، جنهنجي عبارت ۾ نظم جو تسلسل ۽ بندش ۽ غزل جو ترنم پڻ موجود آهي.جملي کان پوءِ ايندڙ جملو ايئن معلوم ٿيندو، جيئن آبشار جو صاف شفاف پاڻي پنهنجي خوش رفتاريءَ سان روان دوان هجي.

مولانا غلام محمد "گرامي" جي قلم جي نوڪ مان نروار ٿيل ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

الله جو وجود (1953ع)، رفيق حيات(1957ع)، ڪليات بلبل (ترتيب-1969ع)، ديوان بلبل (ترتيب 1969ع)، اسانجو پيارو دين (1971ع)، ادبي اهڃاڻ، پاڪ جمهوريت، اسلامي تاريخي ڪهاڻيون،مزاحيات، دينيات (ڪلاس ائين لاءِ)، مسلمان ۽ تعليم، جام جم (ترتيب)، قائد اعظم جون تقريرون، مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات.وغيره.

گرامي صاحب جي تعلقات جو سلسلو بہ تمام وسيع هو. مخدوم طالب المولیٰ سان محبت ۽ عقيدت وارو تعلق هئس. ان کان سواءِ ٻين بہ ڪيترين اهم شخصيتن سان سنا تعلقات هئس. پاڻ 15-سيپٽمبر 1976ع تي راهہ رباني وٺي ويو. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

خدا جو شڪر غم اين و آن جو آهيان امين
نہ آهہ پنهنجي مقدر ۾ سيم و زر نہ سهي
"گرامي" ڪو تہ اشارات کي بہ سمجهي ٿو
سخن شناس ڪو آهي سچو شهر نہ سهي.

غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر غلام محمد ولد محمد ابراهيم لاکو 6- جولاءِ 1954ع تي ڳوٺ منا خان جوکيو، تعلقي دولت پور صفن ضلعي نوابشاهہ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دؤر جو نالي وارو تاريخدان، محقق ۽ ليکڪ آهي.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ايم- اي (انگريزي) ۽ ايم- اي (تاريخ) کان علاوه پي- ايڇ- ڊي (تاريخ) جي ڊگري 1999ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان حاصل ڪئي آهي. پاڻ شروع ۾ تعليم کاتي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ 1987ع کان سنڌ يونيورسٽي سان لاڳاپيل آهي، جتي پهريان ليڪچرار (پاڪستان اسٽڊيز) مقرر ٿيو. ۽ 1994ع کان اسسٽنٽ پروفيسر (جنرل هسٽري) جي عهدي تي پنهنجون خدمتون احسن طريقي سان سرانجام ڏئي رهيو آهي.

لاکي صاحب کي شروع کان ئي سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ سان لڳاءُ رهيو. هن 1976ع کان باقاعده لکڻ شروع ڪيو ۽ هن وقت تائين سنڌ جي تاريخ تهذيب، قديم آثار ۽ ادب بابت سندس لکيل اڪيچار مضمون، تحقيقي مقالا ۽ ڏهه عدد عمده ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سندس تحقيقي ڪم کي سنڌ توڙي هند ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. سندس لکڻيون نالي وارن سنڌي، اردو ۽ انگريزي رسالن ۾ڇپجنديون رهن ٿيون.

سنڌ جي تاريخ ۾ سمن جي حڪومت وارو دؤر (1351ع کان 1521ع تائين) ادبي لحاظ کان تمام اهم سمجهيو وڃي ٿو. اهو دؤر سنڌ جي خوشحالي ۽ امن وارو دؤر هو. سمن حاڪمن سنڌ تي ڊگهو عرصو يعني پوڻين ٻه صديون حڪومت ڪئي، ليڪن هن دؤر جي سياسي ۽ سماجي تاريخ تي لکيو تمام گهٽ ويو آهي.

لاکي صاحب کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هن سمن جي دؤر تي تمام گهڻو لکي مٿين ضرورت پوري ڪئي آهي. هن گهڻي وقت کان وٺي سما دؤر جي مختلف پهلوئن تي تحقيقي مقالا پئي لکيا آهن. نه رڳو ايترو ۾ هن تمام گهڻي محنت ڪري سمن جي دؤر تي هڪ تاريخي ڪتاب "سمن جي سلطنت" لکيو آهي. جنهن کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو آهي. تحقيقي انداز ۾ سمن جي حڪومت تي لکيل هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جيڪو مختصر ئي صحيح مگر ڪافي جامع ۽ مستند ڪتاب آهي. جنهن جا ٻه ايڊيشن 1987ع ۽ 1996ع ۾ ڇپجي چڪا آهن.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو صاحب، جڳ مشهور تاريخدان محقق ۽ ڏاهي سيد حسام الدين شاهه راشدي جو عقيدتمند ۽ پيارو شاگرد آهي. سندس لکڻين مان پڻ راشدي صاحب جي تحقيقي انداز جي خوشبوءِ ايندي آهي. هيل تائين سندس تصنيف، ترتيب ۽ ترجمو ڪيل هيٺيان ڪتاب ڇپيا آهن.

سنڌ صدين کان (تاريخ1980ع)، سنڌي ادب (پير حسام الدين شاهه جي اردو ڪتاب جو ترجمو 1981ع)، تاريخ جو سبق (تاريخ 1984ع)، ميان نور محمد ڪلهوڙو (تاريخ، انگريزي ۾1987ع)، سمن جي سلطنت (تاريخ 1987ع)، دولهه دريا خان (سوانح 1990ع)، تفسير آية الڪرسي

(ترتيب1990ع)، مطالعو سنڌ جو (تاريخ ترجمو1992ع)، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون (پير حسام الدين شاهه جي مقالن جو مجموعو ترتيب ڏنل 1992ع)، ۽ سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو (مضمون ۽ مقالا1997ع).

غلام محمد ملڪاڻي مولانا

مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاڻي 5 اپريل 1860ع تي ڳوٺ ملڪاڻي تعلقي دادو ۾ تولد ٿيو. پاڻ پنهنجي وقت جو تمام وڏو عالم، عارف، مجدد، قاري ۽ باڪمال بزرگ هو.

مولانا غلام محمد ملڪاڻي ابتدائي تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي، فارسيءَ جي تعليم دادو لڳ سيالن جي ڳوٺ مان ورتائين، گڏوگڏ سنڌي فائينل دادو جي اسڪول مان پاس ڪيائين ۽ عربيءَ جي اعليٰ تعليم مولانا محمد حسن حيدرآبادي وٽان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.

مولانا صاحب تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ درس وتدريس ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو چاليهن سالن تائين جاري رهيو. وٽس گهٽ ۾ گهٽ سؤ کن شاگرد هر وقت موجود هوندا هئا، جيڪي ڪانئس تفسير، حديث، فقه، ادب معاني ۽ بديع جي اعليٰ تعليم حاصل ڪندا هئا.

مولانا صاحب جي زندگيءَ جوڪجهه عرصو هندستان، عراق ۽ حجاز وغيره جي سير سفر ۾ گذريو بغداد ۾ ڪيترائي ڏينهن حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جي درگاهه تي، عبادت الاهي ۾ مشغول رهيو ۽ خانقاهه جي سجاده نشين حضرت سيد مصطفيٰ قادري رحه کان قادري طريقي ۾ دست بيعت ٿي سلسلي جي سند حاصل ڪئي. پاڻ ڏيڍ سال جو عرصو مديني ۽ مڪي شريف ۾ رهيو، جتي وڏن وڏن عالمن سان سندس علمي گفتگو ۽ مباحثا ٿيندا رهيا، اتان جا عالم سندس فقيهانه تحقيقات ۽ ڪمال علم کان ايترو متاثر ٿيا جو کيس "ابوحنيفه ثاني" جو خطاب ڏيندا هئا.

مولانا صاحب سن1319هه ۾ هندستان جو سفر اختيار ڪيو ۽ اتي جون مشهور سيئي خانقاهون ڏٺائين،1908ع ۾ پاڻ ملتان پهچي سيد القراء حافظ عبدالحڪيم کان ڇهن مهينن جي مختصر عرصي ۾ سڄو قرآن پاڪ حفظ ڪيو، ۽ قرائت جو فن پڻ سکيو.

مولانا صاحب کي جيتوڻيڪ سيني علمن تي هڪ جيترو ملڪو حاصل هو، ليڪن فقه طرف سندس وڌيڪ توجهه رهيو. وٽس ڪيئي ماڻهو فقهي مسئلا ڪٺي ايندا هئا، جن جي تحقيقات ۾ پاڻ فتوائون لکندو هو. انهن فتوائن کي احمد مجتبيٰ "غالب" ملڪاڻي، "فتاويٰ ملڪاڻي" جي نالي سان مرتب ڪيو آهي.

مولانا صاحب ڪلهن ڪلهن سنڌي سلوڻو شعر به چوندو هو ۽ الڪل ويهارو ڪن ڪتابن جو مصنف پڻ هو، جن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

سبيل الرشاد - تحفة الاقران - فتح الخلاق- القول الحسان- تحفة العارفين الصوفيه- عمدة الرسائل-الحق الصريح- تعويذالله الاحد- ۽، تنقيح المقاصد والمعاني.

مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاڻي 22 سيپٽمبر 1935ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

صبا واءِ صبح جا چئُو پرين کي پيغام
ته ساري توکي سپرين مُئيءَ ڪيو ماتام
يا شافع ڏينهن قيام آءُ منا ملڪاڻين ۾.

غلام محمد وسڻ

خانبهادر غلام محمد ولد خانبهادر محمد هاشم وسڻ مارچ 1912ع ۾ ڪنڊياري شهر، ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌجو بااثر زميندار، معروف سياستدان، سماجي خدمتگار، يار ويس ۽ غريب پرور انسان ٿي گذريو آهي.

خانبهادر غلام محمد وسڻ ديني ۽ فارسي تعليم کان سواءِ سنڌي فائينل ۽ انگريزي جا چار درجا پڙهيو، 1922ع ۾ سندس والد گذاري ويو، انهيءَ ڪري زميناري جو سڄو بار سندس ڪلهن تي اچي پيو، جنهن ڪري تعليم جو سلسلو اڌ ۾ ڇڏي زميداري جو ڪاروبار سنڀالڻ لڳو.

وسڻ صاحب غريبن جو هڏ ڏوکي، بي لوث سماجي خدمتگار ۽ اصول پرست انسان هو. هن نيڪ مرد پنهنجي ساري ڄمار خدمت خلق ۾ گذاري ڇڏي. اڌ رات جو به ڪو غريب غربو سندس در تي ايندو هو ته پاڻ ڪيس نااميد نه موٽائيندو هو. سندس سماجي خدمتون هونءَ ته ڳڻڻ کان ٻاهر آهن. ليڪن ڪنڊياري شهر ۾ سندس برپا ڪيل هاءِ اسڪول سندس هڪ اهڙي خدمت آهي، جنهن لاءِ سنڌ جا ماڻهو سندس بيحد ممنون آهن.

ان وقت سنڌ ۾ تعليم اٽي ۾ لوڻ برابر مس هئي، وسڻ صاحب هيءَ حالت ڏسي غريبن جي ٻارن جو مستقبل سنوارڻ لاءِ ۽ جهالت کي تڙي ڪڍڻ لاءِ اهو پڪو پهه ڪيو ته ڪهڙي به طريقي سان هتان جي ماڻهن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪبو، انهيءَ جذبي تحت هن صاحب پنهنجي شهر ڪنڊياري ۾ هڪ هاءِ اسڪول ۽ ان جي هاسٽل جو بنياد رکيو جيڪي اڄ به موجود آهن. هتي شاگردن کي تعليم ۽ رهائش ته مفت هوندي هئي، پر ڪاڏي پيتي جو خرچ پڻ وسڻ صاحب برداشت ڪندو هو. هن اسڪول مان عام طور سڄي سنڌ ۽ خاص

طور ٿر جي غريب مارون کي وڏو فائدو رسيو ۽ هن اسڪول مان فارغ التحصيل شاگرد اڄ ملڪ جي وڏن عهدن تي فائز آهن.

غلام محمد وسان نه رڳو ٿر پارڪر ۽ سانگهڙ ضلعن جو بااثر زميندار ۽ سماجي سڌارڪ هو، پر پاڻ سنڌ جو هڪ بااصول ۽ بي باڪ سياستدان پڻ هو، هن سنڌ جي بمبئي کان جدائي واري تحريڪ ۾ نمايان حصو ورتو. 1944ع ۾ ضلعي لوڪلبورڊ ٿر پارڪر جو ميمبر چونڊيو ويو، 1945ع ۾ لوڪل بورڊ جو صدر چونڊيو. ان عهدي تي ڏهه سال رهيو. سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل ۽ آل پاڪستان مسلم ليگ ڪائونسل جو ميمبر ۽ سنڌ مسلم ليگ جي پارلياميٽري بورڊ جو ميمبر پڻ ٿي رهيو. هن "تحريڪ پاڪستان" واري جدوجهد ۾ مسلم ليگ جي مشهور رهنمائن سان گڏجي ڪم ڪيو. جڏهن قائداعظم اعلان ڪيو ته انگريزن جي ڏنل خطابن ۽ ٻين رعايتن کي واپس ڪيو وڃي، ته وسان صاحب پهريون شخص هو جنهن "خانبهادر" جو خطاب واپس ڪيو.

پاڪستان جي آزادي کان پوءِ وسان صاحب سنڌ جي سياست تي ڇانيل رهيو.1956ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو ۽ 1961ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. ڊسمبر 1970ع واري اليڪشن ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي جناب ذوالفقار علي ڀٽي سان سانگهڙ ضلعي مان مقابلي ۾ بيٺو، ليڪن ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو جيڪو سياسي سيلاب آيو هو ان کان هيءُ پراڻو سياستدان، بااثر شخصيت ۽ سماجي خدمتگار به بچي نه سگهيو ۽ کيس شڪست ملي جنهن جو کيس ڏاڍو صدمو رسيو ۽ پوءِ سگهوئي 28-ڊسمبر 1970ع تي حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب فوت ٿي ويو.

غلام مرتضيٰ شاهه، حڪيم

سيد غلام مرتضيٰ شاهه مشهور ۽ ممتاز حڪيم ٿي گذريو آهي. سندس واسطو سنڌ جي قديم طبي خاندان سان هو. پاڻ نيڪ سيرت ۽ اعليٰ صفت بزرگ به هو. پاڻ سنڌ ۾ "شمس الاطباءِ" جي لقب سان گهڻو مشهور هو.

حڪيم غلام مرتضيٰ شاهه 1921ع ۾ طبيه ڪاليج دهلي مان طب جي تعليم وٺي فارغ التحصيل ٿيو. مطالعي جو گهڻو شوق هوندو هو. جنهن ڪري هن طب کان سواءِ ٻين علمن ۾ به اعليٰ درجي جي ڄاڻ حاصل ڪري ورتي. خدا سندس هٿ ۾ وڏي شفا ڏني هئي. سندس طبي مهارت جو اعتراف سنڌ ۽ هند جي نامور حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن پڻ ڪيو آهي.

شاهه صاحب جي ڪوشش سان ٽنڊي محمد خان ۾ طبيه ڪاليج جو بنياد پيو. هن پنهنجي مخلصانه مشورن کي عام ماڻهن تائين رسائڻ لاءِ 1949ع

۾ "طبي مخزن" جاري ڪئي. هيءَ مخزن پنهنجي علمي ۽ طبي مضمونن ڪري هڪ منفرد حيثيت رکندي هئي.

حڪيم غلام مرتضيٰ شاهه 1944ع ۾ سنڌ جي طبيبن جي تنظيم "جمعيت الاطباء" جو صدر مقرر ٿيو. پاڻ "پاڪستان طبي ڪانفرنس" جو صدر پڻ ٿي رهيو.

"سنڌ ڪوآپريٽو دواخانه لميٽيڊ" جو محرڪ ۽ باني به شاهه صاحب ئي هو. سندس مخلصانه جدوجهد طبيبن جي حقن تسليم ڪرائڻ جي سلسلي ۾ يادگار حيثيت رکي ٿي.

حڪيم سيد غلام مرتضيٰ شاهه 27 جنوري 1961ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي نئوي"

سيد غلام مرتضيٰ تخلص "مرتضائي" ولد سيد روشن علي شاهه "روشن" سن1844ع ۾ نئين ۾ ڄائو. پاڻ قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

مرتضائي نئوي ننڍپڻ ۾ پهريان پڙهڻ ڪان نٽائيندو هو، پر پوءِ سندس والد ڪيس مشهور شاعر امام بخش شاهه "فدوي" جي حوالي ڪيو، جنهن جي شاگردي ۾ هن تعليم جي ميدان ۾ گوهر افشاني ڪري ڏيکاري، ۽ سنڌي، اردو، فارسي، عربي، ترڪي، هندي، سنسڪرت ۽ ديوناگري زبانن ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي ۽ ٿوري انگريزي به ڄاڻندو هو.

مرتضائي نئوي ننڍپڻ کان جواني تائين فارسي زبان ۾ شاعري ڪئي، ڇو جو ان وقت ۾ سنڌ اندر فارسي زبان کي اهميت حاصل هئي، بعد ۾ جڏهن فارسي زبان جي جاءِ سنڌي ٻولي والارڻ لڳي ته، سنڌ جي شاعرن به ان تبديلي کي پنهنجو ڪيو ۽ پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳا. مرتضائي به ان اثر کي قبول ڪندي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. هن اردو ۾ به ڪجهه شاعري ڪئي. هن مرثيا، منقبتون، قصيدا، مثنويون، رباعيون، فرد، حمد، نعت، غزل وغيره لکيا، جن مان سندس لکيل مرثيا ڏاڍا مشهور آهن. سنڌي ۾ سائين ثابت علي شاهه کان پوءِ تعداد ۽ معيار جي لحاظ کان مرتضائي کي وڏو مرثيا گو شاعر سمجهيو وڃي ٿو. هن سنڌي ۾ فارسي کان به وڌيڪ مرثيا چيا آهن.

پاڻ صاحب ديوان شاعر هو "ديوان مرتضائي" ۾ 460 سنڌي،24 فارسي، 3 اردو غزل ۽ به سنڌي رباعيون آهن. اهو ديوان اڃا تائين ڇپجي نه سگهيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ خريد ڪيو آهي. سندس ٽي مثنويون "سڪندرنامه"، "يوسف زليخان" ۽ "شاهنامه" ڇپيل آهن، ان کان علاوه

سندس لکيل ڪتاب، "طوطي نامو"، "ڪريما نيچري" ۽ فارسي ڪتاب "نورالهديٰ" جو سنڌي ترجمو ڇپيل آهن. جڏهن ته اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ "نجات القلوب" هڪ ضخيم ڪتاب آهي، جيڪو دلچسپ تاريخي حقائق تي مبني آهي.

سيد غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي" سن 1910ع ۾ وفات ڪئي.

غلام مصطفيٰ خان جتوئي

غلام مصطفيٰ خان ولد حاجي غلام رسول خان جتوئي 14-آگسٽ 1931ع تي ڳوٺ جتوئي نوان تعلقي موري ضلعي نوشهروفيروز ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پاڪستان جو برک سياسي اڳواڻ ۽ سنڌ جو هاڪارو رئيس آهي.

رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي، انگريزي جي تعليم مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز ۽ ڪراچي ۾ ورتي، اعليٰ تعليم لاءِ 1952ع ۾ لنڊن ويو. ليڪن علالت سبب سگهوئي واپس وطن موٽي آيو. جنهن ڪانپوءِ سندس والد ڪيس سياست ۽ راڄ ڀاڳ ۾ آندو ۽ پاڻ سندس رهبري ۽ رهنمائي ڪندو رهيو. مختصر عرصي ۾ جتوئي صاحب پنهنجي خداداد لياقت، قابليت، ذهانت ۽ محنت سان وڏي منزل تي رسي ويو.

رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي 1953ع ۾ پوري برصغير ۾ ضلع لوڪلبورڊ جو ننڍي ۾ ننڍي عمر وارو پريزيڊنٽ ضلعي نواب شاهه لاءِ چونڊيو ويو. 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. 1962 ۾ ضلعي نواب شاهه مان قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. ان چونڊ ۾ اولهه پاڪستان اسيمبلي ۾ سڀني ميمبرن ڪان وڌيڪ ووٽ کنيائين. 1962ع ڪان 1965ع تائين اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ پاڪستان جي ٻه ڀيرا نمائندگي ڪيائين. 1965ع ۾ اوٽاوا واري انٽر پارليامينٽري ڪانفرنس ۾ پاڪستاني وفد جو ميمبر هو. 1967ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب "پاڪستان پيپلز پارٽيءَ" جو بنياد وڌو ته، جتوئي صاحب به ان پارٽي ۾ شامل ٿي ويو، ۽ ڀٽي صاحب جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو. 1970ع واري چونڊ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ڊسمبر 1971ع ۾ وفاقي وزارت ۾ سياسي معاملن، مواصلات ۽ قدرتي وسيلن جو وزير مقرر ٿيو. 1972ع ۾ جناب ڀٽي سان گڏ شملا ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. 22 ڊسمبر 1973ع تي ڪيس صوبي سنڌ جو وزيراعليٰ بنايو ويو، 5 جولاءِ 1977ع تي مارشل لا نافذ ٿيڻ تائين ان عهدي تي فائز رهيو. وزيراعليٰ جي حيثيت سان هن صوبي جي عوام جي جيڪا خدمت ڪئي اها لائق تحسين آهي. اهو دؤر سنڌ جي خوشحالي ۽ امن امان وارو دؤر رهيو. ملڪ ۾ مارشل لا لڳڻ ڪان پوءِ جتوئي صاحب ڪجهه وقت ملڪ ڪان ٻاهر رهيو، پر پوءِ سگهوئي واپس وطن

اچي ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ لڳو. پاڻ ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي صوبي سنڌ جو صدر هو. هيءُ جنرل ضياء واري مارشل لا جو اهو ڪارو دؤر هو، جنهن ۾ پاڪستان جي پهرين عوامي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي زوري اقتدار تان هٽائي قتل جي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي، ڪورٽن کان ڦاسي جي سزا ڏياري شهيد ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ جي قيادت محترمه بينظير ڀٽو سنڀالي، جيڪا پهريان جيل ۾ ۽ پوءِ علاج واسطي ملڪ کان ٻاهر هلي وئي. پارٽي جي ڪارڪنن کي جيل، ڪوڙا ۽ ٻيون سختيون ڏئي خوفزده بڻايو ويو. جتوئي صاحب اهڙي مشڪل وقت ۾ ثابت قدم رهندي حالتن ۽ سياسي مخالفن جو نهايت دليريءَ سان مقابلو ڪندو رهيو ۽ پارٽي ڪارڪنن جو اڪيلو سهارو بڻيو رهيو، جتوئي صاحب پارٽيءَ کي منظم رکي ملڪ جي ٻين سياسي پارٽين سان گڏيل اتحاد تحت پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ 1983ع ۾ زوردار تحريڪ هلائي جيڪا "ايم آر ڊي" واري تحريڪ [1] جي نالي سان مشهور آهي. جيتوڻيڪ اها تحريڪ وقتي طور ناڪام

(1) پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ "موومينٽ فار ريسٽوريشن آف ڊيموڪريسي" (ايم- آر-ڊي) نالي سياسي اتحاد 5- فيبروري 1981ع تي 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ اٺن سياسي پارٽين جي گڏيل اجلاس دوران عمل ۾ آيو. هن اتحاد طرفان پهريان 1981ع ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ ملڪ ۾ تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو، جنهن کي ان وقت جي فوجي حڪومت ناڪام بڻائي ڇڏيو، وري ٻيو ڀيرو 14 آگسٽ 1983ع کان هن اتحاد طرفان ملڪ ۾ تحريڪ هلائي وئي، ليڪن اها تحريڪ خاص ڪري سنڌ تائين محدود رهي. هن تحريڪ دوران سنڌ جا جيل ڀرجي ويا، سڄي صوبي ۾ وڏي خونريزي ٿي. احتجاجاً عوام روڊن تي نڪري آيو. فوجين مٿن گولين جو برسات وسائي جنهن ڪري ڪيترائي ڪيرو، جوان ۽ پوڙها آرمي وارن جي گولين ۽ سنگينن جو نشانو بڻجي ويا، رستن ۽ گهٽين گهرن ۾ ترپي ترپي مئا، سنڌين به مزاحمت ڪندي پنهنجي دليريءَ جا جوهر ڏيکاريا. سنڌ جي ڪيترن ئي ماڳن تي، سنڌي جوڌن آرمي وارن سان دوبدو مقابلو ڪري ڪين نه رڳو جاني نقصان رسايو، پر سندن مشينون ئي مچهائي ڇڏيون. اهڙن ماڳن ۾ راقم الحروف جو ڳوٺ به شامل آهي، جنهن جو هو اڪيلو ڏلو شاهد پڻ آهي. هن تحريڪ کي سنڌ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به صوبي مان خاطر خواهه موٽ نه ملي، جنهن جا گهڻا سبب هئا. هڪ ته ملڪ ۾ مارشل لا نافذ هو، جنهن ڪري ماڻهو ڏاڍا خوفزده هئا. ٻيو ته اها تحريڪ حقيقت ۾ "ايم آر ڊي"۾ شامل ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي پيپلز پارٽيءَ جي هلايل هئي، سو ان وقت پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن بيگم نصرت ڀٽو علاج واسطي ملڪ کان ٻاهر ۽ شريڪ چيئرپرسن محترمه بينظير ڀٽو جيل ۾ هئي. ٻيو ڪو اهڙو اڳواڻ ڪونه هو جيڪو چئني صوبن ۾ اثر رکندو هجي ۽ ماڻهن کي روڊن تي اچڻ لاءِ اڪسائي سگهي. سنڌ ۾ ان تحريڪ زور ان ڪري به ورتو جو هڪ ته سنڌين جي دلين ۾ 4 اپريل 1979ع کان ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت وارو انتقامي جوش ڪونئرا کائي رهيو هو، جيڪو هتي جنرل ضياءَ ۽ ان جي ساٿين کان وٺڻ ٿي چاهيو ۽ اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئا. ٻيو ته سنڌ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ مخدوم طالب المولىٰ جي ذاتي اثر رسوخ سبب به هن تحريڪ کي تقويت ملي هئي. هي تحريڪ جيتوڻيڪ به اڍائي مهينا هلڻ کان پوءِ ناڪام ٿي وئي. ليڪن هن تحريڪ سنڌ دشمن عناصرن کي ڇرڪائي ڇڏيو هو ۽ سنڌين پنهنجو وجود دنيا ليول تي مڃرايو هو ۽ اڳتي هلي هن تحريڪ ۾ جان جو نذرانو ڏيندڙن جي خون رنگ لاتو ۽ هڪ سنڌي نياڻي دنيا جي پهرين مسلمان عورت وزيراعظم بڻي. ياد رهي ته هيءَ تحريڪ ويهين صدي جي سنڌ جي سڀ کان وڏي خونريزي واري سياسي تحريڪ هئي، جنهن ۾ 850 سنڌي ماڻهن جانين جا نذرانا ڏنا، تنهن کان سواءِ هزارين ماڻهن قيد ۽ بند جون تڪليفون برداشت ڪيون، هزارين ماڻهن کي ڦٽڪا هنيا ويا ۽ ڪروڙين روپين جون ملڪيتون تباهه ڪيون ويون.

تي وٺي هئي، پر ڳتي هلي ان تحريڪ جا پاڪستان جي تاريخ ۾ مثبت نتيجا نڪتا. هيءَ تحريڪ سنڌ صوبي ۾ زورشور سان هلي هئي، جيڪو جتوئي صاحب جي ذاتي ڪوشش ۽ محنت جو نتيجو هو. هن تحريڪ ۾ ڪيس جيل جون ڪڙيون به پائڻيون پيون. 1985ع واري غير جماعتي اليڪشن ۾ پارٽي پاليسي تحت جتوئي صاحب حصو ڪو نه ورتو. 1986ع ۾ جتوئي صاحب ۽ بينظير صاحبه جي وچ ۾ سياسي اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري 5- مئي 1986ع تي ڪيس پاڪستان پيپلز پارٽي صوبي سنڌ جي صدارتي عهدي تان هٽايو ويو ۽ پاڻ پيپلزپارٽيءَ کي خيرباد چئي آيو. 30- آگسٽ 1986ع تي لاهور ۾ پنهنجي دوستن ۽ سياسي همدردن جو ڪنوينشن سڏائي، پنهنجي جدا پارٽي "نيشنل پيپلز پارٽي"قائم ڪري ان جو چيئرمين مقرر ٿيو. 1988ع واري اليڪشن ۾ مختلف پارٽين جي سياسي اتحاد "اسلامي جمهوري اتحاد" جي پليٽ فارم تان نوشهروفيروز ضلعي مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار حاجي رحمت الله ٻهڻ سان مقابلي ۾ بيٺو ليڪن هن اليڪشن ۾ پيري پيپلز پارٽيءَ جو سياسي طوفان جيڪو خاص طور تي سنڌ ۾ آيو ان ڪان جتوئي صاحب پاڻ بچي نه سگهيو ۽ خلاف توقع ڪيس شڪست ملي، ليڪن پوءِ جنوري 1989ع ۾ ضمني چونڊ ۾ ڪوٽ ادو (پنجاب) مان غلام مصطفيٰ کر جي خالي ڪيل سيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 1990ع ۾ صدر غلام اسحاق بينظير صاحبه جي حڪومت ختم ڪري قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙي نئين اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي کي سنڌ سياسي تحريڪ ۽ دانشمندي جي آڌار تي پاڪستان جو نگران وزيراعظم مقرر ڪيو. پاڻ ان عهدي تي6 آگسٽ1990ع کان 5 نومبر 1990ع تائين رهيو.1993ع ۽ 1997ع ڌاري چونڊن ۾ پاڻ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو، ۽ سنڌ صوبي ۾ سندس پارٽيءَ کي ڪجهه صوبائي سيٽون پڻ مليون، پاڻ قومي اسيمبليءَ ۾ قائد حزب اختلاف پڻ رهي چڪو آهي.

جتوئي صاحب بااخلاق، بااصول انسان، ملڪ ۽ عوام جو خير خواهه ۽ بيداغ ڪردار رکندڙ سياسي ليڊر سان گڏوگڏ سنڌ جو تمام وڏو زميندار ۽ دوستي جو وسيع حلقو رکندڙ بااثر شخصيت آهي.

غلام مصطفيٰ شاهه، پروفيسر

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ولد سيد غلام علي شاهه پهرين اپريل 1918ع تي ڳوٺ قادر ڏنو شاهه تعلقي مير پور بٺوري، ضلعي ٺٽي جي هڪ زميندار گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ عالمي شهرت رکندڙ سنڌ جو ممتاز اسڪالر،

دانشور، اديب، صحافي، سياستدان ۽ منتظم ٿي گذريو آهي.

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ابتدائي تعليم ڳوٺ راهوٺ ۽ سجاول مڊل اسڪول مان ورتي. مئٽرڪ 1937ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان ۽ انٽر ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين. 1941ع ۾ بي- اي 1943ع ۾ ايم- اي (پولٽيڪل سائنس) ۽ ايل- ايل- بي جون ڊگريون علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين، جنهن کان پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ ويو جتان آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پي- ايڇ- ڊي جي ڊگري وٺي واپس آيو.

1943ع ۾ شاهه صاحب سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ پروفيسر ٿيو، 1944ع ۾ ڪيس چيئرمين ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن بورڊ چونڊيو ويو. 1946ع ۾ ڪيس فارين اسٽڊي لاءِ چونڊيو ويو ۽ پاڻ پهريون سنڌي هو جنهن "ڊرم يونيورسٽيءَ انگلينڊ" مان ايم- ايڊ ڪئي. 1948ع ۾ ڪيس گورنمينٽ ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. 1949ع ۾ وري ڪيس سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پوليٽڪل سائنس جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. 1965ع ۾ ڊائريڪٽر تعليم مقرر ٿيو. ان کانپوءِ ڪيس ٻه ڀيرا ايجوڪيشن جو سيڪريٽري ۽ ٽي ڀيرا (30- سيپٽمبر 1969ع، 28- سيپٽمبر 1972ع ۽ 3- آگسٽ 1973ع تي) سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻايو ويو. ان کان علاوه پاڻ 1972ع ۾ شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي جو چيئرمن، ۽ 1982ع ۾ سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي جو صدر منتخب ٿيو. مؤخر الذڪر منصب وٽس وفات تائين رهيو. پاڻ ڪيترن ئي غير سرڪاري علمي، ادبي ۽ سماجي ادارن سان پڻ واڳيل رهيو.

شاهه صاحب وائيس چانسلر جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽيءَ کي بيحد ترقي وٺرائي. سندس دور ۾ ڪيترن ئي سنڌي استادن کي يونيورسٽيءَ ۾ نوڪريون ڏنائين. علامه آءِ- آءِ قاضي جو مقبرو تعمير ڪرايائين. سنڌي ٻوليءَ کي يونيورسٽيءَ ۾ سرڪاري ٻولي طور رائج ڪيو ويو. يونيورسٽي ۾ سينٽرل لائبريري، فيڪلٽي جا بلاڪ، ڪالوني هاسٽلون ۽ ٻيون عمارتون سندس ئي ڪوششن سان جڙيون. هن يونيورسٽيءَ جو تمام سهڻو انتظام رکيو.

غلام مصطفيٰ شاهه صاحب وڏو اهل قلم هو. هن سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ سوين مضمون مقالا لکيا. سندس لکڻين کي هميشه علمي ۽ ادبي حلقن ۾ سنجيدگيءَ سان پڙهيو ويندو هو. هن انگريزي ۾ هڪ معياري رسالو "سنڌ ڪوارٽرلي" نالي جاري ڪري صحافتي دنيا ۾ پڻ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو. اهو رسالو سندس وفات تائين جاري رهيو، پاڻ هميشه پنهنجي رسالي توڙي ٻين هنڌن تي پڙهيل مقالن، ڪيل تقريرنٰ ۽ ڇپيل تحريرن ۾ بنا ڪنهن رک رکاءُ ۽ ڊپ ڊاءَ جي نهايت بهادري سان آخر تائين سنڌ جي پاڻي، ناڻي، معدنيات

۽ قانوني اختيارن لاءِ جنگ لڙندو رهيو.

شاھ صاحب سياست ۾ بہ حصو ورتو. نومبر 1988ع واري چونڊ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ضلعي ٺٽي مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو، ۽ پوءِ سگهوئي کيس وفاقي ڪابينہ ۾ تعليم جو وزير مقرر ڪيو ويو. ان حيثيت سان هن تعليم جي واڌاري ۽ ان جي معيار کي سڌارڻ لاءِ ڪافي اپاءُ ورتا. ان کان علاوه سندس سڄي دنيا جي وڏن ادارن ۽ علمي حلقن سان ويجهو تعلق رهيو. سڄي دنيا گهمي ڏٺي هئائين. کيس مختلف ملڪن مان خوبصورت لٺيون ۽ ٽوپيون گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ڪئمبرج شخصيتن بابت "ويهين صدي جون غير معمولي شخصيتون" نالي ڪتاب جي 217 صفحي تي سنڌ جي هن ٻرک ناميساري عالم اديب جو ذڪر ٿيل آهي. ياد رهي تہ پاڪستان مان واحد شخصيت سيد غلام مصطفيٰ شاھ جي آهي، جنهنجو ان ڪتاب ۾ ذڪر ٿيل آهي.

شاھ صاحب جا مختلف موضوعن تي لکيل ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. جن مان ڪجھ هن طرح آهن.

سير و سفر (آمريڪا جو سفرنامو- 1972ع)، جاگرافي ضلعو لاڙڪاڻو(1962ع)، جاگرافي ضلعو خيرپور (1963ع)، سنڌ جو مستقبل ۽ سنڌ جا تعليمي مسئلا (1970ع)، سنڌي قائدو (1972ع)، ڪتاب (مضمون- 1972ع)، عروج و زوال ۽ اميدن ڀريا بادل (1972ع)، انگريزي سنڌي ڊڪشنري (1972ع)، استاد (1972ع)، معاشرو ۽ تعليم (1974ع)، الحاج سيد عبدالرحيم شاھ - شاھ عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر - تاريخ جا سبق- بہ ڪتاب - سروسز.

Towards understanding the muslims of sindh, legacy of britain (1971)

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاھ 8- آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪري ويو.

غلام مصطفيٰ قاسمي، علامہ

علامہ غلام مصطفيٰ ولد حافظ محمود چانڊيو 24- جون 1924ع تي ڳوٺ پنيو خان چانڊيو تعلقي ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جڳ مشهور عالم، فاضل، محقق، اديب ۽ ڏاهو آهي.

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ننڍ پڻ کان ئي نهايت ذهين ۽ اورچ انسان آهي. عربي، فارسي، ۽ سنڌي زبانن ۾ وڏي مهارت رکي ٿو. فاضل ديوبند، مولوي فاضل اديب فاضل ۽ فاضل طب. سندس تعليم ورتل آهي. کيس مختلف ديني علمن جهڙوڪ حديث، فقہ، تفسير، منطق وغيره تي ڪمال حاصل آهي. هن

پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو مختلف ماڳن تي درس و تدريس ڪندي گذاريو. هن وقت حيدرآباد ۾ مستقل طرح رهي ٿو، پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين به رهي چڪو آهي. 28- اپريل 1987ع تي ڪيس ٽن سالن لاءِ مرڪزي رويت هلال ڪميٽي جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو. هن وقت " شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد" (1) جو ڊائريڪٽر آهي. ان سان گڏ اعزازي پروفيسر سنڌ يونيورسٽي، سنڌي ڪائونسل جو رڪن، اقبال اڪيڊمي جو ميمبر، چند ڏسٽي ڪميٽي جو ميمبر ۽ ٻين نصابي غير نصابي ڪميٽين جو ميمبر پڻ آهي. سندس فيض جو درياءَ جاري و ساري آهي. سندس رهنمائيءَ ۾ اسلاميات، سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي جي شعبن مان ڪيترن ئي شاگردن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتي آهي ۽ ڪي اڃا جستجو ڪري رهيا آهن. سندس شاگردن جو حلقو تمام وسيع آهي. جن ۾ ڪيترائي اڄ جا نامور اديب، عالم ۽ دانشور شامل آهن.

علامه صاحب نيڪ نيت، صاف گو، باشريعت، سنجيده، سچار، همدرد، مهمان نواز ۽ فراخ دل انسان آهي. سنڌين کي سندس ذات تي فخر آهي.

علامه صاحب ڪوڙ سارا ڪتاب ۽ مضمون مقالا لکي سنڌ جي علمي ۽ ادبي سرمايي ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. پاڻ لاکيٽي لطيف جي ڪلام جو پڻ وڏو پارکو آهي. سندس ترتيب ڏنل " شاهه جو رسالو" جيڪو بن جلدن ۾ 1951ع ۾ ڇپيو، ان جو لکيل علمي مقدمو ۽ ڏکين لفظن جي معنيٰ سندس عالمانه مهارت جي ساک ڀرن ٿا. شاهه ولي الله جي فڪر جي ترجماني ڪندڙ ماهوار "الرحيم" سنڌي ۽ "الولي" اردو رسالا سندس ئي نگراني ۾ نڪري رهيا آهن. ان کان علاوه سندس ڪيترائي تحقيقي، علمي، ادبي ۽ مذهبي مقالا ۽ مضمون پڻ مختلف رسالن جي زينت بڻيل آهن.

علامه قاسمي صاحب کي مجتا طور اڻ ڳڻيا ايوارڊ، اعزاز وغيره ملي چڪا آهن، جن ۾ حڪومت پاڪستان طرفان 1978ع ۾ مليل صدارتي ايوارڊ "تمغه امتياز" ۽ 4- جنوري 1994ع تي ان وقت جي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه هٿان مليل "طالب الوليٰ ايوارڊ" پڻ شامل آهن.

سندس ڇپيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. منهنجو مرسل صلي الله عليه وسلم - تفسير سورت سبا - پاره آلمٓ (ترجمو) الهام الرحمان في تفسير القرآن - بنيادي لغت (ساٿي ايڊيٽر)، بنيادي ڪاروباري سنڌي لغت (ساٿي

---

(1) "امام الهند" حضرت شاهه ولي الله محدث دهلوي جي تعليمات تي علمي تحقيقاتي ڪم ڪرڻ جي مقصد سان 1963ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ "شاهه ولي الله اڪيڊمي" قائم ٿي. هن اداري طرفان ڪتاب به شايع ٿيا آهن ۽ 1966ع کان وٺي سنڌي رسالو ٽماهي ۽ هاڻي ماهوار "الرحيم" شايع ٿيندو اچي.

ايڊيٽر) شاهه جو رسالو- سماجي انصاف ۽ اجتماعيت، شاهه ولي الله جي فلسفي جي روشني ۾ - سطعات (ترجمو) انصاف - مفيد طلباء منطق (عربي). وغيره ان کان سواءِ مخدوم نوح رح وارو قرآن شريف جو فارسي ترجمو وڏي محنت سان ايڊٽ ڪيو اٿس.

غلام نبي "غازي" ميمڻ

غلام نبي "غازي" ولد رحيم ڏنو ميمڻ پهرين جنوري 1940ع تي شهر ميرپور برڙو تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هن وقت جو سنڙو شاعر آهي.

غلام نبي " غازي" جو والد رحيم ڏنو مرحوم وڏو گويو هو. برڙا قوم جو سردار ايوب خان (اول) پاڻ وٽ اڪبر بادشاهه وانگر نورتن رکيا هئا، جن ۾ غلام نبي جو والد به شامل هو ۽ سردار صاحب جو خاص گويو هو.

غلام نبي "غازي" سنڌي فائينل پاس ڪري 1968ع کان سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو، مختلف ڪاتن ۾ رهيو آخر ۾ ڪراچيءَ ۾ اليڪٽرڪ سپروائيزر مقرر ٿيو، مگر سرڪاري نوڪري ڪيس راس نه آئي ۽ 1975ع ۾ استعيفا ڏئي سکر ۾ اليڪٽرڪ سينٽر کوليائين، جيڪو اڄ تائين هلائيندو اچي.

غازي صاحب شاگرديءَ واري زماني کان ئي شاعري ڪندو هو. حضرت حسن جي حملي کيس ان راهه تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو، ويتر جو سندس وڏو ڀاءُ غلام حسين ميمڻ هي ڏيهه ڇڏي ويو ته، هن جي دل جي گلشن ۾ خزان اچي وئي. بس پوءِ ته غازي هو ۽ هن جو قلم هو. گهڻو ڪجهه لکيائين ۽ اڃا تائين لکندو رهي ٿو. سندس شاعري نا صحاني ۽ اصلاحي توڙي تبليغي آهي. هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ڪجهه پاراٽا گيت، معاشرتي نظم ۽ مزاحيه شاعري به لکي اٿس. سندس شاعري سيني مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي ٿي. سندس شعري مجموعو "ديوان غازي" سکر مان شايع ٿي چڪو آهي. نموني طور سندس شاعري جو سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

اسانجي نه ڪنهن سان عداوت رهي آ
رهي آ ته سڀ سان محبت رهي آ.

غلام نبي مغل

غلام نبي مغل 12- مارچ1944ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو سگهارو ڪهاڻيڪار آهي.

غلام نبي مغل، مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان، بي- اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد، ۽ ايل- ايل- بي لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس

ڪئي. پاڻ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ جي عهدي تي فائز آهي.

مغل صاحب 14 سالن جي عمر ۾ لکڻ جي ابتدا اردو ڪهاڻين جي لکڻ سان ڪئي. ان وقت سندس ڪهاڻيون اردو مخزن "اديب لطيف" ۽ ڪراچي مان نڪرندڙ رسالي "نيا راهي" ۾ ڇپبيون هيون. 1960ع ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻي "بدمعاش" پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ۾ لکڻ جي شروعات ڪيائين. سنڌي ۾ پهرين ڪهاڻي "تر" نالي سان لکيائين، جيڪا حميد سنڌي جي رسالي "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿي هئي. ان کان پوءِ هو مسلسل ڪهاڻيون لکي مختلف رسالن ۾ ڇپرائڻ لڳو، ۽ ٿوري ئي وقت اندر ئي سندس شمار سنڌ جي پهرين صف جي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿيڻ لڳو. پاڻ سنڌ جو پهريون ڪهاڻيڪار آهي جنهنجو ويهن سالن جي ننڍي عمر ۾ ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو. سندس اهو پهريون ڪتاب 1964ع ۾ "نئون شهر" جي نالي سان شايع ٿيو هو. ان کان پوءِ سندس چار ڪهاڻين جا مجموعا، رات جا نيڻ (1969ع)، رات منهنجي روح ۾ (1979ع)، سٽ سٽر اسي (1990ع)، ۽ عورت ۽ پيار (1994ع) ۽ ٻه ناول "اوڙاهه" ۽ "دونهاتيل راتيون ۽ رولاڪ" ڇپجي چڪا آهن. سندس ڪتاب "رات منهنجي روح ۾" کي سنڌالاجي طرفان 1979ع جو بهترين ڪهاڻي ڪتاب جو انعام مليل آهي. مغل صاحب جي ڪجهه ڪهاڻين جا ترجما پڻ ٿي چڪا آهن. جهڙوڪ، تر، رات جا نيڻ، ۽ آدم جا گناهه ڪهاڻين جا اردو ۾، اڪيهان بيوس لڱيان جو پنجابي ۾ ترجمو ٿيو آهي ۽ سندس هڪ ڪهاڻي شيشي جو گهر، جو انگريزي ۽ اردو ٻولين ۾ ترجمو ٻه ٿيو آهي ته انهيءَ ڪهاڻي کي ٻه دفعا ڊرامي جي روپ ۾ ٽيليويزن تان پڻ پروڊيوسر هارون رند جي هدايتن هيٺ پيش ڪيو ويو آهي.

مغل صاحب 1959ع ۾ طارق اشرف سان گڏجي "اداره ادب نو" نالي هڪ اشاعتي ادارو ٻه قائم ڪيو. ۽ 1970ع ۾ مشهور رسالي "سهڻي" جي جاري ڪرڻ ۾ ٻه مرحوم طارق اشرف جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو.

غلام نبي مغل سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه نوان موضوع آندا ۽ نيٺ سنڌي محاورا ۽ پهاڪا اختيار ڪري نواڻ آندي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پهريون ڀيرو شهري ماڻهن جا مسئلا ڪنيا. بي روزگار نوجوان کان علاوه شهر جا لوفر، بدمعاش، ڳنڍي ڇوڙ، عورتن جا دلال، رازا، واڍا، موچي ۽ فقير وغيره اڪثر سندس ڪهاڻين جا ڪردار رهيا آهن. هن ڪهاڻين وانگر ڪالم ٻه بهترين لکيا آهن.

غلام نبي مهيسر

حاجي غلام نبي مهيسر ولدحاجي عبدالخالق مهيسر سن 1938ع ۾ ڳوٺ باگو تيوٽو لڳ ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ تمام وڏو نعت گو شاعر ٿي

گذريو آهي.

حاجي غلام نبي مهيسر سنڌي جا ٻه ٽي درجا مس پڙهيو ته سندس والد جو انتقال ٿي ويو، جنهن کان پوءِ پاڻ اباڻو ڳوٺ ڇڏي ڳوٺ ڇڏي اچي ناناڻڪي ڳوٺ ڳاهي مهيسر ۾ رهڻ لڳو، جتي مدرسي ۾ ڪجهه فارسي پڙهيو ۽ پوءِ وڃي ڪنهن دوڪان تي ملازم ٿيو. ٻارنهن سالن جي عمر ۾ اوچتو ڪيس مالڪ طرفان اهڙي ته ذات عطا ٿي جو بنا ڪنهن استاد جي پر سوز نعتيه شاعري ڪرڻ لڳو ۽ سگهو ئي سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو.

غلام نبي مهيسر ويهين صدي جو تمام وڏو نعت گو شاعر هو. سندس شعر عشق رسول صلي الله عليه وسلم جي جذبي سان ڀرپور آهي. نعت گوئي ۾ سندس مقابلي جو ڪوبه شاعر سنڌ ۾ مونکي ڪونه ٿو سجهي. پاڻ مولود جو شهنشاهه شاعر هو، سندس مولود پڙهي ايمان تازو ٿيو وڃي. سندس مولود هر مذهبي محفل جي زينت بڻيل هوندا آهن. پاڻ هر ديني جلسي جي عنوان سان اتي جو اتي شعر ٺاهي محفل ۾ سوز و گداز واري ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ مٺڙي آواز جو مالڪ هو، ان ڪري پنهنجو شعر پاڻ به نرالي انداز ۾ ڳائيندو هو ۽ ڪيترن ئي مولودن پڻ سندس مولود ڳايا آهن جن ۾ ليمون فقير ۽ جاڻڻ فقير خاص طرح مشهور آهن.

سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو 1965ع ۾ "ثناءِ سرور ڪائنات" جي نالي سان ڇپيو. ان کان پوءِ ان ساڳئي نالي سان ان جا 46 ڀاڱا ڇپجي چڪا آهن. سندس وڌيڪ ڇپيل ڪتابن ۾ عقيدت جا گل، پنج خدا جا گنج، رنگي تنهنجا رنگ، سونهن ۽ ساراهه، حق مدينا ۽ محفل ميلاد شامل آهن. جڏهن ته اڃا سندس ڪلام جا 10 مجموعا اڻ ڇپيل صورت ۾ سندس پونيئرن وٽ موجود آهن اهڙي طرح هن ڏهن هزارن کان وڌيڪ شعر مختلف صنفن ۾ لکيا. 500 کان وڌيڪ آڊيو ڪيسٽون سندس شاعري جون مارڪيٽ ۾ اچي چڪيون آهن. خاص مذهبي موقعن، جهڙوڪ رمضان شريف، ربيع الاول، محرم الحرام مهينن ۾ يا عيدن وغيره جي ڏينهن تي هر مسجد، هر گهر گهٽي روڊ رستي ٽريڪٽر، ٽراليءَ تي سندس مولودن جون ڪيسٽون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.

حاجي صاحب جو تعلق اهل سنت (بريلوي) جماعت سان هئو، هن جماعت طرفان منعقد ڪرايل مذهبي جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪيس سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ کان سواءِ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان مان به دعوتون ملنديون هيون، جن ۾ پاڻ وڏي شوق سان شرڪت ڪري پنهنجي شعر ۽ آواز سان دلين کي گرمائيندو هو. پاڻ ڪيترائي حج ڪري چڪو هو. پهريون حج 1958ع ۾ 2 سال 14 ڏينهن پيادل سفر ڪري ڪيو. ان سفر دوران سندس ڪيسي ۾ صرف 13

روپيا هئا.

حاجي غلام نبي مهيسر 26 نومبر 2000ع تي وفات ڪري ويو، سندس جنازي نماز ميهڙ جي مشهور عالم ۽ مفتي ڪريم بخش مڪسي پڙهائي. سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ گاهي مهيسر لڳ اباڻي قبرستان ۾ آهي.

حاجي غلام نبي مهيسر نعتيه شاعريءَ سان گڏ عشقيه ڪلام، مزاحيه شاعري، قومي گيت، غزل، ڪافيون، ڏوهيڙا ۽ سهرا وغيره پڻ لکيا آهن. جيڪي مختلف ڳائڻ ڳايا آهن. سندس نعتيه ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

منهنجا الله محشر ۾ سزا وارن جو ڇا ٿيندو
تون آن نيڪن جو پاسو پر گنهگارن جو ڇا ٿيندو
قيامت ڏينهن جنت ڏي نمازي ناز سان هلندا
اتي هن بي نمازن ۽ خطادارن جو ڇا ٿيندو.

غمدل فقير

غمدل فقير جو اصل نالو عبدالخالق دايو هو، سندس ولادت 14 مئي 1887ع تي ڳوٺ ڪچا چاچڙ تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ ٿي. پاڻ صوفي طريقي جو بزرگ ۽ قادر الڪلام شاعر هو.

غمدل فقير جو سلسلہ نسب اميرالمومنين حضرت علي عليه السلام جي غلام قمبر سان ملي ٿو. سندس والد پير بخش دايو خيرپور جي والي مير علي مراد خان ٽالپر وٽ ملازم هو. فقير اجا ننڍڙو هو تہ سندس والد فوت ٿي ويو.

غمدل فقير ابتدائي تعليم پني عاقل جي مدرسي مان حاصل ڪئي. قرآن پاڪ ۽ عربي، فارسيءَ جا ڪجهہ ڪتاب پڙهيو، جڏهن جواني چڙهيو تہ روحڙي جي رهبر فقير قادر بخش "بيدل" جي درگاهہ تي حاضري ڏيڻ لڳو. جتان ڪيس امر ٿيو تہ ڪو سچو رهبر تلاش ڪر. پوءِ تہ سيلاني بنجي ويو، سنڌ جو چپو چپو گهميو، بلوچستان بہ ويو مگر ڪٿي بہ ڪيس مرشد هٿ نہ آيو، آخر هن تنگ اچي پنهنجو انت آڻن جو ارادو ڪيو تہ ڪيس خواب ۾ ڪنهنچيو تہ، "غمدل نہ ٿي هڪ دم درگاهہ تي پهچ، اسان تنهنجو انتظار ڪندا سين" اهو هو سندس مرشد قلندر شاهہ، ڳڙهي ياسين وارو، پاڻ سڌو سندس خدمت ۾ پهتو ۽ ان ڏينهن کانپاڻ کي "غمدل فقير" سڏائڻ لڳو.

1948ع ۾ فقيرصاحب رتيديري شهر ۾ دڪان کولي گذر سفر ڪرڻ لڳو، شاعري جو شوق کيس جواني کان ئي رهيو. جنهن ڪري صوفين جي سماع ۽ صحبت مان ڪافيون چوڻ لڳو. ڪافين کان سواءِ هن سہ، حرفين، بيتن ۽ مناجات وغيره تي پڻ طبع آزمائي ڪئي. سندس ڪلام سنڌي، اردو، هندي،

فارسي ۽ سرائڪي ٻولين تي مشتمل آهي. پاڻ هڪ ئي وقت سو سو، ٻہ ٻہ سو شعر چئي ويندو هو. سندس ڪلام ۾ سلاست ۽ رواني سان گڏ حسن و عشق ۽ تصوف جا نڪتا ججهي انداز ۾ ملن ٿا. سندس ڪلام جو مجموعو "ديوان گلزار غمدل" سندس پٽ لطف علي جي ڪوشش سان ڇپجي چڪو آهي. فقير غلام علي "مسرور" سندس خاص يارن ۽ صحبتن مان هو.

غمدل فقير 15 مئي 1972ع تي رتيديري ۾ وفات ڪئي. ڪيس ڳوٺ نبي بخش وڳڻ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ سندس مرشد قلندر شاهہ جي پيرانديءَ کان دفنايو ويو. هر سال سندس ميلو لڳندو آهي. سندس سرائڪي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏسندا.

عشق لڳا الحمدلله صدبار شڪر گذار ميان
وڳٿين وسدا مرشد ميڏا قلندر قربدار ميان
ڪيتس قرب اياز والا عالم وچ اظهار ميان
"غمدل" نال وصال هميشہ نينهن ڪيتس نروار ميان.

غني، سائين

عبدالغني المعروف "سائين غني" ولد الحاج مولوي محمد بشير قادري ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو گمنام ليڪن، قادر الڪلام شاعر ۽ اهل دل صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي.

سائين غني جا وڏا اصل ۾ ڀارت جي ضلعي پٽنا جي دانا پور ڳوٺ جا رهاڪو هئا، ۽ پنهنجي پيري مريدي ۽ زمينداري ڪري مشهور هئا.

سائين غني جيتوڻيڪ باقاعدي ڪٿي بہ ڪا بہ تعليم حاصل ڪونہ ڪئي هئي، ليڪن پنهنجي ذوق سليم، محنت ۽ مطالعي سان هن سنڌي کان سواءِ برصغير جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪئي.

سائين غني تيرهن سالن جي عمر ۾ ئي دنيا جي ديڪ کي دوکو ڄاتي، پنهنجي من کي محبوب حقيقي جي عشق ۽ الفت جو طلبگار بنائي ڇڏيو. هيءُ سيلاني ٻڌجي سڄو هندستان گهمندو رهيو، احمد نگر گجرات ۾ ڪيترن ئي رياضتون ۽ مشاهدا ڪيائين. حضرت خواجہ غريب نواز ۽ ٻين ڪيترن بزرگن جي مزارن تي هن سلامي ڀري. پاڻ ڪافي عرصو مسجدون ۽ مندر ڏسندي پنهنجي پرين کي تلاش ڪندو رهيو، آخر حضرت سيد گل حسن شاهہ پاڻيپٽيءَ جي در جو سلامي ٿيو ۽ انهي روحاني رهبر کان دلبر جو درس وٺي اچي وري ڪراچي وسايائين.

سائين غني سنڌ جو اهو نامور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن

سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ پنجابي، فارسي، سرائڪي، اردو ۽ ٻين ڪيترن ئي ٻولين ۾ بيشمار ڪلام چيو آهي. سنڌي ۾ چيل سندس ڪلام زماني جي گردش ڪري ڪافي گم ٿي ويو آهي، باقي جيڪي ڪجهه مليو آهي سو اسانجي ادب جو قيمتي سرمايو آهي. سندس ڪلام جو موضوع مذهب ۽ تصوف آهي. پاڻ 21- ربيع اول 1357هه (1938ع) تي وفات ڪري ويو.

غوث علي شاهه، سيد

جسٽس سيد غوث علي شاهه 1934ع ۾ ڳوٺ ڳاڙهي موري ضلعي خيرپور ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار پاڪستان جي نامور قانوندانن ۽ سياستدانن ۾ ٿئي ٿو.

سيد غوث علي شاهه 1955ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان بي- اي ڪئي. 1957ع ۾ قانون جي ڊگري حاصل ڪري خيرپور ميرس ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. سندس خاندان علائقي ۾ روحاني قيادت جي ڊگهي تاريخ جو حامل رهيو آهي. پاڻ 1964ع ۾ يونين ڪائونسل ڳاڙهي موري جو چيئرمن چونڊيو. 1969ع کان 1974ع تائين ضلعي بارائسوسيئيشن خيرپور جو صدر ٿي رهيو. 1974ع ۾ پاڪستان بارڪائونسل جو ميمبر ۽ 1975ع ۾ انجو وائيس چيئرمن چونڊيو ويو. پاڻ سنڌ صوبي جي لا ڪاليجن جي بورڊ ۽ پبلڪ اسڪول سکر جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پڻ رهيو آهي. 19- جولاءِ 1979ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو. پاڻ پاڪستان اسڪاؤٽ جو چيئرمن به رهي چڪو آهي.

جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ ايس- ايم عباسي جي وزارت ۾ 15- مئي 1981ع تي غوث علي شاهه کي سنڌ جو وزير تعليم، ثقافت، رانديون ۽ قانون بڻايو ويو. 1983ع کان 1985ع تائين سنڌ جو وزير بلديات ٿي رهيو. 1985ع جي اليڪشن ۾ شاهه صاحب جيتوٽيڪ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر ڪونه چونڊيو هو، پر پوءِ به ڪيس 6- اپريل 1985ع تي سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو. ۽ بعد ۾ سکر جي هڪ تڪ مان ضمني چونڊن ۾ بنامقابلي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بڻجي ويو. 6- اپريل 1988ع تي جنرل ضياءَ جي دٻاءَ تحت شاهه صاحب وڏ وزارت تان استيفعا ڏئي ڇڏي. جنهنجو سبب هن هڪ اخباري بيان ۾ ٻڌايو هو ته، پاڻ ڪالا باغ ڊيم ۽ سنڌ ۾ غيرن کي آباد ڪرڻ واري جنرل ضياءَ جي پاليسيءَ جي خلاف هو.

1988ع واري اليڪشن ۾ غوث علي شاهه کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار کان شڪست ملي بعد وارين چونڊن ۾ به ساڳئي پوزيشن رهي. البته 1997ع واري عام اليڪشن ۾ مسلم ليگ (نواز گروپ) جي ٽڪيٽ تي

ضلعي خيرپور مان هڪ ئي وقت قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جو ميمبر چونڊيو ويو. بعد ۾ مرڪزي سيٽ رکيائين. نواز شريف جي ڪابينہ ۾ وفاقي وزير طور شامل رهيو. 1999ع ۾ سنڌ ۾ گورنر راڄ نافذ ٿيڻ ڪان پوءِ ڪيس وزيراعظم نواز شريف جو سنڌ جي معاملن لاءِ مشير مقرر ڪري وزيراعليٰ وارا اختيار ڏنا ويا. پر سگهوئي 12 آڪٽوبر 1999ع تي فوج جي سربراهہ جنرل پرويز مشرف اسيمبليون ٽوڙي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ مسلم ليگ جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. هن وقت پاڻ جنرل پرويز مشرف جي حڪومت طرفان داخل ڪيل سنگين نوعيت جي ڪيسن کي منهن ڏئي رهيو آهي.

غوث علي شاهہ صاحب هميشہ عوام لاءِ خاص طور تي ڳوٺائن علائقن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۽ پلاٽي وارن ڪمن ۾ سرگرم رهيو آهي. خاص ڪري سندس وزيراعليٰ واري دؤر ۾ سنڌ اندر ڪرايل ترقياتي ڪم ۽ قومي مفادن واري پاليسي يادگار رهندي.

غيبي خان چانڊيو، نواب

نواب علي نواز خان المعروف "غيبي خان" ولد محمد خان (اول) چانڊيو سن1881ع ڏاري ڳوٺ ديرو، تعلقي قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ چانڊيا ذات جو لٽ سردار ۽ سنڌ جو وڏو سخي مرد ٿي گذريو آهي.

غيبي خان چانڊيو پنهنجي والد ۽ وڏي ڀاءُ جي وفات کان پوءِ پڳ جو وارث ٿيو. هن خاندان جي جاگير سمن جي دؤر کان هلندي اچي، جيڪا 50 ميل اتر کان ڏکڻ ۽ 40 ميل اوڀر کان اولهہ هئي. ورهاڱي وقت بہ سڄي برصغير ۾ وڏي ۾ وڏي جاگير نواب غيبي خان چانڊيو جي هئي پاڻ سڄي ڪنڌ ۾ چانڊين جو قبول ڪيل سردار هو. چانڊيا قوم سندس فيصلي کي آخري سمجهندي هئي.

نواب صاحب جو وڏو ڏاڏو سر يمڻ خان چانڊيو ارغونن جي ڪاهہ وقت ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي وزير دولهہ دريا خان جي پرپور مدد ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ڪيس جاگير ملي هئي. انگريزن سان وفاداري ڪري هن خاندان جي جاگير بحال رهي. اڳ هن ذات جي پڳدارن جو لقب وير، وڏيرو يا سردار هوندو هو، پر علي نواز خان "غيبي خان" جي لقب سان مشهور ٿيو. بعد ۾ حڪومت ڪيس نواب تسليم ڪيو ۽ آخر ۾ ڪيس "سر" جو لقب مليو. هن صاحب چانڊين ۽ مگسين واري شاهي جرڳي ۾ پڻ فتح حاصل ڪئي.

سخاوت ۾ نواب غيبي خان جو ڪو ثاني ڪونہ هو، سندس بني ڪڏهن ڪان اجهاڻي غريب مسڪينن ماڻهن ۾ اناج جون بورين جون بوريون روزانو

تقسيم ڪرائيندو هو. سندس سخاوت جي سلسلي ۾ اڄ به اها چوڻي سنڌ ۾ مشهور آهي ته "ڦلاڻو ماڻهو نواب غيبي خان واري ٻني چاڙهيو ويٺو آهي."

نواب صاحب آخر ۾ پنهنجي پوٽي سلطان احمد خان کي پنهنجي جيئري پڳ ٻڌائي، جنهن جو انتقال تازو 24 جنوري 2000ع تي ٿيو، ۽ هاڻي وري ان جو پٽ سردار شبير احمد خان چانڊيو کي چانڊين جي سرداري جي پڳ ٻڌرائي اٿن.

نواب غيبي خان چانڊيو 26 نومبر 1954ع تي وفات ڪري ويو.

(ف)

فاضل راهو

فاضل ولد احمد خان راهو سن 1937ع ۾ ڳوٺ راهوڪي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هڪ بي باڪ، جرائتمند ۽ اصول پرست سياسي اڳواڻ ۽ درويش صفت انسان ٿي گذريو آهي.

فاضل راهو جو تعلق هڪ غريب گهراڻي سان هو. سندس والد هڪ هاري هو، جنهن ڪري غربت جي ماحول ۾ سندس تربيت ۽ تعليم ٿي. ۽ هن هارين، مزدورن ۽ مسڪينن ماڻهن کي ويجهي کان ڏٺو ۽ انهن جي جذبن جي مڪمل ڄاڻ ۽ پروڙ حاصل ڪئي. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي ملنسار، بهادر، جفاڪش ۽ باهمت هو. جڏهن جوان ٿيو ته سندس دل ۾ مظلوم طبقي ۽ هارين ۾ سجاڳي آڻڻ ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرائڻ جو جذبو پيدا ٿيو ۽ پاڻ هاري تحريڪ ۾ شامل ٿيو. هن هاري تحريڪ ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ ڊگهي عرصي تائين جيل جي چارديواري ۾ رهيو، پر ڪڏهن به اصولن جي سودي بازي نه ڪيائين. هن جي قربانين ۽ خدمتن جوهڪ ڊگهو داستان آهي.

فاضل راهو صدر ايوب خان جي زماني م بلدياتي چونڊن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. بعد ۾ يونين ڪائونسل ترائي جو چيئرمن ٿيو. 3 مارچ 1970ع تي جناب رسول بخش پليجي سان گڏجي "عوامي تحريڪ" پارٽيءَ جو بنياد رکيائين. پاڻ هميشه سنڌ جي مظلوم طبقي لاءِ آواز اٿاريندو رهيو. هن سنڌ دشمن سازشن خلاف پڻ مڙس ٿي جنگ جوٽي. پاڻ سنڌين جي زمينن جي نيلامي بند ڪرائڻ ۽ سنڌي ۾ ووٽر لسٽون لکڻ وارين تحريڪن ۾ لڳاتار سرگرم رهيو، صوبائي خودمختياري لاءِ آخر تائين جدوجهد ڪندو رهيو. جنرل ضياء جي مارشل لا کان نجات وٺڻ لاءِ پاڪستان جي پارٽين گڏجي جيڪو "ايم آر ڊي" نالي محاذ قائم ڪيو هو، ان لاءِ پڻ راهو صاحب ڪافي پاڻ پتوڙيو "ايم آر ڊي" طرفان جيڪا 1983ع ۾ تحريڪ هلائي وئي هئي، ان ۾ ڪيس گرفتار ڪري مسلسل ٽي سال جيل ۾ رکيو ويو. هن سنڌ ۾ سنڌين کي اقليت ۾ بدلائڻ جي سازش کي چاڪ ڪيو، سنڌي عورتن ۾ وڏي بيداري آندي. عوام جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ سندس وڏي دلچسپي رهي. غريبن ۽ بي پهچ ماڻهن جي ڪمن ڪرڻ لاءِ آفيسرن ۽ وڏيرن سان سندس هميشه ڦڏا رهيا، اهوئي سبب هو جو پاڻ آفيسرن، وڏيرن ۽ سنڌ دشمن قوتن جي اک جو ڪنڊو ٿي پيو هو.

سنڌ جي هن اڏول انسان، هارين جي مقبول ليڊر، غريب پرور، سچي محب وطن ۽ سنڌ جي عوامي ڪردار فاضل راهو کي 17 جنوري1987ع تي گولاڙچي شهر ۾ ڪماڙين جا وار ڪري قتل ڪيو ويو ۽ سندس قتل کي ذاتي دشمني ڄاڻايو ويو.

فتاح ملڪ

عبدالفتاح "فتاح" ملڪ 3 مارچ 1939ع تي پنو عاقل ضلعي سکر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ دلي جذبات ۽ رنگين خيالن جو شاعر آهي.

فتاح ملڪ ابتدائي تعليم پني عاقل ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ جو امتحان 1958ع ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان پاس ڪيائين. بي اي 1961ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر مان ۽ ايل ايل بي لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪري، سکر ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي.

فتاح ملڪ نظم توڙي غزل جو تمام سٺو شاعر آهي. سندس سارو ڪلام لذيذ، پر معنيٰ، ڪشش انگيز ۽ دل کي وڻندڙ آهي. سندس سوچ ۽ فڪر جي تيزي ۽ خيال جي گهرائي سندس فن جو خاص معيار آهي. سندس نظم "سنڌڙيءَ جا سينگار اڃا پيي ساڳياڙي" بهترين تخليق آهي. "ڪنول پاڙون پاتال ۾" (1976ع) سندس شاعريءَ جو مشهور ڪتاب آهي. سندس ڪلام سنڌ جي سيني ادبي رسالن ۾ پڻ جججهي تعداد ۾ ڇپيو آهي. سندس شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

هرٽيءَ جهڙو من اڃا ڪجهه ڳولي ٿو
برسيو توڙي بن اڃا ڪجهه ڳولي ٿو
ساري ساري رات وٺو هو،
ساوڻ پوپي ڪنهن نه ڏٺو هو،
جل ٿل يا جوبن اڃا ڪجهه ڳولي ٿو.

فتاح هاليپوٽو

فتاح/ شر جيل ولد ڪرڙ خان هاليپوٽو 13 ڊسمبر 1938ع تي قاضي احمد، ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. پاڻ مشهور مصور ۽ ليکڪ آهي.

فتاح هاليپوٽي پرائمري کان بي اي تائين تعليم دادو مان حاصل ڪئي. پاڻ حيدرآباد ۾ ڊرائينگ ٽيچر ٿي رهيو جتان 1998ع ۾ رٽائر ٿيو آهي.

فتاح صاحب جوننديڻ کان ئي لاڙو چترڪاري طرف رهيو. هن لاتعداد تصويرون ٺاهيون، جن مان ڪافي محفوظ ڪري نه سگهيو باقي ڪجهه تصويرون محفوظ اٿس. ان کان سواءِ هن سنتر واري ڏهاڪي کان وٺي اڄ تائين لاتعداد سنڌي ادبي ڪتابن جا سر ورق، تصويرون ۽ اسڪيچ ٺاهيا آهن، ۽ بيون انيڪ ڊرائينگس، مونو گرامس، گرافڪ ورڪ، سيٽ ڊزائينگ ۽ پورٽريٽس جو ڪم ڪيو آهي.

فتاح هاليپوٽي جو شمار سنڌي نثري ادب جي سنن ليکڪن ۾ پڻ ٿئي ٿو. سندس ادبي نالو "شر جيل" آهي. پاڻ 1970ع کان مسلسل لکندو پيو اچي ۽ هن وقت تائين ڪافي ڪهاڻيون ۽ هڪ سو کان وڌيڪ نثري نظم لکي چڪو آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پن ڇڻ کان پوءِ" ۽ نثري نظمن جو ڪتاب "چوليون" شايع ٿي چڪا آهن، جڏهن ته ڪافي مواد وٽس قلمي صورت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ هڪ ناولٽ "هوا جو وجود" ۽ آتم ڪٿا "الاڏاهي ٿيان...." پڻ شامل آهن.

فتاح کي سندس فني ۽ ادبي خدمتن جي عيوض ڪيترائي انعام، ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليل آهن پاڻ اڄڪلهه حيدرآباد ۾ رهي ٿو.

فتح محمد سيوهاڻي، حڪيم

حڪيم فتح محمد ولد حڪيم حافظ غلام محي الدين عباسي سن 1882ع ۾ سيوهڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو بلندپايه عالم، اديب، صحافي، شاعر، حڪيم ۽ سياسي رهنماءُ ٿي گذريو آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي فارسي ۽ عربيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. پهريائين مولوي محمد عمر چني وٽ ۽ پوءِ تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ پيروز شاهه ۾ مولوي عطاءالله جي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪري 21 سالن جي ڄمار ۾ فارغ التحصيل ٿيو. جنهن کان پوءِ سيوهڻ جي مسجد شاهه صدر ۾ مدرسو کوليائين ۽ گڏوگڏ خانداني پيشي طب جو شغل به اختيار ڪيائين، ليڪن سکهوئي سيد الهه آندي شاهه کيس مدرسي نوشهروفيروز ۾ فارسيءَ جو استاد ڪري رکيو. جتي سيد الهه آندي جي صحبت ۾ رهڻ ڪري سياسي سرگرمين ۾ به حصو وٺڻ لڳو.

سياست بابت حڪيم صاحب جو خيال هوندو هو ته "انسان هڪ مجسمو آهي ۽ سياست ان جو روح، جنهن انسان ۾ سياسي شعور نه آهي، سو هڪ بي جان جسم مثال آهي."

حڪيم صاحب برصغير جي آزادي جو حامي هو، انگريز شهنشاهيت جو سخت دشمن هو، پاڻ قومي خيالن جو مسلمان هو. پاڻ "جمعيت العلماء هند" جي مکيه اڳواڻن مان هڪ هو، جنهن سان شروع کان وٺي آخر تائين نباهيندو آيو. پاڻ جمعيت العلماء سنڌ جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو هو. خلافت تحريڪ جو به سرگرم رڪن ٿي رهيو، خلافت تحريڪ جو جسم هند ۾ هو ته، ان جو روح سنڌ هئي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، رئيس جان محمد جوڻيجو، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ ۾ هن تحريڪ جا روح روان هئا. حڪيم صاحب گهڻو عرصو سنڌ خلافت تحريڪ جو سيڪريٽري رهيو.

حڪيم صاحب ڪجهہ وقت سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ فارسي ۽ عربيءَ جو استاد پڻ رهيو، ۽ ڪراچي ۾ هڪ شفاخانو بہ کوليو هئائين، جيڪو بقول سائين جي ايم سيد جي سياسي ڪارڪنن جي ملڻ لاءِ چڻ تہ مرڪز هوندو هو.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي بي باڪ صحافي پڻ هو. هن آگسٽ 1925ع ۾ ڪراچي مان "الجامع" رسالو جاري ڪيو، جيڪو هڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي ۽ عربي ٻولين ۾ نڪرندو هو. ڪراچي مان هڪ ٻيو رسالو "الاسلام" سندس سرپرستيءَ هيٺ 1913ع کان نڪرڻ شروع ٿيو. محمد صالح پيٽي ان رسالي جو آنرري ايڊيٽر هو. هن رسالي ۾ ديني، اخلاقي، اصلاحي ۽ سياسي مضمون ڇپبا هئا.

ادبي دنيا ۾ هڪ عمدي شاعر ۽ نثر نويس جي حيثيت سان حڪيم صاحب عالم آشڪار آهي. مختلف موضوعن تي سندس ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون مقالا ڇپيل آهن پاڻ هميشہ سليس ۽ بامحاوره سنڌي لکندو هو. سندس زبان ۾ سادگي، خيالن ۾ شائستگي ۽ رواني آهي، پاڻ نثر توڙي نظم جو بادشاهہ هو. نظم ۾ سندس هڪ ڪتاب "بهار اخلاق" شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سندس چوند قومي نظم، غزل ۽ بيت شامل آهن. سندس عربي ۽ فارسي ڪلام ڪابل ۽ مصر جي ادبي جريدن ۾ شايع ٿيندو هو. شاعري ۾ پهريان تخلص "صغير" ۽ پوءِ "حڪيم" استعمال ڪندو هو. سندس جواني واري شعر ۾ مجاز غالب آهي، پر جڏهن قومي تحريڪن سان وابستہ ٿيو تہ پوءِ قومي شاعري ڪرڻ لڳو. سندس اڪر موتين جهڙا هوندا هئا، ديوبندي سلسلي سان تعلق رکندو هو. پاڻ نهايت سٻاجهڙو انسان هو. ڪم سخن ۽ شائستہ گفتگو جو مالڪ هو. ماڻهن تي احسان ڪرڻ سندس دل جو مرغوب مشغلو هو. شهر ۾ رهڻ جي باوجود سندس دسترخوان ڪليل رهندوهو. نثر ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن جن مان ڪجهہ هن ريت آهن.

حيات النبيﷺ، اخلاق محمديﷺ، فتح محمديﷺ، داستان قوم، احوال لعل شهباز قلندر رحہ، ميرن جي صاحبي، آفتاب ادب،تذڪر الايمان، ڪمال ۽ زوال، ابوالفضل ۽ فيضي وغيره.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 13 ڊسمبر 1942ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

محبوب منهنجي دل جو حقيقي ڪتاب آهي
جو بينظير حسن ۾ ۽ لاجواب آهي
هر صفحہ جنهن جو روشن هڪ آفتاب آهي
چوڏهين جي چنڊ جهڙو پڻ منهن تي تاب آهي.

فضل احمد بچاڻي

فضل احمد ولد خان صاحب محمد چٽل بچاڻي 11- اپريل 1934ع تي ٽنڊي الهيار، ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. پاڻ بهترين اديب، شاعر ۽ صحافي هو.

فضل احمد بچاڻي ابتدائي تعليم ٽنڊي الهيار ۾ حاصل ڪئي، ۽ وڌيڪ تعليم سروريہ ڪاليج هالا ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ حاصل ڪئي. ڪيس ننڍي هوندي کان ئي ادب ۽ صحافت سان دلچسپي هوندي هئي، جنهنڪري گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان، اخبار ۽ انفارميشن کاتن سان وابستہ رهيو، ڪجهہ وقت حبيب بينڪ ۾ آفيسر ٿي رهيو، آخر نوڪري ڇڏي هميشہ لاءِ گوشہ نشيني اختيار ڪري فقط مطالعي ۽ ادب ۾ واڌاري خاطر لکڻ لاءِ پاڻ کي محدود ڪري ڇڏيائين.

فضل احمد بچاڻي ڪيترائي مضمون، مقالا، ڪالم، ناول، افسانا ۽ شعر لکيا. هن جا ڪجهہ ڪتاب بہ ڇپيل آهن، جن ۾ سندس طبع زاد ۽ ترجما شامل آهن. هن لکڻ جو آغاز بمبئي مان نڪرندڙ ماهوار "گل ڦل" ۾ هڪ طويل لطيفي لکڻ سان ڪيو ۽ پوءِ 1956ع کان باقاعده لکڻ شروع ڪيائين. سندس پهريون افسانو ماهوار "تقاضا" لاڙڪاڻو ۾ اپريل 1956ع ۾ ڇپيو ۽ پهريون اردو مضمون "روزه ليل ونهيار" لاهور جي سيپٽمبر 1961ع واري پرچي ۾ ڇپيو. هن انگريزي جي مشهور ناول شيءِ (SHE) جو سنڌي ترجمو "عاشيءَ" جي نالي سان 1961ع ۾ ڪيو، جنهن کي سنڌي اديبن ۽ دانشورن طرفان ساراهيو ۽ پسند ڪيو ويو. ۽ انهيءَ ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ سندس شمار سنڌ جي نامور اديبن ۾ ٿيڻ لڳو، ان کان سواءِ سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.

سپون (ترجمو ڪهاڻيون- (1959ع)، نازبو (ڪهاڻيون1962ع)، روح جي ڳولا (ترجمو ناول 1962ع)، عجب اسرار اڳي ائين هياس (بہ حصا يادون) ۽ آسڪر وائلڊ جا خط.

جڏهن تہ قلمي صورت ۾ سندس ڪتاب موجود آهن. بچاڻي صاحب نثر سان گڏ نظم ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي. هن سنڌي ۽ اردو ۾ پنهنجا طبع زاد شعر ۽ نظم بہ لکيا تہ شيڪسپيئر جي نظمن جو سنڌي نظم ۾ ترجمو پڻ ڪيو جيڪو مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو. سندس پهريون سنڌي غزل ماهوار "فلمي دنيا" حيدرآباد، 1957ع ۾ ۽ پهرين اردو غزل ماهوار "آپ ڪي صنعت" 1960ع ۾ شايع ٿيو.

جناب فضل احمد بچاڻي 23 آگسٽ 1987ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، نموني طور سندس هڪ الوداعي شعر هيٺ ڏجي ٿو.

شل آباد هجو مان تہ هلان ٿو يارو
عمر پوري ٿي قرض نہ بي باق ٿيو
اهو ارمان ڪنيو مان تہ هلان ٿو يارو.

فضل الله، قاضي

قاضي فضل الله ولد ميان عبيدالله 15 جنوري1902ع تي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ چوٽيءَ جو سياستدان ۽ قانوندان ٿي گذريو آهي.

قاضي فضل الله ابتدائي تعليم شهدادپور ۾ حاصل ڪئي، سيڪنڊري تعليم جي ابتدائي منزل ٽنڊي آدم ۾ ٿي، ليڪن پوءِ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان1920ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ علي ڳڙهه ويو، پر سگهوئي سنڌ موٽي آيو، ۽ خلافت تحريڪ جو اڳيون ڪارڪن بڻيو، جڏهن خلافت تحريڪ جهڪي ٿي ته 1923ع ۾ حيدرآباد جي نيشنل ڪاليج ۾ پڙهڻ شروع ڪيو 1925ع ۾ وري ڊي-جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو جتان بي-اي ڪري 1929ع ۾ شهاڻي لا ڪاليج ڪراچي مان ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪري وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين. هن 30 مارچ 1931ع کان مستقل طور لاڙڪاڻي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ پوءِ اتي ئي وڪالت ڪرڻ لڳو.

قاضي صاحب سياست جي شروعات 1944ع ۾ لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊجڻ سان ڪئي، پاڻ 1939ع ۾ ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ لاڙڪاڻي جو چيئرمين ۽ 1945ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي لوڪلبورڊ جو صدر چونڊيو ويو.1946ع واري اليڪشن ۾ ڏوڪري، وارهه تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ پهرياڻ محمد ايوب کهڙي ۽ پوءِ يوسف هارون وارين وزارتن ۾ ڪيس وزير بڻايو ويو. جڏهن يوسف هارون کي پاڪستان سرڪار آسٽريليا ۾ سفير ڪري موڪليو ته ان جي جاءِ تي 8 مئي 1950ع تي قاضي فضل الله کي سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو. 25 مارچ 1951ع تي کهڙي صاحب کي ٻيهر سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو ته قاضي صاحب ان جي ڪابينه ۾ هوم منسٽر جي حيثيت سان شامل رهيو. 1955ع ۾ کهڙي صاحب سان اختلاف پيدا ٿيڻ تي ڪيس جيل وڃڻو پيو. جنوري 1956ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ قاضي صاحب ٺٽي ضلعي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي مان هڪ ئي وقت ڪامياب ٿيو، ليڪن هن لاڙڪاڻي واري سيٽ بحال رکي، ان کان پوءِ ڊاڪٽر خانصاحب اولهه پاڪستان جو وزيراعليٰ ٿيو ته هن پنهنجي ڪابينه ۾ قاضي صاحب کي آبپاشي جو وزير ڪري کنيو. 8 آڪٽوبر 1958ع تي مارشل لا قائم ٿيڻ تائين وزير رهندو آيو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ ۽ زمين سنڀالڻ جي ڪم ۾ مشغول رهيو. پاڻ 24 جون 1987ع تي وفات ڪري ويو.

فقير بخش ڪاڇي

رئيس فقير بخش ولد شهمير خان ڪاڇي ضلعي دادو ۾ مانجهندن پرسان هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي وقت جو مشهور زميندار، لڳ لاڳاپي وارو ۽ رنگين طبيعت جو انسان ٿي گذريو آهي.

رئيس فقير بخش ڪاڇي جا وڏا ميرن جي صاحبيءَ ۾ ڪرڇات جي نزديڪ ڪوهستان جي ماڳ گابان ۾ اچي رهيا. رئيس جو وڏو ڏاڏو محمد صالح به وڏو مالدار، هوشيار ۽ مهمان نواز هوندو هو. هڪ دفعي مير صاحب ڪرڇات ۾ شڪار لاءِ آيا. هن انهن جي سٺي خدمت ڪئي، جنهن ڪري مير صاحبن هن مان راضي ٿي کيس نوڪري ۾ به رکيو ۽ زمين به ڏني، سگهوئي محنت ڪري چڱي ملڪيت گڏ ڪري ويو ۽ مانجهندن جي پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌايائين.

فقير بخش اڃا ننڍو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو، پر تنهن هوندي به سندس تربيت مناسب نموني ٿيندي رهي. هن وٽ اباڻي ملڪيت گهڻي هئي ان ڪري سکيو ڏٺو. جواني ۾ کيس ملهه، شڪار ۽ راڳ سان گهڻو شوق رهيو. هن ڪيترن ئي وڏن خاندانن سان واقفيت ۽لڳ لاڳاپا قائم ڪيا. پاڻ باهمت، هڪ سخنو، ٻي ڏيو، سخي ۽ مهمان نواز انسان هو. مهل تي ڪم اچڻ جهڙو هو ۽ ڪس ڪائڻ وارو يار ويس انسان هو. سندس بنگلو هميشه ڪچهرين، مهمانن ۽ راڳن جي اچ وڃ ڪان پيو ڀهڪندو هو. آفيسرن سان گهاٽا دوستانه تعلقات هوندا هئس، جنهن ڪري سندس هٿان ڪيترن ئي غريبن مسڪينن جا پيا ڪم ٿيندا هئا.

سنڌ جي هڪ معتبر شخصيت جناب جي ايم سيد جي ننڍي هوندي سنڀال ۽ تربيت ۾ فقير بخش جو وڏو هٿ رهيو. جي ايم سيد جو والد صاحب جڏهن قتل ٿي ويو ته رئيس فقير بخش سندس مٿي تي شفقت ڀريو هٿ رکيو، شاهه صاحب ڪانئس گهڻو ڪجهه پرايو، جنهن جو اعتراف هن خود پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ ڪيو آهي.

هيءُ ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ ياررويس انسان 11 مئي1942ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

فقير محمد "عاجز"

آخوند فقير محمد "عاجز" ولد آخوند محمد موسيٰ قريشي 4 شوال 1263هه تي حيدرآباد جي شيراڻي محلي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هڪ سدابهار اديب، شاعر ۽ نيڪ سيرت انسان ٿي گذريو آهي.

آخوند فقير محمد جا وڏا اصل عربستان جا رهاڪو هئا، جي پوءِ عربن جي دؤر ۾ اچي سنڌ ۾ رهيا. هن خاندان جوا صل پيشو درس وتدريس رهيو،

جنهن حي ڪري هيءُ خاندان آخوند جي نالي سان مشهور ٿيو.

آخوند فقير محمد پنهنجي والد بزرگوار جي رهنمائي هيٺ عربي، فارسي، سنڌي، فقه، حديث جي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ ڪجهه وقت تپيدار ٿي رهيو، پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي درس وتدريس ۽ لکڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿيو.

آخوند فقير محمد "عاجز" اڪثر عبادت ۽ ذڪر فڪر ۾ محو رهندو هو، باقي وقت مطالعي ڪرڻ، عالمن، صوفين، شاعرن، اديبن، فقيرن ۽ مستن سان محبت وندڻ ۾ گذاريندو هو. پاڻ سنڌي زبان جو بهترين شاعر ۽ نثر نوس هو. سندس ڪلام اعليٰ درجي جو آهي. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا جن مان ديوان عاجز - نيڪ اخلاق، رحمت العاشقين ۽ بهار گلشن قابل ذڪر آهن.

مير عبدالحسين سانگي، غلام محمد شاهه گدا، مرزا قليچ بيگ، محمد بخش واصف، محمد صديق مسافر ۽ حافظ حيات شاهه سندس خاص صحبتي هئا.

آخوند فقير محمد "عاجز" 16 جنوري 1918ع تي رحلت ڪري ويو. سندس شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي باغ وصل ڪان بهشت ٿيو آب
۽ درد هجر ڪان تنهنجي وٺي ٿو دوزخ تاب

فقير محمد ويهڙائي

فقير محمد ولد ميان نبي بخش چانديو سن1876ع ۾ تعلقي سيوهڻ جي ڳوٺ ويهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ڪامل ولي، صاحب ڪرامت ۽ برگذيده شخصيت ٿي گذريو آهي.

فقير محمد ابتدائي تعليم آخوند ميان محمد عالم وٽ حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ مخدوم عبداللطيف جي درسگاهه هالن ۾ داخل ٿيو، تحصيل ڪرڻ کان پوءِ مخدوم غلام محمد ملڪاڻي جي رشد و هدايت جو چرچو ٻڌي وٽس ويو ۽ مريد ٿيو ۽ هن جي صحبت ۾ رهي وڏو فيض حاصل ڪيائين ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي مرشد کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين.

فقير محمد الله جي واٽ ۾ ڏاڍا ڏونگر ڏوريا، لاهوت لامڪان کان ويندي مڪليءَ جي مزارن تائين ڏٺا. چاليها ڪنهن کان علاوه لطيف سائين جي مزار تي ٻه چلا ڪيائين. شاهه عنايت شهيد، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شيخ جيئو، حضرت لعل شهباز، مخدوم سرور نوح، سيد حسن علي شاهه ۽ شاهه ڏکرڪنهه جي درگاهن جو خاص پانڌيڙو هئو. جڏهن ڪيس حرمين شريف وڃڻ جو موقعو مليو ته پاڻ حضور سرور ڪائنات ﷺ جن جي روضي مبارڪ تي

ڪافي عرصو عبادت ۾ مشغول رهيو.

ميان فقير محمد باڪمال بزرگ هو. سندس زبان ۾ وڏو تاثير هو. سندس فقيري ۽ بزرگي جي هاڪ ٻڌي پري پري کان حق جي راهه جا پانڌيئڙا سندس خدمت ۾ اچي حاضريون ڀريندا هئا.

ميان فقير محمد ويهڙائي 12 جمادي الاول1376هه (1956ع) تي وصال ڪيو. سندس درگاهه ويهڙ شريف ۾ آهي.

فوزيه سومرو

مشهور عوامي گلوڪاره فوزيه سومرو ٽنڊي محمد خان ۾ ڄائي، سندس ننڍپڻ ۽ جواني اتي ئي گذريا. هن وقت قاسم آباد، حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. سندس وڏا اصل ٺٽ جا رهاڪو هئا.

فوزيه سومرو مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ سورهن سترهن سالن جي عمر ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. جيئن ته سندس تعلق هڪ مولوي گهراڻي سان آهي، ان ڪري شروع ۾ ڪيس والدين ڳائڻ کان روڪيندا هئا، پر هوءَ پنهنجي شوق جي تڪميل خاطر مائٽن کان چوري ننڍين ننڍين فنڪشنن ۾ ڳائيندي رهي. آخر ڳائڻ جو شوق کيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪٺي آيو جتي پروڊيوسر نصير مرزا صاحب مٿس گهڻي محنت ڪري سندس آواز ۾ ٻه ڪلام رڪارڊ ڪيا. هڪ "بي قدرا قدر نه ڪيئي" ۽ ٻيو "چڏي ويا ڇڏي ويا ساٿي سڪن جا" جڏهن اهي ڪلام پبلڪ تائين پهتا ته ڏاڍا پسند ڪيا ويا ۽ فوزيه سڄي سنڌ سان متعارف ٿي. انکان پوءِ پارس ڪمپني طرفان سندس ڪيسٽون رليز ٿيڻ لڳيون. اهڙي طرح پاڻ آهسته آهسته ڪاميابي جون منزلون طئي ڪندي رهي ۽ اڄڪلهه مقبول عوامي فنڪاره طور ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي، ۽ هر محفل ۾ سندس شرڪت ڪاميابي جي ضمانت سمجهي وڃي ٿي.

موسيقي جي حوالي سان فوزيه سومرو استاد مجيد خان ۽ غلام حسين ڪليري مرحوم کي پنهنجو استاد مڃي ٿي. هن پنهنجي فن جو ڏاڪو ريڊيو، ٽي وي، اسٽيج ۽ ڪيسٽ، هر جاءِ ڄمايو آهي. سريلي آواز ۾ ماڪيءَ جي مناس جهڙا آلاپ ڪيندڙ فوزيه سومرو موجوده دؤر جي اها سنڌي عورتن گلوڪاره آهي، جنهن کي وڏ ۾ وڏ ٻڌو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. پاڻ هر طبقي ۽ هر علائقي ۾ هڪ جهڙي مقبول آهي. ڪيسٽ جي دنيا ۾ ته سندس ڪيسٽن جي وڏي کپت آهي. هر سال مختلف ميوزڪ ڪمپنيون طرفان سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪوڙ ساريون ڪيسٽون رليز ٿينديون آهن، جن جو هوءَ ڳرو معاوضو وٺندي آهي. هن گهڻو تڻو عشقيه ڪلام ڳايو آهي. خاص طور بلاول اوٺي، علي محمد اڏيرائي ۽

پڻ نون شاعرن جي شاعري ڳائيندي آهي. ان کان علاوه هر سال محرم شريف جي مهيني ۾ سندس پرسوز آواز ۾ سنڌي نوحن جون هڪ ٻه ڪيسٽون پڻ اوس نڪرنديون آهن. مختلف طور ڪيس ڪيترائي انعام اعزاز مليل آهن. سندس فن کي ڀيٽا ڏيندي تارو 2 سيپٽمبر 2000ع تي "ٿر پروڊيڪشن" رڪارڊنگ ڪمپني طرفان ٽرپارڪر جنڊ خانه ميرپور خاص ۾ منعقد ڪيل هڪ رنگارنگي پروگرام ۾ سندس تاج پوشي ڪئي وئي.

فوزيه سومرو ملڪ کان ٻاهر سعودي عرب ۽ ڀارت وغيره ۾ پڻ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي مختلف ماڻي چڪي آهي. سندس ور جو نالو حاجي مصري سنيو آهي، جيڪو هر جاء، هر محفل ۾ ساڻس گڏئي گڏ هوندو آهي.

فولاد فقير شر

فقير فولاد علي ولد فقير غلام حيدر شر 5 جون 1865ع تي ڳوٺ مينگهو فقير شر تعلقي ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي وقت جو يگانو، نامور فقير ٿي گذريو آهي.

فولاد فقير جتي اکيون پٽيون ۽ وڏو ٿيو اتي سچل سائين جي سلسلي جي فقيرن جا قدم قائم هئا، ۽ جنهن جو نالوني فولاد تنهن لوهه کي ٻه ڪٽي پنهنجي نئين وات ڪيي، پاڻ "مڪر جي" واري درويش محمد علي شاهه جيلاني عرف "سهڻو سائين" جو طالب هو، جنهن کان روحاني فيض حاصل ڪيائين.

فولاد فقير ظاهري علم به حاصل ڪيو هو. ان ڏس ۾ پاڻ پهريان کهڙن ۾ ميان خدادوست اڄڻ وٽ ۽ شاهه پنجي پرسان آڪرن جي ڳوٺ ۾ مولوي محمد پريل آڪري ۽ غلام نبي آڪري وٽ ڪجهه وقت عربي ۽ فارسيءَ جا سبق پڙهيو ۽ پوءِ ڳوٺ آباد جي پر ۾ مخدوم غلام محمد وٽ فارسي سڪندر نامه تائين پڙهي ڳوٺ موٽي آيو. 1877ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. هن پارهن سال ماستري جي نوڪري به ڪئي، پر پوءِ استعيفا ڏئي ڇڏيائين.

فولاد فقير جو ذهن جڏهن جوان ٿيو ته، هن پنهنجي ماحول ۾ سچل جي سلسلي جي فقيرن ۽ طالبن واتان "مٿن ومٿن" جاهل ۽ هوڪا ٻڌا. تڏهن فولاد فقير چيو ته جيڪڏهن "مٿن ومٿن" اها آهي ته پوءِ "مان به مان" ، وري جڏهن فولاد فقير انهن رسمي ڳالهين کي ٽوڙي حق ۽ حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته رسم جي دعويدارن مٿس طعن، مهڻن ۽ ملامتن جا تير وساڻي ڇڏيا. چيائونس ته "تون وڏو شيطان آهين" هن چيو ته "جيڪي به چئو پر اسين ساڳيا آهيون آهيون فقير پوءِ ريا ۽ مڪر ۽ حق ۽ حقيقت ۾ فرق سمجهائڻ خاطر هڪ پيري عام دعوت ڪئي، جنهن ۾ هڪ طرف دال ماني رکائي ۽ ٻئي طرف پوڙ پلاءُ.

جڏهن ماڻهو اچڻ لڳا تہ فقير ڪين چوڻ لڳو تہ، ابا هن طرف الله جي ماني آهي (دال ماني) ۽ هن طرف شيطان جي ماني آهي. (پلاءُ واري) پنهنجي رضا سان جتي چاهيو اتي ويهي کائو. چون ٿا تہ اڪثر ماڻهو ہوڙ پلاءُ واري طرف ويا. سندس بيون بہ ڪوڙ فقيرائيون رمزون اتر سنڌ طرف مشهور آهن. هن نثر ۾ هڪ ڪتاب "روح اعظم" نالي لکيو، جيڪو سندس پونيرن وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي.

فقير فولاد علي شر ڊگهي عمر ماڻي 10 جون 1967ع تي وفات ڪري ويو. سندس اڪيلو پٽ فقير علي گوهر بہ پنهنجي وقت جو مشهور فقير ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

فهميده حسين

ڊاڪٽر فهميده حسين ذيءُ محمد يعقوب ميمڻ 5 جولاءِ 1948ع تي ٽنڊوڄام ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. پاڻ سنڌي ادب جي نالي واري ليکڪا آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين مئٽرڪ ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي، بي ايس سي، ڊي جي ڪاليج ڪراچي مان ۽ ايم اي (انگريزي) ايم اي (سنڌي)، (امتيازي حيثيت سان)، ايل ايل بي ۽ پي ايچ ڊي جون ڊگريون ڪراچي يونيورسٽي[1] مان حاصل ڪيون. پاڻ 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ انگريزيءَ جي ليڪچرار مقرر ٿي.1978ع کان هن ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ملازمت اختيار ڪئي، جتي پروفيسر ۽ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن رهڻ کانپوءِ هاڻي شاهہ عبداللطيف چيئر جي ڊائريڪٽر آهي. پاڻ هن عهدي تي 1998ع کان فائز آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين جو والد صاحب پنهنجي وقت جو مشهور شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي، ۽ سندس وڏو ڀاءُ سراج ميمڻ موجوده دؤر جو بلندپايہ اديب ۽ صحافي آهي. فهميده حسين پڻ پنهنجي خانداني ادبي اثر مان اتساهہ وٺي لکڻ شروع ڪيو. ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون، مضمون ۽ ست اٺ ڪتاب لکي ادبي ميدان ۾ پنهنجي ساک قائم ڪئي آهي. ان کان علاوه صحافت سان بہ سندس واسطو رهيو آهي. سترواري ڏهاڪي ۾ پاڻ هلال پاڪستان اخبار جي خواتين واري پرچي "سگهڙن سٿ" جي ايڊيٽر ٿي رهي. نوي واري ڏهاڪي ۾ "جاڳو" اخبار سان وابستہ رهي. هن ڏهن سالن تائين مسلسل ريڊيو پاڪستان تان "سنڌي اردو بول چال" پروگرام پڻ ڪيو.

---

(1) ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي جي قيام جو اعلان 12 مئي 1951ع تي ڪيو ويو. 1952ع ۾ يونيورسٽيءَ باقاعده ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ڊاڪٽر صاحبہ سنڌ جي نياڻين جي سجاڳيءَ لاءِ قلم جي ذريعي توڙي سماجي تنظيمن جي پليٽ فارم تان عملي طور ڀرپور ڪوششون ورتيون آهن. ادبي ميدان ۾ پڻ سندس ڪاوشون ساراهہ جوڳيون رهيون آهن. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ تحقيقي مضمون لکي نثري ادب ۾ اضافو ڪيو آهي. سندس لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيل آهن. هن جا ترجمو ۽ تصنيف ڪيل ڪجهہ ڪتاب ڇپجي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ، ساڳئي ڪتاب جو اردو ترجمو، ادبي تنقيد (فن ۽ تاريخ) پير حسام الدين راشدي، لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جو سنڌي ترجمو، لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا جو اردو ترجمو، دنيا جون شاعر عورتون (ترجمو)، ان کان سواءِ سندس ڪهاڻين جو هڪ مجموعو ڇپائي هيٺ آهي.

شاهہ لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڊاڪٽر صاحبہ ڇهن ڪتابن ۽ "ڪلاچي جرنل" جي ڇهن پرچن جي سهيڙڻ ۽ ادارت جي ذميواري پوري ڪئي آهي ۽ وڌيڪ ٽن ڪتابن تي ڪم ڪري رهي آهي.

پاڻ ملڪ جي اهم علمي ادبي ادارن سان پڻ واڳيل رهي آهي. جهڙوڪ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر، سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبر، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد جي ڪورس ڪميٽي جي ميمبر، سچل چيئر شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي صلاحڪاري بورڊ جي ميمبر، پاڪستان رائٽرس گلڊ جي ميمبر، سڳا جي ڪاروباري ڪميٽي جي ميمبر ۽ سڳا خواتين شاخ جي صدر ۽ ٻہ ڀيرا سيڪريٽري ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي ميمبر رهي چڪي آهي. ان کان سواءِ1981ع ۾ سنڌ ۾ پهريون ڀيرو ٿيندڙ "عورت ڪانفرنس" جي سيڪريٽري مقرر ٿي، سنڌي عورتن جي پهرين تنظيم "سنڌي عورت تنظيم" جي باني ۽ پهرين جنرل سيڪريٽري، "سوجهرو" رسالي جي اسسٽنٽ ايڊيٽر، ۽ "سوجهرو سنگت" نالي عورتن جي تنظيم جي بنيادي ميمبر پڻ آهي. پاڻ ڪيترن ئي سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ ورڪشاپن وغيره ۾ مختلف حيثيت سان شرڪت ڪري چڪي آهي. پاڻ بہ ڪافي ڪانفرنسون، سيمينار ۽ ادبي ڪچهريون سڏائي چڪي آهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين کي سندس علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن عيوض مختلف طور ڪيترائي ايوارڊ، ميڊل، سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون مليل آهن جن ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان، بهترين ليکڪا جو ايوارڊ 1994ع، اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان بهترين تحقيقي ليکڪا جو ايوارڊ 1995ع ۽ سڳا طرفان بهترين

ليڪڪا جو ايوارڊ 1996ع ۾ شامل آهن بقول سندس، سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀلائي چاهڻ سندس زندگيءَ جو اهم مقصد آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي ور جو نالو عبدالحسين سرائي آهي، جيڪو سندس بهترين همر سفر ثابت ٿيو آهي.

فيروز احمد، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر فيروز احمد سن 1945ع ڌاري پيدا ٿيو. پاڻ مشهور ادبي ۽ سياسي دانشور ٿي گذريو آهي، کيس انٽرنيشنل شهرت حاصل هئي.

ڊاڪٽر فيروز احمد ڪراچي، ڪيناڊا ۽ آمريڪا جي وڏين يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪئي هئي. ننڍي ڄمار ۾ آمريڪا مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪندڙ سنڌ جو هي املهہ ماڻڪ سنڌ جو هڪ قومي ڪارڪن به هو، هن سنڌ جي هاري ۽ ترقي پسند سياسي تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو. تنظيمي طور هو "عوامي تحريڪ" سان ڪجھ عرصو وابسته رهيو. ڪجھ وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنائين ۽ پوءِ آمريڪا هليو ويو، جتي سندس زندگيءَ جو ڪافي حصو گذريو. هو اتي "هار ورڊ يونيورسٽيءَ" ۾ آخر تائين پروفيسر ٿي رهيو. آمريڪا ۾ هن سدائين دنيا سان گڏ سنڌ ۽ ان جي مظلوم عوام بابت سوچيو، لکيو ۽ لوچيو.

- ڊاڪٽر فيروز احمد سنڌ توڙي پاڪستان بابت سوين مضمون ۽ مقالا لکيا، جن مان ڪجھ آڪسفورڊ يونيورسٽي وارن ڇپائي پڌرا ڪيا آهن. کيس سڄي دنيا اندر هڪ وڏي اسڪالر طور مڃتا مليل هئي.

ڊاڪٽر فيروز احمد 16 اپريل 1997ع تي آمريڪا ۾ وفات ڪئي، کيس هار ورڊ يونيورسٽي ۾ وڏي اعزاز سان دفنايو ويو.

فيروز گل

فيروز گل ولد رحيم بخش شيخ16 جون 1943ع تي حيدرآباد شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور موسيقار راڳي ۽ ڪمپوزر ٿي گذريو آهي.

فيروز گل قاضي عبدالقيوم هاءِ اسڪول ۾ پنج درجا انگريزي پڙهي، پوءِ ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ داخل ٿيو، پر پوءِ سنت ٿي پاڻ ڪتابي علم کان موڪلائي علم موسيقي طرف وڌيو.

موسيقي کيس ورثي ۾ ملي هئي، سندس والد ۽ سندس ڏاڏو عارب خان پنهنجي وقت جا مشهور راڳي هئا. فيروز گل راڳ جي سکيا پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. جڏهن جوان ٿيو ته کيس موسيقار بنجڻ جو شوق ٿيو. ان سلسلي ۾ هن 1966ع ۾ ڪاٽي روڊ تي سهيل رانا سان گڏجي هڪ ڪلب ڪرلي، جنهن

جو نالو ”فيروز رانا موسيقي ڪلب“ رکيو ويو، جتي وڏا وڏا موسيقار اچڻ لڳا. ان دوران سندس ملاقات مشهور شاعر موسيٰ ڪليم سان ٿي، جنهن جي ساٿ سان فيروزگل نيٺ پنهنجي منزل ماڻي ۽ پنهنجي فني سفر جي شروعات فلم ”رنگ محل“ جي موسيقي ڏيڻ سان ڪئي. اها فلم 1969ع ۾ ٺهي هئي. ان فلم ۾ سندس پهرين ڪمپوزيشن رونا ليليٰ جي آواز ۾ هئي، شاعري موسيٰ ڪليم جي ٻول هئا ”منهنجا پيارا پرين حسن وارا پرين، زندگي توسان آجان توتان فدا.“

فيروزگل کي 1972ع ۾ ريڊيو پاڪستان تي راڳي طور پرتي ڪيو ويو، جتي هن پهريون آئٽم مخدوم طالب المولىٰ جو هڪ غزل رڪارڊ ڪرايو، جنهنجا ٻول آهن ”ڪنهن جي درد محبت کي دل جان سان زندگيءَ جي امانت بنائي ڇڏيم.“

فيروزگل سنڌي شاعري کي اهڙين ته دل ۾ پيهي ويندڙ ڌنن سان رچايو جو راڳ جا عاشق فيروزگل جي ڪمپوزيشن جا اسير بنجي ويا. هن پنهنجي حياتي ۾ 22 فلمن جي موسيقي ترتيب ڏني ۽ ڪيسٽ ڪمپنين لاءِ هزارين ڌنون تيار ڪيون. سائين طالب المولىٰ جي خوبصورت شاعري ۾ رونا ليليٰ جا ڳايل سيئي يادگار گيت پڻ سندس ئي ڪمپوز ٿيل آهن.

فيروزگل جي ڪريڊٽ تي سڀ کان اهم ۽ ساراهه جوڳو ڪم سنڌ ثقافت کاتي طرفان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي سرن کي موسيقي جو ويس ڍڪائڻ آهي، جن مان 19 سر عابده پروين جي مڌر آواز ۾ مڪمل ٿي چڪا آهن. باقي سر تڪميل جي مرحلي تي هئا ته موسيقيءَ جو هيءُ سدابهار نانءُ فيروزگل 14 آڪٽوبر1996ع تي پرڏيهه ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

هن ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو هو. فن جي مڃتا طور کيس1986ع ۾ ”شاهه لطيف ايوارڊ“ ، 1987ع ۾ ”شهباز ايوارڊ“ ۽ فلم ”پڪار“ جي موسيقي ڪمپوز ڪرڻ تي ”فلم ايوارڊ“ مليو.

فيض بخشاپوري

فيض الله خان ”فيض“ ولد مصري خان ڏومبڪي بلوچ سن 1922ع ۾ بخشاپور ضلعي جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ غزل جو شهنشاهه شاعر ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

فيض بخشاپوري ابتدائي تعليم بخشاپور ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ وڌيڪ تعليم پرائڻ ڇڏي پنهنجي والد سان زميداري پيشي ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو. ڪجهه

وقت کان پوءِ کيس پنهنجي قومي سردار مير تاج محمد خان ڏومبکيءَ جي صحبت نصيب ٿي، جيڪو پڻ سخن شناس، علم جو اڪابر ۽ وڏو داناءُ هو. اهڙي نيڪ بخت جي نظر فيض اثر هيٺ فيض صاحب کي ڪافي ڪتابن جي مطالعي جو موقعو مليو. پوءِ تہ سنڌيءَ سان گڏ ٻين ٻولين ۾ بہ مهارت حاصل ڪري ورتائين. اڳتي هلي سن 1954ع ۾ رحيم يار خان مان اديب عالم (اردو) جو امتحان پاس ڪيائين.

فيض صاحب ست زبانون ڄاڻندو هو ۽ سنڌي، اردو، بلوچي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ سندس ڪافي ڪلام موجود آهي. پاڻ اردو شاعرن ۾ جوش مليح آبادي، احسان دانش ۽ بهزاد لکنوي جهڙن شاعرن جو هم عصر ۽ هم مرتبہ هو. پاڻ سڄي برصغير ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ شامل ٿيندو هو. غزل جو شهنشاهہ هو، ڪمال سخن جي بدولت کيس "غالب سنڌ" جي لقب سان ياد ڪيو ويجي ٿو. سندس سنڌي خواهہ اردو ڪلام ۾ استعارا، تشبيهون ۽ ڪنايہ ڪثرت سان استعمال ٿيل آهن. ان کان سواءِ فارسي لفظن جو استعمال بہ جام ٿيل آهي، جنهن ڪري سنڌ جي ڪجهہ جدت پسند شاعرن سندس ڪلام جي مخالفت بہ ڪئي. بهرحال سندس ڪلام ۾ بناوت، سجاوت، بلاغت، نفاست ۽ لطافت وغيره جا ڪافي آثار ملن ٿا.

فيض صاحب جي اها دعويٰ هئي تہ هن سخن ۾ ڪنهن بہ شاعر کان اصلاح نہ ورتي، رڳو بہ غزل پنهنجي ٻن دوست شاعرن کي ارسال ڪيا، جن مان هڪ سنڌي غزل غلام سرور مغل کي ۽ ٻيو اردو غزل اسد ملتاني ڏي موڪليو. جن پڻ اهوچئي جيئن جوتيئن ڪلام واپس ڪيو تہ "توهان مصلح لاءِ کهڙي جاءِ ڇڏي آهي جو اصلاح ڪجي."

فيض بخشاپوري جو پهريون مجموعہ ڪلام 1958ع ۾ "شعلہ عشق" جي نالي سان شايع ٿيو. ان کان پوءِ بہ ٻيا مجموعا "خمخانہ فيض" ۽ "گنجينہ فيض" شايع ٿيا، جڏهن تہ سندس هڪ مجموعہ ڪلام "سرچشمہ فيض" اڃا قلمي صورت ۾ آهي.

فيض صاحب 1956ع ۾ جيڪب آباد مان "مساوات" نالي هفتيوار اخبار جاري ڪري صحافت جي ميدان ۾ پڻ پير رکيو. صحافتي زندگيءَ ۾ کيس زماني جون لهرون ۽ لوڏا بہ آيا، مگر پاڻ هر محاذ تي ايماني قوت، مستقل مزاجيءَ ۽قومي وقار جي اصولن تحت پڌري پٽ مظاهرو ڪندو آيو.

فيض صاحب جي ادبي خدمتن جي مدنظر کيس1962ع ۾ صدر ايوب خان طرفان هڪ سو روپيا ماهوار وظيفو جاري ٿيو ۽ 1987ع ۾ کيس صدارتي ايوارڊ سان نوازيو ويو.

فيض بخشاپوري 14 مئي 1992ع تي وفات ڪئي. سندس ورسي هر سال عوامي سطح تي ملهائي ويندي آهي. سندس سنڌي غزل جو نمونو هيٺ ملاحظه فرمائيندا.

سروپا دست وبازودل جگر بند، ڪمند زلف ۾ آ بند هر بند
ٿيم قيدِ خيال گل کان آزاد، ڪيا صيّاد جڏهن بالؔ و پربند

فيض درياهه شاهه "ميرل"

داتا فيض درياهه شاهه ولد پير شاهه جيلاني سال 1863ع ۾ چڪ شهر جي برسان ڳوٺ انباهه، تعلقي لکي غلام شاهه ضلعي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صوفي شاعر، درويش ۽ سالڪ ٿي گذريو آهي.

فيض درياهه شاهه جو اصل نالو فيض محمد شاهه هو. سندس والد شاهه نصير الدين نوشهرو فيروز واري جو معتقد هو ۽ سالن جا سال سندس خدمت ۾ گذاريائين آخر مرشد جي ارشاد سبب ڳوٺ وڃي شادي ڪيائين، جنهن مان کيس ٽي پٽ ٿيا. وڏو سيد تاج محمد شاهه، وچون سيد فيض محمد شاهه ۽ ننڍو سيد جان محمد شاهه هو. جڏهن شاهه نصيرالدين (وفات1900ع) ٽئين ننگر ڏنا، تڏهن فيض محمد شاهه لاءِ فرمايائين ته "جي هن صاحبزادي جي عمر آهي ته، بلها شاهه وارو طبل وڄائيندو."

فيض درياهه شاهه سنڌي ۽ فارسي جي تعليم شاهه نصيرالدين جي هڪ طالب درويش سيد ڏنل شاهه کان حاصل ڪئي هئي، جون تا ته سائين فيض درياهه شاهه ڪيترائي ورهيه محبت ۽ استغراق جي عالم ۾ رهيو. نيٺ ڪجهه سالن بعد مجذوبيءَ کان سالڪي طرف مرتيو ۽ شعر چوڻ شروع ڪيائين. شاعري ۾ "ميرل" تخلص استعمال ڪندو هو. ميرل فقير جاگيراڻي سندس معتقد هو، جيڪو ڪنڌڙي جي ويجهو ديهه ڪالهوڙي جو رهاڪو هو. فيض درياهه شاهه جي سائس ايتري محبت هئي جو کيس ادب وچان "بابا ميرل" سڏيندو هو، پنهنجو تخلص به "ميرل" رکيائين.

سيد فيض درياهه شاهه سڄي عمر لوڙهي ۾ گذاري ۽ شادي ڪانه ڪيائين، ساري عمر مجرد ٿي گذاريائين. پاڻ بيخودي واري حالت ۾ تمام گهڻو ڪلام چيو اٿس. هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اناالحق جا نعرا هنيا آهن. سندس سارو ڪلام رندي رمزن ۽ صوفياڻي خيالن جو آئينو آهي.

داتا فيض درياهه شاهه 11 شوال 1325هه (1907ع) تي جواني واري عمر ۾ وفات ڪئي. سندس مزار ڳوٺ انباهه ۾ آهي، جتي هر سال 11 ۽ 12 شوال تي ميلو لڳندو آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

مرشد مام ڏني ڳيت اناالحق تا ڳايون
ڳيت اناالحق تا ڳايون پال پلي جا پايون.

فيض محمد (اول) مير

ويهين صدي عيسوي جي پهرين سج جڏهن پنهنجي سونهري ڪرڻن سان سنڌ ڌرتيءَ کي روشن ڪيو ته، ان وقت اتر سنڌ جي رياست خيرپور ۾ مير فيض محمد (اول) جو راڄ قائم هو. جيڪو پنهنجي والد مير مراد علي خان ٽالپر جي وفات کان هڪ هفتو پوءِ 7 اپريل 1894ع تي گادي تي ويٺو.

مير فيض محمد (اول) کي سندس پسند مطابق انگريزن طرفان خانبهادر قادر داد خان وزير ٿي مليو، جنهن مير صاحب جي مشوري سان رياست ۾ ڏاڍا سڌاري جا ڪم ڪرايا. ان کان پوءِ سردار محمد يعقوب ۽ شيخ صادق علي هڪ ٻئي پويان رياست جا وزير بڻيا.

مير صاحب شڪار جو شوقين هوندو هو ۽ اڪثر گشت ۾ رهندو هو، رياستي سارو انتظام وزير جي حوالي هوندو هو. صرف نئين ڪم لاءِ مير صاحب کان منظوري ونڻي پوندي هئي. سندس دؤر ۾ رياست اندر جيڪي ترقياتي ڪم ٿيا، انهن جو مختصر وچور هن ريت آهي. زرعي سڌارن لاءِ واهه کوٽايا ويا، شڪار گاهن کي محدود ڪري جهنگ ڪٽرائي اتي آبادي ڪرائي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ رياست جي اپت پنجن لکن مان وڌي وڃي پندرهن لکن تي پهتي، پوسٽ آفيس ۽ ٽيليگراف جو نئون محڪمو کوليو ويو. هڪ سو کان وڌيڪ اسڪول کوليا ويا. خيرپور ۾ هڪ وڏي اسپتال، لائبريري، انگريزي اسڪول، بورڊنگ هائوس ۽ فيض محل نالي سان هڪ عاليشان عمارت ٺهي. ڪوٽ ڏيجي ۽ ڪراچي ۾ مير صاحب لاءِ بنگلا تيار ٿيا وغيره.

جنوري 1903ع ۾ برطانيه جي بادشاهه پاران دهلي ۾ دربار ٿي، جنهن ۾ ساري هندستان جا نواب ۽ راجا شريڪ ٿيا هئا، جنهن ۾ مير فيض محمد به شامل هو. ڪيس دربار ۾ وڏي عزت ملي ۽ سندس تنبو ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ ڪيترائي نواب آيا. 1906ع ۾ پرنس آف ويلز ڪراچي ۾ آيو ته ساڻس مير صاحب جي ملاقات ٿي. مير صاحب کي سرڪار کان 17 توپن جي سلامي ملندي هئي.

مير فيض محمد خان (اول) هڪ وڏو رحمدل، سادگي پسند ۽ نيڪ نيت وارو ماڻهو هو. مروت مهرباني ۽ خوش خلقي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن رعايا لاءِ گهڻو ڪجهه پاڻ پتوڙيو. پاڻ نماز جو پابند ۽ خداپرست انسان هو، فارسي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ هوشيار هو. پاڻ سنڌي سرائڪي ۽ فارسي زبانن جو قادر الڪلام شاعر پڻ هو "عاجز" تخلص استعمال ڪندو هو. پاڻ 5 مارچ 1909ع تي ڪوٽ ڏيجي ۾ 74 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس جسد خاڪي ڪربلا معليٰ ۾ دفن ڪيو ويو.

فيض محمد (ثــانــي) مير

ميـر فـيض مـحـمـد (ثاني) ولد مـيـر علي نواز خان "ناز" ٽالپـر 4 جنوري1913ع تي ڪوٽ ڏيجي ۾ ڄائو. پاڻ خيرپور رياست جو والي ٿي گذريو آهي.

مير فيض محمد (ثاني) والدين جو اڪيلو پٽ هو، تنهن ڪري ڪيس ڏاڍو پيار ڪندا هئا ۽ پيار مان "الهبچايو" ڪري سڏيندا هئا. سندس والده بيبي نذير بيگم بلوچ خاندان مان نه هئي، تنهنڪري سندس چاچي مير غلام علي خان ۽ ڪجهه ٻين شاهي خاندان جي ماڻهن کي سندس ولي عهديءَ تي اعتراض هو. مـيـر غلام علي خان برطانيه سرڪار وٽ به پڪاريو، مگر علي نواز خان ڪوشش ڪري سندس ولي عهدي منظور ڪرائي ڇڏي.

سن1934ع ۾ هڪ ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو جو مـيـر علي نواز خان جي ڪچهري ۾ مير فيض محمد خان جي هٿان سندس روالور ڇٽي ويو ۽ اوچتو وڃي سندس معصوم پٽ شهزادي علي مراد خان جي ٻانهن ۾ لڳو. پوءِ ته وڏو ٻائيتال مچي ويو ۽ ڪئمپ شاهي جي حوارين مير فيض محمد خان کي چريوچوڻ شروع ڪيو ۽ ڪيس ڪجهه وقت لاءِ ذهني علاج واسطي لاهور موڪليو ويو. انڪان پوءِ هن کي پوني ۾ زير علاج رکيو ويو. هو اڃا پوني ۾ ئي هو ته 1935ع ۾ سندس والد وفات ڪئي. ان کان پوءِ سڄو سندس والده به گذاري وئي، هڪ طرف والدين جو رچوڙو، ٻيو وطن کان دور، ٻيون چاچي جي ناسازي آخر مڙني ڳالهين گڏجي سندس ذهني توازن وڃائي ڇڏيو. جنهن ڪري 1947ع ۾ برطانيه سرڪار کيس حڪومت لاءِ نااهل قرار ڏيئي، سندس ولي عهد مير علي مراد خان کي حاڪم بنايو.

ساڳئي سال ۾ پاڪستان بنجڻ بعد هن کي پوني مان خيرپور آندو ويو. هو پنهنجي حـيـاتيءَ جا آخري پنج ڇهه سال ڪوٽ ڏيجي ۾ گـذاري 14 اپريل1952ع تي وفات ڪري ويو.

مـيـر فـيـض مـحـمـد (ثاني) جي نالي مـاتر حـڪـومت سـال 1935ع کان1947ع تائين رهي، جنهن ۾ 1937ع تائين انگريز وزير مـسـٽر سليڊن هو جيڪو سندس والد جي وقت کـان رياست جو وزير رهندو آيو هو. ان کـان پوءِ خانبهادر اعجاز علي وزير مقرر ٿيو، جيڪو1947ع تائين رياست جي اڇي ۽ ڪاري جو مالڪ رهيو، انهيءَ عرصي ۾ رياست ۾ جيڪي سڌارا آندا ويا، انهن مان هينيان ذڪر جي لائق آهن.

ڪافي غيـر آباد زمين آباد ٿي، اعـجاز ٽنري نالي هڪ چمـڙي جو ڪارخانو کوليو ويو، ڳوٺ سڌار کاتي کلڻ سبب هارين جي معاشي ۽ سماجي حالتن ۾ سڌارو آيو، خيرپور ۾ هاءِ ڪورٽ جو قيام عمل ۾ آيو. صحت کاتي ۾ توسيع آئي ڪجهه ڊسپينسريون کوليون ويون، به نوان هاءِ اسڪول ۽ ڪافي پرائمري اسڪول کوليا ويا وغيره.

فيض محمد "فيض" حيدري

فيض محمد "فيض" حيدري ولد امام بخش ڪيريو 2-اپريل1922ع تي ڳوٺ ٽنڊي حيدر تعلقي حيدرآباد ۾ڄائو. پاڻ قادر الڪلام شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هئو.

فيض محمد "فيض" حيدري ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي، انڪان پوءِ اديب فاضل سنڌي ۽ جي وي جا امتحان پاس ڪري، گذر سفر لاءِ استاد جي مقدس پيشي کي اختيار ڪيو. پاڻ آخر تائين ماستر رهيو. پنهنجي جنم ڀومي ٽنڊي حيدر جي نسبت سان پاڻ کي "فيض حيدري" سڏائيندو هو ۽ ادبي حلقن ۾ پڻ انهيءَ نالي سان سڃاتپ هئس.

فيض حيدري کي شروع کان وٺي ادب سان دلچسپي رهي، ويتر معاشري جي ناانصافين، ڪامورا شاهي ۽ وڏيرا شاهي جي من مسنين ۽ غريبن جي بيڪسي سندس دل ۾ اڌما پيدا ڪري ڇڏيا ۽پوءِ هن جي نظرن جيڪي ڏٺو ۽ دل ۽ دماغ جيڪو ڪجهه محسوس ڪيو، سو قلم جي نوڪ سان هن بيان ڪيو. سندس نثر ۽ نظم ٻنهي صنفن ۾ بي انتها درد پوشيده نظر اچي ٿو. هن جون ڪهاڻيون زندگيءَ جي قريب تر ۽ انساني جذبن جي صحيح ترجماني ڪندڙ آهن. معاشري جي ناانصافين تي خوب چوٽ چنديا اٿس. سندس ڪهاڻين جا مجموعا "اوچنگارون" ۽ "فرياد عورت" ڏاڍا مقبول آهن. سندس هڪ ٻيو ڪتاب "مظلوم عورت" نهايت رقت انگيز تحرير آهي، جا جذبات سان لبريز آهي. سندس عوامي شاعري اڄ به سنڌ جي اڪثر حصن ۾ الاپي ويندي آهي. سندس غزل، مولود، مداحون ۽ ڪافيون مشهور آهن. سندس شاعري سليس سنڌي تي مبني آهي، منجهس روانگي به موجود آهي.

فيض حيدري شريعت جو پابند، طريقت جو صاحب، قلندري خيالن جو مالڪ هو. علم و ادب سان آخري وقت تائين وابسته رهيو. پاڻ عربي، فارسي ۽ اردو زبانن جو به سٺو ڄاڻو هو.

فيض محمد "فيض" حيدري 31 مارچ 1968ع تي گذاري ويو. سندس ڪافي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڪات پچي پيو ڪنڌ، نيڻهن جو ناحق ورتم نالو
روهه رڳيا مون رت سان روئي لال ڪيم لڪ ڏوئي پوئي
رڻپٽ رڃ ۽ رند آب اکين جي ڪيڙو آلو.

فيض محمد، قاضي

قاضي فيض محمد ولد قاضي نبي بخش 23 نومبر 1908ع تي هالاڻي، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ مخلص سياستدان، ماهر وڪيل ۽ سٺو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

قاضي فيض محمد ابتدائي تعليم هالاڻي ۾ ورتي ۽ پوءِ خيرپور ميرس ۽ نوشهروفيروز جي هاءِ اسڪولن ۾ پڙهي 1929ع ۾ مئترڪ پاس ڪئي. 1935ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي ايس سي جي ڊگري حاصل ڪئي. ابتدائي زماني ۾ پاڻ تعليم کاتي ۾ ملازم رهيو، ڪجهه وقت لوڪل بورڊ اي وي اسڪول ۾ سائنس ٽيچر ٿي رهيو. ان کان پوءِ 1940ع ۾ ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪري نوابشاهه ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ مستقل طور نواب شاهه ۾ رهڻ لڳو.

سنڌس سياسي زندگي 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۽ ڪانگريس هلچل شروع ٿيڻ جي وقت کان ٿي. 1928ع ۾ پڊعيدن ريلوي اسٽيشن تي سائمن ڪميشن جي خلاف "سائمن گوبئڪ" جا نعرا هنيائين. 1933ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ حصو ورتائين.1943ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. 1948ع ۾ هاري ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ سال 1951ع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. 1956ع ۾ عوامي ليگ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. انهيءَ پارٽي ۾ پاڻ مرحوم شيخ مجيب الرحمان جي دؤر ۾ سينئر نائب صدر هو. خود غرض سياستدانن، فرقي پرست ۽ علائقائي تعصب رکندڙن جي غلط رويي ڪري جڏهن بنگال (اوڀر پاڪستان) جدا ٿي پيو، تہ قاضي صاحب جي دل تي انهيءَ حادثي سخت صدمو پهچايو ۽ ان کان پوءِ هو هميشہ لاءِ سياست کان پري رهي، وڪالت جي ڌنڌي سان گڏ علمي ۽ ادبي مشغولين ۾ رڌل رهيو. پاڻ سياسي زندگيءَ دوران ڪيترائي دفعا جيل بہ ويو هو.

قاضي صاحب راڳ ۽ موسيقيءَ جو اعليٰ درجي جو ڄاڻو هو. الهڏنو نوناري سنڌس راڳ جو استاد هو. ان سان گڏوگڏ پاڻ اعليٰ پايي جو نثر نويس ۽ شاعر بہ هو. هن ڪيترائي معياري ڪتاب سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ تصنيف ڪيا آهن. جن مان سنڌس هيٺان ڪتاب ادب ۾ بلند مقام رکن ٿا.

پاويهہ سئو پاويهہ (ناول- 1980ع)- جنسار (ناول- 1954ع)، دردن سندو داستان (شعري مجموعو ٻن ڀاڱن ۾ 1980ع ۽ 1982ع)، سورن سندي سيج، Lateefi Sindh in search of Truth- In search of Truth - ۽ منهنجو سفر (آتم ڪهاڻي 1999ع) وغيره. سنڌس لکڻي سليس، سهڻي ۽ سباجهڙي آهي پاڻ 13 آڪٽوبر 1982ع تي راهہ رباني وٺي ويو.

(ڦ)

ڦوٽو زرداري

ڦوٽو خان ولد شير محمد زرداري اتڪل سن 1956ع ڌاري ڳوٺ عالم خان زرداري لڳ سرهاڙي تعلقي شهدادپور، ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پاڻ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اسٽيج جو مقبول ڳائڻو ٿي گذريو آهي. ڦوٽي زرداري جي ولادت هڪ غريب گهراڻي ۾ ٿي. سندس تعليم معمولي هئي، ننڍپڻ کان ئي سندس دلچسپي راڳ طرف رهي. انهن ڏينهن ۾ مصري فقير سنڌي موسيقيءَ جي دنياتي پوري طرح ڇانئجي چڪو هو. ڦوٽو زرداري ڪانئس متاثر ٿي سندس ڳايل ڪلام دلچسپي سان ٻڌندو هو. پرپاسي ۾ جنهن به محفل ۾ مصري فقير ڳائڻ ايندو هو ته ڦوٽو اچي ڪيس ٻڌندو هو ۽ سندس فني مهارت جو ڳوڙهو اڀياس ڪندو هو ۽ پنهنجي ليکي راتين جون راتيون رياض ڪندو هو. اهو ئي سبب هو جو ڦوٽي زرداري جي ڳائڪي تي آخر تائين مصري فقير جو اثر رهيو، ايتري تائين جو سندس آواز به مصري فقير جي آواز سان ملندو هو. جڏهن ته هو مصري فقير جو باقاعدي شاگرد ڪونه هو. ۽ نه ئي راڳ جي باقاعده تعليم عبد علي فقير کان ورتي هئي.

سندس والدين کيس راڳ ڳائڻ کان روڪيندا هئا. پر ڦوٽو راڳ ۽ آواز جي دنيا ۾ رنگجي ريٽو ٿي ويو هو ۽ وڏن جي روڪ جي پرواهه نه ڪندي رياض جاري رکيو ۽ نيٺ وڃي اعليٰ درجي تي پهتو.

ڦوٽو زرداري هارمونيم تي ڳائيندو هو. راڳ جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ مقبول هو. پاڻ پنهنجي سريلي ۽ سوز واري آواز ۾ ڳائي محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي مدهوش بنائي ڇڏيندو هو ۽ اهي بي خودي واري عالم ۾ جهومڻ لڳندا هئا. سندس ڳائڪي ۽ آواز ۾ ايترو ته اثر هو جو جيڪڏهن ڪنهن سادي سودي شاعري کي به آواز جا روپ ڏيندو هو ته اها پر تاثير بنجي پوندي هئي. پاڻ هلڪي ڦلڪي موسيقي ۾ نيم ڪلاسيڪل رنگ پرڻ جو ماهر هو. ڪڏهن به ڏنن جي چوري نه ڪيائين، هميشه ديسي ڏنن ۾ ڪلام ڳائيندو هو. آسا، ڪاموڏ، تلنگ، ڪوهياري، پيروي، پهاڙي ۽ راڻو راڳڻين تي ڪيس عبور حاصل هو. هن گهڻو ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح، مخدوم طالب المولىٰ، سيد مرتضيٰ ڏاڏهي، پير اعجاز، احمد شاهه، بلها شاهه ۽ ٻين نون پراڻن شاعرن جي شاعري ڳائي. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن کان سواءِ سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ سرڪاري ۽ خانگي محفلن ۾ ڳائي داد حاصل ڪيو. سندس آواز ۾ رڪارڊ ڪيل سوين آڊيو ڪيسٽون مختلف رڪارڊنگ ڪمپنين طرفان رليز ٿيل آهن. جنهن ڪري اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هوٽلن، اوطاقن ۽ گهرن ۾ ڦوٽي زرداري جو سدا حيات آواز گونجندو رهي ٿو.

سنڌ جو هيءُ سريلو فنڪار 16- مارچ 1996ع تي بيوقتائتو لاڏاڻو ڪري ويو.

(ق)

قادر بخش "بشير"

ماستر قادر بخش "بشير" 25- آگسٽ 1896ع تي شڪارپور ۾ ڄائو، پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو صاحب فن شاعر ۽ قابل احترام استاد ٿي گذريو آهي.

ماستر قادر بخش سنڌي فائينل پاس ڪري پرائمري استاد جي حيثيت سان پنهنجي علمي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. ادب سان دلچسپي شروع کان وٺي هوندي هنس. هر ڪانفرنس ۽ مشاعري ۾ شريڪ ٿيندو هو، جلد ئي هڪ نامور اديب ۽ شاعر جي حيثيت ۾ نالو ڪڍيائين. هن شاعري جي مڙني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪلام سليس دلڪش ۽ اصلاحي آهي. هڪ المناڪ حادثي کان متاثر ٿي شاعري ڏي رجوع ٿيو ۽ آخر تائين پنهنجي حسرتن، پريشانين ۽ ناامديدين ڪي شاعري جي رنگين دنيا ۾ وندرائيندو رهيو، عشقيه غزل به چيائين ته مراحيه ڪلام به چيائين، وطني ترانه به ڳايائين ته بي وفا دنيا لاءِ مرثيا به پڙهيائين.

ڪيس عوامي شاعر هجڻ جو درجو حاصل هو، هو پنهنجي همعصر شاعرن ۾ ان ڪري به عزت ۽ آبرو وارو شاعر هو جو ڪيس فني ڄاڻ گهڻي هئي، جيتوڻيڪ سندس ڪلام جو مجموعو سندس زندگيءَ ۾ شايع نه ٿيو پر اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڪافي مواد شايع ٿيل آهي. سنڌ جي سيني رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو هو.

ماستر قادر بخش کي رسالن ۽ اخبارن جي جمع ڪرڻ جو بيحد شوق هوندو هو. الوحيد جا پرچا شروع کان وٺي گڏ ڪيا هئائين.

سنڌ جو هيءُ ساده دل ۽ خاموش طبع شاعر 14 مارچ1954ع تي گذاري ويو، نموني طور سندس شاعري جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

چاريون ۽ ڪپڙ سبز ڏسڻ ۾ ٿا اچن اڄ،
جن ملڪ ڪيو آهه مزبدار ڏسي وڄ.

قادر بخش "ڪاپاري"

مولوي قادر بخش "ڪاپاري" ولد بنگل خان گولو بلوچ سن 1837ع ۾ ڳوٺ صحبت پور ضلعي نصيرآباد (بلوچستان) ۾ ڄائو. پاڻ صوفي شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي.

مولوي قادر بخش گولي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائي. ان کان پوءِ سکر ضلعي جي ڳوٺ رستم ۾ مولوي عبدالستار جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتان دستاربندي ڪري پنهنجي استاد جي حڪم مطابق ڳوٺ عاشق آباد ۾

مدرسو قائم ڪري ديني علم جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. سکھر ۾ ڪيس مجازي عشق جي اھڙي چوٽ لڳي وئي، جو سڀ ڪجھ ڇڏي پورا ست سال جھنگ جھر ۾ ڦرندو رھيو. آخر قلندر لعل شھباز رحہ جي سجاده نشين ميان محمد ڪامل جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندس مريد ٿيو. پوءِ مرشد جي حڪم سان پنج سال قلندر سائين جي در جي مٽي پريندو رھيو، آخر ھڪ ڏينھن جيئن ئي سندس مرشد عبادت ۾ شروع ٿيو تہ مولوي صاحب اوچتو وڃي سندس سامهون بيٺو ۽ ميان محمد ڪامل ڏسي دعا ڏيندي چيس تہ " وڃ بابا وڃي مدرسو وساءِ، الله تنھنجو رھبر آھي" اھڙي طرح مولوي صاحب جي درس وتدريس جو سلسلو وري شروع ٿي ويو. ھاڻي مولوي صاحب مجازي مان پارتي معرفت جي مالھا پوئڻ لڳو.

مولوي صاحب کي ڳائڻ وڄائڻ جو شوق شروع کان ئي ھو. پاڻ جڏھن مدرسي ۾ پڙھندو ھو، تڏھن مدرسي لڳ موالين جي مڪان تي وڃي يڪتاري جي لئي تي مست ٿي جھومندو ھو. وري جي عشق جي چوٽ لڳس تہ شاعر بڻجي پيو. پاڻ جيئن تہ حق جو طالبو ۽ صوفيانہ راھہ جو راھي ھو، تنھنڪري سندس شاعري ۾ بہ زھد تقويٰ جا درس ڏنل آھن. معراج نامو، مولود شريف، ڏوھيڙا ، بيت، ڪافيون ۽ غزل وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ڪلام سنڌي کان سواءِ سرائڪي، فارسي ۽ اردو ۾ بہ چيو اٿس. سڄي ڪلام ۾ الاھي رموز نھايت پرت ۽ پاپوھہ سان بيان ڪيا اٿس. ھن. صوفي درويش جي ڪلام جو ھڪ مجموعو "گلزار ڪاپاري" جي نالي سان منظر عام تي اچي چڪو آھي. جيڪو درگاھہ جي سجاده نشين مولوي احمد خان گولي ترتيب ڏنو آھي.

مولوي قادر بخش "ڪاپاري" گولو سال 1922ع ۾ ھن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس مزار عاشق آباد تعلقي جھت پٽ (بلوچستان) ۾ آھي،جتي ھر سال 25 کان 27 ذوالحج تائين سندس عرس ملھايو ويندو آھي. سندس ڪافي جونمونو ھيٺ ڏجي ٿو.

نت ڪوٽ ۾ ھر گھر نور وسي
جاتي محب منھنجو منظور وسي
جن شڪر ڪيو سي شاد رھن
دوست عاشق جا آباد رھن
سي قھر قيامت کان آزاد رھن
تن تي روز رحمت ضرور وسي.

قادر بخش منو

قادر بخش منو ولد محمد حسن بلوچ ڳوٺ محمد يوسف بلوچ، نانگو لائين ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ نامور مزاحيه فنڪار آهي.

قادر بخش منو فقط پرائمري تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ هن مختلف ڪم ۽ نوڪريون ڪيون. هن وقت اريگيشن فيڊر سب ڊويزن ڪوٽڙي ٽريڪٽر ورڪشاپ ۾ نوڪري ڪري ٿو. پاڻ مزاح جو بي تاج بادشاهه آهي، ۽ ان فن جي حوالي سان هن ڏيهه ٻاهر ۽ ڏيهه ۾ اڻ ڳڻيا پروگرام ڪيا آهن. پاڻ جڏهن اسٽيج تي ايندو آهي ته ماڻهن کي کلائي کلائي پيٽ ۾ سور وجهيو ڇڏي. هو پنهنجي گلي مان مختلف جانورن جون ٻوليون ۽ مختلف ڳائڻ جو آواز هوبهو ڪڍندو آهي ۽ مزاحيه ٽوٽڪا ٻڌائي غمزده ماڻهو کي به کلڻ تي مجبور ڪيو وجهي. پاڻ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي پروگرامن کان سواءِ سرڪاري ۽ نجي محفلن ۾ شرڪت ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو آهي. پاڻ پبلڪ ۾ تمام گهڻو مقبول آهي، مجتاطور ڪيس ڪافي انعام ۽ اعزاز مليل آهن.

قادر مگسي، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر قادر بخش ولد جيئند خان مگسي 25 ڊسمبر 1962ع تي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور قومپرست سياسي ليڊر آهي.

ڊاڪٽر قادر مگسي جو تعلق وچولي طبقي سان آهي. سندس والد پهريان راز ڪو ڪم ڪندو هو ۽ پوءِ سرڪاري ٺيڪيدار ٿيو. قادر مگسي انٽرميڊيٽ تائين تعليم ٺٽي ضلعي مان حاصل ڪئي. ان وقت تائين سياست سان سندس ڪوبه واسطو نه رهيو، ۽ سندس سڄو خيال پڙهائي ۽ راند روند ڏانهن رهيو. پاڻ ڪبڏي، ملهه، ونجهه وٽي، ڪرڪيٽ، فٽ بال، ڪراٽو، ٽيبل ٽينس جون رانديون وڏي چاهه سان کيڏندو هو. 1979ع کان 1981ع تائين جو ڊوڪراٽي سکڻ لاءِ ٺٽي کان ڪراچي ويندو هو ۽ براؤن بيلٽ حاصل ڪيائين.

مگسي صاحب اپريل 1981ع ۾ ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ ايل ايم سي ڄامشورو ۾ داخل ٿيو، جتان ڊاڪٽر سان گڏ هڪ سياستدان پڻ بڻجي نڪتو. هن 1982ع ۾ "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" (جساف) جو ميمبر بڻجي پنهنجي سياسي زندگيءَ جو آغاز 1983ع ۾ ڪيس [redacted] ايل ايم سي جو صدر [redacted] بڻايو ويو، ان حيثيت سان آگسٽ 1983ع ۾ ڪاليج ۾ جنرل باڊي کي خطاب ڪندي پهرين سياسي تقرير ڪيائين، جيڪا جمهوريت جي بحالي واري هلچل جي سلسلي ۾ هئي. سائين جي ايم سيد پاران جيتوڻيڪ "ايم آر ڊي تحريڪ" جي مخالفت ڪئي وئي هئي، پر قادر مگسي پنهنجي

ساٿين سميت انهيءَ تحريڪ ۾ ڀرپور نموني حصو ورتو. 1978ع ۾ هن اسٽڊي سرڪل جو بنياد وڌو جنهن اڳتي هلي 1988ع ۾ ”ترقي پسند ونگ“ جو روپ اختيار ڪيو.

قادر مگسي ۽ سندس ساٿين جو ”جيئي سنڌ محاذ“ جي اڳواڻن سان ڪجهه سياسي مسئلن تي اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري مارچ 1991ع ۾ هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي جدا ”جيئي سنڌ ترقي پسند“ پارٽي ناهي، جنهن جو پاڻ شروع کان چيئرمن آهي. ان کان علاوه 9 نومبر 1998ع تي ڪيس پاڪستان جي جمهوريت پسند ۽ قومپرست پارٽين جي گڏيل اتحاد ”پونم“ جو سنڌ لاءِ ڪنوينر پڻ مقرر ڪيو ويو.

قادر مگسي جي سياست سنڌ ليول جي آهي. هن سنڌ جي حقن لاءِ پنهنجي وس آهر گهڻو پاڻ پتوڙيو آهي. 1988ع ۾ سنڌي مهاجر جهيڙي ۾ هن سورهيه جوان نهايت دليرانه ڪردار ادا ڪيو. ڪالاباغ ڊيم[1] واري مسئلي تي 1998ع واري تحريڪ ۾ هن ڀرپور حصو ورتو ۽ ڪشمور کان ڪراچي تائين لانگ مارچ ڪري پاڪستان جي سرڪاري حلقن ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو. پاڻ ڪيترائي ڀيرا جيل جون سختيون برداشت ڪري چڪو آهي ڪيترن ئي ناهموار رستن تان گذري چڪو آهي. سندس جدوجهد جاري ساري آهي، ايڪيهين صدي جو سنڌي ماڻهو هن نوجوان قيادت ۾ وڏيون اميدون رکي ٿو. خدا ڪري هو انهن تي پورو لهي، پنهنجو قومي فرض نڀائي ۽ سچي محب وطن هجڻ جو عملي ثبوت ڏئي.

قائم علي شاهه

سيد قائم علي شاهه 13 سيپٽمبر 1933ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيت آهي.

---

(1) بجلي جي پيداوار وڌائڻ، آبپاشيءَ لاءِ پاڻيءَ جو ذخيرو قائم ڪرڻ ۽ ٻوڏن کي روڪڻ جي مقصد لاءِ سنڌو درياهه تي پنجاب جي شهر ڪالاباغ وٽ هڪ ڊيم ٺاهڻ جي رٿا 1953ع کان پاڪستان سرڪار جي زير غور هئي، آخر 1987ع ۾ رٿا جي رپورٽ مڪمل ڪري منظوري لاءِ حڪومت کي پيش ڪئي وئي، جنهن سان ننڍين صوبن خاص ڪري سنڌ ۾ وڏي بيچيني ڦهلجي وئي. ڇو جو ان ڊيم ٺهڻ سان هڪ ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي سخت ڪوٽ پيدا ٿيندي ٻيو ته سنڌو ڊيلٽا ۾ پاڻي ۽ لٽ نه پهچڻ ڪري ماحولياتي تبديليون ظاهر ٿينديون جن جا سنڌ تي خراب اثر پوندا. ان ڪري سنڌ جي ماڻهن ڪالاباغ ڊيم کي زندگي ۽ موت جو مسئلو سمجهي ان جي سخت مخالفت ڪري رهيو آهي. ٻئي پاسي پنجاب جا ماڻهو ڊيم جي ڀرپور حمايت ڪري رهيا آهن، جو ان سان پنجاب جي زرعي ۽ بجلي جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو، هن ڊيم جو تعميراتي ڪم مختلف دورن ۾ ٻه ٽي ڀيرا شروع به ٿيو، پر وري سنڌ صوبي جي عوامي دٻاءَ سبب حڪومت کي اهو ڪم روڪڻو پيو ۽ اڃا تائين اهو مسئلو متنازعه بڻيل آهي.

سيد قائم علي شاهہ مشترڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان، بي اي، ايس ايم ڪاليج ڪراچي مان ايل ايل بي جو امتحان ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ 1957ع کان خيرپور ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. ساڳئي سال ۾ هن "خدمت خلق" نالي هڪ سماجي تنظيم قائم ڪئي، جنهن جو پاڻ صدر ٿي رهيو. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان عوام جي فلاح وبهبود لاءِ ڪيترائي ڪم ڪيائين. 1958ع ۾ خيرپور ۾ پنهنجي ڪوشش ۽ دوستن جي مدد سان هڪ ڪلب "پائينر ڪلب" قائم ڪيائين، جنهن جو مقصد غريب عوام جي خدمت ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ هو. جنهن مان عوام کي تمام گهڻو فائدو پهتو ۽ پنهنجي علائقي ۾ سندس شهرت ٿي. سندس سماجي خدمتن کي مدنظر رکندي جناب ذوالفقار علي ڀٽي 1970ع جي اليڪشن ۾ کيس پنهنجي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ ڏني ۽ پاڻ ان اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيو. عوامي حڪومت ۾ کيس پهريان سنڌ جي وزارت ۾ سينيئر وزير مقرر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ کيس وفاقي وزير صنعت ۽ ڪشمير مقرر ڪيو ويو. ان دوران خيرپور ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرائڻ سندس اهم ڪارنامو آهي، جنهن جو سنگ بنياد شاهہ صاحب پنهنجي هٿن سان 27 مئي 1976ع تي رکيو. (1)

1977ع ۾ ملڪ ۾ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٻين اڳواڻن سان گڏ قائم علي شاهہ پڻ جنرل ضياءُ جي قهري ڪاروائين جو نشانو بڻيو رهيو. 1988ع ۾ پاڪستاني سياست جو وايو منڊل تبديل ٿيو. ڊگهي عرصي بعد ملڪ ۾ سياسي بنياد تي اليڪشن ڪرائي وئي. شاهہ صاحب ان اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کيس سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ۽ هن 2 ڊسمبر 1988ع تي انهيءَ عهدي جو حلف کنيو، ليڪن بدقسمتيءَ سان سندس دؤر ۾ سنڌ اندر بدامني عروج تي رهي. خاص ڪري ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي، مهاجر جهيڙن ۾ ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿي ويون ۽ ڪيترائي گهر اجڙي ويا. آخر ان وقت جي وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو کيس وٽهو وزارت وارو عهدو ڇڏڻ لاءِ چيو، جنهن ڪري 25 فيبروري 1990ع تي هن وزير اعليٰ سنڌ جي عهدي تان استيفا ڏئي ڇڏي.

---

(1)- خيرپور ريڊيو اسٽيشن جو ڪم 1976ع ۾ شروع ٿيو ليڪن 1977ع ۾ عوامي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ ان جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو آخر 21- مارچ 1983ع تي ريڊيو پاڪستان خيرپور جي نشريات ضلع ڪائونسل خيرپور جي عمارت ۾ قائم ڪيل عارضي براڊ ڪاسٽنگ هائوس مان شروع ٿي موجوده عمارت مان نشريات جو آغاز 7- مئي 1986ع تي ٿيو. جنهن جو افتتاح وقتي وزير اعظم محمد خان جوڻيجي ڪيو.

1993ع واري بينظير گورنمينٽ ۾ پاڻ سرڪاري عهدن کان پري رهي، پاڪستان پيپلز پارٽي صوبي سنڌ جي صدر جي حيثيت سان صرف تنظيمي ڪم اڪلائيندو رهيو. ياد رهي ته پاڻ پيٽي صاحب جي وقت ۾ پڻ پارٽي جو صوبائي صدر ٿي رهيو هو.

قبول محمد (ثاني) درازي

سخي قبول محمد (ثاني) ولد خواجه نجم الدين 27 آگسٽ 1842ع تي درازن ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جليل القدر صوفي بزرگ ۽ سچل سائين جي درگاهه جو پنجون نمبر سجاده نشين ٿي گذريو آهي.

سخي قبول محمد سنڌي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم راڻي پور ۾ پنهنجي عزيز مولوي عبدالقادر کان حاصل ڪئي. پاڻ اڃا يارهن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن ڪري سچل جي درگاهه جي ذميواري کيس سونپي وئي. پوءِ نه پڙهڻ ڇڏي رات ڏينهن خدا جي ذڪر ۽ اذڪار ۾ رڌل رهيو. خداوند ڪريم سندس درجو بلند ڪيو هو. جنهن ڪري پرهيزگاريءَ سببان سنت ٿي بزرگيءَ کي وڃي رسيو. ڪيترائي سندس فيض مان مستفيض ٿيا. پاڻ شريعت جو پابند ۽ هر ڪنهن کي حق سچ منهن تي چوڻ وارو هو. حلال رزق ڪمائيندو هو ۽ هميشه پنهنجي طالبن کي حرام کان منع ڪندو هو.

شهنشاهه عشق حضرت سچل سرمست رحه جي صوفيانه تعليمات کي فروغ ڏيڻ ۾ هن ڪابه ڪسر ڪان ڇڏي. وٽس هر مذهب ۽ طبقي جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ ايندا هئا.

هيءُ نوراني چهري وارو بزرگ مٿي تي سائي دستار ٻڌندو هو، سفيد چاپهين ڏاڙهي ۽ اکيون بادامي هونديون هئس، سندس دعا مستجاب هوندي هئي. اڪثر ڪري دعا جي وقت مٿي آسمان طرف نهاريندو هو. سندس سخاوت مشهور هئي.

سخي قبول محمد (ثاني) درازي 15 جون 1925ع تي وفات ڪئي. سندس مزار سچل جي روضي ۾ اندر آهي.

قربان علي بيگ، مرزا

مرزا قربان علي تخلص "قربان" ولد مرزا قاسم علي بيگ سن 1872ع ڌاري ٽنڊو آغا، حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو اديب، شاعر، خوش خط، مرثيه خوان ۽ ذاڪر ٿي گذريو آهي.

مرزا قربان علي ابتدائي تعليم آخوند علي محمد جي مدرسي مان حاصل ڪئي، ۽ پوءِ روينيو کاتي ۾ ملازمت شروع ڪئي، جتان بعد ۾

هزهائينس مير حاجي نور محمد خان ٽالپر استعيفا ڏياري ڪيس پاڻ وٽ ڪاتب ڪري رکيو هو.

مرزا صاحب عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مولانا ابوالقاسم لکنويءَ کان حاصل ڪئي، جيڪو انهن ڏينهن ۾ مرزا فتح علي بيگ وٽ سندس امام بارگاهه علي آباد ٽنڊو آغا ۾ رهندو هو. ان کان پوءِ ساڳئي امام بارگاهه ۾ مولانا ابوالحسن لکنوي رهڻ لڳو، مرزا صاحب ان کان علم عروض، ابجد جو علم، فن ڪتابت ۽ فن خطابت سکيو.

مرزا قربان علي پنهنجي بزرگن جي نقش قدم هلندي، فن شاعري ۾ به قدم رکيو ۽ تمام گهڻي محنت ڪري پنهنجي ڪلام جو مجموعو "رياض قربان" جي نالي سان لکيو، جنهن ۾ حمد، نعت، قصيده، مناجات، منقبت، سلام، غزل، قطعه، رباعيون، مثنوي ۽ مرثيه جي صنفن تي طبع آزمائي ٿيل آهي. هن نظم کان سواءِ نثر ۾ به طبع آزمائي ڪئي. وقت بوقت سندس مذهبي مضمون رسالي "صراط المستقيم" ۾ ڇپبا هئا. ان کان سواءِ به ڪتاب "سرورالمومنين" ۽ "اصلاح خيال" سندس لکيل آهن.

مرزا صاحب جيئن ته فارسي علم جو وڏو ڄاڻو هو ۽ چوٽيءَ جو خوش نويس به هو. جڏهن مير نور محمد خان ٽالپر کي ايران، عراق ۽ هندستان جي عالمن ۽ بزرگن سان خطو ڪتابت جاري رکڻ لاءِ ڪنهن ماهر جي ضرورت پئي ته هن مرزا قربان علي بيگ جو انتخاب ڪري کيس پاڻ وٽ ملازمت ۾ رکيو، ان دوران مرزا صاحب ڪيترائي ڪتاب خوش خطي ۾ ڪاتب جي حيثيت سان لکيا.

مرزا قربان پنهنجي پيءُ مرزا امام علي بيگ سان گڏ پر سوز انداز ۾ مرثيا به پڙهندو هو. پاڻ بهترين مقرر به هو ۽ سنڌي، اردو ۽ پنجابي زبانن ۾ مجلسون پڙهندو هو. سندس تقرير تي سندس حريف به کيس داد ڏيندا هئا. پاڻ صوم و صلاوت جو پابند، صابر، سخي، صاف دل، صاف گو، صداقت پسند ۽ بااصول انسان هو.

مرزا قربان علي بيگ 12 مئي 1932ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏ سندا.

اگر مهربان جانِ جانان ٿي وڃي، ته سامان راحت عيان ٿي وڃي. يقين آهه پنتي نه هٿندو قدم، سرِ عام جي امتحان ٿي وڃي.

قربان علي جهتيال

ڊاڪٽر قربان علي ولد احمد خان جهتيال 1956ع ۾ ڳوٺ ڪمال خان جهتيال ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ ريڊيو جو معروف لسنر ۽ نئين ٿهي جو سٺو ليکڪ آهي.

ڊاڪٽر قربان علي جهتيال جي تعليم ايم بي بي ايس، آر ايم پي آهي. پاڻ هن وقت مستقل طور شهر ڦلجي اسٽيشن ۾ سڪونت پذير آهي، جتي "رضوان ڪلينڪ" نالي پنهنجي ذاتي اسپتال هلائي رهيو آهي.

سنڌ ۾ اهڙن ماڻهن جو چڱو خاصو تعداد موجود آهي، جيڪي ريڊيو پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي مختلف ريڊيو اسٽيشنن تان نشر ٿيندڙ فرمائشي، معلوماتي، ادبي، زرعي ۽ تفريحي وغيره پروگرام پابندي سان ٻڌن ٿا ۽ انهن ۾ خط لکي شامل ٿين ٿا. منهنجي خيال ۾ ته اهڙن شوقينن جو تعداد دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌ ۾ ئي ٿيندو. انهن شوقينن ۾ ڊاڪٽر قربان علي جهتيال جو نالو سر فهرست آهي، جنهن نه ڇڏي آهي ڪا اهڙي ريڊيو اسٽيشن جتان سنڌس نالو نشر نه ٿيندو هجي.

ڊاڪٽر صاحب پاڪستان جي ته مڙني ريڊيو اسٽيشنن تي لکندو آهي، پر آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس کان علاوه دنيا جي هر انهيءَ ريڊيو اسٽيشن تي لکندو آهي، جتان اردو نشريات هلي ٿي ۽ اها سنڌ ۾ ٻڌجي ٿي. گويا ريڊيو جي حوالي سان کيس عالمي شهرت حاصل آهي.

ڊاڪٽر صاحب ريڊيو سان دلچسپي رکندڙن لاءِ ڦلجي مان "ريڊيو پبليڪيشن" نالي هڪ اشاعتي سلسلو پڻ شروع ڪيو آهي جنهن جو پاڻ ايڊيٽر آهي. 1995ع کان وٺي هيل تائين هن سلسلي جون ٻارهن ڪڙيون شايع ٿي چڪيون آهن. تنهن کان سواءِ هن 8 جنوري1997ع تي ريڊيو جي شوقينن جي هڪ تنظيم "ريڊيو لسنرز معلوماتي انجمن" جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ صدر آهي. پاڻ هر سال ڦلجي ۾ ريڊيو جي شوقينن، پروڊيوسرن، اناؤنسرن ۽ فنڪارن جو ميڙاڪو به سڏائيندو آهي، جنهن ۾ ڪين مجتنا طور بهترين ڪارڪردگيءَ جا ايوارڊ، انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ڏيندو آهي.

ان کان علاوه ڊاڪٽر قربان علي جهتيال شاعري به ڪئي آهي ته مضمون، ڪهاڻيون، ڪالم وغيره به لکيا اٿس، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن. پاڻ سنڌي ادبي سنگت، سگا ۽ ٻين ادبي توڙي سماجي تنظيمن سان پڻ لاڳاپيل آهي، سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اڄ مان توکي ساري وينس لڙڪن کي پيي هاري وينس
الڪا پنهنجي پليم سارا لالڻ تنهنجي لاري وينس
پٿرن کي مون ارپي جذبا جذبن کي ڇو ماري وينس
ڪيڏي سڪ مان گهر جي پٽ تي ڏيئا هن لاءِ ٻاري وينس

قليچ بيگ، مرزا

"شمس العلماءُ" مرزا قليچ بيگ ولد مرزا فريد ون بيگ 7 آڪٽوبر 1853ع تي ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ادب جو سچو خدمتگار، چوٽي جو نثر نويس ۽ اعليٰ پايي جو شاعر هو.

مرزا قليچ بيگ جو والد اصل ۾ جار جيا جو هو[1] جيڪو پوءِ قسمت جي رولا ڪڙي ڪري اچي سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيو ۽ انکي پنهنجو وطن بڻايائين ڪيس ست پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون، قليچ بيگ انهن ۾ ٽيون نمبر هو.

مرزا قليچ بيگ ابتدائي تعليم خانگي مڪتب ۾ آخوند شفيع محمد وٽ حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي سنڌيءَ سان گڏ فارسي، عربي ۽ انگريزي تعليم ساڳئي وقت وٺندو رهيو. 1865ع ۾ اينگلوورنيڪيولر اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿيو جتي ڇهه درجا انگريزي پڙهڻ بعد 1872ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پرشن ٽيچر طور مقرر ٿيو. ساڳئي سال ۾ مئٽرڪ جو امتحان به پاس ڪري ورتائين. 1873ع ۾ بمبئي هليو ويو جتي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. پاڻ جڏهن بي اي جي آخري سال ۾ پهتو ته سندس والده به فوت ٿي وئي ۽ پاڻ به بيمار رهڻ لڳو، ان پريشاني واري عالم ۾ بي اي جو امتحان نه پاس نه ڪري سگهيو ۽ 1876ع ۾ واپس ٿيو، ليڪن اتي ڪيس ٻه شيون اهڙيون مليون جن سندس ڪردار ٺاهڻ ۾ وڏو پارٽ ادا ڪيو. هڪ پروفيسر حيرت جهڙو قابل استاد ۽ ٻيو ڪاليج جو رنگ برنگي ماحول، پروفيسر حيرت ڪيس شاگرد بجاءِ پٽ وانگر ڀائيندو هو.قليچ فارسي ۽ عربي ٻوليون ته اڳئي ڄاڻندو هو پروفيسر حيرت ڪيس انهن ٻولين جي علمي ڪتابن جو مطالعو ڪرايو، شعروشاعري جو وڌيڪ شوق ڏياريوءِ همت افزائي ڪئي ۽ ترڪي زبان پڻ سيکاريائينس.

پروفيسر حيرت ئي پهريون ڀيرو ڪيس قليچ بيگ جي نالي سان سڏيو، جڏهن ته سندس ٻانگ جو نالو "قليچ خان" رکيو ويو هو، ترڪي زبان ۾ "قليچ" لفظ جي معنيٰ آهي تلوار.

(1) مرزا قليچ بيگ جو والد جارجياجي گاديءَ واري شهر تفلس جي پر ۾ "سڪر" نالي شهر ۾ 1790 ۾ ڄائو. پاڻ عيسائن جي امير گهراڻي مان هو نالو سٽني هنس، ڪنهن جنگ ۾ گرفتار ٿي ايران پهتو، جتان ڏهن سالن جي عمر ۾ ايراني حڪومت ڪيس هڪ وڪيل جي معرفت سنڌ ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپر ڏانهن تحفو ڪري موڪليو. پاڻ پوءِ مسلمان ٿيو ۽ اسلامي نالي فريدون بيگ سان سڏجڻ لڳو. هن شادي پنهنجي هڪ هم وطن مرزا خسرو بيگ جي نياڻيءَ سان ڪئي، جيڪو پڻ جارجيا مان جنگين جي زماني ۾ گرفتار ٿي طهران پهتو جتان هڪ ٻئي وڪيل جي هٿان مير ڪرم علي خان کي موڪليو ويو ۽مير صاحب جو پٽيلو هو. هي ٻئي ڄڻا ميرائي دربار ۾ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندا هئا. ايران ۾ لکڻ پڙهڻ جي ڪم ڪرڻ واري کي مرزا (ميرزا) چئبو آهي. ان ڪري هنن ٻنهي کي به مرزا لقب پئجي ويو، جيڪو بعد ۾ سندن ذات ٿي سڏجڻ لڳو.

ڪاليج ۾ مختلف ٻولين، قومن ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ شاگرد پڙهندا هئا، انهن جي رهڻي ڪهڻي، ٻولي، مذهب ۽ ريتن رسمن جي خوب ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ انهن جي سنگت ۾ رهڻ ڪري هن جي دل مذهبي تعصب جي اثر کان پاڪ رهي، هو صوفي منش ٿي پيو مڙني مذهبن، قومن ۽ نسلن جو احترام ڪرڻ سکيو.

مرزا قليچ بيگ وطن ۾ واپس پهچڻ بعد صحت کي سڌارڻ لاءِ ڪجهه آرام ڪيو ۽پوءِ روزگار خاطر نوڪري ۾ گهڙيو. دوستن جي چوڻ تي پهريان ڪراچي هاءِ اسڪول ۾ 1878ع ۾ پرشن ٽيچر ٿيو، پر ڪيس روينيو ڪاتي ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هو ان ڪري هو سرڪاري اجازت سان مختلف آفيسن ۾ وڃي خزاني توڙي ڏوهن جي متعلق لکپڙهه ڏسندو رهيو ۽ قانون جا ڪتاب پڙهندو رهيو، آخر 1879ع ۾ مئجسٽريٽ ٿيڻ لاءِ امتحان ڏنائين، جنهن ۾ سموري سنڌ مان هيءُ اڪيلو پاس ٿيو.1880ع ۾ پهريان ڪيس روينيو ڪاتي ۾ هيڊ منشي مقرر ڪيو ويو ۽پوءِ 1882ع ۾ ميهڙ تعلقي جو مختيارڪار ٿيو مختلف تعلقن ۾ مختيارڪار رهندي 1891ع ۾ ڊپارٽمنٽل امتحان پاس ڪرڻ بعد ساڳئي سال شڪارپور ۾ سٽي مئجسٽريٽ ۽ ائڪٽنگ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو ۽ پوءِ جدا جدا جاين تي ڊپٽي ڪليڪٽر رهي1910ع ۾ پينشن تي لٿو. انهيءَ عرصي اندر سندس سٺي ڪارڪردگيءَ ڪري ڪيس حڪومت وٽان ڪيئي آفرين نامه، انعام ۽ تمغا ملي چڪا هئا ۽ عام ماڻهن ۾ ايڏو مقبول ٿي ويو هو جو سڄي سنڌ ۾ سندس نالو مشهور ٿي چڪو هو.

ادبي حوالي سان سنڌي زبان تي مرزا صاحب جو وڏو احسان آهي، جنهن رات ڏينهن هڪ ڪري ڪيترائي ڪتاب لکي، سنڌي ادب ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. هن رڳو سنڌي زبان ۾ 385 ڪتاب لکيا. اها سنڌي ادب ۾ آيل وڏي ۾ وڏي اٿل آهي. انهن ڪتابن مان ڪي نثر ۾ آهن ته ڪي نظم ۾، ڪي ڪتاب سندس حياتيءَ ۾ ڇپيا، ڪي بعد ۾ ڇپيا، پر ڪيترا ڇپجڻ کان رهجي به ويا، جيڪي سندس پونيرن وٽ اڄا تائين قلمي صورت ۾ موجود آهن. سندس لکيل ڪتابن مان ڪي ڪتاب انگريزي، فارسي، عربي ۽ اردو تان ترجمو ٿيل آهن ۽ ڪي سندس پنهنجا طبعزاد آهن. هن نت نرالن موضوعن تي ٻين ٻولين مان ترجما ڪري سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال بڻايو. هن شعر ۽ ادب تي به ڪتاب لکيا ته اقتصاد ۽ باغباني جهڙن خشڪ موضوعن کي به نه وساريو. ناٽڪ ۽ قصا به لکيائين، تعليم ۽ ننڍن ٻارن لاءِ به ڪتاب لکيائين، سنڌي الف ب نهڻ کان پوءِ جيتوڻيڪ ڪيترن ئي مختلف عالمن ۽ ماهرن چڱي طرح پاڻ پتوڙيو، پر مرزا صاحب سڀني کان گوءِ کٽي ويو. مرزا صاحب اهو يگانو عالم ۽ مصنف هو،

جنهن نہ رڳو موجوده سنڌي ادب جي عمارت جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ۽ ان کي موجوده ادبي روايتن جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو، پر هن معمار بڻجي هڪ عاليشان، خوبصورت ۽ جديد عمارت ٺاهي راس ڪئي، جنهن جي چوگرد اڄوڪا پيا مصنف هلندا رهن ٿا. هن هر صنف تي لکيو، ڪيترين صنفن جو تہ هو باني هو. جهڙوڪ، ناول، سوانح نگاري، تنقيد نگاري، مضمون نگاري وغيره. هيءَ پهريون ئي شخص هو جنهن انهن صنفن جو سنڌيءَ ۾ تعارف ڪرايو.

مرزا صاحب هڪ ئي وقت چار چار ڪتاب لکندو هو، پاڻ ڏينهن ۽ رات جو ڪجهہ حصو عبادت ۾ گذاريندو هو باقي سموري وقت ۾ ڪتاب لکندو هو، هن پنهنجي ڳوٺ واري باغ ۾ املداس جي وڻ تي هڪ پيهو ٺهرايو هو، گهران نڪري وڃي اتي ويهندو هو، جتي تنهائي ۾ سارو وقت وينو لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو هو.

جڳ مشهور عالم، اديب، محقق ۽ تاريخدان سيد حسام الدين شاهہ راشدي مرزا صاحب جي ڪل لکيل ڪتابن جو تعداد 457 ۽ انهن سيني ڪتابن جي صفحن جو تعداد 27458 ڄاڻايو آهي. انهن ڪتابن ۾ سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي، اردو ۽ بلوچي زبانن ۾ لکيل ڪتاب شامل آهن.

مرزا صاحب کي، سندس ڪيل ادبي ۽ سماجي خدمتن جي مَوٽ ۾ سرڪار طرفان مختلف طور 1906ع ۾ "قيصر هند" جو بلو، 1924ع ۾ "شمس العلماءُ" جو خطاب ۽ "خانبهادر" جو لقب عطا ٿيو. جڏهن تہ عام ماڻهو کيس "سنڌي ادب جو ابو" ۽ "سنڌ جو شيڪسپيئر" جي لقبن سان پڻ ياد ڪندا آهن.

مرزا قليچ بيگ بهترين شاعر پڻ هو، سندس شاعري نهايت دلنشين، نصيحت ڀري ۽ علم عروض مطابق آهي.

مرزا صاحب جا ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپيل آهن، جن جي مختصر جهلڪ هيٺ ڏجي ٿي.

ناول: دلارام (1888ع، هي سنڌي زبان ۾ لکيل پهريون طبعزاد ناول آهي)، زينت (1890ع)، حاجي بابا اصفهاني (ترجمو1911ع)، راحيل (ترجمو 1914ع)، سندباد جهازي (ترجمو 1922ع).

ڊراما: ليليٰ مجنون (1880ع) هي سنڌي ۾ لکيل اوائلي ڊرامن مان آهي)، خورشيد (1885ع)، شاهہ ايليا (1900ع)، گل بڪاولي، نور جهان، نادر بادشاهہ، انڪرائري آفيسر.

افسانو: دلپسند قصا (1890ع)، شيطان جي ناني، دل جو آرام ۽ عجيب دوا (1914ع)، دل وندرائيندڙ ڳالهيون، هندستان جون ديسي آکاڻيون(1919ع).

مضمون: مقالات (1899ع) ، سنڌي زبان ۾ مضمونن جو هي اهڙو پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ سمورا مضمون هڪ ئي مصنف جا هجن) ڏاڙهياري جبل جو سير (1941ع)، خوديا وري (1901ع)

عورتن لاءِ: اخلاق النساء، هدايت النساء، صحت النساء، تحفة النسوان.

تنقيد نگاري: انشاءِ سنڌي، علم ادب (1913ع)، علم بديع (1920ع).

تاريخ: تاريخ محمدي، قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو(1925ع)، تاريخ خيرپور، تاريخ سنڌ، دنيا جي مختصر تاريخ.

لطيفيات: شاهه جو رسالو (ترتيب 1913ع)، لطيفي لات (1912ع)، احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1897ع)، شاهه جي رسالي جي ڪنجي (1918ع)، لغات لطيفي (1914ع).

مختلف موضوع: خصائص القرآن، تحفته السالڪين، اسلام جا ٽيهتر فرقا، خطبا، ڪيميائي سعادت، چيني ماڻهو، حالات الاوليا، زاد الآخرت، مجالس الشهداءِ، رسالھ ڪريمي، ثابت علي شاهه شاعر جو احوال ۽ مرثيا، مصرنامو، سائو پن يا ڪارو پنو (آتم ڪهاڻي) وغيره.

واضح رهي تہ متي ڄاڻايل ڪتابن کان سواءِ ٻيا بہ سندس ڪيترائي ڪتاب مختلف موضوعن تي مختلف ٻولين ۾ ڇپيل آهن.

سنڌ جو هيءُ سپوت 3 جولاءِ 1929ع تي رات جو ٻارهين وڳي دارالفنا کان دارالبقا طرف روانو ٿي ويو. هن پنهنجي قبر ۽ ڪفن زندگيءَ ۾ ئي جوڙائي ڇڏيا هئا. کيس ڳوٺ جي ويجهو بلند شاهه جي مقام ۾ دفنايو ويو.

مرزا قليچ بيگ ٽي شاديون ھڪبئي جي وفات ڪرڻ بعد ڪيون هيون. کيس انهن مان ٻارهن پٽ ۽ ٽي نياڻيون پيدا ٿيون. سندس احوال جي پڄاڻي سندس هيٺين شعر سان ڪجي ٿي.

> آخر ملي تہ رب ملھ،جي ٻيو مليو تہ ڇا ٿيو
>
> دنيا ۽ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو.

قمر شهباز

قمر شهباز جو اصل نالو قمرالدين ولد محمد مقبول ٻگهيو آهي. سندس ولادت 13 اپريل 1938ع تي نواب شاهه ۾ ٿي. پاڻ ناميارو اديب ۽ شاعرآهي.

قمر شهباز پرائمري کان بي اي تائين نواب شاهه ۾ پڙهيو. هن 1955ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1959ع ۾ بي اي پاس ڪئي، ۽ پوءِ 1962ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪري ساڳئي سال ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. مختلف ڪاليجن ۾ ليڪچرار رهڻ کان پوءِ 1965ع کان 1972ع تائين

ڊگري ڪاليج ڪنڌڪوٽ جو پرنسپال ٿي رهيو. انڪان پوءِ مقابلي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ پهريان پاڪستان ائيرفورس ۾ پائلٽ آفيسر مقرر ٿيو، بعد ۾ پي اين ايس سي، وزارت صحت ايڪسپورٽ پروموشن بيورو، ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ۾ نوڪريون ڪرڻ کان پوءِ سن 1985ع کان گيهه ڪارپوريشن آف پاڪستان ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو جتان آخر رٽائر ڪيائين.

قمر شهباز کي لکڻ جو شوق اسڪول جي ابتدائي زماني کان ئي هو. استادن ۽ شاگردن بابت مختلف طنزيه لکڻين ۽ ڪارٽونن تي مشتمل هڪ هفتيوار رسالو قمر شهباز پاڻ لکي اسڪولن جي دوستن ۾ ورهائيندو هو. اهڙي ريت دلچسپي ۽ شرارتي لکڻين سان قمر شهباز لکڻ جي ابتدا ڪئي، 1954ع کان 1955ع تائين نواب شاهه مان "ادا" نالي رسالو جاري ڪيائين.

قمر شهباز جي ادبي اوسر ۾ سنڌي ادبي سنگت نواب شاهه جي تنقيدي ميڙن اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪيس وڏيڪ متعارف ڪرائڻ ۾ روح رهاڻ، مهراڻ، سهڻي ۽ نيئن زندگي رسالن جو به حصو آهي، جن ۾ سندس لکڻيون نمايان ۽ اهميت سان شايع ٿيون. جذبي جي سچائي ۽ مسلسل لکڻ سبب هن جلدئي ادب ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ورتي.

قمر شهباز افسانې ۽ شاعري ۾ هڪ جيتري مڃتا ڪرائي آهي. ٽيليويزن ۽ ريڊيو لاءِ ڊراما به لکيا اٿس، جيڪي پڻ گهڻو مقبول ٿيا. ڊرامن لکڻ سان گڏ ڊرامن ۾ صداڪار جي حيثيت سان حصو وٺڻ سندس دلي شوق رهيو. سندس آواز رعب وارو آهي، جنهن ڪري ڊرامن ۾ ادا ڪيل سندس ڊائلاگ گهڻو متاثر ڪندڙ آهن. ريڊيو لاءِ لکيل سندس ڊرامن مان واچوڙن ۾ لاٽ، ڪاري، قرض مرض فرض، رشتا، ۽ تنهنجون ڳالهيون، ۽ ٽيليويزن لاءِ لکيل ڊرامن مان راهون جدا جدا، واريءَ سندو ڪوٽ، ۽ شڪست نهايت مقبول ڊراما آهن. ان کان سواءِ هن اسٽيج ڊراما، مضمون، ڪالم، ڊاڪيومينٽري فلمون ۽ مزاحيه ڪالم وغيره وڏي تعداد ۾ لکيا آهن. پاڻ هڪ ڊاڪيومينٽري فلم تي هڪ عالمي ايوارڊ پڻ حاصل ڪري چڪو آهي. هن ڪجهه وقت جيل جون سختيون به ڏٺيون.

قمر شهباز جي شاعري جو مجموعو "چنڊ رهين ٿو دور" ڪهاڻين جا مجموعا "انون گهر"، "قمر شهباز جون ڪهاڻيون" ۽ "ضمير جو موت" ۽ ريڊيو، ٽي وي جي ڊرامن جو مجموعو "واچوڙن ۾ لاٽ" شايع ٿيل آهن. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

آءُ گهڙي پل ويهه تہ منجهن گهرا گهرا گهاءُ
پهر پهر کي پنهنجا ڏڪڙا پلڪن کي پيڇتاءُ.

قيصر خان بوزدار، سردار

سردار قيصر خان ولد سردار غلام محمد خان بوزدار ڊسمبر 1890ع ڌاري ميرپور ماٿيلي ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بوزدار قوم جو ڏهڏيي وارو سردار ۽ سنڌ جو مکيه زميندار ٿي گذريو آهي.

سردار قيصر خان ستين درجي سنڌي تائين تعليم حاصل ڪئي، پوءِ ڪجهه فارسي به پڙهيو. سندس والد جي وفات کانپوءِ راڄ کيس سرداريءَ جي پڳ ٻڌرائي. ان کان پوءِ هن ملڪيت کي وڌائڻ ۽ زمينداري کي سڌارڻ شروع ڪيو، ۽ ٿوري وقت ۾ ڪافي ملڪيت ۽ وڏي زميندار جو مالڪ بڻجي ويو.

سردار صاحب ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ سکر جو ميمبر، بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ۽ 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر پڻ رهي چڪو هو. سرڪاري آفيسرن سان سندس سٺا تعلقات رهندا هئا. پاڻ وقت سر راڄن کي ڪم اچڻ وارو ماڻهو هو. نهايت سخي مرد هو، غريبن جو يار هو، لڇن لوفرن سان اصل ڪونه پوندي هئس. خلق جي خدمت پنهنجو فرض سمجهندو هو، جنهن ڪري سن 1922ع ۾ کيس "خانصاحب" ۽ 1930ع ۾ "خانبهادر" جو خطاب مليو ۽ 1941ع ۾ "سردار بهادر" ٿي ويو. پاڻ 1925ع کان 1937ع تائين سرڪار طرفان آنرري مئجسٽريٽ ٿي رهيو. ان ڪري پولس ۾ اثر، ملڪ ۾ رعب ۽ بدمعاشن تي دڙڪو رهندو هوس، سندس ڪوشش سان ميرپور ماٿيلي ۾ انگريزي هاءِ اسڪول قائم ٿيو. جنهن لاءِ ساڍا ڇهه ايڪڙ زمين ۽ ڪوهه پنهنجي طرفان ڏنائين.

سردار صاحب پير محبوب شاهه گهوٽڪيءَ واري جو مريد هو ۽ پڇاڙي تائين انهيءَ گهر سان عقيدت رکندو آيو. 1948ع ۾ باعيال حج ڪري آيو. پاڻ اڪثر درگاهن ۽ بزرگن جي مزارن تي زيارت لاءِ ويندو هو.

سردار قيصر خان بوزدار 29 آگسٽ1952ع تي وفات ڪئي.

قيصر خان چانڊيو

رئيس قيصر خان ولد جان محمد چانڊيو سن1933ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ شادي خان چانڊيو تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. پاڻ ضلعي نواب شاهه جي اهم سياسي ۽ سماجي شخصيت آهي.

رئيس قيصر خان جو تعلق هڪ معزز ۽ زميندار گهراڻي سان آهي. پاڻ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ زميندار پيشي ۾ پنهنجي والد جي مدد ڪرڻ لڳو ۽ گڏوگڏ سياسي ۽ سماجي خدمتن ۾ پڻ حصو وٺڻ لڳو. محنت، نيڪ جذبي ۽ خداداد صلاحيتن هئڻ ڪري سڪرنڊ سنڌس نالو علائقي ۾ مشهور ٿيو.

قيصر خان چانڊيو ڪوڙ سارين خوبين جو مجسمو آهي، پاڻ صوفي منش، حليم ۽ سادي طبيعت رکندڙ نيڪ مرد، هڪ سخنو، يارويس، سخي مرد، رڄ چڱو مڙس ۽ اڻ وڪڻندڙ سياسي ۽ سماجي شخصيت آهي. سندس شمار ضلعي نواب شاهه جي وڏن زميندارن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ ضلع ڪائونسل نواب شاهه جو ميمبر رهي چڪو آهي. هن "چانڊيا وليجز ايڊڪوآپريٽو" نالي هڪ نجي بيئنڪ قائم ڪئي هئي. جيڪا ڪيترائي سال سندس چيئرمين شپ هيٺ ڪم ڪندي رهي. پاڻ وليج ايڊيوڪيشن بورڊ ۾ تعلقي سڪرنڊ جو چيئرمين ٿي رهيو.

ان عرصي دوران سندس ذاتي ڪوششن سان تعلقي ۾ ڪيترائي اسڪول قائم ٿيا. پاڻ ڪجهه وقت "بلوچ اتحاد" سان به لاڳاپيل رهيو، جيڪو پنجاب سان تعلق رکندڙ مير حسان الحيدري چانڊيو قائم ڪيو هو. هن اتحاد طرفان "بلوچي دنيا" نالي هڪ رسالو پڻ شايع ٿيندو هو.

قيصر خان چانڊيو وٽ عوامي عدالت پڻ لڳندي آهي. خاص طور تي چانڊيا برادري جا (جنهن جو وڏو انگ ضلعي نواب شاهه ۾ آباد آهي) ۽ عام طور تي ٻين ذاتين وارن راڄن جا فيصلا وٽس ايندا آهن، جن کي ڪير ڪنڌ ڪرڻ کان سواءِ هرگز نه ڇڏيندو آهي، سندس فيصلن جي ساک ايتري ته قائم آهي جو مارشل لا واري دؤر ۾ نواب شاهه جي ملٽري ڪورٽ ڪيترائي ڀيرا فيصلا سندس ڏانهن موڪليا. سندس اوطاق مختلف راڄن جي ماڻهن سان هميشه ڀريل ڀڪندي آهي.

قيصر خان چانڊيو سياست سان پڻ دلچسپي رکي ٿو. سندس سياسي ناتو شروع کان وٺي اڄ تائين جناب غلام مصطفيٰ جتوئي سان جڙيل رهيو آهي.1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ چانڊيي صاحب تعلقي سڪرنڊ مان سڀ کان پهريان گرفتاري پيش ڪئي، جنهن دؤران ڪيس پهريان ضلع جيل نواب شاهه ۽ پوءِ سينٽرل جيل سکر ۾ رکيو ويو ۽ مٿس ڪافي تشدد به ڪيو ويو.

پاڻ جتوئي صاحب جي انهن خاص دوستن ۾ شامل آهي، جن سان گڏجي جتوئي صاحب 30 آگسٽ1986ع تي لاهور ۾ سڏايل هڪ ڪنوينشن ۾ "نيشنل پيپلز پارٽي" جو بنياد رکيو. چانڊيو صاحب نيشنل پيپلز پارٽي جي سنڌ ڪائونسل جو ميمبر آهي. جيتوڻيڪ ڪيس ڪيترائي ڀيرا مختلف پارٽين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مختلف قسم جون آڇون به ٿيون، پر هن بااصول ماڻهو ڪڏهن به ڪنهن لالچ ۾ اچي سياسي قلابازي ڪانه کاڌي. پاڪستان جي ڪيترين ئي اهم شخصيتن سان سندس چاڻ سڃاڻ ۽ دوستي وارا تعلقات قائم آهن.

علائقي ۾ سندس سٺو اثر رسوخ آهي، پاڻ علائقي جي حاجتمند ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪندو رهي ٿو.

ڪانيو خان، ڄام

سما خاندان سنڌ تي تقريباً پوڻا ٻه سؤ سال حڪومت ڪئي. هن خاندان جي آخري حڪمران ڄام فيروز جو چوڏهون غير پڳدار ڄام ڪانيو خان ولد ڄام محمد شريف وڏو نالي وارو شخص ٿي گذريو آهي. سندس وڏا سترهين صدي عيسوي ۾ لڏي اچي موجوده ڳوٺ ڄام نواز علي ضلعي سانگهڙ ۾ ويٺا. ڄام ڪانيو خان جو وڏو ڀاءُ ڄام مٺا خان به وڏو سخي ٿي گذريو آهي. جنهن لاءِ مشهور آهي ته چانديءَ جي روپين جون ڇليون پيرِي ورهائيندو هو. سن1924ع ۾ ڄام مٺا خان جي وفات ڪان پوءِ ڄام ڪانيو خان هن خاندان جو پڳدار ٿيو. پاڻ تمام وڏو بردبار، دانشمند ۽ سخي مرد هو. ڪيترن ئي سالن تائين ڪيس مئجسٽريٽ ۽ جسٽس آف پيس جا اختيار به حاصل هئا.

سندس ننڍو ڀاءُ ڄام جان محمد پڻ سخاوت ۽ عام ڀلائي جي ڪمن سبب مشهورهو، نواب شاهه جي لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول جي هاسٽل جي تعمير ۽ ٻيا ڪيترائي ڀلائي جا ڪم سندس خرچ سان ٿيا.

ڄام ڪانيو خان ڪو اعليٰ تعليم يافته ته ڪونه هئو، پر خدا ڪيس روشن دماغ عطا ڪيو هو، جنهن ڪري پنهنجي رعب، دٻدٻي، حشمت ۽ سخاوت سبب هنڌين ماڳين مشهور ٿيو. سندس خاندان وٽ شروع کان وٺي هڪ وڏي زرعي اسٽيٽ رهي آهي. جڏهن ته مالدار ماڻهن جي سنڌ ۾ کوٽ نه آهي، ليڪن ڄام صاحب پنهنجي دولت کي خدا جي راهه ۾ ۽ سماج جي سڌاري لاءِ جنهن انداز ۾ خرچ ڪيو تنهن سبب سندس نالو سنڌ ۾ هڪ مثالي ڏند ڪٿا وانگر ڄاتو وڃي ٿو. اڄ به سنڌ ۾ اها چوڻي عام آهي ته "فلاڻو وري ڪهڙو ڄام ڪانيو خان آهي."

ڄام ڪانيو خان راڄ ڀاڳ وارو ماڻهو هو، آفيسر شاهيءَ سان سندس سٺا تعلقات هئا. وڏاوڏا برطانوي عملدار وٽس ڳوٺ ايندا هئا. پاڻ ڪنهن وٽ هلي نه ويو، وٽس رات ڏينهن لنگر هلندڙ هو، هر روز وٽس ڪيترائي حاجتمند ايندا هئا. جن جون حاجتون پوريون ڪندو هو پنهنجي ملڪيت جو وڏو حصو تعليم لاءِ خرچ ڪندو هو، هن ڪيترائي خيراتي کوهه کوٽايا، مسجدون ۽ مدرسا جوڙايا ۽ٻيا اڻ ڳڻيا عام ڀلائي جا ڪم ڪيا. کيس انگريز سرڪار کان 1926ع ۾ "خانبهادر" ۽ 1932ع ۾ "نواب" جو خطاب مليو. تنهن کان سواءِ کيس ڪيترائي اعزاز، آفرين نامه ۽ تلوارون اعزازي مليون.

ڄام ڪانيو خان جي پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڄام جان محمد سان مثالي محبت هئي، جڏهن11 آگسٽ 1954ع تي ڄام جان محمد لنڊن ۾ وفات ڪئي

تہ ياءَ جي وچوڙي چار ڪانيو خان کي وڏو دلي صدمو رسايو، جنهن ڪري پاڻ پوءِ پورا چار مهينا بہ زنده نہ رهي سگهيو ۽ 6 ڊسمبر1954ع تي وفات ڪري ويو.

ڪرشن "راهي"

ڪرشن "راهي" وچاڻي 25 مئي1932ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ آباد ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار ڀارت جي برک سنڌي شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو.

ڪرشن "راهي" ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي وڏن سان گڏجي ڀارت هليو ويو، جتي هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪري ڀاڀا ائٽمڪ ريسرچ سينٽر بمبئي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪرشن "راهي" جي ادبي زندگي ڪهاڻين لکڻ سان شروع ٿي، پر پوءِ هن ڪهاڻين سان گڏ شاعري بہ شروع ڪئي جنهن ۾ هن وڏو مقام حاصل ڪري ورتو. سندس شعرن جي مجموعي "ڪماچ" تي 1971ع ۾ ساهت اڪيڊمي طرفان ڪيس انعام ڏنو ويو. هن "نئين دنيا" ماهوار ۽ "سنڌ ڌارا" هفتيوار جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ڪجهہ وقت ميمبر رهي ڪافي ادبي خدمت ڪئي ۽ چئن سالن تائين ساهت منڊل بمبئي جو سيڪريٽري جنرل پڻ رهيو. سندس لکيل ڪهاڻين جو مجموعو "لڙڪ ۽ مرڪ" مقبوليت ماڻي چڪو آهي.

هڪ سجاڳ ۽ باشعور شاعر ڪرشن "راهي" پنهنجي ڪلام کي خيالن جي نون گلن سان سينگاريو آهي. سندس شاعريءَ جا جتي خيال پيارا آهن اتي انهن ۾ شوخي بہ آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي سرور محسوس ٿيندو آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دل ۾ نہ دل جو درد سمائي تہ ڇا ڪريان
۽ جي زبان پي نہ ٻڌائي تہ ڇا ڪريان
ڏيئي پلئہ ڏئي کي بچايان هوا کان مان
پر جي ڏنو پلئہ کي جلائي تہ ڇا ڪريان.

ڪرم ٽالپر

قادر بخش، تخلص "ڪرم" ولد عنايت علي ٽالپر 21 ڊسمبر 1940ع تي ڳوٺ ٽالپر وڏا ضلعي خيرپورميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اديب آهي.

ڪرم ٽالپر 1952ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري طب جو پيشو اختيار ڪيو. بعد ۾1965ع کان فوج ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو، فوج جي

نوڪري دوران تعليمي لياقت ۾ وڌائيندو رهيو ۽ اتي بي اي تائين امتحان ڏنائين. پاڪستان آرمي مان 1990ع ۾ پاڪستان جونيئر آفيسر (وڏو صوبيدار) جي عهدي تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پاڻ پيهر حڪمت جو ڪم ڪري رهيو آهي، "صوفي دوا خانو" نالي ٽالپر وڏا ۾ سندس مطب آهي.

ڪرم ٽالپر ستن زبانن سنڌي، سرائڪي، هندي، اردو، پنجابي، فارسي ۽ انگريزي ۾ شاعري ڪئي آهي. شاعري جي هر صنف تي سندس ڪلام موجود آهي، سندس ٻه شعري مجموعا ڇپيل آهن. جن مان هڪ سنڌي شاعري جو ڪتاب "وڇوڙين وايون" 1986ع ۾ ۽ ٻيو سرائڪي شاعري جو مجموعو "دل ديان دانهين" 1992ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. تنهن کان سواءِ نظم ۽ نثر ۾ سندس لکيل وڏيڪ اڻ ڪتاب وٽس قلمي صورت ۾ موجود آهن.

ڪرم ٽالپر جون لکيون سيني مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهن ٿيون، سندس ڪلام وڏي تعداد ۾ ريڊيو پاڪستان تي ۽ آڊيوڪيسٽن لاءِ رڪارڊ ٿيل آهي. هن ريڊيو پاڪستان خيرپور جي مختلف پروگرامن لاءِ تحريرون پڻ لکيون آهن، جنهن لاءِ ريڊيو طرفان کيس بهترين ليکڪ جو سرٽيفڪيٽ به مليل آهي، ان کان سواءِ مختلف تنظيمن طرفان پڻ کيس بهترين شاعر، ليکڪ ۽ مقرر لاءِ ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون مليل آهن. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

هن شهر وفا جا ماڳ منا ويران گهٽا ٿيندا ٿا وڃن
سک جن کان گهريم تن سور ڏنا ارمان گهٽا ٿيندا ٿا وڃن
ڪجهه پنهنجا ڏک ڪجهه تنهنجا غم ڪي سور زماني وارن جا
هن هڪڙي ننڍڙي دل ۾ سڄڻ مهمان گهٽا ٿيندا ٿا وڃن

ڪريم بخش نظاماڻي، رئيس

رئيس ڪريم بخش ولد رئيس غلام محمد خان نظاماڻي سن 1909ع ۾ ماتلي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ علم، ادب، فن ۽ ثقافت جو تمام وڏو چاهو ٿي گذريو آهي.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ابتدائي تعليم ماتلي ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتي چار درجا انگريزي پاس ڪري پنهنجو خانداني پيشو زميني سنڀالڻ لڳو.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي سنڌ جي انهن خدمتگارن مان هڪ هو، جن سڄي عمر بنا ڪنهن لوڀ لالچ ۽ مفاد جي پنهنجي ڌرتي، ٻولي ۽ عوام جي خدمت ڪئي، نه صرف اهو پر پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري سنڌ جي ثقافت جي

واداريءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو. هو سنڌ جو هڪ اهڙو رئيس هو، جيڪو فقير ٿي جيئو، فقير ٿي رهيو ۽ جڏهن هن دنيا مان رخصت ٿيو تڏهن به فقير واري حيثيت ۾. ان جو سبب شايد اهو ٿي سگهي ٿو ته جمڻ وقت ئي هن جي ڪنن تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي بيتن جو پڙلاءُ امڙ جي لوليءَ جي صورت ۾ پيو، انهن بيتن ننڍڙي ڪريم بخش تي اهڙو ته اثر ڪيو جو رئيساڻو پار فقير بڻجي ويو، سنڌس اندر مان رئيسن، وڏيرن ۽ تونگرن واريون سموريون ڳالهيون ڊهي ڊريجي ويون. هو رئيس رهيو ته فن جو ۽ تونگر رهيو ته صرف دل جو شاهه لطيف جي ڪلام سنڌس اندر ۾ اهڙي ته اڃ اڀاري ڇڏي جو سڄي عمر شاهه جو ڪاهوڙي بڻجي سر سنگيت ۽ موسيقيءَ جي نغمگيءَ جي تلاش ۾ بمبئي، ڪلڪتي، دهلي ۽ لاهور کان ٿيندو ڪشمير جي خوبصورت سبزازارن ۾ گهمندو رهيو. ڪٿي ناچوٽي نچيو ته ڪٿي ڳائيندو رهيو، ڪٿي هارمونيم تي خوبصورت سرسجائڻ لڳو، ته ڪٿي ڍولڪ نواز بڻيو، ڪٿي جهانجهه وڄائڻ لڳو ته ڪٿي گنگهرن جي ڇم ڇم ۾ رقصان رهيو.

قدرت رئيس صاحب کي بي پناهه صلاحيتن سان نوازيو هو، پاڻ برک فلمي اداڪار، موسيقيءَ جو ماهر، سنڌي ثقافت، راندين، ميلن ملاکڙن جو اڳواڻ، مشهور مصنف ۽ نهايت صاف، سچو ۽ کرو شخص هو. دنيا ۾ ڪي ٿورا اهڙا ماڻهو گذريا آهن جن ۾ هڪ ئي وقت ايتريون ساريون خوبيون۽ صلاحيتون هجن.

رئيس ڪريم بخش پنهنجو فلمي سفر بمبئيءَ ۾ سن 1931ع کان شروع ڪيو. جڏهن آواز واريون فلمون نهڻ شروع ٿيون تڏهن به تمام معمولي پگهار تي هو هڪ فلمي ڪمپني جي فلمن ۾ ڪم ڪندو رهيو، اهڙي طرح سنڌس اندر جو فنڪار پنهنجي پوري جوڀن ۽ جواني تي پهچي ويو، ۽ هن سنڌي زبان جي پهرين فلم "ايڪتا" ٺاهڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ کيس ڪاميابي حاصل ٿي، ان فلم جي ڪاميابي کان پوءِ هن بمبئيءَ ۾ "سنڌ ساگر موويٽون" جي نالي سان پنهنجي فلم ڪمپني قائم ڪئي، جنهن جون ٻه فلمون مڪمل ٿيڻ وارين ئي هيون ته برصغير جو ورهاڱو ٿي ويو، جنهنڪري نه صرف سنڌس فلمن ۾ لڳايل لکين روپيه سرمايو ٻڏي ويو، پر ٻه موٽر ڪارون ۽ ٻيون ڪيترو ئي قيمتي سامان پڻ انتها پسند وڳوڙين جي ور چڙهي ويو.

نظاماڻي صاحب راڳ جو شوقين هوندو هو، کيس موسيقي ۾ مهارت حاصل هئي، لاڙ جا مشهور راڳي حاجي محمد عثمان ڏيڄي ۽ سنڌس پاءُ منو ڪڇي اڪثر وٽس رهندا هئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن محفلن ۾ انهن سان گڏ ڳائيندو به هو ته، دهلي جي تال تي خوب رقص به ڪندو هو. پاڻ ڪيترائي ساز وڄائي سگهندو هو، سنڌس سياست سان به تعلق رهيو. پاڻ سڄي عمر صرف هڪ ئي

سياسي پارٽي "خاڪسار تحريڪ" ۾ شامل رهيو، جيئنوٽيڪ ٻين پارٽين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪيس وزارت جون ۽ ٻيون آڇون به ٿيون، پر هن پنهنجي اصل پارٽي نہ ڇڏي، ڪيس اليڪشن ۾ ٻہ سخت ترين شڪستون بہ آيون پرپوءِ بہ پارٽيءَ سان وفادار رهيو.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جيتوڻيڪ پيشہ ور ليکڪ نہ هو، پر سندس لکيل ڪتاب "ڪيئي ڪتاب" سنڌي ادب ۾ هڪ انقلابي ڪارنامو آهي، جنهن ڪيس سنڌي ادب ۾ صف اول جي ليکڪن ۾ آڻي بيهاريو آهي.

"ڪيئي ڪتاب" نالي ڪتاب رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي آتم ڪهاڻيءَ جو ڪتاب آهي، جيڪو ٽن جلدن تي مشتمل آهي، ان جو پهريون جلد سندس حياتي ۾ 1980ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو جلد 1986ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ نظاماڻي صاحب پنهنجون اوڻايون سچائيءَ سان بيان ڪرڻ ۾ ٻين سڀني سنڌي آتم ڪهاڻين جو رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو هڪ بهترين ماخذ آهي ۽ مستقبل جي مورخ لاءِ فائدي مند ثابت ٿيندو. هن ڪتاب تاريخ جي ڪيترن ئي وساريل ڪردارن کي ٻيهر زندگي ڏني آهي.

رئيس ڪريم بخش نظاماڻي پهرين جنوري 1983ع تي وفات ڪري هي ميلا ملاکڙا ۽ گيت سنگيت جون محفلون ٻسيون ڪري ويو.

ڪشنچند "بيوس"

ديوان ڪشنچند ولد تيرٿ داس کتري 19 مارچ 1885ع تي لاڙڪاڻي شهر جي لاهوري محلي ۾ ڄائو. پاڻ قومي گيتن کي جنم ڏيندڙ ۽ عوامي جذبات ۽ احساسات جي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ پختو شاعر هو، "بيوس" سندس تخلص هو. ڪشنچند "بيوس" جو پتا حڪيم هو. ننڍپڻ کان ئي سندس تربيت نهايت ئي سليقي سان ٿي. مگر پاڻ اجا سنڌي چوٿون درجو پڙهي رهيو هو تہ، سندس پتا پرلوڪ پڌرايو. جنهن ڪري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ملازمت اختيار ڪيائين. پرائمري ماستر مقرر ٿيو ۽ 1944ع ۾ هيڊ ماستري جي عهدي تان رٽائر ڪيائين ۽ پوءِ آبائي پيشو حڪمت شروع ڪيائين.

بيوس جي شاعريءَ جو مجموعو "شيرين شعر" 1937ع ۾ جڏهن ڇپيو تہ، ڪن حلقن ڪيس شاعر تسليم ڪرڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. جي "سندس شاعري عروضي قاعدن ۽ ضابطن مطابق ناهي". ليڪن حقيقت اها هئي تہ بيوس پهريون سنڌي شاعر هو جنهن پنهنجي ڪلام ۾ خارج جي تشبيهن بجاءِ نيٺ وطني تشبيهون ڏئي وطني ماحول جي عڪاسي ڪئي. هن عروضي شاعريءَ جي مضمونن کان آجو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، موضوعن ۾ تبديلي آڻي

انفراديت قائم ڪئي، بيوس پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي جي بنياد تي محسوس ڪيو ته، غير وطني شين مان ڪشش ورڻو نه آهي ۽ اسان جي زندگيءَ جو نقشو جيترو وطن جي مانوس شين جي تشبيهن سان واضح ٿئي ٿو. اوترو غير مانوس ماحول ۽ ٻاهرين شين جي مثال ۽ مشابهت سان واضح نٿو ٿئي. انڪري هن ايراني ۽ اردو رنگ کي ڇڏي ٺيٺ سنڌي زبان ۾ طبع آزمائي ڪئي. هن سو سن ۽ سنبل، لاله ۽ نرگس جي تشبيهن بدران فقط گل استعمال ڪيو، بادصبا بدران منٺڙي هير جو ذڪر ڪيو. بس اهو ئي سبب هو جو ان وقت جي ڪجهه شاعرن جن جي شاعري فارسي ماحول سان ٽمٽار هئي، "بيوس" جي شاعريءَ جي مخالفت ڪئي هئي.

بيوس جي نظمن مان "جهوپڙي" هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن علامه اقبال ۽ ڪن ٻين اردو شاعرن جي شعر جا سنڌي زبان ۾ ترجما به ڪيا هئا.

بيوس جو شعري مجموعو "شيرين شعر" ۽ ڊرامو "هئملٽ" نصاب طور منظور ٿيل هئا ۽ ان کان علاوه پاڻ نون ڊرامن ۽ ھينين ڪتابن جو ليکڪ هئو.

محبوب طبع، سامرنڊي سپون، قولداني، بهارستان، انڊلٽ، پرت پوڄارڻ، ۽ گرونانڪ جيون ڪوتا.

بيوس ڪانگريس ۽ خلافت جي تحريڪن جو به سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. پاڻ مهاتما گانڌي جو عقيدتمند ۽ هندو مسلم ايڪتا جو حامي پڻ هو. هوتچند راڄ ڏکايل ۽ پروفيسر رام پنجواڻي سندس شاگردن ۾ شامل هئا. 1933ع ۾ "سنڌي ساهتيه سميلن" سندس صدارت ۾ سڏائي وئي، جنهن ۾ سنڌي زبان، تهذيب ۽ سليس شاعريءَ متعلق نهايت ڪارائتا خيال پيش ڪيائين.

ڪشنچند "بيوس" 23 سيپٽمبر 1947ع تي لاڙڪاڻي ۾ پرلوڪ پڌارايو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

جهونڪا اچن سنڌير منڻي هير جا هتي

ايندي لهي وڃن ڏک دلگير جا هتي.

ڪلا پرڪاش

ڪلا پرڪاش ڌيءَ پارومل چاندواڻي 2 جنوري1934ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿي، پاڻ مشهور شاعره ۽ نثر نويس آهي.

ڪلاپرڪاش هر ديوي گرلس هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي گهر وارن سان گڏ ڀارت هلي وئي، جتي پهريان ڪي جي ڪلڻاڻي اسڪول ۾ داخل ٿي ۽ پوءِ جئه هند ڪاليج بمبئيءَ مان ايم اي سنڌي ۾ ۽ ڊپلوما ان هائر ايڊيوڪيشن بمبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل

ڪيائين. هن 1954ع ۾ موتي پرڪاش سان شادي ڪئي ۽ ڪيس ٻه ٻار هڪ پٽ هڪ ڌيءَ آهن.

ڪلاپرڪاش 1954ع کان 1971ع تائين ڀارت سرڪار جي مرڪزي کاتي ۾ آڊيٽر ٿي رهي ۽ 1971ع کان 1977ع تائين آر ڪي تلريجا ڪاليج الهاس نگر مهاراشٽر ۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار رهي ۽1980ع کان 1982ع تائين دوبئي جي هڪ اسڪول ۾ هيڊمسٽريس پڻ ٿي رهي آهي.

ڪلاپرڪاش جو نالو هندستان جي اهم سنڌي ليکڪائن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هن ناول، ڪهاڻيون ۽ شعر تمام سولي ۽ سهڻي سنڌيءَ ۾ لکيا آهن ڪيس خاص طور تي ڪوتائن جي ڪري اهو مقام حاصل آهي. هن هر موضوع کي نهايت سهڻي طريقي سان نڀايو آهي. سندس لکڻين ۾ تشبيهون، اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون نهايت سهڻيون استعمال ٿيل آهن. ڀاڻ هند توڙي سنڌ جي مڃيل ليکڪا آهي. هن گهڻو ڪري اصلاحي، سماجي ۽ اخلاقي پهلوئن کي مدنظر رکي ناول ۽ افسانا لکيا آهن، جن ۾ اهڙا مسئلا پيش ڪيل آهن، جيڪي هر وقت هر هنڌ هر انسان لاءِ ڪارائتا ۽ ضروري آهن.

ڪلاپرڪاش جي لکڻين ۾ ورهاڱي کانپوءِ سنڌ مان لڏي ويندڙ هندو اديبن کي ڀارت ۾ پيش ايندڙ معاشي ۽ سماجي مسئلن، وطن جي سڪ، سنڌ جي جذبن ۽ ماحول جو نقشو چٽيل آهي ۽ عورت جي مجبورين، محرومين ۽ آهنجن ايذائن جي ڀرپور عڪاسي به ٿيل آهي ته سنڌ سان سندس والهاڻه محبت جو ذڪر به ٿيل آهي.

ڪلاپرڪاش سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ 37 سالن بعد وري سنڌ گهمڻ آئي هئي. انهيءَ جي باري ۾ هن پنهنجو سفرنامو لکيو هو، جنهن ۾ سوءَ ڀاڻ کي سنڌي هئڻ تي فخر ڪري ٿي ۽ سنڌيءَ جي ناتي سان جيڪو سڳ جوڙي ٿي انهيءَ جو ذڪر هوءَ هنن لفظن ۾ ڪري ٿي 'منهنجي واقفيت اهائي آهي ته مان سنڌي آهيان، سنڌي ٻولي هن سنڌ جي ڌرتيءَ جي ڏيج آهي، جيڪا توهان ۽ مون گڏ پيتي آهي . اسوئي توهان جو ۽ منهنجو سڳ آهي جيڪو ڪڏهن به نه ٽٽندو."

سنڌ سان سندس بي تحاشا محبت جو اندازو سندس هيٺين لفظن مان لڳائي سگهجي ٿو.

"سنڌ ۾ پهچي ائين لڳو هو جڻ سالن جا سال امڙ جي ڏيج لاءِ ٻاڪارن بعد اها ملي آهي. جيجل ڇاتيءَ سان لاتو آهي ته اسانکي جڻ سڪون جي ننڊ اچي وئي.... پر سنڌ مان واپس ٿيڻ مهل ائين لڳو ته ڪنهن بي رحميءَ سان ماءُ جي ڇڳڙ وڻندي سنتل ٻارن کي ڇڪي الڳ ڪيو آهي ماءُ کان ان ٻار واڪا ڦٽڪي ڦٽڪي روئي رهيا هئا سون."

ڪلا پرڪاش جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ پنج ناول هڪ دل هزار ارمان (1957ع)، شيشي جي دل (1970ع)، هڪ سپنو سکن جو(1974ع)، حياتي هوتن ري (1979ع)، ۽ وقت وٿيون وڇوٽيون (1988ع). شامل آهن. جڏهن ته هڪ ڪهاڻين جو مجموعو مرڪ ۽ ممتا، ۽ سنڌي نثري نظم جو مجموعو ممتا جون لهرون (1973ع) شايع ٿي چڪا آهن. ان کان سواءِ سندس سنڌ وارو سفر نامو "هينئڙي منجهه هرن" جي نالي سان سنڌ مان (1987ع) ۾ شايع ٿيو آهي.

ڪليڻ آڏواڻي

ڪلياڻ داس پٽ جئرا مداس آڏواڻي 21- نومبر 1932ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب ۽ لطيف سائين جو شارح ٿي گذريو آهي.

ڪلياڻ آڏواڻي مئٽرڪ تائين تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي ۽ باقي تعليم ڪراچي ۾ حاصل ڪئي. ايم- اي جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪندو پروفيسر جي عهدي تي رسيو. ورهاڱي کان پوءِ آڏواڻي صاحب وطن ڇڏي ڀارت جو مهاجر بڻيو ۽ بمبئي ۾ وڃي رهيو.

ڪلياڻ آڏواڻي کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان تمام گهڻي محبت هئي. هن سنڌي نثر ۾ ڪجهه ڪتاب لکيا آهن، جيتوڻيڪ انهن جو تعداد گهٽ آهي، پر تحقيق جي لحاظ کان اُهي معياري ۽ اعليٰ شاهڪار جي حيثيت جا حامل آهن.

ڪلياڻ آڏواڻي جو سڀ کان وڏيڪ جيڪو ادبي ڪارنامو آهي اهو آهي "شاهه جو رسالو" ترتيب ڏيڻ. هن سالن جا سال محنت ڪري رسالو ترتيب ڏئي 1958ع ۾ بمبئي مان شايع ڪرائي، هند توڙي سنڌ ۾ شهرت حاصل ڪئي. هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪلام جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ڪڙيون ڪلام خارج ڪري. رسالي ۾ ڪلام سان گڏ شاهه صاحب جي سوانح، شعر جي سمجهاڻي، لفظن جي معنيٰ ۽ هر هڪ داستان جو پس منظر پڻ ڏنو آهي. سندس ترتيب ڏنل رسالي کي عام طرح سان ڏاڍو پسند ڪيو ويو ٿو. سنڌ ۾ هن رسالي جو ڇاپو پهريون ڀيرو 1976ع ۾ مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچي طرفان شايع ٿيو.

ان کان علاوه سندس لکيل ڪتاب ڪاليداس (ترجمو- ناول) شاهه (1951ع)، سامي (1953ع)- ۽، سچل (1954ع) مشهور آهن. سندس لکيل ڪافي مضمون ۽ مقالا هند ۽ سنڌ جي رسالن ۾ ڇپيل آهن. مجتنا طور کيس مختلف ادارن طرفان سونا ٻلا ۽ پيا انعام پڻ مليا. 1970ع ۾ ڀارت سرڪار طرفان کيس رشيا ۽ فرانس ڏانهن هڪ خاص ڊيليگيشن ۾ شامل ڪري موڪليو ويو هو. ڪلياڻ آڏواڻي 27- مارچ 1994ع تي پرلوڪ پڌاريو.

ڪنور رام. ڀڳت

ڀڳت ڪنور رام پٽ تارا چند 13- اپريل 1885ع تي ڪنهوتڪي ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ جروار ۾ جنم ورتو. پاڻ شيرين زبان ڳائڻو ۽ ايڪي ۽ امن جي پرچار ڪندڙ الله لوڪ فقير ٿي گذريو آهي.

ڀڳت ڪنور رام ننڍي هوندي کان ئي ڏاڍو سلڇڻو هو. جڏهن ٿورو وڏو ٿيو ته سندس پيءُ کيس ڳائڻ ۽ گر مکي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ حيات پتافي ۾ پائي هاسا نند وٽ چڏيو، پر ٿوري وقت ۾ پاڻ اتان ڇڏي رهڙڪي دربار ۾ سنت سترام داس وٽ آيو، جتي هن روحاني تعليم به حاصل ڪئي ته راڳ جي سکيا به ورتي. سنت ستررام داس جڏهن به ڀڳتي (راڳ) ڪندو هو ته ڪنور رام کي پاڻ سان گڏ ضرور بيهاريندو هو ۽ جڏهن ٻاهر ويندو هو ته کيس گڏ وٺي ويندو هو. قدرت واري ڪنور رام جي آواز ۾ اهڙو ته جادو ڀريو هو، جو ماڻهو ته ڇا پر پکي به مست ٿي پوندا هئا. پاڻ محفلن ۾ جڏهن ڳائڻ شروع ڪندو هو ته ماڻهو حال کان بي حال ٿي پوندا هئا ۽ پئسن جي ڄڻ بارش وسائي ڇڏيندا هئا. ليڪن هيءُ فقير تن، سخي مرد اهو مليل سمورو پئسو اتي جو اتي غريبن ۽ ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس پرسوز آواز گراموفون جي رڪارڊن ذريعي محفوظ آهي، جنهن کي ٻڌڻ سان دل کي راحت اچيو وڃي.

ڀڳت ڪنور رام هميشه نوڙت ۽ نماڻائيءَ کان ڪم وٺندو هو. ستررام داس جي چلاڻي بعد پاڻ رهڙڪي دربار جو گادي نشين ٿيو. پاڻ هميشه پنهنجي راڳ ۾ امن ۽ محبت جو درس ڏيندو رهيو. هن ساري حياتي هندو مسلم ايڪي ۽ محبت وڌائڻ لاءِ ڪم ڪندي گذاري. اهو ئي سبب هو جو سندس راڳ ۾ هندو ۽ مسلمان هڪ جيترا ايندا هئا.

4- آڪٽوبر 1939ع تي سکر ۾ هندن پير صاحب ڀرچونڊيءَ جي پٽ ميان عبدالرحيم کي وچ بازار ۾ مارڪٽ ڪئي، جنهن ڳالهه تي پير صاحب جي مريدن ۾ وڏو تاءُ پيدا ڪيو ۽ هنن انتقامي ڪاروائي لاءِ ڀڳت ڪنور رام جو انتخاب ڪيو. ڇو جو ڪنور رام ان وقت هندن ۾ تمام معزز شخص سمجهيو ويندو هو. آخر 2- نومبر 1939ع تي پير صاحب ڀرچونڊي جي هڪ مريد حاجي محمد جلباڻي رڪ اسٽيشن تي بندوق جا فائر ڪري ڀڳت ڪنور رام کي قتل ڪري وڌو.

ڪوثــر برڙو

غلام قاسم ولد نبي بخش برڙو پهرين سيپٽمبر 1958ع تي ڳوٺ جاني برڙو تعلقي ڪوٽ ڏيجي ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. سندس ادبي نالو "ڪوثر برڙو" آهي. پاڻ ريڊيو پاڪستان جو ناميارو پروڊيوسر ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سٺو

شاعر ۽ اديب آهي.

ڪوثر برڙي1983ع ۾ ايم اي بين الاقوامي تعلقات ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان پاس ڪري، ساڳئي سال ۾ ريڊيو پاڪستان جي نوڪري اختيار ڪئي، جنتي هن 3 نومبر 1983ع تي پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ اڪيڊمي اسلام آباد ۾ بطور پروڊيوسر سروس جوائن ڪئي. اپريل 1984ع تي ٽريننگ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پهريان ڪيس ڪراچي ريڊيو اسٽيشن تي موڪليو ويو بعد ۾ 1987ع ۾ حيدرآباد اسٽيشن تي پروڊيوسر ٿي آيو. اتي تقريباً اٺ سال رهيو. اهو سندس محنتي ڪيريئر جو سونهري دؤر هو. 1995ع ۾ ڪيس سينئر پروڊيوسر بنائي لاڙڪاڻي ريڊيو اسٽيشن[1] جو پهريون پروڊيوسر مقرر ڪيو ويو. جتي هن انٿڪ محنت سان اسٽيشن جي شروعات بهتر نموني سان ڪئي ۽ اسٽيشن کي ڪاميابي ڏياري. ان کان پوءِ خيرپور، تربت ۽ وري 2000ع کان پيهر خيرپور اسٽيشن تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڪوثر برڙو هڪ محنتي ۽ سچار پروڊيوسر آهي، هن ريڊيو جي مختلف شعبن ۾ رهي ڀرپور محنت جو مظاهرو ڪيو آهي. هن صاحب موسيقيءَ واري شعبي ۾ خاص ڪري ”نئون رنگ“ پروگرام شروع ڪري ان جي ذريعي سوين فنڪارن کي ريڊيو تي آندو. جنرل ميوزڪ ۾ ڪيترن ئي نون فنڪارن ۽ شاعرن کي متعارف ڪرايو. هن ٻارڙن ۽ عورتن جا پروگرام به ڪيا. سندس شروع ڪيل ڪجهه يادگار سلسلا جهڙوڪ تو هر گهر جهوپڙا، ماڻهو مينگهه ملهار، ريڊيو اوهان جو دوست ۽ ٻيا سلسلا ٻڌندڙن کي هميشه ياد رهندا. هن جن گلوڪارن ۽ گلوڪارائن کي ريڊيو تي متعارف ڪرايو، انهن ۾ سرمد سنڌي، شازيه خشڪ، الهڏنو جوڻيجو، امير علي، روبينه حيدري، شازيه بلوچ ۽ ٻيا شامل آهن. ڪوثر صاحب زرينه بلوچ کي ڪمپيئر طور متعارف ڪرايو. ميڊم مهتاب راشدي کي ڏگهي عرصي کان پوءِ ٻيهر ريڊيو تي ڪمپيئر طور آندو. قومي شاعر ابراهيم منشيءَ کي ريڊيو تي فنڪار طور آندو. هن خيرپور اسٽيشن تي پڻ ڪيترن ئي نون فنڪارن ۽ شاعرن کي متعارف ڪرايو آهي ۽ انهن جي پروگرامن ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي. ان کان علاوه ريڊيو جي ميوزڪ لائبريري ۾ اضافو ڪيو آهي. هڪ

---

(1) ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي هڪ ڪلو واٽ ايف ايم چينل جي نشريات جو افتتاح وقتي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو صاحبه 24 سيپٽمبر 1995ع تي ڪيو. في الحال هن اسٽيشن جي نشريات پنجاهه سٺ ڪلو ميٽر چوڌاري ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. مستقبل قريب ۾ هن اسٽيشن جي نشريات هاءِ ٽرانسميٽر ذريعي ميڊيم ويوز تي اچڻ جي توقع آهي. هن اسٽيشن جو پهريون اسٽيشن ڊائريڪٽر خواجه امداد علي هو.

سو کان وڌيڪ شاعرن جو تحت اللفظ ڪلام ۽ سٺ کن فنڪارن جا انٽرويو محفوظ ڪيا آهن. سندس هڪ خوبي اها به آهي ته هو پنهنجي هر پروگرام جو ڪم پاڻ ڪندو آهي. مثال طور اسڪرپٽ لکڻ، مختلف پروگرامن لاءِ آيل هزارين خطن کي هڪ هڪ ڪري ڏسڻ، معلوماتي پروگرامن لاءِ مختلف ڪتابن جو مطالعو ڪري انهن مان معياري سوال ونڻ وغيره. نه ته اڪثر پروڊيوسر اهوڪم ڪمپئيرن وغيره کان وٺندا آهن. ڪيس ڪيترائي پيرا اليڪشن يا ٻئي ڪنهن اهم اسائمينٽ لاءِ اسلام آباد موڪليو ويو آهي، ڇهه دفعا اڪيڊميءَ ۾ مختلف ڪورس به ڪري آيو آهي.

ڪوثر برڙو ڪامياب پروڊيوسر سان گڏوگڏ هڪ بهترين شاعر ۽ نثر نويس به آهي. سندس شاعري جو مجموعو "اوجاڳا ۽ خواب" 2000ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. جڏهن ته مختلف عنوانن تي سندس لکيل 300 کان وڌيڪ مضمون ۽ مقالا مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. پاڻ ڪيترن ئي علمي، ادبي ۽ فني ادارن سان لاڳاپيل آهي. سندس ادبي ۽ فني خدمتن عيوض مجتا طور ڪيس 37 ايوارڊ مختلف شهرن ۾ مختلف تنظيمن ۽ ادارن کان ملي چڪا آهن.

ڪوثر برڙو ذاتي زندگيءَ ۾ پڻ اڪيچار خوبين جو مالڪ آهي. هر ڪنهن سان مرڪي ملڻ وارو، دشمن سان به ڀلائي ڪرڻ وارو، نيڪي ڪري وساري ڇڏڻ وارو، هڪڙي ملاقات ۾ هر ڪنهنکي پنهنجو مداحي بنائي ڇڏڻ وارو، ڪڇهري جو ڪوڏيو ۽ ماڪيءَ کان به مٺڙو ماڻهو ڪوثر، واقعي ڪوثر آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ملاحظه فرمائيندا.

دل ۾ اکيون ڦاٽيون آهن، توکي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن
اکيون تنهنجو ور البيلا، مون لاءِ مڏيون ڪاتيون آهن
پيار ته هوندو پيار ئي آهي، هن جو رنگ نه ذاتيون آهن
پنهنجي سک ۽ چين جون ويري، شڪليون سڀ سجاتيون آهن

ڪوڙو مل ڪلناڻي

ديوان ڪوڙومل پٽ ديوان چندن مل 5 آڪٽوبر 1844ع تي پريا، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو عمدو نثر نويس، تعليمي ماهر ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي.

ديوان ڪوڙي مل ابتدائي تعليم ڳوٺ دريا خان جلبائيءَ ۾ آخوند قاضي محمد سليمان جي مڪتب ۾ ورتي، جتان فارسي ۽ سنڌي جي تعليم حاصل ڪري وڃي مختيار ڪاري نوشهرو فيروز ۾ عريضي نويسي جو ڪم شروع

ڪيو. ان زماني ۾ انگريز سرڪار ڪراچيءَ ۾ استادن جي سکيا لاءِ "نارمل ٽريننگ اسڪول" کوليو، جنهن ۾ پاڻ داخلا ورتائين ۽ بمبئي مان مشترڪ جو امتحان پاس ڪرڻ لاءِ ويو، پر ان ۾ پاس ڪونه ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ سنڌ جي ڪمشنر آفيس ۾ ڪلارڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ان وقت ڏاري ڪيس سنڌي مضمون لکڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ پاڻ ڪيترائي بهترين مضمون ۽ ڪتاب لکيائين. جلدئي کيس تعليم کاتي ۾ آڻي پهريان شڪارپور ۾ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول جو هيڊماستر مقرر ڪيو ويو ۽ پوءِ سکر ۾ هيڊماستر ٿي رهيو. ان زماني ۾ هن عورتن جي تعليم ۽ ترقي لاءِ هڪ ڪتاب "پڪو پهه" جي نالي سان سنڌيءَ ۾ لکيو، جيڪو سنڌي زبان ۾ مضمونن جو پهريون ڪتاب هو. اهو ڪتاب1862ع ۾ ڇپيو هو.

حيدرآباد ۾ جڏهن ٽريننگ ڪاليج قائم ٿيو ته ان جو پهريون پرنسيپال ديوان ڪوڙي مل کي مقرر ڪيو ويو، جنهنکان پوءِ پاڻ ڪجهه وقت روينيو کاتي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي رهيو، پر وري موٽي تعليم کاتي ۾ آيو، جتان1899ع ۾ پينشن تي لٿو. تعليمي خدمتن ڪري سرڪار کيس "راءِ بهادر" جو خطاب ڏنو.

ديوان صاحب برهمو سماج جي ڌرم جو پوئلڳ هو. فرقيوار پيد بلڪل ڪونه هئس، هن پنهنجي شهر پرين ۾ تعليم لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙيو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ڌار ڌار اسڪول قائم ڪرايا هندو قوم ۾ هن زبردست سڌارا آندا.

ديوان ڪوڙي مل سنڌي علم و ادب جي راهه ۾ پڻ تمام گهڻي ڪوشش ورتي ۽ سنڌي ادب جي دامن کي سهڻن گلن سان سينگاريو. سندس لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

ساميءَ جا سلوڪ - پڪوپهه - اصول علم-سنڌي پنجون ڪتاب- رتنا ولي- هري درشن- ڪيتي- سنڌي ڳجهارتون- آکاڻيون- ميران بائي - درو ڳيت- تاريخ ڪولمبس- قول مالا- ڀڄن مالا- روهني- پهاڙي بابا- ساوتري وغيره.

ديوان ڪوڙي مل 16 ڊسمبر 1916ع تي پرلوڪ پڌاريو.

ڪيئل داس "فاني"

ڪيئل داس "فاني" پٽ وليرام بيگواڻي سن 1910ع ۾ شڪارپور جي پڙ ۾ "ميان جو ڳوٺ" ۾ پيدا ٿيو، ۽ پوءِ شڪارپور شهر ۾ اچي رهيو. پاڻ پختو شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو آهي.

ڪيئل داس "فاني" شڪارپور ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ اتي ئي پهريان نيو ايريا هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سي ائنڊ ايس ڪاليج ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. شيخ اياز، نورالدين سرڪي ۽ سترام ڪلياڻي "همدرد" سندس شاگردن ۾ شمار ٿين ٿا.

ورهاڱي کان پوءِ "فاني" صاحب شڪارپور ڇڏي وڃي ڀوپال (ڀارت) ۾ رهيو ۽ اتي ڀوپال جي انٽر ڪاليج ۾ پرنسيپال جي عهدي تي رهيو.

ٻي جنگ عظيم کان پوءِ جيڪا ترقي پسند تحريڪ شروع ٿي، "فاني" ان جي اڳواڻن مان هڪ هو. هن جديد شاعري جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، سندس شاعريءَ جا مجموعا، ساموندي لهرون (1951ع)، سڪ سوز ۽ ساز (1983ع)، خزاني جي خوشبو پيلاڇن ۽، سمنڊ سمايو بوند ۾ ڇپيل آهن. مؤخرالذڪر ڪتاب 1995ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران ڇپيو آهي، جيڪو محترم انور فگار هڪڙي جو ترتيب ڏنل آهي.

ڪيئل داس "فاني" ڪجهه ڊراما به لکيا، جيڪي اسٽيج ڪيا ويا، سندس وفات 1995ع ۾ هندستان ۾ ٿي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

درد کان ڇلڪي حسن جو جام
دل روڪسي ڪو هٿندو هام
سونهن جو آهي خاص خزانو
عشق به هر هنڌ ناهي عام

گامون سچار

گامون سچار جو اصل نالو عزيز الله ۽ والد جو نالو پيرانو ٻگهيو هو. گهر وارا پيار وچان کيس "گامون" چوندا هئا. سندس ولادت 6 نومبر 1863ع تي ڳوٺ آباد ٻگهيو تعلقي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ٿي. سندس وجهہ شهرت سندس نالي مان ئي ظاهر آهي.

گامون سچار عربي ۽ فارسي جي تعليم مولوي علي محمد کهاوڙ کان حاصل ڪئي. سنڌي جي تعليم وارهہ ۾ حاصل ڪيائين. پاڻ اڃا ننڍو هو تہ سندس والد فوت ٿي ويو، جنهن ڪان پوءِ ڳوٺ جي وڏيري وٽ مينهون چارڻ لڳو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ هارپو ڪرڻ لڳو. پاڻ ڳوٺ جي مسجد جو پيش امام بہ هو جنهن ڪري کيس ملا گامون ڪري پڻ سڏيندا هئا. مذهبي اعتبار کان بہ پڪو پختو هو. انهيءَ ڪري ڪٿي بہ ڪا بي واجبي ڏسندو هو تہ هڪدم آواز اٿاريندو هو. اهوئي سبب هو جو هو انگريز سرڪار جي خلاف نفرت ڪرڻ ۾ اڳرو رهيو.

گامون سچار کي ننڍپڻ کان ئي سچائيءَ جي سٽي پيل هئي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو ۽ ڪنهنکي سچ چوڻ کان نہ مڙندو هو، پوءِ اهو ڀلي ڪٿي ڪيڏو بہ طاقتور ڇو نہ هجي، پاڻ سچ چوڻ جي حوالي سان ايڏو تہ مشهور ٿيو جو، اڄ بہ سنڌ ۾ "گامو سچار" چوائي مشهور ۽ عام جام استعمال ٿيندڙ آهي.

ملا گامون خلافت تحريڪ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. 1920ع ۾ جڏهن مسلمانن لاڙڪاڻي مان اسپيشل ٽرين جي ذريعي افغانستان ڏانهن هجرت ڪئي، تڏهن گامون بہ ان ۾ شريڪ ٿيو. افغانستان پهچڻ کان پوءِ سندس ملاقات افغانستان جي بادشاهہ امير امان الله خان ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ٿي، جيڪو ان وقت افغانستان ۾ رهيل هو. انهن تي سندس شخصيت جو اينترو اثر ٿيو جو کيس هڪ هزار مهاجرن جي ٽولي جو اڳواڻ مقرر ڪيو.

گامون سچار افغانستان ۾ بيمار ٿي پيو، جنهن سبب 9 نومبر 1921ع تي اتي ئي وفات ڪري ويو. کيس امير امان الله جي حڪم موجب ڪابل جي شهيدن جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

گل حسن "شاد" گوپانگ

گل حسن "شاد" ولد جمع خان گوپانگ پهرين جنوري 1933ع تي ڳوٺ ڪرم خان گوپانگ تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور عوامي شاعر ٿي گذريو آهي.

گل حسن گوپانگ ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۽ مدرسي مان حاصل ڪئي، عربي ۽ فارسيءَ سان گڏ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري 1950ع ۾ پرائمري استاد ٿيو. نوڪري دوران مئٽرڪ، انٽر ۽ اديب فاضل جا امتحان خانگي طور پاس ڪيائين. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ حڪمت جو پيشو اختيار ڪيائين.

"شاد" صاحب جڏهن چوٿون درجو پڙهندو هو، تہ اُن وقت کان شعر چوڻ شروع ڪيائين ۽ پرائمري استاد بنجڻ بعد مشاعرن ۽ ادبي بزمن ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو، جنهن سبب شاعرن سان خوب ڏيٺ ويٺ ٿيس جن کان متاثر ٿي موزون ڪلام لکڻ لڳو. هن شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. خاص ڪري غزل، گيت ۽ نعت ۾ ملڪو حاصل هئس. سندس شاعري عوامي رنگ ڍنگ ۾ رتل آهي ۽ ان ۾ معاشرتي اوڻاين ۽ خوبين جي عڪاسي ٿيل آهي. جنهن ذريعي معاشري جي اصلاح ڪري سگهجي ٿي. سندس شاعريءَ جا ڪتاب ڇپيل آهن. جن مان "ديوان شاد" الف ب جي ٻاونجاهہ اکرن تي مشتمل آهي. "شان رسولﷺ" نعتيہ ديوان آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1993ع ۾ ڇپرايو آهي. "تحفئہ عشق" سندس عشقيہ غزلن جو مجموعو آهي ۽ بہ ڪتاب "شانِ پنجتن" ۽ "ڪوثر جا ڍڪ" نعتيہ ڪلام تي مشتمل آهن.

گل حسن "شاد" کي شعروشاعري جي ذات ذاتر کان مليل هئي. في البديهہ شعر چوڻ ۾ زبردست مهارت رکندو هو. سندس شعر ۾ فصاحت، بلاغت ۽ رواني جا درياهہ اٿلون ڪائيندا نظر اچن ٿا. ڪيترنئي ڳائڻ سندس ڪلام ڳايو آهي. پاڻ شاعر سان گڏ اديب، نقاد، ڪهاڻيڪار ۽ افسانا نگار بہ هو. سندس وفات سال 1997ع ۾ ٿي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

نظر ۾ تنهنجي نہ آهي ڪو خويش و بيگانو
هميشہ پنهنجي پرائي کي پيار ڏيندو آن
وجهي ٿي تنهنجي ڪشاده دلي بہ حيرت ۾
گهري جو سؤ تہ انهي کي هزار ڏيندو آن

گلزار علي خان

گلزار علي خان ولد محمد مراد سن 1932ع ۾ هالاڻي پرسان ڳوٺ ديهات تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ مهان ڪلاسيڪل گويو ٿي گذريو آهي.

استاد گلزار علي خان ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان نواب شاهہ مان پاس ڪيو. پاڻ ننڍپڻ ۾ ناچو هو. اهو فن هن پنهنجي والد کان حاصل ڪيو، ۽ پوءِ لالو انتو نالي شخص کان باجي ۽

ي وڄائڻ ۽ راڳ ڳائڻ جي سکيا وٺڻ لڳو، پر پوءِ سکڻ وڃي استاد منظور علي خان جو شاگرد ٿيو. جتي هن ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل، ڪافي ۽ ٻين راڳن ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ورتي. پاڻ آخر تائين استاد منظور علي خان جي تربيت ۽ نگراني ۾ رهيو. منظور علي خان ڪانشس ڏاڍو متاثر هوندو هو، چوندو هو ته منهنجو علم گلزار ۾ آهي، جنهن ڪي مون ڪان پوءِ سکڻو هجي اهو گلزار کان سکي. هڪ ڀيري سائين مهدي شاهه جي ميلي تي گلزار علي خان، استاد منظور علي خان، سان گڏ اهڙو ته وجد ۾ اچي ڳايو جو استاد منظور علي خان متاثر ٿي پنهنجو طنبورو استاد گلزار علي خان کي انعام ۾ ڏئي ڇڏيو.

استاد گلزار علي خان سنڌي ڪلاسيڪل راڳ ۽ ڪلاسيڪل موسيقي جو هڪ ادارو هو. پاڻ وڏي شناس وارو فنڪار هو ۽ بنا لالچ جي پيرن فقيرن جي درگاهن تي ڇجي رونقون سجائيندو هو.

ريڊيو پاڪستان خيرپور قائم ٿيڻ کان پوءِ استاد گلزار علي خان اتي ڪمپوزر مقرر ٿيو. جتي هن لاتعداد نيون ڌنون ڪمپوز ڪيون. هن راڳ جي درياهه ني اڳتي وڌائڻ لاءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ "استاد منظور علي خان" جي نالي سان ڪلاسيڪي ۽ سنڌي موسيقي جي سکيا جي هڪ مرڪز جو بنياد رکيو. جنهن مان ريڊيو ۽ ٽي وي جا ڪافي مشهور راڳي سکيا وٺي نڪتا.

استاد گلزار علي خان فالج جي تڪليف سبب 22 سيپٽمبر 1992ع تي انتقال ڪري ويو.

گل محمد خان "زيب" مگسي

نواب گل محمد خان "زيب" ولد نواب مير قيصر خان مگسي 7 جولاءِ 1884ع تي جهل مگسي (بلوچستان) ۾ ڄائو. پاڻ مايه ناز عالم، فاضل، شاعر ۽ صوفي درويش ٿي گذريو آهي.

نواب گل محمد خان جو والد مگسي قوم جو سردار هو، جيتوڻيڪ پاڻ سهوني نموني جو پروچ سادگي پسند هو، پر اولاد جي تعليم تي پورو پورو ڌيان ڏنائين. سندس وڏي فرزند گل محمد خان وقت جي وڏي مفتي ۽ عالم مولانا عبدالغفور "مفتون" همايوني وٽ علم ظاهري ۽ سلوڪ جون منزلون طئي ڪيون هيون. پاڻ عربي ۽ فارسيءَ جو ته وڏو ڄاڻو هو، پر ان سان گڏ سنڌي، اردو، سرائڪي، هندي، گرمکي، براهوي ۽ انگريزي تي به ڪيس عبور حاصل هو، جڏهن ته بلوچي سندس مادري زبان هئي.

نواب گل محمد خان بنيادي طور هئو ته نواب زادو، پر شروع کان ئي سندس طبيعت جو لاڙو درويشي ۽ فقيري ڏانهن رهيو، هو نوابي ۽ شاهوڪاري

جي معاملن ۾ ڪابہ دلچسپي نہ وٺندو هو، تنهنڪري ڪيس سرداري تان معزول ڪري، سندس ننڍي ڀاءُ نواب يوسف علي "عزيز" مگسي کي سرداريءَ جي پڳ ٻڌائي وئي.

نواب گل محمد خان 1933ع ۾ جهل مگسي کي ڇڏي، سنڌ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شهدادڪوٽ شهر ۾ اچي رهيو. ۽ پنهنجي زندگيءَ جا آخري ويهہ سال اتي بسر ڪيائين، اهو پورو عرصو مطالعي ۽ شعروشاعري ۾ گذاريائين.

نواب صاحب کي مطالعي جو وڏو چاهہ هوندو هو وٽس عاليشان ڪتب خانو هو. جيڪو سندس وفات کان پوءِ سندس وصيت مطابق ايران حڪومت جي حوالي ڪيو ويو. پاڻ فارسي، سنڌي، عربي، هندي ۽ بلوچي جو عمدو شاعر هو. پنهنجي ڪلام ۾ "زيب" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس فارسي شاعريءَ جا ٻہ ڪتاب "پنج گلدستہ زيب" ۽ "مخمسات زيب" نهايت اهميت جا حامل آهن، جيڪي ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا جي مسلم ملڪن ۾ درسي طور پڙهايا وڃن ٿا. اردو ۾ پڻ سندس شاعريءَ جو ڪتاب "زيب نامہ" نالي ڇپيل آهي، جيڪو رديف وار ديوان آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جو ڪتاب "تحفہ سنڌ" قلمي صورت ۾ موجود آهي.

"زيب" سنڌي غزل ۾ خوب گلڪاري ڪئي آهي، سندس ڪلام سمنڊ وانگر ڇوليون هڻي ٿو. سندس شاعري ۾ دل جا جذبا ۽ روحاني ڪيفيتون پوشيده آهن. سندس ڪلام ۾ ذهني پختگي بہ نظر اچي ٿي.

پاڻ نہ رڳو بي مثال سخنور رهيو، پر سندس ڪردار بہ هڪ روشن باب آهي. هو روزي ۽ نماز جو پابند هو ۽ شريعت تي زندگي گذارڻ وارو هو، هن پنهنجي زندگيءَ ۾ مختلف ماڻهن جا جيڪي بہ فيصلا ڪيا، اهي قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي روشني ۾ ڪيا، وٽس اهل علم جي تمام گهڻي عزت هئي. مولانا "مفتون" همايوني ۽ خواجہ غلام فريد سان ڪيس بي حد عقيدت هئي.

نواب گل محمد خان "زيب" مگسي 8 جنوري 1953ع تي وفات ڪئي.

نموني طور سندس جوڙيل هڪ نعت جون سٽون ڏجن ٿيون.

تون آن مظهر انوار، السلام عليڪ
سپاهہ عرش جو سالار السلام عليڪ
هزار جرم ڪندڙ جو حضور ۾ ضامن
هزار عيب جو ستار السلام عليڪ

گل محمد شاهه "گل" بخاري

سيد گل محمد شاهه "گل" ولد سيد غلام شاهه بخاري 21 آگسٽ 1960ع تي شهر شهدادڪوٽ، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نامور نعت گوشاعر، اديب ۽ عالم آهي.

سيد گل محمد شاهه بخاري جو والد ڳوٺ بڪو سيال تعلقي شهدادڪوٽ جو رهاڪو هو، تنهنڪري هن ابتدائي سنڌي ۽ ديني تعليم ڳوٺ بڪو سيال ۽ پرپاسي جي ٻين ڳوٺن مان حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ شهدادڪوٽ مان مئٽرڪ 1976ع ۾ ۽ انٽر ڪامرس1980ع ۾ پاس ڪئي. بي اي1981ع ۾ ۽ ايم اي1983ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان خانگي طور پاس ڪئي. بعد ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ٽن مختلف سبجيڪٽن ۾ ايم اي ڪيائين پاڻ عربي ۽ فارسيءَ ۾ پڻ مهارت رکي ٿو.

شاهه صاحب قرآن مجيد جي تعليم کي فروغ ڏيڻ لاءِ 1983ع ۾ "مرڪز تعليم القرآن شهدادڪوٽ" جو بنياد رکي درس وتدريس جو سلسلو شروع ڪيو.1984ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد جو امتحان پاس ڪري اسلامي ڪلچر جي مضمون ۾ ليڪچرار ٿيو. هن وقت پاڻ گورنمينٽ ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي. گڏوگڏ پاڻ "مرڪز تعليم القرآن" شهدادڪوٽ جو مهتمم ۽ جامع مسجد جو خطيب پڻ آهي.

شاهه صاحب وڏو اهلِ علم، اديب، شاعر ۽ليکڪ آهي. سندس پسنديده موضوع سيرت پاڪ رهيو آهي. هن1980ع ۾ "سيرت لائبريري شهدادڪوٽ" جو باقاعده بنياد رکي سيرت متعلق ڪتاب جمع ڪرڻ شروع ڪيا. هن لائبريري ۾ هن وقت ڏهن هزارن کان وڌيڪ ڪتاب آهن جن ۾ صرف سيرت پاڪ تي ٻه اڍائي هزار ڪتاب آهن. جنهن مان سندس عشق رسولﷺ جي پروڙ پوي ٿي. شاهه صاحب سيرت پاڪ جي عنوان تي ڪتابن جي اشاعت لاءِ شهدادڪوٽ ۾ "سيرت اڪيڊمي" نالي ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن مان ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

شاهه صاحب ادب جي ميدان ۾ باقاعده1988ع ۾ پير رکيو. نثر نويسي ۾ سندس رهنمائي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ غلام مصطفيٰ مشتاق ڪئي ۽ شاعري ۾ سندس رهنمائي ڊاڪٽر نذير احمد جروار ۽ مولانا محمد يوسف شهدادڪوٽي ڪئي. هن علم عروض ۾ عبدالقيوم"صائب"ؔ ۽ اردو نعتيه شاعري ۾ حافظ لڌيانوي (فيصل آباد) کان به رهنمائي حاصل ڪئي. سندس شاعري اڪثر حمد ۽نعت تي مشتمل آهي.

شاهه صاحب هڪ ئي وقت تصنيف، تاليف، ترجمي ۽ ترتيب جو ڪم

نثر ۽ نظم ۾ ڪري رهيو آهي. هن وقت تائين 50 ڪتاب لکي چڪو آهي جن مان 32 ڪتاب شايع ٿي سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچي چڪا آهن. ڪيس اهو به اعزاز حاصل آهي ته سيرت پاڪ جي موضوع تي سنڌس لکيل هڪ نثري ڪتاب ۽ نعتيه شاعري جي ٽن ڪتابن تي مختلف سالن ۾ ٿيندڙ قومي سيرت النبي ڪانفرنس اسلام آباد ۾ کيس چار پيرا صدارتي ايوارڊ ۽ نقد انعام ملي چڪو آهي.

کيس پهريون پيرو صدارتي ايوارڊ 22 سيپٽمبر 1991ع تي سنڌس نعتيه شاعري جي پهرين مجموعي "ذڪر رسولﷺ" تي مليو. اهو ڪتاب 1990ع ۾ ڇپيو. ٻيو صدارتي ايوارڊ 31 آگسٽ 1993ع تي، نعتيه ديوان "سرور عالمﷺ" تي مليو، جيڪو سنڌي 52 اکرن مطابق پهريون سنڌي نعتيه ديوان آهي. هي ڪتاب 1991ع ۾ شايع ٿيو. ٽيون پيرو کيس صدارتي ايوارڊ ۽ نقد انعام 10 آگسٽ 1995ع تي نعتيه شاعري جي ڪتاب "ثناء محمد ﷺ" تي مليو ۽ چوٿون پيرو 27 جون 1999ع تي کيس صدارتي ايوارڊ سان نوازيو ويو. اهو ايوارڊ کيس نثري ڪتاب "سيرت النبي قرآن جي آئيني ۾" (1998ع) تي مليو. انهن ڪتابن کان سواءِ سنڌس هيٺيان ڪتاب پڻ اهم آهن.

رهبر اعظم صلي الله عليہ وسلم (سوالن جوابن تي 1989ع)، تاريخ جا ٻه ورق (ترجمو1989ع)، پيغمبري فرمان (1990ع)، تعارف القرآن (سوالن جوابن تي1991ع)، شهدادڪوٽ جو علمي جائزو (1992ع)، فڪر حبيب (مولانا حبيب الله شهدادڪوٽ جي شاعري جو مجموعو ترتيب ڏنل 1992ع)، نبوي دعائون (1993ع)، طب نبوي (1994ع)، ديوان گل بخاري (شعري مجموعو 1995ع)، آب ڪوثر (نعتيه ديوان1997)، سنڌي ۾ حديث نگاري (1999ع)، شهدادڪوٽ جا قلم ڪار ۽ شاعر (2000ع) وغيره.

شاهہ صاحب جي نعتيه شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ٻڌايان ڇا اوهان کي مان جمال مصطفيٰ ڇا هي
پڇو الله کان يارو ڪمال مصطفيٰ ڇا هي
هزارين "گل" هميشه لئه ڪجن قربان دلبر تان
وڃي ڪرب وبا کان پڇ ته آلِ مصطفيٰ ڇا هي.

گل نصرپوري

گل حسن ميمڻ المعروف "گل نصرپوري" سنڌي ادب جو نهايت خوبصورت ۽ سگهنڌ ۽ سرهاڻ وارو گل هو، جيڪو اجا شاخ حيات تي مکڙيءَ جي صورت ۾ ئي هو ته خزان جي اٿمندائتي جهوٽي، کيس هميشه لاءِ ڪومائي، سڪائي ۽ نهوڙي رکيو.

گل نصرپوري ابتدائي تعليم نصرپور ۾ ۽ پوءِ ٽنڊي الهيار ۾ ورتي. ايم اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ سکهوڻي موڪلائي ڪيائين.

گل نصرپوري بهترين شاعرهو. شروعات ۾ مولانا غلام محمد گرامي سندس همت افزائي ڪندو رهيو ۽ ٽن سالن تائين سندس ڪلام جي اصلاح ڪندو رهيو. آخري وقت ۾ مخدوم طالب المولىٰ سان سندس نيازمندانه تعلقات رهيا. جنهن کان اصلاح وٺندوهو. هن "بزم طالب المولىٰ" جي محفلن ۾ دل کولي حصو ورتو. پاڻ مختلف مجلسن ۽ مشاعرن ۾ شعر پڙهندو رهيو ۽ سرهاڻ پکيڙيندو رهيو.

گل نصرپوري رسالي مهراڻ لاءِ مرحوم ڪيانيءَ جون تقريرون ترجمو ڪيون، ان کان علاوه مهراڻ ۽ نئين زندگي رسالن ۾ ڇپيل سندس ڪجهه مضمون، ايم اي لاءِ لکيل مقالو ڪتاب "درياهه جي ڪپ تي" ۽ سندس ڪلام جو بياض يادگار طور باقي آهن.

گل نصرپوري کي جگر جي تڪليف ٿي پئي هئي، جنهن ڪري ڪجهه وقت بيمار رهڻ کان پوءِ آخر 29 سيپٽمبر1965ع تي ننڍي عمر ۾ فوت ٿي ويو. پاڻ اجا شادي به ڪانه ڪئي هئائين ۽ ٻن مهينن کان پوءِ سندس شادي ٿيڻي هئي. پر افسوس جو سندس پوڙهي پيءُ ۽ ماءُ کي سندس منهن تي موڙ ٻڌڻ کان پهريائين ڪفن جون پٽيون ٻڌڻيون پيون.

سندس شاعريءَ مان ٻه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

زندگي آهي اشارن ۾ اسير حوصلن کي ٿيون ڪپن دلداريون
هر طرف آهي قيامت جي فضا ڇا سهي سهندبون دليون ويچاريون

گوبند رام پريتمداس، مکي

مکي گوبندرام پٽ پريتمداس ساگراڻي سن1898ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جي هندن جو وڏو هڏڏوکي، سماجي ۽ سياسي قائد ۽ مکي ٿي گذريو آهي.

مکي گوبندرام جو والد ذن ڏٽي هو، ان ڪري هن جڻ جمڻ سان ئي لکن تي مٿوڏوتو. هن1915ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري اڳئين سال ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتي، پر دولت جي نشي ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ کي فضول سمجهي پڙهڻ ڇڏي ڏنائين.

گوبند رام کي پنهنجي پياءُ مکي جيٺانند جي لاڏائي کان پوءِ مکين جي گادي ملي ۽ پاڻ سنڌ جو مکي سڏجڻ ۾ آيو. هن سنڌ جي هندن لاءِ سماجي

توڙي سياسي ميدان ۾ تمام گهڻو ڀاڻ ڀتوڙيو.

گوبندرام حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. انهيءَ عرصي دوران "هندوفنڊ" جو ڊائريڪٽر به رهيو. ڀاڻ تولارام گرلس هاءِ اسڪول جو پريزيڊنٽ ۽ پنهنجي ڀاءُ سرڳواسي جيٺانند جي قائم ڪيل "ڀائيبند سڀا" جو اڳواڻ به رهيو. ان ڪان سواءِ جن ادارن ۽ جماعتن سان وابسته رهيو، تن مان هندوسڀا، هندو اناٿ آشرم، بئنڪرس ائسوسيئيشن، مکي چانڊومل وليرام پنجرا پوري ائسوسيئيشن، اين.ڊبليو. آر ايڊوائيزري ڪاميٽي، سنڌ ڪاٽن ڪاميٽي، ڊي جي سنڌ ڪاليج بورڊ ۽ نولراءِ هيرانند اڪيڊمي جا نالا ذڪر لائق آهن.

1936ع ۾ جڏهن سنڌ جو پرڳڻو بمبئي ڪان الڳ ٿيو، تڏهن سنڌ جي گورنر لاءِ جيڪو صلاحڪار بورڊ ٺهيو هن کي انهيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ اسيمبلي ۾ ڪيس غير ڪانگريسي هندو ميمبرن جو قائد چونڊيو ويو. جڏهن سنڌ جي پهرين ڪابينه ٺهي ته ڀاڻ سنڌ سرڪار جو پهريون هندو وزير مقرر ٿيو. 1945ع ۾ ڪيس ٻيو گهمرو وزير ٿيڻ جو موقعو مليو.

گوبند مالهي

گوبند مالهي جو شمار ڀارت جي برک سنڌي ناول نويسن ۽ نثر نويسن ۾ ٿئي ٿو. سندس ولادت 5 آگسٽ 1921ع تي نارو شاهه ۾ ٿي ۽ ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويو.

گوبند مالهي سنڌي ادب ۾ ڇڙتاري جيان آيو ۽ ايندي ئي هو سنڌي ادب تي ڇانئجي ويو. هن جي اچڻ کان اڳ سنڌي ناول خاموش، بي جان ۽ شور و غل کان خالي هو. پر مالهي جي ايندي ئي ناول ۾ وڏو انقلاب آيو. سندس نالو سنڌي ناول نگارن ۾ جذبات نگاريءَ ۽ ڪردارن جي اپٽار بابت مشهور آهي.

گوبند مالهي خاص ڪري ناول نويسي ۾ گهڻو نالو ڪمايو آهي. سندس ناولن جا خاص موضوع ڏيتي ليتي، پيار جي شادي، خانداني شاديون، گڏيل ڪٽنب جو مسئلو، طلاق جو مسئلو امن ۽ شانتي وغيره آهن. هن ٻين به ڪيترن ئي سماجي مسئلن کي پنهنجن ناولن جو مرڪز بڻايو آهي. ان کان سواءِ هن جي ناولن ۾ سنڌ جي سڪ، سنڌ جو ماحول، سنڌي جذبا، سنڌي ڪردار ۽ سنڌ جو وايو منڊل گهڻي حد تائين نظر اچي ٿو.

گوبند مالهي ڪيترائي ناول لکيا، ورهاڱي کان اڳ جي لکيل ناولن ۾ انقلابي سپاهي، ۽ انقلابي شاهراهه قابل ذڪر آهن. ڀارت وڃي هن هيٺيان ناول لکيا آهن.

آنسو (1952ع)، زندگيءَ جي راھہ تي (1952ع)، جيون ساٿي، (1952ع)، من جوميت (1953ع)، پکيئڙا ولر کان وڇڙيا (انعام يافتہ 1953ع)، للڪار (1954ع)، چنچل نگاھون (1954ع)، عشق ناھي راند (1955ع)، شرم ٻوٽي (1956ع)، لوڪ آھي ٻوڪ (1957ع)، ديسي سيٺ ڪجن (1958ع)، ڏيھي پرڏيھي ٿيا (1961ع)، پيار جي شڪست (1961ع)، سنڌو جي ڪناري (1961ع)، ھڪ انسان سو طوفان (1965ع)، محبت جي راھہ ۾ (1975ع)، پريتم ويو پرديس، سوداگر جي سونهن، ۽ ٽي ترجمو ڪيل ناول ساٿي، سيما ۽ ماءُ.

گورڌن ڀارتي

گورڌن پٽ آسومل محبوباڻي لوھاڻو 13 جنوري 1929ع تي ڳوٺ آراضي تعلقي سيوھڻ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو، ورھاڱي کان پوءِ ڀارت لڏيوجي اجمير ۾ رھيو. ڀاڻ ڀارت جي انهن ارڏن شاعرن مان ھڪ آھي جن شاعري ۾ نواڻ جو رنگ ڀريو آھي.

گورڌن ڪجهہ تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڀارت ۾ ايم اي آگرا يونيورسٽيءَ مان ۽ پرڀاڪر (ھندي) پنجاب يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري اجمير ۾ سب ھيڊ ٽريفڪ اڪائونٽس آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لڳو.

گورڌن ڀارتي نہ صرف سٺو شاعر آھي، پر سٺو ڪھاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ اداڪار پڻ آھي. ھن ڪيترائي ڪتاب لکيا آھن، جڪي وڏي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آھن. سندس شاعريءَ ۾ نئون رنگ نمايان آھي. ھو دل جي زخمن کان زياده جھان جي دک جو ذڪر ڪري ٿو. ھو داخلي الجھن بجاءِ خارجي حالتن کي وڌيڪ بيان ڪري ٿو. جو ڏسي ٿو سو ٻڌائي ٿو.

گورڌن جو ڪلام ڀارت توڙي سنڌجي رسالن ۾ شايع ٿيندو رھيو آھي ۽ آل انڊيا ريڊيو تان بہ نشر ٿيندو آھي. شاعري ۾ سندس استاد نارائڻ شيام ھو ۽ تخلص "ڀارتي" اٿس.

گورڌن ڀارتي ڪيترنئي ادبي سوسائٽين سان وابستہ رھيو آھي. ھن درسي ڪتاب بہ لکيا آھن. ڪيترن ڊرامن ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري چڪو آھي. ڪيس مجتنا طور ڪيترائي ايوارڊ مليل آھن. جن ۾ 1957ع ۾ ٻارن جي ادب تي ايوارڊ، 1962ع ۾ ڀارت سرڪار جي وزارت تعليم کان ايوارڊ، 1966ع ۾ واسواڻي ايوارڊ ۽ قومي گيتن جي سلسلي ۾ آل انڊيا ريڊيو طرفان مليل ايوارڊ شامل آھن. گورڌن جي شايع ٿيل ڪن ڪتابن جا نالا ھي آھن.

عمر مارئي (ھندي ڊرامو)، گل ۽ مکڙيون (شاعري)، پيلو چنڊ لال داغ

(ڪهاڻيون) انا مينهن ملير ۾ (شاعري)، طوفاني رات (ناٽڪ)، لاتيون (انعام يافتہ-ٻارن جا گيت)، نئين بستي (انعام يافتہ - ٻارن لاءِ آکاڻيون) پانڌي پراڻو واٽ نئين (ڪهاڻيون).

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

تون بيــــــقـــــرار دلين کي قـــــرار ڏيندو وڃ
نہ جن کي پيـــار مليـــو تن کي پيـــار ڏيندو وڃ
يقين ڪلهہ جو ڪٿي پـروسـو سـيـان جو ڪٿي
اســـان کي اڄ جو ربگو اعـــتـــبـــار ڏيندو وڃ.

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي

لالچند پٽ امر ڏنو مل جڳتياڻي 25 جنوري 1885ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين نثر نويس ٿي گذريو آهي.

لالچند امر ڏنو مل سنڌي جي تعليم گهر ۾ حاصل ڪئي. انگريزي تعليم وٺڻ لاءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ داخل ٿيو، جتان 1903ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. ۽ پو1918ع تائين ڪاليج ۾ پڙهندو به رهيو ۽ نوڪري به ڪندو رهيو. پاڻ سنڌ مدرسي ڪراچي مان ماستر جي حيثيت سان نوڪري ۾ داخل ٿيو ۽ ترقي ڪندو پروفيسر جي عهدي تي پهتو. 1941ع ۾ سنڌي ساهت مرڪزي صلاحڪار بورڊ (موجوده سنڌي ادبي بورڊ) جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو، سنڌي لغت تيار ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي مقرر ڪئي وئي هئي، ان جو به اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿي رهيو. مشهور رسالي مهراڻ جو شروع کان وٺي ورهاڱي تائين مئنيجنگ ايڊيٽر به ٿي رهيو.

لالچند امر ڏنومل جو نالو انهن اديبن ۾ شامل آهي، جن جديد سنڌي ادب جي اوسر لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. برک عالم، اديب و شاعر مولانا غلام محمد گرامي لکي ٿو ته "جيٺمل پرسرام، ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ۽ لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، اهي ٽئين صاحب سنڌي زبان لاءِ ڄڻ ابوامان هئا، جن سنڌيءَ کي پاليو پختو ڪيو ۽ سينگاريو."

لالچند اٽڪل32 ڪتاب لکيا، جن مان گهڻا ڇپيل آهن. هن ادب جي سيني فن تي ڪتاب لکيا، سنڌي زبان، لطيفيات، تصوف، گهرو زندگي، ناول، ڊراما، ڪهاڻيون ۽ مضمون وغيره لکيا. هن سيرت پاڪ تي پڻ ـ ڪ ڪتاب "حضرت محمد رسول الله" جي نالي سان لکيو، جنهن ڪري ڪي دوست کيس مذاق طور لالچند مان لال محمد سڏيندا هئا. پاڻ سليس ۽ سهڻي زبان ۾ لکندو هو، هن ڌارين زبانن جي ڏکين لفظن کي استعمال نه ڪيو آهي. ان ڪري سندس لکڻيون مني، سليس، صاف، عام فهم ۽ سهڻي سنڌي ٻولي ۾ آهن.

لالچند سياست ۾ به حصو ورتو. ڪانگريس هلچل ۾ حصو وٺڻ ڪري 1922ع ۾ جيل به ڏسي آيو هو. سنڌ هاري ڪميٽي ٺهڻ وقت پاڻ سائين جي ايم سيد وارن سان گڏهو. 1930ع ۾ هن ڪجهه دوستن سان گڏجي "سنڌي ساهت سوسائٽي" برپا ڪئي. هيءُ صوفي منش، صاف دل، بي تعصب ماڻهو هو. سنڌ سان کيس بي انتها محبت هئي، ورهاڱي کان پوءِ سنڌ مان وڃڻ تي هرگز دل ڪا نه هئس، پرپوءِ مجبور ٿي سنڌ ڇڏي وڃي بمبئي ۾ رهيو. سندس

ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه ڪتابن جا نالاهيٺ ڏجن ٿا.

سيڻ ڪي ويڻ (ڊرامو)، شاهاڻو شاهه، سچل سونهارو، بيرنگ باغ جو گل سنڌي (ٻه ڀاڱا - خليفي گل تي تنقيد)، ڦلن مٺن عمر مارئي (ڊرامو)، سدا گلاب (ترجمو)، سون ورنيون دليون (ترجمو- ناول) پرمانند، هندونارين سان ويل، ماڻهن ڪي دلداري، سر ڪيڏارو، حر مکيءَ جا، پريم جا ٻول، شاعراڻا گل، ماڻڪ موتي لال، پنيور، سر ڏهر ۽ ان جي تشريح، لڳ ننڍو جيءَ گهتو وغيره.

لالچند امر ڏنو مل جڳتسياڻي 18 اپريل1954ع تي پارت ۾ پر لوڪ پڌاريو. سندس وصيت مطابق سندس سنک سنڌ ۾ آڻي 18 اپريل 1956ع تي سنڌونديءَ ۾ حيدرآباد جي پر ۾ پرواهه ڪيا ويا، جنهن ۾ سنڌ جي ڪافي هندو ۽ مسلمانن حصو ورتو.

لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي

ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي سن1932ع ۾ ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو محقق آهي.

ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي ابتدائي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي، ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي گهر وارن سان گڏ ڀارت هليو ويو. وڌيڪ تعليم هن اتي حاصل ڪئي، اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا جي پينسلوانيا يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان 1961ع ۾ ايم اي ۽ 1963ع ۾ پي ايڇ ڊي (لسانيات) جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر خوبچنداڻي "زيگرب يونيورسٽي يوگوسلاويا" ۾ پروفيسر آف انڊين لنگسٽڪس ٿي رهيو، آمريڪا ۾ هونولولو جي ايسٽ ويسٽ سينٽر ۾ سينئر فيلو ٿي رهيو.

سنگاپور جي ريجنل انگلش لئنگويج سينٽرRELC ۾ 1976ع دوران نومهينار هيو. پاڻ پوني (ڀارت) جي مشهور ڊيڪن ڪاليج سان پڻ لاڳاپيل رهيو ۽ ڪجهه سال پوني جي سينٽر فارڪميونيڪيشن اسٽڊيز سان پڻ وابسته رهيو.

ڊاڪٽر خوبچنداڻي سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ ڀارتي اديبن ۾ سڀ کان نمايان حيثيت رکي ٿو. ان سلسلي ۾ هن ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب لکيا آهن. سندس لکيل پي ايڇ ڊي واري ٿيسز نهايت اعليٰ ۽ عمدي تحقيقي مواد تي مشتمل آهي. ان کان علاوه ڪرنٽ ٽرينڊس ان لنگئسٽڪس جي جلد 5 ۾ 1969ع ۾ ڇپيل سندس مقالو "ڪرنٽ ٽرينڊس ان سنڌي" پڻ سندس اهم ۽ يادگار ڪارنامو آهي. هن مقالي ۾ هند ۽ سنڌ ۾ ٿيل ڪم کي نظر ۾ رکندي، سنڌي لسانيات جي هر پهلوءَ ۾ ٿيل ڪم جو تعارف ۽ جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جا ڏهہ مضمون جيڪي هن 1968ع کان 1976ع تائين لکيا، ان جو مجموعو سنگاپور جي ريجنل لينگويج سينٽر RELC پاران ڇپايو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ بابت سندس رايو آهي تہ "سنڌيءَ جو وارڇڌ اپيــرنش سان ڪوبہ تعلق ڪونهي، جيئن مارڪٽڊيہ ڄاڻايو آهي. پر سنڌي ڪنهن آڳاٽي پراڪرت مان اسري نسري آهي."

پوني جي مشهور ڪاليج ڊيڪن ڪاليج ۾ سنڌي لسانيات جو شعبو سن 1961ع ۾ قائم ٿيو. جنهن جي، ترقي ۽ واڌاري ۾ ڊاڪٽر خوبچنداڻي جو گهڻو حصو آهي. هن ڪاليج ۾ جامع سنڌي، انگريزي ڊڪشنريءَ جي رٿا تيار ڪئي وئي، جنهن جا ٻہ حصا خوبچنداڻي تيار ڪري 1968ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. ڪيس سنڌي ٻوليءَ کان علاوه لسانيات جي ٻين مختلف شاخن ۾ پڻ انٽرنيشنل مڃتا حاصل آهي.

لطف الله بدوي

لطف الله ولد حاجي امام بخش "خادم" بدوي 4 جولاءِ 1904ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بلند پايہ شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

لطف الله بدوي سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد وٽ حاصل ڪئي، جيڪو پڻ ناميارو شاعر ۽ سنڌي زبان جو اوائلي نثر نويس ٿي گذريو آهي ۽ سندس ذڪر پنهنجي جاءِ تي اچي چڪو آهي. لطف الله انگريزي پڙهڻ لاءِ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، ڇهن درجن پڙهڻ کان پوءِ والد جي وفات سبب تعليم ترڪ ڪري نوڪري جي تلاش ۾ رهيو. بہ ٽي نوڪريون ڪيائين، پر ڪٿي بہ سڪون نہ مليس، آخر 1920ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري ماستر مقرر ٿيو.1925ع ۾ لائلپور (موجوده فيصل آباد) جي زرعي ڪاليج ۾ چونديو جتان ٻن سالن ۾ ايگريڪلچرل ٽيچر ڪورس مڪمل ڪري اچڻ کان پوءِ ايگريڪلچرل ماستر مقرر ٿيو. 1949ع ۾ ميونسپل اسڪولن جو اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر بنيو ۽ 1952ع ۾ بي اي پاس ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ سنڌي جو عارضي طرح ليڪچرار مقرر ٿيو. آخر مستقل ملازمت ۾ رهي 4 جولاءِ 1958ع تي رٽائر ٿيو.

لطف الله بدوي کي علم ۽ ادب ورثي ۾ مليل هئا. هن سنڌي کان علاوه اردو ۽ فارسي زبانن ۾ بہ لکيو، شاعري ۽ نثر جي هر صنف تي لکيو اٿس. پاڻ قادر الڪلام شاعر هو، سندس شاعري نئين زندگي، مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهي. سندس اردو ڪلام اردو رسالن ۾ پڻ شايع ٿيندو رهندو هو. هن شاعري جي شروعات 1920ع کان "جوڳي" تخلص سان ڪئي، پر بعد ۾

پنهنجو تخلص " لطف" اختيار ڪيائين. هن نظم توڙي نثر ۾ نهايت سليس، سهڻي، عام فهم ٻولي استعمال ڪئي آهي.

اخلاقيات، تاريخ ۽ تصوف سندس پسنديده موضوع رهيا. پاڻ تمام وڏو اهل قلم هو. هن سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ اٽڪل140 ڪتاب تصنيف، ترتيب ۽ ترجمو ڪيا، جن مان چاليهن جي قريب ڪتاب ڇپيل اٿس. باقي مسودا موجود آهن. هن جو سڀ کان اهم ادبي ڪارنامو ڪتاب "تذڪره لطفي" ۽ علامه اقبال جي فارسي ڪلام جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ليکيو وڃي ٿو. سندس شايع ٿيل اهم ڪتاب هن ريت آهن.

سيدنا علي المرتضيٰ (1930ع)، رت جا ڳوڙها ،ناول 1935ع)، تذڪره لطفي 3 ڀاڱا (تحقيق ۽ تنقيد 1936ع، 1946ع ۽ 1953ع)، عروس عجم (ناول 1941ع)، حيات اقبال (شخصيات1952ع)، ڪليات خادم (ترتيب 1958ع)، ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام (ترتيب 1964ع)، اسرار نامو (ترجمو1965ع)، هير رانجهو (قصو)، مير بهرام (ناٽڪ)، جاويد نامه اقبال(ترجمو)، ارمغان حجاز (ترجمو) وغيره.

لطف الله بدوي 19 نومبر 1968ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سوڍو ساهه ڏئي ويو اُڪرس ۽ اُڪير
هڪ هجي تان چينيان هت سوين پيا چير
ويني پوڇيان پير ڪانگ لنوندا ڪڏهين

لعل بخش خان لغاري

لعل بخش خان ولد نظر علي خان لغاري سن1860ع ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پاڻ وڏو سگهڙ، سياڻو، شاعر ۽ پهلوان مڙس ٿي گذريو آهي.

لعل بخش خان لغاري جو والد مسڪين هاري هو. انهيءَ ڪري ڪيس ٻه ساڳيو ڏنڌو ورثي ۾ مليو. تعليم حاصل ڪري نه سگهيو، رڳو ٿورو لکي پڙهي سگهندو هو، ليڪن پاڻ نهايت ذهين ۽ اعليٰ دماغ وارو انسان هو، جنهن ڪري سندس سمجهه تمام گهڻي هئي.

لعل بخش جواني ۾ نهايت صحتمند ۽ طاقتور مڙس هو، ملهه به وڙهندو هو ۽ ڪيترن ئي ناميارن ملهن کي شڪست ڏنائين. ان کان علاوه پاڻ اڌ مٽي (ڏڙي) اشهد آڱر ۾ سنئين ٻانهه کڻندو هو ۽ پوٺا تي مڻ وزني پٿر کي ويهي ڪلهو ڏئي اڪيلي سر کڻندو هو. سندس اها ڪايا 26، 27 ورهين جي ڄمار

ميمبر طور شامل ڪيو ويو. ان دوران جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ شروع ٿي ته سنڌ ۾ هزارين ماڻهو گرفتار ٿيا. سوين ماڻهو شهيد ٿيا ۽ ڪيترن ئي ماڻهن تي ڪوڙن جي برسات وسائي ويئي، هن ظلم خلاف احتجاج ڪندي لياقت صاحب مجلس شوريٰ تان استعيفا ڏئي ڇڏي. 1985ع واري اليڪشن ۾ پاڻ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي علائقي جي ماڻهن جي ڪافي خدمت ڪئي. 1990ع جي چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ ڄام صادق علي جي وزارت ۾ سنڌ جو وزير خزانه ۽ ايڪسائيز جو وزير ٿي رهيو. ان کان اڳ نگران حڪومت ۾ ايريگيشن جو وزير ٿي رهيو. فيبروري 1997ع واري اليڪشن ۾ مسلم ليگ (نواز گروپ) جي ٽڪيٽ تي ميهڙ واري تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. هن اليڪشن ۾ قومي اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ (نواز گروپ) کي واضح اڪثريت ملي وئي، ليڪن سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪابه پارٽي سادي اڪثريت به حاصل نه ڪري سگهي. جڏهن نواز شريف ملڪ جو وزيراعظم ٿيو ته هن لياقت علي جتوئي کي سنڌ ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ چيو. جتوئي صاحب ايم ڪيو ايم ۽ ٻين ننڍين پارٽين ۽ آزاد ميمبرن جي اتحاد سان حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ 22 فيبروري 1997ع تي لياقت علي جتوئي وزيراعليٰ سنڌ جي عهدي جو حلف کنيو. ليڪن سگهوئي سندس حڪومت مختلف مسئلن جو شڪار بنجي وئي. ايم ڪيو ايم وارا جيڪي هميشه بليڪ ميلنگ واري سياست ڪندا رهيا آهن، انهن جتوئي صاحب کي به خوب بليڪ ميل ڪيو، روز روز حڪومت کان الڳ ٿيڻ جي ڌمڪي ڏئي، وري ڪروڙين روپيه وٺي ڪجهه ڏينهن حڪومت سان ها ۾ ها ملائيندا رهيا. اهڙي طرح هنن ٻيا به ڪيترائي پنهنجا من پسند فيصلا حڪومت کان قبول ڪرايا ۽ جيئن پوءِ تيئن سندن مطالبن ۾ اضافو ٿيندو ويو، هوڏانهن سنڌ جا ترقياتي ڪم بلڪل بند ٿي ويا، مالي بحران شديد ٿيندو ويو، لياقت سرڪار بلڪل ئي ايم ڪيو ايم جي هٿن ۾ يرغمال ٿي وئي جو سندس حڪومت جي ڪرسي ٻيئل ئي ايم ڪيو ايم جي ٽيڪ تي هئي، آخر 23 آڪٽوبر 1998ع تي ايم ڪيو ايم حڪومت مان نڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن ڪري نواز شريف 30 آڪٽوبر 1998ع تي لياقت جتوئي جي حڪومت کي معطل ڪري سنڌ ۾ گورنر راڄ قائم ڪري ڇڏيو.

ليکراج ڪشنچند "عزيز"

ليکراج ڪشنچند مير چندائي تخلص "عزيز" 19- ڊسمبر1897ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ نثر نويس ٿي گذريو آهي.

ليکراج ڪشنچند "عزيز"جاوڏا زميندار هئا. هن اين ايچ اڪيڊمي هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪئي وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بمبئي

ڪان وٺي 50 سالن جي عمر تائين هلي.

لعل بخش ڳالهائڻ جو تيز ۽ حاضر جوابي ۾ پنهنجو مٽ پاڻهو. ويٺي ويٺي اهڙيون ڳالهيون ڪندوهو، جو ويٺل ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي پوندا هئا. پاڻ ڪچهري ۾ ويندوهو ته هر ڳالهه ۽ هر نقطي کي پروڙي پوءِ پنهنجو رايو ڏيندو هو. سنڌس سهڻي سمجهه سبب ان ڪيترائي خاندان سنڌس دوست بڻجي ويا. وقت جي مشهور سگهڙن سان سنڌس دوستانه تعلقات هوندا هئا. شعروشاعري ۾ حسن بخ ... ۽ حيدرخان کي پنهنجو استاد ڪري ورتائين. سنڌس قول هوندو هو ته "بنا صفت جي حق کي رسڻ مشڪل آهي" ڪيس ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام ياد هوندو هو، نه فقط لفظ ياد هوندا هئس، پر انهن جي معنيٰ ڪان به بخوبي واقف هو. پاڻ ڪچهرين جو مور هوندوهو. راتين جون راتيون محفلن ۾ مست هوندو هو، ديسي، پرديسي سگهڙ سياڻا ۽ شوقين سنڌس محفل ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. پاڻ مستي ۽ موج ۾ اچي شعر چوندو هو.

لعل بخش خان لغاري سن 1938ع ۾ وفات ڪئي، سنڌس ڪافي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏاڍا ناز ڪري نينهن لايو تو
مهدي ٿي تون مڪي آئين،
حڪم حق جو هلايو تو،
يوسف ۾ ڪا رمز رکي تو،
ٿي مالڪ ملهه . ڪايو تو.

لياقت علي جتوئي

لياقت علي ولد عبدالمجيد خان جتوئي 1948ع ۾ ڳوٺ ٻيٽو جتوئي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ معروف سياسي شخصيت آهي.

لياقت علي جتوئي تعليم مقامي اسڪولن مان حاصل ڪئي، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ئي ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ ڪجهه وقت ڪان پوءِ نوڪري ڇڏي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو.

لياقت صاحب 1977ع ۾ ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه تڪ مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو، پر پوءِ سگهوئي ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪري اسيمبليون ختم ڪري سياسي سرگرمين تي پابندي لڳائي وئي.

جنرل ضياءَ جڏهن مجلس شوريٰ قائم ڪئي ته، ان ۾ جتوئي صاحب کي

جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ٻمبئي ۾ هن ڪي عشق جي چوٽ لڳي وئي ۽ عشق ۾ ناڪاميابي سبب تعليم ۽ ٻمبئي ٻنهي کي ڇڏي اچي حيدرآباد پهتو ۽ مرندي دم تائين شادي نه ڪيائين. حيدرآباد ۾ سندس پيءُ جو جواهرات جو دڪان هو پاڻ اهو سنڀالڻ لڳو. ورهاڱي کان پوءِ پارت هليو ويو، پهريان احمدآباد ۽ پوءِ ٻمبئي ۾ وڃي رهيو جتي ڪيس ڪي سي ڪاليج ۾ سنڌي پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هن زندگيءَ جا پويان ڏينهن سنڌ کي سارينديي اتي ئي پورا ڪيا.

ويهين صدي جي پهرين اڌ دؤران سنڌي ادب پنهنجي اوج تي هو. ان وقت جا اديب ۽ شاعر سنڌي ٻوليءَ تي پنهنجو ساهه ڇڏيندا هئا. هنن مختلف ادبي صنفن ۾ جيڪي خزانا گڏ ڪيا تنهن لاءِ سنڌي ٻولي سندن احسان مند آهي. انهن مان گهڻا اديب ۽ شاعر ورهاڱي وقت پنهنجي سر زمين کي ڇڏي پارت هليا ويا، ليڪن سندن اڻمٽ ادبي نقوش هميشه يادگار رهندا. انهن اديبن ۽ شاعرن مان ليکراج ڪشنچند "عزيز" پڻ هڪ هو.

پاڻ هڪ ڪامياب مضمون نويس، مقبول شاعر، علم عروض جو ڄاڻو، سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، همت وارو مرد، زنده دل انسان، دلاور دوست ۽ رنگين طبيعت رکندڙ شخص هو. سندس علمي ادبي خدمتون ناقابل فراموش آهن. سندس ڪيترائي مضمون مشهور آهن، جن کي پڙهڻ کان پوءِ ايئن ٿو محسوس ٿئي ته، تحرير جي فن ۾ ورلي ڪو ماڻهو سندس برميچي سگهندو. سندس مضمونن جو هڪ مجموعو "ادبي آئينو" سنڌ ۾ پهريون ڀيرو 1941ع ۾ ڇپيو، جنهن کي پوءِ ڪيترائي ڀيرا ڇپرائيو ويو، جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ بي- اي (سنڌي لازمي) جي ڪورس تي رکيل هو. ان کان سواءِ تنقيدي مضمونن جا مجموعا "گل وخار" ۽ "سامي" لکيائين. هن ڊراما به لکيا جن مان "ڪمار اجيت سنگهه"، "مسنڌ مجنون" ۽ "غريبان مار" سندس لکيل مشهور ڊراما آهن.

ليکراج ڪشنچند "عزيز" بهترين شاعر به هو. هن شعر جي قديم هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي، ليڪن غزل ۽ رباعي جي حوالي سان گهڻو سڃاتو وڃي ٿو. سندس شاعري ۾ زبان جي سلاست مضمون جي چٽائي ۽ دل جي ڪيفيت بلڪل موزون لفظن ۾ پيش ڪيل آهي. سندس غزل ۾ نهڪندڙ تشبيهون، واقع بندي ۽ معامله نگاري پنهنجي بلنديءَ تي آهن. شاعري ۾ سندس لکيل ڪتاب آهن، ڪليات عزيز- پيغام عزيز- گلزار عزيز- گلشن نظم- آبشار- صراحي- ڀڄڻ ٻول- سوز وساز- ۽، مصر جي راڻي.

پاڻ سنڌي کان علاوه عربي، فارسي ۽ اردو زبانن جو پڻ ماهر هو. هن 19- آگسٽ 1971ع تي ۾ لوڪ پڌاريو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دنيا ۾ ڪئين آيا ڪئين پيا ويندا
جي ويندا ڪٿي تن جي نہ ڪل ڪي ايندا
پر ڪر هيءَ يقين ڄاڻ انهن راز حيات
جي غم ۾ ڪلي ماڳ ڏي راهي ٿيندا.

ليلا رام "خاڪي"

ديوان ليلا رام "خاڪي" پٽ وطن مل ٽيڪوائي 13- آڪٽوبر 1867ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ سٺو غزل گو شاعر، نقاد، ناٽڪ نويس ۽ شاهہ جو شارح ٿي گذريو آهي.

ديوان ليلا رام جو پيءُ غريب ماڻهو هو. انڪري سندس تعليم مکي ڏنراج مل جي خرچ تي ٿي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ 1886ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي- اي ۽ بعد ۾ ايل- ايل- بي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پهريان وڪالت شروع ڪيائين ۽ پوءِ سب جج مقرر ٿيو، جتان 1918ع ۾ رٽائر ڪيائين.

ديوان ليلا رام "خاڪي" ملازمت دوران نثر ۽ نظم ۾ لکندو رهيو. کيس عربي ۽ فارسي زبانن جي بہ سٺي ڄاڻ هئي. پاڻ قادر الڪلام شاعر هو. تخلص "خاڪي" وجهندو هو. سندس غزلن تي مشتمل ديوان 1921ع ۾ "ديوان خاڪي" جي نالي سان ڇپيو هو. نثر ۾ هن ڪيترائي ناٽڪ لکيا. سندس پهريون ناٽڪ "هريش چندر" هو، جيڪو 1895ع ۾ پيش ڪيو ويو. هن انگريزي زبان ۾ لطيف سائين جي حياتي، فڪر ۽ فن بابت ڪتاب "Life Religion and Poetry of Shah latif" - 14- مارچ 1889ع تي لکي مڪمل ڪيو، جيڪو 1890ع ۾ ڪراچي مان ڇپيو. ديوان صاحب نقاد ۽ ٻوليءَ جو وڏو پارکو بہ هو. هن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي تي انگريزي ۾ سخت تنقيدي ليک لکيو، جيڪو "پارت واسي" ۾ ڇپيو هو.

ليلا رام "خاڪي" خالص ڌرمي انسان هو. ڪيئي خير جا ڪم ڪيائين، خاص ڪري سماجي ڪمن ۾ سڀني کان اڳرو هوندو هو. سندس مرتيو سن 1941ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس هڪ غزل جا ڪجهہ شعر هيٺ ڏجن ٿا.

مرحبا اي گل گلابي خوش لقا اي خوش نما
بوءِ خوش ديدار خوش اي خوب ياري باغ باغ
باغ آهي هي جهان انسان آهي گل عجيب
باغبان بستان مخفي دل اجاري باغ باغ

ماکن شاهہ رضوي

سيد ماکن شاهہ ولد سيد جيئرو شاهہ رضوي 11- نومبر 1960ع تي شهر جهڏي، ضلعي ميرپور خاص ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس، مضمون نگار، شاعر ۽ اسٽيج ۽ ريڊيو جو شهنشاهہ ڪمپيئر آهي.

سيد ماکن شاهہ رضوي جي پرورش جهڏي ويجهو سندس والد صاحب جي ٻڌرايل ڳوٺ جيئرو شاهہ لڳ خيرپور گنبو تعلقي ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ ٿي. پاڻ ميرپور خاص مان بي- اي پاس ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي اباڻي ڪرت زمينداري سان لڳي ويو. شعر و سخن ڪيس ورثي ۾ مليل آهي. سندس خاندان ۾ ڪانئس اڳ شاهہ عنايت رضوي نصرپور وارو، مصري شاهہ رضوي، شاهہ شريف، قطب شاهہ، بلاول شاهہ، سيد عباس علي شاهہ ۽ لال حسين شاهہ سوز جهڙا اعليٰ پايي جا شاعر ٿي گذريا آهن.

سيد ماکن شاهہ جو نالو بہ اهڙي ريت قلم ڌڻين ۾ شامل ٿئي ٿو. ڪيس ذات قدرت بخشي ۽ ذوق ادب سندس استاد مجذوب لاشاري صاحب جي صحبت مان مليو. هن باقاعده لکڻ جي ابتدا 1973ع کان ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي "عزت جو سوال" ملير ڊائجسٽ ۾ ڇپي. هيستائين سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس 82 ڪهاڻيون ۽ ڪجهہ شعر ڇپيا آهن. سندس ڪلام ڪجهہ فنڪارن پڻ ڳايو آهي. ان کان سواءِ هندستان جي ادبي پرچن ۾ بہ سندس تخليقون شايع ٿيون آهن. 1983ع ۾ سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "زهر جهڙي زندگي" ڇپجي پڌرو ٿيو. وڌيڪ سندس لکيل نوڪتاب نشر ۾ ۽ هڪ شعري مجموعو "گهايل گيت اسان جا" ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن. تنهن کان سواءِ شاهہ صاحب ريڊيو پاڪستان لاءِ 53 ڊراما ۽ 244 فيچر لکيا آهن ۽ ٽيليوزن لاءِ 48 اردو ۽ 22 سنڌي ڊراما لکيا آهن.

12 مئي 1984ع تي پروڊيوسر نصير مرزا سيد ماکن شاهہ کي ليکڪ جي حيثيت سان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آندو، بعد ۾ پروڊيوسر علي نواز خاصخيلي 1987ع ۾ ڪمپيئر طور کيس ريڊيو ٻڌندڙن سان متعارف ڪرايو، جنهن کان پوءِ هو ڪيترن ئي پروگرامن ۽ سلسلن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندو رهيو آهي. سندس ڪمپيئرنگ ۽ تحريرن جن سلسلن کي عروج بخشيو، انهن ۾ رتن ساڻ رهاڻ، سونارو پارنگ، سرس سوائي سنڌ، شعر ستارا، سنگيت رنگ، سرهي سرهي سوچ ۽ پيا ڪوڙ سارا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا سلسلا ۽ پروگرام شامل آهن.

سيد ماکن شاهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ڪلام تي بہ

جاڪرڻ ڪئي آهي. شاهه جي سٽن سورمين وانگر ست سورما متعارف ڪرايا اٿس. انهيءَ سان گڏ شاهه جا پورهيت، شاهه جا پکي جهڙن عنوانن تي مضمون لکي فيچر جي صورت ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ڪرايا. سنڌ جا آهي ڳوٺ ۽ شهر جيڪي عورتن جي نالي آباد ٿيا، تن کي تاريخ جي روشني ۾ قلمبند ڪري ريڊيو تان نشر ڪرايائين. پاڻ لاتعداد پروگرامن جي نشريشن ۽ اليڪشن پروگرام جو36 ڪلاڪن جو اسڪرپٽ لکي چڪو آهي. ريڊيو سان اڃا ناتو جوڙيو اچي.

ماڪن شاهه اسٽيج تي پڻ ڪمپيئرنگ جو ڏاڪو چڙهائي چڪو آهي. پاڻ سڌوري سنڌ جو اهو ڪمپيئر آهي جو جڏهن ڪنهن محفل کي پنهنجي ڪمپيئرنگ جو شرف بخشيندو آهي ته ان محفل ۾ ڪيترائي ماڻهو صرف سندس من موهيندڙن ڪمپيئرنگ ٻڌڻ لاءِ ايندا آهن. سنڌ جا ماڻهو کيس نهايت پيار ۽ عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا.

سيد ماڪن شاهه رضوي کي پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن جو "ايڪسي لينسر ايوارڊ" مليل آهي، ليڪن سندس ادبي خاص طور تي فني خدمتون ڪنهن ايوارڊ وغيره کان گهڻو مٿي آهن.

مانڪ / منير

منيراحمد المعروف "مانڪ" ولد محمد ادريس ميمڻ 5 مارچ1943ع تي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس ٿي گذريو آهي.

مانڪ ابتدائي ۽ سيڪنڊري جي تعليم نواب شاهه ۾ حاصل ڪئي، ۽پوءِ ايم اي، بي ايڊ، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي جا امتحان پاس ڪيائين. هن ماستري، سوشل ويلفيئر آفيسري ۽ روسي سفارتخاني ۾ نوڪري به ڪئي ته وڪالت ۽ ميڊيڪل اسٽور به هلايائين.

مانڪ نواب شاهه ۾ رهي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندي پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي، شروع ۾ "منير سنڌي" ۽ بعد ۾ "مانڪ" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن سو کان وڌيڪ ڪهاڻيون، ڪجهه ناول، ناوليٽ ۽ ڊراما وغيره لکيا ڪجهه وقت صحافت ۾ به ڪم ڪيائين، ليڪن کيس شهرت ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان حاصل آهي.

مانڪ جون ڪهاڻيون ۽ ناول سماج جي مڪمل ۽ واضح تصوير آهن. سندس هر تحرير سندس سوچ ۽ انداز بيان جي ڪري واضح طور ڇٽي آهي. هن ڪيترائي ڇرڪائيندڙ موضوع ڪٺي ڪهاڻيون لکي سنڌي ادب ۾ ڌماڪا مچائي ڇڏيا. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين تي سخت اعتراض ٿيا ۽ کيس ڪچيون گاريون

به مليون، پر هو انهن جي بنا ڪا پرواهه ڪندي ويتر وڌيڪ سچائي ۽ بنا ڪنهن رک رکاءُ جي سماجي برائين تي لکندو رهيو. خاص ڪري عورت جي بيوسي ۽ حق تلفيءَ جو ذڪر هن ظاهر ظهور ڪيو آهي.

سندس لکيل ڪهاڻي "حويليءَ جا راز" جڏهن شايع ٿي ته ماڻڪ هڪڙن ماڻهن جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳو، ته وري جاگيردارانه نظام جي ڏنگيل، بيوس ۽ پيڙيل طبقي جي ماڻهن ۽ ادبي حلقن کيس داد ڏنو. هن ڪهاڻي جو موضوع اها بيهوده رسم هئي، جنهن ۾ ڏيءَ کي حق بخشائبو هو. جنهن ڪري هوءَ يا ته سڄي عمر ڇڙي ڇڙي مرندي هئي يا ته پنهنجو رستو پاڻ ڳولڻ تي مجبور ٿيندي هئي.

مطلب ته ماڻڪ ڏاڍو حقيقت پسند لکيڪ هو. منجهس منافقت جي بوءِ به نه هئي ۽ پنهنجي مقصد سان انتهائي حد درجي جو سچو هو. سندس شايع ٿيل هينيان ڪتاب سنڌي ادب ۾ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

حويليءَ جا راز (ڊگهي ڪهاڻي)، لڙهندڙ نسل (ناولٽ 1972ع)، پاتال ۾ بغاوت (ڪهاڻي 1977ع)، رڄ ۽ پڙاڏا (ڪهاڻيون ۽ ناولٽ 1976ع) ۽ ڇهه انامر ڪهاڻيون (ڪهاڻيون 1981ع).

ان کان علاوه سندس پيون انيڪ لکڻيون سنڌ ۽ هند جي مختلف رسالن ۽ سلسلن ۾ ڇپيل آهن. جڏهن ته هن "ڪلاچيءَ جي ڪنڌيءَ ۾" جي نالي سان موروڙي جي ڪهاڻي جي پس منظر ۾ ناٽڪ، "زندگي هڪ ڪن" ٽي وي لاءِ ڊرامو، "مائي بختاور" اسٽيج ڊرامو ۽ ڪجهه مضمون پڻ لکيا آهن.

ماڻڪ/ منير سنڌي 26 جنوري 1982ع تي نواب شاهه ۾ آپگهات ڪري جسماني طرح پنهنجو انت آندو، پر سنڌي ادب جي دنيا ۾ هو اڄ به زنده آهي.

ماهتاب محبوب

ماهتاب منور بيگم محبوب شيخ 14 جولاءِ 1945ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿي. پاڻ سنڌي ادب جي نالي واري ليکڪا آهي.

ماهتاب محبوب جو تعلق حيدرآباد جي عباسي (ڪلهوڙا) خاندان سان آهي. هن ابتدائي تعليم سينٽ ميريز ڪانوينٽ ۽ مدرسته البنات مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ گرلز ڪاليج حيدرآباد مان گريجوئيشن ڪئي.

ماهتاب محبوب پنهنجي ادبي سفر جي شروعات ٻالڪ پٽي ۾ ٻارائي ادب سان ۽ وڏين ۾ ڪهاڻين جي ترجمن سان ڪئي، هو 1960ع کان باقاعدگي سان لکندي پئي اچي. هن ڪيترائي نفسياتي مضمون ۽ تحقيقي مقالا پڻ لکيا جيڪي ان وقت نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. "ڪڏهن ائين به ٿيندو

آهي" سندس پهرين طبع زاد ڪهاڻي آهي جيڪا نئين زندگي ۾ شايع ٿي.

ماهتاب محبوب سنڌي ادب جي واحد ليکڪا آهي جا ادب جي ٽڪائيندڙ، ورڇائيندڙ ۽ هاجيڪار حالتن جي باوجود مسلسل سچائي ۽ جرائت سان زندگيءَ جي مختلف روپن جا چٽر چٽيندي رهي آهي، جاڳالهه سنڌي ادب لاءِ نئون مثال، نيڪ فال ۽ خود ليکڪا لاءِ اعليٰ اعزاز آهي. سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ ۾ ماهتاب جي حصي ۾ ڪي پيا به اعزاز آيا آهن. اها ڳالهه نهايت فخر جهڙي آهي ته سنڌ اندر ڪنهن ڪهاڻيڪار خاتون جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو، ماهتاب محبوب جو ڪتاب "چانديءَ جون تارون" 1970ع ۾ ڇپيو، جنهن ساڳئي سال ۾ پاڪستان رائيٽرز گلڊ (1) جو انعام پڻ حاصل ڪيو. پاڻ واحد خاتون ليکڪا آهي، جنهن ادبي شخصيتن تي قلمي خاڪا لکي پهريون پيرو ڪتابي شڪل ۾ "جيءَ جهروڪا" جي نالي سان ظاهر ڪيو. پاڻ پهرين سنڌي ليکڪا آهي. جنهن جي چونڊ سنڌي ڪهاڻين جو اردو مجموعو "پل صراط" شايع ٿيو. اهڙي ريت 1980ع ۾ هن پنهنجي انڊيا جي سفر کي ادبي سفرنامي جي صورت ۾ لکي "اندر جنين اُڄ" جي نالي سان سنڌي ادب کي هڪ شاهڪار تخليق ڏني. ان سفرنامي نه رڳو هند ۽ سنڌ جي اديبن کي هڪ ٻئي لڳي ويجهو آندو، بلڪ هند ۽ سنڌ جي سمورن سنڌين کي سِڪ ۽ پيار جي اتوٽ رشتن ۾ ڳنڍي ڇڏيو. اهڙو مثال اڄ تائين ڪنهن سفير به قائم ناهي ڪيو، جيڪو ماهتاب جي ادبي سفرنامي ڪان پوءِ قائم ٿيو آهي ۽ اڄ ٻنهي ملڪن جا سنڌي وڏي سِڪ مان هڪ ٻئي ڏي اچي وڃي رهيا آهن. "اندر جنين اُڄ" ۽ "سرهي سرهي سار" ان لحاظ کان پنهنجي نوعيت جا منفرد ۽ شاهڪار ڪتاب آهن، جن کي هند توڙي سنڌ ۾ زبردست مڃتا ملي آهي.

ماهتاب محبوب قلم وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي هڪ نئين زندگي ڏني آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار جيئرا جاڳندا اسان مان آهن. سندس ڪا به ڪهاڻي پڙهڻ سان ائين نه لڳندو ته هي جملا ڪردار جا نه پر ليکڪا جا آهن ۽ اهائي سچي اديب جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي ته، هو ڪردارن جي وات ۾ پنهنجي زبان نه رکي، مطلب ته پاڻ هر حال ۾ هڪ ڀڄڻ، ڌيرج پري، ڌيان واري، سٺائتي ۽ پنهنجي ڊنگ ۽ پختي رنگ واري ڪهاڻيڪار آهي.

هن ڪهاڻين سان گڏ ٽي وي ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي ناٽڪ، مقالا ۽ مضمون لکيا آهن ۽ گڏوگڏ هڪ سٺي مصوره ۽ ڪالم نويس پڻ آهي. سندس لکڻيون اردو انگريزي، هندي ۽ گجراتي زبانن ۾ به ترجمو ٿي چڪيون آهن.

(1) پاڪستان رائيٽرز گلڊ جو قيام 31 جنوري 1959ع تي عمل ۾ آيو، قدرت الله شهاب ان جو پهريون جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو.

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان علاوه ماهتاب محبوب جا وڌيڪ ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن.

پرهه کان پهرين (ڪهاڻيون)، مٺي مراد (ڪهاڻيون)، لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)، راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)، ورهاڱي جو ورجاءُ (مضمون)، خواب خوشبو ڇوڪري (ناول) وغيره.

ماهتاب محبوب کي ادبي خدمتن عيوض مختلف طور ڪيترائي انعام اعزاز ۽ ايوارڊ مليل آهن، جن ۾ اديبن ۽ دانشورن جي قومي ڪانفرنس 1994ع جي موقعي تي وقتي صدر جناب فاروق احمد لغاري طرفان مليل "شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ" به شامل آهي.

مبارڪ علي خان، استاد

خانصاحب استاد مبارڪ علي خان سنڌ جي ناميارو ڳائڪ استاد گامڻ خان جو فرزند هو. پاڻ شڪارپور شهر ۾ ڄائو نپنو سنگيت جي سکيا پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪري فن جي بلنديءَ تي پهتو، ان دؤر ۾ پوري هندستان ۾ خيال جي گائڪيءَ کي مقبوليت حاصل هئي. شڪارپور جي هاندن [1] ۾ توڙي سنڌ جي ٻين شهرن ۾ سنگيت جي محفلن ۾ سڄي هندستان جا ڳائڻا شرڪت ڪندا هئا. استاد مبارڪ علي خان به انهن محفلن ۾ خيال جي گائڪيءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو ۽ گهڻي شهرت حاصل ڪئي.

مرحوم رئيس ضياءُالدين ايس-بلبل استاد مبارڪ علي خان سان منسوب ٿيل هڪ دلچسپ واقعو قلمبند ڪيو آهي. جنهن ۾ هو لکي ٿو ته "هڪ ڀيري راڳ جي ڪنهن محفل ۾ حاضرين ڪيس ملهار ڳائڻ جي فرمائش ڪئي. استاد جڏهن وجد ۾ اچي ملهار ڳايو ته مينهن وسي پيو."

سنڌ جو هي ممتاز گويو ڪجهه عرصو سنگيت جي شيدائي سيٺ وشنداس وٽ مانجهوءَ ۾ رهيو ۽ ان کان پوءِ سيٺ صاحب جي قائم ڪيل وشن نگر (ٽنڊو آغا) حيدرآباد ۾ فن موسيقي جي سکيا ڏيندو رهيو ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. جتي سن 1941ع ۾ وفات ڪري ويو، سندس پٽ قدرت الله خان سٺو گويو ٿي گذريو آهي، جيڪو ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان گڏ سنڌي موسيقيءَ جي مشهور صنف ڪافيءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو. مشهور فنڪار ظفر علي خان سندس پٽ آهي.

---

(1) ورهاڱي کان اڳ شڪارپور شهر ۾ هر سال هوليءَ جي ڏينهن ۾ موسيقيءَ جو اجلاس ٿيندو هو، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جا مشهور ڳائڻا شريڪ ٿيندا هئا. ان اجلاس کي "هاندو" چوندا هئا. اهڙو برصغير ۾ ٻيو ڪٿي به نه ٿيندو هو.

منا خان زرداري

منا خان ولد راڻو خان زرداري سن1920ع ۾ پريتم آباد تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پاڻ مشهور گهڙي نواز آهي.

منا خان زرداري پرائمري جي تعليم پريتم آباد ۾ حاصل ڪئي، سيڪنڊري جي تعليم پهريان وزير آباد مان، پوءِ مدرسه ترشهروفيروز ۽ آخر ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي، جتان 1942ع ۾ مئترڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو. پهريان نواب شاهه ايئرپورٽ ۾ ملازم ٿيو، ليڪن 5 مهينن کان پوءِ سيپٽمبر 1942ع ۾ ايس پي ميرپور خاص جي آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو، جتان ترقي ڪندو 1970ع ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي پهتو، مختلف شهرن ۾ رهندي آخر نواب شاهه مان جون 1980ع ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائر ڪيائين.

منا خان زرداري گهڙي وڄائڻ جو ماهر آهي، هن فن ۾ سندس ڪوئي ثاني ڪونهي، پاڻ نڪر جي قديم ساز گهڙي (گگهر) تي آگرين جي ڪمال سان منجهائنس اهڙي ته موسيقي ڪڍي ٿو، جو ان جي پيٽ ۾ اڄ جا جديد ساز ٻڌڻ تي به دل ڪانه ٿي ٿئي. هو پنهنجي هٿ جي حرڪت سان گهڙي مان اهڙا ته مختلف عجيب آواز ڪڍي ٿو جو انسان جو عقل دنگ رهجي وڃي ٿو، آواز ڪڏهن اهڙو سنهو جو لڳندو آهي ته ڪوتار وارو ساز پيو وڄي ۽ ڪڏهن وري ايتري قدر بلند جو ڄڻ نغاراپيا وڄن.

منا خان گهڙي وڄائڻ جي سکيا پنهنجي ٻن عزيزن محمد ڪامل ۽ خدا بخش کان حاصل ڪئي. پاڻ پهريائين علائقي ۾ ٿيندڙ شادين مرادن جي موقعن تي مختلف ڳائڻن سان گڏ گهڙو (گگهر) وڄائيندو هو، جن ۾ ماستر چندر، سونا خان بلوچ ۽ جيوڻي بائي پڻ شامل هئا، پاڻ منظرِعام تي ان وقت آيو جڏهن هن1952ع ۾ ڀٽ شاهه ۾ ميڙي جي موقعي تي راڳ جي محفل ۾ پهريون ڀيرو اسٽيج تي اڇي الغوزه نواز مصري خان جمالي ۽ خميسو خان سان گڏ گهڙو وڄائي عام وخاص کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو ان کان پوءِ سندس فن جي واڪاڻ ڏيهه پرڏيهه ٿيڻ لڳي.

پاڻ اڄ تائين لاتعداد نجي ۽ سرڪاري موسيقي جي محفلن کان سواءِ 1956ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ 1987ع کان پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان مختلف وقتن تي جدا جدا پروگرامن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ڪيترين ئي محفلن ۾ هن پنهنجي فن جي جادو سان گهڙي پل لاءِ داناءَ به ديوانا ڪري ڇڏيا.

1960ع ۾ نيپال جو بادشاهه مهندرا پاڪستان آيو ته لاهور ۾ سندس

آمـد تي هڪ رنگارنگي جشن ملهـايو ويو هو، هن جشن جي مـيـوزڪ واري پروگرام لاءِ صدر ايوب خان جي حڪم تي سنڌ مان خميسي خان الغوزي واري ۽ منا خان زرداريءَ کي خاص طور تي گهرايو ويو هو. ان محفل ۾ خميسي خان سان گڏ گهڙي تي منا خان سنگت ڪنڌي وڄايو. جڏهن گهڙي جي وڄت نيپال جي باد شاهہ ٻڌي ته، ڪيس اعتبار ئي نہ پيو اچي ته اهو ڪو نڪر جي گهڙي تي هٿ جو ڪمال آهي. هن جي خيال ۾ ته گهڙي ۾ ڪا مشين رکيل آهي، جنهن مان اهو آواز نڪري ٿو. آخر هن گهڙو پاڻ وٽ گهرائي جانچي ڏٺو ۽ منا خان کي ٻيهر وڄائڻ لاءِ چيو. جڏهن باد شاهہ کي پڪ ٿي ته اهو واقعي هٿ جو ڪمال آهي ته هن ان محفل ۾ اٿي بيهي تاڙيون وڄائي منا خان زرداري کي داد ڏنو.

منا خان زرداري سنڌ جي هن قديمي ساز کي پوري دنيا ۾ هڪ نئين ساز جي حيثيت سان متعارف ڪرايو. پاڻ آمريڪا، اولهہ جرمني، انگلينڊ، فرانس، اٽلي، سسلي، ترڪي، چين، ڪوريا، سئيڊن ۽ ڊينمارڪ وغيره ۾ ان نڪر کي لوڪي موسيقي جون محفلون گرمائي مڃتا ماڻي چڪو آهي.

هن عظيم فنڪار کي سنڌ جو هر فرد جيءَ ۾ جاءِ ڏئي ٿو، عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. سرڪاري حلقا بہ سندس قدر دان رهيا آهن. 1989ع ۾ کيس صدارتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" ۽ "شاهہ لطيف ايوارڊ" سان نوازيو ويو ۽ ڪلچرل کاتي طرفان 500 روپيا ماهوار وظيفو پڻ کيس ملندو رهي ٿو.

منا خان زرداري هن وقت نوابشاهہ شهر ۾ سڪونت پذير آهي. سندس فرزندن مان انور حسين گهڙو، چنگ ۽ بانسري وڄائڻ ۾ مهارت رکي ٿو ۽ عالمي نشرياتي اداري بي بي سي تان پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

منو ڪچي

منو ڪچي سنڌ جو مهان راڳي ٿي گذريو آهي. سندس وڏا اصل ۾ ڪچ ڀڄ جا رهاڪو هئا، پر منو ڪچي جي ولادت سنڌ ۾ ٿي. پاڻ لاڙ واري علائقي جو استاد راڳي هو. سندس وڏو ڀاءُ حاجي محمد عثمان بہ مشهور ڳائڻو هو. هن ٻنهي ڀائرن راڳ جي سکيا قاسم علي شاهہ، خان صاحب مبارڪ علي خان ۽ سندس پٽ خان صاحب قدرت الله خان کان حاصل ڪئي.

منو ڪچي جو ننڍو ڀاءُ محمد هاشم وري ڊولڪ وڄائڻ جو ماهر هو، اهڙي طرح هي ٽيئي ڀائر ڊگهي عرصي تائين سر سنگيت سان لاڳاپيل رهيا.

منو ڪچي جو آواز منو ۽ تمام مٺي هوندو هو، مٺس رئيس ڪريم بخش نظاماڻي ڏاڍو مهربان رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن محفلن ۾ منو سان گڏ رئيس بہ ڳائڻ ۾ شــروع ٿي ويندو هو ۽ دقلي جي تال تي خوب رقص ۽ وجدانيت جو

مظاهرو ڪندو هو.

منو ڪڇي 1980ع ۾ لاڙ جي فنڪارن جي مستقبل جي ڀلي لاءِ هڪ تنظيم "لاڙ سنگيت اسوسيئيشن" ناهي، جيڪا سندس سرپرستيءَ ۾ سندس وفات تائين ڪم ڪندي رهي.

منو ڪڇي هڪ استاد راڳي هو، لاڙ علائقي ۾ سندس لاتعداد شاگرد موجود آهن. پاڻ روزي نماز جو پابند هوندو هو. پاڻ پنهنجي پاڙي مهاولي ۾ مين روڊ واري مسجد ۾ موزن جا فرائض به سرانجام ڏيندو هو. جڏهن فجر وقت پنهنجي مٺڙي آواز ۾ الله اڪبر چوندو هو ته، پاڙي ۾ گهرياتي هڪ ٻئي کي اٿاريندا هئا ته اٿي بانگ ٻڌو. منو جي آواز واري بانگ جي ڪنهن هڪ دفعو ٻڌي هوندي ته، سڄي عمر ڪن ۾ گونجندي رهندس.

منو ڪڇي پاڻ ته سڄي زندگي راڳ ڳائي هزارين ماڻهن جون دليون خوش ڪندو رهيو، پر آخر ۾ جڏهن مٿس ڏکيو وقت آيو ته سندس حال پڇڻ وارو به ڪو ڪونه هئو، ۽ ڊگهو عرصو بيمار رهي بي يارو مددگار فوت ٿي ويو.

منو ڪڇي راڳ کي عشق جي راهه سمجهي ڳائيندو هو. سندس ڳايل ڪيترائي ڪلام ڏاڍو مقبول ٿيا. مولوي احمد ملاح جو ڪلام "قدم قدم تان قربان" ۽ "اڄ ڪيا اوٺن اشارا هو منارا ميرجا" وجد ۾ اچي ڳائيندو هو ته، سڄي محفل کي پڻ وجد ۾ آڻي ڇڏيندو هو. سندس ڳايل ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٽيپن ۽ آڊيو ڪيسٽن ذريعي محفوظ آهي.

محبت ٻرڙو

ڊاڪٽر محبت علي ٻرڙو 25 مارچ 1952ع تي قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ماهر ڊاڪٽر، اديب ۽ سماجي ۽ سياسي ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم قمبر ۾ حاصل ڪئي، انٽر لاڙڪاڻي مان ۽ ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان پاس ڪيائين. ملازمت جي سلسلي ۾ بحريان فوج ۾ ڪيپٽن رهيو ۽ پوءِ ميلون جونس بلڊ بينڪ ڪراچي، آغا خان چيريٽيبل ڊسپينسري ڪراچي ۽ پرائيويٽ پريڪٽس ۾ جنرل ميڊيڪل پريڪٽيشنر طور نوڪريون ڪيائين، ليڪن سياست ۾ اچڻ کان پوءِ نوڪريون ڇڏي 1984ع کان آخر تائين قمبر شهر ۾ پنهنجي ذاتي "لطيف ڪلينڪ" هلائيندو رهيو.

ڊاڪٽر محبت ڪيترين ئي سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ ۽ قومي جاڳرتا ۽ شعور ڦهلائيندڙ تنظيمن جوباني اڳواڻ، عهديدار ۽ ميمبر رهيو. ڪيس سنڌ جي تاريخ ۽ مشاهيرن جي حالات زندگيءَ جي ترتيب ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ پڻ وڏو

درجو حاصل هو. سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جي زندگي ۽ خدمتن تي ڪتاب لکڻ جو خيال هئس، ان سلسلي ۾ ڪافي مواد به هٿ ڪيائين، پرموت مهلت نه ڏنس، پاڻ آخري وقت ۾ سنڌي ٻولي، خاص طور تي گرامر ۽ لغت بابت تحقيقي ڪم ۾ مصروف هو، هن جو لکشيون تاريخ، جاگرافي، زراعت، باتني، اقتصاديات، فلسفو ۽ عام معلومات وغيره جي موضوعن تي وڏي تعداد ۾ موجود آهن. افسوس جو سندس زندگي وفا نه ڪئي ۽ دل جو دورو پوڻ ڪري 9 اپريل 1997ع تي وفات ڪري ويو. قبر ۾ دفن ٿيل آهي.

محبوب سروري

محبوب سروري جا ٻه نالا آهن. هڪ محمد بچل ۽ ٻيو محبوب علي سندس پيءُ نالو فقط تخلص جي صورت ۾ رهجي ويو. سندس والد جو نالو محمد صديق پنوهر هو، سندس ولادت 8 جنوري1934ع تي ڳوٺ جاڙو پنوهر لڳ هوسڙي تعلقي حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ نالي وارو شاعر ۽ اديب آهي.

محبوب سروري مشترڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان، انٽر آرٽس، سروري اسلاميہ ڪاليج هالا مان پاس ڪيائين. بي اي ۽ ايم اي جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين ۽ پروڊرس وتدريس جي پيشي سان لڳو، آخر پروفيسر جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو، ڪيس 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به مقرر ڪيو ويو هو.

محبوب سروري سنڌ جو شيرين بيان شاعر آهي. "ياز خاطر" 1959ع شعري مجموعو ۽ "نالنامو" لطيفيات متعلق سندس بهترين ڪتاب آهن. پاڻ مخدوم طالب المولىٰ جي نظر ڪرم هيٺ بلنديءَ تي پهتو ۽ شاعري ۾ پڻ ان کان ئي استفادو ڪيو.

پاڻ پختي ۽ وڻندڙ شاعريءَ ۾ مشهور آهي، سندس هڪ غزل جا شعر آهن.

فلڪ منهنجي طفيل آهي مه ڪامل به مان آهيان
سان جنهن منزل کي ڳوليان ٿو اها منزل به مان آهيان
جهان ۾ پنهنجي مرمل پنهنجو راڻو هر ڪو پاڻ آهي
مان خود "محبوب" پنهنجو عاشق بيدل به مان آهيان.

محبوب عالم

محبوب عالم ولد محمد علي سن 1948ع تي ٽنڊي غلام علي پرسان سندس والد جي نالي تي قائم ڪيل ڳوٺ چوڌري محمد علي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نثر ۽ ڊرامن جو بهترين اداڪار هو.

محبوب عالم پرائمري جي تعليم ڳوٺ حاجي جاني رند ۾ حاصل ڪئي. مشترڪ هاءِ اسڪول ٽنڊوغلام علي مان، انٽر مسلم ڪاليج حيدرآباد مان ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي.

محبوب عالم کي ننڍي هوندي کان ئي اداڪاري جو شوق هو ۽ اسڪول جي ٿيندڙ ڊرامن ۾ حصو وٺي انعام حاصل ڪندو رهيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ڪراچي هليو ويو. جتي سندس وڏو ڀيڻو جيڪو ٽريفڪ پوليس ۾ سارجنٽ هو، تنهن سندس ملاقات هدايتڪار ايس نديم سان ڪرائي، جنهن محبوب عالم کي سندس ٺهندڙ فلم "قيدي" ۾ قيدي جو ڪردار ڏنو. جيتوڻيڪ اها فلم مڪمل ته نه ٿي سگهي، پر سندس صلاحيتن کي ڏسندي ڪراچي ۾ ٺهندڙ فلمن جي هدايتڪارن ۽ فلمسازن هن کي فلمن ۾ ڪاسٽ ڪيو. جن ۾ ڌرتي دل وارن جي، رت جا رشتا، رت جي راند، پيار ڪيو سينگار، سورٺ، غيرت جو سوال وغيره فلمون شامل آهن. هن اٽڪل پنجويهن سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪيو. جيڪي سڀ ڪامياب رهيون، بهرحال انهن مان هدايتڪار اي ڪي پيرزادي جي فلم "سورٺ" ۾ هن راءِ ڏياچ جو جيڪو ڪردار ادا ڪيو ان ۾ هن کي تمام سٺي موٽ ملي. کيس سنڌي، پنجابي، اردو ۽ سرائڪي ٻولين تي عبور حاصل هو، جنهن ڪري هن لاهور وڃڻ کان پوءِ اردو، پنجابي ۽ سرائڪي فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو. سندس ڀهترين اردو فلم "خاڪ اور خون" هئي، جنهن ۾ هن هڪ غيرتمند سک جو ڪردار ادا ڪندي ڪافي داد حاصل ڪيو.

محبوب عالم ڪراچي ۽ لاهور سينٽرن جي سنڌي ۽ اردو ٽي وي ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيو. هن پنهنجي فني ڪيريئر جي شروعات به سنڌي ڊرامن وسيلي ڪئي ۽ سندس زندگيءَ جو آخري ڊرامو به سنڌي هو. هن سڀ کان ڀهرين علي بابا جي لکيل ۽ عبدالڪريم بلوچ جي پيش ڪيل سنڌي ڊرامي "روپ ٻهروپ" ۾ ڪم ڪيو. ان ڊرامي کي سال جو بهترين ايوارڊ به مليو هو. ان کان پوءِ هن ڪيترائي سنڌي ٽي وي ڊراما ڪيا. سندس آخري ڊرامو "مور اڏاڻا مور" هو جنهن ۾ هن بترين ڪردار ادا ڪيو.

اردو ٽي وي ڊرامن جي حوالي سان محبوب عالم لاهور سينٽر جي ڊرامي "وارث" ۾ چوڌري حشمت جو اهڙو ڪردار ڪيو هو. جو اهو ڪردار سندس حقيقي زندگيءَ جو لازمي جز بڻجي ويو ۽ هو جتي ڪٿي ان ڪردار جي حوالي سان سڃاتو ويندو هو. ان کان علاوه هن ٻين به ڪيترن ئي اردو ڊرامن ۾ ڪم ڪيو، جن ۾ ساده ورق، ايڪ حقيقت ايڪ افسانا، تلافي، حيدرعلي، نئي منزل نئي راستي ۽ شهيد خاص آهن.

محبوب عالم خواجه امداد علي جي پيشڪش قبول ڪندي، ريڊيو جي

ڪافي ڊرامن ۾ پڻ حصو ورتو. هو ريڊيو، ٽي وي ۽ فلم جو هڪ ئي وقت هڪ جهڙو مقبول فنڪار هو.

محبوب عالم 18 مارچ 1994ع تي وفات ڪئي، کيس ٽنڊي غلام علي ۾ محمود شاهه قبرستان ۾ دفنايو ويو.

محبوب علي چنم

پروفيسر محبوب علي ولد محمد صالح چنه 12 مارچ 1922ع تي سيوهڻ ۾ ڄائو. ويهين صدي دوران سنڌ جي علمي، ادبي آسمان تي جن ستارن چمڪي جهرمر لاتي تن ۾ محبوب علي چنه هڪ درخشان ستارو هو.

محبوب علي چنه جو والد پوسٽ آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ هو، جنهن جي سرپرستيءَ ۾ هن ابتدائي تعليم سيوهڻ ۾ حاصل ڪئي، مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان، انٽر آرٽس نيشنل ڪاليج حيدرآباد مان ۽ بي اي، ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين. بي اي جي امتحان ۾ سڄي سنڌ مان پهريون نمبر آيو، ان ڪري بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان کيس "دڪشنا فيلوشپ" جو اعزاز مليو. 1947ع ۾ ايم اي ۾ به بمبئي يونيورسٽيءَ مان پهريون نمبر اچي "سونو تمغو" حاصل ڪيو.

1946ع ۾ چنه صاحب کي ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي لاءِ چونڊيو ويو، پر کيس تعليم تدريس ۽ تصنيف تاليف سان بيحد محبت پيدا ٿي چڪي هئي، ان ڪري هن انتظامي ڪاتي ڏانهن وڃڻ پسند نه ڪيو ۽ تعليم کاتي کي ترجيح ڏنائين. 1948ع ۾ بي ٽي پاس ڪري گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار ٿيو. 25 مئي 1951ع تي سرروري ڪاليج هالا جو پهريون پرنسيپال مقرر ٿيو ۽ 1953ع تائين ان عهدي تي رهيو. مارچ1953ع کان جولاءِ 1954ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو سربراهه رهيو. ان کان پوءِ حيدرآباد، ڪراچي ۽ ميرپور خاص جي ڪاليجن ۾ پرنسپال جي عهدي تي رهيو ۽ اهم اداري نيشنل بوڪ ڪائونسل جو ڊائريڪٽر به ٿي رهيو.

چنه صاحب وڏو تعليمي ماهر هو. سندس علمي مرتبي کي نظر ۾ رکندي، آمريڪي سرڪار کيس1961ع ۾ خاص دعوت تي آمريڪا گهرايو. هن اتي جا علمي، ادبي ادارا، ڪاليج، يونيورسٽيون ۽ لائبريريون ڏٺيون، ۽ موٽندي جپان ۽ ٻين ملڪن جو علمي دورو ڪري اتان جي ڪيترن ئي اسڪالرن سان مليو ۽ ساڻن بحث مباحثا ڪيا.

پروفيسر محبوب علي چنه جون علمي توڙي ادبي خدمتون هميشه ياد رهنديون. هن تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جي ڪم کي به جاري رکيو.

سندس علمي مقالن جو معيار نهايت اعليٰ آهي، جيڪي 1950ع کان وٺي مختلف ادبي پرچن ۾ شايع ٿيندا رهيا. هن مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا ۽ ترتيب ڏنا. حضرت قلندر لعل شهباز رحه ۽ حضرت سچل سرمست رحه تي سندس ڪتاب ترتيب ۽ تدوين آهن. لطيفيات تي پڻ سندس معياري ڪتاب لکيل آهن. هن ڪجهه شاعرن جو ڪلام ترتيب ڏنو، ان سلسلي ۾ سيد نور محمد شاهه "نورل" جو ڪليات ايڊٽ ڪيائين ۽ سروري خاندان جي بزرگ مخدوم امين محمد جو ڪلام ڪليات جي صورت ۾ ترتيب ڏنائين. هي ٻئي ڪليات بالترتيب صالح سيريز ۽ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا. ڪلياتن ۾ شاعريءَ سان گڏ شاعرن جي مڪمل سوانح حيات، مقدما ۽ شاعري تي مڪمل تبصرو به شامل آهي.

چند صاحب جو تحقيق ۾ معيار نهايت بلند هو. هو پنهنجي مقالن ۾ جيڪي چوندو هو، ان لاءِ مضبوط دليل ۽ ثبوت پيش ڪندو هو. هو زبان جي ڄاڻ ۽ استعمال ۾ شاهوڪار هو. سندس زبان ۾ به گهڻو اثر هوندو هو. محفل ۾ وينو گفتگو ڪري يا اسٽيج تان ڪنهن موضوع تي ڳالهائي، سندس گفتگو اثر انگيز ۽ بيمثال هوندي هئي. شايع ٿيل سندس اهم ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

لطيفي لنئون (1951ع، شاهه جي شاعري تي چند مقالا)، بزم لطيف (1954ع)، مسلمانن جي شاديءَ جو قانون (1961ع)، مخدوم قلندر شهباز (1962ع)، سرمست درازي (1964ع)، مظهر قلندر، ڪليات امين (1966ع)، سردار قلندر (1967ع)، اسلامي تاريخ جو مطالعو (1967ع)، هڪ شخص به پهلو (1968ع)، ڪليات نورل (1970ع)، ڪچڪول طالب المولىٰ (1970ع)، تذڪره شيخ عثمان مروندي (شخصيات)، سنڌي ادب جو سرسري جائزو (سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾)، قطب قلندر (65 شاعرن جو ڪلام ترتيب ڏنل- 1973ع)، سنڌي رسم الخط جي ارتقا ۽ مخدوم نوح سرور رحه جا سهيوڳي (1991ع) وغيره.

ان کان علاوه مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪيترائي مقالا نئين زندگي، مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل آهن، جن جي فهرست تمام ڊگهي آهي.

محبوب علي چنا ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي ادارن جو ميمبر رهيو، جن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، لطيف يادگار ڪميٽي، جمعيت الشعراء سنڌ، مرڪزي بزم طالب المولىٰ، اڪيڊمڪ ڪميٽي بورڊ آف انٽرميڊيئٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد ۽ سنڌ يونيورسٽي جا ڪجهه ٻيا شامل هئا.

هيءُ ٻلوڙ ماڻهو 24 نومبر 1977ع تي پلي پار يعني مڪي شريف جي متبرڪ شهر ۾ وصال ڪري ويو ۽ اتي ئي دفن ٿيل آهي.

محسن ڪڪڙائي

محسن ڪڪڙائي جو اصل نالو سيد نياز علي شاھ والد جو نالو سيد احمد شاھ آھي. سندس جنم4 جولاء 1937ع تي شھر ڪڪڙ تعلقي خيرپور ناٿن شاھ ضلعي دادو ۾ ٿيو. پاڻ ڪھنہ مشق غزل گو شاعر آھي.

محسن ڪڪڙائي سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري 2 آگسٽ 1954ع تي پرائمري استاد بڻيو ۽ پوءِ خانگي طور اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪرڻ بعد 1970ع ۾ مئٽرڪ، 1971ع ۾ انٽر1972ع ۾ بي اي، 1973ع ۾ بي ايڊ ۽ 1974ع ۾ ايم اي پاس ڪري ساڳئي سال ۾ جي ايس ٽي ۽ 1984ع ۾ ايچ ايس ٽي مقرر ٿيو، جتان ڊسمبر 1993ع ۾ 17 گريڊ ۾ رٽائر ڪيائين.

محسن ڪڪڙائي شعر لکڻ جي شروعات 1952ع کان ڪئي، حافظ احسن چنا ۽ احمد خان "آصف" کان ابتدائي اصلاح ورتائين، "محسن" تخلص اٿس. ھونءَ تہ شاعري جي ھر صنف تي مھارت رکي ٿو، پر غزل، نظم ۽ رباعي تي خاص ملڪو حاصل اٿس.

سندس ڪلام جا ٻہ مجموعا "اُمنگون" ۽ "ڪنھن جي ڳالھہ ڪراڙي" ڇپيل آھن. ان کان علاوہ ڪيترو ئي ڪلام مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيو اٿس ۽ اڃا سندس ڪافي ڪلام اشاعت جي اوسيئڙي ۾ آھي. ريڊيو پاڪستان تان پڻ سندس گيت غزل نشر ٿيندا آھن. سندس لکيل قومي نغما بہ گھڻو مشھور آھن. سندس ڪلام جو ڀارت ۾ بہ ڏاڪو ڇپيل آھي، ڪجھہ وقت اڳ سندس ھڪ نظم جو ترجمو ڀارت ۾ چوڏھن زبانن ۾ ڪيو ويو. اھو ترجمو ڀارت جي مشھور ادبي اداري "ڀارتيہ گيانپيٺ ساھتيہ اڪيڊمي" طرفان ڪرايو ويو ھو. ھن اردو زبان ۾ شاعري بہ ڪئي آھي تہ، سندس سنڌي ڪلام جو ترجمو بہ ٿي چڪو آھي، جيڪو اردو ڪتابن "موج موج مھران" ۽ "مھران ڪي قول" ۾ ڇپيو آھي.

محسن صاحب راڳ جو بہ ڄاڻو آھي ۽ آواز بہ سريلو اٿس. ان ڪري مشاعرن ۾ جڏھن پنھنجو ڪلام ترنم سان پڙھندو آھي تہ، پوري مجمع تي رقص جو موڊ طاري ٿي ويندو آھي. پاڻ پنھنجي معاصر شاعرن ۾ انفرادي حيثيت جومالڪ آھي.

محسن ڪڪڙائي جا نثر ۾ پڻ ٻہ ڪتاب ڇپيل آھن. ھڪ "سوريءَ چڙھيو سچ" (طويل افسانو) ۽ ٻيو "ليليٰ جا خط". ڪيس مجتنا طور ڪيترائي انعام ۽ سرٽيفڪيٽ مليل آھن. جن ۾ 1968ع ۾ لاھور ۾ قومي نغمن جي مقابلي ۾ پھريون نمبر ڪپ، ڪمشنر خيرپور وٽان ٻہ سو روپيا روڪ انعام،

ريڊيو پبليڪيشن قلبجي اسٽيشن طرفان ڏراڻي ۽ پيا ڪوڙ سارا سرٽيفڪيٽ شامل آهن.

شاعري ۾ محسن ڪڪڙائي جا ڪيترائي شاگرد آهن، جن ۾ ڪافي نالي وارا شاعر پڻ شامل آهن. آثم ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، ڊاڪٽر قربان علي جهتيال، مارو جمالي ۽ ساحر تهيم کي پاڻ پنهنجا پيارا شاگرد قرار ڏئي ٿو.

سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سونهن تي ساهه ڏي، ضرور آ، نه ته سڄي زندگي اڌوري آ
ڪو تماچي اچي ڏسي ته سهي اڄ به ڪينجهر سڄوئي نوري آ
ڪيترو جلد ٿي وئي لائق، ها مجيوسين ته ڏيءُ ڏيوري آ
ڪنهن جي پوڄا ڪندي ڪندي "محسن" عمر گذري وئي سموري آ

محمد ابراهيم، استاد

استاد محمد ابراهيم ولد احمد ڪڇي 13 جون 1920ع تي گجرات جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سلايا ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي موسيقي جو شهنشاهه راڳي ۽ موسيقار ٿي گذريو آهي.

محمد ابراهيم جي والد جو تعلق ڪڇي عرب ڪٽنب سان هو، جيڪو ڪڇ جي شهر پڄ جي هڪ سامونڊي بندر "ٽوناهاربر" جو ريلوي اسٽيشن ماسٽرهو ۽1942ع ۾ وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ محمد ابراهيم لڏي اچي ڪراچي ۾ ويٺو.

محمد ابراهيم کي ننڍپڻ کان ئي راڳ جو شوق هوندو هو. سندس مائٽ کيس راڳ ڳائڻ کان روڪيندا هئا، پر هو موسيقي جي شوق ۾ گم رهندو هو ۽ پڙهڻ ڏي توجهه ڪونه رهيس اهو حال ڏسي سندس والد کيس پنهنجي هڪڙي هندو دوست ڏانهن بمبئي موڪليو، جنهن جون اتي ڪپڙي تيار ڪرڻ جون ملون هيون، کيس اتي انجنيئرنگ جو ڪم سکڻ لاءِ موڪليو ويو هو، پر اتي به سندس ساڳيون ئي حال رهيو. پاڻ اتي انجنيئرنگ سکڻ بجاءِ ميوزڪ جي هڪڙي ڪاليج ۾ پروفيسر نارائڻ داس کان موسيقي سکڻ لڳو. ان کان پوءِ پاڻ جڏهن ڪراچي ۾ اچي رهڻ لڳو ته اتي پاڻيءَ جي جهازن تي ڪم ڪندو هو. اتي سندس ڪم هئو جهازن جي انجڻين وغيره جي مرمت ۽ سنڀال وغيره ڪرڻ، پاڻ سٺو مستري (انجنيئر) هو. ان وقت سندس ڇهه - ست سو روپيا پگهار هو، پر راڳ جي شوق ۾ اها نوڪري ڇڏي 1948ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۾15 روپيا ماهوار پگهار تي اچي ملازم ٿيو. اتان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ميوزڪ ڪمپوزر مقرر ٿيو.

استاد محمد ابراهيم ساز ۽ آواز جي دنيا جو انمول هيرو هو، هن سنڌي سنگيت جي جيڪا خدمت ڪئي سا ڪنهن به تعريف جي محتاج نه آهي. پاڻ نه رڳو راڳ جو راڻو هو، پر ڪمپوزنگ جي فن جو به عظيم ۽ بيمثال ڄاڻو هو. هن بيشمار ڌنون ناهيون، سنڌي موسيقي ۾ نوان رنگ ملائي انهيءَ کي نهايت سهڻي نموني پيش ڪيو. پاڻ ائن زبانن يعني سنڌي، سرائڪي، ملتاني، پنجابي، اردو، براهوئي، بلوچي ۽ ڪڇي ۾ ڳائي سگهندو هو. سنڌي راڳيندڙن ۾ هيءُ پهريون ڳائڻو هو، جنهن سنڌي سنگيت جي ٽٽل ڦٽل عمارت کي زينت بخشي هيءُ پهريون ڳائڻو هو جنهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ جي وائين کي ڪافيءَ جو روپ ڏئي ڳايو. سندس ٻيو ڪارنامو اهو به هو جو شاهه صاحب جي بيتن جو ذخيرو جيڪو اڳ رڳو رسالي ۾ ڪتاب جي صورت ۾ بند پيو هو ۽ ڪو به ڳائڻو ڪونه ڳائيندو هو، پر جي ڳائيندو به هو ته بيتن جي اصل صورت ئي بگاڙي ڇڏيندو هو. هن انهن بيتن کي صحيح نموني سان ڳائي شاهه صاحب جو صحيح پيغام گهر گهر پهچايو. محمد ابراهيم ئي اهو راڳي هو جنهن ڪافي يا نغمي جي شروعات ۽ وچ ۾ بيتن (ڏوهيڙن) چوڻ جو رواج عام جام ڪيو.

محمد ابراهيم پاڪستان ٽيليويزن تان پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون، ڪجهه سنڌي فلمن جي پس منظر ۾ سندس آواز ۾ لطيف سائين جا بيت ۽ انهن فلمن جا گانا به رڪارڊ ٿيل آهن. تنهن کان سواءِ پاڪستاني پهرين سنڌي فلم "عمر مارئي" ۾ هن هڪ اداڪار جي حيثيت سان پڻ ڪم ڪيو.

استاد محمد ابراهيم جي آواز ۾ دردناڪ قسم جو سوز هوندو هو. سندس سداحيات آواز ڪيسٽن ۽ رڪارڊن ذريعي محفوظ آهي. جنهن کي ٻڌڻ سان دل جا چاڪ چڪيو پون.

هن سنگيت جي سرهاڻ سان نه رڳو ڏيهه کي واسيو، پر پرڏيهه جي به ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڃي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو. سندس شاگرديءَ ۾ ڪيترائي بهترين راڳي پيدا ٿيا، جن مان گهڻا هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا آهن.

موسيقي جي دنيا جو هيءُ گل گلابي ڪينسر جهڙي موذي مرض جي واءُ سبب تاريخ 3 مئي 1977ع تي ڪومائجي ويو.

محمد ابراهيم جويو

محمد ابراهيم ولد محمد خان جويو 12 آگسٽ 1915ع تي تيرٿ لڪيءَ جي ڀر ۾ ڳوٺ آباد تعلقي ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دور جو مهان اديب ۽ دانشور آهي.

محمد ابراهيم جويو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي، لڪي ۽ سن ۾ ڪجهه درجا پڙهي 1930ع ۾ سنڌ مدرسة السلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان 1934ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين.1938ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي اي پاس ڪري، سنڌ مدرسي ۾ ماستريءَ جي نوڪري ڪرڻ لڳو. 1940ع ۾ بي ٽي جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بمبئي ويو، جتان 1941ع ۾ موٽي آيو. سنڌ مدرسي ۾ نوڪري ڪرڻ دوران هن انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب "سيو سنڌ سيودي ڪانٽيننٽ" لکيو، جنهن تي سنڌ مدرسة السلام جي پريزيڊنٽ پير الاهي بخش ناراض ٿي کيس نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ کيس ٺٽي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ 1948ع ۾ نوڪري ملي، اتان بدلي ٿي حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ آيو. 1951ع ۾ جڏهن "سنڌي ساهت مرڪزي صلاحڪار بورڊ" کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي نئين ڍالي سان نئين سر تنظيم ڪيو ويو ته، جويي صاحب کي ان جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، ان عهدي تي پاڻ فيبروري 1961ع تائين رهيو. ان عرصي دوران هن سنڌي ادب ۽ زبان کي ترقي ڏيارڻ لاءِ نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪيو. انتظامي ذميوارين کان علاوه بورڊ جي ڇهرائن کي عملي جامو پهرائڻ، ڇپجندڙ ڪتابن کي نظر مان ڪڍڻ، ويندي پروفن تپاسڻ جي ڪم تائين هن خود نظرداري ڪئي. پاڻ انهيءَ عرصي ۾ رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو. هيءُ اهو دور هو جڏهن ون يونٽ جي قيام سبب سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو وجود سخت خطري هيٺ اچي ويا هئا، پر جويي صاحب پين قوم دوست ۽ سنڌ دوست اديبن سان گڏجي پنهنجي قومي تشخص جي بچاءَ جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ مرٽينگ سنڌي ادب کي نئين زندگي ڏيارڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو.

1961ع ۾ جويو صاحب وري سرڪاري نوڪري طرف موٽي ويو. ڪانئس پوءِبورڊ جي ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ مختلف صاحبن ڪوشش ورتي، پر حالتون معمول تي اچي نه سگهيون جنهن ڪري وري بورڊ طرفان حڪومت کي هن جي خدمتن ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ويو ۽ 1963ع ۾ هن ٻيهر اچي چارج ورتي. ان کان پوءِ پاڻ تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهي 1973ع ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائر ٿيو. پاڻ ڪجهه وقت سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ سان لاڳاپيل رهيو ۽ هاڻي ڊسمبر1996ع کان سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن آهي.

محمد ابراهيم جويو صاحب سنڌ جو اهو اديب آهي جنهن گذريل اڌ صدي کان پنهنجي قلم کي نند ڪرڻ ناهي ڏني ۽ نه وري هن سنڌ جي ماڻهن کي نند ڪرڻ جي ڪا صلاح ڏني آهي. هن سنڌ جي سجاڳي کي پنهنجا اوجاڳا ڏيئي شاندار ڪارناما سر انجام ڏنا آهن.

ويهين صديءَ جي سنڌ جو جويو صاحب ئي اهو اڪيلو سنڌي اديب آهي، جنهن سنڌ ۾ ذهني تبديلي آڻڻ جي لاءِ فلسفي ۽ ترقي پسند ادب متعلق ڪتاب ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. جديد سنڌي جو هيءُ ڏاهو وڙهندي ويڙهه ۾ پوڙهو جهور ضرور ٿيو آهي، پر پنهنجي سنڌ سان سندس عشق هر نئين ڏينهن نئين جواني ماڻي ٿو.

جويي صاحب جا ڪيترائي اصلي ۽ ترجمن جا ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

ايملي عرف تعليم (ترجمو- 1949ع)- گل (ترتيب- 1956ع)- تعليم (ترجمو-1972ع)- اچو تہ لکون (ترتيب- 1973ع)- اچو تہ وڌيڪ پڙهون (1973ع)- سنڌي زبان جي بنيادي لغت (ساٿي مرتب- 1973ع)- سنڌي زبان جي ڪاروباري بنيادي لغت (ساٿي مرتب- 1973ع)- سنڌي زبان جي وڌايل لغت (ساٿي مرتب- 1973ع)- وحشي جيوت جا نشان (ترجمو- 1976ع)- فڪر جي آزادي- (ترجمو- 1977ع)- گليلو (ترجمو- 1977ع)- شاهہ سچل سامي (1978ع)- ماڻهوءَ جو ڀاڳ (1980ع)- ٻارن جو مسيح (ترجمو- 1980ع)-فلسفي جو ابتدائي ڪورس (ترجمو- 1984ع)- علم تدريس مظلومن لاءِ (ترجمو- 1984ع)- محڪريءَ جا مضمون (ترجمو- 1985ع)، وغيره.

ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي درسي ڪتاب، ادبي ڪتابن جا لکيل مهاڳ، تقريرون ۽ سنڌي انگريزي ۾ لکيل مضمون جويي صاحب جي قلم جي نوڪ مان نروار ٿيل آهن. سندس ادبي خدمتن کي ڪڏهن بہ فراموش نٿو ڪري سگهجي.

محمد ابراهيم. خانبهادر

خانبهادر محمد ابراهيم ولد محمد اسماعيل شيخ 4- نومبر 1874ع تي ڄائو. پاڻ خيرپور رياست جو ناميارو وزير اعظم ٿي گذريو آهي.

خانبهادر محمد ابراهيم ممبئي يونيورسٽيءَ مان بي- اي جو امتحان پاس ڪري 4- جنوري 1901ع تي سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو. سگهوئي مختيار ڪار ٿيو. 1906ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيو. شيخ صادق علي جي وفات بعد 22- مئي 1912ع تي انگريز سرڪار طرفان رياست خيرپور جو وزير اعظم مقرر ٿيو. سندس دلچسپي ۽ ذاتي ڪوشش سان رياست ۾ ڪيترائي سڌاري جا ڪم ٿيا.

هن خيرپور ۾ لوهہ جو ڪارخانو لڳرايو، شهر ۾ مسجدون اڏرايون، مسافر خانہ جوڙايا، فوج ۾ سڌارو ڪيو، زراعت کي ترقي ڏياري. هن ڪجهه

علماءَ مقرر ڪيا تہ هو پهاڙي ۾ وڃي ماڻهن کي دين سيکارن. شراب تي بندش وڌي وئي. انگريزي اسڪول کي وڌائي هاءِ اسڪول جي درجي تي آندائين. جماعت الاسلام لاهور کي هڪ هزار روپيا امداد موڪليائين. 1919ع ۾ آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس خيرپور ۾ سڏايائين، جنهن جو اعليٰ انتظام رکيو ويو هو.

خانبهادر محمد ابراهيم جا خيرپور رياست جي والي مير امام بخش خان سان اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري 1919ع ۾ وزارت ڇڏي هليو ويو. جنهن کان پوءِ ضلعي ٺاڻي (لڳ بمبئي) جو ڪليڪٽر ٿيو، جتي وفات ڪري ويو ۽ اتي ئي دفن ٿيو.

محمد ابراهيم "خليل" سرهندي

محمد ابراهيم تخلص "خليل" ذات فاروقي المعروف سرهندي 9- جولاءِ 1916ع تي تولد ٿيو. سندس وڏا اصل سرهند کان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ ضلعي ٿرپارڪر جي تعلقي ساماري ۾ سڪونت اختيار ڪيائون ۽ سنڌ جي مٽي سان محبت ڪري هميشہ لاءِ سنڌي ٿي ويا.

محمد ابراهيم "خليل" سرهندي جي ابتدائي تعليم جو سلسلو قرآن جي پڙهڻ سان شروع ٿيو. ان بعد عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائين. اردو ۽ انگريزي جي بہ ٿوري تعليم حاصل ڪيائين. ان کان سواءِ طب سکڻ جي شوق ۾ بہ سالن جا سال مست رهيو. پاڻ ڪجهہ وقت درس وتدريس جو ڪم بہ ڪيائين، شاگردن کي عربي ۽ فارسي پڙهائيندو هو.

"خليل" سرهندي کي شاعريءَ جو شوق ننڍ پڻ کان ئي دامن گير رهيو. پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهي سڀ مضمون آندا آهن، جي شعراءِ ڪرام لاءِ طرهٴ امتياز آهن. شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين، ليڪن سندس ذوق سليم ۽ پاڪيزه جذبات غزل ۾ عجيب رنگيني پيدا ڪئي آهي. سندس ڪلام جي زبان پختني ۽ انداز بيان وڻندڙ آهي. سندس ڪلام غزل، بيت ۽ ڪافي جي صورت ۾ گهڻو موجود آهي.

سرهندي صاحب کي ديني ڪتابن گڏ ڪرڻ ۽ مطالعي جو شوق شروع کان هئو. فقہ ۽ حديث تي ڪافي دسترس حاصل هئس. شرعي فيصلا ڪرڻ سندس خاص مشغولين ۾ رهيو.

دين جي خدمت لاءِ "عبادالله" نالي هڪ جماعت برپا ڪيائين، جنهن جي پليٽ فارم تان گهر گهر وڃي اسلامي تعليم جي بنيادي اصولن جي تبليغ ڪافي عرصي تائين ڪندو رهيو. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن کي دوائن جا نسخا بہ

لکي ڏيندو هو، پر پوءِ آخري عمر ۾ ضعيفائي سبب اهي سڀ ڪم ڇڏي صرف پنهنجي اباڻي زمين جي نگراني ڪرڻ لڳو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سک ۽ سک ڇا لڳي عشق تان انبور
پنئي ماه هڏن تان ڪري ڪيس ڪلور
رحم نہ اچي مور، هن بي ترسي بره ڪي.

محمد ابراهيم "خليل" شيخ

ڊاڪٽر محمد ابراهيم "خليل" ولد محمد يوسف شيخ 24- ڊسمبر 1900ع تي ڪراچي ۾ پيدا ٿيو، پاڻ سنڌ جو نامور بزرگ شاعر، اديب، نقاد، محقق، افسانا نگار ۽ جسماني ۽ دماغي بيمارين جو ممتاز معالج ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" ابتدائي تعليم سنڌ مدرست الاسلام ڪراچي ۾ حاصل ڪئي، قرآن شريف مولوي محمد عثمان نورنگزاده وٽ ۽ فارسي تعليم مولوي ميانجي عبدالحق وٽ پڙهيو.

نارائڻ جڳنناٿ هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان 1917ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو. 1925ع ۾ ايم-بي-بي-ايس جي ڊگري گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج بمبئي مان حاصل ڪرڻ بعد حيدرآباد ميڊيڪل اسپتال ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. جنهن ڪان پوءِ 1936ع ۾ آسٽريليا جي شهر ويانا مان چمڙي جي بيمارين جي ماهر جي 1940ع ۾ نيشنل ڪاليج اسپتال رانچي ضلع پٽنہ (ڀارت) مان دماغي بيمارين جي اسپيشلسٽ جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين. 1941ع ۾ نيشنل اسپتال گدو حيدرآباد جو سپرنٽينڊنٽ ۽ ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد جي سائيڪالوجي ۽ سائيڪٽري شعبن جو انچارج مقرر ٿيو. ڪراچي ۾ ڊوميڊيڪل ڪاليج قائم ٿيڻ ڪان پوءِ شعبہ فارماڪالوجي، جي پهرين پروفيسر جي حيثيت ۾ سندس تقرر ٿيو، آخر 1955ع ۾ خيرپور ڊويزن جي ڊائريڪٽر آف هيلٿ جي عهدي تان رٽائر ڪيائين، جنهن ڪان پوءِ صدر بازار حيدرآباد ۾ پنهنجي ذاتي اسپتال هلائيندو رهيو.

شيخ صاحب سنڌي، اردو، انگريزي عربي ۽ فارسيءَ جو وڏو عالم هو. پاڻ 1913ع کان ادب ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. هن نظم توڙي نثر ۾ طبع آزمائي ڪئي. فارسي، اردو ۽ سنڌي شاعري ۾ سندس مرتبو تمام بلند هو. هن شعر جي شروعات "غافل" تخلص سان ڪئي، پر پوءِ "خليل" تخلص استعمال ڪرڻ لڳو. سنڌي شاعري ۾ سندس استاد حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ اردو ۾ ميان عبدالله "فضا" دکني هو. سندس ڪلام عروض جي اصولن جو پابند، زبان جي لحاظ سان درست ۽ فني لحاظ سان پختو ۽ زوردار آهي. غزل، رباعي،

قطعو، نظم، مثنوي، گيت ۽ ڪافي وغيره جي صنفن ۾ سندس ڪلام موجود آهي. سندس فن تي فارسي ۽ اردو ادب جو وڏو اثر آهي، تاهم انفراديت ۽ افاديت تي مشتمل آهي.

شعروشاعري جي سلسلي ۾ پاڻ هر انجمن ۽ هر مجلس ۾ شريڪ رهيو، ڪيترن ئي نوآموز شاعرن جي رهنمائي ڪندو رهيو. سندس مخلصانہ تعاون سان "اديب سنڌ" رسالي جو اجراء ٿيو. جنهن سنڌي زبان، ادب ۽ شاعريءَ جي وڏي خدمت ڪئي. اهڙي طرح "جمعيت الشعراء سنڌ" جي تشڪيل ۽ تعمير بہ سندس ئي ڪوشش سان ٿي. جنهن جو بنياد 19 اپريل 1946ع تي لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيل سنڌ آل سنڌ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي رکيو ويو ۽ شيخ صاحب کي ان جو پهريون صدر مقرر ڪيو ويو. پاڻ1946ع کان1957ع تائين يارهن سال مسلسل "جمعيت الشعراء سنڌ" جو صدر ٿي رهيو. سندس ڪوشش سان جمعيت الشعراء جي انتظام هيٺ سنڌ جي سيني وڏن شهرن ۾ سال بسال عظيم الشان ادبي ڪانفرنسون ٿي گذريون. ان کان سواءِ پاڻ بزم خليل، انجمن ترقي اردو حيدرآباد ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي، ادبي ۽ تعليمي ادارن جو باني هو.

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" وڏو اهل قلم، اديب نقاد، مقرر ۽ انشاپرداز هو. هن سنڌي توڙي اردو نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب، تحقيقي، تنقيدي، تاريخي مضمون، مقالا، خاڪا، ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا. پاڻ جڏهن گدو بندر اسپتال جو سپرنٽينڊنٽ هو، تڏهن دماغي مريضن جي صحيتابي لاءِ جيڪي نفسياتي طرح تي ڪوششون ڪيائين، انهن سچين ڪهاڻين کي افسانوي رنگ ۾ "عبرت ڪده" جي نالي سان ٽن حصن ۾ لکيائين. اهو ڪتاب پنهنجي افاديت ۽ اهميت جي لحاظ سان سنڌي ادب ۾ انفرادي حيثيت رکي ٿو.

1977ع ۾ علامہ اقبال جي سو ساله جشن ولادت جي موقعي تي لاهور ۾ منعقد ٿيل بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ خليل صاحب سنڌ جي نمائندگي ڪئي ۽ اردو ۾ پنهنجو يادگار مقالو "اقبال بحيثيت متڪلم" پڙهيو. هن لطيف سائين تي پڻ تحقيقي ڪم ڪيو. مطلب تہ هر صنف تي لکيو اٿس.

ڊاڪٽر خليل جي لڳاتار علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ خيرپورميرس جي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي ڊسمبر 1957ع ۾ کيس "تاج الشعراء" جو لقب ڏنو ويو ۽ مئي 1980ع ۾ کيس "باباءِ اردو سنڌ" جي لقب سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو.1953ع ۾ جيڪا "ورلڊ نيشنل ڊاڪٽرز ڪانفرنس" بيروت ۾ منعقد ٿي هئي، ان ۾ پاڪستان جي

نمائندگي پڻ خليل صاحب ڪئي هئي. سنڌي ۽ اردو ۾ سندس لکيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:

بيت الله ۽ مسجد نبويءَ جي مختصر تاريخ (1933ع)،رهنماء شاعري (ٽي ڀاڱا 1935ع)، ادب ۽ تنقيد (1949ع)، بلبل سنڌ (1951ع)، عبرت ڪده (ٽي ڀاڱا 1961ع، 1962ع ۽ 1971ع)، عمرو بن عاص، علم قافيه، اقبال حيات اور افڪار (اردو ۾)، سنڌي مثنوي جي ارتقا، سنڌي رباعيءَ جي تاريخ ۽ رباعيءَ جو فن، تذڪره قديم شعراء سنڌ، ڪليات خليل (سنڌي شاعري)، ۽ گلزار خليل (اردو شاعري جو مجموعو) وغيره.

هيءَ سنڌي ادب جومعمار 19 نومبر 1982ع تي سڀ محفلون، مشاعرا، هي سنڌوءَ جا سرسبز پٽي ڪنارا هميشه لاءِ ڇڏي دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو، سندس هڪ غزل جا شعر نموني طور هيٺ ڏجن ٿا.

سجدي ۾ سر ته آهي مگر دل پٽي رلي
زاهد ڪٿي ٿي ڪم جي اها بندگي ٿئي
اي شمع حسن تون ٿي منور ڪرين جهان
پروانا ات وڃن نه ڇو جت روشني ٿئي.

محمد "احسن" چنا، حافظ

حافظ محمد "احسن" ولد جمع خان چنو 12 اپريل 1900ع تي ڳوٺ ملڪاڻي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي وقت جو ڪهنه مشق شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

حافظ محمد "احسن" چنا کي پنجن سالن جي عمر ۾ اتي جي مشهور بزرگ غلام محمد ملڪاڻي وٽ علم ۽ تربيت واسطي ڇڏيو ويو، جتي هن ظاهري توڙي باطني علم حاصل ڪيو. عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ کان علاوه هن حافظ محمد نصرالله کان قرآن شريف پڻ حفظ ڪيو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ 1918ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ملڪاڻي ۾ هڪ ديني مدرسو کولي درس وتدريس ڪندو رهيو. سندس اها خدمت ۽ مدرسو 1951ع تائين هلندو رهيو.

حافظ صاحب کي ڪتابن جي وسيع مطالعي ۽ غلام محمد ملڪاڻي جي صحبت سبب شعروشاعري، تصنيف وتاليف ۽ مقالانگاري جو ذوق پيدا ٿيو. هن پهريان "مجرم" تخلص سان شاعري ڪئي، پر پوءِ حاجي محمود "خادم" سندس تخلص "احسن" تجويز ڪيو جيڪو هن قبول ڪيو. اهڙي طرح پاڻ محمد چني مان ٿري حافظ محمد "احسن" چنا جي نالي سان سنڌ جي ادبي

دنيا ۾ نروار ٿيڻ لڳو.

احسن صاحب موزون شاعري جي شروعات، 1921ع ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ جمع خان "غريب" جي اصلاح ۽ ترتيب هيٺ ڪئي. سندس شاعري ساده، روان، پختہ، شائستہ، برجستہ ۽ مايہ دار آهي. هن نہ رڳو عشق ۽ عاشقيءَ کي پنهنجي شعر جو موضوع بنايو آهي، پر اخلاق، مذهب، قوميت، وطنيت، روحانيت، اسلامي ۽ قومي واقعات ۽ فطرت جي مظهرن کي پنهنجي شاعرائي ڪاوش سان سرڪيو آهي. هن غزل، قصيده، مسدس، مخمس، مربع، مثلث، مستزاد، مثنوي، رباعي، قطعہ، بيت، ڪافي، وائي ۽ ڏوهيڙي، وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪلام ايتري تہ مقبوليت ماڻي جو سندس وقت ۾ اهڙي ڪا اخبار يا رسالو ڪونہ هو، جنهن ۾ سندس ڪلام شايع نہ ٿيندو هجي.

احسن صاحب مئي 1943ع ۾ دادو شهر ۾ "انجمن آفتاب ادب" جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ تاحيات جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. هن انجمن جي ذريعي ماهوار مشاعرا ۽ ادبي گڏجاڻيون ڪوٺائي، باذوق حضرات جي ادبي ذوق جي تربيت ڪندو رهيو. ڪيس "استاد الشعراء" جو خطاب مليل هو. سندس تربيت ۽ اصلاح سان ڪيترائي پلوڙ شاعر پيدا ٿيا.

حافظ صاحب شعر ڪان سواءِ نثر ۾ بہ ڪافي ڪوششون ڪيون آهن. هن ڪل 51 ڪتاب لکيا جن مان 34 ڇپيل آهن، انهن ۾ ڪجهہ درسي ڪتاب بہ شامل آهن. نثر ۾ ڇپيل سندس ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

احسن الاخلاق (1937ع)، سوانح حيات مخدوم بلاول (1955ع)، بنات الرسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم (1959ع)، سچن تي ستم (1960ع)، خاتون جنت، اصلاح المسلمين، سوانح حضرت جعفر طيار، سراپا رسول صلي الله عليہ و سلم، قصص الانبياءَ، افضل الاذڪار، شاهہ جو پيغام، اذان القبر، وغيره.

ان ڪان سواءِ رباعيات احسن (1962ع)، گلدستہ احسن (1964ع)، ديوان احسن، گلزار نمبر، احسن الاشعار ۽ مظاهر مصطفوي شاعري ۾ سندس اهم تصنيفون آهن. سندس شعر جو آخري ڇپيل ڪتاب "مختصر آتم ڪهاڻي" (منظوم) آهي جيڪو 1979ع ۾ ڇپيو.

حافظ محمد "احسن" چنا 19 جون 199[illegible]ع تي دادو ۾ انتقال ڪيو. سندس ڪلام جو نمونو هن ريت آهي.

منهن تي مٺ مٺ ۽ ڪرڻ پرپٺ گلا
هيءَ ٿيو اڄڪلهہ زماني ۾ رواج
اڳ انهن جي ڪا بہ عزت ڪا نہ هئي
اڄ اهي ٿا ڪوٺجن پيا خوش مزاج

محمد ادريس ڏاهري مولانا

مولانا محمد ادريس ولد حاجي رب رکيو ڏاهري 17 سيپٽمبر 1949ع تي پنهنجي آبائي ڳوٺ لڳ مقيم ڏاهري تعلقي دولت پور صفن ضلعي نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اهل سنت (بريلوي) مسلڪ جو برک عالم ۽ فصيح البيان مقرر آهي.

الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري ابتدائي پرائمري ۽ ناظره قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي، فارسيءَ جي تعليم مولانا خان محمد ڏاهري وٽ ۽ عربي علامه محمد اڪتڙائي وٽ پڙهي، مدرسه افضل المدارس ڳوٺ مقيم ڏاهري ۾ درس نظاميءَ جي سند حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ان سان گڏوگڏ "مولوي فاضل عربي" فرسٽ ڪلاس ۽ دوره حديث مدرسه رڪن الاسلام حيدرآباد ۾ پڙهيو ۽ تنظيم المدارس جو اعليٰ امتحان پڻ ممتاز حيثيت سان پاس ڪيائين.

مولانا ڏاهري صاحب ظاهري علمن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ نقشبندي سلسلي جي مشهور بزرگ خواجه الله بخش نقشبندي غفاري جي هٿ تي دست بيعت ٿي، خلافت جو خرقو حاصل ڪيو. هن شاهه پور جهانيان ۾ هڪ ديني درسگاهه "جامعه محمديه" قائم ڪيو آهي، جنهن جو پاڻ مهتمم آهي.

مولانا صاحب کي الله پاڪ مخصوص انداز ۾ خطاب ڪرڻ جو ملڪو عطا ڪيو آهي، جنهن ڪري سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. پاڻ جيد عالم هئڻ سان گڏ سريلي آواز جو پڻ مالڪ آهي. پاڻ جڏهن پنهنجي تقرير ۾ قرآن پاڪ جون آيتون، حديثون، شاهه صاحب ۽ ٻين صوفي شاعرن جا بيت پنهنجي پرڪشش آواز ۾ پڙهندو آهي ته ٻڌندڙن جي دل کي عجيب قسم جو سرور محسوس ٿيندو آهي. اهوئي سبب آهي جو کيس "بلبل مدينه" جي لقب سان سڏيو ويندو آهي.

مولانا محمد ادريس ڏاهري فن خطابت جو باد شاهه آهي. سندس دل عشق رسول صلي الله علي وآله وسلم سان سرشار آهي، انڪري پنهنجي وعظ ۾ اڪثر ڪري شان رسول صلي الله عليه وآله وسلم ۽ عظمت صحابه رضه وڏي چاهه سان بيان ڪندو آهي. پاڻ شاعري به ڪندو آهي، خاص ڪري مولود شريف سنا ڇپيا اٿس. پاڻ 48 ڪتابن جو مصنف آهي جن مان هيئنيان 15 ڪتاب ڇپيا اٿس باقي اجا قلمي صورت ۾ آهن.

مناقبت الصالحين، الاربعين في فضائل خلفاء راشدين، شرح قصيده برده شريف، جام تصوف، شرح اسماء الله الحسنيٰ، سيرت باد شاهه بغدادي، شرح قصيده غوثيه، تحفة الحجاج، شرح قصيده نعمان، مدح نامه سنڌ (فارسي

ترجمو)، سيرت صديق اڪبر، قادري تحفو، سيرت اويس قرني، تفسير احسن البيان ۽ مائڪ موتي لعل.

محمد اسماعيل جان "روشن"

پير محمد اسماعيل جان "روشن" ولد آغا محمد حسن جان مجددي سرهندي 24 اپريل 1890ع تي ڳوٺ ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ سرهندي گهراڻي جو عظيم المرتبت بزرگ، عالم، مشائخ، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

محمد اسماعيل جان سرهندي جو شجره نسب ٻارهن واسطن سان حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحه تائين پهچي ٿو. مجددي خاندان جو معروف بزرگ خواجه حاجي عبدالرحمان نقشبندي سرهندي (وفات 1898ع) سندس ڏاڏو ۽ مرشد هو، جنهن کان هن نون سالن جي ننڍي ڄمار ۾ قلبي ذڪر جي تلقين حاصل ڪئي، جنهن ڪري ننڍي عمر ۾ ئي سندس قلب جون تارون چرڻ لڳيون.

پير صاحب ظاهري علم حافظ محمد يوسف ۽ حافظ هارون دلگير کان حاصل ڪيو، جن کان قرآن شريف، سنڌي، فارسي ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪيائين. عربيءَ ۾ علامه فدا جي شاگرديءَ جو شرف حاصل هئس.

پير صاحب علم و عمل، زهد و تقويٰ جو پيڪر هو. ظاهري ۽ باطني ڪمالات سان گڏ، دين ۽ ملت جي راهه ۾ سندس جان فروشانه جذبو ۽ مجاهدانه ولولو، سلف صالحين جي يادتازي ڪندو هو. کيس شعروشاعري ۾ به مهارت حاصل هئي. سندس شاعري سنڌي، اردو، عربي، فارسي ۽ پشتو وغيره ۾ موجود آهي. سندس سنڌي ڪلام صاف سنڌي تجنيس، حرفي محاورن، تشبيهن ۽ استعارن وغيره سان سينگاريل آهي. سندس سنڌي غزلن، نعتن، ڪافين، مناجاتن وغيره جو مجموعو قلمي حالت ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ سندس فارسي شاعريءَ جو ديوان ۽ نثر ۾ لکيل ڪجهه ڪتاب پڻ موجود آهن. هن سال 1905ع ڌاري ٽکڙ مان هڪ علمي ادبي ۽ ديني ماهوار رسالو "اصلاح" جاري ڪيو، جنهن ذريعي ڪيتري عرصي تائين ديني ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ خدمت ڪندو رهيو.

پير محمد اسماعيل جان "روشن" سرهندي وڏو علم و ادب دوست انسان هو. پاڻ ڪچهرين جو ڪوڏيو هو، سندس محفل ۾ اڪثر عالمن، اديبن، سگهڙن، شاعرن ۽ حڪيمن جي شرڪت رهندي هئي. ٽکڙجي ماڻهن سان ڏاڍي محبت هوندي هئس. سندس وصال 28 جون 1942ع تي ٿيو.

محمد اسماعيل عرساڻي

محمد اسماعيل عرساڻي "فدا" ولد ميان محمد هاشم ميمڻ 17-سيپٽمبر 1906ع تي هالا نوان ۾ ڄائو. پاڻ مشهور تعليمي ماهر، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

محمد اسماعيل عرساڻي ابتدائي تعليم هالن مان ۽ ثانوي تعليم حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اسڪولن مان ورتي، 1925ع ۾ مئٽرڪ ۽1929ع ۾ بي اي ممبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. پاڻ هالن نون جو پهريون شخص هو، جنهن ممبئي يونيورسٽيءَ مان بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. هن ممبئي يونيورسٽيءَ مان فارسيءَ جو امتحان پڻ امتيازي حيثيت سان پاس ڪيو.

عرساڻي صاحب کي جيئن ته شروع کان ئي علم ۽ ادب سان دلچسپي هئي، ان ڪري هن تعليم کاتي جي نوڪري اختيار ڪئي. ابتدا اسسٽنٽ ماستريءَ کان ڪيائين ۽ پوءِ ترقي ڪندو 1966ع ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. پاڻ ٻه ٽي سال جامعه عربيه هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر به ٿي رهيو.

عرساڻي صاحب هڪ تعليمي ماهر هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سٺو شاعر ۽ نثر نويس پڻ هو. شاعري ۾ تخلص "فدا" استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام اول ڊي جي نيشنل ڪاليج جي مخزن "قليلي" ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ پاڻ مختلف مشاعرن ۾ وڏن شاعرن سان گڏ ڪلام پيش ڪندو آيو. شاعري تي سٺي دسترس حاصل هئس، سندس شعري مجموعو "ڪليات فدا" جي نالي سان ڇپيل آهي. نثر ۾ پڻ مختلف موضوعن تي سندس ڇڏيل ڪوڙ تصنيفون آهن.

"بدنصيب ٿري" سندس پهريون ڊرامو آهي، جنهن تي سنڌي ساهت مرڪزي صلاحڪار بورڊ طرفان کيس انعام مليو. سندس ٻيو شاهڪار "سير ريگستان" (1952ع) آهي، جنهن جي تحسين ڪندي هڪ خاص تقريب ۾ کيس علامه آءِ آءِ قاضي هار پارايوهو. ان کان علاوه سندس هينيان ڪتاب سنڌي ادب ۾ واڌاري جو سبب بڻيل آهن:

نقش عمل (1950ع)، خيال خاطر (1951ع)، ڊزن ڊائلاگ (1952ع)، سنڌي سباجهڙا (1953ع)، سورٺ راءِ ڏياچ (1955ع)، سنڌي ڊراما ۽ ناول (1955ع)، حسن پروين (1956ع)، دلڪشا (1960ع)، محنت جو ڦل، پنج داستان ۽ سکر سي ئي ڏينهن (آتم ڪهاڻي 1985ع) وغيره.

انڪان علاوه سندس لکيل ڪيترائي درسي ڪتاب، ناول، مڪالما، ڊائلاگ ۽ علمي تحريرون موجود آهن.

محمد اسماعيل عرسائي "فدا" نومبر 1986ع ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو حاضر آهي.

مونکي عالم ۾ اچي هاءِ نہ آرام مليو
نام بدنام مليو مايئہ الزام مليو
جو ڦٽائي مون ننڊ ڪئي سدا خدمت غير
ان جي برعڪس مونکي واهہ جو انعام مليو.

محمد اڪبر، قاضي

قاضي محمد اڪبر ولد عبدالقيوم عباسي آڪٽوبر 1910ع ۾ سيوهڻ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ برک صحافي، اعليٰ پايي جو سياستدان ۽ عوامي خدمتگار ٿي گذريو آهي.

قاضي محمد اڪبر جو ڏاڏو مولانا حڪيم غلام محي الدين عباسي نامور حڪيم هو. ان جي پٽ فرزندن حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سيوهڻ مان ڪراچي ۾ ۽ عبدالقيوم سيوهڻ مان حيدرآباد ۾ مستقل طور سڪونت اختيار ڪئي. قاضي عبدالقيوم حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو پهريون مسلمان چيئرمن ٿيو. حيدرآباد ۾ سندس مطب پڻ هوندو هو. 1930ع ۾ وفات ڪيائين.

قاضي محمد اڪبر مئٽرڪ جو امتحان سنڌمدرسته الاسلام ڪراچي مان پاس ڪري علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. ان بعد حيدرآباد ۾ واپس اچي حڪمت جي تعليم حاصل ڪيائين.

قاضي صاحب پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات 1933ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊجڻ سان ڪئي. ساڳئي سال ۾ پاڻ "خاڪسار تحريڪ" (1) ۾ شامل ٿيو ۽1935ع تائين علامہ عنايت الله مشرقيءَ جو معتقد رهيو. ان دوران هن "خاڪسار تحريڪ" کي سنڌ ۾ مقبول ڪرائڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا. پاڻ تحريڪ جو سالار صوبہ سنڌ بہ ٿي رهيو. ان حيثيت سان هن هندستان جي مختلف علائقن جا دورا ڪيا.

قاضي صاحب 1935ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ انهيءَ سال ۾ مير رسول بخش ٽالپر کي شڪست ڏئي حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو صدر چونڊجي ويو. 1946ع ۾ جي ايم سيد کي شڪست ڏئي نہ صرف سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر بڻيو، ليڪن ڪيس چيف پارلياماني سيڪريٽري پڻ بڻايو ويو.1953ع ۾

(1) برصغير جي مسلمانن ۾ حريت جو جذبو پيدا ڪرڻ واسطي 1931ع ۾ علامہ عنايت الله مشرقي "خاڪسار تحريڪ" جو بنياد رکيو. جنهن جو منشور نظم و ضبط، خدمت خلق ۽ اطاعت امير هو. سنڌ ۾ هن تحريڪ جو بنياد حيدرآباد جي وڪيل نصير محمد وڏو ۽ پوءِ قاضي محمد اڪبر ان کي مقبول بڻايو.

پيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ عبدالستار پيرزادي جي وزارت ۾ وزير تعليم ٿي رهيو.ان بعد 1955ع ۾ محمد ايوب کهڙي جي وزارت ۾ وزير تعليم رهيو. 1969ع ۾ صدر ايوب خان جيڪا گول ميز ڪانفرنس سڏرائي هئي، قاضي صاحب ان ۾ به شرڪت ڪئي، 1970ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار کان شڪست کائي، مسلم ليگ ڇڏي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. 1975ع ۾ حڪومت پاڪستان کيس پورچوگال جو سفير مقرر ڪيو. وفات کان اڳ وري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. سنڌس سياسي سوچ سمجهه ڪري کيس "سنڌ جو دولتانه" پڻ چيو ويندو هو.

قاضي صاحب کي صحافت سان خاص لڳاءُ هو. ان سلسلي ۾1949ع ۾ سنڌس سرپرستيءَ ۾ روزانه اخبار "غازي" نڪتي، جنهن جو ايڊيٽر خير محمد نظامائي هو. ان کان پوءِ 1958ع ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ قاضي عبدالمجيد "عابد" سان گڏ "عبرت" اخبار خريد ڪري روزانه بڻائي هلائڻ لڳو. اخبار "سنڌ نيوز" جو باني پڻ پاڻ ئي هو. ان کان علاوه هڪ انگريزي هفتيوار "سنڌ آبزرور" پڻ جاري ڪيائين.

1978ع ۾ قاضي محمد اڪبر جو نوجوان پٽ قاضي محمد سليم موٽر ڪار جي حادثي ۾ فوت ٿي ويو، جنهن جي صدمي قاضي صاحب جي دل تي وڏو اثر ڪيو ۽ مسلسل بيمار رهڻ لڳو، ڏيهه پرڏيهه گهڻو ئي علاج ڪرايائين. پر ڪجهه فرق نه ڪيو، آخر 13 فيبروري1979ع تي وفات ڪيائين، کيس ڪنٽونمينٽ قبرستان حيدرآباد ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو.

محمد امين "فهيم"، مخدوم

مخدوم محمد امين "فهيم" ولد مخدوم محمد زمان "طالب المولى" جي ولادت 4 آگسٽ1939ع تي هالا نوان ۾ ٿي، پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحه جي درگاهه جو موجوده سجاده نشين، مشهور شاعر ۽ بي داغ ڪردار رکندڙ، بي لوث سياسي اڳواڻ آهي.

مخدوم محمد امين "فهيم" جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي عظيم والد بزرگوار جي سرپرستيءَ هيٺ هالن ۾ ٿي. قرآن مجيد جي تعليم آخوند رب ڏني ۽ آخوند محمد قاسم کان حاصل ڪئي ۽ سنڌي جي تعليم استاد عبداللطيف ميمڻ کان حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان 1957ع ۾ مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا مان پاس ڪيو. بي اي 1961ع ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان ڪئي. ايل ايل بي ۽ ايم اي جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين.

مخدوم امين "فهيم" اهڙي ماحول ۾ پرورش پاتي، جنهن ۾ علمي ۽ ادبي گفتگو کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه قبول نه ٿيندي هئي. سندس والد جي دربار گويا هڪ علمي ۽ ادبي ادارو هو، جنهن مان ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن تحصيل ڪئي. فهيم صاحب پڻ پنهنجي عظيم المرتبت والد جي رهبريءَ ۾ 1953ع کان شاعريءَ جي ابتدا ڪئي. پاڻ پنهنجو ڪلام وقت بوقت اصلاح پذيري لاءِ پنهنجي والد کي ڏيکاريندو رهيو. اهڙي طرح سائين طالب المولىٰ رح جن جي استاد واري رهبري جي ڪري سندس شاعري کي چار چنڊ لڳي ويا. سندس ڪيترين ئي ڪافيون، غزل، نظم ۽ بيت وغيره لکيل آهن. سندس ڪلام ۾ سوز وگداز، محبت ۽ رقت جا اهي سڀ معيار موجود آهن. جي هڪ قادرالڪلام شاعر ۾ ٿين ٿا. سندس ٻولي نهايت پختي، رسيلي، مٺي ۽ دل کي وڻندڙ آهي. سندس شاعري جو ڪتاب "پيغام" سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل آهي. وڏن وڏن فنڪارن پڻ سندس ڪلام ڳايو آهي. پاڻ ڀهرياڻين "امين" تخلص استعمال ڪندو هو، ليڪن بعد ۾ سائين طالب المولىٰ کيس "فهيم" تخلص عنايت ڪيو. هن وقت پاڻ سياسي ميدان ۾ سرگرم عمل آهي، ان ڪري شعروشاعري طرف ڌيان گهٽ اٿس.

مخدوم محمد امين "فهيم" 1970ع کان پاڪستاني سياست ۾ مسلسل اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب وانگر شروع کان ئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان وابسته آهي ۽ هن وقت پارٽي جي سينئر اڳواڻن ۽ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي قابلِ اعتماد ساٿين ۾ شمار ٿئي ٿو.

جناب ڀٽي جي دور ۾ مخدوم صاحب ضلعي ٺٽي مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ سنڌ جي گورنر جو مشير براءِ ايگريڪلچر، فوڊ مقرر ٿيو. مارشل لا واري دور ۾ سندس خاندان جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ 1988ع کان هر اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيندو رهيو آهي. بينظير صاحبه جي ٻنهي حڪومتن ۾ مخدوم صاحب مختلف کاتن جو مرڪزي وزير ٿي رهيو. پاڻ بينظير صاحبه جو سياسي امور ۾ خاص معاون رهيو آهي. هن وقت پڻ (2000ع) بينظير صاحبه جي غير موجودگيءَ ۾ مخدوم صاحب پارٽيءَ جي قائم مقام چيئرمن جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيو آهي. سندس سياسي ڪردار بي لوث ۽ بي داغ رهيو آهي. سنڌ ۾ سندس سياسي پوزيشن مستحڪم آهي.

مخدوم محمد امين "فهيم" جنوري 1993ع ۾ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات کان پوءِ مخدوم سرور نوح رحه جي نو لکي گوڏڙي جو وارث ۽ سروري درگاهه جو 18 سجاده نشين ٿيو. سنڌ واسين کي سندس ذات تي فخر

آهي. نموني طور سندس هڪ خوبصورت غزل جا شعر هيٺ ڏجن ٿا:

بيوفا سان وفا ڪري ڏسبي، هيءَ خطا بار ها ڪري ڏسبي
هن جو لطف وڪرم وري به ٿئي، گويا پيهر خطا ڪري ڏسبي
هر شجر ۾ صبا ۾ ۽ گل ۾، جستجو جا بجا ڪري ڏسبي
جي حياتي وفا ڪئي ته "فهيم" عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.

محمد ايوب کهڙو

خانبهادر محمد ايوب ولد رئيس شاهه محمد کهڙو تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل ۾ 28 جولاءِ 1901ع تي تولد ٿيو. پاڻ سنڌ جو بااثر زميندار ۽ نامور سياستدان ٿي گذريو آهي.

محمد ايوب کهڙي پرائمري تعليم اباڻي ڳوٺ عاقل ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان 1918ع ۾ پاس ڪري، ڊي جي ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتي. 1920ع ۾ سندس والد جي وفات سبب تعليم اڌ ۾ ڇڏي، پنهنجي والد جي ڇڏيل زمينداري سنڀالڻ لڳو ۽ پوءِ سنڌ ٿي سياست ڏانهن رخ رکيائين.

کهڙو صاحب 1924ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو، جيڪو 1936ع تائين سندس شعار بڻيو، ان دوران ڪائونسل جي گڏجاڻين ۾ قومي جذبي تحت جوشيليون تقريرون ڪيائين. سنڌي مسلمانن سان مختلف مسئلن خاص ڪري ملازمتن ۾ ٿيندڙ ظلم خلاف ڀرپور آواز اٿاريائين پوءِ ته بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ "فيلو" به مقرر ٿيو. 1928ع کان 1935ع تائين "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۽ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جو نائب صدر به ٿي رهيو.

سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ ۾ سنڌ جي ٻين سياستدانن سان ٻانهن ٻيلي ٿي تحريڪ کي منظم بڻايائين، انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي روشن دماغ، سياسي بصيرت ۽ حب الوطنيءَ جي جذبي سان برطانوي عوام جي اخلاقي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ تقريرن ذريعي پنهنجو مقصد واضح ڪندو رهيو. آخر سنڌ کي بمبئي کان آزادي حاصل ٿي. سنڌ جي علحدگيءَ کان پوءِ سنڌ ۾ گورنر طرفان جيڪا پهرين انتظامي ڪميٽي (صلاحڪار بورڊ) وجود ۾ آئي هئي، پاڻ ان جو ميمبر رهيو. 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. قومي خدمتن عيوض کيس "خانبهادر" جو خطاب به مليو.

کهڙي صاحب جو شمار سنڌ ۾ مسلم ليگ جو بنياد وجهندڙ باني اڳواڻن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ پهريان سنڌ مسلم ليگ جو نائب صدر ۽ پوءِ سر عبدالله هارون جي انتقال بعد سنڌ جو صدر مقرر ٿيو. پاڻ 1943ع کان 1947ع تائين آل

انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر رهيو.

کهڙي صاحب سکر ۾ مسجد منزل گاهه واري تحريڪ ۾ به ڀرپور حصو ورتو. ان تحريڪ کي هلائڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي ٺاهي وئي هئي، کيس ان جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو. مارچ1940ع ۾ ميربنده علي خان جي وزارت ۾ کيس وزير مقرر ڪيو ويو. ان سال ۾ لاهور ۾ منعقد ٿيندڙ قرارداد پاڪستان بابت مسلم ليگ جي تاريخي اجلاس ۾ به هن صاحب ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. 1943ع ۾ الهه بخش سومري جو قتل ٿيو. هن قتل جي ڪيس ۾ کهڙي صاحب کي حڪومت 26 سيپٽمبر 1944ع تي گرفتار ڪيو، پر ڪورٽ کيس بي ڏوهي قرار ڏيندي 3 آگسٽ1945ع تي آزاد ڪيو. آزاد ٿيڻ بعد سنڌ جي مسلمانن سندس شاندار ۽ تاريخي استقبال ڪيو. هي اهو دور هو جڏهن کهڙي صاحب کي سنڌ جو "مرد آهن" ۽ "سنڌ جو اورنگزيب" سڏيو ويندو هو. ڇو جو ان وقت هن هر مسلم تحريڪ ۾ نهايت دليري ۽ سچائيءَ سان ڀرپور حصو ورتو ۽ مسلمانن جو هيرو بڻجي سامهون آيو.

1946ع ۾ سر غلام حسين هدايت الله جي وڏوزارت ۾ کهڙو صاحب پهريان وزير ۽ پوءِ ڊپٽي چيف منسٽر مقرر ٿيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ کهڙي صاحب کي سنڌ جو پهريون وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو، جيئن ته کيس سنڌ جي مسلمانن طرفان وڏي عوامي حمايت حاصل هئي، ان ڪري هن وڏي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. هو اينترو خودمختيار ۽ طاقتور وزيراعليٰ هو، جو وزيراعظم ۽ گورنر جي حڪمن کي به ڪڏهن ڪڏهن ڪونه مڃيندو هو، جنهن ڪري وزيراعظم پاڪستان ۽ گورنر سنڌ جا ساڻس اختلاف ٿي پيا.26اپريل 1948ع تي گورنر سنڌ سرغلام حسين قائداعظم جي صلاح سان کهڙي صاحب کي ڊسمس ڪري ڇڏيو ۽ حڪومت طرفان کيس ٽن سالن لاءِ ملڪي سياست مان خارج ڪيو ويو. مٿس ڪيس داخل ڪري جيل اماڻيو ويو.25 مارچ 1951ع تي کهڙي صاحب کي ٻيهر سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو. هن پيري پاڻ ليڊري، اصول پرستي ۽ وفاداري سڀ ڇڏي حڪومت ۾ اهو سوچي شامل ٿيو ته اقتدار ۾ رهڻ لاءِ هو سڀ ڪجهه ڪندو. ڇو جو هر ڪو ڪرسي جو سلامي آهي. هن حڪومت ۾ ايندي ئي ڪيترين ئي انتقامي ڪاروايون ڪيون، چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪرائي ۽ غير جمهوري طريقن تي عمل ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري سندس عزت، شهرت ۽ وقار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. 29 ڊسمبر 1952ع تي پاڪستان جي گورنر جنرل غلام محمد سنڌ ۾ کهڙو حڪومت ختم ڪري گورنر راڄ قائم ڪيو ۽ حڪومت طرفان هڪ دفعو وري کهڙي کي ٽن سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو.

1954ع ۾ گورنر جنرل غلام محمد سنڌجي وقتي وزيراعليٰ عبدالستار

پيرزادي کي ون يونٽ جو ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرائڻ لاءِ چيو، جنهن جي پيرزادي صاحب سخت مخالفت ڪئي. ان ڪري گورنر جنرل 9 نومبر 1954ع تي عبدالستار پيرزادي جي حڪومت کي ختم ڪري محمد ايوب کهڙي تان ايبڊو جي بندش ختم ڪري اسيمبلي ميمبر نه هئڻ جي باوجود کيس ٽيون دفعو سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو. ون يونٽ جو ٺهراءُ پاس ڪرائڻ وارو سودو سانٽس طئي ٿيل هئو، ان ڪري 11 ڊسمبر 1954ع تي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کان سنڌ کي ٻين صوبن سان ملائي "ون يونٽ" جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. اهڙي طرح سنڌ کي بمبئي کان ڌار صوبو ٺاهيندڙن هڪ دفعو وري پاڻ ئي سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪيو.

کهڙو صاحب ون يونٽ ۾ وزير مقرر ٿيو. 1956ع کان وٺي 1958ع تائين اپوزيشن ۾ ويٺو. 1958ع ۾ فيروزخان نون جي مرڪزي وزارت ۾ کيس وزير دفاع مقرر ڪيو ويو، ليڪن ساڳئي سال ۾ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ کيس هڪ ڪيس ۾ گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. ان ڪيس ۾ کيس ٻه سال سزا ملي. 1970ع واري اليڪشن ۾ پاڻ جناب ذوالفقار علي ڀٽي سان قومي اسيمبليءَ جي مقابلي ۾ بيٺو، پر کيس زبردست شڪست ملي، جنهن کان پوءِ هن سياست تان رٽائر ڪيو.

کهڙي صاحب جي سياسي زندگيءَ جو پهريون دور سندس عروج ۽ ڪمال وارو دور رهيو، جنهن ۾ هو مسلم ڪاز کي تحريڪ جو روپ ڏئي مسلمانن جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو ۽ سندس ٻئي سياسي دور ۾ غلط فيصلن سبب کيس "سنڌ جو غدار" جو لقب ٻڌڻو پيو. بهرحال هو ڪجهه به هئو، پر منجهس هڪ خوبي اهڙي هئي جيڪا اڄ جي سياستدانن ۾ گهٽ ٿي نظر اچي. اها هيءَ ته هن سچي ڄمار هڪڙي ئي سياسي پارٽيءَ ۾ گذاري ۽ هن برساتي سياستدانن وانگر مختلف سياسي پارٽيون جا تبديل ٿيندر ويس وڳانه پاتا. پاڻ شروع کان آخر تائين مسلم ليگ ۾ رهيو. جيتوڻيڪ ان دوران مٿس ڪيئن سرديون گرميون به آيون، پر هن ڪڏهن به سياسي وفاداريون تبديل نه ڪيون ۽ سچو مسلم ليگي ٿي رهيو.

کهڙي صاحب سنڌ جي تاريخ تي هڪ انگريزي ڪتاب "اسٽوري آف سفرنگ آف سنڌ" نالي 1930ع ۾ لکيو ۽ سکر مان هڪ سنڌي اخبار "سنڌ زميندار" پڻ جاري ڪئي هئي. جنهن جو پاڻ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿي رهيو.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو 20 آڪٽوبر 1980ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. کيس آبائي ڳوٺ عاقل ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو.

محمد بخش خان ٽالپر "مير"

مير حاجي محمد بخش خان ولد مير حاجي عبدالله خان ٽالپر سن 1924ع ۾ ميرپورخاص ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي وقت جي مشهور سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيت ٿي گذريو آهي.

مير حاجي محمد بخش خان جو تعلق ميرپور خاص جي مشهور ٽالپر خاندان سان هو، پاڻ واليءَ ميرپور شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر جو پڙپوٽو هو. هن مڊل تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ 1938ع ۾ زماني جي حادثن سبب اسڪول ڇڏي پنهنجي اباڻي ڪرت زمينداري سنڀالڻ لڳو.

مير صاحب سياسي خدمتن وسيلي سنڌ ۾ ڄاتل سڃاتل شخصيت جو مالڪ هو.1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ٿرپارڪر ضلعي مان ميمبر چونڊيو. 1957ع ۾ ضلع لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ مقرر ٿيو. 1961ع ۾ ٿر جي خطي مان ٻيهر اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. پاڻ اسيمبليءَ جي ايوانن ۾ ٿرجي مسلسل خدمت ڪندي گهڻي ڪان گهڻا سوال پڇي "ڪنگ آف ڪئسچن" (سوالن جو بادشاهه) جي لقب سان مشهور ٿيو. 1965ع ۾ ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر جو وائس چيئرمن چونڊيو ۽ ضلعي جي خوب خدمتن ڪيائين. سڄي ٿر ۾ سندس سماجي خدمتون پڻ مشهور آهن.

مير صاحب کي شعروشاعريءَ سان پڻ لڳاءُ رهيو مولانا غلام محمد گرامي کان ڪلام جي اصلاح ڪرائيندو هو. تخلص "مير" استعمال ڪندو هو. ڪيس سنڌ جي تاريخ سان بيحد دلچسپي هوندي هئي، ان سلسلي ۾ ڪافي مقالن کان سواءِ هڪ ڪتاب "تاريخ اميران ميرپور خاص" لکيائين، جيڪو شايع ٿيل آهي. سندس ثقافتي خدمتن ۾ "مارئيءَ جوميلو" مشهور آهي، جيڪو 1967ع ۾ پالواجي ماڳ تي منعقد ڪرايائين.

مير محمد بخش خان ٽالپر "مير" 30 مئي 1985ع تي ميرپور خاص ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڇا اهي ملا ڇا اهي قاضي عشق بنا ڪل ڪوڙي بازي
پڙهي نمازون ڏيل ڏڪائين سڄا سجدا وقت وڃائين
برهه بنان ڪٿ ٿيندو راضي

محمد بخش "ڪوجهي"

سردار بهادر محمد بخش "ڪوجهي" ولد الاهي بخش شيخ سن 1891ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ آفيسر، سماجي خدمتگار، ڪافي گوشاعر ۽ سچل سائين جو طالبو ٿي گذريو آهي.

محمد بخش "ڪوجهي" جا وڏا اصل پاڳناڙي بلوچستان جي طرف جا هئا، جيڪي پوءِ لڏي اچي شڪارپور ۾ ويٺا. سندس والد ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رهي چڪو هو.

محمد بخش مئٽرڪ تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي، 1908ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي ۾ داخل ٿيو. جتان 1912ع ۾ بي اي پاس ڪيائين.1916ع ۾ لا ڪاليج بمبئي مان ايل ايل بي جي سند ورتائين. جنهن کان پوءِ پاڻ 1917ع ۾ پهريان نواب شاهه ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو ۽ پوءِ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي آخر ڪليڪٽر جي عهدي تي وڃي پهتو. جتان 1946ع ۾ پينشن تي لٿو. نوڪري دوران هي انتظامي نقطئہ نگاهہ ۽ لڳ لاڳاپن ڪري، سٺو عملدار ثابت ٿيو، جنهن ڪري سرڪار سندس خدمتن جي مدنظر پهرين ڪيس "خانبهادر" جو خطاب ڏنو ۽ پوءِ "سردار بهادر" بنايو.

ڪوجهي صاحب نوڪري دوران يا ان کان پوءِ ڪافي سڌاري جا ڪم ڪيا. جهڙوڪ 1918ع کان 1920ع تائين هالا، حيدرآباد ۽ ٽنڊي الهيار ۾ خانبهادر عظيم خان کي مدد ڏئي گهڻي تعداد ۾ ڪوآپريٽو سوسائٽيون قائم ڪرائڻ، حيدرآباد ۾ ڊسٽرڪٽ پرچيز ۽ سيل سوسائٽي قائم ڪرائڻ، ضلعي حيدرآباد جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ويم گهر ۽ اسپتالون قائم ڪرائڻ، ڪوآپريٽو تحريڪ کي زور وٺرائڻ وغيره. پاڻ سنڌ ۾ سچل سرمست جي پيغام کي عام ڪرڻ جي حوالي سان گهڻو مشهور آهي. ڪيترائي ليک سچل جي سوانح متعلق لکيائين پاڻ سچل سائين جو گهڻو عقيدتمند هو. درگاهہ جي سجاده نشين سخي قبول محمد جو مريد بنجي ڪانئس روحاني فيض حاصل ڪيائين. سندس صحبت ۾ رهي ڪافيون ڪلام بہ چيائين شاعري ۾ "ڪوجهي" تخلص ڪم آڻيندو هو. سندس ديوان موجود آهي، جيڪو "ديوان ڪوجهي" جي نالي سان قاضي علي اڪبر درازي ترتيب ڏنو.

محمد بخش "ڪوجهي" حيدرآباد، نواب شاهہ ۽ راڻيپور ۾ سچل سرمست جي نالي سان اسڪول قائم ڪيا جيڪي پوءِ ڪاليج جي درجي کي رسيا، جن مان اڄ بہ هر سال هزارين شاگرد فارغ التحصيل ٿين ٿا. پاڻ 24 سيپٽمبر 1959ع تي وفات ڪري ويو. نموني طور سندس ان ڪافيءَ جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون جنهنکي ماستر چندر ڳائي گهڻو مشهور ڪيو هو.

طبيبا خيال سان ڏسجو اٿم ڪا دل جي بيماري
جسم تازو توانو آ ڍري آ نبض دل واري
ڪتابن ۾ دوا ڪانهي مٺا هن مرض منهنجي جي
دوا دارون سڄڻ تون آن فقط ديدار درڪاري

محمد بخش "واصف"

محمد بخش "واصف" ولد محمد عثمان لوهار ڊسمبر 1892ع ۾ پنهنجي ناناڻڪي ڳوٺ راضي جتوئي تعلقي دولت پور صفن ضلعي نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هڪ استاد شاعر، خطاط، نقاش، ڪاتب ۽ مصور به هو ته، سخن سنج، سخن فهم ۽ نقاد به هو.

محمد بخش "واصف" جو والد حيدرآباد جو رهاڪو هو. واصف جي ابتدائي تعليم ۽ پرورش حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ اجا ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ هو ته سندس والد1911ع ۾ وفات ڪري ويو. جنهن ڪان پوءِ گهرو تڪليفن سبب اسڪول ڇڏڻو پيس ۽ معاشي تلاش ۾ سرگردان رهيو. ليڪن بعد ۾ پنهنجي ذهانت، مطالعي ۽ محنت جي آڌار تي فائينل، ڊرائنگ، مئٽرڪ، اديب عالم ۽ اديب فاضل جا امتحان به پاس ڪيائين ۽ ستن زبانن يعني عربي، فارسي، سنڌي، هندي، سنسڪرت، اردو ۽ انگريزي تي پڻ مهارت حاصل ڪري ورتائين. ان ڪان علاوه يوناني فلسفي ۽ تصوف جي معلومات رکندو هو ۽ ديني علم ڪان پڻ پوري ريت باخبر هو.

فخرالشعراء سنڌ، محمد بخش واصف 1911ع ڪان شاعري ڪرڻ جي ابتدا ڪئي، شاعري ۾ استاد فقير محمد عاجز ۽ تخلص "واصف" هئس. ڪيس شاعريءَ ۾ هڪ انفرادي مقام حاصل آهي. سندس ڪلام ۽ زبان سليس ۽ رنگين آهي. هڪ قادراڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر هجڻ جي ثبوت ۾ سندس ديوان ۽ رباعيات جو مجموعو پيش ڪري سگهجن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ عاشقانه آه وفغان، سوز ۽ دردمندي به نظر اچي ٿي ته، قومي رنگ ۽ عارفاڻو اسرار به بيان ٿيل نظر اچن ٿا. پاڻ بيشڪ وطن دوست ۽ درد دل رکندڙ قومي شاعر هو. پاڻ محفلن ۽ مشاعرن جو مور هو. سندس حياتي ۾ ڪل 12 آل سنڌ ادبي ڪانفرنسون ٿيون، پاڻ انهن سڀني ۾ پڻ شريڪ ٿي طرحي ياغير طرحي غزل و نظم ۽ مقالا پڙهي حاضرين ڪان داد حاصل ڪيو.

واصف صاحب نه رڳو شاعر هو، پر پاڻ بلندپايه نثر نويس ۽ اعليٰ درجي جو نقاد به هو. فارسي زبان ۾ ملاحسين ڪاشفيءَ جي مشهور تصنيف "انوار سهيلي" جو بهترين سنڌي ترجمو "گلزار چنبيلي" جي نالي سان ڪيائين، جنهن جي پڙهڻ سان سندس قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پاڻ شاهه جي ڪلام مان به گهڻو واقف هو. محمد صديق ميمڻ 1951ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان جيڪو شاهه جو رسالو ڇپرايو هو، ان جي ڪتابت واصف صاحب ڪئي هئي. هي رسالو قاضي ابراهيم جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي (بمبئي ڇاپو) جو نقل هو. ان ۾ فرق صرف اهو هو جو ان رسالي جي

صورتخطي جهوني ابوالحسن واري سنڌي ۾ لکيل هئي، جنهن کي تبديل ڪري واصف نئين سنڌي صورتخطي ۾ آندو. ان کان علاوه غلام محمد شهواڻي جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي ۾ به واصف جي گهڻي محنت شامل هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ شاهه جي رسالي کي تريب ڏني، جڏهن ان جو پهريون حصو شايع ڪيو، تڏهن سنڌ جي جن بزرگن ان سان اتفاق نه ڪيو تن مان واصف صاحب به هڪ هو. پاڻ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شرح جي جواب ۾ "شرح لطيفي" نالي ڪتاب 1925ع ۾ لکيو. مذهبي چاڻ هئڻ ڪري فقه ۽ علم المناظره تي پڻ ڪتاب لکيائين. سنڌي ادبي بورڊ طرفان تيار ٿيل سنڌي لغت ۾ هن نمايان ڪم ڪيو. گهڻين زبانن ۾ ڄاڻ رکڻ ڪري سنڌي لغت واري ڪم ۾ ڪارآمد معاون رهيو. سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه نالا هن ريت آهن:

ديوان واصف (1922ع)، ردتناسخ (1925ع)، اسلام ۽ آريہ سماج (1928ع)، اسان جو پيارو رسول صلي الله عليہ وآله وسلم (1931ع)، قرآن شريف جو سنڌي ترجمو (1934ع)، اسلامي شريعت (به ڀاڱا 34-1942)، صداقت القرآن بجواب ستيارٿ پرڪاش (1943ع)، تذڪره شعراء حيدرآباد (1956ع)، وغيره.

محمدبخش "واصف" 24 نومبر 1952ع تي وفات ڪئي، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

برڪي نمڪ کي زخم تي مرڪي مٺي چيو
غمگين ٿي نہ توکي اسين شاد ٿا ڪريون.

محمد جمن، استاد

استاد محمد جمن ولد حاجي احمد 10 آڪٽوبر 1935ع تي بلوچستان جي هڪ ڳوٺ "سوڙه" ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جديد سنڌي موسيقي جو استاد راڳي ٿي گذريو آهي.

محمد جمن کي ننڍپڻ کان بانسري وڄائڻ جو شوق هو. شوق جي تڪميل خاطر ريڊيو پاڪستان ڪراچي اسٽيشن جا چڪر ڪٽڻ لڳو. آخر پاڻ اتي بانسري نواز جي حيثيت سان پروگرام ڪرڻ لڳو. اتي ريڊيو جي ڪجهه فنڪارن ڪيس ڳائڻ جو مشورو ڏنو ۽ جڏهن هن ڳائڻ شروع ڪيو تہ موسيقيءَ سان واسطو رکندڙ فنڪارن ۽ سندس دوستن سندس آواز جي تعريف ڪئي ۽ اهڙي طرح هن باقاعدي ڳائڻ شروع ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڳائڻي جي حيثيت سان پروگرام ڪرڻ لڳو.

ريڊيو اسٽيشن سان محمد جمن جي وابستگيءَ کان پوءِ سڪنيت جي

سکيا ونڻ لاءِ پاڻ استاد نذر حسين جو شاگرد بڻيو ۽ وڏيڪ ڪلاسيڪي موسيقي جي سکيا بڙي وحيد علي خان کان حاصل ڪيائين. ڪلاسيڪي موسيقي جي سکيا کانپوءِ محمد جمن پنائي گهوڙ جي سرن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي، ۽ ان ۾ به مهارت حاصل ڪئي.

محمد جمن ۽ محمد ابراهيم ويهين صدي جا اهڙا موسيقار هئا، جن سنڌي سنگيت کي نوان رنگ، نيون راهون، نوان گهاڙيٽا ڏنا. لاتعداد ڌنون ڪمپوز ڪيون. هي ٻئي گڏجي ڪم ڪندا هئا، هڪڙو ڌن ناهيندو هو ته ٻيو ان کي ڳائيندو هو. جيئن ته ڪافي سنڌي موسيقيءَ جي هڪ مقبول صنف آهي ۽ هر دور جي فنڪارن ان کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڳايو آهي. پر محمد جمن ڪافي کي جنهن مخصوص انداز سان ڳايو، ان کي نه رڳو عام ماڻهن پسند ڪيو پر موسيقارن به کيس داد ڏنو. هن سنڌ جي سيني صوفي شاعرن کي ڳايو پر خاص ڪري شاهه صاحب جو ڪلام وڏي محنت، جاکوڙ ۽ محبت سان ڳايو. شاهه صاحب جي رسالي جا گهڻا سر اهڙا آهن، جن کي صحيح ڳائڻ جي باري ۾ موسيقارن کي معلومات گهٽ آهي. انهن سرن کي صحيح روپ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ محمد جمن جيڪا محنت ڪئي، اها تعريف جوڳي آهي. هن شاهه صاحب جي ڪافين کي ڳائڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو آهي ته، ادائگي وقت موسيقيءَ جي مروج اصولن سان مطابقت هجي.

استاد محدم جمن کي ڳائڻ جي حيثيت سان جنهن ڪافي مشهور ڪيو، اها شاهه صاحب جي ڪافي هئي جيڪا فلم "عمر مارئي" لاءِ رڪارڊ ڪرائي وئي هئي، جنهنجا ٻول آهن "منهنجو ملڪ مليـر ڪوٽن ۾ آءُ ڪيئن گذاريان" سندس ڳايل هڪ ٻئي ڪافي جيڪا پوري برصغير ۾ مشهور ٿي اها عثمان فقير سانگي جي سرائڪي ڪافي هئي. ٻول اٿس "يار ڏاڍي عشق آتش لائي هي" ، هن ڪافي جي ڌن محمد جمن نهايت سهڻي رکي هئي، جنهن ۾ پوءِ پاڪستان ۽ انڊيا جي اردو موسيقارن پڻ ڪجهه گانا ڳايا. ان کان سواءِ سندس ڳايل ٻيون به ڪوڙ ساريون ڪافيون مشهور آهن. سندس گهڻو ڪلام ريڊيو پاڪستان جي اسٽوڊيوز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي.

استاد محمد جمن موسيقي جي مختلف سرن تي وڏي دسترس رکندو هو ۽ لئي ۾ مهارت به سندس گائڪيءَ جي خاصيت هئي. طبلو، ڍولڪ، گهڙو سنڌي موسيقيءَ جي تال جا ساز آهن، پنهنجي گائڪيءَ ۾ محمد جمن انهن سازن کي استعمال ڪندي لئي جو اهو وزن قائم رکندو هو، جيڪو موسيقيءَ سان دلچسپي رکندڙن ۾ گهڻو مقبول رهيو.

محمد جمن جيئنوٽيڪ آواز ٿورو نڪ مان ڪڍندو هو، پر پوءِ به سندس

آواز ميناڄ ۽ مڌرتا سان ڀرپور هو ۽ سوز و گداز جي ڪيفيت وارا ڪلام ڳائڻ وقت پنهنجي آواز سان هڪ خاص ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو هو. سندس فن جي قدر داني به خوب ٿي. ڪيس ڪيترن ئي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو، جن ۾ بيدل انعام، گولڊ انعام، سگا ايوارڊ، لطيف ايوارڊ ۽ 1980ع ۾ پاڪستان سرڪار طرفان ڏنل صدارتي ايوارڊ " تمغہ حسن ڪارڪردگي" شامل آهي. هن ريڊيو پاڪستان جي مختلف فنڪارن لاءِ سوين ڌنون ڪمپوز ڪيون. هن جا ڪيترائي شاگرد اڄ به بهترين فنڪار آهن.

استاد محمد جمن 24- جنوري 1990ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪيو.

محمد جمن هالو

محمد جمن ولد احمد هالو 22- فيبروري 1911ع تي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.

محمد جمن جو ڀانگ جو نالو محمد حسين هو، پر جمعي جي ڏينهن ڄمڻ ڪري مٽس محمد جمن نالو پئجي ويو. پاڻ اڃا ڏهن سالن جو هو ته، سندس والد وفات ڪري ويو، ان ڪري تعليم حاصل ڪري ڪونه سگهيو ۽ اباڻڪو ڌنڌو (رازڪو) اختيار ڪيائين. پوءِ بهتر روزگار جي ڳولا ۾ سن 1926ع ۾ اچي هميشہ لاءِ ڪراچي ۾ رهڻ لڳو.

محمد جمن هالي 1935ع کان شاعري ڪرڻ جي شروعات ڪئي. پاڻ ٺٽي جي ٻن ڪلاسيڪل شاعرن صابر پتڪمي ۽ شاعر چاچائي کان تمام گهڻو متاثر هو، غلام احمد نظامي طرفان قائم ڪيل بزم ادب ۽ بعد ۾ بزم نظامي جي مشاعرن ۾ ڪلام پڙهندو هو. پاڻ جميعت الشعراءِ سنڌ جي چوڏهين ادبي ڪانفرنس جو روح روان پڻ رهيو. 1955ع ۾ جڏهن "بزم طالب المولىٰ" جو بنياد پيو ته پاڻ ڪراچي شاخ جو پهريون صدر مقرر ٿيو ۽مرڪزي ڪائونسل جو رڪن پڻ رهيو. بزم اصغر جو به صدر هو. سندس شاعري جا ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن ۾ "سوز عشق" ۽ "وندر ۽ ورلاپ" مشهور آهن. سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان تان پڻ نشر ٿيندو آهي.

محمد جمن هالو 24- آگسٽ 1977ع تي وصال ڪري ويو. کيس مڪليءَ واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

هڪ مٽي ٻاهر ڪڍي ۽ ٻي مٽي اندر وڃهو
مڙس ڪو مانجهي وڃهو ۽ ڪانڌ ڪو ڪونڌر وڃهو
هاڪ جنهن جي حسن جي هر وقت سڀ ٻڌندا هئا
سو سينگاري يار سهڻو لحد ۾ دلبر وڃهو.

محمد حافظ شاهہ

سيد حاجي محمد حافظ شاهہ ولد سيد الهہ بخش شاهہ 13- جنوري 1871ع تي پراڻي ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

محمد حافظ شاهہ، حافظ يوسف جي مڪتب ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ سان گڏ فارسي ۽ سنڌيءَ جي بہ تعليم حاصل ڪئي.

حافظ حامد ڪان پوءِ ٽکڙجي شاعرن ۾ سڀ کان وڌيڪ پختو ۽ پر سوز ڪلام محمد حافظ شاهہ جو سمجهيو وڃي ٿو. هن غزل تمام گهڻ چيو آهي، سندس وڌيڪ توجهہ مداحن ۽ ڪافين ڏي رهيو. موٽيو عيسو ۽ لونگ شيدي ساڻس گڏ هوندا هئا. پاڻ پنهنجو ڪلام انهن کي ياد ڪرائي ساڻن گڏجي ڳائيندو هو. ڪافين جون راڳڻيون پهرين پاڻ ڪيندو هو ۽ اول ڪافي بہ پاڻ ڳائيندو هو. پوءِ هو سندس پنيان ڳائيندا هئا. کيس موسيقي سان تمام گهڻي دلچسپي هئي. پاڻ راڳ کي روح جي راحت سمجهندو هو. سندس اوطاق هميشہ راڳيندڙن، سگهڙن ۽ ملهن سان پريل رهندي هئي، رات جو روزانو ڳوناٺا هاري، ناري، ڪمي، ڪاري، ديسي پرديسي اچي سندس اوطاق تي گڏ ٿيندا هئا. عشاء جي نماز ڪان پوءِ محفل شروع ٿيندي هئي، عيسو موٽيو ۽ لونگ واري واري تي يا گڏجي ڳائڻ شروع ڪندا هئا. شاهہ صاحب پاڻ بہ هنجون پيو هاريندو هو ۽ ٻڌندڙن جي بہ نيڻن مان نار پيا وهندا هئا.

محمد حافظ شاهہ پنهنجي وقت جو مقبول شاعر هو. علائقي جي اڪثر ماڻهن کي سندس ڪلام بر زبان ياد هوندو هو. سندس ڪلام ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ، محاورا ۽ تجنيس حرفي گهڻي قدر موجود آهي. سندس بياض سندس وفات ڪان پوءِ گم ٿي ويو البتہ ڊاڪٽر اسدالله شاهہ "بيخود" حسيني سندس اهو ڪلام جيڪو ڳائڻن يا عام ماڻهن کي ياد هو، سو گڏ ڪري 1954ع ۾ "پيام غمگسار عرف حافظ شاهہ جو ڪلام" جي نالي سان ڇپرايو.

سيد حاجي محمد حافظ شاهہ 10- نومبر 1918ع تي انتقال ڪيو. کيس حضرت خواجہ عبدالرحمان نقشبندي واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اي عجيبا اوچتي توسان سندم دلڙي اڙي
قلب ۾ ڪنهن پرڪا اتڪي قرب جي قابو ڪڙي
سور توکي ڇا سڻايان درد دل ۾ ٿيا هزار
ڏسڪندي ڏينهڙا گذاريم راتيون روئي رڙي.

محمد حسن جان سرهندي

خواجہ محمد حسن جان ولد خواجہ عبدالرحمان نقشبندي سرهندي سن 1275ھ ۾ قنڌار ۾ ڄائو. پاڻ مشهور عابد زاهد ٿي گذريو آهي. سندس وڏا اصل سرهند جا رهاڪو هئا ان ڪري سندن خاندان سرهندي جي نالي سان مشهور آهي.

خواجہ محمد حسن جان جو والد بزرگوار قنڌار رستي هجرت ڪري سن 1281ھ ۾ سنڌ پهتو. مختلف جڳهين تي اقامت ڪندي 1298ھ ۾ ٽکڙ ۾ سندس مريد سيد ميران محمد شاھ وٽ پهتو ۽ ڪجھ وقت ڪان پوءِ مير غلام علي خان جي چوڻ تي اچي ٽنڊي سائينداد ۾ رهڻ لڳو جتي 4- اپريل 1898ع تي وفات ڪيائين. سندس مقبرو گنجي ٽڪر تي آهي. سندس درگاھ کي سندس مريد "مقبرہ شريف" ڪري سڏيندا آهن. خواجہ عبدالرحمان جان نقشبندي سرهندي سنڌ ۾ سرهندي گاديءَ جو مستقبل طور آباد ٿيندڙ پهريون بزرگ هو.

خواجہ محمد حسن جان خواجہ عبدلرحمان جو وڏو فرزند هو ۽ سندس هجرت ۾ ساڻس گڏ رهيو، سندس تربيت والد بزرگوار جي نگرانيءَ هيٺ ٿي. هن تعليم پنهنجي والد کان سواءِ ملا مير اعظم علي زئي ۽ مولوي لعل محمد متياريءَ واري کان حاصل ڪئي. ان بعد پاڻ حجاز مقدس ويو، اتي پنجن سالن تائين ممتاز عالم مولانا رحمت الله مهاجر مڪي کان سندس مدرسي صولتيہ ۾ علم حاصل ڪيائين ۽ مڪي ۾ مفتي شيخ احمد زيني دحلان کان حديث شريف جو علم پڙهيائين.

خواجہ محمد حسن جان سرهندي تمام وڏو عالم هو، کيس مطالعي جو گهڻو شوق هو. پاڻ وڏي تعداد ۾ مذهبي ڪتاب گڏ ڪيا هئائين جن ۾ ڪيترائي ناياب نسخا هئا. سندس گهڻو وقت زهد تقويٰ ۽ عبادت ۾ گذرندو هو. سرهندي صاحب پنهنجي زندگيءَ جو هڪ ٽائيم ٽيبل ٺاهيو هو، جنهن مطابق پاڻ عبادت الهي، ذڪر فڪر، وظائف کان علاوہ مريدن جي مجلس ۾ ويهي مثنوي مولانا روم يا ٻين طريقن جي ڪتابن جو درس ڏيندو هو. سندس مجلس رعبدار ۽ تقدس جو نمونو هئي. سندس مريدن جو تعداد تمام گهڻو هو. کيس "تاج الاوليا"، "قطب الاقطاب" ۽ "ثاني مجدد" وغيرہ جي لقبن سان ياد ڪيو ويندو هو.

پير صاحب ڪيترائي ڪتاب پڻ تصنيف ڪيا هئا، جن ۾ شفاءَ الامراض (عربي)، انيس المريدين (فارسي)، عهدو مواثيق جو فارسي ۾ ترجمو، سفر نامہ عربستان ۽ ٻيا ڏھ ٻارهن ڪتاب مکيہ آهن.

پير خواجہ محمد حسن جان سرهندي 2- جون 1946ع تي وفات ڪئي.

محمد حسين "ڪاشف"

محمد حسين "ڪاشف" ولد حافظ محمد عمر ڪنڀار 3- فيبروري 1930ع تي چمبڙ تعلقي ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور اديب، شاعر، محقق، نقاد، مقاله نگار ۽ تعليمي ماهر آهي.

محمد حسين "ڪاشف" ديني تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ چمبڙ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان 1944ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري 1946ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو، ان کان پوءِ خانگي طور 1962ع ۾ مئٽرڪ ۽ اديب عالم جا امتحان پاس ڪيائين پاڻ جنوري 1990ع ۾ تعليم کاتي مان رٽائر ڪرڻ کان پوءِ هن وقت شاهه عبداللطيف ريسرچ سينٽر ڀٽ شاهه ائٽ حيدرآباد جو انچارج آهي.

ڪاشف صاحب 1948ع ۾ لکڻ جي ابتدا ڪئي. پاڻ مرحوم مولانا گرامي کي پنهنجو ادبي استاد مڃي ٿو. سندس پهريون مضمون "اي قوم جا پاسبان" هو، جو ان وقت جي الوحيد اخبار ۾ شايع ٿيو هو. ان کان پوءِ هن ڪيترائي شعر افسانا، تبصرا، تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. نثر ۾ سندس چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڇهه ڪتاب اشاعت جا منتظر آهن، جڏهن ته سندس لکيل مضمونن، مقالن ۽ تبصرن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن.

محمد حسين "ڪاشف" لطيفيات تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. پاڻ انهن ليکڪن مان هڪ آهي، جن رجعت پرستي، قدامت پرستي ۽ ڪنهن هڪ خاص تنگ نظر خول کان ٻاهر نڪري ڀٽائيءَ جي شعر ۽ فڪر جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. پاڻ 1955ع کان وٺي مسلسل لطيف سائين جو اڀياس ڪندو ٿو اچي. شاهه صاحب جي فن ۽ فڪر کي سمجهائڻ لاءِ هن ڪيترائي مقالا لکيا آهن، جي مختلف اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپيا آهن. سندس ڪتاب "ڪنڌيءَ ڪونئر ٽڙن" سندس انهن 15 مقالن جو مجموعو آهي، جن ۾ هن لطيف سائين کي وقت، حالات، انساني فڪر جي اوسر، سماجي معروضي ۽ عالمي سطح جي ماڻن ۽ ماپن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب مقصود پبليڪيشن حيدرآباد طرفان 1990ع ۾ ڇپيو. تنهن کان سواءِ سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ ٻه درسي ڪتاب "سنڌي ٻيو ڪتاب" ۽ "سماجي اڀياس" ڪلاس ٽيون ۽ هڪ ٻيو ترتيب ڏنل ڪتاب "وتايو فقير" شامل آهن.

محمد حسين "ڪاشف" کي سندس علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن جي سلسلي ۾ مجتا طور هيٺيان انعام ۽ ايوارڊ مليل آهن.

ڪتاب "ڪنڊيءَ ڪونئر ڳڙن" تي اڪيڊمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد طرفان سنڌي ادب جو "شاهه لطيف ايوارڊ" شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز طرفان لطيف سائين تي لکيل مقالن تي ٻه ڀيرا انعام، سنڌي ادبي بورڊ طرفان "هاڪڙو درياهه" تحقيقي مقالي تي انعام، سنڌ تعليمي ڪانفرنس شهداد پور طرفان تعليمي خدمتن تي ايوارڊ، مهراڻ ويلفيئر سوسائٽي ضلعو بدين، سنڌي ادبي سنگت ۽ لاڙ ادبي سوسائٽي طرفان "خليفو نبي بخش ايوارڊ"، سانگهڙ تعليمي ڪانفرنس طرفان بهترين تعليمي خدمتن تي ايوارڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پاران سماجي سائنس جي درسي سبقن تي ڏنل ليڪچر تي شيلڊ.

ڪاشف صاحب جي وابستگي ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن سان رهي آهي. پاڻ سنڌ ايڊيوڪيشنل ڪائونسل جي مرڪز ۽ ضلعي حيدرآباد لاءِ ميمبر، بيورو آف ڪرڪيولم جو ميمبر، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ بطور ليکڪ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۾ درسي ڪتابن جي جاچنا ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ اعزازي صلاحڪار، وتايو فقير سيمينار ۾ سيڪريٽري ۽ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ائسو سيئيشن ۾ سينئر نائب صدر سنڌ ۽ ٻين عهدن تي رهي چڪو آهي.

محمد حسين "ڪاشف" سخن جي ميدان ۾ به ڪُونتل ڪڍايو آهي ۽ غزل ڏاڍو معياري لکيو اٿس. نموني طور سندس هڪ غزل جا بند هيٺ ڏجن ٿا:

رهيو نه بزم جهان ۾ نشان امن وسلام
خدا ڪري نه ٿئي غرق هي خرد جو نظام
جتي آ غيرت و ايمان جو موجزن درياءَ
سا وادي منهنجي نظر ۾ اچا نه ٿي آ غلام.

محمد حنيف صديقي

محمد حنيف ولد حاجي محمد صالح صديقي 19- اپريل 1904ع تي شڪارپور شهر ۾ ڄائو. پاڻ محقق، مترجم، ليکڪ ۽ فرض شناس آفيسر ٿي گذريو آهي.

محمد حنيف صديقي مشترڪ سنڌ مدرسي ڪراچي مان ۽ بي- اي، ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪري، ايل، ايل، بي جي ڊگري حاصل ڪئي، جنهن بعد ٻهريان لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. قاضي فضل الله سندس جونيئر پارٽنر رهيو هو، ۽ پوءِ 1950ع کان سرڪاري نوڪري اختيار ڪيائين. پاڻ ٻهريان سيشن جج ۽ پوءِ سنڌ سرڪار جي لا ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. ڪجهه ڪڏ کيس سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو سيڪريٽري پڻ مقرر ڪيو ويو. 1959ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هڪ سال لاءِ پاڪستان لاءِ ڪليم ڪمشنر

مقرر ٿيو. پاڻ 1962ع ۾ اولهه پاڪستان جي اسيمبليءَ جو ميمبر پڻ چونڊيو ويو.

صديقي صاحب رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ جي اهم دورن تي مضمون مقالا ۽ ڪتاب لکيا، ليڪن سندس وڏو ڪارنامو اهو آهي جو سندس مشوري تي سنڌ يونيورسٽي جنوري 1963ع ۾ "سنڌي اڪيڊمي" نالي ادارو قائم ڪيو، جنهن جو نالو 1964ع ۾ بدلائي "انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي" رکيو ويو. صديقي صاحب ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڊيڪيٽ جو ميمبر هو، سندس نهراءَ تي 26- ڊسمبر 1962ع تي ان وقت جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي سندس اها گهر قبول ڪندي نه رڳو ان اداري جي منظوري ڏني، پر کيس ان اداري جو اعزازي ڊائريڪٽر پڻ مقرر ڪيو. سنڌ الاجي واري لائبريري پڻ سندس ئي رهنمائيءَ هيٺ جڙيل آهي.

صديقي صاحب جا لکيل مقالا مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن. ان کان سواءِ سندس هيٺيان چار ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ لاءِ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهن.

يادگيريون (سيٺ نائومل جي خود نوشته سوانح حيات جو ترجمو)، سنڌ جي دربار (از- جيمس برنس)- سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون (از-رچرڊ برٽن) ۽، سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر (از-هينري پاٽنجر).

صديقي صاحب ڪتابن جو ڪوڏيو هو. وٽس هڪ عاليشان لائبريري هئي، هندستان ۽ ٻين ملڪن جي عالمن سان سندس جاڻ سڃاڻ هوندي هئي. سندس وفات 26- فيبروري 1976ع تي ٿي.

محمد خان جوڻيجو

محمد خان جوڻيجو ولد خانصاحب دين محمد جوڻيجو 18- آگسٽ 1932ع تي ضلعي سانگهڙ، تعلقي کپري ۾ سنڌڙي لڳ پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پاڪستان جو يارهون وزيراعظم ٿي گذريو آهي.

محمد خان جوڻيجي ابتدائي تعليم ميرپورخاص ۽ ڪراچي ۾ حاصل ڪئي، اعليٰ تعليم انگلستان جي مشهور تعليمي اداري ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ حاصل ڪئي، جتان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ايگريڪلچرل انسٽيٽيوٽ بيٽسنگز برطانيه مان زرعي سائنسي علوم ۾ ڊپلوما ڪئي.

جوڻيجي صاحب 21 سالن جي عمر ۾ سياسي ميدان ۾ قدم رکيو. 1954ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سانگهڙ جو بنا مقابلي چيئرمن منتخب ٿيو. 1962ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جولاءِ 1963ع کان مارچ 1969ع تائين پاڻ صوبائي ڪابينه ۾ وزير صحت، وزير بنيادي

جمهوريت، وزير بلديات، وزير محنت، وزير براءِ امداد باهمي ۽ وزير مواصلات جي عهدن تي فائز رهيو. وزير مواصلات جي حيثيت سان ڪراچي حيدرآباد جي وچ ۾ تعمير ڪرايل سپرهاءِ وي سندس عظيم ڪارنامو آهي. جولاءِ 1978ع ۾ جنرل ضياءَ ڪيس پنهنجي ڪابينه ۾ شامل ڪيو ۽ 21 اپريل 1979ع تائين پاڻ ريلوي جو وفاقي وزير ٿي رهيو. جنهن دوران سندس سٺي شهرت رهي.

25 فيبروري 1985ع تي فوجي آمر جنرل ضياءَ پاڪستان ۾ اليڪشن ڪرائي، جنهن ۾ محمد خان جوڻيجو ڪهڙي واري تڪ مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي اقتدار ۾ اچڻ کان روڪڻ لاءِ جنرل ضياءَ سياسي چال چلندي اها اليڪشن غير سياسي بنياد تي ڪرائي هئي، جنهن ڪري وزيراعظم جي عهدي لاءِ صدر کي پنهنجي مرضي مطابق اعوان جي ڪنهن ميمبر جي نالي جو انتخاب ڪرڻو هو. جنرل ضياءَ جيئن ته هڪ سنڌي وزيراعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي نه رڳو غير قانوني طور اقتدار تان هٽائي حڪومت تي قابض ٿيو هو، پر ان کي قتل جي هڪ جڙتو ڪيس ۾ ڦاسائي ڪورٽن کان ڦاسيءَ جي سزا ڏياري دنيا جي هن مجهل ليڊر کي بي جرم بي خطا شهيد ڪرائي ڇڏيو، جنهن ڪري سنڌي ماڻهو ڪانئس سخت ناراض هئا. هن انهن جي ڦٽن تي مرهم لڳائڻ لاءِ ڪنهن سنڌي کي وزيراعظم بنائڻ ٿي چاهيو. جوڻيجو صاحب جيئن ته ڪم گو ۽ خاموش طبع انسان هو ۽ پير صاحب پاڳارو، شاهه مردان شاهه (ثاني) جو خاص مريد ۽ پارٽيءَ جو ماڻهو هو، ۽ پير صاحب وري ڀٽي خاندان ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو وڏو سياسي حريف هو ۽ آهي انڪري جنرل ضياءَ پنهنجي منشا مطابق وزيراعظم جي عهدي لاءِ محمد خان جوڻيجي کي ئي وڏيڪ موزون سمجهي حڪومت ٺاهڻ جي دعوت ڏني.

محمد خان جوڻيجي 23 مارچ 1985ع تي وزيراعظم پاڪستان جي عهدي جو حلف کنيو ۽ ٽي ڏينهن تي اسيمبليءَ کان اعتماد جو ووٽ حاصل ڪري ورتو.

جنرل ضياءَ جيئن ته آئين ۾ ترميم ڪرائي سڀ اختيار صدر (يعني خود) وٽ رکيا هئا ۽ وزيراعظم جي عهدي کي ربڙ جي مهر وانگر بنائي ڇڏيو هو، پر پوءِ به محمد خان جي وزيراعظم بنجڻ سان ڏگهي عرصي کان پوءِ ملڪ ۾ لولي لنگڙي ئي صحيح ليڪن جمهوريت بحال ٿي. ساڍن اٺن سالن کان پوءِ 31-ڊسمبر 1985ع تي مارشل لا ختم ڪري ترميم شده آئين بحال ڪيو ويو. سياسي سرگرمين تان پابندي ختم ٿي. ڪافي بيروزگار ماڻهن کي روزگار سان لڳايو ويو. پنج نڪاتي پروگرام تحت وڏي پيماني تي ترقياتي ڪم ٿيا. ملڪ جي معاشي حالت مستحڪم ٿي ۽ پيا به ڪوڙ سارا سڌاري جا ڪم ٿيا.

29 مئي 1988ع تي صدر جنرل ضياء پنهنجا آئني اختيار استعمال ڪندي قومي اسيمبلي ۽ وفاقي ڪابينه توڙي جوڻيجي صاحب جي حڪومت جو خاتمو آندو. اهڙي طرح هن فوجي آمر هڪ ڀيري سنڌي وزيراعظم جي حڪومت جو خاتمو آندو، ليڪن هن ڀيري هن هڪڙي مهرباني ڪئي جو رڳو ان جي حڪومت ختم ڪئي پر ڪيس صحيح سلامت سنڌ ڏانهن واپس ڪيو.

محمد خان جوڻيجو پاڪستان مسلم ليگ جو صدر پڻ رهي چڪو هو، ۽ ان عهدي تي آخر تائين رهيو. پاڻ نهايت شريف النفس ۽ سادي طبيعت وارو انسان هو. آخري وقت ۾ مٿس ڪينسر جهڙي موذي مرض حملو ڪيو، جنهن وگهي 18-مارچ 1993ع تي آمريڪا جي شهر بالٽي مورجي هاپيڪنس اسپتال ۾ انتقال ڪري ويو. سندس جسد خاڪي کي وطن آڻي 20-مارچ تي سنڌڙي لڳ سندس آبائي ڳوٺ دين محمد جوڻيجو ۾ گهر جي پرسان باغ ۾ دفنايو ويو. سندس جنازي نماز ۾ علائقي جي هزارين ماڻهن کان علاوه ملڪ جي اهم شخصيتن شرڪت ڪئي.

محمد خان "غني"

محمد خان "غني" ولد محمد دائود ميمڻ 3-مارچ1903ع تي ڳوٺ ٽکڙ تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ بهترين شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

محمد خان "غني" جي ابتدائي تعليم ۽ پرورش ٽکڙ جهڙي علمي خطي ۾ ٿي. سنڌي تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ فارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حافظ عبدالله "بسمل" کان حاصل ڪئي، 1916ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري، حيدرآباد ميونسپل ۾ ماستر ٿيو، ليڪن 1923ع ۾ ماستري جي نوڪري ڇڏي تهيداري ٽريننگ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1924ع ۾ تهيداري پاس ڪيائين، مگر نوڪري ڪانه ڪيائين جو سندس طبيعت جو لاڙو صحافت طرف ٿي ويو ۽ ساڳئي سال کان پاڻ "مسلمان" اخبار جي دفتر ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. اڳتي هلي 1931ع ۾ محمد هاشم "مخلص" پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي "مسلمان" اخبار جي ادارت سندس حوالي ڪئي، جنهن کي ڪاميابي سان هلائيندو رهيو.

محمد خان "غني" ٽکڙ جي علمي ادبي محفلن مان گهڻو ئي پرايو. حيدرآباد آيو ته اتي جي ادبي محفلن سندس جدي ورثي شاعري کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ياد رهي ته محمد خان "غني" سنڌ جي جيد شاعر حافظ حامد ٽکڙائي جو پوٽو ۽ محمد هاشم "مخلص" جو ڀائٽيو هو.

محمد خان "غني" سنڌي ٻوليءَ جو تمام وڏو شاعر هو. شاعري ۾

سندس استاد حافظ عبدالله "بسمل" هو. هن پهريان تخلص "سقيم" ۽ پوءِ "غني" اختيار ڪيو. سندس شعر جو وڏو ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ ٻي مثنويون طبعزاد ۽ هڪ مثنوي ترجمو ٿيل آهي. "مسدس حالي" جي بهترين ترجمي ڪرڻ تي پنج سو روپيا جو اعلان ٿيو، تقريباً ڏهاڪو کن ترجما پيش ٿيا، مگر غني صاحب وارو ٿيل ترجمو بحال ٿيو. مثنوي "فاتح سنڌ" تي ادبي بورڊ طرفان ست سو روپيا انعام مليس. هڪ ڪافيءَ تي پير صاحب پڳاري کيس پنج سو روپيا انعام ڏنو هو. ان کان سواءِ پوئين دور ۾ سندس قدردانن ۾ سائين طالب المولىٰ، "سر شار" عقيلي ۽ ٻيا ڪافي علم دوست بزرگ شامل هئا. پاڻ آخري ڏينهن ۾ ريڊيو پاڪستان سان پڻ وابسته رهيو. سندس لکيل ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

مسلمان (تنقيد-1943ع)، ارمغان حامد(چوٽون چاپو، ترتيب-1949ع)، بادل ۽بوندون (شاعري- 1960ع)، مثنوي فاتح سنڌ، مثنوي گلزار غني، سوانح حضرت عمر، قديم سنڌ ۽ مسدس حالي (ترجمو).

محمد خان "غني" پهرين مارچ 1979ع تي وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڇا ٿو تون پڇين ڇا مون ڏٺو تنهنجي غمن ۾
هڪ آهه جگر دوز ۽ هڪ باهه بدن ۾
مارين ٿو نگهه ساڻ جيارين ٿو لکڻ سان
اعجاز ڏٺم تنهنجي ڇهن ۾ ۽ اکين ۾.

محمد خان "مجيدي"

محمد خان "مجيدي" ولد قيصر خان جتوئي 5- جنوري 1918ع تي ڳوٺ شادمان جتوئي لڳ جهوڪ شريف تعلقي ميرپوربٺوري ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت ۽ قومي شاعر آهي.

محمد خان "مجيدي" ابتدائي تعليم جهوڪ شريف ۾ حاصل ڪئي. 1932ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان ان وقت جي سڄي ڪراچي ضلعي ۾ پهريون نمبر اچي پاس ڪيو. جنهن کان پوءِ سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. پهريان جهوڪ ۾ ڊِڪ منشي مقرر ٿيو ۽ پوءِ آگسٽ 1934ع ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ رهندي 5- جنوري 1976ع تي هيڊ ماستر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. نوڪريءَ دوران تعليمي جلسن ۾ ڀرپور نموني سان شرڪت ڪندو هو ۽ جنهن به اسڪول ۾ رهيو اتي تعليمي پروگرام ۽ جلسا ضرور ڪيائين. پاڻ پنهنجي شاعري شاگردن جي آواز ۾ ڳارائي علمي مظاهرو

ڪندو هو. هن "آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ائسوسيئشن" (1) جي پليٽ فارم تان استادن جي حقن لاءِ به گهڻو جاکوڙيو.

محمد خان "مجيدي" جو شمار سنڌ جي قادر الڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعرن ۾ ٿئي ٿو. شاعري ڪرڻ جي شروعات نوڪري واري زماني کان "مجيدي" تخلص سان ڪيائين، ليڪن 1960ع کان پوءِ ڪوبه تخلص شاعري ۾ ڪونه آندائين. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" کان شروعات ۾ شاعريءَ جي اصلاح ڪرائيندو هو. هن نظم جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پر طويل نظم تي خاص ملڪو رکي ٿو. ان سلسلي ۾ سن 1962ع ۾ سندس پهريون ڪتاب "سنڌڙي ۽ انجون قومون" نالي ڇپيو، جنهن ۾ سنڌ جي سمورين ذاتين ۽ قومن جي نالي سان 96 بندن تي مشتمل هڪ ڊگهو نظم ڇپيل آهي. نظم جي هر بند ۾ اٺ اٺ سٽون آهن. ان کان سواءِ سنڌ جي شهيد ٿي ويلن ۽ وفات ڪري ويلن شخصيتن تي پڻ شاعري ڪئي اٿس، جنهنجو پڻ ڪتاب تيار آهي. سندس شاعريءَ جو هڪ ٻيو ڪتاب "مٽي منهنجي مٽي آ" تازو 2000ع ۾ شايع ٿيو آهي.

مجيدي صاحب نوڪري کان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سمورو وقت سنڌ جي شاعري کي ڏنو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلي وڃي شاعري پڙهندو آهي ۽ اهو ورد هن پيرسني واري عمر ۾ به اڃا جاري رکيو اچي. پاڻ پوري ردم سان اسٽيج تي شاعري پڙهندو آهي، جنهن سان ٻڌڻ وارا جهومندا آهن ۽ تمام گهڻو لطف اندوز ٿيندا آهن. سندس شاعريءَ جا چار وڏا ڪتاب قلمي صورت ۾ ڇپائي جي انتظار ۾ آهن. سندس قومي شاعري کي زرينه بلوچ، سرمد سنڌي مرحوم ۽ مقامي فنڪارن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ ڳايو آهي. ڪيس مختلف تنظيمن طرفان بهترين شاعر طور ڪجهه ايوارڊ پڻ مليل آهن.

محمد خان "مجيدي" 1936ع ۾ ميهڙ مان پنهنجي عزيزن وٽان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس به نياٽيون ۽ هڪ پٽ آهن. سندس ٻيو نمبر نياڻي آپا مريم مجيدي مشهور شاعره ۽ غزل جي راڻي سڏجي ٿي. جنهنجو ذڪر پنهنجي جاءِ تي ايندو.

محمد خان "مجيدي" جي ڪلام مان نموني طور ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

يل يار اسان جو يار نه ٿي پر ڏرتي جو غدار نه ٿي
جا سچ لڪائي ڪوڙ لکي تون اهڙي کا اخبار نه ٿي.

---

(1) " آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ائسوسيئشن" جو بنياد سال 1950ع ۾ استاد جان محمد جمالي رکيو.

محمد دائود بلوچ

دودو عرف محمد دائود ولد شير محمد خان بلوچ سن 1938ع ۾ ڳوٺ پاهڙ خان جمالي تعلقي هالا ۾ جنم ورتو. پاڻ ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ ناشر ٿي گذريو آهي.

محمد دائود بلوچ پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان سنڌي فائينل پاس ڪري بعد ۾ اديب، اديب عالم ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪري بي- اي جو امتحان ڏنو. پيشي جي لحاظ سان ماستر هو. پاڻ گهڻي وقت کان قاضي عبدالقيوم اسڪول حيدرآباد ۾ 1994ع تائين هيڊ ماستر ٿي رهيو. "آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ائسوسيئشن" جو رٽائرمينٽ بعد به تاحيات مرڪزي صدر رهيو.

محمد دائود بلوچ 1954ع کان لکڻ شروع ڪيو. سندس پهرين ڪهاڻي "سنڌ خاطر" هئي جيڪا ڇپجي نه سگهي. سندس ڪهاڻين جا چار مجموعا شايع ٿيل آهن، جن جا نالاآهن منهنجا پاڳ هن جا پاڳ، وري شل هيڙي پڏي، اڪڙيون اُجايون ۽ انصاف ڪٿي آهي؟ ان کان علاوه سندس به ترجمو ڪيل ڪتاب ڏهين جو نوٽ- ۽ وفادار دوست ۽ ٽي مرتب ڪيل ڪتاب ڪهاڻي نمبر 1980ع، ڪهاڻي نمبر 1982ع ۽ چار ڪهاڻيڪار چار نقاد پڻ شايع ٿيل آهن.

محمد دائود بلوچ 1979ع ۾ "منصور پبليڪيشن" نالي هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪيو، جنهن پاران 26 معياري ڪتاب وڏي خلوص ۽ محبت سان سنڌي ادب جي جهول ۾ اربيائين. پاڻ روسي سفارتخاني طرفان منعقد ڪرايل "طلوع ادبي انعامي چٽا ڀيٽي" ۾ لينن تي مضمون لکي ٽيون انعام حاصل ڪيائين. سندس هڪ ڪهاڻي "ڏاند" جي عنوان سان ايشيائي اديبن جي حوالي سان انگلينڊ ۾ شايع ٿي. ان کان سواءِ سندس لکڻيون سنڌ توڙي هند جي ڪيترن ئي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون.

محمد دائود بلوچ 14- آڪٽوبر 1996ع تي گذاري ويو.

محمد رحيم مهر، فقير

فقير محمد رحيم مهر ڳوٺ فقير آباد ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سانگهڙ جي سر زمين جو مشهور صحافي، اديب ۽ بهادر حر مجاهد ٿي گذريو آهي.

فقير محمد رحيم مهر پير صاحب پاڳاري جو مريد هو، هن 1965ع واري پاڪ- ڀارت جنگ ۾ حر مجاهد فورس جي اڳواڻي ڪري راجستان سيڪٽر ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو هو ۽ هندستاني فوج جو مردانگيءَ سان مقابلو ڪيو هئائين. ان کان اڳ انگريزن خلاف هلايل حرن واري تحريڪ ۾ پڻ پاڻ سر جوشيءَ سان حصو ورتائين، جنهن ڪري ڪيس ڪافي عرصو جيل ۾ به رکيو ويو هو. عمر جي آخري دؤر ۾ هن حر جماعت ۾ اصلاح جون ڪوششون

پني ڪيون.

فقير صاحب 1952ع ۾ هفتيوار اخبار ”الفقراءُ“ سانگهڙ مان جاري ڪئي، جنهن کي بعد ۾ ٽي روزه ڪيائين. پاڻ ان اخبار جو چيف ايڊيٽر ٿي رهيو.

فقير محمد رحيم مهر کي 23- آگسٽ 1980ع تي سانگهڙ ۾ ڪن ماڻهن گوليون هڻي زخمي ڪري وڌو، کيس پهريان سول اسپتال سانگهڙ ۽ پوءِ ايل -ايم- سي ڄامشورو ۾ داخل ڪيو ويو جتي انتقال ڪري ويو. 24- آگسٽ تي کيس اباڻي ڳوٺ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. مشهور شاعر، اديب ۽ ريڊيو، اسٽيج جو ناميارو ڪمپيئر بخشڻ مهراڻوي سندس فرزند آهي.

محمد سليمان، قاضي

ڊاڪٽر قاضي محمد سليمان ولد قاضي دوست محمد 13- جنوري 1902ع تي موري شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جانورن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر ۽ ادب دوست انسان هو.

قاضي محمد سليمان ابتدائي تعليم موري ۾ حاصل ڪئي. اعليٰ تعليم لاءِ بمبئي جي وٽنري ڪاليج ۾ داخل ٿيو، جتان 1923ع ۾ گريجوئيٽ ٿيو ۽ فرسٽ ڪلاس حاصل ڪيائين. ”هينڊلنگ آف اينيملس“ ۾ هوشياريءَ سبب ”ڊاڪٽر اسٽيل ميموريل ميڊل“ (چاندي جو ٻلو) کيس انعام ۾ مليو. 1946ع ۾ هن ”مڪتيسر بريلي“ مان پوسٽ گريجوئيٽ ڪئي.

قاضي صاحب نوڪري جي لحاظ کان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينيمل هسبينڊري ٿي رهيو، جتان 13- جنوري 1958ع تي رٽائر ٿيو. ان کان پوءِ 13-فيبروري 1958ع کان 13- آگسٽ 1959ع تائين وي - اي-ٽي انسٽيٽيوٽ ٽنڊو ڄام ۾ جانورن جي طب بابت ليڪچر ڏيندو رهيو.

ڊاڪٽر صاحب جانورن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر هو. ان ڏس ۾ پنهنجي خدمتن کان سواءِ هن جانورن جي بيمارين متعلق هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ خاص طور تي ۾ مال جي بيمارين متعلق ۽ ٻي اهم مفيد ۽ ڪارائتي معلومات ڏني آهي.

قاضي صاحب هڪ نثر نويس ۽ شاعر پڻ هو. هن لاهور کان بريلي تائين پنهنجي سفر جو احوال به قلم بند ڪيو، ۽ شعرو شاعري طرف پڻ سندس خاصو لڳاءُ رهيو. سندس ڪلام بحر وزن تي پورو ۽ پختو نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر قاضي محمد سليمان 6- جون 1968ع تي وفات ڪري ويو.

نموني طور هيٺ سندس شاعري ڏجي ٿي:

پنا توکان پل پل ۾ آءٌ ٿو پناهه
ڪري مهر مولا ڏي مون کي پناهه

محمد سومار شيخ

محمد سومار ولد الله بچايو شيخ پهرين جنوري 1935ع تي ڳوٺ شيخ قرهيو پانڌاري تعلقي بدين ۾ ڄائو. پاڻ لاڙ علائقي جو مشهور اديب، محقق ۽ تاريخدان ٿي گذريو آهي.

محمد سومار شيخ ابتدائي سنڌي تعليم ڳوٺ دينار خان ٽالپر ۾ حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسي ميانجي عارف ۽ هاشم منڌري وٽ پڙهيو. 1952ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري سنڌي ماستر مقرر ٿيو.1967ع ۾ اديب فاضل جو امتحان بہ پاس ڪيائين.

محمد سومار شيخ لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ لاءِ جيڪو جاکوڙيو، اهو قابل داد آهي. هن لاڙ ۽ ٿر جي علائقن جي ادبي ۽ ثقافتي ورثي کي گڏ ڪرڻ لاءِ سوين ميل پنڌ ڪري، شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ماڻهن سان ملي ادبي رهاڻيون رچائي مختلف قومن، ريتن رسمن، شخصيتن، ماڳن، مڪانن ٿلن ڊورن ۽ واهن وغيره متعلق معلومات حاصل ڪئي. هن هر اديب، سگهڙ، شاعر، مولودي، واڍي، لوهار، ڪنڀار ۽ ڪنهن واتهڙو کي بہ اهم سمجهي ان کان ڪجهہ نہ ڪجهہ پڇندو رهيو ۽ جيڪي هن ٻڌايس اهو لکندو رهيو. هو ڪچ جو رڻ اڪري پيچ تائين وڃي نڪتو هو ۽ اتان شاهہ صاحب ۽ ڪجهہ ٻين شاعرن جو اڻ لڀ ڪلام هٿ ڪري آيو. اهڙي طرح هن سوين ڪتاب لکي لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ کي مالا مال ڪري ڇڏيو.

پهري جنوري 1975ع تي بدين کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو، جنهن کان پوءِ شيخ صاحب جي ڪوشش سان ضلعي اندر ميلن، ملاکڙن، نمائشن ۽ ادبي ڪانفرنسن جي شروعات ٿي. سندس ڪوشش سان 1976ع ۾ يادگار بدين جو ثقافتي ميلو ملهايو ويو، جنهن ۾ هڪ پاسي لاڙ جي مختلف هنرن، راندين ۽ ثقافت جي نمائش ٿي تہ ٻئي پاسي ادبي ڪانفرنس ۾ ضلعي جي مختلف شخصيتن تي مقالا پڙهي انهن جي خدمتن بابت ڄاڻ ڏني وئي. لاڙ ميوزم پڻ سندس ئي يادگار آهي، جنهن لاءِ هن تمام گهڻي جاکوڙ ڪري علائقي مان وڏي تعداد ۾ نادر شيون گڏ ڪيون هيون. تنهن کان سواءِ شيخ صاحب بدين ۾ هڪ پريس ۽ هڪ اشاعتي ادارو پڻ قائم ڪيو هو، جيڪو مختلف نالن جهڙوڪ بدين پبليڪيشن، ساگر پبليڪيشن وغيره سان هلندو رهيو.

شيخ صاحب آثار قديم، تاريخ، لوڪ ادب، سوانح، افسانا، شعر ۽ ثقافت وغيره جي موضوعن تي ننڍا وڏا اٽڪل ٽي سئو کن ڪتاب لکيا، جن مان شايع فقط پنجاهہ جي قريب ٿي سگهيا. انهن مان ڪجهہ ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

پرڏيهين ڏانهن پيغام (1954ع)- شاهه جا گم ٿيل بيت (1956ع)- تاريخ شعراء لاڙ (1956ع)- آڌي رات (ناول 1956ع)- هڪ ندي ٻه ڪنارا(ناول 1958ع)- نوراني جاسوس (ناٽڪ 1958ع)- قلم وهي ويو ڪانهن (1969)- قصو ڪرهي پيسر جو (1970)- ڪلام مرڪان شيخڻ (1971ع)- روپا ماڙي (1971ع)- ڪوتن ڪني آهيان (ترتيب 1971ع)- غزليات احمد (ترتيب 1972ع)- بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ (1975ع)- ڪڇين جا قول (1977)- بدين ضلعي جو مطالعو (1982ع)- لطيف سائينءَ جا لاڙ تان پيرا (1986ع) وغيره.

محمد سومار شيخ کي مختلف طور ڪجهه ايوارڊ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ مليا، جن ۾ اڳوڻي صدر جنرل ضياء هٿان لطيف ڪانفرنس سکر جي موقعي تي1985ع ۾ مليل "فڪر و نظر ايوارڊ" به شامل آهي. هيءُ قلمي پورهيت، محقق، تاريخدان، ٻوليءَ جو ماهر، لوڪ ادب جو ڄاڻو، سچو سڄاڻ ۽ محنتي ماڻهو 24- آڪٽوبر 1986ع تي هيءَ فاني دنيا ڇڏي ويو.

محمد شاهه امروٽي، مولانا

سيد محمد شاهه ولد ميان نظام الدين شاهه 9- مئي 1929ع تي ڳوٺ "ديواني" لڳ پريالوءِ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو.

پاڻ ممتاز عالم دين، روحاني پيشوا ۽ سياسي مدبر ٿي گذريو آهي.

مولانا محمد شاهه امروٽي جو والد ميان نظام الدين برصغير جي مشهور معروف شخصيت مولانا تاج محمد امروٽي جو رشتي ۾ ڀائيٽو هو، جيڪو مولانا تاج محمد امروٽي جي وفات کان پوءِ اباڻو ڳوٺ ڇڏي اچي امروٽ ۾ سڪونت پذير ٿيو ۽ درگاهه جي خدمت ۽ سار سنڀال ڪرڻ لڳو.

سيد محمد شاهه امروٽي قرآن مجيد جي تعليم ۽ سنڌي ڇهه درجا امروٽ شريف ۾ پڙهيو، ان کان پوءِ ديني تعليم مختلف مدرسن ۾ مختلف ناميارن عالمن کان حاصل ڪئي، آخر ۾ مولانا عبدالعزيز ماروازي، مولانا در محمد ڊول ۽ مولانا مظهر الدين انڊڙ کان باقي رهيل تعليم مدرسه تاج المدارس امروٽ ۾ مڪمل ڪري فضيلت جي دستار ٻڌائين.

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ محمد شاهه پنهنجو وقت ديني ڪتابن جي مطالعي ۽ ٻين علمي مشغلن ۾ صرف ڪرڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندس والد وفات ڪري ويو، جنهن کان پوءِ کيس درگاهه امروٽ جو ٽيون نمبر سجاده نشين مقرر ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ سندس سمورو وقت مريدن کي ذڪر اذڪار ڏيڻ، درگاهه جي انتظام سنڀالڻ ۽ گهرو ڪم ڪار جي نظرداري ڪرڻ ۾ گذرڻ لڳو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان ڪجهه سال پوءِ جڏهن "جمعت العماء السلام" نالي هڪ سياسي جماعت قائم ٿي ته محمد شاهه ان جماعت ۾ شامل ٿيو. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ سنت ني حيدرآباد ۾ "جمعيت العماء السلام" صوبي سنڌ جو انتخابي اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ محمد شاهه کي سنڌ جو امير (صدر) چونڊيو ويو، ۽ پوءِ بار بار پاڻ ان عهدي لاءِ چونڊجندو رهيو ۽ حياتي جي آخري گهڙي تائين اهو عهدو وٽس ئي رهيو. ان کان علاوه پاڻ مرڪزي مجلس شوريٰ جو رڪن ۽ ڪجهه وقت لاءِ جمعيت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل به ٿي رهيو.

1977ع ۾ جناب ڀٽي جي حڪومت خلاف "پاڪستان قومي اتحاد" جيڪا تحريڪ هلائي ان ۾ امروٽي صاحب ڀرپور حصو ورتو ۽ ان تحريڪ دوران ڪيترو وقت سينٽرل جيل سکر ۾ قيد رهيو. 1983ع ۾ "ايم- آر- ڊي" تحريڪ ۾ پڻ هن حصو ورتو.

مولانا محمد شاهه کي طب ۾ به سني مهارت حاصل هئي. ڪيترائي مريض سندس علاج سان شفاياب ٿيندا رهيا. سندس حڪمت جي مشهوري پري پري تائين پهتل هئي. هڪ دفعي ايران مان ماليخوليا جا ڪجهه مريض آيا ۽ سندس علاج سان صحت مند ٿي ويا. پاڻ بهترين مقرر پڻ هو. مذهبي ۽ سياسي موضوعن تي اهڙيون ته مدلل ۽ پر مغز تقريرون ڪندو هو جو ٻڌندڙ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا هئا. تقرير ڪندو هو ته ائين پيائنبو هو ته ڄڻ علم جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي. هن پنهنجي علمي مناظرن سان ڪيترن غير مسلمانن کي اسلام ۾ داخل ڪيو، جنهن لاءِ ڪيس ڪيترين ئي تڪليفون سهڻيون پيون.

مولانا امروٽي سٺو ليکڪ ۽ شاعر پڻ هو. هن ٽي ڪتاب لکيا جن مان هڪ ڪتاب "ڇا ڏنو آهي تو؟" سائين جي- ايم سيد جي ڪتاب "جيئن ڏٺو آهي مون" جي رد ۾ لکيل آهي، جيڪو شايع ٿي نه سگهيو آهي. باقي به ڪتاب "رسالہ جهاد" ۽ "ملن جو مرشد" شايع ٿيل آهن. اهي ٻئي ڪتاب دارالاشاعت امروٽي طرفان 53-1952ع ۾ شايع ٿيا هئا.

مولانا محمد شاهه امروٽي 13-نومبر 1987ع تي سول اسپتال سکر ۾ وفات ڪئي. سندس جنازي نماز مولانا عبدالڪريم قريشي بير واري پڙهائي. سندس نعتيه شاعري جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

محبوب مني جو ڳائن ٿا پيا شان لکين هڪ مان نه رڳو
ان ريت ڪرن ٿا دردن جو درمان لکين هڪ مان نه رڳو
ٿئي شال زيارت مدني جي محبوب مديني ملڪ سندي
اهڙو رکن ٿا دل اندر ارمان لکين هڪ مان نه رڳو.

محمد شاهه ذاڪري، پير

پير محمد شاهه ولد پير محمد شير شاهه ڪشمير ۾ پيدا ٿيو. پاڻ تمام وڏو عابد، زاهد، روحاني پيشوا ۽ صاحب ڪرامت بزرگ ٿي گذريو آهي.

سيد محمد شاهه ذاڪري جا وڏا ڪشمير جي طرف جا راهاڪو هئا. سندس والد بزرگوار سلسله طريقت جي بيعت خواجه نظام الدين ڪشميري ڪان ورتي هئي ۽ پوءِ 1896ع ۾ اچي سنڌ کي پنهنجو وطن بنايائين.پاڻ ضلعي بدين جي ڳوٺ ڪنڊي ۾ رهڻ لڳو ۽ تلهار لڳ درگاهه تي وفات ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ سائين محمد شاهه پنهنجي وڏي ڀاءُ جي اجازت سان بدين ضلعي کي ڇڏي اچي سڪرنڊ تعلقي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. جتي پهريان ڳوٺ گهنديا ۾ اچي ويٺو ۽ پوءِ سڪرنڊ شهر جي پر ۾ اچي رهيو.

سائين محمد شاهه پنهنجي وقت جو باڪمال، صاحب طريقت ۽ ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. وڏي تعداد ۾ ماڻهو سندس مريد هئا. پاڻ پنهنجي فقيرن سميت ڪشميري نموني تي وڏي آواز سان ذڪر ڪندو هو، انڪري "پير ذاڪري" جي نالي سان مشهور هو. سندس سلسله طريقت قادري ۽ نقشبندي هو. وٽس هر هفتي جمعي نماز تي پري پري کان هزارين ماڻهو ايندا هئا، جن مان ڪيترن کي حال پوندو هو ۽ وجد ۾ اچي ڦٿڪندا، پيٽن سان ٽڪر هڻندا ۽ زمين تي ليٽندا هئا. ڪيترائي چور ۽ اڻ سڌريل جهنگلي ماڻهو به سندس صحبت ۾ اچي نيڪوڪار بڻجي ويا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن مريدن جي دعوت تي يا دين جي تبليغ خاطر سفر به اختيار ڪندو هو. پاڻ ڪرامتن ڀريو بزرگ هو. سندس ڪيترين ئي ڪرامتون علائقي ۾ مشهور آهن.(1)

محمد شاهه ذاڪري جو وڌندڙ اثر ڏسي ڪيترن ئي پيرن سندس مخالفت ڪئي، پر مٿس ان جو ڪو به اثر نه ٿيو. هو ذڪر الاهي ۽ ديني تبليغ ۾ مشغول رهيو ۽ ڪيترائي زنده دل انسان سندس روحاني فيض کان مستفيض ٿيندا رهيا.

---

(1) "راقم الحروف جو چاچو محمد خان چانڊيو، جنهن 16 جون 1987ع تي وفات ڪئي، سو پير صاحب جو مريد هو ۽ سندس ڪيترين ئي ڪرامتون بيان ڪندو هو، جن مان سائين جي هڪ ڪرامت اها به ٻڌائيندو هو ته "اسين مال وندا ماڻهو هئاسين، هڪ سال جهنگلي جانور بگهڙ اچي هريا جو رات جو اسان جي مال جي وٿاڻن ۾ اچي پوندا هئا ۽ اسان جا ڪيترائي ڍور زخمي ڪري ماري وجهندا هئا. اسان ڪجهه ڳوٺاڻا گڏجي سائين محمد شاهه ذاڪري وٽ دعا لاءِ وياسين. سائين دعا به گهري ۽ پاڻي به پڙهي ڏنو ۽ چيو ته هي پاڻي پنهنجي مال جي وٿاڻن جي چوڌاري ڇڪاري ڇڏيو ته بگهڙ وٿاڻن ۾ داخل نه ٿيندا ۽ انڌا ٿي پوندا. پوءِ اسان ائين ڪيو ته واقعي اهي جانور رات جو جڏهن اسان جي مال جي وٿاڻ وٽ پهچندا هئا ته انڌا ٿي پوندا هئا ۽ صبح جو اسان انهن کي ماري وجهندا هئاسين ۽ ان کان پوءِ وري ڪڏهن به بگهڙ وٿاڻن تي نه آيا."

پير محمد شاهه ذاڪري 18- آگسٽ 1926ع تي وفات ڪئي. سندس درگاهه ضلعي نواب شاهه ۾ سڪرنڊ شهر جي ڀر ۾ نيشنل هاءِ وي سان لاڳيتو واقع آهي، جتي هر سال سندس عرس ملهايو ويندو آهي. هن پنهنجي حياتي ۾ پنهنجو مقبرو ۽ ڀرواري خوبصورت مسجد ٺهرائي هئي، جيڪا اڄ به فن تعمير جو هڪ شاهڪار آهي.

سيد محمد شاهه ذاڪري جي وفات کان پوءِ سندس اڪيلو فرزند سيد احمد شاهه المعروف "سائين سهڻو" سندس گادي نشين بڻيو، جيڪو پڻ وڏو عابد ۽ زاهد بزرگ هو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندس هزارين مريد هئا. سالن جا سال سندس روحاني فيض جاري ساري رهيو. پاڻ 4 جون 2000ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. نوجوان ليڪڪ ۽ قوم پرست سياسي اڳواڻ سيد منير شاهه سندس وڏو فرزند آهي جيڪو "درگاهه پير ذاڪري" جو موجوده سجاده نشين پڻ آهي.

محمد شاهه (ناصري وارو)، پير

پير محمد شاهه جيلاني (ناصري وارو) اٽڪل سن 1938ع ڌاري ڳوٺ هاشم راهو (عرف گوئوراهو) لڳ ناصري تعلقي دولت پور صفن ضلعي نواب شاهه ۾ تولد ٿيو. سندس اصل نالو غلام عبدالقادر آهي، ليڪن پاڻ مشهور محمد شاهه جي نالي سان آهي. پاڻ موجوده دؤر جو وڏو ڪامل درويش آهي.

پير محمد شاهه ناصري واري جو والد صاحب پير حاجي نظر محمد شاهه جيلاني پڻ پنهنجي وقت جو وڏو درويش ۽ صاحب ڪرامت بزرگ ٿي گذريو آهي.

پير محمد شاهه جيلاني قرآن مجيد جي تعليم حافظ محمد رمضان پنجارو وٽ پڙهي پوري ڪئي ۽ پرائمري تعليم ڳوٺ چتن شاهه جي اسڪول ۾ حاصل ڪئي. وڌيڪ ظاهري تعليم حاصل ڪانه ڪئي. سندس پرورش الله جي هڪ صالح بندي (يعني سندس والد صاحب) جي جهوليءَ ۾ ٿي، جنهن ڪري پاڻ شروع کان ئي ذڪر ذاتي جي محبت طرف مائل ٿي ويو.

سائين محمد شاهه جيلاني اجا سن بلوغت کي مس پهتو ته، سندس والد سن 1951ع ۾ راهه رباني وٺي ويو. جنهن کان پوءِ پاڻ مسلسل ستاويهن سالن تائين درگاهه ناصري تي رهي، مخلوق خدا کي ذڪر الاهي جي تلقين به ڪندو رهيو ۽ مختلف اوليائن جي درگاهن تي وڃي الله وارن سان رهاڻيون به ڪندو رهيو.

جيئن ته سندس والد صاحب، مخدوم عبدالحميد ڪاتيار ٻوچڙائي رحه جي درگاهه جو طالبو هو، انڪري پاڻ به هن درگاهه جو طالبو ۽ پانڌيئڙو بڻيو. ان کان سواءِ هر مهيني جي پهرين سومر تي مخدوم نوح سرور رحه جي درگاهه تي، هر جمعي تي لڪي شاهه صدر رحه جي درگاهه تي حاضر ٿيڻ ۽ جمع نماز

وري قلندر لعل شهباز رحہ جي درگاھ تي جماعت سان پڙهڻ سندس معمول رهيو. پاڻ ڪنهن ڪنهن جمعي تي پٽ تي پڻ پيرو ڪندو هو. اهڙي طرح پاڻ مختلف درگاهن تي وڃي توحيد جي تنوار سان اندر اوجاريندو رهيو. آخر شاھ صاحب کي ملڪ کان ٻاهر سفر ڪرڻ جو خيال ٿيو. انڪري جنوري 1978ع ۾ پاڻ ناصري کي الوداع چئي پهريان پنهنجي مرشد جي درگاھ "ٻوچڙائي" آيو، اتان تي ڪراچي پهتو ۽ اتان بغداد شريف لاءِ روانو ٿيو جتان مصر کان ٿيندو حرمين شريفين پهتو ۽ حج جي سعادت ماڻڻ کان پوءِ پنهنجو نون مهينن جو سفر پورو ڪري واپس سنڌ موٽي آيو ۽ پاڻ جڏهن مرشد جي درگاھ "ٻوچڙائي" تي پهتو تہ هينئر ڪيس اتي رهڻ جو حڪم ٿيو. پاڻ مرشد جو امر مڃيندي گوڏا پيجي درگاھ ٻوچڙائي ۾ ويهي رهيو ۽ اڄ تائين اتي ئي سڪونت پذير آهي ۽ ڪلمہ توحيد جي تنوار آلا پي هر هڪ ايندڙ کي نوراني محفل سان نوازيندو رهي ٿو. درگاھ ٻوچڙائي ضلعي حيدرآباد ۾ شيخ پرڪٽي کان ٻہ ميل اتر طرف آهي هن درگاھ کي "مڪان شريف" جي نالي سان پڻ سڏيندا آهن.

سيد محمد شاھ جيلاني جهڙو هادي رهنماءُ اڄوڪي وقت ۾ ڪو ورلي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندو. پاڻ هن وقت تارڪ الدنيا آهي ۽ هر وقت الله جي عبادت ۾ مشغول رهي ٿو. پاڻ گذريل ٻاويهن سالن ۾ هڪ منٽ لاءِ بہ مڪان شريف کان ٻاهر نہ نڪتو آهي جڏهن تہ سندس اهل وعيال حيدرآباد ۾ ۽ ٻيو خاندان ۽ زمين وغيره اباڻي ڳوٺ ناصري ۾ آهن، پر هو انهن سڀني کان بي نياز ٿيو پنهنجي مرشد جي درگاھ ۾ ساھ سائينءَ جي سپرد ڪري مولا جي محبت ۾ مست رهي الاهو الاهو جي واٽي ورجائيندو رهي ٿو ۽ دنيا جي هر فڪر کان آجو آهي. درگاھ تي سياري توڙي اونهاري سندس پاٿاري هميشہ پٽ تي هوندي آهي. لباس بہ تمام سادو پهريندو آهي. پهراڻ ۽ شلوار ۾ ملبوس، مٿي تي سادي سفيد ٽوپي، پيرن ۾ ڪڏهن سليپر تہ ڪڏهن باٽا جي چونپل پيل. کاڌو بہ اهو ئي کائيندو آهي، جيڪو درگاھ تي آيل ماڻهن کي پيش ڪيو ويندو آهي. سوبہ تمام گهٽ چانهہ بہ يا ڪڏهن ٽي ٽائيم پيئندو آهي. مطلب تہ کائڻ پيئڻ ۾ بہ ڪافي سادگي ۽ ڪفايت اختيار ڪندو آهي.

پير صاحب قادري سلسلي سان تعلق رکي ٿو صوم و صلوات جو نهايت پابند آهي. ذڪر چار تسبيحون بلند آواز سان ورد ڪرائيندو آهي. سندس هزارين مريد سڄي پاڪستان ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. سندس مريد هر نماز بعد ڏھ دفعا "لاالہَ الا الله" ضرور پڙهندا آهن.

پير صاحب جي ڪچهري ۾ ويهبو تہ الله پيو ياد ايندو پاڻ ڪافي اوليائن سڳورن جي ملفوظات، مقالات ۽ حالات کان واقف آهي ۽ اڪثر اوليائن جي

ڪرامتن ۽ تصوف تي راتين جون راتيون رهاڻيون ڪندو آهي. وٽس روزانو وڏي تعداد ۾ سندس مريد ۽ معتقد سندس زيارت ڪرڻ ۽ ڪانئس دعا وٺڻ لاءِ ايندا آهن، جن ۾ هر طبقي جا ماڻهو شامل آهن. جهڙوڪ، امير، غريب، شاگرد، استاد، انجنيئر، ڊاڪٽر، عالم، اديب، آفيسر وغيره. سندس مجلس ۾ خاص ۽ عام جو ڪوبہ فرق نہ هوندو آهي. رشد وهدايت جو سلسلو سڄو ڏينهن جاري رهندو آهي. درگاهہ تي چوويهہ ڪلاڪ لنگر جاري آهي، هر آئي ڪي فوراً تازو کاڌو ملندو آهي.

مطلب تہ پير محمد شاهہ ناصري وارو متقي پرهيز گار، فضل ۽ ڪمالات جي ذات سان سينگاريل قال ۽ حال وارو وڏو صاحبِ ڪرامت بزرگ آهي. سندس ڪرامتون بيان ڪان ٻاهر آهن. سندس بزرگي ۽ ڪمالات جي هاڪ هنڌين ماڳين آهي.

محمد صادق (راڻي پور وارو)

حڪيم مولانا صادق علي عرف محمد صادق ولد مولوي الله بخش ڪنيرو، ڳوٺ جليل ڪنيري تعلقي احمد پور (پنجاب) ۾ ڄائو. پاڻ مشهور عالم، اديب، ۽ حڪيم تي گذريو آهي.

حڪيم محمد صادق جو والد صاحب خواجہ غلام فريد جو خليفو هو، جيڪو خواجہ صاحب جي وفات (24- جولاءِ 1901ع) کان پوءِ لڏي اچي راڻي پور سنڌ ۾ ويٺو. جتي سندس هڪ نياڻيءَ جو نڪاح پير ابو محمد صالح شاهہ جيلاني سان ٿيو.

مولانا محمد صادق ابتدائي تعليم چاچڙان شريف (پنجاب) جي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم راڻي پور ۾ پير صالح شاهہ جي سرپرستيءَ ۾ حاصل ڪئي. کيس پهريان ميان الله بخش عباسي کهڙن واري کان فارسيءَ جي تعليم ڏياري وئي، ان کان پوءِ کيس مولانا عبدالغفور همايوني، مولوي عبدالرؤف ۽ آخر ۾ مولانا الحاج محمد صاحب لغاري کان تعليم ڏياري وئي.

مولوي محمد صادق پنهنجي وقت جو مشهور حڪيم هو. سندس حڪمت جو چرچو سنڌ کان ٻاهر بہ هئو. جهونا ڳڙهہ جي نواب جي بيگم بيمار ٿي پئي، بر صغير جا هزار ها ڊاڪٽر سندس علاج ۾ ناڪام ٿي ويا، ليڪن حڪيم محمد صادق جي علاج سان بيگم صاحبہ شفاياب ٿي وئي. جنهن تي نواب صاحب خوش ٿيندي کيس انعام بہ ڏنو ۽ وظيفو بہ جاري ڪيو، جيڪو آخرتائين کيس ملندو آيو. خيرپور جامير بہ مٿس مهربان هئا ۽ انهن جي درٻار مان پڻ ماهوار هڪ سؤ روپيا وظيفو ملندو هئس.

طب کان سواءِ حڪيم صاحب جون ديني ۽ علمي خدمتون پڻ نمايان حيثيت رکن ٿيون. هن مير علي نواز "ناز" جي اسرار تي هڪ اردو رسالو "دعوت الاعتصام بدين الله الاسلام" لکيو، جنهن ۾ مسلمانن جي سڀني فرقن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿيڻ جي اپيل ڪيل آهي.هن هڪ ٻيو رسالو "احسن المنادي في الاسلام غاندي (گانڌي)" نالي سان لکيو، جنهن ۾ پيغمبر اسلام متعلق چند هندو دانشورن جا رايا ۽ حڪيم صاحب جي مهاتما گانڌيءَ سان خط و ڪتابت جا ڪجهہ حصا ڏنل آهن. مولانا صاحب 1916ع ۾ هڪ ماهوار رسالو پڻ جاري ڪيو، جيڪو "صحيفہ قادريہ" جي نالي سان راڻي پور مان نڪرندو هو. ان رسالي ۾ طبي معلومات سان گڏ اسلامي ۽ اخلاقي مضمون بہ هوندا هئا. هن سچل سرمست رحہ جو سرائڪي ڪلام بہ ترتيب ڏنو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي. سندس طبيعت جو لاڙو شعر و شاعري ڏانهن بہ رهيو. هن 1923ع ۾ آريہ سماجين ۽ قاديانين خلاف هلايل تحريڪ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو.

حڪيم مولانا محمد صادق راڻي پور وارو 18- جنوري 1961ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪٿي نہ ترڪ ڇو صياد گيرو دار اڃا
رهي ٿي بلبل نالان چمن کان ذار اڃا
ڇپي ٿو هي گُل و غنچہ اکين ۾ خار جيان
بهار آئي نہ آئين تون گلعذار اڃا.

محمد صادق (کڏي وارو)

مولانا محمد صادق ولد مولانا عبدالله شيخ 15- مارچ 1874ع تي ڪراچي جي محلي کڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي وقت جو جليل القدر ديني ۽ سياسي اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

مولانا محمد صادق کڏي واري ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ۽ پنهنجي والد جي قائم ڪيل مدرسي "مظهرالعلوم" جي ٻين استادن کان حاصل ڪئي. وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ دارلعلوم ديو بند ويو. پاڻ شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي جو شاگرد ۽ سندس تحريڪ جو سنڌ ۾ رڪن هو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ شيخ الهند جي مشوري مطابق ڪراچي ۾ رهي تحريڪ جو ڪم ڪرڻ ۽ گڏوگڏ سندس والد جي قائم ڪيل مدرسي ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکڻ ۾ لڳي ويو. سندس مدرسو مظهر العلوم شيخ الهند جي سياسي، ديني ۽ اصلاحي تحريڪ جو خاص مرڪز هو. هو "جمعيت العلماءِ

هند" جي سنڌ واري شاخ جو صدر پڻ رهي چڪو هو. ريشمي رومال، ترڪ موالات، هجرت ۽ آزاديءَ جي تحريڪن ڪي سنڌ ۾ زور وٺائڻ ۾ سنڌس ۽ سنڌس دوستن مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي ۽ ٻين جو خاص حصو رهيو. هندستان جي سيني اڪابرن، عالمن ۽ انقلابين سان سنڌس ويجها ناتا هئا.

سن 1914ع ۾ جڏهن پهرين عالمي جنگ لڳي، جنهن ۾ جرمن، آسٽريليا ۽ ترڪي هڪ طرف هئا ۽ فرانس، برطانيه، روس ۽ آمريڪا وغيره ٻئي طرف هئا ته، انگريزن هندستاني لشڪر ذريعي عراق تي حملو ڪيو، ان ڪري جو ان وقت عراق ترڪن جي ماتحت هو. ان وقت "جمعيت الانصار" (1) نالي جماعت انگريزن خلاف سرگرم ٿي وئي. مولوي محمد صادق ان جماعت جو رڪن هو. هن فتويٰ ڏني ته انگريزي لشڪر ۾ ڀرتي ٿي ترڪن سان لڙڻ ڪفر آهي. مولانا صاحب جي ان فتويٰ ۽ ٻين عالمن جي پنيرائيءَ بلوچستان ۾ خاص اثر پيدا ڪيو، جنهن ڪري سردار نورالدين مينگل جي اڳواڻيءَ هيٺ انگريزن خلاف بغاوت ٿي پئي. انهيءَ ڪري انگريزن جي بلوچستان مان لشڪر جي ڀرتي هڪ طرف رو ڪجي پئي ته، ٻئي طرف مڪاني بغاوت کي روڪڻ لاءِ انگريزن کي گهڻو لشڪر هتي روڪڻو پيو. جنهن ڪري ترڪن جي گهيري هيٺ آيل جنرل ٽائون شيند کي هندستان مان مدد وقت تي پهچي نه سگهي، جنهن ڪري هن مجبوراً ترڪن اڳيان 19- اپريل 1916ع تي هٿيار ڦٽا ڪيا.

جمعيت الانصار جي انهن سرگرمين کي روڪڻ لاءِ انگريز سرڪار سخت قدم کنيا، ٻين ليڊرن سان گڏوگڏ مولانا محمد صادق کي به گرفتار ڪري ڇهن سالن تائين ڪاروار جيل ۾ رکيو ويو. جيل کان آزادي بعد پاڻ خلافت تحريڪ ۾ شريڪ ٿيو ۽ آل انڊيا خلافت ڪميٽيءَ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ٻين به ڪيترين ئي تحريڪن ۾ حصو ورتائين. مثلاً جنگ بلقان ۽ طرابلس جي موقعي تي هندستان مان فنڊ گڏ ڪرڻ ۾ حصو ورتائين. سمرنا ۾ يونانين جي ظلمن خلاف احتجاجي جلسا ڪرايائين. فلسطين ۾ اتحادين جڏهن يهودين کي ملڪ جو ٽڪرو ڏنو ۽ يهودين عربن کي اتان لڏائڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ هندستاني مسلمانن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ 1933ع ۾ مفتي اعظم امين الحسيني ڪراچي آيو ته مولانا کيس همدرديءَ جو يقين ڏياريو. سن 1938ع ۾ خالقڏني هال ڪراچي ۾ تبليغي ڪانفرنس مولانا حسين احمد مدنيءَ جي صدارت هيٺ ڪرايائين. پاڻ مدرسه دارالعلوم ديو بند جي مشاورتي ڪميٽيءَ جو ميمبر به رهندو آيو.

---

(1) "جمعيت الانصار" نالي جماعت شيخ الهند مولانا محمود الحسن قائم ڪئي هئي. انجو پهريون اجلاس 17- اپريل 1911ع تي مراد آباد ۾ ٿيو.

مولانا صاحب جي مدرسي "مظهر العلوم" کڏو ڪراچي ۾ سنڌ کان علاوه سرحد، ايران، جاوا، ملايا، ترڪمانستان ۽ افغانستان وغيره کان آيل شاگرد پڙهندا هئا. پاڻ حڪمت جو ڏندو بہ ڪندو هو. هو نهايت خدا ترس، نيڪ سيرت، پرهيزگار، امانتدار، مهمان نواز ۽ قديم سنڌي تهذيب جو مجسمو هو.

مولانا محمد صادق ڪڏي وارو 18- جون 1953ع تي راهہ رباني وٺي ويو.

محمد صالح ڀٽي

مخدوم محمد صالح ولد مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي 25- سيپٽمبر 1887ع تي پراڻن هالن ضلعي حيدر آباد ۾ ڄائو. سندس نسب سورج ونسي راجپوت خاندان ۾ شري رامچند سان ملي ٿو. پاڻ مشهور نثر نويس ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مخدوم محمد صالح ڀٽي ابتدائي تعليم پراڻن هالن ۾ ورتي، وڌيڪ پڙهڻ لاءِ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان 1909ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1910ع ۾ ڪيس پوني جي زرعي ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ لاءِ وظيفو مليو، مگر ساڳئي وقت سنڌ مدرسي جي پرنسيپال مسٽر ٽي ايچ وائينس ڪيس پاڻ وٽ اسسٽنٽ ماستر ڪري رکيو جا آڇ غربت جي ڪري قبول ڪيائين. ان کان پوءِ سرڪاري نوڪري ۾ داخل ٿيو جتان ترقي ڪري 1941ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ٿرپارڪر جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ٿيو، جتان 1944ع ۾ رٽائر ڪيائين.

مخدوم صاحب کي شاگرديءَ واري زماني کان ئي مضمون نويسي ۽ شاعري ڪرڻ جو شوق هوندو هو. ماستريءَ واري زماني ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي رسالي "الاسلام" جو ايڊيٽر بہ ٿيو هو، پر پوءِ سياسي حالتن جي ڪري ايڊيٽري ڇڏي ڏنائين. هن1940ع کان باقاعدي ادبي خدمتون سرانجام ڏيڻ شروع ڪيون. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ هو ۽ ڪيترن ئي ادارن سان واڳيل رهيو. جن ۾ مسلم ايجوڪيشن سليس ڪميٽي، سنڌي لٽريچر سينٽرل ائڊوائزري بورڊ آف ڪنٽرولر، ايجوڪيشنل ڪميٽي فارٽرائيبل پيپل، ڊسٽرڪٽ ائڊوائزري ڪميٽي حيدرآباد ۽ سنڌي ادبي سوسائٽي حيدرآباد جو آخري عمر تائين ميمبر ٿي رهيو.

مخدوم صاحب مختلف موضوعن تي ڪيپل ڪتاب لکيائين. ڪجهہ شاعرن جو ڪلام پڻ سهيڙيو، هيٺيان سندس ڇپيل اهم ڪتاب آهن.

منهاج المومنين (1941ع)، اخلاقي جواهر (1951ع)، منصور حلاج (1952ع)، فاروق اعظم (1952ع)، واندڪائي جي وندر (ڪهاڻيون

1952ع)، فتوحات اسلام (تاريخ 1953ع)، عروس ڪربلا (ناول 1956ع)، سنڌ جي تاريخ ۽ شهريت (1958ع)، سنڌي ويا ڪرڻ (1958ع)، سنڌي گرامر (ٽي ڀاڱا)، ڪيڏارو، اسان جو پيارو آقا، سيدة النساء، صديق اڪبر، بي بي رابعہ بصري، سقراط، المرتضيٰ، حيات سعدي، ڪلام صوفي مخدوم محمد ابراهيم ڀٽي، ڪلام مخدوم عبدالروف ڀٽي ۽ ڪلام صالح (سندس ڪلام جو مجموعو) وغيره.

مخدوم محمد صالح ڀٽي27 ڊسمبر 1953ع تي ڀراڻن هالن ۾ وفات ڪئي.

محمد صديق "مسافر"

محمد صديق "مسافر" ولد گلاب خان قمبراڻي ڀهرين اپريل 1879ع تي ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

محمد صديق "مسافر" جا وڏا اصل زنجبار (تنزانيہ) جا رهاڪو هئا. سندس والد غلام بڻجي ڀهريان مسقط ۽ پوءِ ٺٽي (سنڌ) ۾ پهتو. ڪجهہ وقت اتي رهي آخر ٽنڊي باگي ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين.

محمد صديق "مسافر" ابتدائي تعليم ٽنڊي باگي مان حاصل ڪئي، سنڌي فائينل جو امتحان حيدرآباد مان پاس ڪري1896ع کان پرائمري استاد مقرر ٿيو. ملازمت دوران آخوند عبدالرحيم حيدرآبادي کان فارسي جي ۽ محمد فاضل شاهہ کان عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. 1899ع ۾ ٽريننگ ڪاليج مان تربيت حاصل ڪري ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. کيس انگريزي جي بہ سٺي ڄاڻ هئي، ايتري قدر جو انگريزي ادب جا ڪيترائي مضمون سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين.

محمد صديق "مسافر" مير غلام محمد خان ٽالپر سان گڏجي ٽنڊي باگي ۾ انگريزي اسڪول قائم ڪيو هو، جيڪو اڄ بہ موجود آهي.

مسافر صاحب جي قلم نظم توڙي نثر ۾ ڏاڍا جوهر ڏيکاريا، پاڻ سوين ڪتابن جو مصنف آهي. شاعري ۾ "مسافر" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام جي اصلاح ڀهريان سيد فاضل شاهہ "فاضل" ۽ پوءِ آخوند عزيزالله "عاجز" ڪندو هو. هن غزل، قصيدا، رباعيون، مثنويون، مسدس، قطعا، نظم، گيت، مناجاتيون ۽ ڪافيون وغيره لکيون. سندس ڪليات 1952ع ۾ "ڪليات مسافر" جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان ڪان علاوه نظم ۽ نثر ۾ اٽڪل200 ڪتاب سندس قلم جي نوڪ مان نروار ٿيا. خاص ڪري درسي ڪتابن لکڻ تي کيس وڏو ملڪو حاصل هو. پاڻ ڊگهو عرصو درسي ڪاميٽين جو ميمبر ٿي رهيو. "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي" جو پڻ سرگرم ڪارڪن رهيو. ماهوار

"اخبار تعليم" جو 1934ع کان ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ مسلسل 18 سال ان عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. سندس نظم خواهه نثر "اخبار تعليم" ۽ ٻين نڪرندڙ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪثرت سان شايع ٿيندو رهيو. سندس لکيل ادبي ۽ تحقيقي مقالا سنڌي ادب ۾ اضافي جو سبب بڻيل آهن.

مسافر صاحب سليس ۽ عام فهم عبارت توڙي روزمره واري گهرو ٻوليءَ جي ڪري سنڌ ۾ سڀ ڪنهن کي وڻندو هو. ٻاراڻي ادب ۾ انيڪ چيزون هن جي ئي خداداد قابليت ۽ جوهر جو بينظير مثال آهن. هن سنڌي ادب جي نثر واري حصي ۾ جيڪا خدمت ڪئي، سا هرگز وساري نٿي سگهجي. سندس لکيل ڪتابن مان ڪي هي آهن.

ڦولداني (شاعري 1930ع)، سچاڻ زالون (1934ع)، مسدس اپوجهو (1934ع)، حياتيءَ جي دور جي ڪنجي (1934ع)، گلشن خيال (1936ع)، ديوان فاضل (مرتب 1937ع)، سنڌ جي تاريخ (7 ڀاڱا 42-1941)، ڪلام مولي (ترجمو 1942ع)، اخلاق محسني (1943ع)، سر سسئي آبري (الطيفيات1948ع)، شهيد ڪربلا (1950ع)، رسالہ درحقيقت دين (1951ع)، مطلوب المومنين (1951ع)، منتخب ديوان خاڪي خراساني (ترجمو1951ع)، ديوان سانگي (ترتيب1952ع)، منتخب پنديات جوان مردين(1952ع)، گلذار نثر ونظم (ٻہ ڀاڱا 1953ع)، فاطمة الزهرا (1960ع)، سر آسا (الطيفيات1968ع)، سر ڪنيات (الطيفيات 1961ع)، غلاميءَ ۽ آزاديءَ جا عبرتناڪ نظارا(1967ع)، قرب قليچ، هدايت المسلمين، جوهر اسلام (ترجمو)، ممتاز دمساز (ترجمو)، مهرورېانو (ترجمو)، زينت القاري (ترجمو) ۽ ٻيا ڪوڙ سارا علمي، ادبي، ڪورسي ۽ لطيفيات متعلق لکيل ڪتاب.

محمد صديق "مسافر" 24 سيپٽمبر 1961ع تي ٽنڊي باگي ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

نہ هن درد منڊن سان دم کهڙا،
ڪجن غير محرم سان غم کهڙا،
نہ جن جي ڪڏهن درد دلڙي دکائي،
انهن سان اوريون الم کهڙا.

محمد صديق ميمڻ

خانبهادر محمد صديق ولد محمد يوسف ميمڻ 30 مارچ 1890ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. ٻاڻ معروف اديب تعليمي ماهر ۽ سماجي خدمتگذار ٿي گذريو آهي.

محمد صديق ميمڻ بي اي ۽ بي ٽي پاس ڪري تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو، جتان 1943ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي پرنسيپال جي عهدي تان رٽائر ٿيو. هن هڪ بهترين تعليمي آفيسر جي حيثيت سان استادن ۽ شاگردن جي وڏي خدمت ڪئي. هن سنڌ ۾ زناني تعليم جي کوٽ کي محسوس ڪندي مخدوم غلام حيدر صديقي جي سرپرستي ۾ حيدرآباد ۾ پهرين اپريل 1940ع تي هڪ زنانو اسڪول "مدرسة البنات" برپا ڪيو، جيڪو اڄ حيدرآباد جي بهترين تعليمي ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس تعليمي خدمتن کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سن 1939ع ۾ سرڪار طرفان کيس "خانبهادر" جو لقب ڏنو ويو.

ميمڻ صاحب جون علمي ادبي خدمتون پڻ ناقابل فراموش آهن. جنهن وقت پاڻ ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال هو، ان زماني ۾ سن 1931ع ڌاري هن "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي" جو بنياد وڌو، جنهن جو روح روان پاڻ هو. هن سوسائٽي نهايت دلڪش ۽ معياري سؤکن ديني، اصلاحي، تاريخي ۽ ادبي ڪتاب ڇپايا. سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جو وڏو مقام آهي. ميمڻ صاحب پاڻ بہ اٽڪل 32 کن ڪتاب لکيا، جن ۾ اڪثر تعليمي نصاب جا ڪتاب آهن، جيڪي پاڪستان جي تاريخ، سنڌ جي تاريخ، انگي حساب، جاميٽري، گرامر ۽ مضمون نويسيءَ تي مشتمل آهن. هن شاهہ صاحب جو رسالو ترتيب ڏئي 1951ع ۾ شايع ڪرايو. ان کان علاوه سندس لکيل مشهور ڪتابن ۾ سنڌ جي ادبي تاريخ (ٻہ ڀاڱا)، ڪامل رهنماءُ، حياتيءَ جو پهريون دؤر، حضرت مخدوم نوح، جڙتو شهزادو، تاريخ اسلام، خلافت راشده ۽ بيگلار نامو وغيره شامل آهن.

ميمڻ صاحب ابتدائي دور ۾ ڪجهہ شعر بہ چيو، سندس تخلص "صديق" هو. شاعريءَ ۾ ديني، نعتيہ ۽ قومي ڪلام چيائين، پاڻ نهايت خاموش طبع، مخلص، نيڪ نيت، سنجيدو ۽ باعمل شخص هو. پاڻ تعليم کاتي ۾ جيتوڻيڪ ممتاز حيثيت جو مالڪ هو، پر تڏهن بہ هن هميشہ ڪمال سادگيءَ ۽ نهٺائيءَ جي روش سان زندگي گذاري.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ 20 نومبر 1958ع تي لاڏاڻو ڪيو.

محمد عبدالهادي

مولانا حاجي محمد عبدالهادي ولد مولانا عبدالحق چانڊيو 3 جون 1897ع تي ڳوٺ راوت سر تعلقي ڇاڇري ۾ ڄائو. پاڻ بلندپايہ عالم دين، مفتي، مدرس ۽ سماجي خدمتگذار ٿي گذريو آهي.

مولانا محمد عبدالهادي ديني تعليم آبائي مدرسي مظهر الحق والهدايتراوت سر مان حاصل ڪئي ۽ فائينل جو امتحان مني مان پاس ڪيو.

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ جي مدرسي ۾ درس تدريس جوڪم ڪرڻ لڳو. هن هڪ نئون ڳوٺ بہ آباد ڪيو، جنهن جو نالو "مولوي آباد" رکيائين. ان ڳوٺ ۾ مسجد، مدرسو ۽ برانچ پوسٽ آفيس قائم ڪرايائين. اهو ڳوٺ اڄ بہ موجود آهي. 1971ع واري جنگ ۾ اهي سڀ ڳالهيون تباهہ ٿي ويون، ليڪن جنگ بعد وري ٻيهر ڪوشش ڪري انهن کي قائم ڪيائين.

مولانا صاحب گهڻو وقت فتوائن نويسي ۽ عوام جي خدمت ۾ صرف ڪيو، پر تنهن هوندي بہ ڪجهہ ڪتاب لکيائين، جن ۾ "فتاويٰ هاديہ" (ٻن جلدن ۾) ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي عربي وصيت جو سنڌي ترجمو شامل آهن.

مولانا صاحب وڏو مفتي هو، سنڌس فتوائن ٿر پارڪر، عمر ڪوٽ ۽ ميرپور خاص ضلعن ۾ هلنديون هيون، تمام وڏا مسئلا حل ڪري سگهندو هو. پاڻ ماهر حڪيم بہ هو، ماڻهن جو مفت علاج ڪندو هو. شاعري سان پڻ سندس لڳاءُ رهيو. حمديہ، نعتيہ ۽ مناجات تي مبني شاعري ڪندو هو.

مولانا محمد عبدالهادي 19 فيبروري 1979ع تي وفات ڪئي، سندس مزار راوت سر جي قبرستان ۾ آهي.

محمد عثمان ڏيپلائي

محمد عثمان "شائق" ولد حبيب الله ميمڻ13 جون 1908ع تي ٿر جي شهر ڏيپلي ۾ پيدا ٿيو. جنهن نسبت سان کيس "ڏيپلائي" سڏجي ٿو. پاڻ سنڌ جو ڪهنہ مشق صحافي، اديب، ناول نويس، هاڻيڪار، مضمون نويس ۽ ڊرامہ نويس ٿي گذريو آهي.

محمد عثمان ڏيپلائي ننڍپڻ کان ئي ڏاڍو ذهين هوندو هو. مشهور آهي تہ پاڻ پهرائين درجي ۾ ئي پنجين درجي جا ڪتاب لس پڙهي ويندو هو. سندس والد ننڍڙو واپاري هو، کيس ستن نياڻين تي هڪ پٽ پيدا ٿيو، ان ڪري وڏي لاڏڪوڏ سان سندس پرورش ڪيائين.

ڏيپلائي صاحب ست درجا ڏيپلي ۾ پاس ڪيا، وڌيڪ تعليم لاءِ کيس ڏيپلي کان ٻاهر ڪوهہ پري مٺي شهر وڃڻو ٿي پيو، جيڪو سندس والدين کي پسند نہ هو. ان ڪري وڌيڪ تعليم پرائڻ ڇڏي پنهنجي والد سان وڻج واپار ۾ ٻانهن ٻيلي بڻيو. اڳتي هلي پنهنجي ذاتي صلاحيتن سبب گجراتي، گرمکي، هندي، اردو، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ سٺي ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ اديب، اديب عالم ۽ بي- اي جا امتحان بہ پاس ڪيائين.

ڊيپلائي صاحب تہ جي سخت ڏڪار پرين حالتن کان تنگ ٿي واپار سانگي ڊيپلي کي، ڇڏي اچي لاڙ طرف نڪتو، جتي ڪن واقف ڪار زميندارن جي آچ تي واپار ڇڏي ملازمت اختيار ڪيائين ۽ پنجويهہ ورهيہ ٽنڊي باگي، بدين، ڪپري، ميرپورخاص ۽ عمر ڪوٽ تعلقن ۾ خانگي ملازمت ڪندو رهيو.

محمد عثمان ڊيپلائي کي صحافت جو شوق ننڍپڻ کان ئي هوندو هو. پاڻ جڏهن اڃا چوٿون درجو پڙهندو هو تہ، ان وقت هٿ سان هڪ اخبار "فرحت آثار" نالي لکي پنهنجي ساٿين کي پاڙهيندو هو، هن اخبار ۾ "نيلوفر پري" نالي وڏڙن کان ٻڌل ڪهاڻي پڻ قسط وار قلمبند ڪري دوستن کي خوب وندرائيندو هو. هن 1941ع ۾ ماهوار اخبار "عبرت" جاري ڪئي، جنهن کي 1945ع ۾ هفتيوار ۽ 1952ع ۾ روزانہ اخبار ڪري ڪديائين. جيڪا 1958ع ۾ مالي مشڪلاتن سبب قاضي برادران کي ڇهن هزار روپين ۾ وڪڻي ڇڏيائين. هيءَ اخبار اڄ تائين وڏي آب و تاب سان شايع ٿي رهي آهي. پاڻ 1953ع ۾ هفتيوار "انسان" ۽ "اداره انسانيت" پڻ شروع ڪيائين. جنهن ذريعي سنڌي ادب ۽ صحافت جي ڪافي خدمت ڪيائين. سنڌ مان واهيات رسمن ۽ رواجن جي پاڙ پٽڻ ۽ سنڌي معاشري جي سڌاري لاءِ باقاعدي جهاد ڪيائين جنهن لاءِ کيس ڪافي سختيون پڻ سهڻيون پيون ۽ 1958ع ۾ جيل پڻ موڪليو ويو. پاڻ 1969ع ۾ هڪ ٻي هفتيوار اخبار "سنڌ ٽائمز" جاري ڪئي، جنهن کي 1970ع کان پوءِ روزانہ اخبار ڪيائين. هن هڪ سنڌي رسالو "سانئيهہ ڊائجيسٽ" پڻ ڪڍيو هو.

محمد عثمان ڊيپلائي صحافت سان گڏ ادبي خدمتون بہ سرانجام ڏيندو رهيو. سندس پهريون مضمون اردوءَ ۾ "منادي" دهليءَ ۾ ڇپيو. هن نثري ادب ۾ لکڻ جي ابتدا تہ ننڍن مضمونن ۽ مختصر افسانن سان ڪئي پر پوءِ پاڻ وڏو مصنف بنجي ويو ۽ ڏڪڙا ڏڙ سندس ڪتاب ڇپجڻ لڳا. سندس پهريون مذهبي ڪتاب 1934ع ۾ مسلم ادبي سوسائٽي جي سهاري سان منظرعام تي آيو. 1938ع ۾ خيرمحمد نظاماڻي جي صلاح سان "مجاهدانہ اسپرٽ" وارا اسلامي ناول لکڻ شروع ڪيائين. انهي ڪم جو آغاز "سنگدل شهزادي" ناول لکڻ سان ڪيائين، جيڪو سندس لکيل پهريون ناول هو. سنت ئي "اسلاميہ دارالاشاعت" نالي ننڍو علمي ادارو قائم ڪري هن سلسلي کي تقويت ڏنائين. سندس پهريون افسانو "چند سهڻو يا انسان" 1926ع ۾ ڇپيو. حر تحريڪ تي سندس لکيل ناول "سانگهڙ" سنڌي ادب جو اهم ناول سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو پهريون ڀيرو 1963ع ۾ ڇپيو ۽ رائٽرس گلڊ جو انعام کٽيائين. هن 1951ع ۾ "شاهہ جو رسالو" ترتيب ڏئي ڇپرايو، ساڳئي ايڊيشن جو پاڪيٽ سائيز ڇاپو 1963ع ۾

شايع ڪرايائين جيڪو شاهه جي رسالي جو پهريون پاڪيٽ سائيز ڇاپو هو. هن صاحب "ڏاهري رنگ محل" نالي هڪ ناٽڪ لکيو، جنهن ۾ آريه سماج جي هندن جي پروپيگنڊا جومنهن ٽوڙ جواب لکيائين.

ڏيپلائي صاحب کي سنڌي ادب ۾ جنهن حوالي سان امتيازي حيثيت حاصل آهي، اها آهي پيري مرشديءَ جي خلاف ڪلي بغاوت. هن ابوجهه عوام تي، انهن جي ذهنن تي ڪوڙن مرشدن کي ظلم ڪندي ڏٺو هو. اهڙن مرشدن جي حقيقتن تان پردو کڻڻ لاءِ هن پنهنجو قلم مجاهدانه انداز ۾ هلايو. هن 1938ع ۾ مرشد ٽوڙ سلسلو شروع ڪيو. ان ڏس ۾ سندس تحريرون مختلف چرڪائيندڙ عنوانن سان شايع ٿيڻ لڳيون، "مرشد جي ڏاڙهي" ڪان وٺي "مرشد جي ننهن" ۽ "مرشد جي ڏيءُ" تائين لکي وڃي پار پيو. انهن ڪتابن ۾ نقلي مرشدن جي ڪڌن ڪرتوتن ۽ ڪراهت آميز ڪردار کي مڪمل انداز سان واضع ڪيائين. ڪيس ڪتابن لکڻ ۾ وڏي مهارت ۽ ڦڙتائي حاصل هئي. ريل ۾ سفر دوران ٻه هڪ اسٽيشن کان ٻيءَ اسٽيشن تائين ناول مڪمل ڪري ويندو هو. پاڻ حالاتِ حاضره کان بلڪل با خبر رهندو هو. هر ملاقات ۾ ڪا نه ڪا نئين ڳالهه ضرور ٻڌائيندو هو.

محمد عثمان ڏيپلائي جا ننڍا وڏا ڪل 129 ڪن ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪجهه ڪتابن جا نالا هن ريت آهن.

آخري اميد (1939ع)- بلبل ايران (1940ع)- چين جو چنڊ (1944ع)- عيد جو چنڊ (1944ع- انقلاب سنڌ عرف فتح پاڪستان (1944ع)- قرآني خزانو (1946ع)- اوليائن جي مار (1947ع)- دستگير جي يارهين (1947ع)- قلندر جو هندورو (1947ع)- سيرت محمدي (1948)- سيرت الحيدر (1948ع)- شاهه جي رسالي جو رهبر (1950ع)- ڪڪر ۾ ڪڙو (1951ع)- يلي ولايت (1957ع)- جاپاني گڏي (1957ع)- مجاهد ڪشمير (1958ع)- درد دل- مرشد جون ٽنگون- مرشد جو گهوڙو- مصطفيٰ ڪمال- شهيد ڪربلا- ووٽن جي پيٽي- نٽ جو حج- ڪنواريون مائون- ڪنڌ جون ڳوٺيون- مرشد جو چاليهو- مرشد جو ٻڪر- مرشد جي ننڍ- نياڳي مريدياڻي- فتوحات اسلام- تفسير القرآن- شاهه جي ذڪري- ارشاد القرآن- عرب جي لاڏلي- وغيره.

محمد عثمان ڏيپلائي 7- فيبروري 1981ع تي امر الاهي سان دارالبقا ڏانهن روانو ٿيو.

محمد عظيم "شيدا" مولانا

مولانا محمد عظيم "شيدا" ولد لعل بخش سولنگي 1883ع ۾ ڳوٺ گل ٻرڙي تعلقي وارھ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جيد عالم، فاضل، اديب، شاعر ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

مولانا محمد عظيم "شيدا" قرآن شريف ۽ نور نامو پنهنجي وڏي ڀاءُ آخوند فقير محمد مرحوم کان پڙهيو ۽ پوءِ مختلف مدرسن ۾ عربي، فارسي ۽ مختلف علمن جي تعليم رني تحصيل ڪيائين. دستار بندي ڪرڻ کان پوءِ مختلف شهرن ۾ درس و تدريس ڪندو رهيو، آخر ۾ نصير آباد ۾ مستقل طور مدرسو قائم ڪري آخرت لاءِ اجر ڪمائيندو رهيو.

مولانا صاحب نهايت پر خلوص محبتي ۽ اعليٰ خوبين وارو انسان هو. هن پنهنجي منفرد سوچ ۽ قلم وسيلي سنڌي ادب جي گرانقدر خدمت ڪئي. سندس علمي ڪاوشون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون. شاعريءَ سان ڪيس دلي لڳاءُ هو "شيدا" تخلص هئس. سندس شاعري خاص ڪري نعتيہ آهي. پاڻ غزل، نظم، بيت ۽ ڪافي تي دسترس رکندو هو.

مولانا صاحب وڏو جراح حڪيم بہ هو. وڏن نوابن ۽ زميندارن خاص ڪري نواب غيبي خان چانڊيو ۽ نواب يوسف علي خان مگسي جوخانداني معالج هو. هن تحريڪ خلافت ۾ پڻ هڪ مخلص ۽ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو.

مولانا صاحب جو سيرت طيبہ تي لکيل ڪتاب "سيرت مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم" ادبي دنيا ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب کي حڪومت طرفان 1980ع ۾ سيرت طيبہ صلي الله عليہ وسلم جي موضوع تي لکيل بهترين ڪتاب تسليم ڪندي سيرت ايوارڊ طور ڏھ هزار رپيا انعام ڏنو ويو. ياد رهي تہ پاڪستان ۾ هيءُ سيرت ايوارڊ جو پهريون انعام هو. جيڪو هڪ سنڌي ڪتاب جي حصي ۾ آيو. مذڪوره ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايو آهي. باقي سندس لکيل ٻيا ڪتاب اڃا قلمي صورت ۾ آهن. جن جا نالا آهن: ارشاد السالڪين- اصول علم حديث- ۽ ديوان شيدا.

مولانا محمد عظيم "شيدا" 6- آڪٽوبر 1988ع تي وفات ڪئي.

سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

فرقت ۾ صبر جو ڪيو مون نہ ڪنهن ڪيو
يعقوب کان وڌيڪ هي منهنجو صبور هو
سينو سڙي جو عشق اوهانجي ۾ ويو پرين
تو پاڻ سمجهيو انڪي تہ گويا تنور هو.

محمد علي، آغا

آغا محمد علي ولد آغا نواب علي 15- جولاءِ 1958ع تي شڪار پور ۾ ڄائو. پاڻ ريڊيو پاڪستان جو معروف سينئر پرڊيوسر آهي.

آغا محمد علي پرائمري جي تعليم شڪار پور ڳڙهي عطا محمد مان حاصل ڪئي، سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪار پور مان ورتي. بي- اي ڪرڻ کان پوءِ 1984ع ۾ سکر لا ڪاليج مان ايل- ايل- بي ۽ 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم- اي (ايڪانامڪس) پاس ڪيائين. پهريان ريونيو کاتي، جيل ڊپارٽمينٽ ۽ ڳوٺاڻي ترقياتي پروگرام ۾ نوڪري ڪيائين، بعد ۾ 18- جون 1988ع تي ريڊيو پاڪستان جو پروڊيوسر ٿيو. پاڻ خيرپور، ڪراچي، مڪران ۽ لاڙڪاڻو ريڊيو اسٽيشن تي رهيو آهي. هن وقت ڪراچي ريڊيو اسٽيشن (1) تي ڪم ڪري رهيو آهي.

آغا صاحب ريڊيو پاڪستان جو با صلاحيت ۽ محنتي پروڊيوسر آهي. هن ريڊيو ٻڌندڙن جي تفريح ۽ معلومات خاطر ڪيترائي يادگار پروگرام ۽ سلسلا مختلف اسٽيشنن تان هلايا. خيرپور تي هن غريب شاگردن کي ڪتابن ڏيڻ جو پروگرام "جوت جلندي رهي لاٽ ٻرندي رهي" نشر ڪيو، جنهن ذريعي هزارين غريب شاگردن کي ڪتابن سان گڏ اسڪولي ڊريسون به مليون. ڪوئز پروگرام "سوچ ۽ لوچ" کي عروج تي پهچايو ۽ ان پروگرام ۾ پهريون ڀيرو ٻڌندڙن جا انٽرويو نشر ڪيا ويا. گهمندڙ ڦرندڙ مائڪرو فون ذريعي ماڻهن جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرايا ويا. مڪران ريڊيو اسٽيشن تي هن اردو ۽ بلوچي ٻولين ۾ پروگرام پيش ڪيا، جن ۾ معلوماتي ۽ تفريحي پروگرام "ڪيچ رنگ" گهڻو مقبول ٿيو. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي هن نوان سلسلا لطيف رنگ، نئين سوچ، اوهانجي خدمت ۾، عوامي آواز، هڪ شعر هڪ نغمو، ريڊيو ڪانفرنس ۽ ٻارڙن لاءِ خاص پروگرام پيش ڪيا، اهڙي طرح ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي پڻ سندس ڪارڪردگي ساراهه جوڳي آهي. هن اتي موسيقي جي شعبي ۾ نوان فنڪار متعارف ڪرايا. ٻارڙن لاءِ پروگرام ڪيا..ظلِ هما کي متعارف ڪرايو ۽ هن جي آواز ۾ ٻارڙن جا گيت رڪارڊ ڪيا. سنڌ اسيمبلي جي اجلاس جي رپورٽنگ ۽ ڪشمير جي مسئلي ۽ ٻين موضوعن تي مذاڪرا ترتيب ڏنا. ان کان علاوه سندس پيشڪش ۾ ٻيا پروگرام پڻ ڪافي مقبوليت ماڻي چڪا آهن.

آغا محمد علي يار ويس، کل مک، ملنسار ۽ پر وقار شخصيت جو مالڪ آهي. ادب سان پڻ سندس خاصي دلچسپي آهي.

---

(1) ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي نشريات جو آغاز 14- آگسٽ 1948ع تي ٿيو.

محمد علي ٻگهيو

محمد علي ولد مراد علي ٻگهيو 14- جولاءِ 1948ع تي شهر باڊهه تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور ڪمپيئر، صداڪار ۽ ٽي-وي ڊرامن جو اداڪار ٿي گذريو آهي.

محمد علي ٻگهئي ابتدائي تعليم باڊهه ۾ حاصل ڪئي، مشترڪ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان ۽ انٽر (آرٽس) لاڙڪاڻي مان پاس ڪري اچي حيدرآباد ۾ پنهنجي ڀاءُ محمد قاسم ٻگهئي سان گڏ رهڻ لڳو ۽ هتي ئي ڪامرس ڪاليج مان بي- اي خانگي طور پاس ڪيائين.

محمد علي جي آواز ۾ قدرتي طور تي ميٺاج ۽ هڪ اڻ چاتل سگهه سمايل هئي، ويتر جو جڏهن ڊاڪٽر نسرين جوڻيجو جي ڪمپيئرنگ کان متاثر ٿي اسٽيج پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ڪرڻ لڳو ته هزارين دلين جي ڌڙڪڻ بڻجي پيو ۽ ڏسندي ڏسندي اسٽيج ڪمپيئرنگ جي فيلڊ ۾ ايتري ته سوڀ ماڻيائين جو جنهن به فنڪشن ۾ ڪمپيئرنگ ڪرڻ لاءِ ويندو هو ته، ان فنڪشن ۾ شرڪت ڪندڙ فنڪارن کان به وڌيڪ ڪيس داد ڏنو ويندو هو. ان دؤر ۾ ڪمپيئر منظور جمال "اسٽيج جو ابو" ڪري ڪوٺيو ويندو هو. پر جڏهن جيڪب آباد ۾ گهوڙن جي ميلي (1) ۾ محمد علي ٻگهئي جي ڪمپيئرنگ ٻڌائين ته ڪيس پٺي ٺپي چيائين ته "محمد علي تون گوءِ کٽي وئين."

محمد علي ريڊيو تي به پنهنجي آواز جو ڌاڪو ڄمايو. پاڻ جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اناؤنسر ٿيو ۽ سندس آواز هوائن جي لهرن ذريعي جن جن ماڳن تائين پهچندو هو ته، اتان جا ماڻهو ريڊيو سيٽ جي ويجهو ٿي ويهندا هئا ته جيئن محمد عليءَ جي مڌر آواز جو ميٺاج سندن ڪنن اندر ماکيءَ لار بڻجي اوتجي پوي. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڪيترن ئي پروگرامن لاءِ ڪمپيئرنگ ڪئي. ان دؤران پاڻ شاعري جي بهترين چونڊ ڪندو هو. وري انهن جي رواني ۽ تلفظ کي اهڙيءَ ريت ادا ڪندو هو جو هر ماڻهو جي دل موهي وجهندو هو. ان کان علاوه هن ريڊيو جي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو ۽ ٽيليويزن جي سنڌي ڊرامن ۾ پڻ اداڪاري ڪئي، جن مان ڊراما سيريل "ٻننسر ادل جي" ۾ بهترين اداڪاري جو مظاهرو ڪيو.

محمد علي ٻگهيو اسٽيج تي 1980ع کان وٺي 1988ع تائين سرڪاري توڙي غير سرڪاري ڪچهرين ۾ لاجواب ڪمپيئرنگ ڪري نالو ڪمائيندو رهيو. ان کان سواءِ 1985ع واري عام اليڪشن جي موقعي تي سنڌ صوبي جي

---

(1) جيڪب آباد وارو گهوڙن جو ميلو (سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو) جان جيڪب 1847ع ۾ شروع ڪيو هو ۽ اهو اڄ تائين هر سال ٿيندو اچي ٿو.

رزلٽ اسلام آباد مان انائونس ڪرڻ لاءِ جيڪا ٽيم خواجہ امداد علي جي اڳواڻي هيٺ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تان اسلام آباد وئي هئي، ان ۾ پاڻ ڪمپيئر طور شامل هو. سندس ان يادگار ڪمپيئرنگ کي بين سان گڏ ان وقت جي پروگرام ڊائريڪٽر سليم گيلاني پڻ ساراهيو هو.

31- ڊسمبر 1987ع تي ريڊيو پاڪستان اسلام آباد ۾ اتان جي زيڊ-اي بخاري آڊيٽوريم ۾ ملهائي ويندڙ سالگرهہ ۾ ريڊيو حيدرآباد جي نمائندگي بہ نصير مرزا ۽ محمد علي پٺاڻ ڪئي هئي. 2- 4 فيبروري 1988ع تي ٿيندڙ ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي ڪمپيئرنگ بہ محمد عليءَ سر انجام ڏني ۽ پوءِ سگهوئي مئي 1988ع ۾ مٿس اڌ رنگ جهڙي موذي مرض جو حملو ٿيو، جنهن سبب پاڻ ڏهن سالن تائين بيماري جي بستري تي رهي علاج خاطر وس وارن ڏانهن واجهائيندو رهيو، پر ڪنهن بہ سرڪاري توڙي نجي اداري پاران سندس واهر نہ ٿي. آخر 25-آگسٽ 1998ع تي هيءُ ماڪيءَ کان بہ مٺو آواز هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو.

محمد علي جناح

قائد اعظم محمد علي جناح ولد جناح پونجاڻ 25- ڊسمبر 1876ع تي ٺٽي ضلعي جي شهر جهرڪن ۾ پيدا ٿيو. ليڪن بعد ۾ سرڪاري حلقن سندس جنم ڀومي ڪراچيءَ کي قرار ڏنو. پاڻ برصغير جي مسلمانن جو اهو سياسي اڳواڻ هو، جنهن جي قيادت ۾ مسلمان مختصر ۽ پرامن جدوجهد ذريعي ويهين صدي جي وچ ڌاري هڪ وڏي اسلامي مملڪت جا مالڪ بڻيا، جيڪو اڄ بہ پاڪستان جي نالي سان دنيا جي نقشي تي موجود آهي.

بانيءِ پاڪستان محمد علي جناح جو والد اصل رياست ڪاٺيا واڙ جي ڳوٺ "پانيلي" جو رهاڪو هو، جنهن لڏي پهريان جهرڪ ۽ پوءِ ڪراچي ۾ اچي ويٺو ۽ اتي چمڙي جي کلن جو واپار ڪندو هو.

محمد علي ابتدائي تعليم جهرڪن ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان پاس ڪيائين. اعليٰ تعليم لاءِ ولايت ويو. 1895ع ۾ لنڊن جي لنڪن اِن ڪاليج مان بئريسٽريءَ جي ڊگري ورتي 1896ع ۾ ڪراچي واپس آيو ۽ 1897ع ۾ بمبئي وڃي وڪالت شروع ڪيائين. جلد ئي نالو ڪڍي سياسي ميدان ۾ داخل ٿيو. ڪجهہ عرصو مشهور پارسي سياستدان دادا ڀائي نوروز جيءَ جو پرائيويٽ سيڪريٽري ٿي رهيو.

جناح صاحب شروعات ۾ هندستان جي آزاديءَ جو وڏو حامي هو ...

1906ع ۾ "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" [1] ۾ شموليت اختيار ڪري هندستاني ماڻهن ۾ قومي شعور وڌائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، پر مسلمانن جي مسئلن ۽ مفادن سان هندن جي ظاهري لاتعلقي ڏسي جلدي مايوس ٿي ويو. ۽ هن 1913ع ۾ مسلم ليگ [2] ۾ شموليت اختيار ڪئي.

پاڻ 1916ع ۾ مسلم ليگ جو صدر ٿيو. هن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ لکنؤ پيڪٽ ڪرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ ناهه مطابق، مستقبل جي هندستاني قانون ساز اسيمبليءَ ۾ مسلمانن جي نمائندگي کي يقيني بنائڻ لاءِ مسلمانن کي جدا ووٽ ڪرڻ جو حق ڏنو ويو، پر ٻنهي تنظيمن ۾ اهو سهڪار گهڻو وقت نہ هلي سگهيو ۽ ڪانگريس ناهہ تان هٿ ڪڍي وئي.

ڪانگريس کان مايوس ٿي جناح پنهنجون سموريون صلاحيتون مسلم ليگ ۾ ڪم آڻڻ لڳو. هن جي اڳڀرائيءَ ۾ ليگ ترقي ڪئي ۽ انجو اثر رسوخ وڌيو.

قائد اعظم ڏاڍي مضبوطيءَ سان اصرار ڪيو تہ هندستان جي مسلم اقليت کي پنهنجي جدا رياست هئڻ گهرجي. ۽ ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ئي مسلمانن کي هندن جي بالادستيءَ کان بچائي سگهي ٿو. ان سلسلي ۾ هن سڄي هندستان جو دورو ڪري مسلم ليگ کي فعال بنايو ۽ مسلمانن کي جدا ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. آخر 23 مارچ 1940ع تي مسلم ليگ لاهور ۾ هڪ اجلاس ۾ "قرارداد پاڪستان" پاس ڪندي انگريز سرڪار کان مطالبو ڪيو تہ هندستان جي جن علائقن ۾ مسلمان اڪثريت سان آباد آهن انهن علائقن کي ملائي پاڪستان جي نالي سان هڪ جدا ملڪ قائم ڪيو وڃي. انگريز سرڪار توڙي هندو اڳواڻن شروع ۾ انهيءَ مطالبي تي غور ڪرڻ کان انڪار ڪيو، پر مسلم ليگ آئين ساز اسيمبليءَ لاءِ 1946ع ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ مسلمانن جون سڀ سيٽون کٽي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ کيس هندستان جي مسلمانن جي اڪثريت جي حمايت حاصل آهي ۽ روز بروز عوامي دٻاءُ وڌندو رهيو. جنهن ڪري انگريزن توڙي هندن اهو مطالبو مڃي ورتو ۽ آگسٽ 1947ع ۾ برطانوي ڪامن ويلٿ اندر پاڪستان جي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو ويو. 7 آگسٽ 1947ع تي جناح ڪراچي پهتو 12 آگسٽ 1947ع تي سرڪاري طور کيس "قائد اعظم" جو خطاب مليو. 14 آگسٽ 1947ع تي سندس جدوجهد رنگ لاتو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. 15 آگسٽ 1947ع تي کيس پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو.

---

(1) "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" نالي جماعت 1885ع ۾ معروف هندستانين قائم ڪئي.

(2) مسلمانن جي حقن جي بچاءَ لاءِ هندستان جي مسلمان ليڊرن 30-ڊسمبر 1906ع تي "آل انڊيا مسلم ليگ" نالي هڪ جماعت جو بنياد ڍاڪا ۾ رکيو. پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ان جماعت کي "پاڪستان مسلم ليگ" جو نالو ڏنو ويو.

نئين رياست بن علائقن تي ٻڌل هئي. هڪ اولهه پاڪستان جيڪو نندي ڪنڊ جي اتر اولهه ۾ آهي منجهس چار صوبا سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان شامل آهن. ۽ ٻيو اوڀر پاڪستان جيڪو اتر اوڀر ۾ آهي ۽ هن وقت بنگلا ديش جي نالي سان جدا ملڪ آهي. هنن ٻنهي علائقن جي وچ ۾ هڪ هزار ميل هندستاني علائقو هو.

قيام پاڪستان بعد قائد اعظم پنهنجو سک ۽ آرام قرباني رات ڏينهن محنت سان پاڪستان کي مضبوط ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. جنهن ڪري صحت خراب ٿي پيس، حالانڪه ڊاڪٽرن کيس آرام جو مشورو به ڏنو، مگر هن مرد مجاهد مسلم قوم جي فلاح ۽ بهبودي ۽ سربلندي لاءِ سر ڌڙ بازي لڳائي، نيٺ وڃي بستري داخل ٿيو. آخر 11- سيپٽمبر 1948ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪيائين. کيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. پاڪستان حڪومت مٿس شاندار مقبرو اڏرايو آهي. سندس جنازي نماز ۾ اٽڪل ڇهه لک ماڻهن شرڪت ڪئي هئي. کيس نرينه اولاد ڪونه ٿيو. صرف هڪ نياڻي هئس جنهن جو نالو دينا جناح هو ۽ ان هڪ پارسي مسٽر نيول واڊيا سان شادي ڪئي، جنهن ڪري قائد اعظم ساڻس تعلقات ختم ڪري ڇڏيا هئا.

محمد علي خان لغاري

نواب محمد علي خان لغاري 1908ع ۾ تاجپور ۾ ڄائو. پاڻ زرعي ماهر ۽ علم دوست بزرگ هو.

نواب محمد علي خان لغاري جو تعلق تاجپور جي مشهور لغاري نواب خاندان سان هو. پاڻ هڪ وڏي خاندان جي مشهور فرد ۽ جاگيردار هجڻ جي باوجود نهايت ملنسار ۽ فقيراڻي طبيعت جو مالڪ هو. پاڻ ڪچهرين جو مور هو، عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڙن ۽ علم وارن ماڻهن سان سندس دوستاڻا تعلق پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. سندس ڪتبخانو مشهور هوندو هو، جنهن ۾ مختلف ٻولين جا ڪيترائي ناياب ڪتاب گڏ ڪيا هئائين.

نواب صاحب زراعت جو وڏو ماهر هو. هن زراعت جي اصلاح ۽ هارين جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ رنگين ۽ با تصوير ماهوار زرعي رسالو "نئين کيتي" آڪٽوبر 1954ع کان حيدرآباد مان جاري ڪيو. ان رسالي جو سرپرست نواب حاجي نور احمد خان لغاري هو، ايڊيٽر پهريان نواب حاجي جان علي خان لغاري ۽ پوءِ نور محمد لغاري ۽ غلام مرتضيٰ پيٽي ٿي رهيا هن رسالي ۾ شعرو شاعري ۽ ديني معلومات سان گڏ خاص طرح سان سنڌ جي زراعت ۽ انجي فني مسئلن ۽ مشڪلاتن متعلق ماهرن کان مقالا لکايا ويندا هئا. اهو حصو ڪريم

ڏني راڄپر جهڙي زرعي ماهر جي مشوري سان تيار ڪيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ نئين ڪيتي پبليڪيشن پاران زراعت متعلق ڪافي ڪتاب پڻ شايع ڪيا ويا.

نواب محمد علي خان لغاري 9- سيپٽمبر 1975ع تي وفات ڪئي. سندس وصيت موجب ڪيس جهوڪ شريف ۾ شاه عنايت شهيد جي پاڙي ۾ دفن ڪيو ويو.

محمد علي شاهه

سيد محمد علي شاهه ولد خانبهادر سيد الهه آندو شاهه 1912ع ۾ دربيلي ضلعي نوشهرو فيروز ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي وقت جو برجستو زميندار ٿي گذريو آهي.

سيد محمد علي شاهه سيد الهه آندو شاهه جو ننڍو پٽ هو. هن پنهنجي ابتدائي تعليم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي وٽان حاصل ڪئي، بعد ۾ نوشهرو فيروز مدرسي مان هوشيار استادن جي زير نگراني وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. ڇهه درجا انگريزي عثمان علي انصاري وٽ پڙهيو.

شاهه صاحب کي قدرت واري ذهني شعور عطا ڪيو هو، پاڻ ننڍي عمر ۾ ئي سياست ۾ بهرو وٺڻ لڳو. پهرياڻين ضلعي لوڪلبورڊ نواب شاهه جو ميمبر چونڊيو ۽ سنڌ اتحاد پارٽيءَ جو به ميمبر ٿيو ۽ انجي ٽڪيٽ تي 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. سر غلام حسين جي وزارت ٽهڻ بعد پاڻ اتحاد پارٽيءَ جي ميمبرن سان مخالفت ۾ ويٺو. بعد ۾ الهه بخش سومرو جي وزارت ۾ سندس اوائلي مددگار ٿي رهيو. 1942ع ۾ ڪيس سر غلام حسين هدايت الله جي ٻي وزارت ۾ پي.ڊبليو-ڊي کاتي جو وزير مقرر ڪيو ويو. منجهس وفاداري، همت، خوش خلقي، عام ماڻهن سان لاڳاپا رکڻ ۽ سنڌن ڪم ڪار ڪرڻ جون لياقتون خوب هيون.

سيد محمد علي شاهه 8 فيبروري1948ع تي ڪراچي ويندي هڪ جيپ جي حادثي ۾ سخت زخمي ٿي پيو ۽ سول اسپتال ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو. هن وقت سندس فرزند سيد ظفر علي شاهه خانداني روايتن کي برقرار رکندو اچي.

محمد فقير کٽياڻ

محمد فقير ولد حيدر خان کٽياڻ سن 1876ع ڌاري ڳوٺ بوداڻي کٽياڻ تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ درجي جو صوفي شاعر ۽ فقير ٿي گذريو آهي.

محمد فقير کٽياڻ پنهنجي عارفانه ۽ صوفيانه طرزِ فڪر جو ڌُريڪتا هو. پاڻ محمود فقير کٽياڻ جهڙي بهترين شاعر ۽ فقير عبدالله ۽ محمد فقير مست

جي خاندان مان هو، پاڻ سنڌي کان علاوه سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربيءَ جو به ڄاڻو هو. سندس وڏا پير سائين پاڳاري جا مريد هئا، ان ڪري پاڻ به حضرت شاهه مردان شاهه ڪوٽ ڏتيءَ جو مريد ٿيو. مرشد کان فيض وٺڻ بعد سندس طبيعت پوريءَ طرح فقيري ڏانهن مائل ٿي وئي.

فقير صاحب مجازي عشق ۾ پنهنجي پيشرو محمود فقير وانگر ڪيتريون ئي چوٽون کاڌيون، انڪري سندس آواز ۾ بي پناهه اداسي ۽ ميناج پيدا ٿي پيو. پير صاحب پاڳاري طرفان مريدن کي سازن تي ڳائڻ وڄائڻ جي منع هوندي آهي، ليڪن محمد فقير کي يڪتاري تي ڳائڻ جي اجازت مليل هئي، فقير صاحب پهريان ته ڳوٺ ۾ طبابت جو ڌنڌو ڪندو هو، پر بعد ۾ رئيس غلام محمد پرڳڙي وٽ زمينن جو عام مختيار ٿي رهيو. فقير صاحب جيئن جيئن پنهنجي ڪلامن سان نروار ٿيندو رهيو، تئين تئين سندس صحبتين ۾ اضافو ٿيندو ويو. خاص طور تي ڪورائي فقير سندس خاص طالب ٿيا. ان دوران پاڻ فقير نواب ولي محمد لغاري تاج پور واري وٽ حاضر ٿي لاڳيتو ٽي سال جيڪي فقير نواب ولي محمد جا آخري ايام هئا ولس تصوف جا نڪتا حاصل ڪندو رهيو ۽ شاعرانه فصاحت، بلاغت، سخن ۽ فهم جي بلندي مان بهرور ٿيندو رهيو ۽ رچي ريٽو ٿيو. ان کان پوءِ اول ته پنهنجي ڳوٺ واري "پرڏيهي پير" جي مزار تي وڃي جوڳ ڪڍيائين پوءِ ڪيس ميانداد فقير لغاري نالي هڪ صوفي درويش جي ڪشش ڳوٺ وڳڻ ڏي ڇڪي ورتو. مياداد فقير پاڻ به تارڪ فقير هو ۽ محمد فقيرڪي پڻ دنيا ترڪ ڪرڻ جي تنبيهه ڪيائين. هاڻي ته محمد فقير نفس کي ماري عملي طور تارڪ فقير بڻجي پيو ۽ گيڙو ڪفني پاتي، متو اگهاڙو ڪري، فقراءَ جو سنگ بنائي ڇيرون ۽ جامان وجهي، ساز ۽ سرود ڪٺي پنهنجي صوفيانه ڪلامن ذريعي ياد الاهي کي پنهنجو شغل بنايو ۽ پوري سنڌ ۾ ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي سير سفر ڪندو رهيو. بس پوءِ ته راڳ فقير جي روحاني خوراڪ بڻجي ويو. ان لاءِ هن طعنن ۽ ملامتن جا بار به پنهنجي سر تي کنيا. هن سڄي سنڌ ۾ گهمي ڦري مختلف اوتارن، مڪانن، درگاهن، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رندي ڪلام پنهنجي سنگت سان گڏ ڳايو. مختلف پيرن فقيرن سان سندس رهاڻيون ٿيون. سائين طالب المولى جي والد صاحب مخدوم غلام محمد کي ته فقير سائين سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي.

محمد فقير ڪنڀرائي رندي ڪلام چيو آهي، جيڪو مختلف راڳڻين ۽ ڪافين جي صورت ۾ آهي. سندس ڪلام ۾ انسان کي سجاڳيءَ جي سڏ سان گڏ غفلت مان ڪڍي، صحيح ۽ سچي رستي تي هلڻ جي هدايت ڪيل آهي. سندس ڪلام جو مجموعو "منطوق محمدي" جي نالي سان ڇپيل آهي. جنهن

۾ 510 ڪافيون ڪلام شامل آهن، اهو ڪتاب سائين طالب المولىٰ طرفان ڇپيو. فقير صاحب جي سڄي ڪلام ۾ لفظن جو جيڪو سهڻو سٽاءُ جو شيلو انداز رکيل آهي اهو پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

محمد فقير ڪنياڻ 4- فيبروري 1941ع تي وصال ڪيو. نموني طور سندس ڪلام مان ٻه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

عاشق اصل اويسي وحدت وصال ويسي
مشهور ٿيو مهيسي "محمد" مٿي اگهاڙو.

محمد فقير مسخرو

محمد بخش المعروف "محمد مسخرو" ولد چاڪر خان ڳوٺ واريا سي تعلقي جوهي ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ مشهور مزاحيه فنڪار ٿي گذريو آهي.

محمد فقير جووالد فقيراڻي مزاج جو هو، جيڪو 1918ع ۾ پليگ جي بيماري ڪري فوت ٿي ويو. جنهن کان پوءِ محمد فقير پنهنجي ماسي پريو فقير وٽ ڳوٺ قاضي عارف تعلقي ميهڙ ۾ وڃي رهيو، جنهنجي مزاحيه طبيعت جو رنگ محمد فقير تي ٿي پيو ۽ هيءُ به چرچائي ٿي پيو. مامي جي صحبت ۽ تربيت کان علاوه مشهور چرچائي ڪوڙي فقير ڪلهوڙي جي شاگردي ۾ به رهيو.

محمد فقير مسخرو التڪل 35 سال مزاحيه فن سان وابسته رهيو، ڪيس پنهنجي فن تي پوريءَ ريت مهارت حاصل هئي ۽ هو مزاح کي مزاح ڪري سمجهندو هو ۽ ڳالهين ۾ سندس زبان مان غير سنجيده گفتگو ڪونه نڪتي ۽ سندس اها ڪوشش رهندي هئي ته سندس زبان يا فن وسيلي ڪنهنجي دل آزاري نه ٿئي. سندس گفتگو ۾ ڪانه ڪا نصيحت ضرور ملندي هئي. هو جنهن به محفل ۾ هڪ ڀيرو ويندو هو ته پوءِ ٻيهري کيس ضرور گهرايو ويندو هو. پاڻ هميشه مزاحيه فن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندو هو ۽ نئين سج نوان چرچا ڀوڳ ٺاهي مختلف محفلن ۾ ڪٽي ايندو هو انڪري کيس "چرچي جو بادشاهه" به چيو ويندو هو. سندس فن کان نه صرف ڳوٺن جي عوام خوش هوندي هئي، پر شهرن جي عوام ۽ ان دؤر جا وڏا ماڻهو به خوش هوندا هئا ۽ کيس خوشيءَ جي محفلن ۾ ضرور گهرائيندا هئا. کيس سنڌ جي گورنر شيخ دين محمد جهڙن ماڻهن به انعام سان نوازيو.

پاڻ 1954ع کان وٺي حيدرآباد ۽ ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ۽ ٽيليويزن جي مزاحيه پروگرامن ۽ لوڪ ڪچهرين ۾ خاص طور پيش ٿيندو رهيو. اهڙي طرح پاڻ سالن جا سال سنڌ جي عوام جا ڏک سور ڪچهه گهڙين لاءِ مٽائي کين کلائيندو ۽ ٽهڪ ڏياريندو رهيو. سندس اها خواهش هوندي هئي ته سندس

سامهون ڪو به ماڻهو اچي ته هو مايوس نه پر کلندو نظر اچي.

محمد فقير مسخرو شرناء وڄائڻ جو پڻ ڪاريگر هو، ان فن جي سکيا پانن واري جيئندي مگڻهار کان حاصل ڪئي هئائين. ان کان سواءِ مشهور ڳائڻي خانصاحب بيبي خان جي شاگرديءَ ۾ رهي موسيقي جي پڻ ڄاڻ حاصل ڪيائين.

سنڌ جي عوام ۾ ٽهڪ ورهائيندڙ سنڌ جو هيءُ تمام وڏو مزاحيه فنڪار 27- فيبروري 1985ع تي سنڌ جي ماڻهن کي هميشه لاءِ جدائي جو داغ ڏئي ويو.

محمد قاسم ڳڙهي ياسيني

علامه محمد قاسم ولد مولانا محمد هاشم پهرين جنوري 1888ع تي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ درجي جو علماءُ، مفتي، مدرس ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

علامه محمد قاسم ڳڙهي ياسيني قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم پنهنجي والد کان ورتي، جيڪو پڻ پنهنجي دؤر جو مشهور فقيه ۽ ناميارو مدرس ٿي گذريو آهي. پاڻ ڪجهه ڪتاب مولانا عبدالغفور "مفتون" همايوني وٽ پڙهيو. فضيلت جو دستار ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي والد صاحب جي مدرسي ۾ درس ڏيڻ لڳو.

مولانا صاحب نهايت ذڪي ۽ ذهين هو، درس ڏيڻ ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي. انڪري سندس علمي شهرت پري پري تائين پهچي وئي. سنڌ کان سواءِ بلوچستان، پنجاب، افغانستان جا طالب العلم سندس مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ايندا هئا.

مولانا صاحب نقشبندي طريقي ۾ حضرت خواجه عبدالرحمان سرهندي جو دست بيعت هئو. سندس ساري ڄمار تقويٰ ۽ پرهيزگاري تي ۽ صوم و صلوات جي پابندي ڪندي گذري.

مولانا محمد قاسم عربي فارسي ۽ سنڌي ۾ نهايت فصيح ۽ بليغ هو. عربن سان جڏهن عربي ۾ ڳالهائيندو هو ته، سندس گفتگو جي رواني ۽ فصاحت کي ڏسي خود عرب به تپرس ۾ پوندا هئا. ڳڙهي ياسين جي زميندار حاجي شمس الدين خان دراني هڪ دفعي حضرت غوث اعظم جيلاني بغدادي رحه جي سجاده نشين خانقاه، سيد عبدالرحمان جي فرزند سيد جمال الدين جيلاني کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ وٺي آيو. سندس همڪلاميءَ ۽ ڪچهريءَ لاءِ مولانا محمد قاسم کي به دعوت ڏنائين. سيد جمال الدين مولانا جي فصيح عربي ڳالهائڻ کي ٻڌي ايترو ته محظوظ ٿيو، جو حاضرين مجلس کي چيائين ته "مون قلات کان صورت تائين سڄو هندستان ڏٺو آهي، ههڙو عالم ڪٿي به نه ڏٺو اٿم."

علامہ صاحب کي قضا ۽ فتويٰ نويسي ۾ نهايت گهڻي مهارت حاصل هئي. بعض وقتن تي بلوچستان جا حڪمران فيصلن نبيرڻ لاءِ ڪيس بلوچستان گهرائيندا هئا. هن ڪجهہ ڪتاب بہ لکيا، جن مان فارسي "فتاويٰ قاسميہ" ڇپيل آهي، باقي چار ڪتاب اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهن.

مولانا صاحب "قاسم" تخلص سان شاعري بہ ڪئي آهي. سندس شعر نهايت شستہ ۽ برجستہ آهي. سندس گهڻو تڻو ڪلام فارسي ۾ آهي، ليڪن سنڌيءَ ۾ بہ ڪجهہ شعر چيا اٿس.

علامہ محمد قاسم ڳڙهي ياسيني 7- اپريل 1931ع تي وفات ڪئي. سندس مزار ڳڙهي ياسين ۾ آهي. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏسندا.

مٽ مـاهہ روئي مـدني اهل زمين جو چاهي
نيسـڻ سندس برابر نرگس چمن جو چاهي
مرسل جو معجزو ڏس آگر مان چند چيرڻ
حاذق عصاءِ موسيٰ بيضا هٿن جو چاهي.

محمد قاسم مشوري، مولانا

مولوي محمد قاسم ولد محمد عثمان مشوري سن 1898ع ۾ ڳوٺ مشوري تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ بلندپايہ عالم، فاضل، خطيب ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي.

مولانا محمد قاسم مشوري ابتدا ۾ قرآن پاڪ ناظرہ پنهنجي والدہ محترمہ وٽان پڙهيو. جنهن کان پوءِ ٻارهن سالن جي عمر ۾ عربي ۽ فارسي جا ڪتاب ابوالفيض مفتي غلام عمر جتوئي وٽان پڙهي دستار فضيلت ٻڌائين.

مولانا مشوري صاحب 22 فيبروري 1922ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ "مدرسہ قاسميہ" قائم ڪيو. هن مدرسي مان اندر وڏا وڏا عالم پيدا ڪيا آهن جن تفسير، حديث، فقہ ۽ فتويٰ وغيرہ تي وڏي دسترس حاصل ڪئي آهي. سنڌ کان سواءِ ايران، عراق، عربستان، ڪشمير ۽ پنجاب کان آيل ڪيترائي شاگرد ڪشالا ڪڍي مولانا صاحب جي نظر فيض کان مستفيض ٿيندا رهيا.

مولانا صاحب علم ۽ عقل جو پندار هو. کيس تفسير، حديث ۽ منطق جي وڏي ڄاڻ هئي. سندس اسلامي تحريرن ۽ جادو بيان تقريرن جي اثر هيٺ ڪافي ماڻهو انسانيت جي دائري ۾ داخل ٿيا. قدرت سندس قلم ۾ بي پناهہ طاقت ۽ سڄي ملڪ جو راز رکيو هو.

مولانا مشوري سيد امام الدين شاهہ راشدي قادري جي هٿ تي بيعت ڪري سندن خلافت ورتي. سندس مريد وڏي تعداد ۾ سڄي سنڌ ۾ موجود آهن.

وٽس وڏو ڪتب خانو هئو جيڪو اڄ به موجود آهي، جنهن ۾ سون جي تعداد ۾ رڳو قلمي ڪتاب موجود آهن، هن پنهنجي مصروفيتن جهڙوڪ ديني درس، شرعي فتوائون جاري ڪرڻ، مسائل، تحريرون ۽ عام فيصلن لاءِ جدا جدا ڏينهن ۽ ٽائيم مقرر ڪيا هئا.

مولانا صاحب جو خلافت تحريڪ ۽ تحريڪ پاڪستان ۾ خاص حصو رهيو. پاڻ انجمن اسلام صديقي لاڙڪاڻي جو صدر به ٿي رهيو. هن ڪجهه ڪتاب به لکيا جن مان ڪجهه تصنيفن جا نالا هن ريت آهن:

معلم الفرائض (ورثي بابت ورهاست جا شرعي مسئلا)، رحمتي رات شب برات، ارشاد العباد، هديت الابرار في ان المصطفيٰ نور الانوار، حزب البحر، فتويٰ قاسميه، تفسير قاسميه وغيره.

سنڌ جو هيءُ شيخ المشائخ تاريخ 28 مارچ 1990ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

محمد لائق زرداري

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق ولد احمد خان زرداري 23 آگسٽ 1943ع تي ڳوٺ محمد موسيٰ زرداري تعلقي ٺوري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڄائو. پاڻ موجوده دور جو سٺو محقق، تاريخدان ۽ اديب آهي.

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ابتدائي تعليم مڪراڙي ۽ ٺوري مان حاصل ڪئي، 1970ع ۾ ايم اي (سياسيات) جي ڊگري ۽ 1980ع ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو" هن وقت پاڻ گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو جو پرنسيپال آهي.

زرداري صاحب تاريخ، سياست ۽ ادب جي موضوعن تي ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪجهه ڪتاب لکي چڪو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن مان هيٺيان قابل ذڪر آهن.

"تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو" يعني سندس پي ايڇ ڊي وارو مقالو. "سنڌ جي سياسي جدوجهد" هن ڪتاب ۾1843ع کان وٺي 1936ع تائين برطانوي دور ۾ سنڌي عوام جي مختلف سياسي تحريڪن خاص ڪري خلافت تحريڪ لاءِ ڪيل جدوجهد جو ذڪر تفصيل سان ڪيو اٿس. "واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو" هن ڪتاب ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي تي1987ع ۾ سندس ڪوشش سان ڪرايل سيمينار ۾ پڙهيل مختلف عالمن جا مقالا سهيڙيا اٿس. "غدار سنڌ" هيءُ ڪتاب اردو ۾ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي ڪتاب "ڪيانائون مل غدار ٿيا" جي جواب ۾ لکيو اٿس. "مجذوب حافظ علي مراد زرداري" هيءُ ڪتاب بزرگ جي فڪر ۽ زندگيءَ جي حالات تي مشتمل آهي، ۽

"لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين" (سفرنامو).

ان کان علاوه سندس ڪافي مضمون ۽ مقالا تماهي مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هن صاحب وڏي محنت سان ضلعي نواب شاهه جي تاريخ لکي آهي جنهنجي ڇپائي جو ڪم هلندڙ آهي.

محمد مٺل ڪمالائي

محمد مٺل ڪمالائي عرف م- ع ترابي ولد عبدالله خان 12 جولاءِ 1942ع تي موري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو. پاڻ شاعر، مضمون نگار ۽ تاريخدان هو.

محمد مٺل ڪمالائي تعليم موري ۾ حاصل ڪئي. پيشي جي لحاظ کان استاد هو. لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍپڻ هوندي کان ئي هئس، راشد مورائي جي صحبت ۾ شاعري به ڪيائين ته مضمون ۽ مقالا به لکيائين، ليڪن سندس وڌيڪ لڳاءُ تاريخ ڏانهن رهيو. موري شهر جي تاريخ لکڻ جو شوق جاڳيس، ان لاءِ سالن جي محنت کان پوءِ وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان موري شهر تي هڪ تحقيقي ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" لکيائين، جيڪو مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو پاران شايع ٿيو. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي تاريخ لکڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيائين، ڪيترو ئي مواد گڏ ڪيائين، ليڪن حياتي وفا نه ڪيس.

محمد مٺل ڪمالائي جي اداره آئينهِ ادب، سنڌي ادبي سنگت، سڳا ۽ سيڪنڊري ٽيچرس ائسوسيئيشن سان گهري تنظيمي وابستگي رهي. ان کان علاوه پاڻ ڪجهه وقت روزانه هلال پاڪستان ڪراچي ۾ مترجم ٿي رهيو ۽ حيدرآباد مان ٻارڙن لاءِ هڪ رسالو "گلستان" نالي سان پڻ جاري ڪيو هئائين.

محمد مٺل ڪمالائي 7 جولاءِ 1986ع تي وفات ڪئي.

محمد معاذ حڪيم

حڪيم محمد معاذ ولد حاجي محمد عارف پيرزادو سن 1896ع ڌاري ڳوٺ قطال شاهه تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ماهر حڪيم، چوٽي جو عالم دين ۽ مخلص سياسي ڪارڪن ٿي گذريو آهي. مولوي محمد معاذ جو والد هر هاري هو. هن مسڪين جي ٻار ابتدائي ديني تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڪيس وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پير جهنڊي جي مدرسي دارالارشاد ۾ داخل ڪرايو ويو. جتي سنڌي، عربي ۽ فارسي پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. ان وقت انهيءَ مدرسي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي پڙهائيندو هو، محمد معاذ کي سندس شاگردي جو شرف حاصل رهيو، جڏهن ته حڪيم صاحب جو اصل نالو محمد پناهه هو، جنهن کي مولانا عبيدالله سنڌي مٺائي

محمد معاذ رکيو ۽ پوءِ پاڻ ان نالي سان سڏجڻ لڳو.

حکيم صاحب مولانا سنڌي جي مشوري تي طب جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لکنؤ جي طبيہ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. چئن سالن کان پوءِ ڪاليج مان سند حاصل ڪري دهلي آيو ۽ اتي هڪ سال تائين شهره آفاق حکيم اجمل خان جي طبيہ ڪاليج ۾ درس ڏيندو رهيو ۽ پوءِ اپريل 1917ع ۾ واپس سنڌ آيو. پهريان کارا در ڪراچي ۾ مطب کوليائين ۽ گڏوگڏ سياست ۾ بہ حصو وٺڻ لڳو. خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ ڪري کيس 1921ع ۾ هڪ سال جي سزا بہ لڳي ۽ سندس مطب بہ ضبط ڪيو ويو. آزاد ٿيڻ بعد وري ٽنڊوآدم ۾ مطب قائم ڪيائين، پر انگريز سرڪار اهو بہ ضبط ڪري ورتو. ان کان پوءِ نواب شاهہ ۾ اچي مطب کوليائين ۽ اتي مستقل سکونت اختيار ڪيائين.

مولوي صاحب ڪمال جو حڪيم هو. امير، غريب ۽ آفيسر وغيره يڪسان طور تي کانئس دوائون وٺي صحت ياب ٿيندا هئا. غريبن مسڪينن جو اڪثر مفت ۾ علاج ڪندو هو. سندس ايجاد ڪيل شربت ۽ جوشاندا ڏاڍا مشهور ٿيا. حڪيم صاحب جي فرزند محمد منير پنهنجي والد جي نالي کي زنده رکڻ لاءِ حڪيم صاحب جي نسخن مطابق تيار ٿيندڙ شربت کي "معاذ ٽاڏل" جو نالو ڏئي متعارف ڪرايو. اهو شربت اڄ بہ رڳو پوري پاڪستان ۾ پر عرب امارات ۽ دنيا جي ڪن ٻين حصن ۾ پڻ مقبول آهي.

حڪيم صاحب سياست ۾ بہ ڀرپور حصو ورتو. جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو تہ هن تحريڪ خلافت ۾ سرجوشيءَ سان حصو ورتو.ان کان سواءِ سنڌ جي جدائي واري تحريڪ ۾ بہ شامل رهيو. سندس تعلقات ڪانگريس سان پڻ رهيا. 1939ع ۾ نواب شاهہ شهر کي ميونسپالٽي ملي تہ هو ان جو لاڳيتو پنج ڀيرا ميمبر ٿي رهيو. پنڊت جواهر لعل نهرو جڏهن نواب شاهہ آيو هو تہ، حڪيم صاحب ميونسپالٽيءَ جي طرفان سپاسنامو پيش ڪيو هو. پاڻ ڪانگريس نواب شاهہ جو صدر بہ رهي چڪو هو، انگريزن جي دور ۾ هارين جي حق لاءِ آواز اٿارڻ وارو پهريون شخص حڪيم محمد معاذ هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پاڻ متحده محاذ، نيشنل عوامي پارٽي ۽ هاري پارٽيءَ سان ساٿ ڏيندو رهيو. سن 1911ع ۾ ان وقت جي حڪومت کيس "سيفٽي ائڪٽ" هيٺ جيل اماڻيو. جيل کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پاڻ هميشہ لاءِ سياست کان ڪناره ڪش رهيو ۽ شهر جي سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندو رهيو.

حڪيم صاحب وڏو يتيم پرور هو. غريب ۽ يتيم ٻارن کي پاڻ وٽ رهائي پڙهائيندو هو ۽ انهن جي کاڌي، ڪپڙي لٽي جا سڀ خرچ پاڻ ڀريندو هو.

نواب شاهہ ۾ "مدرسہ تفهيم القرآن" لاءِ سندس خدمتون ناقابل فراموش آهن، جيڪو اڄ بہ قائم آهي.

مولوي حڪيم محمد معاذ 15 مئي1970ع تي وفات ڪئي.

محمد ملوڪ انڙ

محمد ملوڪ ولد فتح محمد انڙ 23 آگسٽ 1946ع تي ڳوٺ راهب شاهہ تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهہ ۾ ڄائو. پاڻ مثالي سماجي ورڪر ۽ ادبي ذوق رکندڙ شخصيت آهي.

محمد ملوڪ انڙ ڳوٺ جي اسڪول مان 1960ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪئي، جنهن ڪان پوءِ اباڻي زمين سنڀالڻ ۽ عام ڀلائي جي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ سماجي تنظيم "مخدوم بلاول شهيد ويلفيئر ائسوسيئيشن" قائم ڪئي آهي، جنهن جو پاڻ چيئرمن آهي. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان انڙ صاحب ڪيترائي ڀلائي جا ڪم ڪيا آهن جهڙوڪ ورلڊ بئنڪ جي تعاون سان ڊرينيج اسڪيمون منظور ڪرائڻ، زمين ۾ ٽيوب ويل لڳرائڻ، غريبن کي پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ نلڪا ونرائي ڏيڻ، بلاول فائونڊيشن نواب شاهہ جي تعاون سان ڳوٺن ۾ ليٽرينس ٺهرائڻ وغيره.

هن پنهنجي ڳوٺ ۾ 1960ع کان هڪ لائبريري قائم ڪئي آهي جنهن ۾ مختلف موضوعن تي هزارين ڪتاب گڏ ڪري چڪو آهي. سندس هيءَ لائبريري باذوق عالمن ۽ تحقيق ڪندڙن لاءِ رهبر جي حيثيت رکي ٿي. ضلعي نواب شاهہ جا ڪيترائي طالب علم هن لائبريري مان استفادو ڪندا رهن ٿا.

ادبي حوالي سان سياسي، سماجي، اصلاحي، طبي، اسلامي ۽ تاريخي عنوانن تي انڙ صاحب جا لکيل اٽڪل سٺ کن مضمون ۽ ڪالم مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪا آهن، پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ قاضي احمد ۽ پاڪستان سوشل ائسوسيئيشن جو ميمبر آهي. سماجي خدمتن جي حوالي سان کيس پاڪستان ليول تي شهرت حاصل آهي ۽ سماجي خدمتن عيوض کيس ڪيترائي ايوارڊ، انعام ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره بہ ملي چڪا آهن. جن ۾ گولڊن جوبلي پاڪستان جي موقعي تي آل پاڪستان سوشل ورڪرز ڪانفرنس 1997ع ۾ "ستاره سماج" گولڊ ميڊل، ڪل پاڪستان سوشل ويلفيئر ائسوسيئيسن ڪانفرنس ڪوٽ ادو 1999ع ۾ "قائداعظم" ايوارڊ، آل پاڪستان سوشل ورڪرز ڪانفرنس راولپنڊي 1999ع ۾ "ستاره سماج" ايوارڊ ۽ پاڪستان ڪميشن براءِ انساني حقوق جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي شڪيل پناڻ يادگار سرٽيفڪيٽ شامل آهي.

محمد ملوڪ عباسي

محمد ملوڪ ولد محمد صالح عباسي 13 ڊسمبر 1944ع تي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ موهن جو دڙو لڳ ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو ناميارو سگهڙ ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

محمد ملوڪ عباسي پرائمري تائين تعليم حاصل ڪئي. غريبي حال سبب وڌيڪ پڙهي نه سگهيو ۽ اباڻي ڪرت هاريءَ سان لڳي ويو.

محمد ملوڪ عباسي سنڌي لوڪ ادب جو وڏو پارکو هو. پاڻ لوڪ ادب جي صنفن ڳجهارت، ڏور، ڏٺ، گرڇيلو، سينگار ڪان علاوه ڪافي، غزل، مولود، رباعي، حمد، نعت وغيره جو تمام سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ توحيد، رسالت ۽ پرور جي پيارن جي واکاڻ سان گڏ ڌرتي ۽ ڌرتي جي مسڪينن ماروئڙن کي به ساراهيو آهي. خدا ڪيس وڏي ڏات بخشي هئي. هن سنڌ ۾ رهندڙ ذاتين بابت نمبروار "الف" کان وٺي "ي" تائين ڄاڻ حاصل ڪري شعر جوڙيا. هن سنڌ جي سيني ماڳن، پکين ۽ جانورن کي به پنهنجي شاعري ۾ ڳايو آهي. سنڌ جي پهلوانن ملهن ۽ سگهڙن کي پڻ نالي سان لکيائين. هن تقريباً هڪ هزار کن ڪلام لکيا. ڪلامن سان گڏ محبوب جا وصف شعرن ۾ بيان ڪيا اٿس. پاڻ مزاحيه شاعري جو پڻ استاد هو. تخلص "ملوڪ" استعمال ڪندو هو. هن ڇهه ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ موتي مور ملوڪ جا، موتين مٺ ملوڪ جي، موتين مالها ملوڪ جي، موتي ماڻڪ ملوڪ جا ۽ ٻه ڪتاب ڏٺ، پرولي ۽ ڏور جا آهن.

محمد ملوڪ عباسي سنڌ ۾ سگهڙ جي فن کي عام فهم ۽ مقبول بنائڻ لاءِ 1972ع ۾ "سگهڙ سنگت" نالي تنظيم جو بنياد رکيو. ان کان سواءِ سگهڙن کي اشاعتي ۽ نشرياتي ادارن ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ به هن گهڻو جاکوڙيو. ڪيس ڊاڪٽر بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جهڙن ڏاهن جي سرپرستي حاصل هئي. ڪيس مجتنا طور 29 ڊسمبر 1991ع تي "بيڙو فقير گولڊ ميڊل" ۽ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ طرفان ايوارڊ مليو.

محمد ملوڪ عباسي 3 جون 1998ع تي جناح اسپتال ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪيو. هن جي مزار سندس آباڻي ڳوٺ ۾ آهي، سندس بيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

شڪارين شڪار تي تنر ڪالهه تڙيا
وانجهن ويهي وات تي وڏا گهت گهڙيا
ڪٽي ڪان ڪونجن سين اچي لب لڙيا
ڏنائون باهه ٻيڏي کي سايون سنگ سڙيا

محمد هارون "دلگير"، حافظ

حافظ محمد هارون "دلگير" ولد حافظ محمد يوسف سنڌ جي مردم خيز سر زمين ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اعليٰ پائي جو خطاط هو.

حافظ محمد هارون "دلگير" جو والد پنهنجي وقت جو علامه هو. حافظ صاحب وٽس سنڌي، فارسي ۽ فقه جي تعليم ورتي ۽ قرآن شريف پڻ ياد ڪيو. ڇهن سالن تائين علامه اسدالله شاهه "فدا" وٽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ پنهنجي اباڻي مدرسي ۾ درس وتدريس جو سلسلو جاري رکيائين.

دلگير صاحب فن خطاطي جو ماهر هو. ڪيترائي ليٿو پريس وارا کانئس پنهنجا ڪتاب وغيره لکائيندا هئا. گهڻا ماٺهو ناياب قلمي ڪتاب کانئس لکائيندا هئا. ان وقت ٽکڙ مان نڪرندڙ رسالن "بهار اخلاق" ۽ "الاصلاح" جا اڪثر حافظ صاحب جائي آهن. علامه اسدالله شاهه "فدا" جي لکيل ڪتابن جا قلمي نسخا به حافظ صاحب ئي لکيا. متعلوي ساداتن جي پراڻي شجري کي اتاري نئون ڪيو ويو، سو به سندس ئي هٿ جو ڪرشمو هو. جنهن جي عيوض کيس ڪجهه مڻ اناج ۽ ڪجهه روڪ رقم ملي هئي.

حافظ صاحب کي فارسي ۾ نظم توڙي نثر لکڻ ۾ ايتري قوت حاصل هئي، جنهن تي وقت جا نامور اهل قلم حيرت ۽ رشڪ کائيندا هئا. فارسيءَ جي طرز ۾ نهايت تيزيءَ سان مضمون لکي ويندو هو. سليس فارسي لکڻ ۾ سندس طرز تحرير بي‌مثال آهي. شاعري ته سندس گهر جو ورثو هو. هن فارسيءَ سان گڏ ڪجهه سنڌيءَ ۾ پڻ شعر چيا آهن، ليڪن انهن ۾ به فارسي لفظن جي پرسار نظر اچي ٿي. جو ان وقت فارسيءَ جو گهڻو رواج هوندو هو. پاڻ ڪڏهن "هارون" ڪڏهن "دلگير" ته ڪڏهن "حافظ" تخلص ڪم آڻيندو هو. سندس ڪليات 1968ع ۾ شايع ٿيو جيڪو ڊاڪٽر "بيخود" حسيني جو ترتيب ڏنل آهي.

حافظ محمد هارون "دلگير" 25 جون 1934ع تي وفات ڪئي. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

لڳاءِ وصل جو الله يا نبي مرهم
آءُ هجر تنهنجي ۾ مدت کان دلفگار آهيان
خدا جي واسطي محشر ۾ ڪج ڪا منهنجي مدد
گناهگار سراپا سياهڪار آهيان.

محمد هاشم گزدر

حاجي محمد هاشم گزدر ولد فيض محمد پهرين فيبروري 1895ع تي جيسلمير ۾ ڄائو. پاڻ ماهر انجنيئر سماجي ورڪر ۽ تحريڪ پاڪستان جو ممتاز رهنماءُ ٿي گذريو آهي.

محمد هاشم گزدر جا وڏا انگريزن جي دور ۾ راجپوتانا کان لڏي اچي سنڌ ۾ وسيا. جتي هن1903ع ۾ ڪراچي جي مشهور تعليمي درسگاهه سنڌ مدرسته الاسلام ۾ داخلا ورتي 1910ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري1912ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان انٽر پاس ڪري، پونا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهڻ ويو جتان سول برانچ ۾ بي - اي ڪيائين. تعليم مڪمل ڪري هو انڊيا جي انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرس جو ميمبر بڻيو ۽ پهريان بهاولپور رياست جي چولستان صحرا جي سروي کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. ان کان پوءِ حيدرآباد دکن ۾ عثمان ساگر ۽ حمايت ساگر جي نون پروجيڪٽن ۾ وڃي نوڪري ڪيائين. مزدور ڪلاس لاءِ گهرن ٺهرائڻ واري اسڪيم ۽ بينڪ اسڪيم کي ڪاميابيءَ سان پورو ڪري سنڌ انجنيئري کاتي ۾ به نوڪري ڪيائين. 1929ع کان 1933ع تائين ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچي جو انجنيئر ٿي رهيو، جنهن کان پوءِ پاڻ سياسي ميدان ۾ داخل ٿيو.

محمد هاشم 1934ع ۾ ضمني چونڊ ۾ حاجي مير محمد بلوچ جي جاءِ تي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي چونڊجي ويو، جتي سنڌ جدا ٿيڻ تائين ميمبر ٿي رهيو. سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ وري ميمبر چونڊجي ويو. ساڳئي وقت ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو به ميمبر ٿي رهيو. هن تحريڪ پاڪستان ۾ ڀرپور حصو ورتو، پاڻ قائداعظم جو نهايت قابل اعتماد ساٿي هو. آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس بمقام دهلي ۾ صوبي سنڌ جي نمائندي جي حيثيت سان قرارداد پاڪستان جي موضوع تي يادگار تقرير ڪيائين. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ پهرين دستور ساز اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر مقرر ٿيو ۽ اسيمبليءَ جي اسپيڪر مولوي تميزالدين سان گڏ آئين سازي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. قائداعظم جي ذاتي هدايت تي صوبي سرحد جي ريفرنڊم ۾ سردار عبدالرب نشتر سان گڏ نمايان خدمتون سرانجام ڏنائين. 1955ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. مارشل لا لڳڻ کان پوءِ ڪيس جيل اماڻيو ويو. 1961ع ۾ صدر صاحب سندس سزا معاف ڪئي ۽ آزاد ٿيو ۽ پوءِ سياست کان گوشه نشيني اختيار ڪيائين.

گزدر صاحب مختلف ڪميٽين جو سرگرم ميمبر ۽ ڪراچي ڪارپوريشن فناس ڪميٽي جو چيئرمين ٿي رهيو. 1958ع تائين سنڌ مدرسي جو ميمبر ۽

پوءِ صدر به ٿي رهيو. 1934ع کان 1958ع تائين ڪراچي حج ڪميٽيءَ جو چيئرمين ٿي رهيو، نارٿ ويسٽرن ريلوي جي صلاحڪار ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ جو ٽرسٽي ٿي ڪم ڪيائين.

حاجي محمد هاشم گزدر10 فيبروري1968ع تي وفات ڪئي.

محمد هاشم "مخلص"

محمد هاشم "مخلص" ولد حافظ حامد ميمڻ سن 1860ع ۾ ٽکڙ ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ بي باڪ صحافي، بلند پايه شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

محمد هاشم "مخلص" پنهنجي ڳوٺ ۾ حافظ محمد يوسف وٽ سنڌي، فارسي ۽ قرآن شريف پڙهيو ۽ پوءِ پڙهڻ ڇڏي پنهنجي والد سان دڪان جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لڳو، جنهنجو ٽکڙ ۾ ڪپڙي جو دڪان هو ۽ پاڻ اڻويهين صدي جو معروف شاعر به هو.

"مخلص" کي ننڍپڻ کان ئي صحافت سان لڳاءُ هو، ان وقت جي اخبارن "آفتاب سنڌ"، "خيرخواهه" ۽ "الحق" ۾ مضمون لکندو هو. "خيرخواهه" اخبار جو ته ڪجهه وقت ايڊيٽر به ٿي رهيو. 1904ع ۾ حاجي اسدالله شاهه ٽکڙ واري جي مدد سان هڪ ماهوار رسالو "تحفه احباب" جاري ڪيائين. ان رسالي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ خلاف بدناموسيءَ جو ڪو مضمون لکيو، جنهن مٿس ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو، ان ڪيس ۾ ڪيس سزا اچڻ جو امڪان هو، جنهن ڪري هو سنڌ مان روپوش ٿي جوڌپور رياست ۾ وڃي رهڻ لڳو، جتي به سال رهيو. اتي پاڻ کي حڪيم ناصر علي جي نالي سان سڏائيندو هو. ان کان پوءِ هو پيرگڙين جي ڳوٺ ديهگاڻ ۾ رهڻ لڳو. نيٺ 1913ع ۾ رئيس غلام محمد خان پيرگڙيءَ جي ڪوشش سان سنڌس ڪيس ختم ٿي ويو.

غلام محمد خان پيرگڙي فيبروري 1910ع کان حيدرآباد مان ماهوار رسالو "جعفرز ٽلي" جاري ڪيو ته، ان جو ايڊيٽر "مخلص" کي مقرر ڪيو. روپوشيءَ وارن ڏينهن ۾ "مخلص" مرحوم هي رسالو پنهنجي ڀائٽي ۽ نياڻي ماستر عبدالرحيم "شائق" جي نالي سان ڪڍندو هو. اڳتي هلي "مخلص" صاحب رئيس غلام محمد خان پيرگڙي جي اخبار "الامين" جو پڻ ايڊيٽر مقرر ٿيو، ليڪن بعد ۾ ايڊيٽري ڇڏي پنهنجو هڪ ماهوار رسالو "ڪچڪول" حيدرآباد مان 1919ع ۾ جاري ڪيو، جنهن کي سنڌس لکيل ظرافت ۽ علمي مضمونن ڪري ڏاڍي شهرت ملي. ان کان پوءِ ميرپور خاص زميندار ايسوسيئيشن طرفان 6- جون 1924ع کان "مسلمان" اخبار جاري ٿي ته ڪيس انجو ايڊيٽر

مقرر ڪيو ويو، جنهن ۾ هن پنهنجي قلم جي آخري زور آزمائي ڪئي ۽ 1931ع ۾ ان اخبار جي ايڊيٽري پنهنجي ڀائٽي محمد خان "غني" جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

"مخلص" صاحب جهڙو نثر ۾ قابل هو، اهڙو شعر ۾ ماهر هو. سندس قلم طنز، هجو، ظرافت، منظر نگاري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس قلم تلوار جيئن تکو هوندو هو. جي جوش اچي ويندو هئس ته، ڪنهن تان ڪين ٽرندو هو، ان ڪري سنڌ جا ڪيترائي زميندار، پير، مير ۽ اخبارن وارا سندس قلم جي نوڪ جا زخمي پئي ٿيا. شاعري ۾ "مخلص" تخلص ۽ غلام محمد "گدا" استاد هئس. سندس شاعري ۾ پڻ طنز، مزاح ۽ هجو غالب آهي. ڪيس سنڌ ۾ "هجويه شاعري جو امام" چيو ويندو آهي. هن معاشري جي ناسور تي به ڪلام چيو ۽ سياسي مسئلن تي به شعر لکيا. خلافت تحريڪ وقت ترڪن جي فائدي جي شعرن ۽ سنڌ جي بمبئي کان جدائيءَ جي تحريڪ وقت سندس چيل شعرن چڱي شهرت حاصل ڪئي. هن غزل ۾ پڻ نوان تجربا ڪيا.

محمد هاشم "مخلص" 2- فيبروري 1936ع تي ميرپور خاص ۾ وفات ڪئي. کيس ٽکڙ جي ميران شاهه واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

چا ساڻ ڏيان يار جي دندان کي تشبيهه
ڪنهن جاءِ تي اهڙو ڪو گوهر نه ملي ٿو.

محمد يعقوب، سردار

سردار محمد يعقوب ولد شيخ محمد اسماعيل 14- اپريل 1858ع تي ڄائو. پاڻ ناز هاءِ اسڪول خيرپور جو باني، سنڌ جو غريب پرور آفيسر ۽ رياست خيرپور جو نامور وزير هو.

سردار محمد يعقوب جو والد بني اسرائيل قوم مان هو، پوءِ پاڻ مسلمان ٿيو ۽ دهلي جي مغليه خاندان مان شادي ڪيائين. جنهن مان کيس چار فرزند ٿيا. محمد يعقوب سڀني کان وڏو هو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي هوشيار ۽ ذهين هو. 1873ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان سٺن نمبرن سان پاس ڪري سنڌ جي سڀني شاگردن ۾ پهريون نمبر آيو. 1876ع ۾ سرڪاري نوڪري اختيار ڪيائين ۽ ڪلارڪيءَ کان وڌندو مختيارڪار ۽ پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي پهتو. پاڻ نهايت ايماندار، بااصول ۽ غريبن جو يار آفيسر هو. سندس فرض شناسي ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ ڪري حڪومت کيس 1897ع ۾ "سردار" جو لقب عطا ڪيو ۽ 1903ع ۾ خانبهادر قادر خان جي وفات کان پوءِ کيس خيرپور رياست جو وزير مقرر ڪيو.

سردار محمد يعقوب جي شخصيت سنڌ وارن لاءِ بابرڪت ۽ نوجوانن لاءِ مشعل راهه هئي. هن جي تعليمي ڪوششن سان ڪيترائي نوجوان سڌري سنوار جي قوم ۽ ملڪ لاءِ ڪارائتا فرد بنيا. هن صاحب رياست جي وزير جي حيثيت سان ڪافي سڌارا آندا. هن خيرپور ۾ هڪ انگريزي اسڪول قائم ڪيو، جنهن کي بعد ۾ "ناز هاءِ اسڪول" جو نالو ڏنو ويو ۽ اڄ به هن اسڪول مان هر سال ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿين ٿا.

ان کان سواءِ سردار صاحب بورڊنگ هائوس قائم ڪيو. ميرواهه جي پل وارو رستو ۽ خيرپور جو مشهور "فيض محل" نهرايائين. هن مسلمانن ۾ انگريزي تعليم وٺڻ جي نئين سجاڳي آندي. پنهنجي طرفان غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏنيون ۽ مفت ڪتاب خريد ڪري ڏنا. سندس ڪوششن سان ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۽ ديني مدرسن کي مالي فائدا پهتا. سن 1904ع ۾ پاڻ بمبئي قانون ساز ڪائونسل ۾ ميمبر مقرر ٿيو. هن هارين ۽ زميندارن جي سڌاري لاءِ به تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون.

سردار محمد يعقوب 24- جنوري 1907ع تي دل جي حرڪت بند ٿيڻ سبب خيرپور ۾ وفات ڪئي. سندس جسد خاڪي حيدرآباد آڻي دفن ڪيو ويو.

محمد يعقوب "نياز"

محمد يعقوب "نياز" ولد محمد اسماعيل ميمڻ 7- آگسٽ 1904ع تي ٽنڊي جام ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو صلاحيتمند ۽ پر خلوص خدمتگار هو.

محمد يعقوب "نياز" 1919ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري ماستري جي نوڪري ڪرڻ لڳو، جتان 1960ع ۾ رٽائر ٿيو. هن نوڪري جي ابتدائي زماني ۾ ٽنڊي قيصر ۾ مولوي عبدالرسول نظاماڻيءَ کان عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم به حاصل ڪئي هئي.

محمد يعقوب "نياز" رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي نگراني ۾ لوڪ ادب، خليفي نبي بخش جي رسالي ۽ ميين شاهه عنايت جي رسالي تي به ڪم ڪيو. شاعريءَ سان خاص شغف رهيس. هن ڪجهه ترجمن کان سواءِ ڪهاڻيون ۽ هڪ ننڍو ناولٽ به لکيو. اهو سمورو مواد اڻ ڇپيل صورت ۾ سندس اولاد وٽ موجود آهي. سندس وڏو فرزند سراج ميمڻ سنڌ جو مڃيل اديب، عالم ۽ صحافي آهي ۽ سندس نياڻي سائڻ فهميده حسين سنڌي ادب جي برک ليکڪا آهي. هنن ٻنهي جو احوال پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اچي چڪو آهي.

محمد يعقوب "نياز" 11- ڊسمبر 1984ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي.

محمد يوسف (راڳي)

محمد يوسف ولد لؤنگ فقير مگڻهار 14- فيبروري 1940ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو راڳي ٿي گذريو آهي.

محمد يوسف جو خاندان موسيقيءَ جي دنيا ۾ تمام گهڻو مشهور هو. سندس چاچو زوار بسنت فقير شرناءِ جو وڏو ماهر هو، جيڪو ڪلاسيڪل ۽ لوڪ راڳن تي خوبصورت انداز سان سنگت ڪندو هو. سندس والد لؤنگ فقير پکواز جو اعليٰ وڄتو هو ۽ نغارو پڻ مهارت سان وڄائي سگهندو هو.

محمد يوسف اسڪولي تعليم مئٽرڪ تائين حاصل ڪئي، جيئن ته هن سر ۽ تال جي ماحول ۾ اک کولي، انڪري ننڍپڻ کان ئي سندس طبيعت جو لاڙو موسيقي طرف رهيو. هن کي راڳ جي ڌنن ۽ سرن کي ياد رکڻ جي خداداد صلاحيت هوندي هئي. پاڻ ننڍپڻ ۾ ئي اسڪول کان پڄي وڃي اوتارن ۽ درگاهن ۾ فقيرن جي صحبت ۾ رهندو هو. هن جي سچي جستجو ڪلاسيڪل راڳ کي سکڻ لاءِ هوندي هئي، جنهن کيس استاد ٻيبي خان جي ڪلب ۾ وڃي پهچايو، جتي هن پورا چار سال استاد اميد علي خان جي خدمت ۾ گذاريا. جنهن کان پوءِ هن وڃي استاد منظور علي خان جي باقاعدي شاگردي اختيار ڪئي. استاد وٽ هن موسيقي جي ڪرج، ڪومل ۽ تيور جو اڀياس ڪيو. اهڙي طرح پاڻ راڳ جي ڏکين پيچرن مان گذرندو رهيو.

استاد منظور علي خان، يوسف کي پنهنجي اولاد وانگر پيائيندو هو ۽ کيس يوسف تي سدائين فخر رهيو. يوسف به موت ۾ استاد کي پنهنجي پيءُ برابر عزت ڏيندو هو.

محمد يوسف پنهنجي فن جو بادشاهه هو، کيس ڪلاسيڪل ۽ لوڪ موسيقيءَ جي سٺي ڄاڻ هئي، سندس آواز به بهترين ۽ ڪليل هو. گڏو گڏ موسيقي جي سر ۽ تال تي کيس دسترس حاصل هئي. هن وٽ پنهنجي فن ۾ هڪ سٺي استاد جيتري گهرائي ۽ ڄاڻ هئي. هر آواز جو جادوگر هو، سر ۽ آواز جي لاهين چاڙهين تي پورو پورو عبور رکندو هو. خاص ڪري ڪومل ۽ تيور سرن کي ته هو پنهنجي ڄڻ حڪم ۾ رکندو هو. هن جيڪو مقام حاصل ڪيو ان لاءِ هن تمام وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪئي.

سنڌي موسيقي جي راڻي محمد يوسف پهريون ڀيرو پنهنجي فن جو مظاهرو 1955ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ۾ منعقد ٿيل هڪ محفل ۾ پنهنجي استاد ٻيبي خان سان گڏ ڪيو. هن محفل ۾ يوسف پهريون ڀيرو اڪيلي سر مهدي شاهه جي ڪافي ڳائي حاضرين کي جهومائي ڇڏيو هو. ان

کان پوءِ هو شاهہ لطيف جي ميلي تي ۽ ٻين محفلن ۾ ڳائيندو رهيو. هن 15 سالن جي ڄمار ۾ ئي ريڊيو پاڪستان تان پنهنجي آواز جو جادو ڦهلائڻ شروع ڪيو. هن سنڌي فلمن لاءِ گانا بہ ڳايا، ڏيهہ پرڏيهہ جي اسٽيجن کي رونق بخشي. اٽڪل چاليهہ سال موسيقيءَ جي ميدان ۾ راڄ ڪندو رهيو. اهڙي ريت محمد يوسف

محمد يوسف کي مڃتاطور ڪافي اعزاز ۽ ايوارڊ بہ مليا، جڏهن ڳائڻ کي هر سال شاهہ لطيف ايوارڊ ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ، سڀ کان پهريان محمد يوسف کي پهريون "شاهہ لطيف ايوارڊ" 31- مارچ 1980ع تي حيدرآباد جي اوپن ايئر ٿيئيٽر ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ سنڌ جي وقتي گورنر ايس- ايم- عباسي جي هٿان ڏنو ويو. سال 1982ع ۾ سچل سرمست جي 160 عرس جي موقعي تي کيس گولڊ ميڊل پارايو ويو، ٻہ پيرا کيس صدارتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" ڏنو ويو.

محمد يوسف سنڌي کان علاوه سرائڪي، اردو، پنجابي، بلوچي، پشتو، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ بہ ڳايو. هن کي مختلف ٻولين جي ادائگيءَ جي وسيع پيماني تي خداداد صلاحيت هوندي هئي، جن کي هو ڳائي پنهنجي ٻڌندڙن جي من ۾ اڻ ميون خوشيون ۽ اميدون پيري ڇڏيندو هو.

محمد يوسف پنهنجي 57هين سالگرهہ واري ڏينهن يعني 14- فيبروري 1997ع تي سرسنگيت کان هميشہ لاءِ منهن موڙي دارالبقا ڏانهن روانو ٿي ويو.

محمود "خادم"

حاجي محمود "خادم" ولد محمد بچل ٽنيو 4- جنوري 1895ع تي ڳوٺ ٻني تعلقي ميرو خان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ بهترين اديب ۽ قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

حاجي محمود "خادم" ابتدائي تعليم علامہ دين محمد جي مدرسي مان ورتي، ان کان پوءِ لاڙڪاڻي مدرسي اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ حج ڪرڻ لاءِ عربستان هليو ويو، حج کان واپس اچي روزگار جي ڳولا ڪرڻ لڳو، آخر تپيداري جي ٽريننگ ڪري تپيدار ٿيو. ڪافي وقت اها نوڪري ڪندو رهيو، بعد ۾ بئراج کاتي ۾ سرويئر ٿيو، جتان 1950ع ۾ رٽائر ڪيائين.

ويهين صدي دوران سنڌي ادب جي گلستان ۾ جيڪي سهڻا گل ٽڙيا، انهن ۾ حاجي محمود "خادم" جو نالو پڻ نمايان حيثيت رکي ٿو. کيس ننڍي هوندي کان ئي شاعري سان شوق هوندو هو، وينتر جو لاڙڪاڻي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين تہ، اتي کيس سٺو ادبي ماحول مليو. شاعري ۾ اصلاح ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي کان وٺندو هو. هن شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي

ڪئي، پر غزل، ڪافي ۽ بيت سندس پسنديده صنفون رهيون. سندس ڪلام ۾ قديم ۽ جديد خيالن جي بهار لڳي پئي آهي، سندس ڪلام بوءِ گل، نالءِ دل جو هڪ نمونو آهي. پاڻ فارسي زبان جو به ڄاڻو هو، ڪيترن ئي فارسي شاعرن جا هزارين بيت ڪيس برزباني ياد هوندا هئا. پاڻ علم عروض جو استاد شاعر سمجهيو ويندو هو. هن علم عروض سمجهائڻ لاءِ هڪ ڪتاب "رياض البلاغت" لکيو، جيڪو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

حاجي محمود "خادم" ميان علي محمد قادري ۽ ٻين دوستن سان گڏجي سال 1915ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ "بزم مشاعره" جو بنياد وڌو. سندس ڪوششن سان عروضي شاعري کي خاص طور غزل کي سنڌ اندر وڏي مقبوليت حاصل ٿي. 1921ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ جيڪا پهرين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي، ان ۾ "خادم" صاحب جون پڻ ڪوششون شامل هيون. پاڻ سنڌ جي ڪيترن ئي نالي وارن شاعرن جو استاد هو. سندس شاعري ۽ لکڻيون ان وقت جي سڀني اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون. هن 1941ع کان 1952ع تائين لاڙڪاڻي مان هڪ رسالو "اديب" پڻ جاري ڪيو.

سندس ادبي خدمتن عيوض 26- مارچ 1948ع تي "نائين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ميهڙ جي موقعي تي ڪيس "مخدوم الشعراءَ" جو لقب ڏنو ويو.

حاجي صاحب سنڌي ادب جي انجمن سازي ۽ بزم آرائي ذريعي تمام گهڻي خدمت ڪئي. "جميعت الشعراءَ سنڌ" ۽ "سنڌ سڌارڪ سوسائٽي" جي برپا ڪرڻ ۾ سندس خدمتن کي وڏو دخل آهي. پاڻ ڪيترن ئي علمي، ادبي، بزمن ۽ تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو، مشاعرن جو مور هو، مشاعرن ۾ ننڍن شاعرن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪندو هو. سندس دؤر عروضي شاعريءَ جو هڪ درخشان دؤر هو.

محمود "خادم" هڪ سٺو نثر نويس پڻ هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان، اخلاقي خون- ستاره سنڌ- تحفہ لاڙڪاڻو- شمشيرالاسلام عرف خنجر هلال (ترجمو)- رياض البلاغت- ظهور مهدي- سفر نامہ حج- يادگار دوستان- محمود اللغات- ڪانگريسي راڄ- سرگذشت خادم- صحافيات- ۽، شعر جو مڪمل ديوان وغيره قابل ذڪر آهن. ان کان علاوه اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس مقالا ۽ تبصرا ڇپيل آهن، جيڪي سنڌي ادب جو املهه سرمايو آهي.

هيءُ بلند پايہ سنڌي شاعر ۽ اديب ساري عمر علم جي خدمت ڪندي تاريخ 9- جنوري 1960ع تي گذاري ويو، لاڙڪاڻي ۾ مدفون آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏسڻ فرمائيندا.

ڪري وينو جو توسان همسري تڏهن زماني ۾
ٿيو آ شرم کان ڏس داغ ڪارو ماه تابان ۾.

محمود صديقي

محمود ولد مولوي احمد صديقي 17- فيبروري 1945ع تي سکر ۾ ڄائو. پاڻ ٽيليويزن ڊرامن جو ناميارو فنڪار ٿي گذريو آهي. سندس والد مختيار ڪار هو.

محمود صديقي مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر مان ۽ انٽر جو امتحان گورنمينٽ اسلاميه ڪاليج سکر مان پاس ڪيو. هن ڪاليج واري زماني ۾ سياست ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پاڻ سکر ۾ "سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن" (سپاف) اڙٻنگ ڪارڪن هو هن ڪيترن ئي شاگردن کي سپاف جي دائري ۾ آندو ۽ تنظيم کي سگهه بخشي، جنهن بعد سپاف لاءِ اهو نعرو "سپاف جا ٽولا بم ۽ گولا" مشهور ٿيو. جنرل يحيٰ خان جي دؤر ۾ کيس سکر جي هڪ فوجي ڪورٽ ڇهه مهينا سزا ڏني ۽ سينٽرل جيل سکر ۾ قيد رهيو.

محمود صديقي تعليم مڪمل ڪرڻ کان بعد وڪيل بڻيو ۽ شيخ اياز جو اسسٽنٽ ٿي رهيو، ان دوران کيس پاپوليشن کاتي ۾ نوڪري ملي. بعد ۾ ممتاز ڀٽو جي وزيراعليٰ واري دؤر ۾ کيس نيشنل شپنگ ڪارپوريشن ۾ نوڪري ملي، پر وقت جي ڦيري سان گڏ ڪانئس اها نوڪري به ڦرجي وئي. جنهن کان پوءِ پاڻ ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي اناؤنسر طور ڪم ڪرڻ لڳو ۽ گڏو گڏ "هلال پاڪستان" اخبار ۾ سب ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪندو رهيو.

محمود صديقي ٽيليويزن جي سنڌي ڊرامن جي باني ڪارن مان هو. پاڻ انهن فنڪارن ۾ شامل آهي، جن جي محنت ۽ سهڻي اداڪاري سبب سنڌي ۾ پيش ٿيل ڊراما اردو ۾ ٻيهر ترجمو ٿي ٽيليڪاسٽ ٿيا. خاص طور تي "راڻي جي ڪهاڻي" ڊرامو جڏهن "ديوارين" جي نالي سان پيش ٿيو ته سڄي ملڪ ۾ ڌوڙ ٻول مچي ويو ته، هي لعل مثل سنڌي فنڪار ڪهڙي گودڙي ۾ لڪل هئا. انهيءَ کان پوءِ سنڌي فنڪارن لاءِ اردو سيريلز جا در کليا.

محمود صديقي کي 1973ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر جي اڳوڻي جنرل مئنيجر عبدالڪريم بلوچ ٽي- وي ڊرامن ۾ آندو ۽ سندس پهريون ڊرامو جمال ابڙي جو لکيل ۽ عبدالڪريم بلوچ جي ڊائريڪشن ۾ تيار ڪيل سنڌي ڊرامو "بدمعاش" هو. بعد ۾ هن زينت، گلن واري چوڪري ۽ ٻيا سنڌي ڊراما ڪيا، پر صحيح معنيٰ ۾ سندس سڃاڻپ اردو ڊراما سيريل "ديوارين" وسيلي ٿي. جنهن ۾ هن هڪ ڏاڙيل جو ڪردار ادا ڪري ٽي- وي ڏسندڙن کي چرڪائي ڇڏيو. "جنگل" ۾ پڻ هن اڏرنگ جي مريض جو يادگار ڪردار ادا ڪري پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو. هن ڊرامي ۾ کيس ان کان ٻارنهن ڪلاڪن تائين اڏرنگ ۾ ورتل ماڻهوءَ جو ميڪ اپ ٿيل هوندو هو. سندس اداڪاري ڏسي سيٽ

تي ويٺل ساٿي ۽ منصور بلوچ سچ پچ روئي ڏيندا هئا. "جنگل" ڊرامي کي عراق ۾ ٿيل ڊرامن جي عالمي فيسٽيول ۾ شامل ڪيو ويو هو، جنهن ۾ محمود صديقي پاڪستان جي نمائندگي بہ ڪئي هئي.

محمود صديقي 400 کان وڌيڪ سنڌي ۽ اردو ٽي- وي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. پاڪستان ٽيليويزن پاران سنڌس فن کي مڃتا ڏيندي "ڪاروان" ڊرامي ۾ ڪيل سنڌس اداڪاري تي ڪيس پي- ٽي- وي بيسٽ ايوارڊ ڏنو ويو. زيب سنڌي جي لکيل اردو ڊراما سيريل "جانشين" ۾ هن پنهنجي فنڪاري جا جوهر ڏيکاري گهڻي پذيرائي حاصل ڪئي. اهو سنڌس آخري اردو ڊرامو ثابت ٿيو. سنڌس آخري سنڌي سيريل "قربتون" هئي. جنهن بعد پي- ٽي -وي جي اختياري وارن ڪيس لاڳيتو نظرانداز ڪري ڇڏيو.

محمود صديقي مانُ ڪري هٿ هٿ تي ڏئي ويهڻ وارن انسانن مان نہ هو. هن مٿير مڙس پنهنجي ذاتي پروڊڪشن هيٺ اردو مزاحيہ ڊراما سيريل "نهلي پي دهلا" تيار ڪيو، جيڪو اين- ٽي- ايم وارن ڪانٽس 26 لکن ۾ ورتو. اها سيريل اين- ٽي- ايم تي ٽي پيرا ٽيليڪاسٽ ڪئي وئي، انهيءَ سيريل کي تمام گهڻا ڪمرشل پڻ مليا، پر اختياري وارن محمود صديقي کي 26 لکن وارو معاوضو ڪونہ ڏنو. جنهن ڪري سنڌس معاشي حالت ڪيس پريشان ڪري وڌو. سيريل جي تياري لاءِ دوستن کان ورتل رقمون موٽائڻ هن لاءِ مسئلو بڻجي ويو، جيڪو آخر سنڌس موت جو سبب بڻيو. هن حالتن کان تنگ اچي پنهنجي گهر جي پرسان هڪ ميڊيڪل اسٽور کوليو ۽ زندگيءَ جا آخري ڏينهن انهيءَ جنرل اسٽور سان واڳيل رهيو.

محمود صديقي ڊرامن کان سواءِ ٽن فلمن ۾ اداڪاري ڪئي، ۽ هڪ سنڌي فلم "علي گوهر" تيار ڪئي. پاڻ يارن جو يار ۽ ڪچهريءَ جو مور هو. پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ دوران ٽوٽڪن ذريعي مزاح جون اهڙيون ڳالهيون ڪري وجهندو هو جو ماڻهو سنڌس ڪچهري مان اٿي نہ سگهندا هئا.

محمود صديقي 4- آگسٽ 2000ع تي دل جي تڪليف سبب آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ انتقال ڪيو. پاڻ ڪراچي ۾ مدفون آهي. هن ٻہ شاديون ڪيون هيون، پر ڪوبہ اولاد ٿي نہ سگهيس.

محمود فقير ڪٽياڻ

محمود فقير ولد علي خان ڪٽياڻ پاڙو هيبتاڻي سن 1852ع ۾ ڳوٺ سليمان ڪٽياڻ تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

محمود فقير اسڪولي تعليم حاصل ڪونہ ڪئي هئي، ليڪن مالڪ

ڪيس اعليٰ دماغ عطا ڪيو هو. شروع کان سندس طبيعت جو لاڙو صوفياني رنگ طرف هو. مشهور شاعرن سائين مصري شاهه، نواب ولي محمد لغاري ۽ سيد سلطان علي شاهه ۽ ٻين صوفين سان سندس اڪثر رهاڻيون ٿينديون هيون، جيئن ته لواري وارن بزرگن ۽ پير صاحب پاڳاري ڏانهن عقيدت هئس، انڪري پاڻ سازن تي ڪو نه ڳائيندو هو، ليڪن بنا ساز جي جذباتي انداز ۾ ڪافيون، ڪلام آلاپيندو هو. تنهن الهيار واري پير موج علي شاهه سان به سندس بيحد عقيدتمندي هوندي هئي.

محمود فقير سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪلام چيو آهي، سندس ڪلام لطافت، رواني ۽ ميناج سان ڀريو پيو آهي. هن ڪجهه مزاحيه ڪلام پڻ چيا آهي. سندس ڪلام جو مجموعو سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1959ع ۾ "ڪلام محمود فقير ڪٺياڻ" جي نالي سان ڇپيو آهي. جنهن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪل 73 ڪلام ڇپيل آهن. سندس رندي ڪلام سنڌ جي مڙني صوفي ڳائڻ نهايت شوق سان ڳايو آهي.

سنڌ جي هن سرسوز صوفي شاعر سن 1907ع ۾ وفات ڪئي. نمونو طور سندس هڪ مشهور ڪافي جو ٽلهه هيٺ ڏجي ٿو.

ديدن ڪيـــــا درسن اڄ پـــــيچ پنهي برسن
مـــــاڙيچا منهنجا مــــوهر ۾ شل پاڙيچا پرچن.

محمود مغل ، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر محمود الحسن ولد ميان نور محمد مغل 27- نومبر 1961ع تي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دؤر جو مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نويس، ڪالم نگار ۽ ريڊيو، ٽي- وي جو بهترين ڪمپيئر آهي.

ڊاڪٽر محمود مغل ابتدائي تعليم ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿيو، جتان 1979ع ۾ انٽر ميڊيڪل پاس ڪيائين. 1988ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم- بي-بي- ايس جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڻ هن وقت انسٽيٽيوٽ آف فارميسي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي.

ڊاڪٽر محمود مغل گهڻ رخي شخصيت آهي، جنهنجو هر پهلو پيارو آهي. پاڻ محنتي استاد سان گڏ هڪ باشعور ليکڪ، مقبول ڪمپيئر ۽ انهن سڀني کان وڌيڪ هڪ يار ويس ملنسار ۽ محبتي ماڻهو آهي.

ڊاڪٽر صاحب ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن، جن جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندس سينو سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ماڻهن جي درد سان ڀريل

آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڏاڍ، ظلم ۽ معاشري جي گندين ريتن رسمن کي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. ٻولي عام فهم استعمال ڪئي اٿس، جنهن ڪري گهڻ پڙهيل به چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو. هيل تائين سندس ٽي ڪهاڻين جا مجموعا "ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون" "تو سنگ تو بن ڏينهڙا" ۽ "محمود مغل جون ڪهاڻيون" ڇپجي چڪا آهن، جڏهن ته به ناوليٽ "سرءُ" ۽ "هٿ ريکائن کان خالي" پڻ ڇپيل اٿس. تنهن کان سواءِ ٻه مڪمل ناول ترجمو ڪيا اٿس جن مان هڪ "اسين جيئرا آهيون" 1996ع ۾ ۽ ٻيو "جون آف آرڪ" 1997ع ۾ شايع ٿيو آهي.

ڊرامي جي حوالي سان محمود مغل جو نالو پاڪستان جي بهترين ڊراما نگارن جي لسٽ ۾ شامل ٿي چڪو آهي. سندس لکيل ٽي – وي ڊرامن سڄي پاڪستان ۾ ڌم مچائي ڇڏي آهي. سندس 23 ٽيلي ناٽڪ ۽ 6 اردو سيريلز ٽيلي ڪاسٽ ٿي چڪا آهن، جن ۾ روش، نوري ڄام تماچي، دل اسے چاهتا هے، اس ني کها تا، سرگوشيان ۽ سمجهوتا شامل آهن. سندس ٻه ناٽڪ ريڊيو تان پڻ نشر ٿي چڪا آهن.

مغل صاحب ٽيهه چونڊ ڊراما سهيڙي، پنجاهه سالن جي سنڌي ڊرامن جي سفر تي هڪ تفصيلي اداريو لکي، اهو اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ڏانهن موڪليو آهي. سندس هڪ ٻيو ڪارنامو اهو به آهي، جو ·ن هڪ سئو نامور شاعرن، فنڪارن، فنڪارائن ۽ موسيقارن جي زندگيءَ جو احوال سهيڙي سنڌو ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپرايو آهي. ۽ هاڻي انکي ڪتابي صورت ڏيڻ جو ارادو رکي ٿو. هن ڪيترائي ڪالم لکيا آهن، جن ۾ ڪجهه ترجمو ٿيل آهن، ان کان علاوه 30 ڪهاڻيون ٻارن لاءِ ترجمو ڪيون اٿس ۽ اٽڪل هڪ سئو کن طبع زاد ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل اٿس.

محمود مغل ڪامياب ليکڪ سان گڏو گڏ هڪ بهترين ريڊيو ۽ ٽي– وي جو ڪمپيئر پڻ آهي. پاڻ ڪمپيئر جي حيثيت سان جڏهن ريڊيو جي مائڪ تي پنهنجي دل فريب آواز ۾ خوبصورت لفظن جي مالها پوئي ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي ته، سندس گفتگو ٻڌندڙن جي دل و دماغ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي آهي ۽ سندس پورو پروگرام ٻڌڻ کان اڳ ريڊيو سيٽ کان پري ٿيڻ لاءِ دل نه چوندي آهي. ٽي– وي تي پڻ جنهن انداز سان ڪمپيئرنگ ڪندو آهي، اهو قابلِ داد آهي. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ادبي سنگت، صبح مهراڻ ۽ سڳند پروگرامن ۽ پاڪستان ٽيليويزن سينٽر تان ٻيرک ۽ ٻين پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر محمود مغل کي ڪيترائي ٿوري ٿيندڙ ايوارڊ مليل آهن.

بهترين ڪهاڻيڪار طور "سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ" 1987ع، "بهترين ريڊيو ڪمپيئر ايوارڊ" 1997ع، "بهترين ريڊيو ڊراما ليکڪ ايوارڊ" 1997ع ۽ "بهترين ٽيليويزن ڪمپيئر ايوارڊ" 1999ع.

محمود هالائي

حاجي محمود ولد حاجي محمد اسحاق ميمڻ 8- مارچ 1908ع تي نوان هالا ضلعي، حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور تحريڪ آزادي جو پروانو، بي باڪ صحافي ۽ قومي شاعر ٿي گذريو آهي.

محمود هالائي مختلف مدرسن مان سنڌي، عربي، فارسي، گرمکي ۽ هندي جي تعليم حاصل ڪري روزگار خاطر ڪورڪو ڪم، درزڪو هنر ۽ ٻين مشغولين ۾ لڳي ويو.

محمود صاحب ارڙهن سالن جي عمر ۾ حج جو مقدس فرض ادا ڪيو. جڏهن واپس وطن پهتو ته، هن برصغير ۾ انگريزن جي مسلمانن خلاف وڌندڙ ڏاڍاين کي ڏسي ان خلاف جهاد ڪرڻ جو پختو ارادو ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ هن صحافت کي انگريزن خلاف هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ارادي سان صحافتي ميدان ۾ پير رکيو. پهريان "الحنيف" پريس شڪارپور ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ "سنڌ گزيٽ" جيڪب آباد لاءِ ايڊيٽر طور فرائض انجام ڏنائين.

حاجي محمود هالائي ڪجهه وقت ميرپور خاص ۾ به رهيو. اتي 1926ع ۾ "غالب" نالي ماهوار رسالو به جاري ڪيائين ۽ "ڪانگريس تحريڪ" طرفان ٿرپارڪر ضلعي لاءِ نائب صدر پڻ مقرر ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سول نافرماني جي تحريڪ زور شور سان شروع ٿي، جنهن ۾ هالائي صاحب ڀرپور حصو ورتو. پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ شراب جو واهپو بند ڪرائڻ، گڏيل هندستان مان فرنگين کي ڀڄائڻ ۽ ولايتي ڪپڙي پهرڻ خلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ لڳو.

1935ع ۾ ميمڻ صاحب واپس اچي هالا ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتان هفتيوار "همدرد" جاري ڪيائين ۽ گڏو گڏ آبروز، الوحيد ۽ هندو جو مستقل نمائندو ٿي رهيو. 1942ع ۾ ميرپور خاص مان پڻ همدرد نالي اخبار جاري ڪيائين.

محمود هالائي خاڪسار تحريڪ ۽ ريشمي رومال تحريڪ ۾ به ڀرپور حصو ورتو. ترڪ مسلمانن جي مدد لاءِ انگورا فنڊ ۽ سمرنا فنڊ ۾ ججهو ناڻو جمع ڪري ترڪن جي مدد ڪئي. انگريزن خلاف کلم کلا جلسا جلوس برپا ڪري قومي زندگي ۾ اسلامي روح ڦوڪيائين، جنهن لاءِ ڪيس قيد به ڪاٽڻو پيو، 1945ع ۾ ٿرپارڪر ۾ مسلم ليگ جو بنياد پيو ته، ڪيس ضلعي لاءِ جنرل

سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. پاڪستان جي ٺهڻ دوران سندس ڪردار مثالي رهيو. هندستان مان ڪوڪراپار ۽ ميرپور خاص ريلوي اسٽيشن تي پهچندڙ مهاجرن جي ڪاڏي، پيئڻ ۽ مستقل آباد ڪاريءَ جو خاطر خواهه بندوبست سندس ذمي هو. هاري تحريڪ ۾ به هن جون خدمتون ياد رکڻ جوڳيون آهن. ون يونٽ جي خلاف آواز اٿارڻ ۾ به ڪو نه گهٽايائين. ون يونٽ جي خاتمي تي سندس اخبار جو "سنڌ آزاد نمبر" صحافت لاءِ روشن مثال آهي. پاڻ 1953ع ۾ ميرپور خاص مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به چونڊيو هو.

حاجي محمود هالائي سٺو شاعر پڻ هو، پاڻ سماجي ۽ قومي مسئلن تي گهڻو لکيو اٿس. سندس شاعري ۾ قوم ۽ ملڪ جي بچاءَ لاءِ جستجو ۽ حب الوطني وارو جذبو نمايان نظر اچي ٿو. سنڌ حڪومت سندس قومي خدمتن جي قدرداني ڪندي کيس 14- آگسٽ 1978ع تي "تحريڪ پاڪستان ايوارڊ" ڏنو.

آزادي جو هيءُ متوالو 30- آڪٽوبر 1983ع تي وفات ڪري ويو. هالا ۾ مدفون آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تجمل شان ۽ شوڪت سڄو گلزار بيني سان
مڙئي مائٽ سيئي ساٿي اٿئي اغيار بيني سان
سڳو پيءُ ماءُ بيني سان سڄو سنسار بيني سان
زمانو آهي مطلب جو عزيز ۽ يار بيني سان.

"مختار" گهمرو

غلام عمر "مختار" ولد الهڏنو گهمرو 25- مارچ 1955ع تي ڳوٺ ڪيٽي ميرمحمد گهمرو ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اديب آهي.

"مختار" گهمرو ايم- اي پاس آهي ۽ پيشي جي لحاظ کان ليڪچرار آهي. پاڻ ننڍپڻ کان ئي ۾ خوبصورت شاعري ڪرڻ وارو اهڙو ذات ڏٺي آهي، جنهن ٿوري وقت ۾ گهڻو ۽ سٺو ادب سرجي پنهنجي عمر جي ڪيترن ئي ليکڪن کان گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. شروع ۾ "مخمور" ۽ هينئر "مختار" تخلص آڻي ٿو.

"مختار" گهمري شعر جي تقريباً سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر ننڍي وزن ۾ غزل لکڻ تي کيس ملڪو حاصل آهي. شاعريءَ کان علاوه نثر ۾ پڻ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا اٿس، جيڪي سنڌي ادب ۾ سٺو اضافو بڻيل آهن. سندس لکيل مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وڏي تعداد ۾ شايع ٿيل آهن. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مون سان جذبن ڳالهايو آ دل جي ڌڙڪن ڳالهايو آ
ڪالهه جي پڙهيم خط پروڪا مرڪي لفظن ڳالهايو آ.

مختيار ملڪ

مختيار حسين ولد شفيع محمد ملڪ 21 ڊسمبر 1959ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور ريڊيو پروڊيوسر ۽ سڄاڻ اديب ۽ شاعر آهي.

مختيار ملڪ ايم- ايس- سي ۽ ايم- اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي ۽ ايم- اي (صحافت) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. پاڻ 1986ع کان ريڊيو پاڪستان تي پروڊيوسر آهي. راولپنڊي، خيرپور، حيدرآباد ۽ هاڻي وري خيرپور اسٽيشن تي بطور سينئر پروڊيوسر خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي.

مختيار ملڪ پنهنجي سروس دوران گهڻو عرصو ريڊيو پاڪستان خيرپور تي رهيو آهي. سندس ذاتي ڪوششن سان خيرپور ريڊيو اسٽيشن کي عروج نصيب ٿيو. هن علائقي جي ڪيترن ئي، ڳائڻن، ڊراما فنڪارن، ڪمپيئرن، اناؤنسرن، شاعرن ۽ ليکڪن کي ريڊيو ذريعي عوام سان متعارف ڪرايو. شروع ۾ خيرپور ريڊيو اسٽيشن تي خاص ڪري ليڊيز ڪمپيئرس جي ڪمي محسوس ڪئي وئي ڇاڪاڻ ته اندروني سنڌ ۾ اهڙو ماحول ڪونهي جو ماڻهو پنهنجي نياڻين کي ريڊيو تي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏين. ليڪن مختيار ملڪ ذاتي طور ڪوشش وٺي خواهشمند ڇوڪرين جي مائٽن سان ملي کين ان ڳالهه تي آماده ڪيو ته، هو پنهنجي نياڻين کي ريڊيو تي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيندا. اهڙي طرح هن ڪيترائي ٽيلينٽيڊ ليڊيز آواز خيرپور ريڊيو تي متعارف ڪرائي ان کوٽ جو پورائو ڪيو. ان کان سواءِ هن خيرپور ريڊيو تان ڪيترائي سٺا سٺا پروگرام ۽ سلسلا ٻڌندڙن کي ڏنا جن ۾ پروگرام "موتين ماليا" تمام گهڻي مقبوليت ماڻي.

مختيار ملڪ جي شعرو شاعري سان پڻ دلچسپي آهي. سندس شمار نئين ٽهي جي سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شاعري پڪي ۽ پختي آهي. هن سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر سندس غزل تمام بهترين آهن. هن ٻارڙن لاءِ به شاعري ڪئي آهي "ٽم ٽم ٽانڊاٽا" ٻاراڻي شاعري تي مشتمل سندس ڪتاب 1980ع ۾ ڇپيو آهي. جنهن کي سنڌ الاجي طرفان بهترين ٻارڙن جوڪتاب طور ايوارڊ 1980ع مليل آهي. ان کان سواءِ سندس ٻه ڪتاب "اماس ۾ به سوجهرو" شاعري جو مجموعو، ۽ "سچ سچل ۾" تحقيقي مقالن جو مجموعو ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهن.

مختيار ملڪ هن وقت (1999ع کان 2000ع تائين) سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل آهي. پي- بي- سي طرفان ڪيس "ايڪسي لينسر ايوارڊ" پڻ مليل آهي. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

چاهت ايئين آ پيارا اپ ۾ ڪا ڪير ڏارا
هڪ زندگي بچي آ ڇچندا رهيا سهارا
ڪلندا رهيا سين توسان پر ٿهڪ هيا اڌارا
دل مان آڌان آئي ٻڌندا رهيا منارا.

مدد علي سنڌي

مدد علي ولد الهه بخش قريشي 12- آڪٽوبر 1950ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور صحافي، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر آهي.

مدد علي سنڌي پرائمري تعليم فاطمہ گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان بي- اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. جڏهن تہ ايم- اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ٻہ پيپرا سياسي ڪيسن ۾ ريسٽيڪيٽ هئڻ سبب نہ ڪري سگهيو.

مدد علي سنڌي سياست ۾ ڀرپور ورتو. 1969ع ۾ "عوامي ليگ" حيدرآباد ڊويزن جو آرگنائيزر مقرر ٿيو ۽ شيخ مجيب الرحمان ڪيس عوامي لـگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي نامزد ڪيو. "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن" جي باني مان آهي. آڪٽوبر 1970ع ۾ "اڳتي قدم" رسالو جاري ڪيائين، جنهن کي 1973ع ۾ حڪومت بند ڪري ڇڏيو. جنهن ڪان پوءِ 1973ع ڪان 1978ع تائين هن روپوش زندگي گذاري. آخر 1979ع ۾ سياست کي خيرباد چئي صحافت ۾ داخل ٿيو ۽ 1980ع ۾ سليم اڪبر مرحوم جي اخبار "سنڌ نيوز" جو ايڊيٽر ٿيو.

مدد علي ادب ۾ لکڻ جي ابتدا شاعريءَ سان ڪئي. 1968ع ۾ سندس پهريون گيت ٽماهي مهراڻ ۾ ڇپيو. ان ڪان پوءِ هن ڪهاڻيون پڻ لکڻ شروع ڪيون. سندس پهرين ڪهاڻي "ويا گذري ڏينهڙا" ماهوار سهڻي جي جون 1970ع واري پرچي ۾ شايع ٿي، جنهن ڪان پوءِ هو مسلسل لکندو رهيو. هن جا ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن. جيڪي هن ريت آهن. دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)- قلندر (قرت العين حيدر جي ڪهاڻين جو ترجمو)- ۽، پنر ملن (نثري نظم).

پاڻ هن وقت هڪ روزانہ اخبار جو ايڊيٽر آهي.

مرتضيٰ ڀٽو

مير غلام مرتضيٰ ولد ذوالفقار علي ڀٽو 18- سيپٽمبر 1954ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ ماتر ڀومي جو اهڙو ارڏو پٽ ٿي گذريو آهي، جنهن

اصولن خاطر جان جي به پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجي عظيم والد جي نقشِ قدم تي هلندي عوام دشمن قوتن اڳيان ڪڏهن به سر جهڪايو ڪو نه توڙي جو اهو ڪيترو ڏکيو هجي.

جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب به شاديون ڪيون هيون، هڪ ڏاڏي پوٽي بيگم شيرين امير سان، جنهن مان ڪو به اولاد ڪو نه ٿيو. ٻي شادي هڪ ايراني ڇوڪري نصرت سان سيپٽمبر 1951ع ۾ ڪئي هئائين.

بيگم نصرت ڀٽو جيڪا اڃا خير سان حال حيات آهي. ڀٽي صاحب جي همراهه ڪلاس پڙهي رهي چڪي هئي. بيگم صاحبه مان جناب ڀٽي کي ٻه نياڻيون بينظير ڀٽو ۽ صنم ڀٽو ۽ ٻه پٽ پيدا ٿيا، جن مان وڏي پٽ تي ڏاڏي جو نالو غلام مرتضيٰ ۽ ننڍي پٽ تي پيءُ جو نالو شاهنواز رکيائين.

مرتضيٰ ڀٽي ابتدائي تعليم سينٽ ميري اسڪول راولپنڊي ۾ حاصل ڪئي. ثانوي جي تعليم لاهور ۽ ڪراچي جي درسگاهن مان ورتي، اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1972ع ۾ هارورڊ يونيورسٽي آمريڪا ۾ داخل ٿي گريجوئيشن ڪيائين. پوءِ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ڪرائسٽ چرچ ڪاليج مان انٽر نيشنل رليشنز ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين، ٿيسز نيو ڪليئر ڊپلوميسي جي باري ۾ هو. واضح رهي ته برصغير جو هيءُ پهريون شخص هو جنهن اهو مضمون لکيو هو.

مرتضيٰ ڀٽو تعليم مڪمل ڪري اڃا وطن مس پهتو ته، پاڪستان جي فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ 5- جولاءِ 1977ع تي پاڪستان جي پهرئين منتخب وزير اعظم قائد عوام جناب ذوالفقار ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، ملڪ ۾ مارشل لا هڻي ڇڏي ۽ جناب ڀٽي کي قتل جي هڪ جڙتو ڪيس ۾ گرفتار ڪري جيل ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ مٿس ڪيس هلارائي هڪ ني علائقي وارن ججن کان فيصلو ڏيارائي دنيا جي مڃيل عظيم ليڊر کي 4-اپريل 1979ع تي ڦاسي ڏياري ڇڏي.

جناب ڀٽي پنهنجي قيد دوران ئي خطرو محسوس ڪندي پنهنجي ٻنهي پٽن کي ملڪ ڇڏي وڃڻ لاءِ چيو، جنهن ڪري 1978ع ۾ ٻئي ڀائر وطن ڇڏي جلا وطن رهڻ لڳا. جلا وطني زندگيءَ ۾ ٻنهي ڀائرن پاڪستان ۾ ٿيندڙ ڏاڍ جي خلاف ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ بين الاقوامي سطح تي جدوجهد شروع ڪئي. 1981ع ۾ "الذوالفقار" نالي تنظيم قائم ڪيائون، جنهنجو هيڊ ڪوارٽر بيروت ۾ بنايو ويو. هن تنظيم قائم ڪرڻ جو مقصد هو ته، مختلف طريقن سان پاڪستاني قيادت تي دٻاءُ وجهي کيس جمهوريت بحال ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، ليڪن جنرل ضياءَ ان تنظيم تي دهشتگرديءَ جا مختلف الزام مڙهيندو رهيو ۽ دهشتگرديءَ جا ڪيترائي واقعا ان تنظيم جي کاتي ۾ لکي مرتضيٰ کي

بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

هونءَ به ڏاهن جو خيال آهي ته ڪنهن ڊاڪٽيٽر خلاف هٿيار بند جدوجهد ڪرڻ ڏوهه نه پر وقت جي ضرورت آهي. دنيا جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي، ليڪن جنرل ضياءَ پنهنجي آمراڻن ڪرتوتن کي لڪائڻ، ڀٽي خاندان سان دشمني جي بنياد تي ۽ مرتضيٰ ڀٽو کي وطن کان ڏور جلاوطني زندگي گذارڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ مرتضيٰ کي دهشتگرد قرار ڏيندو رهيو ۽ مٿس ستر کان وڌيڪ سنگين نوعيت جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيائين.

جلا وطني دوران ڀٽي پاڻ 1980ع ڌاري افغانستان ۾ رهيا، جتي پنهنجي جڻن افغاني ڀينرن سان شادي ڪئي. ان کان سواءِ پاڻ فرانس، برطانيه، شام، لبنان، لبيا ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ رهيا جتي پنهنجي والد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪري کين وڏي عزت ۽ سهولت ملي. 18- جولاءِ 1985ع تي جنرل ضياءَ جي اشاري سان شاهنواز ڀٽي کي فرانس ۾ زهر ذريعي ماريو ويو. ان کان پوءِ مرتضيٰ ڀٽي پنهنجي گهر واري کي طلاق ڏئي ڇڏي، جنهن مان فاطمه نالي هڪ ڌيءُ آهي. هن ٻي شادي لبنان جي هڪ ڇوڪري غنويٰ سان ڪئي، جنهن مان هڪ پٽ ذولفقار علي ڀٽو جونيئر اٿس.

1988ع ۾ جنرل ضياءَ فوت ٿيو، ساڳئي سال مير مرتضيٰ جي ڀيڻ محترمه بينظير ڀٽو پاڪستان جي وزير اعظم بڻي ته هن وطن ورڻ جو ارادو ڪيو، مگر ايئن ڪرڻ کان ڪيس روڪيو ويو. آخر 1993ع ۾ جلاوطني دوران اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيائين. سندس انتخابي مهم سندس والده بيگم نصرت ڀٽو هلائي ۽ پنهنجي اباڻي شهر لاڙڪاڻي مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿي ويو. ساڳئي سال سندس ڀيڻ بينظير صاحبه جڏهن ٻيهر ملڪ جي وزير اعظم بڻي ته، هن وطن موٽڻ جو اعلان ڪيو ۽ 3- نومبر 1993ع تي شام جي صدر حافظ الاسد طرفان مليل خصوصي جهاز ذريعي دمشق کان ڪراچي اچي رهيو هو ته، جهاز کي پاڪستان جي سرحد ۾ لهڻ کان روڪيو ويو. مجبوراً جهاز کي واپس ورڻو پيو ۽ دبئي ۾ وڃي لٿو جتان رات جو دير سان مرتضيٰ ڀٽو هڪ مسافر جهاز ۾ سوار ٿي ڪراچي پهتو.

شام جي صدر مرتضيٰ ڀٽي کي شاهي مهمان قرار ڏيندي اهو پروٽوڪول ڏئي شام مان رخصت ڪيو هو، جيڪو ڪنهن ملڪ کان ٻاهر جي سربراهه کي ڏنو ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان وقت مرتضيٰ جي دل ۾ اهو خيال هجي ته جيئن ته هو 16 سال ملڪ کان ٻاهر رهي عوام دشمن قوتن خلاف لڙيو آهي ۽ هينئر جڏهن انهن کي شڪست ملي آهي ۽ سندس ڀيڻ اقدار اعليٰ جي مالڪڻ بڻي آهي ته اهڙي وقت ۾ جڏهن هو اسيمبلي جي چونڊيل ميمبر جي عهدي جو

حلف کڻڻ لاءِ ڏکيھي عرصي کان پوءِ پھريون ڀيرو وطن جي سر زمين تي قدم رکندو تہ شايد سندس يادگار استقبال ٿيندو، ليڪن ھتي حالتون ڪجھ ٻيون ھيون.

ڪراچي ايئرپورٽ جڻ جنگ جو ميدان بڻيل ھو. ھزارين پوليس اھلڪار موجود ھئا، جن انھن ماڻھن تي لٺيون ۽ آنسو گيس جا گولا وسايا، جيڪي ذوالفقار علي ڀٽي جي مويي پٽ ۽ ان وقت جي وزير اعظم جي ڀاءُ جي رڳو ھڪ جھلڪ ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيا ھئا، انھن ۾ نصرت ڀٽو پڻ شامل ھئي، جنھن روئي چيو ھو تہ "اڄ ضياءَ دور جي ياد تازي ٿي آھي."

مرتضيٰ ڀٽو کي ايئرپورٽ تي ڀھچندي زنجيرن جا ھار پارائي سرڪاري مھمان بڻايو ويو. ڪيس لانڍي جيل موڪليو ويو ۽ جنرل ضياءَ واري دؤر ۾ داخل ٿيل ڪيسن کي خصوصي ڪورٽن ۾ ھلائڻ شروع ڪيو ويو. 5- جون 1994ع تي مرتضيٰ ڀٽو ضمانت تي آزاد ٿيو. ان وقت تائين سندس بينظير ڀٽو سان سياسي اختلاف چوٽ تي پھچي چڪا ھئا. ھنن ٻنھي جي وچ ۾ جھيڙو پاليسي تي ھيو. بينظير صاحبہ جو خيال ھو تہ پاڪستان ۾ سمجھوتي کان سواءِ اقتدار حاصل نٿو ڪري سگھجي ۽ سياست ۾ اڄ جا دوست سڀاڻي جا دشمن ۽ ڪالھہ جا دشمن اڄ جا دوست ٿي سگھن ٿا. جڏھن تہ مرتضيٰ سندس ان پاليسي کي رد ڪندي پارٽيءَ ۾ ضياءَ جي باقيات جي شموليت تي سخت اعتراض ڪندو رھيو. بينظير کي مرتضيٰ جي پاڪستان واپس ورڻ جي ڳالھہ قطعي پسند نہ ھئي. بھرحال مير مرتضيٰ ڀٽي 15- مارچ 1995ع تي پنھنجي جدا پارٽي "پاڪستان پيپلز پارٽي" (شھيد ڀٽو گروپ) قائم ڪئي. پاڻ انجو چيئرمين مقرر ٿيو. ھن پنھنجي دوستن سان صلاح مشورو ڪري پوري ملڪ جا دورا ڪيا. ھن سامراجي سازش، ڳجھين ايجنسين جي ڪرتوتن، مفاد پرست ٽولي جي حرڪتن ۽ حڪمرانن جي بدعنوانين جھڙن ڪڌن قدمن ۽ ڪمن تان پردو کنيو ۽ عام ماڻھو جي سماجي ۽ معاشي حالت سڌارڻ ۽ غصب ٿيل حقن جي بحالي لاءِ جدوجھد شروع ڪئي. سنڌ جي مسئلن تي کليل نموني ڳالھائيندو ھو ۽ سنڌ جي قومي مسئلي تي اھڙو واضع ۽ چٽو موقف اختيار ڪيائين جو ڪيترن جون ننڊون اڏامي ويون. ڪيترن ماڻھن کي سندس روپ ۾ ھڪ ٻيو ذوالفقار علي ڀٽو نظر آيو.

سنڌ جي ھن ٻي باڪ ۽ ولولا انگيز ليڊر سياسي ميدان ۾ اچيا ابتدائي وکون مس کنيون ھيون تہ، سامراجي قوتن ۽ عوام دشمن عناصرن سندس راھہ روڪي ورتي، ۽ ھڪ سازش تحت سندس قتل جو منصوبو ناھيو ويو. جنھن موجب 20-سيپٽمبر 1996ع تي رات جو 9 وڳي مرتضيٰ ڀٽو ڪراچي جي ھڪ ڳوٺ محمد يوسف ۾ ڪارنر گڏجاڻي ڪرڻ کان پوءِ پنھنجي ساٿين سان گڏ واپس

گهر 70 ڪلفٽن اچي رهيو هو ته ستر ڪلفٽن کان اٽڪل هڪ سئو وال پري جرمن انفرميشن سينٽر جي سامهون شاهراهه ايران تي سئو کان وڌيڪ پوليس وارا جيڪي مورچا بند ٿي پوزيشن سنڀالي تاڙ ۾ ويٺا هئا، تن مرتضيٰ ڀٽي جي گاڏي تي فائر کولي ڇڏيا. سندس ڇهه ساٿي ٺڏي تي مارجي ويا ۽ پاڻ شديد زخمي ٿي پيو ۽ هڪ ڪلاڪ تائين جاء واردات تي گاڏي ۾ رت ڳاڙيندو رهيو. ان کان پوءِ کيس هڪ اسپتال ۾ پهچايو ويو، جتي ساڳئي رات زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو. سندس جسد خاڪي کي 21- سيپٽمبر 1996ع تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ سندس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. ياد رهي ته ان وقت سندس ڀيڻ محترمه بينظير ڀٽو ملڪ جي وزير اعظم هئي. ڏيڍ مهيني بعد ان جي حڪومت ٽُٽي ڪري نگران حڪومت قائم ڪئي وئي. نگران حڪومت مرتضيٰ جي اصل قاتلن جو پتو لڳائڻ لاءِ هڪ ٽربيونل جوڙي جنهنجي بيانن ۽ شاهدين جي روشني ۾ مرتضيٰ ڀٽي ۽ سندس ساٿين جي قتل جو فرد جرم بينظير ڀٽي جي ور آصف علي زرداري ۽ پوليس عملدارن شعيب سڏل، واجد دراني ۽ ٻين اهلڪارن تي عائد ڪيو ويو، مٿن ڪيس هلندڙ آهي.

مرتضيٰ ڏاڏاهي

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي ولد سيد امام الله شاهه 26- نومبر 1939ع تي پيدا ٿيو. پاڻ ٽنڊي الهيار ضلعي حيدرآباد جو رهاڪو آهي.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي سنڌ جو اهو عوامي شاعر آهي، جنهن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هر ڳوٺ، شهر، واهڻ وسندي ۾ نهايت چاهه سان ڳايو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. سندس نالي کان هر ننڍو، وڏو، پڙهيل، اڻ پڙهيل واقف آهي.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي شاعريءَ جي ابتدا 1953ع کان ڪئي. شاعريءَ ۾ باقاعده استاد محمد خان "غني" کي ورتائين، ليڪن ان کان اڳ سندس والد کيس شاعري جا بحر ۽ وزن سيکاريندو هو، جيڪو شاعر ته نه هو، پر فارسي ۽ عربي ٻولين جي سٺي ڄاڻ رکڻ سبب علم عروض کان واقف هو.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي شاعري جي موزون صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جنهن ۾ ڪافي، غزل، گيت، نظم، وائي، بيت، قطعو، حمد، نعت، منقبت، مناجات، وطن جا گيت، زرعي نغما، ميوزيڪل فيچر (غنايا) وغيره شامل آهن. سندس ڪلام زبردست مقبوليت ماڻي چڪو آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي سٺي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبو رهيو آهي. 35 سالن کان ريڊيو تان نشر ٿي رهيو آهي. سنڌ جي اڪثر وڏن توڙي ننڍن فنڪارن سندس ڪلام ريڊيو، ٽي-وي، ڪيسٽ ۽ اسٽيج تي ڳايو آهي ۽ ڳائيندا رهن ٿا، سندس

شاعريءَ جا ٽي مجموعا "زهر و زهر زهر" "تون پارس آئون لوهه" ۽ " سهڻا سرها گل" ڇپجي چڪا آهن ايا ڪافي اڻ ڇپيل ڪلام وٽس موجود آهي، جيڪو غريبي حال سبب ڇپائي نه سگهيو آهي.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي اهل دل جو شاعر آهي. حسن، عشق، پيار ۽ محبت جو شاعر آهي. هر خوبصورت شيءِ کي پسند ڪري ٿو. سندس ڪلام ۾ سوز ۽ گداز، رنگيني ۽ شيريني، پختگي ۽ سلاست آهي. سندس شاعري جي هر سٽ هر لفظ دل کي ڇهندڙ آهي، اهڙا شاعر تمام گهٽ آهن، جن جي هر تخليق متاثر ڪندڙ هجي. ليڪن مرتضيٰ ڏاڏاهي کي اها قدرتي ڏات مليل آهي، جو سندس هر ٻول ٻئي ٻول کان اتم ۽ اعليٰ لڳندو آهي. سندس شاعري جي هر سٽ خوبصورت لفظن جي مالها پوئيل محسوس ٿيندي آهي. ٻولي به سليس ۽ نج ڳوناڻي استعمال ڪئي اٿس. سندس انداز بيان به دل موهيندڙ آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جو هر فرد هاري، ناري، پورهيت، مزدور، شاگرد، ملازم، شهري توڙي ڳوناڻو پنهنجي دل جو بوجهه هلڪو ڪرڻ لاءِ مرتضيٰ جي شاعري جو سهارو وٺندي نظر ايندو آهي ۽ سندس ڪلام جون خوبصورت سٽون جهونگاري اندر جو اوپارو ڪڍي گهڙي پل لاءِ فرحت محسوس ڪندو آهي.

مرتضيٰ ڏاڏاهي مزاحيه شاعري به ڪئي آهي، جيڪا 1960ع کان 1970ع واري ڏهاڪي اندر اخبارن ۾ ڇپجي رهي. پاڻ ريڊيو، ٽي-وي جي ڪيترن ئي مشاعرن ۽ ٻين پروگرامن ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي. پاڻ صحافت سان به ورهين کان وٺي وابسته آهي. مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ لکيل افسانا، مضمون، مقالا ۽ ڪالم شايع ٿيل اٿس.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي کي تمام گهڻي محبتا ملي آهي. لکين ڌڙڪندڙ دلين جي دعائن ۽ محبت کان علاوه کيس ڪيترائي ادبي ايوارڊ مليا آهن، جن ۾ سهڻي ميهار گولڊ ميڊل، ماهوار سنڌين زندگي گولڊن جوبلي ايوارڊ، قلندر شهباز ايوارڊ، سنڌ ملڪ موتي تنظيم طرفان بهترين شاعر ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ شامل آهن. 1992ع ۾ ٽنڊي الهيار جي دوستن سندس تاجپوشي ڪرائي کيس سونو تاج پارايو. ڪيترائي ٻيرا سائس شامون ملهايون ۽ رهاڻيون رچايون ويون آهن. پاڻ ڪيترين ئي ادبي سماجي ۽ ثقافتي انجمنن ۽ تنظيمن جو سرپرست، عهديدار ۽ ميمبر رهي چڪو آهي ۽ رهندو اچي.

شاهه صاحب طبيعت جي ناسازي جي باوجود به شاعري جي سلسلي کي برقرار رکيو اچي. کيس بيماري توڙي مالي حالت ڪمزور هئڻ جي باوجود به ڪنهن سان ڪا شڪايت ناهي ۽ هر حال ۾ ڪلي خوش ٿي گذارڻ چاهي ٿو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

پرين پيار تنهنجو وساري نہ سگهبو
جدا تو کان جاني گذاري نہ سگهبو
محبت ۾ محبوب مجبور آهيان
چرڻ ۽ ڦرڻ کان صفا چور آهيان
کٽي نيڻ ٻي ڏي نهاري نہ سگهبو.

مرليڌر ڪشنچند جيٽلي، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي 7- نومبر 1930ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر اديب ۽ محقق آهي. سندس والد پنڊت ڪشنچند جيٽلي پڻ وڏو اسڪالر ۽ ٻوليءَ جو ماهر هو.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هندي ۽ سنسڪرت ۾ ايم- اي ڪري، 1965ع ۾ پونا يونيورسٽي مان پي- ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. ان لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي بناوت" پاڻ دهلي يونيورسٽي جي لسانيات جي شعبي ۾ سنڌي سيڪشن جو سربراهہ رهي چڪو آهي. پاڻ دهليءَ جو ئي رهاڪو آهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ انهن چند اسڪالرن مان آهي، جن لسانيات جي موضوع ۾ مخصوص تربيت حاصل ڪئي آهي. پاڻ هند توڙي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ پنهنجو نالو روشن ڪري چڪو آهي. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ تحقيقي مضمون، مقالا لکيا آهن. جن مان ڪجهہ مضمون سنڌ ۾ مهراڻ، نئين زندگي، پيغام ۽ سهڻي رسالن ۾ پڻ ڇپجي چڪا آهن.

سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو ڪتاب "اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون" بهترين تحقيقي ڪاوش آهي، جنهن مان بخوبي اندازو ٿئي ٿو تہ جيٽلي صاحب هڪ اعليٰ درجي جو محقق ليکڪ ۽ دانشور آهي. هن ڪتاب جي اهميت کي مد نظر رکندي سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران 1990ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن سنڌ ۾ پڻ ڇپيو آهي. سندس هڪ ٻيو ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" پڻ سنڌ ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان 1996ع ۾ ڇپيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ بابت مرليڌر جيٽلي جو خيال آهي تہ ڀارت ۽ پاڪستان ۾ جيڪي آريائي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون تن ۾ سنڌيءَ کي مکيہ درجو حاصل ٿيل آهي. ڀاشائي ڀيٽ جي خيال کان منجهس ڪجهہ اهڙيون خاصيتون آهن جيڪي ٻين ڪيترين ئي ڀارتيہ آريہ ٻولين ۾ نٿيون ملن.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هڪ بلند پايہ محقق آهي، سندس تحقيق جي معيار کي سنڌ جي عالمن پاران قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.

مريم مجيدي

مريم ڌيءُ محمد خان "مجيدي" جنم ورتو 15- جون 1943ع تي ميرانپور، تعلقي ميرپور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ ڄائي. پاڻ مشهور شاعره ۽ اديبه آهي.

مريم مجيدي سنڌ جي مشهور قومي شاعر محمد خان "مجيدي" جي نياڻي آهي. هن پنهنجي عظيم پيءُ جي سرپرستي ۽ تربيت هيٺ اسڪولي ۽ ادبي تعليم حاصل ڪئي. پاڻ پهريان تعليم کاتي ۾ ٽيچر مقرر ٿي ۽ هن وقت سب ڊويزنل ايڊيوڪيشن آفيسر آهي.

مريم مجيدي صاحبه کي موجوده دؤر جي خواتين شاعرائن ۾ اهم مقام حاصل آهي. هن شاعريءَ جي سڀني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. پر غزل سندس پسنديده صنف آهي، ۽ ان ۾ نوان تجربا ڪيا اٿس. ڪيس "غزل جي راڻي" سڏيو ويندو آهي. سندس ڪلام پڪو، پختو ۽ رنگيني سان ڀرپور آهي. سندس شعر ۽ مضمون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهن ٿا. پاڻ سٺي ڪمپيئر پڻ آهي.

مريم مجيدي عورتن جي سلسلي ۾ ٿيندڙ سماجي ڪمن ۾ پڻ وڌو حصو وٺندي رهي ٿي. پاڻ عورت ڪانفرنس ڪراچي توڙي اسلام آباد ۾ شرڪت ڪري چڪي آهي، ڪيس ڪجهه ادبي ايوارڊ به ملي چڪا آهن، سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

مات نه ڏيندي مات اسان کي مات نه ٿيڻا آهيون مور
پرزا پرزا پاڻ ٿيسون پر چوٽا چوٽ اسان جو چاهه
سوچ سگهاري جن جي آهي عظمت تن جو آهي ماڳ
اندر جن جو آئينو ۽ ذهن تي ڪا اوندهه ناهه.

"مسڪين" ملا ڪاتياري

محمد عثمان "مسڪين" ولد سڪنو خان پاتولي سن1923ع ڌاري ڳوٺ ملاڪاتيار تعلقي ٽنڊي محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ڪهنه مشق شاعر ٿي گذريو آهي.

مسڪين ملاڪاتياري جو ملاڪاتيار ۾ ريزڪي دڪان هوندو هو، سندس والد علائقي جو مشهور واپاري هو. روزي نماز جو پابند ۽ عالمن ۽ اديبن جو صحبتي هوندو هو. اهڙي سڄاڻ والد جو اثر مسڪين تي لازمي طرح سان پيو. پاڻ علمي محفلن، عالمن ۽ شاعرن جي دوستيءَ مان شاعر ٿي پيو. دڪان تي گراهڪن کي وکر به پيو ڏيندو هو ته، شعر به وينو لکندو هو. سندس شاعريءَ ۾ نه - رنگي لهر جو پتو پوي ٿو. پنهنجي شهر جي نيڪ ناميءَ جو عاشق

هوندو هو. غريبن جي مدد ڪندڙ ۽ لوفر، بدديانت سان نفرت رکندڙ ۽ قومي خدمتگذار هو. سندس شعر ۾ پڻ قوميت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. هر مشاعري ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪندو هو، روزانه اخبار "عبرت" جو خاص شاعر هو جنهن ڪري سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ چاتو سڃاتو ويندو هو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "سانوڻ ڪاڻ سڙان" ڇپيل آهي ۽ هڪ ڪتاب نشر ۾ "ماهتاب ملاڪاتياري" پڻ ملي ٿو.

"مسڪين" ملاڪاتياري27 مارچ1999ع تي انتقال ڪري ويو. نموني طور سندس ڪلام مان ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

پيربن هٿين پدمڻي حسن به ڇڻ ته حور
سنڌيءَ ڪي هن سومري ساري ڏنا سور
پورن منٿي پور، ٿي مارئي ڪٿي محل ۾.

مصري خان جمالي

مصري خان ولد ميرو خان جمالي سن 1921ع ۾ رونجها، ضلعي جيڪب آباد ۾ ڄائو. جتان بعد ۾ لڏي اچي نواب شاهه ۾ سڪونت پذير ٿيو. پاڻ عالمي شهرت رکندڙ الغوزي نواز ٿي گذريو آهي.

مصري خان جمالي کي الغوزي جي مٺڙ ڏنن ۾ ايڏي ته مهارت حاصل هئي جو سندس ڏنون سنڌ ۽ پاڪستان ته ڇا، پر پوري دنيا ۾ مشهور ٿي ويون، سندس وڄايل لوڪ ڏنون لکين انسانن لاءِ آٿت ۽ خوشيءَ جو باعث هيون. هن الغوزي وڄائڻ جي سکيا پنهنجي مامي الهندي خان کان حاصل ڪئي، جيڪو الغوزيءَ سرندي وڄائڻ جو ماهر هو.

مصري خان جمالي1950ع واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن سان وابستگي اختيار ڪئي، جيڪا آخر تائين قائم رهي. هن وڏي محنت سان پنهنجو مقام ناهيو، پاڻ پهريون الغوزي نواز هو، جنهن بين کي جهنگ برمان ڪڍي شهرن ۾ آندو، نه رڳو ايترو پر هن قديمي ساز کي پوري دنيا ۾ هڪ نئين ساز جي حيثيت سان متعارف ڪرايو. يورپ وارن پهريون دفعو هن جي موسيقيءَ کي ٻڌو ۽ بيحد پسند ڪيو. پاڻ راڳ ۽ راڳڻين جي سيني سرن جي چڱي طرح ڄاڻ رکندو هو. ڪيس ان ڳالهه تي به مهارت حاصل هئي ته ڪهڙو راڳ ڪهڙي وقت ڳائجي. هن پنهنجي فن جو مظاهرو پاڪ و هند ۽ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڪري سنڌ جو نالو روشن ڪيو.

مجتا طور مصري خان کي ڪيترائي انعام اعزاز ۽ ايوارڊ مليا هئا. 14 آگسٽ1947ع تي پاڪستان جي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ منعقد ٿيل جشن ۾ فن

جو مظاهرو ڪرڻ تي کيس "تمغہ پاڪستان" ڏنو ويو. ان تمغي جي هڪ پاسي پاڪستان جو قومي جهنڊو ۽ ٻئي پاسي تي جارج ششم جي تاج برطانيہ جو نشان اڪريل آهي. افغانستان جي وقتي بادشاهہ ظاهر شاهہ کيس هڪ آئي ڊبليو سي گهڙي تحفي طور ڏني هئي، جنهن جي پويان ظاهر شاهہ جو نالو لکيل آهي. تنهن کان سواءِ اي ايم آئي ايوارڊ ۽ ڊسمبر 1953ع ۾ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل "ڀٽائين پاڪستان ميوزڪ ڪانفرنس" ۾ کيس ميڊل پارايو ويو، ۽ جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ حسن ڪارڪردگيءَ جي صدارتي ايوارڊ ۽25 هزار روپيا نقد انعام سان کيس نوازيو ويو.

مصري خان جمالي جي دماغ جي رڳ 20 آڪٽوبر1980ع تي ڦاٽي پيئي. جنهن ڪري کيس ڀرپڻ نواب شاهہ جي سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ بعد ۾ سنڌ جي گورنر جي هدايتن تي سول اسپتال ڪراچي ۾ منتقل ڪيو ويو، جتي 10 نومبر 1980ع تي هيءُ جڳ مشهور ماهر الغوزي نواز انتقال ڪري ويو. سندس مٽيءَ جو آخري پنوڙو نواب شاهہ جي هڪ قبرستان ۾ آهي.

مصري شاهہ نصرپوري

سيد مصري شاهہ حقيقت ۾ اٺويهين صدي جو مشهور ڪافي گوشاعر هو، ليڪن سندس انتقال ويهين صدي جي شروعات ۾ ٿيو انڪري هتي سندس مختصر احوال ڏجي ٿو.

سيد مصري شاهہ ولد سيد بلند شاهہ 3- آڪٽوبر 1828ع تي نصرپور جي رضوي سادات جي گهراڻي ۾ تولد ٿيو. سندس سلسلہ نسب ستاويهين پيڙهيءَ ۾ حضرت امام علي نقي عليہ السلام جن سان وڃي ملي ٿو.

مصري شاهہ ڪجهہ وقت قاضي گل محمد "گل" وٽان فارسي، عربي ۽ سنڌي جي تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي مطالعي، مشاهدي، محنت ۽ جاکوڙ سبب پنهنجي تعليم ۾ چاڻ ۾ اضافو ڪندو رهيو. وٽس ديوان حافظ، مثنوي رومي، ڪليات سعدي ۽ شاهہ جو رسالو هميشہ موجود هوندا هئا.

عربي لغت قاموس بہ پڙهندو رهندو هو. سندس حافظو تمام تيز هوندو هو، پيشي جي لحاظ کان هاريو ڪندو هو. جواني ۾ 15-16 سال سنياسين ۽ جوڳين سان گڏ بيراڳي بنجي گهڻو سفر ڪيائين. اجمير، جهوناڳڙهہ، جوڌپور، جيپور، ڪڇ، هنگلاج، گرنار ۽ ٻيا ڪيترائي پٽ جهاڳيائين واپسي کان پوءِ نہ دنيا جا لڳ لاڳاپا لاهي، اوتاري جي هڪ ڪنڊ کان ويهي خدا جي ياد ۾ مشغول رهيو. روزانو وڏي اسر اٿي شاهہ محمود جي درگاهہ تي حاضري ڏئي پوءِ اوتاري تي اچي ويهندو هو. پاڻ راڳ جو وڏو شوقين هوندو هو. هر وقت وٽس

راڳ جي رهاڻ متل شرندي هئي. پنهنجن طالبن کي به راڳ جي سکيا ڏيندو هو.

مصري شاهه صرفي هئڻ جي حوالي سان ڪافيءَ کي پنهنجي پيغام جو ذريعو بنايو. هن غزل به چيا جنهن ۾ مناسب تشبيهن سان حسن ۽ عشق جوڌڪر دلڪش انداز ۾ ڪيو اٿس، ليڪن پاڻ ڪافيون تمام گهڻيون چيون اٿس. ڪيس "ڪافين جو بادشاهه" سڏيو وڃي ٿو. هن 28 سرن ۾ ڪل 130 ڪافيون چيون آهن، جن مان ڪيترين ئي ڪافيون ڏاڍيون مقبول آهن، جيڪي سنڌ جي ناميارن ڳائڻ ڳايون آهن. ڪافيءَ ۾ مصري شاهه پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سنڌي ڪافيءَ کي ترقي وٺرائڻ، ان ۾ رنگيني، دلڪشي ۽ نغمگي پيدا ڪرڻ ۾ سندس وڏو حصو آهي. پاڻ پنهنجي ڪافين جي حوالي سان بلاشبه سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڪافي گو شاعر آهي.

مصري شاهه خوش قسمت آهي جو ان جو سمورو ڪلام محفوظ آهي. سندس ڪلام جو مجموعو "ڪليات مصري شاهه" جي نالي سان پهريون ڀيرو 1961ع ۾ مصري شاهه ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل نصرپورڇپائي پڌرو ڪيو هن رسالي ۾ مصري شاهه جو سمورو ڪلام، جيڪو پنجن ٻولين سنڌي، فارسي، سرائڪي، هندي ۽ اردو ۾ آهي، جمع ڪيو ويو آهي.

مصري شاهه 5- صفر 1325هه (1906ع) تي وفات ڪئي. ڪيس نصرپور ۾ شاهه محمود جي درگاهه لڳ سپرد خاڪ ڪيو ويو. جوڌپور جي مريدن پنهنجي ملڪ مان ڳاڙهو پٿر آڻي سندس مزار جوڙائي. سندس هڪ مشهور ڪافيءَ جون سٽون هيٺ نموني طور ڏجن ٿيون.

ڏاڍا ناز سڄڻ ڏيکارين ٿو مونکي ماٺا ڪري ڇو مارين ٿو
تات جنهن کي طلب تنهنجي سي وريو ڪيئن وسارين ٿو.

مصري فقير (راڳي)

مصري فقير ولد الهڏنو مڱڻهار سن 1929ع ۾ ڳوٺ لقاڻ پور تعلقي شهداد پور ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو ۽ پوءِ 1958ع کان هميشه لاءِ اچي سرهاڙي ۾ سڪونت پذير ٿيو. پاڻ مشهور خوش الحان راڳي ٿي گذريو آهي.

مصري فقير جي تعليم چار درجا سنڌي هئي، هن ساز ۽ آواز واري ماحول ۾ اک کولي. سندس تعلق مڱڻهار گهراڻي سان هو جن جو پيشو ئي ڳائڻ وڄائڻ آهي. هن راڳ جي باقاعده سکيا استاد پيارن خان کان حاصل ڪئي، ۽ پوءِ جڏهن سائين طالب المولىٰ جن جي مٿس محبت واري نظر ٿي تڏهن سندس فن کي چار چنڊ لڳي ويا.

مصري فقير تمام سريلو فنڪار ٿي گذريو آهي. سندس آواز ۾ حد درجي

جو ميناج هوندو هو، پاڻ مخدوم طالب الموليٰ جن جي حاضريءَ جو ڳائڻو هوندو هو، ان لحاظ کان هن راڳ کي سوچي سمجهي ڳايو. سندس ڳائڻ جو انداز نرالو هوندو هو. جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ پنهنجي مخصوص ڳائڪي واري انداز سبب پاڻ 25 سال سنڌي موسيقي جي دنيا تي ڇانيل رهيو.

مصري فقير باجي تي ڳائيندو هو، اڪثر سائين طالب الموليٰ جي شاعري ڳائيندو هو. کيس هزارين بيت ياد هوندا هئا، انڪري ڪلام جي هر مصرع چوڻ کان اڳ بيتن جي جڻ برسات وسائي ڇڏيندو هو. هن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳائي وڄائي مڃتا ماڻي. پاڻ 1952ع کان ريڊيو پاڪستان ۽ 1973ع کان پاڪستان ٽيليويزن سان وابسته رهيو. سندس آواز ۾ ڪيترائي ڪلام رڪارڊ ٿيل آهي، جيڪو وقت بوقت ريڊيو تان نشر ٿيندو رهندو آهي.

مصري فقير مهان راڳيءَ سان گڏ پلوڙ شاعر پڻ هو. شاعري ۾ "مخمور" تخلص استعمال ڪندو هو، ۽ ڪلام جي اصلاح مخدوم صاحب کان ڪرائيندو هو.

مصري فقير 8- سيپٽمبر 1984ع تي سول اسپتال نواب شاهه ۾ انتقال ڪيو. سندس آخري آرام گاهه سرهاڙي لڳ جوڻن جي ڳوٺ واري قبرستان ۾ آهي. سندس ڪلام مان نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

بيوفا آهي زمانو پيار ڪنهن سان ڪيئن ڪجي
توڙي پنهنجو ۽ بيگانو پيار ڪنهن سان ڪيئن ڪجي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي

مصطفيٰ حيدر ولد ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي26- مئي 1934ع تي ڏگهڙي شهر ۾ ڄائو. جتي سندس والد ان وقت مختيار ڪار هو. پاڻ شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي.

مصطفيٰ حيدر جي تعليم حيدرآباد ۾ مڪمل ٿي. هن پنهنجي علمي زندگيءَ جي شروعات صحافت جي پيشي اختيار ڪرڻ سان ڪئي ۽ ٿوري عرصي ۾ ملڪ جي ممتاز صحافين ۾ شمار ٿيڻ لڳو. پهريان روزانه "عبرت" حيدرآباد ۽ پوءِ "انڊس ٽائيمس" (انگريزي) جو اسٽاف رپورٽر بڻيو. ساڳئي وقت انگريزي اخبار سيول اينڊ ملٽري گزيٽ ۽ ليڊر اخبار ڪراچي جو پڻ نمائندو ٿي رهيو. هن 1965ع ۾ سرڪاري ملازمت اختيار ڪئي. پبلڪ سروس ڪميشن جي چونڊ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري راولپنڊي ۾ مرڪزي وزارت اطلاعات ۽ نشريات جي پريس انفرميشن آفيس ۾ اسسٽنٽ انفرميشن آفيسر مقرر ٿيو. 1967ع ۾ ترقي ڪري انفرميشن آفيسر ۽ 1973ع ۾ ڪوئيٽا ۾ ڊائريڪٽر پبلڪ ريشن بنجي ويو

۽ آخر تائين ان عهدي تي رهيو.

مصطفيٰ حيدر کي ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي شفيق پيءُ جي صحبت ۾ ادب، شعرو شاعري ۽ قومي خدمت سان دلچسپي پيدا ٿي. هن 12 سالن جي عمر ۾ مضمون ۽ 14 سالن جي عمر ۾ شعر لکڻ شروع ڪيا. شاعري ۾ غلام محمد گرامي، محمد خان غني ۽ ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل کان رهنمائي حاصل ڪيائين. پهريان "آتش" تخلص اختيار ڪيائين، جيڪو پوءِ پنهنجي والد جي هدايت سان ترڪ ڪري "مصطفيٰ" تخلص سان شعر چوندو رهيو. سندس ڪلام مان وطني ۽ قومي درد منديءَ جي جهلڪ ملي ٿي.

مصطفيٰ حيدر جتوئي دل جي عارضي سبب 25- مئي 1975ع تي وفات ڪري ويو.

مصطفيٰ قريشي

مصطفيٰ قريشي جو تعلق حيدرآباد شهر سان آهي. هو پاڪستاني فلمن جو نامور اداڪار آهي. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم- اي ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي فني زندگيءَ جو آغاز ريڊيو ڊرامن سان ڪيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان جيڪو پهريون ڊرامو نشر ٿيو، اهو مصطفيٰ قريشي پيش ڪيو هو، جنهن جو نالو هو "موسم ۽ مجبوري".

مصطفيٰ قريشي ڪجهه عرصو ريڊيو پاڪستان ڪراچي تي ڊيوٽي آفيسر طور رهيو، بعد ۾ پروڊيوسر جي حيثيت سان وري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آيو. 1967ع ۾ پاڻ فلمي دنيا سان وابسته ٿيو. سندس پهرين سنڌي فلم هئي "ڌرتي لال ڪنوار" جنهن کان پوءِ کيس اردو فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق ٿيو ۽ اهو شوق کيس لاهور ڪڍي آيو، جتي پاڻ اڄا تائين رهائش پذير آهي ۽ فلم انڊسٽري سان وابستگي رکيو اچي.

مصطفيٰ قريشي جي پهرين اردو فلم " لاکون مين ايک" هئي جنهنجو هدايتڪار رضا مير هو. ياد رهي ته هدايتڪار رضا مير جي پڻ هيءَ پهرين فلم هئي. هن فلم ۾ مصطفيٰ قريشي ولن جو ڪردار ادا ڪيو ۽ هيءَ فلم 28- اپريل 1967ع تي رليز ٿي هئي جيڪا يونائيٽيڊ ورڪرز اداري ناهي هئي.

مصطفيٰ قريشي لاهور ۾ ابتدائي ڇهه سال صرف اردو فلمن ۾ ڪم ڪندو رهيو، جو کيس پنجابي زبان ڳالهائڻ نه ايندي هئي، ليڪن 1973ع ۾ اسلم پرويز جي اصرار تي پنجابي زبان سکي پنجابي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سندس پهرين پنجابي فلم جو نالو آهي "چار خون دي پياسي." پاڻ هيل تائين سوين اردو پنجابي ۽ سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي، جيڪي سڀ

جون سڀ ڪامياب ويون. هونءَ تہ سندس ڪيترين ئي فلمن سپر هٽ ويون، پر فلم "مولا جٽ" ڏاڍي مقبول ٿي، جيڪا صرف لاهور ۾ ٻہ سئو هفتا لڳاتار هلي.

سنڌ جي هن سپوت کي پاڪستان فلم انڊسٽري ۾ جيڪا شاندار مقبوليت ملي آهي، اها ڪنهن ٻئي اداڪار کي اڄ تائين نصيب نہ ٿي سگهي آهي. سنڌ ۽ سنڌ واسين کي هميشہ سندس ذات تي فخر رهندو. سنڌ جي مشهور لوڪ گلوڪاره روبينہ قريشي سندس شريڪ حيات آهي. مصطفيٰ قريشي کي مختلف طور ڪيترائي اعزاز ايوارڊ ملي چڪا آهن، پر سندس فن انهن کان مٿ پرو آهي.

مظفر حسين "جوش"

مظفر حسين "جوش" ولد حاجي محمد حسين 22- ڊسمبر 1919ع تي خيرپور ۾ ڄائو. پاڻ ڪهنہ مشق شاعر ٿي گذريو آهي.

مظفر حسين "جوش" جو تعلق سنڌ جي مشهور شخصيت حسن علي آفندي واري آخوند گهراڻي سان هو. سندس والد رياست خيرپور ۾ معتمد خاص جي عهدي تي فائز هو.

مظفر حسين "جوش" ابتدائي تعليم خيرپور جي هڪ پرائمري اسڪول مان ورتي، ۽ سيڪنڊري تعليم لاءِ مختلف اسڪولن ۾ پڙهيو. جهڙوڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، نوٽيالا هاءِ اسڪول حيدرآباد، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ اسلاميہ هاءِ اسڪول ڀاٽي دروازه لاهور ليڪن پاڻ مئٽرڪ جو امتحان پاس نہ ڪري سگهيو. آخر پڙهڻ جي پڇر ڇڏي وڃي انڊين نيوي ۾ شامل ٿيو، جتان 1946ع ۾ وطن واپس موٽيو ۽ ايمپلائمينٽ ايڪسچينج ۾ ملازم ٿيو، پوءِ وري پي- ڊبليو- ڊي کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، پر اها نوڪري بہ ڇڏي ڏنائين. آخر 1958ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسڪرپٽ رائيٽر جي حيثيت ۾ شامل ٿيو، جتي 1982ع تائين ڪم ڪندي رٽائر ٿيو.

مظفر حسين "جوش" جو تعلق علمي گهراڻي سان هو، انڪري ڪيس شروع کان علم ۽ ادب سان چاهہ رهيو. پاڻ ننڍي عمر کان ئي شعر و شاعري ڪندو هو. ليڪن 1938ع کان باقاعده شعر چوڻ شروع ڪيائين. سندس ڪلام جي اصلاح سيد غلام علي شاهہ "مخمور" ڪندو هو ۽ علم عروض ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل" کان حاصل ڪيائين پاڻ بزم خليل جو شروع کان سرگرم ڪارڪن رهيو.

جوش صاحب ريڊيائي ڊراما، افسانا بہ لکيا ۽ فن شاعري مان گيت، غزل، نظم، ڪافيون، مسدس، بيت، حمد، منقبت ۽ مثنويون لکيون، ليڪن پاڻ

بنيادي طور غزل جو شاعر هو. سندس تغزل ۾ رس ۽ پختگي آهي. سندس غزل پختگي، زبان ۽ انداز بيان جي حيثيت سان اردو غزل گو شاعرن جي معياري تجربن سان ڪلهو هڻي ٿو. سندس ڪلام ۾ اشاريت ۽ معنويت آهي. زبان جي دلاويزي آهي. سندس غزل ۾ بندشون شاندار ۽ ترڪيبون رعبدار آهن. سندس غزل بيشڪ فخر جي قابل آهي.

جوش صاحب ڪڏهن ڪڏهن اردو ۾ به شعر چوندو هو، مشاعرن جو مور هوندو هو. هن "روپمتي"، "باز بهادر" ۽ ٻه ٻيون مثنويون لکيون هيون، ليڪن افسوس جو سندس سمورو ڪلام ڇپجڻ کان اڳ سندس زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪنهن سبب جي ڪري ضايع ٿي ويو. هن بهترين شاعر جي بيش بها شاهڪار جي ضايع ٿيڻ تي جيترو افسوس ڪجي گهٽ آهي. البت سندس ٿورو ڪلام ڪجهه رسالن ۾ ۽ ريڊيو پاڪستان جي ڪيسٽن تي محفوظ ٿيل آهي.

مظفر حسين "جوش" 12- اپريل 1995ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ٽنڊو يوسف حيدرآباد ۾ آهي. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

جهـــــان عـــــشق ۾ ديوانہ وار آيا سين
اوهانجي راهہ ۾ مـــثل غبـــار آيا سين
اسان جا اشڪ تہ افسوس گل بڻي نہ سگهيا
اوهان جي بزم ۾ گـــواشـــڪبـــار آيا سين.

مظهر جتوئي

ڪامريڊ مظهر ولد ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي 14- فيبروري 1936ع تي گهوٽڪي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو گهٽگهرو ۽ هاري ڪميٽيءَ جو بيباڪ اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

ڪامريڊ مظهر جتوئي 1958ع ۾ بي- اي ۽ 1960ع ۾ ايل- ايل- بي جو امتحان پاس ڪيو ۽ 1965ع کان بينڪ جي ملازمت اختيار ڪيائين.

ڪامريڊ مظهر نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي اولين ذميواري سمجهندي "هاري ڪميٽي" کي پنهنجي نگراني ۾ پنهنجي عظيم والد"باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي خواهشن تحت ٺي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. هارين جي حقن کان سواءِ قومي جدوجهد لاءِ بہ هيءُ مرد مجاهد پاڻ پتوڙيندو رهيو. سنڌ جي حقن لاءِ هر ڪنهن سان گڏجڻ لاءِ تيار رهندو هو. پاڻ نهايت ڪلبل، واضع، چٽو ۽ کرو ماڻهو هو.

ڪالا باغ ڊيم جي حوالي سان هن جي ڪيل جدوجهد سنڌ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندي. ڪيس ڪالا باغ ڊيم جو پهريون شهيد چيو وڃي ٿو. ڇو

جو ان تحريڪ ۾ هن رات ڏينهن هڪ ڪري ايڪشن ڪميٽيءَ جي پليٽ فارم تان جهر جهنگ جهاڳي سنڌي قوم کي بيدار ڪيو، ته سنڌ گڏڙن جي حوالي ٿي آهي جن کان انکي آزاد ڪرائڻو آهي، پيرسنيءَ ۾ هيڏي وڏي جاکوڙ ڪرڻ سبب پاڻ بيمار ٿي پيو، نيٺ 22- آگسٽ 1998ع تي دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو.

ڪيس سنڌ سان ايتري ته محبت هئي جو پنهنجي وفات کان ٻه ڏينهن اڳ پنهنجي پٽن کي گهرائي چيائين ته " منهنجي مرڻ کان پوءِ سنڌ جي پارت اٿو. خبردار جو چند ٽڪن تي غداري ڪئي اٿو. سنڌ تان سيئي سر گهورڻ لاءِ تيار رهو. پنهنجي امڙ جي نمڪ حلالي ڪجو، اها ئي منهنجي اوهان کي وصيت آهي."

ڪامريڊ مظهر جتوئي هڪ انمول هيرو هو، جنهن مان باباءِ سنڌ جي خوشبوءِ بکي رهي هئي. هن جي وڃڻ سان سنڌ هڪ ٻئي حيدر بخش کان محروم ٿي وئي.

"معمور" يوسفاڻي

محمد عمر "معمور" يوسفاڻي ولد حاجي محمد يوسف پلي 24 جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي نبي بخش پلي تعلقي عمر ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اعليٰ درجي جو اديب، شاعر، محقق ۽ تاريخدان ٿي گذريو آهي.

معمور يوسفاڻي پرائمري تائين تعليم حاصل ڪري هاريءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو، ڪجهه وقت کان پوءِ وري ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو.1952ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو.1959ع ۾ اديب فاضل (سنڌي)، 1963ع ۾ مشترڪ ۽ 1964ع ۾ اديب فاضل (اردو) جا امتحان پاس ڪيائين، ان کان پوءِ يوناني طب، هوميوپيٿي، منشي عالم فارسي، بي اي ۽ ايم اي جا امتحان پڻ پاس ڪيائين.

معمور يوسفاڻي 1978ع ڌاري سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ رهيو، ان کان پوءِ جي ايس ٽي ۽ 1986ع ۾ ايچ- ايس-ٽي ٿي رهيو، آخر ۾ بيٽ آفيسر جي عهدي تان 24- جنوري1989ع تي رٽائر ٿيو.

معمور يوسفاڻي سنڌ جي چند اهڙين شخصيتن مان هڪ هو، جيڪي پنهنجي ذات ۾ انجمن هونديون آهن يا همه گير شخصيت جون مالڪ هونديون آهن ڪيس لوڪ ادب جي نثر خواهه نظم جي هر صنف تي ملڪو حاصل هو. ناول، ڊراما ۽ افسانا اوائلي نوجوانيءَ واري دؤر ۾ لکيائين، مضمون نگاري ۽ مقالہ نويسي سان گڏ ڪيس سنڌ جي تاريخ توڙي جاگرافيءَ تي سني ڄاڻ هئي. ٿرپارڪر کي ته پيرين پنڌ هلي چپو چپو ڪري ڏٺائين پراڻن دڙن، پڙن، ماڳن ۽

وهڪرن تي تحقيق ڪيائين علم جعفر، علم رمل يا صرف ونحو جو پڻ سنو ڄاڻو هو. لطيف سان تہ جڻ عشق هئس، لطيف جي سورمن، سورمين ۽ سخي مردن تي ڀرپور نموني سان لکيائين. شاهہ صاحب جي پيغام ۽ روحاني رازن تي تقرير توڙي تحرير ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. صدر جنرل ضياء سنڌس اهڙي هڪ تقرير کان متاثر ٿي ڪيس ہہ لک روپيا نقد انعام طور ڏنا. هن1952ع کان باقاعده شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. پاڻ استاد شاعر هو، عروضي شاعري جي هر صنف تي لکيائين. في البديهہ شاعري تي پڻ ملڪو حاصل هئس، شاعري ۾ سنڌس لاتعداد شاگرد آهن. سنڌس گهر واري مهرالنساء مهر پروين ۽ سنڌس پٽ ٻہ سٺا شاعر آهن، پاڻ ادب ۾ لاديني لاڙن جي سخت خلاف هو ۽ انهيءَ مهم ۾ هميشہ اڳيرو رهيو. پاڻ ڪيترين ئي ادبي تنظيمن ۽ تحريڪن سان وابستہ رهيو، ادبي اداري "اداره نواء ادب" ڳوٺ خان صاحب عطا محمد پلي جو ڊائريڪٽر پڻ ٿي رهيو.

معمور يوسفاڻي مختلف موضوعن تي اٽڪل پنجاهہ کن ڪتاب لکيا، جن مان ڪي ٿورڙا ڇپجي سگهيا آهن. جهڙوڪ آڏي ڊال مرَ ڊار (شاعري-1966ع) سٺا اٿي جاڳ (1967ع) پکن منجهہ پساهہ (1967ع) ۽ ڏاهر مثنوي (شاعري) وغيره.

ان کان علاوه سنڌس لکيل لاتعداد مضمون ۽ مقالا نئين زندگي، مهراڻ، پيغام ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل آهن.

تہ جو هيءُ عظيم دانشور 24- ڊسمبر 1993ع تي وفات ڪري ويو. سنڌس آخري آرامگاهہ لطيف نگر (راجہ رستي) جي ڀرسان سنڌس ئي زمين ۾ آهي. سنڌس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

محب تنهنجي مهر آهي جڳ اندر جلوي گري
دلربا ديدار تنهنجي کي ڏسي هر اک نري
ڇا ڪندو "معمور" تنهنجي سونهن جي ساراهہ گري
وصف تنهنجي ۾ رهيا حيران "سعدي" انوري.

معين الدين کنيا روي، حڪيم

حڪيم معين الدين ولد ميان عبدالرحمان سن 1893ع ۾ ڳوٺ کنياري تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهہ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ وڏو حڪيم، عالم ۽ خلافت تحريڪ جو اڳواڻ ٿي گذريو آهي.

حڪيم معين الدين جو اصل نالو حزب الله هو، ذات جو ڪيريو هو، کنياري ڳوٺ ۾ ڄمڻ ڪري کنياروي نالي پويان استعمال ڪندو هو، سنڌس وڏا نقشبندي طريقي جا وڏا بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن. انهيءَ ڪري سنڌن مريد

کين عزت ۽ احترام وچان "ميان صاحب" ڪري سڏيندا آهن.

حڪيم صاحب قرآن شريف جي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي ۽ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مختلف نامور عالمن سڳورن کان حاصل ڪئي. پوءِ کيس حڪمت جو علم حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو، ان ڪري پهريان ان دور جي وڏي حڪيم محمد نواز بهاولپوريءَ وٽ حڪمت جي ابتدائي سکيا ورتائين ۽ پوءِ "طبيه ڪاليج پٽيالا" مان علم طب جي سند حاصل ڪيائين. هن سموري زندگي طبابت جي ڌنڌي ۾ گذاري.

حڪيم صاحب خلافت تحريڪ جو ميمبر ٿي سياست ۾ پير پاتو، پاڻ مولانا عبيدالله سنڌي جي معتقدن مان هو. هن خلافت تحريڪ ۾ سر جوشي سان حصو ورتو. 7- فيبروري 1920ع تي لاڙڪاڻي ۾ خلافت ڪانفرنس سڏائي ۾ سندس وڏو هٿ هو. بزرگ گهراڻي سان تعلق هئڻ ڪري سندس ڪيترائي مريد هئا.

حڪيم صاحب ذاتي سببن جي ڪري ڪنيا رين مان لڏي 1917ع ۾ دادو شهر ۾ رهائش پذير ٿيو، پر پوءِ لڏي نواب شاهه ۾ اچي رهيو. پاڻ 20- فيبروري1970ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو.

مل محمود پلي

محمود ولد محمد عارف پلي سن 1289هه ۾ عمر ڪوٽ کان12 ميل ڏکڻ طرف ڳوٺ حاجي عبداللطيف پلي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. مٿس "مل" نالو انهيءَ ڪري پيو جو هو بدن ۾ سنهون ۽ قد جو ڊگهو هو، جهڙو چوڙري جو "مل" (چوڙري جي جهل لاءِ جيڪي سنها، ڊگها ڪايا ڪم ايندا آهن تن کي مل چئبو آهي)

مل محمود فقير حاجي عبداللطيف وٽ قرآن شريف پڙهي ياد حافظ ٿيو. سندس شاعريءَ ۾ قرآن شريف ۽ حديث پاڪ جا حوالا تمام گهڻا ڏنل آهن پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ حسن ۽ عشق سان گڏ وعظ، نصيحت ۽ دنيا جي دستور بابت گهڻو ڪجهه چيو آهي. هن بيت، ڪافيون، غزل، نظم، معجزا، مولود، مداحون، مثنويون، ٽيهه اکريون، هجو، مناظرا ۽ واقعاتي بيت چيا آهن سندس ڪلام جا ٻه مجموعا "مجمع العجائب" ۽ "ليليٰ مجنون" ڇپيل آهن، جن جي آخر ۾ نصيحت نامو پڻ ڏنل آهي. سندس ڪلام ڪيترن ئي صوفي راڳين ڳايو آهي.

فقير صاحب ڪاڻوڙي وارن راڄڙن مان شادي ڪئي هئي، جنهن مان کيس ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

فقير مل محمود پلي 22- نومبر1933ع تي وفات ڪري ويو، سندس

مزار رام جوڳي جي مشهور قبرستان ۾ آهي. سندس ڪافيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

بدن باقي ڇڏي جاني هنيو هٿ ڪيئي سڄڻ هيري
اکيون توسان اچي اڙيون جڙون جاني هٽي جڙيون
چشم جي چوٽ چڙهيون چٽي ڪانن وڌيون ڪيري.

ممتاز حسين پٺاڻ، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر ممتاز حسين ولد عبدالرحمان پٺاڻ 7 جولاءِ 1927ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور محقق، مورخ ۽ نقاد ٿي گذريو آهي. سندس والد افغاني سدوزئي قبيلي مان هو، جنهن جي ولادت 1901ع ۾ قنڌار ۾ ٿي، اڳتي هلي هيءُ خاندان حيدرآباد سنڌ ۾ اچي رهيو.

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ ديني، فارسي، عربي ۽ سنڌي جي تعليم حيدرآباد جي هڪ ڳوٺڙي جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان1944ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪري روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، بعد ۾ 1951ع ۾ بي-اي،1953ع ۾ ايل- ايل- بي ۽ 1954ع ۾ ايم-اي جا امتحان پاس ڪيائين. 1962ع ۾ پي-ايچ-ڊي ڪيائين، جنهن لاءِ سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو "انڊيپينڊنٽ عرب ڪنگڊم آف المنصوره" پاڻ پهريون اسڪالر هو جنهنکي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي-ايچ-ڊي جي سند ملي.

ڊاڪٽر صاحب سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري مختيارڪار ٿيڻ جي ويو هو، ليڪن ايم-اي ڪرڻ کان پوءِ ان وقت جي وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضي ۽ نامور اديب عبدالواحد هاليپوٽي جي مشوري سان پاڻ روينيو جي ملازمت ڇڏي اچي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسلامي تاريخ جي شعبي ۾ استاد ٿيو، اڳتي هلي هن شعبي جو سربراهه مقرر ٿيو. 1963ع ۾ ڪجهه الزامن هيٺ کيس نوڪري مان ڪڍيو ويو، ان کان پوءِ ڪجهه وقت اسلاميه ڪاليج ڪراچي ۾ پروفيسر ۽ سنڌالاجي ۾ ريسرچ فيلو ٿي رهيو، پر پوءِ سرڪاري نوڪري ڇڏي وڪالت ڪرڻ لڳو.

ڊاڪٽر صاحب تمام ڏاهو، وسيع مطالعو رکندڙ محنتي انسان هو کيس سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي، عربي، بلوچي ۽ پشتو ٻولين ۾ مهارت حاصل هئي. هڪ اديب، محقق ۽ مورخ جي حيثيت ۾ هن ڪيترن ئي عنوانن تي نهايت عالمانه انداز ۾ لکي سنڌ، پاڪستان ۽ هندستان جي علمي ۽ ادبي مرڪزن ۾ وڏي مڃتا حاصل ڪئي. هن جن عنوانن تي لکيو انهن ۾ اسلامي قانون، رسول

پاڪ جي سيرت، قرآن شريف، عربي اتهاس ۽ ادبيات، تحريڪ آزادي، تحريڪ پاڪستان، اسلامي ادارا ۽ سنڌ جي تاريخ وغيره شامل آهن.

سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ لکيل سندس مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن، جن ۾ سنڌي رسالا مهراڻ، نئين زندگي، اردو رسالو "نئين قدرين" ۽ حيدرآباد دکن جو مشهور انگريزي رسالو "اسلامڪ ڪلچر" شامل آهن. جڏهن ته سندس لکيل ڪتاب هن ريت آهن.

نئينءَ مصر جا ٻرانڊ ورق (ڪيپٽن ايسٽوڪ جي انگريزي ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو-1973ع)، عرب ڪنگڊم آف المنصوره (هيءَ ڪتاب سندس ڊاڪٽوريٽ لاءِ لکيل تحقيقي مقالو آهي، جيڪو سنڌالاجي 1974ع ۾ شايع ڪيو)، هسٽري آف سنڌ (عرب پيرڊ) جلد ٽيون (1978ع).

ان کان سواءِ پنجاب يونيورسٽيءَ جي ادبيات جي اداري طرفان مرتب ڪرايل 19 جلدن ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي ادبي تاريخ ۾ سنڌ ۾ عربي دؤر بابت ڊاڪٽر صاحب جو نهايت تفصيلي مقالو ڇپيل آهي، هي جلد 1972ع ۾ شايع ٿيو.

ڊاڪٽر ممتاز حسين پٺاڻ 14- سيپٽمبر 1993ع تي وفات ڪئي، حيدرآباد جي شاهه مکي قبرستان ۾ دفن آهي.

ممتاز علي ڀٽو

ممتاز علي ولد نواب نبي بخش خان ڀٽو29- نومبر 1933ع تي ڳوٺ سردار پير بخش خان ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دؤر جو مشهور سياسي ليڊر آهي.

ممتاز علي ڀٽي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم سينٽ جارج ڪاليج ۽ لارنس ڪاليج مان حاصل ڪئي. هن ايم-اي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ۽ قانون جي ڊگري 1959ع ۾ لنڪنز ان مان حاصل ڪئي.

ممتاز صاحب 1960ع کان ڪراچي هاءِ ڪورٽ جي وڪيل جي حيثيت سان وڪالت ڪرڻ لڳو. سن 1965ع ۾ لاڙڪاڻي مان بنا مقابلي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. جڏهن جناب ذوالفقار علي ڀٽي جا ايوب خان سان سياسي اختلاف ٿي پيا، ته ممتاز صاحب پنهنجي سوٽ ذوالفقار علي جو ساٿ ڏنو. انڪري 13- نومبر 1968ع تي جناب ذوالفقار علي سان گڏ ممتاز صاحب کي به ڊي- پي-آر ماتحت گرفتار ڪيو ويو ڊسمبر1970ع ۾ يحيٰ خان چونڊون ڪرايون ته، ممتاز صاحب پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي شهدادڪوٽ، ميرو خان تڪ مان سينئر سياستدان قاضي فضل الله مرحوم کي

شڪست ڏني قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. ڊسمبر1971ع ۾ ڍاڪا سقوط ڪان پوءِ باقي پاڪستان تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي ته، 24- ڊسمبر 1971ع تي ممتاز صاحب کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو ۽ آئين پاس ٿيڻ کان پوءِ پاڻ پهرين مئي 1972ع کان 22- ڊسمبر 1973ع تائين سنڌ جو وزيراعليٰ ٿي رهيو. 22- آڪٽوبر 1974ع تي کيس وفاقي ڪابينا ۾ وزير مواصلات مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي 4- جولاءِ1977ع تائين رهيو. ان دوران صدر پاڪستان جي خاص ايلچي طور اٽلي، فرانس، سوئيزر لينڊ ۽ مغربي جرمني جا سرڪاري دورا پڻ ڪيائين. 1977ع ۾ مارشل لا آرڊر نمبر 12 تحت پوري پاڪستان مان پ- پ- پ جا ڏهه سرڪرده ليڊر گرفتار ٿيا، جن ۾ ممتاز علي ڀٽو به شامل هو. بيگم نصرت ڀٽي سندس گرفتاريءَ کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو، ليڪن اها رٽ درخواست رد ٿي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ ممتاز صاحب هاءِ ڪورٽ جي حڪم سان آزاد ٿيو. 1983 ۾ ايم- آر- ڊي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ ڪري کيس حيدرآباد پرسان گرفتار ڪري وري جيل موڪليو ويو، ۽ ڪجهه وقت ڪان پوءِ آزاد ٿيڻ بعد پاڻ ملڪ ڪان ٻاهر هليو ويو.

جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي اچڻ ڪان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرپرسن بيگم نصرت ڀٽو ۽ شريڪ چيئرپرسن محترمه بينظير ڀٽو کي بنايو ويو. اڳتي هلي ممتاز ڀٽي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي نئين قيادت وچ ۾ سياسي اختلاف ٿي پيا ۽ کيس پارٽيءَ مان خارج ڪيو ويو. 1985ع ۾ ممتاز علي ڀٽي لنڊن ۾ "سنڌ بلوچ پختون فيڊريشن" (ڪنفيڊريشن) نالي پنهنجي نئين جدا پارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو. 7- فيبروري 1986ع تي گهڻو وقت ملڪ ڪان ٻاهر گذارڻ بعد پاڻ لنڊن ڪان ڪراچي پهتو ۽ ٽنهي صوبن (سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد) ۾ پنهنجي پارٽيءَ جي تنظيم ڪاري جي ڪم ڪرڻ ۾ لڳي ويو. نومبر 1988ع واري اليڪشن ۾ سندس پارٽيءَ کي ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي ۽ خود ممتاز علي ڀٽو رتوديرو صوبائي سيٽ تي پ- پ-پ جي اميدوار سيد ديدار حسين شاهه ڪان هارائي ويو، جنهن ڪان پوءِ ممتاز ڀٽي پنهنجون سياسي سرگرميون صرف صوبي سنڌ تائين محدود ڪري ڇڏيون ۽31- مارچ1989ع تي پنهنجي پارٽيءَ کي "سنڌ نيشنل فرنٽ" جو نالو ڏنائين. پاڻ هن وقت ان پارٽيءَ جو چيئرمن آهي، ليڪن سندس نئين پارٽيءَ کي به عوام ڪان ڪا خاص موٽ نه ملي آهي. سندس شمار سنڌي قوم پرست ليڊرن ۾ ٿئي ٿو. کيس "ڏهيسر سنڌ" جي لقب سان پڻ ياد ڪيو ويندو آهي.

صدر فاروق احمد لغاري نومبر 1996ع ۾ جڏهن ملڪ جون قومي ۽

صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون ته 6- نومبر 1996ع تي ممتاز علي ڀٽي کي سنڌ جو نگران وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو، ۽ پاڻ ٽن مهينن تائين سنڌ جو ٻيو ڀيرو وزير اعليٰ ٿي رهيو.

ممتاز مرزا

ممتاز مرزا جو اصل نالو توسل حسين هو، سندس ولادت 29- نومبر 1939ع تي ٽنڊو آغا، حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ ادب، لوڪ ثقافت ۽ موسيقي جو زبردست پارکو ۽ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اسٽيج جو مهان ڪمپيئر هو.

ممتاز مرزا جو والد مرزا گل حسن المعروف "احسن ڪربلائي" سنڌيءَ جو تمام وڏو شاعر هو، جنهن ڪري ممتاز مرزا کي ڄمڻ سان ئي گهر ۾ ادبي ماحول مليو. ان املهه خزاني مان هن پورو پورو لاڀ حاصل ڪيو. هن 17 سالن جي عمر ۾ باقاعدي لکڻ شروع ڪيو. سنڌي سان گڏ اردو ۽ انگريزي ۾ به طبع آزمائي ڪيائين تعليم اجا مئٽرڪ تائين مس حاصل ڪيائين ته غريبي حال هئڻ ڪري ڪيس تعليم اڌ ۾ ڇڏي نوڪري ڪرڻي پئي. پهريان ڪيس سنڌي ڊڪشنري اسڪيم ۾ ريسرچ اسسٽنٽ جي نوڪري ملي، ان کان پوءِ ٻيا پروجيڪٽ اردو سنڌي، اردو ڊڪشنري ۽ سنڌي لوڪ ادب شروع ڪيا ويا، جن ۾ پڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان گڏ پاڻ ساڳئي عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. ان وچ ۾ هن مئٽرڪ، بي- اي ۽ ايم- اي (سنڌي) جا امتحان به پاس ڪري ورتا. ان کان پوءِ پاڻ پهريان ريڊيو پاڪستان تي اسڪرپٽ رائٽر ٿيو پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انفرميشن آفيسر بعد ۾ پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن تي پروگرام پروڊيوسر ۽ اسڪرپٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ آخر ۾ سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي ۾ ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو، پاڻ وفات تائين ان عهدي تي فائز رهيو.

ممتاز مرزا جڏهن ريڊيو سان منسلڪ ٿيو ته، هن ريڊيو جي ڊرامن ۾ نئون روح ڦوڪيو، جڏهن ٽيليويزن تي آيو ته اتي به يادگار پروگرام پيش ڪيائين. "پارکو" پروگرام ۾ ذهانت جا ڏاڍا جوهر ڏيکاريائين. راڳ رهاڻ ته ممتاز جي زندگي هئي. پاڻ موسيقي ۾ وڏي ڄاڻ رکندو هو. ڪيس اها پلي پر خبر هوندي هئي ته راڳ جي محفل کي ڪيئن مچائجي.

راڳ رنگ جون سرڪاري محفلون سندس ئي نگراني ۾ ٿينديون هيون.

مرزا صاحب ڪمپيئرنگ جي شروعات ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي چوڻ تي 4- آڪٽوبر 1961ع تي بيسنٽ هال حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل "پهرين ڪل سنڌ مزاحيه ڪانفرنس" جي اسٽيج تي جلسي جي ڪاروائي هلائڻ سان ڪئي. ان کان پوءِ 1967ع ۾ ڀالوا ۾ "مارئي جي ميلي" کان وٺي پٽائي جي

ميلي تائين، پريا پنجتيهه سال سنڌي ثقافتي اسٽيج تي سنڌي موسيقي، لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت کي دنيا آڏو متعارف ڪرائيندي پورو سورج بنجي پيو. پٽ شاهه، درازا، جهوڪ ۽ سيوهڻ کان سواءِ پاڻ دنيا جي ڪيترن ئي رنگارنگ ملڪن ۾ سنڌي موسيقي کي ثقاتي پس منظر ۾ خوبصورت ڪمپيئرنگ سان متعارف ڪرائيندو رهيو. هن ريڊيو ۽ ٽي-وي جي ڪجهه پروگرامن جي به ڪمپئيرنگ ڪئي.

ادبي حوالي سان هن ڪهاڻيون، ڊراما، مقالا ۽ ڪجهه ڪتاب لکيا. ڪتاب "سپريان سنڌي ڳالهڙي" ۾ راڳي محمد يوسف ۽ حيدرآباد شهر جو پس منظر بيان ڪيو اٿس بئي ڪتاب "سدا سوئيتا ڪاپڙي" ۾ وري سندس موضوع مشهور لوڪ فنڪار علڻ فقير آهي. سندس ڪتاب "وساريان نه وسرن" به وسرڻ جهڙو ناهي. هن وٽ گفتگو لاءِ جهڙا سهڻا ۽ موزون ترين لفظ هئا، اهڙائي نثر لکڻ لاءِ.

ممتاز مرزا 6- جنوري1997ع تي سڀ محفلون ميڙا چڏي هميشه لاءِ هن فاني دنيا کان موڪلائي ويو.

منٺار فقير راجڙ

منٺار فقير ولد قبول محمد راجڙ سن 1865ع ۾ ڳوٺ ڪاٽي راجڙ تعلقي ڪپري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي دور جو وڏو ڪافي گوشاعر ٿي گذريو آهي.

منٺار فقير جا وڏا اصل جيسلمير رياست جا رهندڙ هئا ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ لڏي اچي سنڌ ۾ رهڻ لڳا.

منٺار فقير ظاهري تعليم حاصل ڪونه ڪئي، ليڪن اکرن جي ٿوري گهڻي سڃاڻپ رکندو هو. پاڻ اچا جواني کي مس رسيو ته پيل ذات جي هڪ سهڻي ڇوڪريءَ جي نوخيز نگاهن سان گهائجي پيو، بس پوءِ ته فقيراڻا حال بنائي سيلاني بنجي پيو ۽ ٻارهن سال سنڌ ۽ هند جا مختلف ماڳ پيٽيندو رهيو. آخرمجازي عشق جون چاڙهيون چڙهندي وجي حقيقي عشق جي ميدان ۾ پهتو. سندس وڏا حضرت مخدوم نوح رحه جي درگاهه جا عقيدت مند هئا، ڪيس پڻ طريقت جو فيض مخدوم امين محمد رحه "پڪن ڏٺي" کان حاصل ٿيو.

منٺار فقير پنهنجن جذبن جو اظهار ڪرڻ لاءِ شاعريءَ جو سهارو ورتو. ڏسندي ڏسندي تقام وڏو شاعر بڻجي ويو. سندس ڪلام ڪافين، بيتن، مولودن، ٽيهه اکرين، مداحن ۽ مناجاتن تي مشتمل آهي، ليڪن ڪافي ۾ وڏا جوهر ڏيکاريا اٿس. سندس ڪلام نهايت پڪو، پختو ۽ سلوڻو آهي. هن حسن عشق کي گهڻو ڳايو آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ کي گهٽ، منگت، بي پهچ،

لاچار، مگٿهار ۽ سوالي سڏيو آهي. پاڻ موسيقي جو پڻ ماهر هو، جنهن ڪري سندس سچو ڪلام سر ۽ راڳڻين تي مشتمل آهي. سندس ڪلام وڏي تعداد ۾ موجود آهي.

هن چار رسالا مڪمل ڇڏيا آهن، سندس ڪلام جو پهريون مجموعو "رسالو خدائي" پهريون ڀيرو 1928ع ۾ ٻيراني جي ڪشنچند ۽ پرتاب راءِ فقير صاحب جي حياتي ۾ ئي ليٿو تي ڇپايو هو، جنهن جو ٽيون ڇاپو 1999ع ۾ ڇپيو آهي. ان کان علاوه سندس ٻه رسالا "رسالو مرتضائي" ۽ "رسالو رهنمائي" پڻ ڇپيل آهن ۽ "رسالو سدائي" اڃا قلمي صورت ۾ آهي.

فقير صاحب روزي نماز ۽ ذڪر جو پابند هوندو هو، مرشد کان مليل ذڪر سهروردي طريقي موجب صبح ۽ شام باقاعدگيءَ سان ادا ڪندو هو. پاڻ اڪثر ڪري سائو گيڙو يا نيرو پهراڻ ۽ آسماني نيري رنگ جي شلوار پهريندو هو، مٿي تي سائو گيڙو يا ڪاري رنگ جو ڪٽي نما پٽڪو ٻڌندو هو، ۽ ڪاري ڪٽي هميشه پاڻ سان گڏ رکندو هو. سفر ۾ ڪنڌري، ٻيراڳڻ، ناد، سنک، جهولي ۽ ڪستي پاڻ سان گڏ ڪڻندو هو.

منٺار فقير راڄڙ 16- جنوري 1935ع تي وفات ڪئي، نموني طور سندس هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

آئون اگلي گدلي گندر تون سمون سر سين
تولاءِ تماچي ڪيترين سمبون ٿيون ٻه سڪن
آئون اڳيان جن جوڙ نه جتيءَ جيترو.

منصور بلوچ

منصور بلوچ جي ولادت ڳوٺ عبدالله خان لنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ ٿي. پاڻ ريڊيو، ٽي- وي جي ڊرامن ۽ فلمي دنيا جو ناميارو صداڪار ۽ اداڪار ٿي گذريو آهي.

منصور بلوچ جو تعلق لنڊن جي هڪ زميندار گهراڻي سان هو، تعليم نواب شاهه ۾ حاصل ڪيائين. هن کي شروع کان ئي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هوندو هو. هن پنهنجي فني زندگيءَ جو آغاز ريڊيو جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪيو. جنهن کان پوءِ ٽيليويزن تي پهتو، جتي هن ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ بهترين اداڪاري جو مظاهرو ڪري پوري پاڪستان ۾ شهرت حاصل ڪئي. ٽي- وي تي سندس پهريون سنڌي ڊرامو "انڪوائري آفيسر" هو جيڪو ڏاڍو پسند ڪيو ويو. اردو ڊرامن "ديوارين" ۽ "جنگل" ۾ ڪيس زبردست مڃتا ملي. سندس آخري سنڌي سيريل "باک" ۽ آخري اردو سيريل "خواب راستي"

هئي، جيڪا اسلام آباد سينٽر تان ٽيليڪاسٽ ٿي ۽ آغا سليم جي لکيل هئي. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ بيشمار ڪردار ادا ڪيا ۽ هر ڪردار کي اهڙي تہ امرتا بخشيائين، جو جن بہ سندس ڊراما ڏٺا هوندا، تن جي اڳيان جڏهن بہ مرحوم جو ذڪر نڪرندو تہ ڪانئس اهي ڪردار نہ وسرندا.

منصور بلوچ1987ع ۾ فلمي دنيا ۾ داخل ٿيو، سندس پهرين فلم "مستي خان" هئي، جيڪا ساڳئي سال ۾ رليز ٿي. ان ڪان پوءِ هن ڪيترين ئي سنڌي، اردو ۽ پنجابي فلمن ۾ ڪم ڪيو.

سنڌ جو هيءُ عظيم فنڪار 3- مئي 1994ع تي دل جو دورو پوڻ سبب لاهور ۾ انتقال ڪري ويو، سندس جسد خاڪي کي آبائي ڳوٺ آڻي دفن ڪيو ويو.

"منصور" ويراڳي

عبدالرئوف المعروف "منصور" ويراڳي ولد جان محمد ابڙو 8- آڪٽوبر 1930ع تي شهر مانجهند ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو ۽ پنجن ڇهن سالن ڪان پوءِ پنهنجي اباڻي شهر هالا نوان ۾ اچي رهڻ لڳو. پاڻ مقبول شاعر اديب ۽ صحافي آهي.

منصور ويراڳي جي تعليم ۽ تربيت هالا ۾ ٿي هن مئٽرڪ ڪان سواءِ مولوي عربيءَ جو امتحان بہ پاس ڪيو. سندس تعلق ميان عيسيٰ هالائي جي خاندان سان آهي، جيڪو سروري خاندان جي مخدوم صاحب جو استاد هو. ميان عيسيٰ جي تربت درگاهہ مخدوم نوح رحہ جي مقبري جي پر سان مخدوم صاحب جي چوڪنڊي ۾ آهي. سندس نسب جو سلسلو پرياوءِ جي مخدوم محمد اسماعيل سان ملي ٿو.

منصور ويراڳي هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ڪان علاوه تحريڪ آزادي جي سلسلي ۾ "مسلم نيشنل گارڊ" جي حيثيت سان پڻ مشهور آهي. سماجي حوالي سان پڻ گهڻو ڪجهہ ڪيو اٿس. ان سلسلي ۾ پاڻ ڪجهہ تعليمي ادارن جو باني پڻ آهي. هڪ صحافي جي حيثيت ۾ ماهنامہ "منزل" جو ايڊيٽر ۽ "سروري مخزن" جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. پاڻ سنياسي پبليڪيشن ۽ انٽرنيشنل اڪيڊميءَ جو اڳواڻ بہ ٿي رهيو آهي. سندس ڪجهہ ڪتاب نثر توڙي نظم ۾ ڇپيل آهن ڪيس سنڌ جي قومي شاعرن ۾ اهم مقام حاصل آهي. سندس شاعري عوام ۾ مقبول آهي. ريڊيو تان بہ سندس ڪلام نشر ٿئي ٿو ۽ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ پڻ سندس ڪافي شعر ڇپيل آهن. شاعري ۾ استاد مرحوم نظامي هئس. خلافت هلچل جي مشهور مجاهد مرحوم "سائل" هالائي جي استادانہ صحبت ۽ سيد احسن الهاشمي جي مجاهدانہ رفاقت سندس زندگيءَ کي جهد و رياضت جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو.

ويراڳ ۽ عسڪريت جو عجيب امتزاج سندس قلندرانه زندگيءَ جي سجاڻپ آهي. پاڻ اڄڪلهه خاموش زندگي بسر ڪري رهيو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن مان ڪجهه هن ريت آهن،

وطن جي راهه ۾ (ناول- 1964ع)- شام وسحر (ناول- 1965ع)- سوري جني سيج (ناول- 1965ع)- صداءِ وطن (شاعري- 1967ع)- رت جا ڳوڙها (ناول- 1971ع)- ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي (شاعري- 1968ع)- اندر جا آلاپ - غيرت ـ هن پار- جيون ساٿي- مزدور جو لاش- وغيره.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ملاحظ فرمائيندا.

محبوب جو هي مون تي ڪيڏو نه آ ڪرم
دل کي ستائي دم دم دلدار جو ٿي غم
جيڪو شب فراق ۾ غم سان آ همڪنار
تنهن کي ڪنڌا پيلا ڇا سنسار جا ستم.

منظور علي خان، استاد

استاد منظور علي خان ولد استاد جمالو خان سن 1922ع ۾ شڪار پور ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي سنگيت جو تمام وڏو گويو ٿي گذريو آهي.

خانصاحب استاد منظور علي خان جو پڙ ڏاڏو شادي خان جواني واري وقت ۾ هندستان جي شهر فتح ڳڙهه چوڙيان (ضلع گرداس پور) مان لڏي خيرپور ميرس آيو، ڇو جو خيرپور وارا مير راڳ جي قدرداني ۽ سرپرستي ڪرڻ ۾ سڄي هندستان ۾ مشهور هئا، ۽ پوءِ خيرپور مان لڏي وڃي شڪار پور ۾ رهڻ لڳو .

منظور علي خان نائين ڪلاس تائين شڪار پور ۾ پڙهيو، ۽ 1940ع ۾ پنهنجي والد سان گڏ شڪار پور ڇڏي اچي ٽنڊو آدم وسايو. جيئن ته سندس تعلق موسيقار گهراڻي سان هو، انڪري هن ننڍي هوندي ئي پنهنجي والد جمالو خان ۽ استاد سينڌو خان کان موسيقي جي سکيا ورتي، ۽ پنهنجي پربل ۽ اثرائتي آواز، ذهن ۽ لياقت سان سکهو ئي موسيقي ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ورتي نوجواني ۾ سنڌ ۽ هند ۾ راڳ جي مختلف محفلن ۾ پنهنجي بيءُ سان گڏ شريڪ ٿيندو رهيو. 1940ع ۾ لاهور ۾ استاد بڙي غلام علي خان کان راڳ جو مقابلو ڪٽيائين، نوجواني ۾ اها سندس وڏي ڪاميابي هئي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ خانصاحب منظور علي خان سنڌ ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو اڳواڻ ٿي رهيو. خيال، ٺمري، دادرو، ٽپو وغيره ڳائڻ ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي. ٽپو ڳائڻ ۾ ته پاڻ سڄي پاڪستان ۾ برک هو. وڏي ڳالهه

ته ويهين صدي جي ڪلاسيڪل موسيقارن مان، استاد منظور علي خان پهريون گويو هو، جنهن کي سنڌ جي مقامي موسيقي جي به ڄاڻ هئي. جيتريون سنڌي راڳڻيون صحيح انداز ۾ هن ڳايون آهن. اوتريون ڪانئس اڳ ڪنهن به نه ڳايون. هن ڪلاسيڪي موسيقي ۽ سنڌي موسيقي جي ٻه- درياهي کي گڏي، موسيقي جون ڇڻ ملڪ ۾ موڪون لائي ڇڏيون هيون. راڳ سان گڏ هو ڪلاسيڪي موسيقي جو هڪ وڏو عالم هو. ڪلي محفل ۾ ڪلي ڳائڻ جو بادشاهه هو. پنهنجي صاف سريلي آواز وارن سڻن آلاپن، توڙي پوري پريل آوازن وارن ڏڏڪن ۽ ڏماڪن سان استاد منظور علي خان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سالن جا سال محفلون مچائيندو رهيو. سنڌ جي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ سندس نالو هميشه ياد رهندو.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو امين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ فرمائي ٿو ته "استاد منظور هڪ سنجيده، بااخلاق، قربائتو ۽ سنڌ جي ناتي نڀائڻ واري ريت رسم جو پابند انسان هو."

استاد منظور علي خان ريڊيو پاڪستان سان به لاڳاپيل رهيو، پهريان هو ڪراچي اسٽيشن تان ۽ پوءِ آگسٽ 1955ع کان حيدرآباد اسٽيشن تان پنهنجي آواز جو جادو ڦهلائيندو ۽ فن جو مظاهرو ڪندو رهيو. اڄ به سندس ڪلام ڪثرت سان ريڊيو تان نشر ٿيندو رهي ٿو. ٽيليويزن تي به سندس يادگار پروگرامن جي رڪارڊنگ محفوظ آهي. ان کان سواءِ مختلف ميوزيڪل ڪمپنين سندس يادگار محفلن جي رڪارڊنگ هٿ ڪري، ڪيترين ئي ڪيسٽون رليز ڪيون آهن. سندس ڳايل ڪلام کي ٻڌڻ سان ذهن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿيو وڃي ۽ بي اختيار زبان تي واهه واهه جا لفظ اچيو وڃن. موسيقي جي دنيا ۾ هن ڪيترائي شاگرد ڇڏيا، جن مان ڪي پنهنجو وارو وڄائي هليا ويا ته ڪي زنده آهن.

خانصاحب منظور علي خان جي مادري زبان پنجابي هئي، پر هن سڄي زندگي سنڌ ۽ سنڌين کي ڳايو، ته وري سنڌ وارن به خانصاحب کي پنهنجو سپوت ڄاتو. خانصاحب کي سنڌ سان والهانه محبت هئي، هن پنهنجي نياڻين کي سنڌي ميڊيم اسڪول ۾ داخله ڏياري. هن سڄي زندگي لطيف ۽ لطيف جي سورمين کي ڳايو، پاڻ چوندو هو ته، "جڏهن به اتفاق سان لاهور ويندو هئس ته پير تپندا هئا ۽ جڏهن ترين ريتي جي اسٽيشن تي پهچندي هئي ته مونکي ملير جي مهڪ محسوس ٿيندي هئي."

استاد منظور علي خان کي وڏي مڃتا ملي ۽ سندس فن جي خوب قدرداني ٿي. موسيقيءَ سان دلچسپي رکندڙن لکين ڏڙڪندڙ دلين جي محبت ۽ دعائن کان علاوه ڪيس ڪيترائي انعام اعزاز ۽ ايوارڊ مليا. سنڌ جي سرواڻ

سائين طالب المولىٰ 1960ع ۾ لطيف سائين جي ميلي جي موقعي تي ڪيس "بهار موسيقي" جو لقب ڏنو. پاڪستان سرڪار طرفان پڻ ڪيس مڃتا طور 1978ع ۾ صدارتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" مليو.

استاد منظور علي خان 9- سيپٽمبر 1980ع تي دل جي بيهي وڃڻ سبب ٽنڊي آدم ۾ گذاري ويو. ڪيس ساڳئي ڏينهن ٽنڊي آدم ۾ دفن ڪيو ويو. هن پويان ٻه ٻيواهون ۽ چار ڌيئرون ڇڏيون. استاد منظور جي وفات ڪان پوءِ سنڌ جي موسيقي جي ميدان ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو، اهو اڃا تائين پرجي نه سگهيو آهي.

منظور نقوي، سيد

سيد منظور نقوي ولد سيد حسين علي شاهه 17-مئي 1924ع ني ٽنڊي جهانيان، حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو شاعر، اديب، مصور ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي.

سيد منظور نقوي جو اصل نالو سيد لطف علي شاهه هو. سندس خاندان جو شجرو حضرت مخدوم جلال الدين جهانيان جهان گشت سان ملي ٿو. جيڪو وري حضرت امام علي نقي عليہ السلام جن تائين پهچي ٿو. سندس تعلق هڪ زميندار گهراڻي سان هو.

سيد منظور نقوي مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي، ان ڪان پوءِ حڪيم عبدالڪريم عباسي وٽ فارسيءَ ۾ پڙهيو. طب جي وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ دهلي ويو، جتان علم طب جي تڪميل ڪري 1944ع ۾ "ڪامل الاطباء" جي سند وٺي واپس ٿيو. طب، شڪار، مصوري ۽ شاعري گويا ڪيس ورثي ۾ مليل هئا.

پاڻ خطرناڪ جانورن جو شڪار شوق سان ڪندو هو. جهنگلي جانورن جي خصلتن مان چڱي طرح واقفيت حاصل ڪيائين. ڪيس مصوري سان گهرو لڳاءُ هو. فن مصوري ۾ سندس استاد بين الاقوامي شهرت رکندڙ بنگالي مصور ايس- ڊي نڪر هئو. شاهه صاحب کي موسيقي ساب ٻه گهڻو چاهه هوندو هو. پاڻ ڪيترن ني سازن وڄائڻ تي مهارت رکندو هو، سر ۽ تال جي ڪيس چڱي طرح پروڙ هئي.

سيد منظور نقوي جي خاندان ۾ ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن. جيئن ته هن شاعراڻي ماحول ۾ اک کولي ۽ ذهين ٻه تمام گهڻو هو، انڪري هن يارهن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اڳتي هلي سنڌ جو قادرالڪلام شاعر شمار ٿيڻ لڳو. سندس پهريون شاعر نوحي جي صورت ۾ هو جنهنجا ٻول هئا "هئي هئي اصغر ننڍڙو ٻار."

ڪيس علم عروض جي ٻه سني ڄاڻ هئي، پاڻ سنڌي، سرائڪي ۽ اردو

۾ "منظور" تخلص استعمال ڪندو هو، هندي ۾ "منجو" فارسيءَ ۾ "سبق" ۽ پراڻي سنڌي زبان جي واين، ڪافين ۽ بيتن ۾ "لطف" تخلص استعمال ڪندو هو. مٿي ذڪر ڪيل سيني ٻولين ۾ سندس ڇپيل ڪلام وڏي تعداد ۾ موجود آهي.

سيد منظور نقوي کان اڳ سنڌي زبان ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا ٻول رائج نہ هئا، ليڪن هيءُ پهريون سنڌي شاعر هو جنهن ڪلاسيڪي موسيقيءَ مان واقفيت حاصل ڪري، سنڌي زبان ۾ خيال جا ٻول لکيا. اهڙي ريت سنڌي ادب ۾ منظري نغما لکندڙ پهريون شاعر پڻ منظور نقوي آهي. هن شاعري جي ڪا بہ صف نہ ڇڏي. غزل، نظم، مسدس، مخمس، رباعي، سلام، قصيده، مثنوي، گيت، نغما، ڪافي، ترانا، نڙ جا بيت، ڇلا، مورا، لوليون، ڳجهارتون، ڏور، هنر ۽ نوحا وغيره تي طبع آزمائي ڪئي، پر پاڻ در اصل غزل جو شاعر هو ۽ غزل ۾ هڪ خاص مقام حاصل ڪيائين. ڪيس ڪافيءَ جي صنف تي پڻ عبور حاصل هو. هن فلمي گيت بہ لکيا ۽ رزميہ شاعري بہ ڪئي.

سيد منظور نقوي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان سالن جا سال وابستہ رهيو. هن ريڊيولاءِ سنڌي ۾اصلي مڪمل83 ڊراما۽ ٻيون ڪيتريون ئي تحرير ون لکيون ۽ ڳوناڻي ڪچهري واري پروگرام۾هڪ ڳوناڻي "ميرڻ خان"جي ڪردار۾ پنهنجي دانشمندانہ گفتگو ذريعي پروگرام کي رونق بخشيندو رهيو

سندس ڪلام ۽ مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿيندا رهيا. سندس ڇپيل تصنيفون هن ريت آهن.

سنڌ جي مدنيت (1969ع)- جڙاو - ڪافي صنف - ڪلاسيڪل راڳ - ۽ ملهہ ۽ ٻلهاڙو.

سيد منظور نقوي 10 آڪٽوبر 1997ع تي وفات ڪئي.نموني طور سندس مشهور شعرهيٺ ڏجي ٿو.

آءُ پرين گهر گهوريان صدقو ڪريان ساه
جاڻي هڪ الله تہ سو سڪن ٿيون ڳالهڙيون.

منگها رام ملڪاڻي

پروفيسر منگهارام پٽ اڌ رام شيو ڪرام مڪاڻي 24 - ڊسمبر 1896ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. پاڻ مشهور عالم. اديب، نقاد، تاريخ نويس، ناٽڪ نويس ۽ اسٽيج اداڪار ٿي گذريو آهي.

منگهارام ملڪاڻي مئٽرڪ تائين تعليم حيدرآباد۾ حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ ڊي- جي سنڌڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان 1919ع ۾ بي- اي پاس ڪرڻ کان پوءِ سندس والد جي چوڻ تي پنهنجو خانداني پيشو زمينداري

سنيالڻ لڳو. ڇهن پنجن سالن کان پوءِ ٻي- جي سنڌ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو آنرري فيلو مقرر ٿيو ۽ پوءِ ترقي ڪندو پروفيسر جي عهدي تي پهتو. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت لڏي ويو، جتي بمبئي ۾ جئه هند ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. جتان 1962ع ۾ رٽائر ڪري ڪلڪتي وڃي رهيو.

منگها رام ملڪاڻي جديد سنڌي ننڍي ناٽڪ جو باني هو. هن ساهت جي شاخ کي پورا پنجاهه سال پالي تاتي هڪ ميويدار وڻ بنايو. هن پنجاهه کن ننڍا ناٽڪ لکيا. هن صاحب اداڪاري ۽ هدايتڪاري سان پڻ سنڌي اسٽيج کي اوج تي پهچايو. ان کان علاوه ادبي تاريخ، تنقيد ۽ مضمون جي شاخن کي به مالا مال ڪيو.

پروفيسر ملڪاڻي کي ننڍي هوندي کان ئي ناٽڪن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هوندو هو. اسڪولي توڙي ڪاليجي زماني ۾ هن مکيه پارٽ ادا ڪري ڊراما اداڪاري ۾ نالو ڪڍيائين. 1923ع ۾ حيدرآباد ۾ "رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئميٽڪ ڪلب" برپا ڪئي وئي، جنهنجو افتتاح بنگالي زبان جي جڳ مشهور شاعر ۽ اديب رابندر ناٿ ٽيگور پاڻ پنهنجي هٿن سان حيدرآباد ۾ اچي ڪيو هو. هن موقعي تي منگهارام ملڪاڻي هڪ ناٽڪ ۾ اهڙو ته سچائيءَ سان ڪردار ادا ڪيو جو ٽيگور کيس خاص پاڻ وٽ گهرائي داد ڏنو.

پروفيسر ملڪاڻي چوٽيءَ جو تنقيد نگار ۽ ادبي تاريخ نويس پڻ هو، ليڪن بنهي صنفن تي لکڻ جي شروعات ناٽڪ نويسي ۾ مڪمل مقبوليت حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1940ع ۾ ڪيائين. هن جا سنڌي ۾ اٽڪل ويهارو کن ڪتاب ڇپيل آهن، جن مان هينان اهم آهن:

گم ٿيل صندوقڙي (ناول- ترجمو- 1924ع)- قسمت (ناٽڪ- ترجمو- 1926ع)- ايڪتا جو آلاپ (ناٽڪ- ترجمو- 1929ع)- انار ڪلي (ناٽڪ- 1930ع)- پريت جا گيت (ٽيگور تان ترجمو- 1940ع)- ادبي اصول (تنقيد- 1950ع)- پڇمي ياترا (آمريڪا جو سفر نامو- 1963ع)- سنڌي نثر جي تاريخ (1968ع)- جواني جا جذبا پيريءَ جون يادون (نظماڻو نثر- 1975ع)- ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو (1980ع)- ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو سمالو ڇنا (1982ع)، وغيره.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پهرين ڊسمبر 1980ع تي فوت ٿي ويو.

م. ن "محزون"

م- ن "محزون" جو مڪمل نالو محمد نواز ۽ سندس والد جو نالو رئيس شفيع محمد پيٽي هو. سندس ولادت 10- جولاءِ 1933ع تي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿي. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو مشهور اديب، دانشور، محقق، مترجم، ڪهاڻيڪار ۽ مصور هو.

مر-ن "محزون" ابتدائي تعليم ميهڙ مان حاصل ڪئي، ۽ پوءِ بي- اي سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان، ايم- اي، بي-ٽي ۽ ايل- ايل- بي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ هوميو پيٿڪ آڪسفورڊ ميڊيڪل ڪاليج لاهور مان پاس ڪيائين.

نوڪري جي شروعات آرميءَ ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ جي عهدي سان ڪيائين، پر ٽريننگ دوران پير مڙي پوڻ ڪري ان فٽ قرار ڏنو ويو. ان کان پوءِ ڪجهه وقت ڪسٽم ۽ ٻين سرڪاري کاتن ۾ نوڪري ڪيائين آخر 1958ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو، ڪجهه وقت ايس- ڊي- اي- او- جي عهدي تي رهيو ۽ 8- جولاءِ 1993ع تي بحيثيت هيڊ ماسٽر جي هاءِ اسڪول سنڌي ٻٽڙا مان رٽائر ڪيائين.

محزون صاحب هڪ سٺو ڪهاڻيڪار هو، سندس 60 کان مٿي ڪهاڻيون ڇپيل آهن. سندس ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار ۽ ٻولي نج سنڌي آهي. پنهنجن ڪهاڻين ۾ هو معاشري کي نوان رخ ڏيڻ ۽ اصلاح ڪرڻ جو ڏس ڏيندي نظر اچي ٿو.

هڪ مترجم جي حيثيت ۾ محزون صاحب سنڌ ۾ پهريون شخص هو، جنهن خليل جبران کي سنڌيءَ ۾ متعارف ڪرايو. هن خليل جبران جي وڏ ۾ وڏ ڪتابن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو، پاڻ ابوالڪلام آزاد کان پڻ گهڻو متاثر هو، ۽ ان جي ڪتابن جو پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. ان کان علاوه هن ٻين به ڏيهي ۽ پرڏيهي اديبن جي مختلف موضوعن تي ليکل ڪتابن جو ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو مصور هئڻ جي ناتي مختلف رسالن ۽ ڪتابن جا ٽائيٽل سندس بهترين مصور هئڻ جا شاهد آهن. 1965ع ۾ آمريڪن سينٽر لائبريري حيدرآباد ۾ تيل تصويرن جي نمائش ۾ سندس ناهيل ٽي تصويرون نمائش ۾ رکيون ويون، جن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو، محقق جي حيثيت سان سندس تحقيقي، تاريخي ۽ ادبي مقالن ۽ تصنيفن کي سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل آهي. اهي مضمون، مقالا اڪثر سيرت رسول صلي الله عليہ وسلم، سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ مشهور شخصيت جي حالات زندگي ۽ تذڪرن تي مشتمل آهن.

تعليم کاتي سان زندگيءَ جو وڏو عرصو لاڳاپيل هئڻ ڪري ڪيس تعليم جي وڏي مهارت حاصل هئي. هن ڪجهه شاعري به ڪئي، جيڪا مختلف رسالن ۾ شايع ٿي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪجهه هن ريت آهن.

ڪنوار جي سيج- پڳل ڪنيڙائيون- بائيبل قرآن ۽ سائنس- سائين جو سوڳند- خالد بن وليد- سلطان صلاح الدين ايوبي- لڙڪ ۽ مرڪ- وغيره سندس اڻ ڇپيل ڪتابن جو تعداد به گهڻو آهي.

مر- ن "محزون" 8- نومبر 1995ع تي رات جو سوا ڏهين وڳي گذاري ويو.

موتي "پرڪاش"

موتي "پرڪاش" پٽ سڪرا مداس شرما 15- مئي 1931ع تي ڳوٺ دڙي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ڀارت جو مشهور سنڌي نثر نويس ۽ شاعر آهي.

موتي "پرڪاش" ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. انگريزي پڙهڻ لاءِ مائٽن کيس ناناڻي ڳوٺ جاتيءَ ۾ موڪليو، جتي پنڊت ڪندن آسورام شرما جي مٿس مهرباني ٿي، جنهن کيس سنگيت ۽ هار مونيم جي سکيا ڏني. پنڊت ڪي سنڌي ناٽڪ سان ڏاڍو چاهه هوندو هو. پرڪاش هن جي لکيل ۽ هدايتڪاري هيٺ پيش ڪيل ڊرامن ۾ اداڪاري ڪندو هو. سنڌس سهڻي صورت سبب گهڻو ڪري کيس زنانو پارٽ ڏنو ويندو هو. ورهاڱي ڪان پوءِ هو ڀارت هليو ويو، جتي بي- اي (آنرس) ۽ بي- ايڊ جا امتحان پاس ڪري ماستري جو پيشو اختيار ڪيائين. دهليءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي نيوز سروس ۾ پڻ پارٽ ٽائيم ڪم ڪندو هو.

موتي "پرڪاش" ترقي پسند اديب آهي. ڀارت ۾ ترقي پسند تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو آهي. هو بنيادي طرح ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس ۽ مضمون نگار آهي، پر هن شاعري ۾ به چنگ چورئي آهي. کيس ڊرامن لکڻ ۽ هدايتڪاريءَ جو گهڻو چاهه آهي. سندس ڪيترائي ڊراما ريڊيو تان نشر ٿي چڪا آهن. 1960ع ۾ هن ڪن ساٿين سان گڏجي بمبئي ۾ سنڌو ڪلا مندر جو بنياد وڌو ۽ ان سنسٿا طرفان ٿي ورهاڱي بعد پهريون سنڌي اصلوڪو ناٽڪ پيش ٿيو. ڀارت جي مشهور سنڌي ليکڪا ڪلاپرڪاش سندس رفيقہ حيات آهي، جنهنجو ذڪر پنهنجي جاءِ تي اچي چڪو آهي. موتي کي لکڻ تي اڀارڻ ۾ ڪلا جو وڏو هٿ رهيو آهي. موتي "پرڪاش" نثر توڙي نظم ۾ گهڻو لکيو آهي، هن جي شايع ٿيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

ادينا- ڪاڪو ڪلو- ڪالندي- اندر سيڪريٽري (ترجمو)- رات هڪ طوفان جي (جنهنجي سنڌي ۾ فلم به نڪتي هئي)- پردي اڳيان پردي پٺيان (اصلوڪا ناٽڪ)- آءُ نہ چوريون چنگ (ڪلام جو مجموعو)- ادبي گل- دل جون ڳالهيون (مضمونن جو مجموعو)- ۽ انيڪ ڪهاڻيون.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اڄ وري گذريل زمانا ياد پيا
پيار جا رنگين فسانا ياد پيا
لام تي لنوندو ڏسي بلبل کي اڄ
پنهنجا اجڙيل آشيانا ياد پيا.

مولا بخش "مسڪين" پنو

مولا بخش "مسڪين" ولد عبدالمجيد پنو پهرين مارچ 1892ع تي شڪاپور ۾ ڄائو. پاڻ سنڌو شاعر ۽ نثر نويس هو.

مولا بخش "مسڪين" تعليم شڪاپور ۾ حاصل ڪئي، 1919ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيائين ۽ پوءِ پرائمري استاد مقرر ٿيو. پر جلدي اها نوڪري ڇڏي جيڪب آباد جي سول ڪورٽ ۾ وڃي عريضي نويسي ڪرڻ لڳو ۽ 1948ع تائين اتي ڪم ڪندو رهيو. حياتيءَ جي پوئين عرصي ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي يادِ خدا ۽ تصنيفات جي شغل ۾ گذاريندو رهيو.

مولا بخش "مسڪين" سنڌو شاعر هو. هن بيت ڪافي، غزل سه حرفي ۽ نعت وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن سڀني جو مضمون گهڻو ڪري نعتيه، حمديه ۽ ناصحانه آهي. سنڌس ڪلام ۾ پختگي ۽ رواني گهڻي حد تائين موجود آهي. پاڻ حاجي محمود "خادم" محمد بخش "واصف" ۽ فقير غلام علي "مسرور" جن جي صحبت ۾ ادبي دنيا ڏانهن راغب ٿيو.

سنڌس بيتن جو مجموعو "ابيات مسڪين" جي نالي سان 1941ع ۾ ڇپيو، جنهن تي ڪيس هڪ سئو روپيا انعام به مليو هو. جڏهن ته سنڌس ڪليات اڃا قلمي صورت ۾ موجود آهي. مسڪين پنهنجي ڪلام ۾ نهايت سلوڻي ۽ سهڪ ٻولي استعمال ڪئي آهي. سنڌس ڪلام شاعرانه فني خوبين سان مالا مال آهي.

مسڪين نثر ۾ به پنهنجو قلم هلايو. هن صاحب اسلامي مضمون بابت هڪ ڪتاب "حقوق الوالدين" ڪليو، جيڪو 1928ع ۾ رفاه عامه سٽيمر پريس لاهور ۾ ڇپيو، ان کان علاوه سورت يوسف ۽ سورت ياسين جو تفسير وڏي محنت سان لکيائين. سنڌس ديني فڪر تي حضرت سلطان باهو رحه جو اثر واضح آهي، ۽ هن باهو رحه جي اولاد مان سلطان العارفين سائين نور احمد جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي.

مولا بخش "مسڪين" پنو 24- سيپٽمبر 1953ع تي شڪار پور ۾ گذاري ويو. سنڌس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بندا ڪر تون بندگي مولا جي ته مدام
آئين جنهين لاءِ انهين موڪا ڇڏي مقام
پرتئون پاڙ پرين سان اڳيون ڪيل انجام
ته اهڙيءَ ريت انعام، ملئي محشر ۾ "مسڪين" چئي.

مولائي شيدائي

رحيمداد خان "مولائي شيدائي" ولد شير محمد خان بروهي سن 1894ع ۾ سکر ۾ تولد ٿيو. پاڻ سنڌ جو ناميارو مورخ، محقق، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مولائي شيدائي جا وڏا اصل بلوچستان جا رهاڪو هئا، جتان سندس ڏاڏو لڏي اچي سنڌ ۾ پهريان سيوهڻ ۽ پوءِ ڪوٽڙيءَ ۾ ويٺو، جتي مولائي شيدائي جو والد صاحب ڄائو، جيڪو بعد ۾ سکر ۾ اچي رهيو.

مولائي شيدائي ابتدائي تعليم سکر جي مدرسن ۽ مڪتبن ۾ ورتي، انگريزي پڙهڻ لاءِ سکر جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، پاڻ مئٽرڪ ۾ پهتو تہ سندس والد جيڪو ريلوي کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. رٽائر ٿيو. هن کيس تعليم ڇڏرائي ريلوي کاتي ۾ نوڪري وٺرائي ڏني. سال 1913ع ۾ پرتي ٿيل رحيمداد ترقي ڪري گارڊ جي عهدي تي پهتو، جتان 1939ع ۾ رٽائر ڪيائين.

مولائي شيدائي کي تعليم واري زماني ۾ ئي مطالعي جو شوق ٿيو ۽ ملازمت دوران بہ سندس اهو شغل جاري رهيو. هن باقاعده لکڻ جي ابتدا 1934ع ۾ ڪئي، ۽ هڪ تاريخي نيم افسانوي رنگ جو مضمون "ممتاز محل" جي نالي سان لکيو. هن اهو مضمون مولانا دين محمد وفائيءَ کي ڏيکاريو، جنهن نہ رڳو اهو مضمون پسند ڪيو، پر رسالي توحيد ۾ شايع ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو. مسئلو ليکڪ جو پيدا ٿيو، سرڪاري ملازمت ۾ هئڻ سبب ليکڪ پنهنجي نالي سان "توحيد" ۾ ڇپجڻ نوڪري لاءِ خطرو پئي سمجهيو. آخر "ستاره سنڌ" جي دفتر ۾ هڪ علمي تقريب ۾ پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ مولانا وفائي جي باهمي مشوري سان سندس قلمي نالو "مولائي شيدائي" تجويز ڪيو ويو. اهڙي ريت "ممتاز محل" نالي سان سندس پهرين ڪاوش 1934ع ۾ "توحيد" رسالي ۾ شايع ٿي ۽ هڪ نئون محقق ۽ مورخ "مولائي شيدائي" جي نالي سان سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ روشناس ٿيو. اڳتي هلي چرچي چرچي ۾ رکيل اهو قلمي نالو، سنڌ جي سيپتا ۽ ساهت ۾ ساپيا وارو نالو اپريو ۽ مشهور ٿيو. ان بعد مولائي شيدائي مسلسل لکندو رهيو. سندس تربيت ۾ مولانا وفائي ۽ راشدي برادرن جو وڏو هٿ رهيو. اهڙي طرح پاڻ ستاره سنڌ، سنڌ زميندار ۽ توحيد ۾ لکندو رهيو، ان کان پوءِ سنڌ جي سڀني ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس هزارين مقالا شايع ٿيندا رهيا.

نوڪري مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ کيس صحافت جو شوق ٿيو ۽ صحافتي زندگيءَ جي شروعات مولانا عبدالڪريم چشتيءَ جي ادارت هيٺ ڪراچي مان جاري ٿيل اخبار "آزاد" کان ڪئي. بعد ۾ ڪاروان حيدرآباد ۽ مهراڻ جو ايڊيٽر

تي رهيو، ڪجهہ وقت هلال پاڪستان اخبار سان بہ وابستہ رهيو. صحافت مان رٽائر ڪرڻ کان پوءِ سکر جي هڪ پر رونق ٽڪريءَ جي چوٽي تي زندگيءَ جا ڏينهن اچي ڪٽيا ۽ ان پر سکون ۽ دلفريب ماحول ۾ مطالعي ۽ تحرير جو عمل جاري رکيو.

مولائي شيدائي ڪڏهن ڪڏهن موڊ ۾ اچي شعر تي بہ طبع آزمائي ڪندو هو، پر سندس شاعري ڪا خاص ذڪر جي قابل نہ آهي. باقي نثر ۾ تہ واهڙ وهائي ڇڏيائين. خاص ڪري تاريخ نويسي جي ميدان ۾ سندس ڪيل خدمتون هميشہ ياد رهنديون. تاريخ جي موضوع تي هن وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان چند، چاڻ ڪري ڪيترائي مستند ڪتاب لکيا آهن. سندس تاريخي، تحقيقي، ۽ تنقيدي مقالن ۽ ڪتابن جو سرمايو ايترو تہ گهڻو آهي، جو هوند پاڻ يورپ ۾ هجي ها تہ يقيناً ڪيس وڏي اعزاز سان نوازيو وڃي ها.

مولائي جي لائبريري بہ علم ۽ ادب جو پندار هئي، جنهن ۾ رڳو تاريخ جي موضوع تي ئي انگريزي، سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ اڻ سئو ڪتاب هئا. مولائي شيدائي خوش خط بہ اول درجي جو هو. هن لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جو عرصو سنڌ جي تاريخ لاءِ عرق گهڏ ڪندي ۽ سنڌي ادب لاءِ نور نچوڙيندي گذاريو. سندس اڪيچار مضمونن کان سواءِ هيٺيون تصنيفون آهن، جن ۾ ڪي ڇپيل آهن ۽ ڪي اڻ ڇپيل.

جنت السنڌ (1958ع)- تاريخ بلوچستان (1941ع)- تاريخ تمدن سنڌ (1959ع)- تاريخ خاصخيلي (1961ع)- موسوين جي تاريخ- تاريخ سکر- تاريخ بکر- سنڌ جي اقتصادي ۽ تجارتي تاريخ- روضت السنڌ- سفينت النوح- تاريخ هندستان (ترجمو)- اقاليم اسلام- تاريخ ٽالپر- تاريخ سنڌ- شعر بلوچستان- تاريخ قلات (اردو)- انسائيڪلو پيڊيا آف بلوچستان (سنڌي)- تاريخ اسلام- سنڌ جا قديم شهر- تاريخ ترڪستان- مقالات شيدائي- ۽ مئخانہ شيدائي (خط).

رحيمداد خان "مولائي شيدائي" 12- فيبروري 1978ع تي وفات ڪري ويو.

"مومن" مليرائي

شفيع محمد ميمڻ المعروف "مومن" مليرائي سن 1906ع ۾ ڪراچي جي ڳوٺ سراڏ ميمڻ ۾ تولد ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب ۽ سياسي ڪارڪن ٿي گذريو آهي.

مومن مليرائي ابتدائي تعليم ملا مڪتب ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان چار درجا سنڌي پاس ڪرڻ بعد ذاتي مجبورين

سبب تعليم چڏي بني ٻاري جي ڪم ڪار ڪي لڳي ويو. 1933ع کان ادبي دنيا ۾ داخل ٿيو، سياست سان پڻ سندس وابستگي رهي. پاڻ خلافت تحريڪ، مسلم ليگ ۽ ٻين سياسي جماعتن ۾ صف اول جو ڪارڪن ٿي رهيو. آزادي کان پوءِ سياسي سرگرمين کان ڪناره ڪش ٿي، مڪمل طور تي ادبي انجمن جهڙوڪ "بزم نظامي"، "بزم طالب المولئ" ۽ "بزم اسير" جو سرگرم ميمبر ٿي رهيو.

مومن صاحب قادر الڪلام شاعر هو. پاڻ پنهنجي ڪلام جي اصلاح سر شار عقيلي ۽ امير بخش "امير" قريشي شڪار پور واري کان ڪرائيندو هو. سندس ڪلام جو مجموعو "عشق جو آواز" چٽنگ پبليڪيشن طرفان سن 1976ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، سندس ڪلام ۾ رومانيت سان گڏ وطن جي حب جو عنصر نمايان آهي. ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ شرڪت سندس محبوب مشغلو هوندو هو. مومن سچائيءَ جو مجسمو هو ۽ وفاداري سندس خاص شيوو هو. پاڻ سال 1987ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

مون کي ڪرڻ اي يارو حيران وري نه ايندو
هڪ وار جو ڏٺو رخ تابان وري نه ايندو
هن عيد تي مليا سون اڳتي به شل ملن سڀ
عيدون وري به اينديون انسان وري نه ايندو.

موهن ڀڳت

موهن ڀڳت پٽ اميد رام سن 1926ع ۾ اسلام ڪوٽ کان 28- ميل پري ٿر جي هڪ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور راڳي ٿي گذريو آهي.

موهن ڀڳت سورهن سالن جي ڄمار ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. هن راڳ جي سکيا پنهنجي چاچي کان ورتي، جنهنجو نالو "امرو" هو. ان کان سواءِ پاڻ عارفانه ڪلام ڳائڻ لاءِ ٿر جي مشهور راڳي مراد فقير جو پڻ شاگرد رهيو.

موهن ڀڳت لطيف سائين جون وايون پر سوز انداز ۾ هڪ منفرد ڀڳتي اسٽائل تي ڳائيندو هو. سنڌ ۾ ايئن ڪو به نٿو ڳائي. پاڻ طنبوري ۽ تليءَ تي ڳائيندو هو. سندس طنبورو اڪ جي ڪاٺي مان ڀانوسوٿهڙ نالي ڪاريگر جو ٺهيل هو. سائس گڏ سنگت ۾ سندس ڀاءُ سروپ چند ۽ سندس پٽ شنڪر ڳائيندا هئا. 1970ع ۾ غلام حسين شيخ مرحوم ڪيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آندو. سندس درديلي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل وايون اڄ به ريڊيو تان نشر ٿينديون رهن ٿيون.

موهن ڀڳت جي فن کي ڀيٽا ڏيندي ڪيس 1980ع ۾ "سهڻي ميهار ايوارڊ" ۽ 1989ع ۾ "لطيف ايوارڊ" سان نوازيو ويو. پاڻ 10- مارچ 1995ع تي فوت ٿي ويو.

موهن ڪلپنا

موهن ڪلپنا جو جنم 22- نومبر 1930ع تي ڪوٽڙي ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو موهن بولچند لال هو. پاڻ تمام وڏو ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر هو.

موهن ڪلپنا ابتدائي تعليم ڪوٽڙيءَ ۾ حاصل ڪئي، پوءِ سندس مائٽ ڪراچي لڏي ويا، انڪري سندس وڌيڪ تعليم ۽ تربيت ڪراچي ۾ ٿي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پنهنجي خاندان سان گڏ سنڌ ڇڏي ڀارت هليو ويو، جتي وڃڻ کان پوءِ سندس خاندان مشڪلن ۽ مصيبتن ۾ ڦاسي پيو. سگهوئي سندس ڏاڏو ۽ پيءُ به مري ويا، جن جي موت ڪيس انتهائي مايوس ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. سندس مالي حالت تمام ڪمزور ٿي وئي. انهن مشڪل حالتن ۾ پنهنجي گهر ڀاتين جو سهارو بڻجي پيو ۽ ننڍي عمر ۾ ئي مختلف نوڪريون ڪرڻ لڳو. اهو سلسلو موهن پنهنجي آخري ڏينهن تائين نڀائيندو آيو.

موهن جي طبيعت ۾ اديبانو مزاج ننڍ پڻ کان وٺي سمايل هو، ويتر زندگيءَ جي ڏکن جي پرگهنا سبب هو اندر ئي اندر پچندو رهيو، آخر سندس اندر جو آواز قلم جو روپ ڌاري ٻاهر نڪرڻ لڳو، جنهن ڪيس پوءِ هند ۽ سنڌ جو مهمان اديب بنائي ڇڏيو.

موهن ڪلپنا سنڌي ادب جي تاريخ جو ننڍيءَ عمر وارو پهريون ليکڪ هو، جنهن ٽيويهن سالن جي ڄمار ۾ هڪ شاهڪار ناول 'آواره' لکيو. سندس لکيل پهرين ڪهاڻي جو نالو "آتم هتيا" آهي جيڪا 1948ع ۾ هڪ فلمي رسالي ۾ ڇپي هئي. سندس لکيل هڪ ٻي ڪهاڻي "ڦيرو" هند ۽ سنڌ جي اديبن جي وچ ۾ ٿيل بهترين لکڻيءَ جي چٽا ڀيٽيءَ ۾ ٻيو نمبر آئي هئي.

پاڻ بهترين ناول نگار پڻ هو. سندس لکيل ناول سماج جي ان طبقي جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا، جيڪي صدين کان ڏک، غربت، بيوسي ۽ غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن. ان کان علاوه سندس ناولن جا ڪردار حساس دل ۽ ڏکويل پڻ آهن. موهن ڪلپنا زندگيءَ سان ڀرپور پيار ڪندڙ اديب هو.جيتوڻيڪ سندس زندگيءَ ۾ ڪيئن ڏک ڏولاوا آيا پر هو ڪڏهن به دل شڪسته نه ٿيو ۽ ڏک درد کي عارضي سمجهندو هو. سنڌي ادب ۾ سندس حيثيت ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس طور منفرد ۽ مثالي آهي. هن پنهنجي لکڻين ذريعي جيڪي لاڙا پيش ڪيا آهن، پڙهندڙن انهن کي ڏاڍو پسند ڪيو آهي. هن هند ۽ سنڌ جي "ريڊيو

شپ" ۾ جيڪو واڌارو آندو آهي، انجي ڪنهن سان ڀ پيٽ نٿي ڪري سگهجي. سندس اٽڪل پنجويهہ ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ناول هند ۽ سنڌ مان ڇپجي پڌرا ٿيا آهن ۽ سندس هر ڪتاب جا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن، جيڪو هڪ رڪارڊ آهي.

موهن ڪلپنا مهراڻ ادبي سنگت جو صدر، ماهوار ڪونج جو ايڊيٽر ٻه رهيو، جڏهن تہ هو پنهنجي هڪ سنڌي اخبار"سنڌڙي" نالي سان بہ ڪڍندو هو. سندس ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪهاڻيون هند ۽ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون، سندس لکيل ڊراما ۽ تقريرون آل انڊيا ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پيش ٿيون. پاڻ هڪ سنو شاعر بہ هو سندس شاعريءَ جو مجموعو "جهاز جي ڏيڪ تي" ڇپيل آهي. هن آزاد نظم ۽ نثرائو نظم گهڻو لکيو آهي، سندس شاعري سڪ، محبت، ڇوڙي، قوميت ۽ سنڌ سان عشق جي اظهار سان ٽمٽار آهي. ڪيس سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان بي انتها چاهہ هو. هو سدائين چوندو هو تہ "مان اڪثر رات جو خوابن ۾ پاڻ کي سنڌ گهمندي ڏسندو آهيان."

موهن ڪلپنا جو سڀ کان بهترين ڪتاب "ڪاڻ ۽ سمنڊ" (ناول- 1981ع) آهي، ان کان علاوه سندس هيٺيان ڪتاب بہ مشهور آهن.

ڪهاڻين جا مجموعا:- موهي نر موهي (1961ع)- فرشتن جي دنيا (1967ع)- پيار ۽ پاپ (سنڌ ۾- 1977ع- اها شام (سنڌ ۾- 1982ع)- انين ڪتا (سنڌ ۾- 1991ع).

ناول:- آواره (سنڌ ۾- 1993ع)- پٿر جو جگر مسين جي دل (1958ع)- پيار جي پڇاڙي (1969ع)- جلا وطني (سنڌ ۾- 1975ع)- درد جو درياهہ (1992ع)، عورت (1956ع)- زندگي سنڌ ۾ (1985ع).

ان کان سواءِ مختلف موضوعن تي لکيل سندس ڪتاب، منهنجا همر وطني (خط- 1975ع)- بڪ، عشق ۽ ادب (آتم ڪهاڻي- 1984ع)- آفتاب انقلاب (1975ع)- ۽ سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمش (مقالو- 1963ع) پڻ پڙهڻ جهڙا ڪتاب آهن.

موهن ڪلپنا 19- جون 1992ع تي الهاس نگر (يارت) ۾ پر لوڪ پڌرايو.

مهتاب اڪبر راشدي

مهتاب ڏيءُ محمد عيسيٰ چنو 14- آگسٽ 1947ع تي نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿي راشديہ خاندان جي چشم و چراغ سيد اڪبر حسين شاهہ راشديءَ سان 26- فيبروري 1981ع تي شادي ڪرڻ کان پوءِ مهتاب اڪبر راشدي جي نالي سان سڏجي ٿي. پاڻ ريڊيو، ٽي- وي جي مشهور ڪمپيئر،

سنڌ جي ثقافت جي ڄاڻو، مخلص خدمتگار، تعليمي ماهر ۽ سڄاڻ ليکڪا آهي.

ميڊم مهتاب اڪبر راشدي ابتدائي تعليم نئون ديرو ۾ حاصل ڪئي، ان کان پوءِ پاڻ گهر وارن سان گڏ اچي حيدرآباد ۾ مستقل طور رهي. سندس وڏيڪ تعليم اتي ٿي. 1967ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي- اي ۽ 1969ع ۾ ايم- اي (سياست) فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. 1978ع ۾ آمريڪا جي ميسا چوئٽس يونيورسٽيءَ مان ايم- اي (سياست) پڻ پاس ڪيائين.

ميڊم مهتاب اڪبر راشدي پنهنجي فن جو سفر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان ڪيو، اتي هن مختلف پروگرامن ۾ ڪمپيئرنگ ۽ ڊرامن ۾ صداڪاري ڪئي 1974ع کان 1980ع تائين ٽيليويزن جي مختلف پروگرامن کي پنهنجي خوبصورت ڪمپيئرنگ وسيلي رونق بخشي. ٽيليويزن تي هن پنهنجي خداداد ذهانت ۽ صلاحيت جو مظاهرو ڪري سنڌي عوام ۾ وڏي عزت ۽ شهرت حاصل ڪئي. سندس صلاحيتن ۽ خدمتن کي قومي سطح تي به قابل رشڪ مڃتا حاصل ٿي.

هڪ باوقار تعليمدان جي حيثيت ۾ محترمہ مهتاب صاحبہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي تدريسي خدمتون انجام ڏنيون آهن، سي پڻ قابل تحسين آهن. پاڻ پهريان اتي انٽرنيشنل رليشن شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿي. نومبر 1980ع کان ڊسمبر 1985ع تائين ڊائريڪٽر آف يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن علائقائي مرڪز حيدرآباد جي عهدي تي رهي. سندس بي لوث علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تهذيبي خدمتن جي پيش نظر 20- آگسٽ 1983ع تي کيس انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو، جنهن منصب کي محترمہ نهايت سليقي، ذهانت، خوش اسلوبيءَ ۽ محنت سان هلائي اداري جي شهرت ۾ اضافو آندو. بعد ۾ پاڻ سنڌ سرڪار جي ثقافت ۽ سياحت کاتي سان وابستہ ٿي، جتي کيس جنوري 1989ع ۾ کاتي جي سيڪريٽري بنايو ويو، جنهن کان پوءِ پاڻ ڪجھ وقت تعليم کاتي جي سيڪريٽري ٿي رهي ۽ اڄڪلھ سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل محتسب جي عهدي تي ڪم ڪري رهي آهي.

ميڊم مهتاب اڪبر راشدي سٺي نثر نويس آهي سندس ڪيترائي مضمون مشهور رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. کيس سنڌ جي ثقافت بابت سٺي ڄاڻ آهي. پاڻ ملڪ جي ڪيترن ئي علمي، ادبي ۽ سماجي ادارن سان وابستہ آهي. مختلف ادارن کان کيس ڪيترائي ايوارڊ وغيره مليل آهن. ٻاهرين دنيا جي ڪافي ملڪن جا سرڪاري ۽ غير سرڪاري دورا ڪري چڪي آهي.

ميران شاهہ سنڌي، قاري

قاري ميران شاهہ ولد سيد نور شاهہ بلند پايہ عالم دين ۽ خوش الحان قاري ٿي گذريو آهي. پاڻ اصل ۾ شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي جو رهاڪو هو. هن قرآن پاڪ، سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ ڪنهن وسيلي سان مڪي شريف وڃي پهتو، اتي فن قرأت سکيو ۽ پوءِ ڪو وقت اتي رهي قرأت جي سکيا ڏيندو رهيو. ان ڪان پوءِ پاڻ هندستان پهتو، اتي لکنؤ جي هڪ اسلامي مدرسي ۾ فن قرأت جي تعليم ڏيڻ لڳو، هن اتي لکنؤ جي هڪ اعليٰ خاندان مان شادي بہ ڪئي.

قاري ميران شاهہ سنڌي سن 1918ع ڌاري ڪراچي ۾ اچي رهيو ۽ اتي صدر جي پر فضا محلي ۾ "جامع مسجد قصابان" ۾ خطيب مقرر ٿيو. ان وقت ڪراچي شهر ۾ ڪوبہ قاري ڪونہ هو، قاري ميران شاهہ سنڌي ڪراچيءَ جو پهريون قاري هو. پاڻ ست قرأتون ڄاڻندو هو عربي، فارسي ۽ اردو اهڙي فصيح ۽ بليغ ڳالهائيندو هو جهڙي مادري زبان سنڌي ڳالهائيندو هو. ڪراچي شهر جا عام ماڻهو شادي توڙي غمي جي موقعن تي کيس گهرائي واعظ ڪرائيندا هئا. ان وقت سندس عمر سٺ سالن جي لڳ ڀڳ هئي، پر سندس آواز ايترو تہ بلند هو، جو لائوڊ اسپيڪر جي ضرورت ئي ڪانہ هوندي هئي. سندس زبان جو ميٺاڄ ۽ تقرير اهڙي تہ دلڪش هوندي هئي، جو غير مسلم بہ وات وبندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي سندس تقرير ٻڌندا هئا. سندس هر تقرير ۾ ٻڌندڙن جي دلين ۾ بہ مختلف ڪيفيتون پيدا ٿينديون هيون، يعني سندس تقرير ٻڌي ڪڏهن تہ سامعين سڏڪا ڀري زاروقطار روئندا هئا تہ ٿوري دير ڪان پوءِ وري ٽهڪ ڏيئي کلندا هئا.

قاري صاحب ڪجهہ سالن ڪان پوءِ ڪراچي کي خيرباد چئي حيدرآباد دکن (هندستان) هليو ويو. کيس اتي بہ وڏي شهرت ملي، سندس علمي لياقت ۽ خوش بياني جي واڪاڻ دکن جي نواب مير عثمان علي خان وٽ پهتي تہ هن کيس دعوت ڏئي پاڻ وٽ گهرايو ۽ سندس دلپذير تقرير ٻڌي ايترو متاثر ٿيو جو پوءِ قاري صاحب کي هميشہ لاءِ پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائين کيس هڪ بنگلو بہ ڏنائين ۽ پنج سور روپيا ماهوار وظيفو بہ مقرر ڪيائين. ان ڪان سواءِ کيس پيو خرچ بہ ڏيندو رهيو. مٿس ڪم فقط اهو هو تہ جڏهن نواب صاحب کيس طلب ڪري تہ مجلس ۾ شريڪ ٿئي ۽ جمعي جي نماز "مڪہ مسجد" ۾ پڙهائي، جتي نواب صاحب جمع نماز پڙهندو هو.

قاري صاحب فن سپهگري ۾ بہ مهارت رکندو هو. سندس وصال1952ع ۾ حيدرآباد دکن ۾ ٿيو.

ميران محمد شاهہ "مير"

سيد ميران محمد شاهہ (پيو) ولد سيد حاجي زين العابدين شاهہ19- مارچ1898ع تي ٽنڊو جهڙي مردم خيز سر زمين تي ڄائو. پاڻ معروف اديب، شاعر، سياسي اڳواڻ ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي.

سيد ميران محمد شاهہ جا وڏا اصل ۾ هرات کان سنڌ ۾ پهريان هالن ۾، پوءِ مٽياري ۾ ۽ بعد ۾ ٽنڊو ۾ اچي آباد ٿيا. سندس ڏاڏي سيد ميران محمد شاهہ (اول) جون تصنيفون دنيا جي سڀني مشهور لائبريرين ۾ محفوظ آهن.

سيد ميران محمد شاهہ "مير" ابتدائي تعليم ٽنڊو جي ملا مڪتب مان ورتي ۽ پوءِ ميٽرڪ 1917ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان بي-اي1921ع ۾ ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ۽ ايل- ايل-بي 1923ع ۾ بمبئيءَ مان پاس ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ 1924ع کان حيدرآباد ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

شاهہ صاحب پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات 1924ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊجڻ سان ڪئي. 1926ع ۾ ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو چيئرمن، 1928ع ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جو ميمبر ۽ 1929ع ۾ حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ شاهہ صاحب "سائمن ڪميشن" ۽ "لوٿين ڪميٽيءَ" سان گڏ ڪم ڪيو ۽ حيدرآباد ۾ "سنڌ جدا ڪانفرنس" سڏائي، ماڻهن کي پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ متحد ۽ بيدار ڪيو. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ 1936ع ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان آزادي ملي، جنهن کان پوءِ31- جنوري1937ع تي گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ1935ع تحت سنڌ ۾ پهريون پيرو صوبائي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ پاڻ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو. 1938ع ۾ کيس اسيمبليءَ جو اسپيڪر بنايو ويو، ۽ ڏهہ سال ان عهدي تي فائز رهيو. 1946ع وارين چونڊن ۾ ٻيهر سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1948ع ۾ جڏهن سنڌ جي وزارت ٺهي تہ قائداعظم کيس خاص گهرائي سنڌ ۾ وزير مقرر ڪيو ۽ کيس ماليياتي ۽ مهاجرن کي آباد ڪرڻ وارو کاتو ڏنو. شاهہ صاحب حيدرآباد ۾ "لطيف آباد" ٺهرائي مهاجرن کي اتي آباد ڪرڻ جو بندوبست ڪيو. 1952ع ۾ پاڪستان جو اسپين ۾ پهريون سفير مقرر ٿيو. 1954ع ۾ ڪراچي امپروومينٽ ٽرسٽ (هاڻوڪي K.D.A) جو پهريون چيئرمن مقرر ٿيو. کيس اهو بہ اعزاز حاصل آهي جو پاڻ 1957ع ۾ ايگريڪلچر بئنڪ آف پاڪستان جو پڻ پهريون چيئرمن مقرر ٿيو.

سيد ميران محمد شاهہ جون علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون بہ هميشہ ياد رهنديون ان ڏس ۾ 1940ع ۾ حيدرآباد ۾ قائم ٿيندڙ پهرين زناني اسڪول

"سنڌ مدرسة البنات" لاءِ سندس ورتل ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ قائم ڪرڻ ۾ پڻ سندس وڏو هٿ رهيو. پاڻ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد جو منتظم ۽ صدر ٿي رهيو. "سنڌي ساهت مرڪزي صلاحڪار بورڊ" (هاڻي سنڌي ادبي بورڊ)[1] جي قيام لاءِ سائين جي-ايم سيد سان گڏ ميران محمد شاهہ پڻ ڪوششون ورتيون، جڏهن اهو ادارو قائم ٿيو تہ کيس ان جو پهريون چيئرمن (1941ع کان 1951ع تائين) مقرر ڪيو ويو. پنهنجي وزارت واري وقت ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي ساليانى ورسي ملهائڻ جي شاندار روايت قائم ڪيائين، ان وقت کان وٺي هر سال "شاهہ عبداللطيف يادگار ڪائونسل" جي اهتمام سان ڀٽ شاهہ تي شاهہ لطيف جي ساليانى ورسي ملهائي ويندي آهي، شاهہ صاحب ان ڪائونسل جو باني ۽ چيئرمن هو. ان کان سواءِ هر سال شاهہ لطيف جي مزار جي دروازي وٽ ثقافتي ڪانفرنس بہ سڏرائيندو هو. اهڙي ڪانفرنس پهريون ڀيرو 1929ع ۾ سڏائي وئي هئي. P.W.D جي وزير جي حيثيت سان نيشنل هاءِ وي وارو رستو ڀٽ شاهہ لڳ اهڙي نموني ٺهرايائين جو جيئن ڪراچي کان پشاور ويندڙ هر ماڻهو انهيءَ رستي کان ڀٽائي جي مزار جي سوني نيل ڏسندو لنگهي.

سيد ميران محمد شاهہ هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ بلندپايہ نثر نويس بہ هو. شاعري ۾ "مير" ۽ "مهجور" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام جو مجموعو 1960ع ۾ "ڪليات ميران" جي نالي سان ڇپيو. مختلف شاعرن جو ڪلام "گلزار خيال" جي نالي سان ترتيب ڏنائين نثر ۾ سندس ٻہ مضمون "گنجي تخر جو سير" ۽ "دل جي طلب" اهم مقام رکن ٿا، جيڪي درسي ڪتابن ۾ اچا ڏنيون رکيل آهن. جي- ايم سيد ڏانهن لکيل سندس خطن جو مجموعو "رهاڻ" نثر جو بهترين نمونو سمجهيو وڃي ٿو.

سيد ميران محمد شاهہ "مير" جيڪو نہ رڳو پنهنجي ذات ۾ انجمن هو، پر پنهنجي دور جو هڪ انجمن ساز شخص بہ هو 16- نومبر 1963ع تي سيني محفلون ۽ سڀ هنگاما ڇڏي رڻ ڏي راهي ٿيو. سندس آخري آرامگاهہ مقبرہ شريف ٽکڙ ۾ آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي:

شمع دل جي جو ٿو سڏجي ۽ عمل جو شاهراهہ
علم مردن کي ملي زالن کيو ڪهڙو گناهہ
رنج راحت، فرح، فاقي ۾ رهي عورت رفيق
جهل ۾ تنهن کي رکي ڇو گهر ڪجي پنهنجو تباهہ

---

(1) سن 1941ع ۾ سنڌ سرڪار جي سرپرستيءَ ۾ "سنڌي ساهت مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو ويو. ڊسمبر 1951ع ۾ ان اداري کي "سنڌي ادبي بورڊ" جو نالو ڏنو ويو.

مير محمد پيرزادو

مير محمد ولد رحمت الله پيرزادو 20 جون 1944ع تي ڳوٺ ٻلهڙيجي تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ ناميارو شاعر ۽ اديب آهي.

مير محمد پيرزادي 1974ع ۾ ايم-ايس- سي (آنرز زراعت) جي ڊگري زرعي ڪاليج ٽنڊوڄام(1) مان ۽ 1989ع ۾ ايم- اي (سنڌي) جي ڊگري شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي. پاڻ 20- جنوري 1969ع کان وٺي سنڌ سرڪار جي زرعي کاتي ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت کاتي جي تحقيقاتي اداري سڪرنڊ ۾ ايگرانامسٽ جي عهدي تي فائز آهي، ان پوسٽ تي 1989ع کان ڪم ڪري رهيو آهي.

جديد شاعري جي حوالي سان ميرمحمد پيرزادي جو نالو نهايت اهميت وارو آهي. هن شاعري کي نوان موڙ ڏني نت نوان ۽ نرالا تجربا ڪيا آهن. ونس لفظن جي کاڻ آهي، سهڻا لفظ ۽ تشبيهون استعمال ڪري ٿو، جنهن ڪري سندس شاعري نهايت اثرائتي ۽ دل کي ڇهڪندڙ آهي. هن شاعريءَ جي سيني صنفن تي لکيو آهي ۽ انهن سان انصاف ڪيو آهي، ليڪن گيت سندس پسنديده صنف آهي ۽ گيت ۾ کيس خاص مقام حاصل آهي.

پيرزادي صاحب کي ڪلاسيڪي موسيقي جي سڌ ڄاڻ حاصل آهي، انڪري سندس ڪلام جي هڪ خوبي اها به آهي، جو اهو موسيقي ۾ ٺهڪي اچي ٿو. سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب ڇپيل آهن، جن مان پهريون ڪتاب "مڪڙيون ماڪ ڦڙا" 1981ع ۾ ۽ "ليار نيڻن ۾ ڦٽا" 1999ع ۾ ڇپيو آهي. ان کان سواءِ سندس شاعري سيني رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيل آهي. هن پنهنجي شاعري ۾ ڪٿي به پنهنجو نالو يا تخلص وغيره نه آندو آهي.

پير زادي صاحب نظم سان گڏو گڏ نثر ۾ به لکيو آهي. هن ڪجهه ڪهاڻيون، مضمون، تبصرا ۽ ٻن ڪتابن جا مهاڳ پڻ لکيا آهن. پاڻ هن وقت ڪتاب ڪهاڻين جو ۽ ٻه ڪتاب مضمونن جا ترتيب ڏئي رهيو آهي.

ڪتاب "مڪڙيون ماڪ ڦڙا" تي پيرزادي صاحب کي (سگا) طرفان گولڊ ميڊل، 1981ع ۽ سنڌ الاجيءَ طرفان سرٽيفڪيٽ ۽ هڪ هزار روپيا نقد انعام مليو.

سندس گيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

گل جو ٽڙڻ ڏسان ٿو ته ياد ٿو اچين، بوندن اندر پچان ٿو ته ياد ٿو اچين
مٺي جي اداس اٿر ۾ هي جو سرور آ، فنڪار جي سياءِ ۾ هي جو غرور آ
تنهنجي اکيان پنهي کي جهٽڪو ضرور آ، ڪر گيت جي لکان ٿو ته ياد ٿو اچين

---

(1) سال 29-1928ع ڌاري ڪنگ جارج پنجين جي نالي سان سڪرنڊ ۾ هڪ زرعي ڪاليج قائم ڪيو ويو بعد ۾ انهيءَ ڪاليج کي 1954ع ۾ سڪرنڊ کان ٽنڊوڄام منتقل ڪيو ويو ۽ 18- فيبروري 1977ع تي ان کي زرعي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويو.

مير محمد لنجار

مير محمد ولد عبدالرحمان لنجار 5- جنوري 1952ع تي ڳوٺ مانجهو تعلقي کوٽڙي ضلعي دادو ۾ ڄائو. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو بهترين ڪمپيئر آهي.

مير محمد لنجار جي تعليم ايم- ايس- سي (ايگريڪلچر) ۽ ايل-ايل-بي آهي، پاڻ يونائيٽڊ بينڪ ۾ آفسر آهي.

لنجار صاحب مارچ 1970ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اناؤنسر جي حيثيت سان آيو، هن ريڊيو جي ڪيترن ئي مقبول پروگرامن ۽ سلسلن جي اناؤنسمينٽ ۽ ڪمپيئرنگ ڪئي، جن ۾ نئون سج، ڪڙو منجهه ڪڙي، سون ورني ڌرتي، چاهه اوهانجي چوند اسانجي، اوهانجي فرمائش، انتخاب، چارڻ چوريو چنگ، هڪ شعر هڪ نغمو وغيره شامل آهن. سندس آواز ۾ مالڪ سائين اڻ ميو ميناج اوتي چڙيو آهي ۽ وري ڪمپيئرنگ ڪرڻ جو وتس ڏانءُ به آهي، انڪري جڏهن هو پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪمپيئرنگ ڪندو آهي، ته ٻڌندڙن کي لطف اچيو وڃي. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي چند سينئرز ۽ سٺي آواز وارن ڪمپيئرن ۾ شامل آهي.

مير محمد لنجار هن وقت جيتوڻيڪ مستقل طور بينڪ جو ملازم آهي، جتي تمام گهڻو مصروف رهي ٿو، پر پوءِ به ريڊيو سان ناتو جوڙيو اچي ۽ پين پروگرامن کان سواءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور عام معلوماتي پروگرام "لوچين سي لهن" جي ڪمپيئرنگ جا فرائض سر انجام ڏئي رهيو آهي. پروگرام "لوچين سي لهن" ريڊيو پاڪستان جو واحد ڪوئز پروگرام آهي، جيڪو 1971ع کان مسلسل ساڳئي آب وتاب سان نشر ٿيندو پيو اچي. هن پروگرام کي ايتري ڊگهي عرصي تائين مقبوليت ڏيارڻ ۾ لنجار صاحب جو اهم ڪردار رهيو آهي. جيڪو ڪافي عرصي کان هن پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪندو اچي ۽ هي پروگرام سندس سڃاڻپ بنجي چڪو آهي. هن ريڊيو ۽ اسٽيج جي ڪجهه ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيو.

عام زندگيءَ ۾ مير محمد لنجار نهايت سنجيده، سچار، يار ويس ۽ نياز منديءَ سان پيش ايندڙ انسان آهي ضرورت کان وڌيڪ نه ڳالهائيندو آهي. پنهنجي پيشي سان سچائي رکندڙ آهي. ڪيس علم ۽ ادب سان به چاهه آهي. شاهه جو رسالو، الطاف شيخ جا سفر نامه ۽ امر جليل جون ڪهاڻيون شوق سان پڙهندو آهي. شعر ۽ شاعري جو مطالعو ڪري سٺن شعرن جو انتخاب ڪري ريڊيو جي پروگرامن ۾ پڙهندو آهي.

لنجار صاحب کي 1970ع ۾ اسٽيج ڊرامي هوشو شيدي ۾ ايوارڊ مليو، تنهن کان سواءِ ريڊيو ٻڌندڙن طرفان سنڌس قدرداني ڪندي انجمن نوچين سي لهن ۽ انجمن سوچ ۽ لوچ سنڌ طرفان 1989ع ۾ ۽ ريڊيو لسنرز معلوماتي انجمن سنڌ طرفان 1998ع ۾ ڪيس بهترين ڪمپيئر ايوارڊ ڏنا ويا.

مير محمد لنڊ

مير محمد ولد الهڏنو لنڊ 23- مارچ 1925ع تي ڳوٺ ڪيٽي مير ٺارو خان چڪ نمبر 3 تعلقي ڏيپلي، ٿر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جڳ مشهور نڙائي فنڪار ٿي گذريو آهي.

مير محمد لنڊ پنج درجا سنڌي پاس ڪري وجي اُٺ ۽ ٻڪريون چارڻ لڳو. جيئن ته سندس والد نڙ وڄائڻ جو ڪاريگر هو، انڪري هن به پنهنجي پيءُ کان اهو فن سکي ورتو. اڳتي هلي دنبوري وڄائڻ جو فن محمد جمن کان سکيائين ۽ بوڙينڊو وڄائڻ ۾ پڻ مهارت حاصل ڪيائين.

مير محمد لنڊ ڀرپاسي علائقي جي ميلن، ملاکڙن ۽ تقريبن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو، پوءِ 1957ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مدد سان ريڊيو تي پهتو ۽ 2- جنوري 1958ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پهريون پروگرام ڪيائين، جنهن کان پوءِ سندس فن پوري سنڌ ۾ متعارف ٿيڻ لڳو. پوءِ ته ايتري ترقي ڪيائين جو پنهنجي فن جي سرهاڻ سان ولايت کي به واسي ڇڏيائين.

مير محمد لنڊ نڙ، بوڙينڊي ۽ دنبوري وڄائڻ جو ماهر ته هئو. پر سندس ڪمال اهو هو جو هو ٽي، ٽي ساز هڪ ئي وقت گڏ وڄائي سگهندو هو. ياد رهي ته پاڻ سنڌ جو پهريون نڙائي هو جيڪو نڙ، دنبورو ۽ چيرڪي هڪ وقت وڄائيندو هو. ان کان سواءِ بوڙينڊو، چيير ۽ دنبورو به هڪ ئي وقت گڏ وڄائڻ جو پهريون تجربو هن ئي ڪيو. ٽن سازن کي وڄائڻ واري سندس اها ڪاريگري قابلِ داد هئي. هڪ هٿ سان نڙ ٻئي هٿ سان دنبورو وڄائيندو هو، جيڪو سندس ڪلهي تي رکيل هوندو هو، ۽ دنبوري واري هٿ جي اشهد آڱر ۾ چيير ٻڌل هوندي هئس. انهن ٽنهي سازن جي ميلاپ سان جنهن راڳڻي جي فضا هو ناهڻ چاهيندو هو، ناهي ويندو هو. سر ۽ تال تي هڪ ئي وقت هن کي وڏي مهارت حاصل هئي. هو جڏهن ساز ڇيڙيندو هو ته پنهنجي فن ۾ اهڙو ته گم ٿي ويندو هو، جو ايئن محسوس ٿيندو هو ته هو اتي جهڙوڪر آهي ئي ڪونه ۽ ڪنهن ٻئي جهان ۾ پهچي ويو آهي.

بوڙينڊي جي حوالي سان مير محمد جو اهو به ڪارنامو آهي ته بوڙينڊي

ساز ۾ اڳ صرف ٻه سر هوندا هئا. هن انهن کي وڌائي چار سر ڪيا.

ڪيس مجتبا طور پاڪستان جي وقتي صدر غلام اسحاق جي هٿان 1990ع ۾ ملڪ جو سڀ کان وڏو فني اعزاز "تمغه حسن ڪارڪردگي" مليو. سندس فن جي قدرداني نه رڳو پنهنجن ڪئي، پر پراون به ڪئي. پاڻ 1974ع ۾ حميد آخوند صاحب سان گڏ جرمني ويو هو، اتي شهر "بون" ۾ جڏهن هن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ته، اتي جي وزير اعظم اسٽيج تي چڙهي اچي ڪيس داد ڏنو

مير محمد لنڊ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي آخري سنڌون سنڌو (لائيو) پروگرام 27- جون 1996ع تي ڪيو. ڪيس آخري ڏينهن ۾ ٽي- بي جي بيماري ٿي پئي، جنهنجي وگهي 14- اپريل 1997ع تي وفات ڪيائين. ڪيس سندس آبائي ڳوٺ لڳ اصحابين جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. هن ڏهه وڄائڻ جا ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا. جن ۾ سندس پٽ ذوالفقار به شامل آهي.

مينهل فقير مهر

مينهل فقير مهر پهرين مارچ 1920ع تي ڳوٺ طيب ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ مشهور عوامي شاعر ۽ راڳي ٿي گذريو آهي.

مينهل فقير ابتدائي تعليم پرواري ڳوٺ ڪبڙي مان حاصل ڪئي. سنڌي فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ 1942ع ۾ استاد مقرر ٿيو. ڪيس مجازي عشق جي چوٽ لڳي وئي جنهن شاعر بنائي ڇڏيس.

مينهل فقير غزل ۽ ڪافيءَ جو سٺو شاعر هو. سندس ڇپيل مولود پڻ ملن ٿا. سندس شاعري ۾ نهايت سهڻي انداز ۾ نقطا بيان ڪيل آهن، جن ۾ طنز و مزاح سان گڏ اصلاح به شامل آهي. سندس شاعري ۾ ٺيٺ سنڌي محاورا، ديسي تشبيهون ۽ ڳوٺاڻي ٻولي استعمال ٿيل آهي، جنهن ڪري سندس ڪلام سڄي سنڌ اندر ٻهراڙيءَ ۾ ڳايو وڄايو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ جا ڪجهه ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ پريءَ جي پڪار (1969ع)- سورن جو ثمر (1969ع)- عشق جي ڪوئل عرف برهه جي بلبل- نغمه عشق- ۽، دردن جون دانهون شامل آهن.

مينهل فقير کي موسيقيءَ سان به تمام گهڻو چاهه هوندو هو ڪيس ڪلاسيڪي موسيقي جي سٺي ڄاڻ هئي. هن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي پوتن، ۽ ميلن ۽ محفلن ۾ ڳائي شهرت حاصل ڪئي.

هيءُ صوفي سنت، محبتي ۽ منٺڙو ماڻهو 8- جون 1985ع تي روزي

سان، نماز جي حالت ۾ سجدي ۾ ڏٺي کي پيارو ٿي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

پرينءَ سان پيار ۾ وڙهيس محبت ملهه
جانا هنيائين جوش مان ڪيائين ڪانہ ڪهل
ڏٺي اڙي اچل، دلبر دوست دسي ويو.

ميوو خان "موج"

ميوو خان "موج" ولد صاحب خان لغاري سن 1906ع ۾ ڳوٺ سعيد خان لغاري تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو، ۽ پوءِ جهول ضلعي سانگهڙ ۾ وڃي مستقل طور رهائش اختيار ڪيائين، پاڻ مشهور صحافي ۽ قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي.

ميوو خان "موج" سنڌي، اردو، فارسي، عربي، بلوچڪي، پنجابي ۽ ٽري ٻوليون ڄاڻندو هو. هن ڪيترين ئي خانگي نوڪرين، دڪاندارين ۽ واپار ڪيا. صحافت ۾ پڻ سندس واسطو رهيو، پاڻ مختلف اخبارن ۽ رسالن سان نمائندي ۽ ايڊيٽر جي حيثيت سان وابستہ رهيو. فن خطابت تي پڻ ملڪو حاصل هئس. سندس مطالعو ۽ مشاهدو بہ تمام وسيع هو.

ميوو خان 1921ع ۾ بيت، ڪافيون ۽ ڏنون وغيره چئي شاعري جي ابتدا ڪئي، مگر علم عروض موجب 1925ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين، جنهن لاءِ سندس استاد محمد هاشم "مخلص"، نور محمد "انور" نظاماڻي، آغا نجم الحسن "مضطر" ۽ حاجي محمود "خادم" جو ڪتاب "رياض البلاغت" هئا.

هن شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، تخلص "موج" اختيار ڪيائين. هن خلافت تحريڪ ۽ قطع تعلقات هلچل جي ماحول کان متاثر ٿي شعر چوڻ شروع ڪيو ۽ سندس اهو شغل آخر تائين جاري رهيو. ٽماهي مهراڻ، ماهوار نئين زندگي ۽ ٻين ادبي رسالن ۾ سندس ڪلام وڏي تعداد ۾ ڇپيل آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

جيڪي آهن خار محبت جي راهہ ۾
سي گل آهن گلاب جا منهنجي نگاهہ ۾
آهي فراق ۾ وڌ لذت وصال کان
آرام عاشقن کي فقط آهہ آہ ۾

نارائڻ "شيام"

نارائڻ "شيام" جو اصل نالو نارائڻ داس پٽ گوڪلداس ناگواڻي هو. سندس جنم 25- جولاء 1922ع تي ڳوٺ ڪاهي قاسم ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. پاڻ جديد سنڌي شاعريءَ جو بانيڪار شاعر ٿي گذريو آهي.

نارائڻ "شيام" ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان بي-اي پاس ڪئي، جنهن ڪان پوءِ گڏيل هندستان جي ورهاڱي سبب پاڻ ڀارت لڏي ويو ۽ اتي دهلي ۾ رهائش پذير هو ۽ ساهتيہ اڪيڊمي جي سنڌي بورڊ جو ڪنوينر هو.

ويهين صدي جي مهان سنڌي شاعرن ۾ شيخ اياز کان پوءِ نارائڻ "شيام" جو نالو اچي ٿو. هن شيخ اياز هري دلگير ۽ شيخ راز سان گڏجي جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو. هن شاعري کي نوان موڙ ۽ ڀيچرا ڏنا دوهو، سورٺ، بيت، وائي، گيت، نظم، رباعي، غزل، آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل ۽ هائيڪو وغيره تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، ڀارت جي سنڌي شاعرن ۾ نارائڻ "شيام" جو ڪلام سڀ کان وڌيڪ ڇپيو ۽ پسند ڪيو ويو آهي.

ڪشنچند "بيوس" سنڌي شاعريءَ کي جيڪا نئين واٽ ڏيکاري، ان واٽ تي هلي ۽ نوان تجربا ڪري شيخ اياز ۽ نارائڻ "شيام" نہ رڳو سنڌي شاعريءَ کي پنهنجو منفرد رستو ۽ مقام مقرر ڪري ڏنو، پر ڦارين ٻولين جي شاعريءَ جي نقالي ۽ اوڌر کان بہ بچائي ورتو. هنن ٻنهي شاعرن کي سنڌ جي جديد ترقي پسند شاعريءَ جو باني سمجهيو وڃي ٿو.

شيام جي شاعري محبت جو پيغام آهي، سوچن جو سمنڊ آهي، فن جو پنڊار آهي ۽ مصوري جو مجموعو آهي. کيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان بي انتها پيار هو ۽ هر وقت انهن جو اونو رکندو هو. تڏهن تہ ڏٺي در ٻاڏائيندي چوي ٿو تہ،

الا ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي

نارائڻ "شيام" بيحد سپاجهڙو، ٻنهه نهنو، پاڻ کي گم ڪرڻ وارو، منو مر ڪندڙ، لڳندڙ ۽ ڪلائيندڙ شخص هو. هو سدائين معصوم مرڪ چهري تي سجائي هلندو هو. هن ديس جي ذرتي سان ذهن ۽ دل جو رشتو هميشہ برقرار رکيو. سندس شايع ٿيل شاعريءَ جا مجموعا هن ريت آهن.

ماڪ ڦڙا (هري دلگير سان گڏ-1953ع)، پنکڙيون(1955ع)، رنگ رتي لهر(1956ع)، روشن ڇانورو (1961ع)، واريءَ ڀريو پلاند (1968ع)،

ماڪ پنارابيل (1971ع)، آڇيندي لڄ مران (1971ع)، مهڪي ويل صبح جي (1983ع)، نه سو رنگ نه سا سرهاڻ (1987ع)، بوند لهرون ۽ سمنڊ (سنڌ ۾- 1987ع) ۽ ذات ۽ حيات.

سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ سڄاڻ، سريلو ۽ تمام وڏو شاعر 10- جنوري 1989ع تي دهلي ۾ فوت ٿي ويو. نموني طور سندس شاعريءَ مان ٻه سٽون آهن ته:

لڪندي تنهنجا وار چڙيل ها
خط جي خوشبوءِ هي ٻه ڏسيو پئي.

نارو مل ڀڳت

ڀڳت نارومل پٽ آلو مل ڀڳت سن 1889ع ڏاري ٽاٽي احمد خان ۾ ڄائو ۽ پوءِ لڏي اچي ٽاٽي بولا خان ۾ ويٺو. پاڻ مشهور راڳي ٽي گذريو آهي.

ڀڳت نارومل سنڌ ۾ صوفياڻو ڪلام چوندڙ ڀڳتن جي آخري نشاني هو. هن جو نالو سنڌ جي موسيقي جي تاريخ ۾ سدائين زنده رهندو.

نارومل پهريان سنڌي بيت، جابلو مورا ۽ لوڪ گيت ڳائيندو هو، اڳتي هلي هن صوفياڻو ڪلام چوڻ شروع ڪيو ۽ ان حوالي سان سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو. پاڻ گهڻو ڪري پٽ ڌڻي جو ڪلام ڳائيندو هو، جنهن جو ڪافي ڪلام ڪيس ياد هوندو هو، ڀڳت جي آواز ۾ قدرت واري ڏاڍو سهڻو اثر ۽ رس رکيو هو. سندس ڳائڻ جو هڪ منفرد انداز هو، جيڪو سڄي محفل تي ڏاڍو متاثر ڪندو هو. پاڻ جڏهن ڳائڻ شروع ڪندو هو، ۽ يڪتاري جي تندن اڃا آڱر مس هڻندو هو ته هڪدم سندس بدن ۾ وڏو جوش پيدا ٿي ويندو هو ۽ فوراً اٿي ويندو هو ۽ ڳائيندي ڳائيندي نچڻ لڳي ويندو هو ۽ پوءِ ويهي ڪونه سگهندو هو. پوءِ پلي ڪيس سڄي رات چونه ڳائڻو پوي. سندس آواز به اڻ ڪٽ هو. جيئن ڳائيندو ويندو هو تيئن هن جو آواز تيز ۽ مٺو ٿيندو هو. ڪڏهن به سندس گلو ويٺو ڪو نه، جيتوڻيڪ سڄيون سڄيون راتيون ڳائيندو هو. پر هميشه سندس آواز اڳي کان اڳرو رهيو. سر ۽ تال جو به ڏاڍو پختو هو. سنڌي لوڪ رس ۾ پراڻو روايتي ڀڳت وارو انداز هوندو هئس، سنڌ جا ڳائڻا سندس وڏي عزت ڪندا هئا.

ڀڳت نارومل ريڊيو پاڪستان تي به ڳايو پهريان ڪراچي اسٽيشن تي ۽ پوءِ حيدرآباد اسٽيشن (1) تي افتتاحي نشرياتي پروگرام کان وٺي مرڻ کان هڪ

---

(1) ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نشريات جو آغاز 17 آگسٽ1955ع تي هوم سٽيڊ هال حيدرآباد مان ٿيو ۽ موجوده عمارت مان ان جي نشريات جو آغاز 28 ڊسمبر 1962ع تي ٿيو. هن ريڊيو اسٽيشن وقت بوقت اهڙا ڪيترائي فنڪار پيدا پئي ڪيا آهن، جن پنهنجي فن جي سرهاڻ سان نه رڳو سنڌ ۽ پاڪستان کي پر پوري دنيا کي واسي ڇڏيو. ان کان سواءِ علم، ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان پڻ هن ريڊيو اسٽيشن جون خدمتون ساراهه جوڳيون رهيون آهن، هن ريڊيو اسٽيشن جي اها خوش قسمتي آهي جو ڪيس شروع کان وٺي اڄ تائين بهترين براڊ ڪاسٽر پئي مليا آهن، جن جي ڪوشش سان ڪيس لازوال عروج نصيب ٿيو آهي.

هفتو پهريان تائين پروگرام ڪندو رهيو. پاڻ شاعري بہ ڪندو هو. "الله غني" سندس تڪيہ ڪلام هوندو هو، جيڪو شاعريءَ ۾ ۽ عام زندگيءَ ۾ بار بار استعمال ڪندو هو.

پڳت نارومل صوفياڻو خيال رکندو هو. سندس اعتقاد جهانيان پوٽي سائين قطب شاهہ حيدرآباد جي درگاهہ سان هو ۽ اتي جام ايندو ويندو هو.

هيءَ صوفي منش پڳتي 16- ڊسمبر 1960ع تي فوت ٿي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

سخي سڀاجها ڀاڄهہ ڪريو ڪا ۽ مهر ڪريو هاڻي. پنهنجو فضل ڪريو اوهين هاڻي سخي سڀاجها ڀاڄهہ ڪريو هاڻي. الله غني درد منهنجي جو دارون تون ئي ٿئي درجي مان ناهيان سونهي. حال سيئي ٿو جاڻي سخي سڀاجها ڀاڄهہ ڪريو هاڻي. الله غني.

ناز سنائي

محمد عثمان ولد محمد خان ميمڻ 2-آڪٽوبر 1959ع تي ماڇهند تعلقي ڪوٽڙي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ نئين ٽهي جو سڄاڻ اديب ۽ شاعر آهي "ناز سنائي" سندس ادبي نالو آهي.

ناز سنائي مئٽرڪ تائين تعليم سن شهر ۾ حاصل ڪئي، ۽ پوءِ سچل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخل ٿيو، جتان انٽر ۽ بي- اي جا امتحان پاس ڪري ايم-اي (سنڌي) جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان پاڻ پبلشر بہ آهي ۽ گورنمينٽ ڪوآپريٽو انسپيڪٽر طور سرڪاري نوڪري بہ ڪري رهيو آهي.

ناز سنائي کي شاگرديءَ واري دور کان ئي شعروشاعري سان دلچسپي رهي شروع ۾ تاج جويو ۽ راشد مورائي کان اصلاح وٺندو هو، هن غزل، وائي ۽ بيت تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ سٺو نثر نويس پڻ آهي، هن نثر ۾ پندرهن ڪتاب لکيا آهن. ٻاراڻي ادب ۾ پڻ سندس وڏو حصو آهي، هن ٻارن لاءِ "چڻنگ" جا 25 پرچا مسلسل ڪڍيا. "ڪينجهر" ۽ "مومل" رسالن جا پڻ سوين پرچا ايڊٽ ڪيا اٿس. تنهن کان سواءِ پاڻ پنهنجي اشاعتي اداري "سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد" مان ٽي سو کن معياري ڪتاب مختلف اديبن جا شايع ڪري چڪو آهي. هن ننڍپڻ کان لکڻ شروع ڪيو ۽ مسلسل لکندو اچي، جنهن ڪري کيس سٺي شهرت ملي آهي.

ناز سنائي شروع کان وٺي علم ادب جي خدمت ۾ پيش پيش رهيو آهي. جنهن جي عيوض مجتا طور کيس ڪجهہ ايوارڊ مليل آهن. جن ۾ استاد بخاري

اڪيڊمي دادو طرفان مليل "استاد بخاري ايوارڊ" ، سنڌو سيپتا سوسائٽي حيدرآباد پاران مليل "دولهه دريا خان ايوارڊ" ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙي پاران مليل "ادب جو خدمتگار ايوارڊ" شامل آهن. سندس تصنيف ٿيل ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. جيڪي سڀ ڇپيل آهن.

ڏکيون جان نه مڙن، ڪچان ته ڪافر، ماءُ ڪاهوڙي هليا ،رڃي جي ريتو ٿيا ، ڏونگر ڏوريا ، حفيظ شيخ، منهنجو عزم فولاد ، نوان چار درويش، سنڌ جو سفر ۽ جاڳرتا وغيره.

سندس ڪلام جو نمونو پڻ هيٺ ڏجي ٿو:

يار اسان ڪان ڏار پري هت هت وينو عيد ڪري
توکي موت اچڻ ڪان اڳ شل ڪو تنهنجو موت مري.

نبن جمالي

نبن خان ولد مولا بخش جمالي سال 1947ع ۾ ڳوٺ فقير محمد جمالي تعلقي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ پهرين جوڙ جو پلوڙ ملهه پهلوان آهي

نبن جمالي ويهن سالن جي عمر ۾ ملهه وڙهڻ شروع ڪئي. ملهه جي تربيت پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. جيڪو پڻ سنو ملهه ٿي گذريو آهي، نبن ٽئين جوڙ کان ملهه وڙهڻ جي شروعات ڪئي ۽ پوءِ سگهوئي ترقي ڪري پهرين جوڙ ۾ پهتو. پاڻ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ٿيندڙ ميڙن ملاکڙن ۾ پنهنجي پهلوانيءَ جا جوهر ڏيکاري چڪو آهي. هونءَ ته سندس ڪيترائي يادگار مقابلا ٿيا، ليڪن هڪ سال نواب شاهه ۾ ٿيندڙ ملاکڙي ۾ هن سنڌ جي ٻن سگهارن پهلوانن سيد سمن شاهه ۽ غلام سرور جتوئي کي هڪ ئي ملاکڙي ۾ دسي رڪارڊ قائم ڪيو، جيڪو اڃا تائين ڪير به ٽوڙي نه سگهيو آهي. ان ملاکڙي ۾ کيس "نواب شاهه هيليڪاپٽر" جو خطاب مليو.

نبن جمالي هن وقت ضلعي نواب شاهه جي ڳوٺ فضل محمد جمالي لڳ سن ميل ۾ رهائش پذير آهي، پاڻ ملهه ائسوسيئيشن ضلعي نواب شاهه جو صدر به رهي چڪو آهي. سندس پهلواني جي مڃتا طور کيس هيل تائين ڪافي ٽرافيون، ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره ملي چڪا آهن. جهڙوڪ، 1978ع ۾ نواب شاهه ٽرافي،1988ع ۾ جشن جمهوريت ٽرافي، 1987ع ۾ نواب شاهه ملاکڙي ۾ ايوارڊ ، 1990ع ۾ سخي جام ڏاتار ٽرافي،1991ع ۾ فورٽ سنڌ گيمز حيدرآباد جي موقعي تي گولڊ ميڊل ۽ سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي سلور ميڊل ۽ ٻيا ڪوڙ سارا سرٽيفڪيٽ وغيره.

نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ولد علي محمد خان لغاري بلوچ 16 ڊسمبر 1917ع تي ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ويهين صدي جي تمام وڏي ادبي شخصيت آهي. پاڻ سنڌي ادب خاص ڪري لوڪ ادب لاءِ جيترو قلمي پورهيو ڪيو اٿس ايترو اڳ شايد ئي ڪنهن ڪيو هجي، سندس ڪيل جاکوڙ ۽ نچوڙيل نور ڪي سنڌي نسل صدين تائين سارا هيندو رهندو. پاڻ تمام وڏو محقق، عالم، اديب، تاريخدان، دانشور، ماهر لسانيات ۽ مبصر آهي. کيس بين الاقوامي شهرت حاصل آهي.

ڊاڪٽر صاحب اڃا ڇهن مهينن جو مس هئو ته، سندس والد صاحب ڀوهه جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو، انڪري سندس تعليم ۽ تربيت سندس چاچي ولي محمد خان جي نگراني ۾ ٿي جنهن پهريان کيس ڳوٺ جي واڻيي ڀائي وسومل وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريو، جنهن وٽ هندڪا اکر سکيو. ان کان پوءِ ڳوٺ پليو خان لغاري ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪري، وڌيڪ تعليم لاءِ 1929ع ۾ نوشهروفيروز مدرسي ۾ داخل ٿيو، 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪري، بهاءُالدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۾ داخل ٿيو، جتان 1941ع ۾ بي-اي جو امتحان سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس، ٽيون نمبر اچي پاس ڪيائين. ان کان پوءِ 1943ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان ايم-اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو. ساڳئي سال مسلم يونيورسٽيءَ مان ايل-ايل- بي پڻ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. جنهن کان پوءِ ايڊيوڪيشن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ 16- آگسٽ 1946ع تي ولايت روانو ٿيو، ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ (آمريڪا) مان ايڊيوڪيشن ۾ ايم-اي ۽ پي-ايڇ- ڊي جي اعليٰ ڊگري حاصل ڪيائين. ان دوران سندس مشهور ڪتاب "بيلاين جا ٻول" جي تاليف به شروع ڪيائين.

ڊاڪٽرءَ جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ بلوچ صاحب کي اقوام متحده ۾ نوڪريءَ جي آڇ ٿي، پر پاڻ وطن جي خدمت جي شوق ۾ 1949ع کان آگسٽ 1950ع تائين سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ گهميو ۽ علمي، ادبي ڪچهريون ڪندو ۽ تاريخي ماڳ ڏسندو رهيو ۽ ادبي ۽ تاريخي مواد گڏ ڪندو رهيو.

ملازمت جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب پهريان ڪجهه وقت لاءِ حڪومت پاڪستان جي محڪمه اطلاعات ۽ نشريات ۾ هڪ عهدي تي ڪم ڪيو، جتان مرڪزي پبلڪ سروس ڪميشن کيس ڪلاس ون ۾ چونڊيو، جنهن کان پوءِ کيس پاڪستان سرڪار طرفان وچ اوڀر ۾ تعلقات عامه جي شعبي ۾ سفارتخاني ۾

مقرر ڪيو ويو، پر هن صاحب تعليم، تدريس ۽ تحقيق جي خدمت کي ترجيح ڏيندي اهڙي اعليٰ عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي جنهن کان پوءِ پاڻ 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ تعليم جي شعبي جو پروفيسر مقرر ٿيو. سنڌي شعبي جو پهريون استاد ۽ سربراهه به پاڻ ٿيو. 1973ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. 76-1975ع ۾ ڪيس نيشنل پروفيسر جو درجو مليو. 1976ع ۾ ڪيس اسلام آباد بدلي ڪري وفاقي وزارت تعليم ۾ آفيسر بڪار خاص مقرر ڪيو ويو. 1977ع ۾ تعليم کاتي مان رٽائر ڪرڻ کان پوءِ 1979ع تائين پاڻ وازرت ثقافت، آثارِقديمه، رانديون ۽ سياحت ۾ رهيو. پهريون جولاءِ 1979ع تي چيئرمين قومي ڪميشن تحقيق، تاريخ ۽ ثقافت مقرر ٿيو، جتان 22 نومبر1980ع تي ڪيس اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. هن عهدي تي آگسٽ 1982ع تائين رهيو. 1983ع کان 1990ع تائين نيشنل هجره ڪائونسل اسلام آباد جو مشير رهيو. جنهن کان پوءِ سال 1990ع کان 6 مارچ 1994ع تائين "سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو" [1] جو پهريون چيئرمن ٿي رهيو، ان عرصي دوران سنڌ جي نگران حڪومت ۾ اپريل 1993ع کان آڪٽوبر1993ع تائين تعليم ۽ زراعت جو صوبائي وزير پڻ ٿي رهيو. پاڻ ڪافي عرصي کان علامه آءِ آءِ قاضي چيئر جو چيئرمن هلندو اچي.

ڊاڪٽر بلوچ هڪ اديب، عالم ۽ دانشور جي حيثيت سان يورپ ۽ مشرق جي تعليمي ۽ ثقافتي اجلاسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪيترائي ڀيرا ڪري چڪو آهي. ان سلسلي ۾ آمريڪا، ڪئناڊا، فرانس، انگلينڊ، اسڪاٽلينڊ، جاپان، فلپائن، ترڪي، لبنان، عراق، ايران، سعودي عرب، ڪويت، شام، تيونس، الجزائر ۽ مراڪش وغيره جو سفر ڪري چڪو آهي.

تصنيفات ۽ تاليفات جي سلسلي ۾ علم، ادب، لغت، شاعري، تاريخ، ثقافت، موسيقي ۽ آثار قديمه تي بيش بها ڪتاب مقالا انگريزي، عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ لکيا اٿس، جن کي علمي ادبي دنيا ۾ تحسين جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر جا علمي ڪارناما سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي اٿل آهي. هن ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام گڏ ڪري ڇپايو آهي. ڪجهه وڏن مشهور شاعرن جو

(1) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو (سنڌي لينگويج اٿارٽي) سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل هڪ ايڪٽ 1972ع جي ترميمي ايڪٽ1990ع هيٺ قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جو بنيادي مقصد آهي. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، فروغ ۽ استعمال. هن اداري1991ع کان عملي طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪلام ڏار ڏار رسالن جي صورت ۾ مقدمو لکي ڇپرايو اٿس. انهن ۾ ڪليات حمل (1952ع)، ڪليات سانگي 1969ع)، شاهه لطف الله جو ڪلام (1968ع)، ميين شاهه عنايت جو ڪلام (1963ع)، خليفي نبي بخش لغاري جو ڪلام (1966ع)، ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري (1968ع)، شاهه شريف پاڏائيءَ جو ڪلام (1972ع)، سر فهرست آهن.

پاڻ ڪجهه مشهور تاريخي ڪتاب فارسي متن ۾ ايڊٽ ڪري چڪو آهي. جهڙوڪ، لب تاريخ سنڌ (1969ع)، تاريخ طاهري (1964ع) وغيره. سنڌي ادبي بورڊ جي تاريخ جي رٿا ۾ ٽي بنيادي تاريخي ڪتاب، چچ نامو (1954ع)، تاريخ معصومي (1953ع)، ۽ تحفته الڪرام (1957ع) سنڌي ۾ ايڊٽ ڪيا اٿس . ڪتاب "بيلاين جا ٻول" (1951ع) ۾ لس ٻيلي جي شاعرن جو چيل سنڌي ڪلام گڏ ڪيو اٿس. هن سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ به لکي آهي. سنڌي لغت کي گڏ ڪري انکي سوڏي ۽ سنواري باقاعدي پنجن جلدن ۾ پيش ڪيو آهي، جيڪو هڪ وڏو ڪارنامو آهي. ان سان گڏ هن صاحب سنڌي اردو لغت ۽ اردو سنڌي لغت به لکي آهي.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ تي نئين کوجنا ڪري 1962ع ۾ هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" لکيو، جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي بڻ بنياد بابت نئون نظريو ڏنو ته "اها سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، بلڪه سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي." ان کان علاوه بلوچ صاحب هن ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۽ ارتقائي بهترين تحقيقي مواد پيش ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جو بنيادي ماخذ آهي.

ڊاڪٽر بلوچ لاکيٽي لطيف رحه تي پڻ تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. گهٽي چند ڇاڻ کان پوءِ "شاهه جو رسالو" به ترتيب ڏنو اٿس ته، لطيفيات تي ٻيا ڪتاب به لکيا ۽ ايڊٽ ڪيا آهن. جهڙوڪ، ياد لطيف (1953ع)، يادگار لطيف (1953ع)، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار (1968ع)، شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻولي جو معمار (1968ع)، سر ڪلياڻ جو مطالعو (1970ع)، سر يمن ڪلياڻ جو مطالعو (1971ع)، شاهه جي رسالي جا سر چشما (1972ع)، سر ڪنيات جو مطالعو (1972ع) ۽ شاهه جي رسالي ترتيب (1974ع) وغيره. ان کان سواءِ گذريل 33 سالن کان سندس جي نگراني ۾ شاهه جي رسالي تي هلندڙ تحقيقي ڪم تازو (2000ع ۾) مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ ڏهن جلدن تي مشتمل ان تحقيقي رٿا جو آخري جلد به شايع ٿي چڪو آهي ۽ هن وقت سندس نگراني ۾ شاهه جي

رسالي جي لغت تي ڪم هلندڙ آهي.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ، سينگارڻ ۽ محفوظ ڪرڻ لاءِ جيتري جاکوڙ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪئي آهي، ايتري هن کان اڳ ڪنهن به نه ڪئي آهي ۽ شايد هن کان پوءِ به ڪو ڪري نه سگهي. ڊاڪٽر صاحب هيستائين اٽڪل 80 کن ڪتاب لکي چڪو آهي، جن ۾ 55 کن ته رڳو لوڪ ادب تي آهن. انهن مان چاليهه ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ لکيائين. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي هر علائقي جي ماڻهن سان مليو ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي جو مشاهدو ڪيو، سگهڙن ۽ وڏي عمر جي ماڻهن کي ڳولي ڳولي انهن سان ڪچهريون ڪري انهن کان ٻڌل مختلف روايتون ۽ لوڪ ادب جي مختلف صنفن تي مشتمل شاعري لکندو ويو. اهڙي طريقي سان ڪيئي ڪتاب لکجي ويا ۽ سنڌ جي سوين هزارين سگهڙن جا بي بها موتي ڪتابن ۾ محفوظ ٿي ويا. هن سلسلي ۾ لوڪ ادب جي هر صنف کي سهيڙيو اٿس، جيڪا تمام وڏي ڳالهه آهي.

لوڪ ادب متعلق سندس لکيل ڪتابن جي فهرست تمام ڊگهي آهي. جن مان ڪن ٿورن ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

مداهون ۽ مناجاتون (1959ع)- معجزا (1960ع)- مولود (1960ع)- مناقبات (1960ع)- ٽيهه اکريون (61-1960ع)- مناظرا (1961ع)- ڳيچ (1964ع)- مشهور سنڌي قصا (1964ع)- پروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول (1965ع)- لوڪ گيت (1965ع)- ڳجهارتون (1969ع)- ڊول مارو (1969ع)- نڙ بيت (1970ع)- ڏور (1970ع)- جنگناما (1984ع)- ڪافيون (ٽن جلدن ۾ (1985ع، 1987ع، 1990ع). وغيره

جڏهن ته مختلف اخبارن، رسالن، مخزنن ۽ ادبي پرچن ۾ مختلف موضوعن تي ڇپيل سندس مقالن جو ته ڪو ڪاٿوئي ڪونهي. مطلب ته سندس ڪيل علمي پالوٽ ٿر بر، ڪڏون، ڪوڀا سيراب ڪري ڇڏيا آهن.

ڊاڪٽر بلوچ ڪجهه شاعري به ڪئي آهي، پاڻ راڳ جو شوقين آهي ۽ ان فن ۾ سندس ڳوٺ جو الهڏنو فقير ماڇي سندس ڪو. ملهه جي فن کي مقبول بنائڻ لاءِ پڻ ڊاڪٽر گهڻي ڪوشش ورتي. پڻ شاهه تي پهريون پيرو ڪرڪيٽ وانگر ملاکڙي جي ڪمينٽري (روان تبصرو) ڪرڻ جو انتظام ڪيائين. ملهه ائسوسيئشن ٺهرايائين، جنهنجو صدر مير رسول بخش ٽالپر ٿيو. نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۾ جيڪا پهرين راند کيڏي وئي سا ملهه هئي. اهو ملاکڙو به ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش سان اتي ٿيو هو.

عبدالڪريم سنديلي مرحوم جي لفظن ۾ هيءَ "جوان بخت" ۽ "جوان سال" اجا ٿڪو ناهي. ڊاڪٽر صاحب اجا تائين رات جو ٻارهين ۽ هڪ وڳي تائين لکڻ پڙهڻ ۽ تحقيق جو ڪم ايئن جاري رکيو اچي جيئن ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ڪچهريءَ ۾ اڌ رات تائين جاڳندا آهن.

ڊاڪٽر صاحب ڪيترن ئي ملڪي توڙي غير ملڪي علمي ادبي ادارن سان لاڳاپيل آهي. بيشمار علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪري چڪو آهي، جن مان ڪافي پروگرام سندس ڪوشش سان منعقد ٿيا. سندس علمي فيض به جاري ساري آهي. سندس شاگردن جو حلقو تمام وسيع آهي جن ۾ ڪيترائي نالي وارا اسڪالر ۽ اديب به شامل آهن. سندس رهنمائيءَ ۾ ڪيترن ئي شاگردن پي- ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ۽ ڪي اجا جستجو ڪري رهيا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي سندس علمي خدمتن تي ڪافي انعام ۽ ايوارڊ وغيره ملي چڪا آهن، جن ۾ ڪجهه قومي ايوارڊ "تمغہ پاڪستان"، "ستاره قائد اعظم" ۽ 1979ع ۾ صدارتي ايوارڊ "تمغہ حسن ڪارڪردگي" شامل آهن، پر ڊاڪٽر صاحب جو علمي مرتبو ۽ ڪم تمغن کان گهڻو گهڻو اوچو ۽ اتاهون آهي. پاڻ بيشڪ سنڌ، سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو سچو هڏ ڏوڪي ۽ گهڻ گهرو آهي. سنڌ ۽ سنڌين کي سندس ذات تي فخر آهي.

نبي بخش فقير

نبي بخش فقير عرف نبن فقير ولد ڦنوهل ذات جيهو سن 1879ع ڌاري ڳوٺ جيهيا تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ صوفي شاعر ۽ صاحبِ ڪرامت بزرگ ٿي گذريو آهي.

نبن فقير جو ننڍي هوندي کان ئي لاڙو فقيريءَ ڏانهن هوندو هو. پاڻ ڏينهن جا ڏينهن گهران نڪري ويندو هو ۽ درگاهن ۽ مزارن تي وڃي چلا ڪڍندو هو. ٽيهن سالن جو ٿيو ته هڪ رات خواب ۾ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جو ديدار نصيب ٿيس، جنهنجي حڪم تي چنل فقير سانگي وٽ اچي رهيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ قلندر شهباز رحه جي درگاهه تي سيوهڻ وڃي رهيو، جتي پاڻ نبن فقير صوفي جي نالي سان مشهور ٿيو. فقير صاحب اتي هڪ ڪافي به جوڙائي، جيڪا اڄ تائين سندس نالي سڃاڻجي ٿي.

ٻين حقيقي عاشقن جيان نبن فقير کي به پهريائين مجازي عشق جي چڻنگ چوليءَ ۾ پيئي، جنهن ۾ اندر جا جذبا ڪلام جي صورت ۾ ٻاهر نڪتا. پاڻ ڏينهن رات ڪافيون ڪلام چوندو يڪتارو وڄائيندو، محبوب جي عشق ۾

مست ٿيو پيو گهمندو هو.

نبن فقير جو شمارسنڌ جي وڏن صوفي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪلام نهايت پر اثر ۽ ميناج وارو آهي، ۽ تصوف جي باريڪ نڪتن سان پريو پيو آهي. سندس ڪلام ۾ "پاڻ سڃاڻڻ" وارو نظريو هر هنڌ نمايان نظر اچي ٿو. سندس هزارين ڪافيون ۽ بيت سندس هڪ طالب بياض جي صورت ۾ قلمبند ڪيا هئا، ليڪن افسوس جو اهو بياض فقير صاحب جي وفات کان پوءِ ڪنهن طرح گم ٿي ويو، البت سندس ڪجهه ڪلام محفوظ آهي.

نبن فقير، صاحب ڪرامت بزرگ هو. سندس سوين ڪرامتون مشهور آهن. ڪيترائي سوالي سندس در تان فيض ياب ٿي ويا. سندس معتقدن ۽ طالبن جو تعداد چڱو خاصو هو، جن ۾ ڪيترائي شاعر به هئا. پاڻ پوري حياتي ذڪر الاهي ۽ ڪيف و مستي ۾ گذاري، 10- جنوري 1929ع تي راهه رباني وٺي ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

دنيا جي اسباب مان نڪري الله جي آذار آياسين
عرب، عجم، ايراني، يمن، يونان، توراني
مليو دل جي اندر جاني ناحق پيا ملڪ ماٿياسين.

نثار بزمي

نثار بزمي جو اصل نالو قلندر بخش ولد محمد حسن خان جوڻيجو هو. سندس ولادت 13- جون 1924ع تي ڳوٺ مرزا پور، تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. پاڻ هڪ مشق شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

نثار بزمي سنڌي فائينل، مئٽرڪ ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪيا. 1938ع ۾ پرائمري ماستر ٿيو، 1954ع ۾ تپيداري پاس ڪري تپيدار ٿيو، ليڪن شاعري جي شوق اهڙو ته اچي سوگهو ڪيس جو ڪابه سرڪاري نوڪري باقاعدي سان ڪري نه سگهيو. آخر 1965ع ۾ نوڪري ڇڏي خانگي ڌنڌو اختيار ڪيائين.

نثار بزمي يارهن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ جي شروعات ڳوٺ جي هڪ هندو دوست ڀڳونداس جي محبت ۾ موهجي ڪئي، وبتر جو ان وقت جو سدا بهار راڳي ماسٽر چندر سان سندس منهن ميلو ٿيو ته، جڻ باهه تي گاسليٽ جا چنڊا پيا. سندس پهريون شعر ان وقت جي فلمي رسالي "فلم نيوز" ۾ شايع ٿيو، جيڪو انهيءَ زماني جي خوبصورت اداڪاره نسيم جي تعريف ۾ هو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن نثار بزمي جو محبوب ڀڳونداس 1948ع ۾ سنڌ مان لڏي وڃي ڀارت جي شهر جبلپور ۾ رهيو، تڏهن هن جي جدائي ۾

نثار بزمي هڪ ڪلام ناهيو "پڪا ڏار ڳيرا اڏاڻا هليا ويا" اهو ڪلام تمام گهڻو مشهور ٿيو. سنڌ جي اهڙي ڪا وستي يا اهڙو ڪو واهڻ يا شهر نه هو. جتي اهو ڪلام ڳايو نه ويو هجي.

نثار بزمي شاعريءَ جي هر صنف تي لکيو آهي. ڪلاسيڪل شاعري سان گڏو گڏ سندس عوامي گيت گهڻو مشهور آهن. مولود جو پڻ سنو شاعر هو. سنڌي فلمن "البيلي" ۽ "سنڌڙي تان صدقي" لاءِ به گيت لکيائين سندس ڪلام ريڊيو پاڪستان تان به نشر ٿيندو آهي ۽ راڳ رنگ جي هر محفل ۾ پڻ نهايت شوق سان ڳايو وڃي ٿو. گذريل اڌ صدي ۾ شايع ٿيندڙ مشڪل ڪو اهڙو ادبي رسالو هجي، جنهن ۾ بزمي صاحب جو ڪلام شايع ٿيو نه هجي. ان کان سواءِ سندس نظم گذريل ٽيهن سالن کان نصابي ڪتابن ۾ به استعمال ٿي رهيا آهن. سندس شاعري جا ڪجهه مجموعا ورهاڱي کان اڳ به ڇپيا هئا، جيڪي اڄ اڻ لڀ آهن. بهر حال ورهاڱي کان پوءِ سندس جيڪي شعري مجموعا ڇپيا، انهن ۾، سنڌ"ي، وڄن وراڪا، ڏکن آءُ ڏٺي، عشق نه پڇي ذات، تاجدار حرم ۽ پول نثار بزميءَ جا، شامل آهن.

نثار بزمي نظم سان گڏ نثر ۾ ڊراما، افسانا ۽ مضمون به لکيا. نثر ۾ سندس به ڪتاب "بيداري" (ڊرامو) ۽ "غريبن جي آهہ" (ڊرامو) ڇپيل آهن. ان کان سواءِ ڪيس موسيقي جي پڻ سني ڄاڻ هئي، پاڻ سنو ڳائي ۽ وڄائي سگهندو هو. سازن ۾ هار مونيم، بينجو ۽ ستار وڄائڻ ڄاڻندو هو. موسيقي جي سکيا هن خانصاحب الهڏني نوناري کان حاصل ڪئي هئي. پاڻ پنهنجيءَ اندر نرالو مزاج رکندو هو. سندس وابستگي فقيراڻن ٽولن سان به رهي، جن جي صحبت ۾ ساري پاڪستان جو سير سفر ڪيائين.

نثار بزمي فالج جي حملي کان پوءِ ڪجهه عرصو بيماري جي بستري تي داخل رهيو. آخر 7- جولاءِ 2000ع تي هيءُ مهان عوامي شاعر پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ انتقال ڪري ويو. کيس مرزا پور ۾ پير سليم شاهه جي درگاهه جي پرسان دفنايو ويو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

خدا ڪري تہ صنم خوش هجين بهار هجين
اسان جا ياڳ اسان سان تون برقرار هجين
وري نہ تنهنجي ملڻ لاءِ واجهہ ڪي وجهبا
نہ ڪچيو "بزمي" تون ڪنهن جو بہ توڙي يار هجين.

نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي

سيد نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي ولد حسين علي شاهه جهانيان پوٽو 21- اپريل 1923ع ٽنڊو جهانيان، حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. پاڻ شاعر ۽ اديب هو.

سيد نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي جا وڏا اصل موجوده ملڪ ازبڪستان جي شهر بخارا جا هئا. بر صغير ۾ هن خاندان جو پهريون شخص سيد شير شاهه جلال قطب جمال اچ شريف ۾ اچي آباد ٿيو. سندس اولاد مان هڪ شاخ سنڌ ۾ اچي رهي، جيڪا مخدوم جهانيان جي نالي جي مناسبت سان "جهانيان پوٽا"جي نالي سان مشهور ٿي. هن خاندان ۾ ڪيترريون اهم شخصيتون پيدا ٿيون آهن. هن معزز گهراڻي جي فرد سيد نجف علي جي تعليم و تربيت نهايت پاڪيزه ماحول ۾ ٿي. حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۾ سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ننڍي عمر ۾ ئي ساري گهر جو بار مٿس اچي پيو. جنهنکي با حوصلہ ۽ باهمت ٿي برداشت ڪيائين.

شاهه صاحب ڪجهه عرصو بيماريءَ جي بستري تي گذاريو، جنهن دوران هن مختلف ڪتابن جو مطالعو جاري رکيو، جنهن سبب ڪيس ادب سان دلچسپي پيدا ٿي پئي ۽ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. ابتدا ۾ سندس تخلص "نجف" هوندو هو، جنهنکي بعد ۾ بدلائي "ڪمتر" ڪيائين. سندس ڪلام معنيٰ جي لحاظ کان ڏاڍو ميناڄ وارو ۽ پيارو آهي. زبان جي صحت ۽ سلاست قابل رشڪ آهي.

نقوي صاحب لطيف سائين تي پڻ ڪجهه عرصو ڪم ڪيو آهي. ڪتاب " پاروچي ٻولي" لطيفيات تي نثر ۾ لکيل سندس مشهور ڪتاب آهي. ان کان علاوه سندس لکيئون مهراڻ ۽ ڪنهن ٻئي هڪ اڌ رسالي ۾ ڇپيل آهن.

شاهه صاحب زراعت جو ماهر هوندو هو. طريقت ۾ پاڻ پنهنجي چاچي هادي بخش شاهه "مسڪين" جي هٿ تي بيعت ڪيل هئس. پاڻ 13- سيپٽمبر 1984ع تي وفات ڪري ويو. سندس هڪ قطعو نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

حال ڪريان اظهار خدايا رات وجي ٿي جلد گذرندي
آه ڏکهي گفتار خدايا رات وجي ٿي جلد گذرندي
هاڻ تصور فرقت وارو دل کي ڪري ٿو پاراه پاراه
وقت کي ڪجهه بيهار خدايا رات وجي ٿي جلد گذرندي.

نجم عباسي

ڊاڪٽر نجم الدين ولد الهہ آندو خان عباسي 18- آڪٽوبر 1927ع تي خانواهڻ، ضلعي نوشهري فيروز ۾ اکيون کوليون. پاڻ مايا ناز ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نويس ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر نجم عباسي مئٽرڪ 1946ع ۾ نواب شاهہ مان، انٽر 1948ع ۾ ڪراچي مان ۽ ايم- بي- بي- ايس 1953ع ۾ ڊاؤ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پاس ڪري، ڇهہ سال سرڪاري نوڪري ڪئي ۽ پوءِ 1959ع کان حيدرآباد شهر ۾ خانگي اسپتال هلائڻ شروع ڪيائين.

نجم عباسي پنهنجي ادبي جيون جي شروعات اسڪول واري زماني کان 1941ع ۾ شاعريءَ سان ڪئي ۽ 1948ع تائين هڪ سئو کان وڌيڪ شعر لکيائين، جن مان ڪي شعر ان زماني جي ڪن اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ ڇپيا هئا، پر پوءِ سندس سمورو توجهہ صرف نثر ڏانهن رهيو ۽ پاڻ ڪهاڻيڪار بنجي اڀريو. هن پهرين ڪهاڻي 1944ع ۾ لکي ۽ ان کان اڳ هن هڪ ناول " عشق جي راهہ اٿاڳي" نالي سان لکيو.

نجم عباسي سنڌي ڪهاڻيءَ جي اڌ صديءَ جي جڙ تاريخ هو. پاڻ سنڌ جو اهو ڪهاڻيڪار هو، جنهن ٽن کان وڌيڪ نسلن کي ڏٺو. ورهاڱي کان اڳ، ورهاڱي وارو وقت ۽ ورهاڱي کان پوءِ واري دؤر جو هو اکين ڏٺو شاهد هو. هن پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي بنياد تي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي شهرن، ڳوٺن ۽ اتان جي ماحول ۽ حالتن جو جيڪو نقشو چٽيو آهي، اهو بي مثال بہ آهي تہ بي باڪ بہ. هن نہ صرف پنهنجي وطن جي مسئلن کي پيش ڪيو آهي، بلڪہ بين الاقوامي موضوعات تي بہ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ عام ماڻهن جي زندگي، سماجي ريتن رسمن، غريبن ۽ مسڪينن جي احساسن ۽ امنگن ۽ مظلومن جي آهن ۽ دانهن ۽ ظالمن جي ڏاڍاين جو ذڪر آهي.

ڊاڪٽر نجم عباسي ويهين صدي جو اهو اديب هو، جنهن نئين نسل کي اُتساهہ بخشيو، پاڻ هن صدي جو سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪهاڻيڪار آهي. کيس " عوامي ڪهاڻيڪار" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن سنڌي ادب کي نہ رڳو ڪيترا سنا پڙهندڙ ڏنا، پر ڪيترن نوجوانن سندس لکڻين مان اُتساهہ وٺي لکڻ شروع ڪيو. ان حوالي سان هن سنڌي ادب کي نوان ڪهاڻيڪار بہ ڏنا.

نجم عباسي 350 کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون. سندس مختلف موضوعن يعني ڪهاڻين، ناولن، ترجمن ۽ مضمونن جا 30 ڪتاب ڇپيل آهن، جڏهن تہ اجا ڪجهہ اڻ ڇپيل مواد بہ سندس پونئيرن وٽ موجود آهي. سندس

چيپيل ڪتابن جا ڪجهہ نالا هن ريت آهن.

طوفان جي تمنا (ڪهاڻيون- 1969ع- سنڌ الاجي ۾ رائيٽرس گلڊ طرفان انعام يا آفتر)- پٿر تي ليڪو (ڪهاڻيون- 1973ع)- ڳاڙهو لالٽين (ناول - ترجمو- 1974ع)- ايڏو سور سهي (ڪهاڻيون- 1978ع) - مون پڻ ڳايو هو (شاعري- 1979ع)- سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون- 1982ع)- للڪار (ڪهاڻيون -1983ع)- پيار ڪهاڻي(ناول -1984ع)- بلنديون (ناول - 1984ع)- پروفيسر (ڪهاڻيون- 1984ع)- ڪهاڻيءَ جو قافلو (تنقيد- 1986ع)- گانڌي (جيون ڪهاڻي - ترجمو- 1987ع)- تصوف جي چيرِ ڦاڙ (مضمون- 1987ع)- تلاش (ناول- 1987ع)- مٺي سنڌ سڪار (ڪهاڻيون- 1988ع)- لينن جي انقلابي ڪهاڻي (ناول- ترجمو- 1989ع)- اوچا ڳاٽ پهاڙن جا (ڪهاڻيون / انٽرويو- 1993ع. وغيره.

ڊاڪٽر نجم عباسي تي زندگيءَ جي آخري حصي ۾ هن خطرناڪ بيمارين اڌ رنگ ۽ دمي (سهڪي) حملو ڪيو، جن جي وڪهي 25- آڪٽوبر 1995ع تي سندس زندگيءَ جو ڏيئو اجهامي ويو.

نجي الله شاهہ راشدي

علامہ سيد نجي الله شاهہ ولد سيد نور الحق شاهہ راشدي 26- جون1893ع تي ڳوٺ نور آباد لڳ وڳڻ تعلقي وارهہ، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. پاڻ پنهنجي دؤر جو هڪ مجيل عالمِ دين، اهل دل درويش ۽ شاعر هو.

علامہ نجي الله شاهہ جو تعلق جيئن تہ سنڌ جي مشهور علمي، ادبي ۽ مذهبي "راشدي" خاندان سان هو، انڪري سندس پرورش بہ ديني ماحول ۾ ٿي. پاڻ مختلف هنڌن تي مختلف عالمن کان تعليم حاصل ڪندو رهيو. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ٽي سال پوري هندستان جو تعليمي دورو ڪري اتان جي ديني مدرسن، علمي مرڪزن ۽ درگاهن تي وڃي مشهور عالمن ۽ سجاده نشينن سان ملاقاتون ڪري ديني ۽ علمي ڄاڻ حاصل ڪندو رهيو. سفر تان واپس اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان مدرسو کوليائين، جنهن ۾ ناميارا عالم درس ڏيندا رهيا.

راشدي صاحب کي ڪتابن گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. سندس ڪتبخاني ۾ ڪيترائي اڳاٽا نسخا هئا، جن ۾ سن 737هہ جو لکيل "مشڪوات شريف" ۽ سن 1223هہ جو لکيل "حزينت الروايت شرح شرح وقايہ" جو اهو نسخو شامل آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ، اهو دنيا جو واحد قلمي نسخو آهي، جنهن تي وڏن وڏن عالمن ۽ بزرگن جا حاشيا لکيل آهن.

راشدي صاحب 60 سال مطالعي ۾ صرف ڪيا، ڪجهه ڪتاب بہ لکيا اٿس، جيڪي سڀ قلمي آهن. پاڻ سنڌي، اردو، ۽ فارسي زبانن جو سٺو شاعر بہ هو. فارسي ۾ "عديم النظير" ۽ سنڌي ۾ "فقيد المثل" نالي سان شاعريءَ جا مجموعا ڇڏيا اٿس، جن ۾ سندس شاعريءَ سان گڏ ٻين شاعرن جي شاعري بہ موجود آهي. پاڻ تحريڪ خلافت جو اهم ڪارڪن بہ رهيو.

علامہ سيد نجي الله شاهہ راشدي پنهنجي ساري حياتي خدا پر وري، سنت رسول ﷺ، غريب نوازي ۽ مهمان نوازيءَ ۾ گذاري، 31 جنوري1984ع تي انتقال ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

جانب هن جهان ۾ سمجهي هل سياڻا
انڌن جان وجي اوچتو متان ڪہ پوين ڪاڻا
لائق انهيءَ لوءِ ۾ رلي ويا راڻا
ڪيئي ايرا... ي آئلي پيا ڪي ڪونڌر ڪوماڻا

نذير قاضي

پروفيسر نذير احمد ولد محمد قاسم قاضي 9- فيبروري 1940ع تي موري شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سٺو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ اديب آهي.

نذير قاضي بي- اي 1960ع ۾ پاس ڪئي ۽ پوءِ ايم- اي (جنرل هسٽري) 1963ع ۾، ايم- اي (پوليٽڪل سائنس) 1967ع ۾ ۽ ايم- اي (انگريزي) 1969ع ۾ پاس ڪئي. پاڻ 1956ع ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1963ع ۾ ليڪچرار ٿيو، جتان ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي تي پهتو، ڪجهہ وقت گورنمينٽ سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدراباد جو پرنسپال بہ رهيو.

قاضي صاحب لکڻ جي شروعات 1957ع ۾ هڪ روسي ڪهاڻي جي ترجمي سان ڪئي. سندس پهرين طبع زاد ڪهاڻي "پڪر" هئي. سندس شايع ٿيل ڪهاڻين ۾ روحي، پڪر، والبيون ۽ بکي اهم آهن، جن مان "بکي" کي تمام گهڻي مڃتا ملي ۽ اها ڪهاڻي سنڌي ننڍين ڪهاڻين جي صف ۾ مڃيل ڪهاڻي ليکي وڃي ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي امنگن، احساسن ۽ محرومين کي ڀرپور انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. سادي ۽ سماجهڙي ٻولي، نهايت ٿورا لفظ ۽ مقصد جي مڪمل پهچ سندس ڪهاڻين جي خوبي آهي. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مضمون مختلف اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن، جيڪي سياسي، سماجي، ادبي ۽ بين الاقوامي تعلقاتن جي موضوعن تي لکيل آهن.

نذير قاضي ڪيترن ادبي ۽ علمي ادارن جو باني پڻ آهي.1962ع ۾ "بزم قاسم" نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيائين، جنهن پاران ڪيترائي ادبي

ميڙاڪا ۽ مشاعرا ڪرايا ويا. موري شهر ۾ "ساجاهہ ڪلچرل فورم" جو پڻ بنياد وڌو، جنهن پاران ڪجهہ ڪتابن جون مهورتون ٿيون ۽ ڪجهہ اديبن، شاعرن ۽ ناول نگارن سان شامون ملهايون ويون. موري شهر ۾ "باک پبليڪيشن" قائم ڪري "باک" جا ڇهہ معياري پرچا شايع ڪرايائين. پاڻ ايڊيوڪيشنل سوسائٽي موري جو پڻ باني آهي، جنهن طرفان آرٽس ڪاليج مورو قائم ڪيو ويو، جيڪو اڄ گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج جي صورت ۾ موجود آهي. "مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو" بہ سندس قائم ڪيل آهي، جنهنجو پاڻ جنرل سيڪريٽري آهي. هن اداري طرفان ڪجهہ ڪتاب ڇپرايا ويا آهن. هن صاحب 1956ع کان 1961ع تائين واري عرصي ۾ نواب شاهہ جي ٻين اديبن ۽ شاعرن سان گڏ ترقي پسنديءَ جي تحريڪ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو.

نذير قاضي هڪ سٺو شاعر بہ آهي، سندس شاعري پڪي، پختي ۽ معياري آهي. سندس مزاحيہ شاعري عبرت اخبار جي ڪالم "نظري خوش گذري" ۾ 63-1962ع دوران "ن- ق پاهوڙو" جي تخلص سان شايع ٿيندي هئي. هن وائي، غزل، آزاد نظم، ٽيڙو، چوسٽا ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ماٿهو تنهنجي ملڪ جا سپتيا ۽ سچار
اڇي ڪتان اوچتو اڻ ڪاڪيا اغيار
سيد سندن سار لهج لال لطيف تون.

نسيم کرل

نسيم احمد ولد حاجي عبدالڪريم کرل 29- جون 1939ع تي ڳوٺ کرل تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور ڪهاڻيڪار ٿي گذريو آهي.

نسيم کرل خيرپور ضلعي جو وڏو زميندار هو، تعليمي لحاظ کان بي- اي ۽ ايل-ايل- بي پاس هو.

ادبي حوالي سان چوٽيءَ جو ڪهاڻيڪار هو، هن سنڌي افساني کي نئون موڙ، نئون لهجو، نئون فڪر ۽ نئون اسلوب عطا ڪيو. جيئن تہ پاڻ مٿئين طبقي سان تعلق رکندو هو، تنهن ڪري هن سندس طبقي کي تمام ويجهڙائي کان ڏٺو ۽ ان سماج ۾ جيڪا گندگي ۽ برائي ڏٺائين، ان کي خوبصورت لفظن جو روپ ڏئي پڌري پٽ نروار ڪيائين. سندس ڪهاڻيون گهڻو ڪري ڳوٺاڻي ماحول جي باري ۾ آهن، ۽ ٻولي بہ ٺيٺ ڳوٺاڻي رنگ ۾ استعمال ڪئي اٿس. ٽانگي وارن جي ٻولي، چورن جي ڪچهري، پوليس وارن جو انداز وغيره اهڙي نموني سان

استعمال ڪيو اٿس جو پڙهندڙ ائين محسوس ڪري ٿو ته ڄڻ نسيم پاڻ به انهيءَ واقعي جو ڪو حصو هو.

نسيم ڪرل جي لکيل ڪهاڻين ۾ "پهرين مراد" ۽ "ڪافر" مقبول ڪهاڻيون آهن. سندس ڇپيل ڪهاڻين جا مجموعا هن ريت آهن.

شبنم شبنم ڪنول ڪنول (1966ع)، اکيون آرسيون(1968ع)، ڪڙندا ڪنڊهار (1968ع)، چوٽيهون در (1973ع) ۽، ڊمي (ڪهاڻيون ۽ مضمون وغيره)

انهن ڪتابن کان علاوه ڪرل صاحب ڪيترائي مضمون، خاڪا ۽ ڪالم پڻ لکيا. پاڻ اوچتوئي اوچتو 14- جولاءِ1978ع تي پنهنجو وسندو ويڙهو ڇڏي، بربيابان ۾ مٽي ماءُ جي آغوش ۾ وڃي ابدي ننڊ ستو، مشهور شاعر شعبان بخت جڏهن هن کي بيوقتو ويندي ڏٺو ته سندس قلم جي نوڪ مان هينيون سٽون نروار ٿيون:

هن کي وڃڻو نه هو پر هليو ئي ويو
سوز ۽ سڪ وارو بيو پڻ وساڻو ڏيئو.

"نشتر" ناٿن شاهي

غازي خان "نشتر" ناٿن شاهي ولد بالو خان لغاري 15- مارچ 1929ع تي ڳوٺ ٻهاري تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موجوده دؤر جي سٺن شاعرن مان هڪ آهي.

"نشتر" ناٿن شاهي انٽر آرٽس پاس ڪرڻ کان پوءِ استاد جهڙو مقصدس پشو اختيار ڪيو. بعد ۾ هن خانگي طور ايم- اي تائين تعليم حاصل ڪئي، هن 31- ڊسمبر1981ع تي نوڪريءَ مان رٽائر ڪيو ۽ ڳوٺ کي الوداع چئي خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ زندگي گذاري رهيو آهي.

"نشتر" ناٿن شاهي سن1948ع کان مولوي عبدالله "اثر" جي استادي ۾ موزون شاعري لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ پوءِ آهستہ آهستہ سندس فن ۾ پختگي ۽ شيريني پيدا ٿيندي رهي ۽ هن وقت شاعري ۾ سنو مقام رکي ٿو ۽ سنڌ جي استاد شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن هر صنف تي لکيو آهي. سندس ڪلام هر اخبار ۽ رسالي ۾ ڇپيل نظر اچي ٿو، خاص ڪري مهراڻ رسالي سان سندس گهڻو پيار آهي. سندس مادري زبان سرائڪي آهي، ان ڪري سرائڪي زبان ۾ ڪافي ڪلام چيو اٿس. نئين زندگي ۾ سندس ڪافي سارو سرائڪي ڪلام ڇپيو آهي. ڪيس شعر پڙهڻ جو پڻ وڻندڙ ڍنگ آهي. پاڻ سڄي سنڌ ۾ مشاعرن ۾ شرڪت ڪري نهايت پر لطف انداز سان محفل کي گرمائيندو آهي. ڪافي نون شاعرن جي رهنمائي پڻ ڪندو رهي ٿو. "بزم طالب المولیٰ" شاخ

خيرپور ناٿن شاھ ۾ "جمعيت الشعراء سنڌ" سان بہ سندس وابستگي رهي آهي. نموني طور سندس شاعري مان هڪ رباعي هيٺ ڏجي ٿي.

نسازش جي طريقي سان گهرايا وياسين
ويهاري ڪچهري ۾ اٿاريا وياسين
ايڏو تہ اچي بار ٿياسين "نشتر"
جو ڏوهہ نڪو ڏوهہ ٽڙايا وياسين.

نصرت حاجي عبدالله هارون، بيگم

بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون جي ولادت 9- فيبروري1896ع تي عراق جي شهر ڪرمان شاھ ۾ ٿي، سنڌ جي تاريخ ۾ سندس ڪيل سماجي ۽ سياسي خدمتون هميشہ ياد رهنديون.

بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون ماءُ جي طرف کان صفوي حڪمرانن ۽ پيءُ جي طرف کان مغل بادشاهن جي خاندان مان هئي. سندس پڙ ڏاڏو مرزا ناظم شاھ مغلن جي آخري حڪمراهن بهادر شاھ ظفر جو ياءُ هو. سندس والد مرزا نياز علي خان عرف ڊاڪٽر حاجي هندستان مان لڏي وڃي ايران جي شهر اصفهان ۾ آباد ٿيو ۽ پوءِ 1911ع ۾ اچي ڪراچي رهيو.

بيگم نصرت فارسي ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪري ڊفرن اسپتال ۾ نرسنگ جو ڪم سکيو ۽ 13- نومبر 1913ع تي سندس شادي سنڌ جي عظيم سياستدان حاجي عبدالله هارون سان ٿي. پاڻ حاجي عبدالله هارون جي ٽيون نمبر زال هئي. هن پنهنجي عظيم مڙس جو هرموڙ تي ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ سندس ٻانهن ٻيلي ٿي رهي. سياسي توڙي سماجي خدمتن ۾ ساڻس برابر جي شريڪ رهي. پاڻ اڪثر سياسي پروگرامن ۽ ڪانفرنسن ۾ حاجي عبدالله هارون سان گڏ شامل ٿينديون رهي. سندس ڪوشش سان 1929ع ۾ ڪراچي ۾ "انجمن اصلاح الخواتين اسلام" نالي هڪ جماعت ٺهي، جيڪا سالن جا سال عورت ذات جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪندي رهي . ان کان سواءِ بيگم صاحبہ ڪيترن ئي سماجي، مذهبي ۽ سياسي تنظيمن سان وابستہ رهي ۽ انهن جي مالي مدد ڪئي. 1942ع ۾ مڙس جي وفات کان پوءِ بہ سياسي ميدان خالي نہ ڇڏيائين، بلڪ تحريڪ پاڪستان ۾ ڀرپور حصو ورتائين.

بيگم صاحبہ جي خدمتن جو اعتراف پنهنجن سان گڏ پراون بہ ڪيو. مثال طور 1937ع ۾ ڪراچي جي "وي- اين ڪنيها مهاو ديالہ" جي مرڪزي حال تي نالو "نصرت حال" رکيو ويو. دهلي جي دريا گنج محلي ۾ سندس نالي پٺيان "ايوان نصرت" قائم ڪيو ويو. ليڊي نصرت عبدالله هارون 26- مارچ 1974ع تي ڪراچي ۾ انتقال ڪري وئي.

نصير فقير جلالاڻي

نصير محمد فقير ولد سلطان خان جلالاڻي 1840ع ۾ ڳوٺ جلالاڻي ضلعي خيرپور ميرس ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي.

نصير محمد فقير جا وڏا جهوڪ شريف جا مريد هئا. فقير صاحب جي ولادت کان گهڻو اڳ سندس ڳوٺ ۾ جڏهن صادق شاهه آيو، تہ ان فرمايو هو تہ "هت اسانکي هڪ ڳانڌو گندري جي خوشبوءِ اچي ٿي، جو اسان کان پوءِ فقراءَ جي سڪ لاهيندو." فقير صاحب جي ولادت بعد وري جڏهن شهنشاهہ پير محمد زاهد عرف وسڻ شاهہ آيو تہ ان کيس جهولي ۾ جهلي فرمايو تہ " نصير ۾ اڪسير چمندي ئي چام آهي."

نصير فقير جڏهن هوش سنڀاليو تہ درگاهہ جهوڪ شريف جي ان وقت جي سجاده نشين عبدالستار شاهہ جو وڃي مريد ٿيو ۽ ڪانئس روحاني فيض حاصل ڪندو رهيو. ان کان سواءِ هادي حسن شاهہ جيلاني ۽ داتا فيض درياهہ شاهہ انباهہ واري کان بہ دعائون حاصل ڪيائين.

فقير صاحب وڏو فيض جو درياهہ هو، هزارن جي تعداد ۾ هندو ۽ مسلمان سندس مريد ٿيا. هو روزي نماز جو سخت پابند هو. سمورو وقت پنهنجي مريدن سان روحاني رهاڻ ڪندو هو.

سندس ڪجهہ قول هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي ڏاڍا نصيحت ڀريا آهن.

فقير اهو جنهن ڏني رب ياد پوي، فقير وٽ وڃڻ رحمت ۽ دنيا جي ماڻهو وٽ وڃڻ ضلالت آهي.

تنہ جي خريداري چڏي جاڳڻ جو وڻج ڪريو تہ اڳيان قبر روشن ٿئي ۽ مالڪ بہ پنهنجو ڪن.

جنهن دل ڪي دوست ياد آهي، سا دل آباد آهي، بيدردي دل ڪدڙي جيان نہ مرد نہ عورت آهي.

هي حياتي ساعت آهي، گذريل وقت وساري هاڻي همت ڪريو. جن همت ڪئي تن حق ڏٺو بيا نيست نابود ٿيا نادان.

نصير فقيرجلالاڻي صوفي شاعريءَ جي حوالي سان بہ گهڻو مشهور آهي. سندس ڪافيون سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. پاڻ ڏکهي جمار ماڻي 16- ڊسمبر 1960ع تي وفات ڪري ويو. سندس روضو 1965ع ۾ تيار ٿيو، جتي ڦڳڻ مهيني جي 27 تاريخ تائين ٽي راتيون فقيراڻو ميلو لڳندو آهي. سندس ڪافي جو نمونو هيٺ ڏسندا.

جڏهن پيتم جام وحدت جو وجود جو ترڪ تڏهن ٿيڙو
صحيح ڪيم سير هيءُ سارو ماري اناالحق سندو نعارو
وجائي ورهه جو وارو صـــدق تنهن تاب جو ٿـــيـــڙو.

نصير مرزا

نصير علي بيگ ولد ناصر علي بيگ مرزا 20- جولاءِ 1956ع تي ٽنڊي نوڙهي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر، اديب ۽ براڊ ڪاسٽر آهي.

نصير مرزا ايم- اي (صحافت) 1980ع ۽ ايم- اي (سنڌي) 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي. پاڻ پهريان هڪ هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو، پوءِ پبليڪيشن آفيسر ۽ هن وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سينئر پروڊيوسر آهي.

نصير مرزا جو تعلق سنڌ جي ان "ميرزا" گهراڻي سان آهي، جنهن گذريل اٽڪل ٻن صدين کان وقت بوقت اهڙا املهه ماڻڪ پيدا ڪيا آهن، جن سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي تاريخ ۾ قابلِ فخر ڪردار ادا ڪيو آهي.

نصيرمرزا اکيچار خوبين جو مالڪ آهي. پاڻ پلوڙ شاعر، سڄاڻ ليکڪ، محنتي پروڊيوسر، ڪامياب اسٽيج ڪمپيئر ۽ انهن سڀني کان وڌيڪ هڪ محبتي ماڻهو آهي.

پاڻ 1983ع کان ريڊيو پاڪستان سان پروڊيوسر جي حيثيت سان لاڳاپيل آهي. هو پنهنجي پيشي ۽ ٻوليءَ سان سچائيءَ جو ثبوت ڏيندي ريڊيو تان لاتعداد علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تفريحي پروگرام پيش ڪري چڪو آهي، ڪيترائي فنڪار متعارف ڪرايا اٿس. نون فنڪارن جي حوصله افزائي ڪندو رهي ٿو. ڪيس موسيقي بابت سٺي ڄاڻ آهي، هن موسيقي واري شعبي ۾ رهي مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ڪيترائي گيت، غزل، ڪافيون، ڪلام وغيره رڪارڊ ڪيا آهن. جن کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

هڪ ليکڪ جي حوالي سان نصير صاحب جو قلم ڏاڍو تيز ۽ پر تاثير آهي. هن خوبصورت شعرن سان گڏ نثر ۾ ڪيترائي مضمون، مقالا، تاثر، مهاڳ، تبصرا وغيره لکيا آهن، ڪجهه اهم شخصيتن کان انٽرويو به ورتا اٿس. سندس اٺ نو ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. سندس لکڻيون سڀني نالي وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن.

نصير مرزا وٽ ڪمپيئرنگ جو فن به ڪمال جو آهي، سندس گفتگو ۽ انداز بيان هر دل کي موهيو وجهي، پاڻ جڏهن اسٽيج تي پنهنجي مٺڙ آواز ۽ منڙي لهجي ۾ سهڻن لفظن جي مالها پوئڻ شروع ڪندو آهي، ته سندس انداز

بيان جو جادو محفل ۾ موجود هر دل ۽ ذهن تي حاوي ٿيو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس "اسٽيج جو شهزادو" چيو ويندو آهي.

نصير مرزا نهايت سنجيده، صاف گو، واعدي جو سچو، ملنسار ۽ ڪل مک انسان آهي. ونس لڙي وڃبو تہ ڪوڙ ساري محبت ۽ عزت ملندي، هو اڻ واقف سان بہ هڪ پراڻي دوست وانگر پيش ايندو آهي. سچ پچ تہ (نصير مرزا ڪؤن سڏاوي.)

مرزا صاحب هينيان ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا آهن:

ڌرتيءَ جا تارا (ٻاراڻي شاعري-1979ع)- خوشبوءِ جي سنگ سنگ (شعري مجموعو- 1980ع)- سفر من اندر - اچو پکي واءُ ۾ (حفيظ شيخ جون ڪهاڻيون - مرتب- 1987ع)- نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون (مرتب- 1992ع)- ڌرتي سارو ديس (مرتب- منتخب افسانا)- سنڌ پڙاڏو (مرتب - 1993ع)- سامي سچ وڙاءُ (مرتب- شيخ اياز بابت تحريون- 1998ع)- انڪان سواءِ سندس ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب "ڇهہ ڇهہ پئسا بہ بہ پايون" سنڌي ادبي بورڊ طرفان زير آشاعت آهي، جنهن ۾ ڪشن چند "بيوس" جا ٻاراڻا نظم ڏنل آهن.

سندس ٻن ڪتابن "ڌرتي جا تارا" کي سنڌ الاجي ۽ نيشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان پاران ۽ "خوشبوءِ جي سنگ سنگ" کي سنڌ الاجي طرفان ايوارڊ مليل آهن.

نصير مرزا ريڊيو جي مصروفيت جي باوجود سڄي سنڌ ۾ ٿيندڙ ادبي ميڙاڪن ۽ مشاعرن ۾ وڏي پابندي ۽ چاهہ سان شامل ٿيندو آهي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جو ميمبر پڻ آهي. نموني طور سندس هڪ غزل جا بند هيٺ ڏجن ٿا.

صبح مهراڻ سنڌ اکڙين ۾ ڪيڏو ڪلياڻ سنڌءِ اکڙين ۾
سونهن جا، رنگ جا، خوشبوءِ جا، سپني اهڃاڻ سنڌءِ اکڙين ۾
مرڪ مکڙين جان سجائي مک تي لڙڪ ڇا ڪاڻ سنڌءِ اکڙين ۾.

نظام الدين "ناظم" چانڊيو

نظام الدين "ناظم" ولد مولوي عبدالله "اثر" چانڊيو پهرين آگسٽ 1948ع تي ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو تعلقي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

نظام الدين "ناظم" پرائمري ۽ قرآن شريف جي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي، سيڪنڊري تعليم لاءِ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو. مئٽرڪ بعد تعليم ڪاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو. سروس سان گڏ خانگي

طور تعليم بہ جاري رکيائين، ۽ ايم- اي، بي- ايڊ ۽ ايل- ايل- بي جا امتحان پاس ڪيائين. جنوري 1976ع ۾ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ استاد مقرر ٿيو. مختلف اسڪولن ۾ رهندي آخر هاءِ اسڪول پيڙو چانڊيو پهتو.

"ناظم" صاحب شاعر ابن شاعر هو. ابتدا ۾ "مفتي" تخلص استعمال ڪندو هو، پر پوءِ حضرت شاھ آغا سرهندي جي چوڻ تي "ناظم" تخلص اختيار ڪيائين. علم عروض جي مطالعي بعد پاڻ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيو ۽ شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. خاص ڪري غزل ۽ نعت سندس پسنديده صنفون هيون. سندس لکيل نعت ديني مجلسن ۾ مداحي شوق سان پڙهندا آهن. ماده تاريخ ڪڍڻ ۾ ڪيس وڏي مهارت هئي. پاڻ سنڌي، انگريزي، اردو، سرائڪي ۽ فارسي ٻولين جي ڄاڻ رکندو هو. پاڻ محبتي، محنتي ۽ لائق انسان هو.

"ناظم" صاحب نثر ۾ طبع آزمائي ڪئي، شاھ ولي الله رحہ جي انعامي مقابلي ۾ سندس مضمون ٻيو نمبر آيو. سندس لکيل بہ ڪتاب "اگر مگر" ۽ "تاجدارِ ڪربلا" شايع ٿيل آهن. مارس ليبلانڪ جي انگريزي ناول "گولڊ اسٽرين گل" جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين، جيڪو قلمي صورت ۾ آهي. ۽ نظم ۾ "اسرار حيات" سنڌي غزلن جو مجموعو ۽ "ڪراچي ڪي اسير" اردو ۾ مثنوي لکيل اٿس، جيڪي پڻ اجا قلمي صورت ۾ آهن.

نظام الدين "ناظم" چانڊيو 8- آگسٽ 1996ع تي وفات ڪري ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

جهانِ غم جي عظمت ڪي نہ تو سمجهيو نہ مان سمجهيو
وفا سڪ سوز الفت ڪي نہ تو سمجهيو نہ مان سمجهيو
متاع زيست پنهنجو مون لٽايو تو لٽيو ليڪن
اي سهڻا دل جي دولت ڪي نہ تو سمجهيو نہ مان سمجهيو.

نظام "زائر"

نظام الدين ولد سونهارو خان بليدي پهرين آگسٽ 1944ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر آهي.

نظام "زائر" مئٽرڪ 1962ع ۾، انٽر آرٽس 1972ع ۾، بي-اي 1974ع ۾ ۽ ايل- ايل بي جو امتحان 1976ع ۾ پاس ڪيو پاڻ خيرپور ميرس ۾ پئيشن ۽ بانڊ رائيٽر آهي.

"زائر" صاحب هڪ پختہ ڪلام شاعر آهي. 1973ع کان هيل تائين "زائر" جي تخلص سان شاعريءَ جي هر صنف تي لکي چڪو آهي. سندس

ڪلام جو مجموعو ”وڻ وڻ تنهنجو واس“ نالي سان ڇپيل آهي، جيڪو 1982ع ۾ ”سنڌ گريجوئيشن ائسوسيئيشن“ [1] شاخ خيرپور طرفان ڇپيو. شاعري ۾ سندس استاد عطا محمد حامي مرحوم هو.

نظام ”زائر“ جو فن جديد ۽ قديم قدرن جو حامل آهي. هن گيت، وايون ۽ نظم تمام سنا لکيا آهن. سندس غزل ٻن قسمن جا ملن ٿا. هڪ پهريان غزل، جن ۾ فارسي جو اثر رهيو آهي ۽ ٻيو جديد غزل جيڪي هتان جي ماحول مطابق چيل آهن. سندس سمورو ڪلام دلنشين ۽ رنگين آهي. پاڻ شاعري ۾ استادانہ حيثيت جو مالڪ آهي. سندس ڪلام مختلف رسالن جي زينت بڻجندو رهيو آهي ۽ ريڊيو پاڪستان تان پڻ نشر ٿيندو آهي. پاڻ ريڊيو پاڪستان خيرپور جي ادبي پروگرامن لاءِ اسڪرپٽ لکڻ ۽ ڪمپيئرنگ ڪرڻ جا فرائض پڻ انجام ڏيندو آهي.

شاعريءَ جي حوالي سان مڃتا طور ڪيس ”اجرڪ آرٽس ڪائونسل“ طرفان ايوارڊ، ”سنڌي اسپيڪرس فورم“ پاران ايوارڊ ۽ ”محمد يوسف شيخ ميموريل ايوارڊ“ مليل آهن.

پاڻ روٽري ڪلب خيرپور ۽ سچل سرمست ادبي، ثقافتي سنگت خيرپور سان پڻ لاڳاپيل آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو حاضر آهي.

هڪ جهلڪ تنهنجي جنهن ڏٺي هوندي
سا نظر عرش تي پڳي هوندي
سادگيءَ جي ڪري نہ مون ڄاتو
دوستي ۾ بہ دشمني هوندي.

نظر شاهہ، سيد

سيد نظر شاهہ ولد سيد خير شاهہ ڊسمبر 1924ع تي ڳوٺ ڪراني لڳ ڪوئيٽا ۾ ڄائو. پاڻ ضلعي نواب شاهہ جو معروف زميندار، سياستدان ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي.

سيد نظرشاهہ جا وڏا اصل ۾ ڪوئيٽا جا هئا ۽ پوءِ لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. هيءُ خاندان اڄ بہ ڪوئٽيائي سيد جي نالي سان سڏجي ٿو. سيد نظر شاهہ جو والد سيد خير شاهہ وڏي دٻدٻي ۽ اثر رسوخ وارو زميندار هو ۽ سياست جي ميدان جو پڻ شهسوار هو. 57-1956ع ۾ اولهہ پاڪستان وزارت ۾ نائب وزير ٿي رهيو. سندس آباد ڪيل ڳوٺ ”خير شاهہ“ تعلقي نواب شاهہ ۾ سندس يادگار آهي.

---

(1) معروف سماجي تنظيم ”گريجوئيشن ائسوسيئيشن“ (سگا) سال 1972ع ۾ قائم ٿي.

سيد نظر شاهہ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ نواب شاهہ جي مشهور تعليمي اداري ڊي- سي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان 1941ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ۽ پوءِ پنهنجي خانداني پيشي زمينداري ۾ لڳي ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ سياست ۾ پير پاتائين. پاڻ لوڪلبورڊ نواب شاهہ جو چيئرمن بہ ٿي رهيو. 1962ع ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبلي ۽ 1970ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. 15- مئي 1981ع تي ڪيس سنڌ جو وزير براءِ بيلا، روينيو، مواصلات ۽ ورڪس بنايو ويو. 1985ع کان پوءِ پاڻ سياست تان رٽائر ٿي ويو.

شاهہ صاحب هڪ سٺو سماجي ورڪر بہ هو. پاڻ علائقي ۾ ڪيترائي سڌاري جا ڪم ڪرايائين. هن نواب شاهہ جي سول اسپتال جو سڌارو ۽ واڌارو پنهنجي ۽ دوستن جي خرچ سان ڪيو. پاڻ علائقي جي عوام جي سماجي معاشي زندگيءَ ۾ گهري دلچسپي وٺڻ ڪري ڪافي اثر ۽ رسوخ رکندو هو. سيد نظر شاهہ 8- نومبر 1994ع تي پنهنجي ابائي ڳوٺ خير شاهہ ۾ وفات ڪئي. هن وقت سندس لائق ۽ فائق فرزند سيد شوڪت حسين شاهہ پنهنجي خانداني روايتن سان نياڻيندي علائقي جي عوام جي بي لوث خدمت ڪري رهيو آهي ۽ سياسي ميدان ۾ پاڻ ملهائيندي مختلف دورن ۾ وزارتن جا عهدا بہ ماڻي چڪو آهي.

نماڻو فقير

نماڻو فقير هڪ عورت جو نالو آهي. جنهنجو اصل نالو هاسي بائي يا رکي بائي هو، جيڪا شڪارپور جي هڪ هندو ڏوڏا رام جي نياڻي هئي. سندس جنم 1888ع ۾ ٿيو.

رکي بائي ننڍي پڻ کان تمام حسين ۽ خوبصورت هئي. بيوهہ ٿيڻ کان پوءِ ڪيس ويراڳ لڳو ۽ حضرت سچل سرمست رحہ جي مزار تي وڃي پنهنجي آتما کي آنند بخشيندي هئي. پاڻ سخي قبول محمد (ثاني) جي مريدياڻي ٿي، جنهن مٿس مرداڻو نالو "نماڻو فقير" رکيو. هن پوءِ درگاهہ درازا تي رهائش اختيار ڪئي اتي صوفين جي صحبت ۾ اُبترو تہ رنگجي ويئي جو شعر چوڻ شروع ڪيائين.

ورهاڱي کان پوءِ نماڻو فقير هندستان وڃي شهر ٻڙودا ۾ رهڻ لڳي. جتان 1952ع ۾ سچل سائين جو رسالو "سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام" جي نالي سان ترتيب ڏئي شايع ڪرايائين. سندس ڪيترائي هندو شش ٿيا.

نماڻو فقير 23- مارچ 1963ع تي ديهانت ڪري وئي، سندس ارٿي سچل سائين جي پيرن کان آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

!ديون عشق نہ اٿو آسان پرجهي پايو پير انهيءَ ميدان
جيڪا سڪ سبق پڙهندي دنيا ڪان سا منهن موڙيندي
طعنا تنڪا سر تي سهندي جڪ ماري پل سڄو جهان.

نواز علي "شوق" . ڊاڪٽر

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" ولد تاج محمد سهرياڻي بلوچ رحمت آباد تعلقي ڪنڊڪوٽ ضلعي جيڪب آباد ۾ ڄائو. پاڻ نالي وارو اديب، شاعر، محقق ۽ دانشور آهي.

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" ايم - اي (سنڌي)، ايم- اي (اردو) ۽ ايل-ايل-بي جي ڊگرين ڪانسواءِ هدايت علي نجفيءَ جي ڪلام ۽ سوانح تي ٿيسز لکي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي ايچ - ڊي ڊگري پڻ حاصل ڪئي. هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسلاميه ڪاليج سکر ۾ ليڪچرارشپ سان ڪئي، بعد ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر مقرر ٿيو، جتي پاڻ سنڌي شعبي جو چيئرمن به ٿي رهيو، پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد جو چيئرمن پڻ رهي چڪو آهي ۽ هن وقت شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي جو صلاحڪار آهي.

"شوق" صاحب ننڍي هوندي کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ اڄ تائين مسلسل لکندو پيو اچي، سنڌي ادب جي مختلف صنفن تي سندس لکيل مقالا ۽ ڪتاب موجود آهن. سندس اٽڪل 26 کن ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن، ان کان علاوه سندس ڪيترائي مقالا، مضمون، ڪالم ۽ ڪهاڻيون مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. پاڻ ڪيترين ئي ڪانفرنسن ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ شرڪت ڪري تحقيقي مقالا پيش ڪري چڪو آهي.

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" نثر سان گڏ نظم تي پڻ سٺي دسترس رکي ٿو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ پڪو ۽ پختو ڪلام لکيو آهي، سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ کيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ اعزاز مليا آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ملاوت جا ماهر، آديسي اٿي ويا، ڪلام سچل سرمست ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

دل ۾ خيال زلف ورخ يار ٿي ويو
والليل والضحيٰ سان سروڪار ٿي ويو
تنهنجي ثنا ڪيم ته بڻيا شعر شاهڪار
ٻيو شعر ڪو چيم ته سو بيڪار ٿي ويو.

نواز علي "نياز" جعفري

نواز علي ولد محمد آچر سومرو 18- آڪٽوبر 1892ع تي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اعليٰ پايي جو شاعر ٿي گذريو آهي. "نياز" تخلص هئس ۽ جيئن ته فقه جعفريہ سان تعلق هئس، ان ڪري پاڻ کي جعفري سڏائيندو هو.

نواز علي "نياز" جعفري ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي، مئٽرڪ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان پاس ڪيائين. پاڻ پهريان استاد مقرر ٿيو ۽ پوءِ روينيو کاتي جي نوڪري اختيار ڪيائين جتان 18- آڪٽوبر1947ع ۾ مختيار ڪاريءَ جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

نواز علي "نياز" جعفري سنڌ جو قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. هن شعر جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. غزل، نظم، مسدس ۽ مخمس ۾ نه پنهنجو مثال پاڻ هو. طويل نظمن ۾ جذبات ۽ احساسات جون لهرون وهائيندڙ هو. سندس طويل نظم "جذبات فطرت" ڏاڍو مشهور ٿيو، جيڪو ماهوار رسالي نئين زندگي ۾ ڇپيل آهي. سندس ڪلام ۾ نواڻ ۽ فني خوبين کان علاوه صنعتي خوبيون ۽ مهراڻ جي موجن جيان رواني نظر اچي ٿي. سندس ڪلام تي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي تحقيقي مقالو لکي 1975ع ۾ ايم-فل جي سند ورتي.

جعفري صاحب لاڙڪاڻي ۾ شعر ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪافي ڪم ڪيو. نوآموز شاعرن جي حوصلہ افزائي ڪندي، ڪيئي قادر الڪلام ۽ استاد شاعر پيدا ڪيائين، جن کي هند خواه سنڌ ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪلام نئين زندگي، ڳوٺ سڌار ۽ اديب رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو. هن مهراج ليکچند ۽ مولوي عطا محمد "عطائي" جي رهبري ۾ طب ۾ پڻ طبع آزمائي ڪئي.

مداح محمدي صہ، جوهر سخن ۽ تحفہ نياز سندس نظمي تصنيفون آهن.

26 ۽ 27 مارچ 1948ع تي ميهڙ ۾ سنڌ جي وزير تعليم پيرالاهي بخش جي صدارت هيٺ "نائين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" ٿي، جنهن ۾ پهريون ڀيرو شاعرن کي لقب ڏنا ويا. هن موقعي تي نواز علي "نياز" جعفري کي "عمدة الشعراءَ" جو لقب ڏنو ويو.

پاڻ12- نومبر 1959ع تي لاڙڪاڻي ۾ انتقال ڪري ويو. سندس شاعريءَ مان ہہ سٽون هيٺ نموني طور ڏجن ٿيون.

اندر کي آسرو جن جو ۽ دل کي ڀروسو جن جو،
الائي ويا هليا ڪاڏي اهي شيرين زبان وارا.

نورالهديٰ شاهہ

نورالهديٰ شاهہ 22- جولاءِ 1957ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي. پاڻ موجوده دور جي بهترين، مشهور، معروف ليکڪا آهي.

نور الهديٰ شاهہ جو تعلق ٽکڙ، تعلقي ٽنڊي محمد خان جي معزز سيد گهراڻي سان آهي، سندس گهر واري جو نالو سيد خادم حسين شاهہ آهي. هن پرائمري تعليم لاهور ۾ حاصل ڪئي، انٽر ڪراچي ۽ پوءِ حيدرآباد مان ۽ بي-اي فاطمہ جناح ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪئي.

سنڌ جي هيءَ عظيم نياڻي ڪهاڻين ۽ ٽيليويزن جي ڊرامن جي حوالي سان وڏي شهرت حاصل ڪري چڪي آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا بار بار ڇپجي چڪا آهن ۽ سندس لکيل ٽي- وي ڊرامن کي اينتري تہ مقبوليت ملي چڪي آهي، جو جڏهن سندس ڪو ڊرامو ٽي- وي تي هلندو آهي تہ ماڻهو پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي سيڙجي سندس لکيل ڊرامو ضرور ڏسندا آهن. ڇاڪاڻ جو سندس لکيل ڊراما بامقصد، بامعنيٰ ۽ حقيقت جي بلڪل ويجهو هوندا آهن، ۽ انهن ۾ رنگيني گهٽ ڏک وڌيڪ هوندا آهن، جيڪي ماڻهن کي پنهنجا محسوس ٿيندا آهن. سندس پهريون ڊرامو سنڌي ۾ "رانديڪو" نالي سان ٽيليڪاسٽ ٿيو. جنهن کان پوءِ سندس ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. سندس اردو ڊرامن مان "جنگل" ڊرامي کي پوري پاڪستان ۾ ڏاڍو پسند ڪيو ويو. سندس لکيل اردو ڊراما پاڪستان ٽيليويزن تان قومي رابطي تي ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. هاڻي تہ انهن جي ريڪارڊنگ پي- ٽي- وي جي ورلڊ نشريات تان بہ هلي رهي آهي.

ويهين صديءَ ۾ سنڌ بہ اهڙا تہ ڊراما نگار پيدا ڪيا، جن دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. انهن ۾ هڪ نور الهديٰ شاهہ ۽ ٻيو عبدالقادر جوڻيجو آهي. هي ٻئي سنڌي توڙي اردو جا ڪامياب ترين ڊراما نگار آهن.

نور الهديٰ شاهہ موجوده دور جي برک ڪهاڻيڪار پڻ آهي. هن 1977ع کان ڪي ڇرڪائيندڙ موضوع کڻي وڏي همت ۽ بهادريءَ سان لکڻ شروع ڪيو. سندس لکيل ڪهاڻيون بي نظير تخليقي اسلوب ۽ زبان رکن ٿيون، جنهنجي جملن جو مترنم پڙهندڙ اندر جي اونهاين ۾ لهندو محسوس ڪري ٿو.

نور جا لکيو آهي سندس ڪردار ڪهڙا آهن؟ انجو جواب هوءَ پاڻ هن ريت ڏئي ٿي:

"منهنجي هر ڪهاڻيءَ جو ڪردار آءٌ پاڻ آهيان. هر ليکڪ پنهنجي اندر جي صحرائن ۾ ڀٽڪندڙ پنهنجي تنها وجود تي بہ لکي ٿو. ڪائنات جي سموري

پيڙا ليڪ جي اندر اڳارن سمان دکندي رهي ٿي. پنهنجي سهاڳ جي چانو ۾ ويهي بہ مون انهن نياڻين جا ڏک پوکيا آهن، جن لاءِ کو بہ شهزادو کنهن چانڊوڪيءَ رات ۾ لاٽون لهڻ نہ ايندو. مون انهن ٻانهين جو عذاب بہ سٺو آهي، جيڪي سٺ پيڙهين کان مالڪن جي بسترن جو شو پيس بنجنديون ٿيون اچن. مون انهن خوبصورت شهزادين جي احساسن جا صليب بہ کنيا آهن، جيڪي نڪاح جي ٽن ٻولن عيوض کنهن پوڙهي مير، پير ۽ رئيس جي پوڙهي جسم جي گهنجن ۾ سجايون ٿيون وڃن."

نور الهديٰ شاهہ جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "جلا وطن" 1979ع ۾ ڇپيو ۽ هيل تائين ان جا ڪيترائي ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ڪهاڻين جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جنهنجا سڀ کان وڌيڪ ايڊيشن شايع ٿيا آهن. ان کان سواءِ سندس ڪهاڻين جا ڪتاب ڪربلا (1981ع)، رڻ ۾ رچ جو اتهاس (1988ع)، ڦيدياٽيءَ جون اکيون ۽ چند- انڌيون اکيون ۽ خواب- ۽ هڪ ناول ڳرڀ وتي ڇپجي چڪا آهن.

نور بانو

نور بانو جي پيدائش ضلعي بدين ۾ تلهار ويجهو ڳوٺ "رپ" ۾ ڳوپانگن جي هڪ مسڪين گهراڻي ۾ ٿي. بعد ۾ مڙس سان گڏ تلهار شهر ۾ رهڻ لڳي، پاڻ مشهور لوڪ فنڪاره ٿي گذري آهي.

نور بانو جا مائٽ غريب ۽ مالوند ماڻهو هئا، جنهن ڪري هن ننڍي هوندي مال چاريو. ڪيس ان وقت کان ئي ڳائڻ جو شوق هوندو هو ۽ ڍور چاريندي لوڪ گيت جهوڳاريندي وتندي هئي. سندس والد ۽ ماما فن سان اڳتي وابستہ هئا، جن نور بانو جو سٺو آواز ٻڌي سندس همت افزائي ڪئي. ائين ڪيس ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو.

راڳ ۾ نور بانو جو شروعاتي استاد محمد حيات ڳوپانگ هو، پوءِ جڏهن زمان شاهہ راشدي جي معرفت ريڊيو تي پهتي تہ هن اتي محمد جمن، محمد ابراهيم، نياز حسين ۽ منو ڪڇي کان پڻ راڳ جي سکيا ورتي.

نور بانو لوڪ رس ۽ نيم ڪلاسڪ رنگ ۾ ڳايو. سندس آواز صاف، سنو ۽ ڇڇهو هوندو هو. سندس ڳايل ڪيترائي لوڪ گيت سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. پير حسام الدين شاهہ راشدي، پير علي محمد شاهہ راشدي ۽ استاد نياز حسين جهڙا ماڻهو سندس فن جا قدردان رهيا. پير علي محمد شاهہ راشدي کانئس مصري شاهہ جي ڪافي "پينر ڙي ڪڏهن پيڙا ٿيندا ڏاڍا ڏينهڙا لڳا" جي ڳائڻ جي اڪثر فرمائش ڪندو هو ۽ ٻڌي روئي ڏيندو هو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي نور بانو جو ڀهريون لوڪ گيت "منهنجا مائٽ ايندا مون کي ڏوري ڏسندا" رڪارڊ ٿيو. ان کان علاوه سندس آواز ۾ ڳايل ڪيترن ئي لوڪ گيتن، ڪافين ۽ ڪلامن جا رڪارڊ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لائبريري ۾ موجود آهن، جيڪي وقت بوقت ريڊيو تان نشر ٿيندا رهن ٿا.

نور بانو کي ملڪ کان ٻاهر وڃي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ جو ڪوبہ موقعو نہ مليو، ۽ نہ وري ڪيس ڪو ايوارڊ وغيره مليو. پاڻ ڪيترو وقت دم ۽ بلڊ پريشر جي بيماري ۾ مبتلا رهي. هن لوڪ فنڪاره جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ لاءِ اخبارن وسيلي دانهون ڪوڪون ٿينديون رهيون مگر وس وارن ان تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو، آخر 1999ع ۾ سندس انتقال ٿيو.

نور "شاهين"

نور جهان ڌيءُ شاهہ محمد خان علي زئي ڪاڪڙ پٺاڻ 18- آگسٽ 1936ع تي پيدا ٿي. پاڻ سنڌي ۽ اردو جي تمام وڏي شاعره ۽ نثر نويس هئي.

نور "شاهين" جا وڏا اصل قنڌار جا رهاڪو هئا، جتان سندس والد ڀهريان ڪوئيٽا ۽ پوءِ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو ۽ 1954ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ وفات ڪري ويو. نور "شاهين" جو پيدائشي نالو "بخت بلند" هو، اسڪول جي پرنسيپال گهر وارن جي اجازت سان سندس نالو نور جهان رکيو.

نور "شاهين" ابتدائي انگريزي تعليم سينٽ ميريز اسڪول مان حاصل ڪئي. 1956ع ۾ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين، جتان 1966ع تائين اديب فاضل ۽ بي- اي جا امتحان پاس ڪيائين. ان عرصي دوران هن 1963ع ۾ هوميو ٽريننگ ڪاليج لاهور مان ايم- ڊي- ايڇ جو امتحان پڻ امتيازي حيثيت سان پاس ڪيو.

نور "شاهين" نظم توڙي نثر جي ابتدا اردو زبان کان ڪئي، بعد ۾ سنڌي ڪلام کي پنهنجو بنايائين البتہ اردو ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن لکندي رهندي هئي. ان کان سواءِ انگريزي، عربي، فارسي، هندي ۽ سرائڪي ٻولين جو هن کي نہ فقط مطالعو هو، پر هن انهن ٻولين ۾ لکيو بہ آهي.

شاعري ۾ سندس استاد ڀهريان رشيد احمد لاشاري ۽ پوءِ شيخ محمد ابراهيم "خليل" ۽ مولانا محمد اسماعيل رهيا. سنڌي، پنجابي ۽ ملتاني ۾ "شاهين" ۽ اردو ۾ "هما" تخلص استعمال ڪيو اٿس. سنڌي ادب ۾ ڪيس "خاتون ارڙ شاعره" جي لقب سان ياد ڪيو ويجي ٿو. سنڌي ادب ۾ شاعري جي حوالي سان مڙني خاتون شاعرائن ۾ نور "شاهين" جو مقام تمام بلند آهي. کيس غزل، مثنوي نظم، رباعي، قطع ۽ ڪافي وغيره تي عبور حاصل هو. کيس

علم عروض جي به سٺي ڄاڻ هئي. سندس ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود هزارين ڪتاب هن جي مطالعي ۾ رهيا. هن جي فن ۾ نهايت دڪدائڪ ڪشمڪش سان گڏ، وفا ۽ جفا، هجر ۽ وصال، تعشق ۽ سپردگي، محبت ۽ وارفتگي جي درد انگيز روداد موجود آهي.

نور "شاهين" سنڌ جي اڪيلي سنڌي شاعره هئي، جنهن مردن سان شانہ بشانہ سڄي سنڌ ۾ مشاعرا پڙهيا ۽ ادبي گڏجاڻين جي صدارت ڪئي. ڪيس اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ هوءَ پهرين سنڌي عورت هئي، جنهن ريڊيو لاءِ پهريون دفعو فيچر، ڊراما، گيتن پريون ڪهاڻيون، تقريرون ۽ گيت لکيا.

پاڻ عورتن جي ماهوار رسالي "اديون" جي اسسٽنٽ ايڊيٽر بہ رهي چڪي هئي. ان کان سواءِ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس لکڻيون شايع ٿينديون هيون. ڪو زمانو هو جو هن "شارڊا" ۽ "شگفتہ" جي نالن سان سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ تنقيدي ليک لکي تهلڪو مچائي ڇڏيو هو. هن سنڌ جي ڪيترين ئي ايرنڊڙ ليکڪائن جي همت افزائي ڪئي ۽ ڪين ادب ۾ اُسري اڳيان وڌي اچڻ جو حوصلو ڏنو. آخر تائين سندس گهر ايرنڊڙ ليکڪائن لاءِ چڻ هڪ درسگاهہ رهيو.

نور "شاهين" جي سنڌي ڪلام جو مجموعو "رس مَ رسڻ گهوريو" جي نالي سان 1968ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان کان سواءِ سنڌي ۽ اردو ۾ پيا بہ ڪجهہ ڪتاب لکيا اٿس. جهڙوڪ: ديارِ غير (ترجمو اردو)، اسلامي عهد ۾ سک قوم (ترجمو)، بهارِ جنون (اردو ڪلام جو مجموعو)، مثنوي فتح استنبول، ۽ مذهب اور تصوف (اردو ۾) وغيره.

نور "شاهين" 20- سيپٽمبر 1995ع تي وفات ڪئي. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏسندا:

نہ ماڻي سگهيس مان مهربانيون
پلؤ نيٺ پاتم پريشانيون
ڪئي مون هئي پيار ۾ انتها
ڪئي ٿيون ليڻ اهڙيون ديوانيون
وفا توسان ٿي بي تحاشا ڪيم
اچا ياد آهن سي نادانيون

"نور" عباسي

نور محمد "نور" ولد حاجي محمد هاشم عباسي26- جون 1927ع تي موجوده ضلعي نوشهروفيروز جي شهر پرين ۾ ڄائو. پاڻ طنز و مزاح جي دنيا

جو نهايت مقبول صحافي، شاعر ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي.

"نور" عباسي ابتدائي تعليم پرين ۾ حاصل ڪئي، ۽ سنڌي فائينل جو امتحان پرين جي پرسان جلباڻين جي ملا مڪتب مان پاس ڪيائين. بعد ۾ پاڻ پنهنجي والد سان گڏ لڏي اچي نوابشاهه ۾ رهيو، جتي سندس والد ٺيڪيداريءَ جو ڌنڌو ڪندو هو.

"نور" عباسي پنهنجي شخصيت ۾ انجمن هو. هن جا مزاحيه ۽ بامقصد گفتا ۽ ڳالهيون هر ڪچهريءَ جي جان ۽ روح هونديون هيون. پاڻ هڪ مخلص، حق گو، بي باڪ ۽ خوش گفتار صحافي، ڪالم نويس، اديب، شاعر ۽ يارن جو يار انسان هئو.

هن شاعري ڪرڻ جي شروعات 1959ع کان ڪئي، جنهن ۾ طنز ۽ مزاح جو موضوع منتخب ڪيائين. پاڻ پنهنجي طبيعت سان ٺهڪندڙ شعر چوندو هو، شعر ۾ "نور" تخلص آڻيندو هو. پاڻ ڪهنه مشق صحافي ۽ ڪالم نويس هو. صحافت جي دنيا ۾ 1950ع ۾ داخل ٿيو. انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان اول "آزاد سنڌ" اخبار جو سب ايڊيٽر ٿي رهيو. 1950ع کان1960ع تائين "عبرت" اخبار جو نواب شاهه لاءِ نمائندو ٿي رهيو ۽ پوءِ روزانه "مهراڻ" حيدرآباد ۾ "پيپڙ تي ڏونڪو" جي عنوان سان ڪالم لکندو رهيو، پوءِ وري روزانه "عبرت" حيدرآباد لاءِ "واٽ ويندي" عنوان سان ڪالم زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين لکندو رهيو. هن مزاحيه ڪالم نويسي کي منفرد ۽ عوامي انداز ڏنو. هن مظلومن جي حمايت ڪرڻ ۽ ظالمن ۽ انسانيت جي دشمن کي ڪالم نويسي ذريعي بي نقاب ڪرڻ پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين بنائي ڇڏيو هو. هن جو قلم سدائين سچائيءَ جي علامت ٿي رهيو. پاڻ معاشري جي برائين جي ڪالم نويسيءَ ذريعي نشاندهي ڪري، ان جي اصلاح جون تجويزون ڏيندو هو. پاڻ نواب شاهه پريس ڪلب جو آخر تائين صدر ٿي رهيو.

"نور" عباسي افسانه نگاريءَ ۾ به هڪ منفرد حيثيت جو مالڪ هو، سندس افسانن ۾ زندگيءَ جي حقيقتن جو رنگ پريل هو. "نور" عباسي سنڌي ادب جو "سعادت حسن منٽو" ۽ "سنڌ جو ابن انشا" هو. سندس افسانن جو مجموعو "چمڙي جا واپاري" سنڌي ادب جي هڪ بهترين سوکڙي آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت سان ورهين جا ورهيه وابسته رهيو. طنز ۽ مزاح سان پريل سندس به مخصوص نظم "تنهنجو ڇا تون هل مسافر، هنڌ ڪٽولو ماڙيءَ تي" ۽ "پينگ تي وني آهي دلبر، پيو مڙيوئي خير آ" عوام ۾ بيحد مقبول هوندا هئا.

"نور" عباسي 6- آگسٽ1982ع تي هن جهان مان رحلت ڪئي. سندس آخري آرامگاهه نواب شاهه ۾ آهي.

نور محمد ٽالپر، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر مير نور محمد ولد مير علي بخش خان ٽالپر 15- فيبروري 1935ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ عالمي شهرت رکندڙ سنڌ جو عظيم رياضيدان هو.

مير نور محمد ٽالپر1950ع ۾ ميٽرڪ ۽ 1952ع ۾ انٽر سائنس جا امتحان پاس ڪيا. رياضيءَ سان دلچسپي هئڻ ڪري، رياضي کي پنهنجي پسند جي مضمون طور اختيار ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي-ايس-سي (اعزازي) ۽ 1956ع ۾ رياضيءَ جون سندون حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن ويو، جتي امپيريل ڪاليج مان ايم- ايس-سي ۽ ڊي-آءِ-سي جون ڊگريون حاصل ڪري واپس وطن آيو ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي رياضيءَ جي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1964ع ۾ ڪولمبو پلان فيلوشپ تحت رياضيءَ جي اعليٰ تعليم لاءِ وري لنڊن روانو ٿيو. جتان 1967ع ۾ خالص رياضيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺي واپس ٿيو. 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي رياضيءَ واري ڊپارٽمينٽ جو ريڊر ۽ 1970ع ۾ پروفيسر ٿيو.

سنڌ يونيورسٽيءَ جو رياضيءَ وارو موجوده شعبو مير صاحب جي ڪوشش جو ثمر آهي. پاڻ 1968ع کان وٺي 1973ع تائين شعبي جو سربراهه ٿي رهيو. ڊپارٽمينٽ کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ جنهن جفاڪشي ۽ اڻ ٿڪ محنت سان ڪم ڪيائين، اهي هميشه لاءِ ياد رهڻ جوڳيون آهن. اهو سندس ئي محنت جو نتيجو هو جو پوري پاڪستان ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي رياضيءَ جي شعبي کي خالص رياضي جو اعليٰ مرڪز قرار ڏنو ويو. سندس ڪوشش سان 1974-75ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن رياضيءَ جي ڊپارٽمينٽ کي انسٽيٽيوٽ جي حيثيت ڏني.

ڊاڪٽر نور محمد ٽالپر رياضيءَ جي ميدان ۾ بين الاقوامي شهرت ۽ ڄاڻ سڃاڻ جو مالڪ هو. پاڻ هڪ ئي وقت ڪيترين ئي بين الاقوامي جماعتن ۽ سوسائٽين جو ميمبر هو. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رياضيءَ جي عالمي ڪانفرنسن ۾ پڻ شريڪ رهيو. هن آمريڪا ۽ جرمني ۾ وزيٽنگ اسڪالر جي حيثيت سان تحقيق ڪئي، پاڻ پاڪستان ۾ مختلف تعليمي ۽ سائنسي جماعتن سان پڻ لاڳاپيل رهيو.

ڊاڪٽر صاحب جا رياضي جي موضوع تي نصابي ڪتاب به لکيل آهن. 1970ع کان 1972ع تائين ڇهين کان اٺين جماعت لاءِ رياضي جي ڪتابن لکڻ ۽ ايڊٽ ڪرڻ جو سهرو سندس سرتي آهي. ان کان سواءِ مڊل اسٽينڊرڊ کان وٺي يونيورسٽيءَ سطح تائين رياضي نصاب جي نواڻ ۾ سندس خدمتون شامل

رهيون. پاڻ سينٽرل بيورو آف ڪريڪيولم رياضيءَ جي قومي ڪميٽيءَ جو چيئرمين پڻ رهي چڪو هو.

ڊاڪٽر صاحب جا تحقيقي مضمون دنيا جي مشهور رسالن ۾ ڇپيل آهن. ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر ٿيل ڪانفرنسن ۾ سندس پڙهيل مقالن کي تحقيقي لحاظ کان قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. پاڻ 1971ع ۾ پوري پاڪستان سطح تي يونيورسٽي گريجوئيٽ ڪورسن لاءِ رياضي جي ڪتاب "Calculus and Analytic Geometry" جو ايڊيٽر ۽ ليکڪ ٿي رهيو. ان کان علاوه هن تعليمي ۽ سائنسي شعبي ۾ ٻيون به گهڻ ساريون خدمتون سرانجام ڏنيون.

ڊاڪٽر مير نور محمد ٽالپر 20- مئي 1975ع تي اٽلي جي شهر ٽرائيسٽ ۾ وفات ڪئي. پاڻ اٽلي ۾ ٿيندڙ هڪ بين الاقوامي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويو هو، جتي سندس انتقال ٿيو.

نور محمد خاصخيلي

نور محمد ولد يار محمد خاصخيلي 18- جنوري 1956ع تي نوابشاهه شهر ۾ ڄائو. پاڻ ريڊيو پاڪستان جو معروف اناؤنسر آهي.

نور محمد خاصخيلي جو تعلق سانگهڙ شهر سان آهي، هن مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان اتي ئي پاس ڪيا، جنهن کان پوءِ پاڻ1977ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي عارضي طور اناؤنسر مقرر ٿيو ۽ 15- جولاءِ 1984ع تي ڪيس ريگيولر اناؤنسر مقرر ڪيو ويو. ان عرصي دوران هن سچل ڪاليج حيدرآباد مان بي-اي ۽ ايم- اي جا امتحان به پاس ڪري ورتا. هن پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن اڪيڊمي اسلام آباد مان شعبه پيشڪش جي ٽريننگ پڻ ڪئي آهي. ڪجهه وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچي تي رهڻ کان پوءِ 24- سيپٽمبر 1995ع تي ڪيس ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جو پهريون سنڌي اناؤنسر مقرر ڪيو ويو، جتي پاڻ اڄ تائين اناؤنسمينٽ ۽ پروڊيوسر جي جاءِ تي ڪجهه پروگرام پيش ڪري رهيو آهي.

ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي ايف- ايم چينل پنهنجي حسن ڪارڪردگيءَ سبب ٿوري ئي عرصي اندر علائقي جي ماڻهن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي آهي. ريڊيو جي عملي منجهان جن ماڻهن جي ڪاوشن سان هن ريڊيو اسٽيشن کي عروج مليو آهي، انهن ۾ نور محمد خاصخيلي جهڙو سينئر، محنتي ۽ شيرين آواز جو مالڪ اناؤنسر پڻ شامل آهي.

هونءَ ته لاڙڪاڻي ريڊيو اسٽيشن تان نور محمد جا پيش ڪيل سيئي

پروگرام مقبول آهن، پر "چاچي چيڙ جي محفل" ۾ پاڻ هڪ مزاحيه ڪردار ادا ڪندو آهي، جنهن کي هر وڏو توڙي ننڍو چاهه سان ٻڌندو ۽ پسند ڪندو آهي.

خاصخيلي صاحب مهراڻ آرٽ اينڊ ڪلچرل ويلفيئر سوسائٽي سانگھڙ ۽ ڪراچي جو چيئرمن ۽ باني ۽ مرڪ آرٽ اينڊ ڪلچرل سوسائٽي لاڙڪاڻي جو باني ۽ صدر پڻ آهي. پاڻ نهايت کل مک، ملنسار ۽ ياروٻس انسان آهي.

نور محمد خاصخيلي کي سندس فني خدمتن جي عيوض، مهراڻ ايوارڊ نواب شاهه ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي طرفان بهترين اناؤنسر جو ايوارڊ مليل آهي.

نور محمد سنڌي

مولوي نور محمد سنڌي اٽڪل سن1912ع ڌاري پيدا ٿيو. پاڻ سنو عالم، اديب، محقق ۽ مورخ ٿي گذريو آهي.

مولوي نور محمد سنڌي، تعليم مختلف مدرسن ۽ تعليمي ادارن مان حاصل ڪئي. ڪيس شروع کان ئي مطالعي جو شوق دامن گير رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ مضمون لکيا، صحافت سان پڻ سندس دلچسپي رهي. پاڻ ماهوار "مليـر ڊائجسٽ" جو سرپرست به رهي چڪو هو ۽ انهيءَ رسالي جي مالي، اخلاقي ۽ تخليقي طور مدد به ڪندو هو ۽ ان کي سنڌي پڙهندڙن ۾ مقبوليت ڏيارڻ ۾ سندس علم، عقل ۽ ذهانت جو وڏو هٿ رهيو.

مولوي صاحب هڪ محب وطن سنڌي به هو، سندس لکڻين ۾ سنڌي قوم جي پسماندگيءَ ۽ قومي غلاميءَ تي نه رڳو رت جا ڳوڙها هاريل آهن، پر قومي غلاميءَ جي خلاف جدوجهد جو جوش به ڏيکاريل آهي. پاڻ هيٺين ڇپيل ڪتابن جو مصنف آهي.

آسمان ڌرتي ۽ انسان- تصوف جي تاريخ - مڪ متيادار ۽ ڪعبي جي تاريخ.

ان کان علاوه سندس ٻيا ڪيترائي ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن.

مولوي نور محمد سنڌي 27- سيپٽمبر 1996ع تي ڪورنگي ۾ وفات ڪئي.

نور محمد شاهه "نورل"

سيد حاجي نور محمد شاهه "نورل" ولد سيد اسماعيل شاهه 7-جنوري 1890ع تي ڳوٺ موري منگر، تعلقي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو، پاڻ سنو شاعر ٿي گذريو آهي.

سيد نور محمد شاهه "نورل" متعلوي سادات جي ميان پوٽا پاڙي جي شاخ ڳاڙهيا مان هو، پاڻ مخدوم نوح رحه جي درگاهه جو مريد هو. هن ابتدائي تعليم پينڊي شريف جي مدرسي مان مولوي عبدالله کيريو کان حاصل ڪئي، ۽

پوءِ ڪجهه وقت هوسڙي لڳ احمد وڪووٽ پڙهيو. ڪيس عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ مهارت حاصل هئي. سندس قابليت ۽ ذهانت ڏسي مجاز آفيسر ڪيس پيندي جي پرائمري اسڪول ۾ سن1915ع ۾ نائب ماستر مقرر ڪيو. ايڪٽيهه سال هڪ ئي اسڪول ۾ نوڪري ڪري 1946ع ۾ رٽائر ڪيائين.

شاهه صاحب نوڪريءَ سان گڏ مطالعي ۽ شعروشاعري جو شغل به جاري رکندو آيو. سندس تخلص "نورل" هو. هن مناجات، رباعي، غزل، قصيده، مداح، مرثيه وغيره تي طبع آزمائي ڪئي. پاڻ جيڪو شعر چوندو هو، سو پنهنجي هٿ لکيل بياض ۾ درج ڪندو ويندو هو. ان ڪري سندس سمورو ڪلام محفوظ آهي. هن خطبن جو هڪ مجموعو پڻ لکيو. سندس اکر تمام سهڻا هوندا هئا.

سيد نور محمد شاهه "نورل" 16- فيبروري1965ع تي وفات ڪئي. سندس غزل جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

اي صبا ڳا سڌ سما ڏي دلربا دلدار جي
خوش طبع شيرين زبان گوهر فشان گفتار جي
جن سوا ساعت نہ سک تن ري ٿيا مهينا منکي
هاءِ منهنجو هانوُ ههڙي هول کان ويو هارجي.

نور محمد شيخ. ڊاڪٽر

ڊاڪٽر شيخ نور محمد ولد ديوان ريجهو مل حيدرآباد سنڌ ۾ جڳتياڻي عامل خاندان ۾ پيدا ٿيو. هن شيخ عبدالرحيم سنڌي جي ڪوشش سان هندو مذهب ڇڏي دين اسلام قبول ڪيو هو. پاڻ افغاني بادشاهه نادر شاهه جو شاهي ڊاڪٽر ٿي رهيو ۽ تحريڪ آزادي جي مکيه اڳواڻن ۾ پڻ شامل هو.

شيخ نور محمد ميٽرڪ جو امتحان حيدرآباد ۾ پاس ڪيو ۽ ايم-بي-بي- ايس جي ڊگري بمبئيءَ مان حاصل ڪئي. پاڻ ماهر ڊاڪٽر هو. شروع ۾ حيدرآباد ۾ خانگي طور ڊاڪٽريءَ جو ڌنڌو ڪندوهو. تحريڪ آزادي ۽ خلافت تحريڪ جو متوالو هو، 1920ع ۾ جڏهن هجرت جي تحريڪ شروع ٿي، ته هو سنڌي قافلي سان گڏجي ڪابل هجرت ڪري ويو. پاڻ اتي مولانا عبيدالله سنڌي جو شريڪ ڪار ۽ ماسڪو ۾ شريڪ سفر رهيو، پاڻ جرمني ۽ ترڪي به ويو هو ۽ 1928ع ۾ موٽي سنڌ ۾ آيو. ان کان پوءِ 1930ع ۾ جڏهن امير نادر شاهه افغانستان جو حاڪم بڻيو، تڏهن هن شيخ نور محمد کي ڪابل گهرائي پنهنجو شاهي ڊاڪٽر ڪري رکيو، ڇو جو نادر شاهه سان سندس پراڻي ڄاڻ سڃاڻ هئي ۽ هو سندس طبي مهارت کان پوري طرح واقف هو.

ڊاڪٽر نور محمد شيخ 1948ع ۾ ڪابل کان موٽي پنهنجي وطن آيو.

جنهن بعد پهريان ڪيس ملٽري جو ڊاڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ پوءِ سول اسپتال حيدرآباد جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو، جتي هن اسپتال جي سڌاري لاءِ اهم اپاءَ ورتا. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ خانگي اسپتال هلائيندو رهيو.

ڊاڪٽر شيخ نور محمد 22- نومبر 1956ع تي وفات ڪئي.

نور محمد لاشاري

نور محمد لاشاري سنڌ جو تمام وڏو فنڪار ٿي گذريو آهي. عام زندگيءَ ۾ هو ماستر هو، پر هن سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۽ سنڌ جي هر گهر ۾ ٽيليويزن جي ڊرامن ذريعي سنڌ جي ڏکوئيل ماڻهن جا ڏک پنهنجي فن جي عروج سان ونڊيا.

نور محمد لاشاري ٽيهن سالن تائين مسلسل ٽي-وي جي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪندو رهيو. هن فني سفر جو آغاز ڪراچي سينٽر تان ناٽڪ سڀا جي (سنڌي) ڊرامن کان ڪيو. ان وقت اڃا بليڪ اينڊ وائيٽ ڊرامن جو زمانو هو، جن ۾ لاشاري صاحب جي فني اڏام جا مختلف روپ دل جي اڱڻ تي مور بڻجي نرت ڪندا هئا. هن جي اداڪاري ۾ اناالحق جو نعرو ٻڌڻ ۾ ايندو هو. انهن ڊرامن ۾ علي بابا جو ڊرامو "دنگي منجهه درياهه" به هو، جنهن ۾ هن اعليٰ معيار جي اداڪاري ڪئي هئي. جنهن کان پوءِ سندس فن ۾ ڏينهان ڏينهن سگهه ايندي وئي. هن ڪيترن ئي سنڌي توڙي اردو ڊرامن ۾ چرڪائيندڙ اداڪاري ڪئي. نيٽ ورڪ تي عبدالقادر جوڻيجي جي ڊرامي "ديوارين" لاشاري صاحب کي وڏي شهرت بخشي. ان کان سواءِ هٿين گل ميندي، راڻي جي ڪهاڻي، بدلتي موسم ۽ ٻين ڪيترن ئي ڊرامن ۾ هن جيڪي فني جوهر ڏيکاريا، اُهي ڏسندڙن جي ذهن تي هميشه نقش رهندا.

نور محمد لاشاري مڪمل طرح سان ڪيمرا جو ماڻهو هو، ڪيمرا آن ٿينديءَ هئي ته هو آن ٿي ويندو هو. پاڻ ڪردار ۾ سمائجي ويندو هو. سندس اداڪاري ۾ ڪمال جي اصليت هوندي هئي، هن کي جيڪو به ڪردار ڏنو ويندو هو، ان سان تمام سٺو نڀائيندو هو. ڪيس صرف سندس لافاني فن جي ڪري ڊرامي ۾ رول ملندو هو. ڪيس ڪڏهن به پئسو حاصل ڪرڻ جو شوق نه رهيو. ڊگهي عرصي کان وني فني سگهه جي علامت هوندي به وٽس چڙهي لاءِ اسڪوٽر ۽ رهڻ لاءِ ڪراچي ۾ مسواڙ جو گهر هوندو هو. پاڻ نهايت سياڄهڙو ۽ قربائتو ماڻهو هو، هن جي اکين ۾ ٻين لاءِ شفقت ۽ چپن تي دعائون هونديون هيون.

سنڌ جو هيءُ مايه ناز فنڪار پهرين فيبروري 1997ع تي لاڏاڻو ڪري ويو، فني دنيا ۾ سندس جاءِ هميشه خالي رهندي.

نور محمد لاکير

نور محمد ولد محمد سجاول لاکير 16- سيپٽمبر 1845ع تي ڳوٺ چڪرو، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ قانوني ماهر، سماجي سڌارڪ ۽ حيدرآباد جي معروف تعليمي درسگاهه "نور محمد هاءِ اسڪول" جو باني هو.

نور محمد جو والد پرائمري ماستر هو، جيڪو نوڪري سانگي تعلقي ڪڪڙ جي ڳوٺ "جمعو لاکير" ۾ لڏي اچي وينو، پينشن تي پهچڻ بعد زمين جو ٽڪرو وٺي باقي حياتي اتي ئي گذاريائين.

نور محمد ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتي، مشترڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي مان پاس ڪرڻ بعد علي ڳڙهه ويو، جتان بي- اي ۽ ايل- ايل- بي جون ڊگريون حاصل ڪيائين. پاڻ ڪجهه وقت علي ڳڙهه ڪاليج ۾ استاد ٿي رهيو ۽ پوءِ خيرپور رياست ۾ جج مقرر ٿيو. جتان ٻن سالن بعد استعيفا ڏئي اچي حيدرآباد (سنڌ) ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

نور محمد قومي خدمت جو جذبو رکندو هو، ان سلسلي ۾ هن ڪيترائي خير جا ڪم ڪيا، ليڪن تعليم جي حوالي سان هن تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو. جيئن ته انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد اندر مسلمان ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ڪو خاص جدا درسگاهه ڪونه هئو، نور محمد صاحب ان ڪمي کي شدت سان محسوس ڪندي 1924ع ۾ سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس سڏائي، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن جي ٻارن لاءِ حيدرآباد ۾ مسلم "هاسٽل" قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جيڪا (1925ع) ۾ قائم ٿي. مسلمانن جي ٻارڙن جي مستقبل کي روشن بنائڻ لاءِ هن صاحب ان هاسٽل جي هيٺين حصي ۾ اي-وي ڪلاس ٽن درجن تائين پڙهائڻ جو انتظام به ڪيو، جن ۾ پين استادن سان گڏ پاڻ به پڙهائيندو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن صاحب سر غلام حسين هدايت الله جيڪو ان وقت بمبئي حڪومت ۾ وزير هو تنهنجي تعاون سان حيدرآباد ۾ هڪ هاءِ اسڪول جو بنياد رکيو. اهو اسڪول اڄ به سندس يادگار آهي، ۽ سندس ئي نالي سان سڏجي ٿو.

اهو اسڪول مسلم ايڊيوڪيشن سوسائٽي کي انهيءَ شرط تي مليو ته، اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ويندي. نور محمد صاحب پاڻ ۽ پنهنجي دوستن جي مدد سان هن اسڪول جي بلڊنگ جوڙائي ۽ 13- اپريل1934ع کان هيءَ اسڪول باقاعده چالو ٿيو.

نور محمد هن درسگاهه کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي، ايتري قدر جو هڪ پيري پنسي جي ڪوٽ پوڻ سبب هن پنهنجو بنگلو خانبهادر

الهداد خان ميرپور خاص واري وٽ 13 هزار روپين ۾ گروي رکي اسڪول جو خرچ پورو ڪيو. سندس اهو بنگلو سندس وفات تائين به نه ڇڏائجي سگهيو. اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ٻهراڙيءَ جي شاگردن جي رهائش جو هاسٽل ۾ مناسب انتظام رکيو ويو، هوشيار ۽ غريب شاگردن کي لوڪل بورڊ ڪان اسڪالرشپون ڏياريون ويون، پڙهائي جو معيار بلند رکڻ لاءِ پري پري کان قابل استاد گهرايا ويا. ان زماني ۾ سڄي اسٽاف جو ماهوار پگهار ٻه سو روپيا هو.

هيءُ جفاڪش، هڏڏوکي ۽ هر دل عزيز انسان 22- آگسٽ1937ع تي ڪراچي ۾ هاءِ بلڊ پريشر جي تڪليف سبب گذاري ويو. سندس مزار مسلم هاسٽل حيدرآباد جي احاطي ۾ آهي.

نور محمد نظاماڻي، مولوي

مولوي نور محمد ولد محمد علي خان نظاماڻي سن 1882ع ڌاري ڳوٺ ٽنڊو سومرو، ضلعي حيدرآباد ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو بيباڪ صحافي، شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي.

مولوي نور محمد نظاماڻي ابتدا ۾ قرآن شريف ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ مٽياريءَ جي ماستر محمد حسن وٽ سنڌي فائينل تائين پڙهيو. کيس اردو ۾ به مهارت حاصل هئي. صحافت کان اڳ پنهنجي ڳوٺ جي "نور الهديٰ" ديني مدرسي ۾ پاڻ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو، ۽ ان دوران عربي تي پڻ دسترس حاصل ڪيائين.

مولوي نور محمد نظاماڻي سنڌي صحافت ۾ ڏهه سال پنهنجو ڌاڪو ڄمايو. هن پهريان 1924ع ۾ ٽنڊي الهيار مان هفتيوار اخبار "نور اسلام" جاري ڪئي، جيڪا1929ع تائين وڏي آب و تاب سان نڪرندي رهي. ان کان پوءِ پهرين جون 1933ع کان 13- فيبروري 1934ع تائين "طيراً ابابيل" ۽ 15- مئي1934ع کان زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين "مرغ فلڪ" نالي اخبارون هلايائين. هي ٻئي اخبارون حيدرآباد مان نڪرنديون هيون.

مولوي صاحب جي صحافت تي مذهبي رنگ نمايان طرح ڇڙهيل هوندو هو. هن پنهنجي اخبارن ذريعي مسلمانن جي برين عادتن ۽ بدعتن، جهڙوڪ هندن کان قرض کڻڻ، ڏاندن ۽ ڪڪڙن جون گويون ڪرڻ، شادين غمين جي موقعي تي اجائي اسراف، پيرن پارن منجهيل مريدن کان ڏن وصول ڪرڻ، وغيره خلاف جهاد ڪيو. ان کان علاوه هن سرڪاري ڪامورن جي رشوتن ۽ ارهه زورايين، وڏيرن ۽ جاگيردارن جي ڪلورن خلاف به لکيو، جنهن ڪري ڪيترائي اثر رسوخ وارا ماڻهو سندس مخالف ٿي پيا، پر کيس ان مخالفت جي انڪري پرواهه نه هوندي

هئي جوهو اها جنگ بي لوٿ ۽ مخلصاڻه انداز ۾ لڙي رهيو هو ۽ ڪيس ذاتي طرح ان ۾ ڪنهن به قسم جي لالچ ڪاڻ هئي.

نظاماڻي صاحب جي طرز تحرير وقتي سنجيده ته وقتي طنزيه، ٽوڪ ۽ چٿڙ ڏيارڻ وارن گفتن سان گاڏڙ هوندي هئي، ليڪن عبارت اهڙي مائيدار ۽ پختي ۽ الفاظن جو انتخاب ايڏو اديباڻه هوندو هو جو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ برداشت ۽ هضم ڪرڻ لاءِ آماده ٿي پوندو هو.

صحافت کان علاوه نظاماڻي صاحب سٺو شاعر به هو. هن ڪيترائي شعر ۽ نظم لکيا، جيڪي سندس اخبارن ۾ موقعي جي مناسبت سان شايع ٿيندا رهيا. پاڻ ڪيترائي تخلص استعمال ڪندو هو. جهڙوڪ نور، انور، عرشي ۽ ملا وغيره. هن سنڌ جي تاريخ لکي جيڪا ڇپائي وئي ۽ نصاب ۾ پڙهائي ويندي هئي. ٽيپو سلطان تي به هڪ ڪتاب لکيائين پر اهو ڇپجي نه سگهيو.

مولوي نور محمد نظاماڻي24- نومبر 1934ع تي وصال ڪيو. نموني طور سندس ان نظم جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون، جيڪو سندس اخبار "نور اسلام" جي هر پرچي جي پهرئين صفحي تي ڇپجندو هو:

نور حق نروار ٿيو بجلي ڪري باطل مٿي
دهشت دم ٽوڙ پئي اڄ دشمن جي دل مٿي
نور تنهنجي يا محمد مات ڪيو ظلمات کي
صد هزار رحمتون تو هادي ڪامل مٿي.

نياز حسين، (موسيقار)

اُستاد نياز حسين ولد محمد ابراهيم قريشي (ٻيبو خان)24- جنوري 1936ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ علم موسيقي جو قابل استاد، گائيڪ، ناٽڪ، سر لئي جو ڄاڻو، موسيقار ۽ سازن وڄائڻ جو ماهر هو.

استاد نياز حسين جو تعلق گواليار جي جڳ مشهور موسيقار گهراڻي سان هو. سندس والد جنهن جو اصل نالو محمد ابراهيم هو ۽ ٻيبي خان جي نالي سان مشهور هو، سو برصغير جو تمام وڏو گويو ٿي گذريو آهي. ساز ۽ آواز واري ماحول ۾ اک کولڻ ڪري نياز حسين جي طبيعت جو لاڙو شروع کان ئي موسيقي طرف رهيو. ان ڪري هو سنڌي فائينل جو امتحان حيدرآباد مان پاس ڪري، پنهنجي اباڻي ڪرت ڳائڻ وڄائڻ کي لڳي ويو. هن موسيقي جي سکيا پنهنجي والد ٻيبو خان ۽ استاد مبارڪ علي خان کان ورتي. پهريان پنهنجي والد سان گڏ ڪلاسيڪي راڳ ڳائيندو هو، ان کان پوءِ هن سنڌي راڳن ۽ راڳڻين کي سمجهڻ ڏانهن ڌيان ڏنو. جلد پاڻ ان ۾ مهارت حاصل ڪري ورتائين،

هن انگريزي موسيقي جي به ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ ان جي باقاعده سکيا محمد عثمان کان ورتائين.

استاد نياز حسين1955ع کان تاحيات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته رهيو. جتي پهريان وايو لنسٽ مقرر ٿيو۽ پوءِ هار مونيم تي ليڊ ڪندو هو ۽موسيقي ترتيب ڏيندو هو. هن ريڊيو لاءِ اٽڪل اڍائي هزار موسيقي جي آئٽمن لاءِ ڌنون جوڙيون، ڪيترن ڪلاڪارن سندس رهنمائي هيٺ ريڊيو تان ڳائي شهرت حاصل ڪئي. جن ۾ عابده پروين، وحيد علي، علڻ فقير، مائي ڀاڳي، نور بانو، فوزيه سومرو ۽ زرينه بلوچ وغيره شامل آهن.

موسيقي جي دنيا ۾ استاد نياز حسين جو وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي وائيءَ کي پهريون دفعو مفهوم ۽ صاف لفظن جي ادائگي وارين ڌنن ۾ ڪمپوز ڪري سمجهڻ جي لائق بنائي لطيفي پيغام عام ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هن شاه جي راڳ جي سکيا شاه صاحب جي وائي جي مکيه راڳي سيد غلام شاه کان ورتي هئي.

نياز حسين ڪيترائي ساز وڄائي سگهندو هو، جن ۾ هارمونيم، پيانو، وائلن، اڪارڊين، بينجو، ستار ۽ گٽار وغيره شامل آهن. هن ريڊيو پاڪستان کان علاوه پرائيويٽ ڪيسٽ ڪمپنين جي لاتعداد آڊيو ۽ وڊيو ڪيسٽن لاءِ موسيقي ترتيب ڏني، ڪيترن ئي سنڌي ڊرامن جو بيڪ گرائونڊ ميوزڪ ترتيب ڏنو.

هن موسيقي ۽ ادب جي جن صنفن تي ڪم ڪيو، انهن ۾ حمد، نعت، سوز، سلام، نوحه، مرثيه، منقبت، رباعي، پنجڙ، ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل، ڪافي، وائي، گيت، غزل، نظم، آزاد نظم، هائيڪو، مورو، لوڪ گيت، مزاحيه گيت، سدا رنگي ڪلام، زرعي نغما، وطن جا گيت، ٻارن جا گيت وغيره شامل آهن.

استاد نياز حسين 1964ع کان 1984ع تائين پاڪستان ٽيليويزن سان پڻ لاڳاپيل رهيو. هن موسيقي جي سکيا لاءِ 1950ع ۾ هڪ ادارو "سنڌ ميوزڪ ڪاليج" ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ کوليو، جنهن مان ڪيترائي نالي وارا راڳي فارغ التحصيل ٿيل آهن. هن اداري طرفان ڪجهه ڊراما پڻ اسٽيج ڪيا ويا. نياز حسين سنڌ جي وڏن وڏن ميلن، سرڪاري توڙي غير سرڪاري پروگرامن ۾ نمايان طور تي شرڪت ڪندو هو. 1991ع ۾ ڪيس ترڪي ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ جو موقعو مليو. سندس فن جو قدر ڪندي کيس ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو جهڙوڪ: پي-ٽي- وي ميرٽ سرٽيفڪيٽ 1964ع کان1974ع، لعل شهباز قلندر ايوارڊ 1986ع، لعل شهباز قلندر ايوارڊ خصوصي، به ڀيرا 1987ع ۽ 1988ع، سچل سرمست ايوارڊ، پراڻ

ايوارڊ1992ع (وصال ڪان پوءِ)، بي- بي- سي ايوارڊ1993ع (وصال ڪان پوءِ) وغيره.

سنڌ جو هيءُ جدت پسند موسيقار 7- فيبروري 1992ع تي گذاري ويو، ڪيس ٽنڊو يوسف (حيدرآباد) واري قديمي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

"نياز" همايوني

مشتاق احمد "نياز" ولد قائم الدين پهرين اپريل1930ع تي ضلعي شڪارپور جي مشهور ڳوٺ همايون ۾ ڄائو. پاڻ بلندپايه شاعر، اديب، مترجم ۽ حڪيم آهي.

"نياز" همايوني جي تعليم ۽ تربيت مختلف مدرسن مان ٿي، پاڻ سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ علم طب ڏانهن رجوع ٿيو، جتان تحصيل ڪري مطب جاري ڪيائين. پاڻ ڪجهه وقت سنڌ جي مختلف طبي درسگاهن ۾ پڙهائيندو رهيو. انهيءَ عرصي دوران قومي ۽ سماجي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو آيو. گهڻو عرصو مرڪزي اردو بورڊ جي ريجنل آفيس حيدرآباد سان وابسته رهيو، پاڻ پاڪستان رائيٽرس گلڊ (سنڌي ريجن) جو سيڪريٽري۽ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جو ميمبر به رهي چڪو آهي. سنڌ جي اهم ادبي ادارن سان سندس وابستگي ابتدا کان ئي رهي، هن وقت به پاڻ علمي ادبي توڙي قومي ۽ سماجي سرگرميون جاري رکيو اچي، ان لاءِ سنڌ رائٽرس گلڊ قائم ڪري پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

"نياز" همايوني باڪمال شاعر آهي. هن سنڌي شعر کي نرالو انداز ڏنو آهي. سندس شاعريءَ ۾ اها خصوصيت آهي ته ان ۾ اصليت جو عنصر گهڻو ملي ٿو. هن سالها سال مشق دوران جديد تجربا ڪري ڪيترين ئي نيون راهون پيدا ڪيون آهن. سندس انقلابي ۽ قومي شاعري ۾ وقت جي ڳالهه ۽ زندگيءَ جو درد ڌهرايل هوندو آهي، ان ڪري هن کي سنڌ جي هر طبــــقي ۾ پوري دلچسپيءَ سان پڙهيو ۽ ساراهيو وڃي ٿو. پاڻ اسٽيج جو بهترين شاعر آهي. ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين لافاني شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. سندس هر شعر دلين ۾ گهاءُ ڪيو وڃي. هن هر صنف تي قادرالڪلام فنڪار وانگر لکيو آهي، پر نظم جو بادشاهه آهي. سندس ڪلام جا به مجموعا ڇپيل آهن ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ سندس ڪلام جڳهي تعداد ۾ ڇپيل آهي. هن سرائڪي ۾ به ڪجهه ڪلام لکيو آهي.

سنڌي ادب ۾ "نياز" همايوني جوهڪ ٻيو وڏو ڪارنامو اهو آهي ته هن سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ کي اردو ۽ فارسيءَ ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ سنڌي شاعرن جو چونڊ ڪلام اردو ۽ فاسي ۾ وڏي مهارت سان ترجمو ڪيو آهي.

انهن شاعرن ۾ لطيف سائين به شامل آهي، جنهن جو اڌ کان وڌيڪ ڪلام فارسيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو اٿس. ان کان علاوه هن ڪافي ڪتاب نثر ۽ نظم ۾ تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

فرهنگ جعفري (ترجمو، ٽن جلدن ۾ طبع ڪتاب-1960ع)، ديوان مفتون (ببيو ڇاپو-1973ع)، هفت زبان لغت (ٻين عالمن سان گڏ ترتيب ۾ حصو ورتل -1975ع)، ساٿيهه جي ساک (دودي چنيسر جو داستان نظم ۾ 1975ع)، سنڌ جي طبي تاريخ (ٻن جلدن ۾1976ع)، ڌرتيءَ جا گيت (شعري مجموعو-1977ع)، ملوڪ الڪلام (خواجه محمد زمان لواريءَ واري جي بيتن جو منظوم فارسي ترجمو-1977ع)، سنڌ نامه (اردو-1978ع)، تاريخ مظهر شاهجهاني (سنڌي ترجمو-1979ع)، انتخاب سنڌي شاعري (سنڌي شاعرن جي چونڊ ڪلام جو اردو ۾ ترجمو-1987ع)، آهوانِ صحرا (قاضي قادن جي بيتن جو اردو ترجمو-1988ع)، تاريخ طاهري (سنڌي ترجمو-1988ع)، مقصود العارفين (ترجمو-1989ع)، آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه (ڪلام صوفي دريا خان- ترتيب-1989ع)، راهه عشق .خميني" (امام خميني جي روحاني شاعري جو سنڌي ۾ منظوم ترجمو-1993ع)، تاريخ تازه نواء معارڪ (ترجمو-1995ع)، فرهنگ همايوني (مولانا مفتون همايوني جي لکيل طبي لغت جي ترتيب- 1996ع) ۽ رسالہ اويسيه (ترجمو-1996ع).

انکان علاوه "نياز" همايوني جا لکيل اٽڪل سترهن وڌيڪ ڪتاب قلمي صورت ۾ ڇپائي جي انتظار ۾ آهن، جڏهن ته وڌيڪ جاکوڙ جاري آهي. ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ مجتا طور ڪيس ڪجهه انعام ۽ ايوارڊ به مليل آهن، جن ۾، 1970ع ۾ روس کان مليل انعام ڊپلوما آف ميرٽ، پاڪستان رائٽرس گلڊ طرفان1978ع ۾ سنڌ جي طبي تاريخ تي مليل نقد انعام، 22- نومبر 1986ع تي ڪتاب ملوڪ الڪلام لاءِ مليل شيلڊ، 4- جنوري 1994ع تي طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا طرفان وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو هٿان مليل طالب المولىٰ ايوارڊ شامل آهي. نموني طور سنڌس هڪ مشهور گيت جون سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول مون وٽ روپ نڪو بهروپ الا
تنهنجي دنيا اندلٺ ريکا، منهنجي دنيا گدلا بادل
تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا، منهنجي دنيا هيکل وياکل
منهنجي دنيا مرگهه ترشنا، تنهنجي دنيا رمندا بادل
مون وٽ روپ نڪو بهروپ الا!

واجد

واجد جو اصل نالو شعبان علي منگي هو. سندس ولادت 3-جنوري 1952ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿي، پاڻ پلوڙ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ٿي گذريو آهي.

واجد پيٽ گذران لاءِ مختلف ننڍيون ننڍيون نوڪريون ڪيون، پاڻ تمام سٺو شاعر هو، هن تقريباً سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، سندس ٽي ڪتاب "منهنجا گيت زهر جي پيت"، "سوريءَ مٿي سيڻ" ۽ "آءُ اوهان جو آهيان" ڇپيل آهن. پاڻ سٺي شاعر هجڻ سان گڏ سٺو ڪهاڻيڪار پڻ هو. هن ڪهاڻي کي به پنهنجي شاعري وانگر رت ست ڏنو. سندس ناهوڪن ڪهاڻين ۾ "ٽنل پيرم جا پور" ۽ "لاشي جي دوڙ" وغيره شامل آهن، واجد جي ڪهاڻين ۾ به سندس شاعري وانگر درد ۽ پيڙا جو احساس ڀرپور طرح سمايل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ غربت ۽ مفلسي جا عڪس، سماج جي غلط روايتن جا اولڙا ۽ زهر جيان ڪڙا ڪيترائي موضوع ملن ٿا. جيئن ته واجد پاڻ سڄي حياتي مفلسي جي حالت ۾ گذاري، شايد انهيءَ جي ڪري سندس ڪجهه ڪهاڻين ۾ پڻ اها جهلڪ نظر اچي ٿي.

شعبان علي منگي المعروف "واجد" 2- مارچ 1995ع تي وفات ڪري ويو. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اڄ وري ڪو حق مٽائڻ ٿو گهري
وقت مون کان سچ لڪائڻ ٿو گهري
زنگجي ويندو زماني جو ضمير
ڏن عيوض من مٽائڻ ٿو گهري.

واحد بخش خان ڀٽو، سردار

سردار واحد بخش خان ولد الاهي بخش خان ڀٽو سن 1898ع ڏاري ڳوٺ پير بخش خان ڀٽو لڳ نئون ديرو، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ڀٽا قوم جو سردار ۽ سياسي اثر رسوخ رکندڙ شخص ٿي گذريو آهي. سردار واحد بخش خان ابتدائي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪئي، جنهن بعد انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو، پنج درجا انگريزي پڙهيو، جنهنڪان پوءِ 1910ع ۾ پنهنجي والد جي وفات سبب وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي پنهنجي ذاتي ڪاروبار کي سنڀالڻ لڳو.1924ع ۾ ڀٽا قوم جي ماڻهن کيس پڳ ٻڌائي پنهنجو سردار تسليم ڪيو ۽ پوءِ پاڻ "سردار" جي لقب سان سڏجڻ لڳو.

سردار صاحب نهايت هٺ جو چٽو هوندو هو، پاڻ مهمان نواز ۽ يارويس ماڻهو هو، غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏئي پڙهائيندو هو. نئين ديري ۾ مٽرنٽي هوم کولرايائين ۽ پيا به ڪيترائي ڀلائيءَ جا ڪم ڪيائين. پاڻ شڪار ۽ راڳ جو شوقين هوندو هو، جنهن ڪري هندستان جي ڪيترن شخصيتن سان سندس دوستانه تعلقات ٿي ويا هئا.

سردار صاحب سياست ۾ به حصو ورتو. پاڻ 1926ع ۾ زميندارن پاران مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بيٺو ۽ ان ۾ چونڊجي ويو. 1930ع ۾ خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ بمبئي ڪائونسل جي ميمبري تان دستبردار ٿيو ته اها جڳهه سردار صاحب کي ملي.

سائين جي-ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" (جلد پهريون) ۾ لکي ٿو ته "انهيءَ وقت ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سر شاهنواز ڀٽو ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙو نالي وارا ماڻهو هئا، پر ائين پئي معلوم ٿيو ته سردار صاحب (واحد بخش ڀٽو) جي جيڪڏهن عمر وڌي ٿئي هان ته پئسي، لاڳاپي ۽ ڪشاده دستيءَ سان هي به لاڙڪاڻي جي سياست ۾ پنهنجي عليحده جاءِ والاري هان."

سردار واحد بخش خان ڀٽو 25- ڊسمبر 1931ع تي ڀرپور جواني ۾ وفات ڪري ويو.

واسديو "نرمل"

واسديو "نرمل" 2- جون 1936ع تي ڪراچي ۾ ڄائو. پاڻ ڀارت جو مشهور سنڌي اديب ۽ شاعر آهي.

واسديو "نرمل" ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي خاندان سان گڏ ڀارت هليو ويو، جتي هن بي- اي (سول) جي ڊگري حاصل ڪري، بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ انجنيئر مقرر ٿيو ۽ بمبئي ميونسپل ۾ ڪم ڪندڙ سنڌين جي سنڌي سرڪل طرفان شايع ٿيندڙ رسالي "سورٺ" جو اعزازي ايڊيٽر پڻ مقرر ٿيو. هيءُ رسالو ڀارت جو مشهور سنڌي رسالو آهي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي مشهور اديبن جون تخليقون وڏي شان سان شايع ٿينديون آهن.

"نرمل" جو شمار ڀارت جي سٺن شاعرن ۽ ناٽڪ نويسن ۾ ٿئي ٿو. شاعري ۾ سندس استاد سڳن آهو جا هو. سندس پهريون شعر 1952ع ۾ هڪ اسڪول مئگزن "جوت" ۾ شايع ٿيو. اڄ سندس ڪلام ڀارت ۽ سنڌجي سيني مکيه رسالن جو سينگار آهي. سندس شعري مجموعا به ڇپجي چڪا آهن. ان کان سواءِ سندس لکيل ڪيترائي ڊراما ڀارت ۾ اسٽيج ڪيا ويا آهن، نثر توڙي نظم ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن مان ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا:

منهنجا سر ۽ تنهنجا گيت (شاعري)، ٻوڙا اچي مڙيا (ڊرامو)، بنا ڏيتي ليتي (ڊرامو)، دل جا گهاوَ (شاعري)، هڪ ٻه ٽي (ڊرامو)، هيءُ پيپا سو من منهنجو، عورت ۽ بوتل، پلڻ پلي، مس ريتا، پاتال (ترجمو) وغيره.

واسديو "نرمل" ڪافي ادبي جماعتن ۽ ڊراميٽڪ سوسائيٽين سان مختلف حيثيت سان وابسته رهيو آهي. جهڙوڪ، سنڌي ساهت منڊل ممبئي جو جنرل سيڪريٽري، اکل ڀارت سنڌي ٻولي، ۽ ساهت سڀا جو سيڪريٽري، ناٽيه سنڌو جو جنرل سيڪريٽري، للت ڪلاسنگم جو وائس چيئرمن، ڪلامندر ۽ سنڌو ڪلانڪيتن جي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو آهي. سندس ادبي خدمتن جي مڃتا طور ڪيس انعام ۽ ايوارڊ به مليل آهن، جن ۾1972ع ۾ مليل سوويت لينڊ نهرو انعام (ڏهه هزار روپيا) پڻ شامل آهي. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ملاحظه فرمائيندا:

داستان درد جو ڪو ڪنهن کي سٽائي ڇا لاءِ
پاڻ جيان ٻئي جي اڱڻ نند ڦٽائي ڇا لاءِ
دل ٿي چاهي ته ڪوئي لفظ به لفظ آڻت جا چوي
ورنه جنهن تنهن کي ڪوئي سور سٽائي ڇا لاءِ.

وحيد علي

وحيد علي سن 1950ع ۾ ٽنڊي آدم شهر ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل ناميارو راڳي ٿي گذريو آهي.

وحيد علي ٿوري ڪتابي تعليم ورتي ۽ پوءِ موسيقي جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو. سندس تعلق موسيقي جي اعليٰ گهراڻي سان هو، جنهن ڪري ڪيس ننڍپڻ کان ئي سرن جي سٽي پيياري وئي. پاڻ سازن ۽ راڳن سان راند ڪندي پروان چڙهيو. مشهور گويو استاد جمالو خان سندس نانو ۽ خانصاحب استاد منظور علي خان سندس مامو هو.

وحيد علي راڳ جي باقاعده سکيا استاد منظور علي خان کان حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ ذاتي محنت ۽ فن سان لڳاءَ ۽ سچائي سبب هن پنهنجو هڪ الڳ مقام ناهي ورتو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ريڊيو، ٽي-وي، اسٽيج ۽ فلم تان ڪاميابي ماڻي پوري ملڪ تي ڇانئجي ويو.

وحيد علي سنڌي موسيقي ۾ نواڻ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، نيون ڌنون جوڙيائين، لطيف جي وائي کي نرالي ڍنگ ۾ ڳايائين، ڪيئي جديد شاعر متعارف ڪرايائين. نون شاعرن کان علاوه هن شاهه لطيف، سچل سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز، اياز گل وغيره جي شاعري پڻ شوق سان ڳائي. هميشه

شاعري جو انتخاب سنو ڪندو هو، سندس گلي ۾ ميٺاڄ بہ اهڙو هو، جو پاڻ جڏهن خوبصورت شاعري جي سهڻن ۽ سندر لفظن کي سنگيت جي مالها ۾ پوئي سر آلاپيندو هو تہ سندس مٺڙي آواز تي آس پاس جو ماحول جهومڻ لڳندو هو. ونس راڳ جي ذات بہ هئي تہ ڏانءُ بہ.

وحيد علي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پهريون ڀيرو پنهنجي فن جو مظاهرو پروگرام "ٻارڙن جي ٻاري" ۾ ڪيو. ان ڪان پوءِ هن مختلف ريڊيو اسٽيشنن تان فن جو مظاهرو ڪيو، ٽيليويزن تي بہ آيو ۽ سنڌي فلمن "جانيئڙا" ۽ "دريا خان" لاءِ پڻ گانا ڳايائين. پاڪستان ڪان سواءِ دوبئي، شارجہ، مدراس، ممبئي وغيره ۾ پڻ هن پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي سنڌ جو نالو روشن ڪيو.

پاڻ سنڌي، اردو، سرائڪي، پنجابي، بلوچي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڳائي سگهندو هو. هارمونيم ۽ طنبورو ساز وڄائڻ ۾ خاص مهارت حاصل هئس، پاڻ ڏنون هميشہ ديسي ڳائيندو هو. فني خدمتن عيوض مختلف طور ڪيس ٻہ ڀيرا لطيف ايوارڊ، چار ڀيرا شهباز ايوارڊ، بيدل ايوارڊ، سگا پاران ايوارڊ ۽ ٻيا گهڻا ايوارڊ مليا.

سنڌي موسيقي جو هيءُ روشن ستارو موسيقي جي اڀ تي نهايت آب و تاب سان چمڪي رهيو هو تہ، اوچتوئي اوچتو 22- مارچ1999ع تي موت جي ڪارن بادلن ۾ هميشہ هميشہ لاءِ غائب ٿي ويو. سندس وفات گڙدن جي تڪليف سبب اسلام آباد ۾ ٿي.

وسيم سومرو

محمد خان ولد محمد حسن سومرو 16- نومبر 1963ع تي ٽنڊو آدم ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پاڻ ادبي دنيا ۾ وسيم سومري جي نالي سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس شمار نئين ٽهي جي سٺن شاعرن ۽ اديبن ۾ ٿئي ٿو.

وسيم سومري بي-اي، بي-ايڊ، ايم-اي (سنڌي) ۽ ايم- ايڊ جا امتحان پاس ڪيا آهن. 1984ع کان درس ۽ تدريس جهڙي مقدس پيشي سان لاڳاپيل آهي. پاڻ مستقل طور نواب شاهہ ۾ رهي ٿو.

وسيم لکڻ جي ابتدا1978ع کان ڪئي، جڏهن پاڻ اڃا نائين درجي ۾ پڙهندو هو. هن ڪيترائي ڪالم ۽ مضمون بہ لکيا آهن، پر ادب ۾ سندس اصل سڃاڻپ شاعري آهي. جديد شاعري ۾ ڪيس سٺو مقام حاصل آهي. هن وٽ پيار محبت ۽ حسن وڏي معنيٰ رکي ٿو ۽ انهن جي اظهار جو منفرد ڏانءُ رکي ٿو. سندس شاعري ۾ وطن دوستي جي جهلڪ پڻ نمايان طور نظر اچي ٿي. سنڌ ۽ سنڌي عوام جا ڏک ۽ سور هن کي پنهنجا ڏک سور ٿيا لڳن. هن ٻولي عام

فهم ۽ تشبيهون ۽ استعارا نهايت موزون استعمال ڪيا آهن. سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب "ياد جي نيري ندي" 1996ع ۾ ۽ "سچ جي چانڊني" 1997ع ۾ ڇپجي چڪا آهن. مؤخرالذڪر ڪتاب ۾ عبدالواحد آريسر ڪي تر جي پس منظر ۾ ڪيل شاعري جي پيٽا ڏنل آهي. سندس هڪ ٻيو ڪتاب "دل جون لهرون" ڇپائيءَ هيٺ آهي.

وسيم سومري کي مختلف مقامي علمي ۽ ادبي تنظيمن ۽ ادارن کان ميڊتا طور ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره مليل آهن. نموني طور سندس هڪ غزل جابند هيٺ ڏجن ٿا.

ديس پنهنجو دل جي جهوليءَ ۾ ڏسان
خواب پنهنجا پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏسان
اوترين ئي يادگيرين ٿيون اچن
جيترا تو رنگ هوليءَ ۾ ڏسان.

وشنداس، سيٺ

سيٺ وشنداس پٽ نهالچند سن1843ع ۾ ڳوٺ مانجهو ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌ جو وڏو زميندار، سماجي ڪارڪن، راڳ جو پارکو ۽ ادب دوست انسان ٿي گذريو آهي.

راءِ بهادر سيٺ وشنداس جو والد فقيرائي طبيعت جو انسان هو، جنهن جي تربيت سيٺ صاحب تي گهڻو اثر ڪيو. ڪيس گرمکي، هندي ۽ سنڌي جي تعليم ڏياري وئي. پاڻ اڃا اوڻيهن سالن جو مس ٿيو ته، ڪيس روحاني ڳالهين طرف ڪشش ٿي ۽ پاڻ ڪوٽڙيءَ کان آگبوٽ ۾ چڙهي ملتان لهي پنجاب جي ڳوٺ چيانوال ۾ پهتو. اتي ڇهه مهينا گروءَ جي درٻار ۾ رهڻ بعد واپس ڳوٺ آيو. ۽ پوءِ اچي واپار جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. گڏوگڏ زمينن جا مقاطعا ۽ ڪاڻين جا نيڪا به ڪٽندو رهيو. پوءِ ته پنهنجي هوشياري ۽ دانشمنديءَ سان ڏسندي ڏسندي وڏو شاهوڪار بڻجي ويو. ڪراچي ۾ ڪاري در تي ڪوٺي ڪولي ڏيساور سان واپار ڪرڻ لڳو. ڪتين جا ڪارخانا چالو ڪيائين ۽ سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي زمين خريد ڪري اٺ هزار ايڪڙ زمين جو مالڪ بڻجي ويو. بخت آخر تائين سندس ساٿ ڏيندو رهيو.

سيٺ صاحب جيترو شاهوڪار هو، ايترو ئي سخي مرد به هو. پاڻ ڀلائي جي ڪمن تي دل کولي خرچ ڪندو هو. هن لاتعداد خيراتي ڪم ڪيا، جن مان چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:

بارش نه پوڻ ڪري ڏڪار پوندا هئا ته سستا اناج جا دڪان کولائي

ماٺهن کي اناج ڏيندو هو. ڳوٺن ۾ ديڳيون رڌائي خيراتي ڪاڌو ورهائيندو هو. ٻيلن جي ٻوري ۽ ٻلڙي جا مقاطعا سرڪار کان ڪٺي مالدارن کي مفت چرڻ جي اجازت ڏيندو هو. نوان واهه کوٽائي، يا نوان ڏنڊا کولي ماڻهن جي روزگار جو بندوبست ڪندو هو. بيمارين وقت مفت طبي ڪئمپون لڳرائيندو هو. 1897ع ۾ جڏهن شولاپور ۽ احمد نگر ۾ ڏڪار پيو ته، اتي به سستا دڪان کولائي ماڻهن جي مدد ڪيائين. هندن مان خراب رسمن، لباس ۽ فضول خرچيءَ کي ختم ڪرائڻ لاءِ هڪ تحريڪ هلايائين. ڏيتي ليتي جي فضول خرچن، نياڻين تان پيسا وٺڻ ۽ ٻين برائين خلاف هن هڪ ڪتاب ڇپائي پنچاتن ۾ ورهايو ۽ پنڪتي ميڙ ڪوٺائي هڪ ٺهراءُ پڻ پاس ڪرايائين. آخر ۾ حيدرآباد ۾ "وشن نگر" محلو ٺاهي ان ۾ اچي رهيو، اتي هڪ وڏو مسافر خانو کوليائين، جتي محتاج، غريبن ۽ بي سهارن ماڻهن لاءِ رهائش ۽ کاڌي پيتي جو مفت انتظام ٿيل هوندو هو. اتي اسڪول ۽ اسپتال به برپا ڪيائين، سال ۾ ميلو به لڳرائيندو هو، وغيره.

سيٺ وشنداس جيئن ته صوفياڻي طبيعت جو هو، ان ڪري راڳ سان کيس وڏي دلچسپي رهي. وٽس برصغير جا وڏا وڏا ڳويا رهندا هئا، جن ۾ هادو خان، گامڻ خان پيارو خان، مبارڪ خان، سينتو خان وغيره شامل هئا. پاڻ انهن سيني فنڪارن جي سرپرستي ڪندو هو. راڳ ۾ ايترو ماهر هوندو هو جو اڪثر ڳويا ڏڄندا هئا ته، ڪٿي سندس محفل ۾ ڳائيندي ڪا غلطي نه ڪري وجهن، مانجهوءَ ۾ سندس باغ، حيدرآباد ۾ "وشن نگر" ۽ ڪراچي ۾ "وشن سيا" نالي وارو حال سندس راڳ وارين محفلن جا مرڪز هئا. ان کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن زمين تي منزل ڪندو هو ته، اتي به تنبو هڻائي راڳ جو انتظام ڪندو هو، سندس جهاز ۾ به اهڙيون محفلون ٿينديون هيون.

سيٺ صاحب ادب دوست شخص پڻ هو، ڪيترائي اديب سندس ڪشاده دستيءَ مان مستفيد ٿيندا هئا. هن تصوف تي ڪتاب لکرايا. ڪجهه صوفي شاعرن جو ڪلام اردو، فارسي، سنڌي سرائڪي ۾ ڇپرائي مفت ورهائڻ جو انتظام ڪيائين. قرآن شريف جو ترجمو ڪرائي مفت ورهايائين. اهڙي طرح "ڪريما" جو فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ سماج جي سڌاري تي ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي مفت تقسيم ڪيائين. سماجي خدمتن جي مڃتا طور انگريز سرڪار کان کيس "راءِ بهادر" جو خطاب مليو. سيٺ صاحب سياست ۾ پڻ حصو ورتو. پاڻ 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي برپا ٿيڻ واري پهرين اجلاس کان وٺي 1918ع تائين ڪانگرس جي اڪثر اجلاسن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. پاڻ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچي جو ميمبر ۽ تعلقي لوڪلبورڊ ڪوٽڙيءَ جو صدر تاحيات رهيو.

سنڌ جي هن سپوت 7- جنوري1929ع تي چالاڻو ڪيو.

"وفا" ناتن شاهي

مشتاق علي "وفا" ولد خيرات علي قريشي 15- مئي 1944ع تي شهر بنديالا ضلعي امرتسر(ڀارت) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو مايہ ناز غزل گو شاعر آهي.

"وفا" ناتن شاهي جا والدين ورهاڱي کان پوءِ ڀارت مان لڏي اچي سنڌ ۾ ضلعي دادو جي ڳوٺ گوزي ۾ رهڻ لڳا. "وفا" صاحب گهڻو عرصو خيرپور ناتن شاهہ ۾ رهيو آهي، جنهن ڪري پاڻ کي "وفا" ناتن شاهي چورائي ٿو. پاڻ هن وقت حيدرآباد ۾ رهي ٿو.

"وفا" ناتن شاهي بي-اي ۽ وٽرنري ۾ ڊپلوما ڪري، جانورن واري اسپتال ۾ بي زبان جانورن جي خدمت ڪري رهيو آهي. شعروشاعري جو شوق کيس شاگردي واري زماني کان ئي هو. ننڍپڻ ۾ فلمي گانن جي طرز تي سنڌي گيت لکندو هو، اسڪولي ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ گيتن جون ڌنون تيار ڪندو هو. باقاعدي شاعريءَ جو آغاز 1962ع کان "محسن" ڪڪڙائي جي رهنمائي ۾ ڪيائين. هن غزل، نظم، قطع ۽ رباعي ۾ سهڻا تجربا ڪيا آهن. ڪافي رسالن ۾ سندس ڪلام ڇپيل آهي، تازو سندس شعري مجموعو "اکين ۾ الماس" پڻ ڇپيو آهي.

"وفا" صاحب واقعي وفا جو پتلو آهي. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان هن صاحب جيڪو سچائي، وفائي ۽ محبت جو ثبوت ڏنو آهي اهو قابل تحسين آهي.

سندس شاعريءَ جا ٻہ رخ آهن، هڪ مزاحمتي شاعري ۽ ٻيو مجازي شاعري. مزامتي شاعري ۾ سچن انسانن وانگر هن مسڪين شاعر بہ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جهاد جو علم بلند ڪيو آهي. مجازي شاعري ۾ جديد کان جديد انداز ۾ تشبيهون، نوان نوان لفظ ۽ گهاڙيتا ڏئي نرالي انداز سان گهڻو تڻو غزل جي صنف تي لکيو اٿس. سندس هر غزل ٻئي کان وڌيڪ وڻندڙ آهي. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

هن رسڻ پرچڻ کان هٿ جوڙي ڇڏيا
مون تمنائن جا رخ موڙي ڇڏيا
حسن زنده باد جا نعرا هڻي
مون محبت جا علم کوڙي ڇڏيا
چنڊ ڪرن ۾ لکي ويو هن جڏهن
زلف رخسارن مٿان ڇوڙي ڏيا.

ولايت علي شاهہ

سيد ولايت علي ولد سيد بگن شاهہ (اول) سن 1911ع ۾ ڳوٺ انباهہ، تعلقي لکي ضلعي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پاڻ سنڌ جو مشهور سيلاني فقير ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

سيد ولايت علي شاهہ، صوفي شاعر فيض محمد شاهہ عرف داتا فيض درياهہ شاهہ جو پائٽيوهو. پاڻ پورو سارو پڙهيل هو، اجا16 سالن جو مس ٿيو تہ، سندس والد فوت ٿي ويو ۽ پاڻ درگاهہ انباهہ شريف جي مسند تي ويٺو. پاڻ پنهنجي فرزند شاهہ بگن (دوم) جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ فقيري پائي ٻاهر روانو ٿيو. رياضتون ۽ مجاهدا بہ ڪيائين تہ سير سفر بہ ڪيائين. هن پوري سنڌ اتر، لاڙ، وچولو، ٿر ۽ ڪاڇو گهمي در در عشق جو اظهار ڪيو. سير سفر جي سلسلي ۾ بلوچستان ۽ پنجاب ڏي بہ ويو. پاڻ جڏهن فقيرن جي وڏي اٽالي سان سير سفر تي نڪرندو هو تہ، هزارين ماڻهو سندس درشن جي انتظار ۾ هوندا هئا. فقراءَ جو سپهہ سالار غلام نبي شاهہ جيلاني ۽ فقراءَ جو جمعدار جاڙو مست هوندو هو. فقيرن جو وڏو تعداد وٽس دائما رهندو هو، جن ۾ ڪيئي مست ۽ ابدال بہ شامل هئا. هر هڪ جي سنڀال پاڻ رکندو هو.

پاڻ همہ اوست نظريہ جو حامي هو. پنهنجي والد صاحب بگن شاهہ جو طالب هو، جيڪو وري فيض درياهہ شاهہ جو طالب هو. پاڻ شاهہ ولايت جي نالي سان ڪافي شاعري ڪيائين. شاعري ۾ ڪوبہ استاد ڪونہ ورتائين. سندس چونڊ ڪلام جو مجموعو "انباهہ ۾ آڙاهہ" جي نالي سان مهدي شاهہ فياضي ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي.

سيد ولايت علي شاهہ 17- مارچ 1982ع تي وصال ڪيو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏسندا.

رهبر جي رمز جو ڪي رند وٺن راهہ
اج پيئن آب حيات جي اوري ڇڏن اونداهہ
وهلو گڏين ويجهڙو والي "ولايت شاهہ"
لوچي لڏائون الله، سو جهي ساهہ پساهہ ۾.

ولي رام ولڀ

ولي رام ولڀ ولد ڪيول رام18- آگسٽ1941ع تي ٿر جي مشهور شهر مٺي ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو ڄاتل سڃاتل اديب آهي.

ولي رام ولڀ مئٽرڪ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول مٺي مان1959ع ۾، بي-اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان1964ع ۾، ايم- اي(اردو) سنڌ

يونيورسٽيءَ مان 1967ع ۾، ايل-ايل- بي جناح ڪاليج حيدرآباد مان1969ع ۾، ايم- اي (ماس ڪميونيڪيشن) ۽ ايم- اي (سوشالاجي) سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان پاس ڪئي، ۽ هاڻي پي ايچ-ڊي ۾ به رجسٽريشن ڪرائي اٿس.

ولي رام1969ع تائين بيلي ڪاٽي ۾ نوڪري ڪئي، ۽ پوءِڪجهه وقت سنئيما ائڊورٽائيزنگ ڪمپني لميٽڊ ۾ نوڪري ڪيائين ۽ هاڻي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي عهدي تي فائز آهي.

ولي رام لکڻ جي شروعات ترجمن سان ڪئي، جيئن ته پاڻ سنڌي، اردو، انگريزي، هندي، سنسڪرتي، گجراتي، سرائڪي، پنجابي ۽ ڍاٽڪي ٻوليون ڄاڻي ٿو، انهيءَ ڪري هن انهن ٻولين مان ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. هن سڀ کان پهرين گجراتي ٻوليءَ جي ڪهاڻيڪار ڏومڪيتو جي ڪهاڻي "بهشت ۽ دوزخ" ترجمو ڪئي، جيڪا ٽماهي مهراڻ ۾ 1960ع ۾ ڇپي. ان کان پوءِ سندس ترجمو ٿيل ڪهاڻيون ۽ مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳا. سندس ترجموڪيلءِ ترتيب ڏنل ڪتابن جو تفصيل هن ريت آهي:

"بند دروازو" امرتا پريتم جي پنجابي ناول جو ترجمو آهي جيڪو1978ع ۾ ڇپيو. "سيتا هرڻ" قرة العين حيدر جي مشهور ناول جو ترجمو آهي، جيڪو1977ع ۾ آگم پبليڪيشن حيدرآباد وارن شايع ڪرايو. "غدار" اردو مان ترجمو ڪيل ناول آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو 1968ع ۾ شايع ٿيو. "ڌاريو" هيءُ البرٽ ڪاميو جي فرينچ زبان ۾ لکيل ناول جو سنڌي ۾ ترجمو آهي، جيڪو1993ع ۾ شايع ٿيو. "ٽين دنيا جون ڪهاڻيون" هيءُ سندس ترجموٿيل پرڏيهي ڪهاڻين جو مجموعو آهي ۽ 1980ع ۾ شايع ٿيو. "ٽڪل سريت" اٽليءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار البرٽو موراويا جي ڪهاڻيهن جو ترجمو ۽ ترتيب 1983ع ۾ شايع ڪرايائين. "ٻار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾" 1984ع ٻارن جي موضوع تي سهيڙيل ڪتاب آهي ۽ ساڳئي سال ۾ سندس ترتيب ڏنل هڪ ٻيو ڪتاب "سدا ساوا ٻن" پڻ ڇپيو جيڪو چئن انقلابي ليکڪن محمود درويش، يشمال، پنبلونرودا ۽ لوڪار بابت آهي.

ان کان علاوه ولي رام ڪجهه مضمون، تبصرا ۽ تخليقي ڪهاڻيون به لکيون آهن، جيڪي مختلف مخزنن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيل آهن، جڏهن ته اڃا ڪافي مواد وٽس قلمي صورت ۾ پيل آهي، جن ۾ پنج ناول، ڇهه افسانن جا مجموعا، هڪ شاعريءَ جو ڪتاب ۽ دنيا جي عظيم افسانن جا چار مجموعا (ترجموٿيل) شامل آهن.

ولي رام ولبپ مختلف رسالن، مخزنن ۽ ڪتابي سلسلن جو پانهن ٻيلي ٿي رهيو آهي. جهڙوڪ: سهڻي، سنڌي ساهت، عالمي ادب ۽ آرسي وغيره. ڪيس

مجتا طور1992ع ۾ قومي ڪلچرل اقليتي ايوارڊ ۽ 1987ع۾ قليچ ايوارڊ ملي چڪا آهن.

ولي سروري

ولي محمد رونجهو المعروف ولي سروري سن 1924ع ۾ ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي ادب جي معروف شخصيت آهي.

ولي سروري بي- اي ڪرڻ کان پوءِ تعليم جي موضوع تي بي-ايڊ، ايم-ايڊ ۽ اردو ۽ فارسي ادب ۾ ايم- اي جا امتحان اعزازي حيثيت سان پاس ڪيا. 1951ع کان وٺي درس وتدريس جي معزز پيشي سان وابسته ٿيو. پاڻ ڪجهه وقت علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي ريجنل آفيس حيدرآباد ۾ ريجنل ڊائريڪٽر جي عهديَ تي رهيو. 13- سيپٽمبر1990ع تي ڪيس ڪجهه وقتِ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به مقرر ڪيو ويو.

سنڌي زبان جي ڪهنه مشق شاعر، تعليمي ماهر ۽ سنڌي ادب جي ديرينه مخلص خدمتگذار ولي سروري 1953ع کان لکڻ شروع ڪيو، اوائل ۾ الله بخش "سرشار" عقيلي جي فني صحبتن ۽ مجلسن مان خوب استفا دوڪيائين. ان زماني ۾ "ولي سرشاري" جي نالي سان لکندو هو، ليڪن بعد ۾ مخدوم طالب المولىٰ جن جي محفل سخن سان وابستگي اختيار ڪيائين ته، پوءِ1961ع کان "ولي سروري" جي قلمي نالي سان لکڻ لڳو.

ولي سروري هڪ قادر الڪلام شاعر آهي، تخلص "ڪوشان" اٿس. سندس ڪلام، فن جي رنگيني ۽ شريني ڪيس معاصر شاعرن ۾ هڪ انفراديت بخشي آهي. سندس استادانه حيثيت مان ڪيئي نوآموز شاعر فيضياب ٿيل آهن. پاڻ "لطيفيات" جي اڀياس جي سلسلي ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي اٿس. ان سلسلي ۾ ڪيترن ئي لطيفي ماڳن، پنڌن، پڌن، پٽن، اوتارن، تڪين ۽ برن رڻن ۾ پنڌ ڪري لطيفي فقيرن سان رهاڻيون ڪيائين ۽ انهن جي روايتن کي درايت جي ڪسوٽيءَ تي مسلسل پرکڻ جاچڻ ڪيائين. سندس شاعريءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سجڻ ڪي تحفو ڏنم دل مگر نه ورتائين
چيائين وبشنو آهيان ڪباب ڪونه کپي
پري کان وجي پيون پيرين اکيون
جهڪي وئي جبين سنگ در کان اڳي

ولي محمد لغاري، فقير

فقير نواب ولي محمد (ثاني) ولد نواب احمد خان لغاري جي ولادت سن1836ع ۾ ٽنڊي ولي محمد، حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ سنڌجو مايہ ناز صوفي شاعر ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي.

فقير نواب ولي محمد خان لغاري (ثاني) ٽالپوري حڪومت جي وزيراعظم نواب ولي محمد خان (اول) جو پوٽو هو. انگريزن جي قبضي بعد سندس رهائش موجوده تعلقي دولت پور صفن ۾ مرزان پور جاگير ۾ٿي، جتي سندس نالي سان سڪرنڊ - مورو ريلوي لائين تي ريلوي اسٽيشن (جيڪا هاڻي بند ٿي چڪي آهي) ۽ نيشنل هاء وي سان بس اسٽاپ (ڳوٺ) موجود آهي. فقير صاحب ان علائقي جي بزرگن ميان مقيم ۽ ميان سجاول کان فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪئي. مرزان پور جاگير کي درياهہ جي پاڻي کان پوء پاڻ مستقل طور اچي تاجپور ۾ رهڻ لڳو.

فقير نواب ولي محمد لغاري قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ڪافي ڪلام چڙهيو اٿس. ڪيس موسيقي جي بہ وڏي ڄاڻ هئي، وٽس وڏا وڏا گويا ۽ راڳيندڙ محفلون ڪرڻ ايندا هئا. پاڻ بہ ستار وڄائيندو هو. سندس گفتگو عالمانہ ۽ مدلل هوندي هئي، گهڻو ڪري بحث مباحثي ۽ اجاين ڳالهين کان پاسو ڪندو هو. سندس محفل ۾ امير ۽ فقير حاضر هوندا هئا. سندس ڪچهريء مان هر طبقہ فڪر جو ماڻهو راضي ٿي اٿندو هو. پاڻ نرم طبيعت ۽ بردبار انسان هو. طريقت جي تلقين جهوڪ شريف جي سجاده نشين صوفي ابراهيم شاهہ کان ورتل هئس. سندس شعروشاعري مان عالمانہ ۽ محققانہ بوء اچي ٿي. سندس شعر پختو ۽ علم عروض مطابق آهي.

فقير صاحب آخري عمر ۾ پنهنجي طالب مشهور صوفي شاعر محمد فقير کٽياڻ ۽ پنهنجي فرزند نواب غلام حيدر خان کي سڏي چيوتہ اسان وٽ صحبت وارا فقير ۽ معتقد جدا جدا وقتن تي اچن ٿا، انهيء ڪري ڪا هڪ تاريخ مقرر ڪئي وڃي، جنهن تي هر مهيني سيئي طالب فقراء ۽ سنگت وارا اچي گڏ ٿين جو اسين بہ ساڻن ڪچهري ڪيون ۽ فقرائن جو بہ پاڻ ۾ ميل ميلاپ ٿئي. محمد فقير ۽ غلام حيدر خان پاڻ ۾ صلاح ڪري هر مهيني جي ستين ۽ يارهين تاريخ مقرر ڪرڻ لاء چيو، جنهن کي نواب ولي محمد پسند نہ ڪيو ۽ چيائين تہ اها تاريخ هر چنڊ جي چوٿين مقرر ڪئي وڃي. اهڙي طرح هر مهيني جي چوٿين جي رات سندس طالب ۽ صحبتي اچي تاجپور ۾ نواب صاحب وٽ گڏ ٿيندا هئا ۽ ڪچهريون ۽ محفلون ڪري واپس ويندا هئا. ڏيڍ سال کن اهو سلسلو جاري رهيو تان جو سال 1332هہ ۾ رمضان شريف جي چوٿين تاريخ جي رات،

يعني27- جولاء1914ع تي فقير صاحب راهہ رباني وٺي دارالبقا ڏي روانو ٿيو. کيس تاجپور ۾ سندس ذاتي خانقاه ۾ دفن ڪيو ويو. هر سال چوٿين رمضان المبارڪ تي سندس ميلو لڳندو آهي. سندس ڪلام جو مجموعو سنڌي ادبي بورڊ طرفان1968ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ترتيب ڏنل آهي. هيٺ سندس هڪ بيت نمونوي طور ڏجي ٿو:

موت جنين کي ياد پيو سي سک تي ڪين سمهن
راتو ڏينهان وجود ۾ پتنگ جيئن پچن
ڳجهه اندر جي ڳالهڙي ظاهر ڪين ڪهن
"ولي محمد" حب اٿن ڏوراهين ڪنهن ڏيهہ جي.

وينا شرنگي

وينا شرنگي ڌيءُ مهراج گوپي ڪرشن 16- فيبروري 1948ع تي شهداد ڪوٽ، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائي. پاڻ ڀارت جي مشهور سنڌي ليکڪا ۽ آل انڊيا ريڊيو سنڌي سروس جي مايہ ناز اناؤنسر آهي.

وينا شرنگي پرائمري تعليم شهداد ڪوٽ جي مين پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي، مئٽرڪ ميونسپل هاءِ اسڪول شهداد ڪوٽ مان ۽ بي- اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪئي. جنهن کان پوءِ سندس گهر وارا ڪن مجبورين سبب 1971ع ۾ سنڌ مان لڏي ڀارت هليا ويا، جنهن ڪري وينا شرنگي بہ پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ سنڌ کي خيرباد چئي، ڀارت ۾ وڃي نئين دهلي ۾ سڪونت پذير ٿي، جتي 1976ع ۾ آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس لاءِ ترجمہ نگار ۽ اناؤنسر مقرر ٿي ۽ هينئر ڪلاس ون آفيسر جي حيثيت ۾ سينئر براڊ ڪاسٽنگ جي پرڏيهي نشريات واري ڪاتي ۾ ڪم ڪري رهي آهي ۽ ڪجهہ ريڊيو پروگرامن جي ڪمپيئرنگ جا فرائض پڻ سر انجام ڏيندي رهي ٿي.

وينا شرنگي کي ننڍي هوندي کان ئي ادب، تقرير ۽ تحرير سان شوق هوندو هو. هن ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ تمام گهڻو جاکوڙيو آهي. هن 1983ع ۾ ڀارت جي عورتن جي هڪ تنظيم "مارئي" قائم ڪئي، جنهنجي پاڻ جنرل سيڪريٽري آهي. هن تنظيم جي زير نگراني ورهاڱي کان پوءِ پهريون ڀيرو 1987ع ۾ "عالمي شاهہ لطيف ڪانفرنس" دهليءَ ۾ ڪوٺائي وئي. جنهن کان پوءِ بہ ٻيون "شاهہ سچل سامي" ڪانفرنسون ڪرنايون ويون، جن ۾ هند ۽ سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن شرڪت ڪئي هئي. 1985ع ۾ مارئي تنظيم طرفان هندستان جي وزيراعظم راجيو گانڌي کي وينا شرنگي جي قيادت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر بابت مطالبن جو چِٽر پيش ڪيو ويو. پاڻ 1994ع کان1996ع

تائين دهلي سنڌي اڪيڊمي جي پهرين گورننگ باڊي ايگزيڪيٽو ۽ لٽرري ڪميٽي جي ميمبر طور خدمتون سر انجام ڏئي چڪي آهي. 1999ع ۾ سنڌي اڪيڊمي طرفان شايع ڪيل ٽماهي رسالي ”سنڌو جوت“ جي خاص ڪهاڻي پرچي جي گيسٽ ايڊيٽر طور خدمتون سر انجام ڏنيون. پاڻ هند توڙي سنڌ ۾ منعقد ٿيل ڪيتي ڪانفرنسن ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ شرڪت ڪري چڪي آهي. هند ۽ سنڌ کان ٻاهر 1990ع ۾ آمريڪا ۾ ”سنڌي ائسو سيئيشن آف نارٿ آمريڪا“ (SANA) طرفان سڏايل ڪانفرنس ۽ 1995ع ۾ ”ورلڊ سنڌي ڪانگريس“ طرفان لنڊن ۾ سڏايل ڪانفرنس ۾ پڻ شرڪت ڪري چڪي آهي.

وينا شرنگي مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، پاڻ سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري به ڪري ٿي. سندس لکڻيون پارت جي مڙني سنڌي رسالن ۽ سنڌ جي پڻ ڪن رسالن ۾ شايع ٿينديون رهن ٿيون. ڪيس سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان جنون جي حد تائين پيار آهي.

ريڊيو جي حوالي سان وينا شرنگي آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس تان مختلف علمي، ادبي ۽ موسيقي جي پروگرامن ۾ پنهنجي مڌر ۽ منڙي آواز ۾ خوبصورت ڪمپيئرنگ سان هند ۽ سنڌ جي ٻڌندڙن کي سالن کان مسلسل محظوظ ڪندي پئي اچي. ريڊيو جي پروگرامن ۾ سندس ڪيل گفتگو مان پڻ سنڌي قوميت واري جذبي جي جهلڪ محسوس ٿيندي آهي.

پاڻ ٽيليويزن تي پڻ ڪم ڪري چڪي آهي. دهلي سيٽلائيٽ ٽيليويزن تان ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ پهرين سنڌي ڊرامي ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو، جيڪو مختلف ٽي- وي سينٽرن تان ڏيکاريو ويو هو، ان کان سواءِ ٽي-وي تي مشاعرن ۽ ڪجهه ٻين ادبي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪري چڪي آهي.

وينا شرنگي کي ادبي ۽ فني خدمتن عيوض ڪيترائي انعام، ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ وغيره ملي چڪا آهن، جن ۾ 1994ع ۾ دوبئي جي ايسٽوري ٻائي فائونڊيشن طرفان مليل <Women of the year> جو خطاب ۽ ڏهه هزار روپيا نقد انعام، 1995ع ۾ ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي جي ياد ۾ مليل گولڊ ميڊل ۽ آل انڊيا سنڌي ڪلچرل سوسائٽي جئپور راجستان طرفان مليل ٽرافي شامل آهي.

وينا شرنگي صاحبه جا شايع ٿيل ڪتاب هن ريت آهن.

ڪيتن وساريان وڙهيچن (ٻچپن جي يادن تي مشتمل- 1984ع)- منهنجي پيشي جا گل ۽ خار (سندس فني سفر جي احوال تي مشتمل)- پڪا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا (1987ع)- زندگي هڪ ناٽڪ (ڪهاڻيون - 1988ع)- منهنجا معصوم سڄڻ (1989ع)- اڌ ڪليون اڪيون (ڪهاڻيون- 1990ع)- ڪچان تا ڪافر (1992ع)- واسنا جو واسينگ (ڪهاڻيون- 1996ع)- اجتنا جي مورت شاعري (1997ع)- ۽ سنڌو ڪناري نئون تاريخي باب (سفر نامو- 1998ع).

هادي بخش لاڙڪ

هادي بخش لاڙڪ سن 1928ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ڄائو. پاڻ مشهور اديب، صحافي، وڪيل ۽ سماجي خدمتگذار هو.

هادي بخش لاڙڪ قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيو. ڪيس خيرپور جو ماهر وڪيل سمجهيو ويندو هو. پاڻ سالن جا سال لاڪاليج جو پرنسيپال پڻ ٿي رهيو. ادب سان سندس وابستگي شروع کان ٿي رهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو. هن ڪيترائي معياري مضمون لکيا جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. ڪجهه عرصو هفتيوار "پڙاڏو" جو ايڊيٽر به رهيو. خيرپور اسٽيٽ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران شاگرد برادري جي ڀلائي لاءِ خيرپور مان "محافظ" نالي رسالو سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾ نڪرندو هو. لاڙڪ صاحب انجو مخزن سيڪريٽري ٿي رهيو. پاڻ سچل ميموريل اڪيڊمي جي باني مان هو 83-1982ع وارن يادگار سچل نيشنل سيمينارن جي ڪاميابي ۾ سندس وڏو عمل دخل رهيو.

هادي بخش لاڙڪ سماجي ڪمن جي حوالي سان به پنهنجي علائقي ۾ مشهور هو. هن خيرپور جي ڪيترن ئي سماجي توڙي ادبي تنظيمن کي سرگرم ڪيو. ناز هاءِ اسڪول اولڊ بوائز ويلفيئر ائسو سيئيشن جو بنياد به لاڙڪ صاحب رکيو. ٻارن جي معياري تعليم لاءِ خيرپور ۾ نووا پرائمري اسڪول قائم ڪيائين. هن سياست ۾ به ڀرپور ورتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو.

هادي بخش لاڙڪ 10- فيبروري 1985ع تي خيرپور ۾ وفات ڪئي.

هارون رند

هارون رند جي ولادت 24- ڊسمبر 1946ع تي ڳوٺ محمد يوسف بلوچ لڳ ڪوٽڙي، ضلعي دادو ۾ ٿي. پاڻ پاڪستان ٽيليويزن جو معروف پروڊيوسر آهي.

هارون رند پرائمري تعليم نانگا لائين ڪوٽڙي ۾ ورتي، مئٽرڪ 1964ع ۾ شير دل هاءِ اسڪول ڪوٽڙي مان، انٽر سائنس سچل ڪاليج حيدرآباد مان ۽ بي- ايس- سي ناظم آباد ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪئي.

هارون رند جو تعلق هڪ اهڙي خاندان سان آهي، جيڪو گهڻي عرصي کان فن ۽ علم جي دولت سان مالامال آهي. انهيءَ ڪري سندس طبيعت جو لاڙو شروع کان ئي ادب ۽ فن طرف رهيو. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز واٽر فيڪٽري ۾ بطور چيف اسسٽنٽ سان ڪيو، پاڻ سئي گيس ۾ سپروائيزر پڻ رهيو. ان کان پوءِ چابي اسٽوڊيو جوائن ڪيائين، ان بعد پاڻ ماڊرن فلمي

اسٽوڊيو ۾ ڪم ڪرڻ لڳو، جتي وڏن فنڪارن ۽ اديبن سان گڏ ڪيس ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، ان اسٽوڊيو مان شروعاتي فلمون يوسف خان ۽ شيربانو رليز ٿيون. پاڻ هن اسٽوڊيو ۾ سائونڊ اسسٽنٽ طور ڪم ڪندو هو. جنهن ڪان پوءِ منظور قريشي سان گڏ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته ٿيو. ان ڪان اڳ هو ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ عبدالحق ابڙو، منظور قريشي ۽ ٻين مشهور فنڪارن سان گڏ ڪم ڪري چڪو هو. هن 1972ع تائين ريڊيو ۽ مختلف فلمي اسٽوڊيوز ۾ وڏي محنت سان ڪم ڪيو. ان ڪان پوءِ 1973ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن ۾ پروڊيوسر مقرر ٿيو ۽ هن وقت ان عهدي تي رهندي ڪراچي سينٽر تي پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي.

ٽيليويزن تي 75-1974ع دوران پروگرام روشن تارا سندس نگراني ۾ پيش ٿيندو رهيو. 1975ع ۾ علي بابا جو لکيل جڳ مشهور ڊرامو "دنگي منجهه درياهه" هارون صاحب وڏي محنت سان پيش ڪري پنهنجو نالو روشن ڪيو. هن ڊرامي تي ڪيس پي-ٽي- وي ايوارڊ مليو. ان ڪان پوءِ سندس پيش ڪيل ڪيترائي ڊراما ڏاڍا مقبول ٿيا آهن. هن ڪيترائي فنڪار ۽ اديب ٽي-وي تي متعارف ڪرايا. جن ۾ نورالهديٰ شاهه، صفدر بلوچ، منظور مراد، محمود مغل، طارق عالم، انور سولنگي وغيره شامل آهن، جن مان ڪيترائي اڄڪلهه ٽيليويزن جي ضرورت بڻيل آهن.

هارون رند با صلاحيت ۽ محنتي پروڊيوسر آهي، پاڻ رات ڏينهن پنهنجي ڪم جي ڌن ۾ مست هوندو آهي. پاڻ پنهنجي سچائي، خلوص، محنت ۽ ذهانت سبب شهرت جي بلندين تائين پهچي چڪو آهي.

هاسا رام، پروفيسر

پروفيسر هاسا رام پٽ سندرداس پمناڻي 10- اپريل 1888ع تي روهڙي شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور سماجي ورڪر، شاعر ۽ ليکڪ هو.

پروفيسر هاسا رام ثانوي تائين تعليم روهڙيءَ حاصل ڪئي، 1906ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پهريان ٻڙوداجي ڪاليج ۾ ۽ پوءِ فرگوسن ڪاليج پوني ۾ داخل ٿيو، جتان فلاسفيءَ ۾ بي- اي پاس ڪري واپس وطن اچي روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي وجي تعليم کاتي ۾ ملازم بڻيو جتي ترقي ڪندو حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ... مقرر ٿيو. 1921ع ۾ "قطع تعلقات" واري هلچل جي ڪري نوڪري ... تحريڪ ۾ شامل ٿيو.

پروفيسر هاسا رام صوفي منش ماڻهو هو، شاهه لطيف، سامي، سچل

۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام گهڻو ياد هوندو هئس. پاڻ به شاعري ڪندو هو. سندس گرو لاڙڪاڻي جو سوامي ڏرمداس هو، جنهنجي نالي پوياڻ روهڙي ۾ "سوامي ڏرمداس شيو منڊلي" برپا ڪيائين، جنهنجون شاخون مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پڻ قائم ڪيائين. شام جو روزانو پاڻ منڊليءَ ۾ ست سنگت ڪندو هو ۽ انجي وسيلي ماڻهن تائين گروءَ جو پيغام پهچائيندو هو. 1917ع ۾ "ست سنگت ولاس" ۽ 1919ع ۾ "ڌرم درشن" نالي رسالا جاري ڪيائين، جن ۾ ڌرمي سکيا بابت ڪهاڻيون، مضمون ۽ مختلف مذهبن جا متا ۽ مختلف مذهبن جي مکيه ڪتابن جا ترجما وغيره ڇپيا هئا. ان کان علاوه پروفيسر ڪيترائي ننڍا ننڍا ڪتاب مذهب متعلق لکيا، جن ۾، من جيتني- جڳت جيت- گيان مالا- سري رامچندر- سار ڪتا ولي جا سنڌيءَ ۾ ترجما- سک جي چاهه- موڪشن پنڌار- اڇوت اڌارا ۽ خدا ڏي موٽ وغيره شامل آهن.

پروفيسر صاحب کي عام ڀلائي جي ڪمن ۾ حصو وٺڻ جو وڏو جذبو هوندو هو. 1927ع انهن ٻوڏن 1931ع ۾ سنڌ ۾ وڏيون ٻوڏون آيون هن دوران ماڻهن ۾ هزارين روپيا نقد ۽ ڪپڙو، ڪاڏو ۽ دوائون وغيره ورهايون. پاڻ ڪيترن ئي تعليمي ادارن جو سرپرست ۽ مئنيجر ٿي رهيو، 1923ع ۾ پائي ڏيئو مل جي نالي تي سدا ورت قائم ڪيائين، روهڙي ۾ تلڪ قومي هاءِ اسڪول ۽ تلڪ کاڌي فيڪٽري کوليائين.

پروفيسر صاحب سياست ۾ به حصو ورتو. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ڪانگريس جو پيغام پهچائيندو هو. 1937ع ۾ ڪانگريس جي ٽڪيٽ تي روهڙي سب ڊويزن مان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو.

1939ع ۾ سکر ۾ مسجد منزل گاهه [1] جي مسئلي تي ۽ پڳت ڪنور رام جي قتل سبب هندو- مسلم ڇڪتاڻ پيدا ٿي، ان بابت هاسا رام سنڌ اسيمبليءَ ۾ سخت تقرير ڪئي. ان کان پوءِ کيس ڌمڪيون ملڻ لڳيون. آخر 17- جولائي 1940ع تي روهڙي ۾ گس ويندي کيس گوليون هڻي قتل ڪيو

(1) سکر ۾ مير معصوم شاهه بکري جي جوڙايل "مسجد منزل گاهه" کي انگريزن 1843ع ۾ پنهنجي قبضي ۾ آڻي برطانوي فوج جي رهائش گاهه بڻائي ڇڏيو. 1920ع کان سنڌ جي مسلمانن مسجد جي آزادي لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. پهرين آڪٽوبر 1939ع تي سکر ۾ مسلمانن زبردست احتجاجي مظاهرو ڪيو، جنهن کان پوءِ 4- آڪٽوبر 1939ع تي مسجد جو قبضو مسلمانن کي ڏنو ويو. جنهن تي هندن وڏو احتجاج ڪيو. جنهن ڪري 19-نومبر 1939ع تي انگريز سرڪار مسجد وري پنهنجي تحويل ۾ آڻي ڇڏي جنهن کان پوءِ هندو- مسلم فساد شروع ٿي ويا جن ۾ ٻنهي پاسي کان وڏو جاني مالي نقصان ٿيو. آخر 11- جنوري 1941ع تي مسجد کي هميشه لاءِ مسلمانن جي حوالي ڪيو ويو.

ويو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

پگتي پگتي سيڪو چوي هاسا پگتي جاٽي ڪو
ســـر تسريءَ تـــي جر ڌري پـــگت چنــبـــو ســـو
چوڻ ڪـرڻ ۾ آهــي هــاســـا وڏو ڦـنـد ۽ ڦــيــر
رهٽيءَ سندو گـهـيـڙ جي لـهـين تـہ لـڪ ٽـٽـي.

هدايت الله "مشتاق" هالائي

آخوند هدايت الله "مشتاق" ولد عبدالله ميمڻ سن 1869ع ۾ تعلقي هالا جي ڪنهن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ سنڌي زبان ۾ انشا پردازيءَ جو ناميارو ليکڪ ٿي گذريو آهي.

آخوند هدايت الله جو تعلق هڪ علم واري گهراڻي سان هو. ابتدائي تعليم گهر ۾ حاصل ڪيائين ۽ پوءِ مولانا محمد حسن دادويءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتان عربي ۽ فارسي جا علم پڙهي فارغ التحصيل ٿيو.

آخوند صاحب ڪمال جي ذهانت رکندڙ هو. سندس حافظو تمام تيز هو. هن نثر توڙي نظم ۾ طبع آزمائي ڪئي پاڻ صاحب تصنيف هو. سندس اکر تمام سهڻا هوندا هئا جنهن ڪري ڪتابت بہ پاڻ ئي ڪندو هو. هن 1894ع ۾ هڪ ڪتاب "هدايت الانشاء" نالي سان لکيو، جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو. هن ڪتاب ۾ تحرير جو نمونو نهايت معلوماتي، رس، رچاءُ ۽ رواني وارو استعمال ڪيل آهي. ٻولي سليس ۽ عام فهم استعمال ٿيل آهي، انڪري ٿوري علم واري ماڻهو کي بہ آساني سان سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿو.

آخوند هدايت الله "مشتاق" هالائي 21-جون 1935ع تي وصال ڪيو.

هدايت پريم، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر هدايت الله آخوند ولد عبدالڪريم آخوند 24- مارچ 1946ع تي اباڙي ضلعي گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ لسانيات جو ماهر ۽ نالي وارو اديب ۽ محقق آهي. ادبي دنيا ۾ "هدايت پريم" جي قلمي نالي سان مشهور آهي.

ڊاڪٽر هدايت پريم ابتدائي تعليم روهڙي ۾ ورتي. ثانوي تعليم سکر ۾ حاصل ڪئي ۽ ايم-اي (سنڌي) 1971ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪئي. پاڻ ڀرپور ٻيلي کاتي ۾ آفيسر هو. 1989ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، جتي هاڻي اسسٽنٽ پروفيسر آهي.

ڊاڪٽر هدايت پريم 1989ع ۾ اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز لنڊن مان لسانيات ۾ ڊپلوما ڪري آيو ۽ 1995ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ

مان پي- ايچ- ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب ڪجهه ڪهاڻيون ۽ ڪيئي تحقيقي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. هيل تائين سندس ٽي ڪتاب ۽ 42 مقالا ڇپجي چڪا آهن. سندس لکڻين جو تعلق اڪثر ڪري لسانيات جي موضوع سان آهي. سندس لکيل ڪتابن مان "سنڌي ٻوليءَ جا محقق" نالي ڪتاب سنڌي ادب جي هڪ بهترين سوکڙي آهي، جنهن ۾ هن صاحب سنڌي ٻوليءَ جي پاڙيهن ماهرن جي زندگيءَ بابت ڄاڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت سندن رايا پيش ڪيا آهن. اهو ڪتاب سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران 1994ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

سندس وڏيڪ علمي ادبي جاڪوڙ جاري ساري آهي. پاڻ نهايت با اخلاق، باڪردار، ملنسار، يار ويس، سچار محنتي ۽ مخلص انسان آهي.

هدايت علي نجفي "تارڪ"

فقير هدايت علي نجفي "تارڪ" ولد فقير الهداد عرف تراب علي تنيو 29- جولاءِ 1894ع تي ڳوٺ لعلو رائنڪ تعلقي وارهه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هفت زبان شاعر ۽ وڏو عارف، سالڪ ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. کيس تاج الشعراء، فخر الشعراء، خادم الفقراء، زبدة العارفين، قدوة السالڪين، وغيره جي اعليٰ لقبن سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

هدايت علي نجفي جيئن ته تمام ذهين هو، انڪري ديني خواه دنيوي تعليم ۾ خاصي مهارت حاصل ڪيائين ۽ ستت ئي فارسي، عربي، سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي ۽ پنجابي زبانن تي عبور حاصل ڪري ورتائين.

فقير صاحب مٿي ڄاڻايل ستن زبانن ۾ شاعري ڪئي آهي، پهريان "نجفي" تخلص هئس، جنهن کي پوءِ "تارڪ" ۾ تبديل ڪيائين. واقعي هو تارڪ الدنيا هئو. هو انسانيت جو پيرو ڪار، امن آتشي جو ڏرم رکندڙ انسان، ڪيني ۽ ڪلفت کان ڪنارو ڪندڙ، سچ جو ساٿي ۽ قربت وارو عظيم انسان هو. سندس ڪلام ۾ رنگيني، سلاست، رواني ۽ لفظن جي سادگي آهي. سندس شعر تقريباً هر صنف تي علم عروض موجب نهايت پڪي، پختي ۽ اعليٰ پايي جو آهي. خاص ڪري ڪافيون، رباعيون، مثنويون، قطعات، معمائون، مرثيا، مسدس، ڏوهيڙا ۽ غزل گهڻي انداز ۾ ڇپيل ملن ٿا. سندس سنڌي ديوان ڇپيل آهي، جيڪو ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جو ترتيب ڏنل آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1989ع ۾ ڇپيو آهي. عربي ۽ فارسيءَ ۾ به ديوان جڙيل اٿس، جيڪي قلمي صورت ۾ آهن.

فقير هدايت علي نجفي جوانيءَ جي جوڀن ۾ مجازي عشق جي ڪڙيءَ ۾

قيد ٿي ويو، جنهنجي ناڪاميءَ کيس هميشه لاءِ مجرد بنائي ڇڏيو. سلوڪ جي راهه ۾ پاڻ نوشهري فيروز جي نقشبندي بزرگ ميان صفي الله جو مريد هو. دريا خان فقير ۽ فقير نواب ولي محمد لغاري سان به سندس خاص عقيدت هئي. سندس شاگردن ۾ دادن فقير، حڪيم عبدالڪريم قاضي، اظهر گيلاني ۽ ڪي ٻيا نالي وارا شاعر شامل آهن.

هدايت علي نجفي صاحب بلند پايه عالم، اديب ۽ نثر نويس پڻ هئو. هن سنڌ جي ٿوري عرصي ۾ 200 ڪتاب لکيا، جن ۾ سواءِ هڪ ٻن جي باقي سڀ قلمي صورت ۾ آهن ۽ هن وقت ناياب آهن. البته 45 ڪتاب سندس شاگرد اظهر گيلاني جي لائبريري ۾ موجود آهن. فقير صاحب بو علي قلندر جي فارسي مثنوي جو سنڌي ۾ ترجمو "چمڪندڙ گوهر" جي نالي سان ڪيو، جيڪو اظهر گيلاني 1964ع ۾ ڇپرايو. سندس هڪ ٻيو ڪتاب " تاريخ شعراءِ سنڌ" به گهڻو مشهور آهي. پاڻ خوش خط پڻ هئو. چار قرآن شريف ڪتابت ڪيائين. فقير نواب ولي محمد لغاري جي رسالي "واعظ العشاق" جي هڪ قلمي ڪاپي به تيار ڪئي هئائين.

فقير هدايت علي نجفي "تارڪ" 9- مارچ 1939ع تي وفات ڪئي.

نموني طور سندس هڪ غزل جا شعر آهن:

عيش عشرت رنج راحت وصل هجرت چار ڏينهن
عشق الفت يا عداوت آهي مدت چار ڏينهن
فر شاهي ڪج ڪلاهي سڀ سپاهي سڀ گذر
شان شوڪت ناز نعمت تاب حشمت چار ڏينهن

هر چند راءِ سيٺ

سيٺ هر چند راءِ پٽ سيٺ وشنداس اپريل 1862ع ۾ ڳوٺ مانجهو تعلقي ڪوٽڙي ۾ ڄائو. سندس شمار سنڌ جي انهن سپوتن ۾ ٿئي ٿو، جن سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي لاءِ جاکوڙيو. سندس پيءُ وڏو پنسي وارو ۽ هر دل عزيز انسان هو.

سيٺ هر چند راءِ 1885ع ۾ بمبئيءَ مان ايل- ايل- بي جو امتحان پاس ڪري اچي ڪراچي ۾ وڪالت شروع ڪئي. هو هڪ مدبر وڪيل، صوفي نموني جو هندو، فراخ دل انسان ۽ هندو مسلم اتحاد جو زبردست حامي ليڊر هو. پاڻ 1899ع کان 1921ع تائين ڪراچي ميونسپالٽي جو ڀيرئيان ممبر ٿيو ۽ قانوني مدبر ۽ آخر ۾ پريزيڊنٽ ٿي رهيو. 1910ع کان 1921ع تائين بمبئي ڪائونسل جو سنڌ جي ميونسپالٽين پاران ميمبر رهيو. ان دوران سنڌ [illegible]

ڪمن لاءِ هن گهڻو ڀاڱ پتوڙيو. پاڻ جواني واري وقت کان وٺي ڪانگريس جو ميمبر رهيو. جڏهن 1913ع ۾ ڪراچي ۾ ڪانگريس جو اجلاس نواب سيد محمد جي زير صدارت ٿيو ته، هن صاحب کي استقباليه ڪميٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو هو. ان موقعي تي هن پنهنجي مرحبائي تقرير ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ٿيڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو. جيئن ته اڪثر ڪانگريسي ليڊرن سنڌ جي جدائي واري تحريڪ دوران ڪن لاتاري اختيار ڪئي هئي، پر هر چند راءِ زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين نهايت سچائي ۽ بيباڪي سان ان تحريڪ ۾ سرگرم عمل رهيو. ان سلسلي ۾ ڪيترين ئي ڪانفرنسون ۽ گڏجاڻيون سندس صدارت ۾ ٿيون.

سنڌ ۾ جڏهن هندو- مسلم ڇڪ تاڻ شروع ٿي ته، سيٺ صاحب رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي سان گڏجي هندو-مسلم ناهر لاءِ گهڻيون ڪوششون ڪيون. پاڻ ڪيترن ئي علمي ادبي ۽ سماجي ادارن ۽ تنظيمن سان وابسته رهيو. هن سنڌ ليگ آف پراگريس برپا ڪئي، جنهنجو پاڻ صدر ٿي رهيو. آخري وقت ۾ جڏهن هو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو ۽ 1928ع ۾ سائمن ڪميشن جي بائڪاٽ جو ٺهراءُ اسيمبلي ۾ آيو، تڏهن پاڻ بيماريءَ جي حالت ۾ به دهلي پهتو ۽ بائڪاٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو، دهليءَ ۾ ئي 16- فيبروري 1928ع تي وفات ڪري ويو.

هرومل سدا رنگاڻي، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر هرومل پٽ ايسر داس سدا رنگاڻي 22- آڪٽوبر 1913ع تي شهداد پور ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. پاڻ اعليٰ درجي جو شاعر اديب، محقق، مترجم ۽ درويش صفت انسان هو.

ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي ابتدائي تعليم شهداد پور ۾ حاصل ڪئي، جنهن کان پوءِ سنڌ نيشنل ڪاليج حيدرآباد، ڊي- جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ اسماعيل ڪاليج بمبئي ۾ پڙهيو. هن سنڌ جي فارسي شاعرن تي تحقيق ڪري 1946ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب هتي سنڌ ۾ ڊي- جي ڪاليج ڪراچي ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ 1947ع تائين "سنڌي ساهت مرڪزي صلاحڪار بورڊ" يعني موجوده سنڌي *ادبي بورڊ جو ميمبر به رهيو. بورڊ طرفان نڪرندڙ مشهور رسالي "مهراڻ" جو پهريون ايڊيٽر به پاڻ ئي مقرر ٿيو. هيءُ رسالو جنوري 1946ع کان ٽه ماهي ۽ ٻن سالن کان پوءِ ٽماهي پرچو ٿي نڪرڻ لڳو ۽ اڄ تائين وڏي آب وتاب سان نڪرندو اچي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر سدا رنگاڻي سنڌ مان لڏي وڃي ڀارت جي

شهر دهلي ۾ رهيو. اتي دهلي يونيورسٽي ۾ فارسيءَ جي شعبي سان وابسته ٿي ويو. اڳتي هلي کيس تهران يونيورسٽيءَ ۾ وڌيڪ تحقيق ۽ تعليم پرائڻ جو موقعو مليو. هن اتي 1956ع ۾ "پارسي گويان هندو سند" جي عنوان سان پنهنجو تحقيقي مقالو مڪمل ڪيو. هن ساهتيه اڪيڊمي ۽ آل انڊيا ريڊيو ۾ به ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ جو نامور شاعر به هو ۽ تخلص "خادم" استعمال ڪندو هو، سندس ڪافي شعري مجموعا ڇپيل آهن. جن مان رنگين رباعيون- روح ڏنو ريلو- پره جي باک- ڇيڄ- ۽، خشبوءِ جو سفر گهڻو مشهور آهن. "ڪک ۽ ڪانا" سندس لکيل ادبي مضمونن جو بهترين ڪتاب آهي. پاڻ سٺو مترجم پڻ هئو، سندس ترجمو ڪيل چار ڪتاب بابر نامو- گرو گوبند سنگهه- امراؤ جان ادا- ۽، ولٽول شايع ٿيل آهن. سنڌ جي حوالي سان سندس ٻه ڪتاب وڏي اهميت رکن ٿا. هڪ سندس ڊاڪٽوريٽ لاءِ لکيل مقالو "پرشين پوئٽس آف سنڌ" جيڪو پهريان 1956ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو ۽ بعد ۾ 1987ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن به سنڌ ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب اڳتي هلي ننڍي کنڊ کان علاوه ايران، روس ۽ يورپ ۾ سنڌ جي فارسيءَادب جي باري ۾ ٿيندڙ اڀياس ۾ وڏي مدد ڪئي. سنڌ بابت سندس ٻيو ڪتاب "ڪنور پاڙون پاتار ۾" سال 1984ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ نهايت تحقيق سان ٻڌايو ويو آهي ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شعر تي عربي، فارسي، پنجابي، هندي ۽ سنڌي شاعرن جو ڪيترو اثر پيو آهي.

ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي 6- ڊسمبر 1992ع تي دهلي ۾ پرلوڪ پڌاريو. نموني طور سندس هڪ غزل جا شعر هيٺ ڏجن ٿا:

گلن کي بخشـُـو آ هيمر سوز پنهاني
چمن ۾ ڪيئن نه ڪريان هاڻ آتش افشاني
سياهه زلف ۾ ٻگل لپٽيل خدا جو شان
ڏني سون ڪفر جي آغوش ۾ مسلماني
عجيب شباب جي مستي ٿي وحشت افزائي
ڪندي اسانکي به ديوانو نيٺ ديواني.

هري "دلگير"

هريرام "دلگير" پٽ گرڏنومل درياڻي 15- جون 1916ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄائو. سندس شمار جديد شاعريءَ جي برک شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

هري درياڻي "دلگير" انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي مان بي- اي پاس

ڪري ملازمت اختيار ڪئي. پهريان اوورسيئر مقرر ٿيو ۽ پوءِ ترقي ڪندو ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي عهدي تي پهتو. 1958ع ۾ هندستان هليو ويو، جتي ٽولاٽي پاليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ آدي پور (ڪڇ) ۾ فائونڊر پرنسپال ٿي رهيو. ساڳئي وقت گانڌي ڊام ڪاليجيٽ بورڊ جو بنيادي سيڪريٽري به ٿي رهيو، سا هتيه اڪيڊمي بمبئي يونيورسٽي ۽ گجرات يونيورسٽي جي سنڌي ورياڱ سان گهرو ڳانڍاپو رهيس.

هري "دلگير" جو نالو انهن چند اوائلي جدت پسند شاعرن جي لسٽ ۾ شامل آهي جن سنڌي شاعريءَ جي خارجي ماحول مان جان ڇڏائي ۽ ايراني ۽ اردو رنگ مان نڪري پهريون ڀيرو نيٺ سنڌي زبان ۽ وطني تشبيهون ڏئي شاعري ڪئي.

"دلگير" صاحب سنڌي شاعري کي نوان گهاڙيٽا ڏنا. سادگي ۽ سلاست سندس ڪلام جون خاص خوبيون آهن ان کان سواءِ سندس ڪلام ۾ بي پناهه رواني ۽ لفظن ۾ هڪ قسم جو ترنم آهي. انهيءَ سلسلي ۾ نواز علي "نياز" جعفري کي استاد ڪري مڃيندو هو. لاڙڪاڻي جي مشاعرن توڙي عام ادبي محفلن ۾ به گهري دلچسپي وٺندو هو، سندس شعر سنڌ ۽ هند جي مختلف رسالن ۾ ڪثرت سان ڇپجندو رهيو. "دلگير" تخلص سان بيت، وايون، پنجڪڙا گيت، غزل، ترائيل، نظم، ٽيڙو، قطعا، رباعيون وغيره تي خوب طبع آزمائي ڪيائين. نظم ته هن اهڙي منفرد انداز ۾ لکيو آهي جو انهيءَ سلسلي ۾ هن کي جديد شاعرن مان ڪنهن سان به ڀيٽي نٿو سگهجي. "ڦليلي"، "قيدي" ۽ ٻيا ڪيترائي شاهڪار نظم لکيائين. ڪيس هميشه معاشري جي سڌارڻ ۽ اوٿاين جي هورا ڪورا دل ۾ لڳل رهي ۽ ان لاءِ گهڻو ڪجهه لکيائين. سندس هيٺيان شعري مجموعا منظر عام تي آيل آهن:

هرشچندر جي ڪوتا (1941ع- سنڌ مان)- ڪرڻ (1942ع- سنڌ مان)- ماڪ ڦڙا (1953ع- سنڌ مان- نارائڻ شيام سان گڏ)- موج ڪئي مهراڻ (1966ع)- ۽، پل پل جو پڙلاءُ (1977ع).

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ڪنڌئين جي ياد ته تنهنجي نهار ۾ هوندس
چمن ۾ گيت ۾ هرڪوهسار ۾ هوندس
جڏهن ٿون سيج تي سمهندئين ته خواب ۾ ايندس
۽ جاڳ ۽ تنهنجي ڳوڙهن جي تار ۾ هوندس.

هزارو خان "مجاهد"

هزارو خان "مجاهد" ولد لعل بخش عباسي 13- آگسٽ 1924ع تي ڳوٺ گهوگهاري تعلقي قمبر، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار سنڌ جي قادر الڪلام شاعرن ۾ ٿئي ٿو.

هزارو خان "مجاهد" جا وڏا سندس ولادت کان پوءِ سگهوئي ڳوٺ گهوگهاري مان لڏي اچي شهر وڳڻ تعلقي وارهه ۾ ويٺا، جتان بعد ۾ "مجاهد" صاحب لڏي وڃي شڪارپور شهر ۾ ويٺو. هن عملي زندگيءَ جو آغاز 1943ع ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان ڪيو.

ماستر هزاري خان "مجاهد" شاعري جي مڙني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، ليڪن غزل سندس پسنديده صنف رهي. سخن جي ميدان ۾ عبدالڪريم "تراب" کان رهنمائي حاصل ڪيائين. سندس شاعريءَ جا ٽي ڪتابڙا شايع ٿيل آهن. جن جا نالا آهن: ڪلام مجاهد- گل ئي گل- ۽، باقي ٻيا بچيو آهي.

ان کان علاوه سندس اڻ ڇپيل ڪلام جو مجموعو "جذبات مجاهد" جي نالي سان ٻن ضخيم جلدن ۾ قلمي صورت ۾ موجود آهي. سندس ڪلام جو نمونو آهي.

مـاٺـهـو وجهـين ٿـو مـاري نـخري ۽ ناز ۾
مـــاري وري جيـــارين آهــين جي راز ۾
موهي وجهين ٿو منڊا مرڪي تون مرڪ سان
دلـبـر ڪـسـي تـو دل آ هـڪـڙي غمـاز ۾.

هوتچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر

ڊاڪٽر هوتچند پٽ مولچند گربخشاڻي 8- مارچ 1884ع تي حيدرآباد جي گربخشاڻي عاملن جي خاندان ۾ ڄائو. پاڻ لاکيڻي لطيف جو ناميارو پارکو ۽ سنڌي زبان جو باڪمال نثر نويس ٿي گذريو آهي.

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي ابتدائي تعليم چرچ مشن اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي، سيڪنڊري تعليم اين- ايچ اڪيڊمي حيدرآباد ۾ ورتي 1899ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين. جنهن کان پوءِ 1900ع ۾ ڊي- جي ڪاليج ۾ داخل ٿيو جتان 1905ع ۾ بي- اي پاس ڪيائين. وڌيڪ پڙهڻ لاءِ بمبئيءَ جو رخ ڪيائين، جتي ولسن ڪاليج مان 1907ع ۾ فارسي ۽ انگريزي مضمونن ۾ ايم- اي پاس ڪري ساڳئي ڪاليج ۾ انگريزي ۽ فارسيءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. هڪ سال بعد 1908ع ۾ موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ ڊي- جي

سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ فارسي جو پروفيسر ٿيو ۽ پوءِ ساڳئي ڪاليج جو 1937ع ۾ پرنسيپال مقرر ٿيو ۽ زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين ان عهدي تي فائز رهيو. پاڻ 1928ع ۾ ولايت ويو هو، اتي "انگريزي شاعري ۾ تصوف" جي مضمون تي مقالو لکي لنڊن يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽوريٽ جي سند ورتائين.

ڊاڪٽر گربخشاڻي علم ادب جي ميدان ۾ گهڻن ئي صفتن جو صاحب هو. سندس لکيل ڪتاب جيئوٽيڪ تورا آهن، پر پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

سندس سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو آهي، جو هن شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي جا مختلف ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل نسخا هٿ ڪري انهن ۾ ڏنل بيتن کي لطيف سائين جي معيار مطابق پرکيو. جيڪي به بيت سندس نظر ۾ ان خاص معيار مطابق نه هئا، انهن کي شاهه جي رسالي مان ڪڍي رسالي کي نئين سر ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيو. اهڙي طرح هن شاهه صاحب جو رسالو سڀ کان پهريان ادب جي مروج مڙني عقلي، منطقي ۽ سائنسي دليلن وسيلي ڇنڊي ڇاڻي، معنيٰ، مفهوم، تشريح ۽ وضاحت سان پهريون جلد 1923ع ۾، ٻيو جلد 1924ع ۾ ۽ ٽيون جلد 1931ع ۾ شايع ڪرائي سنڌ ۽ سڄي دنيا جي اڳيان پيش ڪيو. افسوس جو سندس ترتيب ڏنل چوٿون جلد شايع نه ٿي سگهيو.

ڊاڪٽر صاحب رسالي جي سرن جو متن ۽ انهن جو روحاني راز سر سر جي منڍ ۾ لکيو ته جيئن سڀ ماڻهو شاهه جي فلسفي کي چڱي طرح سمجهي سگهن. هر بيت کي صحيح طريقي سان پڙهڻ لاءِ لفظن تي اعرابون ڏنائين، رسالي جي شروعات ۾ شاهه عبداللطيف جي سوانح عمري، سندس اسلوب بيان ۽ ٻوليءَ تي هڪ جامع مقدمو لکيائين. هن پهريون دفعو شاهه جي شاعريءَ تان ڏند ڪٿائون ۽ پيري مرشدي جو پردو لاهي، اهو ثابت ڪيو ته شاهه جي شاعري عام ماڻهو جي جذبن، امنگن، خواهشن ۽ آرزن جي شاعري آهي.

هڪ هڪ بيت لاءِ ڇهه ڇهه ست ست رسالا پيٽڻ، هڪ هڪ لفظ جي صحيح پڙهڻي مقرر ڪرڻ، معنيٰ ۽ بڻ بنياد ڳولي ڪڍڻ ڪا ڇرچي جي ڳالهه نه آهي. اهو ڪم اڄ جي ترقي يافته سائنسي دور ۾ به ڪي ادارائي ڪري سگهن ٿا، جيڪو ڪم ڊاڪٽر صاحب اڪيلي سر ڪنيو ۽ ان سان خوب نڀايو. سندس هيءُ ڪم اڄ تائين شاهه جي رسالي تي ٻين ڪم ڪندڙن لاءِ رهنمائي طور استعمال ٿئي ٿو.

ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب جيڪي ٻيا ڪتاب لکيا انهن ۾ هڪ ناول "نور جهان" جي نالي سان لکيائين، جيڪا سندس پهرين تصنيف هئي. اهو ڪتاب 1915ع ۾ شايع ٿيو. نورجهان هڪ تاريخي ناول آهي، جيڪو مغلن جي

حڪومت جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ٻيو ڪتاب "لنواريءَ جالال" جي نالي سان لکي1934ع ۾ ڇپرايائين. جنهن ۾ لنواريءَ جي چئن بزرگن خواجه محمد زمان، خواجه گل محمد، خواجه محمد زمان ثاني ۽ خواجه محمد حسن جون سوانح عمريون لکيائين. تنهنکان سواءِ سندس مرتب ڪيل شاه جي رسالي ۾ آيل احوال مان ٻه ڪتاب جدا ڪري "روح رهاڻ" 1933ع ۾ ۽ "مقدمه لطيفي" 1936ع ۾ الڳ ڇپرايائين.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جو نثري ادب نهايت عمدو آهي. سندس طرز تحرير سادي سلوڻي، پرڪشش ۽ دلپذير آهي. ڊاڪٽر صاحب ڪيترائي بهترين شاگرد تيار ڪيا، جن پنهنجي ڪاوشن سان سنڌي ادب کي مالامال ڪري ڇڏيو. اهڙن شاگردن ۾ علامه دائودپوٽي جو نالو سر فهرست آهي.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي 11- فيبرروي1947ع تي ڪراچي ۾ سرڳواس ماڻيو.

هوشو شيدي (راڳي)

هوشو شيدي سنڌ جو مشهور گلوڪار ٿي گذريو آهي. پاڻ شهر ٻلڙي تعلقي ٽنڊي محمد خان جو رهاڪو هو. اتي ئي ڄائو نپنو ۽ موسيقي جي سکيا حاصل ڪيائين ۽ هوشو ٻلڙي واري جي نالي سان مشهور ٿيو. پاڻ لاڙ توڙي اتر سنڌ جي محفلن ۾ ڳائيندو هو ۽ مقبوليت حاصل هئس، پاڻ سنڌي موسيقي سان گڏوگڏ ڪلاسيڪي موسيقي جو به ماهر هو. سندس گهڻو وقت مير شير محمد خان ٽالپر وٽ گذريو. سندس عروج جو زمانو سن1930ع تائين رهيو.

افسوس جو سنڌي سنگيت جي هن نامياري فنڪار جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون معلوم ٿي نه سگهيون آهن.

هوند راج "دکايل"

هوند راج "دکايل" پٽ ليلارام ڪتري11- جنوري1908ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄائو. پاڻ مشهور شاعر ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي.

هوند راج "دکايل" لاڙڪاڻي ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ ٿورو انگريزي به پڙهيو، پر پوءِ پڙهڻ ڇڏي سونارڪو ڌنڌو ڪرڻ لڳو. هن جي طبيعت ننڍپڻ کان ئي علم ادب ۽ سماجي خدمتن طرف مائل هئي، ان ڪري هن سکيوئي سونارڪو ڌنڌو ڇڏي گيت ۽ سنگيت جي دنيا وڃي وسائي، ڪشنچند "بيوس" کيس "دکايل" تخلص ڏنو ۽ شاعري جي سکيا پڻ ڏني.

هوند راج "دکايل" 1924ع کان شعروشاعري شروع ڪئي. هن وڏي تعداد ۾ موسيقيءَ جي آڌار تي گيت ۽ نظم لکيا، سندس ڪلام جو مجموعو

"سنگيت ڦول" جيڪو 1946ع ۾ ڇپيو. ان ۾ پڻ موسيقيءَ جي طرز تي ڪلام چيل ۽ مرتب ٿيل آهي ۽ اها ئي سندس ڪلام جي اهم خصوصيت آهي. هن جو ڪلام سريلو هجڻ سان گڏ موضوع توڙي هيئت جي لحاظ کان "بيوس" جي مڪتبہ فڪر جي ترجماني ڪري ٿو.

شعروشاعري سان گڏوگڏ پاڻ راڳ روپ ۽ ڀڳت وغيره جي محفلن ۾ بہ وڏي دلچسپي رکندو هو. پاڻ پنهنجي ٽوليءَ سان گڏ ڍولڪ تي ڳائيندو هو، سندس مشهور ڪافي هوندي هئي "سنڌڙي تنهنجا ڳوٺ وسن"

غريبن ۽ مسڪينن جي خدمت ڪرڻ بہ "دڪايل" جي زندگيءَ جو خاص مقصد رهيو. هو ڳوٺن شهرن ۾ وڃي مسڪينن جا مسئلا معلوم ڪري سرڪار جا درڪڙڪائي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي وس آهر ڪوشش ڪندو هو، سياسي طور ڪانگريس سان وابستہ هو. هن انساني خدمت جي جذبي تحت1934ع ۾ پنهنجن سائين جي سهڪار سان رتيديري شهر ۾ "ڳوٺ سيوادل" نالي هڪ سماجي ادارو قائم ڪيو، جيڪو اڳتي هلي "گانڌي خدمت گهر" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن اداري ۾ هندو توڙي مسلمان گڏجي ڪم ڪندا هئا. هن اداري تحت تعليم، صحت ۽ هنر وغيره جي بلامعاوضہ خدمت ڪئي ويندي هئي. ان سلسلي ۾ اداري طرفان هڪ اسپتال قائم ڪئي وئي جنهن ۾ ماهر ڊاڪٽر مفت طبي خدمتون سرانجام ڏيندا هئا. هنري لحاظ کان اداري طرفان خاص قسم جا جنڊ (بال بيرنگ) متعارف ڪرايا ويا، جيڪي عام جنڊن جي مقابلي ۾ آسان ۽ سٺي پيسائي ڪندا هئا. ان جي ڇڙائي لاءِ ڪاٺ جا جنڊ ايجاد ڪيا ويا. ڪاغذ ٺاهڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويو ۽ ٻيا بہ ڪوڙ نيڪ ڪم ڪيا ويا.

هن حساس طبع انسان هميشہ غريبن ۽ مسڪينن لاءِ وڙ ڪيا، پاڻ اوني ۽ گاڏر مزدورن جي روزگار لاءِ1940ع ۾ "سانتيڪي سوپ" نالي هڪ تحريڪ کي جنم ڏنائين، جيڪا ڪامياب وئي جنهن تحت هن حڪومت کي مجبور ڪيو تہ رتيديري کان نئي ديري ريلوي اسٽيشن تائين اناج ڍوئڻ لاءِ ٽرڪن تي بندش وڌي وڃي، تہ جيئن اهو اناج انن ۽ گاڏن تي مسڪين ماڻهو ڍوئي پنهنجو گذر ڪندا رهن. هن تحريڪ جي ڪاميابي سان اٺ سو غريب ڪٽنب سکي گذارڻ لڳا.

"دڪايل" صاحب ورهاڱي کان پوءِ وطن جا وڻ ڇڏي وڃي گانڌي ڌام (ڪڇ ڀڄ) ۾ رهيو، جتي هن "ڌرتي ماتا" نالي هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي. جڏهن تہ جهونگار (1946ع)، سانتيڪي سوپ (1946ع)، ۽ چونڊن جا آلاپ (1947ع) سنڌ مان ڇپرا ٿيل سندس ڪتاب ملن ٿا. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ملڪ جي ماڻهن کي خود غرضيءَ جو ويو مرض وڪوڙي
جنهن ڪان ننڍڙو وڏڙو عالم جاهل هر ڪو پيو لوڙي
عام وڪيلن ڊاڪٽرن ۾ ڪا همدردي ناهي
جبري خاطر ٻڪري ڪهندا چوندا ته ان ۾ چاهي.

هيم نگواڻي

هيم ناگواڻي پٽ گو ڪلداس ناگواڻي 3-فيبروري 1931ع تي ڳوٺ ڪاهي قاسم ضلعي نوشهروفيروز ۾ ڄائو. پاڻ ڀارت جو مشهور سنڌي ناٽڪ نويس ۽ اسٽيج ڊرامن جو مايه ناز اداڪار ۽ هدايتڪار ٿي گذريو آهي.

هيم ناگواڻي سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر نارائڻ شيام جو ننڍو ڀاءُ هو. هن سيڪنڊري تائين تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي خاندان سان گڏ ڀارت هليو ويو، وڌيڪ تعليم هن دهليءَ ۾ حاصل ڪئي.

هيم ناگواڻي اديب ۽ شاعر به هو. پر سندس اصل خدمتون ناٽڪ جي ميدان ۾ هيون، هو ڊرامن جو وڏو اداڪار به هو ته بهترين ليکڪ ۽ هدايتڪار پڻ هو. ڀارت ۾ ناٽڪ منڊليءَ جي فن جي ميدان ۾ پاڻ سنڌ جو سفير هو.

هن ناٽڪ وسيلي سنڌ جي تاريخ، سياست، ڪلچر، ريتن رسمن، اخلاقي قدرن کي واضح ڪيو. هن ڪيترائي سنڌي ۾ ڊراما لکيا، جن ۾ خاص ڪري سنڌ جي تاريخ جي اصل ڪردارن کي هن ڪمال خوبصورتيءَ سان چٽيو. سندس لکيل ڊراما ڏاڍا مقبول ٿيا، انهن مان ڪيترائي ڊراما وري اسٽيج ٿيا. هن ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري ڪئي.

پنهنجي شعبي ۾ هيءُ يگانو سنڌي فنڪار ويهين صديءَ جي دفترن ۾ پنهنجن ڪارنامن ۽ يادگيرين جا انيڪ داستان گڏ ڪري10- فيبروري 1985ع تي هميشه هميشه لاءِ موڪلائي ويو.

هيمون ڪالاڻي

هيمون پٽ پيسو مل ڪالاڻي 11- مارچ 1924ع تي پراڻي سکر ۾ ڄائو. سندس اصل نالو راهي هيمن هو، پر پيار مان ڪيس هيمون چوندا هئا. پاڻ تحريڪ آزادي جو سورهيه سچو سپاهي ٿي گذريو آهي. هن وطن جي آزادي خاطر19 سالن جي عمر ۾ دار کي چمي سر ڏئي پاڻ کي امر بڻائي ڇڏيو.

هيمون ڪالاڻي پرائمري جي تعليم حاصل ڪري لوڪماليه تلڪ ميونسپل هاءِ اسڪول سکر ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. جڏهن مئٽرڪ ۾ پهتو ته، هن سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. اهو 1941ع وارو زمانو هو. ان وقت سنڌ ۾ "حر تحريڪ" عروج تي پهتل هئي ته وري وچ

هندستان ۾ مهاتما گانڌي "هندستان خالي ڪريو" جو نعرو هنيو. ان وقت ماڻهن جي دلين ۾ انگريزن خلاف نفرت جا آڙاهه پئي ٻريا. ان ڪري هندستان جي آزاديءَ لاءِ هر ڪو هن نعري کي لبيڪ چئي اڳتي وڌيو.

جڏهن هن نعري جو پڙاڏو سکر جي هڪ نوجوان هيمون جي ڪنن تي پيو ته هن به ظالم سامراج برٽش حڪومت خلاف بغاوت جي تياري ڪئي، ۽ دادا ٽانوڙداس گلومل جي اڳواڻي هيٺ پنهنجي ساٿين سان گڏ باغيانه ڪاروائين ۾ حصو وٺندو رهيو، شروع ۾ هٿ سان پمفليٽ لکي ورهائيندو هو. "ساڙ ٻاڙ" تحريڪ جو رڪن به رهيو هو، جنهن ۾ سرڪاري رڪارڊ ساڙيندا هئا. هيمون ۽ سندس ساٿي اهي ڪاروايون ڪاميابي سان ڪندا رهيا. 23- آڪٽوبر1941ع تي هيمون کي خبر پئي ته، انگريز فوج سان ڀريل هڪ ريل گاڏي جنهن ۾ بارود ڀيل آهي سا روهڙي سکر کان ٿيندي ڪوئيٽا وڃڻ واري آهي. جنهن وسيلي سرحد ۽ بلوچستان جي جوانن کي ڪچليو ويندو. هيمون پنهنجي ساٿين سان پروگرام ٺاهيو ته ريل جي اچڻ کان اڳ پٽي اکيڙي گاڏي کي ڪيرائيندا سين. مقرر وقت تي هيمون ۽ سندس ساٿي عيشي وديار ٿي ۽ پرچو وديار ٿي، مخدوم جماٺي پير جي سامهون ڪڙائي سيدن جي گهرن وٽ پهچي ريلوي لائين جي پٽي اکيڙڻ کي لڳي ويا. عين ان وقت ڪين هڪ سپاهي فيروز خان ڏسي ورتو ۽ هيمون پڪڙجي پيو ۽ سندس ساٿي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ريل ڪانه ڪري سگهي، گرفتار ٿيڻ کان پوءِ 22 ڏينهن پولس مٿس طرح طرح جا ظلم ۽ سختيون ڪيون پر هو ٻڙڪ به ڪونه ڪڇيو. آخر انگريزن ان ڏوهه ۾ مٿس ڪيس هلايو جيڪوچوڏهن مهينا چالو رهيو. ان وچ ۾ ڪيئي موقعا آيا، مهلون گذريون ۽ اتفاق ٿيا. انگريزن جو خيال هو ته هيءُ نوجوان رڳو پنهنجي فعل تي پڇتاءُ ڪري ۽ آئنده ڪنهن اهڙي ڪرتب کان توبهه ڪري ڇڏي ته هوند ڪيس آزاد ڪري ڇڏجي، پر هن سورهيه سرويچ بهادر انسان ائين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. سندس ڪيس سکر مارشل لا ڪورٽ ۾ هليو، جتان جنم ٽيپ جو فيصلو ڪري حيدرآباد جي فوجي ڪمانڊر آفيسر ڪرنل رچرڊ سن ڏانهن موڪليو ويو، جنهن ان سزا کي سزاءِ موت ۾ بدلائي ڇڏيو. سنڌ جي اعليٰ سياسي ۽ سماجي شخصيتن هن نوجوان انقلابي جي جان بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ ڪيس منٿون ڪندا رهيا ته هو رحم جي اپيل تي صحيح ڪري، پر هيمون رحم جي بدلي ۾ مليل زندگيءَ کان عزت جي موت کي ترجيح ڏيندي،ا ئين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، آخر21- جنوري 1943ع جي صبح جو اسر ويلي کيس سکر جي اسپيشل جيل ۾ ڦاسي ڏني ويئي. هو مرڪندڙ منهن سان انقلاب زنده باد جا فلڪ شگاف نعرا هڻندو ڦاسيءَ تي چڙهي ويو. جيل آفيسرن جي رپورٽ موجب هيمون جو آخري 21 ڏينهن ۾ سٺ پائونڊ وزن وڌيو هو، ڇاڪاڻ ته کيس خوشي هوندي هئي ته هو وطن لاءِ قربان ٿي رهيو آهي.

(ي)

يار محمد فقير

فقيرحاجي يار محمد مري عرف "يار علي فقير" ڳوٺ ڪانوڙي تعلقي ڪهري ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور صوفي راڳي ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

فقير يار محمد جو خانداني پيشو زميندارو هو، پر هو ننڍي هوندي کان ئي صوفين جي سنگت ۾ رچي ريٽو ٿيو ۽ صوفي فقيرن سان گڏجي يڪتاري تي ڪلام چوڻ لڳو. پهريان ٻين شاعرن جا ڪلام چوندو هو پوءِ پنهنجا ڪلام به چيائين. پاڻ محمد فقير ڪنياڻ جو طالب ٿيو ۽ انجي ڪلامن پران ڪلام چيائين. شاعري ۾ تخلص ڪٿي "طالب علي" ۽ ڪٿي "يار محمد" استعمال ڪيو اٿس. فقير صاحب سنڌي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳايو، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي به ڳائيندو هو. پاڻ تمام جوش ۾ اچي ڳائيندو هو. "عشق قائم" ۽ "صدقي حضرت عشق تان" سندس تڪيه ڪلام هو.

فقير يار محمد وڏي محبت وارو فقير هو، پاڻ وڏي ڄمار ماڻي 23-آڪٽوبر 1982ع تي وفات ڪري ويو. سندس پٽ فقير نور محمد عرف نورل (ولادت- 1938ع- وفات 1991ع) پڻ سٺو شاعر ۽ لوڪ ادب توڙي موسيقي جو ڄاڻو ٿي گذريو آهي.

فقير يار محمد جي هڪ ڪافي نموني طور هيٺ ڏجي ٿي:

عشق جي آگ ٿي ڪين اجهامي ٻري ٻارهن ئي ماهه
(١)- العشق واري آگ ۾ عاشق سورهيه ڪٽندا ساهه
(٢)- درد وارن جي دل ۾ دم دم پڙڪا لايا ٻاهه
(٣)- محبت وارن ڏي مچ مچايو پئي اچي ڪاهو ڪاهه
(۴)- "يار محمد" ساٻاري ٻاروچن رمز سڃاڻي راهه.

ياسر قاضي

ياسر ولد مقصود گل قاضي 17- جنوري 1979ع تي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پاڻ نئين ٽهي جو سڄاڻ شاعر، اديب ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جو بهترين اناؤنسر آهي.

ياسر قاضي مڊل تائين تعليم رتي ديري ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽر پبلڪ اسڪول ميرپور خاص مان پاس ڪئي. هن وقت پاڻ قائد عوام يونيورسٽي نواب شاهه ۾ بي- اي (اليڪٽريڪل) جو شاگرد آهي. جيئن ته ياسر قاضي جو تعلق هڪ علمي ادبي گهراڻي سان آهي، انڪري سندس طبيعت شروع کان علم

ادب ۽ فن طرف مائل رهي. هن ٿوري عرصي اندر ادبي حلقن ۾ سڃاتي ماڻي آهي ۽ پاڻ پنهنجي همر عمر شاعرن ۽ اديبن ۾ اهم مقام رکي ٿو. هن نظم توڙي نثر ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي.

غزل، نظم، قطعي، وائي ۽ بيتن کان سواءِ جديد صنفن متعلق سندس ٻه سئو کان مٿي تخليقون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. ٻاراڻيءَ شاعريءَ جو مجموعو تيار رکيو اٿس جيڪو ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهي. نثر ۾ 10 کن تحقيقي مضمون، پنجن شاعرن جي شاعريءَ جو اڀياس، ويهارو کن انٽرويو ۽ پنجاهه کن اخباري ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي چڪا اٿس.

ڪيس ڪمپيئرنگ جي فن سان پڻ لڳاءُ آهي. ان حوالي سان پاڻ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي سان وابسته آهي. قدرت واري ڪيس سٺي آواز سان گڏ خوش گفتاري جو ڏانءُ پڻ بخشيو آهي، انهيءَ ڪري سندس شمار لاڙڪاڻي ريڊيو اسٽيشن جي چند سٺن ڪمپيئرز ۾ ٿئي ٿو.

ياسر قاضي کي سندس ادبي ۽ فني خدمتن جي پيٽا طور هيل تائين هينيان ايوارڊ به ملي چڪا آهن.

عوامي اخبار پاران "جوت ايوارڊ" 1992ع، ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي پاران "بهترين ڪمپيئر ايوارڊ" 1996ع، ۽ مهراڻ آرٽ اينڊ ويلفيئر سوسائٽي پاران "مهراڻ ايوارڊ" 1997ع. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

سونهن جا سپنا سڀئي ساڀيان ٿين جي تون اچين
پيار جا سڀ پيچرا خوش ٿي ڪلن جي تون اچين
آ بي ترتيب هي جيون سڄو تو کان سوا
سلسلا سک جا ملي هڪ ٿي وڃن جي تون اچين.

يعقوب ڪونريجو، حڪيم

وڏيرو يعقوب ڪونريجو سنڌ جو عظيم ترين طبيب ٿي گذريو آهي. پاڻ تلٽي ضلعي دادو جي علائقي جو رهاڪو هو. پاڻ ويهين صدي جي پهرين چوٿائي دوران پنهنجي همعصر طبيبن جو سرتاج هو جنهنجي طبابت کي ڪرامت سان تعبير ڪيو ويندو هو. هو پري کان ئي مريضن جو منهن ڏسي مرض جي سڃاڻپ ڪري وٺندو هو ۽ عورتن جي ڪرائي تي ڌاڳو ٻڌرائي پري کان ان سڳي جي ذريعي نبض جو حال معلوم ڪندو هو.

1981ع ۾ هڪ ڏينهن پاڻ ڪرڙي کان حيدرآباد وڃي رهيو هو ته، گس تي هڪ پارسي ڊاڪٽر ڪيس ڪالرا جي اڳواٽ سئي هڻڻ گهري ته، هن ڪيس هڪل ڪري چيو ته "ڊاڪٽر تون مونکي ڇا ٿو سئي هڻين تون پاڻ مرداڻي

ڳجهي بيماري ۾ ورتل آهين." ان تي پارسي ڊاڪٽر جيڪو واقعي ان بيماري ۾ ورتل هو، حيران ٿي ويو ۽ ڪانئس علاج ڪرائي صحت ياب ٿيو. هڪ ڀيري ڪراچي ڪان ڳوٺ ايندي ريلوي اسٽيشن تي هڪ انگريز ڊاڪٽر نظر آيس، جنهنجي منهن کي ڏسي ٻڌايائين تہ، مٿس دل جو دورو پوڻ وارو آهي. جنهن مان بچي نہ سگهندو. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ واقعي ان ساڳئي رات تي هو دل جي دوري سبب مري ويو.

مطلب تہ هو سنڌ جو تمام وڏو حڪيم هو، حڪيم اجمل خان جڏهن سنڌ ۾ هڪ مريض جو علاج ڪرڻ آيو هو تہ، حڪيم يعقوب ڪونريجي جا عجيب ڪارناما ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو هو.

افسوس جو هن عظيم انسان جي ولادت ۽ وفات جون تاريخون معلوم ٿي نہ سگهيون آهن.

يوسف ڪٽي

استاد يوسف ڪٽي حيدرآباد شهر جو رهواسي هو. پاڻ سنڌ جو مشهور راڳي ٿي گذريو آهي.

استاد يوسف خانداني ڳائڻو نہ پر شوقيہ راڳي هو. سنڌ جي علائقائي موسيقي توڙي ڌر پدي ڪلاسيڪي گائڪي ۾ مهارت رکندڙ هو ۽ ڏاڍو نالو ڪڍيائين. سنڌ جي مختلف هنڌن تي راڳ رهاڻ جي محفلن ۾ ڳائي داد حاصل ڪندو هو. هن ڪجهہ شاگرد بہ پيدا ڪيا، جن ۾ حيدرآباد جو بسنت زوار ڏاڍو مشهور شرناء جو ماهر فنڪار ٿي گذريو آهي. جنهنجو ذڪر هن ڪتاب ۾ پنهنجي جاء تي ٿي چڪو آهي.

استاد يوسف ڪٽي سن 1930ع ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪئي ۽ اتي دفن ٿيو.

"ضميمو"

عبدالواحد آريسر: پاڻ سنڌ جو مشهور قومپرست سياسي اڳواڻ، ناميارو دانشور ۽ محب الوطن اديب آهي. سندس نالو سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ سائين جي-ايم سيد جي فڪري تحريڪ کي سنڌ جي هر واهڻ ۽ وستيءَ ۾ پکيڙڻ جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو. سندس فڪري بلندي ۽ سياسي سـچ ۽ سحر خطابت جا، سنڌ جا ساجهه وند نوجوان، توڙي عالم ۽ اديب معترف رهيا آهن. کيس سنڌ ۽ سنڌين سان والهانه محبت آهي جن جي گڏيل حقن لاءِ هر دور ۾ جاکوڙ يندو رهيو. کيس ڪيترا ڀيرا جيل ۽ ٽارچر سيل ۾ بہ رکيو ويو آهي. سندس ڪجهه ڪتاب پڻ ڇپيل آهن.

جام ساقي: سندس مڪمل نالو ڪامريڊ محمد جام ولد سچيڏنو (سچل) آهي. پاڻ ڇاڇري شهر ۾ ڄائو، تعليم بہ اتي ئي پرايائين. پاڻ ننڍي هوند کان ئي اخبارن ۽ رسالن پڙهڻ جو شوقين هوندو هو. بي-بي-سيءَ ريڊيو پاڪستان جون خبرون بہ پابنديءَ سان ٻڌندو هو. پارن لاءِ مضمون ڪهاڻيون نظم لکندو هو. اسڪولي زماني ۾ "مالهڻ" ۽ "بدنصيب ٽري" ڊرامن ۾ ڪم پڻ ڪيائين. دنيا جي مختلف موضوعن ۽ معاملن تي ننڍ پڻ کان ئي وڏا وڏا بحث ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ آئون ڪميونسٽ ٿيندس. آخر ايئن ئي ٿيو ۽ پاڻ "ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان" جو سيڪريٽري جنرل بڻجي ويو. 1991ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي خيرباد چئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهہ جو صلاحڪار ٿي رهيو. هن وقت خاموش زندگي گذاري رهيو آهي.

علامہ عبدالحڪيم سولنگي: ممتاز شيعہ خطيب ۽ عالم دين آهي. سندس تعلق حيدرآباد سان آهي. سنڌي، اردو، انگريزي، عربي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل اٿس. فن خطابت جي حوالي سان پوري پاڪستان ۾ ناموري حاصل اٿس نهايت فصيح، بليغ مقرر آهي. سندس سچي تقرير قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي روشني ۾ هوندي آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي ماڻهو سندس تقريرن ۽ تبليغ جي روشني ۾ اهل شيعت فرقو اختيار ڪري چڪا آهن. سنڌي زبان ۾ سندس پايي جو ڪو بيو شيعہ خطيب ڪونهي.

محمد علي شاهہ "جوهر": نوحي جو شهنشاهہ شاعر آهي. سندس تعلق ڪوٽ ڏيجي ضلعي خيرپور سان آهي. سنڌي ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس پر خاص ڪري سرائڪي ۽ اردو ۾ ڇپيل سندس پر سوز نوحہ بيمثال آهن، جيڪي

سڄي پاڪستان جا نوحہ خوان شوق سان پڙهندا آهن. سندس نوحن جي شاعري جا ڪتاب بہ ڇپيل آهن ۽ لاتعداد آڊيو ڪيسٽون بہ رليز ٿيل آهن.

مهدي شاهہ جهانيان پوٽو:. ولد امام بخش شاهہ تعلقي موري جي شهر شاهپور جهانيان جي سادات گهراڻي مان وڏي توڪل ۽ صبر وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. گيڙو رتا ڪپڙا ۽ ڪي پنهنجي طالبن جي ٽولي سان گڏ موج مستي واري عالم ۾ ڪافيون ڪلام چوندو هو. مشهور صوفي شاعر محمد فقير کٽياڻ سندس خاص صحبتي هو. پاڻ بہ شاعري ڪندو هو. سندس ڪافيون مشهور آهن. پاڻ 1969ع ۾ وفات ڪري ويو.

بخشڻ مهراڻوي:. سندس اصل نالو محمد بخش ولد فقير محمد رحيم مهر آهي. سندس جنم 18- آڪٽوبر 1964ع تي ٿيو. تعليم بي- ايس- سي (زراعت) ۽ ايم- اي (سنڌي) اٿس. ملازمت ڪندو آهي، پاڻ مشهور شاعر، اديب ۽ ريڊيو، اسٽيج جو مايہ ناز ڪمپيئر آهي، سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي ٿي، ڪمپيئرنگ جي فن ۾ تہ سندس ڪو ثاني ڪونهي.

منظور سخيراڻي:. موجوده دؤر جو سريلو راڳي آهي. دادو سان تعلق اٿس، هن موسيقي جي دنيا ۾ سٺي مڃتا ماڻي آهي. سندس آواز بہ سٺو آهي ۽ شاعري جو انتخاب بہ چڱو ڪري ٿو. ڏنن جو تہ بادشاهہ آهي، ڪيترين ئي داخلي توڙي خارجي ڏکيون ڏنون نهايت مهارت سان ڳائيندو آهي. سندس مڌر آواز ۾ راڳ ٻڌي حاضرين جهومڻ لڳندا آهن.

شمن علي ميرالي:. "سنڌي گيتن جو بادشاهہ" راڳي سڏجي ٿو. شڪارپور جو رهاڪو آهي. هن وقت سنڌي موسيقي جي دنيا تي مڪمل طرح ڇانيل آهي. پوري سنڌ سندس ڳايل گيتن، غزلن، ڪافين ۽ ڪلامن سان گونجي رهي آهي. هر شهر واهڻ، وستي، ڳوٺ ۽ ڳلي مان سندس ڳايل ڪيسٽ جو آواز ضرور ٻڌڻ ۾ ايندو. ڪيسٽ توڙي اسٽيج جو نهايت مقبول فنڪار آهي.

بيگو خان چانڊيو:. سنڌ جو هيءُ سخي مرد ضلعي خيرپور ۾ گمبٽ شهر جي پرسان پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.

سندس مهمان نوازي بابت چوائي اڄ بہ سنڌ ۾ مشهور آهي. وٽس هر وقت لنگر هلندڙ هو. جنهن وقت بہ سندس اوطاق تي وڃبو هو تہ گرم ماني ملندي هئي. انئي پهر سندس بني تتل رهندي هئي. هر وقت سندس اوطاق مهمانن سان ڀريل هوندي هئي. پاڻ وڏو هر دلعزيز، ڳالهين جو ڳهير ۽ نيڪ نيت انسان هو.

محمد صديق ڪنير:. تعلقي هالا جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ شير محمد نوڙها جو هيءُ مسڪين ڪنير سڄي پاڪستان ۾ مشهور هو. پاڻ پڳل تتل انساني هڏن

کي جوڙڻ جو ماهر هو. روز مره جي زندگيءَ ۾ پيش آيل مختلف حادثن ۾ زخمي ٿيل کيترائي لولا لنگڙا پاڪستان جي وڏين وڏين اسپتالن مان به مايوس ٿي سنڌ جي هن عظيم حاذق جي در تان شفاياب ٿي ويا. هن فن ۾ کيس خدا داد قابليت حاصل هئي. ٽنگ ٻانهه يا جسم جي ٻئي ڪنهن عضوي جو هڏو ڀلي چو نه چڪنا چور ٿي ويو هجي، پر هو ان کي جوڙي اصلي حالت ۾ آڻي ڇڏيندو هو. هو پنهنجي مخصوص ڪاريگريءَ سان ٽٽل هڏي جا ذرا پرزا ملائي متاثر ٿيل عضوي تي ڪاٺين جون سنهڙيون پٽيون رکي مٿان ڪپڙي جو پٽو چاڙهي ڇڏيندو هو. جيڪو پوءِ مختلف ڏينهن تي نئون سئون ڪندو رهندو هو. اهڙي طرح ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مريض بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو هو، پاڻ ان علاج جو معاوضو ڪنهن کان نه گهرندو هو. ڪنهن پاڻ مرادو ڏهه- ويهه روپيا ڏنا ته وٺندو هو نه ته بس. سندس مطب تي هر وقت هڏن ڀڳلن مريضن جو وڏو تعداد موجود هوندو هو، جن ۾ سنڌ کان سواءِ ٻين صوبن جا ماڻهو به شامل هوندا هئا. دکي انسانيت جو هيءُ خدمتگذار اڄ کان ٻه ٽي سال اڳ گذاري ويو.

نواب محمد خان لغاري:. تاج پور (ضلعو حيدرآباد) جي نواب گهراڻي جو هيءُ چشم و چراغ نانگن جي ڏنگيل مريضن جو انوکي طريقي سان علاج ڪرڻ جي حوالي سان ملڪان ملڪ مشهور هو. کيس "نانگن جو بادشاهه" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. وٽس تقريباً چار هزار پاليل نانگ هر وقت موجود هوندا هئا ۽ انهن سڀني کي ڏند ۽ زهر جون ٿيلهيون موجود هـ بون هيون. پاڻ نانگن جي ڏنگيل مريضن جو علاج بغير معاوضي جي ڪندو هو. وٽس مريضن لاءِ مفت رهائش ۽ کاڌي جو انتظام به ٿيل هوندو هو. پاڻ هڪ عمل جي ذريعي مريضن جو علاج ڪندو هو. جنهن ۾ سورة (قُل يَا أيُّها الڪـٰفِرون) نمايان هئي. ان کان علاوه تعويز ۽ دم ڪيل پاڻي کان سواءِ نانگن جي زهر سان به علاج ڪندو هو.

شبنم گل:. ڊيءُ ڊاڪٽر بشير احمد لاشاري 5- سيپٽمبر 1967ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پاڻ معروف ليکڪا ۽ ڪمپيئر آهي. سندس تعليم ايم-اي (انگريزي) آهي، ملازمت ڪري ٿي. سندس گهر وارو جناب اشتياق انصاري انجنيئر آهي، شبنم صاحبه 1988ع کان لکڻ شروع ڪيو، کيترائي شعر، ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا اٿس. سندس ٽي ڪتاب "آخري لفظ" (شاعري)، "اڻڄاتل شهر جو نقشو" (ڪهاڻيون) ۽ "لهرن جو گيت" (ڊراما) منظر عام تي اچي چڪا آهن.

علي نواز "وفائي":- ولد مولانا دين محمد وفائي پٽ 5- جون 1925ع تي سکر ۾ ڄائو. پاڻ بلندپايه صحافي، اديب ۽ عالم هو. 1942ع کان صحافت شروع ڪيائين. ڪيترن ئي اخبارن لاءِ ڪم ڪيائين. ڪراچي مان هفتيوار اخبار

"آزاد" جاري ڪيائين، سچي جمار وڏي بهادري سان معاشرتي برائين جي نشاندهي ڪندو رهيو، سندس تحرير ۾ لفظن جو درياهه چوليون هڻندي نظر ايندو هو. ڪجهه ڪتاب به تصنيف ڪيائين. جن ۾ "سنڌ جي سورهين ڏانهن سنهيو" "پلئه پايو سچ" ۽ ""رتيءَ جي رهاڻ" قابل ذڪر آهن. 28- مئي 2000ع تي سندس انتقال ٿيو.

امين "ارباب": محمد امين "ارباب" ولد علي محمد نهڙو 3 جولاءِ 1968ع تي ڳوٺ ڪهري موري ۾ ڄائو. سندس تعليم بي- ايم ايل- ايل- بي ۽ ايم- اي آهي. پاڻ ست سال عبرت اخبار ۾ نيوز ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ هاڻي اسٽيٽ لائف انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان جي ملازمت سان گڏوگڏ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪمپيئرنگ جا فرائض پڻ سرانجام ڏيندو رهي ٿو. سندس شمار نئين ٽهي جي سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ سندس ڪو شعري مجموعو ابا تائين منظر عام تي اچي نه سگهيو آهي. بهرحال سندس ڪافي شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي ۽ ريڊيو تي به رڪارڊ ٿي آهي.

ضراب حيدر:- ولد غلام حيدر ڪليار 12- اپريل1967ع تي سکر ۾ پيدا ٿيو. 1992ع ۾ بي فارميسي۽1998ع ۾ ايم- اي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين، وڊيو گرافي ۾ صحافت سندس پيشو آهي. هن وقت سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري (سال 2000ع- 1999 لاءِ) آهي. سندس ڪهاڻين جا به مجموعا "انگن چڙهيا [illegible] 198[illegible]ع ۽ "سرحدن کان اڳتي" 1997ع ڇپيل آهن.

سائل لاڪو:- محمد هاشم "سائل" ولد واليءَ ڏنو لاڪو سن 1932ع ۾ ڳوٺ پوٽو، لڳ پاروچو باغ تعلقي هالا ۾ تولد ٿيو. سنڌ جو هي ڪهنه مشق شاعر رنگين طبيعت جو مالڪ آهي. جيتوڻيڪ سندس تعليم معمولي آهي، ليڪن مشاهدي ۽ مطالعي جي بنياد تي پاڻ وڏي سڌ بڌ رکي ٿو. پاڻ اڃا جواني کي مس رسيو ته ڪنهن جي زلفن جو اسير بڻجي پيو ۽ پوءِ ان در جو سائل بڻجي 1957ع کان شاعري جو سهارو وٺندي پنهنجي جذبات ۽ احساسات جون لهرون وهائڻ لڳو. پاڻ شاعري جي مڙني صنفن تي دسترس رکي ٿو. سندس ڪلام پڪو پختو ۽ علم عروض مطابق آهي. پاڻ مشاعرن جو مور ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو آهي. ڪيس چاليهه ايڪڙ ذاتي زمين به آهي، پر پاڻ تمام سادو ۽ فقير تن انسان آهي، ايتري قدر جو جڏهن ڪنهن مشاعري وغيره ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڳوٺ کان ٻاهر نڪرندو آهي ته پنهنجي قميص جا کيسا مانيءَ سان پري نڪرندو آهي "جي چو ڪنهن تي مانيءَ جو بار رکجي" . سندس شاگردن جو

حلقو بہ تمام وسيع آهي. هيءُ سنڌ جو واحد يگانو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي شاگردن وٽ هلي وڃي ڪين شاعري جي سکيا ڏيندو آهي. پيرسنيءَ جي باوجود سندس اهو شغل اڄ بہ جاري ساري آهي، ۽ ڪيترائي نوآموز شاعر هن "استاد الشعراء" جي فيض پري درياهہ مان مستفيض ٿي رهيا آهن. پاڻ نهايت ڪرو، بااصول ياررويس ۽ محبتي ماڻهو آهي. مجتبا طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليل آهن. سندس ڪلام وڏن وڏن فنڪارن ڳايو آهي. سندس شاعري جو مجموعو "اڪڙيون ٿيون رهن آليون" ڇپائيءَ هيٺ آهي

جڏهن تہ سنڌ ۽ هند سان تعلق رکندڙ پيا بہ لاتعداد مشهور سنڌي ماڻهو ويهين صدي (عيسوي) ۾ پيدا ٿيا. هڪ سو سالن جي هن ڊگهي عرصي ۾ پيدا ٿيندڙ انهن مڙني سنڌي سڄڻن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ گڏ ڪرڻ گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙي معمولي انسان لاءِ تمام مشڪل هئو. بهرحال انهن رهجي ويل مشهور ماڻهن مان ڪن ڪي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ صرف سندن نالن تي اڪتفا ڪجي ٿو. هيٺ انهن جا نالا جدا جدا شعبن تحت ڏجن ٿا. ياد رهي تہ انهن مان ڪن ٿورڙن جو تعلق ويهين صدي جي اوائلي ۽ وچ واري دؤر سان هئو ۽ هاڻي تائين وفات ڪري چڪا آهن، باقي اڪثر شخصيتون اڃا حال حيات آهن ۽ انهن جو ويهين صديءَ ۾ ڪونہ ڪو ڪردار رهيو آهي، ليڪن اها لسٽ بہ مڪمل ناهي ۽ اڃا بہ هن صديءَ جا هزارين مشهور ماڻهو رهن ٿا، جنهن لاءِ آئون معذرت خواهہ آهيان.

(مختلف مذهبي فرقن جا ناميارا عالم ۽ خطيب)

مولانا غلام مهدي نجفي مرحوم، مولانا عباس علي نجفي مرحوم، مولانا حيدر علي جوادي، مولانا باقر نجفي، مولانا عبدالله جروار، مولانا منظور حسين سولنگي، مولانا اسدالله شر، مولانا عبدالرحيم سڪندري، مولانا دوست محمد، مولانا عبدالله چانڊيو مرحوم، مولانا عبدالله شاهہ، مولانا علي شير حيدري وغيره.

(قلمڪار اديب، شاعر، نثر نويس ۽ صحافي)

عبدالقيوم "صائب"، عبدالقيوم "طراز"، ڪريم بخش خالد، صوفي قربان علي "قربان" مرزا نادر بيگ "نادر"، اح جنسنگهاڻي "سام"، سيد احمد شاهہ "خاڪي"، رمضان واڍو، گنبل شاهہ، داغ تڪڙائي، صوفي محمد بخش ڦرڙو، شفيع محمد "اوج" علوي، محمد علي "جوهر"، مراد علي مرزا، مير محمد پيرو، مرزا امام علي بيگ "افسر"، عطيہ دائود، خليل موريائي، عبدالله ورياهہ، عالم خان نظاماڻي،

عبدالحڪيم ڪوسو، مستانو سيوهاڻي، فقير محمد لاشاري، ظفر ڪاظمي (مصور)، رفيق ڪاچيلو، اميد خيرپوري، سائل آزاد، "وفا" پلي، موسيٰ ڪليم، گل محمد ڪتري (مصور)، الياس عشقي، پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي، آڪاش انصاري، انيس انصاري، محمد رمضان "ثاقب"، پير اعجاز، احمد شاھ بخاري، جليس هالائي، علي محمد خالدي، نقش ناياب، اياز عالم ابڙو، خاڪي جويو، ڪروڙ پتي، ڪيهر شوڪت، مخمور ميرانپوري در محمد ڪمال، زيب پنهور، مشتاق "مسرور" باريچو، فيروز احمد ميمڻ، حافظ ارشد انيڙ، ثريا سوز ڏيپلائي، عنايت الله زنگيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار "عابد" لغاري، الهه رکيو ٻٽ، حسين شاھ راشدي، نفيس احمد شيخ، يوسف شاهين، خيرمحمد ڪوکر، محمد صديق منگيو، هيرو ٺڪر، ڪرشن چندر، نارائڻ ڀارتي، هري موٽواڻي، ڪرشن کٽواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، غلام حيدر گجو، مير عبدالرسول "مير"، مخدوم جميل الزمان، زاهد شيخ، سائينداد ساند، احمد سولنگي، ايوب گاد، نذير ناز، جامي چانڊيو، انور فگار هڪڙو، غلام نبي "غازي" چنو، سهيل سانگي، ناز سهتو، سڪندر سرواڻ، زبيده ميتلو، عبدالحميد آس ڀيو، محمد قاسم ٻگهيو، حسن درس، خادم جلالي، شوڪت ڌماچ، مانڪ ملاح، مشتاق بخاري، سلميٰ لوهر، عزيز ڪنگراڻي، معشوق ڌاريجو، بخشل باغي، نياز پنهور، بلاول اوٺو، علي گل سانگي، انور قمبراڻي، علي محمد اڏيراڻي، وحيد هڪڙو، سميع بلوچ، عاجز اڄڻ، عطا محمد ڀنڀرو وغيره.

(سياسي ميدان جا شهسوار)

دين محمد شيخ، مير بنده علي خان ٽالپر، غلام علي چاڳلا، ديوان نيچلداس، رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، محمود اي هارون، يوسف اي، هارون، پير عبدالقادر شاھ جيلاني، نور محمد خان لنڊ، پيار علي الانا، امير علي شاھ جاموٽ، پير غلام محي الدين جيلاني، حاجي نجم الدين سريوال، محمد يوسف چانڊيو، راڻا چندر سنگهه، سيد قمر الزمان شاھ، امداد قاضي، حفيظ قريشي (سينئر)، عطا محمد مري، امداد چانڊيو، ادريس چانڊيو، شفقت شاھ شيرازي، حاڪم علي زرداري، ملڪ اسد، پير آفتاب حسين شاھ جيلاني، سيد مظفر حسين شاھ، غوث بخش مهر، شفقت شاھ جاموٽ، مير هزار خان بجاراڻي، مولانا عزيزالله ٻوهيو، آصف علي زرداري، امداد محمد شاھ، مخدوم خليق الزمان، گل محمد جکراڻي، محمد يوسف لغاري، ڊاڪٽر خالد محمود سومرو، ڊاڪٽر دودو مهيري، غلام رسول چانڊيو، قمر پنهور، نثار احمد کهڙو، سيد عبدالله شاھ، حسين بخش ناريجو، آفتاب شعبان ميراڻي، ارباب کهاوڙ، غلام رسول سهتو، نويد قمر، شبير احمد چانڊيو، سيد جلال محمود شاھ، پير مظهر الحق، منظور حسين وساڻ، شاهنواز جوڻيجو، غلام قادر چانڊيو ۽ سيد خورشيد شاھ وغيره.

(فن جي دنيا سان لاڳاپيل ماڻهو)

راڳي فنڪار: ڀڳو فقير، مراد فقير، عنايت فقير، غلام رسول نواب شاهي، طالب ٻالاري، قربانو، مائي الهه وسائي، مائي الهه رکي، سيد سليمان شاهه، سينگار علي سليم، روبينه قريشي، زيب النساء، ڪريم ڏنو فقير، صادق فقير، قمر سومرو، دين محمد شيخ، غلام قادر، عبدالله پنهور، عبدالله ڪچي، شازيه خشڪ، روبينه حيدري، تاج مستاني، حميرا چنه، ممتاز لاشاري، حنيف لاشاري، غلام شبير سمون، غلام علي سنديلو، سڄڻ سنڌي، اسلم تنيو، عاشق نظاماڻي، مختيار شيدي، مهندر ڪهور، ڀڳونتي ناواڻي، ڪملا ڪيسواڻي، مهيش چندر، سترام روهڙا، ميران ديوي، گجڻ مل اوڏ، عرس چانڊيو، برڪت علي، محمد قاسم اوٺو، غلام رسول لوهار، فدا حسين (موسيقار)، غلام نبي/عبداللطيف (موسيقار)، اقبال جوڳي (مرلي نواز)، غوث بخش بروهي (بانسري نواز)، الهه بچايو ڪوسو (الغوزه نواز) وغيره.

ريڊيو، ٽي وي، فلم ۽ اسٽيج جا صداڪار ۽ اداڪار:

شفيع محمد شاهه، يار محمد شاهه، صلاح الدين تنيو، غزاله رفيق مرحوم، يوسف مرحوم، گلاب چانڊيو، انور سولنگي، لطيف منو، منظور مراد، اسد قريشي، غزل صديق، قيصر خان، فضيلا قيصر، فريد نواز بلوچ، ممتاز ڪنول، شهزادي، نور بانو، اي آر بلوچ، مشتاق چنگيزي، سعيد واگهو، يعقوب ذڪريا، شميم ٻانيڻ، ايم يحيٰ ٻٽو، مير صوبدار سعيد، شاهه اسد، رشيد چارڻ.

ريڊيو جا پروڊيوسر/اناؤنسر/ڪمپيئر:

غلام حسين شيخ، سرور بلوچ، جهانگير قريشي، زاهد ڪلباڻي، علي نواز خاصخيلي، ڪامران ڀٽي، انور هڪڙو، گل حسن قريشي، الهه بخش شاهه بخاري خواجه امداد علي، شوڪت خاصخيلي، عبدالغفور ڪوسو، علي ڏنو رند، خادم حسين بلوچ، محمد موسيٰ چانڊيو، خليل جان قريشي، شوڪت نوناري، زاهد جتوئي، مهر علي هيسباڻي، رسول بخش ڪٽيرو، علي بخش مري، منور ڏاريجو، اياز ميمڻ، غلام حسين منگي، وغيره.

ماخذ

هن ڪتاب ڪي ترتيب ڏيڻ لاءِ جن ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن مان مدد حاصل ڪئي وئي انهن جا نالا هن ريت آهن.

ڪتاب

جنب گذاريم جن سين، (جلد پهريون ۽ ٻيو)- جي- ايم سيد
اهي ڏينهن اهي شينهن (جلد پهريون- ٻيو ۽ ٽيون)- پير علي محمد شاهه راشدي
ياد رفتگان - مخدوم طالب المولىٰ
گهڙيون گهاريم جن سين - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
عظيم سنڌي انسان - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي
سدا سوئيتا ڪاڻڇي- ممتاز مرزا
وياسي وينجهار - مولانا غلام محمد گرامي
ماڻڪ موتي لال - ايوب انصاري
موتي جي مهراڻ جا - فيروز احمد
مشهور سنڌي سهوت - نور احمد ميمڻ
هونداسي حيات - ڪتياڻ مولابخش
جوڳيئڙا جهان ۾ (مشاهير دادو) - محمد امين مگسي
منهن تنهن مشعل - ڊاڪٽر تنوير عباسي
سنڌي سرواڻ - لعل لطيفي
سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري - ڊاڪٽر غلام علي الانا
سنڌي نثر جي تاريخ - ڊاڪٽر غلام علي الانا
سنڌي ادب جو مختصر جائزو - اڪبر لغاري
سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ-ڊاڪٽر عبدالجبار "عابد" لغاري
سنڌي ٻوليءَ جا محقق - هدايت پريم
سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
سنڌ جا شهيد - لطيف سنڌي
سنڌ جا عوامي ڪردار - دادا سنڌي
سنڌ جي واقعاتي تاريخ : مخدوم جميل الزمان
سنڌي غزل جي اوسر - اياز قادري
سنڌ جا عظيم ويڄ - ڊاڪٽر اديب انقلابي
سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ: ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو.
شڪارپور صدين ڪان - ڊاڪٽر عبدالخالق "راز" سومرو
شڪارپور سونهن جو شهر - خليل موريائي
لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو - گل محمد گاد/ محمد افضل عباسي
لاڙڪاڻو ليڊرن جي ڌرتي: عبدالستار پٽي
لاڙڪاڻو صدين ڪان : ڊاڪٽر بشير احمد "شاد"
شهدادڪوٽ جا قلمڪار ۽ شاعر -(جلد پهريون) سيد گل محمد شاهه بخاري
ضلعو نواب شاهه، تاريخي شهر ۽ شخصيتون: ڊاڪٽر حامد علي خانائي.
تاريخ سجاول: عزيز جعفرائي

خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت تي حصو: ڊاڪٽر عطا محمد حامي
ملهه ۽ ملاکڙا : محمد عثمان ڏيپلائي
سگهڙن جي ڊائريڪٽري: عبدالله ورياهه
معلومات انسائيڪلوپيڊيا (اردو) سيد قاسم محمود
شخصيات کا انسائيکلوپيڈيا (اردو)، مقصود اياز/ محمد ناصر.
اردو جامع انسائيکلوپيڈيا (جلد اول- دوم): جسٽس ايس-اي رحمان
پاڪستاني اهل قلم ڪي ڊائريڪٽري (اردو)، اڪادمي ادبيات پاڪستان، قرآن مجيد
جا سنڌي ترجما ۽ تفسير:
ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو
آزادي جي راهه تي: ڪي- بي منگي
ڪهاڻي: سيد زوار نقوي
ڪافيون: (جلد ٻيو ۽ ٽيون) - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
هڪڙو پيارو ماڻهو: قاضي منظر حيات
پرين جي پچار (حصو ٽيون): محمد موسيٰ ڀٽو
مزاحيه ڪهاڻيون : سيد زوار نقوي

رسالا ۽ اخبارون

جيئن ته مختلف رسالن ۽ اخبارن جي سوين پرچن مان مدد ورتل آهي، انهيءَ ڪري انهن جا صرف نالا ڏجن ٿا.

ٽماهي مهراڻ (مختلف پرچا)
ماهوار نئين زندگي =
ماهوار پيغام =
ماهوار ساجاهه =
ماهوار نئون نياپو -ماهوار سنڌ رنگ =
ماهوار السنڌ =
ماهوار روح رهاڻ =
ڪاوش فئملي ميگزين =
هفتيوار سنڌو (مختلف پرچا)
پندرهن وار سنڌ لائين =
ريڊيو پبليڪيشن ڦلجي =
ڪينجهر =
روزنامه هلال پاڪستان =
روزنامه عبرت =
روزنامه سچ =
روزنامه شام =
روزنامه ڪاوش -
الوحيد (سنڌ آزاد نمبر)
مصطفيٰ مخزن
ماهنامه شريعت (سوانح نمبر)

پڄاڻي



تعارف

محترم خادم حسين چانڊيو پهرين سيپٽمبر 1961ع تي ڳوٺ شادي خان چانڊئي تعلقي سڪرنڊ ضلعي نواب شاهه ۾ اميد علي خان چانڊئي جي گهر ۾ ڄائو. پاڻ تعليمي لحاظ کان ايم - اي (سنڌي) ۽ پيشي جي لحاظ کان 1985ع کان آن فارم واٽر مئنيجمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ سرڪاري ملازم آهي. ڪيس ننڍپڻ کان علم و ادب جو چاهه ۽ ڪتابن سان عشق رهيو آهي. وٽس ڪتابن جو سٺو ذخيرو ۽ سبنڌڙي لائبريري به آهي.

خادم حسين چانڊئي جي جيتوڻيڪ هيءَ پهرين ادبي ڪاوش آهي پر جس لهڻي هيءَ نوجوان جنهن بيحد محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هن ڪتاب ۾ هڪ ئي هنڌ ويهين صدي عيسوي جي سوين مشهور مختلف علم و فن جي شخصيتن جو ذڪر اهڙي ته دلچسپ ۽ تحقيقي انداز ۾ سهيڙيو آهي، جو پڙهندڙ کي عام معلومات، تاريخ ۽ سوانح حيات ساز گڏ روح کي راحت به ملي ٿي.

چانڊئي صاحب ڄڻ ته سنڌ جي علمي ادبي چمن مان جدا جدا رنگن جا گل گڏ ڪري، هڪ خوبصورت رنگين ۽ وڻندڙ گلدستو جوڙيو آهي. اميد ته هن ضخيم ڪتاب کي سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو.

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

ڏڙي مڪسي سڪرنڊ سنڌ

PH:0221-614718